سنڌي ترجمو

# بذل القوة في حوادث سني النبوة

# سيرت هاشمي



امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٺٽوي رحؒ

ترجمو، تقديم، تحقيق، تخريج ۽ تشريح

پروفيسر اسرار احمد علوي

مهراڻ اڪيڊمي

Marfat.com

سنڌي ترجمو

# بذل القوة فی حوادث سنی النبوة

# سيرت هاشمي

امام العصر مخدوم

## محمد هاشم محدث ٺٽوي رحہ

ترجمو، تقديم، تحقيق، تخريج ۽ تشريح

**پروفيسر اسرار احمد علوي**

مهراڻ اڪيڊمي

Marfat.com

اعوذ بالله من الشيطان الرجيم

بسم الله الرحمٰن الرحيم

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا . (سورة الاحزاب: ۴۵)

اي نبي! (صلي الله عليه وسلم) بيشڪ اسان توکي گواهي ڏيندڙ، خوشخبري ٻڌائيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بنائي موڪليو آهي.

لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَ وَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ. (صحيحين)

توهان مان ڪوبہ ايستائين مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين آءٌ ڪيس سندس پيءُ ماءُ، اولاد ۽ سمورن انسانن کان وڌيڪ محبوب نہ ٿيان.

Marfat.com

سنڌي ترجمو

## بذل القوة في حوادث سني النبوة

# سيرت هاشمي

امام العصر

مخدوم محمد هاشم محدث ٺٽويؒ

---

ترجمو، تقديم، تحقيق، تخريج ۽ تشريح

پروفيسر اسرار احمد علوي

مهراڻ اڪيڊمي

Marfat.com

حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب نمبر 193

81036

سنڌي ترجمو

بذل القوة في حوادث سني النبوة

# سيرت هاشمي

امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٺٽوي رحہ

ترجمو، تقديم، تحقيق، تخريج ۽ تشريح

پروفيسر اسرار احمد علوي

ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي

ڪمپوزنگ: اسٽار ڪمپيوٽر ڪمپوزرس شڪارپور

ڇاپو پهريون: مارچ 2004ع

ڇاپو ٻيو: جولاء 2004ع

ڳاڻيٽو: 1100

هديو =/300 رپيا

ملڻ جا هنڌ

مهراڻ اڪيڊمي واڳڻودر شڪارپور

۽

سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

Marfat.com

# فهرست


* پنهنجي پاران
* مهاڳ — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
* تقديم — مترجم

**تقاريظ**

* مولانا مفتي محمد جان نعيمي
* علامہ ڊاڪٽر محمد ادريس السندي
* علامہ ڊاڪٽر عبدالحئي ابڙو
* ڊاڪٽر ثناءُ الله ڀٽو
* مولانا محمد رمضان قلپوٽو
* مؤلف جو مقدمو — امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٺٽوي رحہ

## پاڳو پهريون

### مڪي دور

#### فصل پهريون

❀ بعثت نبوي — 109
❀ بعثت جو مهينو — 112
❀ بعثت جي تاريخ — 114
❀ بعثت جو ڏينهن — 114
❀ بعثت جا اهڃاڻ — 115
❀ اُم المُؤمِنِيْن سَيِّدَه خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰي رضہ ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي نياڻين سڳورين جو اسلام قبول ڪرڻ — 116
❀ اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارا مرد — 122
❀ اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪرڻ واريون عورتون — 161
❀ پهرين وحيءَ جو نازل ٿيڻ — 167


Marfat.com

## فصل ٻيو


❀ حضرت عَبۡدُالله بن عُمر رضہ بن خطاب قريشي عدوي جو جمڻ 174
❀ حضرت حَمۡزَہ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 177
❀ سيدنا عُثمَان بِن عَفان رضہ جو نڪاح 182
❀ زَيۡد بن ثَابِت رضہ جي ولادت 185


## فصل ٽيون


❀ اُسَامَہ بِن زَيۡد رضہ جي ولادت 186
❀ عَبۡدُالله بن يَزِيۡد رضہ جي ولادت 186
❀ خدا تعاليٰ طرفان کليل دعوت جو حڪم 187
❀ ويجھن عزيزن کي دعوت جو حڪم 187


## فصل چوٿون


❀ وَرَقہ رضہ بِن نَوۡفَل جي وفات 189
❀ حضرت عائِشہ رضہ جو جمڻ 189
❀ ڪافرن طرفان کليل مخالفت جي شروعات 191


## فصل پنجون


❀ حضرت جَعۡفَر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 192
❀ حَبَش ڏانھن مسلمانن جي پھرين ھجرت 192
❀ ڪافرن جو مسلمانن سان گڏ سجدو ڪرڻ 193
❀ حَبَش ڏانھن ٻي ھجرت 194
❀ خَالِد بن حِزَام رضہ جي وفات 194
❀ نماز دوران الله جي رسول ﷺ کي ستائڻ جو واقعو 194
❀ حضرت سُمَيَّہ رضہ جي شھادت 195


## فصل ڇھون


❀ نبي ڪريم ﷺ جو دَارِ اَرۡقَم ۾ اچڻ 196
❀ حضرت حَمۡزَہ رضہ جو مسلمان ٿيڻ 197
❀ حضرت عُمر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 197


Marfat.com

❀ حضرت عَبْدُالله بن عُمر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 205
❀ حضرت اُمُّ الخير رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 206
❀ اِياسَ رضہ بن بُڪَيْرَ جو احوال 207

## فصل ستون

❀ شِعْبِ اَبُوطَالِبِ ۾ نظربندي 208

## فصل اٺون

❀ ايراني ڪافرن جي رومي ڪافرن تي سوڀ 210
❀ حضرت اَبُوبَڪر صِدِيق رضہ جو مڪي جي ڪافرن آڏو آيتون پڙهڻ 211
❀ ٻن قبيلن "اَوْس" ۽ "خَزْرَج" جي وچ ۾ "بُعَاث" واري جنگ 212
❀ شَقُّ الْقَمَرِ 212

## فصل نائون

❀ عَبْدُالله بن ثَعْلَبَہ جو جنم 214

## فصل ڏهون

❀ شِعْبِ اَبُوطَالِبِ مان آزادي 215
❀ حضرت عَبْدُالله بن عَبَّاس رضہ جو جنم 215
❀ حضرت ابوطالب جي وفات 218
❀ اُمُّ الْمُؤْمِنِيْن خَدِيْجَةُ الْكُبْرِيٰ رضہ جي وفات 221
❀ حضرت سَوْدَه رضہ سان نڪاح 222
❀ حضرت عَائِشَہ رضہ سان نڪاح 224
❀ طائف ڏانهن روانگي 224
❀ جنن جي وفد جو نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اچڻ 227
❀ دعاءِ طائف 229

## فصل يارهون

❀ عَقَبَہ جي پهرين بيعت 231

Marfat.com

## فصل ٻارهون


❀ معراج جو واقعو 233
❀ ڪافرن جا سوال جواب 236
❀ عَبْدُالله بن جَعْفَر رضہ جو جمڻ 237
❀ عَقَبَہ جي ٻي بيعت 237
❀ مُصْعَب بن عُمَيْرَ رضہ جي مديني ڏانهن روانگي 238
❀ مُصْعَب بن عُمَيْرَ رضہ جي هٿ تي اسلام قبول ڪرڻ وارن جو ذڪر 238
❀ عَبَّاد بن بِشْرَ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 238
❀ اَبُوسَلْمَہ رضہ جي هجرت 239


## فصل ٽيرهون


❀ عَقَبَہ جي ٽين بيعت 240
❀ نماز ۾ تڪڙ ڪرڻ وارو صحابي 242
❀ مُعَاذ بن جَبَل رضہ ۽ اَبُو اَيُّوب خَزْرَجيءَ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 243
❀ سَعِيْد رضہ بن عاص جو جمڻ 243
❀ عَقَبَہ جون ٽي بيعتون 243
❀ مهينن ۾ نسيءَ ڪرڻ جو رواج 243
❀ پهرين ڀاڱي جو خاتمو 243


## ڀاڱو ٻيو

باب پهريون (غزوات)

## فصل پهريون


❀ غزوه اَبْواَء يا غزوه ودان 258
❀ غزوه بُوَاط 260
❀ غزوه سَفْوَان يا بَدْرِ اُوْليٰ 260
❀ غزوه عُشَيْرَه 260


Marfat.com

❀ غَزْوَہ بَدْر 261
❀ غَزْوَہ قَرْقَرَۃُ الْکُدْر 263
❀ غَزْوَۃ السَّوِیْق 264

## فصل بیو

❀ غَزْوَہ غَطَفَان 265
❀ غَزْوَہ الفُرْع 265
❀ غَزْوَہ بَنُو قَیْنُقَاع 266
❀ غَزْوَہ اُحُد 266
❀ غَزْوَہ حَمرَاءُ الاَسَد 268

## فصل ٽيون

❀ غَزْوَہ بَنِي نَضِيْر 269
❀ غَزْوَہ بَدْر صُغري 269

## فصل چوٿون

❀ غَزْوَہ دُوْمَۃُ الجَنْدَل 271
❀ غَزْوَہ بَنِيْ مُصَطَلِق 271
❀ غَزْوَہ خَنْدَق 273
❀ غَزْوَہ بَنِيْ قُرَيْظَہ 274

## فصل پنجون

❀ غَزْوَہ بَنُو لَحْيَان 276
❀ غَزْوَہ حُدَيْبِيَّۃ 276
❀ غَزْوَہ ذِي قَرَد 277

## فصل ڇهون

❀ غَزْوَہ خَيْبَر 279
❀ غَزْوَہ وادِي القُرٰي 280
❀ غَزْوَہ ذَاتِ الرِّقَاع 280

## فصل ستون

❀ فتح مَکہ 282

Marfat.com

❀ غَزوَه حُنَين 282
❀ غَزوَه طائِف 283

## فصل اٺون

❀ غَزوَه تبوک 285

## باب ٻيو (سرايا)

## فصل پهريون

❀ سَرِيَّہ حَمزَه رضہ بن عَبدُالمُطَّلِبؒ 301
❀ سَرِيَّہ عُبَيدَه بن حَارِث بن عَبدُالمُطَلِب رضہ 301
❀ سَرِيَّہ سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص رضہ 302
❀ سَرِيَّہ مُحَمَّد بن مُسْلَمَہ رضہ 302
❀ سَرِيَّہ زَيْد بن حَارِث رضہ 303
❀ سَرِيَّہ عَبدُالله بن جَحش رضہ 303
❀ سَرِيَّہ عُمَيرُ بن عَدِيّ رضہ 304
❀ سَرِيَّہ سَالِم بن عُمَير رضہ 304

## فصل ٻيو

❀ سَرِيَّہ اَبُوسَلَمَہ رضہ 305
❀ بَعثِ عَبدُالله بن اُنَيس اَسْلَمِي رضہ 305
❀ سَرِيَّہ عاصِم بن ثَابِت يا رَجِيعْ وارو حادثو 306

## فصل ٽيون

❀ سَرِيَّہ مُنذِر بن عَمرو يا بِئْرِمَعُوْنَہ وارو حادثو 308

## فصل چوٿون

❀ سَرِيَّہ بَنُوكِنَانَہ 309

## فصل پنجون

❀ سَرِيَّہ مُحَمَّد بن مُسْلَمَہ رضہ 310
❀ سَرِيَّہ عُكَّاشَہ مِحْصَن 310

Marfat.com

❀ سَرِيَّۃ کَعْب بن عُمَیْر رضہ 323
❀ سَرِیَّۃ مُوْتَہ 323
❀ سَرِیَّۃ عَمْرو بن الْعَاص رضہ 325
❀ سَرِیَّۃ اَبُوعُبَیْدَہ بن جَرَّاح رضہ 326
❀ سَرِیَّۃ عَمْرو بن مُرَّہْ جُهَنِي رضہ 328
❀ سَرِیَّۃ اَبُوقَتَادَہ بن حَارِثہ 328
❀ سَرِیَّۃ اَبُوقَتَادَہ رضہ 329
❀ سَرِیَّۃ اُسَامَہ بن زَیْد رضہ 329
❀ سَرِیَّۃ سَعْد بن زَیْد اَشْهَلِيّ رضہ 329
❀ سَرِیَّۃ خَالِد بن وَلِیْد رضہ 330
❀ سَرِیَّۃ عَمْرو بن الْعَاص رضہ 330
❀ سَرِیَّۃ خَالِد بن وَلِیْد رضہ 330
❀ سَرِیَّۃ اَبُوعَامِر بن سُلَیْم رضہ 331
❀ سَرِیَّۃ طُفَیْل بن عَمْرو رضہ 331
❀ سَرِیَّۃ قَیْس بن آسَد رضہ 331
❀ سَرِیَّۃ خَالِد بن وَلِید رضہ 332


## فصل اثنون


❀ سَرِیَّۃ عُیَیْنَہ حِصْن رضہ 333
❀ سَرِیَّۃ عَبْدُالله بن عَوْسَجَہ رضہ 333
❀ سَرِیَّۃ قُطْبَہ بن عَامِر اَنْصَارِيْ رضہ 333
❀ سَرِیَّۃ ضَحَاک بن سُفْیَان رضہ 334
❀ سَرِیَّۃ عَلْقَمَہ بن مُجزِزّ مُدْلِجِيّ رضہ 334
❀ سَرِیَّۃ اَمِیْرُالْمُؤْمِنِیْنَ عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ 334
❀ سَرِیَّۃ عُکَّاشَہ بن مِحْصَن رضہ 335
❀ سَرِیَّۃ خَالِد بن وَلِیْد رضہ 335
❀ سَرِیَّۃ اَبُوسُفْیَان بن حَرْب 335
❀ بَعْثِ اَبُومُوْسيٰ ء مُعَاذ بن جَبَل رضہ 336


Marfat.com

## فصل نائون


❀ سَرِيَّہ خَالِد بن وَلِيْد رضہ 337
❀ سَرِيَّہ مِقْدادِ بن اَسْوَد رضہ 338
❀ سَرِيَّہ حضرت عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ 338
❀ سَرِيَّہ بَنُوعَبْس 339
❀ سَرِيَّہ رِعْيَة سُحَيْمِيَ 339
❀ سَرِيَّہ اَبُو اُمَامہ بَاهِلي 339


## فصل ڏهون


❀ سَرِيَّہ جَرِيْر بن عَبْدُالله رضہ 340
❀ سَرِيَّہ عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ ۽ خَالِد بن سَعِيْد رضہ 341
❀ سَرِيَّہ خَالِد رضہ بن وَلِيْد 341
❀ سَرِيَّہ اُسَامہ بن زَيْد رضہ 341


## باب ٽيون (مدني دور جا بيا واقعا)

## فصل پهريون


❀ حضرت مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جي مديني روانگي 345
❀ پاڻ سڳورن ﷺ جي مديني ڏانهن روانگي 345
❀ هجرت جي وقت جي دعا 346
❀ غارِ ثَوْر ڏانهن روانگي 347
❀ حضرت اَسْماء رضہ لاءِ "ذَاتُ النِّطَاقَيْن" جو لقب 350
❀ غارِ ثَوْر ۾ داخل ٿيڻ 350
❀ ڪبوترِيءَ جا آنا لاهڻ 351
❀ غار ۾ نانگ جو واقعو 351
❀ اُمِّ مَعْبَد رضہ ۽ سنديس مڙس جو ايمان آڻڻ 352
❀ اُمِّ مَعْبَد جي ٻڪري 352
❀ سُرَاقہ بن مَالِڪ جو واقعو 355
❀ ان دعا ڪانپوءِ 355
❀ بُرَيْدَہ بن حُصَيْب جو اسلام قبول ڪرڻ 356
❀ مديني ۾ پهرين مسجد جي اڏاوت 356


Marfat.com

❀ جمعي جي پهرين نماز 357
❀ مديني پهچڻ جي تاريخ 358
❀ مديني پاڪ ۾ آجيان 358
❀ مديني شهر ۾ مني مرسل ﷺ جن جو داخل ٿيڻ 360
❀ مسجد نبويءَ جو بنياد 360
❀ حُجرن جي اڏاوت 361
❀ حضرت عليءَ رضہ جي هجرت 361
❀ حضرت علي رضہ کي تڪليف 361
❀ هجري سن جي شروعات 361
❀ اهل بيت جي هجرت 362
❀ مسجد ۽ هجرن جي اڏاوت 362
❀ صُفي جي اڏاوت 362
❀ اذان ۽ اقامت جي شروعات 362
❀ ٻڪِرڙ جي ڳالهائڻ وارو معجزو 363
❀ حضرت عُثمان رضہ بن مَظعُوْن جي وفات 364
❀ بَرَاء بن مَعْرُوْر رضہ جي وفات 364
❀ ٽن مشرڪن جو موت 364
❀ نُعْمَان بن بَشِيْر رضہ جو جنم 364
❀ عَبْدُالله بن زُبَيْر رضہ جو جنم 364
❀ اُمِّ سُليم رضہ جي سوکڙي 365
❀ زَڪاة جو فرض ٿيڻ 365
❀ سيده عَائِشَہ رضہ جي رخصتي 367
❀ عَبْدُالله بن سَلَام رضہ جو اسلام آڻڻ 367
❀ عَمْرو بن عَبَسَہ جو ايمان آڻڻ 368
❀ قَيْس بن صِرْمَہ جو مسلمان ٿيڻ 368
❀ سَلْمَان فَارِسِّيءَ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 369
❀ اَنَس بن مَالِڪ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 371
❀ حضرت اَنَس رضہ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي دعا 372
❀ مديني ۾ وبا ۽ بخار کان بچاءَ جي دعا 372


Marfat.com

❀ عَبْدُالرَّحْمٰن بن حَارِث جو چمڻ 373
❀ نماز جي رڪعتن ۾ واڌارو 373
❀ زياد بن اَبُوسُفْيَان جو چمڻ 374
❀ مُخْتَار ثَقَفِيءَ جو چمڻ 374

## فصل ٻيو

❀ حضرت رُقَيَّہ رضہ جي وفات 375
❀ الله جي راهہ ۾ پهريون تير 375
❀ قبلي جي تبديلي 376
❀ عاشُورَنِ جي روزي جو حڪم 377
❀ محرم جي روزي بابت هڪ خاص واقعو 378
❀ رمضان ۾ روزن جي فرضيت وارو حڪم 378
❀ صلواة پڙهڻ جو حڪم 378
❀ نماز ۾ سلام ۽ ڪلام تي بندش 380
❀ فِطره جو حڪم 380
❀ ٻنهي عيدن جي موقعي تي نماز جو حڪم 380
❀ عيدالفطر جي پهرين نماز 380
❀ پهرين عيدالاضحيٰ جي نماز 381
❀ قربانيءَ جو حڪم 381
❀ نبي ڪريم ﷺ جن جي قرباني 381
❀ مُطْعِم بن عَدِيّءَ جو موت 381
❀ اَبُورَافِع جو مسلمان ٿيڻ 381
❀ اُمَيَّہ بن اَبِي الصَّلْت جو موت 382
❀ عَبْدُالله بن مَسْعُوْد رضہ جي حَبَش کان موٽ 382
❀ جنگ جي اجازت 382
❀ اسلام ۾ پهرين غنيمت 383
❀ حرمت وارن مهينن ۾ قتال بابت حڪم 383
❀ پهرين ڪافر جو قتل 384
❀ پهريون ڪافر قيدي 385

Marfat.com

❀ طالب جو گمر ٿي وڃڻ 399
❀ حضرت عَبَّاس رضہ جي اسلام بابت روايت 399
❀ حضرت اَبُوْ دَرْدَآء رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 400
❀ حضرت عَلي رضہ سائينءَ جي ڪنيت 400
❀ وَلِيْد رضہ بن وَلِيْد جو اسلام قبول ڪرڻ 400
❀ خُنَيْس رضہ بن حُذَافَہ جي وفات 401
❀ شڪراني جون ٻہ رڪعتون ادا ڪرڻ 401
❀ ڪافر قيدين بابت مشورو 401
❀ ثَابِت بن ضَحَّاڪ جو جمڻ 402
❀ غَزْوَهٔ بَدْر ۾ دوبدو مقابلو 402
❀ اَبُوجَهْل جو قتل 402
❀ بدر ۾ قتل ٿيل ڪافرن منجهان ڪجهہ نالا 403
❀ قيدي ڪافرن مان ڪجهہ نالا 403
❀ ٻن ڪافرن جي قتل جو حڪم 403
❀ اَبُولَهَب جو موت 404
❀ عُمَر بن عَبْدُالله جو جمڻ 404
❀ ڪافرن جي لاشن مٿان نبي اڪرم ﷺ جو اچڻ 404
❀ حضرت عَبَّاس رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو سبب 405
❀ عُمَيْر بن وَهْب جي مسلمان ٿيڻ جو واقعو 406
❀ سَيِّدَه فَاطِمَةُ الزَّهْرَاء رضہ جو نڪاح 406
❀ سَيِّدَه فَاطِمَہ رضہ جي رخصتي 407
❀ مِسْوَرَ بن مَخْرَمَہ جو جمڻ 407
❀ مَرْوَان بن حڪم جو جمڻ 407
❀ "شُقْرَان" جو خدمت نبوي ﷺ ۾ اچڻ 407
❀ سَائِب بن يَزِيْد جو جمڻ 408


## فصل ٽيون


❀ نبي ڪريم ﷺ جو حضرت حَفْصَہ رضہ سان نڪاح 409
❀ حضرت زَيْنَب رضہ سان نڪاح 410


Marfat.com

❀ حضرت عَبْدُالله بن عُثْمَان رضہ جي وفات 412
❀ حضرت عُثْمَان رضہ جو نڪاح 412
❀ حضرت حَسَن رضہ جو ڄمڻ ۽ بيبي سائڻ جي بي اميدواري 412
❀ شراب جي حرمت جو حڪم 415
❀ زَيْد بن ثَابِت رضہ کي حڪم 415
❀ صلوٰة الخوف 415
❀ غَزْوَه اُحُد جا واقعات 417
❀ ميت لاءِ اوسارن ڪرڻ کان منع 420
❀ حَمْزَه رضہ جي لاش جي بي حرمتي 420
❀ اَبُوعَزَّه جي قتل جو حڪم 423
❀ نبي ڪريم ﷺ جن جا ڪجهه معجزا 425
❀ پاڻ ڪريم ﷺ جو ڏند مبارڪ شهيد ٿيڻ 426
❀ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو مُنهُن مبارڪ زخمي ٿيڻ 426
❀ نبي سائين ﷺ جن جو هڪ معجزو ...... دعا قبول ٿيڻ 426
❀ نبي سائين ﷺ جو هڪ بيو معجزو 427
❀ ملائڪن جو مدد لاءِ لهڻ 427
❀ حضرت ثَابِت رضہ، حضرت عَمْرو رضہ، حضرت اَوْس رضہ ۽ حضرت عَبْدُالله رضہ جي شهادت 427
❀ حضرت اَنَس بن نَضَر رضہ جي شهادت 428
❀ ڪافرن جو جهنم واصل ٿيڻ 428
❀ اُبَيّ بن خَلَف جو جهنم واصل ٿيڻ 428
❀ اَبُوعَامِر رَاهِب ۽ طَلْحَه بن اَبِيْ طَلْحَه جو جهنم ۾ داخل ٿيڻ 429
❀ چئن مشرڪ ڀائرن جو قتل ٿيڻ 429
❀ حضرت عَبْدُالله بن جُبَيْر رضہ جي شهادت 430
❀ حضرت اَبُوزَيْد اَنْصَارِي رضہ جي شهادت 430
❀ اِمام زُهْرِي رحہ جي ڏاڏي جي غزوه اُحُد ۾ شرڪت 430
❀ حضرت مُخَيْرِيْق رضہ جي شهادت 431
❀ حضرت اَبُوحَبَّه رضہ جي شهادت 431
❀ حضرت عُبَيْد رضہ بن تيهان جي شهادت 432
❀ حضرت سَعْد بن رَبِيْع رضہ جي شهادت 432


Marfat.com

❀ حضرت خَارِجَہ بن زَيْد رضہ جي شهادت 432
❀ حضرت حَنْظَلَہ رضہ جي شهادت 433
❀ عَبْدُالله بن حَنْظَلَہ رضہ جو جنم 434
❀ حضرت اُمِّ سَلِيْط رضہ جو اسلام آڻڻ 434
❀ بَنُو قَيْنُقَاع جي باري ۾ آيت 434
❀ عُبَادَہ بن صَامِت رضہ طرفان سفارش 435
❀ بَنُو قَيْنُقَاع متعلق ٻي آيت جو نزول 435
❀ عَمْرو بن اُمَيَّہ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 436
❀ اُصَيْرَم رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 436
❀ هڪ منافق جو ذڪر 436
❀ حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ جو زخمي ٿيڻ 436
❀ عَبْدُالله بن زَيْد رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 436
❀ سَهل بن اَبِيْ حَثْمَہ رضہ جو جنم 437
❀ عَامر بن وَاثِلَہ رضہ جو جنم 437
❀ مڪي جي ڪافرن جي گڏجاڻي 437
❀ حضرت يَمَان رضہ جي شهادت جو واقعو 438
❀ اُحُد جي شهيدن جي نماز 438
❀ مالڪ بن سنان رضہ جي شهادت ۽ دفن جو واقعو 439
❀ اَبُوسُفْيَان سان سوال جواب 439
❀ مختلف آيتن جو نزول 440
❀ ٻن ڪافرن جو قتل 442


## فصل چوٿون


❀ "سُورَةِ حَشر" جي ڪجھ آيتن جو نزول 443
❀ "بَنِي نَضِيْر" وارن کي تڙي ڪڍڻ جو حڪم 446
❀ فئي جو حڪم 446
❀ شراب جي حرمت 447
❀ شراب جي حرام هجڻ جا ٻارهن سبب 449
❀ ڪجھ صحابي سڳورن جي باري ۾ سوال 450


Marfat.com

❀ صلوٰۃ الخوف جو حڪم 450

❀ سنگسار جو واقعو 450

❀ سيدنا حُسَيۡن ابن علي رضہ جو جمڻ 451

❀ سَيِّدَه زَيۡنَب رضہ جي وفات 452

❀ حضرت اَبُوسَلمَہ رضہ جي وفات 452

❀ عَبۡدُالله رضہ بن هِشَام جو جمڻ 454

❀ حضرت عَليء رضہ جي امڙ جي وفات 454

❀ هڪ منافق جو قتل 455

❀ سَرِيَّہ بِئر مَعُوۡنَہ جا ڪجھ واقعات 455

❀ حضرت خُبَيۡب رضہ ۽ زَيۡد رضہ جي شهادت جا ڪجھ واقعات 456

❀ عَبۡدُالرَّحۡمٰن بن زيد رضہ جو جمڻ 457

❀ نماز ۾ قصر جو حڪم 457

❀ زَيۡد بن ثَابِت رضہ کي حڪم 458

❀ حضرت زَيۡنَب رضہ بنت جحش جو نڪاح 458

❀ پردي جو حڪم 460


## فصل پنجون


❀ حضرت رَيۡحَانَہ رضہ جو ذڪر 462

❀ نبي ڪريم ﷺ جن جو حضرت جويريہ رضہ سان نڪاح 463

❀ حضرت جُوَيۡرِيَہ رضہ جو خواب 464

❀ حضرت حَارِث بن اَبُوۡ ضِرَار جو مسلمان ٿيڻ 464

❀ غَزۡوَه خَنۡدَق جا واقعا 465

❀ حضرت خَلَّادِ رضہ بن سُوَيۡد جي شهادت 470

❀ حُيَيّ بن اَخۡطَب جو قتل 471

❀ حضرت اَبُولُبَابَہ رضہ جي توبہ 471

❀ بنو مُزَيۡنَہ وارن جي وفد جو اچڻ 472

❀ ضِمام بن ثَعۡلَبَہ رضہ جو حاضر ٿيڻ 472

❀ وفد عَبۡدُالقَيۡس جي حاضري 473

❀ مديني ۾ ٻهريون وفد 474


Marfat.com

❀ پاڻ ڪريمن ﷺ جو گھوڙي تان ڪرڻ 474
❀ رسول ڪريم ﷺ جن جي اڳڪٿي وارو معجزو 474
❀ گھوڙن جي ڳوء جو واقعو 475
❀ مديني ۾ زلزلو 475
❀ حضرت سَعْد بِن مُعَاذ رضہ جي وفات 475
❀ حضرت سَعْد بِن مُعَاذ رضہ جي امڙ جي وفات 475
❀ سَعْد بِن عُبَاده رضہ جي والد جي وفات جو واقعو 476
❀ چنڊ گرهڻ جو واقعو 476
❀ حضرت حُذَيْفَہ رضہ کي قريش وارن ڏانهن موڪلڻ 476
❀ خَالِد بِن وَلِيد رضہ ۽ عَمْرو بن الْعَاص رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 476
❀ غَزْوَه بني مُصْطَلِق جو واقعو 477
❀ "اِفڪ" واري حادثي جا ڪجھ واقعا 477
❀ تيمم جو حڪم 478
❀ حضرت اَبُوْبَڪْر رضہ جو قسم کڻڻ 480
❀ بهتان مڙهڻ وارن لاءِ حد جاري ٿيڻ 480
❀ "عَزْل" بابت سوال 481
❀ عَبْدُالله بِن اُبَيّ جي منافقت جو هڪ واقعو 481

## فصل ڇهون

❀ نماز اِسْتِسْقَاء جو واقعو 483
❀ نبي انور ﷺ جن جي هڪ حديث 483
❀ اَبُوالْعَاص رضہ بن ربيع جي گرفتاري ۽ آزادي 483
❀ اَبُورَافِع يهوديءَ جو قتل ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو 484
❀ اُسَيْرَ ڏانهن هڪ "سَرِيَّہ" 484
❀ غَزْوَه حُدَيْبِيَہ جا ڪجھ واقعات 485
❀ رِفَاعَہ بن زَيْد رضہ جو مسلمان ٿيڻ 487
❀ غَزْوَه ذِي قَرَد جا ڪجھ واقعات 487
❀ پرياسي وارن عجمي حاڪمن ڏانهن دين جي دعوت اماڻڻ بابت ڪجھ واقعات 488
❀ ذُومِخْبَر رضہ جو مديني ۾ ترسڻ 491
❀ سُوره فَتح جو نزول 492

Marfat.com

❀ حج جي فرضيت وارو حڪم 492
❀ حج ۽ عمري بابت آيت جو نزول 492
❀ سج گرهڻ جو واقعو 492
❀ اَوْس رضہ بن صامت رضہ جو اظهار 493
❀ حضرت عُمَر رضہ جو نڪاح 493
❀ حضرت عُمَر رضہ جي ملڪيت وقف ڪرڻ 494
❀ مهاجر عورتن بابت حڪم 494
❀ سُوْرَةُ الْفَتح جي نزول جا واقعا 494
❀ گهوڙن جي گوءِ جو واقعو 495
❀ انن جي گوءِ 495
❀ گهوڙن جي گوءِ جو هڪ ٻيو واقعو 495
❀ حضرت اُمِّ رُوْمَان رضہ جي وفات 496
❀ پاڪ ڪريم ﷺ جن مٿان جادو ڪرڻ وارو واقعو 496
❀ مَعُوْذَتَيْن جو نزول 496
❀ ثُمَامَہ بن اُثَال رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 497
❀ مڪي ۾ ڏڪار 497
❀ ٻگهڙ جي ڳالهائڻ وارو واقعو 498
❀ جُبَيْر بن مُطْعِم رضہ جو مسلمان ٿيڻ 498
❀ ڪَعْب بن عجره جو واقعو 498
❀ نبي ڪريم ﷺ جن جي والدين جو ايمان 499
❀ نماز خوف بابت حڪم 499
❀ حُدَيْبِيَّہ جي سفر جا ڪجھ ٻيا واقعا 499
❀ بَيْعَتِ رِضْوَان جو واقعو 500
❀ سريہ عُرَنِيِّيْن جا واقعا 502
❀ حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ "سَرِيَّہ" جي روانگي 502

## فصل ستون

❀ هن سال جا غزوات 504
❀ غَزْوَهٔ خَيْبَر جا واقعات 504

81036

Marfat.com

❀ بِشر رضہ بن براء جي شهادت 505
❀ عَامِر رضہ جي لولي 505
❀ حَجّاج رضہ بن عِلاَط جو اسلام قبول ڪرڻ 506
❀ جُهم رضہ بن صلت جو ذڪر 507
❀ سَلَمَہ بن اَڪُوَع رضہ جو واقعو 507
❀ حضرت جَعفَر رضہ ۽ اَبُومُوسيٰ رضہ جي موت 507
❀ حضرت اُمِّ حَبِيبَہ رضہ جو نڪاح 507
❀ ستٽ سؤ قيدين جي آزادي 511
❀ دَوس قبيلي جو وفد 512
❀ احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪرڻ جو مسئلو 512
❀ عُمرَۃُ القَضَا جي ادائيگي 515
❀ نبي ڪريم ﷺ جن جو مڪي ۾ اچڻ 515
❀ حضرت بِلاَل رضہ جو اذان 516
❀ ڪعبة الله ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو داخل نہ ٿيڻ 516
❀ حضرت اُمَامَہ رضہ جو واقعو 517
❀ غَسّان جي حاڪم ڏانهن دين جي دعوت 517
❀ مُقَوقَس جون سوکڙيون 518
❀ حضرت مِدعَم رضہ جي شهادت 518
❀ پاڻ ڪريم ﷺ جن تي جادو ڪرڻ جو واقعو 519
❀ ايمان بابت حديث 519
❀ حضرت زَينَب رضہ جي رخصتي 519
❀ حضرت حَاطِب رضہ جي واپسي 519
❀ مُتعَہ جي حرمت وارو حڪم 519
❀ غَزوَہ خَيبَر جا واقعات 520
❀ غَزوَہ ذَاتُ الرِّقَاع جي واقعا 526
❀ نبي ڪريم ﷺ جن جي خواب جو تعبير 530


## فصل اٺون


❀ خطبي لاءِ مِنبَر جي تياري 532


Marfat.com

❀ حضرت اِبْرَاهِيْم رضہ جي جمڻ جا واقعا 532

❀ سَيِّدَه زَيْنَب رضہ جي وفات 533

❀ سَرِيَّہ مُوْتَہ جا واقعا 533

❀ عَتَّاب رضہ بن اُسَيْد جو مسلمان ٿيڻ 534

❀ هَجَر جي مَجُوْسِيْنِ کان "جِزْيَہ" جي وصولي 534

❀ حضرت سَوْدَه رضہ بابت فيصلو 534

❀ کَعْب بن زُهَيْر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 535

❀ فَاطِمَہ بن ضَحَّاڪ جي شادي ۽ طلاق 535

❀ مُلَيْڪَہ بنت کَعْب جي شادي ۽ طلاق 535

❀ حضرت مُحَلِّم رضہ هٿان هڪ شخص جو قتل 536

❀ ٽن برگزيده هستين جو مسلمان ٿيڻ 536

❀ مڪي جي فتح کانپوءِ هجرت جو حڪم رد ڪيو ويو 537

❀ يَمَنَ کان هڪ وفد جو اچڻ 537

❀ حضرت عَدَاء رضہ بن خَالِد جو مسلمان ٿيڻ 537

❀ شين جي مهانگائي ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جو فرمان 537

❀ سَهْل رضہ بن بيضاء جي وفات 538

❀ بُوْرَان جو تخت نشين ٿيڻ 538

❀ بِلْقَاء جي حاڪم جو موت 538

❀ يَمَامَہ جي سردار جو موت 538

❀ مڪي جي فتح جا واقعات 538

❀ غَزْوَهٔ حُنَيْن جا واقعا 555

❀ غَزْوَهٔ طَائِف جا واقعا 559

❀ "جِعِّرَانَہ" جا واقعا 561

❀ مُنْذِر بن سَاوِي ڏانهن دين جي دعوت 565

❀ سج گرهڻ جو واقعو 565

❀ جِعِّرَانَہ کان نبي انور ﷺ جن جي عمري لاءِ روانگي 565

❀ حضرت ابن عَاصِ رضہ جو واقعو 566

❀ حضرت اَبُوْبَرْزَه رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 566

❀ سَعِيْد رضہ بن حُرَيْث جو مسلمان ٿيڻ 566


Marfat.com

❀ نَوْفل رضہ بن مُعَاوِيہ جو مسلمان ٿيڻ 566

## فصل نائون

❀ نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ "بَنُوتَمِيمْ" وارن جي وفد جو اچڻ 567
❀ نَجَاشِيءِ جي وفات 568
❀ وفد عَبْدُالْقَيْس جو اچڻ 568
❀ نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ مختلف وفدن جو اچڻ 569
❀ وفد بَنِيْ تَمِيْم جا ڪجهه وڌيڪ تفصيل 571
❀ نبي ڪريم ﷺ جن جو "اِيْلَاءِ" 575
❀ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو گهوڙي تان ڪرڻ 575
❀ "سورة تحريم" جو نزول 576
❀ اِيْلَاءِ واري مدي جو خاتمو 576
❀ "غَامِدِيَّہ" جي سنگسار جو واقعو 577
❀ ضِمَام بن ثَعْلَبَہ جو واقعو 577
❀ جهاد جاري رهڻ بابت حڪم 577
❀ حديث جبريل 578
❀ مينهن وسڻ جو معجزو 578
❀ تَمِيْم بن اَوْس جو واقعو 579
❀ وَلِيْد بن عُقْبَہ جو واقعو 580
❀ حضرت عَلْقَمَہ جي اڳواڻيءِ ۾ هڪ "سَرِيَّہ" 581
❀ مَالِڪ بن حُوَيْرَث جي وفد جو اچڻ 581
❀ حج جي فرضيت جو حڪم 581
❀ مَسْجِد ضِرَار جي ڍاهڻ جو حڪم 582
❀ ذُوالْبِجَادَيْن عَبْدُالله رضہ بن عَبْد نهم جي وفات 583
❀ عَبْدُالله بن اَبِيْ بن سَلُوْل جي موت جا واقعات 583
❀ حضرت عُوَيْمَر رضہ بن حَارِث ۽ سندس گهرواريءِ وچ ۾ لِعان جو واقعو 584
❀ حضرت اَبُوبَڪْر صِدِّيْق رضہ جي اڳواڻيءِ ۾ حج لاءِ روانگيءِ جو احوال 586
❀ سَيِّدَه اُمِّ ڪُلْثُوْم رضہ جي وفات جو ذڪر 588
❀ حضرت عُرْوَه بن مَسْعُوْد رضہ جي شهادت 588

Marfat.com

❀ نبي ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو 620
❀ بَنُو مُحَارِب وارن جو وفد 621
❀ هَمْدَان وارن جو وفد 621
❀ بَنُو اَزْد وارن جو وفد 621
❀ غَسَّان طرفان آيل هڪ وفد 621
❀ زُبَيْد قبيلي وارن جو وفد 622
❀ وفد عَبْدُالْقَيْس 622
❀ وفد بَنُوڪَنْدَه 622
❀ بَنُو حَنِيْفَہ وارن جو وفد 622
❀ بَنُو بَجِيْلَہ وارن جو وفد 623
❀ حضرت عَبْدُالله رضہ جي روانگي 623
❀ رهاويين جو وفد 623
❀ بَنُو تَغْلَب وارن جو وفد 623
❀ نَجْرَان جي عيسائين جو وفد 623
❀ بَنُو عَبَس وارن جو وفد 623
❀ بَنُو غَامِد وارن جو وفد 624
❀ بَنُو خَوْلَان وارن جو وفد 624
❀ بَنُو عَامِر وارن جو وفد 624
❀ حضرت بُدَيْل رضہ جي وصيت 625
❀ جَرِيْر رضہ بن عَبْدُالله جو مسلمان ٿيڻ 625
❀ آيت جو نزول 626
❀ پاڻ سڳورن ﷺ جي نينگر حضرت اِبْرَاهِيْم جي وفات 626
❀ سج گرهڻ جو واقعو 626


## فصل ٻارهون


❀ وفد بَنُو نَخَع 627
❀ "نَفِيْسَہ" نالي ٻانهيءَ جو ذڪر 627
❀ غَزْوَه اُحُد جي شهيدن لاءِ نماز ۽ دعا 627
❀ جَنَّتُ الْبَقِيْع وارن لاءِ استغفار 627


Marfat.com

❀ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بيماريءَ جي شروعات 628
❀ بيماريءَ دوران پاڻ سڳورن ﷺ جون روايتون 628
❀ حَدِيثِ قِرْطَاس 628
❀ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو حضرت عَائِشَہ رضہ جي گهر اچڻ 629
❀ نبي ڪريم ﷺ جن جو خطبو 629
❀ پاڻ ڪريم ﷺ جي بيماريءَ دوران سَيِّدَه فَاطِمَہ رضہ سان گفتگو 630
❀ غلام آزاد ڪرڻ 631
پاڻ سڳورن ﷺ جن جي صحابين کي وصيت 631
پاڻ سڳورن ﷺ جو ڏندڻ استعمال ڪرڻ 633
❀ سرور ڪائنات ﷺ جن جي زبان مبارڪ مان نڪتل آخري لفظ 633
❀ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو وصال 633
❀ حضرت عزرائيل جي سرور ڪائنات ﷺ جن کان اجازت طلب ڪرڻ 633
❀ پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال جي تاريخ ڏينهن ۽ وقت وغيره جو احوال 634
❀ حضرت اَبُوبَڪْر صديق رضہ جو اچڻ 634
❀ غسل مبارڪ جو بيان 635
❀ عَبْدُالله جو اسلام قبول ڪرڻ 636
❀ سُوَيْد بن غَفَلَہ جو مسلمان ٿيڻ 637
❀ حضرت اَبُوبَڪْر صِدِّيق رضہ جي خلافت 637
❀ سَيِّدَه فَاطِمَةُ الزَّهْرَاء رضہ جي رحلت 637
❀ حضرت اُمِّ اَيْمَن رضہ جي وفات 638
❀ حضرت عُڪَاشَہ رضہ بن مُحِصَن جي شهادت 639
❀ جنگ يَمَامَہ جو واقعو 639
❀ اَسْوَد عنسيءَ جو قتل 640
❀ مُسَيْلَمَہ ڪَذَّاب جو قتل ۽ جنگ يمامہ جا ڪجهہ واقعات 641
❀ حضرت عَبْدُالله بِن اَبُوبَڪْر رضہ جي وفات 643
❀ حضرت اَبُوالْعَاص رضہ جي وفات 643
مصادر ۽ مراجع 645


Marfat.com

# پنهنجي پاران

سموري ساراه، هڪ الله واحد وحده، رازق رب رحيم کي سونهي، جنهن جهانن جي جوڙ جوڙي، زمين، آسمان ۽ انهن منجهه جيڪي ڪجهه آهي سو پيدا ڪيو. لکين درود ۽ سلام منڙي محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جن مٿان پڙهجن، جيڪي ٻنهي جهانن جي رحمت، اسانجا هادي رهبر، مڙني مرسلن جا مهندار، آخري نبي ۽ شافع محشر آهن.

"**بذل القوه في حوادث سني النبوه**" (**سيرت هاشمي**)، امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٺٽوي رحمة الله عليه جو لکيل سيرت النبي صلي الله عليه وآلهٖ واصحابهٖ وسلم تي پنهنجي نوع جو هڪ منفرد ۽ عظيم ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٻنهي جهانن جي رحمت، منڙي محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پاڪ سيرت سن وار ۽ ترتيب وار بيان ڪئي ويئي آهي. سنڌ واسين جي اها خوشقسمتي ليکبي جو عربي ۾ لکيل هن معرڪة الآراء ڪتاب جا ڪجهه قلمي نسخا ۽ هڪ ڇاپي نسخو اسان وٽ موجود آهي. اسانجي دوست محترم پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب، "بذل القوة" جي قلمي ۽ ڇاپي نسخن تان استفادو ڪري هن ڪتاب جو نه رڳو سؤلي ۽ بامحاوره سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي پر متن تي تحقيق، تخريج ۽ تشريح جو محنت طلب ڪم به توڙ رسايو آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ هڪ ملهائتو ۽ وقيع علمي مقالو تقديم جي نالي سان لکيو اٿس، جنهن ۾ "نبوت ۽ ان جي ضرورت"، "لفظ سيرت جي معنيٰ ۽ استعمال"، "سيرت پاڪ ۽ قرآن"، "سيرت جي ضرورت"، "سيرت ۽ سنڌي عالم"، "فاضل مؤلف جو تعارف"، "سندس ديني ۽ علمي خدمتون"، "سندس شاگرد"، "مخدوم صاحب جي تصنيفي ڪم جو جائزو"، "بذل القوة جا ڇاپي ۽ قلمي نسخا" وغيره جي عنوان هيٺ وڏو تحقيقي مواد هڪ هنڌ پيش ڪيو آهي. اهڙي ريت سنڌ جي ناميارن عالمن ۽ فاضلن هن ڪتاب جون تقريظون لکيون آهن، جي پڻ منڍ ۾ ڏنيون ويون آهن.

سنڌ جي مانواري محقق، سنڌي ٻوليءَ جي محسن، سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جو لکيل مختصر پر جامع مهاڳ پڻ ڪتاب ۾ شامل آهي. "بذل القوة" جا اهي قلمي نسخا جن تان فاضل مترجم ترجمو ڪيو آهي، تن جا عڪس پڻ پڙهندڙن جي اڪين ٺارڻ لاءِ ڏنا ويا آهن.

فاضل مترجم، ڪبار اصحاب ڪرام، جهڙوڪ جنت جي بشارت ملندڙ ڏهه اصحابين رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پاڪ ٻيبين رضي الله



Marfat.com

عنهن ۽ نياڻين رضي الله عنهن جي زندگين جو احوال ڏاڍي عقيدت سان حاشين ۾ آندو آهي. ڪتاب ۾ ابتدا اهم واقعن ۽ مڪيه ماڳن، هنڌن، قبيلن جو تعارف ۽ تاريخ پڻ پيش ڪئي وئي آهي.

مخدوم صاحب رحمة الله عليه جن ڪتابن جا حوالا متن ۾ ڏنا آهن، انهن سيرت نگارن جي حياتي ۽ ڪارنامن تي پڻ حاشين ۾ مختصر روشني وڌي اٿس. ان ڪان علاوه سيرت جي مشهور ڪتابن جو تعارف پڻ لکيو آهي، جنهن جي ڪري ڪتاب عام پڙهندڙن لاءِ وڌيڪ ڪارائتو ۽ لاڀائتو ٿيندو. انشاء الله.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه بيشمار ڪتابن جو ذڪر، واقعن بيان ڪرڻ وقت ڪن ٿا. فاضل مترجم ڪوشش ڪري اهي ڪتاب هٿ ڪري گهڻي مطالعي ڪانپوءِ واقعن جي تخريج ڪئي آهي. اميد ته ڪجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سيرت النبي صلي الله عليه وسلم تي هي هڪ منفرد ڪتاب ثابت ٿيندو، انشاء الله. مهراڻ اڪيڊمي امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٺٽوي رحہ جا هيٺيان هي ڪتاب ڇاپيا آهن:

(١) **تفسير هاشمي**، نثري صورت ۾ آڻيندڙ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

(٢) **قوت العاشقين**، نثري صورت ۾ آڻيندڙ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

(٣) **ذريعة الوصول الي جناب الرسول** ﷺ ("درود شريف ۽ انهن جون برڪتون" جي نالي سان) مترجم: مولوي رفيع الدين چنه (٤) **حديقة الصفاء في اسماء المصطفيٰ** صلي الله عليه وسلم مترجم: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري. ۽ (٥) **نور المبين في جمع اسماء البدريين**، مترجم: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري. مخدوم صاحب جون ٻيون گرانقدر تصانيف آئنده ان اسانجي اشاعتي رٿا ۾ شامل آهي.

پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب کي لک لک مبارڪون هجن، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي ديني ادب ۾ هيڏي قيمتي ۽ نادر ڪتاب جو واڌارو ڪيو آهي. ڪيس الله پاڪ ان جو اجورو دنيا ۽ آخرت ۾ يقيناً ڏيندو، آمين.

الله جي فضل سان، ٻنهي جهانن جي سردار منهنجي محمد ڪريم ﷺ جي پاڪ سيرت تي املهه سوکڙيءَ جو ٻيهرين ڇاپو هٿئون هٿ کپي ويو. ٻئي ڇاپي ۾ نظرثاني ڪري ڪيترائي واڌارا ۽ سڌارا آندا ويا آهن. شال الله سائين اسان سڀني جو هي پورهيو قبول فرمائي ۽ قيامت ڏهاڙي منهنجي کي پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي شفاعت جو حقدار بنائي، آمين.

سيپٽمبر 2004ع

**قمر ميمڻ**

سيڪريٽري مهراڻ اڪيڊمي



Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# مهاڳ

هي ڪتاب اسلامي تاريخ ۽ تمدن جي مطالعي جي سلسلي ۾ خاص اهميت رکي ٿو. سنڌ ۾ اهڙي مطالعي جي شروعات تڏهن کان ٿي، جڏهن عرب - اسلامي دور ۾ منصوره ۽ ديبل جي عالمن اهم علمي ڪتاب تصنيف ڪيا. نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي دور جي تاريخ جو پهريون ڪتاب، سنڌ جي عالم ابوجعفر ديبلي لکيو، جنهن ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم طرفان وقت جي حڪمرانن ڏانهن لکيل خط جمع ڪيائين. هن پوئين ويجهي دور ۾، ٺٽي جي وڏي عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه سنہ ١١٦٦ ھ ۾ آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي نبوت وارن ٽيويهن سالن جا واقعات سن - وار مرتب ڪيا. اهو تاريخي ڪتاب عربيءَ ۾ وڏي محنت سان لکيائين ۽ ان لحاظ سان ان جو نالو **"بذل القوه في حوادث سني النبوه"** (نبوت جي سالن وارن واقعن جي بيان ۾ انتهائي ڪوشش) رکيائين.

سنڌ جي عالمن جي ڪتابن ۽ علمي ڪارنامن کي شايع ڪرڻ لاءِ حڪومت پاڪستان طرفان هڪ اهم رٿا منظور ٿي، جنهن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ کي پنج لک روپيا گرانٽ ملي.[1] ان رٿا هيٺ، سنڌ جي عالمن جا ٻيا ڪتاب ۽ خاص عربيءَ ۾ لکيل چوڏهن ڪتاب شايع ڪرڻا هئا، جنهن ۾ هي ڪتاب بہ شامل هو. ان جي اشاعت لاءِ تحقيق ۽ تياريءَ جو ڪم جناب مخدوم امير احمد صاحب جن جي حوالي ٿيو. ياڻ ان وقت جا وڏا عالم هئا، ۽ هن ڪتاب کي عالمانہ انداز ۾ ايڊٽ ڪيائون. سندن علمي ڄاڻ ۽ تحقيقي نگاهہ سان هي ڪم نهايت اعليٰ معيار مطابق پورو ٿيو، جو ڪتاب جو هڪ اعليٰ قلمي نسخو دستياب ٿيو، جنهن

(١) اها رٿا وزارت تعليم جي پنهنجي رٿا طور منظور ٿي ۽ پوءِ مالي وزارت طرفان گرانٽ ملي. هن رٿا لاءِ ڪتابن جي فهرست استاد امير احمد ۽ پير حسام الدين جي صلاح سان مون ٺاهي ۽ ٻن وڏن مهربان آفيسرن جي مدد سان بحال ٿي: هڪ وزارت تعليم جو ايڊيوڪيشنل ايڊوائيزر ڊاڪٽر امداد حسين مرحوم (جنهن سان راقم جي واسنگٽن ۾ سندس قيام کان وٺي نيازمندي هئي) ٻيو مالي وزارت جو سيڪريٽري ممتاز حسن مرحوم جيڪو ان وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ علامہ قاضي صاحب جن وٽ ايندو ويندو هو ۽ سنڌ سان سندس محبت هئي. جوندو هو تہ سندس وڏا منصوره مان لاهور طرف ويا هئا.



Marfat.com

ڪي سمجهڻ ۾ سولائي ٿيندي.

پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب پنهنجي تحقيق جو دائرو ترجمي کان گهڻو اڳتي وڌايو آهي، جنهن سان ڪتاب جو پورو تمدن روشن ٿئي ٿو. صحابہ ڪرام ۽ امهات المؤمنين جي مبارڪ اسمن بابت سندس ڪيل توضيح ۾ سيرت نگاري سمايل آهي. انهن ڪانسواءِ بہ ڪتاب ۾ آيل جملي اعلام (خاص نالن) جي سڃاڻپ تاريخ جي روشني ۾ ڪئي وئي آهي.

وڏي ڳالهہ تہ واقعات جي تشريح ۽ توضيح ۾ اصل بنيادي ماخذن کي مدنظر رکيو ويو آهي، جنهن سان تحقيق جو حق ادا ٿيو آهي. فاضل مصنف اجان اڳتي قدم وڌايو آهي، جو هر حاشيي ۾ جملي ماخذن جي حوالي کي جمع ڪيو آهي، جن تائين سندس رسائي ٿي آهي. اهو هڪ وڏو ڪشالو آهي ۽ "لُزوم مالا يلزم" جو درجو رکي ٿو. ايڏي وڏي ڪشالي ۾ ڪي جزوي سهوون ٿي سگهن ٿيون، جن جي قطع نظر هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جو هڪ اهم تحقيقي ڪارنامو آهي، جنهن لاءِ فاضل مصنف مبارڪ صد مبارڪ جي لائق آهي.

| | |
|---|---|
| حيدرآباد، سنڌ | خادم العلم |
| ٢٩ جمادي الاول ١۴٢۴ هـ | **نبي بخش** |
| ٣٠ ـ جولاءِ ٢٠٠٣ ع | |



Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# تقريظ

نَحْمَدُهٗ وَ نُصَلِّيْ وَ نُسَلِّمُ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ وَعَلٰى آلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ. اَمَّا بَعْدُ۔

حضرت مخدوم المخاديم شيخ الاسلام والمسلمين سيدي مخدوم محمد هاشم قدس سره العزيز جي شخصيت اها جامع ۽ عالمگير شخصيت آهي، جو اڄ بہ مخلوق خدا ان جي فيض کان مستفيض ٿي رهي آهي.

حضرت مخدوم صاحب قدس سره العزيز، جليل القدر فقيه، ولي ڪامل ۽ فقيد المثال عالم سان گڏوگڏ بي شمار خوبين ۽ اوصافن جا مالڪ هئا. سندن علمي ۽ ادبي قابليت عرب و عجم ۾ مسلم آهي.

پاڻ بيڪ وقت هڪ عظيم مصلح، محدث، مجدد، مفسر، قاري، مترجم، فقيه، مؤرخ، اديب، شاعر، منطقي ۽ فلسفي جي حيثيت سان نظر اچن ٿا. غرضيڪ حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه کي علمي ميدان ۾ هڪ اهڙو منفرد ۽ اعليٰ مقام حاصل آهي، جنهن جو مثال تاريخ ۾ ناياب آهي.

پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جو ذڪر ۽ ان جي حيات طيبہ تي عمل ڪرڻ ابدي سعادت آهي. جهڙي طرح قرآن ڪريم پوري انساني تاريخ ۽ آسماني ڪتابن جو خلاصو ۽ خاتم الڪتب آهي، اهڙي طرح نبي اڪرم نور مجسم صلي الله عليه وسلم مڙني رسولن جي سيرت ۽ ڪردار جا جامع نمونا ۽ خاتم النبيين آهن.

مبارڪ آهن اهي اکيون ۽ خوش قسمت آهن اهي دليون، جيڪي هردم حيات طيبہ جي مطالعي سان پاڻ کي تراوت بخشن ٿيون ولله درالقائل.

بمصطفيٰ برسان خويش را کہ دين همہ او است
گر او نہ رسيدي تمام بولهبي است.

پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جي سيرت طيبہ، حيات مبارڪ بابت (ماه و سال) جي حالات و واقعات تي سيرت نگارن ۽ مؤرخن وڏا وڏا ڪتاب لکيا، ليڪن هر گُلِ را رنگ و بوئے ديگر است.

سيرت طيبہ، حيات مبارڪ تي مخدوم صاحب جو ڪتاب (بذل القوة في حوادث سني النبوة) مختصر مگر جامع مانع آهي، جنهن جي ترتيب ۽ تهذيب بي مثال آهي. جنهن جي پڙهڻ



Marfat.com

سان وڏن ڪتابن جي ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي. عربي زبان جي ڪري ڪتاب جي افاديت صرف علماء سان خاص آهي. مخدوم محترم جناب پروفيسر اسرار احمد علوي حفظ الله تعاليٰ لائق مبارڪباد آهن، جن عوام الناس جي ڀلائيء لاء هن ڪتاب کي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ ڪتاب جي تحقيق، تخريج ۽ تشريح ڪري سندن آباء و اجداد جي مخدوم صاحب رحمة الله سان جيڪا نسبت هئي ان جو حق ادا ڪيو. الله تعاليٰ بطفيل حبيب ڪبرياء عليه الصلوٰة والسلام محترم جناب علوي صاحب جي هن عظيم ڪاوش کي شرف قبوليت عطا فرمائي ۽ سعادت دارين جو ذريعو بنائي، آمين.

فقط

**احقر مفتي محمد جان نعيمي عفي عنه**

مهتمم دارالعلوم مجدديہ نعيميہ ملير ڪراچي

يڪم رجب المرجب ۱۴۲۴ هہ



Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# سيرت نبوي ﷺ ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ

اسان جي آقا خاتم النبيين، امام المرسلين حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو پاڪ فرمان آهي تہ:

لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰي اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَ وَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ.

(رواه، السنة الا الترمذي)

**ترجمو:** اوهان مان ڪوبہ تيستائين مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين سندس محبت، پيءُ ماءُ، اولاد ۽ سمورن ماڻهن جي ڀيٽ ۾ مون سان گهٽي نہ هجي.

هڪ ٻي روايت مطابق پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ:

وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰي اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ نَّفْسِهٖ.

(مسند احمد ٢٣٦ ج ۴)

**ترجمو:** قسم آهي انهيءَ ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، اوهان مان ڪوبہ شخص تيستائين مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين پنهنجي جان کان بہ وڌيڪ مونسان محبت نہ رکي.

انهن حديثن جي روشنيءَ ۾ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کان وٺي اڄ تائين رسول الله صلي الله عليه وسلم جا پروانا، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم سان محبت جو اظهار، مختلف اندازن سان ڪندا رهيا آهن. ڪن جان جا نذرانہ پيش ڪيا، ڪن پنهنجا ٻچا قربان ڪري ڇڏيا. ڪن مدح سرائي ڪئي، تہ ڪن نعتن جا نوان انداز پيش ڪيا. ڪن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت مبارڪ بابت ڪتاب لکيا، تہ ڪن منظوم خراج عقيدت پيش ڪيا.

اهڙن پروانن ۾ اسان جي سنڌ سڳوريءَ جو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه گهڻن کان اڳڀرو ٿو نظر اچي، جنهن نظم ۽ نثر ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت مبارڪ بيان ڪئي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي شان اطهر ۾ چيل سندس اڻ عدد نعتيہ عربي قصيدا مشهور آهن.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه (وفات ١١٧۴ هـ) جن کي، سيرت جي حوالي سان، سيرت شامي ۽ سيرت گازروني، هميشہ مطالعي هيٺ رهندا هئا. سيرة شامي (سبل



Marfat.com

الهديٰ والرشاد في سيرة خير العباد ) جو اهو قلمي نسخو، جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ملڪيت رهيو آهي ۽ ان تي مخدوم صاحب جا مختصر نوٽس (حاشيا) تحرير ٿيل آهن، سو هن احقر زيارت ڪيو آهي، اهو خطي نسخو، گنج بخش لائبريري مرڪز تحقيقات فارسي، اسلام آباد ۾ موجود آهي. (راقم الحروف انهي نادر خطي نسخي بابت هڪ تفصيلي مقالو لکيو هو، جيڪو ماهوار "شريعت" سکر {جولاء ٢٠٠١} ۾ ڇپجي چڪو آهي.)

مخدوم صاحب هوندن ته ١٥٠ (ڏيڍ سؤ) کان مٿي ڪتاب (عربي، فارسي ۽ سنڌيء ۾) لکيا آهن، پر انهن ۾ سيرت جي حوالي سان سندس ڪتاب هن ريت آهن:

(١) **بذل القوه في حوادث سني النبوه:** عربي (جنهن جو سنڌي ترجمو اسان جي محترم پروفيسر اسرار احمد علوي جن ڪيو آهي). مخدوم صاحب جو ١١٦٨ هه ۾ سيرت بابت سن وار ترتيب سان لکيل هي ڪتاب، مخدوم امير احمد عباسي جي تحقيق سان، پهريون دفعو ١٩٦٦ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو، جنهن جا ٻه اردو ترجما هن وقت تائين سامهون آيا آهن. (١) عهد نبوت کے ماه و سال: از شهيد ختم نبوت مولانا محمد يوسف لڌيانوي ـ جيڪو ڪيترائي ايڊيشن، مختلف ادارن طرفان ڇپجي چڪو آهي. (٢) سيرت سيد الانبياء صلي الله عليه وسلم ـ از مولانا مفتي عليم الدين نقشبندي جيڪو تازو ٢٠٠٠ ع ۾، لاهور مان ڇپيو آهي.

**بذل القوة جا سنڌي ترجما:** بذل القوة جي سنڌي ترجمي جي ابتداء حقيقت ۾ پروفيسر غلام حسين جلباڻي صاحب (وفات ١٩٨٩ع) جن ڪئي هئي، جنهن جي پهرئين قسط، ته ماهي الرحيم ١٩٦٥/٣ع ۾ شايع ٿي. بعد ۾ اهو سلسلو علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن هلايو ۽ ان جون قسطون پهريائين ته ماهي الرحيم ۽ پوءِ ماهوار الرحيم حيدرآباد ۾ (١٩٧٦ کان ١٩٩٠ع تائين) ڇپبيون رهيون پر اهو سلسلو نامڪمل رهيو. اهو ترجمو، ڪتابي شڪل ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان ڇپجي رهيو آهي.

بذل القوة جو ٻيو سنڌي ترجمو، مولانا طفيل احمد ٺٽوي ڪيو آهي، پر اجان ڇپيو نه آهي.

هوڏانهن لڌيانوي صاحب جي ڪتاب "عهد نبوت کے ماه و سال" جو سنڌي ترجمو، محمد مصري خان صاحب ڪيو آهي، جنهن جا پروف راقم الحروف، مڪتبه اصلاح و تبليغ حيدرآباد ۾ ڏٺا هئا. (پر اجان ڇپيو نه آهي).

(٢) **فتح العلي في حوادث سني نبوه النبي صلي الله عليه وسلم (عربي):** مخدوم صاحب جو سيرت نبوي بابت ١١٧٠ هه ۾ لکيل هي ڪتاب درحقيقت "بذل القوة" جو اختصار آهي، ۽ اجان ڇپيو نه آهي.



Marfat.com

(٣) **فتح القوي في نسب النبي صلي الله عليه وسلم** (**فارسي**): مخدوم صاحب طرفان ١١٣٣ هه ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي نسب اطهر بابت لکيل هيءُ ڪتاب ١٣٠٣هه ۾ ڪراچي مان ڇپيو.

(٤) **حديقة الصفا في اسماء المصطفيٰ صلي الله عليه وسلم** (**عربي**): مخدوم صاحب جو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي نالن مبارڪن جي بيان ۾ (جن جو تعداد ١١٨١ آهي) لکيل هيءُ ڪتاب، مقدمي جي اردو ترجمي سان "باغ هي باغ" جي عنوان هيٺ، ١٤١٧ هه ۾ مڪتبہ دارالعلوم مجدديہ طرفان شايع ٿيو. هينئر مهراڻ اڪيڊمي پاران سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڇپايو ويو آهي.

(٥) **وسيلة الفقير في شرح اسماء الرسول البشير صلي الله عليه وسلم** (**فارسي**): هيءُ ڪتاب پاڻ سڳورن جي اسماء مبارڪ (نالن مبارڪن) جي معنيٰ ۽ تشريح تي مشتمل آهي. تمام ضخيم ڪتاب آهي. اجان مخطوطي جي صورت ۾ آهي.

ياد رهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي مبارڪ نالن بابت مخدوم صاحب ڏانهن منسوب، هڪ ٽئين ڪتاب "روضة الصفا في اسماءُ المصطفيٰ صلي الله عليه وسلم" جو نالو بہ ملي ٿو. پير حسام الدين راشدي مرحوم ان جو ذڪر مخدوم صاحب جي تصنيفات جي الفابيٽيڪل فهرست ۾ ڪيو آهي (ڏسو ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون ص ٧٩٧). ممڪن آهي تہ هيءُ اهوئي "حديقة الصفا" هجي — يا تہ "حديقة الصفا" عربي ۾ آهي ۽ "روضة الصفا" فارسي ۾ — جو تہ "حديقة الصفا" جا ڪجهہ خطي نسخا عربي خطبي تي مشتمل آهن (۽ مخدوم صاحب بہ حديقة الصفا کي "اتحاف الاڪابر" ۾ پنهنجي عربي تصنيفات اندر ڄاڻايو آهي) ۽ ڪي قلمي نسخا فارسي خطبي تي مشتمل آهن. (باقي اسماء مبارڪ تہ بنهي ۾ ساڳيا هڪجهڙا آهن). منهنجي راء آهي تہ انهيءَ فارسي خطبي واري ڪتاب کي "روضة الصفا" قرار ڏجي، پر مان پنهنجي راء ڪنهن تي مڙهڻ نہ ٿو چاهيان. ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي سوچ غلط بہ هجي.

(٦) **ذريعة الوصول الي جناب الرسول صلي الله عليه وسلم** (**فارسي**): رسول الله ﷺ جن مٿان درود ۽ صلوٰة پڙهڻ جي مختلف ڪيفيتن بابت ١١٣٣ هه ۾ مخدوم صاحب جو جوڙيل هيءُ ڪتاب، پهريون دفعو مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد طرفان قلمي نسخي جي عڪس جي صورت ۾ شايع ٿيو. ان ڪانپوءِ مولانا محمد يوسف لڌيانويءَ ان جو اردو ترجمو بہ ڪيو ۽ دلائل الخيرات جي طرز تي ان جا حزب مقرر ڪيا. ١٩٩٥ع کان مڪتبہ لڌيانوي ڪراچي طرفان، مختلف صورتن / ٽائٽلن ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو.



Marfat.com

* ذريعة الوصول جا ٢ سنڌي ترجما منظر عام تي آيا آهن:

(١) ابو السراج طفيل احمد نئنوي طرفان تيار ڪيل، جيڪو پهريون دفعو ١٩٩٢ ۾ شايع ٿيو.

(٢) مولوي رفيع الدين چنه طرفان تيار ڪيل، جيڪو ١٩٩٧ع ڪان ونئي مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور طرفان ٥ دفعا ڇپجي چڪو آهي.

* ذريعة الوصول جو انگريزي ترجمو رفيق عبدالرحمان ڪيو هو، جيڪو زمزم پبليڪيشن ڪراچي طرفان خوبصورت ٽائٽل ۾ ڇپجي چڪو آهي.

(٧) **وسيلة القبول في حضره الرسول صلي الله عليه وسلم (عربي)**: مخدوم صاحب طرفان ١١٤٧ هه ۾ ذريعة الوصول کي مختصر ڪري جوڙيل هيءُ ڪتاب (درودن جو مجموعو) اجان ڇپيو نه آهي.

(٨) **حاشيه دلائل الخيرات (عربي)**: دلائل الخيرات (علامه جزوليءِ جو)، صلواة ۽ درود بابت نهايت مشهور ڪتاب آهي. مخدوم صاحب انهيءَ تي مختصر حاشيا تحرير ڪيا آهن، جيڪي مختلف ڪتبخانن ۾ نظر اچن ٿا.

(٩) **حاشيه درود حاضري (عربي)**: اجان ڇپيو نه آهي.

(١٠) **رسالة في ذڪر افضل ڪيفيات الصلوه علي النبي صلي الله عليه وسلم (سنڌي)**: هن رسالي جو ذڪر مخدوم صاحب "اتحاف الاڪابر" ۾ پنهنجي سنڌي تصانيف جي فهرست ۾ ڪيو آهي.

(١١) **تحفة الغازي بجمع المغازي (عربي)**: هن ڪتاب جو ذڪر، پير حسام الدين راشديءَ ڪيو آهي. نالي مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ ڪتاب پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي غزوات (لڙاين) جي بيان ۾ آهي.

(١٢) **بسط البرده لدي ناظم البرده (عربي)**: مشهور نعتيه قصيده، "قصيدة البرده" للبوصيري بابت لکيل آهي. هيءَ ڪتاب مخدوم صاحب ١١٥٣ هه ۾ لکيو.

(١٣) **الباقيات الصالحات في ذڪر الازواج الطاهرات (فارسي)**: مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب رسول الله صلي الله عليه وسلم جي ١١ گهروارين جي احوال ۽ فضائل بابت ١١٤٧ هه ۾ لکيو. جيڪو مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب طرفان ڪيل سنڌي ترجمي سميت ١٤١٩ هه ۾ اداره خدمة القرآن والسنة، شاهپور جهانيان طرفان شايع ٿيو.

(١٤) **تحفة المسلمين في تقدير مهور امهات المؤمنين (فارسي)**: مخدوم صاحب جو ١١٧١ هه ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي بيبين سڳورين کي پاڻ سڳورن طرفان ڏنل



Marfat.com

مهر / ڪاٻين بابت لکيل هيءُ ڪتاب. مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب جي سنڌي ترجمي سان مٿئين ڪتاب (الباقيات الصالحات) جي پويان ضميمي طور شايع ٿيو.

(١٥) **زاد السفينة في اسامي المدينة (فارسي)**: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي دارالهجرة مدينة المنوره جي نالن مبارڪن بابت لکيل آهي.

(١٦) **قوت العاشقين (سنڌي)**: ١١٢٧ هه ۾ مخدوم صاحب جو نظم ۾ تيار ڪيل هيءُ ڪتاب رسول الله صلي الله عليه وسلم جي معجزات جي بيان ۾ آهي. جيڪو ١٨٨٣ع ۾ بمبئي مان، ١٩٥٠ع ۾ مسلم ادبي سوسائٽي طرفان ۽ ١٩٩٤ ۾ دارالعلوم مجدديہ عثمانيہ ٺٽو پاران ڇپيو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب ١٩٩٣ع ۾ ان کي سنڌي نثر ۾ آندو، جيڪو مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور طرفان هيلتائين ٦ دفعا ڇپجي چڪو آهي.

(١٧) **وسيلة الغريب الي جناب الحبيب صلي الله عليه وسلم (فارسي)**: مخدوم صاحب طرفان ١١٦٤ هه ۾، رسول الله صلي الله عليه وسلم جي اهلبيت اطهار بابت لکيل هيءُ ڪتاب. اصل فارسي ۾ تہ ڪونہ ڇپجي سگهيو آهي. البتہ ان جو اردو ترجمو (از مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب) پهريون دفعو ١٩٧٢ع ۾ اداره بستان حيدرآباد طرفان ڇپيو.

اها آهي فهرست مخدوم صاحب جي انهن ڪتابن جي جيڪي سيرت پاڪ سان تعلق رکن ٿا. مخدوم صاحب جي انهن ١٧ ڪتابن ۾ ٨ ڪتاب عربي ۾، ٧ ڪتاب فارسي ۾ ۽ ٢ ڪتاب سنڌي ۾ آهن.

انهن ڪتابن کان علاوه "حليہ مبارڪ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم" نالي هڪ فارسي رسالو بہ مخدوم صاحب ڏانهن منسوب آهي. جيڪو گنج بخش، مرڪز تحقيقات فارسي، اسلام آباد اندر مخطوطي جي شڪل ۾ محفوظ آهي.

* انهن سمورن ڪتابن ۾ وڌيڪ شهرت "بذل القوة" کي ملي، جنهن جا خطي نسخا، سنڌ جي ڪيترن ئي ڪتبخانن جي زينت بڻيل آهن. ضرورت هئي تہ ان جو هڪ معياري تحقيقي سنڌي ترجمو آندو وڃي، جنهن ۾ صرف ترجمي تي ڪفايت نہ ڪجي، بلڪ حوالہ جات سان ۽ ضروري ڳالهين سان انکي سينگارجي. پر اهو ڪم ڪري ڪير؟ - اهو ڪٺو اسانجي محترم سائين پروفيسر اسرار احمد علوي جن تي پيو ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ ڪين توفيق ڏني، جنهن پهريائين تہ وڏي جاکوڙ سان بذل القوة جا اصل ماخذ هٿ ڪيا ۽ پوءِ انهن کي سامهون رکي، بذل القوة جو سليس سنڌي ترجمو ڪيو. نہ صرف ترجمو بلڪ حاشين ۾ ضروري وضاحتن جو واڌارو پڻ ڪيو، جنهن سان بذل القوة جي افاديت ۾ واڌارو ٿي پيو. اهڙي ريت جيئن مخدوم امير احمد عباسي صاحب "بذل القوة" عربي کي تحقيقي انداز ۾ منظر عام تي



Marfat.com

آئڻ لاءِ "بذلِ قوت" ڪيو (يعني پنهنجي سڄي قوت ۽ توانائي خرچ ڪري ڇڏي)، تيئن پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب وري بذل القوة جي سنڌي ترجمي کي سينگاري، تحقيقي انداز ۾ آڻڻ لاءِ "بذلِ قوت" ڪيو ۽ ان لاءِ ڪيترائي سال مسلسل محنت ڪندو رهيو، تان ته هن خوبصورت انداز ۾ بذل القوة جو سنڌي ترجمو قارئين آڏو اچي سگهيو.

محترم علوي صاحب جن "بذل" جي سنڌي ترجمي کي تحقيقي انداز ۾ پيش ڪري، سنڌ واسين جي مٿان وڏو احسان ڪيو آهي. الله پاڪ کين جزاءِ خير عنايت ڪري، آمين.

18.10.2003

**مولوي محمد ادريس السندي**
صدر المدرسين جامعہ انوار العلوم ڪنڍيارو
ضلع نوشهرو فيروز



Marfat.com

# تقريظ

**سيرت طيبه** (عليٰ صاحبها الصلاة والسلام) تي، هر دور ۾، مؤلفن نئين نئين انداز ۾ ڪم پئي ڪيو آهي، ۽ پنهنجي ذوق، صلاحيتن ۽ لاڙن پٽاندڙ ان جي خدمت ڪئي اٿن. سنڌ جي عالمن ۽ مؤلفن جي سرواڻ **مخدوم محمد هاشم ٺٽوي** (عليه الرحمة) جي ڀاڱي ۾ ﺑﻪ الله سبحانه سيرت تي هڪ نرالي تصنيف يادگار ڇڏي وڃڻ جي سعادت لکي. ڪائنس اڳ اهڙي ڪاوش ڏانهن ڪنهن ﺑﻪ ليکڪ جو خيال نه ويو. مخدوم صاحب پنهنجي هن ڪتاب **"بذل القوة في حوادث سِنِي النبوة"** ۾ سيرت سونهاري جي وڏن وڏن واقعن کي سن وار اهڙي ته سهڻي ترتيب سان گڏايو، جو حضور سائين صلي الله عليه وسلم جي سموري حيات مبارڪ جو هڪ نقشو آڏو اچي ٿو وڃي. مخدوم صاحب جي هن ڪاوش ۾ ان ڳالهه جو ﺑﻪ گهڻي ڀاڱي خاص اهتمام ٿيل ٿو ڏسجي ته واقعا مستند روايتن جي روشنيءَ ۾ ڏنا وڃن ۽ ضعيف روايتن کان ڪتاب کي آجو رکيو وڃي.

**پروفيسر اسرار احمد صاحب علوي**، وڏو عرصو ڪشالا ڪڍي، مسلم امت لاءِ سنڌ جي تاريخي ورثي جي هن هڪ نهايت اهم سوکڙيءَ جو نه فقط سولو سلوڻو سنڌي ترجمو ڪيو آهي، پر مخدوم صاحب ﭘﺎران ڪتب آندل توڙي ٻين بنيادي ماخذن سان ڀيٽا ڪري، ڪتاب ۾ آندل روايتن ۽ واقعن جا حوالا، ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن جي سمجهاڻي، واقعن جو تفصيل ۽ پس منظر ۽ نالي ڪنيل شخصيتن (اصحاب سڳورن، تابعين، فقيهن، محدثن ۽ ليکڪن) جو پورو سوانحي خاڪو ۽ تشريحي حاشيا ۽ نوٽ لکيا آهن. اهم ڳالهه اها ﺑﻪ ته اصطلاحن ۽ نالن جي صحيح پڙهڻيءَ لاءِ متن اعراب لڳائڻ جو پڻ خاص اهتمام ڪيو اٿس. ان ريت علوي صاحب ڪتاب جي اهڙي ته خدمت ڪئي آهي، جو ان سان ڪتاب پنهنجي شانَ وٽان، نئين دور جي رائج ٿيل تحقيق جي اصولن مطابق، آڏو اچي رهيو آهي، جنهن تي هو بلاشڪ آفرين لهڻو!

لاڳيتي محنت، اورچائي ۽ اڌولائپ تي محقق لاءِ دل مان دعائون ٿيون نڪرن، ته هن ڪيئن نه هزارن وڙن خرچ پکا ڪري، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ توڙي عرب دنيا جون ڏکيون مسافريون ڪري، اصل عربي ماخذ هٿ ڪيا ۽ نور نچوئي، انهن مان ماکيءَ جي مک وانگيان خالص شراب طهور تيار ڪري پڙهندڙن آڏو رکيو آهي! شايد ڪي مٿاڇري نظر وارا پڙهندڙ ڪن تشريحي حاشين کي ڏکيو ۽ ڳرو سمجهن، پر اهي نهايت ضروري ۽ مفيد آهن ۽ اصل ڪتاب ۾ ڏنل واقعن کي پوريءَ ريت سمجهڻ لاءِ واٽهڙو ۽ سونهين وارو ڪم ڏيندا.

شال الله تعاليٰ محقق جي جاکوڙ کي پنهنجي دربار ۾ قبوليت جو درجو ڏئي ۽ دنيا آخرت ۾ ڪيس توڙي ان ڪم ۾ هٿ ونڊائيندڙ مڙني دوستن کي ان جا اجورا عطا فرمائي ۽ سنڌ واسين کي هن املهه ڪتاب مان لاڀ پرائڻ جي توفيق پلئه پائي!

**ڊاڪٽر عبدالحي ابڙو**

اسلام آباد: 03 - 03 - 03



Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلوٰةُ وَالسَّلَامُ عَليٰ اَشْرَفِ الْاَنْبِيَاءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ.

اما بعد: الله سبحانه وتعاليٰ پنهنجي پياري رسول صلي الله عليه وسلم کي بلند مرتبو عطا ڪيو آهي ۽ اسان مسلمانن کي ساڻن محبت ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. سندن پيروي، کي پنهنجي محبت جي نشاني قرار ڏنو آهي. جيئن فرمايائين: قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ط (آل عمران)

يعني اي پيغمبر! چئي ڏي تہ جيڪڏهن توهانکي الله سان محبت آهي تہ منهنجي پيروي ڪريو، الله تعاليٰ توهان سان محبت ڪندو ۽ توهانجا گناهہ معاف ڪندو.

الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي سيرت پاڪ ۽ سهڻن اخلاقن کي سڀني لاءِ بهترين نمونو قرار ڏنو آهي. ارشاد فرمايائين: لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (الاحزاب) ترجمو: توهانجي لاءِ الله جي رسول (صلي الله عليه وسلم) ۾ بهترين نمونو آهي. نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي قول، فعل ۽ پاڪيزه اخلاقن جو نالو سيرت طيبہ آهي. ام المؤمنين عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها فرمائي ٿي تہ كَانَ خُلُقُهُ الْقُرْآن يعني قرآن ڪريم ئي نبي صلي الله عليه وسلم جو اخلاق هو. قرآن ڪريم الله تعاليٰ جو مقدس ڪلام ۽ ڪتاب آهي، لهٰذا جنهن ذات اقدس جي اها وصف هجي اها يقيناً سڀني انسانن کان بهتر ۽ ڪامل آهي ۽ مخلوق جي محبت ۽ پيرويءَ جي سڀ کان وڌيڪ حقدار آهي. اها بي بها محبت هميشہ مسلمانن جي دل ۽ جان جو سرمايو رهي آهي.

آغاز اسلام کان ئي مسلمانن پنهنجي پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي سيرت مطهره ۽ اخلاق حسنہ تي تصنيف ۽ تدوين کي خاص اهميت ڏني آهي ۽ ان تي تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو هميشہ جاري رکيو آهي. جيئن جيئن اسلام جي روشني پکڙجندي رهي ۽ ماڻهو اسلام جي سعادت حاصل ڪندا رهيا، انهن ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جي زندگي ۽ حالتن کي معلوم ڪرڻ جي تڙپ وڌندي رهي، جنهن جي نتيجي ۾ صحابہ ڪرام سندن پاڪ زندگيءَ جي باري ۾ روايتون بيان ڪرڻ لڳا. ان طرح سيرت طيبہ تي قرآن ڪريم کانپوءِ حديثن جي صورت ۾ هڪ مستند ۽ قابل اعتماد ذخيرو ملڻ شروع ٿي ويو. جهڙيءَ طرح علم حديث، علم سيرت طيبہ جو بنيادي ۽ انتهائي قابل اعتماد ذريعو ۽ ماخذ آهي، اهڙيءَ طرح انکي پنهنجي دامن ۾ علم سيرت جي نشو و نما جو بہ شرف حاصل آهي. جهڙيءَ طرح ٻيا ڪئين اسلامي علم ۽ فن حديث جي اثر هيٺ آهستي آهستي وڌي مستقل علمن جي شڪل اختيار ڪندا ويا ۽ انهن جي الڳ سڃاڻپ ٿيندي وئي، اهڙيءَ طرح فن سيرت بہ نيٺ ان کان الڳ ٿي باقاعده هڪ فن جي صورت اختيار ڪئي.



Marfat.com

امير المؤمنين عمر بن عبدالعزيز جي خاص دلچسپي ۽ ڪوشش سان جيئن علم حديث جي تدوين ٿي، اهڙيءَ طرح سيرت ۽ مغازي جو فن بہ وجود ۾ آيو. عمر بن عبدالعزيز سيرت ۽ مغازي جي حفاظت خاطر هڪ طرف عاصم بن عمر بن قتاده انصاري المتوفي سنہ ۱۲۱ هہ کي جامع مسجد دمشق ۾ سيرت تي درس ڏيڻ جو حڪم ڏنو تہ ٻئي طرف امام محمد بن شهاب زهري المتوفي سنہ ۱۲۴ هہ کي مغازي تي ڪتاب لکڻ لاءِ چيائين. جيڪو جيئن حديث ۽ سنت جو امام هو تيئن سيرت ۽ مغازي جو وڏو پارکو هو. سندس شاگردن مان ٻن شخصن موسيٰ بن عقبہ تابعي المتوفي سنہ ۱۴۱ هہ ۽ محمد بن اسحاق المتوفي سنہ ۱۵۱ هہ هن فن ۾ انتهائي شهرت حاصل ڪئي. امام مالڪ، موسيٰ بن عقبہ جو شاگرد هو. اهو ماڻهن کي ترغيب ڏيندو هو تہ جنهن کي فن مغازي سکڻو هجي اهو موسيٰ کان سکي. ان متعلق امام ذهبيءَ جو چوڻ آهي تہ هو مغازي نبويہ جو ماهر هو. ان هڪ جلد ۾ مغازي جي تدوين ڪئي هئي ۽ اهو پهريون شخص هو جنهن هن عنوان تي لکيو هو (سير اعلام النبلاء ۱۱۴ / ۶).
امام محمد بن اسحاق مغازي تي لکندڙن جو امام آهي. سندس ڪتاب المغازي وڏي شهرت حاصل ڪئي. هن جي ڪتاب کي امام عبدالملڪ بن هشام المتوفي سنہ ۲۱۸ هہ، سنواري سينگاري اضافي سان مرتب ڪيو، جيڪو سيرت ابن هشام جي نالي سان مشهور آهي. علامہ عبدالرحمٰن السهيلي المتوفي سنہ ۵۸۱ هہ، الروض الانف جي نالي سان ان جي شرح لکي آهي. امام زهريءَ جو شاگرد هشام بن عروه المتوفي سنہ ۱۴۶ هہ مشهور ۽ معتبر محدث هو. پنهنجي پيءُ عروه ۽ امام زهريءَ کان حديث ۽ سيرت جون روايتون ڪندو آهي. هن جي قابل اعتماد شاگرد ٻي صديءَ جي امام ۽ محدث ابومعشر نجيح بن عبدالرحمٰن سنڌي المتوفي سنہ ۱۷۰ هہ کي بہ محمد بن اسحاق وانگر امام السير والمغازي سڏيو ويندو آهي. امام ابوبڪر خطيب بغدادي المغازي سنہ ۴۶۳ هہ، تاريخ بغداد ۳۲۶ / ۳ ۾ لکي ٿو تہ **وكان من اعلم الناس بالمغازي**: نجيح بن عبدالرحمٰن سنڌي سيرت ۽ مغازي ۾ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ ڄاڻو هو. امام ابوعبدالله محمد بن سعد بغدادي المتوفي سنہ ۲۳۰ هہ ڪتاب الطبقات لکيائين، جنهن جي ٻارهن جلدن مان پهريان ٻہ جلد نبي صلي الله عليه وسلم جي حالات تي مشتمل آهن. امام محمد بن عيسيٰ ترمذي المتوفي سنہ ۲۷۹ هہ سيرت تي الڳ ڪتاب الشمائل النبويہ لکيو. متاخرين ۾ حافظ عبدالمؤمن دمياطي المتوفي سنہ ۷۰۵ هہ **المختصر في سيرة سيد البشر** لکي. اندلس جي نامور عالم امام ابن حزم المتوفي سنہ ۴۵۶ هہ جوامع السيرة جي نالي سان نهايت مختصر مگر جامع ڪتاب لکيو. امام ابن سيد الناس المتوفي ۷۳۴ هہ **عيون الاثر في فنون المغازي والسير** لکيو. امام ابراهيم بن محمد المتوفي سنہ ۸۴۱ هہ **نور النبراس في سيرة ابن سيدالناس** جي نالي سان عيون الاثر جي نهايت محققانہ شرح لکي. علامہ شهاب الدين احمد بن محمد قسطلاني المتوفي سنہ ۹۲۳ هہ شارح بخاري **المواهب**



Marfat.com

**اللدنيہ** جي نالي سان مفصل ڪتاب لکيو. امام زرقاني المتوفي سنہ ١١٢٢ ھ **المواهب اللدنيہ** جي نهايت جامع ۽ محــقــقانہ شرح لکي. امام ابن عبدالبر المتوفي سنہ ٤٦٢ ھ **"الدرر في اختصار المغازي والسير"** لکي. قاضي عياض المتوفي سنہ ٥٤٤ ھ **"الشفاء بتعريف حقوق المصطفىٰ"** لکي. انهن کان علاوه امام ابن قيم المتوفي سنہ ٧٥١ ھ جو **"زاد المعاد من هدي خير العباد"**، حافظ ابن ڪثير المتوفي سنہ ٧٧٤ ھ جو **"السيرة النبويہ"**، امام مقريزي المتوفي سنہ ٨٤٥ ھ جو "امتاع الاسماع"، امام سليمان بن موسىٰ ڪلاعي اندلسي المتوفي سنہ ٦٣٤ ھ جو **"الاڪتفاء في مغازي رسول الله"**، علامہ محمد بن يوسف شامي المتوفي سنہ ٩٤٢ ھ جو **"سبل الهدي والرشاد في سيرت خيرالعباد"** (السيرة الشاميہ)، علامہ نورالدين حلبيءَ جو انسان العيون (السيرة الحلبيہ) وغيره فن سيرت ۾ اهم درجو رکن ٿا.

بعض عالمن فن سيرت تي منظوم ڪتاب لکيا. شيخ ابونصر فتح بن موسىٰ خضراوي المتوفي سنہ ٦٦٢ ھ، عبدالعزيز بن احمد المتوفي سنہ ٦٠٧ ھ ۽ ابواسحاق تلمساني المتوفي سيرت ابن هشام کي منظوم ڪيو، جيڪو علمي دنيا جو وڏو ڪارنامو هو. محمد بن ابراهيم المعروف بہ فتح الدين الشهيد المتوفي سنہ ٧٩٣ ھ ڏھہ هزار بيتن تي مشتمل سيرت لکي. حافظ ابن حجر عسقلاني المتوفي سنہ ٨٥٢ ھ جي استاد حافظ زين الدين عراقي المتوفي سنہ ٨٠٦ ھ نظم ۾ سيرت بنام الفيہ (هڪ هزار شعر) لکي. الشمس الباعوني الدمشقي المتوفي سنہ ٨٧١ ھ **"منحة اللبيب في سيرة الحبيب"** جي نالي سان، مغلطائي جي سيرت کي هزار بيتن ۾ نظم ڪيو آهي.

بعض عالمن سيرت جي مختلف پهلوئن تي مستقل ڪتاب لکيا، جيئن دلائل النبوة جي موضوع تي امام بيهقي المتوفي سنہ ٤٥٨ ھ ۽ امام ابونعيم اصفهاني المتوفي سنہ ٤٣٠ ھ جا ڪتاب مشهور آهن. ابوالقاسم البستي **"الدرر المنظم في المولد المعظم"** لکيو. نعلين تي ابواليمن عبدالصمد بن عبدالوهاب المتوفي سنہ ٦٨٦ ھ ڪتاب لکيو. نسب النبي تي طبراني المتوفي سنہ ٣٦٠ ھ ۽ ابن منده المتوفي سنہ ٣٩٥ ھ مستقل ڪتاب لکيا. ڪاتبن تي عبدالله بن علي بن احمد بن حديده **"المصباح المُضي في ڪتاب النبي"** لکيو. نبي صلي الله عليه وسلم جي خطبن تي ابواحمد العسال المتوفي سنہ ٢٨٢ ھ، ابوالشيخ المتوفي سنہ ٣٩٦ ھ ۽ ابن حبان المتوفي سنہ ٣٥٤ ھ ڪتاب لکيا. سنڌ جي عالم امام ابوجعفر محمد بن ابراهيم بن عبدالله ديبلي المتوفي سنہ ٣٢٢ ھ دعوت ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جي لکيل خطن کي **"مڪاتيب النبي صلي الله عليه وسلم"** جي نالي سان تاليف فرمايو.

سيرت النبي صلي الله عليه وسلم سان شغف هر دور ۾ جاري رهيو آهي. مسلمانن جي سيني اهم زبانن ۾ بي شمار ڪتاب تصنيف ڪيا ويا آهن. متاخر سنڌي عالمن ۾ جن سيرت



Marfat.com

طبـ جي فن ۾ قابل قدر ڪتاب تصنيف ڪيا، انهن ۾ علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي المتوفي سنہ ۱۱۷۴ هـ رحمة الله عليه جو نالو قابل ذڪر آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي دور جو هاڪارو عالم ۽ مصنف هو. وقت جو نامور قاضي، مشهور مدرس، شاعر، تصنيف و تاليف جي ميدان جو شهسوار هو. علم تفسير، حديث، فقه، سيرت، تصوف ۽ شعر و ادب ۾ پنهنجي وقت جو امام هو. زهد ۽ عبادت، تعليم ۽ تربيت، درس و تدريس، بدعتن جي بيخ ڪني، سنت نبوي ۽ شريعت جي نفاذ لاءِ پوري زندگي ڪوشان رهيو. سندس وقت ۾ برڪت ۽ قلم ۾ وڏي طاقت هئي. سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ سندس ٽن سون کان وڌيڪ ڪتاب لکيل آهن. اسلامي علم جو ڪو شعبو ۽ وقت جو ڪوبہ اهڙو مسئلو نہ هو، جنهن تي هن قلم نہ کنيو هجي. سندس تصنيف ۽ تاليف جو تحقيقي معيار تمام بلند ۽ متاهون آهي. وقت جي ضرورت آهي تہ مخدوم صاحب جي عربي ۽ فارسي ڪتابن جو سنڌي ترجمو ڪري سندس پيغام عام ڪجي ۽ سندس منظوم سنڌي ڪتابن کي نثر ۾ آڻي شايع ڪجي تہ جيئن سنڌي علم ۽ ادب ۾ واڌارو ٿئي. مخدوم ٺٽويءَ جي علم ۽ پيغام کي سمجهڻ ۾ آساني ۽ عام ماڻهن لاءِ رهنمائي ٿئي. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي علم ۽ عمل، شعر و ادب، تصنيف ۽ تاليف جو فيض اڄ تائين جاري آهي. مخدوم صاحب سيرت پاڪ تي سنڌي، عربي ۽ فارسي ۾ گهڻا ڪتاب لکيا آهن. جيتوڻيڪ سڀ ڪتاب تحقيق جي لحاظ کان ڀرپور آهن پر سندن عربي ڪتاب **"بذل القوة في حوادث سني النبوة"** جو معيار نهايت متاهون آهي. پنهنجي انداز ۽ نئين ترتيب جي لحاظ کان سيرت ۾ نئون موڙ ۽ اهڃاڻ آهي. سيرت جو هي ڪتاب وڏي تحقيقي انداز ۾ لکيو ويو آهي، جيڪڏهن ائين چئجي تہ عالم اسلام ۾ پنهنجي نهج جو هي منفرد ۽ اڪيلو ڪتاب آهي تہ ان ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو. سيرت ۽ مغازي تي مشتمل ڪتابن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي هن عظيم ڪتاب "بذل القوة" کي خاص امتياز حاصل آهي. مخدوم صاحب ڪتاب جي ترتيب ۽ تاليف ۾ قرآن شريف، احاديث ۽ سيرت نبوي جي اهم، ضخيم ۽ مستند ڪتابن ۽ ماخذن تان مواد اخذ ڪري، سيرت نبويءَ جو گلدستو جوڙيو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان دل ۽ دماغ کي سُڳنڌ ۽ سُرهاڻ ملي ٿي. اکين جي نور ۽ دل جي سرور ۾ اضافو ٿئي ٿو.

هي ڪتاب تحقيقي انداز ۾ لکيل ۽ سال وار واقعن تي مشتمل آهي، گويا اسلامي دنيا ۾ پنهنجي طرز تحرير ۽ انداز بيان ۾ بي مثل ڪتاب آهي. اڳتي هلي مخدوم صاحب هن ڪتاب "بذل القوة" جو اختصار ۽ نچوڙ **"فتح العلي في حوادث سني نبوة النبي"** نالي عربي ۾ لکيو، جنهن ۾ طالبن جي آساني خاطر نبي صلي الله عليه وسلم جي زندگي جا اهم واقعا چوندي لکيا. مطلب تہ سوانح ۽ سيرت نبويءَ بابت "بذل القوة" جهڙو بهترين، مستند، محبت ۽ تحقيقي انداز ۾ لکيل هي ڪتاب تارن ۾ چنڊ مثل روشن ۽ مشهور آهي.



Marfat.com

ڪتاب ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي. پهريون قسم هڪ باب تي مشتمل آهي، جنهن ۾ تيرهن فصل آهن. پهرئين قسم ۾ مڪي دور جون حالتون ۽ واقعا بيان ڪيل آهن. ٻيو قسم مدني دور تي مشتمل ۽ ٽن بابن ۾ ورهايل آهي. پهرئين باب ۾ اٺ فصل غزوات تي، ٻئي باب ۾ ڏهه فصل سرايا ۽ بعوث تي ۽ ٽئين باب ۾ يارهن فصل آهن جن ۾ ٻيا واقعات بيان ڪيل آهن.

هن ڪتاب ۾ انهن واقعن جو تاريخي ترتيب سان ذڪر آهي، جيڪي نبي صلي الله عليه وسلم جي ٽيويهه سالہ نبوت جي زندگي ۽ دور ۾ واقع ٿيا. ڪتاب ۾ آيل مواد جي سن وار فهرست ڏسڻ سان هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو تي سگهي ٿو ۽ سيرت پاڪ تي ترتيبوار ۽ يڪجا مواد جو خاڪو سامهون اچي ٻيهي ٿو.

سيرت النبي صلي الله عليه وسلم جي سلسلي ۾ وڏي ضرورت هئي تہ مخدوم صاحب جي اهڙي املهہ ماڻڪ ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ٻولي ۽ ديني ادب کي مالامال ڪيو وڃي. انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪري شڪارپور جي علمي علوي خاندان جي روشن ضمير محقق پروفيسر اسرار احمد علوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي هن بهترين عربي ڪتاب "بذل القوة" جو سنڌي ترجمو ڪري، مخدوم ٺٽوي جي فيض کي عام ڪري، سنڌي عوام جي رهنمائي ۽ ترجمي جو حق ادا ڪيو آهي.

پروفيسر علوي قديم ۽ جديد علم جو ڄاڻو، اهل دل، اهل قلم ۽ وڏو اديب آهي. وٽس بهترين لائبريري آهي. مترجم علوي صاحب ڪتاب جو سنڌي ترجمو تمام سليس، روان ۽ سهڻي پيرايہ ۾ ڪيو آهي گويا ترجمو نہ پر اصل ڪتاب جو گمان ٿئي ٿو. خاص ڳالهہ تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي "بذل القوة" ڪتاب ۾ جن ضخيم ۽ مستند ڪتابن نان مواد ورتو ۽ حوالا ڏنا آهن، مترجم علوي صاحب وڏي محنت ۽ عرق ريزي ڪري انهن ڪتابن ۽ حوالن جي تخريج ڪري ڪتاب کي شاندار بنايو آهي. تخريج سان گڏ پنهنجي طرفان ڪتاب ۾ تعليقات لکي ڪتاب کي وڌيڪ جامع ۽ مايہ دار ڪيو آهي. ڪتاب جي حاشيہ ۾ جابجا سوانح ۽ سيرت، تاريخ ۽ تحقيق ۽ علم و ادب جا موتي نظر اچن ٿا. انهن تحقيقي علمي موتين جي چمڪ سان جسم کي جامعيت، اکين کي ٺڌاڻ، دل کي سڪون ۽ روح کي راحت ملي ٿي.

دعا آهي تہ پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب، مخدوم صاحب جي هن ڪتاب وانگر پنهنجي خاندان جي وڏي بزرگ شاهہ فقير الله علوي شڪارپوري رحمة الله عليه جي عربي ۽ فارسي ڪتابن جو سليس ترجمو ڪري اهل سنڌ کي سندس فيض ۽ پيغام کان روشناس ڪندو.

**ڊاڪٽر ثناءُ الله ڀٽو**
چيئرمين شعبہ تقابل اديان و ثقافت اسلاميہ،
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو



Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ عَلٰي رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ وَبَعْدُ! سُبْحَانَکَ لَاعِلْمَ لَنَا اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا اِنَّکَ اَنْتَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ.

## سنڌ:

سڀاڳي ۽ سونهاري سنڌ جي تاريخ ايتري ئي آڳاٽي آهي، جيتري خود انسان ذات جي. ڇو جو سنڌ ۽ هند ٻئي ڀائر سيدنا نوح عليه السلام جا پوٽا هئا. (١) سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت دنيا جي ترقي يافته ۽ سڌريل تهذيب رهندي آئي آهي.

اسلام جي شروع ٿيڻ شرط ئي ان جون مقدس لاٽون ۽ نوراني ڪرڻا هن سرزمين تي پيا، جن سنڌ کي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان واسي ڇڏيو. ڇوجو تاريخ ٻڌائي ٿي ته سنڌ اها مقدس سرزمين آهي، جنهن کي خاتم الانبياء، خاتم المعصومين، سيد الرسل، مڪي، مدني، حجازي، هاشمي صلي الله عليه وسلم جن جي قدمبوسيءَ جو عظيم شرف ۽ سعادت مليل آهي. هن صديءَ جي بين الاقوامي دانشور ۽ اسلامي تاريخ جي ماهر ڊاڪٽر حميدالله (پيرس) رحمة الله عليه فرمايو آهي:

"نبوت ملڻ کان اڳ جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جزيرة العرب جي اپرندي ڪنارن تي لڳندڙ تجارتي ميلن (ميزن) ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ۽ هڪ سال پاڻ سونهارن صلي الله عليه وسلم اتان کان اڳتي سفر ڪري سنڌ جي ڪنهن ميلي ۾ شرڪت فرمائي. والله اعلم(٢). سنڌ کي اها سعادت به نصيب ٿيل آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زبان مبارڪ تي سنڌ ۽ سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو آيل آهي. اُهي لفظ مبارڪ هيءُ آهن: "ڪانه رجال من الزط" (٣) "جڻ ته اهو جتن جي مردن (قبيلن) مان هو." ٻيءَ روايت موجب رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجو خط مبارڪ، پنجن صحابن سڳورن هٿان سنڌ جي رهواسين ڏانهن موڪليو هو. انهن صحابن سڳورن جي هٿن تي سنڌين ڪلي عام اسلام آندو. (٤)

ان ڪانپوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زماني مبارڪ ۾ ته باقاعده طور تي صحابن سڳورن هن سرزمين کي پنهنجي فيض ۽ انوار سان رنگي ڇڏيو ۽ سنڌ عربستان سان مضبوط ۽ اڻ ٽٽ لاڳاپن جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي وئي. سنڌ ۾ آيل صحابن رضي الله عنهم جا نالا

---

(١) رجال السند والهند الي القرن السابع قاضي اطهر مبارڪپوري ج ١ ص ٣٤.

(٢) ڊاڪٽر اسرار احمد: استحڪام پاڪستان اور مسئله سندهه ص ٢٣.

(٣) امام بخاري: صحيح بخاري، ڪتاب الانبياء ج ١ ص ٤٨٩.

(٤) علامه سيوطي: جمع الجوامع بحواله خلافت راشده اور هندستان ص ٣٢.



Marfat.com

مبارڪ هي آهن:

(۱) حضرت حڪم بن ابي العاص رضي الله عنه (۲) حضرت حڪم بن عمر تعلبي رضي الله عنه (۳) حضرت خريت بن راشد السامي رضي الله عنه (۴) حضرت ربيع بن زياد الحارثي رضي الله عنه (۵) حضرت سنان بن سلمة بن المحبق الهذلي رضي الله عنه (٦) حضرت سهل بن عدي الانصاري رضي الله عنه (۷) حضرت صحار بن عباس العبدي رضي الله عنه (۸) حضرت عبدالله بن عبدالله انصاري رضي الله عنه (۹) حضرت عبيدالله بن معمر التيمي القرشي رضي الله عنه (۱۰) حضرت عثمان بن ابي العاص الثقفي رضي الله عنه (۱۱) حضرت عمير بن عثمان بن سعد رضي الله عنه (۱۲) حضرت مغيره بن ابي العاص رضي الله عنه فاتح ديبل (۱۳) حضرت منذر بن الجارود العبدي رضي الله عنه (۱۴) حضرت عاصم بن عمرو تميمي رضي الله عنهم اجمعين. (۱)

## سنڌي عالم

صحابن سڳورن ڪانپوءِ جڏهن علم حديث جي تدوين جو دور شروع ٿيو ته اتي ب اسانکي سنڌي عالم پاڻ ملهائيندي نظر اچن ٿا. "چون ٿا ته اهو پهريون شخص، جنهن (علم حديث ۾) باقاعدگي سان (فقهي) بابن جي طرز تي حديث جو ڪتاب لکيو، سو بصري جو امام ربيع بن صبيح سنڌي هو. (۲) ان ڪانسواءِ امام ابومعشر نجيح سنڌي، امام عبدالرحمٰن اوزاعي، بايزيد بسطاميءَ جو مرشد ابوعلي سنڌي، صحيح ابي بکر اسفرائني جو مصنف حافظ ابوبڪر سنڌي، "ڪتاب الزهد" جو مصنف امام عبدالله بن حسن سنڌي، اهو پهريون مصنف آهي، جنهن پنهنجي موضوع تي سڀ کان وڏو جامع ڪتاب لکيو آهي. امام مسعود بن شيبه سنڌي ۽ امام ابوالحسن ڪبير سنڌي وغيره اينترا ته گهڻا ۽ ايڏا ته وڏا عالم ٿي گذريا آهن، جن جي علمي ڪارنامن سان تاريخ جا سوين صفحا چمڪندڙ آهن. مطلب ته سنڌ ۽ سنڌي عالمن جي هڪ املهہ ۽ چمڪندڙ ٻهڪندڙ ۽ تازي تواني تاريخ آهي. سنڌ مان اسلام، علم، تفسير، حديث، فقه ۽ ٻين ديني علمن جا سرچشما جاري ٿيا، جن پري پري تائين ملڪن ۽ ماڻهن کي علم ۽ اسلام جي دولت سان آباد ڪري ڇڏيو.

## حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه

اها ته آڳاٽي سنڌ جي شاندار اسلامي عظمت هئي، پر جڏهن اسان ٻارهين صدي هجريءَ ۾ جهاتي پائي ڏسون ٿا ته اتي پڻ علم، ادب، تفسير، حديث، فقه، فتويٰ، قضاء، قرئت، احسان، تصوف ۽ بزرگيءَ جي آسمان تي لاڙ جو لعل، حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ چوڏهين جو چنڊ بڻجي چمڪندو نظر اچي ٿو. اسلامي تاريخ ۾ امام غزالي ۽ حافظ جلال الدين

---

(۱) بلاذري: فتوح البلدان ص ۴۲۰. قاضي اطهر: رجال السند والهند ج ۲ ص ۳۲٦ ـ ۳۴۸.

(۲) حاجي خليفه: ڪشف الظنون ج ۱ ص ٦۳۷. عسقلاني: تقريب التهذيب ج ۱ ص ۲۹۵.



Marfat.com

سيوطيءَ ڪانپوءِ جيڪو ديني ڪم ۽ اوڪا پنڌ پهاڙن جيان تصنيف ۽ تاليف جي اڙانگي ميدان ۾، ديني علمن جي هر فن ۽ شاخ تي، جيڪي املهه ڪتاب ڇڏيا آهن، سي شايد ئي ٻئي ڪنهن عالم سگوري لکيا هجن. ۽ **فقه حنفيءَ ۾ امام قاضي ابويوسف ڪانپوءِ مخدوم صاحب اهو پهريون حنفي عالم آهي جنهن کي "قاضي القضاة" جهڙي اهم ملڪي ۽ حڪومتي منصب تي ويهڻ جو اعزاز حاصل ٿيو.** هوڏانهن تصوف، احسان ۽ بزرگيءَ جي حوالي سان پاڻ شايد ٻارهين صدي هجريءَ جي اها واحد شخصيت آهن، جو جڏهن پاڻ مڪي جي دُرِ يتيم، مديني جي مير رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بارگاه اقدس ۾ صلاتن ۽ سلامن جو نذرانو پيش ڪيائون ته ڪيس روضه اطهر مان جواب مليو: "وعليڪم السلام اي محمد هاشم ٺٽي وارا!"

حضرت مخدوم صاحب ٺٽي ڪنڊ جي برک ديني عالم امام شاهه ولي الله جا همعصر آهن، ۽ علم ۽ عمل، تصوف ۽ بزرگيءَ ۾ به ڪانئس گهٽ هرگز ڪين هئا. پر جيئن چوندا آهن ته امام اوزاعي، امام ابوحنيفه ۽ امام مالڪ رحمهم الله جي پائي جو هو. "ولڪن ضيعه التلامذة" پر ڪيس ڪارائتا شاگرد ملي نه سگهيا، جيڪي سندس علم ۽ فيض کي پکيڙن. شايد ساڳيءَ طرح اسان سنڌين به پنهنجي هيڏي ساري عالم جو قدر نه ڪيو جو اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي دور ۾ به اسان ڀيو ته نهيو پر مخدوم صاحب جي ڪتابن کي به ڇاپي نه سگهيا آهيون. اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ اِلَي اللهِ، جڏهن ته هندستانين نه رڳو شاهه صاحب جا ڪتاب ڇپرايا، بلڪ انهن جا شرح شروح ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجما ڪري ڪيس بين الاقوامي فيلسوف ۽ دانشور جي حيثيت ونرائي. نتيجي طور اڄ اهو امام شاهه ولي الله طور جڳ مشهور آهي.

## بذل القوة

حضرت مخدوم صاحب جي ڪتابن ۾ بذل القوة کي سيرت جي موضوع تي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. مخدوم صاحب اسلامي تاريخ جو اهو پهريون نرالو نانءُ آهي، جنهن سيرت پاڪ جي موضوع تي جيءَ جي جرڪندڙ جذبن سان نئين ۽ نڪور انداز ۾ سن وار تاريخ لکي. هيءُ ڪتاب ڇا آهي؟ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سڄي حياتي مبارڪ جي هر ننڍي وڏي واقعي، علم ۽ ڄاڻ جو هڪ خزينو ۽ سيرت جو مڪمل انسائيڪلو پيڊيا آهي. اهڙو عظيم ڪتاب جنهن محنت، تحقيق، ۽ جديد رنگ ڍنگ سان توجه جو حقدار هو، سنڌ واسين کان سا توجه ان کي حاصل ٿي نه سگهي هئي.

پر وري به لک شاباسون هجن شڪارپور جي علمي ۽ بزرگ خاندان جي چشم و چراغ، ديني علم ۽ سنڌي ادب جي سچي پر خاموش خادم پروفيسر سائين اسرار احمد صاحب علوي کي، جو مخدوم صاحب جي هن معرڪة الآراء ڪتاب کي اڄ جي جديد تحقيقي معيار موجب سنڌي ترجمي، تحقيق، تخريج ۽ تقديم سان سنواري سينگاري هڪ خوبصورت سوکڙيءَ جي



Marfat.com

صورت ۾ اسان سنڌواسين کي پيش ڪري رهيا آهن. بنا ڪنهن وڌاءَ جي چئي سگهجي ٿو ته بذل القوة جي لکجڻ کان وٺي هن مهل تائين ان جو اهڙو معياري، تحقيقي ۽ سولو سلوڻو ترجمو يا شرح منظرعام تي اچي نه سگهيو آهي. احقر راقم هن ڪتاب جو سرسري مطالعو ڪيو آهي، جنهن سان هن ڪتاب جون جيڪي خوبيون نکري نروار ٿيون، سي پيارن پڙهندڙن جي آڏو مختصر نموني عرض ڪجن ٿيون:

**(۱) ترجمو:** فاضل مترجم عربي ٻوليءَ کي سنڌي زبان جو اهڙو ته سولو ۽ سهنجو ويس پهرايو آهي، جو اها خبر نٿي پوي ته هيءَ ترجمو آهي يا اصل ڪتاب.

**(۲) تقديم:** منڍ ۾ هڪ شاندار علمي ۽ تحقيقي مقدمو، جنهن سان سيرت پاڪ جو موضوع، حضرت مخدوم صاحب جي سوانح حيات ۽ بذل القوة جو سيرت جي موضوع تي مرتبو ۽ مقام چٽو ٿيو پوي.

**(۳) اصطلاح:** اصل عربي ڪتاب ۾ آيل اصطلاحن جو اصلي بڻ بنياد اهڙي ته دلچسپ انداز سان بيان ڪيو ويو آهي، جو هر سطح جو ماڻهو نهايت سولائي سان ان جو مطلب سمجهي وڃي.

**(۴) لغت:** ڏکين عربي لفظن جي لفظي ۽ لغوي تحقيق ۽ چنڊڇاڻ اهڙي ته مدلل نموني سان ڪئي اٿس، جو لغت جي بنيادي ماخذن کي کولڻ ۽ ڳولهڻ جي تڪليف کان بچائي وڌو اٿس.

**(۵) اماڪن:** جتي به ڪنهن ماڳ، مڪان، جاءِ، ڪوهه، چشمي، ڳوٺ ۽ شهر وغيره جو نالو آيل آهي، ان جي پڙهندڙن جي آڏو اهڙي ته پيرائتي ڄاڻ رکن ٿا، جو اهو خود محسوس ڪندو ته آئون چڻ ته ان ماڳ ۽ مڪان کي اکين سان ڏسي رهيو آهيان. تنهنڪري علوي صاحب حجاز جي مقدس سرزمين جي سفر ۾ اسانکي ساڻ ڪنيو پيو وتي.

**(٦) اعلام:** عربي ڪتاب ۾ جنهن به صحابي سڳوري، تابعي، تبع تابعي، مفسر، محدث، سيرت نگار يا ڪنهن به شخص جو نالو آيو آهي، ڪوتا سسٽم جي اصول موجب ان شخص جي حيثيت ۽ مرتبي آهر سندس سوانح، ڪارناما، ڄمڻ ۽ وفات وغيره جي تاريخ ڏين ٿا. اهڙيءَ طرح هيءَ ڪتاب سيرت سان گڏ علم "اسماء الرجال" جو هڪ خوبصورت ڳٽڪو ٿي پيو آهي. سو به وري هر ڳالهه مدلل ۽ ان جا اکيچار حوالا.

**(۷) تحقيق، تخريج ۽ شرح:** مخدوم صاحب، جن ڪتابن تان مواد ورتو هو، تنهن زماني جي رواج موجب رڳو ڪتاب جو نالو لکيو اٿس، سائين علوي صاحب اڄ جي تحقيقي انداز موجب نه رڳو ان ڪتاب جو مڪمل حوالو، بلڪ بين بنيادي ماخذن تان به حوالا نقل ڪري ان واقعي وغيره بابت هڪ جامع معلومات سهيڙي آهي.

**(۸) مدلل رهنمائي:** جنهن به شخص، ماڳ، واقعي ۽ قصي بابت ڄاڻ ڏين ٿا ته آخر ۾



Marfat.com

پڙهندڙن جي آڏو ان سان لاڳاپيل مواد جي نشاندهي ڪندي ڏگ ۽ ڏير حوالا رکن ٿا، تہ جيئن وڌيڪ تحقيق، ڇاڻ ۽ مطالعي جا شوقين حضرات نهايت سولائي سان پنهنجو گوهر مقصود ماڻي سگهن.

**(۹) تخريج:** اصل ڪتاب ۾ آندل، هر حديث، هر قول ۽ شعر وغيره جي ڇنڊڇاڻ ڪن ٿا تہ هيءَ حديث ڪهڙي درجي جي آهي ۽ ڪهڙن ڪهڙن ڪتابن ۾ آيل آهي، يا اهو قول ۽ شعر وغيره ڪنهن جو آهي، مدلل ۽ حوالن سان اها حديث وغيره لکن ٿا.

**(۱۰) رحمة للعالمين ﷺ جن جي ڪافرن سان ڪيل لڙاين جا تفصيل:** جديد سائنٽيفڪ انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن، جهڙوڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ۲۸ غزوات جو هڪ مڪمل چارٽ ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ غزوه جو نالو، مقصد، لڙائي جو ماڳ، مسلمانن جو تعداد، تاريخ، مديني منوره ۾ جانشين، نتيجو جا عنوان ڏئي اسان جي آڏو قيمتي معلومات رکي اٿن. اهڙيءَ طرح ۵۴ سرايا جو چارٽ آهي. هيءُ چارٽ هر مجاهد مسلمان جو زاد راهہ آهي. منهنجي خيال موجب هن چارٽ کي وڏي اشتهار جي صورت ۾ ڇپائي هر مسلمان گهر جي زينت بڻائجي. تلک عشرة ڪاملة.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ سائين علوي صاحب پاران پيار ۽ پابوهہ، ادب ۽ احترام، اخلاص ۽ احسان سان ڪيل هيءُ پورهيو سيني مسلمانن لاءِ لاڀائتو بڻجي ۽ هن ڪتاب سان سنڌ ۾ هدايت ۽ نور جون لاٽون ۽ واٽون ڪلن. ۽ پڻ دعا آهي تہ الله تعاليٰ علم جي هن سچي خادم کي علم، عمل صالح، احسان ۽ اخلاص جي دولت سان مالامال فرمائي ۽ اسان سيني کي پنهنجي رضا جي ڪمن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اللهم آمين.

احقر العباد

**محمد رمضان ڦلپوٽو عفي عنه الرحمٰن**

استاذ

مدرسہ عربيہ مظهر العلوم حماديہ ڪهڙا

تعلقو گمبٽ، ضلعو خيرپور

۱۳ رجب المرجب ۱۴۲۴ هہ

۱۱ سيپٽمبر ۲۰۰۳ ع

بکرة يوم الخميس



Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# تقديم

اَلْحَمْدُ لِلهِ الذي زين سماء الاذكار، بالصلاة علي النبيِّ المختَارِ، وأطلَعَ مِنْ سَنا أنوارِها مَطْلَعَ الشمُوس والأقمار، وابرز من عُروشِ أزاهر نَشْرها أَرِيجَ الطِّيب والأَزْهَارِ، وجعلها وسيلة معينة لِقضَاء الأوطارِ وشفاءِ الأعرار ومَحْوِ الذُّنوبِ والأوزار، وأشهدُ أن لا إله الا اللهّ وَحْدَه لاشريك له الواحدُ القهار رب السمٰوٰتِ والأرضِ وما بينَهما العزيزُ الغَفَّار وأشهدُ أن سيِّدنا و مولانا محمداً عبدُه ورَسُولُه كنزُالادِّخار والمبعوثُ بالبِشَارة والإنذارِ لكل فاجِرٍ و بارِّ صلي الله عليه وعلي آلِه وصحبِه صلاة دائمة التكرارِ، تدُومُ بدَوَامِ الليلِ والنهارِ، والعَشِيِّ والإبكارِ، وسلم تَسليماً كثيراً.

## نبوت ۽ ان جي ضرورت

ساري ساراه الله واحد کي جڳائي، جنهن جهانن جي جوڙ جوڙي ۽ لکين صلواتون ۽ درود منڙي محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم مٿان پڙهجن جيڪي جهانن جي رحمت، اسانجا هادي ۽ رهبر آهن. اما بعد:

ڪائنات جي خالق هن دنيا ۾ جيڪا به مخلوق پيدا ڪئي آهي، ان ۾ سڀ کان وڌيڪ شان ۽ شرف وارو حضرت انسان آهي، جنهنکري الله تعاليٰ ان کي هن زمين تي پنهنجو نائب مقرر ڪيو. ان لاءِ کيس عقل ۽ فهم، زبان توڙي بيان جي نعمتن سان نوازيو ته جيئن هو پنهنجي ڳالهه ٻين تائين پهچائي ۽ سمجهائي سگهي. هاڻي جيڪو انسان الله تعاليٰ کي پنهنجو خالق ۽ مالڪ سمجهي ٿو ته ان کي ان ڳالهه ۾ به ويساهه رکڻ کپي، ته دنيا ۾ ڪو به نائب پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي گذارڻ جو اختيار نه رکندو آهي پر هو پنهنجي آقا طرفان مليل حڪمن مطابق هلڻ جو پابند هوندو آهي ۽ ان ۾ ئي سندس لاءِ ڀلائي ۽ برڪت هوندي آهي.

الله تعاليٰ طرفان پنهنجي سيني ٻانهن ڏانهن اهڙا احڪام پهچائڻ لاءِ هر دور ۾، هر علائقي ۾ ۽ هر قوم ڏانهن هادي ۽ رهبر ايندا رهيا آهن، جن کي عام اصطلاح ۾ نبي يا رسول سڏيو ويندو آهي، جيڪي پنهنجي فطرت ۾ معصوم هوندا آهن ۽ دنيا وارن کي بنا ڪنهن غرض ۽ لالچ، اجر ۽ معاوضي جي ان سڌي رستي تي هلڻ جي دعوت ڏيندا آهن، جنهن تي هلڻ وارا دنيا توڙي آخرت جون ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون حاصل ڪري سگهن ٿا پر سڀ کان پهريان اهي داعي ان دعوت تي پاڻ مڪمل طور عمل ڪندا آهن ۽ پوءِ ٻين ڏانهن متوجه ٿيندا آهن.



Marfat.com

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ گهڻي ڀاڱي الله جي حڪم مطابق انهن حق جي هوڪي ڏيڻ وارن کي اڪثريت طرفان ڏاڍي ڏکي موت ملنديَ آهي، جڏهن تہ ڪي ٿورڙا شخص ئي سندن تائيد لاءِ بہ تيار ٿيندا آهن. پوءِ جيڪو انسان ان هادي ۽ سندس هدايت کي رهنما بڻائي زندگي گذاريندو تہ کيس دنيا توڙي آخرت ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي پر جيڪو شخص ان فطري هدايت کان منهن موڙي زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اهو ٻنهي جهانن ۾ پنهنجي زندگيءَ جو حقيقي مقصد حاصل ڪري نہ سگهندو.

اها حقيقت آهي تہ انسان صدين تائين جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪري هن ڪائنات ۾ زمين، آسمان، چنڊ، ستارن، مختلف سيارن، سمنڊن، هوائن ۽ فضائن بابت تمام وسيع پيماني تي يقيني علم حاصل ڪري چڪو آهي ۽ انهيءَ علم توڙي ان جي نتيجي ۾ حاصل ڄاڻ جي بنياد تي هن جيڪي هوشربا ايجادون ڪيون آهن، انهن سندس اعتماد ۾ تمام گهڻي پختگي پيدا ڪئي آهي پر پوءِ بہ خود پنهنجي ذات بابت انساني علم نهايت محدود ۽ اڌورو آهي. بي پناهہ سائنسي ايجادون ۽ آسائشون جيئڻ وڌنديون رهيون آهن، تيئن انسان جي پريشانين ۾ بہ اضافو ٿيندو رهيو آهي ۽ موجوده دور ۾ تہ وڏيڪ ترقي يافتہ ملڪن جا ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کي جيترو غير محفوظ هاڻي سمجهي رهيا آهن اوترو شايد ڪڏهن بہ نہ سمجهندا هئا. ٻيو تہ ڇڏيو پر جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ماهر ملڪن جا حڪمران پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي گهرن ۾ پاڻ کي غير محفوظ تصور ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري ڪڏهن تہ هو پنهنجي محلاتن جا بيڊروم ڇڏي، ڪن خفيہ جاين تي وڃي راتيون گذارين ٿا. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماڻهن کي گهرن اندر رهڻ جي هدايت ڪن ٿا تہ ڪڏهن وري بنا پروگرام جي ڪنهن اڻ ڄاتل خوف کان ڊڄي پنهنجي شهرن جا اسڪول ۽ آفيسون وغيره ڪين بند ڪرڻا پون ٿا يعنيٰ اهي ڪمپيوٽرائزڊ سيڪيورٽي نيٽ ورڪ ۽ بابو واچ سسٽم سندن ئي نظر ۾ هيچ ۽ ناڪافي ٿيو پون؛ جڏهن تہ دنيا جي هڪ عام اصول مطابق هڪ عام ماڻهو بہ پنهنجي گهر ۾ ئي پاڻ کي وڌيڪ محفوظ سمجهندو آهي، پوءِ اها کهڙي ترقي ڇنجي جو دنيا جي هڪ وڏي حصي کي پنهنجي مرضي مطابق هلائڻ وارا پنهنجن گهرن ۾ پنهنجي مرضي مطابق نہ رهي سگهن؟ هڪ دائمي بي اطميناني انسانيت مٿان مسلط آهي، جنهن کان نجات جو ڪو ذريعو نظر نٿو اچي. اهو ان ڳالهہ جو ڪليل ثبوت آهي تہ الله تعاليٰ جي ڏسيل وات ۽ نبين طرفان ٻڌايل پيغام کان منهن موڙي انسان صرف پنهنجي عقل تي اعتبار ڪري زندگيءَ جو حقيقي مقصد ڪڏهن بہ حاصل ڪري نہ سگهندو، ڇو تہ جتي عقل جي حد ختم ٿئي ٿي اتان نبوت جي سرحد شروع ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي تہ الله تعاليٰ اهڙن پتڪيل انسانن جي رهنمائيءَ لاءِ نبوت ۽ رسالت جو سلسلو شروع ڪيو.



Marfat.com

## نبوت جو آغاز ۽ تڪميل

اسانجي ديني نظريي مطابق ان سلسلي جو آغاز دنيا جي پهرين انسان حضرت آدم عليه السلام کان ٿيو ۽ اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جن جي ذات بابرڪات تي اچي ختم ۽ ٿيو ته مڪمل ٿيو.

هاڻي الله تعاليٰ جڏهن پنهنجي دين کي به مڪمل ڪيو ۽ نبوت جي سلسلي جي به تڪميل ڪري ڇڏي ته پوءِ قيامت تائين نه ڪنهن ٻي دين جي ضرورت رهي نه ڪنهن نبيءَ يا رسول جي.

ان مان ثابت ٿئي ٿو ته نبي ڪريم ﷺ جن جو پيغام ۽ سيرت دنيا جي هر انسان لاءِ زندگيءَ گذارڻ جو هڪ اهڙو جامع ۽ مڪمل منشور آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ وارو هر انسان دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون حاصل ڪري سگهندو ۽ اهو منشور دنيا جي آخري انسان تائين ڪارگر ۽ ڪارآمد رهندو. تڏهن ته امام ابن شهاب زهريءَ ٻڌايو آهي ته "پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي مغازيءَ ۾ دنيا توڙي آخرت جو هر علم موجود آهي". [١]

## لفظ سيرت. ان جي معنيٰ ۽ استعمال

سيرة عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جو مادو "سارَ" ٻڌايو ويو آهي ۽ ان مان "سيرة" کانسواءِ سَيراً، تسياراً، مَسَاراً، مَسيره وغيره لفظ به ڦٽي نڪتا آهن. [٢]

سيرة جو جمع سِيرَ آهي، جهڙيءَ طرح سِدرَه جو جمع سِدَر ٿئي ٿو.

معنيٰ: ـ ابن منظور افريقيءَ لغت جي شهره آفاق ڪتاب "لسان العرب" ۾ لفظ "سيرة" جي معنيٰ هلڻ، گهمڻ، ڦرڻ ٻڌائي آهي. [٣] جڏهن ته سيد مرتضيٰ زبيديءَ طرفان هن لفظ جي معنيٰ هيئت ۽ حالت وغيره به ٻڌائي وئي آهي. [٤] اهڙيءَ ريت "لاروس" جي مصنف وري "سيرة" جي معنيٰ مذهب ۽ طريقو به لکي آهي. [٥]

مختلف لغوي ۽ دائرة المعارف جا مقاله نگار مٿين معنائن سان گڏ هن لفظ جون ٻيون به ڪيتريون ئي معنائون ٻڌائين ٿا جيئن ته وجڻ، روانو ٿيڻ، سنت، ڪردار، ڪهاڻي، گذريل هستين جا قصا يا انهن بابت خبرون، وغيره. [٦]

قرآن شريف ۾ به هڪ جاءِ تي لفظ "سيرة" پنهنجي لغوي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي،

(١) بحواله مقدمه "المواهب اللدنيه" صالح شامي، ج ١ ص ٨.

(٢) المعجم الوسيط ابراهيم مصطفيٰ، احمد حسن زيات وغيره ص ٤٦٧.

(٣) لسان العرب "ابن منظور" ج ٦ ص ٤٥٥.

(٤) تاج العروس سيد مرتضيٰ زبيدي ج ١٢ ص ١١٧.

(٥) لاروس ڊاڪٽر خليل ص ٦٨٨.

(٦) دائرة المعارف القرن العشرين محمد فريد وجدي ج ٥ ص ٣٤٦. دائرة المعارف (اردو) ج ١١ ص ٥٠٥. دائرة المعارف (عربي) بطرس بستاني ج ١١ ص ٣٠٧.



Marfat.com

جڏهن فرعون جي دربار ۾ الله تعاليٰ سيدنا موسيٰ عليه السلام کي حکم ڏنو ته هو پنهنجي لٺ کي اڇلائي ۽ پوءِ اهـا لٺ نانگ ٿي پـجڻ لڳي، ان موقعي تي الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام کي لٺ ۾ هٿ وجهڻ جو حکم ڏنو ۽ فرمايائين: **سَنُعِيْدُهَا سِيْرَتَـهَا الْاُوْلٰي** (١) ته اسان ان کي موٽائينداسون سندس اصلوکي حالت ۾.

ان جاءِ تي سيرة جو لفظ "حالت" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي، اهڙي ريت ساڳئي مادي مان نڪتل هڪ ٻيو لفظ "سيرو" امر جي حالت ۾ به قرآن مجيد ۾ ڪن جاين تي آيل آهي، جيئن: **سِيْرُوْا فِـي الْاَرْضِ** (٢) هتي اهو لفظ گهمڻ ڦرڻ يا ڏسڻ وائسڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي.

لغت جي هڪ ٻئي ڪتاب "اَلْمُغرَب" ۾ ڄاڻايل آهي ته لفظ سيرت عام طور غزوات ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين ڳالهين تي لاڳو ٿئي ٿو پر مناسڪ حج کي به ان ۾ شامل ڪيو ويو آهي. (٣)

فقه جي اصطلاح ۾ وري اهو لفظ بين الاقوامي قانون لاءِ به استعمال ٿئي ٿو، انڪري امام محمد بن حسن شيبانيءَ جي اهڙي موضوع وارن ڪتابن کي "السير الصغير" ۽ "السير الڪبير" جو نالو ڏنو ويو آهي.

مٿين بحث مان خبر پوي ٿي ته لفظ سيرة جون لغوين، فقيهن ۽ قانون دانن طرفان نه فقط مختلف معنائون ٻڌايون ويون آهن پر مختلف علومن تي ان لفظ جو اطلاق به ڪيو ويو آهي. باقي سندن اهو ڪم مخصوص ۽ محدود دائري اندر ٿيل آهي. جڏهن ته ان لفظ جو وسيع استعمال مؤرخن، محدثين، سيرت نگارن ۽ اسماء الرجال جي ماهرن وٽ ئي نظر اچي ٿو.

## مغازي کان سيرت تائين

ابتدائي دور ۾ سيرت نگارن پاران اسان جي نبي سڳوري ﷺ جي زندگيءَ بابت لکيل ڪتابن کي مغازي سڏيو ويندو هو. اهو لفظ "غزوه" مان نڪتل آهي. هاڻي جيئن ته ان دور جي لکيل ڪتابن ۾ گهڻي ڀاڱي "غزوات" جو احوال ئي بيان ڪيو ويندو هو، انڪري اهڙن ڪتابن لاءِ اهو نالو مناسب سمجهيو ويو. پر پوءِ اڳتي هلي ان قسم جي ڪتابن ۾ غزوات سان گڏوگڏ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل ٻيا واقعا به بيان ٿيڻ لڳا، پر پوءِ به عام طور اهڙن ڪتابن کي مغازيءَ جي نالي پنيان ئي سڏيو ويندو هو، جيئن مغازي عروه ابن زبير، مغازي ابن شهاب زهري، مغازي ابن ابي شيبه وغيره، جڏهن ته سيرة جو لفظ گهٽ پوءِ استعمال ٿيو.

ان ڳالهه ۾ محققن ۽ نقادن جو اختلاف رهيو آهي ته اهو لفظ سڀ کان پهريان ڪڏهن استعمال ٿيو؟ ان ڏس ۾ اڪثريت جي راءِ اها آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ بابت

(١) سوره طه آيت ٢١ پاره ١٦.

(٢) سوره الانعام ١١، پاره ٧.

(٣) بحواله دائرة المعارف (اردو) ج ١ ص ٥٠٦.



Marfat.com

لکيل ڪتابن لاءِ مغازيءِ سان گڏوگڏ لفظ سيرة جو استعمال ٻي صدي هجريءَ تائين رائج ٿي چڪو هو. اسان قديم ڪتابن مان عام طور ابن اسحاق جي ڪتاب کي "سيرة" سڏيندا آهيون پر حقيقت ۾ ان ڪتاب جو نالو "ڪتاب المبتدا والمبعث والمغازي" آهي، نڪي "سيرة ابن اسحاق".

هن دور جي عظيم عالم ۽ مجيل محقق ڊاڪٽر حميدالله مرحوم طرفان بہ هن ڪتاب جو اهڙو ئي نالو ٻڌايو ويو آهي.

ڪن محققن ۽ نقادن جو اهو بہ خيال آهي تہ سڀ کان پهريان ابن هشام (٢١٨ هہ) پنهنجي ڪتاب لاءِ سيرة جو لفظ استعمال ڪيو هو. منهنجي راءِ مطابق اها ڳالهہ بہ صحيح نہ آهي، ڇو تہ ابن هشام کان اٽڪل هڪ صدي اڳ بہ ان لفظ جي استعمال جا اهڃاڻ اسان کي ملن ٿا.

ٻي صدي هجريءَ جو مشهور سيرت نگار سليمان بن طرخان تيمي (١٤٣) "السيرة الصحيحة" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو هو، ان ڪتاب جا سنهتر ٧٧ صفحا مشهور مستشرق "فان ڪريمر" کي هٿ آيا هئا، جنهن ١١٥٦ع ڌاري پهريون ڀيرو جڏهن واقديءَ جي ڪتاب المغازيءَ جو هڪ نامڪمل نسخو ڪلڪتي مان شايع ڪرايو تہ ان جي پويان ابن طرخان جي هن ناياب ڪتاب جا سنهتر صفحا بہ ڇپرايا هئائين. (١)

سن ٻي صديءَ ڌاري هڪ ٻئي ٻي بدل عالم ۽ محدث ابو اسحاق فزاريءَ (١٨٦ هہ) بہ "ڪتاب السير" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو هو، جيڪو ١٩٧٨ع ڌاري بيروت مان شايع ٿيو. هن ڪتاب بابت امام شافعي فرمايو هو: "سيرت جي موضوع تي ابواسحاق جهڙو ڪتاب ڪنهن ٻئي شخص نہ لکيو آهي." (٢)

ان کان علاوه ابن نديم پنهنجي مشهور ڪتاب "الفهرست" ۾ محمد بن عمر واقديءَ جي ڪتابن جي جيڪا فهرست ڏني آهي، ان ۾ "ڪتاب السيرة" نالي سندس هڪ تصنيف جو بہ ذڪر ڪيو اٿس، جيڪو "ڪتاب المغازي" کان جدا هڪ ٻيو ڪتاب آهي. (٣) پر جيئن تہ اهي ڪتاب ڪجهہ سال اڳ تائين عوام جي هٿن ۾ نہ پهتا هئا ۽ "سيرة ابن هشام" پهريون ڪتاب هو، جيڪو سڀ کان اڳ هر هنڌ پهچي چڪو هو، انڪري ان کي اهو پهريون ڪتاب سمجهيو ويو جنهن جو نالو مغازيءَ بدران "سيرة" هو پر حقيقت ائين نہ هئي!

سن ٽين صدي هجريءَ ڌاري اسان جي محدثن وٽ بہ اسان کي ان لفظ جو استعمال نظر اچي ٿو، جيئن امام مسلم پنهنجي صحيح ۾ سرور عالم ﷺ جن جي جهادي ڪارروائين واري باب جو عنوان "ڪتاب السير والجهاد" مقرر ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح امام ابن حجر

(١) سيرة سيد الانام (ﷺ) ڊاڪٽر سيد جعفر مصطفي ج ١ ص ٧٢.
(٢) ڪتاب السير "ابواسحاق" ص ٣.
(٣) الفهرست "ابن نديم" ص ١٢٨.



Marfat.com

عسقلانيءَ طرفان "فتح الباري" ۾ اهڙي ئي باب کي "ڪتاب المغازي والسير" جو عنوان ڏنو آهي، ۽ پوءِ آهستي آهستي وقت گذرڻ سان گڏ اهو لفظ ايترو تہ مقبول ۽ معروف ٿي ويو جو لفظ مغازيءَ جو استعمال گهٽجي ويو. اسان جي ڪجهہ عالمن وري "سيرت" جي لفظ کي اجان بہ وسيع معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهيٰ، جيئن سيرت جي تعريف برصغير جي مشهور عالم، فقيہ ۽ محدث شاه عبدالعزيز دهلويءَ ڪئي آهي تہ "جيڪي ڪجهہ اسانجي پياري پيغمبر ﷺ، صحابي سڳورن ۽ سندن آل عظام جي مبارڪ وجود بابت لکيو وڃي يا پاڻ سڳورن ﷺ جن جي جمڻ کان وني وصال تائين واقعات بيان ڪيا وڃن، ان کي سيرت چيو ويندو آهي." (١)

اهوئي سبب آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن سرور عالم ﷺ جن کان علاوه صحابي سڳورن يا ٻين نيڪ هستين بابت لکيل ڪتابن کي بہ سيرة سڏيو ويندو آهي، جيئن تہ سير الصحابہ، سيرة عائشہ ۽ سيرة نعمان وغيره پر پوءِ بہ مطلق سيرة صرف نبي اڪرم ﷺ جن جي احوال کي ئي سڏيو ويندو ۽ هاڻي تہ اهو لفظ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي زندگيءَ لاءِ ئي خاص ٿي چڪو آهي.

## نبي سائين ﷺ جن جي زندگي ۽ قرآن

الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي زندگيءَ کي "اسوه" سڏيو آهي.

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُوْلِ اللهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (٢)

**ترجمو:** بيشڪ اوهان جي لاءِ خدا جي رسول (ﷺ) جي ذات ۾ هڪ بهترين نمونو آهي.

لفظ اسوه جي عام معنيٰ تہ طريقو يا نمونو ئي آهي پر هن لفظ جي معنيٰ راغب اصفهانيءَ پنهنجي مشهور ڪتاب "مفردات" ۾ هن ريت بيان ڪئي آهي:

"اسوه انسان جي ان حالت کي چيو ويندو آهي، جيڪا هو ڪنهن ٻئي انسان جي پيروي ڪندي اختيار ڪري، پوءِ اها حالت ڀلي هجي يا بري. (٣)

ان مان معلوم ٿيو تہ لفظ "اسوه" ۾ پاڻ مرادو "پيرويءَ" جو مفهوم پوشيده آهي. هاڻي وري جڏهن ان سان حسنة جي صفت کي بہ جوڙيو ويو تہ پوءِ چڻ ان اسوه جي پيرويءَ جي تاڪيد ڪئي ويئي، ان ڪري هاڻي انسانن لاءِ اها پيروي لازمي ۽ ضروري ٿي پيئي.

مٿينءَ آيت ڪانسواءِ قرآن پاڪ ۾ ٻين جاين تي بہ اهڙا حڪم ڏنا ويا آهن، جن مان پروڙ

(١) عجالہ نافعہ (فارسي) شاه عبدالعزيز دهلوي ص ١۴.

(٢) سورة الاحزاب آيت ٢١ پاره ٢٢.

(٣) مفردات الفاظ القرآن ابوالقاسم راغب اصفهاني ص ١۴٠.



Marfat.com

پوي ٿي تہ نبي سڳوري ﷺ جن جي پيروي انسان لاءِ ڪو اختياري معاملو نہ پر الله تعاليٰ جو واضح حڪم آهي، جنهن تي عمل نہ ڪرڻ وارو گناهگار ۽ نافرمان ليکيو ويندو، ڇو تہ الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوْا اللهَ وَ اَطِيْعُوْا الرَّسُوْلَ (١)

**ترجمو:** فرمانبرداري ڪيو الله جي ۽ فرمانبرداري ڪيو الله جي رسول (ﷺ) جي.

هڪ ٻيءَ جاءِ تي وري سورة النساء جي آيت ٨٠ ۾ تہ هينئن بہ ٻڌايو ويو آهي.

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللهَ

**ترجمو:** جنهن فرمانبرداري ڪئي رسول (ﷺ) جي تہ ڄڻ هن فرمانبرداري ڪئي الله جي.

مطلب تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي اطاعت خود الله تعاليٰ جي اطاعت آهي. اِن مان اِها ڳالهہ صاف ظاهر ٿئي ٿي تہ نبيءَ ﷺ جي اطاعت ڪرڻ مؤمنن مٿان ائين ئي فرض آهي، جيئن خود الله تعاليٰ جي اطاعت فرض آهي. ڇو تہ نبيءَ جو ڪوبہ ڪم الله جي حڪمن جي مخالف نہ پر عين مطابق هوندو آهي.

انبياء عليهم السلام کي الله تعاليٰ دنيا ۾ رڳو ان لاءِ مبعوث نہ ڪندو آهي تہ هو الله جي بندن تائين الله جو پيغام پهچائي پوءِ نبوت جي ذميواريءَ کان آجا ٿي وڃي رهن پر انهن جي مٿان اهو بہ لازم هوندو آهي تہ ان پيغام جي هرهڪ شق کي سڀ کان اول هو پنهنجي مٿان ذري پرزي لاڳو ڪن ۽ پوءِ ٻين تائين اهو پيغام پهچائين تہ جيئن ٻڌڻ وارا ٻڌڻ سان گڏ ان حڪم جي عملي صورت جو بہ مُشاهدو ڪري سگهن. ان ڪري انبياء عليهم السلام جي اطاعت هر امت مٿان فرض رهي آهي، جيئن ڪلام پاڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي:

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذْنِ اللهِ (٢)

**ترجمو:** ۽ اسان موڪليا جيڪي رسول تہ انهن جي پيروي ڪئي وڃي، الله جي حڪم سان.

تڏهن تہ پهرين وحيءَ جي موقعي تي جبرئيل عليه السلام، پاڻ ڪريمن ﷺ کي رڳو سوره علق جون ابتدائي آيتون ٻڌائي واپس نہ ويو پر اهي آيتون زباني طور ڪاٺڻ پڙهايون بہ تہ ڪين ياد بہ ڪرايون، جنهن ڪانپوءِ اهي آيتون پاڻ سڳورن ﷺ ٻين تائين پهچايون. اهڙيءَ ريت وضوءَ ۽ نماز جو حڪم بہ زباني نہ هو پر رسول خدا ﷺ جن آڏو جبريل عليه السلام پهريان پاڻ وضو ساري وضوءَ جي ترتيب ۽ طريقو ٻڌايو. جنهن ڪانپوءِ ان طريقي ۽ ترتيب سان سرور ڪائنات ﷺ جن وضو ساريو. اهڙيءَ ئي ريت جبريل نماز جو طريقو بہ ٻڌايو، جنهن موجب

---

(١) سورة النساء آيت ٥٩.

(٢) سورة النساء آيت ٦٤ پاره ٥.



Marfat.com

پاڻ سڳورن ﷺ جن پهريان پاڻ نماز ادا فرمائي ۽ پوءِ پنهنجي گهر اچي ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها ۽ سيدنا علي رضي الله عنه وغيره کي نماز پڙهائي. اهڙيءَ ريت صاحبِ قرآن جي سموري زندگي قرآن جي تابع رهي آهي. تڏهن تہ مؤمنن جي ماءُ سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها ، ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ لاءِ فرمايو: **"وَكَانَ خلقهُ القُرآن"** ۽ اهوئي هر دور ۾ ايمان وارن جو عقيدو رهيو آهي. باقي حديث جي منڪرن جي اها بي علمي، ڪم عقلي ۽ بدنيتي آهي، جيڪي نبي انور ﷺ جن جي عمل کي حجت نٿا تسليم ڪن.

دين جي عالمن ۽ قرآن جي شارحن جو اهو عقيدو آهي تہ قرآن هڪ تحريري دستور (Theory) آهي، جنهن جي عملي صورت (Practical) سرور ڪونين ﷺ جن جي ذات آهي، جن جو ڪوبہ قول ۽ فعل حڪم خداونديءَ کان وار برابر بہ هيڏي هوڏي هٽيل نہ آهي.

پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي ولادت کان وصال تائين خالق ڪائنات جنهن رستي تي هلايو اهو ساڳيو رستو هو، جنهن کي پاڻ الله تعاليٰ "صراط مستقيم" سڏيو آهي ۽ اها واٽ نهايت ئي محفوظ ۽ مامون آهي، انڪري پاڻ سڳورا ﷺ ننڍپڻ ۾ بہ جاهلي دور جي سمورين بداخلاقين ۽ بڇڙين عادتن کان بالڪل پري رهيا ۽ ان دور ۾ بہ ڪائنئن ڪو اهڙو ڪم نہ ٿيو، جيڪو سندن مرتبي کان ڪمتر هجي. اهوئي سبب هو تہ سندن وڻندڙ عادتن ۽ اعليٰ اخلاق سبب نوجوانيءَ واري عمر ۾ بہ قوم جا پڪي عمر وارا فرد بہ ڪين صادق ۽ امين جي القاب سان ياد ڪندا هئا ۽ وٽن امانتون رکندا هئا.

بعثت کانپوءِ جڏهن قريش جا چڱا مڙس ۽ سردار سندن دشمن بڻجي بيٺا، تڏهن بہ اهي سندن ڪا اخلاقي ڪمزوري بيان ڪرڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيا، ايتري قدر جو ايليا (بيت المقدس) ۾ هجرت جي پنجين سال هرقل اعظم (Heraclius) پنهنجي دربار ۾، سرور عالم ﷺ بابت جڏهن سندن بدترين دشمن ابوسفيان کان پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سچائي بابت پڇيو تڏهن هن وڏي واڪي ٻڌايو تہ "نبوت کان اڳ بہ اوهان(ﷺ) ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي."

مطلب تہ الله تعاليٰ اوهان جي ذات کي اهڙين اعليٰ اخلاقي خوبين سان سينگاريو هو جيڪي هڪ آفاقي ۽ عالمگير مذهب جي داعيءَ لاءِ ضروري هيون. ان سان گڏوگڏ پاڻ ڪريمن ﷺ کي الله تعاليٰ اهڙي فطري ذهانت، ذڪاوت ۽ لطيف احساس وديعت فرمايو، جيڪو هڪ آفاقي شريعت پيش ڪرڻ واري جي طبيعت ۾ هجڻ کپي، اهوئي سبب هو جو پاڻ ڪريمن ﷺ پنهنجي بيمثال ڪردار وسيلي ڪنور قلبن کي نرم ڪري انهن جو تزڪيو ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ خدا جي هيءَ زمين هر قسم جي ظلم ۽ زيادتيءَ، ڏاڍ ۽ ڌهڪاء کان پاڪ ٿي ويئي.

پاڻ ڪريمن ﷺ جي هر عمل جي تقليد کي دين ۾ سنت جو مقام حاصل آهي، جنهن تي



Marfat.com

عمل ڪري مٿن ايمان آڻڻ وارن هن زمين کي عبادت گاهه بڻائي ڇڏيو. هڪ حاڪم کان وٺي غلام تائين، عالم کان وٺي طالب علم تائين، سپهه سالار کان وٺي سپاهيءَ تائين، هڪ تاجر کان وٺي مزدور تائين، مجاهد کان وٺي عابد تائين، هرهڪ جي زندگيءَ جو نقشو تبديل ٿي ويو.

ان ڪري قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ حضور ﷺ جن جي زندگيءَ کي قابل تقليد قرار ڏنو ۽ انسان ذات کي ان جي تقليد جي تلقين ۽ تاڪيد فرمائي. حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد هڪ جاءِ تي لکيو آهي تہ "قرآن ۽ نبي سائين ﷺ جن جي زندگي ساڳي شيءِ آهي، قرآن متن آهي تہ سيرة ان جي تشريح ۽ قرآن علم آهي تہ سيرة ان جو عمل.

ان ڪري انسانيت جي سمورن اهنجن ۽ آزارن جو علاج ان سيرت جي مطالعي ۾ ٿي ملي سگهندو." (١)

مولانا جي مٿين بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ هر متن لاءِ تشريح جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. ان ڪري خدا تعاليٰ جي آخري ڪتاب جي تشريح لاءِ بہ هڪ اهڙيءَ هستيءَ جي ضرورت هئي، جنهن جي ذات هر شڪ شبهي کان مٿانهين، هر عيب ۽ بشري ڪمزوريءَ کان پاڪ هجي ۽ ان جو هر قول سَنَد ۽ هر فعل حجت جي حيثيت رکندو هجي.

ظاهر آهي تہ اها اعليٰ ۽ ارفع هستي ان ڪانسواءِ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي پئي، جنهن جي ذات بابرڪات کي الله تعاليٰ جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ۽ ان جي نبوت ۽ شريعت جي سلسلي کي قيامت تائين باقي رکيو ۽ جنهن جي باري ۾ الله تعاليٰ پاڻ فرمايو:

مَآ اٰتٰكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ وَمَا نَهٰكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا. (٢)

**ترجمو:** جيڪي رسول (ﷺ) اوهان کي آڇي تہ اوهان (ڪانئس) وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي منع فرمائي تہ ان کان پاسو ڪريو.

الله تعاليٰ جو اهو حڪم قيامت تائين پيدا ٿيندڙ سموري انسانيت لاءِ اهي. هاڻي جيڪو مؤمن ان حڪم جي پيروي ڪندو اهو ٻنهي جهانن ۾ سرخرو رهندو. سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ بہ هڪ حديث ۾ فرمايو آهي:

تَرَكْتُ فِيْكُمْ اَمْرَيْنِ لَنْ تَضِلُّوْا مَا تَمَسَّكْتُمْ بِهِمَا كِتَابَ اللهِ وَسُنَّةَ رَسُوْلِهٖ.

**ترجمو:** ڇڏيان ٿو اوهان لاءِ بہ شيون جن کي اوهان سنڀالي رکيو تہ ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندؤ، هڪ الله جو ڪتاب، ٻي سندس رسول (ﷺ) جي سنت.

مٿين بحث مان معلوم ٿيو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي سيرت مسلمانن لاءِ ڪيتري اهميت

---

(١) سيرة کے عملي پهلو (اردو) ابوالڪلام آزاد ص ٩.

(٢) سوره "الحشر" آيت ٧ پاره ٢٨.



Marfat.com

رکي ٿي. "اصول فقہ" جي عالمن وٽ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي هر قول توڙي فعل کي دين ۾ قانوني حيثيت حاصل آهي ۽ هن سنت نبويءَ مان بہ واجبات، مستحبات، مباهات ۽ مڪروهات وغيره مقرر ڪيا آهن.

## سيرت جي انفراديت

نبي ڪريم ﷺ جي زندگي انسانيت جو ڪمال ۽ نبوت جي تڪميل آهي ۽ جيڪا جامعيت ان هڪ زندگي جي اندر موجود آهي، ان جو ڪو عڪس بہ دنيا اندر ٻي ڪنهن زندگيءَ ۾ نظر اچڻ ممڪن نہ آهي.

سرور ڪائنات ﷺ جن جي سيرت پاڪ اندر جيڪا ظاهري توڙي باطني وسعت ۽ گهرائي سمايل آهي، ان کي ڏسي اها ڳالهہ آساني سان چئي سگهجي ٿي تہ هن سيرت اندر هر دور جي هر انسان لاءِ اينتريقدر جو دنيا جي آخري انسان تائين هڪ مڪمل دستور حيات موجود آهي. هاڻي زمانو جيئن جيئن ترقي ڪندو رهندو تيئن تيئن انسان کي پنهنجي زندگي سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ هن سيرت ڏانهن رجوع ڪرڻو پوندو تہ جيئن اسان ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهون.

الله تعاليٰ طرفان هن زمين تي ڪيئي نبي ۽ رسول موڪليا ويا، جيڪي مختلف وقتن تي مختلف علائقن ۽ قومن اندر مبعوث ٿيندا رهيا. انهن منجهان ڪيترن جي مٿان الله تعاليٰ پنهنجا ڪتاب بہ نازل فرمايا پر انهن جو ڪم ان خاص وقت ۽ خاص قوم لاءِ هو، جڏهن ۽ جتي کين موڪليو ويو، پر اسان جي نبي سڳوري ﷺ جن جي اها خصوصيت ۽ سندن نبوت جو ڪمال آهي تہ الله تعاليٰ کين جهانن لاءِ رحمت ۽ قيامت تائين پيدا ٿيندڙ انسانيت لاءِ بشير ۽ نذير بڻائي موڪليو ۽ سندن سيرت کي دنيا اندر پيدا ٿيندڙ هر دور جي انسان لاءِ زندگي گذارڻ جو هڪ جامع ۽ مڪمل منشور قرار ڏنو.

ان لاءِ اهو ضروري هو تہ ان بي مثال زندگي جي هرهڪ واقعي کي دنيا جي آخري انسان تائين پهچائڻ جو اهتمام هجڻ کپي ۽ اهو ڪو معمولي ڪم نہ هو پر الله تعاليٰ ايمان وارن جي دلين ۾ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي لاءِ جيڪا محبت ۽ عقيدت پيدا ڪئي هئي، ان جذبي تحت هو پنهنجي ان عظيم رهبر ﷺ جن جي هر حڪم جي تعميل ٻنهي جهانن لاءِ سعادت جو باعث سمجهندا هئا. انڪري هو سندن هر قول ۽ فعل کي جاچيندا، ويچاريندا ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پوءِ انهن مان ڪجهہ صحابي سڳورا اهي واقعات قلمبند بہ ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت دين، دنيا، ايمان، اعتقاد، علم، عمل، ادب، اخلاق، امانت، قيادت، سياست، معيشت، عدالت، رحمت، جهاد ۽ اجتهاد وغيره جا واقعات هڻ نهايت احتياط ۽



Marfat.com

ايمانداريءَ سان نقل ڪيا آهن. انهن سمورن واقعات کي جنهن مفصل، مستند ۽ مصدقہ طريقي سان لکيو ويو آهي، ان جو مثال ڪنهن ٻيءِ جاءِ تي ممڪن نہ آهي، سواءِ ان سيرت طيبہ جي.
چو جو دنيا جو ڪهڙو بہ انسان هجي، پوءِ پل اهو ڪو عالم هجي يا حاڪم، استاد هجي يا تاجر، قائد هجي يا منصف پر ڪنهن بہ شخص کي اها اجازت نہ هوندي آهي تہ ان هستيءَ جي هر ڳالهہ هرهڪ اڳيان بيان ڪندو وتي، خصوصاً ان جون ذاتي ڳالهيون. پر ان ڪانسواءِ عام حالتن ۾ بہ هر انسان مختلف وقتن تي مختلف ڪيفيتن ۽ حالتن مان لنگهي ٿو.

انسان ڪڏهن خوشيءَ جي حالت ۾ آهي تہ ڪڏهن پريشاني ۽ پشيمانيءَ جو شڪار، ڪڏهن آس ۽ اميد جا ڪرڻا سندس دل ۾ روشني پيدا ڪن ٿا تہ ڪڏهن هو ناڪامي ۽ نااميديءَ جي اونداهين ۾ پٽڪندو وتي ٿو. بهرحال خواهشن ۽ تمنائن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو سندس چوڌاري گهيرو ڪري بيٺو آهي، جنهن جي حصول لاءِ هو جائز توڙي ناجائز طريقا بہ تلاش ڪندو وتي ٿو. ان ڪان علاوه ذاتي پسند ناپسند، محبت، نفرت، دوستي، دشمني بهرحال هڪ انساني زندگيءَ جا ڪجهہ اهڙا راز ٿين ٿا جن جو واسطو فقط ۽ فقط سندس ذات سان هوندو آهي، ان ڪري هو ڪنهن بہ ٻئي انسان کي ڪنهن بہ قيمت تي اها اجازت نہ ڏيندو تہ سندس زندگيءَ جا اهي سمورا راز ڪوبہ ٻين آڏو بنا روڪ ٽوڪ جي بيان ڪندو وتي.

پر سرور عالم ﷺ جي سيرت سموري ڪائنات اندر واحد سيرت آهي، جنهن جو ڪوبہ واقعو بيان ڪرڻ ڪان ڪنهن کي بہ نہ روڪيو ويو آهي، ايتريقدر جو پاڻ ڪريمن ﷺ جن پنهنجي گهروارين کي بہ اها اجازت ڏيئي ڇڏي هئي تہ اهي هر واقعي ۽ حالت جو ذڪر هر جاءِ تي ۽ هرهڪ سان ڪري سگهن ٿيون.

ولادت ڪان وٺي وصال تائين، عبادت ڪان وٺي معاملات تائين، مسجد ڪان وٺي منڊيءَ تائين، عدالت ڪان وٺي ميدانِ جنگ تائين، تجارت ڪان وٺي امهات المؤمنين جي حجرن تائين، ايتريقدر جو شعب ابوطالب ڪان وٺي سدرة المنتهيٰ تائين، ان مقدس سيرت جو اهو ڪهڙو رخ آهي، جنهن جي بيان ڪرڻ ڪان ڪنهن بہ دور ۾ ڪا روڪ ٽوڪ رهي هجي؟

هر واقعو تحريرن ذريعي، تقريرن ذريعي، خلوت توڙي جلوت ۾، چوڏهن سؤ سالن ڪان بيان ٿيندو رهيو آهي ۽ قيامت تائين بيان ٿيندو رهندو تہ جيئن انسانذات انهن مان هدايت جو سبق حاصل ڪري.

مشهور صحابي حضرت عبدالله رضہ بن عمرو بن عاص جيڪو پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي اجازت سان سندن بيان ڪيل حديثون نقل ڪندو هو، هڪ دفعي ان پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪان پڇيو تہ "ڇا مان جيڪي بہ اوهان جي واتان ٻڌان تہ اهو سڀ ڪجهہ لکي سگهان ٿو؟"

جنهن تي ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن هاڪار ۾ جواب ڏنو. ابن عمرو رضہ وري پڇيو:



Marfat.com

"رضا توڙي ناراضگيءَ جي هر ڪيفيت ۾؟"

سرور ڪونين ﷺ جن هن موقعي تي پنهنجي زبان مبارڪ ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: "خدا جاڻي ٿو تہ هن زبان مان هر وقت حق جي ڳالهہ ئي نڪرندي آهي." هن دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ ڪنهن بہ انسان سان اهڙي سچائي منسوب ڪري نٿي سگهجي، انڪري ان هستيءَ جي سيرت جو مطالعو ۽ مٿس عمل هر شخص لاءِ عموماً ۽ هر مسلمان لاءِ خصوصاً ضروري آهي.

## سيرت جي ضرورت

اسلام جي ابتدائي دور کان وٺي مسلمانن لاءِ ٻن ڪتابن جو مطالعو ضروري هوندو هو. جن مان پهريون ڪتاب الله ۽ ٻيو ان ڪتاب جي تشريح يعنيٰ سيرت رسول ﷺ.

امام زين العابدين جو قول آهي تہ "اسان نبي ڪريم ﷺ جن جي مغازيءَ کي ائين پڙهندا هئاسون جيئن ڪلام پاڪ جي سورتن کي پڙهيو ويندو آهي." (١)

سيرة شاميءَ جي مقدمي ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ "ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان کي ان لاءِ مامور ڪيو ويو آهي تہ اسان نبي سائين ﷺ جن جي سيرت پاڪ جي هر لحاظ کان پيروي ڪريون" (٢). مسلمانن وٽ جيستائين سيرت جو مطالعو جاري رهيو ۽ سندن زندگي ان سيرت جي تابع رهي، تيستائين سندن عزت ۽ عظمت برقرار رهي ۽ هو دنيا جي هڪ وڏي حصي جي قيادت ڪندا رهيا پر جڏهن هو ان سيرت کان منهن موڙي ٻين علمن ڏانهن متوجہ ٿيا، تڏهن اهي سمورين نعمتون ۽ رحمتون کانئن کسجي ويون، جيڪي رحمت للعالمين ﷺ جي طفيل کين مهيا ٿينديون هيون. اڄ اها حالت آهي تہ اسانجي ديني توڙي دنيوي ڪنهن بہ نصاب ۾ اسان وٽ ڪوبہ سيرت جو مڪمل ڪتاب نہ پاڙهيو ويندو آهي، ان جي باوجود جو اسان وٽ سيرت طيبہ بابت لکيل ڪتاب هزارن جي تعداد ۾ موجود آهن. موجوده دور ۾ حديث ۽ سيرت جي عظيم عالم ۽ محقق محي الدين ديب مستوءَ جي "مناهج سيرة" واري ڪتاب جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر مصطفيٰ سعيد پنهنجي تقريظ ۾ لکيو آهي تہ "نبي سائين ﷺ جن جي سيرت مسلمانن لاءِ زندگيءَ گذارڻ جو هڪ مڪمل دستور آهي، انڪري مٿن واجب آهي تہ هو پنهنجي زندگيءَ جي سمورن معاملن: عقائد، عبادات، ڏيتي ليتي، اٿڻ ويهڻ، اخلاق ۽ ڪردار جو سڌارو وغيره، ان ڪانسواءِ هو گهرن ۾ ۽ بازارين ۾ بہ پنهنجو وهنوار ان سيرت جي روشنيءَ ۾ ڪن، ڇاڪاڻ تہ اها سيرت هڪ طرف تہ قرآن پاڪ جو عملي نمونو بہ آهي تہ ان جي تفسير ۽ تشريح بہ، تہ ٻئي طرف وري اسلام جي بنيادي تعليم جي سچي تصوير بہ."

---

(١) بحوالہ "السيرة النبويہ" محمد بن محمد ابوشهبة ج ١ ص ٦.

(٢) سبل الهديٰ والرشاد "شامي" مقدمہ عادل احمد ۽ علي محمد ج ١ ص ١.



Marfat.com

اڳتي هلي هو اهو به لکي ٿو ته "پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سيرت پاڪ هڪ وڏي نشاني ۽ عظيم معجزو آهي، جنهن سان سندن رسالت جي دعويٰ جي تصديق ٿئي ٿي."

انکري "مسلمانن مٿان اهو فرض آهي ته هو رسول ڪريم ﷺ جن جي سيرت جو مطالعو ڪن ۽ سندن اخلاق، عادتن ۽ اٿ ويهه بابت ڄاڻ حاصل ڪن، ڇا لاءِ ته اها زندگي ئي انسانيت جو ڪامل ۽ اڪمل نمونو آهي." (١)

## سيرت ۽ سنڌي عالم

سيرت طيبه جي مقدس موضوع تي هر دور اندر دنيا جي هر خطي ۽ هر زبان ۾، هر قوم جي فردن ڪجهه نه ڪجهه پئي لکيو آهي ۽ اڄان سوڌو به لکيو پيو وڃي. اهو سلسلو سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي زندگي ۾ ئي شروع ٿي چڪو هو ۽ جيستائين دنيا باقي آهي، تيستائين اهو سلسلو به جاري رهندو. ڇو ته دنيا ۾ ڪا به چيز جيستائين پنهنجي ڪمال يا تڪميل کي نه پهچندي آهي، تيستائين ختم نه ٿيندي آهي. انکري سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت جا به بيشمار پهلو اڄان اسان جي سوچ ۽ پهچ کان پري آهن ته پوءِ اهو سلسلو ڀلا ڪيئن ختم ٿي سگهي ٿو؟

دنيا جا سمورا مسلمان پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي سيرت تي ڪم ڪرڻ پنهنجي جهانن لاءِ سعادت ۽ ثواب سمجهندا آهن، انکري سنڌ جي عالمن توڙي دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ آباد سنڌين به هن ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي ۽ اهو سلسلو صديون کان وٺي جاري ۽ ساري آهي. هن ڏس ۾ هتان جي عالمن ۽ محققن نه رڳو هن متبرڪ موضوع تي عقيدت ۽ احترام سان ڪم ڪيو آهي پر ان ۾ نوان نوان تجربا ڪري اهڙا مثال قائم ڪيا اٿن، جن جو جواب ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ملڻ مشڪل آهي. هن سلسلي جي شروعات هڪ اهڙي سنڌي عالم هتان ٿي، جنهن کي مغازيءَ جي ميدان جو امام مڃيو ويو آهي. سندس اصلي نالو ته عبدالرحمان بن وليد آهي پر علم ۽ فضل جي دنيا ۾ هو ابو معشر سنڌيءَ جي نالي پنيان ڄاتو وڃي ٿو. ڇو ته سندس خانداني تعلق سنڌ جي سونهاري سرزمين سان هو ۽ سندس وڏا اتان هجرت ڪري "يمن" ۾ وڃي آباد ٿيا. "جنگ يمامه" جي موقعي تي هو گرفتار ٿيو ۽ جنگي قيديءَ جي حيثيت سان کيس مديني جي مارڪيٽ ۾ وڪيو ويو. اتان "بنواسد" وارن کيس خريد ڪيو ۽ سندس نالو مٽائي "نجيح" رکيائون، سندس ڪنيت "ابومعشر" آهي.

پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي ذات سان کيس بيحد عقيدت ۽ محبت هئي، انکري سندن مغازي ۽ سيرت بابت هن بيشمار روايتون ڪيون ڪيون، جيڪي هو اڪثر بيان

---

(١) مناهج التاليف في السيرة النبويه، محي الدين مستو ص (ب).



Marfat.com

ڪندو رهندو هو.

محدثن وٽ اها ئي روايت معتبر سمجهي ويندي آهي، جنهن جي سَنَدَ صحيح هجي پر سيرت توڙي مغازيءَ جي عالمن وٽ سَنَدَ جو گهڻو اهتمام نہ ڪيو ويندو آهي. اهوئي سبب آهي تہ ابومعشر وٽ بہ روايتن ۾ سَنَدَ جو اهتمام نہ آهي، جنهنڪري محدثن هن جي روايتن اخذ ڪرڻ کان احتياط ڪيو آهي ۽ سندن خيال مطابق هو ان سلسلي ۾ ضعيف راوي آهي. باقي مغازيءَ بابت ابومعشر سنڌيءَ جي روايتن کي سَنَدَ جي حيثيت حاصل آهي. امام احمد ابن حنبل، ابن سعد ۽ علامہ ابن حجر عسقلانيءَ کي مغازيءَ بابت سندس روايتن تي اعتماد آهي ۽ هنن پنهنجي ڪتابن ۾ اهڙيون روايتون نقل بہ ڪيون آهن. نہ صرف اينترو پر احمد ابن حنبل کيس "بصير في المغازي" جي لقب سان ياد ڪيو آهي، جڏهن تہ ابن سعد وري پنهنجي استادن جي فهرست ۾ هن جو نالو نمايان طور نقل ڪيو آهي.

هي پهريون سنڌي هو، جنهن مغازيءَ جي موضوع تي هڪ مستند ۽ جامع ڪتاب لکيو. هن ڪتاب پنهنجي زماني ۾ بيحد مقبوليت حاصل ڪئي، ان جو ثبوت اهو آهي تہ هن ڪتاب جا حوالا ۽ اقتباسات پوين منجهان واقدي، ابن سعد، طبري ۽ ابن حجر وغيره پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيا آهن. [(١)] ابومعشر کي مغازيءَ جي موضوع سان ڏاڍي دلچسپي هئي، انڪري هن اهو فن پنهنجي اولاد ڏانهن بہ منتقل ڪيو، جنهنڪري ڪانئس پوءِ سندس پٽ محمد بن ابومعشر (٢٤٧ هـ) بہ هن ميدان جو شهسوار ثابت ٿيو. هو پنهنجي پيءُ جي سَنَدَ سان مغازيءَ جون روايتون بيان ڪندو هو. ان کان علاوه هن حديث ۾ بہ مهارت حاصل ڪئي هئي. سندس استادن ۾ ابومعشر کان علاوه نضر بن منصور، ابونوح انصاري ۽ يحيٰ بن موسيٰ وغيره جا نالا شامل آهن. جڏهن تہ سندس شاگردن ۾ ابن ابي دنيا، ابوحاتم رازي، ابويعليٰ موصلي جهڙن محدثن سان گڏ ابن جرير طبريءَ جو نالو بہ وٺي سگهجي ٿو. [(٢)]

محمد بن ابومعشر کانپوءِ سندس پٽ بہ مغازيءَ جو وڏو عالم ۽ ڄاڻو شمار ٿيندو آهي. هن جو نالو دائود بن محمد سنڌي ٻڌايو ويو آهي. سندس شمار بہ اهڙن محدثن ۾ ٿيندو آهي، جن ٽين صديءَ جي آخر ۾ علم حديث سان گڏ علم مغازيءَ جي سلسلي ۾ بہ ان دور جي ماڻهن جي رهنمائي ڪئي. دائود پنهنجي پيءُ محمد بن ابومعشر سنڌيءَ کان "ڪتاب المغازيءَ" کي روايت ڪيو آهي. [(٣)]

---

(١) سيرة سيد الانام (ﷺ) ڊاڪٽر سيد جعفر مصطفيٰ ج ١ ص ٧۴. تذڪرة الحفاظ حافظ ذهبي ج ١ ص ٢١٧.

(٢) الفهرست "ابن نديم" ص ١٢١ ـ ١٢٢. الاعلام زرڪلي ج ٨ ص ١۴. هدية العارفين "اسماعيل پاشا بغدادي" ج ٢ ص ۴٨٩. تهذيب التهذيب "ابن حجر" ج ١٢ ص ٢١٧.

(٣) امعان النظر محمد اڪرم سنڌي، مقدمو علامہ قاسمي ص ٢.



Marfat.com

سيرت جي موضوع تي ڪم ڪرڻ وارن سنڌي عالمن ۾ هڪ ٻيو وڏو نالو ابوجعفر محمد بن ابراهيم ديبليءَ (٣٢٢ هه) جو آهي، جنهن وڏي جاکوڙ ۽ جفاڪشيءَ سان اهي خط ۽ فرمان جمع ڪيا، جيڪي سيد انسانيت صلي الله عليه وسلم جن پاڻ لکرايا هئا. "ابوجعفر" اهڙا پنجويهه (٢٥) کن خط هڪ جاءِ تي جمع ڪيا ۽ انهن کي مڪاتيب النبي (صلي الله عليه وسلم) جو نالو ڏنائين. اهو ڪتاب ڇپجي شايع ٿي چڪو آهي. جنهن جو اردو ترجمو ۽ تحقيق جو ڪم ڊاڪٽر عبدالشهيد نعماني استاد شعبه عربي ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان ڪيو ويو آهي ۽ اهو ڪتاب به ڪراچيءَ مان شايع ٿي چڪو آهي. سيرة النبي صلي الله عليه وسلم جي سلسلي ۾ خطوط جمع ڪرڻ واري مشڪل ۽ منفرد ڪم کي سهيڙڻ جي سعادت هڪ سنڌي عالم ۽ محقق جي حصي ۾ ئي آئي. اهڙي ريت وقت بوقت سنڌي عالم سيرت ۽ حديث تي ڪم ڪندا رهيا آهن، جن جا نالا معجم البلدان ۾ ياقوت حموي، ڪتاب الانساب ۾ سمعاني، نزهة الخواطر ۾ مولانا سيد عبدالحي لکنوي ۽ هن ئي دور جي مشهور عالم ۽ مؤرخ علامه قاضي اطهر مبارڪپوريءَ طرفان سندن ڪتابن ۾ نقل ڪيا ويا آهن.

سيرت جي اهڙي ئي سلسلي کي جاري رکندي ماضي قريب ۾ سنڌ جي مشهور عالم ۽ محدث مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه به هن موضوع تي هڪ يادگار ڪتاب تاليف فرمايو، جنهن جو سنڌي ترجمو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هي منفرد ڪتاب مخدوم صاحب سن ١١٦٨ هجري ڌاري مڪمل ڪيو، جنهن ۾ فاضل مؤلف پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي ٢٣ ساله نبوي زندگيءَ جا اهم واقعا نهايت مختصر ۽ جامع انداز ۾ پيش ڪيا آهن، جن جي پڙهڻ سان نبوي دور جو سمورو نقشو پڙهندڙن جي اکين آڏو اچي وڃي ٿو.

جيتوڻيڪ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي زندگيءَ متعلق ساليانه حساب سان واقعات مخدوم صاحب کان اڳ حافظ ابن ڪثير، علامه عامري ۽ ديار بڪري وغيره به پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ نقل ڪيا آهن، مگر مخدوم صاحب هن ڏس ۾ پنهنجي پيشرو عالمن کان به گهڻو اڳتي نظر اچي ٿو. جو ته جيترا واقعات مخدوم صاحب جن بيان ڪيا آهن، اوترا ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ هڪ جاءِ تي نظر نٿا اچن، ان ڪانسواءِ اهي واقعات نهايت مستند ۽ معتبر ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن، جن مان ڪيترن ڪتابن جا نالا به واقعي سان گڏ ٻڌايا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ گهڻي ڀاڱي صحيح روايتون ئي نقل ڪيون ويون آهن پر جي ڪٿي ڪا ضعيف روايت به نظر اچي ٿي ته مؤلف پاڻ ئي ان روايت کي ضعيف چئي ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ڇڏي آهي.

مخدوم صاحب جن پنهنجي هن مختصر مگر منفرد تاليف ۾ جن ڪتابن تان گهڻو



Marfat.com

ٿئي ٿو تہ ان لاءِ مخدوم صاحب آڏو "معجم البلدان"، "ياقوت حموي"، "المعجم ما استعجم" "بكري" وغيره بہ رهيا آهن، جڏهن تہ حرمين شريفين جي تاريخ بابت "اخبار مڪ" "ازرقي"، "وفاءُ الوفا" "سمهودي"، "تاريخ مدينہ" "ابن شبہ"، "شفاء الغرام في تاريخ بلد الحرام" "فاسي" ۽ "جذب القلوب" "شيخ عبدالحق دهلويءَ" جون روايتون نظر اچن ٿيون. مغازيءَ جي سلسلي ۾ حديث جي متني بيان ڪيل ڪتابن کان علاوه، "المغازي واقدي"، "تاريخ ڪامل" وغيره تان بہ استفادو ڪيو اٿن. معجزات جي سلسلي ۾ دلائل النبوة بيهقي ۽ اصفهاني، ۽ خصائص ڪبريٰ سيوطي وغيره جا حوالا موجود آهن. انهن مان اڪثر ڪتاب هينئر آسانيءَ سان دستياب آهن، جنهن ڪري ترجمي ۾ ڪوشش ڪري انهن ئي ڪتابن مان تخريج ڪئي ويئي آهي. جڏهن تہ ڪافي ڪوشش جي باوجود بہ ڪجهہ بنيادي ماخذ اهڙا آهن، جيڪي ڪٿي بہ هٿ اچي نہ سگهيا، جن مان ڪجهہ نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(١) تذكرة القاري بحل رجال البخاري، مخدوم عبدالرحمان نصرپوري.
(٢) شرف النبوة ابوسعيد خرڪوشي.
(٣) سيرة گازروني.
(٤) ڪتاب الحوادث يعمري وغيره.

## مؤلف جو تعارف

سنڌ جي سون ساريڪي سرزمين هر دور ۾ مردم خيز بہ رهي آهي. هن مقدس مٽيءَ مان جيڪي عالم فاضل، عارف عامل، اديب شاعر، لغوي نحوي، مفڪر مدبر، صوفي فلسفي، منطقي، فقيهہ مفتي، حافظ قاري، مفسر محدث، حڪيم طبيب، مجتهد ۽ مجاهد پيدا ٿيا، انهن پنهنجي پنهنجي صلاحيت ۽ قابليت سان دنيا کي قائل ڪري ڏيکاريو ۽ اڄ تائين تاريخ جا ڪتاب سندن تعريف ۽ توصيف سان پُرُ لڳا پيا آهن. اهڙين ئي بيمثال شخصيتن ۾ هڪ شخصيت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ رحمة الله عليه جي بہ آهي، جنهن پنهنجي علم ۽ عرفان ذريعي سنڌ اندر هڪ عظيم علمي ۽ شعوري انقلاب برپا ڪيو. سندن علم ۽ فيض جي بحر بي ڪنار مان نہ فقط ديس واسين پر ڏورانهن ڏيهن جي ماڻهن بہ ڪهي اچي پنهنجي علمي اڄ اجهائي ۽ مقصد جا موتي بہ حاصل ڪيا.

هڪ سنڌي عالم جي حيثيت سان مخدوم سائينءَ جن جي هاڪ ۽ ساک پري پري تائين پئي ٻڌڻ ۾ آئي، جنهن هتان جي رهواسين توڙي هن سرزمين جي شان ۽ شرف ۾ اضافو ڪيو. مخدوم صاحب جن جي اداري مان دنيا جي مختلف علائقن ۽ ملڪن جا ماڻهو فراغت حاصل ڪري جنهن وقت پنهنجي ماڳن تي موٽيا تہ اتي جي مقامي ماڻهن وري هنن وٽان علم جي تحصيل



Marfat.com

ڪري جيڪي فراغت جون سَندون حاصل ڪيون تہ انهن سَندَن ۾ هڪ سنڌي عالم جو نالو نمايان هو ۽ اها سَندَ اڄ تائين پئي هلي ٿي. جيڪو سنڌ ۽ سنڌين لاءِ يقيناً هڪ اعليٰ اعزاز آهي.

هن دور جي انقلابي عالم مولانا عبيدالله سنڌيءَ پنهنجي مشهور ڪتاب "التمهيد لتعريف ائمة التجديد" ۾ هڪ اهڙي سَندَ نقل ڪئي آهي، جيڪا هندوستان، پاڪستان، بنگلاديش، سريلنڪا، افغانستان، عربستان، يمن ۽ مصر تائين رائج رهي آهي ۽ ان ۾ سائين مخدوم صاحب جن جو نالو سنڌ جي حوالي سميت شامل آهي. اُها سَندَ هن ريت نقل ڪئي وئي آهي:

"مولانا عبيدالله سنڌي اها سَندَ حاصل ڪئي شيخ الهند مولانا محمود حسن کان، ان مولانا محمد قاسم نانوتويءَ کان، ان مولانا عبدالغنيءَ کان، ان مولانا محمد اسحاق کان، ان عمر بن عبدالڪريم کان، ان سيد مرتضيٰ کان، ان ابوالحسن صغير کان ۽ ان شيخ محمد هاشم سنڌيءَ کان." (١)

اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب جو محترم نالو سوين نہ پر هزارين شاگردن جي سَندن ۾ شامل آهي، جيڪي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ موجود رهيا ۽ آهن.

## خاندان ۽ ولادت

هڪ مشهور روايت مطابق مخدوم محمد هاشم جا وڏا اصل عربستان جا رهاڪو هئا جيڪي محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيا ۽ اچي سيوهڻ ۾ لڏو لاٿائون. هن شهر جو شمار ان وقت سنڌ جي مشهور شهرن ۾ ٿيندو هو، جيڪو علم ۽ عرفان جو بہ وڏو مرڪز ليکيو ويندو هو. هتي ڪئين علمي خاندان آباد هئا. حضرت مخدوم صاحب جن جي خاندان جو شمار بہ اهڙن ئي خاندانن ۾ ٿيندو هو، جن وٽ علم ۽ عرفان جو شغف پيڙهي بہ پيڙهي هلندو پئي آيو. مخدوم سائينءَ جن پنهنجن بزرگن جي نسب جو سلسلو هن ريت نقل ڪيو آهي.

مخدوم محمد هاشم ولد مخدوم عبدالغفور ولد مخدوم عبدالرحمان ولد عبداللطيف ولد عبدالرحمان ولد خير الدين سنڌي، بنورائي، بهراميوري ٺٽوي (٢). هڪ علمي خاندان سان نسبت سبب مخدوم صاحب جو والد محترم بہ پنهنجي وقت جو هڪ جيد عالم ۽ فقيہ هو، جيڪو سيوهڻ مان هجرت ڪري ٺٽي ويجهو "بنوري" نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيو هو. (٣)

---

(١) "التمهيد" مولانا عبيدالله سنڌي ص ٨١.

(٢) مقالات الشعرا، (فارسي) مير علي شير قانع ص ٨٤١ ج ١.

(٣) مقدمہ "بذل القوة" مخدوم امير احمد عباسي ص ٥.



Marfat.com

بنوري ۾ اچڻ کانپوءِ سال ۱۱۰۴ هجري بمطابق ۱۶۹۲ع ربيع الاول جي مبارڪ مهيني ۾ ذهين تاريخ تي مخدوم عبدالغفور جي گهر هڪ نينگر ڄائو، جنهن جو نالو محمد هاشم رکيو ويو، جنهن اڳتي هلي عرب توڙي عجم ۾ هڪ سنڌي عالم جي حيثيت سان پاڻ مڃرايو ۽ بقول استاذ علامہ قاسميءَ جي تہ "فقه ۽ حديث ۾ مخدوم صاحب جي بلند پايہ تحقيق کي ڏسندي ڪيس وقت جو "حافظ ابن همام" يا "حافظ ابن حجر عسقلاني" سڏجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو." (۱)

## استاد ۽ مرشد

مخدوم محمد هاشم رحہ جي ولادت جيئن تہ هڪ جيد عالم جي گهر ۾ ٿي، انڪري ننڍپڻ کان ئي سندن تعليم ۽ تربيت جو جوڳو بندوبست ڪيو ويو. ناظره قرآن مجيد، تجويد، صرف و نحو، فارسي ۽ ٻيا ابتدائي ڪتاب هن ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي والد محترم وٽ پڙهي پورا ڪيا. ۱۱۱۲ هہ بمطابق ۱۷۰۱ع ڌاري سندن والد جڏهن هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو تہ ان وقت ننڍڙي محمد هاشم جي عمر اٺ ورهيہ مس هئي پر جيئن تہ سندن گهريلو ماحول خالص ديني ۽ علمي هو، انڪري وڌيڪ تعليم لاءِ ڪين ننڍي اماڻيو ويو، جيڪو ان وقت هند سنڌ ۾ اسلامي علوم جو هڪ عظيم مرڪز ليکيو ويندو هو. هتي هن باقي رهيل درسي ڪتاب شيخ محمد سعيد ننڍويءَ جي خدمت ۾ رهي پورا ڪيا. جنهن کانپوءِ ڪين وقت جي عظيم عالم ۽ مجيل استاد مخدوم ضياءُ الدين ننڍويءَ جن جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. هتي مخدوم صاحب حديث توڙي ٻيا اهي مٿيان ڪتاب پڙهي پورا ڪيا، جيڪي ان وقت جي نصاب مطابق پڙهيا ويندا هئا. (۲)

سن ۱۱۳۵ هہ بمطابق ۱۷۲۳ع ڌاري مخدوم محمد هاشم جن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ حرمين شريفين ڏانهن سفر جو سانباهو ڪيو. اتي پهچي هڻ حج جو فرض بہ ادا ڪيو تہ اتان جي جڳ مشهور استادن وٽان خاص طور فقہ ۽ حديث جي علم ۾ بہ مهارت حاصل ڪئي. انهن استادن ۾ شيخ عبد بن علي نمرسي مصري ازهري شافعي، علامہ شيخ ابوطاهر محمد بن ابراهيم ڪردي ڪوراني مدني، شيخ علي بن عبدالملڪ دراوي، مالڪي، مغربي، مدني، شيخ محمد بن عبدالله مغربي، فاسي، مدني، مالڪي (۳) جهڙين عظيم هستين کانسواءِ شيخ عبدالقادر مکي، حنفيءَ جو نالو سڀ کان وڌيڪ اهم آهي، ڇو تہ هن سفر ۾ مخدوم صاحب جن سڀ کان وڌيڪ استفادو هن بزرگ وٽان ئي ڪيو.

---

(۱) مقالات قاسمي ص ۳۲۷.

(۲) بمقدمہ بذل القوة "مخدوم امير احمد عباسي" ص ۷ ـ ۶. تذڪره مشاهير سنڌ "مولانا دين محمد وفائي" ج ۳ ص ۹۸ ـ ۹۶. نزهة الخواطر سيد عبدالحي لکنوي ج ۶ ص ۱۲۴.

(۳) سلڪ الدرر "مرادي ج ۴ ص ۷۵. مقدمہ اللؤلؤ المکنون ص ۱۶ ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي ص ۱۶. مآثر الڪرام غلام علي آزاد بلگرامي ص ۱۹۵ ـ ۱۹۶. اتحاف الاڪابر بمرويات شيخ عبدالقادر (قلمي) ص ۲۷۰.



Marfat.com

مفتي عبدالقادر جو تعلق هندوستان جي صوبي گجرات ۾ مقيم هڪ صديقي خاندان سان هو. سندس بزرگن مان شيخ محمد طاهر پٽني تہ پنهنجي علمي فضيلت سبب هند سنڌ ۾ مشهور رهيو آهي، جنهن جي ڪتاب "مجمع البحار" هتي بيحد شهرت حاصل ڪئي، اهو بزرگ مفتي عبدالقادر جو نانو هو.

مفتي عبدالقادر پنهنجي علم و فضل ۾ بہ يڪتا هئا تہ فصاحت ۽ بلاغت ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ. حرم مڪي ۾ هو حنفين جا مفتي رهيا. سندن تاليفات ۾ "الفتاويٰ القادريہ" گهڻي مشهور آهي.

مخدوم صاحب جن حرمين شريفين ۾ قيام دوران مختلف علوم خاص طور حديث ۾ جيڪي سَنَدون حاصل ڪيون، اهي گهڻي ڀاڱي ڪين مفتي عبدالقادر وٽان ئي حاصل ٿيون، جن کي هن پنهنجي مشهور ڪتاب اتحاف الاڪابر بمرويات الشيخ عبدالقادر ۽ ان جي "ذيل" ۾ محفوظ ڪيو آهي.

هن مقدس سفر کان واپس ٿيندي مخدوم صاحب جن رستي ۾ هندوستان جي مشهور بندر "سورت" ۾ لٿا. جتي هن وقت جي عظيم شيخ ۽ تصوف جي امام سيد سعد الله سورتيءَ جي هٿ تي بيعت ڪئي، جنهن ڪانپوءِ هڪ سال سانده انهن جي خدمت ۾ رهي باطني علوم ۾ بہ ڪمال حاصل ڪيائون، يعنيٰ پنهنجي مرشد وٽان ڪين خلافت جو اعزاز بہ عطا ٿيو ۽ هو ظاهري توڙي باطني علوم جي تڪميل ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي وطن واپس وريا.

## ديني ۽ علمي خدمتون

حرمين شريفين ۽ سورت مان موٽي مخدوم صاحب جن پنهنجي ڳوٺ "بنوري" آيا ۽ پوءِ جلد ئي بنوري لڳ "بهرام پور" نالي هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ ديني مدرسي جو بنياد رکيائون، ڇو تہ ٻيهڪ جي لحاظ کان هي ڳوٺ اهڙي جاءِ تي هو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان بہ وڏا واهڻ واقع هئا: يعنيٰ هڪ پاسي جهوڪ شريف تہ ٻئي پاسي وري بلڙي شاهہ ڪريم، انڪري هت اچ وڃ بہ گهڻي هتي تہ آبادي بہ بنوري کان وڌيڪ هئي. مدرسي قائم ٿيڻ ڪانپوءِ هتان جا ماڻهو لڳي ٿو تہ مخدوم صاحب جن جي علمي عظمت جو قدر نہ ڪري سگهيا، انڪري مخدوم صاحب جن هتان لڏي نئين شهر ۾ پنهنجو اسلامي مرڪز قائم ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو ۽ پوءِ ان تي جلد ئي عمل بہ ڪيائون ۽ اتي وچ شهر ۾ پنهنجي اداري جو بنياد رکيائون. جيئن تہ ٺٽو ان وقت علم و فضل جو هڪ عظيم مرڪز هو، جتي وڏا وڏا عالم، عارف، اديب، شاعر ۽ امير ڪبير ماڻهو پڻ رهندا هئا، انڪري ڪنهن ٻاهرين ماڻهوءَ لاءِ اتي اچي پاڻ کي مڃرائڻ ڪو سولو ڪم نہ هو، پر مخدوم صاحب جن کي الله تعاليٰ بيشمار علمي صلاحيتن ۽ انتظامي



Marfat.com

لياقت سان نوازيو هو، جنهنڪري ٿوري ئي وقت ۾ هو ٺٽي جي علمي افق تي آفتاب وانگر چمڪڻ لڳا، جنهن جي روشني پري پري تائين پئي پهتي. هزارن جي تعداد ۾ شاگرد سندن درس ۾ شريڪ ٿيندا پئي رهيا، سنڌ کان ٻاهر هندوستان، افغانستان ۽ ٻين ملڪن کان به طالب علم ڪهي ٺٽي پهچندا هئا. ان وقت جيئن ته ٺٽو اسلامي علوم جو وڏو مرڪز هو ۽ هتي سون جي تعداد ۾ ننڍيا وڏا مدرسا موجود هئا، پر پوءِ به ٿوري وقت اندر مخدوم صاحب جن جي اداري کي اتي خاص اهميت ۽ منفرد مقام حاصل ٿي ويو، ڇو ته ان دور ۾ تفسير، تجويد، تاريخ، طب، فقہ، لغت، معاني، منطق وغيره ته سڀني مدارس ۾ پاڙهيا ويندا هئا پر انهن مدرسن ۾ علم حديث پڙهائڻ جو ڪو خاص اهتمام نه هو.

مخدوم صاحب جيئن ته عرب دنيا ۾ وقت جي عظيم استادن وٽان حديث ۾ تخصص حاصل ڪيو هو، انڪري حديث جي سمورن شعبن جيئن ته اصول حديث، لغات الحديث، اسماءُ الرجال، مختلف الحديث، جرح تعديل، ناسخ منسوخ، اسناد علل ۽ روايت درايت وغيره تي سندن گهري نظر هئي، انڪري هن پنهنجي اداري ۾ حديث جي مڪمل تعليم جو بندوبست ڪيو هو، پر ان چوڻ ۾ به ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌ اندر علم حديث کي باقاعده رائج ڪرڻ جو سهرو به مخدوم سائينءَ جن جي سر تي ئي سونهي، ڇو ته کانئن اڳ عام مدارس ۾ مشڪواة شريف، مشارق الانوار يا ڪٿي ڪٿي صحيح بخاريءَ وغيره جي سرسري تعليم جو رواج هو پر مخدوم صاحب جن کانپوءِ ئي هتان جي مدارس اندر حديث جا حلقا قائم ٿي ويا ۽ اتي مختلف صحاح، جوامع، سنن، معاجم، مسانيد، اربعينات، اجزاء ۽ رسائل جا دوره ۽ تقابلي مطالعا جاري ٿيا ۽ هر وقت "حدثنا" ۽ "اخبرنا" جا مٺا ٻول ٻڌڻ ۾ پئي آيا. انڪري حديث جي علم پرائڻ جا شوقين هاڻي پنهنجي هن شوق جي تڪميل لاءِ عرب دنيا جا اڻانگا سفر ڪرڻ بدران ٺٽي ڏانهن رجوع ٿيڻ لڳا ۽ مخدوم صاحب جن جي بي پايان علم مان هڪ عرصي تائين پئي استفادو ڪندا رهيا.

درس و تدريس کان علاوه حضرت مخدوم سائينءَ جن جو باقي وقت تصنيف تاليف، وعظ تبليغ، ذڪر اذڪار ۽ بدعات توڙي خرافات جي خلاف جدوجهد ۾ گذرندو هو. هر روز ٽيپهريءَ جي نماز کانپوءِ هو پنهنجي مسجد ۾ حديث نبوي ﷺ جو درس ڏيندا هئا. جڏهن ته هر جمعي تي جامع مسجد خسرو ۾ وعظ فرمائيندا هئا. (١) مختلف علمي توڙي فقهي مسائل جي معلومات لاءِ به ماڻهو مخدوم سائينءَ جن ڏانهن ئي رجوع ڪندا هئا، ڇو ته عوام توڙي خواص کي سندن علميت تي مڪمل اعتماد هوندو هو.

(١) مقدمہ بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ١٠.



Marfat.com

ٺٽي شهر اندر دين جي حوالي سان ان وقت جيڪي بدعات ۽ خرافات رائج هيون، تن جي پاڙ پٽڻ ۾ سائينءَ جن پنهنجون بي پناه توانايون ۽ صلاحيتون صرف ڪيون ۽ ان سلسلي ۾ مخدوم صاحب جن جي ئي ڪوشش سان وقت جي حاڪم غلام شاه ڪلهوڙي سرڪاري عاملن ڏانهن اهڙو حڪم نامو روانو ڪيو، جنهن ۾ مختلف مشرڪاڻ رسومات ۽ بي حيائيءَ وارين ڳالهين کي سرڪاري سطح تي روڪڻ جو حڪم ڏنو ويو. (١)

مخدوم صاحب جن جي مٿين ڪوشش جي ڪري ٺٽي شهر ۾ هر طرف خالص اسلامي معاشرو ۽ ديني ماحول نظر اچڻ لڳو. جنهن جو ان دور جي اهل علم دل کولي اعتراف ڪيو آهي. جڏهن ته سطحي علم وارا يا وري دين جي حڪمن بجاءِ پنهنجي نفساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ وارا بي عمل ساڻن اختلاف به رکندا هئا، جنهن جو بنياد سندن بي علمي ۽ بدنيتي تي رکيل هو.

مخدوم صاحب جن، تيهن ورهين کان به وڌيڪ عرصي تائين نه صرف سنڌ پر ان کان ٻاهر به ديني حلقن ۾ پنهنجي علم و فضل جو اهڙو ته ڌاڪو ڄمايو، جو اهل نظر ۽ اهل علم کان سواءِ وقت جا حاڪم به سندن حڪمن جي تعميل کي پنهنجي لاءِ سعادت سمجهندا هئا.

## شاگرد

مخدوم صاحب جن پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي علم ۽ عرفان جا درياءَ وهايا، انهن منجهان سوين نه پر هزارين شخص سيراب ٿيا. ان لسٽ ۾ ڪئين عالم، اديب، فقيه، مفتي، مؤرخ، مفسر، محدث ۽ مقرر شامل آهن. جن جا نالا شمار ڪرڻ امڪان کان ٻاهر آهي پر هتي نموني طور اهڙا چند نالا درج ڪجن ٿا، جن پنهنجي دور جي هن عظيم استاد وٽان حاصل ڪيل علم کي اڳتي وڌايو ته سندس ساک کي برقرار به رکيو. انهن منجهان ٻهريان به مخدوم سائينءَ جن جا فرزند آهن.

مخدوم عبدالرحمان، مخدوم عبداللطيف، شيخ محمد مراد ولد محمد يعقوب انصاري سيوهاڻي، شيخ عبدالحفيظ بن درويش عجيمي مڪي، علامه محمد بن محمد اشرف بن آدم نقشبندي سنڌي، سيد عبدالرحمان ولد سيد محمد اسلم حنفي مڪي، مخدوم عبدالخالق ٺٽوي، مخدوم عبدالله نرئي وارو، ميون عزت الله ڪيريو چوٺياروي، سيد شهمير شاه مٽياروي، مخدوم ميئينڏنو نصرپوري، سيد محمد صالح شاه جيلاني گهوٽڪي وارو، ميان نور محمد خستہ ٺڪڙائي ۽ سيد فقير الله شاه علوي شڪارپوري وغيره جا نالا ذڪر جوڳا آهن. (٢)

---

(١) روزنامہ الوحيد سنڌ آزاد نمبر ١٩٣٦ع ص ٣٢.

(٢) مقدمہ "ڪشف الرين" ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي ص ٢٢ ـ ٢٣. مقدمہ رشف الزلال "سنڌي ترجمو" ڊاڪٽر عبدالرسول قادري ص ١۴. تذڪره شعراء ٺڪر اسدالله شاه اسد ص ١٨. مقدمہ نسب النبي ﷺ سنڌي ترجمو مفتي مولانا عبدالوهاب چاچڙ ص ٦.



Marfat.com

متين نالن منجهان ڪجھ اهم شاگرن جا مختصر حالات هيٺ ڏجن ٿا:

## (۱) مخدوم عبدالرحمان

هي مخدوم محمد هاشم سائينءَ جن جو وڏو فرزند هو. تعليم جي تڪميل مخدوم صاحب جن جي مدرسي ۾ ڪيائين ۽ پوءِ ان ۾ ئي درس و تدريس جا فرائض ادا ڪندو رهيو، علم فقہ ۾ کيس وڏي مهارت حاصل هئي. سنڌي زبان ۾ هڪ ڪتاب لکيائين، جنهن جو نالو "حيات العاشقين" آهي. هن ڪتاب ۾ حج جا مسائل نهايت آسان نموني ۾ بيان ڪيا اٿس. هي ڪتاب بہ ان دور جي رواج مطابق الف اشباع واري طرز تي لکيل آهي ۽ ليٿو تي ڇپيل بہ آهي. [۱]

مخدوم عبدالرحمان پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ ٺٽي مان هجرت ڪري وڃي رياست جهونا ڳڙھ ۾ رهيو ۽ پوءِ سڄي عمر اتان جي ماڻهن جي ديني توڙي علمي ميدانن ۾ رهنمائي پئي ڪيائين. [۲] تانجو ۱۱۸۱ ھ جي لڳ ڀڳ اتي گذاري ويو ۽ اتي ئي کيس دفنايو ويو. [۳]

## (۲) مخدوم عبداللطيف

هي مخدوم صاحب جن جو ٻيو نمبر فرزند هو، جيڪو پنهنجي عظيم پيءُ جو صحيح جانشين ثابت ٿيو ۽ ان جي جاءِ تي درس و تدريس کان علاوه وعظ ۽ تبليغ جو سلسلو بہ جاري رکيو پئي آيو. ۱۱۸۷ ھ ڌاري ان وقت جي حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙي طرفان کين قاضي مقرر ڪيو ويو ۽ اهي ذميواريون بہ هن نهايت عزيمت ۽ اورچائيءَ سان نڀايون. ان زماني ۾ هن پنهنجي جاءِ تي درس و تدريس لاءِ پنهنجي پٽ مخدوم محمد ابراهيم عرف موليڏني کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو تہ جيئن قضا جي مصروفيت سبب پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪم متاثر نہ ٿئي. [۴]

مخدوم عبداللطيف سال ۱۱۸۷ هجريءَ ڌاري وفات ڪئي ۽ کيس مڪليءَ جي قبرستان ۾ ئي پنهنجي پيءُ جي پيرانديءَ کان دفنايو ويو. جنهن سندس قبر اڄ تائين موجود آهي.

## (۳) مخدوم ابوالحسن صغير

سنڌ جو برک عالم ۽ مجيل محدث غلام حسين بن محمد صادق جنهن کي دنيا مخدوم ابوالحسن صغير جي نالي سان ڄاڻي ٿي، سو ٺٽي ۾ ڄائو. اتي ئي علم پرايائين. جنهن کانپوءِ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ مديني شريف پهتو ۽ اتان جي جيد عالمن جي خدمت ۾ رهي فقہ

---

(۱) مقدمہ بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ۴۷. مقدمہ تفسير هاشمي. ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ص ۱۳.

(۲) ايضاً.

(۳) مقدمہ بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ۴۰. تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو) مخدوم امير احمد ص ۵۶۶. قديم سنڌ مرزا قليچ بيگ ص ۲۰۰.

(۴) تذڪره مشاهير سنڌ مولانا دين محمد وفائي ج ۳ ص ۳۳۰ - ۳۲۹. نزهة الخواطر سيد عبدالحي لکنوي ج ۶ ص ۱۶۹.



Marfat.com

۽ حديث ۾ تخصص حاصل ڪيائين. سندس استادن ۾ سالم بن عبدالله بصري، شمس بن عقيلة ۽ عطاء مڪي کان علاوه سنڌ جي مجيل عالم ۽ محدث شيخ محمد حيات سنڌيءَ جو نالو بہ شامل آهي، جنهن جي وفات کانپوءِ اتان جي انتظاميہ طرفان مخدوم ابوالحسن کي سندس استاد جي جاءِ تي "مدرسہ دارالشفاء" جو شيخ الحديث مقرر ڪيو ويو. [1] جيڪو سندس علميت جو اعتراف بہ آهي تہ هڪ وڏو اعزاز بہ.

پنهنجي عظيم استاد جي عظيم مسند تي ويهي مولانا ابوالحسن صغير هڪ عالم ۽ محقق استاد جي حيثيت سان پنهنجون ذميواريون احسن طريقي سان نڀايون ۽ ان اعتماد کي بحال رکيو، جيڪو مدرسي جي انتظاميہ طرفان مٿس ڪيو ويو هو. هزارن جي تعداد ۾ اسلامي دنيا جي ڪنڊڪڙڇ مان اينڊز شاگرد سندس علم مان مستفيض ٿيا ۽ هنن ان وقت "مدرسہ دارالشفا" مان جيڪي سَنَدون حاصل ڪيون، تن ۾ هڪ ٻئي پٺيان ٽن سنڌي استادن جا نالا شامل هئا، يعني مخدوم ابوالحسن ڪبير، شيخ محمد حيات سنڌي ۽ ابوالحسن صغير. بيشڪ اهي اهڙا عالم هئا، جن سڄي اسلامي دنيا ۾ سرزمين سنڌ جي مانَ کي مٿانهون ڪيو. اڄ بہ سنڌ جا اهل علم ان ڳالهہ تي فخر ڪن ٿا. حديث شريف جي ڪتابن مان مخدوم ابوالحسن جي صحيح بخاريءَ سان ڏاڍي انسيت هئي. واندڪائيءَ جي وقت بخاري شريف جو متن زير زبر سان نقل ڪندا رهندا هئا ۽ جڏهن هڪ نسخو مڪمل ٿيندو هو تہ وري ٻئي جي شروعات ڪندا هئا. سندن هٿ جو لکيل هڪ اهڙو ئي نسخو يمن ۾ موجود آهي. [2] سن ۱۱۸۷ هہ بمطابق ۱۷۷۳ع ڌاري هن بزرگ مديني شريف ۾ وفات ڪئي ۽ کيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

**(۴) الحاج سيد فقير الله شاهہ علوي**

حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي شاگردن ۾ هڪ نمايان نالو سنڌ جي مشهور عالم، عامل، عارف ۽ اهل دل صوفي حضرت شاهہ فقير الله علوي رحہ جو بہ آهي. هي بزرگ سن ۱۱۰۰ هجريءَ ڌاري افغانستان جي مشهور شهر جلال آباد جي پسگردائيءَ ۾ "روتاس" نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڄائو. هن پنهنجي تعليم جو سلسلو ان علائقي جي هڪ نامور عالم حضرت علامہ محمد صادق بن دينار ننگرهاري حصارڪيءَ وٽ مڪمل ڪيو ۽ تفسير، حديث، فقہ، منطق ۽ معاني وغيره ۾ مهارت حاصل ڪيائين. پر سندس اندر ۾ جيڪا علم جي اڃ هئي اها نہ اجهاڻي، انڪري وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هُن هند سنڌ، عرب توڙي عجم جا ڏکيا ۽ ڏگها سفر ڪري، وقت جي وڏن استادن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ظاهري توڙي باطني

(۱) مقدمہ بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ۴۷. تحفة الڪرام مير علي شير قانع سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد عباسي ص ۵۷۸. نزهة الخواطر عبدالحي لڪنوي ج ٦ ص ۹ ـ ۸.

(۲) "الرحيم" سرزمين سنڌ ۾ علم حديث جي خدمت قسط ۲ آگسٽ ۱۹٦۲ع.



Marfat.com

علوم ۾ ڪمال حاصل ڪيو.

سڀ ڪان پهريان باطني علم جي سلسلي ۾ حضرت فقير الله شاه عليه رحمت پشاور جي علائقي ۾ آيو ۽ اتي وقت جي وڏي شيخ، سيد محمد مسعود پشاوري جي هٿ تي بيعت ڪيائين، جنهن ڪيس ڇهن سلسلن يعني نقشبندي، قادري، چشتي، سهروردي، شطاري ۽ فردوسي ۾ خلافت عطا ڪئي (١) ان ڪانپوءِ لاهور اچي شيخ الشيوخ خواجه محمد سعيد لاهوريءَ وٽان ان سلسلي جي تڪميل ڪيائين، جيڪو سيد محمد مسعود جو به مرشد هو.

اهڙيءَ ريت ظاهري علم جي سلسلي ۾ حضرت شاه فقير الله علوي رحه حرمين شريفين پهتو ۽ حج جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ اتان جي نامور استادن وٽان ٻين مختلف علوم سان گڏ حديث ۾ تخصص حاصل ڪيائون. انهن استادن ۾ شيخ الاسلام مفتي عبدالقادر مڪي، مشهور محدث سيد محمد عمر مڪي، خطيب بن عمر يمني ناشري ۽ رئيس المحدثين امام محمد حيات ولد محمد ابراهيم سنڌيءَ جا نالا ذڪر جوڳا آهن، جن ڪان شاه صاحب جن صحاح ستہ ۽ ڪتاب الاجازه جون اسناد حاصل ڪيون.

جنهن ڪانپوءِ شاه صاحب ٺٽي ۾ آيو ۽ اتي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه جي شاگرديءَ ۾ رهي ڪانئن حديث، فقه، اوراد ٺوڙي اذڪار وغيره ۾ سَنَدون ورتائين. جنهن جو ذڪر هن پنهنجي ڪتابن قطب الارشاد، وثيقة الاڪابر سان گڏ انهن خطن ۾ به ڪيو آهي، جيڪي "مڪتوبات فقير الله شاه علوي رحه" جي نالي سان شايع ٿي چڪا آهن. هڪ جاءِ تي پاڻ اها ڳالهه به واضح ڪئي اٿن ته مخدوم صاحب عليه رحمت پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪو به علم حاصل ڪيو، ان سموري علم جون سَنَدون حضرت شاه صاحب کي عطا ڪيائين. (٢)

سن ١١٥٠ هجريءَ ڌاري حضرت فقير الله شاه علوي پنهنجي اباڻي وطن افغانستان کي خيرباد چئي هميشه لاءِ سنڌ ۾ آيا ۽ شڪارپور جي شهر کي پنهنجو وطن بڻايائون، جنهن ڪانپوءِ هتي هڪ شاندار علمي ۽ روحاني مرڪز جو بنياد رکيائون، جتي مختلف متداول علوم سان گڏ شاگردن کي روحاني تعليم به ڏني ويندي هئي، عالمن ۽ طالبن جي مطالعي لاءِ شڪارپور ۾ هڪ عظيم الشان لائبريري جو بنياد به رکيائون، جتي هزارن جي تعداد ۾ نادر قلمي نسخا موجود هئا ۽ بقول استاد قاسميءَ جي "هندوستان ڪان افغانستان تائين ڪيترا جيد عالم شڪارپور کهي اچي ان ڪتب خاني جي زيارت ڪندا هئا ۽ نادر ڪتابن تان نوٽ وٺندا هئا." (٣)

---

(١) وثيقة الاكابر (قلمي) سيد فقير الله علوي ص٢. قطب الارشاد سيد فقير الله علوي ص ٦٤٤.

(٢) وثيقة الاكابر قلمي سيد فقير الله شاه علوي رحه.

(٣) مقالات قاسمي "استاذ قاسمي" ص ٣٤٥.



Marfat.com

اتکل اڈ صديءَ تائين نہ صرف سنڌ پر هندوستان ۽ افغانستان کان بہ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو هن علمي ۽ روحاني مرڪز تان ظاهري توڙي باطني فيض حاصل ڪندا رهيا. جنهن لاءِ سنڌ جو مشهور عالم ۽ مؤرخ مير علي شير قانع لکي ٿو: "الحاج شاهه فقير الله علوي جيڪو ٻاهران آيل آهي پر هڪ ڊگهي عرصي کان شڪارپور ۾ ماڻهو سندن خدمت ۾ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا رهن ٿا. علم عرفان جي سلسلي کي توڙ رسايو اٿس ۽ ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هي بزرگ فضيلت ۽ حالت جو مالڪ آهي، (آسپاس جا) حاڪم بہ ساڻس عقيدت رکن ٿا ۽ سندن خدمت ۾ حاضري ڀرين ٿا. نيڪين جي حڪم ڪرڻ ۽ برائين کان روڪڻ ۾ نهايت ڪوشان رهي ٿو ۽ پنهنجي معتقدن کي ظاهري ۽ باطني فيض سان پيو نوازي ٿو." (١)

حضرت شاهہ صاحب وٽ تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو بہ سڄي زندگي جاري رهيو. عربي، فارسي ۽ پشتو وغيره ۾ مختلف موضوعات تي ڪافي ڪتاب لکيائون، ان ڪانسواءِ وٽن پري رهڻ وارن مريدن معتقدن جي تعليم ۽ تربيت جو انتظام خطن ذريعي بہ هلندو هو. انهن خطن مان ڪجهہ خط "مڪتوبات" جي نالي سان شايع بہ ٿيل آهن. جن ۾ ذهني توڙي روحاني اصلاح لاءِ عجيب نقطا سمايل آهن، جن جي مطالعي مان اڄ جا انسان بہ رهنمائي حاصل ڪري سگهن ٿا.

علم ۽ عرفان جو هي آفتاب صفر مهيني جي ٽين تاريخ ١١٩٥ هہ ڌاري شڪارپور ۾ ئي غروب ٿيو، هزارين مريدن ۽ عقيدتمندن سندن جنازي ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ڪانپوءِ سندن ميت کي ان علمي مرڪز جي احاطي اندر ئي دفنايو ويو، جتي اڄ سوڏو سندن مزار مبارڪ موجود آهي. (٢)

## مخدوم صاحب جن جي تصنيف تاليف

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جو شمار انهن عظيم عالمن ۽ محققن ۾ ٿيندو آهي، جن پنهنجي سڄي ڄمار دين جي تعليم، تبليغ ۽ ترويج لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هو هر موقعي تي ۽ هر محاذ تان هر وقت "امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر" جي صدا بلند ڪندا رهيا. الله تعاليٰ سندن علم ۾ وسعت، بيان ۾ ندرت، ڪلام ۾ قدرت ۽ قلم ۾ اهڙي قوت عطا ڪئي هئي، جو تحرير توڙي تقرير ذريعي جنهن بہ موضوع ڏانهن متوجہ ٿيا تہ ان جو حق ادا ڪري ڏيکاريائون. اهوئي سبب هو جو الله تعاليٰ سندن زندگيءَ ۾ ئي کين اهو مقام عطا ڪري ڇڏيو، جيڪو اسان جي علائقن ۾ مُئي ڪانپوءِ بہ ماڻهن کي مَس ملندو آهي.

مخدوم سائينءَ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻين ديني ڪمن سان گڏ تصنيف ۽ تاليف طرف بہ

(١) تحفة الڪرام (فارسي) مير علي شير قانع ج ٣ ص ١٣٤.

(٢) مقدمہ بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ٥١.



Marfat.com

خاص توجہ ڏني. هڪ ديني عالم جي حيثيت سان ڪين ان ڳالھ جو احساس هو تہ علم جي اشاعت، ترقي ۽ تحفظ جو اهو هڪ اهم ۽ پائدار ذريعو آهي، جو تہ الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ پهرين وحيءَ وقت ئي "علم بالقلم" جو ذڪر ڪري ڇڏيو آهي. [1] جنهن جي وضاحت ڪندي مفسر لکن ٿا تہ جيڪڏهن حضرت انسان کي قلم ۽ ڪتاب جو علم نہ هجي ها تہ علمي دنيا ۾ ترقيون رڪجي وڃن ها ۽ علم ۾ وسعت پيدا نہ ٿي سگهي ها. پوءِ علم جو وڌڻ ويجهڻ ۽ ان کي محفوظ ڪرڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ها؟ نہ فقط اينترو پر انساني نسل پنهنجي بزرگن جي علم ۽ علميت کان بہ واقف ٿي نہ سگهي ها. انڪري تصنيف تاليف ذريعي ئي عالمن جي ميراث پوين نسلن تائين آسانيءَ سان منتقل ٿيندي رهي آهي.

مخدوم صاحب جن کي الله تعاليٰ جيئن درس و تدريس، وعظ و نصيحت، قضا و افتاء جي بي مثال صلاحيتن سان نوازيو هو، تيئن سندن ذات کي تصنيف تاليف جي ذات بہ عطا ڪئي تہ ان کي پيش ڪرڻ جو ڏانءُ بہ. سندن سيني ۾ جيئن تہ علم جو هڪ جهان آباد هو، انڪري هنن مختلف ۽ متنوع موضوعات تي ڪئين ڪتاب تحرير فرمايا. اختصار ۽ جامعيت سندن تحرير جي خصوصيت رهي آهي. وڏي ڪان وڏي ڳالھ اهڙي تہ وٿندڙ پيرائي ۽ مختصر انداز ۾ پيش ڪندا هئا، جو پڙهندڙ سولائي سان سندن مطلب جي تہ تائين پهچي ويندو هو. نہ فقط اينترو پر پڙهندڙن اهو بہ محسوس ڪيو آهي تہ نهايت پيچيده ۽ منجهيل مسئلن کي مخدوم سائين، نهايت مختصر تحريرن ۾ حل ڪري ڏيکاريو آهي. دين سان لاڳاپيل شايد ئي ڪو اهڙو شعبو هجي، جنهن تائين سائينءَ جن جو قلم نہ پهتو هجي، انڪري ائين چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ سنڌ جي عالمن منجهان تصنيف ۽ تاليف جو جيترو گهڻو ڪم مخدوم صاحب جن ڪيو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن هتان مشڪل ٿيو هوندو.

## مخدوم صاحب جن جي تصنيف ۽ تاليف ٿيل ڪتابن جو تعداد

مخدوم صاحب جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪل ڪيترا ڪتاب لکيا؟ ان ڏس ۾ محققن جا رايا مختلف آهن. پاڻ پنهنجي مشهور رسالي "اتحاف الاڪابر بمرويات شيخ عبدالقادر" ۾ هن پنهنجي طرفان لکيل هڪ سؤ پندرهن ڪتابن جا نالا درج ڪيا آهن. [2] اهو ڪتاب پاڻ ١١٣٦ هجريءَ ڌاري مڪي حرم ۾ قيام دوران تحرير ڪيو هئائون. ان وقت مخدوم سائينءَ جن جي ڄمار ٻٽيهہ ورهيہ مس هئي، جنهن ڪانپوءِ بہ پاڻ اٺتيھ ورهيہ ڪن حيات هئا ۽ ان زماني ۾ بہ تصنيف تاليف جو ڪم زور شور سان ڪندا رهيا. هن ان زماني ۾ بہ نهايت اهم ڪتاب

---

(١) سوره علق آيت ۴ پاره ٣٠.

(٢) بذل القوة: (قلمي) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص ١٣۴ ب ڪتب خانہ ميان خالد ڏهر.



Marfat.com

تحرير ڪيا، ان جو وڏو ثبوت اهو ڪتاب پڻ آهي جنهن جو ترجمو هن وقت اوهان مطالعو ڪري رهيا آهيو. هن ڪتاب ڪي مخدوم سائينءَ جن ١١٦٨ هجريءَ ڌاري لکي پورو ڪيو هو ۽ ان ڪتاب جو نالو اتحاف الاڪابر ۾ درج آهي. ان مان اها پروڙ به پوي ٿي ته مخدوم صاحب جن پوئين دور ۾ لکيل پنهنجي ڪن خاص ڪتابن جا نالا پڻ "اتحاف الاڪابر" واري فهرست ۾ شامل ڪندا رهيا آهن پر سيني ڪتابن جا نه. چو ته پوئين دور ۾ لکيل ڪجهه ڪتابن جا نالا "اتحاف الاڪابر" واري فهرست ۾ موجود نه آهن، جنهن ڪري سندن لکيل ڪتابن جي صحيح تعداد جو اندازو لڳائڻ ڪجهه مشڪل ٿي پيو آهي، انڪري ئي مختلف عالمن ۽ محققن وٽ سندن لکيل ڪتابن جي تعداد بابت اختلاف رهيو آهي ۽ هو اهو انگ ڏيڍ سو کان وٺي ساڍا ٽي سو تائين به ٻڌائين ٿا. (١) جنهن ۾ ڪجهه مبالغه آرائي کان ڪم ورتو ويو آهي. منهنجي ذاتي راء مطابق اهو تعداد ڏيڍ سؤ کان وٺي ٻن سون تائين ٿي سگهي ٿو، والله اعلم بالصواب. اهي ڪتاب عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ سنڌي زبان ۾ به لکيا ويا ته جيئن سنڌ جو عوام جيڪو عربي فارسي نٿو ڄاڻي ته اهو به دين جون ڳالهيون ۽ مسئلا پنهنجي مادري زبان ۾ سولائي سان پڙهي سمجهي پوءِ انهن تي عمل ڪري سگهي.

گذريل صديءَ دوران عربي ۽ فارسي زبانن ڏانهن عوام جي دلچسپي گهٽبي رهي آهي. وڏن وڏن علمي ۽ ديني خاندانن جا چشم و چراغ به انگريزي تعليم ڏانهن متوجه رهيا ۽ منجهن دنياداريءَ سان ئي چاهه ۽ دلچسپي وڌي ويئي. جنهن ڪري اهڙا قديم ڪتب خانه جن کي اسان جي بزرگن بيمثال ڪوشش ۽ قربانين سان قائم ڪيو هو، اهي تلف ۽ تاراج ٿي ويا. انهن منجهان ڪيترين جاين تي ته ڪتاب نالي ڪا شيءِ باقي نه بچي. البت ڪٿي ڪي ٻڏيءِ ٻيڙي واريون هريڙون باقي بچيل نظر اچن ٿيون.

پندرهين صديءَ جي شروعات ان سلسلي ۾ ڪافي خوش آئيند ۽ اميد افزا رهي، چو ته هاڻي سنڌ جا نوجوان عالم ۽ محقق نئين جوش ۽ جذبي سان پنهنجي بزرگن جون وڃايل وٿون هٿ ڪرڻ لاءِ پڪوبهه ڪري ميدان ۾ لٿا آهن. هنن جيڪا جستجو ۽ جاکوڙ شروع ڪئي آهي، تنهن جا سنا نتيجا سامهون اچي رهيا آهن. هينئر هر هنڌ پهچڻ لاءِ جديد مواصلاتي سهولتون، نقل ڪرڻ بجاء فوٽو اسٽيٽ جو نظام، پراڻن پنن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پلاسٽڪ ڪوٽنگ جو طريقو وغيره به هن ڏس ۾ معاونت ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري ڪافي اهڙا ڪمياب ڪتاب هن دور ۾ دستياب ٿي رهيا آهن، جن جي هٿ اچڻ جي ڪجهه وقت اڳ اميد ڪرڻ به اجائي پئي لڳي ۽ اهڙن ڪتابن ۾ سڀ کان گهڻو تعداد حضرت مخدوم سائينءَ جن جي ڪتابن جو ئي

(١) مقدمہ ذل القوة: "مخدوم امير احمد عباسي" ص ١١. تاريخ سنڌ: ڪلهوڙا دور، مولانا غلام رسول مهر ج ٢ ص ٧٥. "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي": ڊاڪٽر عبدالرسول قادري ص ٧٥.



Marfat.com

آهي. چو تہ هڪ طرف مخدوم صاحب جن جو تحريري مواد سپ کان گھٽو آهي. ٻيو تہ سندن شاگردن جو تعداد بہ سپ کان مٿي هو، جيڪي وڏ ۾ وڏ پنهنجي استاد جي ڪتابن جا نسخا نقل ڪري پاڻ وٽ رکندا هئا. وقت گذرڻ سبب يقيناً گھڻا ڪتاب هيٺ مٿي ٿي ويا پر پوءِ بہ ڪافي ڪجھہ بچي ويو آهي ۽ اهي هٿ آيل ڪتاب هاڻي سنڌ جي ڪيترن ئي ڪتب خانن ۾ موجود ۽ محفوظ آهن ۽ آسانيءَ سان ماڻهو اتي پهچي انهن منجهان استفادو ڪري سگھي ٿو.

منهنجي معلومات مطابق مخدوم صاحب جن جي ڪتابن منجهان سپ کان گھڻو ذخيرو هن وقت حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس سومري صاحب جن پنهنجي "قاسميہ لائبريري" ڪنڊياري ۾ ڪٺو ڪيو آهي، جنهن قلمي توڙي فوٽو اسٽيٽ نسخن جو تعداد هڪ سو جي لڳ ڀڳ ٿيندو. ان سلسلي ۾ سندن جاکوڙ ۽ جستجو اڃان جاري آهي. ڪجھہ وقت اڳ ڊاڪٽر صاحب جن مخدوم سائينءَ جن جي ناياب توڙي دستياب انهن ڪتابن جي الف ب وار هڪ فهرست مرتب ڪئي هئي، جنهن جي هڪ فوٽو اسٽيٽ ڪاپي مونکي بہ عنايت ڪئي هئائون. الله تعاليٰ ڪين جزاءِ خير عطا فرمائي، آمين.

مخدوم صاحب جن جي مخطوطات توڙي مطبوعات جو ٻيو وڏو ذخيرو، سنڌ جي هڪ ٻئي نوجوان عالم ۽ محقق صاحبزاده مفتي محمد جان نعيمي مدظله جن پنهنجي مشهور جامعہ "دارالعلوم مجدديہ نعيميہ ملير ڪراچي" جي ديده زيب ڪتب خاني ۾ جمع ڪيو آهي. ان کان علاوه مخدوم صاحب جن جا ڪتاب هيٺين ڪتب خانن ۾ بہ جهجهي تعداد ۾ موجود آهن:

حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب جن جو ڪتب خانو، روهڙي ضلعو سکر.

حضرت مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادريءَ جو ڪتب خانو، ڳوٺ دڙي مگسي تعلقو سڪرنڊ.

مدرسہ سومراٽي شريف جو ڪتب خانو، تعلقو لکي ضلعو شڪارپور.

مولوي محمد رمضان ڦلپوٽي صاحب جن جو ڪتب خانو، کهڙا تعلقو گمبٽ.

جامعہ راشديہ جو ڪتب خانو، پير جو ڳوٺ.

مدرسہ پيبندو شريف جو ڪتب خانو.

پروفيسر امين الله علوي جو ذاتي ڪتب خانو شڪارپور.

ان کانسواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي سرڪاري توڙي خانگي ادارن جي ڪتب خانن ۾ ڪجھہ نسخا موجود آهن. تڪرار ۽ طوالت کان بچڻ خاطر هتي مخدوم صاحب جن جي تصنيفات ۽ تاليفات جا نالا نقل نہ ڪيا ويا آهن، چو تہ اهي نالا اسان جي عالمن ۽ محققن طرفان ڪافي ڪتابن، انهن جي مقدمن، حاشين يا مختلف مقالن وغيره ۾ نقل ڪيا ويا آهن ۽ اهڙا اڪثر ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، انڪري جيڪي شائقين انهن نالن معلوم ڪرڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا.



Marfat.com

انهن جي خدمت ۾ گذارش آهي تہ هيٺين ڪتابن جو مطالعو فرمائين:

١. مقدمہ بذل القوة: مرحوم مخدوم امير احمد عباسي.

٢. حواشي تڪملہ مقالاة الشعراء: پير حُسام الدين راشدي.

٣. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ بابت ڊاڪٽريٽ جو مقالو: حضرت مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادري (زير طبع).

۴. مهراڻ جو موتي: مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو صاحب.

۵. مقدمہ ڪشف الرين: ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي.

٦. ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون: پير حسام الدين راشدي وغيره.

## وفات

حضرت مخدوم صاحب جن پنهنجي سڄي زندگي دين جي خدمت ۾ گذاري ۽ هو رجب مهيني جي ڇهين تاريخ خميس جي ڏينهن سن ١١٧۴ هجري بمطابق ١٧٦١ عيسويءَ جي فيبروري مهيني ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو، انا لله وانا اليه راجعون. ان وقت سندن عمر ستر ورهيہ هئي. (١) سندن نماز ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو شريڪ هئا. ڪين ٺٽي شهر جي ڀاهران مڪليءَ جي مشهور قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو، جتي اڄ سوڌو سندن قبر مبارڪ موجود آهي. هونئن تہ اها قبر ڪليل آسمان هيٺان هوندي هئي پر ڪجهہ ورهيہ ٿيا تہ سندن قبر مٿان ڇت ۽ پاسي ۾ هڪ مسجد بہ اڏائي وئي آهي. مخدوم صاحب جن جي وفات تي سندن ڪيترن ئي شاگردن توڙي عقيدتمندن قطعات ۽ مرثيا بہ لکيا هئا، جن ۾ غلام علي مداح، محمد پناه رجا، مير غلام علي بيگ ۽ محمد حسن جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

## بذل القوة جا قلمي توڙي ڇاپي نسخا ۽ ترجما

حضرت علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جن "بذل القوة" جو هي نادر نسخو سال ١١٦٨ هجريءَ جي صفر مهيني ۾ اربع جي رات لکي مڪمل ڪيو ۽ اها تاريخ هن پاڻ ڪتاب جي آخر ۾ نقل ڪئي آهي.

عالمن ۽ محققن وٽ ان دور ۾ اهو بہ رواج هوندو هو تہ منجهائن اڪثر پنهنجي ئي ڪتابن جو اختصار بہ لکندا هئا، پر جي ڪو ڪتاب تمام طويل هوندو هو تہ وري ان جو هڪ (اوسط) يعني وچولي درجي جو نسخو بہ تيار ڪيو ويندو هو، پوءِ اهو ڪم مصنف پاڻ بہ ڪندو هو تہ ڪڏهن سندس پيا شاگرد يا معتقد بہ اها خدمت سرانجام ڏيندا هئا، ان ڪري

(١) تحفة الڪرام مير علي شير قانع. ترجمو مخدوم امير احمد عباسي ص ٥٦٦. الوحيد سنڌ آزاد نمبر، ١٩٣٦ ص ٢٣. قديم سنڌ مرزا قليچ بيگ ص ۴٦٧. تذڪره لطفي مرحوم لطف الله بدوي ج ١ ص ٢۴٧.



Marfat.com

ڪيترن ئي ڪتابن جا مطول، اوسط ۽ صغير نسخا اڄ بہ اسان وٽ موجود آهن. ان ڏس ۾ معجم طبراني، سيرة ابن ڪثير، تاريخ ذهبي وغيره جا مثال ڏيئي سگهجن ٿا. ان رواج پٺاندڙ حضرت مخدوم صاحب جن بہ بعد ۾ هن ڪتاب جو اختصار "فتح العلي في حوادث سني النبوة النبي" صلي الله عليه وسلم جي نالي سان لکيو هو. (١)

سيرت طيبہ بابت ڪتاب "بذل القوة" پنهنجي متبرڪ موضوع توڙي منفرد انداز تحرير سبب ان دور ۾ ئي ڏاڍي مقبوليت حاصل ڪئي، جنهن جو وڏو ثبوت اهو آهي تہ هن ڪتاب جا ڪيترائي نسخا مختلف جاين تي اڄ سوڏو موجود آهن. هن ڪتاب جي سنڌي ترجمي دوران جيڪي قلمي نسخا نظر مان گذريا يا جن جي متعلق مختلف ذريعن کان معلومات حاصل ٿي، انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

**(الف) قلمي نسخا**

(١) هن ڪتاب جو هڪ ناياب قلمي نسخو نيشنل ميوزيم ڪراچيءَ جي مخطوطات واري شعبي ۾ رکيل آهي، جيڪو ميوزيم جي منتظمين پير جهنڊي وارن وٽان خريد ڪيو هو. هن نسخي جو شمار ڪتاب جي صحيح ترين نسخن ۾ ٿئي ٿو، ڇو تہ هي نسخي ڪي مؤلف جي روبرو پيشايو ويو هو. هي ڪتاب ڪيترو عرصو قبل مخدوم سائينءَ جن جي خاندان جي ملڪيت ۾ رهيو آهي، جنهنڪري ڪتاب تي سندن پوٽي مخدوم محمد ابراهيم ٺٽويءَ جي مهر بہ لڳل آهي. (سلام عليٰ ابراهيم ١١٨٤ هـ)، بعد ۾ هي ڪتاب راشدي بزرگن وٽ پهتو ۽ هينئر نيشنل ميوزيم ۾ موجود آهي.

(٢) ڪتاب "بذل القوة" جو هڪ قلمي نسخو "قاسميہ لائبريري" ڪنڊياري ۾ بہ موجود آهي، جيڪو سن ١٢١٢ هجريءَ ڌاري نقل ڪيو ويو هو. هيءُ خط نسخ ۾ لکيل آهي. جنهن تي ڪاتب جو نالو درج نہ آهي.

(٣) هن ڪتاب جو ٽيون نسخو "مدرسہ ڪنز العلوم" سومراٽي شريف ضلع شڪارپور ۾ بہ موجود آهي، جنهن جي ڪاتب جو نالو فقير محمد هاشم ولد ايوب ولد عبدالخالق آهي. هي "ميان علي شاه" نالي ڳوٺ جو رهاڪو هو، جنهن ١٣٢٦ هـ ڌاري هي نسخو نقل ڪيو هو.

(٤) "بذل القوة" جو هڪ نهايت خوبصورت ۽ خوش خط نسخو ڪتب خانہ ميان خالد ڏهر لڳ عالم آباد تعلقو ڪيرو ضلع سانگهڙ ۾ بہ موجود آهي، جنهن جو مالڪ حضرت مولانا مير محمد سڪندري صاحب آهي. خط نسخ ۾ لکيل هن نسخي تي ڪاتب جو نالو يا ڪتابت جو سال درج نہ آهي.

---

(١) اتحاف الاڪابر (قلمي) مخدوم محمد هاشم رحہ ج ٢ ص ١٤٠.



Marfat.com

(٥) مخدوم صاحب جن جي هن نادر ڪتاب جو هڪ ٻيو خوش خط نسخو جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ جي لائبريري ۾ بہ موجود آهي، جنهن جي ڪاتب جو نالو حافظ محمد رفيع ولد فتح محمد آهي. جنهن نهايت خوبصورت انداز ۾ هي ڪتاب نقل ڪيو آهي.

اهڙيءَ ريت ڪن ٻين لائبريرين ۾ بہ هن ڪتاب جا خطي نسخا موجود آهن.

**(ب) ڇاپي نسخو:**

ڪتاب "بذل القوة في حوادث سني النبوه" عربي زبان ۾ پهريون ڀيرو سال ١٩٦٦ع بمطابق ١٣٨٦ع هجريءَ ڏاري سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو ويو، جنهن جي تحقيق، تدوين، تقديم ۽ تهذيب جو ڪم ان دور جي مشهور عالم حضرت مولانا مخدوم امير احمد عباسي صاحب پرنسيپل اورنٽيل ڪاليج حيدرآباد طرفان ڪيو ويو.

هي ڪتاب ڊيمي سائيز ۾ شايع ٿيو، جنهن جو متن ٣٠٧ صفحن تي مشتمل آهي، جڏهن تہ شروعات ۾ هڪ سؤ صفحن تي نهايت معلوماتي مقدمو آهي، جنهن ۾ مؤلف جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندن تصنيفات توڙي تاليفات جو ذڪر نهايت دلڪش انداز ۾ ڪيو ويو آهي. آخر ۾ ٢٣٠ صفحن تي عنوانن جون فهرستون اعلام، اماڪن ۽ ماخذ وغيره جو ذڪر آهي، اهڙي ريت هي سڄو ڪتاب ٦٤٠ صفحن تي مشتمل آهي. هاڻي هي نسخو ناياب ٿي چڪو آهي، انڪري ضرورت آهي تہ هن جو نئون ايڊيشن شايع ڪيو وڃي.

**(ج) سنڌي زبان ۾ ترجما:**

پهريون ڀيرو بذل القوة جي سنڌي زبان ۾ ترجمي جو آغاز پروفيسر غلام حسين جلباڻي هٿان ٿيو، جنهن کي استاد العلماء حضرت علامہ مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ صاحب جن اڳتي وڌايو. اهو مواد ماهوار توڙي ٽماهي "الرحيم" ۾ اٽڪل چوڏهن ورهيہ يعني (١٩٧٦ کان ١٩٩٠ تائين) قسطوار وقفي وقفي سان شايع ٿيندو رهيو، پر مڪمل ٿي نہ سگهيو. (١) اهي قسطون هينئر "مقالات قاسميءَ" ۾ يڪجاءِ محفوظ آهن. استاذ قاسمي صاحب جن عربي عبارتن کي نهايت سليس سنڌيءَ جو لباس پهرايو آهي، جيڪڏهن هي ڪتاب مڪمل ٿي وڃي ها تہ سنڌي زبان ۾ سيرة جو هڪ اهم دستاويز ثابت ٿئي ها.

ڪتاب بذل القوة جو ٻيو ترجمو اوهان جي آڏو آهي، جڏهن تہ هن ڪتاب جو هڪ سنڌي ترجمو مولانا طفيل احمد نقشبندي نئويءَ طرفان بہ ڪيو ويو آهي، جيڪو عنقريب شايع ٿيڻ وارو آهي. (٢) ڪجهہ ٻين عالمن طرفان بہ هن ڪتاب جي سنڌي ترجمي ڪرڻ جون خبرون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن، جن مان محمد مصري خان ميمڻ، ڊاڪٽر محمد اشرف سمون جا نالا قابل ذڪر آهن.

---

(١) مخدوم محمد هاشم رحہ جون جيبل تصنيفون، ڊاڪٽر محمد ادريس سنڌي مهران ٢٠٠٣/٢ ص ٣٧.

(٢) مخدوم محمد هاشم رحہ جون جيبل تصنيفون، ڊاڪٽر محمد ادريس سنڌي مهران ٢٠٠٣/٢ ص ٣٧.



Marfat.com

قاسميه لائبريري - ڪنڊيارو ۾ موجود "بذل القوة" جو خطي نسخو (پهريون ۽ آخري صفحو) ڪاتب: لکيل نه آهي. سال ١٢١٢ هه.

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله وحده والصلوة والسلام على من لا نبي بعده وعلى آله وأصحابه و
من نحا نحوه وبعد فيقول العبد المفتقر الى رحمة ربه الغني محمد هاشم
بن عبد الغفور بن عبد الرحمن السندي التتوي كان الله له وبه رحيما
في كل وقت وحين ان هذه رسالة مختصرة في بيان ما وقع من الحوادث
في سني نبوة النبي الكريم صلى الله عليه وسلم اعني السنين الثلاثة و
العشرين التي كانت نبوته فيها النبي صلى الله عليه وسلم ثلاث عشرة سنة
منها بمكة المعظمة وعشر سنين منها بالمدينة المنورة من غزواته صلى الله
عليه وسلم او من سراياه او بعوثه وغيرها من سائر الحوادث شرعت
فيها خامس ذي الحجة الحرام من سنة الف ومائة وست وستين من
هجرة من له الاتم عليه افضل الصلوة واشرف السلام وسميتها بذل
القوة في حوادث سني النبوة ورتبتها على قسمين القسم الاول
في حوادث سني النبوة قبل الهجرة الشريفة والثاني في حوادث سني
النبوة بعد الهجرة وجعلت هذا القسم الثاني ثلاثة ابواب ...

Marfat.com

الله : و : عليه : وسلم : تمت : بعون : الله :

الكريم : في : التاريخ : ثاني : عشرة : من :

شهر : شعبان : المشرف : سنة : الف : و :

ثلث : مائة : و : ست : و : عشرون :

من : هجرة : النبي : آخر : الزمان : عليه :

افضل : الصلوة : و : السلام : فقط :



وهذا الجزء الثامن بآخر الكلام وكان الفراغ من تسويده ليلة الاربعا
الرابع من شهر صفر المظفر احسن الله تعالى له الختام من سنة
الف ومائتين وستين ١٢٦٠ من هجرة سيد الانام عليه افضل
الصلاة واشرف السلام والحمد لله سبحانه وتعالى على التمام
والصلاة والسلام على محمد سيدنا الامام وعلى آله وصحبه البررة الكرام
رضي الله تعالى عنهم اجمعين ورضوا عنه الى يوم القيام
ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم
وصلى الله على سيدنا ومولانا محمد
وآله
اللهم
[illegible]
آمين

Marfat.com

### (د) اردو ترجما:

ڀھربون ڀيرو هن ڪتاب جو اردو زبان ۾ ترجمو ملڪ جي مشهور عالم حضرت مولانا محمد يوسف لڌيانويءَ طرفان ڪيو ويو، ڊيمي سائز ۾ ڇپيل هن ڪتاب جي ضخامت ٣٨٨ صفحا آهي، جيڪو مڪتبہ بينات علامہ بنوري ٽائون ڪراچيءَ طرفان شايع ڪيو ويو. هي ترجمو آسان ۽ عام فهم اردوءَ ۾ آهي، جنهن ڪري اردو ڄاڻندڙ طبقي ڪان علاوه سنڌي پڙهڻ وارن بہ جهجهي تعداد ۾ هي ڪتاب خريد ڪيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هن ڪتاب جا ڇهہ ايڊيشن ختم ٿي ويا. ڪتاب جي ان مقبوليت کي ڏسندي ڪن ٻين ادارن طرفان بہ هن اردو ترجمي کي شايع ڪيو ويو آهي.

٢ جون ٢٠٠٠ع بمطابق ربيع الاول ١٣٢١ هجريءَ ڌاري هن ڪتاب جو ٻيو اردو ترجمو "سيرة سيد الانبياء" صلي الله عليه وسلم جي نالي سان مڪتبہ مظهرِ علم ڪالاخطائي روڊ شاهدره لاهور طرفان شايع ٿي ميدان ۾ آيو، جنهن جي مترجم جو نالو مولانا مفتي محمد عليم الدين نقشبندي مجددي آهي. جڏهن تہ مقدمو فقير محمد جلال الدين قادريءَ طرفان تحرير ٿيل آهي، جنهن کي نهايت ديده زيب انداز ۾ ڇپايو ويو آهي، اعليٰ ڪاغذ، مضبوط جلد سان گڏ هي ڪتاب طباعت جي سمورين خوبين سان سينگاريل آهي.

فاضل مترجم نهايت وڻندڙ پيرائي ۾ سليس ۽ بامحاوره ٻولي ۾ هي ترجمو ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ تعليقات ۽ تخريج جو ڪم بہ نهايت جديد تحقيقي انداز ۾ ڪيو اٿس ۽ ان ڇوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ اڄ تائين مارڪيٽ ۾ آيل "بذل القوة" جي ترجمن مان هي سڀ کان بهترين ترجمو آهي، جنهنکي هن ڪتاب جي شايان شان چئي سگهجي ٿو پر افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ هن ڪتاب جو حصول تمام ڏکيو ۽ عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر آهي، جنهن ڪري عام ماڻهو هن عاليشان ترجمي مان استفادو نہ ڪري سگهيا آهن.

هي ڪتاب ڊبل ڪرائون سائز جي ٦٠٧ صفحن تي مشتمل آهي.

## ڪتاب بذل القوة جون ڪجهہ خاص خوبيون

سيرة النبي صلي الله عليه وسلم جي مقدس موضوع تي دنيا ۾ هزارين ڪتاب موجود آهن، جنهن ڪري اهو فيصلو ڪرڻ ممڪن نہ آهي تہ هن سلسلي ۾ ڪنهن ڪتاب کي ڪهڙو مقام ڏنو وڃي پر پوءِ بہ ڪجهہ ڪتاب واقعي اهڙا آهن، جن کي ٻين کان وڌيڪ اهم ۽ منفرد ضرور چئي سگهجي ٿو، اهڙن ئي ڪتابن مان مخدوم سائينءَ جن جي هيءَ تاليف بہ هڪ آهي، جنهن ۾ شامل ڪجهہ منفرد ۽ ممتاز ڳالهين جو ذڪر هن هيٺ ڪجي ٿو. جيڪي هن ڪتاب کي ٻين کان منفرد ثابت ڪن ٿيون. مٿي تقديم ۾ اها ڳالهہ واضح ٿي چڪي آهي تہ فاضل



Marfat.com

مؤلف هن ڪتاب لاءِ گھڻي ڀاڱي صحيح ۽ مستند روايتن جو انتخاب ڪيو آهي پر جيڪڏهن ڪنهن واقعي بابت هڪ کان وڌيڪ مستند روايتون ملن ٿيون ته انهن جي وچ ۾ علمي انداز سان تطبيق پيدا ڪندي ان فروعي اختلاف کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن، پر جي ڪٿي راوين جي وچ ۾ ڪو بنيادي اختلاف نظر اچي ٿو ۽ انهن جا رايا ۽ ويچار هڪ ٻئي کان مختلف ٿي وڃن ٿا ته پوءِ علمي ۽ تحقيقي انداز ۾ جائزو وٺندي هڪ کي صحيح يا راجح ۽ ٻئي کي غلط يا ڪمزور قرار ڏين ٿا.

بيشڪ فقهي لحاظ کان مخدوم صاحب جن جو تعلق حنفي مسلڪ سان آهي پر سندن وسيع علم هنن جي دل ۽ دماغ کي به بي پناهه وسعت بخشي. سندن ٻاهرين استادن ۾ مفتي عبدالقادر کان سواءِ ٻيا استاد شافعي ۽ مالڪي مسلڪ جا پيروڪار هئا، انڪري مخدوم سائينءَ جن کي انهن جي فقه بابت به مڪمل معلومات حاصل هئي، اهوئي سبب هو ته جتي به قرآن يا حديث مان استنباط ڪندي ڪنهن فقيه وٽ ڪا ڍلائپ يا ڪمزوري نظر اچي ٿي ته هو ان جي نشاندهي ڪرڻ ضروري سمجهن ٿا ته جيئن حقيقت واضح ٿي سگهي. بذل القوة هوندئن ته سيرت جو ڪتاب آهي پر بقول امام ابن شهاب زُهريءَ جي ته "سمورا علم سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت مان نڪرن ٿا". انڪري هن ڪتاب ۾ به مختلف جاين تي ٻين ڳالهين سان گڏ ڪن فقهي مسائل جو ذڪر به اچي ٿو. ان موقعي تي نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت مان استفادو ۽ استنباط ڪندي هر فقيهه پنهنجي پنهنجي انداز سان اهڙن مسائل جو حل پيش ڪيو آهي. هاڻي ڪنهن به فقيهه جو پيش ڪيل حل جيڪڏهن واقعي سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن جي عمل سان موافقت رکي ٿو ته مخدوم سائينءَ جن ان کي فراخ دليءَ سان قبول ڪيو آهي پر جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي ڪنهن فقيهه جو پيش ڪيل حل حقيقت سان موافقت نٿو رکي ۽ ان جي باوجود به ان مسلڪ جا پيروڪار پنهنجي ذاتي هوڏ ۽ ڪمزور دليلن جي بنياد تي ان کي درست قرار ڏيندي حنفي مسلڪ تي چوٽ چئدين ٿا ته اتي هو حنفيت جا وڪيل بڻجي پنهنجي فقه جي علمي ۽ تحقيقي انداز ۾ اهڙو ته دفاع ڪن ٿا جو مخالف به سندن راءِ کي اهميت ڏيڻ تي مجبور ٿيو پون. اهڙا مثال هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي جاين تي قارئين ڪرام کي نظر ايندا. هن هيٺ اهڙن ڪجهه مسائل جو ذڪر ڪجي ٿو:

**(الف) حنفيت جي تائيد جا مثال**

سن ستين هجريءَ جي واقعات ۾ ام المؤمنين سيده ميمونه رضہ جي نڪاح بابت ڄاڻايو ويو آهي ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن ساڻن هي نڪاح ذيقعده جي مهيني ۾ ڪيو.



Marfat.com

هاڻي ان ڳالهہ ۾ راوين جو اختلاف آهي تہ اهو نڪاح ڪهڙي حالت ۾ ٿيو؟ جنهن بابت حديث جي ڪتابن ۾ اسانکي بہ روايتون ملن ٿيون. انهن مان پهرين روايت حضرت عبدالله بن عباس رضہ سائينءَ جي آهي، جنهن کي صحاح ستہ توڙي مؤطا مالڪ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ان روايت مان خبر پوي ٿي تہ سيده ميمونہ رضہ سان نڪاح وقت سيد ڪونين صلي الله عليه وسلم جن احرام جي حالت ۾ هئا. حنفي فقيهن وٽ ان روايت کي ترجيح ڏني وئي آهي، انڪري هو احرام جي حالت ۾ نڪاح جائز سمجهن ٿا پر همبستري وٽن جائز نہ آهي.

ٻئي طرف وري مسلم شريف ۾ سيده ميمونہ رضہ جي هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سائنس نڪاح ڪرڻ وقت ڪائنات جا ڪارڻي صلي الله عليه وسلم جن احرام کولي چڪا هئا. شافعي فقيهن وٽ وري ان روايت کي ترجيح حاصل آهي، انڪري هنن وٽ احرام جي حالت ۾ نڪاح بہ جائز نہ آهي.

هن موقعي تي مخدوم صاحب جن نهايت مضبوط دليلن سان شافعين جي مسلڪ کي رد ڪندي فرمايو آهي: ”جيئن تہ هي نڪاح ذيقعده جي مهيني ۾ ٿيو ۽ ان روايت تي سڀ متفق آهن تہ پوءِ نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن ان موقعي تي يقيناً احرام جي حالت ۾ هئا. ڇو جو پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن ذيقعده جو چند ڏسي ”عمره قضا“ جي ارادي سان احرام ٻڌي مديني طيبہ کان روانا ٿيا ۽ ذوالحج جي چوٿين تاريخ صبح ويل مڪي شريف ۾ داخل ٿيا ۽ عمره ادا ڪيائون. جنهن مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن ذيقعده جو سڄو مهينو احرام جي حالت ۾ رهيا. هاڻي جڏهن ذيقعده مهيني ۾ هن نڪاح ٿيڻ واري روايت تي سمورا راوي متفق آهن تہ پوءِ هي نڪاح باليقين احرام جي حالت ۾ ئي ٿيو هوندو، باقي سندن ملاقات عمره ادا ڪرڻ کانپوءِ واپسيءَ تي ساڳئي ئي ڳوٺ ”سَرِف“ ۾ ٿي، انڪري حنفين جو مسلڪ بالڪل صحيح آهي تہ ”احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪرڻ جائز آهي باقي گڏجاڻي نہ.“

(٢) سن ڏهين هجريءَ ڌاري حجة الوداع جي موقعي تي ”عرفات“ جي ميدان ۾ وقوف وقت هڪ شخص ڏاچيءَ تان ڪريو ۽ سندس ڳاٽو ڀڄي پيو، جنهن سبب هو گذاري ويو. ان موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ ”هن ميت جو منهن ۽ مٿو نہ ڍڪيو وڃي ۽ نہ ئي ڪيس ڪا خوشبوءِ لڳائي وڃي، ڇو تہ هو قيامت جي ڏينهن احرام جي حالت ۾ ئي تلبيو پڙهندي ميدان حشر ۾ اٿندو.“ اها حديث امام بخاري توڙي ٻين طرفان نقل ڪئي وئي آهي“.

مٿين روايت تي بہ حنفين توڙي شافعين جي وچ ۾ اختلاف رهيو آهي. شافعي فقيهن جو



Marfat.com

چوڻ آهي تہ سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم طرفان ڏنل اهو حڪم عام آهي، انڪري جيڪو ماڻهو بہ احرام جي حالت ۾ فوت ٿيندو ان کي مٿين طريقي سان ئي دفن ڪرڻ گهرجي، جڏهن تہ حنفي فقيهن جي راءِ آهي تہ اهو حڪم خاص ان شخص لاءِ هو، نڪي هر احرام واري لاءِ. هن موقعي تي مخدوم صاحب جن حنفي مسلڪ وارن جي تائيد ۾ نهايت قوي دليل پيش ڪندي فرمائين ٿا تہ هن موقعي تي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جو حڪم هو تہ "هن شخص جو منهن مٿو نہ ڍڪيو وڃي" پوءِ اهو حڪم عام ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ڇو تہ جيڪڏهن اهو حڪم عام هجي ها تہ پوءِ ان لاءِ لفظ هينئن هجڻ کپن ها تہ "احرام واري حالت ۾ فوت ٿيل شخص جو منهن مٿو نہ ڍڪڻ کپي." ان ڪري هن حديث جا لفظ خود حنفي مسلڪ وارن جي تائيد ڪن ٿا.

(٣) موزن تي مسح: ـ سن نائين هجريءَ جي واقعات ۾ حضرت مغيره بن شعبہ رضہ کان نقل ڪيل هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن هن سال فجر جي نماز لاءِ وضو ساربندي موزن مٿان مسح ڪيو، يعني پير مبارڪ نہ ڌوتائون. اها روايت متفق عليه آهي.

شيعہ فقہ سان واسطو رکندڙن جو چوڻ آهي تہ موزن جي مٿان مسح ڪرڻ وارو حڪم "سورة مائده" جي هڪ آيت ذريعي منسوخ ٿي ويو هو. هاڻي هتي اهو سوال ٿو اڀري تہ "سورة مائده" جو نزول سن پنجين هجريءَ ڌاري ٿيو، جڏهن تہ هن روايت مطابق سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن هي مسح سن نائين هجريءَ ڌاري ڪيو هو، جنهن مان پڻ حنفين جي تائيد ٿئي ٿي، ڇو تہ پنجين هجريءَ ۾ جيڪڏهن اهو حڪم منسوخ ٿيو هو تہ پوءِ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن نائين هجريءَ ڌاري مسح ڪيئن ڪن ها؟

(٤) ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضہ هجرت جي پهرين سال شوال جي مهيني ۾ پرڻجي سيد ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي گهر ۾ آئي. هاڻي جيڪي ماڻهو شوال جي مهيني ۾ يا ٻنهي عيدن جي وچالي دوران شادي ڪرڻ غلط سمجهندا آهن، مٿين واقعي مان انهن جي ترديد ٿئي ٿي. اهڙي ريت ٻيا بہ ڪيترا اهڙا واقعا آهن، جن مان حنفي مسلڪ جي تائيد جا ثبوت ملن ٿا.

**(ب) شخصيتن توڙي ماڳن مڪانن جو ذڪر**

هن ڪتاب ۾ بي شمار شخصيتن ۽ ماڳن مڪانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن مان ڪيترا نالا اسان وٽ غلط اچاريا ويندا آهن، انڪري جتي بہ ڪو نالو اچي ٿو تہ مخدوم صاحب جن ان جو صحيح تلفظ زبرن زيرن جي مدد سان اسان کي ٻڌايو آهي. ڪي نالا لکڻ ۾ هڪجهڙا



Marfat.com

آهن پر اچارڻ ۾ مختلف آهن، انڪري زير زبر کانسواءِ انهن ۾ فرق محسوس ڪري نہ سگهبو، ڪي نالا وري لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ ساڳيا آهن پر اهي شخصيتون مختلف آهن، انڪري سندن ولديت، ڪنيت يا خانداني نسبت سان سندن باري ۾ وضاحت ڪئي ويئي آهي.

مثال طور فتح مڪہ جي موقعي تي ايمان آڻڻ وارن ۾ ٻن شخصيتن جو نالو "ابوسفيان" آهي، جن مان هڪ شخصيت ابوسفيان بن حرب جي آهي، جيڪو مشهور اموي سردار هو، جڏهن تہ ٻيو "ابوسفيان" وري پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو چاچو ۽ ٿڃ شريڪ ڀاءُ آهي، جنهن کي ابوسفيان بن حارث مطلبي لکي سندن شخصيت کي نمايان ڪيو ويو آهي.

ساڳيءَ ريت "بيعت عقبہ" جي موقعي تي مازني قبيلي جي هڪ عورت ايمان آندو، جنهن جو نالو "نسيبہ" ٻڌايو ويو آهي، جڏهن تہ صحابي عورتن جي صف ۾ هڪ ٻي اهڙي عورت بہ شامل آهي، جنهن جو نالو تصغير جي صيغي ۾ "نُسيبہ" آهي. هن موقعي تي زير زبر سان گڏ مخدوم صاحب ڪنيت جي ذريعي بہ ٻنهي جي فرق کي واضح ڪيو آهي، جنهن مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ عقبہ جي ٽين بيعت ۾ شامل هن صحابي عورت جي ڪنيت ام عماره آهي، جڏهن تہ "نُسيبَہ" نالي واري عورت جي ڪنيت "ام عطيہ" آهي.

سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ مشهور صحابي حضرت عباد بن بشر رضہ جو ذڪر موجود آهي، اهو نالو بہ اسان وٽ عام طور غلط اچاريو ويندو آهي، جنهن جو صحيح تلفظ آهي عَباد بن بشر يعني هتي ع جي مٿان زبر ۽ ب جي مٿان زبر سان گڏ تشديد بہ ڏني ويندي، جڏهن تہ سندس بابي جو نالو بِشر آهي، يعني ب جي هيٺان زير ۽ شين کي ساڪن رکيو آهي. عام طور ماڻهو ان کي بَشَر اچاريندا آهن، جيڪو بالڪل غلط آهي.

مشهور صحابي حضرت ابوذر رضہ جي قبيلي جو صحيح تلفظ غِفاري آهي، جڏهن تہ عام ماڻهو ان کي غَفاري ڪري اچاريندا آهن، انڪري لازم آهي تہ غين جي هيٺان زير ڏني وڃي.

هڪ ٻئي مشهور صحابي حضرت بريده بن حصيب اسلميءَ رضہ جي نالي کي بہ اڪثر ماڻهو غلط اچاريندا آهن، جنهن جو صحيح تلفظ آهي بُرَيده بن حُصَيب اسلمي يعني ب جي مٿان پيش ۽ "ر" جي مٿان زبر ساڳيءَ ريت سندس والد جي نالي ۾ بہ ح جي مٿان پيش ۽ ص جي مٿان زبر ڏني ويندي، تڏهن ان جو اچار صحيح ٿيندو.

**(ج) ماڳن مڪانن جو ذڪر**

هڪ ماهر جاگرافيدان وانگر هن موقعي تي بہ حضرت مخدوم صاحب جن ماڳن مڪانن بابت اسان کي نهايت مستند معلومات مهيا ڪئي آهي. هن نہ صرف معروف توڙي غير معروف جاين جا صحيح نالا نقل ڪيا آهن پر انهن جو محل وقوع ۽ انهن جو صحيح فاصلو بہ ٻڌايو آهي. هن ڏس ۾ ايتري معلومات ٻئي ڪنهن بہ سيرت جي ڪتاب ۾ مشڪل ملي سگهندي.



Marfat.com

مثال طور: غزوات واري باب ۾ "ابواء" جو ذڪر ڪندي اسان جي محترم مؤلف ڄاڻايو آهي تہ "ابواء" مديني کان مڪي ڏانهن ويندڙ واٽ تي هڪ ڳوٺ آهي، جيڪو "فُرع" جي پسگردائيءَ ۾ آهي، جحفہ ۽ ابواء جي وچ ۾ ٽيويهن ميلن جو مفاصلو آهي. اهڙيءَ ريت جُهينہ جبل جو فاصلو مديني کان ٻارهن ميل ٻڌايو ويو آهي. فاصلو ٻڌائڻ وقت پورن ميلن سان گڏ اڌورن ميلن جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي."

سن ٽين هجريءَ جي غزوات ۾ غزوه احد جي موقعي تي مشهور جبل "احد" جو ذڪر اچي ٿو، جنهن جو فاصلو مديني کان عام طور تي ميل ٻڌايو ويندو آهي، مگر مخدوم سائينءَ جن علامہ سمهوديءَ جي روايت نقل ڪندي لکيو آهي تہ باب البقيع کان احد جبل جو فاصلو ميلن کان ٿورو مٿي آهي، يعنيٰ پورا ٽي ميل نہ آهي. اهو سندن احتياط جو ڪمال آهي. $2\frac{4}{7}$

هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جن طرفان جيترن ماڳن مڪانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي انهن بابت هنن نہ فقط ڪتابن مان معلومات حاصل ڪئي آهي پر اڪثر جاين تي پاڻ پهچي انهن جو مشاهدو بہ ڪيو اٿن، تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ اها معلومات صرف مطالعي جي بنياد تي نہ پر مشاهدي جي بنياد تي بہ حاصل ڪئي ويئي آهي، تنهنڪري ان ۾ غلطيءَ جو امڪان گهٽ کان گهٽ آهي، اهڙو اظهار ڪيترن ئي ماڳن مڪانن جي بيان وقت فاضل مؤلف هن ڪتاب ۾ ڪيو آهي.

سن ٻي هجريءَ دوران غزوه بدر ڏانهن ويندي مسلمانن جو لشڪر جڏهن "روحاء" وٽ پهتو تہ اتي پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن حضرت "ابولبابہ" کي پنهنجو جانشين مقرر ڪري مديني اماڻيو. هن موقعي تي مخدوم صاحب ڄاڻايو آهي تہ "روحاء" هڪ ڪوهہ جو نالو آهي، جيڪو مديني کان ٣٦ ميلن جي مفاصلي تي هو. مخدوم سائينءَ جن پاڻ هن ڪوهہ کي وڃي ڏٺو ۽ ان جو پاڻي بہ پيتائون.

سن سنئين هجريءَ جي واقعات ۾ جتي ام المؤمنين سيده ميمونہ رضہ جي نڪاح جو ذڪر آهي، ان موقعي تي مخدوم صاحب جن ٻڌايو آهي تہ هن بيبي سڳوريءَ جي ڳوٺ جو نالو "سَرف" هو، هن بيبيءَ اتي وفات فرمائي ۽ اتي ئي ڪين دفنايو ويو. مخدوم صاحب جن ١١٣٦ هہ ڌاري هتي پهتا، ان وقت هي ڳوٺ نہ اجڙي چڪو هو پر بيبي سائڻ جن جي مزار مبارڪ موجود هئي، جنهن جي زيارت ڪيائون.

سن ڇهين نبويءَ جي واقعات ۾ اسلام جي پهرين مرڪز دار ارقم جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جتي بعد ۾ عباسي خليفي هارون رشيد جي امڙ خيزُران هڪ مسجد جوڙائي هئي. مخدوم سائينءَ جن ١١٣٥ هجريءَ ڌاري هن جاءِ جي بہ زيارت ڪئي هئي. اهڙي ريت ٻين بہ ڪيترن ئي جاين جي زيارت ڪيائون. ساڳيءَ ريت وري انهن ماڳن مڪانن جا صحيح اچار پڻ



Marfat.com

نقل ڪيا ويا آهن.

سن نائين هجريءَ ۾ حضرت علقمہ رضہ جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ سريہ "جُده" جي ساحل طرف اماڻيو ويو. ان ماڳ جو صحيح تلفظ "جُده" آهي يعنيٰ ج جي مٿان پيش ڏنو ويندو. اهڙيءَ ريت سن ٽين هجريءَ دوران پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن هڪ غزوه لاءِ "فرع" ڏانهن روانا ٿيا. ان ماڳ جو صحيح اچار "فُرُع" آهي يعنيٰ "ف" نوڙي "ر" جي مٿان پيش ڏنو ويندو. اهڙي ريت سڄي ڪتاب ۾ اهڙن سوين ماڳن جا صحيح اچار ڏنا ويا آهن.

**(د) ڪجهہ روايتن جي ڇنڊڇاڻ**

اسان وٽ ڪجهہ روايتون سالن کان وني رائج رهيون آهن ۽ اڄ تائين بنا تحقيق جي ڪيترائي ماڻهو اهي روايتون جيئن جو تيئن نقل ڪندا رهن ٿا، پر مخدوم صاحب پنهنجي علم ۽ تحقيق جي بنياد تي ڪجهہ اهڙيون روايتون بہ نقل ڪيون آهن، جيڪي عام ڪتابن ۾ نظر نٿيون اچن.

(١) عام طور اها روايت مسلمانن ۾ مشهور آهي تہ هجري ڪئلينڊر جي شروعات سيدنا عمر بن خطاب رضہ پنهنجي خلافت واري زماني ۾ سن ١٧ هجريءَ ڌاري ڪئي پر مخدوم صاحب جن ان جي مقابلي ۾ هيءَ روايت نقل ڪئي آهي تہ "ان جي شروعات پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن هٿان ان وقت ٿي ٿي، جڏهن هو اجان "قبا" ۾ ترسيل هئا ۽ مديني نہ پهتا هئا" . هونئن تہ اهو مهينو ربيع الاول جو هو پر پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن هن موقعي تي فرمايو هو تہ هن سال جي شروعات محرم کان ڪئي ويندي، ڇو تہ حاجي سڳورا ان مهيني ۾ ئي پنهنجن ماڳن تي موٽندا آهن، مخدوم صاحب وٽ ان روايت کي ترجيح حاصل آهي.

(٢) ورقہ بن نوفل جي اسلام بابت بہ عالمن ۾ اتفاق نہ آهي پر مخدوم صاحب جن کي سندن ايمان آڻڻ تي يقين آهي ۽ هنن نبوت جي پهرين سال وارن واقعات ۾ حضرت ورقہ جي مسلمان ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي. اها ڳالهہ هنن پنهنجي طرفان نہ پر ڪيترن ئي مستند محدثن ۽ مؤرخن جي بيان ڪيل روايتن جي بنياد تي ڪئي آهي، جن ۾ شرح مواهب جو مؤلف زرقاني بہ شامل آهي، جنهن حضرت ورقہ کي قطعي صحابي شمار ڪيو آهي.

**(ح) بزرگن جي نسبت سندن پوين ڏانهن**

اسان جا عالم ۽ مؤرخ جڏهن ڪنهن شخصيت جو احوال بيان ڪندا تہ ان موقعي تي جيڪڏهن ان جي بزرگن ۾ ڪا اهم هستي هوندي آهي تہ ان سان نسبت جو ذڪر ضرور ڪيو ويندو آهي، مثلاً مخدوم سائينءَ جن جو استاد "مفتي عبدالقادر مڪي" جيئنوڻيڪ پنهنجي وقت جو هڪ مڃيل عالم ۽ فقيه ليکيو ويندو آهي پر ان هوندي بہ ان جي سوانح لکڻ وارن اهو ضرور لکيو آهي تہ هن جي بزرگن ۾ "شيخ طاهر پٽني" مشهور عالم ٿي گذريو آهي پر مخدوم صاحب جن هن ڪتاب ۾ ان جي ابتڙ وري نئون انداز اختيار ڪيو آهي، يعني ڪنهن



Marfat.com

اهم هستيءَ جو ذڪر ڪندي اهو ضرور ٻڌايو اٿن تہ اڳتي هلي ان جي نسل مان ٻي ڪهڙيءَ اهم شخصيت جنم ورتو. مثال طور سن ٻي هجريءَ جي واقعات ۾ حضرت سائب بن عبيد رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي هنن اها ڳالهہ بہ واضح ڪئي آهي تہ اڳتي هلي حضرت سائب جي نسل مان امام شافعي پيدا ٿيو، جنهن جو نسب نامو هن ريت نقل ڪيو اٿن: امام شافعي ولد ادريس ولد عباس ولد عثمان ولد شافع ولد سائب.

اهڙي ريت سن ٽين هجريءَ جي واقعات ۾ عبدالله بن شهاب جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو جنگ احد ۾ ڪافرن جي لشڪر سان گڏ مسلمانن سان وڙهيو هو ۽ هن پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي تير هڻي زخمي بہ ڪيو هو پر بعد ۾ اسلام قبول ڪيائون، سندس نسل مان اڳتي هلي امام ابن شهاب، زهري پيدا ٿيو، جنهن جو نسب هن ريت آهي: ابن شهاب محمد بن مسلم بن عبدالله ابن شهاب، اهڙيءَ ريت ابن شهاب عبدالله جو پوٽو ٿيو. ان ئي موقعي تي عبدالله اڪبر نالي هڪ شخص جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي، جيڪو اول ئي مسلمان ٿي چڪو هو. جنهن کي وري ابن شهاب زهريءَ جو نانو ڄاڻايو ويو آهي. هڪ ٻيو مثال غزوه خندق جي موقعي تي سعد بن حبتہ انصاريءَ رضہ جو آهي، جنهن ڪافرن جي لشڪر ۾ ٽاڪوڙو مچائي ڇڏيو. نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن سندس حق ۾ دعا ڪئي. هتي فاضل مؤلف ڄاڻايو آهي تہ اڳتي هلي حنفي فقه جو وڏو عالم امام ابويوسف سندس نسل مان پيدا ٿيو، جنهن جي نسب جو سلسلو هن ريت نقل ڪيو ويو آهي: امام ابويوسف بن ابراهيم بن حبيب بن جُبيش بن سعد بن حبتہ انصاري. ان ڪانسواءِ سن ڇهين هجريءَ جي واقعات ۾ حضرت عمر رضہ جي نڪاح جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو "جميلہ" نالي عورت سان ٿيو. هن گهر مان حضرت عمر رضہ کي عاصم نالي هڪ پٽ ڄائو ۽ ان جي نياڻيءَ کي اڳتي هلي حضرت عمر بن عبدالعزيز رضہ ڄائو هو. انڪري عاصم سڳ ۾ حضرت عمر بن عبدالعزيز رضہ جو نانو ٿيو سن ڇهين هجريءَ جي واقعات ۾ حُرقوس بن زُبير نالي هڪ شخص جو ذڪر بہ موجود آهي، جنهن جي نسل مان خارجي فرقو پيدا ٿيو.

اهڙيءَ ريت ننڍن جي وڏن سان نسبت جوڙڻ بدران وڏن جي نسبت ننڍن ڏانهن ٻڌائي ويئي آهي.

مخدوم صاحب پنهنجي هن منفرد تاليف ۾ ڪجهہ اهڙا نالا بہ نقل ڪيا آهن، جيڪي ڪنهن عام سيرة نگار يا مؤرخ طرفان نہ ٻڌايا ويا آهن. مثلاً سن ٻي هجريءَ جي واقعات ۾ ڏهين محرم واري ڏينهن روزي بابت پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن، جنهن شخص کان اعلان ڪرايو هو، ان جو نالو هند بن اسماء بن حارثہ اسلمي ٻڌايو ويو آهي. اهڙيءَ ريت پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم معراج جي وقت جنهن براق تي سوار هئا، ان جو نالو "جارود" هو. اهڙيون وضاحتون ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ مشڪل نظر اينديون.



Marfat.com

### (ط) مختلف روايتن جي وچ ۾ تطبيق

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي مديني ۾ پهچڻ بابت ٻه روايتون نقل ڪيون ويون آهن. پهرئين روايت ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن سومر جي ڏينهن مديني شريف پهتا. جڏهن ته ٻي روايت ۾ وري اهو جمعي جو ڏينهن ٻڌايو ويو آهي. ٻنهي روايتن ۾ تطبيق پيدا ڪندي مخدوم صاحب ڄاڻايو آهي ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن سومر ڏينهن "قبا" ۾ پهتا، ڇو ته ڪنهن به شهر جي ڪنهن حصي ۾ داخل ٿيڻ ان شهر ۾ ئي داخل ٿيڻ سمجهيو ويندو آهي. جنهن ڪانپوءِ ٻارهن راتيون "قبا" ۾ قيام ڪرڻ ڪانپوءِ جمعي جي مبارڪ ڏينهن تي اتان هلي مديني پهتا. اهڙيءَ ريت ٻئي روايتون صحيح ثابت ٿينديون.

ڪتاب جي شروعات ۾ پهرين نبوي سال جي واقعات دوران بعثت متعلق ٻه قول نقل ڪيا ويا آهن. پهرئين قول موجب پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت ربيع الاول جي مهيني ۾ ٿي، جڏهن ته ٻئي قول موجب بعثت رمضان جي مهيني ۾ ٻڌائي وئي آهي.

هن موقعي تي فاضل مؤلف ٻنهي روايتن ۾ تطبيق پيدا ڪندي بيان ڪيو آهي ته سچن خوابن ذريعي وحيءَ جي ابتداء ربيع الاول ۾ ٿي، جڏهن ته جبريل قرآني آيتون ڪٺي غار حرا اندر رمضان ۾ نازل ٿيو. اهڙي ريت ٻئي روايتون صحيح بيهنديون.

### (ي) پهريون پيرو پيش ايندڙ واقعات جي نشاندهي

اسلامي تاريخ ۾ جيڪو واقعو پهريون پيرو پيش آيو آهي ته اهڙي هر واقعي جي نشاندهي ان جاءِ تي ڪئي وئي آهي.

مشهور يهودي عالم حضرت مُخَيرِيق جيڪو مسلمان ٿيو ۽ غزوه احد ۾ شهادت ماتيائين، ان پنهنجي ملڪيت جو وارث سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن کي ٻڌايو هو پر سندس شهادت ڪانپوءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم اها سموري ملڪيت وقف ڪري ڇڏي. هن موقعي تي مخدوم صاحب جن وضاحت ڪئي آهي ته اهو اسلام ۾ وقف جو پهريون مثال هو.

حضرت عثمان بن مظعون رضہ جي وفات جي خبر سان گڏ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته هو پهريون مهاجر هو، جنهن مديني ۾ وفات فرمائي ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيو. اسلامي تاريخ ۾ پهريون اذان حضرت بلال رضہ فجر جي وقت ڏنو هو.

پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي هجرت ڪانپوءِ مديني ۾ انصار وٽ پهريون پٽ نعمان بن بشير ڄائو، جڏهن ته مهاجرن وٽ عبدالله بن زبير ڄائو هو. اهڙيءَ ريت ڄاڻايو ويو آهي ته اسلامي تاريخ ۾ پهريون غنيمت جو مال مسلمانن کي ان سريه ۾ هٿ آيو، جيڪو حضرت عبدالله بن جحش رضہ جي اڳواڻيءَ هيٺ "نخلہ" ڏانهن اماڻيو ويو. اهڙيءَ ريت پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي ذات لاءِ پهريون "خمس" به هن ئي موقعي تي عبدالله بن جحش



Marfat.com

پنهنجي اجتهاد سان ڪديو، چو ته ان وقت تائين اجان "خمس" ڪڍڻ جو حڪم نازل نه ٿيو هو.

غزوه طائف جي موقعي تي بڌايو ويو آهي ته پهريون دفعو منجنيق ذريعي دشمن مٿان پٿر وسايا ويا. ان کانپوءِ ڪنهن ٻئي غزوه ۾ منجنيق جي استعمال جو ثبوت نه ٿو ملي.

اسلامي تاريخ ۾ پهريون تير حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ طرفان ان غزوه دوران اڇلايو ويو جيڪو حضرت عبيده بن حارث رضہ جي اڳواڻيءَ هيٺ "رابغ" ڏانهن اماڻيو ويو.

پهريون ڪافر عمرو بن علاء حضرمي هو، جيڪو مسلمانن هٿان قتل ٿيو.

حضرت خُبيب بن عدي پهريون مسلمان هو، جنهن سوريءَ تي سر ڏنو. ان کان علاوه ڪيس اهو شرف به حاصل آهي ته هن شهادت کان اڳ ٻه رڪعتون نفل ادا ڪيون.

ان کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي اهڙا واقعا آهن، جيڪي پهريون دفعو پيش آيا، تن جي هن ڪتاب ۾ نشاندهي ڪئي ويئي آهي، اهي ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ئي خوبيون آهن، جيڪي هن ڪتاب کانسواءِ ٻي ڪنهن ڪتاب ۾ هڪ جاءِ تي نه ملنديون.

## ڪجھ ترجمي بابت

ڪنڻ واريءَ ڪنيو هڪ ٿلهو ٻيو ٿورو
سولي پئي صراف کي شل ڦولهي نه ڦورو
جت ترندو تورو ات ڪاٺياري ڪانه ٿئي.

حضرت مخدوم سائينءَ جن سان عقيدت ۽ ارادت اسان کي ورثي ۾ ملي، چو ته راقم جو وڏو ڏاڏو الحاج سيد فقيرالله علوي رحہ جن حضرت مخدوم صاحب کان علمي استفادي ڪرڻ خاطر قنڌار کان ڪهي اچي سنڌ جي هن سونهاري سرزمين تي پير پاتو ۽ پوءِ هميشہ لاءِ هنان جا ٿي ويا. انڪري حضرت مخدوم صاحب جن جي ذات توڙي تصنيفات بابت ٿوري گهڻي ڄاڻ به هئي ته سندن به چار ڪتاب منهنجي ذاتي لائبريري ۾ به موجود هئا.

سال ١٩٦٥ع ۾ بي اي جو امتحان پاس ڪري پنهنجي اباڻي شهر شڪارپور کي ڇڏڻو پيو ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم توڙي نوڪريءَ جي سلسلي ۾ گهڻو وقت ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ڪنڌيارو ۽ راڌڻپور ۾ گذريو، جتان ١٩٩٠ع ڌاري بدلي ٿي ۽ پنهنجي وطن تي واپس ورڻ جنهي ڪافي عرصي کانپوءِ وري پنهنجن پراڻن دوستن سان نئين سر ڪچهرين جو موقعو ميسر ٿيو. سنڌ جي قديم علمي اداري سي ايند ايس گورنمينٽ ڪاليج، جتي منهنجي پوسٽنگ ٿي، اتي موجود جن جهونن دوستن سان اڪثر ملاقات ٿيندي هئي، انهن ۾ عزيزم قمر ميمڻ صاحب به شامل هو، جنهن سان گڏجي گهڻو ڪري مختلف علمي موضوعات تي حال احوال اوريندا هئاسون. اهڙي ئي هڪ ملاقات دوران هڪ ڏينهن اوچتو هن دوست مون کان سوال پڇيو:



Marfat.com

"ڇا اوهان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جو ڪتاب "بذل القوة" پڙهيو آهي، ۽ اهو ڪتاب اوهان جي خيال مطابق ڪيئن آهي؟"

پنهنجي دوست جي واتان اچانڪ اهو سوال ٻڌي مان ته ڪجهه به نه ڪڇي سگهيس، ڇو ته ايڏي عظيم عالم ۽ محقق جي هن عظيم ڪتاب بابت مون پاڻ کي ڪنهن راءِ ڏيڻ جي لائق ئي نه پئي سمجهيو، انڪري ان سموري سوال جي جواب ۾ منهنجي وات مان فقط هڪ لفظ نڪتو ته "ڇو؟".

جنهن تي قمر صاحب ٻڌايو ته "اسان مهراڻ اڪيڊمي طرفان ان ڪتاب جي سنڌي ترجمي ڇپائڻ لاءِ سوچيو آهي." مون وراڻيو: "اها ته تمام سٺي ڳالهه آهي ۽ اسان جي مٿان پنهنجن بزرگن جو اهو حق آهي ته سندن ڪارنامن کي نمايان ڪريون ته جيئن اسان جا سنڌي ڄاڻندڙ انهن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن. حقيقت ۾ اهو ڪم ته اڄ کان گهڻو اڳ ٿيڻ کپندو هو، ڇو ته سنڌيءَ کان اڳ هن ڪتاب جو اردو ترجمو مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي". بهرحال اها ڳالهه اتي ختم ٿي وئي.

مٿين احوال کان ڪجهه ڏينهن پوءِ، قمر صاحب هڪ خاڪي لفافو منهنجي هٿن ۾ ڏيندي چيو: هي "بذل القوة" جي سنڌي ترجمي جا ڪجهه صفحا آهن، اوهان انهن کي پڙهي پنهنجي راءِ ڏيندا ته اهو ترجمو اوهان کي ڪيئن لڳو؟. مان اهو لفافو گهر کڻي آيس ۽ ان ڏينهن تي هڪ ئي نشست ۾ ويهي اهو سمورو مواد پڙهيم ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن تي ئي ڪيس واپس ڪيم.

ميمڻ صاحب مون کان پڇيو ته هي ترجمو اوهان کي ڪيئن لڳو؟

ان جي جواب ڏيڻ بدران مون ڪانئس سوال پڇيو ته "هي ترجمو ڪنهن ڪيو آهي؟". جواب ۾ هن چيو ته "اها اسان جي پاليسي هوندي آهي ته هر ڪتاب شايع ڪرڻ کان اڳ ان بابت هڪ ٻن ماڻهن کان خفيہ راءِ وٺندا آهيون، باقي مصنف يا مترجم جو نالو راز ۾ رکيو ويندو آهي."

مون کي سندس جواب ڏاڍو وڻيو ۽ پوءِ مان پنهنجي راءِ هن ريت ڏني ته "ترجمو سٺو آهي پر هي ترجمو "بذل القوة" جو نه پر ان جي اردو ترجمي "عهدِ نبوي کے ماه و سال" جو ترجمو آهي."

منهنجي ذاتي راءِ مطابق عام طور اڪثر مترجم جيڪي اصلي ڪتاب جو ترجمو ڪندا آهن ته اهي به صحيح معنيٰ ۾ ڪتاب جو حق ادا ڪري نه سگهندا آهن ته پوءِ ترجمي تان ترجمو ڪرڻ وارو ڇا ڪري سگهندو؟ منهنجي راءِ ٻڌي هي دوست ڏنم ته ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ پئجي ويو ۽ آءٌ به خاموش ٿي ويس. اٺ ڏهه ڏينهن رکي وري جڏهن ساڻس ملاقات ٿي تڏهن مون کي ٻڌائين ته "مون سوچيو آهي ته هن ڪتاب جو ترجمو جيڪر اوهان جي حوالي ڪيو وڃي." مون کيس صلاح ڏيندي چيو ته "اهو ڪم منهنجي حيثيت کان تمام گهڻو مٿي آهي، انڪري بهتر ائين ٿيندو ته هي ڪتاب ترجمي لاءِ ڪنهن سٺي ديني عالم جي حوالي ڪيو وڃي". پر هن دوست جو لڳاتار اصرار رهيو ته اهو ڪم مان ئي ڪريان. حقيقت اها آهي ته آءٌ پاڻ ۾ ان ڪم ڪرڻ جو پوتو نه پئي پاتيو. مخدوم صاحب جن جي علمي عظمت ۽ پنهنجي بي



Marfat.com

علميءَ جي وچ ۾ جيڪو نمايان فرق نظر پئي آيو، ان کي آءُ پليءِ پت جاتو هو، پر قمر صاحب جي دل رکڻ لاءِ مون ڪانئس ڪجھہ وقت گھريو ۽ پوءِ ان وقت ۾ آءُ پنهنجي ٻن محترم استادن ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ۽ پروفيسر سيد محمد سليم صاحب جن سان مشورو ڪيو. جنهن تي ٻنهي بزرگن نہ صرف قمر ميمڻ جي تائيد ڪئي پر تمام گھڻو زور بہ ڀريائون تہ مونکي اهو ڪم ضرور ڪرڻ کپي. بس پوءِ تہ انڪار جي ڪا سبيل باقي نہ بچي ۽ آءُ محترم قمر ميمڻ آڏو ان ڪم لاءِ ائين حامي ڀري جيئن ڪو ڏوهاري جج آڏو پنهنجي جرم جو اعتراف ڪندو آهي. ان ڪانپوءِ هن ڪتاب جو جڏهن باقاعده مطالعو شروع ڪيم تڏهن معلوم ٿيو تہ سيرة طيبہ جي مقدس موضوع تي هي هڪ سمنڊ آهي، جنهن کي حضرت مخدوم صاحب جن هڪ ڪوزي ۾ بند ڪيو آهي. هي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ٽيويهہ سالہ نبوي زندگيءَ جي هڪ مختصر پر جامع انسائيڪلوپيڊيا آهي. هر واقعي کي جنهن انداز ۽ احتياط سان مختصر ۽ جامع انداز ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي، اهو نہ هن ڪان اڳ ڪنهن ڪيو هو ۽ نہ وري ڪو پوءِ ڪري سگھيو آهي. بيشڪ سوين مستند ۽ معتبر ڪتابن جو روح ڪڍي هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي. جنهن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ صدين تائين اسان جي دلين توڙي دماغن کي راحت ۽ فرحت بخشيندي رهندي.

بظاهر تہ هي سيرة طيبہ جو ڪتاب آهي، پر هن ڪتاب ۾ سيرة سان گڏ ڪيترن ئي علوم جهڙوڪ مغازي، حديث، تفسير، فقہ، تاريخ، جاگرافي، اسماءُ الرجال، علم الانساب وغيره جهڙن مختلف موضوعات کي سموهيو ويو آهي ۽ اهو ڪم هڪ اهڙوئي عالم ڪري پئي سگھيو، جيڪو انهن سڀني علمن ۾ ڪمال جو درجو رکندڙ هجي ۽ سواءِ مخدوم صاحب جي ٻئي ڪنهن عالم لاءِ اهو ڪم ممڪن ئي نہ هو. ان دوران مون هڪ نظر ان اردو ترجمي تي بہ وڌي جيڪو وقت جي هڪ مجيل عالم ۽ فقيه حضرت مولانا محمد يوسف لڌيانوي شهيد رحہ جن "عهدِ نبوي ﷺ کے ماہ و سال" جي عنوان سان ڪيو هو. پر نهايت ادب سان آءُ عرض ڪندس تہ مونکي اهو ترجمو اصلي ڪتاب جي شايان شان نہ لڳو، جنهن ڪانپوءِ مون دل ۾ خيال ڪيو تہ هيڏي ساري جامع ڪتاب جو ترجمو وضاحتن ۽ تعليقات کانسواءِ ڪرڻ سودمند نہ ٿيندو، ان ڪري هن ڪتاب جو ترجمو جديد انداز ۾ تخريج ۽ تعليقات سان گڏ ڪيو وڃي تہ بهتر ٿيندو پر اهو ڪم ڪيئن ڪجي؟ ان لاءِ ڪو واضح طريقو ذهن ۾ نہ پئي آيو. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪراچيءَ وڃڻ جو اتفاق ٿيو ۽ اتي مڪتبہ عثمانيہ تي "ابوبڪر بيهقيءَ" جو مشهور ڪتاب "دلائل النبوة" نظر آيو، جنهن جي تحقيق، تخريج ۽ تعليقات جو ڪم هن دور ۾ حديث جي مشهور عالم ۽ محقق ڊاڪٽر "عبدالمعطي قلعجيءَ" طرفان ڪيو ويو هو ۽ ان ڪم مونکي ايترو تہ متاثر ڪيو جو اتي ئي دل ۾ خيال آيو تہ جيڪر "بذل القوة" تي بہ ائين ئي ڪم



Marfat.com

ڪجي، پر وڏو مسئلو اهو هو ته ان ڪم لاءِ جن بنيادي ماخذن جي ضرورت هئي اهي ڪتاب دستياب ٿي سگهندا؟ ان ڪري چيم ته هتي اهو ڪم ڪيئن ممڪن ٿي سگهندو؟ بهرحال الله جي آسري ڪتاب ڪنا ڪرڻ شروع ڪيم. مالڪ جي مهرباني، سان ۱۹۹۳ع ڌاري سيرت شاميءَ جو ۱۰ جلدن ۾ هڪ شاندار ڇاپو مارڪيٽ ۾ اچي ويو، جيڪو هن ڪتاب جو وڏي ۾ وڏو بنيادي ماخذ هو ۽ پوءِ هڪ ٻئي پٺيان المواهب اللدنيه، شرح مواهب، المغازي واقدي، الطبقات الڪبريٰ، الاصابه، اسد الغابه، الاستيعاب، الرياض المستطابه وغيره به ڇپبا مارڪيٽ ۾ ايندا ويا، جنهن منهنجي ارادي کي تقويت بخشي. بس پوءِ الله جي آسري باقاعده ان ڪم جو آغاز ڪيم. ترجمي لاءِ ذهن ۾ ڪجهه اصول مرتب ڪيا ويا ۽ انهن مطابق ئي ڪم شروع ٿيو. ترجمي دوران منهنجي اها ڪوشش رهي ته ترجمو تحت اللفظ نه پر بامحاوره هجي، البت اُن ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته مصنف جي ڳالهه کي پنهنجي لفظن ۾ نه پيش ڪجي پر ان ۾ پنهنجي راءِ يا پنهنجو خيال ڪنهن به قيمت تي پيش نه ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ ذهن ۾ هڪ خاڪو تيار ڪيم، جنهن موجب فيصلو ڪيو ويو ته هر واقعي بابت حوالا بنيادي ماخذن تان ئي نقل ڪيا وڃن. صحابي سڳورن جي سٽ مان خاص طور امهات المؤمنين، عشره مبشره ۽ سابقون الاولون جا مختصر سوانحي احوال به ڏنا وڃن ته جيئن اسلام لاءِ سندن بي مثال ڪوششن ۽ قربانين کان اسانکي واقفيت حاصل ٿئي.

مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ واقعات جن به معتبر ۽ مستند ڪتابن تان نقل ڪيا آهن انهن ڪتابن ۽ انهن جي مصنفن ۽ مؤلفن جو مختصر احوال به نقل ڪيو وڃي ته جيئن قارئين انهن جي مقام ۽ مرتبي کان آگاهه ٿي سگهن. اهڙي ريت نبي سائين ﷺ جن جي سيرت پاڪ سان جن به ماڳن مڪانن جو تعلق رهيو آهي، انهن جو تعارف ۽ موجوده حيثيت جو به ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو.

اهڙيءَ ريت ڪجهه اصطلاحن ۽ لفظن جون وضاحتون ۽ معنائون به ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڪيي، ته جيئن عام انگريزي ۽ سنڌي پڙهيل به ان مان مستفيض ٿي سگهن. ٻوليءَ جي لحاظ کان منهنجي اها ڪوشش رهي ته ترجمي جي ٻولي سؤلي ۽ سلوڻي هجڻ ڪپي ته جيئن عام سنڌي ڄاڻندڙ ان کي سولائيءَ سان پڙهي ڪري ڪتاب مان وڌ ۾ وڌ استفادو ڪري سگهي. پر جيئن ته ڪتاب جو نه فقط متن پر سڄو مواد ۽ ماحول عربي آهي، جنهن ۾ واقعات سان گڏ ماڻهن توڙي ماڳن مڪانن جا نالا، الفاظ، اصطلاح، ترڪيبون ۽ رهڻ رسمن اينتريقدر جو کاڌي پيتي جي شين جا نالا وغيره سڀ خالص عربي زبان ۾ آهن، جن مان ڪيترن جا سنڌي مترادفات به منهنجي علم ۾ نه هئا، ان ڪري مجبوراً انهن کي جيئن جو تيئن ئي نقل ڪيو ويو آهي. باقي جتي ڪا ٿوري گهڻي گنجائش نظر آئي آهي ته اتي سؤلي سنڌيءَ ۾ ڳالهه ڪرڻ جي



Marfat.com

ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

عربي زبان ۾ ڪي نالا يا خاص طور ڪنيتون، سياق ۽ سباق کي ڏسندي مختلف صورتن ۾ لکيا ويندا آهن، جيئن حضرت ابوبڪر جي نالي کي ابوبڪر سان گڏ ابي بڪر ۽ ابا بڪر پڻ لکيو ويندو آهي. پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪو قاعدو رائج نہ آهي، جنهن ڪري اسان سنڌي ٻوليءَ ۾ هر جاءِ تي اهو نالو ابوبڪر ئي لکندا آهيون. ان ڳالهہ کي ويچار ۾ رکي اهڙن نالن يا ڪنيتن کي مون هر جاءِ تي ساڳيءَ صورت ۾ ئي لکيو آهي تہ متان عام سنڌي پڙهندڙ ڪٿي ابوبڪر، ابابڪر ۽ ابي بڪر کي الڳ الڳ شخصيتون نہ سمجهي ويهي. مان ڄاڻان ٿو تہ اهڙيون ڳالهيون اهل علم کي يقيناً ناگوار لڳنديون ڇو تہ جڏهن هو محمد بن ابوبڪر يا علي بن ابوطالب پڙهندا تہ سندن ذهن تي بار پوندو، جنهن لاءِ نهايت ادب سان ڪائنن معافيءَ جو طلبگار آهيان. اميد اٿم تہ هو اهڙن موقعن تي پنهنجي علمي عظمت ۽ ذهني وسعت جو مظاهرو ڪندي اسان جي خود ساختہ سهوليتن اختيار ڪرڻ وارين حرڪتن کان صرف نظر فرمائيندا.

بهرحال اهي ۽ اهڙيون بيشمار خاميون اوهانجي نظر آڏو باربار اينديون، جيڪي مترجم جي بي علمي ۽ ناتجربيڪاريءَ جي شاهدي پيش ڪنديون، ان لاءِ اهل علم جي خدمت عاليءَ ۾ گذارش آهي تہ هو اهڙين ڪوتاهين جي نشاندهي ڪن تہ جيئن آئينده ايڊيشن ۾ سندن شڪريو ادا ڪندي انهن جي اصلاح ڪري سگهجي.

هن ڪتاب ۾ بيشمار خوبيون بہ آهن، جيڪي فقط قبلہ مخدوم صاحب ڏانهن منسوب ڪيون وڃن ۽ جيتريون بہ ڪوتاهيون ۽ ڪمزوريون نظر اينديون، انهن جو ذميوار فقط آءٌ آهيان. هن ڪتاب جي تياري ۾ جن بہ بزرگن، دوستن ۽ مهربانن منهنجي مدد ۽ رهنمائي فرمائي ۽ پنهنجي قيمتي مشورن سان نوازيو، تن جو دل جي گهرائين سان شڪرگذار آهيان ۽ انهن لاءِ دعاگو آهيان تہ الله تعاليٰ کين هن دنيا ۾ انهن جو اجر ۽ آخرت ۾ پنهنجي پياري نبي ڪريم ﷺ جن جي شفاعت نصيب فرمائي، آمين.

عزيزم محترم امين الله علوي، محترم گل محمد شاهہ بخاري، محترم ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو، مولانا مفتي محمد رحيم سڪندري، مولانا محمد اسماعيل سڪندري، مولوي شير محمد هڪڙو ۽ مولوي شفيق احمد قادري جن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن جي ذاتي لائبريرين مان استفادي ڪرڻ جو موقعو مليو. ان سلسلي ۾ آءٌ ڪتب خانہ جامعہ راشديہ جي منتظمين جو بہ شڪريو ادا ڪريان ٿو.

پنهنجي دوستن پروفيسر مير محمد مقبول سومرو، پروفيسر سيد علي رضا شاهہ جيلاني، پروفيسر عبدالرزاق سولنگي ۽ ٻيا ڪافي دوست جن کان سنڌي لغت توڙي ٻين معاملن بابت معلومات حاصل ٿيندي رهي. تن جو بہ ٿورائتو آهيان هن ڪم ۾ مونکي حافظ مختيار احمد



Marfat.com

ڪانڌڙو، پروفيسر نصرالله چاهڙو ۽ پروفيسر عبدالحميد سهتو جن جي به معاونت حاصل رهي. آخر ۾ آءُ پنهنجي استاد حضرت مولانا قاري نثار احمد صاحب جن جو بيحد شڪرگذار آهيان جنهن عربي عبارتن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ منهنجي رهنمائي فرمائي. وقت بوقت جڏهن به آءُ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ته نهايت خنده پيشانيءَ ۽ خوشدليءَ سان پنهنجي بي پناه مصروفيات کي پاسيرو رکي منهنجي مدد ڪيائون. سچ پچ ته سندن ٿورن مڃڻ لاءِ مون وٽ لفظ ناهن. ان کان علاوه مهراڻ اڪيڊميءَ جي روح روان محترم پروفيسر قمر ميمڻ ۽ سندن سموري ٽيم جو به شڪرگذار آهيان، جن اشاعت ۽ طباعت جي هر مرحلي ۾ مون سان بي پناه تعاون فرمايو. الله تعاليٰ انهن سمورن بزرگن ۽ دوستن کي پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي طفيل دنيا توڙي آخرت جون نعمتون عطا فرمائي، آمين.

هتي اهي استاد ۽ دوست به بيحد ياد اچي رهيا آهن، جن کي هن ڪتاب ڏسڻ جو بي پناه شوق هو، پر اڄ اهي هن موقعي تي دنيا ۾ موجود نه آهن. خدا تعاليٰ سندن قبرن مٿان پنهنجون بي پناهه رحمتون نازل فرمائي، آمين.

اهڙن بزرگن ۽ دوستن ۾ استادي محترم ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، سائين پروفيسر سيد محمد سليم ۽ دوستن ۾ پروفيسر رشيد احمد لاکو، محترم غلام مصطفيٰ پيهو ڪرن وارو ۽ منهنجو ڀاءُ مرحوم الطاف احمد علوي ۽ بزرگوار مرحوم ميان خورشيد احمد علوي جا نالا ذڪر جوڳا آهن. سنڌ جي جن ناميارن عالمن ۽ محققن مخدوم سائينءَ جن جي هن تاليف ۽ ترجمي بابت پنهنجا رايا، تبصرا ۽ تقريظون لکي موڪليون، انهن جو به بي حد ٿورائتو آهيان. اهڙن نالن ۾ ملڪ جو عظيم عالم، اديب، محقق ۽ مؤرخ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو، ڊاڪٽر عبدالحي ابڙو، صاحبزاده مفتي محمد جان نعيمي، مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو ۽ ڊاڪٽر ثناءُ الله ڀٽو وغيره شامل آهن.

آخر ۾ الله تعاليٰ کان دعا آهي ته مان ناچيز جي هن پورهئي کي پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جن جي صدقي قبول فرمائي ۽ اسان سڀني کي قيامت جي ڏينهن ان سيرت جي صاحب ڪريم ﷺ جن جي شفاعت نصيب فرمائي، آمين ثم آمين.

اللهم صل عليٰ سيدنا محمد نبي الامي و عليٰ آلهٖ و سلم.

مائڪ مت سندوم اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾ چڏي نه ويندوم،
ساري سڏ ڪندوم ڪوهيارو ڪيچ ڏي.

**اسرار احمد علوي**



Marfat.com

بسم الله الرحمـٰن الرحيم

# مؤلف جو مقدمو

سڀ ساراهون ان سائينءَ کي سونهن (جيڪو پنهنجي ذات ۽ صفات ۾) اڪيلو آهي. لکين صلواتون ۽ سلام ان نبي صلي الله عليه وسلم جي ذات بابرڪات تي جنهن کانپوءِ ٻيو ڪوبہ نبي اچڻو نہ آهي. صلواتون ۽ سلام سندس آل اطهار تي ۽ صحابي سڳورن تي ۽ سندن طريقي جي پيروي ڪرڻ وارن تي پڻ.

ان کانپوءِ پنهنجي غني پروردگار جي رحمتن جو هي محتاج ٻانهو محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان سنڌي ٺٽوي الله تعاليٰ هر دم ساڻس گڏ هجي ۽ هر وقت ۽ هر گهڙي ان جي حمايت ۽ نصرت همراه هجي گذارش ٿو ڪري:

هي مختصر رسالو جنهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ٽيويهن سالن واري نبوي زندگيءَ جي واقعات ۽ حادثات کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن مان تيرهن ورهيہ پاڪ ڪريمن صلي الله عليه وسلم مڪي معظم ۾ گذاريا ۽ ڏهہ ورهيہ مديني منوره ۾.

ان ڏس ۾ پاڪ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جيترن بہ غزوات، سرايا ۾ بهرو ورتو ۽ ان کانسواءِ ٻيا سمورا واقعات بہ بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي ان دور ۾ ڪين پيش آيا. هن تاليف جي شروعات پنجين ذوالحج سن ١١٦٦ هجرت کان ٿي.

ڪتاب جو نالو **"بذل القوة في حوادث سني النبوة"** رکيو ويو، جنهن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

پهرين حصي ۾ اهڙا واقعات آهن جيڪي نبوت کان وٺي هجرت کان اڳ تائين (مڪي ۾) پيش آيا. جڏهن تہ ٻئي حصي ۾ اهڙن واقعات جو ذڪر آهي، جيڪي هجرت کانپوءِ پيش آيا. هن حصي کي وري ٽن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون باب: غزوات. ٻيو باب: سرايا ۽ بعوث. ٽيون باب: غزوات ۽ سرايا کانسواءِ ٻيا سمورا واقعات.



Marfat.com

## پاڱو پهريون

# مڪي دور

Marfat.com

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# پاڳو پهريون

## مڪي دور

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ هَدَانَا لِهٰذَا وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِيَ لَوْلَا اَنْ هَدَانَا اللّٰهُ * اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَ اَزْوَاجِهٖ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ ذُرِّيَّتِهٖ وَ اَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰي اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

هن باب ۾ انهن واقعات جو ذڪر ڪيو ويندو، جيڪي نبي ڪريم ﷺ جن جي هجرت کان اڳ واري زماني يعني سندن مڪي زندگيءَ سان تعلق رکن ٿا. اسان جيئن ته اها ڳالهه پليءَ پت ڄاڻون ٿا ته اسلام جي شروعاتي دور ۾ مسلمانن کي ڪنهن به قسم جي جنگ جهيڙي جي اجازت نه هئي، ان ڪري هن دور ۾ ڪنهن به غزوه يا سريه جو ڪو واقعو پيش نه آيو. باقي ٻيا واقعات جيڪي ان زماني ۾ پيش آيا، انهن جو ذڪر هن باب ۾ موجود آهي. هي هن ڪتاب جو پهريون باب آهي، جنهن ۾ ڪل تيرهن فصل آهن.

## فصل پهريون

هن فصل ۾ نبوت جي پهرين سال يعني سن ايڪيتاليهه ميلاديءَ دوران پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

### بعثت (1) نبوي

* هن سال ٻنهي جهانن جي سردار سيدنا احمد مجتبيٰ محمد مصطفيٰ ﷺ جن کي الله تعاليٰ طرفان هن زمين تي آخري نبيءَ جي حيثيت ۾ مَبْعُوْث ڪيو ويو. ان ڏس ۾ مشهور تاريخ دان ۽ سيرت نگار شامي (2) پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو: "جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ جن پنهنجي عمر مبارڪ جا

(1) هي عربي لفظ آهي. جنهن جو مصدر "بعث" آهي ۽ ان جي لغوي معني آهي: موڪلڻ، روانو ڪرڻ، برپا ڪرڻ. ستل ماڻهوءَ کي جاڳائڻ. ۽ نبي يا رسول مقرر ڪرڻ وغيره (لسان العرب، ابن منظور جلد ٢ ص ١١٧)

(2) شيخ الاسلام خاتمة المحدثين والاعلام محمد بن يوسف بن علي بن يوسف صالحي دمشقي ڏهين صدي هجريءَ جو مشهور عالم، عارف، صالح ۽ صوفي ٿي گذريو آهي، جنهن جو لقب شمس الدين ۽ ڪنيت ابوعبدالله هئي

هلندڙ



Marfat.com

چاليهہ ورهيہ پورا ڪيا، تڏهن ڪين نبوت جي نعمت سان نوازيو ويو."[1] ان روايت تي عالمن جي اڪثريت ڪي اتفاق رهيو آهي. جڏهن تہ ڪي ٿورڙيون روايتون اهڙيون بہ مليون آهن، جن ۾ بعثت وقت عمر مبارڪ چاليهن ورهين ڪان هڪ ڏينهن مٿي يا ڏهہ ڏينهن مٿي يا وري بہ مهينا مٿي بہ ٻڌائي وئي آهي. پر پهرين روايت ئي سيني ڪان وڌيڪ مشهور ۽ مقبول آهي.

"شاميءَ" ڪانسواءِ "زَرقَانِي"[2] بہ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "شرح عليٰ المواهب اللدنيہ" ۾

---

قائم ڪيو ويو ۽ ان بورڊ هن ڪتاب کي ائن حصن ۾ ورهايو ۽ هر حصي کي هڪ الڳ محقق جي حوالي ڪيو ويو، جن مان پهرين ٻن حصن جي تحقيق جو ڪم مشهور محقق ۽ عالم ڊاڪٽر مصطفيٰ عبدالواحد جي حوالي ڪيو ويو ۽ پوءِ ١٩٧٢ع تائين هن ڪتاب جا پهريان چار جلد مارڪيٽ ۾ اچي ويا ۽ ١٩٧٤ع تائين سمورو ڪتاب سايع ٿي ويو. جنهن جي ضخامت اٺ جلد هئي. پر اهو ڇاپو ايترو معياري نہ هو. جنهن ڪري هن ڪتاب جي هڪ اهڙي ايڊيشن جي ضرورت محسوس ٿيندي رهي جيڪا هن ڪتاب جي شايان شان هجي. آخرڪار ١٩٩٣ع بمطابق ١٤١٤هجريءَ ڌاري هن ڪتاب جو هڪ نهايت دلڪش ۽ نفيس ڇاپو "دار الڪتب العلميہ بيروت" طرفان شايع ڪيو ويو، جنهن جي تحقيق ۽ تخريج جو ڪم هن دور جي ٻن معروف محققن شيخ عادل احمد ۽ شيخ علي محمد معوض طرفان ڪيو ويو آهي. هي ڇاپو طباعت ۽ اشاعت جي سمورين جديد خوبين سان آراستہ پيراستہ آهي، جنهن جي جلدن جو تعداد ٻارهن تائين پهچي ويو. بعد ۾ وري ١٩٩٦ع بمطابق ١٢١٤هہ ڌاري قاهره جي معروف محقق ابوسليمان خالد عبدالفتاح شبل طرفان هن ڪتاب جون فهرستون پڻ مرتب ڪيون ويون جن کي ساڳي اداري وري ٻن جلدن ۾ شايع ڪيو ۽ هينئر هن ڪتاب جو مڪمل سيٽ چوڏهن جلدن تي مشتمل آهي، جيڪو آسانيءَ سان دنيا جي هر ملڪ ۾ دستياب ۽ هر ننڍي وڏي لائبريريءَ جي زينت بڻيل آهي، جنهن مان هرهڪ آسانيءَ سان استفادو ڪري رهيو آهي. ڇو جو هن وقت سيرة جي موضوع تي هن ڪتاب کي دائرة المعارف (Encyclopedia) جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي.

مقدمہ سبل الهدي والرشاد في سيرة خير العباد شامي ج ١ ص ٣٨ ـ ٤٠، مقدمہ ازواج النبي ﷺ ص ١٢ ـ ٩، الرسالة المستطرفہ جعفر ڪتاني ص ١٩٩ ـ ١٥١، فهرس الفهارس عبدالحي ڪتاني ج ٢ ص ٣٩٢، "الاعلام" زرڪلي ج ٧ ص ١٥٥، ڪشف الظنون حاجي خليفہ ج ٢ ص ١٧٨.

(١) سبل الهدي والرشاد في سيرة خير العباد شامي ج ٢ ص ٢٢٥.

(٢) ابوعبدالله محمد بن عبدالباقي بن يوسف بن احمد بن علوان مصري، ازهري، مالڪي پنهنجي دور جو هڪ مجيل عالم، محدث، محقق ۽ فقيهہ ٿي گذريو آهي، جنهن کي علمي دنيا ۾ "زُرْقَانِي" جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو، ڇو جو سندس وڏڙن جو تعلق مصر جي ان مشهور ڳوٺ سان هو جنهن کي "زُرْقَان" سڏيو ويندو آهي.

محمد بن عبدالباقي جي ولادت ١٠٥٥ هجري بمطابق ١٦٤٥ع ڌاري ٿي، جڏهن تہ ١١٢٢ هجري بمطابق ١٧١٠ع هہ ڌاري قاهره ۾ وفات ڪيائين. سندس والد، عبدالباقي جو شمار وقت جي وڏن عالمن ۽ فقيهن ۾ ٿيندو هو. ان ڪري هن پنهنجي پٽ جي تعليم ۽ تربيت ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو. مصر ان دور ۾ اسلامي تعليمات جو نهايت اهم مرڪز هو، ان ڪري محمد کي وقت جي وڏن وڏن عالمن وٽان علم حاصل ڪرڻ جو موقعو ميسر رهيو،جنهن سبب هن پاڻ کي حصولِ علم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. مختلف علوم خاص طور حديث جي علم ۾ تہ اهڙي مهارت حاصل ڪيائين جو ٻارهين صدي هجريءَ دوران مصر ۾ کيس "خاتمة المحدثين" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو.

حديث جي ميدان ۾ علامہ زرقانيءَ جي خدمتن جو دائرو تمام وسيع آهي، جن مان سخاويءَ جي مشهور ڪتاب

هلندڙ



Marfat.com

پهرين روايت کي وڌيک صحيح ڄاڻايو آهي.(١) ۽ اهائي روايت "صحيحين"(٢) ۾ حضرت ابن عَبَّاس ۽ اَنَس رضي الله تعاليٰ عنهما کان پڻ نقل ڪئي وئي آهي.

## بعثت جو مهينو

* الله جي آخري رسول ﷺ جن جي بعثت ڪهڙي مهيني ۾ ٿي؟ ان ڏس ۾ هڪڙن راوين طرفان ربيع الاول جو مهينو ٻڌايو ويو آهي، ته وري ٻين جو قول آهي ته "اهو مهينو رمضان شريف جو هو" انهن ٻنهي روايتن مان پهرين وڌيک مشهور آهي. (٣)

"المَقاصد الحسنہ" جي تلخيص، امام مالک جي "مؤطا" جي شرح وغيره علمي حلقن ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي. پر هن ميدان ۾ سندس سڀ کان وڌيک پائدار ڪم علامہ محمد بن احمد قسطلاني جي مشهور ڪتاب "المَواهب اللدُنيہ بلمنح المحمديہ" (ﷺ) جي شرح آهي، جنهن کي علامہ "زرقاني" نهايت محنت ۽ محبت سان مرتب ڪيو. هر واقعي بابت حديثن جو انتخاب، واقعات جي تشريح، روايتن جي تطبيق جنهن نموني "زرقانيءَ" ڪئي آهي اهو سندس ئي حصو آهي. اهوئي سبب هو جو علمي حلقن ۾ هن شرح اصلي ڪتاب کان بہ وڌيک مقبوليت ماڻي، جيڪا اڄ تائين قائم آهي.

پهريون ڀيرو هي ڪتاب ١٢٨٧ هجريءَ ڌاري "بولاق" مان شايع ٿيو، جيڪو اٺن جلدن تي مشتمل هو. ان کانپوءِ وري هي ڪتاب مصر توڙي بيروت مان شايع ٿيندو رهيو آهي، پر ١٩٩٦ع ڌاري هن ڪتاب کي نئين آب و تاب سان بيروت مان شايع ڪيو ويو. هي ڇاپو نهايت نفيس، ديده زيب ۽ طباعت جي تمام تر خوبين سان سينگاريل آهي، جنهن جي تحقيق محترم عبدالعزيز خالديءَ طرفان ڪئي وئي آهي. انهيءَ سان هن ڪتاب جي اهميت توڙي افاديت ۾ هيڪاندو اضافو ٿيو آهي ۽ هاڻي هي ڪتاب ٻارهن جلدن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ متن ۽ شرح کي الڳ الڳ ڪري شايع ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت مطالعي ڪرڻ وارن لاءِ وڏي آساني پيدا ٿي وئي آهي.

مقدمہ شرح علي المواهب اللدنيہ ج ١ ص ٥ ـ ١، الاعلام "زرکلي" ج ٦ ص ١٨٤، سلک الدرر "مرادي" ج ۴ ص ۴٨، دائرة المعارف (اردو) ج ٦ ص ١۴٢، الرسالة المستطرفہ "ڪتاني" ص ١٩١، معجم المطبوعات "يوسف اليان" ج ١ ص ٩٦٧.

(١) شرح علي مواهب جلد ١ ص ٢٠٧).

(٢) صحيحين:- حديث نبوي ﷺ جي هيٺين ٻن ڪتابن کي "صحيحين" جي نالي سان سڏيو وڃي:

١. ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاريءَ رحہ جو ڪتاب "صحيح بخاري"

٢. ابوالحسن مسلم بن حجاج قشيريءَ جو ڪتاب "صحيح مسلم"

انهن ٻنهي ڪتابن ۾ ممڪن حد تائين ڪوشش ولي صحيح حديثون شامل ڪيون ويون آهن. امام نوويءَ جو قول آهي: "علماء ڪرام ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ قرآن مجيد کانپوءِ صحيح ترين ڪتاب صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم آهن." (بحوالہ الحطہ في ذکر الصحاح الستہ، سيد صديق حسن قنوجي ص ١٦٨)

(٣) نبي آخر الزمان ﷺ جن جي بعثت رمضان شريف جي مهيني ۾ ٿي يا ربيع الاول ۾؟ ان بابت سيرت نگارن طرفان ٻنهي قسمن جون روايتون نقل ڪيون ويون آهن. جنهن جو ڪارڻ اهو آهي تہ هڪڙي گروہ جي نظر ۾ بعثت جو آغاز اهو آهي،جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهريون ڀيرو "جبرئيل امين" خدا تعاليٰ طرفان "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ" وارو پيغام کڻي ست سؤ ورهين جي طويل وقفي کانپوءِ هن زمين تي نازل ٿيو ۽ اهو واقعو رمضان شريف جو آهي، جنهن

هلندڙ



Marfat.com

## بعثت جا اهڃاڻ

هن سال پيغمبر آخرالزمان ﷺ جن جي بعثت ٿي. جَابِر بن سَمُرَه رضہ کان روايت آهي تہ "انهن ڏينهن ۾ پاڻ سڳورا ﷺ جنهن بہ وڻ ٽڻ يا پٿر پهڻ وٽان لنگهندا هئا تہ اهو سندن خدمت ۾ "اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ ﷺ" چوندو هو.

هڪ ٻي حديث ۾ اسانجي پياري پيغمبر ﷺ جن فرمايو: "مڪي ۾ اهو پٿر اڃان تائين موجود آهي، جيڪو نبوت جي شروعات واري دؤر ۾ مونکي سلام ڪندو هو." [1]

ان پٿر بابت هڪ روايت آهي تہ اهو پٿر سيدنا صديق اڪبر رضہ جن جي گهر وٽ موجود هو ۽ ٻيءَ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو "حجر اسود" هو.

---

(١) الله تعالىٰ طرفان جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي نبوت جي اعليٰ ۽ ارفع مرتبي سان نوازڻ جو وقت ويجهو آيو تڏهن پاڻ سڳورا ﷺ جنهن ڪم لاءِ بہ گهر کان ٻاهر نڪرندا هئا تہ چوڌاري سندن مبارڪ ڪنن تي "السلام عليڪ يارسول الله (ﷺ) جا پڙلاءَ پوندا هئا. جنهن تي سيد عالم ﷺ جن پنهنجي اڳيان، پويان، ساڄي، کاٻي جاچيندا هئا تہ ڪين ڪوبہ ساهوارو اتي موجود نظر نہ ايندو هو سواءِ ڪنهن وڻ، ٻوٽي يا پٿر پهڻ جي، جيڪي سندن خدمت ۾ سلام پيش ڪندا هئا. امام دارمي پنهنجي "سنن" ۾ ۽ امام ترمذي پنهنجي "جامع" جي "ڪتاب المناقب" ۾ حضرت علي رضہ جن جو هڪ قول هن ريت نقل ڪيو آهي، "مان ۽ نبي اڪرم ﷺ جن پاڻ ۾ گڏجي مڪي شريف جي پسگردائيءَ ۾ نڪتاسون تہ رستي ۾ مون اهڙو ڪو وڻ يا جبل نہ ڏٺو جنهن "السلام عليڪ يارسول الله ﷺ" نہ پئي چيو." اهڙن پٿرن منجهان هڪ اهڙو نمايان پٿر بہ هو، جيڪو مڪي جي شهر ۾ نہ صرف موجود هو بلڪ نبوت کانپوءِ بہ نبي سائين ﷺ جن ان پٿر کي سڃاڻيندا هئا. ڪن راوين جو چوڻ آهي تہ اهو پٿر حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي گهر جي پرسان پيل هوندو هو، جڏهن تہ ڪن جو خيال آهي تہ اهو پٿر سيده خديجة الڪبريٰ جي گهر کان مسجد الحرام ڏانهن ويندڙ رستي تي موجود هو. "مشڪوٰة" جي حاشيہ نگار ان پٿر جو نالو "زقاق" ٻڌايو آهي، جڏهن تہ "علامہ سُهيلي" ڄاڻايو آهي تہ "ڪجهہ محدثن جي راءِ مطابق اهو ڪو عام پٿر نہ پر "حجر اسود" هو." (والله اعلم)

سيرة ۽ تاريخ جي ڪتابن جي مطالعي مان پروڙ پوي ٿي تہ ان واقعي کي صرف "حجر اسود" ڏانهن منسوب ڪرڻ مناسب نہ آهي. البتہ ائين ٿي سگهي ٿو تہ ٻين پٿرن سان گڏ "حجر اسود" بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ سلام پيش ڪندو هجي، پر ٻيا پٿر غير معروف هئڻ سبب ياد نہ رهي سگهيا هجن ۽ "حجر اسود" جو نالو ياد رهجي ويو هجي. جامع ترمذي ڪتاب المناقب ص ٥٩٢. المستدرڪ "حاڪم" ج ٢ ص ٦٢٠. سنن. الدارمي ج ١ ص ١٥. مسند احمد ابن حنبل ج ٥ ص ٨٩ ـ ٩٠. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٢ ص ١٥٤. صحيح مسلم "ڪتاب المناقب" ج ۴ ص ٥٨. سيرة ابن هشام ج ١ ص ٢٥٠ الروض الانف "سُهيلي" ج ١ ص ٢٦٦ ـ ٢٦٧. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٢٠٠، شرح علي المواهب "زرقاني" ج ٥ ص ١٢٢. سيرة ابن ڪثير ج ١ ص ٣٨٩، سبل الهديٰ "شامي" ج ٢ ص ٢٢٨. سيرة دِمياطي ص ٧۴. دلائل النبوة. سعيد بن عبدالقادر ج ٢ ص ٥٩٩. الشمائل "ابن ڪثير" ص ٢٦٠.



Marfat.com

# اُم المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي نيائين سڳورين جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال اُمِ المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرِيٰ رضہ اسلام قبول ڪيو. بيبي سائنءَ کان اڳ اها سعادت دنيا جي ڪنهن بہ ٻي هستيءَ کي حاصل نہ ٿي هئي. سمورا مؤرخ جن ۾ ثعلبي، ابن عبدالبر ۽ سُهيلي بہ شامل آهن، مٿين روايت تي متفق آهن ۽ ڪنهن هڪ کي بہ ان ۾ اختلاف نہ آهي. ابن الاثير بہ پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو تہ "سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرِيٰ رضہ کان اڳ ڪنهن بہ مرد يا عورت اسلام قبول نہ ڪيو هو ۽ سمورا مسلمان ان روايت بابت ساڳئي راءِ رکن ٿا." (۱)

ام المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرِيٰ رضي الله تعاليٰ عنها سان نبي سونهاري ﷺ جن جو نڪاح ڪجهہ سال اڳ ٿيو هو. ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن جي عمر ۲۵ سال ۽ بيبي سائنءَ جي عمر چاليهہ سال ٻڌائي وڃي ٿي آهي. (۲) سندن وفات جو ذڪر وري سن ڏهين نبويءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو. انشاءَالله تعاليٰ.

---

(۱) اسد الغابہ. ابن الاثير ج ۵ ص ۴۳۴، الروض الانف سهيلي جلد ۱ صہ ۷۸-۲۷۷، شرح علي المواهب زرقاني ج ۱ ص ۲۳۷، المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۱ ص ۲۱۷.

(۲) سيده خديجة الكبريٰ رضي الله عنها قريش قبيلي جي مشهور شاخ بنو اسد سان تعلق رکندڙ هڪ نهايت معزز، معتبر، امير، اڪابر، پاڪيزه ۽ پرهيزگار عورت هئي. جيڪا "عام الفيل" کان پندرهن ورهيہ اڳ مڪي ۾ پيدا ٿي. سندس پيءُ جو نالو خُويلد بن اسد هو، جڏهن تہ سندس امڙ جو نالو فاطمہ بنت زائده ٻڌايو ويو آهي.

خُويلد بن اسد پنهنجي قبيلي جو هڪ معزز فرد هو. جنهن جا خانداني واسطا نبي ڪريم ﷺ جن جي گهراڻي بنو هاشم سان گهڻي وقت کان قائم هئا.

جناب خُويلد کي پنج ٻار يعني ٻہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيا. جن جا نالا هن ريت ٻڌايا ويا آهن:

۱. حزام ۲. خديجہ ۳. عوام ۴. هالہ ۵. رقيقہ.

انهن مان "عوام" جي شادي پاڻ سڳورن ﷺ جي پڦي سائنءَ سيده صفيہ بنت عبدالمطلب سان ٿي، جيڪا حضرت حمزه جي سڳي ڀيڻ هئي. سيده خديجة الكبريٰ جو پهريون نڪاح هند بن زراره سان ٿيو. جتان بيبي سائنءَ کي ٽي ٻار يعني هڪ نياڻي ۽ ٻہ پٽ ڄاوا. جنهن ڪانپوءِ هند بن زراره گذاري ويو ۽ پوءِ حضرت خديجة الكبريٰ جو ٻيو نڪاح عتيق بن عائذ سان ڪرايو ويو. هن گهر مان ڪيس هڪ نياڻي ڄائي جنهن جو نالو "هند" ٻڌايو ويو آهي. اڳتي هلي "هند" جو نڪاح هن پنهنجي سؤٽ صيفي بن اميہ سان ڪرايو جتان ڪيس "محمد"نالي هڪ پٽ ڄائو. جنهن ڪري تاريخ ۾ هند پنهنجي ڪنيت "أم محمد" جي حوالي سان مشهور آهي.

بيبي خديجة الكبريٰ جي شاديءَ کان ڪجهہ وقت پوءِ عتيق بن عائذ بہ گذاري ويو. ابن سعد جي روايت مطابق "حرب فجار" جي موقعي تي وري سندس والد خويلد پڻ گذاري ويو. ان وقت بيبي سڳوريءَ جي عمر پنجٽيهہ ورهيہ ڪن هئي. حضرت خديجہ تمام مالدار عورت هئي ۽ سندس ڪاروبار تمام وسيع هو. ايتري قدر جو سندس ڪاروباري قافلا عرب کان ٻاهر عراق، شام ۽ فلسطين تائين ويندا هئا. انڪري ڪيس ڪاروبار هلائڻ لاءِ اهڙن ماڻهن جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي جيڪي ڪاروباري اصولن کان بہ بخوبي آگاهہ هجن ۽ ان سلسلي ۾ سٺي ساک پڻ رکندا هجن. ان ڏس ۾ وٽس هڪ اهڙو باصلاحيت ماڻهو موجود هو جنهن جو نالو "ميسره" ٻڌايو ويو آهي.

هلندڙ



Marfat.com

ميسره هوئڻ ته بيبي سائڻ جو غلام هو، پر هن پنهنجي ايمانداريءَ ۽ اصول پرستيءَ سان بيبي سڳوريءَ کي بيحد متاثر ڪيو هو، انڪري هن ڪيس پنهنجي سموري ڪاروبار جو جنرل مئنيجر مقرر ڪيو هو.

انهن ڏينهن ۾ ئي پاڻ سڳورا ﷺ جن به تجارت جي ميدان ۾ نوان نوان لڏا هڻا ۽ پنهنجي ايمانداري توڙي امانتداريءَ جي لحاظ کان هن سلسلي ۾ سٺي شهرت حاصل ڪئي هئائون. "ميسره" جي وسيلي ئي اهڙا احوال بيبي خديجه رضه تائين به پهتا ۽ هوءَ ان کان بيحد متاثر ٿي. بيبي سائڻ ان هستيءَ کي پنهنجي ڪاروباري اداري ۾ شامل ٿيڻ جي پيشڪش ڪئي ۽ پوءِ اها پيشڪش پاڻ ڪريم ﷺ جن قبول فرمائي ۽ بيبي سائڻ جي هڪ تجارتي قافلي سان گڏ "شام" ڏانهن اسهيا. واپسيءَ تي جڏهن منافعي جي رقم بيبي خديجه رضه وٽ پهتي ته سندس حيرانگيءَ جي حد نه رهي، ڇو جو اهو منافعو سندس اندازي کان تمام گهڻو هو. انڪري بيبي سائڻ خوشيءَ وچان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ جيڪو معاوضو موڪليو اهو به مقرر ٿيل معاوضي کان گهڻو مٿي هو. جنهن کانپوءِ اٽڪل ٽي مهينا کن رکي بيبي خديجة الڪبريٰ رضه پنهنجي طرفان شاديءَ جو پيغام پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اماڻيو. بيبي سائڻ جيتوڻيڪ ان وقت پڪي عمر جي ٿي چڪي هئي پر ان جي باوجود به ڪيس هڪ طرف ته پنهنجي نسبي توڙي مالي حيثيت سببان ته ٻئي طرف وري پنهنجي پاڪيزه ڪردار ۽ صالح صفتن ڪري معاشري ۾ مٿانهون مقام ۽ مرتبو حاصل هو، جنهن جي اعتراف ۾ ماڻهو ڪيس "طاهره" جي لقب سان ياد ڪندا هئا. اهڙو مان ۽ مرتبو مڪي جي معاشري ۾ ڪنهن ٻيءَ عورت کي حاصل نه هو. انجي پيش نظر وقت جا وڏا وڏا سردار ۽ سرمائيدار پنهنجي دل ۾ هن بيبي صاحبه جي رشتي ملڻ جي خواهش رکندا هئا، پر قدرت واري ته سندس قسمت ۾ ام المؤمنين جو مقام لکي ڇڏيو هو، ۽ سوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن اها پيشڪش قبول ڪئي. شادي جا انتظام شروع ٿي ويا. نبي اڪرم ﷺ جن جي بعثت کان اٽڪل پندرهن ورهيه اڳ صفر مهيني جي پنجويهين تاريخ تي نڪاح جي هيءَ شاندار تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ بنواسد، بنوهاشم، مُضر توڙي ٻين قبيلن جي معزز هستين شرڪت ڪئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي ٻن چاچن حضرت ابوطالب ۽ حضرت حمزه ۽ قبيلي جي ٻين معززين سان گڏجي ڪنواريتن جي گهر آيا. بيبي سائڻ جو پيءُ ته هن نڪاح کان اڳ فوت ٿي چڪو هو، انڪري هن پنهنجو وارث پنهنجي چاچي عمرو بن اسد کي مقرر ڪيو. جڏهن ته سندس سوٽ ورقه بن نوفل ۽ ٻيا عزيز پڻ هن تقريب ۾ شريڪ هئا. حق مهر ساڍا ٻارهن اوقيه سون مقرر ڪيو ويو. جنهن جي قيمت پنج سؤ درهم هئي. ڪن راوين طرفان حق مهر ويهه اٺ به ٻڌايو ويو آهي پر پهرين روايت کي ئي وڌيڪ صحيح سمجهيو وڃي ٿو. نڪاح وقت سيده خديجة الڪبريٰ جي عمر چاليهه ورهيه ٻڌائي وئي آهي، جنهن تي علماء جي اڪثريت کي اتفاق آهي. جڏهن ته ڪي ٿوريون روايتون اهڙيون به ملن ٿيون جن ۾ نڪاح وقت بيبي سائڻ جي عمر اٺاويهه ورهيه ياڪجهه گهٽ وڌ به ٻڌائي وئي آهي.

انساب الاشراف ۾ بلاذريءَ، سيده خديجة الڪبريٰ جي ڀائٽي حڪيم بن حزام جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جيڪا هن ريت آهي ته "منهنجي ڦڦي سائڻ جي عمر شاديءَ وقت چاليهه ورهيه ۽ نبي اڪرم ﷺ جن جي عمر پنجويهه ورهيه هئي. منهنجي ڦڦي مونکان عمر ۾ ٻه ورهيه مٿي هئي. آءٌ هاٿين واري واقعي کان تيرهن ورهيه اڳ ڄائو هوس ۽ حرب الفجار ۾ به مون ڀرو ورتو هو، ان وقت ٽيهن ورهين جو هوس." ان جو راوي موسيٰ بن عقبه آهي.

هن موقعي تي نڪاح جو خطبو سيدنا ابوطالب جن پڙهيو. جنهن ۾ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ نبي انور ﷺ جن جي عظمتن جي واکاڻ نهايت فصيح انداز ۾ ڪئي وئي آهي. هن خطبي کي يعقوبي، شامي، قسطلاني ۽ علامه عامري وغيره نقل ڪيو آهي.

الحمدلله الذي جعلنا من ذرية ابراهيم وزرع اسماعيل وضئضي معد وعنصر مضر، وجعلنا حَضنة بيته وسواس حرمه وجعل لنا بيتاً محجوبا وحرما آمنا وجعلنا الحكام علي الناس ثم ان ابن اخي هذا محمد صلي الله عليه وسلم بن عبدالله لايوزن برجل

هلندڙ



Marfat.com

ان ڪانسواءِ هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سيده خَدِيْجَةُ الْڪُبْرٰي رضہ ڪانپوءِ مسلمان ٿيڻ واري پهرين عورت فاطِمہ بنت خطاب آهي. انجو مطلب اهو ٿيندو تہ سيده خَدِيْجَةُ الْڪُبْرٰي رضہ ۽ نبي ڪريم ﷺ جي چئن نياڻين سڳورين جي اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ پهرين عورت فاطمه بنت خطاب رضہ هئي، جنهن اسلام قبول ڪيو. (١)

* سرورڪائنات ﷺ جن جي چئن ئي نياڻين جي وفات جو سن هيٺ ڏجي ٿو. سيده رُقَيَّہ رضہ سن ہہ هجري. سيده زينب رضہ سن اٺ هجري. سيده اُم ڪلثوم رضہ سن نَوَ هجري ۽ سيده فَاطِمَةُ الزَّهْرَاء سن يارهن هجري.

* پاڻ ڪريم ﷺ جن کي مٿين چئن نياڻين کان علاوه ٽي پٽ بہ ڄاوا، جن مان ٻہ اُمّ المؤمنين خَدِيْجَةُ الْڪُبْرٰي مان هئا. وڏي جو نالو "قَاسِم" ۽ ننڍي جو "عبدالله" هو. جنهن کي "طاهر" ۽ "طيّبُ" بہ سڏيو ويندو هو. مذڪوره ٻنهي نينگرن جي ولادت ۽ وفات جي تاريخ مونکي معلوم نہ ٿي سگهي آهي. ان لاءِ ڪن جو خيال آهي تہ سندن ولادت توڙي وفات نبوت کان اڳ ٿي، تہ وري ڪن جو چوڻ آهي تہ نبوت ڪانپوءِ. پر ان ڳالهہ تي سڀ متفق آهن تہ ٻئي صاحبزادا مڪي ۾ ڄاوا، اتي وفات ڪيائون ۽ اتي ئي ڪين دفنايو ويو. باقي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ٽئين نمبر فرزند جو نالو "ابراهيم" آهي. جيڪو اٺين هجريءَ ڌاري سندن ٻانهي "مَارِيَہ (قِبْطِيَّہ)" رضہ مان ڄائو، ۽ سن نائين هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. (٢) جيئن سن ٨ ۽ ٩ هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو. انشاءَالله تعاليٰ.

---

(١) شرح علي المواهب اللدنيہ. زرقاني ج ١ ص ٢٤٦.

(٢) نبي اڪرم ﷺ جن جي اولاد بابت جيڪي روايتون ملن ٿيون، انهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سموري اولاد (جنهن ۾ ڌيئر توڙي پٽ شامل آهن) سندن پهرين گهرواري ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ مان ٿي، سواءِ آخري فرزند حضرت ابراهيم جي، جنهن جي امڙ جو نالو "ماريہ قبطيہ" هو. نبي آخر الزمان ﷺ جن جي نياڻين جو تعداد چار ٻڌايو ويو آهي، جن منجهان اڪثريت جي راءِ مطابق سڀ کان وڏي نياڻي سيده زينب، ٻيو نمبر سيده رقيہ، ٽيون نمبر سيده ام ڪلثوم ۽ آخري نياڻي سيده فاطمة الزهراء هئي. پاڻ سڳورن ﷺ جي نياڻين سڳورين جي عمر بابت مٿين ترتيب تي راوين جي اڪثريت کي اتفاق آهي، پر پوءِ بہ ڪي ٿوريون روايتون اهڙيون ملن ٿيون جن ۾ سيده ام ڪلثوم کي آخري نياڻي ٻڌايو ويو آهي. ساڳيءَ ريت ڪجهہ راوين طرفان وري سيده رقيہ کي آخري نياڻي شمار ڪيو وڃي ٿو. پر اها ڳالهہ صحيح نظر نٿي اچي، ڇو تہ نبي اڪرم ﷺ جن عمر جي حساب سان ئي انهن نياڻين سڳورين جو نڪاح ڪرايو هو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت عربن ۾ اهو رواج بالڪل نہ هيو تہ ھرويرو وڏي نياڻي کي گهر ۾ ويهاري ننڍين کي اتاري ڇڏجي،هاڻي جيڪڏهن سيده ام ڪلثوم يا سيده رقيہ عمر جي حساب کان ننڍيون هجن ها تہ پوءِ بنا ڪنهن سبب جي سيده فاطمة الزهراء کان اڳ انهن جي شادي ڪرائڻ واري ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي. انهيءَ ڪري پهرين ترتيب تي ئي اڪثريت جو اتفاق آهي. والله اعلم بالصواب. انهن نياڻين سڳورين جي ايمان بابت جيڪي روايتون ملن ٿيون، انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن نبي اقدس ﷺ جن جي بعثت ٿي تہ هن ڪائنات ۾ سڀ کان پهريان ان وقت ئي سيده خديجة الڪبريٰ اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي گهر ۾ موجود سڀني ٻارڙن کي ساڳئي ڏينهن تي ڪلمو پڙهائي دين جي دائري ۾ داخل ڪيائين انهن ٻارن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جون چار ئي نياڻيون ۽ ننڍڙو علي رضہ پڻ شامل هو، جيڪو سندن ئي گهر جو هڪ فرد هو.

هلندڙ



Marfat.com

## اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارا مرد

**⁕ هن سال سيدنا اَبُوبَڪُر صديق رضہ [١] اسلام قبول ڪيو. بالغ ۽ آزاد مردن ۾ سيدنا صديق رضہ سڀ کان اڳ اسلام قبول ڪيو هو. ان روايت تي سڀ متفق آهن ۽ اها روايت مشهور بہ آهي.**

---

حضرت علي سائينءَ کي هن بيبي سڳوريءَ مان پنج ٻار ڄاوا، يعني ٽي پٽ ۽ ٻہ نياڻيون. پٽن جا نالا هن ريت آهن: امام حسن، امام حسين ۽ امام محسن، جيڪو ننڍپڻ ۾ گذاري ويو. امام حسن رضہ ۽ امام حسين رضہ جن مان نبي ڪريم ﷺ جن جو نسل دنيا ۾ قائم رهيو. سيده فاطمة الزهراء پنهنجي بابي سائين ﷺ جن جي وصال کانپوءِ ستت ئي وفات ڪئي. سيده فاطمة الزهراء پردي جي سخت پابند هئي ۽ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن غير محرم جي منهن نہ چڙهي. اهوئي سبب هو جو هن حضرت اسماء بنت عميس کي وصيت ڪئي تہ وفات کانپوءِ منهنجي ميت کي رات جو ڪنيو وڃي تہ جيئن ان تي ڪنهن نامحرم جي نگاہ نہ پوي. اهڙي ريت بيبي سائڻ جي وصيت تي عمل ڪيو ويو هو. جنازي نماز سيدنا علي سائين پڙهائي. جڏهن تہ هڪ روايت ۾ حضرت عباس جو نالو بہ اچي ٿو. والله اعلم. ۽ پوءِ بيبي سڳوريءَ کي جنت البقيع ۾ دفنايو ويو. جتي سندس قبر جو نشان اڄ سوڌو موجود آهي.

(١) صدق و صداقت جو تاجدار، نبي اڪرم ﷺ جن جو يار غار اوائلي نالو عبدالڪعبہ. اسلامي نالو عبدالله لقب صديق ۽ عتيق پر تاريخ ۾ پنهنجي ڪنيت ابوبڪر جي نالي سان مشهور ٿيو.

"بڪر" عربي زبان ۾ جوان اٺ کي سڏيو ويندو آهي. چيو وڃي ٿو تہ عبدالله کي ننڍپڻ کان وٺي اٺن پالڻ جو بيحد شوق هوندو هو ۽ هو اٺن بابت گهڻي ڄاڻ پڻ رکندو هو. انڪري سندس ڪنيت "ابوبڪر" مشهور ٿي وئي. جنهن جي معنيٰ ٿيندي اٺن جو پيءُ يا اٺن سان رغبت رکڻ وارو. ان کانسواءِ علامہ زمخشريءَ جو هڪ قول آهي تہ نيڪ ڪمن ۾ "ابتڪار" (پيش پيش هجڻ) سبب کين ابوبڪر سڏيو ويندو هو.

بهرحال سندن اها ڪنيت ايتري تہ مشهور هئي جو شايد ڪڏهن ڪنهن کي اصلي نالي ڪٺڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿي ۽ سواءِ مسلمانن جي شايد ٻين کي سندن اصلي نالي جي خبر بہ نہ هجي. حضرت ابوبڪر رضہ جي بابي جو نالو عثمان ۽ ڪنيت ابوقحافہ هئي، جڏهن تہ سندن امڙ سائڻ جو نالو سلميٰ ۽ ڪنيت ام الخير ٻڌائي وئي آهي.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي پيدائش هاٿين واري واقعي کان اٽڪل اڍائي ورهيہ پوءِ ٿي، انڪري عمر ۾ هو سرور ڪائنات ﷺ جن کان اڍائي ورهيہ ننڍا هئا. سندن والد ابو قحافہ جو شمار مڪي جي معزز ماڻهن ۾ ٿيندو هو، جيڪو پيشي جي لحاظ کان واپاري هو. پر سندن گهراڻي "بنو تيم" جي حوالي سان سندن ذمي "اشناق" جو منصب هو. يعني ماڻهن جي خون بها ۽ تاوان جي رقم جو تعين هنن جي طرفان ئي ڪيو ويندو هو، ۽ اها رقم پڻ وٽن ئي جمع ڪرائي ويندي هئي. حضرت ابوبڪر رضہ کي ننڍپڻ کان ئي خدا تعاليٰ صالح صفتن سان نوازيو هو، اهوئي سبب هو تہ هن اسلام کان اڳ بہ نہ ڪڏهن شراب کي هٿ لاتو ۽ نہ ڪنهن غلط صحبت ۾ ڦاٿو. سرور ڪائنات ﷺ جن سان سندن دوستيءَ جو ناتو اسلام کان گهڻو اڳ قائم ٿي چڪو هو. جنهنڪري مڪي ۾ موجود هجڻ جي صورت ۾ ٻئي ڄڻا گهڻو ڪري روزانو هڪ يا ٻہ دفعا پاڻ ۾ ضرور ملندا هئا. اسلام کان اڳ مڪي شريف ۾ جيڪي پندرهن ويهہ ماڻهو لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا، انهن مان حضرت ابوبڪر بہ هڪ هو. ان کانسواءِ "علم الانساب" ۾ بہ سندن ڪو ثاني نہ هو. قريش جي سمورن قبيلن جي نسب جا سمورا سلسلا کين زباني ياد هئا ۽ اهو علم هن پنهنجي نياڻي سيده عائشہ رضہ کي سيکاريو هو، جيڪا پڻ هن علم ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ حضرت ابوبڪر

هلندڙ



Marfat.com

رضہ ڪپڙي جو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ ٿوري ئي وقت اندر پنهنجي اصول پرستي ۽ ايمانداريءَ سبب ان ميدان ۾ ايترو تہ اڳتي وڌي ويو جو عرب کان ٻاهر عراق، شام ۽ يمن تائين ماڻهو مٿن اعتبار ۽ اعتماد ڪرڻ لڳا ۽ اهڙي ريت وقت گذرڻ سان گڏ سندن شمار مڪي جي مشهور ۽ معتبر تاجرن ۾ ٿيڻ لڳو.

نبي اڪرم ﷺ جن جي بعثت وقت حضرت ابوبڪر رضہ جي عمر اٽڪل اٺٽيهہ ورهيہ هئي پر پاڻ ان وقت ڪاروباري سلسلي ۾ يمن ڏانهن ويل هئا. واپسيءَ وقت مڪي جا مشهور سردار ابوجهل، عتبہ ۽ شيبہ ساڻس مليا ۽ کيس ٻڌايائون تہ ابوطالب جي يتيم ڀائٽي نبوت جو اعلان ڪيو آهي. اهو ٻڌي حضرت ابوبڪر رضہ جن نبي سائين ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتا ۽ سندن زباني، وحيءَ جي نزول جو احوال ٻڌي اتي جو اتي ڪلمو پڙهي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا ۽ اوڏيءَ مهل کان وٺي پنهنجو مال ۽ جان اسلام لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون.

اسلام جي ابتدائي دور ۾ حضرت ابوبڪر رضہ جي تبليغ سان نهايت اهم شخصيتن اسلام قبول ڪيو. جن ۾ حضرت عثمان بن عفان، عبدالرحمان بن عوف، زبير بن عوام، طلحہ بن عبيد، سعد بن ابي وقاص ۽ ابوعبيده بن جراح جا نالا ذڪر جوڳا آهن. انهن هستين اڳتي هلي مختلف ميدانن ۾ اسلام لاءِ جيڪي قربانيون ڏنيون، اهو اسان جي تاريخ جو قيمتي سرمايو آهي. ان کانسواءِ حضرت ابوبڪر رضہ پياري پيغمبر ﷺ جن جي حڪم سان انهن ٻانهن ۽ ٻانهين کي پنهنجي ذاتي رقم سان خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو، جن ابتدائي دور ۾ اسلام قبول ڪيو. پر جيئن تہ انهن جا مالڪ غير مسلم هئا، انڪري هو انهن جي مٿان بيحد ظلم ۽ زيادتيون ڪندا هئا. انهن ٻانهن ۽ ٻانهين مان ڪجهہ نالا هن ريت آهن: حضرت بلال حبشي، ابوفڪيهہ، عامر بن فهيره، بيبي حمامہ، امِ عُبَس، نهديہ ۽ لبينہ وغيره.

هجرت کان هڪ سال اڳ سرور ڪائنات ﷺ جن جي معراج جو واقعو پيش آيو. اها خبر جڏهن ڪافرن جي ڪنن تي پيئي تہ هو ان واقعي بابت ٺٺوليون ۽ طرح طرح جا اعتراض ڪرڻ لڳا. حضرت ابوبڪر رضہ انهن ڏينهن ۾ ٻاهر ويل هو. واپسيءَ تي قريش جي ڪافرن جڏهن اها ڳالهہ ان نيت سان سندس آڏو پيش ڪئي تہ شايد ابوبڪر رضہ بہ ان تي ويساه نہ ڪندو، پر اهو ڏسي سندن حيرت جي حد نہ رهي تہ حضرت ابوبڪر بغير ڪنهن چون چران جي ان واقعي جي تصديق ڪئي، جنهن ڪانپوءِ سرور عالم ﷺ جن کيس "صديق" جو لقب عطا فرمايو.

مديني ڏانهن هجرت جو جڏهن موقعو آيو تڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ جنهن سائيءَ سان گڏجي هن اڻانگي سفر تي هلڻ جو ارادو فرمايو، اهو حضرت ابوبڪر صديق رضہ ئي هو. مديني پهچڻ ڪانپوءِ بہ دين جي سربلنديءَ لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جيڪي منصوبا جوڙيندا هئا انهن ۾ حضرت ابوبڪر رضہ جي صلاح ضرور شامل هوندي هئي.

غزوات جي سلسلي ۾ بدر کان تبوڪ تائين هر موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ پاڻ سڳورن ﷺ سان هميشہ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي موجود رهيو.

سن نائين هجريءَ ڌاري جڏهن حج جي فرضيت وارو حڪم نازل ٿيو، تڏهن مٺي مرسل ﷺ جن مسلمانن جي جيڪا پهرين جماعت مڪي ڏانهن اماڻي ان جو اڳواڻ بہ سيدنا صديق اڪبر رضہ کي بڻايو ويو. اهڙيءَ ريت آخري بيماريءَ واري زماني ۾ بہ سيدالڪونين ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي ئي نماز پڙهائڻ لاءِ مسلمانن جو پيش امام مقرر ڪيو. جنهن فيصلي جي روشنيءَ ۾ ئي پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ حضرت صديق کي "سقيفہ بني ساعده" ۾ مسلمانن جو خليفو منتخب ڪيو ويو. سندن نالو خلافت لاءِ حضرت عمر فاروق پيش ڪيو، جنهن جي تائيد حضرت ابوعبيده فرمائي ۽ بعد ۾ اتي موجود انصار ۽ ڪجهہ مهاجرن بيعت ڪئي. جڏهن تہ ٻئي ڏينهن تي مسجد نبوي ﷺ جي

هلندڙ



Marfat.com

ابوطالب جي گهر ۾ هن چوٿين پٽ جي ڄمڻ تي بيحد خوشيون ملهايون ويون. بابي سائينءَ طرفان پنهنجي هن ٻچڙي جو نالو "زيد" جڏهن ته امڙ سائڻ طرفان پهريان "اسد" ۽ پوءِ "حيدر" رکيو ويو. جڏهن ته سندن ڪنيت پهريان ابوالحسن ۽ پوءِ ابوتراب هئي.

حضرت عبدالمطلب جي وفات کانپوءِ "بنوهاشم" وارن حضرت ابوطالب کي پنهنجو سردار چونڊيو. جنهن ڪري سندس خرچ پکو عام ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ وڌي ويو هو. ان کانسواءِ ان زماني ۾ مڪي ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ ڏڪار به اچي منهن ڪڍيو. جنهن ڪري اهي ماڻهو جن جو عيال وڏو ۽ آمدنيءَ جا ذريعا گهٽ هئا پنهنجي گذر سفر جي سلسلي ۾ پريشان رهڻ لڳا. انهن منجهان سيدنا ابوطالب به هڪ هو.

سرور ڪائنات ﷺ جن کي پنهنجي هن چاچي ۽ سندس گهرواريءَ سيده فاطمه بنت اسد سان گهڻو انس هو ۽ سندن گهڻو خيال رکندا هئا. ڇو جو سيد عالم ﷺ جن جي پرورش ۽ پالنا انن ورهين جي ڄمار کان وٺي هنن جي ئي گهر ۾ ٿي هئي. انڪري پاڻ سڳورا ﷺ نهايت بي تڪلفيءَ سان وڏي ڄمار تائين به هن گهر ۾ ايندا ويندا هئا ۽ سندن مسئلن ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهندا هئا.

ڏڪار واري زماني ۾ حضرت ابوطالب جي مالي مشڪلاتن کي ڏسي پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ ڏينهن پنهنجي ننڍي چاچي حضرت عباس بن عبدالمطلب جن کي فرمايو: "اوهان جي ڀاءُ ابوطالب جي گهر ۾ کائڻ وارا گهڻا ۽ ڪمائڻ وارا گهٽ آهن. انڪري سندس بار گهٽائڻ لاءِ اسان ٻئي سندس گهر ڀاتين مان هڪ هڪ ڄڻي جو بار پنهنجي مٿان کڻون ته بهتر ٿيندو." حضرت عباس ان تجويز سان اتفاق ڪيو ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي حضرت ابوطالب جي گهر آيا ۽ کين پنهنجي ارادي کان آگاهه ڪيائون. جواب ۾ حضرت ابوطالب وراڻيو ته "طالب ۽ عقيل ڪجهه وڏ ڦرا آهن انڪري انهن کي مون وٽ ڇڏيو. باقي ٻه ننڍا اوهانجي حوالي آهن." اهو جواب ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ ننڍڙي "حيدر" کي کنيو. جڏهن ته حضرت عباس رضه وري حضرت جعفر کي پاڻ سان وٺي ويو. پياري پيغمبر ﷺ جن هن ٻار کي پنهنجي گهر کڻي اچي سيده خديجة الڪبريٰ جي حوالي ڪيائون. جنهن جو پهريون پٽ "حضرت قاسم" ڪجهه وقت اڳ گذاري ويو هو. انڪري بيبي سائڻ نهايت ئي پيار ۽ پاٻوهه سان هن ٻار جي پرورش خود پنهنجي سر تي ڪئي. سرور ڪائنات ﷺ جن سندس نالو بدلائي "علي" رکيو ۽ اڳتي هلي تاريخ ۾ هن هستيءَ "عليءَ" جي نالي سان ئي شهرت حاصل ڪئي. خدا جي آخري نبيءَ ﷺ جي گهر ۾ پرورش پالنا جو نتيجو اهو نڪتو جو ننڍپڻ کان "سيدنا علي" نه ڪنهن بت جي پوڄا ڪئي ۽ نه ڪڏهن ڪنهن ڪافرانه ۽ مشرڪانه ريت رسم جي ويجهو ويا.

حضرت علي اجان ڏهن سالن جا مس ٿيا ته نبي ڪريم ﷺ جن جي بعثت ٿي ۽ حضرت عليءَ اسلام قبول ڪيو. "ابن شهاب" جي روايت مطابق "سيده خديجة الڪبريٰ کانپوءِ اسلام قبول ڪرڻ وارو پهريون شخص حضرت علي هو." ان روايت تي راوين جي اڪثريت جو اعتماد آهي.

مڪي زندگيءَ ۾ حضرت عليءَ جي ٻي ڪابه مصروفيت نه رهي. سواءِ ان جي جو سمورو وقت سرور ڪائنات ﷺ جن جي ساٿ ۽ صحبت ۾ گذاريندا هئا. گهر جي هڪ فرد هجڻ سبب نبي آخر الزمان ﷺ کان سنئون سڌو تعليم ۽ تربيت جا جيترا موقعا حضرت عليءَ کي ميسر رهيا. اوترا ٻئي ڪنهن صحابي سڳوري کي نه ملي سگهيا. حضرت عليءَ جيڪا ديني، اخلاقي ۽ روحاني تعليم حاصل ڪئي. انڪري کيس "باب العلم" جو منصب ۽ مرتبو عطا ٿيو. دين جي تبليغ ۽ اشاعت لاءِ مسجد کان وٺي ميدان جنگ تائين حضرت عليءَ جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا. انهن جو مثال نه رڳو



Marfat.com

پهريون قول وڌيڪ مشهور آهي ۽ صحيح به. هن ڳالهه جي تصديق ان روايت مان به ٿئي ٿي ته حضرت علي رضه اڳاري جي ڏينهن اسلام قبول ڪيو. جيڪو نبوت جو ٻيو ڏينهن هو.

ان ڪانسواءِ خَيْثَمَہ بن عبدالرحمان ۽ ٻين کان سيدنا علي رضه جو هي قول نقل ڪيو ويو آهي ته "ابوبڪر مون کان اسلام آڻڻ ۾ اڳ ڪئي ويو." اسلام قبول ڪرڻ وقت حضرت علي رضه اجان ننڍو هو ۽ بُلُوغَت جي عمر کي نه رسيو هو. مختلف روايتن موجب ان وقت سندن عمر ڏهه سال يا اٺ سال

---

۽ سٺن سان مهمانن جي تواضع ڪئي ويئي. سيده فاطمة الزهراء ۽ حضرت عليءَ پنهنجي ازدواجي زندگي نهايت سڪون ۽ سادگيءَ سان گذاري. هر موقعي تي هڪ ٻئي جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا. حضرت عليءَ ڪي ٻيبي سائڻ مان پنج ٻار ڄاوا ۽ سندن جيئري حضرت علي سائينءَ کو ٻيو نڪاح نه ڪيو.

حضرت عثمان رضه جي شهادت کانپوءِ مهاجرن ۽ انصارن طرفان حضرت عليءَ کي مسلمانن جو چوٿون خليفو منتخب ڪيو ويو. ناموافق سياسي حالتن سبب حضرت علي پنهنجو رخ عراق ڏانهن ڪيو ۽ ڪوفي کي گاديءَ جو هنڌ بڻايائين؛ پوءِ به حالات ۾ تبديلي ته نه آئي پر حرمين جو تقدس پائمال ڪرڻ جو موقعو ڪنهن کي نه مليو. باقي مخالفن طرفان روز نوان نوان فتنا منهن ڪڍندا رهيا. اختلاف ۽ اعتراض وڌندا رهيا، پر الله جي هن شير جنهن بهادري ۽ بردباري، شرافت ۽ شائستگيءَ سان انهن جو مقابلو ڪيو، اها سندن ئي همت هئي. انهن سڀني فتنن مان سڀ کان وڏو فتنو خارجيت جو هو. آخرڪار انهن خارجين هٿان ئي سيدنا عليءَ مٿان فجر جي نماز ۾ ان وقت وار ڪيو ويو، جڏهن سندن سِر مبارڪ سجدي ۾ هو. حملي ڪرڻ واري بدبخت جو نالو عبدالرحمان ابن ملجم ٻڌايو ويو آهي ۽ جنهن تلوار سان هن حملو ڪيو اها زهر ۾ ٻڏل هئي، ان ڪري زهر جسم مبارڪ ۾ ڦهلبو ويو ۽ جمعي جي رات رمضان المبارڪ جي ۲۱ تاريخ سن ۴۰ هه ڌاري علم ۽ عرفان جو هي باب هميشه لاءِ بند ٿي ويو ۽ ان سان گڏ خلافت راشده جو دور پڻ پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتو. انا لله وانا اليہ راجعون.

شهادت کانپوءِ حضرت عليءَ کي سندس پٽن غسل ڏنو ۽ حضرت حسن سائين جنازي نماز پڙهائي. جنهن کانپوءِ سندن ميت کي ڪوفي جي مسجد لڳ دارالامارۃ ۾ دفنايو ويو. شهادت وقت سندس عمر ۶۳ ورهيه هئي. حضرت علي سائينءَ جي خلافت جو مدو چار سال، نو مهينا ۽ اٺ ڏينهن ٻڌايو ويو آهي. ابن سعد مطابق حضرت علي پنهنجي پويان چوڏهن پٽ ۽ ايڪيهه نياڻيون ڇڏيون. جڏهن ته حافظ ابن حجر طرفان وري ايڪيهه پٽ ۽ ۱۸ نياڻيون ٻڌايون ويون آهن، جن مان سيدنا حسن، سيدنا حسين، سيدنا محمد بن حنفيہ ۽ سيدنا عباس بن عليءَ مان سندن اولاد جو سلسلو اڃان تائين دنيا ۾ هلي رهيو آهي.

بلاذريءَ طرفان حضرت عليءَ جي هڪ پٽ زيد بن عليءَ جي امڙ جو تعلق سنڌ جي سرزمين سان ٻڌايو ويو آهي.

(انساب الاشراف "بلاذري" ج ۲ ص ۴۲۱. الاخبار الطوال "دينوري" ص ۲۲۹. مناقب امير المؤمنين علي بن ابي طالب "امام نسائي". سيرة ابن هشام ج ۱ ص ۲۶۴ ـ ۲۶۲. الرياض النضرہ محب طبري ج ۲. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۱۰۴ ـ ۱۰۰. الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۵۱۰ ـ ۵۰۷. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۳ ص ۲۲۵ ـ ۱۹۷. سير اعلام النبلاء. ذهبي ج ۲ ص ۶۶۰ ـ ۶۱۵. التحفة اللطيفہ "سخاوي" ج ۲ ص ۲۷۸ ـ ۲۷۷. سبل الهدئ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۰۷ ـ ۳۸۷. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۲۸۲ ـ ۲۷۵. العقد الثمين "فاسي" ج ۵ ص ۲۷۹ ـ ۲۶۹. تاريخ ابن الوردي ج ۱ ص ۹۹. تاريخ فهوم ابن جوزي ص ۱۱۱ ـ ۱۱۰.)

هلنڊڙ



Marfat.com

يا پنج سال هئي. انهن مان ڏهن سالن واري روايت اعتبار جوڳي آهي. ڇو جو تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ حضرت علي رضہ جن نبي سڳوري ﷺ جن کان ٽيهہ ورهيہ پوءِ ڄاوا هئا. (١)

* هن سال رسول رحمت ﷺ جي آزاد ڪيل غلام حضرت زَيد بن حارثة بن شَراحِيل ڪَلبِي بہ مسلمان ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪئي. سندن اسلام آڻڻ حضرت علي رضہ کانپوءِ ثابت آهي. زَيد رضہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ايترو تہ پيارو هو جو ڪيس رسول خدا ﷺ جو "پُٽيلو" سڏيو ويندو آهي.

* هن سال ڪجهہ ٻين محترم ۽ مان وارين شخصيتن کي بہ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ جو موقعو مليو. انهن مان سيدنا عثمان بن عَفّان، (٢) زُبَير بن عَوّام، (٣) عبدالرحمان بن عُوف، (۴) سَعد

---

(١) شرح علي المواهب زرقاني جلد ١ ص ٢۴۵

(٢) اخلاص، استقامت، صبر، سخا، تواضع ۽ حياءَ جو مثالي نمونو سيدنا عثمان بن عفان رضہ هاٿين واري واقعي کان ڇهہ ورهيہ پوءِ يعني ۵٧٦ع ڌاري بنو اميہ جي هڪ مانائتي فرد عفان بن ابي العاص جي گهر ڄائو. سندس امڙ جو نالو اروىٰ بنت ڪريز ٻڌايو ويو آهي، جيڪا سرور عالم ﷺ جن جي سڳي ڦڦات هئي. جو تہ سيده اروىٰ جي ماءُ ام حڪيم بيضا ء بنت عبدالمطلب پاڻ ڪريم ﷺ جي بابي سائينءَ سيدنا عبدالله جي جاڙي ڀيڻ هئي.

سيدنا عثمان رضہ کي ننڍپڻ کان ئي خدا تعاليٰ صالح صفتن سان نوازيو هو. انڪري اسلام کان اڳ بہ سندس شمار انهن نوجوانن ۾ ٿيندو هو، جيڪي ان دور جي جاهلانہ عادات توڙي رسومات کان پري ٿي پنهنجي زندگي گذاريندا هئا، ۽ لکڻ پڙهڻ پڻ ڄاڻندا هئا.

جواني ۾ اناج جو واپار شروع ڪيائون ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي عقلمندي، ايمانداري ۽ خوش اخلاقي سبب هن ميدان ۾ پنهنجي هم پيشہ ساٿين کان گوءِ کٽي ويا. نسب جي لحاظ کان تہ حضرت عثمان کي اڳ ۾ ئي اهم حيثيت حاصل هئي، ڇو تہ قريش جو قومي جهنڊو "عقاب"، جنگ جي موقعي تي سندس گهراڻي جي حوالي هوندو هو. پر هاڻي مالي لحاظ کان بہ هن جو شمار معزز ۽ معتبر ماڻهن ۾ ٿيڻ لڳو. انڪري شهر جي جن اهم ماڻهن سان سندس دوستي ۽ تعلقات وڌڻ لڳا انهن ۾ سيدنا ابوبڪر صديق بہ شامل هو.

حضرت عثمان رضہ چوٽيهن ورهين جي ڄمار کي پهتو تہ نبيٰ ڪريم ﷺ جن جي بعثت ٿي. مڪي جي مشرڪانہ ماحول ۾ توحيد ۽ حقانيت جي ان اعلان ٿرٿلو مچائي ڇڏيو ۽ پوءِ سنت ٿي اها دعوت پنهنجي پياري دوست حضرت ابوبڪر صديق جي معرفت حضرت عثمان تائين بہ پهتي. قريش قبيلي جي ٻن شاخن بنو هاشم ۽ بنو اميہ ۾ پراڻي رقابت هلندڙ هئي، انڪري اهي ٻئي خاندان هڪ ٻئي جا حريف سمجهيا ويندا هئا. نبي اڪرم ﷺ جن جي دين کي قبول ڪرڻ گويا بنوهاشم جي قيادت ۽ برتريءَ کي مڃڻ هو. پر حضرت عثمان جي دل ۾ ايمان جي جيڪا چڻنگ موجود هئي تنهن انهن سيني سوچن کي پاسيرو رکي دين جي دعوت کي هڪدم قبول ڪيو. ان ساڳئي ڏينهن تي حضرت زبير ۽ حضرت طلحہ بہ مسلمان ٿيا. ابن الاثير جي روايت مطابق اسلام قبول ڪرڻ وارن مردن ۾ حضرت عثمان جو چوٿون نمبر هو. جڏهن تہ "بنو اميہ" وارن مان هو پهريون فرد هو، جنهن اسلام قبول ڪيو. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ سيدنا عثمان هڪ طرف پنهنجي مٽن مائٽن جي ظلمن ۽ زيادتين جو نهايت صبر ۽ ثابت قدميءَ سان مقابلو ڪندو رهيو تہ ٻئي طرف وري پنهنجي مال ملڪيت کي اسلام جي راهہ ۾ خرچ ڪندو رهيو.

سرور عالم ﷺ جن حضرت عثمان جي ايمان، اخلاص، تقويٰ توڙي اخلاق جو بيحد قدر ۽ مٿس اعتماد ڪندا هئا.

هلندڙ



Marfat.com

هشام بن عروه جي روايت مطابق ان وقت زبير رضہ جي عمر پندرهن ورهيہ مس هئي، جڏهن اسلام جو آفاقي اعلان سندس ڪنن تائين پهتو ۽ پوءِ اوڏيءَ مهل ئي هن اسلامي برادريءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو.

موسيٰ بن طلحہ جي روايت مطابق حضرت علي، زبير، طلحه ۽ سعد بن ابي وقاص رضوان الله عليهم اجمعين ساڳئي سال ڄاوا هئا ۽ انهن سڀني اسلام بہ هڪ ئي سال قبول ڪيو هو ۽ سڀني جو شمار صحابين جي ان صف ۾ ٿيندو آهي جن کي سابقون الاولون سان گڏ انهن ڏهن خوش نصيبن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، جن لاءِ ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن هن دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت ڏني هئي.

حضرت زبير رضہ کي بہ پنهنجي ٻين ساٿين وانگر سرور ڪائنات ﷺ جن جي ذات سان بي پناهہ محبت ۽ عقيدت هئي.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن حضرت زبير رضہ اڃان نئون نئون دين ۾ داخل ٿيو هو تہ اوچتو اهو پڙلاءُ سندس ڪنن تي پيو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي ڪافرن ڪا تڪليف پهچائي آهي، بس اها خبر ٻڌنديئي هو ترار هٿ ۾ ڪڍي اچي اتي پهتو تہ ڪيس معلوم ٿيو تہ اها خبر سچي نہ هئي. پاڻ سڳورن ﷺ جن سندس هٿ ۾ تلوار ڏسي ڪائنس حقيقت پڇي، جنهن تي هن سربستي ڳالهہ ڪين ٻڌائي.

حضرت زبير رضہ جي اهڙي احوال تي نبي انور ﷺ جن سرهائيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ان سان گڏ نہ فقط زبير پر سندس تلوار لاءِ برڪت جي دعا گهريائون. اهڙيءَ ريت زبير رضہ پهريون شخص هو، جنهن جهاد جي حڪم نازل ٿيڻ کان اڳ الله جي راهہ ۾ تلوار ڪڍي.

نبوت جي ستين سال جڏهن مڪي جي مشرڪن طرفان "بنوهاشم" وارن جو سوشل بائيڪاٽ ڪيو ويو ۽ اهي سمورا شعب ابوطالب ۾ نظربند رهيا تہ ان موقعي تي بہ اهڙا صحابي بہ هئا، جن جو تعلق بنوهاشم سان نہ هو، انڪري مٿن اهو نظربنديءَ وارو شرط ڪنهن بہ لحاظ سان لاڳو نہ پئي ٿيو پر پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي ذات بابرڪات سان ڪين جيڪو لڳاءُ هو، ان ڪين الڳ رهڻ جي اجازت نہ ڏني ۽ هو پنهنجي رضا خوشيءَ سان وڃي اتي نظربند ٿيا. انهن مان هڪ حضرت زبير رضہ بن عوام ۽ ٻيو سعد رضہ بن ابي وقاص هو.

**هجرت**

حضرت زبير جو شمار انهن صحابين ۾ ٿيندو آهي، جن کي ٻن هجرتن ڪرڻ ۽ ٻن قبلن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو شرف حاصل رهيو. هن پهريون دفعو حبش ڏانهن ۽ ٻيو دفعو مديني ڏانهن هجرت جي سعادت حاصل ڪئي. نبي انور ﷺ جن جڏهن مديني ڏانهن هجرت فرمائي تہ حضرت زبير رضہ ان وقت مڪي ۾ موجود نہ هو پر پنهنجي ڪاروبار سانگي شام ڏانهن ويل هو. جنهن ڪانپوءِ هو جڏهن واپس اچي رهيو هو تہ رستي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن سان سندس ملاقات ٿي هئي. هن موقعي تي حضرت زبير رضہ سندس خدمت ۾ تحفي طور ڪجهہ ڪپڙا پيش ڪيا هئا.

هجرت جي ٻئي سال جڏهن جهاد جو اعلان ٿيو تہ حضرت زبير رضہ جهادي ڪارروائين ۾ نوان مثال قائم ڪيا. "بدر" جي موقعي تي مسلمانن جي لشڪر ۾ بہ شهسوار موجود هئا. جن مان هڪ زبير رضہ بن عوام ۽ ٻيو مقداد بن اسود. جيڪي ڪابي ۽ ساڄي ڪان ٻئي محاذ سنڀالي بيٺا رهيا. هڪ موقعي تي مشرڪن جي مغرور سردار "عتبہ" جڏهن مسلمانن کي نهايت هٺ ۽ هوڏ سان للڪاريو تہ امت جي اڳواڻ ﷺ جن زبير کي اڳتي وڌڻ جو اذن ڏنو. عتبہ جي جسم تي اهڙي زرهہ پاتل هئي جو سواءِ اکين جي سندس جسم جو ڪوبہ حصو ظاهر نہ پئي ٿيو. حضرت زبير رضہ پنهنجو نيزو اهڙي تہ مهارت سان سندس اک ۾ هنيو جو ان جي نوڪ اک ۾ پيهي ويس، جنهن سان اهڙو تہ رت جو ڦوهارو نڪتو جو هو بدبخت گهوڙي تان اچي پٽ تي پيو ۽ اتي ئي دم ڏنائين. حضرت زبير رضہ سندس سيني مٿان لت رکي پنهنجي نيزي کي اهڙي تہ زور سان ڇڪي سندس اک مان ڪڍيو. جو ان نيزي جي ڇهنب ئي ڇپي ٿي ويئي. اهو



Marfat.com

ساڳيو نيزو آهي، جنهن کي "عنزه" سڏيو ويندو هو.

روايت مطابق بدر واري ڏينهن تي حضرت زبير رضہ جي مٿي تي پيلو پٽڪو ٻڌل هو ۽ ان موقعي تي آسمان مان جيڪي فرشتا مومنن جي مدد لاءِ انساني شڪل ۾ آيا هئا تن جي مٿي تي بہ اهڙائي پٽڪا ٻڌل ڏنا ويا.

غزوه خندق واري ڏينهن تي ڪافرن جي فوج مديني جو گهيرو ڪيو، جنهن ۾ ڏهہ هزار فوجي شامل هئا. جن وٽ هٿيارن پنوهارن جا انبار هئا. نہ فقط ايترو پر مديني جا يهودي بہ مسلمانن سان ڪيل معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري انهن ڪافرن جي مختلف طريقن سان مدد جو سوچي رهيا هئا. جن ۾ يهودين جي سڀ کان طاقتور قبيلي "بنوقريظہ" وارا سڀ کان اڳرا هئا. هن موقعي تي پنهي جهانن جي سردار سڳوري ﷺ جن کي انهن يهودين جا ارادا معلوم ڪرڻ لاءِ ڪنهن اهڙي بهادر ۽ بي خوف شخص جي ضرورت محسوس ٿي، جيڪو اتي پهچي سندن سمورا ارادا معلوم ڪري موٽي اچي. اهو نهايت ڪٺن ڪم هو پر هن موقعي تي بہ حضرت زبير رضہ پاڻ ملهايو ۽ ڪاميابيءَ سان بنوقريظہ وارن جون سموريون خبرون چارون لهي موٽي اچي مسلمانن تائين پهچايائين. سندس ان خدمت تي سرور ڪائنات ﷺ جن ڏاڍا سرها ٿيا ۽ زبير رضہ جي لاءِ فرمايائون تہ "هر نبيءَ سان ڪي حواري هوندا آهن ۽ منهنجو حواري زبير بن عوام آهي."

اهڙي ريت پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سڄي زندگيءَ ۾ زبير هر مشڪل مرحلي ۾ سندن پانهن ٻيلي ٿي رهيو. هڪ روايت آهي تہ هر مشڪل وقت تي هو پنهنجي آقا ﷺ جن جي اڳيان ۽ هر نماز ۾ سندن پٺيان نظر ايندو هو. خلفاءِ راشدين جي دور ۾ بہ مسلمانن جنگي ميدان ۾ جيڪي بيمثال ڪاميابيون حاصل ڪيون، جن ۾ مرتدين سان مقابلي کان وٺي فلسطين ۽ مصر جي فتحن تائين تن سڀني ۾ زبير رضہ جو نالو نمايان آهي.

ٽئين خليفي سيدنا عثمان رضہ جي شهادت کانپوءِ حضرت زبير رضہ جنگ جمل ۾ سيده عائشہ رضہ جو طرفدار رهيو پر ان جنگ دوران ئي هڪ موقعي تي حضرت علي رضہ کيس هٿ کان جهلي اهو واقعو ياد ڏياريو جنهن ۾ سرور ڪونين ﷺ جن فرمايو هو تہ "زبير تون هڪ ڏينهن عليءَ سان وڙهندين! جيتوڻيڪ ان وقت حق عليءَ جي پاسي هوندو" اهو ٻڌي زبير رضہ جنگ تان هٿ ڪڍي ويو.

جنگ جي ميدان کي ڇڏي جڏهن حضرت زبير رضہ واديءِ ساعَ ۾ پهتو تہ اتي سندس ملاقات عمرو بن جرموز سان ٿي، جنهن ساڻس صلح ڪندي بظاهر دوستيءَ جو هٿ وڌايو ۽ پوءِ جڏهن ٻن پهرن جي نماز جو وقت ٿيو ۽ حضرت زبير رضہ نماز جي نيت ڪري بيٺو تہ عين ان وقت جڏهن سندس سر مبارڪ سجدي ۾ هو تہ ابن جرموز مٿس پنهنجي ترار جو ڀرپور وار ڪري سندس سر مبارڪ ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. انالله وانا اليه راجعون. شهادت کانپوءِ "عطيہ" نالي سندس هڪ غلام "سباع" جي وادي ۾ ئي کيس دفن ڪري ڇڏيو. اهو واقعو جمادي الاول جي ڏهين تاريخ ڇٽيهہ هجريءَ ڌاري پيش آيو. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت عليءَ رضہ کي جڏهن حضرت زبير رضہ جي شهادت جي خبر پهتي تہ کيس سخت صدمو رسيو ۽ پوءِ هو پنهنجي ڪجهہ ساٿين سان گڏ سندس قبر تي آيو ۽ اتي سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. هن موقعي تي حضرت عليءَ رضہ فرمايو تہ "سيده صفيہ جي ٻچڙي جو قاتل جهنمي آهي."

حضرت زبير رضہ هڪ بيمثال بهادر سان گڏ نهايت سخي مرد هو. سندس ملڪيت مان جيڪا بہ آمدني ٿيندي هئي، اها سموري الله جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو هو. ايتريقدر جو وفات وقت مٿس قرض هو. جيڪو سندس وارثن ڇڏيل ملڪيت وڪڻي ادا ڪيو.

شذرات الذهب "ابن العماد" ج ۱ ص ۷۳ ـ ۷۴. طبقات ابن سعد ج ۳ ص ۷۳ ـ ۸۴. تهذيب التهذيب "ابن حجر" ج ۳ ص ۲۸۳ ـ ۲۸۴. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۹۵ ـ ۲۹۸. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۱۲ ـ ۳۱۴. الرياض النضره محب طبري ج ۴ ص ۲۷۱ ـ ۲۹۹. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۲ ص ۸۹ ـ ۹۳.



Marfat.com

جنهن جو تنفصيل هن ئي ڪتاب ۾ اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

"دومة الجندل" واري واقعي ۾ اتان جي سردار اصبغ بن ثعلبہ بن ضَمضَم ڪلبيءَ جيڪو نسبي لحاظ کان عرب ۽ مذهبي لحاظ کان عيسائي هو، تنهن شڪست کاڌي ۽ اسلامي لشڪر سوڀارو ٿيو. ڪين غنيمت ۾ ڪافي مال بہ مليو ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف هتان جي سردار جي نياڻي تماضر بن اصبغ سان نڪاح ڪيو. جنهن مان ڪين ابوسلمہ بن عبدالرحمان نالي پٽ بہ ڄائو.

حضرت عبدالرحمان .ن عوف جو شمار امير ترين صحابي سڳورن ۾ ٿيندو آهي. هو هر موقعي تي خدا تعاليٰ جي خوشنودي خاطر پنهنجي د لت خرچ ڪندو رهندو هو. هن جي ڪوشش هوندي هئي تہ ڪڏهن بہ ڪو سوالي سندس دروازي تان خالي نہ موٽي.

هڪ دفعي سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو تہ "مون ڪانپوءِ جيڪو ماڻهو منهنجي گهروارين جي پرگهور لهندو ۽ انهن جي حفاظت ڪندو اهو نهايت سچار ۽ نيڪوڪار هوندو". پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ ابن عوف پنهنجي آقا سائين ﷺ جن جي ان حڪم جي پوري پوري پابندي ڪئي ۽ امهات المؤمنين جي هر ضرورت جي پورائي ڪرڻ ۾ پيش پيش رهيو. سندس پاران حج يا عمره جي موقعي تي امهات المؤمنين جي لاءِ نہ فقط رستي جي خرچ ۽ باپرده سواريءَ جو انتظام ڪيو ويندو هو پر جتي سندن قافلا منزل ڪندا هئا اتي پاڻ پهچي پهرو ڏيندو هو تہ جيئن ڪو ڌاريو شخص بي خبري ۾ ويجهو نہ وڃي سگهي. وقت بوقت جهجهي تعداد ۾ پئسا ڏوڪڙ انهن جي خدمت ۾ اماڻيندو رهندو هو. غلامن کي آزاد ڪرڻ، مسڪينن کي کاڌو کارائڻ ۽ ضرورت مندن جون جائز ضرورتون پوريون ڪرڻ سندن خاص خوبيون هيون.

حضرت عبدالرحمان هر وقت پاڻ ڪريمن ﷺ جي قريب رهڻ جي ۽ سندن ٻڌايل حڪمن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هڪ دفعي سرور عالم ﷺ جن سندس لاءِ فرمايو: "عبدالرحمان ابن عوف زمين وارن وٽ بہ امانتدار آهي تہ آسمان وارن وٽ بہ امانتدار."

پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ حضرت ابوبڪر صديق جن بہ پنهنجي دور خلافت ۾ اهم معاملن بابت ابن عوف سان صلاح مشورو ڪندا هئا. حضرت عمر فاروق بہ پنهنجي خلافت واري زماني ۾ حضرت عبدالرحمان کي پنهنجي مجلس شوريٰ جو ميمبر مقرر ڪيو. نہ صرف ايترو پر پاڻ ڪانپوءِ ٽين خليفي جي انتخاب لاءِ هن جيڪا انتخابي ڪائونسل قائم ڪئي، حضرت عبدالرحمان ابن عوف ان جو بہ هڪ اهم رڪن هو. حضرت عبدالرحمان ابن عوف سن ٣٢ هجريءَ ڌاري هن دنيا مان لاڏائو ڪيو. ان وقت سندن عمر پنجهتر ورهيہ هئي. جنازي نماز ٽئين خليفي حضرت عثمان ابن عفان رضہ پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ ڪين جنت البقيع ۾ حضرت عثمان بن مظعون ۽ سرور عالم ﷺ جن جي ننڍي لينگر ابراهيم جي پرسان دفن ڪيو ويو.

حضرت عبدالرحمان بن عوف پاڻ ڪريم ﷺ جن کان پنجهٺ حديثون روايت ڪيون آهن.

(الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ١٧ ـ ٤١٦. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٥٠٠ ـ ٤٩٥. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٢ ص ٣٩٠ ـ ٣٨٦. صفة الصفوة ابن جوزي ج ١ ص ٣٥٠ ـ ٣٤٩. سبل الهدي والرشاد.شامي ج ١١ ص ٣٢١ ـ ٣١٨. الرياض النضرة محب طبري ج ۴ ص ٣٠١. التحفة اللطيفہ سخاوي ج٢ ص ٤٦ ـ ١٤٥. العقد الثمين "فاسي" ج ٥ ص ٥١ ـ ٥٠. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ٣ ص ٥٨ ـ ٤٣.)



Marfat.com

مقابلي ۾ ڪافي ڪمزور هئا ۽ هو الله تعاليٰ جي عبادت لڪي ڪندا هئا. اهڙي ئي هڪ موقعي تي جڏهن مسلمان ڪنهن جابلو لڪ ۾ نماز ادا ڪري رهيا هئا تہ ڪجهہ ڪافر اوچتو اچي اتي نڪتا. هو ڀهريان تہ مسلمانن تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ مٿن حملي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. حضرت سعد جي اها ڦوهہ جوانيءَ واري عمر هئي انڪري ڪافرن جون اهي ڪريل حرڪتون ڏسي ڪيس سخت مٺيان لڳي ۽ اتي پيل هڪ اٺ جو هڏو کڻي جوانيءَ جي جوش مان هڪ مشرڪ جي مٿي ۾ هنيائين تہ سندس مٿو ڦاٽي پيو ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳس. اهو حال ڏسي ڪافر اتان ڀڄي ويا. اهڙي ريت الله جي راهہ ۾ پهريون دفعو ڪافرن جي خون وهائڻ وارو صحابي بہ سعد بن ابي وقاص ئي هو. جيتوڻيڪ ان وقت تائين جهاد جو حڪم نازل نہ ٿيو هو.

حضرت سعد رضہ کي خدا تعاليٰ بي پناهہ عسڪري صلاحيتن سان نوازيو هو. انڪري بدر کان وٺي تبوڪ تائين هر موقعي تي هن جرئت ۽ بهادريءَ جا نوان ريڪارڊ قائم ڪيا. جن جو پڙلاءُ اسلامي تاريخ جي طالبن جي ڪنن تائين اڄ سوڌو پوندو رهي ٿو.

حضرت سعد رضہ جي عسڪري صلاحيتن جو هڪ اهم ڪارنامو ايران جي فتح بہ آهي. حضرت عمر فاروق رضہ جي دور خلافت ۾ سعد رضہ کي اسلامي فوج جو سپريم ڪمانڊر بڻائي ان سلطنت جي مقابلي لاءِ موڪليو ويو. جنهن ڪجهہ وقت اڳ پنهنجي حريف بازنطيني سلطنت کي بہ زير ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي ڪيس ان ڳالهہ تي ماڻ هو تہ روءِ زمين تي اهڙو ڪوبہ حاڪم يا حڪومت موجود نہ آهي، جيڪو هن جي مقابلي لاءِ سوچي بہ سگهي. ٻين لفظن ۾ ڪسريٰ جي سلطنت دنيا جي واحد عظيم قوت (Super power) شمار ٿيندي هئي. بهرحال سعد بن ابي وقاص رضہ ٽيهہ هزار مسلمانن جي لشڪر سان گڏ "قادسيہ" پهتو. هن فوج ۾ ستر بدري صحابي پڻ شامل هئا. هوڏانهن سلطان يزدگرد پنهنجي بي مثال جرنيل "رستم" جي اڳواڻيءَ هيٺ اٽڪل سوا لک تربيت يافتہ سپاهين جو لشڪر (جيڪو جديد هٿيارن سان ليس هو. ان کان علاوه بيشمار تربيت يافتہ گهوڙا ۽ هاٿي پڻ لشڪر ۾ شامل هئا.) ساڻ ڪري مقابلي لاءِ ميدان ۾ لٿو.

هن موقعي تي حضرت سعد رضہ پاڻ بيمار هو. انڪري ميدان جنگ جي ويجهو هڪ گهٽ جهلي ويهي رهيو. جتان جنگ جي ميدان تي سندس نگاهہ هئي ۽ هو حالتن پٽاندڙ هدايتون پئي موڪليندو رهيو. باقي ميدان جنگ ۾ هن خالد بن عرفطہ کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو هو. "جندي سابور" جي ڪناري مخالف فوجن ۾ جنگ شروع ٿي. ٻنهي طرفن کان بهادرن هڪ ٻئي جي طاقت کي خوب آزمايو ۽ مخالف صفن ۾ ٽاڪوڙا مچائي ڇڏيا ۽ جنگ جو ميدان لاشن سان سٿي ڇڏيائون. آخر هڪ مجاهد بلال بن علقمہ پنهنجي ترار جي هڪ ڦهري وار سان رستم کي ڪيرائي وڌو. پنهنجي عظيم جرنيل کي هڪ معمولي سپاهيءَ هٿان هن ريت قتل ٿيندو ڏسي ايراني لشڪر ۾ اچي ڀاڄ پيئي. بس پوءِ تہ جنهن جي اکيان جيڪو رستو آيو ان اوڏانهن رخ رکيو ۽ ٿوريءَ دير ۾ ئي لاشن کانسواءِ ميدان ۾ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو. ساساني سلطنت جي سپاهين اهڙي ذلت ڀري شڪست لاءِ تہ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو ۽ هن واقعي کانپوءِ سندن حوصلا پست ٿي ويا ۽ همتون جواب ڏيئي بيٺيون: بس پوءِ تہ مسلمان هڪ ٻئي پٺيان سندن باقي علائقا بہ قبضي ۾ ڪندا ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي بابل ـ بهره شير ۽ ڪوثي وغيره تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو ۽ آخر ۾ حضرت سعد جيڪو هاڻي صحتياب ٿي چڪو هو، سندس قيادت ۾ اسلامي لشڪر مدائن تي حملو ڪيو ۽ ايرانين جو سياري جي گاديءَ وارو هي تاريخي شهر بہ آسانيءَ سان سندن قبضي ۾ اچي ويو. جنهن کانپوءِ آخري ڪسريٰ يزدگرد پنهنجي سموري ميراث تان هٿ کڻي جان بچائڻ جي چڪر ۾ هتان ڀڄي وڃي حلوان پهتو. اهڙي ريت هڪ هزار سال شان



Marfat.com

شوڪت واري ساساني سلطنت جو وجود هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو. آتش ڪده اجهامي ويا ۽ هر طرف کان الله اڪبرُ جا آواز گونجڻ لڳا. مدائن مان مسلمانن کي جيترو مال غنيمت هٿ آيو، ان جو ڪاٿو ڪرڻ بہ مشڪل آهي، سون، چاندي، هيرن جواهرن جا انبار ان کان علاوه هئا.

ڪسريٰ جو سونو تخت، جواهردار تاج ۽ اهي قيمتي ڪنگڻ جيڪي نبي انور ﷺ جن "سراقہ" جي هٿن ۾ ڏسڻ جي بشارت ڏني هئي، سموريون شيون قصر سفيد جي ايوان ۾ پٽريون پيون هيون، جن جي مالڪي ڪرڻ وارو ڪوبہ ڪونہ هو.

هن محل جي ايوان کي حضرت سعد نماز لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. يعني جتي غير الله جي پوڄا ۽ پرستش ٿيندي هئي ان جاءِ تي الله جا ٻانها پنهنجي حقيقي خالق جي آڏو سر بسجود نظر اچڻ لڳا ۽ اهو سعد بن ابي وقاص رضہ جو وڏو ڪارنامو شمار ٿئي ٿو تہ هن جي قيادت ۾ اسلامي لشڪر دنيا جي عظيم ۽ قديم سلطنت جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو. جيتوڻيڪ ساساني سلطنت ۽ سلطان يزدگرد جو مڪمل خاتمو سيدنا عثمان رضہ جي دور ۾ ٿيو، پر هن سلطنت جي تباهيءَ جو آغاز حضرت سعد جي هٿان ئي شروع ٿيو.

مدائن جي فتح کانپوءِ جڏهن اتان جي غنيمت جو خمس ۽ يزدگرد جون ڇڏيل يادگار شيون مديني موڪليون ويون تہ عرب انهن شين کي ڏسي حيران ٿي ويا. ڇو تہ ان قسم جا تاج، تلوارون، قيمتي پوشاڪون ۽ هٿيار پنوهار اڳ هنن جي اکين ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا. هن موقعي تي ڪسريٰ جا ڪنگڻ سراقہ بن مالڪ بن جعشم جي هٿن ۾ پارايا ويا. جنهن جي پيشنگوئي سرور ڪائنات ﷺ جن سورهن سال اڳ ڪئي هئي.

مدائن جي فتح کانپوءِ حضرت سعد کي سپہ سالار بدران انهن علائقن جو گورنر مقرر ڪيو ويو جيڪي هن فتح ڪيا هئا. هن دور ۾ حضرت سعد فرات نديءَ جي ڪناري تي هڪ نئون شهر تعمير ڪرايو، جيڪو "ڪوفي" جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. ڇو جو عربن کي مدائن جي ڳِهميل هوا پاڻيءَ نہ پئي ۽ هو بيمار رهڻ لڳا هئا. ڪوفو اسلامي تاريخ ۾ اهو پهريون شهر هو جيڪو مسلمانن نئين سر تعمير ڪيو هو، جنهن ڪانپوءِ هتي هڪ مضبوط فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي ويئي. پوءِ آهستي آهستي هي شهر سياسي توڙي فوجي لحاظ کان وڏي حيثيت حاصل ڪرڻ لڳو. جنهن ڪري علائقي جي مختلف قومن ۽ قبيلن جا نو مسلم هن شهر ۾ آباد ٿيندا ويا. جن ۾ عرب، ايراني، يهودي، عيسائي، گبر توڙي بت پرست شامل هئا. جن اڪثر هلي حضرت سعد رضہ جي خلاف سازش سٽي ۽ سندس شڪايتون مديني ۾ امير المؤمنين تائين پهچايون. پوءِ حالات جو رخ ڏسي حضرت عمر رضہ کيس گورنريءَ جي عهدي تان هٽائي ڇڏيو. اڳتي هلي حضرت عثمان رضہ پنهنجي دورِ خلافت ۾ حضرت سعد جو ساڳيو عهدو بحال ڪيو، پر ڪجهہ عرصي کانپوءِ وري کيس هٽايو ويو. جنهن کانپوءِ هو سياست کان هميشہ لاءِ ڪناره ڪش ٿي ويو.

حضرت عثمان رضہ جي شهادت کانپوءِ ڪن ڌرين حضرت سعد رضہ کي خلافت جي اميدوار بنائڻ لاءِ زور ڀريو پر هن صاف انڪار ڪيو ۽ خوشيءَ سان حضرت عليءَ رضہ جي تائيد ڪندي سندس بيعت ڪيائين ۽ پوءِ مديني کان ستن ميلن جي مفاصلي تي "العقيق" نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو، جتي سندس زمينون ۽ ٻي ملڪيت هئي. آخري ڏينهن ۾ هو اکين کان ويهجي ويو هو، جنهن ڪري ڳوٺ کان ٻاهر نڪرڻ جو سلسلو بلڪل ختم ڪري ڇڏيو هئائين. آخرڪار اتي ئي سندس پساه پورا ٿيا. حضرت سعد رضہ جي وفات جي سن ۾ اختلاف آهي. واقديءَ طرفان وفات جو سن ۵۵ هجري، ابو نعيم طرفان ۵۸ هجري ۽ زبير بن بڪار طرفان ۵۴ هجري ٻڌايو ويو آهي، جنهن مان واقديءَ واري روايت تي اڪثريت جو اعتماد آهي، وفات کانپوءِ حضرت سعد کي سندس وصيت مطابق هڪ پراڻي جبي جو ڪفن ڏنو ويو.

هلندڙ



Marfat.com

آئي. نبوت جي ٽيئن سال جڏهن مڪي وارن "بنوهاشم" جو بائيڪاٽ ڪيو هو ته ان موقعي تي حضرت طلحہ جنهن جو نسبي تعلق جيتوڻيڪ بنوهاشم وارن سان نہ هو پر پاڻ ڪريمن ﷺ جي محبت ۾ هو بہ شعبِ ابوطالب ۾ نظربند رهيو. اهڙيءَ ريت اسلام جي ابتدائي دور ۾ پين قديم الاسلام صحابين سان گڏ هن بہ الله جي واٽ ۾ ڏاڍيون صعوبتون سٺيون. انڪري سرور ڪائنات ﷺ جن هر وقت سندس گهڻو خيال رکندا هئا. هجرت ڪانپوءِ جڏهن مديني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن صحابين جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم ڪيو. تڏهن طلحہ جو ڀاءُ پنهنجي ميزبان حضرت ابو ايوب انصاريءَ کي بڻايائون.

جهاد جي حڪم نازل ٿيڻ ڪانپوءِ حضرت طلحہ بدر ڪانسواءِ سڀني غزوات ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏجي بهرو ورتو. اهڙي ريت ڪيترن ئي "سرايا" ۾ بہ سندس شرڪت ثابت آهي. "بدر" واري موقعي تي سرور ڪائنات ﷺ جن حضرت طلحہ ۽ سعيد بن زيد کي قريش جي هڪ قافلي پٺيان اماڻيو هو. ۽ جڏهن هو ٻئي ڄڻا ان مهم تان موٽيا تہ بدر واري لڙائي ختم ٿي چڪي هئي. رسول رحمت ﷺ جن جڏهن ڏٺو تہ اهي ٻئي صحابي سڳورا بدر واري ڏينهن تي هڪ ٻي جهاد ۾ رڌل رهيا انڪري "بدري" صحابين ۾ شمار ڪندي اتان جي غنيمت مان کين بہ حصو ڏنائون.

اُحد جي موقعي تي طلحہ جنهن بهادريءَ ۽ بي جگريءَ سان امت جي اڳواڻ ﷺ جن جو دفاع ڪيو. ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هن جنگ ۾ حضرت طلحہ تيرن توڙي تلوارن جا اٽڪل ستر گهاءَ پنهنجي جسم تي سٺا. جنهن ۾ سندس ٻہ آڱريون وڍجي ويون ۽ هڪ هٿ هميشہ لاءِ ٻي جان ٿي ويو پر پوءِ بہ جڏهن سرور عالم ﷺ جن پير ترڪڻ سبب هڪ کڏ ۾ هليا ويا تہ ان حالت ۾ طلحہ پنهنجي پٺيءَ تي کڻي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ کي ان کڏ مان ٻاهر ڪڍيو. جنهن ڪري کين هن موقعي تي "طلحة الخير" جي لقب سان نوازيو ويو. اهڙي ريت پاڻ ڪريمن ﷺ طرفان تبوڪ جي موقعي تي کين "طلحة الفياض" ۽ حنين جي موقعي تي "طلحة الجود" جي القاب سان نوازيو ويو.

نبي ڪريم ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ خلفاءِ راشدين بہ حضرت طلحہ جي نهايت گهڻي عزت ڪندا هئا. حضرت عمر ٽيئن خليفي جي انتخاب لاءِ جيڪا ڪائونسل جوڙي، حضرت طلحہ کي بہ ان جو هڪ ميمبر مقرر ڪيو ويو هو. حضرت عليءَ جي دور خلافت ۾ جنگ جمل جي موقعي تي حضرت طلحہ پنهنجي پراڻي صحابي ساٿي حضرت زبير سان گڏ سيده عائشہ صديقہ رضہ جي لشڪر ۾ شامل هو پر پوءِ جڏهن حضرت عليءَ کين لشڪر مان ٻاهر سڏائي ساڻن ڪچهہ ڳالهايو تہ پوءِ ٻنهي صحابي سڳورن ميدان جنگ مان نڪري وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان موقعي تي جڏهن حضرت زبير پنهنجي گهوڙي تي ميدان مان نڪري ويو ۽ حضرت طلحہ نڪرڻ وارو هو تہ "مروان بن حڪم" پنهنجي ڪمان مان هڪ تير ڪشي نهايت زور سان ڏانهس اڇلايو. جيڪو سڌو سندس گوڏي ۾ لڳو ۽ تير لڳڻ شرط گوڏي مان رت جو ڦوهارو جاري ٿيو. جيڪو آخري وقت تائين بند نہ ٿيو. ۽ ان حالت ۾ هي برگزيده صحابي پنهنجي مالڪ سان مليو. هي واقعو ڏهين جمادي الاول، سن ڇٽيهہ هجريءَ ڏاري خميس جي ڏينهن تي پيش آيو.

هن موقعي تي ٻنهي پاسن کان جيڪي مسلمان شهيد ٿيا تن سڀني جي گڏيل جنازي نماز سيدنا علي ڪرم الله وجهه جن پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ سندس لاش کي بصري ۾ "الڪلاء" بندر جي پرسان دفن ڪيو ويو.

ياقوت حمويءَ جي قول مطابق هر درياءِ جي اهڙي بندر کي "الڪلاء" سڏيو ويندو آهي، جتي ٻيڙيون لنگر انداز ٿينديون آهن. يا وري هن اهو بہ نقل ڪيو آهي تہ ان نالي پٺيان بصري ۾ هڪ محلو بہ آباد هو. جتي هڪ مشهور بازار بہ هئي. والله اعلم. نبي ڪريم ﷺ کان حضرت طلحہ اٺتيهہ حديثون روايت ڪيون آهن.



Marfat.com

واپس ورڻ کانپوءِ عامر بہ ٻڪرين سميت موٽ ڪائيندو هو، جنهنڪري رستي تي پيل پيرا ڊهي ويندا هئا. اها سموري ذميواري "عامر" اهڙي تہ احتياط ۽ رازداريءَ سان نڀائي جو ڪنهن بہ بني بشر کي اَن سموري ڪارروائي بابت ڪابہ ڪل ڪانہ پئجي سگهي.

• "غار ثور" کان ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن جو ڇهن ماڻهن تي مشتمل هي مختصر قافلو مديني ڏانهن روانو ٿيو تہ عامر بہ ان ۾ شامل هو ۽ ثور کان "قبا" تائين هن سفر ۾ هو سندن ساٿي هو.

"امام احمد ابن حنبل رحہ" پنهنجي مسند ۾ سراقہ بن مالڪ جي ڀاءُ عبدالمالڪ بن مالڪ مدلجيءَ کان هڪ روايت هن ريت نقل ڪئي آهي تہ:

"پاڻ سڳورن ﷺ غار ثور کان نڪري جڏهن مديني ڏانهن رخ رکيو تہ رستي ۾ ساڻن سراقہ بن مالڪ گڏيو. جيڪو کين گرفتار ڪرڻ جي ناپاڪ ارادي سان گهران نڪتو هو. ڇو جو ڪافرن هن گرفتاريءَ لاءِ وڏا انعام رکيا هئا. ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي جلال کي ڏسندي سندس وايون ولڙيون ٿي ويون تہ گهوڙي جون ڄنگهون بہ گوڏن تائين زمين ۾ پيهي ويون. نبي ڪريم ﷺ جن جو اهو معجزو ڏسي "سراقہ" امانَ جي اپيل ڪئي تہ رحمة للعالمين ﷺ جي دربار مان بنا دير کيس امانَ عطا ڪئي ويئي. ان تي "سراقہ" عرض ڪيو تہ اهڙو امانَ وارو حڪم کيس لکت ۾ ڏنو وڃي. هن موقعي تي امام الانبياء ﷺ جن "عامر" کي فرمايو تہ هو ان امانَ واري حڪم کي لکي ولي، جنهن کانپوءِ عامر بن فهيره چمڙي جي هڪ ٽڪر تي حضور پرنور ﷺ جن جي ڏسيل عبارت پنهنجي هٿن سان لکي "سراقہ" جي حوالي ڪئي. ان کان علاوه "عامر" کي پاڻ ڪريمن ﷺ طرفان وحي لکڻ جو حڪم بہ ملندو هو. انڪري علامہ مزي، حافظ ابن ڪثير، زين الدين عراقي ۽ ابن سيد الناس وغيره طرفان عامر بن فهيره جو نالو وحي لکڻ وارن صحابين (ڪاتبين وحي) جي فهرست ۾ شمار ڪيو آهي.

هجرت کانپوءِ مديني شريف ۾ بہ "عامر"اسلام جي سربلنديءَ لاءِ مختلف خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. خصوصاً جهاد جي ميدان ۾. بدر توڙي احد جي معرڪن ۾ هن مردانگيءَ سان منهن ڏنو. جنهن کانپوءِ سن چوٿين هجريءَ جي صفر واري مهيني ۾ بنو عامر جي سردار عامر بن مالڪ جي چوڻ تي پاڻ سڳورن ﷺ مجاهدن جي جيڪا جماعت دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ "بئر معونہ" ڏانهن موڪلي، جنهن ۾ اڪثريت قرآن جي حافظن ۽ قارين جي هئي ان ۾ عامر بن فهيره بہ شامل هو. اها جماعت جڏهن پنهنجي منزل مقصود تي پهتي تہ اتان جي رهاڪن اوچتو مٿن حملو ڪيو. جنهن ۾ حضرت ڪعب بن زيد کانسواءِ سمورا اصحابي سڳورا شهيد ٿي ويا، جن ۾ عامر بہ شامل هو. ان وقت سندس عمر چاليهارو کن ورهيہ هئي. "ابن حبيب" جي روايت مطابق هي واقعو صفر جي ويهين تاريخ پيش آيو.

هن واقعي کان ڪجهہ ڏينهن اڳ "رجيع" ۾ بہ اهڙي ئي نموني ڪجهہ بهترين قاري شهيد ٿي چڪا هئا. انڪري پاڻ سڳورا ﷺ اتي ڀنهي واقعن ۾ ملوث منافقن لاءِ نماز فجر ۾ "قنوت نازلہ" پڙهندا هئا. تانجو چاليهن ڏينهن کانپوءِ الله تعاليٰ طرفان هن آيت ذريعي کين ان عمل کان روڪيو ويو. (لَيْسَ لَكَ مِنَ الْأَمْرِ شَيْءٌ ............ فَإِنَّهُمْ ظَالِمُوْنَ". (آل عمران ١٢٨)

عامر بن فهيره جي قاتل جو نالو عامر بن طفيل ٻڌايو ويو آهي.

("الاصابہ ابن حجر" ج ٩ ص ٧٥٦، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٤ ـ ١٣٣. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٢ ص ٣٤٥ ـ ٣٤٤. المحبر ابن حبيب ص ١٤٣. زاد المعاد ابن قيم ج ص ١١٨. تهذيب التهذيب "ابن حجر" ج ٥ ص ٧٢. "التحفة اللطيف" سخاوي ج ٢ ص ٩. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٣٨٥. صفة الصفوة ابن جوزي ج ١ ص ٢٣، ٤٣٢.)



Marfat.com

وچ تي هو. ۽ مسلمان ٽيڻ ڪانپوءِ هو ٻئي ڀائر پنهنجي ڳوٺ واپس وريا ۽ وري غزوه خندق ڪانپوءِ هو هجرت ڪري ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي خدمت ۾ مديني پهتا ۽ پوءِ سندن وصال تائين اتي ئي رهيا. (١)

* هن سال ابو فُڪيهه رضه به اسلام قبول ڪيو. جيڪو اُميَّه بن خَلف جو غلام هو. ابو فُڪيهه ۽ بِلال هڪ ئي ڏينهن ايمان آندو.

* هن ئي سال حضرت عَمّار بن يَاسِر رضه ۽ سندس ڪجهه گهر ڀاتين به اسلام قبول ڪيو. جن ۾ عمّار ڪانسواءِ هن جو پيءُ يَاسِر بن عَامِر رضه، ماءُ سُمَيَّه بنت خُبَّاط رضه ۽ سندس ڀاءُ عبدالله بن ياسر رضه شامل آهن. هي سمورا فرد حُذَيفَه بن مُغِيرَه جا ساٿاري (حليف) هئا.

---

جي خلافت جو هو.

حضرت عمر رضه ۽ حضرت عثمان رضه جي دور ۾ مسلمانن جيڪي فتوحات حاصل ڪيون. خاص طور ايران جي فتح مسلمانن کي خوشحال بڻائي ڇڏيو. پر اها خوشحالي ابوذر کي نه ٿي آئڙي. هن سرور ڪائنات ﷺ جن جي زماني ۾ جيڪا مسلمانن جي سادي زندگي ڏٺي، سندس آڏو اهائي هڪ مؤمن لاءِ مثالي زندگي هئي. پر هتي ته ڏينهون ڏينهن ماحول پئي مٽبو ويو. نياز ۽ نوڙت، محنت ۽ مشقت بدران شان ۽ شوڪت، آرام ۽ آسائش مسلمانن جي مزاج ۽ ماحول ۾ داخل ٿي چڪا هئا ۽ اهو رنگ شام ۾ ته مديني ڪان به مٿي هو. انڪري ابوذر کي هتي مايوسيءَ ڪانسواءِ ڪجهه نه مليو. پر پوءِ به هو مسلمانن تائين پنهنجو سادگي ۽ سخاوت وارو پيغام پهچائيندو رهيو. سندس ڪريون ۽ کهريون ڳالهيون حڪومت جي ڪارندن کي پسند نه پيون، انڪري شام ڇڏي وري هن مديني موٽ ڪاڏي ۽ هتي به هو پنهنجي نظرين جي تبليغ ۽ ترويج لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. الله تعاليٰ کيس جيڪو دين جو علم ۽ فهم عطا ڪيو هو، هن اها روشني ٻين تائين هر قيمت تي پهچائڻ پئي چاهي. زهد ۽ تقويٰ سان گڏ هن معاشيات جي ٻاري ۾ جيڪي نظريا پيش ڪيا، انهن ۾ دولت جي ورڇ ۽ ان جو استعمال اسلامي اصولن متعلق ٻڌايو اٿس. اڄ ڪلهه جا ڪجهه اسلامي مفڪر انهن نظرين بابت سوچي رهيا آهن پر ان دور ۾ سندس ڳالهين تي توجه نه ڏنو ويو ۽ الٽو ماڻهن مٿس ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. جنهن ڪري هو مدينو ڇڏي ٻارن ٻچن سوڌو وڃي "ربذه" نالي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ رهيو. جيڪو مديني ڪان اٽڪل ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي ۽ اڄ سوڌو موجود آهي.

پوءِ سن ٣٢ هجريءَ ڌاري اتي وفات ڪيائين ۽ اتي ئي کيس دفنايو ويو. سندس جنازي نماز به هڪ ٻئي جليل القدر صحابي حضرت عبدالله ابن مسعود رضه پڙهائي.

حضرت ابوذر پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ٢٨١ حديثون روايت ڪيون آهن.

الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٦ ص ١٨ ـ ٢١٦."اسد الغابه" ابن الاثير" ج ٦ ص ١٠٩ ـ ١٠٦. مرآة الجنان يافعي ج ١ ص ٩٥. صفة الصفوة ابن جوزي ج ١ ص ٦٠٠ ـ ٥٨٤. الاصابه "ابن حجر" ج ٦ ص ٦٤ ـ ٦٢.

(١) اسد الغابه ابن الاثير ج ١ ص ٣٠١ ،"الاصابه" ابن حجر ج١ ص ٧٦.



Marfat.com

عَمَّار بن يَاسِر رضہ (١) ۽ صُهَيب روميءَ رضہ (٢) ساڳئي ڏينهن اسلام قبول ڪيو،جڏهن تہ سندس ڪٽنب جا ٻيا ڀاتي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مسلمان ٿيا.

صُهَيب روميءَ رضہ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن ٽيهارو کن ماڻهن کانپوءِ پاڪ ڪريم ﷺ جن آڏو حضرت اَرْقَم بن اَبِيْ اَرْقَم جي گهر ۾ اسلام قبول ڪيو، پر اها روايت ضعيف آهي.

---

(١) اسلام جي اوائلي دور ۾ ايمان وارن کي عجيب آزمائشن سان منهن ڏيڻو پيو. اڪثر گهراڻن جي اها حالت هئي تہ گهر جو هڪ فرد اسلام جو علمبردار هو تہ ٻيو وري پنهنجي ڪفر تي قائم. اهڙيءَ ريت ڀاءُ ڀاءُ جو مخالف ۽ پيءُ پٽ جو دشمن پئي نظر آيو. پر ان دور ۾ ڪي قليل ڪٽنب اهڙا بہ نظر اچن ٿا، جن جي سمورن ڀاتين هڪ ئي مهل دين جي دعوت قبول ڪئي. سيدنا عمار ابن ياسر جو با برڪت ڪٽنب بہ انهن منجهان هڪ آهي، جيڪو چئن ڀاتين تي مشتمل هو. ١ ـ سيدنا عمار ٢ ـ سندس پيءُ ياسر ٣ ـ ڀاءُ عبدالله ۽ امڙ بيبي سُميَّہ.

حضرت عمار جا وڏا اصل يمن جا رهاڪو هئا. جتي سندن خاندان پنهنجي مٽن مائٽن سان گڏ رهندو هو ۽ اتان اتفاق سان هڪ ڀيري عمار جو هڪ چاچو گم ٿي ويو،جنهن کي سندس ڀائر ڳولهيندي ڳولهيندي مڪي تائين آيا پر ڪين سندن وڃايل ڀاءُ جو ڪوبہ پتو نہ پيو. آخرڪار ٻيا ڀائر تہ پنهنجي وطن واپس وريا پر عمار جو پيءُ ياسر بن عامر بن مالڪ بن ڪنانہ بن قيس عنسي اتي ئي ترسي پيو ۽ اتي بنو مخزوم وارن جي هڪ معزز فرد ابوحذيفہ بن مغيره بن عبدالله سان ڀائيچارو قائم ڪيائين. جنهن ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ پنهنجي هڪ ٻانهي سُميہ بنت خباط سان سندس شادي بہ ڪرائي ڇڏي. شاديءَ کانپوءِ هن گهر مان ياسر کي ٻہ پٽڙا ڄاوا، جن جا نالا عمار ۽ عبدالله رکيا ويا. ابوحذيفہ جيستائين جيئرو رهيو تيستائين هن گهراڻي سان پنهنجي ڀائپي وارو ڪيل قول نڀائيندو آيو. ابوحذيفہ جي وفات کانپوءِ پاڪ ڪريم ﷺ جن جي بعثت ٿي ۽ پوءِ جڏهن سچي دين جي اها دعوت عمار جي ڪٽنب تائين پهتي تہ هو سمورا دين جي دائري ۾ داخل ٿي ويا. جيئن تہ مڪي ۾ هنن جو ڪوبہ مٽ مائٽ موجود نہ هو ۽ سندن سائاري ابوحذيفہ بہ دنيا مان رخصت ٿي چڪو هو، انڪري قريش جي ڪافرن مٿن بي پناه ظلمن ۽ زيادتين جو سلسلو شروع ڪري ڏنو. جن ۾ ٻين سان گڏ سندن سائاري بنومخزوم وارا بہ پيش پيش هئا، جن جي اڳواڻي ابوجهل ڪري رهيو هو.

حضرت ياسر ۽ سندس مؤمن گهرواري حضرت سميہ جيتوڻيڪ ان وقت تائين پيرسنيءَ کي پهچي چڪا هئا پر پوءِ بہ ڪين لوه جي زره پهرائي اس ۾ ٻهاريو ويندو هو يا وري گرم واريءَ مٿان ليٽايو ويندو هو پر هو پنهنجي اسلام تي اٽل ۽ اڏول رهيا ۽ ڏينهون ڏينهن سندن ايمان ۾ اضافو ٿيندو رهيو. پاڪ ڪريم ﷺ جن کي سندن هيءَ حالت ڏسي ڏاڍو ترس ايندو هو ۽ هر وقت ڪين صبر جي تلقين ۽ جنت جي بشارت ڏيندا هئا. آخر اهي سختيون سهندي سهندي حضرت ياسر تہ گذاري ويو. ڪجهہ وقت کانپوءِ وري هڪ ڏينهن شام جي مهل جيئن حضرت سميہ پنهنجي گهر ڏانهن اچي رهي هئي تہ ابوجهل نيزو هڻي کيس شهيد ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ٻي روايت مطابق هڪ تير سان سندس پٽ عبدالله کي بہ شهيد ڪري ڇڏيائين.

مجاهد جي قول مطابق اسلام خاطر پهرين شهادت حضرت سُميہ جي حصي ۾ آئي، جيڪو هن ڪٽنب لاءِ وڏو اعزاز آهي.

عمار دنيا ۾ هاڻي اڪيلو رهجي ويو ۽ نهايت صبر سان ڪافرن جون سختيون ۽ صعوبتون سهندو رهيو، تانجو مسلمانن کي مديني ڏانهن هجرت جو حڪم مليو. جنهن کانپوءِ مسلمانن مديني ڏانهن رخ رکيو. هجرت جي هن سفر



Marfat.com

لاءِ مسلمانن جو جيڪو پهريون قافلو مڪي کان مديني روانو ٿيو ان ۾ عمار پڻ شامل هو. هن قافلي جي پهرين منزل "قبا" هئي، تانجو پاڻ ڪريم ﷺ جن به اتي اچي اُسهيا. قبا جي قيام دوران جڏهن هتي اسلام جي پهرين مسجد جي اڏاوت جو آغاز ٿيو ته عمار به هن ڪم ۾ نمايان حصو ورتو، جنهن ڪانپوءِ جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن جو قافلو قبا کان مديني روانو ٿيو ته عمار به ساڻن گڏ هو. مديني پهچڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن عمار بن ياسر جو ديني ڀاءُ حضرت حذيفه بن يمان کي بڻايو. مديني ۾ به جڏهن مسجد نبوي ﷺ جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو ته ان وقت به عمار هن ڪم ۾ وڏي جوش جذبي سان جنبي ويو ۽ بخاريءَ جي روايت مطابق ٻين صحابي سڳورن کان ٻيڻ تي ڪم پئي ڪيائين. اهڙي ريت اسلام لاءِ ڪنهن به قربانيءَ کان هن ڪڏهن نه ڪيٻايو.

سن ٻي هجريءَ ڌاري جڏهن جهاد جو آغاز ٿيو تڏهن عمار سر ترريءَ تي رکي هن ميدان ۾ به لهي آيو. بدر کان تبوڪ تائين سمورن غزوات توڙي ڪجهه سرايا ۾ هن نهايت بهادري ۽ بي خوفيءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

نبي انور ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ خلفاءِ راشدين جي دور ۾ سندس سپرد جيڪا خدمت ڪئي ويئي ان کي هن پوري ذميواريءَ سان نڀايو.

سن ۲۰ هجريءَ ڌاري سيدنا عمر فاروق رضہ طرفان کيس ڪوفي جو گورنر بڻايو ويو ته هن نهايت غير جانبداريءَ سان پنهنجون ذميواريون پوريون ڪيون.

سيدنا علي ڪرم الله وجهه به جڏهن عمار کي حضرت حسن سان گڏ ڪوفي وارن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ اوڏانهن اماڻيو ته هن موقعي تي به هن سفارتي سرگرميون ڪاميابيءَ سان نڀايون.

جنگ جمل ۽ صفين ۾ عمار حضرت عليءَ جو حامي رهيو. صفين جي موقعي تي سندس چمار نوي ورهين کان به مٿيرو هئي، پوءِ به هو نهايت جوش ۽ جذبي سان مخالفن جو مقابلو ڪندو رهيو. آخر هڪ موقعي تي ٻن شامي سپاهين مٿس حملو ڪري کيس شهيد ڪري ڇڏيو. اهو واقعو ربيع الآخر سن ۳۷ هجريءَ ڌاري پيش آيو. امير المؤمنين حضرت علي سندس جنازي نماز پڙهائي، جنهن ڪانپوءِ سندس لاش کي فرات جي ايرندي ڪناري "الرقه" ۾ دفنايو ويو. جتي اڄ به سندس مزار مبارڪ موجود آهي.

الاصابه ابن حجر ج ۲ ص ۱۳ ـ ۵۱۲. اسد الغابه ابن الاثير ج ص. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۳ ص ۲۲۱ ـ ۲۲۷. معجم البلدان ياقوت حموي ج ۳ ص ۵۹ ـ ۵۸. العقد الثمين امام فاسي ج ٦ ص ۳۲۳ ـ ۳۲۲. شذرات الذهب ابن العماد ج ۱ ص ۷۷.

(۲) سچو نالو صهيب بن سنان بن نمر بن قاسط. ڪنيت ابو يحييٰ.جڏهن ته سندس امڙ جو نالو سلميٰ بنت قعيد ٻڌايو ويو آهي. مالي لحاظ کان سندس خاندان نهايت سکيو ستابو ۽ مان مرتبي وارو هو. جو ته هن جي پيءُ يا ٻي روايت مطابق چاچي کي ايراني حڪومت طرفان دجله جي ڪناري ابلة جي گورنري مليل هئي. جتي هو آرام ۽ اطمينان سان گذاريندا هئا. هڪ دفعي رومين سندن علائقي تي چڙهائي ڪئي ۽ مقامي ماڻهن کي شڪست ڏيئي سندن مال اسباب ۽ ڪجهه ماڻهو به پاڻ سان کڻي ويا. جن ۾ ننڍڙو صهيب به شامل هو ۽ پوءِ هو ڪجھ عرصي تائين رومين جي غلاميءَ ۾ رهيا. جنهنڪري کين رومي سڏيو ويندو آهي.

ابن سعد جي روايت مطابق هو جڏهن جوان ٿيو ته رومين وٽان ڀڄي اچي مڪي پهتو ۽ اتي عبدالله بن جدعان جو ساٿاري ٿيو. هو نهايت نيڪ. شريف. محنتي ۽ ايماندار انسان هو. انڪري ٿوري ئي وقت ۾ هن پنهنجي محنت ۽



Marfat.com

جفاڪشيءَ سان ڪافي پئسو ڪمايو ۽ مالدار ماڻهن ۾ سندس شمار ٿيڻ لڳو. انهن ئي ڏينهن ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جي بعثت ٿي ۽ صهيب جي ڪنن تي به جڏهن ان سچي پيغام جو پڙلاءُ پيو ته هو هڪدم دار ارقم ۾ داخل ٿي ايمان وارن جي صف ۾ اچي شامل ٿيو. واقديءَ جي قول مطابق صهيب ۽ عمار بن ياسر ساڳئي ڏينهن تي ايمان آندو هو. ڪافرن کي جڏهن صهيب جي مسلمان ٿيڻ جي خبر پئي ته هو کيس ستائڻ لاءِ سندرو ٻڌي ميدان ۾ لهي آيا. صهيب جيئن ته هڪ پرديسي ۽ لاوارث شخص هو، تنهنڪري هنن بنا ڪنهن ڊپ ۽ ڊاءَ جي سائنس ڏاڍايون ۽ جنيون ڪيون پر هن جي ايمان ۾ ڪو لوڏو نه آيو. ڪافرن جي ظلم کان نجات جي لاءِ کيس پاڻ ڪريم ﷺ جن هجرت جي بشارت ڏني هئـــي پر هو ان انتظار ۾ هو ته سرور ڪونين ﷺ جن سان گڏجي هجرت جي سفر ۾ شريڪ ٿئي. پوءِ جڏهن اوچتو ڪيس پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي هجرت جي خبر پئي ته سمورو مال ملڪيت مڪي ۾ ڇڏي مديني واري واٽ ورتائين ۽ "قبا" ۾ اچي سائن گڏيو. جتي ڪجهه وقت ته سعد بن خيثمہ اوسيءَ وٽ گذاريائين. جنهن ڪانپوءِ مديني آيو.

مديني پهچڻ ڪانپوءِ جڏهن جهاد جو وقت آيو ته اتي به صهيب دل کولي دين جي دشمنن سان مقابلي لاءِ ميدان ۾ لٿو. تلوار بازي توڙي تيراندازي ۾ کيس بي مثال مهارت حاصل هئي. جنهن ڪري بدر کان وٺي ويندي تبوڪ تائين هن هر موقعي تي بهادريءَ جا ڪيئي ڪارناما ڏيکاريا.

پاڻ ڪريم ﷺ جن صهيب سان بي پناهه محبت ڪندا هئا. جنهن ڪري حضرت عمر فاروق رضہ به سندس بيحد عزت احترام ڪندو هو. اهوئي سبب آهي ته حضرت عمر رضہ پنهنجي شهادت وقت وصيت ڪئي هئي ته نئين خليفي جي چونڊ تائين مسلمانن جي امامت صهيب رومي ڪري ۽ منهنجي جنازي نماز پڻ اهوئي پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ انهن پنهي وصيتن تي عمل ڪيو ويو.

حضرت صهيب روميءَ شوال سن ٣٨ هجريءَ ڌاري مديني ۾ وفات ڪئي. سندس جنازي نماز حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ کيس جنت البقيع جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. وفات وقت سندس عمر ٧٢ ورهيه ۽ ڪن روايتن ۾ ٩٠ ورهيه به ٻڌائي ويئي آهي.

اسد الغابہ ابن الاثير ج ٣ ص ٤١ ـ ٣٩. الاصابہ ابن حجر ج ٢ ص ١٩٦ ـ ١٩٥. التحفة اللطيفہ سخاوي ج ١ ص ٤٥٩ ـ ٤٥٨. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٢ ص ٢٨٧ ـ ٢٨٢. شذرات الذهب، ابن العماد ج ١ ص ٨٠. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ٣ ص ٢٦ ـ ٣٦٠.



Marfat.com

* هن سال خَبّاب رضہ (١) بن أَرَتّ تَـمِيمِي يا خُزاعي بہ اسلام قبول ڪيو. هي بنو زهره وارن جو ساٿاري هو، ۽ اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ سندس نمبر ڇهون ٻڌايو ويو آهي.

(١) خباب بن أَرت بن جندلہ بن سعد بن خزيمہ. تميمي ڪي، خزاعي يا زهري سڏيو ويندو هو. نسلي لحاظ کان تہ هُو تميمي هو پر خزاعي قبيلي وارن جي غلاميءَ سببان کيس "خزاعي" بہ سڏيو ويندو هو. جڏهن تہ سندس پيءُ بنو زهره وارن جو ساٿاري هو. ان ڪري کيس زُهري سڏيندا هئا. هو اڃان ننڍو هو تہ ڪن ماڻهن کيس ڳوٺان چورائي اچي مڪي ۾ وڪڻي ڇڏيو. جتان اُمِ انمارخزاعيہ کيس خريد ڪيو ۽ پوءِ هو ان جو غلام ٿي رهيو. سندس ڪنيت عام طور ابو عبدالله ٻڌائي ويئي آهي، پر ڪجهہ روايتن ۾ ابويحيٰ يا ابو محمد جي ڪنيت سان بہ کيس ياد ڪيو ويو آهي. ننڍپڻ کان ئي هو نيڪ، ايماندار ۽ محنتي هو. جوانيءَ ۾ لوهارڪو ڪم سکيو، جنهن ۾ چڱو نالو ڪڍيائين. جنگ جي سامان جهڙوڪ تلوارون، نيزا، ٻرڇيون ۽ ڀالا وغيره ناهڻ ۾ کيس خاص مهارت حاصل هئي.

هو پنهنجي قوم جوانيءَ واري دور ۾ ئي هو تہ دين جي دعوت وٽس پهتي جنهن سندس اندر ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ هن اوڏيءَ مهل ئي پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو. سيده خديجة الڪبريٰ رضہ، سيدنا علي، ابوبڪر، زيد بن حارث ۽ ابوذر غفاري رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين کانپوءِ کيس ڇهون مسلمان سڏيو ويندو آهي. ان دور ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي مسلمان ٿيڻ کي مشرڪ پنهنجي خلاف اعلان جنگ سمجهندا هئا. خاص طور جڏهن ايمان آڻڻ وارو ڪو غلام يا غريب شخص هجي، پوءِ ان لاءِ تہ مشڪلاتن ۽ مصيبتن جو محاذ کوليو ويندو هو. سيدنا خباب بہ هڪ اهڙو ئي انسان هو. ظالمن طرفان مٿس ظلمن جي انتها ڪئي ويئي پر هن جي عزيمت ۽ استقامت کي ڪو لوڏو نہ آيو ۽ هر ظلم ۽ زيادتيءَ سببان سندس ايمان ۾ اضافو ايندو ويو. هن پنهنجي دردن جو دارون خدا جي پاڪ ڪلام ۾ ڳولي لڌو هو. انڪري پياري پيغمبر ﷺ جن مٿان جيڪي آيتون نازل ٿينديون هيون تہ هو انهن کي نهايت شوق ۽ اشتياق سان نہ صرف ياد ڪندو هو پر ٻين نون مسلمانن کي بہ قرآن سيکاريندو هو.

حضرت عمر رضہ جي ڀيڻ فاطمہ ۽ ڀيڻيوو سعيد بن زيد بہ حضرت خباب کان ئي قرآن سکندا هئا. اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ جڏهن عمر رضہ پنهنجي ڀيڻ جي دروازي تي پهتو تہ ان موقعي تي خباب ئي کين قرآن پڙهائي رهيو هو ۽ حضرت عمر جي اندر داخل ٿيڻ کان اڳ هن خباب کي ڪمري ۾ لڪائي ڇڏيو هو.

هجرت جي حڪم ملڻ کانپوءِ حضرت خباب مڪي کان مديني منتقل ٿي ويو ۽ اتي بہ اسلام جي خدمت ۾ اڳ کان اڳرو رهيو. سرور عالم ﷺ جن سان گڏ سمورن غزوات ۾ بهرو ورتائين ۽ خلفاء راشدين جي دور ۾ بہ دين جي دشمن سان مقابلا ڪندو رهيو.

آخري ڏينهن ۾ سياسي حالتن کان بد دل ٿي هو مديني کان ڪوفي منتقل ٿي ويو ۽ آخري ڏينهن گوشہ گمناميءَ ۾ اتي ئي گذاريائين، ڇو جو کيس جگر جي تڪليف هئي ۽ ڪافي عرصي تائين هو بيمار رهيو. پوءِ سن ٣٧ هجريءَ ڌاري ڪوفي ۾ وفات ڪيائين. هڪ روايت مطابق سندس جنازي نماز امير المومنين حضرت علي ڪرم الله وجه پڙهائي ۽ پوءِ سندس وصيت مطابق کيس شهر جي ٻاهران دفنايو ويو. حضرت خباب کان پاڻ ڪريم ﷺ جن جون ٣٢ حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ١٤٤ ـ ١٤١، الاصابہ ابن حجر ج ١ ص ٤١٦، الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٢ ص ٢٢ ـ ٢١، الدر الثمين فاسي ج ٦ ص ٣٥ ـ ٣٢، شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ٧٩.



Marfat.com

* هن سال قريش قبيلي جي شاخ بنو عبدالدار جو مشهور فرد مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ بن هاشم قُرَشِي عَبْدَرِي بہ اسلام قبول ڪيو. ان سان گڏ بَنُوْ مَخْزُوم وارن مان عَيَّاش بن رَبِيْعَہ، اَرْقَم رضہ بن اَبِي اَرْقَم (١)

(١) ابتدائي دور ۾ ايمان آڻڻ وارن صحابين جي سٽ ۾ هڪ نمايان نالو جنهن جي گهر کي اسلام جي پهرين تبليغي ۽ تعليمي مرڪز هجڻ جو شرف حاصل ٿيو (۽ جتي اسلام قبول ڪرڻ وارن جو تعداد چاليهن تائين پهتو ۽ چاليهون نمبر حضرت عمر رضہ سائين جن جو هو). اهو آهي ارقم. ڪنيت ابوعبدالله ۽ پيءُ جو نالو عبد مناف بن اسد بن عباد. پر تاريخ ۾ هن پنهنجي ڪنيت "ابوارقم" سان ئي شهرت حاصل ڪئي. نسبي لحاظ کان سندس تعلق قريش جي مشهور شاخ "بنو مخزوم" وارن سان هو. حضرت ارقم جي امڙ جي نالي بابت راوين ۾ اختلاف آهي. عام روايتن ۾ تہ ان جو نالو اميمہ بنت عبدالحارث ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ ڪن روايتن مطابق سندس نالو تماضر بنت جذيم يا صفيہ بنت حارث بن خالد خزاعي بہ نقل ڪيو ويو آهي.

حضرت ارقم اوائلي دور ۾ ئي اسلام قبول ڪيو ۽ ان وقت سندس ڄمار پندرهن سورهن ورهيہ هئي. ابن الاثير جي روايت مطابق هو ٻارهون نمبر مسلمان هو. جڏهن تہ ڪن روايتن ۾ وري اسلام قبول ڪرڻ وارن جي ڳاڻيٽي ۾ سندس نمبر ستون ۽ يارهون بہ ٻڌايو ويو آهي. مسلمانن کي جڏهن مديني ڏانهن هجرت جو حڪم مليو تہ ان وقت حضرت ارقم بہ بنا دير مديني پهچي ويو. اهڙيءَ ريت سندس شمار جيڪي اوائلي مسلمانن ۾ ٿئي ٿو. ساڳيءَ ريت ابتدائي هجرت ڪرڻ وارن ۾ بہ سندس نالو نمايان نظر اچي ٿو.

هجرت کانپوءِ حضرت ارقم نبي انور ﷺ جن سان گڏ سيني غزوات ۾ بہ بهرو ورتو. غزوه بدر جي غنيمت مان پاڻ سڳورن ﷺ کيس هڪ تلوار بہ عطا ڪئي هئي. ان کانسواءِ صدقات اوڳاڙڻ جو ڪم بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان حضرت ارقم کي سونپيو ويو هو. سندس نالو ڪاتبين وحيءَ ۾ پڻ شامل آهي. جيئن ابن ڪثير، عراقي، ۽ ابن سيد الناس وغيره طرفان نقل ڪيو ويو آهي. هڪ دفعي حضرت ارقم مديني کان بيت المقدس وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ پوءِ جڏهن سفر جي تياري مڪمل ڪيائين تہ سرور ڪائنات ﷺ جن کان موڪلائڻ لاءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. هن موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن کانئس پڇا ڪئي تہ "اي ارقم ڪنهن ڪم سانگي سفر جو سانباهو ڪيو اٿوَ يا ڪنهن ڪاروبار جي سلسلي ۾؟" جواب ۾ ارقم وراڻيو: " نہ منهنجا سائين ﷺ اوهان تان منهنجو پيءُ ماءُ قربان ٿئي. منهنجو ارادو بيت المقدس ۾ نماز ادا ڪرڻ جو آهي." اهو ٻڌي خدا جي سچي رسول ﷺ جن فرمايو: "منهنجي هن مسجد (مسجد نبوي ﷺ) ۾ نماز پڙهڻ ٻين سمورين مسجدن کان هزار دفعا بهتر آهي، سواءِ مسجد حرام جي." اهو ٻڌندي ئي ارقم اتي ئي پنهنجو ارادو مٽائي ڇڏيو ۽ پوءِ سڄي عمر مديني ۾ ئي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس وفات جي سن ۾ البتہ اختلاف آهي. ڪن روايتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هو سن ٥٣ هجري ۾ گذاري ويو پر ڪجهہ راوين جو وري خيال آهي تہ هن جي وفات ٥٥ هجريءَ ڌاري ٿي. وفات وقت سندس عمر اسي ورهين کان بہ مٿي هئي. جڏهن جنازي پڙهڻ لاءِ مديني جو گورنر مروان بن حڪم تيار ٿيو تہ کيس ٻڌايو ويو تہ حضرت ارقم جي وصيت آهي تہ سندس جنازي نماز حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ پڙهائي. جنهن کانپوءِ ان وصيت تي عمل ڪيو ويو ۽ نماز ادا ڪري ميت کي جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

ابونعيم جو قول آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت ارقم هڪ ئي ڏينهن تي گذاري ويا. پر پهرين روايت تي اڪثريت جو اتفاق آهي.

هلندڙ



Marfat.com

به اسلام قبول ڪيو. ان ڪانسواءِ عُثمان رضه بن مَظعُون (١) به پنهنجي پن پائرن قُدامه رضه ۽ عَبدُالله

الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ٣ ص ١٨٤ ـ ١٨٣، اسد الغابه "ابن الاثير" ج ١ ص ٩٦ ـ ٩٤، التحفة اللطيفه "سخاوي" ج ١ ص ١٦٥، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٣٧٧، الاصابه "ابن حجر" ج ١ ص ٢٩ ـ ٢٨ شذرات الذهب "ابن العماد " ج ١ ص ١٠٧، العقد الثمين" "فاسي" ج ٣ ص ١٧٧ ـ ١٧٦.

(١) حضرت عثمان بن مظعون بن حبيب بن وهب جو تعلق "بنو جمح" وارن سان هو. سندس امڙ جو نالو سخيله بنت عنبس بن اُهبان ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو تعلق جمح قبيلي سان ئي هو.

عـــثمان بن مظعون اسلام کان اڳ به هر قسم جي بي حيائيءَ ۽ بداخلاقيءَ کان نفرت ڪندو هو. خاص طور شـــراب جي ته نالي کان به ونءُ ويندو هو. انڪري اسلام جو حقاني آواز جڏهن سندس ڪن تائين پهتو ته هن بنا ديـــر جي ان کي قبول ڪري ورتو. ابن اسحاق جي روايت مطابق اسلام قبول ڪرڻ وارن مردن ۾ سندس چوڏهون نمبر هو.

اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ هن ڪافرن جون تڪليفون ۽ سختيون نهايت تحمل سان برداشت ڪيون. حبش ڏانهن مسلمانن ٻه دفعا هجرت ڪئي ۽ حضرت عثمان ٻنهي هجرتن ۾ شامل هو ۽ حبش ۾ ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مديني ڏانهن هجرت جو ٻڌي هو پهريان مڪي موٽيو. جنهن کانپوءِ سڄي ڪٽنب سان گڏجي مديني هجرت ڪيائين. سندس مديني پهچڻ جي خبر ٻڌي امام الانبياء ﷺ جن خوشيءَ جو اظهار فرمايو.

حضرت عثمان جو نالو صحابين جي ان صف ۾ شامل آهي، جيڪي هر وقت عبادت ۾ مشغول رهندا هئا. هو رات جو اڪثر حصو قيام ۾ ۽ سڄو ڏينهن روزي جي حالت ۾ گذاريندو هو. جنهن ڪري هڪ دفعي سرور عالم ﷺ جن کيس فرمايو ته مان رات جو ننڊ به ڪندو آهيان ته قيام به ڪندو آهيان. (نفلي) روزا به رکندو آهيان ته اهي ڇڏيندو به آهيان. ان ڪانسواءِ پنهنجي گهروارين جو حق به ادا ڪرڻو آهي ته مهمانن سان به منهن ڏيڻو آهي. تنهنڪري اوهان کي به منهنجي ئي طريقي تي عمل ڪرڻ گهرجي."

سن ٻي هجريءَ ڌاري "غزوه بدر" جو واقعو پيش آيو. هن موقعي تي به حضرت عثمان نهايت بهادريءَ ۽ جرئت سان ميدان ملهايو ۽ هن واقعي کان ستت ئي پوءِ سندس طبيعت خراب ٿي پيئي، دوا درمل به ڪيو ويو پر بيماري گهٽجڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي، آخرڪار سال جي آخر ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيائون. ڪن راوين طرفان سندن وفات جو سال ٽين هجري به ٻڌايو ويو آهي. وفات جي خبر ٻڌندي ئي نه فقط مديني جا ماڻهو پر سرور ڪونين ﷺ جن پاڻ به سندس لاش تي پهچي ويا. هڪ راويت مطابق ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن ميت جي پيشانيءَ تي چمي ڏنـــي. جنهن کانپوءِ ميت کي جنت البقيع ڏانهن کڻي هلڻ جو حڪم ڏنائون. اتي پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس جنازي نـمـاز پاڻ پڙهائي ۽ پوءِ کيس اتي ئي دفنايو ويو. دفن کانپوءِ نبي انور ﷺ جن فرمايو: هاڻي کان "جنت البقيع" مســـلمانن جو قبرستان آهي ۽ اڄ کانپوءِ جيڪو به مسلمان مديني ۾ مرندو ته کيس هن ئي قبرستان ۾ دفنايو ويندو." ۽ ان کانپوءِ اڄ تائين اهو سلسلو جاري ۽ ساري آهي. حضرت عثمان بن مظعون پهريون مهاجر هو جنهن مديني ۾ وفات ڪئي.

التاريخ الڪبير "امام بخاري" ج ٦ ص ٦١٠. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٣ ص ١٦٧ ـ ١٦٥. اسد الغابه "ابن الاثير" ج ٣ ص ٦٢٢ ـ ٦٢٠. الاصابه حافظ ابن حجر ج ٢. شذرات الذهب "ابن العماد ج ١ ص ١٦. العقد الثمين "فاسي" ج ٥ ص ١٨٣ ـ ١٨٢. سير اعلام النبلاء ذهبي ج ٣ ص ١٠٣ ـ ٩٩.



Marfat.com

"اشبهت خلقي وخلقي يا جعفر" اي جعفر، تون صورت توڙي سيرت ۾ مون جهڙو لڳين ٿو."براء بن عازب کان اها روايت احمد ابن حنبل، ترمذي ۽ ابن حبان طرفان نقل ڪئي وئي آهي. حضرت جعفر رضه جي امڙ سيده فاطمه بنت اسد ابتدائي دور ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو، پر جيئن ته حضرت جعفر رضه جي پالنا ۽ پرورش پنهنجي چاچي حضرت عباس بن عبدالمطلب رضه جي گهر ۾ ٿي هئي، جنهن جي گهرواري ام الفضل رضه جو شمار پڻ شروعاتي مسلمانن ۾ ٿيندو آهي، انڪري هن ننڍي عمر کان وٺي اسلام جي آفاقي روايتن هيٺ پنهنجي زندگي گذاري ۽ پوءِ نبوت جي پنجين سال پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيائين. ان وقت سندس ڄمار پنجويهه ورهيه هئي ۽ ڪانئس اڳ ايڪٽيهه مرد ۽ عورتون دين جي دعوت قبول ڪري چڪا هئا.

اسلام جي ابتدائي دور ۾ ڪافرن طرفان مسلمانن سان جيڪي ڪلور ڪيا ويا، انهن کان بيزار ٿي مسلمانن مڪي کان حبش ڏانهن به ٻيرا هجرت ڪئي، انهن مان پهرين دفعي هجرت ڪرڻ واري قافلي جو سرواڻ حضرت جعفر رضه هو، جنهن ڪانپوءِ سندس گهرواري "اسماء بنت عميس" به سندس پويان حبش پهتي.

مڪي جي مشرڪن کي جڏهن معلوم ٿيو ته مسلمان حبش ۾ آرام ۽ اطمينان سان زندگي گذاري رهيا آهن، ته اها ڳالهه کين نه آئڙي ۽ هنن پنهنجي طرفان حبش جي حاڪم ڏانهن ٻن ماڻهن تي مشتمل هڪ سفارتي وفد اماڻيو، جيڪو سوکڙين پاکڙين سميت اچي اتي پهتو، ۽ نجاشيءَ سان ملي ڪانئس مطالبو ڪيو ته مسلمانن کي هو پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍي.

مشرڪن جو اهو مطالبو ٻڌي نجاشيءَ مسلمانن کي صفائي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجي دربار ۾ گهرايو. هن موقعي تي حبش ۾ مقيم مسلمانن طرفان حضرت جعفر رضه کي پنهنجو اڳواڻ بڻائي اوڏانهن اماڻيو ويو. جتي حضرت جعفر خدا جي آخري نبي ﷺ جن جي امانت، صداقت، عدالت ۽ عصمت جي شاهدي به ڏني ته پنهنجي دردن جو داستان به نهايت فصيح ۽ بليغ انداز ۾ بيان ڪيائين ۽ آخر ۾ وري سوره مريم جون ڪجهه آيتون به تلاوت ڪري ٻڌايائين. جن نجاشيءَ جي دل جي دنيا ۾ هڪ عجيب انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ هن مسلمانن کي موٽائڻ کان ته مشرڪن کي ٺپ جواب ڏنو، پر هن پاڻ به ان سچي دين جي دعوت کي قبول ڪيو. انڪري سن نائين هجري بمطابق ٦٣١ع ڌاري جڏهن نجاشيءَ هن دنيا مان موڪلايو ته سرور عالم ﷺ پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏجي شهر کان ٻاهر وڃي نجاشيءَ جي غائبانه جنازيٰ نماز به پڙهائي ته سندس ڇوٽڪاري لاءِ دعا به گهري.

حضرت جعفر رضه ۽ سندس ساٿي الڪل پندرهن ورهين تائين حبش ۾ ترسيا. جتي نجاشيءَ جي حڪم سان کين عام شهري حقوق ۽ ٻيون بنيادي سهوليتون حاصل هيون، جنهن ڪانپوءِ سن ستين هجري بمطابق ٦٢٨ع ڌاري جڏهن مسلمانن جي مديني ۾ پنهنجي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي ته حبش ۾ مقيم سمورن مسلمانن مديني ڏانهن هجرت ڪئي. هن موقعي تي به نجاشي نهايت پيار ۽ پاٻوهه سان مسلمانن کان موڪلايو ۽ واپسيءَ لاءِ سرڪاري خرچ تي کين ٻه ٻيڙا پڻ مهيا ڪيا ويا. جن تي سوار ٿي هو پهريون شعيبيه ۽ پوءِ اتان مديني پهتا. اهو ان ڏينهن جو واقعو آهي، جنهن ڏينهن تي مسلمانن "خيبر" ۾ سوڀ ماڻي. پاڻ سڳورا ﷺ هن موقعي تي مديني ۾ حضرت جعفر رضه کي ڏسي ڏاڍا سرها ٿيا ۽ خوشي وچان کين سيني سان لائي منهن تي چمي ڏني ۽ فرمايائون ته "خبر نه ٿي پوي ته مونکي خيبر جي فتح جي وڏيڪ خوشي حاصل ٿي آهي يا جعفر جي اچڻ جي؟"

حضرت جعفر رضه جڏهن مديني پهتو تڏهن رسول عربي ﷺ جن جي هجرت کي ڇهه ورهيه گذري چڪا هئا ۽ سمورن مهاجرن کي مديني ۾ پنهنجي گهر جهڙيون سهوليتون حاصل ٿي چڪيون هيون پر سيدنا جعفر رضه لاءِ اهو

هلنڊڙ



Marfat.com

هڪ ٻي روايت ۾ جَعْفَرَ رضہ جو مسلمان ٿيڻ سن پنجين هجريءَ ڌاري ٻڌايو ويو آهي. جيئن اڳتي بيان ٿيندو. ان کان علاوه خُنَيْس رضہ بن حُذَافَہ سَہْمِي ۽ سعيد رضہ بن زيد بہ اسلام قبول ڪيو. سعيد رضہ بن زيد (١) جو شمار "عشره مبشره" ۾ ٿئي ٿو.

(١) سعيد رضہ بن زيد بن عمرو بن نفيل انهن ڏهن صحابين منجهان هڪ آهي، جن لاءِ نبي آخرالزمان ﷺ جن هــن دنيــا ۾ ئي جنت جي بشارت ڏني هئي. نسبي لحاظ کان سندس تعلق قريش جي مشهور شاخ بنو عدي وارن ســان هــو. سندس پيءُ جو نالو زيد بن عمرو ٻڌايو ويو آهي، جيڪو حضرت عمر فاروق جو سڳو سوٽ هو ۽ پنهــنجي زماني ۾ هــو دين ابراهيميءَ جو پڪو پيروڪار ٿي گذريو آهي ۽ ڪڏهن بہ هن ڪنهن غير آڏو سر نہ نوايو. آخري نبــي ﷺ جن جي آمد جو ڪيس انتظار رهيو. هن شام، عراق توڙي عرب ۾ ڪيترائي رهبان ۽ احبار پيتيا پر ڪــتان بہ ڪيس ان بابت پورو پــتو نہ پئجي سگهيو ۽ پاڻ ڪريــم ﷺ جي بعثت کان اٽڪل پنج ورهيہ پهريان ڪيس شهيد ڪيو ويو ۽ سندس لاش کي حرا جبل جي دامن ۾ دفنايو ويو. ابن سعد جي روايت موجب مرڻ کان اڳ هَن عامر بن ربيعہ کي ٻڌايو هو تہ "آل اسماعيل منجهان آخري پيغمبر ﷺ پيدا ٿيڻو آهي، پوءِ جيڪڏهن اهو منهنجي اکين آڏو آيو تہ آءٌ ان تي ضرور ايمان آڻيندس پر جيڪڏهن مونکي موت مهلت نہ ڏني ۽ آءٌ ان جي آمد کان اڳ آخرت جو سفر سڌاريو ۽ پوءِ تنهنجي زندگي ان جي زماني تائين باقي رهي تہ تون ان هستيءَ تائين منهنجا سلام پهچائجانءِ. پوءِ قادر جي قدرت سان ائين ئي ٿيو. بعثت نبوي ﷺ جو زمانو نہ فقط عامر پنهنجي اکين سان ڏٺو پر ڪيس مسلمان ٿيڻ جو شرف بہ حاصل ٿيو. پاڻ ڪريــمن ﷺ جن جي خدمت ۾ زيد بن عمرو جا سلام بہ پهچايائين، جنهن جو ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جواب بہ ڏنو تہ زيد بن عمرو لاءِ دعا بہ فرمايائون ۽ ان جي مغفرت جي بشارت ڏنائون. جنهن کانپوءِ مسلمانن جي مجلس ۾ جڏهن بہ زيد بن عمرو جو ذڪر ٿيندو هو تہ اتي موجود ماڻهو سندس مغفرت لاءِ دعا گهرندا هئا. بظاهر اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ گذاري ويندڙن ۾ اهڙو انفرادي اعزاز صرف ابن عمرو کي ئي حاصل آهي.

اهڙي اعليٰ انسان جي گهر ۾ سعيد جهڙو سياڻو سپوت بعثت نبوي ﷺ کان اٽڪل ست ورهيہ اڳ پيدا ٿيو. سندس امڙ جو نالو فاطمہ بنت بهجة بن مليح ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو تعلق خزاعي قبيلي سان هو.

سعيد جي نسبت ننڍي هوندي ئي سندس پيءُ پنهنجي چاچي خطاب جي نياڻي سيده فاطمہ سان ڪرائي ڇڏي هئي جڏهن تہ پنهنجي نياڻي عاتڪہ وري پنهنجي چاچي جي پٽ عمر بن خطاب کي ڏني هئائين. اهڙي ريت حضرت سعيد بن زيد ۽ حضرت عمر بن خطاب پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا سالا بہ هئا تہ ڀيڻيوا بہ. سعيد جي ڪنيت ابوالاعور ٻڌائي ويئي آهي.

اهو سعيد جي ڦوه جوانيءَ وارو دور هو، جڏهن سندس پيءُ جي قبر کان مٿي حرا جبل جي چوٽيءَ واري غار ۾ نبوت جو اهو نور نڪري نروار ٿيو. جنهن سان عالم جون اونداهيون دفع ٿيڻيون هيون ۽ ان نور جي ڪرڻن موت جي منج ۾ مڏڪيون ڏيندڙ انسانيت کي زندگيءَ جو نئون نياپو پهچايو. سچ واري شمع جي انهن شعاعن تي حق جا شيدائي پروانن وانگر بي خود ٿي سر ساه جو سانگو لاهي پنهنجي اندر کي آنت ڏيڻ لاءِ اتي پهچي ويا. ان موقعي مهل بہ نبوت جي آخري نور تي اڻ ڏٺي ايمان آڻڻ واري پيءُ زيد بن عمرو جو صالح صفت سپوت ڪيئن ٿو پٺتي پئجي سگهي، انڪري اسلام جي ابتدائي دعوت تي ئي هن پنهنجي پياري زال حضرت فاطمہ بنت خطاب سميت لبيڪ چيو ۽



Marfat.com

سمجهيو وڃي ٿو.

"زَرقاني" "شرح عليٰ المواهب اللدنيہ" ۾ وَرَقَہ کي قطعي طور صحابي مڃيو آهي. (۱) سندس وفات جو ذڪر سن ۴ هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو. انشاء الله تعاليٰ.

* هن سال مشهور صحابي حضرت ارقم رضہ بن ابي اَرْقَمْ قُرَشِيّ مخزومي بہ اسلام قبول ڪيو، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

* هن سال خَالِد رضہ بن سَعِيْد بن اَبِيْ العَاص بن اُمَيَّہ قُرَشِيّ اموي بہ اسلام قبول ڪيو. "اسدالغابہ" ۾ ابن الاثير ۽ "شرح المواهب اللدنيہ" ۾ "زَرقاني" اسلام قبول ڪرڻ وارن جي ڳاڻيٽي ۾ ابن سعيد جو نمبر چوٿون يا پنجون ڄاڻايو آهي. (۲)

خالد جي مسلمان ٿيڻ جي خبر جڏهن سندس پيءُ تائين پهتي، تڏهن هو مٿس ڏاڍو ڏمريو. ايتري قدر جو سندس ماني ٽڪي بہ بند ڪري ڇڏيائين. ان سبب ڪري سعيد حبش ڏانهن ٻي هجرت ڪرڻ واري قافلي سان گڏ هجرت ڪئي. خيبر جي فتح تائين هو حبش ۾ ئي رهيو. جتان وري حضرت جَعْفَر رضہ بن اَبُوطَالِب ۽ ڪجهہ ٻين ساٿين سان گڏ ٻيڙين وسيلي ساموندي سفر طئي ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ خيبر پهتا ۽ پوءِ ساڻن گڏ "عمرة القاضاءِ"فتح مڪہ، حُنَيْن، طَائف توڙي تَبُوڪ جي غزوات ۾ بهرو ورتائون.

حبش ۾ خالد بن سعيد رضہ کي هڪ نياڻي بہ ڄائي، جنهن جو نالو "اَمَہ" هو ۽ اڳتي هلي هوءَ اُم خالد بنت خالد جي نالي سان مشهور ٿي. (۳) ننڍڙي اَمَہ جڏهن حبش کان واپس آئي تڏهن سرور عالم ﷺ جن پنهنجي پاران ڪيس پيلي رنگ جي هڪ قميص عطا ڪئي، ۽ خوشيءَ وچان هن ننڍڙي نياڻيءَ کي حبشي زبان ۾ فرمايائون: "يا بنت خالد! سَنَہ سَنَہ" جنهن جي معني "ڏاڍي سهڻي ڏاڍي سهڻي" آهي. اهو واقعو بخاري وغيره ۾ موجود آهي. (۴)

---

(۱) شرح المواهب زرقاني ج ۱ ص ۲۴۳.

(۲) اسد الغابہ. ابن الاثير ج ۲ ص ۸۲. شرح عليٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۲۷۴.

(۳) اَمَہ جي شادي مديني اچڻ کانپوءِ حضرت زبير بن عوام سان ٿي. کيس بہ پٽ خالد ۽ عمر ڄاوا. ان نسبت ڪري کيس "ام خالد" سڏيو وڃي ٿو.

(۴) صحيح بخاري ج ۲ ص ۸۸٦ .



Marfat.com

* هن سال عُتْبَہ رضہ بن غَزْوَان مَازِني اسلام قبول ڪيو. سندس تعلق "قيس عيلان" قبيلي جي هڪ شاخ مَازِن سان هو، ۽ اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ سندس نمبر ڇهون ٻڌايو وڃي ٿو. (١)

* هن ئي سال مِقْدَاد رضہ بن عُمر ڪِندي رضہ اسلام قبول ڪيو. ڪيس مِقْدَاد بن اَسْوَد بہ سڏيو وڃي ٿو. ڇو جو هو اَسْوَد بن عَبْدِ يَغُوث زُهْرِيءَ جو ساٿاري هيو. مِقْدَاد اجا ننڍڙو ئي هو تہ سندس پيءُ "عمر ڪِندي" گذاري ويو. جنهن ڪانپوءِ "اَسْوَد زُهْرِيءَ" مِقْدَاد جي ماءُ سان نڪاح ڪيو. انڪري ننڍپڻ ۾ سندس سار سنڀال ۽ پالنا جو بار اَسْوَد زُهْرِيءَ ڪئيو. اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ مِقْدَاد جو نمبر اٺون ٻڌايو ويو آهي. (٢)

## اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪرڻ واريون عورتون

* هن سال فَاطِمَہ بنت خَطَّاب رضہ اسلام قبول ڪيو. جيڪا سيدنا عمر بن خطاب رضہ جي ڀيڻ هئي. ام المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰي رضہ ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻين ڪانپوءِ اسلام قبول ڪرڻ واري هيءَ پهرين عورت ٿيندي ۽ اهو قول بلڪل صحيح آهي تہ بالغ عورتن ۾ اسلام قبول ڪرڻ واري ٻيو نمبر عورت فاطمہ بنت خطاب رضہ آهي.(٣) سندس ڀاءُ حضرت عمر فاروق رضہ بہ سن ڇهين نبويءَ دوران سندس ئي هٿان مسلمان ٿيو، جنهن جو ذڪر سن ڇهين نبويءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

* ان ڪانپوءِ سُمَيَّہ رضہ بنت خُبَّاط بہ هن سال ئي اسلام قبول ڪيو، جيڪا عَمَّار بن يَاسِر رضہ جي ماءُ هئي. هن ڪان اڳ اهڙو ذڪر ٿي چڪو آهي.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جي آيا "ام اَيْمَن" حَبَشِيَہ (٤) بہ اسلام قبول ڪيو. جيڪا اُسَامَہ بن زَيْدَ رضہ جي ماءُ هئي ۽ سندس نالو "بَرَكَة" آهي.

---

(١) اسد الغابہ ابن الاثير ج ٣ ص ٣٦٤. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٣ ص ١٤٧.

(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير جلد ۴ ص ۴١٠-۴٠٩

(٣) شرح مواهب زرقاني ج١ ص ٢۴٦

(۴) نبي آخر الزمان ﷺ جن جي خاص خادمہ حضرت "ام ايمن" جيڪا پنهنجي وفا شعاري، خدمت گذاري ۽ فرمانبرداري سبب اسلامي تاريخ ۾ منفرد مقام رکي ٿي، ان جو اصلي نالو "برڪة" بنت ثعلبہ بن عمرو بن حصن بن مالڪ هو، جڏهن تہ ڪيس "ام الظباء" جي نالي سان بہ ياد ڪيو ويندو هو. پر تاريخ ۾ هوءَ پنهنجي ڪنيت "ام ايمن" سان ئي ڄاتي وڃي ٿي. سندس وڏا اصل "حبش" جا رهاڪو هئا، جتان هو مڪي ۾ آيا.

حضرت "ام ايمن" حقيقت ۾ سيدنا عبدالله بن عبدالمطلب جي ٻانهي هئي، جنهن کي شاديءَ ڪانپوءِ هن پنهنجي گهرواريءَ سيده آمنہ بنت وهب جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو.

حضرت عبدالله جي وفات ڪانپوءِ بہ هن نهايت ايمانداريءَ سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون.

پاڻ سڳورا ﷺ اڃا ڇهن ورهين جي عمر ۾ بيبي حليمہ سعديہ وٽان پنهنجي اباڻي گهر واپس آيا تہ اتي سندن پرگهور "ام ايمن" جي ذمي هئي، ۽ ڪجھ وقت ڪانپوءِ جڏهن سيده آمنہ پنهنجي مڙس حضرت عبدالله جي قبر جي زيارت لاءِ پنهنجي پياري پٽ سان گڏ "يثرب" وڃڻ جو سانباهو ڪيو تہ هن سفر ۾ "اُمِّ اَيْمَن" بہ ساڻن گڏ هئي.

هلندڙ



Marfat.com

يثرب ۾ اٽڪل هڪ مهينو گذارڻ کانپوءِ جڏهن سيده آمنه مڪي واپس اچي رهي هئي ته رستي ۾ "ابواء" نالي ڳوٺ وٽ اوچتو بيمار ٿي پيئي ۽ پوءِ اتي ئي گذاري ويئي. هن موقعي تي به حضرت "ام ايمن" نهايت عزم ۽ استقلال سان هر مشڪل جو مقابلو ڪيو. اڻانگا ۽ اڻ چاتل رستا. هڪ اڪيلي عورت. جنهن جو نه ڪو غمخوار نه مددگار. پر هن همت نه هاري. هڪ طرف ام ايمن سيده آمنه کي دفنائڻ جو بندوبست ڪيو ته ٻئي طرف وري اهو سڄ جو سفر طئي ڪري سندس معصوم پٽ محمد ﷺ کي اچي وارثن وٽ مڪي پهچايو.

حضرت عبدالله ۽ سيده آمنه سائڻ جي وفات کانپوءِ ام ايمن جو وارث هاڻي سندن پيارو پٽ محمد ﷺ ٿيو. جنهن ڪجهه وقت کانپوءِ کيس آزاد ڪري ڇڏيو.

ام ايمن جو پهريون نڪاح بنو حارث جي هڪ فرد عبيد بن زيد سان ٿيو. ۽ ان کانپوءِ جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ جي بعثت ٿي ته ام ايمن ۽ سندس مڙس ٻنهي اسلام قبول ڪيو. شاديءَ کان ڪجهه وقت پوءِ عبيد گهرواريءَ کي وٺي پنهنجي اباڻي ڳوٺ يثرب وڃي رهيو. جتي ڪين "ايمن" نالي اهو پٽ ڄائو جنهن جي ڪنيت سان هوءَ مشهور ٿي. ڀر ٿوري ئي وقت گذرڻ کانپوءِ عبيد گذاري ويو ۽ هوءَ پنهنجي معصوم پٽ کي کڻي اچي پياري پيغمبر ﷺ جن جي خدمت ۾ مڪي پهتي.

مڪي ۾ نبي ڪريم ﷺ جن "ام ايمن" جو ٻيو نڪاح پنهنجي پياري غلام حضرت زيد بن حارثه سان ڪرايو. جنهن مان کيس وري ٻيو پٽ ڄائو. جيڪو اسلامي تاريخ ۾ اسامه بن زيد جي نالي پڌيان ڄاتو وڃي ٿو.

ايمان آڻڻ کانپوءِ "ام ايمن رضه به اهي سموريون صعوبتون سٺيون جيڪي ان دور ۾ ايمان آڻڻ وارا سهندا هئا. تانجو مسلمانن کي حبش ڏانهن هجرت جي اجازت ملي ۽ اوڏانهن ويندڙ مهاجرن ۾ ام ايمن به شامل هئي ۽ ان کانپوءِ ٻيو دفعو وري هن مديني ڏانهن به هجرت ڪئي. اسلامي تاريخ اندر ام ايمن جو شمار انهن عورتن ۾ ٿيندو آهي. جيڪي جهاد ۾ عملي طور حصو وٺنديون هيون. يعني ميدان ڪارزار ۾ اهي مجاهدن کي پاڻي به پيئارينديون هيون ته زخمين جي خدمت به ڪنديون هيون. احد توڙي خيبر جي ميدانن ۾ حضرت "ام ايمن" جون اهي خدمتون يادگار آهن. اهڙيءَ ريت سندس مڙس به جهادي خدمتن ۾ پيش پيش رهيو. نيٺ سن ٨ هجريءَ ڌاري موته جي ميدان ۾ حضرت زيد بن حارثه شهادت ماڻي. جنهن کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ام ايمن جو وڌيڪ خيال رکندا هئا. ڇو جو هاڻي هوءَ ڪافي ڪمزور ۽ پيرسن به ٿي چڪي هئي ۽ سواءِ هڪ پٽ جي ڪيس ٻيو ڪوبه پنهنجو ڪونه هو. اهوئي سبب هو جو هڪ موقعي تي سرور عالم ﷺ جن فرمايو. "پنهنجي ماءُ کانپوءِ منهنجي ماءُ ام ايمن آهي."

پاڻ سڳورن ﷺ جي اهڙي شفقت ام ايمن کي جيئڻ جو نئون حوصلو عطا ڪيو هو. پر پوءِ جڏهن سن يارهين هجريءَ ڌاري سرور ڪائنات ﷺ جن هن جهان مان موڪلايو ته ان صدمي "ام ايمن" کي جهوري ڇڏيو ۽ سندس سرير کي ساٽو ڪري وڌو. هاڻي رات ڏينهن هن جي اکين مان بي اختيار پيا ڳوڙها ڳڙندا هئا. اهڙو احوال ڏٺي هڪ دفعي حضرت ابوبڪر صديق رضه حضرت عمر رضه کي ساڻ ڪري وٽس پهتا ۽ کيس چيائون ته "نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي مالڪ وٽ پهتا ۽ اتي به انهن لاءِ چڱائي آهي پوءِ تون ڇالاءِ ٿي روئين؟.

ام ايمن رضه وراڻيو: اها ڳالهه ته آءٌ به چڱي طرح ڄاڻان ٿي.

ڪانئس پڇيو ويو ته پوءِ به روئين ڇو پئي؟

ام ايمن رضه چيو: "آءٌ ته ان لاءِ ٿي روئان ته هاڻي قيامت تائين زمين تي وحي اچڻ جو سلسلو بند ٿي ويو."

"ام ايمن رضه "جو اهڙو جواب ٻڌي حضرت ابوبڪر رضه ۽ عمر رضه جي اکين مان به آب جاري ٿي ويو.

هلندڙ



Marfat.com

رضہ بن عبدالمطلب جي گهرواري ۽ عبدالله بن عَبَّاس رضہ جي ماءُ هئي. سندس مڙس عَبَّاس رضہ بن عبدالمطلب بيبي صاحبہ کان گهڻو پوءِ مسلمان ٿيو. سندس اسلام آڻڻ جو سال هڪ روايت موجب سن ہ نبوي ۽ ٻي روايت موجب سن ات نبوي آهي. جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.

اُمِ الفَضْل متعلق هڪ روايت اها بہ آهي تہ هوءِ ام المؤمنين سيده خَدِيجَةُ الْكُبْرِيٰ رضہ کانپوءِ اسلام آڻڻ واري ٻيهرين عورت هئي، پر اها روايت صحيح نہ آهي. ڇو جو فَاطِمَہ بنت خَطَّاب رضہ کانسواءِ حضرت سُمَيَّہ رضہ ۽ ام اَيْمَن رضہ بہ اُمِ الفَضْل کان اڳ اسلام قبول ڪيو هو.

* هن سال اسلام قبول ڪرڻ وارين عورتن ۾ سيده اَسْمَاء (1) بنت اَبُوبَكْر رضہ جو نالو بہ شامل

---

سندس جنازي نماز خليفة المسلمين حضرت عثمان رضہ پڙهائي، جنهن کانپوءِ کيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٨ ص ٢٠٢. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٧ ص ٧٥ ٢٧٤. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٤ ص ٦٢ _ ٤٦١. جمهرة انساب العرب ابن حزم ص ٢٧٤. "الاصابہ" "ابن حجر" ج ٤ ص ٣٩٨. العقد الثمين "فاسي" ج ٦ ص ٤٤١ _ ٤٤٠.

(١) اسماء بنت ابوبڪر صديق رضہ جو شمار انهن عورتن ۾ ٿيندو آهي، جن اسلام لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون. سنديس والده جو نالو قَيْلَہ يا قُتَيْلَہ بنت عبدالعزيٰ ٻڌايو ويو آهي، جيڪا حضرت ابوبڪر رضہ جي پهرين گهرواري هئي پر جيئن تہ هن دين جي دعوت قبول نہ ڪئي ۽ آخر تائين پنهنجي ڪفر تي قائم رهي، جنهن ڪري حضرت صديق کيس طلاق ڏيئي ڇڏي. پوءِ هوءِ پنهنجا ٻئي ٻار يعني اسماء ۽ عبدالله کي سندن پيءُ جي حوالي ڪري پاڻ هلي ويئي. سيده عائشہ بيبي اسماء جي ماٽيلي ڀيڻ هئي، ۽ عمر ۾ کانئس ڏهہ ورهيہ ننڍي هئي. نبي ڪريم ﷺ جن جي بعثت وقت سيده اسماء جي عمر چوڏهن کن ورهيہ هئي تہ سندس والد جي وسيلي دين جي دعوت وٽس پنهنجي گهر ۾ ئي پهتي ۽ هن اسلام قبول ڪيو. پهرين ڏينهن کان وٺي ننڍي عمر جي باوجود اسلامي روايتن تي هوءَ سختيءَ سان ڪاربند رهي ۽ اهو سلسلو سندس وفات تائين قائم رهيو.

حضرت اسماء جي جرئت، بهادري، بي خوفي، حق گوئي، سخا توڙي تقويٰ جا ڪيترائي بي مثال واقعا اسلامي تاريخ جو حصو آهن.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي هيءَ نياڻي جيئن ئي جوان ٿي تہ هن سندس نڪاح قريش قبيلي جي هڪ معزز نوجوان ۽ اسلام جي بهادر ۽ بي خوف سپاهي حضرت زبير بن عوام سان ڪرائي ڇڏيو، جنهن جي خاندان نبوت سان گهري وابستگي هئي. ڇو تہ هڪ طرف هو نبي اڪرم ﷺ جن جو پڦاٽ هو تہ ٻي طرف وري ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ جو ڀائٽيو هو. اهڙي ريت هي ٻيئي زال مڙس سابقون الاولون ۾ شمار ٿين ٿا ۽ ٻنهي جي دل ۾ دين جي خدمت لاءِ وڏا جذبا موجود هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبڪر رضہ سان گڏجي جڏهن هجرت جو پروگرام جوڙيو تہ رستي لاءِ سفر جو سامان ۽ کاڌو پيتو حضرت اسماء ۽ سندس ننڍي ڀيڻ عائشہ گڏجي تيار ڪيو هو. مديني پهچڻ کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت زيد بن حارث، ابورافع ۽ حضرت عبدالله بن ابوبڪر رضہ کي مڪي اماٽيو تہ هو اتان سندن گهر ڀاتين کي مديني وٺي اچن. هن موقعي تي حضرت زبير رضہ پنهنجي ڪاروباري قافلي سان شام ڏانهن ويل هو جنهن ڪري حضرت اسماء هجرت جو سفر پنهنجي ڀاءُ عبدالله سان گڏجي ڪيو ۽ پوءِ جڏهن حضرت زبير شام کان موٽيو تہ پنهنجي امڙ سيده صفيہ کي ساڻ ڪري مديني ڏانهن هجرت ڪيائين ۽ جڏهن قبا پهتو تہ اها جاءِ کيس ايتري

هلندڙ



Marfat.com

تہ پسند آئي جو هن ٿبا ۾ ئي مستقل قيام جو فيصلو ڪيو، جنهن ڪانپوءِ هن پنهنجي گهرواري حضرت اسماء کي بہ سندس ابائي گهر ڪان ٿبا گهرائي ورتو. اهو زمانو هن قبا ۾ ڏاڍي غربت ۽ مسڪينيءَ جي حالت ۾ گذاريو.

حضرت اسماء کي حضرت زبير مان اٺ ٻار يعني ٽي نياڻيون ۽ پنج پٽ ڄاوا. جن مان پٽن جا نالا عبدالله ـ عروه ـ منذر ـ مهاجر ـ ۽ عاصم هئا. جڏهن تہ نياڻين جا نالا خديجہ، ام الحسن ۽ عائشہ ٻڌايا وڃن ٿا.

مسلمان جڏهن مڪي ڪان هجرت ڪري مديني پهتا تہ اتفاق سان ڪافي وقت تائين ونن ڪو بہ ٻار نہ پيدا ٿيو. اهو ڏسي يهودين هلايو تہ اسان مهاجرن تي جادو ڪري سندن نسل کي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. پر اهڙي حالت ۾ حضرت اسماء اها پهرين مهاجر عورت هئي جنهن کي پهريون پٽ عبدالله ڄائو. جنهن تي سمورن مسلمانن سرهائيءَ جو اظهار ڪيو. هن موقعي تي يهودي ڏاڍو لڄي ٿيا. حضرت اسماء پنهنجي هن ننڍڙي کي پهريان سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ کڻي ويئي، جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڪارڪ چٻاڙي ٻار جي وات ۾ وڌائون ۽ سندس لاءِ دعا بہ ڪيائون. عبدالله ابن زبير اسلامي تاريخ جو هڪ روشن ستارو ليکيو ويندو آهي.

حضرت اسماء رضہ پنهنجي سڄي زندگي سادگي ۽ تقويٰ سان گذاري. ڪڏهن بہ ڪو اوچو لباس استعمال نہ ڪيائين. سادو کائڻ ۽ سادو پهرڻ ئي سندس زندگيءَ جا اصول هئا. هوءَ پنهنجي اولاد کي بہ نصيحت ڪندي هئي تہ مال جمع ڪرڻ لاءِ نہ پر الله تعاليٰ پنهنجي وات ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ ڏيندو آهي ۽ بخيل کي الله تعاليٰ پنهنجي رحمت کان محروم رکندو آهي. ان ڪري هوءَ پاڻ بہ بي پناه دولت الله تعاليٰ جي رستي ۾ خرچ ڪندي هئي. ان کان علاوه تمام گهڻا روزا بہ رکندي هئي تہ نوافل بہ پڙهندي هئي. هن ڪيترائي حج پڻ ڪيا.

الله تعاليٰ کيس تمام ڊگهي عمر عطا ڪئي، جيڪا هن نيڪيءَ ۾ خرچ ڪئي، ۽ هر مصيبت جي مقابلي ۾ ثابت قدم رهي. سندس مڙس پنهنجي شهادت کان ڪجهہ وقت اڳ ڪنهن گهريلو ڳالهہ تي ناراض ٿي کيس طلاق ڏني. ان سخت ۽ ڏکوئيندڙ فيصلي کي هن نهايت صبر ۽ تحمل سان قبول ڪيو. ان ڪانپوءِ هن باقي عمر پنهنجي وڏي پٽ عبدالله ابن زبير سان گذاري، جيڪو سندس بيحد خيال رکندو ۽ احترام ڪندو هو.

سن ٦٦ هجريءَ کان وٺي عراق ۽ حجاز جي ڪيترن علائقن لاءِ عوام طرفان عبدالله بن زبير کي خليفو چونڊيو ويو هو، ۽ اهي علائقا اموي سلطنت جي قبضي ۾ نہ هئا. پر سن ٻاهتر هجريءَ جي ذوالحج واري مهيني ۾ حجاج بن يوسف هڪ وڏي اٿالي سان مڪي تي چڙهائي ڪئي. اموي فوج طرفان اخلاق ۽ ادب جا سمورا اصول پامال ڪري الله جي گهر تي بہ گولا وسايا ويا. شهر جي اهڙي ريت ناڪہ بندي ڪئي ويئي تہ جيئن اَن جو هڪ ڪڻو بہ شهرين تائين نہ پهچي سگهي. اهو ڏسي ابن زبير جا ڪيترا ساٿي سندس ساٿ ڇڏي ويا. ان حالت ۾ هو پنهنجي ماءُ حضرت اسماء سان مشورو ڪرڻ لاءِ سندس خدمت ۾ پهتو. طاقت جي لحاظ کان ڪمزور پر ايمان جي لحاظ کان طاقتور هن ماءُ کيس هر حالت ۾ حق جي حمايت ۽ ظالم اڳيان نہ جهڪڻ جو حڪم ڏنو، ۽ پوءِ عبدالله ابن زبير پير پختا ڪري ميدان ۾ پاڻ کان وڌيڪ طاقتور دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ شهادت جو اعزاز ماڻيائين.

حجاج بن يوسف ابن زبير جي شهادت ڪانپوءِ لاش کي سوريءَ تي لڙڪائڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ ڪعبة الله جي پرسان سندس لاش کي ابتو ڪري لٽڪايو ويو ۽ حضرت اسماء جڏهن پٽ جي لاش جي گهر ڪئي تہ حجاج جواب ڏنو تہ "اهو لاش اتين ئي لٽڪيل رهندو تہ جيئن ماڻهو سندس انجام کان سبق حاصل ڪن." نہ صرف ايترو پر هڪ دفعي ان موقعي تي حجاج حضرت اسماء جي گهر آيو ۽ کيس ٺٺول طور چوڻ لڳو: "اي ذات النطاقين، تو خدا جي دشمن جو

هلندڙ



Marfat.com

آهي، جنهن ستن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ اسلام قبول ڪيو. سندس لقب "ذات النِّطَاقَيْنِ" آهي. هن بيبي صاحبہ جي پيدائش سن ٣٤ ميلادي ڌاري ٿي هئي. جنهن ڪري هوءَ ام المؤمنين سيده عَائِشَہ صِدِّيْقَہ رضہ کان عمر ۾ ڏهہ ورهيہ وڏي هئي. ارڙهن مرد ۽ عورتون ڪانئس اڳ مسلمان ٿي چڪا هئا.

* هن سال اُمِّ عَبْد رضہ [1] بنت عَبْدِوُدَ بہ اسلام قبول ڪيو. هيءَ بيبي صاحبہ عَبْدُالله بن مَسْعُوْد رضہ جي ماءُ هئي.

---

انجام ڏٺو؟" هن موقعي تي حضرت اسماء نهايت جرئت ۽ بهادريءَ سان ڪيس جواب ڏنو: "تو منهنجي پٽ جي دنيا خراب ڪئي پر هن تنهنجي آخرت برباد ڪئي."

سؤ سالن کان بہ مٿي عمر واري هڪ عورت جي اهڙي عزيمت ۽ استقامت ڏسي حجاج حيران ٿي اتان هليو ويو. ان ڪانپوءِ جڏهن خليفي عبدالملڪ تائين اها خبر پهتي تہ هن حجاج ڏي لکيو تہ هو حضرت عبدالله ابن زبير جي لاش کي سندس ماءُ جي حوالي ڪري. جنهن ڪانپوءِ نهايت تحمل ۽ بردباريءَ سان هن پنهنجي پٽ جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو. حضرت اسماء پنهنجي زندگيءَ ۾ پوري هڪ صدي تائين جن امتحانن ۽ آزمائشن جو مقابلو ڪيو، يقيناً هيءَ انهن سڀني کان وڏي آزمائش هئي پر هوءَ ان مشڪل مرحلي مان بہ ڪاميابيءَ سان پار پئي. جيتوڻيڪ ان موقعي تي هن ٻاڦ بہ ٻاهر نہ ڪڍي، پر ان صدمي سندس اندر کي اڌ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ٿورن ئي ڏينهن ڪانپوءِ هوءَ وڃي پنهنجي مالڪ سان ملي. سيده اسماء جي ڇهن پيڙهين کي صحابيت جو شرف حاصل آهي، يعني سندس ڏاڏو، پيءُ، پاڻ ۽ سندس وڏو پٽ عبدالله ابن زبير سمورا صحابي هئا. حضرت اسماء امام المرسلين ﷺ جن جون ٨٥ حديثون روايت ڪيون آهن.

انساب الاشراف "بلاذري" ج ٧ ص ١٤١ _ ١٢٣. سير اعلام النبلا "ذهبي" ج ٢ ص ٥٣٢ _ ٥٢٦. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ٢٣٠ _ ٢٢٩. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ٣۴٦ _ ٣۴۴. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ١٧٥ _ ١٧۴. مرآة الجنان "يافعي" ج ١ ص ١٢١. العقد الثمين "فاسي" ج ٦ ص ٣٦٧ _ ٣٦٦. تاريخ الخميس "دياربڪري" ج ٢ ص ٣٠٦ _ ٣٠۴.

(١) ابن الاثير طرفان هن بيبي صاحبہ جو نالو ام عبد بنت عبدود بن سَوَاء بن قُرَيم بن صاهلہ هذلي ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن تہ ابن عبدالبر طرفان وري ام عبد بنت سود بن قويم نقل ڪيو ويو آهي.

تاريخ ۾ سندس نالو ڪٿي بہ نٿو ملي ۽ بقول ابو عمر جي تہ سواءِ الله تعاليٰ جي سندس اصلي نالي جي ڄاڻ ڪنهن کي بہ نہ آهي. هن جي شادي پنهنجي ئي خاندان جي هڪ فرد مسعود بن غافل بن حبيب هذليءَ سان ٿي هئي. جيڪي بنو زهره وارن جا ساٿاري هئا. مسعود مان هن بيبي صاحبہ کي عبدالله نالي هڪ پٽ ڄائو جنهن عبدالله بن مسعود جي نالي سان شهرت حاصل ڪئي. سندس شمار جليل القدر صحابين ۾ ٿيندو آهي. ان حساب سان هيءَ محترمہ خاتون عبدالله ابن مسعود جي امڙ هئي، جنهنڪري نبي انور ﷺ جن ابن مسعود بدران ڪين اڪثر ابن ام عبد ڪري بہ سڏيندا هئا.

حضرت ام عبد جو پاڻ سڳورا ﷺ گهڻو خيال رکندا هئا. انڪري هوءَ اڪثر سندن گهر بہ ايندي ويندي هئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جو وتر ۾ رڪوع کان اڳ "قنوت" پڙهڻ واري روايت هن بيبي سڳوريءَ کان ئي نقل ڪئي وئي آهي.

حضرت عمر فاروق پنهنجي دور خلافت ۾ في مهاجر عورت لاءِ ٻہ هزار درهم جو وظيفو مقرر ڪيو تہ ان ۾ هن بيبي سڳوريءَ جو نالو بہ شامل هو.

اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٧ ص ٣٩٨ _ ٣٩٧.

الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ٥٠٠.



Marfat.com

* هن سال شيطانن مٿان چئني طرفن کان "شِهَاب ثَاقِب" اڇلائڻ جو سلسلو شروع ٿيو ته جيئن هو آسماني خبرون چارون لهڻ لاءِ مٿي تائين پهچي نه سگهن. (١)

علامہ گازرونيؒ (٢) پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته شيطانن کي شهاب سان ڀڄائڻ جو سلسلو بعثت نبوي ﷺ جي ويهن ڏينهن کانپوءِ شروع ٿيو.

## پهرين وحيءَ (٣) جو نازل ٿيڻ

* هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ ليلة القدر واري رات حضرت جبرئيل عليه السلام نبي

(١) سيرة ابن اسحاق ص ١٠٩ ـ ١١٠، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٢ ص ١٩٧، سيرة ابن هشام ج ١ ص ٢١٧ـ ٢١٨، سيرة حلبيہ ج ١ ص ٢٠٧.

(٢) نالو محمد بن مسعود بن محمد بن خواجہ امام مسعود بن محمد بن علي. لقب سعد الدين، حديث، تاريخ ۽ سيرت جو هڪ متبحر عالم ۽ محدث ٿي گذريو آهي. سندس اباڻو ڳوٺ گازرون هو. انگريزي تاريخ ۾ ڪيس ان نسبت سان ئي ياد ڪيو ويندو آهي.

گازرون ماضيءَ ۾ ايران جو مشهور شهر رهيو آهي. جيڪو شيراز کان ٥٥ ميلن جي مفاصلي تي هو. شهر جي ساڄي ۽ کابي پاسي نهايت خوبصورت باغ ۽ عظيم الشان محلات ٺهيل هئا. ان ڪانسواءِ هن شهر ۾ وڏيون بازاريون به هيون. جتي ڪپڙي، اناج ۽ ميوي جو وڏو ڪاروبار هلندو هو. جنهن ڪري هتان جا رهاڪو نهايت خوشحال زندگي گذاريندا هئا.

وڏن تاجرن ڪانسواءِ هي شهر وڏن عالمن جو به مرڪز رهيو آهي، جن مان. ابوالعباس، عبدالله بن علي مغربي، ابوالبرڪات اسماعيل بن احمد نيشاپوري، علي بن محمد. صوفي ابوالحسين ۽ "اسحاقيہ" سلسلي جي باني ابو اسحاق ابراهيم بن شهريار جا نالا ذڪر جوڳا آهن. سعد الدين علي بن محمد گازرونيءَ به هن ئي شهر جي هڪ خوشحال علمي خاندان ۾ جنم ورتو. جيتوڻيڪ سندس جمڻ جو صحيح سن معلوم نہ آهي پر عالمن جو اندازو آهي تہ هو سٺين صديءَ جي آخري حصي ۾ ڄائو هوندو. باقي سندس وفات سن ١٣٥٧ع بمطابق ٧٥٨ هجري جمادي الآخر جي پوين تاريخن ۾ ٿي. علامہ گازرونيؒ پنهنجي سموري زندگي پڙهڻ پڙهائڻ ۽ تصنيف تاليف ۾ گذاري. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن مان سڀ کان وڌيڪ مقبوليت "سيرت" بابت لکيل سندس ڪتاب "المنتقي في مولد المصطفي ﷺ" کي حاصل ٿي. جنهن کي عام حلقن ۾"سيرت گازرونيءَ" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. هي ڪتاب علامہ گازرونيءَ عربي زبان ۾ لکيو، جنهن جو بعد ۾ سندس پٽ عفيف الدين، فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو. هن ترجمي به اصلي ڪتاب وانگر وڏي مقبوليت ماڻي. عالمن آڏو ان جو استعمال سيرت بابت هڪ معتبر ماخذ جي حيثيت ۾ وڏي عرصي تائين ٿيندو رهيو. ايتريقدر جو اصل عربي ڪتاب ڏانهن ماڻهن ڌيان ئي نہ ڏنو ۽ اهو ضائع ٿي ويو. هينئر اهو پارسي نسخو بہ ناپيد ٿي چڪو آهي.برصغير ۾ ان ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو جامع مسجد ممبئيءَ جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

الاعلام زرڪلي ج ٧ ص ٩٦. معجم البلدان ياقوت حموي ج ۴ ص ٤٣٠ ـ ٤٢٩. الدرر الکامنہ ابن حجر ج ۴ ص ٢٥٦ ـ ٢٥٥. دائرة المعارف (اردو) ج ١٧ ص ١٢. نقوش (رسول ﷺ نمبر) ج ٩ ص ٩٢.

(٣) "وحي" عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ ٿيندي " ڪنهن سان اهڙيءَ ڳجهيءَ ريت ڳالهہ ڪرڻ جو ٻيو ڪوبہ ٻڌي نہ سگهي ۽ نہ ئي وري ڳالهہ ڪندڙ کي ٻيو ڪو ڏسي سگهي."

جڏهن تہ عام طرح هن لفظ جي معنيٰ کي لطيف يا لڪل اشارو، پيغام پهچائڻ (رسالت)، ڪا ڳالهہ دل ۾ وجهڻ (الهام)، لکڻ يا ڪا لکت پهچائڻ وغيره بہ ٻڌائي ويئي آهي. باقي اسلام جي شرعي اصطلاح ۾ وحي ان غيبي



Marfat.com

سان ائين گڏ وينو هوس، جو الهن جي سٽر مبارڪ منهنجي سٽر مٿان رکيل آهي ۽ اوڏي مهل سرور ڪائنات ﷺ مٿان ان قسم جي وحيءَ جو نزول ٿيو ۽ مان ائين سمجهڻ لڳس تہ شايد منهنجي ڄنگهہ ان بار سببان ڀڃي پوندي.

**۴ ــ فرشتي کانسواء الله تعاليٰ جو پردي ۾ مخاطب ٿيڻ:** ڪن موقعن تي الله تعاليٰ ڪنهن فرشتي کي وچ ۾ آڻڻ کانسواءِ سڌو سنئون پنهنجي ڪن پيغمبرن سان ڳالهايو آهي. جيئن معراج واري رات امام الانبياء ﷺ سان. جڏهن کين پنج وقت نماز جي فرضيت ۽ ڪجهہ ٻيا حڪم ٻڌايا ويا، جنهن جو ثبوت معراج واري حديث ۾ موجود آهي. جڏهن تہ سيدنا موسيٰ عليه السلام سان ان طريقي مخاطب ٿيڻ جو ثبوت خود ڪلام الاهي آهي: "وَكَلَّمَ اللهُ مُوسٰى تَكْلِيمًا".

ان کان علاوه عالمن ۽ مفسرن جو هڪ طبقو اهڙو بہ آهي جن جي خيال مطابق الله تعاليٰ تمام پردن، واسطن ۽ حجابن کي هٽائي پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي پنهنجو ديدار ڪرايو ۽ روبرو ساڻن هم ڪلام ٿيا ۽ اهو منفرد مقام امام الانبياء ﷺ جن لاءِ ئي مخصوص آهي. جڏهن تہ اهل علم جو هڪ ٻيو طبقو وري رؤيت بصري يعني هنن ظاهري اکين سان الله تعاليٰ جي ديدار جو قائل نہ آهي ۽ اهي پنهنجي نظريي جي تائيد ۾ سورة الانعام جي هيٺين آيت مبارڪ پيش ڪن ٿا.

"لَا تُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ". (دنيا ۾) اکيون ڪيس ڏسي نہ ٿيون سگهن.

ان نظريي بابت ٻهرين طبقي واري عالمن جو جواب آهي تہ ان آيت جو مطلب ٿيندو تہ هن عالم ناسوت ۾ ظاهري اکين سان بيشڪ رؤيت باري تعاليٰ ممڪن نہ آهي، پر پاڻ ڪريم ﷺ جن تہ عالم لاهوت ۾ ذات باري تعاليٰ جو مشاهدو ڪيو ۽ ظاهر آهي تہ سدرة المنتهيٰ کان مٿي واري منزل جي مشاهدي لاءِ تہ هيءَ ظاهري نظر هونئن بہ ناڪافي آهي. ڇو جو جتي جبريل جهڙي نوراني مخلوق کي بہ اچڻ جو اذن نہ هجي، ان عالم جي مشاهدي لاءِ اچڻ واري منفرد ۽ محترم مهمان کي انهن سيني نعمتن سان نوازيو ويو هوندو جيڪي اتان جي مشاهدي لاءِ مطلوب هونديون.

ان نظريي جا قائل ائين بہ چون ٿا تہ عام انساني سماعت بہ الله تعاليٰ جي آواز ٻڌڻ جي طاقت نٿي رکي. جيئن سوره الشوريٰ آيت ۵۱ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي: وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ ........ اِلَّا وَحْيًا.

ترجمو: ڪنهن بہ بشر جي اها حيثيت نہ آهي تہ الله ساڻس روبرو ڳالهائي. ها باقي وحيءَ جي وسيلي.

پر جي الله تعاليٰ وري پنهنجي ڪنهن ٻانهي سان مخاطب ٿيڻ چاهي ٿو تہ ان جي سماعت ۾ اهڙي استعداد پيدا ڪري ٿو، جو هن عالم ناسوت ۾ بہ اهو ان الهامي احڪامن کي بنا ڪنهن واسطي جي وصول ڪري سگهي ٿو. جيئن وكلم الله موسيٰ تكليما ۾ ٻڌايو ويو آهي. تہ پوءِ عالم لاهوت اچڻ واري ان عظيم المرتبت هستيءَ جي سماعت يا بصارت ۾ اهڙي استعداد پيدا ڪرڻ ڪيئن ممڪن نہ آهي. بهرحال اهي ٻئي نظريا اسان جي عالمن جا آهن، جن تي حديث توڙي تفسير جي ڪتابن ۾ گهڻو بحث ڪيو ويو آهي، ڇو تہ اسان جي عالمن ۾ ٻنهي نظرين جا قائل موجود آهن.

اسانجو بزرگ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه ٻهرين نظريي جو قائل آهي. اهڙي خيال جو اظهار هن معراج واري واقعي کي بيان ڪندي سن ٻارهين نبوي ﷺ جي واقعات ۾ ڪيو آهي. باقي اصلي حقيقت ڇا هئي تہ ان جو علم صرف الله تعاليٰ جي ذات بابرڪات وٽ آهي وما تشائون الا ان يشاء الله.

**۵ ــ فرشتي جو انساني صورت ۾ اچڻ:** اسانجي پياري پيغمبر ﷺ جن توڙي ٻين انبياء عليهم السلام جن جي خدمت ۾ حضرت جبرئيل گهڻا دفعا انساني صورت ۾ ٿي ايندو رهيو آهي. نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ هو ڪڏهن مشهور صحابي "دحيه الڪلبيءَ" جي شڪل ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن اعرابيءَ جي شڪل ۾ جيئن حديث جبرئيل مان ثابت



Marfat.com

آخرالزمان ﷺ جن جي خدمت ۾ پهرين وحي ڪٿي نازل ٿيو، جنهن بابت خدا تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي، "اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ".

۽ وري ٻيءَ جاءِ تي فرمايو اٿس:"شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ" (١)

سڀ کان پهريان جبرئيل عہ "سورة علق" جون پهريون پنج آيتون پڙهيون. يعني اِقرَاْ باسمِ کان وٺي مَالَم يَعلمَ تائين ۽ ان کانپوءِ رسول خدا ﷺ انهن آيتن کي ورجايو.

اهائي سڀ کان پهرين وحي آهي. جنهن جو ذڪر حديث جي صحيح ڪتابن بخاري وغيره ۾ موجود آهي. (٢) ۽ امام نوويءَ جي روايت موجب اڳين توڙي پوين مان اڪثريت جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي. پوءِ جيڪي راوي سورة فاتحہ يا سورة مدثر جي شروعاتي آيتن کي پهرين وحي سمجهن ٿا تہ انهن جي روايت ضعيف آهي. بلڪ امام نوويءَ جي بقول باطل آهي. باقي ان ڳالهہ تي اختلاف آهي، تہ ان سال لَيْلَةُ الْقَدْرِ ڪهڙي تاريخ تي هئي. ان ڏس ۾ راوين طرفان جدا جدا تاريخون نقل ڪيون ويون آهن. جيئن سترهين، ارڙهين، چوويهين ۽ ستاويهين وغيره.

وحي نازل ٿيڻ مهل پهريائين جبرئيل عليه السلام نبي سڳوري ﷺ کي ٽي دفعا زور سان ڀاڪر پاتو. جنهن جو تفصيل حديث عائشہ رضہ ۾ موجود آهي. جيڪو بخاري وغيره ۾ ڏسي سگهجي ٿو. (٣)

جبرئيل جو بار بار زور ڏيئي ڀاڪر پائڻ جو مقصد اهو هو تہ روحاني طريقي سان قلب نبوي ﷺ مان جملي بشري صفات ڪڍي ان ۾ مَلَڪِي صفات داخل ڪري تہ جيئن سندن قلب مبارڪ ايمان ۽ نبوت جي نور سان ٽمٽار ٿي وڃي. پهرين وحيءَ جي نازل ٿيڻ وقت جبرئيل عليه السلام "سورة عَلَق"

---

آهي يا وري ڪڏهن ڪنهن ٻئي چاتل يا اڻ چاتل انسان جي صورت ۾ بہ ايندو رهيو آهي.

ان کانسواءِ ڪڏهن جبريل پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ بہ نبي عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ ٻہ دفعا حاضر ٿيو. پهريون دفعو زمين آسمان جي وچ تي غارحرا٠کان اوير طرف پاڻ ڪريم ﷺ جن جبرئيل کي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺو. جڏهن تہ ٻيو دفعو معراج واري موقعي تي سدرة المنتهيٰ وٽ جيئن "سورة النجم" ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

علامہ عامـري ۽ ٻين جو قول آهي تہ جبريل امين کي پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ ڏسڻ جو شرف بہ الله تعاليٰ اسان جي نبي پاڪ ﷺ جن کي بخشيو، باقي ٻئي ڪنهن بہ نبي سڳوري جبريل کي پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو.

بهرحال وحي الاهيءَ جا اهي ڪجهہ خاص قسم آهن. جيڪي حديث، سيرت ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ بيان ڪيا ويا آهن. مٿي مرسل ﷺ جن مٿان وحيءَ جو اهو سلسلو اتڪل ٽيويهن ورهين تائين جاري رهيو. جنهن جو آغاز چاليهن ورهين جي عمر ۾ سچن خوابن ذريعي مڪي ۾ ٿيو ۽ ان جي پڄاڻي بہ حجة الوداع جي موقعي تي ساڳئي ٿي شهر ۾ ٿي.

صحيح مسلم جلد ٧ باب عرق النبي ﷺ ص ٨١ ـ ٨٢، سيرت ابن اسحاق ص ١٠١ ـ ١٠٢، الاڪتفاء ڪلاعي جلد ١ ص ٢٠٣، دلائل النبوة بيهقي جلد ٧ ص ٥٢ ـ ٥٧، الروض الانف سهيلي جلد ١ ص ٢٦٨ ـ ٢٧٠.

(١) سبل الهديٰ والرشاد شامي ج ٢ ص ١٩٨.

(٢) صحيح بخاري باب " ڪيف ڪان بدءُ الوحي" ج ١ص ٧.

(٣) صحيح بخاري باب " ڪيف ڪان بدءُ الوحي"ج ١ ص ٦.



Marfat.com

جون پنج آيتون نبي سڳوري ﷺ جن کي ياد ڪرايون، جنهن کانپوءِ هن غار کان ٻاهر نڪري هڪ جاءِ تي پنهنجي پير جي ڪڙيءَ کي گسايو تہ اتان هڪ پاڻيءَ جو چشمو جاري ٿي پيو. ان کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن کي وضوءَ ۽ نماز جو طريقو ٻڌائڻ لاءِ ڀيرياڻين جبرئيل عہ اتان پاڻ وضو ڪري ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪئي. [1] ان دوران سرور ڪائنات ﷺ جن سندس ان عمل کي غور سان جاچيندا رهيا. پوءِ

---

(١) نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حضرت جبرئيل عہ ڀيريون پيرو انساني شڪل ۾ غار حرا اندر نازل ٿيو ۽ چوڻ لڳو: "اي محمد ﷺ آءٌ جبرئيل آهيان ۽ مونکي اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي. اوهان کي هن زمين تي انسانن توڙي جنن لاءِ آخري نبيءَ جي حيثيت ۾ مبعوث ڪيو ويو آهي. ان کانپوءِ جبرئيل ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن گڏجي جبل تان هيٺ لهي زمين تي آيا، جتي هڪ نرم غاليچو وڇايل هو. جنهن تي نبي انور ﷺ جن ويٺا ۽ پوءِ جبرئيل پنهنجي پير جي ڪڙي زمين سان گسائي تہ ان پٿريلي زمين منجهان هڪ قدرتي چشمو جاري ٿيو ۽ جبرئيل ان پاڻيءَ مان وضو ڪرڻ شروع ڪيو. هن ٽي دفعا پنهنجا هٿ ڌوتا، ڪرڙيون ڪيون، نڪ کي پاڻي ڏنو، ٽي دفعا منهن ڌوتو، ٺونٺين تائين ٻانهن کي ڌوئي مٿي تي آلو هٿ گهمايو ۽ پوءِ آخر ۾ پيرن کي ٽي دفعا ڌوئي پنهنجو وضو مڪمل ڪيو. اهڙيءَ ريت پاڻ ڪريم ﷺ جن کي وضوءَ جو طريقو ۽ ترتيب ٻڌائي ويئي. بلاذريءَ محمد بن قيس کان وضوءَ بابت جيڪا روايت نقل ڪئي آهي، ان ۾ وري پيرن ڌوئڻ کانپوءِ پنهنجي گوڏ تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ بہ ٻڌايو ويو آهي. اهڙيءَ ريت وضو ساري، جبرئيل ٻہ رڪعتون ادا ڪيون، جنهن کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ ساڳئي نموني وضو ساري، ٻہ رڪعتون ادا ڪيون ۽ ان عمل سان سندن طبيعت ۾ هڪ قدرتي سرور محسوس ٿيڻ لڳو. اها پهرين نماز هئي جنهن لاءِ جبرئيل فرمايو: "يامحمد ﷺ نماز ائين پڙهي ويندي". پوءِ جبرئيل واپس ويو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي گهر جي واٽ ورتي. گهر پهچڻ کانپوءِ پنهنجي گهرواري ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ سان اهو سمورو واقعو بيان ڪيائون ۽ پوءِ بيبي سائڻ بہ ساڳيءَ ريت وضو ساري سرور ڪائنات ﷺ سان گڏجي نماز ادا ڪئي.

اها نماز ۽ وضوءَ جي پهرين تعليم هئي، جيڪا عملي طور جبرئيل پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهرين دفعي ٿي پيش ڪئي. ان ڏينهن کان وٺي معراج تائين نماز ايمان وارن لاءِ هڪ ڏينهن ۾ ٻہ دفعا فرض هئي، يعني ٻہ رڪعتون فجر جون ۽ ٻہ رڪعتون عصر (ٽيهري) جي وقت. جيئن سوره طٰهٰ ۾ فرمايو ويو آهي "وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ غُرُوْبِهَا" اهڙي روايت يحيٰ بن سلام ۽ حربيءَ کان سهيليءَ طرفان نقل ڪئي ويئي آهي، جڏهن تہ ابن مبارڪ جو قول آهي تہ "اهي ٻہ وقت فجر ۽ عشاء جا هئا. جيئن سوره مؤمن ۾ بيان ڪيو ويو آهي" وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ." اهڙي روايت مقاتل بن سليمان کان ابن جوزيءَ نقل ڪئي آهي. باقي وضوء جي باري ۾ جمهور جي راءِ اهائي آهي تہ وضو پهرين ڏينهن کان وٺي فرض آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪا نماز وضوءَ کانسواءِ ادا نہ ڪئي.

زيد بن حارثہ جي روايت مطابق وضو عمل جي لحاظ کان مڪي ۾ ئي فرض ٿيو. باقي وضوء بابت آيت مديني ۾ نازل ٿي جيڪا سوره مائده ۾ موجود آهي ۽ اها سورة مدني آهي، جنهن ۾ وضوء ۽ تيمم بابت طريقو ۽ تفصيل موجود آهي. ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضہ ان آيت کي تيمم جي آيت سڏيو آهي. والله اعلم.

حافظ "سهيليءَ" جو قول آهي تہ وضو واري آيت حڪم جي لحاظ کان تہ مڪي پر تلاوت جي لحاظ کان مدني آهي.

سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٢ ص ٢٩٩ ـ ٢٩٦. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ١ ص ٢١١ ـ ٢١٠. انساب الاشراف "بلاذري" ج ١ ص ١٢٦ ـ ١٢٥. سيرة دمياطي ص ٧٥ ـ ٧٤. الاڪتفا ڪلاعي ج ١ ص ٢٠٩ الوفا ابن الجوزي ج١ ص ١٦٧ ـ ١٦٦.



Marfat.com

جبرئيل جڏهن ان ڪم ڪان واندو ٿيو تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن ساڳيءَ ريت وضو ۽ نماز جي ان عمل ڪي ورجايو. ان وقت ڪان وٺي معراج تائين مسلمانن ڪي ٻه وقت نماز ادا ڪرڻ جو ئي حڪم هو. ٻه رڪعتون صبح (فجر) جو ۽ ٻه رڪعتون ٽيپهري (عصر) جو.

جنهن ڪانپوءِ معراج واري رات پنج وقت نماز جو حڪم مليو. جنهن جو احوال سن ٻارهين نبوت جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو. انشاء الله تعاليٰ.

پهرين وحيءَ جي نازل ٿيڻ مهل رسول رحمت ﷺ جن ڏانهن جبرئيل امين انساني صورت ۾ آيو هو جنهن ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جي دل ۾ اهو گمان ٿيڻ لڳو تہ هي ڪو ملائڪ آهي يا جن؟ انڪري سندن دل ۾ اها تمنا هئي تہ جبرئيل پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ سندن آڏو اچي، تہ جيئن اهو گمان دور ٿي وڃي.

آخر هڪ دفعي مڪي ڪان حرا ڏانهن ويندي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪي جبرئيل پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺل نظر آيو. اهو ڏسندي ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مٿان ايتري تہ هيبت طاري ٿي، جو سندن سمورو جسم مبارڪ ڏڪڻ لڳو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ ان حالت ۾ امُّ المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ وٽ آيا ۽ بيبي سائڻ ڪي فرمايائون: "زَمِّلُوْنِيْ زَمِّلُوْنِيْ!" (مونکي ڪپڙو ڍڪايو، مونکي ڪپڙو ڍڪايو) يا ٻي روايت آهي: "دَثِّرُوْنِيْ! دَثِّرُوْنِيْ!" (مونکي چادر ڍڪايو. مونکي چادر ڍڪايو) ان تي بيبي سائڻ ڪين چادر ڍڪائي ۽ ان ڪانپوءِ جڏهن اها ڪيفيت ختم ٿي، تڏهن سورة مدثر جون پهريون پنج آيتون "يٰاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ڪان وٺي وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ" تائين نازل ٿيون. (١)

ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ رضہ جڏهن رسول خدا ﷺ جن ڪي هيبت ۽ خوف واري حالت ۾ ڏٺو، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي، تڏهن ڪين دلجاءِ ڏيندي فرمايائين:

"هرگز نہ! شيطان ڪي اوهان تي غالب ٿيڻ جي وات نہ ملندي. خدا جو قسم! رب پاڪ اوهان ڪي ڪڏهن غمگين نہ ڪندو، اوهان مائٽن سان سٺو برتاءُ ڪندڙ، هميشہ حق ڳالهائيندڙ، مهمانن جي خدمت ڪندڙ، غريبن جي پرگهور لهندڙ ۽ ڏکئي وقت ۾ انهن جي مدد ڪندڙ آهيو."

ان ڪانپوءِ بيبي سائڻ الله جي پياري رسول ﷺ جن ڪي پنهنجي سوٽ وَرَقَہ بن نَوْفل وٽ وٺي آئي ۽ ڪيس چيائين: "اي منهنجي چاچي جا پٽ! پنهنجي ڀائٽي(نبي ڪريم ﷺ ) ڪان احوال وٺو." وَرَقَہ جڏهن نبي ﷺ جن جو احوال ٻڌو تڏهن وراڻيو: "هي اهوئي ناموس (٢) آهي، جيڪو هن

---

(١) صحيح بخاري باب " ڪيف ڪان بدءالوحي ج ١ ص ٧".

(٢) "ناموس"، عربي ۾ هن لفظ جون ڪيتريون ئي معنائون ٻڌايون ويون آهن. جيئن ، علم جو ڀنڊار، بادشاه جو رازدان، خدائي قانون يا شرعي حڪم وغيره. علامہ ابن حجر عسقلاني ان لفظ جي معنيٰ "جبرئيل عليه السلام" لکي آهي. ڇو جو اهو ٻـ خدا تعالي جو پيغام، امانت ۽ رازداريءَ سان خدا جي رسولن ڏانهن پهچائيندو رهيو آهي. لسان العرب واري لکيو آهي تہ خير جي راز ڄاڻندڙ ڪي "ناموس" ۽ شر جي راز ڄاڻندڙ ڪي "جاسوس" سڏيو ويندو آهي. (لسان العرب ابن منظور جلد٦ ص ٢٤٤-٢٤٣ ، فتح الباري، حافظ ابن حجر عسقلاني ج ١ ص ٢٦، الروض الانف"سهيلي" جلد ١ ص ٢٧٢، بهجة المحافل "عامري" ج ١ ص ٧٩).



Marfat.com

ڪان اڳ موسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿيو هو. شيطان اوهان تي ڪڏهن بہ غالب ٿي نہ سگهندو". (۱)

ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ رضہ جي انهن خدمتن جو اجورو ڪين رب پاڪ طرفان ان ريت مليو جو هڪ ڏينهن جبرئيل عليہ السلام نبي ڪريم ﷺ جن وٽ غار حرا ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ "بيبي سائڻ لاءِ رب العالمين طرفان سلام ڪڻي آيو آهيان ۽ پنهنجي طرفان بہ سندن خدمت ۾ سلام پيش ڪريان ٿو." ان ڪانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن بيبي سائڻ جي خدمت ۾ رب تعاليٰ ۽ سندس فرشتي جبرئيل عليہ السلام جا سلام پهچايا. ان جي جواب ۾ جيڪي ڪجهہ بيبي سائڻ فرمايو اهو سندن ڏاهپ ۽ زبان دانيءَ جو بهترين مثال آهي. (۲)

بيبي صاحبہ فرمايو:

"اَللّٰهُ السَّلَامُ وَ مِنْهُ السَّلَامُ وَعَلَيْكَ السَّلَامُ وَعَلٰى جِبْرِيْلَ السَّلَامُ وَعَلٰى كُلِّ مَنْ سَمِعَ السَّلَامَ اِلَّا الشَّيْطَانَ."

الله سائين تہ پاڻ سلامتي وارو آهي ۽ سلامتي ان ڪان ئي ملي سگهي ٿي (اي نبي ﷺ) اوهان تي سلام، جبرئيل تي سلام ۽ هر ٻڌڻ واري تي سلام، سواءِ شيطان جي."

ان ڪانپوءِ هن سال ڪجهہ وقت تائين وحي نازل ٿيڻ جو سلسلو بند ٿي ويو، ان سبب ڪري نبي سڳورا ﷺ بيحد غمگين رهڻ لڳا. جنهن ڪانپوءِ وري وحيءَ جو سلسلو جاري ٿيو. جيڪو سندن باقي ڄمار تائين جاري رهيو. اهڙو ذڪر صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهي. (۳)

---

(۱) صحيح بخاري باب " ڪيف ڪان بدءالوحي " ج ۱ ص ۷"

(۲) بيبي سائڻ جي انهن خوبين جو ذڪر حافظ ابن حجر، "سهيلي" ۽ ٻين مؤرخن پنهنجي ڪتابن ۾ تفصيل سان ڪيو آهي. اهي ڪتاب هي آهن؛ خلاصة السير محب طبري ص ۳۹، بهجة المحافل عامري، ج ۱ ص ٦۱، فتح الباري "ابن حجر" ج ۷، الروض الانف سهيلي ج ۱ ص ۲۸۰، الشجرة النبوة ابن المبرد ص ۴۴.

(۳) صحيح بخاري جلد ۱ ص ۷.



Marfat.com

# فصل ٻيو

هن فصل ۾ سن ٢ نبوي يعني ٦٤٢ميلادي جي واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## حضرت عبدالله بن عمر رضہ بن خطاب قريشي عدوي جو جنم

* هن سال حضرت عمر بن خطاب رضہ جي گهر نينگر ڄائو. جنهن جو نالو عَبْدُالله [١] رکيو ويو. غَزْوَهٔ اُحُد وقت سندس ڄمار چوڏهن ورهيہ هئي. ننڍي عمر هئڻ سبب رسول الله ﷺ طرفان کيس "غزوه احد" ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت نہ ملي سگهي.

---

(١) ابوعبدالرحمان عبدالله بن عمر بن خطاب عَدوي، ننڍي عمر ۾ ايمان آڻڻ وارن صحابين جي سٽ ۾ شامل آهي، جيڪو هجرت کان ڏهاڪو ورهيہ اڳ مڪي ۾ ڄائو. سندس امڙ جو نالو زينب بنت مظعون بن حبيب جمحيہ ٻڌايو ويو آهي، جيڪا مشهور صحابي حضرت عثمان بن مظعون جي ڀيڻ هئي ۽ اهائي حضرت حفصہ جي بہ ماءُ هئي. کيس صحابيت جو شرف بہ حاصل آهي. حضرت عبدالله پنهنجي پيءُ عمر بن خطاب سان گڏ مسلمان ٿيو ۽ اهو قول صحيح نہ آهي تہ هو پنهنجي پيءُ کان اڳ مسلمان ٿيو هو. البت "بيعت رضوان" ۾ شامل ٿيڻ جو اعزاز هن پنهنجي پيءُ کان اڳ حاصل ڪيو هو، ان وقت سندس عمر سورهن ڪن ورهيہ ٻڌائي ويئي آهي.

غزوه بدر جي موقعي تي هو پاڪ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ جهاد ۾ شرڪت جو شوق ڏيکاريائين، پر ننڍي عمر سبب کيس اهڙي اجازت نہ ملي. ان ڪانسواءِ "غزوه احد" ۾ بہ سندس شرڪت تي اختلاف آهي، جو تہ موسيٰ بن عقبہ جي روايت مطابق ان وقت سندس ڄمار چوڏهن ورهيہ هئي. ان ڪري کيس غزوه احد ۾ شرڪت جي موڪل نہ ملي. باقي غزوه خندق جي موقعي تي هو پندرهن ورهين جي عمر کي پهچي چڪو هو. جنهن سبب سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان هن غزوه ۾ شامل ٿيڻ جي ڪين اجازت عطا فرمائي ويئي. راوين جي اڪثريت جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ هن ڀهريون ڀيرو "غزوه خندق" ۾ ئي ڀهرو ورتو، جنهن کان پوءِ ٻين غزوات ۽ تاريخي معرڪن ۾ هو شامل رهيو. انهن ۾ غزوه خيبر، حنين، طائف، تبوڪ، غزوه مؤتہ، فتح مڪہ، مسيلمہ ۽ طليحہ جهڙن نبوت جي ڪوڙن دعويدارن خلاف جهاد، مصر جي مهم، جنگ يرموڪ، "قسطنطنيہ تي ڪاهہ" وڏيڪ مشهور آهن. ان موقعي تي عبدالله ابن عمر رضہ جنگ جي ميدانن ۾ هڪ بهترين شهسوار جي حيثيت ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريا ۽ خليفہ وقت طرفان جڏهن بہ ونس جهاد جو سڏ پهتو تہ هن نهايت گرمجوشيءَ سان ان ۾ حصو ورتو. باقي پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن عهدي يا اقتدار جو طالب نہ رهيو. هن زندگيءَ جو وڏو حصو الله جي عبادت ۽ الله جي ٻانهن جي خدمت ۾ گذاريو. نيڪيءَ جي ڪمن ڏانهن هميشہ سندس رغبت رهي. هو نبي آخر الزمان ﷺ جن جي "اسوه حسنہ" تي سختيءَ سان عمل پيرا رهيو ۽ سندس ڪوشش هوندي هئي تہ هر ڪم پاڪ ڪريم ﷺ جن جي سنت مطابق ادا ڪيو وڃي. سرور ڪائنات ﷺ جن سندس لاءِ فرمايو: "مون عبدالله کي هڪ اهڙي صالح ٻانهي جي حيثيت ۾ ڏٺو، جنهن الله تعاليٰ جا حق بہ ادا ڪيا تہ الله تعاليٰ جي ٻندن جا بہ." پاڪ ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ ابن عمر رضہ ڪوشش ڪري سندن هر مجلس ۾ شامل رهندو هو، پر جي اتفاق سان ڪڏهن ائين نہ ٿي سگهيو تہ پوءِ هو انهن ماڻهن وٽ وڃي پهچندو هو، جيڪي ان

هلندڙ



Marfat.com

مجلس ۾ شريڪ هوندا هئا ۽ الهن کان معلوم ڪندو هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ ان ڪچهريءَ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون بيان فرمايون. نہ فقط ايترو پر جن ماڳن مڪانن تي ڪڏهن بہ سرور عالم ﷺ جن قيام ڪيو، هو اتي پهچي قيام ڪندو هو ۽ جتي پاڻ ڪريم ﷺ جن آرام فرمايو اتي آرام ڪندو هو ۽ جنهن جاءِ تي نفل ادا ڪيائون اتي نفل ادا ڪندو هو. ۽ جيڪڏهن ان جاءِ تي ڪو وڻ ٻوٽو موجود هوندو هو تہ ان جي بہ خدمت ڪندو ۽ ان کي پاڻي ڏيندو رهندو هو تہ جيئن ان جو وجود گهڻي وقت تائين برقرار رهي. سياست جي باري ۾ هو جمهوري اصولن جو قائل هو. يعني هن ميدان ۾ ابن عمر اڪثريت جي آزادانہ راءِ کي اهميت ڏيندو هو. سندس زندگيءَ ۾ جڏهن بہ خليفي جو انتخاب ٿيو تہ هن عوام جي اڪثريت جو ساٿ ڏنو، پر جڏهن امير معاويہ پنهنجي پٽ يزيد کي پنهنجي جيئري جانشين مقرر ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي تہ ان وقت ابن عمر ان ڳالهہ جي سخت مخالفت ڪئي، ڇو تہ سندس خيال مطابق اهو عمل سلف صالحين واري طريقي جي موافق نہ هو. پوءِ بعد ۾ جڏهن يزيد حڪمران ٿي ويو ۽ اڪثريت طرفان سندس بيعت ڪئي ويئي تہ ان وقت ابن عمر بہ بيعت ڪري ڇڏي. باقي جڏهن مسلمان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي خلاف ميدان ۾ لٿا تہ پوءِ هو سياست کان پاسيرو ٿي ويو. البت هڪ ڳالهہ جو ڏک کيس هميشہ رهيو، جنهن جو هن مرڻ مهل بہ اظهار ڪيو، تہ "دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ ڇڏڻ جو ڏک آهي تہ اهو هي آهي تہ آءٌ جيڪر امير المؤمنين علي ابن ابوطالب سان گڏجي باغين سان وڙهان ها."

ابن عمر رضہ جي علم، فضل، تقويٰ، توازن، عجز، انڪساري، عفو، درگذر، سخا ۽ سورهيائيءَ جي قصن سان تاريخ جا باب ڀريا پيا آهن. مال دولت سان کيس ڪابہ دلچسپي نہ هئي ۽ جڏهن بہ مال غنيمت مان يا ڪنهن ٻيءَ جاءِ تان ڪجهہ وٽس ايندو هو تہ ورهائي ڇڏيندو هو. سندس متعلق ابن الاثير هڪ روايت ۾ ٻڌايو آهي تہ ابن عمر هڪ ڀيري هڪ ئي جاءِ تي ويٺي ويٺي ٽيهہ هزار درهم ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيا. ان کانسواءِ جيڪو غلام ٻانهو يا ٻانهي کيس وڌيڪ پسند هوندا هئا يا جيڪي گهڻي عبادت ۽ رياضت ڪندا هئا تہ هو انهن کي آزاد ڪري ڇڏيندو هو. اهڙيءَ ريت علمي ميدان ۾ بہ سندس خدمتون هميشہ ياد رکيون وينديون. خاص طور فقہ ۽ حديث جي سلسلي ۾ سندس نالو سَنَد جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي. امام مالڪ جي بقول "ابن عمر اٽڪل سٺ ورهين تائين "فقہ" جي ميدان ۾ امت جي رهنمائي ڪندو رهيو." سندس علم جي گهرائي، فطري ذهانت، بي مثال تقويٰ ۽ بي حد احتياط عوام جي دلين تي اهڙو تہ اثر ڄمايو جو معاشري جي مڙني ماڻهن کي سندس فتاويٰ تي بيحد اعتماد هو ۽ امام مالڪ جي قول مطابق هو ان ميدان ۾ امت جو امام هو. ابن عمر کي الله تعاليٰ قرآن فهميءَ جي بہ بي پناهہ صلاحيت عطا فرمائي هئي. هو هڪ هڪ آيت تي ڏينهَن جا ڏينهن گهرائيءَ سان سوچيندو ۽ ان مان معنيٰ جا موتي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. امام مالڪ سائينءَ مؤطا ۾ ڄاڻايو آهي تہ سيدنا عبدالله ابن عمر "سوره بقره" جا مسائل سمجهڻ ۽ انهن بابت ويچار ڪرڻ ۾ چوڏهن ورهيہ گذاري ڇڏيا.

قرآن کانپوءِ دين جو ٻيو وڏو ذريعو حديث رسول ﷺ آهي، جنهن ڪري ابن عمر رضہ کي حديث سان بہ حد کان وڌيڪ دلچسپي هئي. سرور ڪائنات ﷺ جي خدمت ۾ رهي جيڪو ڪجهہ هن پاڻ ٻڌايو يا وري پنهنجي پيءُ سيدنا عمر، ڀيڻ ام المؤمنين حضرت حفصہ، پنهنجي مامي عثمان بن مظعون، پنهنجي ڦڦي فاطمہ بنت خطاب يا ٻين وڏي عمر وارن صحابي سڳورن جي صحبت ۾ ويهي جيڪي ڪجهہ ٻڌايائين ان کي پوري طرح سمجهي ياد ڪندو هو ۽ پوءِ بيان ڪندو هو. حديث بيان ڪرڻ ۾ بي حد احتياط کان ڪم وٺندو هو. سَنَد جي لحاظ کان بہ هن ميدان ۾ ابن عمر رضہ نهايت



Marfat.com

روايت تي گهڻن کي اختلاف آهي. جڏهن تہ حافظ ابن حجر [(١)] پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "الاصابہ" ۾ ان ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏنو آهي. [(٢)]

ابن حجر سان گڏ "الاستيعاب" جو مصنف بہ ان روايت کي مڃانهون سمجهي ٿو. [(٣)]

"المَوَاهِبِ اللدنيہ" وارو بہ ان ڏس ۾ ساڳئي راء رکي ٿو، پر مشهور روايت اها آهي تہ حضرت حَمْزَه رضہ سن ڇهين نبوي دوران اسلام قبول ڪيو ۽ اڪثر سيرت نگار ان ڳالهہ جا قائل نظر اچن ٿا.

---

جنازي نماز پڙهي ويئي.

سڀ کان پهريان سيد الانبياء ﷺ جن سيد الشهداء حضرت حمزه رضہ جي نماز پڙهائي ۽ ان کانپوء هر ميت جي جدا جدا نماز پڙهي ويئي.

هڪ ٻي روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت حمزه جي ميت جنازي نماز کانپوء ساڳي جاء تي موجود رهي، جنهن کانپوء هر ميت کي آڻي سندس پاسي ۾ رکي پوء ان جي نماز پڙهي پئي وئي ۽ نماز کانپوء ان کي هٽائي وري ان جي جاء تي ٻي ميت پئي آندي وئي، اهڙيء ريت ستر شهيدن مٿان ستر دفعا نماز پڙهي ويئي ۽ حضرت حمزه رضہ جي ميت مٿان ستر دفعا نماز پڙهي ويئي.

حضرت جابر جو قول آهي تہ احد جي شهيدن جي جنازي نماز نہ پڙهائي ويئي. جڏهن تہ صحيحين جي روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن احد جي شهيدن جي نماز پڙهائي.

هن موقعي تي ٻہ ٻہ ميت هڪ قبر ۾ دفنايا ويا ۽ حضرت حمزه رضہ کي سندس ڀاڻيجي عبدالله رضہ بن جحش سان گڏ ساڳئي قبر ۾ دفنايو ويو.

الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٣ ص ١٣ ـ ٥. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ٣ ص ١١٦ ـ ١١٠. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ١ ص ٤٢٧ ـ ٤٢٣. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٧١ ـ ٦٦. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٩٢ ـ ٩٠. العقد الثمين "فاسي" ج ٣ ص ٤٤٢ ـ ٤٤١. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ١٧. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ١٩٦ ـ ١٩٥.

(١) ابن حجر جو سڄو نالو شهاب الدين، ابوالفضل احمد بن علي بن حجر عسقلاني مصري آهي. هو ١٢ شعبان ٧٧٣هہ بمطابق ١٨ فيبروري ١٣٧٢ع ڌاري مصر جي قديم شهر "قاهره" ۾ ڄائو. ننڍپڻ کان ئي کيس علم حاصل ڪرڻ جو شوق هو. جنهن جي پورائي لاء هن مصر، شام، حجاز ۽ يمن جي وڏن عالمن وٽان حديث، فقہ، قرات، ۽ نحو ۾ دسترس حاصل ڪئي. سندس استادن ۾ زَين الدِين عراقي، مَجدَالدين فيروزآبادي، ابن هَشام، بَلقيني، تنوخي ۽ ابن جماعة وغيره جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

٧٩٣ هجريء کان پوء "ابن حجر" پاڻ کي حديث جي مطالعي لاء وقف ڪري ڇڏيو. وقت جا مڃيل عالم ۽ محقق سندس درس ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ڏيڍ سؤ کان مٿي ڪتاب لکيائين، جن مان "بخاري شريف" تي لکيل سندس شرح "فتح الباري" کي شاهڪار جي حيثيت حاصل ٿي. اها شرح مصنف جي حياتيء ۾ ئي ايتري تہ مقبول ٿي جو هڪ نسخي جي قيمت ٽي سؤ دينار هئي.

ان کان سواء سندس ٻين ڪتابن ۾ الاصابہ، لسان الميزان، ۽ بلوغ المرام وغيره بہ گهڻا مشهور آهن.

علم جو هي آفتاب ١٨ ذوالحج ٨٥٢ هہ بمطابق ١٣ فيبروري ١٦٦٩ع ڌاري غروب ٿيو. کيس قاهره ۾ ئي دفنايو ويو.

حسن المحاضره "سيوطي" ج ص ١٥٣، معجم المطبوعات. يوسف سرڪيس ج ١ ص ٧٨-٧٧. دائرة المعارف الاسلامية ج ١ ص ٨٠-٤٧٩.

(٢) الاصابہ ابن حجر ج ١ ص ٢٥٤.

(٣) "الاستيعاب" ابن عبدالبر جلد ١ ص ٢٧١.



Marfat.com

جنهن جو وڌيڪ ذڪر سن ڇهين نبويءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

حضرت حمزه رضه ڪي ابوجهل ۽ ٻيا ڪافر سندس مسلمان ٿيڻ تي ميارون ڏيڻ لڳا. ڪانئس ۽ ٻين سمورن مسلمانن کان اها گهر ڪيائون ته خدا جي سچي رسول ﷺ کي سندن حوالي ڪيو وڃي ته جيئن هو ڪين ستائي سگهن. حضرت حمزه رضه ڪين جيڪو جواب ڏنو، اهو شعر جي صورت ۾ آهي، جنهن کي اڪثر مؤرخن نقل ڪيو آهي. (١)

حَمِدْتُ اللهَ حِينَ هَدىٰ فُؤَادِيْ ... اِلَي الْاِسْلَامِ وَالدِّيْنِ الْحَنِيْفِ

ساراهيان ان سچي سائينءَ کي جنهن منهنجي دل کي اسلام ۽ سڌي دين جو دڳ ڏيکاريو

لِدِيْنٍ جَاءَ مِنْ رَّبٍ عَزِيْزٍ ... خَبِيْرٍ بِالْعِبَادِ بِهِمْ لَطِيْفِ

اهو دين جيڪو آيو اهڙي پياري پروردگار طرفان جيڪو پنهنجي ٻانهن تي ٻاجهه ڪندڙ ۽ سندن سار لهندڙ آهي.

اِذَا تُلِيَتْ رَسَائِلُهٗ عَلَيْنَا ... تَحَدَّرَ دَمْعُ ذِيْ لُبٍّ حَصِيْفِ

جڏهن ان جا موڪليل پيغام اسان جي آڏو پڙهيا وڃن ٿا، تڏهن سوچ ۽ سمجهه رکندڙ ماڻهن جون اکيون آليون ٿيو پون.

رَسَائِلُ جَاءَ اَحْمَدَ مَنْ هَدٰىهَا ... بِاٰيَاتٍ مُّبَيِّنَةِ الْحُرُوْفِ

اهي هدايت ڀريا پيغام جيڪي احمد (ﷺ) ڏانهن آيا آهن سي اهڙين آيتن تي مشتمل آهن، جن جا حرف صاف ۽ چٽا آهن.

وَاَحْمَدُ مُصْطَفًي فِيْنَا مُطَاعٌ ... فَلَا تَغْشَوْهُ بِالْقَوْلِ الْعَنِيْفِ

۽ احمد مصطفيٰ ﷺ جن جي پيروي اسان لاءِ لازم آهي. انڪري سندن شان ۾ ڪو گهٽو لفظ چئي ڪين ڏک نه ڏنو وڃي.

فَلَا وَاللهِ لَا نُسَلِّمُ لِقَوْمٍ ... وَلَمَّا نَقْضِ فِيْهِمْ بِالسُّيُوْفِ

پوءِ خدا جو قسم! اسان اوهان کي ان قوم جي حوالي هرگز نه ڪنداسون، جيسين تلوارن سان ڪو فيصلو نه ڪريون.

وَنَتْرُكُ مِنْهُمْ قَتْلٰي بِقَاعٍ ... عَلَيْهَا الطَّيْرُ كَالْوِرْدِ الْعُكُوْفِ

اسان ڪين قتل ڪري سندن لاشن سان ميدان ڀري ڇڏينداسون ۽ انهن مٿان هر وقت ڳجهن جا ڪٽڪ ائين موجود رهندا جيئن گهاٽن تي ماڻهن ۽ جانورن جا هشام پاڻي پيئڻ لاءِ موجود هوندا آهن.

وَقَدْ خُبِّرْتُ مَا صَنَعَتْ ثَقِيْفٌ ... بِهٖ فَجَزَي الْقَبَائِلَ مِنْ ثَقِيْفِ

اِلٰهُ النَّاسِ شَرَّ جَزَاءَ قَوْمٍ ... وَلَا اَسْقَاهُمْ صَوْبَ الْخَرِيْفِ

---

(١) سيرة ابن اسحاق ص ١٥٦،الروض الانف "سهيلي" ص ٤٩/٥٠، سبل الهدي والرشاد، شامي ج ٢ ص ٣٢٣.



Marfat.com

بنو ثقيف وارن جيڪي اوهان سان ڪيو اسان کي ان جي ڄاڻ ملي چڪي آهي. الله تعاليٰ ثقيف قبيلي وارن کي سندن ڪئي جي بڇڙي سزا ڏني، ۽ شال خريف جي مند جو ميڻهن ڪين نصيب نه ٿئي. (١)

## سيدنا عثمان بن عفان رضہ جو نڪاح

* هن سال سيّدنا عثمان بن عفان رضہ جو نڪاح پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سيده رُقَيّہ رضہ سان ٿيو.

"سيرت شاميہ" ۽ "المَوَاهِبُ اللّدُنيّہ" ان واقعي جو تفصيل هيٺين ريت نقل ڪيو آهي.

خدا تعاليٰ طرفان جڏهن "وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ، (٢) واري آيت نازل ٿي، تڏهن خدا جي آخري رسول ﷺ جن پنهنجي ويجهن مائٽن کي دعوت ڏيني پاڻ وٽ گهرايو ته جيئن ڪين اسلام جي حقانيت کان آگاهہ ڪري. (٣)

ان دعوت ۾ ٻين سان گڏ اَبُوْلَهَب بہ پنهنجي ٻن پٽن عُتْبَہ ۽ عُتَيْبَہ سميت شامل هو. ڇو جو اوائلي دور ۾ نبي ڪريم ﷺ جي ٻن نياڻين سڳورين جو نڪاح اَبُوْلَهَب جي انهن ٻنهي پٽن سان ٿي چڪو هو. سيده رُقَيّہ رضہ عُتْبَہ جي نڪاح ۾ ڏنل هئي ۽ سيده اُمِ ڪُلثوم رضہ جو نڪاح وري عُتَيْبَہ سان ٿيل هو. (٤)

پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مهمانن آڏو اسلام جو پيغام پيش ڪيو، تڏهن ابولهب کي ڏاڍي منيان لڳي ۽ هن گستاخ وراڻيو تہ "توتي سدائين هلاڪت هجي" ڇا تو اسان کي ان لاءِ هتي گڏ ڪيو؟ (٥) ان موقعي تي ابولهب پنهنجي ٻن پٽن کي حڪم ڏنو تہ هو ٻنهي ٻيبين کي طلاق ڏِيَنِ. هنن ٻيءَ جو حڪم مڃيندي شاديءَ کان اڳ ئي ٻنهي ٻيبين سڳورين کي آزاد ڪري ڇڏيو. ان واقعي کانپوءِ سنت ئي سيده رُقَيّہ رضہ جو نڪاح سيدنا عُثمان رضہ سان ٿيو."

---

(١) "بنو ثقيف" قبيلي جي ماڻهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي "طائف" ۾ تبليغ دوران ڏاڍو ستايو ۽ ايذايو هو. اهو واقعو سن ڏهہ نبويءَ جو آهي، جڏهن تہ حضرت حمزه رضہ سان منسوب هي شعر ان کان اڳ جا آهن. پوءِ هن بنو ثقيف وارن کي پاراتا ڪيئن ڏنا؟ اها ڳالهہ وضاحت طلب آهي.(مترجم)

(٢) سورة الشعراء ٢٦ پاره ١٩ آيت ٢١٤ کان ٢١٦.

(٣) هن دعوت ۾ "بني هاشم" وارن مان اٽڪل چاليهارو ماڻهو شريڪ ٿيا، جن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جا چار چاچا يعني ابو طالب، حمزه، عباس ۽ ابولهب بہ شامل هئا. السيرة النبوية ﷺ "ابن ڪثير" جلد ١ ص ٤٥٧.

(٤) ٻنهي ٻيبين جو نڪاح ننڍپڻ ۾ ٿيو هو. پر سندن رخصتي نہ ٿي هئي ۽ ٻئي ٻيبيون اڃان پنهنجي اباڻي گهر ۾ ئي رهنديون هيون، پر پوءِ نئين دور جا محقق ان روايت کي غلط چون ٿا. سندن تحقيق مطابق ابو لهب جي پٽن سان پاڻ ڪريمن ﷺ جي نياڻين جو نڪاح نہ ٿيو هو. (مترجم)

(٥) ابن عباس جي روايت مطابق ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان ابولهب جي باري ۾ سورة "تبت يدا" نازل ڪئي وئي. صحيح بخاري جلد ٣ ص ٢٢٢، صحيح مسلم جلد ١ ص ١٣٣، دلائل النبوة بيهقي جلد ٢ ص ٨٢ - ١٨١.



Marfat.com

اهو سمورو واقعو آخر تائين "سيرت شاميہ" ۽ "المواهب اللدنيہ" ۾ موجود آهي. (١) ان جو وڏيڪ ذڪر سن ٣ نبويءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

"وانذر عشيرتڪ الاقربين" واري آيت سن ٣ يا ۴ نبوي دوران نازل ٿي هئي ۽ ان وقت ئي رسول خدا ﷺ جن ان حڪم جي تعميل فرمائي. شادي ڪانپوءِ سن ۵ هجريءَ دوران سيدنا عثمان رضہ، بيبي رقيہ رضہ سانئڻ سان گڏ حبش ڏانهن هجرت فرمائي. جنهن جو ذڪر پنهنجي جاءِ تي ڪيو ويندو.

جهڙيءَ ريت سيده رُقَيَّہ رضہ سونهن ۽ سوڀيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي تہ ساڳئي نموني وري حضرت عثمان ڪي بہ خدا تعاليٰ ان نعمت سان نوازيو هو. اهوئي سبب آهي جو ماڻهو مثال ڏيندا هئا:

اَحْسَنُ زَوْجَيْنِ رَأىٰ اِنْسَانٌ ۝ رُقَيَّةُ وَ زَوْجُهَا عُثْمَان (٢)

(سڀ کان سهڻو جوڙو جيڪو انساني اکين ڏٺو اهو رُقَيَّہ رضہ ۽ سندس مڙس عثمان رضہ جو آهي)

ان شادي جي موقعي تي مشهور صحابيہ سُعديٰ بنت ڪريز (٣) جيڪا سيدنا عثمان رضہ جي ماسي پڻ آهي، هڪ قصيدو چيو، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

هَدَى اللهُ عُثْمَانَ الصَّفِيَّ بِقَوْلِهٖ ۝ فَاَرْشَدَهٗ وَاللهُ يَهْدِيْ اِلَى الْحَقِّ

(الله تعاليٰ هدايت فرمائي پنهنجي پياري عثمان ڪي پنهنجي حڪم سان ۽ سندس رهنمائي پڻ ڪئي جو الله تعاليٰ ئي حق جي واٽ ڏسيندڙ آهي.)

فَتَابَعَ بِالرَّاْيِ السَّدِيْدِ مُحَمَّدًا ۝ وَكَانَ ابْنُ اَرْوىٰ لَايَصُدُّ مِنَ الصِّدْقِ

(هن محمد ﷺ جي پيروي ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو، هونئن بہ "ارويٰ" جو ٻچڙو سچائيءَ کان منهن مٽڻ وارو نہ هو.)

وَاَنْكَحَهُ الْمَبْعُوْثُ اِحْدىٰ بَنَاتِهٖ ۝ فَكَانَ كَبَدْرٍ مَّازَجَ الشَّمْسَ بِلَا اُفُقٍ

(پيغمبر ﷺ پنهنجي هڪ نياڻيءَ جو نڪاح ساڻس ڪرايو، ان جو مثال ائين آهي جيئن چنڊ سج سان گڏجي وڃي بنا افق جي.)

فَدًى لَكَ يَا ابْنَ الْهَاشِمِيِّيْنَ مُهْجَتِيْ ۝ فَاَنْتَ اَمِيْنُ اللهِ اُرْسِلْتَ لِلْخَلْقِ

(اي هاشمي گهراڻي جا چاپا، مان توتان قربان ٿيان، تون امانت وارو آهين ۽ الله تعاليٰ طرفان ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليو ويو آهين.)

---

(١) سبل الهديٰ والرشاد. شامي ج ١١ ص ٣٣، المواهب اللدنيہ ج ٢ ص ٥١.

(٢) الروض الانف "سهيلي" جلد ٢ ص ٧٩

(٣) سعديٰ بنت ڪريز بن ربيعہ بن عبد الشمس مشهور صحابيہ آهي. جنهن ڪي شعروشاعري سان وڏي دلچسپي هئي، اڪثر موقعن تي هن جيڪي شعر يا سهرا چيا آهن، انهن پنهنجي زماني ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. هن بيبي صاحبہ شروعاتي دور ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو. ۽ هڪ روايت مطابق حضرت عثمان رضہ ڪي سڀ کان پهريان اسلام ڏانهن مائل حضرت سعديٰ ئي ڪيو هو. سندس ڪجهہ شعر "الاصابہ" توڙي ٻين ڪتابن ۾ نقل ٿيل آهن. (الاصابہ. ابن حجر جلد ۴ ص ٣٢٢کان ٣٢٧)



Marfat.com

مٿيون قصيدو "ابو سعيد" (١) پنهنجي ڪتاب "شرف النبوه" ۽ "محب طبري" (٢) "الرياض النضره" ۾ نقل ڪيو آهي.

"الرياض النضره" ۾ اهو به ڄاڻايل آهي ته حضرت عثمان رضه جي ماءُ جو نالو "اَرْوَيٰ" آهي ۽ هن اسلام قبول ڪيو هو. (٣)

---

(١) حافظ ابوسعيد عبدالملڪ نيشاپوري پنهنجي وقت جو هڪ مڃيل عالم ۽ مؤرخ ٿي گذريو آهي، جنهن جي وفات ٤٠٦ هجري ڌاري ٿي. "سيرت رسول" ﷺ جي موضوع تي لکيل سندس ضخيم ڪتاب "شرف مصطفيٰ" کي سيرت توڙي "رجال" جا ڄاڻو وڏي اهميت ڏين ٿا. هي ڪتاب اٺن جلدن تي مشتمل آهي. ان ڪان علاوه به ڪافي ڪتاب لکيا اٿس. الاعلام زرڪلي جلد ٤ ص ١٦٢، الرسالة المستطرفه. جعفر ڪتاني ص ١٠٩.

(٢) سڄو نالو احمد بن عبدالله بن محمد بن ابوبڪر، ڪنيت ابوجعفر ۽ العباس، لقب محب الدين پر علمي دنيا ۾ "محب طبري" جي نالي پٽيان ڄاتو وڃي ٿو. سندس وڏا ايران جي صوبي "طبرستان" جا رهاڪو هئا. جتان سندس پڙ ڏاڏو ابوبڪر بن محمد ابن ابراهيم سن ٥٧١ هجريءَ ڌاري هجرت ڪري مڪي شريف ۾ آيو ۽ پوءِ هميشہ لاءِ هتان جو ٿي رهيو. محب طبري به سن ٦١٥ هجريءَ ڌاري مڪي ۾ ڄائو ۽ اتي ئي وقت جي وڏن عالمن وٽان قرأت، تفسير، حديث، فقہ، تاريخ ۽ ادب ۾ وڏي مهارت حاصل ڪيائين. جنهن ڪانپوءِ مصر ويو ۽ اتي مجدد الدين قشيري ۽ ٻين عالمن وٽ پنهنجي تعليم جي تڪميل ڪيائين ۽ پوءِ استادن جي اجازت سان حرم پاڪ ۾ ويهي تدريس جو سلسلو شروع ڪيائين. جنهن ۾ هن وڏو نالو ڪمايو. پري پري کان علم جا پياسي سندس خدمت ۾ اچي پنهنجي علمي اڃ اجهائيندا هئا. مڪي کان علاوه يمن ۽ ان ڪانپوءِ مدينة المنوره ۾ روضہ رسول ﷺ جي آڏو به تعليم ۽ تدريس جو ڪم ڪجھ عرصي تائين ڪندو رهيو. جتي نہ صرف مديني جا رهاڪو پر دنيا جي ڪنڊڪڙڇ کان ايندڙ زائرين پڻ سندس علم مان استفادو ڪندا رهيا. نہ صرف ايترو پر مديني مبارڪ جي عالمن ڪيس پنهنجي جماعت جو اڳواڻ بڻايو. جن ۾ امام ذهبي، ابن رشيد اندلسي، عبدالمؤمن دمياطي ۽ ابومحمد قاسم برزالي جهڙن عالمن جا نالا ذڪر جوڳا آهن. معجم الشيوخ ۾ علامہ ذهبيءَ شيخ محب طبريءَ کي حجاز توڙي يمن جي عالمن جو اڳواڻ سڏيو آهي.

تدريس کان علاوه تصنيف تاليف سان به ڪيس بيحد دلچسپي هئي. مختلف علوم ۽ فنون بابت پنجاه جي لڳ ڀڳ ڪتاب لکيائين. جن کي علمي دنيا ۾ وڏي قدر جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو. جن مان ڪجھ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

١. خلاصہ سير سيد البشر (ﷺ) ٢. غريب جامع الاصول ٣. "القريٰ لساڪن ام القريٰ" ٤. صفة حجة النبي ﷺ ٥. الرياض النضره في مناقب العشره ٦. ذخائر العقبيٰ في مناقب ذوي القربيٰ ٧. السمط الثمين في مناقب امهات المؤمنين ٨. السيرة النبويہ ﷺ وغيره.

هنن ڪتابن جي مطالعي ڪانپوءِ سندس علمي عظمت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو تاريخ ۾ ڪيس فقيہ الحرم ۽ محدث الحجاز جي القاب سان به ياد ڪيو ويندو آهي.

علمي دنيا جو هي آفتاب سن ٦٩٤ هجريءَ ڌاري مڪي شريف ۾ گذاري ويو ۽ جنة المعلاة ۾ ڪيس دفنايو ويو. مقدمہ خلاصہ سيد البشر ﷺ طلال بن جميل رفاعي ص ١٤ _ ٧. الرسالة المستطرفہ. جعفر ڪتاني ص ١٠٨. الدرر الڪامنة ج ٢ ص ١٩٠ معجم المطبوعات "يوسف اليان" ج ٢ ص ١٢٣٢.

(٣) حضرت "اَرويٰ" جي پيءُ جو نالو ڪريز بن ربيعہ ۽ ماءُ جو نالو امِ حَڪِيم بَيضَا بنت عبدالمطلب هو. جيڪا نبي ڪريم ﷺ جن جي سڳي پڦي هئي. ان نسبت سان حضرت عثمان بن عفان جي ماءُ "اَرويٰ" پاڻ ڪريم ﷺ جن جي پڦاٽ هئي الاصابہ، حافظ حجر عسقلاني جلد ٤ ص ٢٢٨. اسد الغابہ "ابن الاثير" جلد ٥ ص ٣٩١. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٤ ص ٣٤٢ _ ٣٤٣.



Marfat.com

## زَيْد بن ثَابِت رضہ جي ولادت

* هن سال زَيْد بن ثَابِت بن ضَحّاك اَنْصَارِيّ خَزرَجِيْ نَجَّارِيّ بہ ڄائو. هو اجان ڇهن ورهين جو مس ٿيو تہ "بعاث" جي جنگ لڳي. جنهن ۾ سندس پيءُ ثابت بن ضحاڪ مارجي ويو. رسول عربي ﷺ جن جڏهن هجرت ڪري مديني پهتا تہ ان وقت "زيد" جي ڄمار يارهن ورهيہ هئي.

ڪچي عمر سبب ڪيس "جنگ بَدْر" ۾ شريڪ نہ ڪيو ويو هو. باقي "اُحُد" ۽ ان کانپوءِ ٻين غزوات ۾ هن ڀرو ورتو. جڏهن تہ هڪ ٻئي قول موجب هو "غزوه اُحُد" ۾ بہ شريڪ نہ هو، ۽ هن پهريون ڀيرو "خَنْدَق" جي جنگ ۾ شرڪت ڪئي، ۽ ان کانپوءِ ٻين سڀني لڙاين ۾ ڀرو ورتائين. زيد بن ثابت رضہ کي ڪاتب وحي هجڻ جو شرف پڻ حاصل آهي. (۱)

(۱) "الاصابہ" حافظ ابن حجر جلد ۱ ص ۵٦۱/٦۲، اسد الغابہ ابن الاثير جلد ۲ ص ۲۲۱/۲۲. "الاستيعاب" ابن عبدالبر ج۲ ص ۱۱۲ ـ ۱۱۱.



Marfat.com

# فصل ٽيون

## سن ٽين نبوي جا واقعا

### اُسَامَہ بن زَيْد رضہ جي ولادت

* هن سال اُسَامَہ بن زَيْد بن حَارِثہجي ولادت ٿي. (١) جڏهن تہ هڪ ٻئي قول موجب سندس ولادت جو سن پنج نبوي ٻڌايو ويو آهي.

### عبدالله بن يَزِيْد رضہ جي ولادت

* هن سال عبدالله بن يزيد (٢) بن زيد بن حِصْن اَنْصَارِي اوسي ثم خطمي بہ ڄائو. سندس ڪنيت "اَبُوْمُوْسيٰ" آهي. "تَذڪرَة القَارِي" ۽ "اسد الغابہ" ۾ ڄاڻايل آهي تہ هن "صلح حُدَيْبِيَّہ" کان اڳ اسلام قبول ڪيو. جڏهن "حُدَيْبِيَّہ" ۾ شريڪ ٿيو تڏهن سندس عمر سترهن ورهيہ هئي. حديبيہ کانپوءِ سيني غزوات ۾ سندس شرڪت ثابت آهي. اَبُوْمُوْسيٰ صحابين جي سٿ ۾ هڪ مانائتو نالو سمجهيو وڃي ٿو. سندس پيءُ يَزِيْد بن زَيْد کي بہ صحابي هجڻ جو شرف حاصل آهي.

(١) حافظ ابن حجر "الاصابہ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي وصال وقت اسامہ جي عمر ڏهہ ورهيہ هئي. "الاصابہ" ج ١ ص ٣١.

(٢) عبدالله بن يزيد هجرت کان ڏهاڪو ورهيہ اڳ مڪي ۾ ڄائو ۽ سن ٻي هجريءَ جي آخر يا ٽين هجريءَ جي شروعات ۾ هن پنهنجي پيءُ سان گڏ نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهچي اسلام قبول ڪيو. پوءِ ننڍي عمر سبب هو ابتدائي غزوات ۾ تہ شريڪ ٿي نہ سگهيو باقي سندس پيءُ يزيد بن يزيد بن حصن احد کان وٺي خيبر تائين جيڪي غزوات ٿيا تن ۾ ڀرپور ورتو ۽ پوءِ سن اٺين هجريءَ ڌاري مڪي جي فتح کان اڳ گذاري ويو.

عبدالله ڀريون پيرو سن ڇهين هجريءَ ڌاري پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ "بيعت رضوان" ۾ شريڪ ٿيو ۽ پوءِ ٻين غزوات ۾ بہ ڀرپور ونندو رهيو. بيعت رضوان وقت سندس عمر سترهن سال هئي.

حضرت عبدالله کي حضرت عليءَ سان بيحد عقيدت ۽ محبت هئي، جنهنڪري هو مديني کان ڪوفي منتقل ٿيو ۽ اتي هن "جمل"، "صفين" ۽ نهروان جي موقعي تي سيدنا عليءَ جي لشڪر ۾ هڪ پرجوش سپاهيءَ جي حيثيت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

اموين جي دور حڪومت ۾ هو خاموش رهيو. پر يزيد بن معاويہ جي وفات کانپوءِ سن ٦٤ هجريءَ ڌاري جڏهن حجاز ۽ عراق وارن حضرت عبدالله بن زبير کي پنهنجو خليفو چونڊيو تہ هن ڪوفي جي گورنريءَ لاءِ عبدالله بن يزيد کي منتخب ڪيو. جيتوڻيڪ ان وقت سندس عمر ٧٥ ورهين جي لڳ ڀڳ هئي پر پوءِ بہ هن پنهنجون ذميواريون نهايت خوش اسلوبيءَ سان نڀايون. ان زماني ۾ ڪوفي اندر توابين جي تحريڪ وڏي زور شور سان هلي رهي هئي، پر هن نهايت تدبر سان تجزيو ڪري اهو نتيجو ڪڍيو تہ هيءَ تحريڪ ابن زبير جي نہ پر اموين جي مخالفت ۾ آهي، هلندڙ



Marfat.com

## خدا تعاليٰ طرفان کليل دعوت جو حڪم

* هن ٽي سال يا وري ڪن ٻين جي چوڻ موجب سن چوٿين نبويءَ جي شروعات ۾ خدا تعاليٰ طرفان پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي هن آيت ذريعي حڪم ڏنو ويو ته هاڻي ماڻهن تائين دين جي دعوت ظاهر ظهور پهچائي وڃي.

فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ. (۱)

("پوءِ کولي ٻڌايو، اوهان کي جيڪي حڪم ڏنو وڃي ٿو ۽ مشرڪن جي پرواهه نه ڪريو.")

ان کان اڳ پاڻ سڳورا ﷺ ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڪافرن کان لڪائي ڏيندا هئا.

## ويجهن عزيزن کي دعوت جو حڪم

* هن سال، ٻئي قول موجب سن چوٿين نبوي دوران، نبي ڪريم ﷺ جن کي پنهنجي پروردگار طرفان اهو به حڪم مليو ته پنهنجي ڪٽنب وارن آڏو اسلام جي دعوت پيش ڪن ۽ ان ڏس ۾ هيٺين آيت نازل ٿي. وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ (۽ خبردار ڪريو اوهان پنهنجن ويجهن مائٽن کي) جنهن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن "جبل صفا" جي چوٽيءَ تي چڙهي قريش قبيلي وارن کي وڏي واڪي سڏيندي الله جو پيغام هن ۾ پهچايو:

"اي قريشيو! رب تعاليٰ (جي عذاب) کان پاڻ پنهنجو بچاءُ ڪريو نه ته پوءِ آءٌ اوهانکي ان کان بچائي نه سگهندس." ان ڪانپوءِ نالي وار هر قبيلي کي هڪ ٻئي پنيان سڏيندا رهيا. اي بني فهر، اي بني لويّ، اي

---

تنهنڪري هن انهن کي پنهنجي طرفان آزادي ڏيئي ڇڏي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪوفي وارا هن جا حامي ٿي پيا. هن دور جو ٻيو وڏو فتنو وري مختار ثقفيءَ جي تحريڪ هئي. جنهن ۾ هو سيدنا محمد بن حنفيه علويءَ کي مهدي ظاهر ڪري ان جي آڙ ۾ پاڻ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي حڪومت خلاف بغاوت تي اڀاري رهيو هو. عبدالله بن يزيد انهيءَ چالبازيءَ کي سمجهي ويو ۽ هن مختار کي پڪڙي قيد ۾ وجهي ڇڏيو.

مختار ثقفي جيڪو انتهائي عيار شخص هو، سو سڳ ۾ وري انتهائي جليل القدر صحابي سيدنا عبدالله ابن عمر جو سالو هو، تنهن پنهنجي ڀيڻيوي ڏانهن خط لکيو ته هو گورنر کي سندس آزاديءَ جي سفارش ڪري ۽ خط ۾ هن يقين به ڏياريو ته هو ابن زبير خلاف ڪنهن به بغاوت جو ارادو نٿو رکي. سيدنا عبدالله نهايت متقي ۽ خدا جي خوف وارو انسان هو، سو هن جي ڳالهه تي ويساهه رکندي ابن يزيد ڏانهن خط لکيائين. ابن عمر جو خط جڏهن عبدالله ابن يزيد وٽ پهتو ته هن هڪدم مختار کي آزاد ڪري ڇڏيو. آزاد ٿيندي ئي هن وري پنهنجين سرگرمين کي نئين سر شروع ڪيو، اها خبر جڏهن خليفي جي خدمت ۾ مڪي پهتي ته هن هڪدم عبدالله ابن يزيد کي سندس عهدي تان معطل ڪري ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ هن باقي وقت خاموشيءَ سان الله تعاليٰ جي عبادت ۾ گذاريو ۽ ٿوري ئي وقت ڪانپوءِ هن وفات ڪئي. سندس وفات جو صحيح سن معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

ابن الاثير مطابق سندس شمار فاضل صحابين ۾ ٿئي ٿو. ڪانئس نبي ڪريم ﷺ جن جون ڪجهه حديثون به روايت ڪيل آهن، جيڪي امام بخاريءَ ۽ ترمذيءَ طرفان نقل ڪيون ويون آهن.

اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۳ ص ۴۹۲ _ ۴۲۸. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۳ ص ۱۲۴ _ ۱۲۳.

(۱) سورة "الحجر" پاره ۱۴ آيت ۹۴.



Marfat.com

بني ڪعب، اي بني عبدالمطلب ۾ سڀني آڏو وري وري ساڳيو پيغام پيش ڪندا رهيا. تانجو پنهنجي چاچي حضرت عَبَّاس رضه ۽ پنهنجي پياري نياڻي سيده فاطمه رضه کي به سڏي ساڳئي ڳالهه پئي ورجايائون، [1] جنهن تي اَبُولَهَب وراڻيو: "توتي هلاڪت هجي ڇا تو اسان کي ان لاءِ گڏ ڪيو؟" ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان "تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ" واري مڪمل سورة نازل ڪئي ويئي. [2] جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ ان واقعي ۾ سورة "تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ" جي نازل ٿيڻ جو سال سن چوٿين هجري ٻڌايو ويو آهي.

(١) صحيح بخاري ج ١ ص ٤٠٠ ، صحيح مسلم ج ١ ص ١٣٤.

(٢) سبل الهدیٰ والرشاد، شامي ج ٢ ص ٣٢٤. دلائل النبوه، بيهقي ج ٢ ص ١٨٢. سيرة ابن حبان. ص ٧٠.



Marfat.com

# فصل چوٿون

## سن چوٿين نبوي جا واقعا

### وَرَقَہ رضہ بن نَوْفَل جي وفات

* هن سال يا هڪ ٻي روايت موجب سن ٽين هجري دوران ام المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ جو سوٽ وَرَقَہ بن نَوْفَل گذاري ويو. کيس مڪي شريف ۾ دفنايو ويو. هن پنهنجي پٺيان ڪا اولاد نہ ڇڏي. اها روايت صحيح آهي تہ هو مسلمان هو، [1] ان جو ذڪر هن کان اڳ سن پهرين نبويءَ جي واقعات ۾ ٿي چڪو آهي.

### حضرت عَائِشَہ رضہ جو جَم

* هن سال سيدنا ابوبڪر صديق رضہ جي گهر نياڻي جائي. جنهن جو نالو عائشہ رضہ [2] رکيو ويو. اڳتي هلي کيس نبي اڪرم ﷺ جن جي گهر واري ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو.

---

(۱) طبري، بغوي، ابن قانع ۽ ابن سڪن وغيره، ورقہ بن نوفل کي صحابي شمار ڪيو آهي. الاصابہ "ابن حجر" جلد ۳ ص ۶۳۳.

(۲) هن سال شوال جي مهيني ۾ بمطابق جولاءِ ۶۱۴ ع يعني هجرت کان نَوَ ورهيہ اڳ، حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي گهر سندس ٻي گهر واري ام رومان بنت عامر مان هڪ نياڻي جائي، جنهن جو نالو عائشہ لقب صديقہ ۽ حميره ٻڌايو ويو آهي، اڳتي هلي قدرت طرفان کيس "ام المؤمنين" جو مقام عطا ڪيو ويو. بيبي عائشہ، جي ڪنيت ام عبدالله آهي، جيڪا سندس ڀائيجي عبدالله بن زبير سان منسوب آهي، سيده عائشہ ننڍپڻ کان وٺي ذهين، سمجهدار ۽ سلجهي مند هوندي هئي. هر ڳالهہ کي غور سان سمجهڻ ۽ ان کي ياد رکڻ جي خصوصي صلاحيت سندس مزاج ۾ موجود هئي.

نبوت جي ڏهين سال حضرت عائشہ جو نڪاح مڪي ۾ ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن سان پڙهايو ويو ۽ حق مهر ۵۰۰ درهم مقرر ڪيو ويو، ان وقت سندس عمر ڇهہ ورهيہ هئي، جنهن کان پوءِ هجرت جي پهرين سال شوال مهيني ۾ يعني اپريل ۶۲۳ ع ڌاري مديني ۾ سندس رخصتي نهايت سادگيءَ سان ڪئي ويئي. ان وقت سيده عائشہ جي عمر نَوَ ورهيہ هئي. جڏهن تہ جديد دور جي ڪجهہ مصري توڙي هندوستاني عالمن جي خيال مطابق سندس عمر پندرهن کان سترهن ورهيہ ٻڌائي وڃي ٿي. شاديءَ کانپوءِ سندس قيام مسجد نبويءَ جي هڪ حجري ۾ رهيو. جتي هن پنهنجي سموري زندگي سڪون ۽ سادگيءَ سان گذاري. پاڻ سڳورا ﷺ ٻين امهات المؤمنين جي مقابلي ۾ کيس وڌيڪ اهميت ڏيندا هئا. ۽ سيده عائشہ بہ هڪ زال جي حيثيت سان پاڻ ڪريمن ﷺ جو تمام گهڻو خيال رکندي هئي. خاص طور صفائيءَ جي معاملي ۾. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪپڙن توڙي بستري کي صاف رکڻ، ڪين خوشبوءِ لڳائڻ، سندن ڏندڻ کي ڌوئڻ، مٿي ۾ تيل وجهڻ وغيره کان ڪڏهن بہ غافل نہ رهي.



Marfat.com

# فصل پنجون

هن فصل ۾ سن پنجين نبويءَ جي واقعات جو ذڪر ڪيل آهي.

## حضرت جَعْفَر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال حضرت جَعْفَر بن اَبُوْطَالِب اسلام قبول ڪيو. جيڪو حضرت علي ڪرم الله وجهه جو ڀاءُ هو. هي واقعو حبش ڏانهن هجرت کان اڳ جو آهي. ان وقت تائين ايڪتيهه فرد اسلام قبول ڪري چڪا هئا. جيئن "تذڪرة القاري بحل رجال البخاري" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو. ساڳيءَ ربت "اسد الغابہ" جي مصنف بہ حضرت جَعْفَر رضہ کي ٻٽيهون مسلمان شمار ڪيو آهي. (١) ان ڪانسواءِ ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ حضرت جَعْفَر رضہ نبوت جي پهرين سال ئي اسلام قبول ڪيو هو. جنهن جو ذڪر اڳ ٿي چڪو آهي. حضرت جَعْفَر رضہ مني مرسل ﷺ جن جي بعثت کان ويهارو ورهيہ اڳ، ۽ پنهنجي ڀاءُ علي رضي الله عنہ جي پيدائش کان ڏهہ سال اڳ ڄائو هو. ان حساب سان حضرت علي رضہ نبي سونهاري ﷺ کان عمر ۾ ٽيهہ ورهيہ ۽ پنهنجي ڀاءُ حضرت جَعْفَر رضہ کان ڏهہ ورهيہ ننڍو هو.

## حبشہ ڏانهن مسلمانن جي پهرين هجرت

* هن سال رجب جي مهيني ۾ مسلمانن، ڪافرن جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ کان تنگ ٿي، مڪي کان "حَبَشَ" (٢) ڏانهن هجرت ڪئي. مسلمانن کي حبش ڏانهن بہ دفعا هجرت ڪرڻ جو موقعو مليو. جن

(١) "اسد الغابہ" ابن الاثير ج پهريون ص ٢٨٧.

(٢) عربستان جي ڏکڻ ۾ واقع هن ملڪ کي عرب "حبشہ"، يورپ وارا "ايبيسينيا" ۽ يوناني "ايٿوپيا" جي نالي سان سڏيندا آهن. هينئر دنيا جي موجوده نقشي تي هي ملڪ ايٿوپيا (Eathiopia) جي نالي سان ئي ڄاتو وڃي ٿو. جنهن جي پکيڙ ٤٧٢٤٠٠ چورس ميل ٿيندي. عربستان کانپوءِ اسلام سڀ کان پهريان هن ملڪ ۾ پهتو. ان دور ۾ هن ملڪ جون سرحدون اڄ کان وڌيڪ وسيع هيون. اوڀر واري سرحد سمنڊ تائين هئي. جنهن ۾ موجوده "ايريٽيريا" ۽"صوماليہ" جو اتريون علائقو بہ شامل هو. عربستان کان ساموندي سفر ذريعي ماڻهو حبشہ ويندا هئا. مسلمان بہ حجاز جي بندر "شعيبہ" تان ٻن ٻيڙين ۾ سوار ٿيا، ۽ پوءِ ڳاڙهو سمنڊ پار ڪري "اڪسوم" پهتا. جيڪو ان وقت "حبشہ" جو تخت گاه هو. اهو شهر هينئر بہ ملڪ جي اتر اوڀر ۾ موجود آهي. پر ڪيس اهو اڳوڻو اوج حاصل نہ آهي. هينئر ملڪ جو گادي وارو شهر "عديس ابابا" کي بڻايو ويو آهي. مسلمان هن ملڪ ۾ ڪافي عرصي تائين ايندا رهيا ۽ مقامي ماڻهن بہ ڪافي تعداد ۾ اسلام قبول ڪيو. تيرهين صدي عيسويءَ تائين حبشہ ۾ مسلمانن جون ست آزاد رياستون قائم ٿي چڪيون هيون. پر پوءِ حالتون بگڙنديون ويون. هينئر بہ مسلمان اتي موجود آهن. پر اهي عيسائين جي ماتحت زندگي گذارين ٿا. موجوده دور ۾ هن ملڪ جي آبادي ١٩٨٥ع جي آدم شماريءَ مطابق ٣ڪروڙ٢٥ لک ٥١ هزار آهي.

هلندڙ



Marfat.com

مـــان هــــيءَ پهـــرين هجرت آهي، جنهن ۾ ٻارهن مرد ۽ پنج عورتون بہ ساڻن گڏ هيون. حبش ڏانـــهن ان هـــجرت جو ارادو سڀ کان پهريـــائين حضرت عُثمان بن عَفّان رضہ ۽ سندس گهرواري سـيده رُقيّہ رضہ بنت رسول الله ﷺ جن ڪيو. انڪري ڪين رب جي راه ۾ پهريان مهاجر سڏيو ويو آهي. (١)

جڏهن تہ ان ننڍڙي قافلي جي ٻين مسافرن ۾ عَبْدُالرَّحْمٰــن بن عَوْف رضہ، زُبَيْر بن عَوّام رضہ، مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ، اَبُوْ سَلَمَہ عَبْدُالله بن عَبْدُالاَسَد مَخْزُوْمِيْ رضہ ۽ سندس گهرواري اُمِ سَلَمَہ رضہ وغيره شامل هئا. (٢)

## ڪافرن جو مسلمانن سان گڏ سجدو ڪرڻ

* هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ حبش ڏانهن پهرين هجرت کان پوءِ ۽ ٻي هجرت کان اڳ خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ ڏانهن سُوْرَةُ "النَّجْم" نازل فرمائي.

هڪ ڀيري بيت الله شريف ۾ ڪافرن جو وڏو ميڙ موجود هو. ان موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ ان سورت جي تلاوت شروع ڪئي، جنهن کي اتي موجود مسلمان، ڪافر، انسان ۽ جن، سڀ ٻڌندا رهيا. تلاوت ڪندي سورة جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن سجدي واري آيت آئي، تڏهن خدا جا پاڪ پيغمبر ﷺ ان موقعي تي سجدي ۾ هليا ويا ۽ ساڻن گڏ سمورا مسلمان بہ سجدي ۾ ڪِري پيا. اينتريقدر جو اتي موجود مشرڪن ۽ ٻي سموري مخلوق بہ سندن ساٿ ڏنو، سواءِ هڪ پوڙهي مشرڪ امير بن خلف جحميءَ جي، جنهن پنهنجي هٺ ۽ وڏائيءَ سبب سجدو تہ نہ ڪيو، الٽو ننوليءَ طور مٺيءَ منجهان هڪ مٺ ٻري پنهنجي پيشانيءَ کي لڳائيندي چيائين. "منهنجي لاءِ ايترو ڪافي آهي". خدا تعاليٰ جي قدرت اهڙي ٿي جو جن بہ مشرڪن سجدو ڪيو، تن سڀني کي مولا سائينءَ پنهنجي مهربانيءَ سان اسلام قبول ڪرڻ جي توفيق بخشي، سواءِ "اُمَيَّہ بن خَلَف" جي، جيڪو مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجي ڪفر تي قائم رهيو، ۽ ان حالت ۾ ئي بدر واريءَ لڙائيءَ دوران ڪيس قتل ڪيو ويو. (٣) خدا تعاليٰ هرڪ کي ان حالت کان پنهنجي پناهہ ۾ رکي. صحيح بخاري وغيره ۾ اهو واقعو نقل ڪيو ويو آهي. (۴)

---

(The new Encyclopedia Britannica Volume 4 page 579/582)

(دائرة المعارف اردو ج ٧ ص ٨٧١-٨٦٦) .

("ملت اسلاميہ ڪِي مختصر تاريخ" ثروت صولت ج ٢ ص ١٢٥) .

(١) "دلائل النبوة بيهقي جلد ٢ ص ٢٩٧ - زادالمعاد ابن قيم ج ١ ص٩٧ .

(٢) سيرة ابن هشام ج ١ ص ٣۴۴/٣۵، شرح مواهب زرقاني جلد ١ ص ٢٧٠/٧١ .

(٣) امير بن خلف کي بدر جي لڙائي ۾ حضرت خبيب رضہ يا حضرت بلال رضہ مان ڪنهن هڪ قتل ڪيو هو. (سيرت ابن هشام ج ١ ص ١٢۴) .

(۴) صحيح بخاري ج ٢ ص ٧٢١ .



Marfat.com

پريل اوجھري آٿي پاڻ ڪريمن ﷺ جي پني مبارڪ مٿان رکيائين. سيده فَاطِمَہ رضہ کي جڏھن ان واقعي جي پروڙ پيئي تڏھن ھوءَ مسجد ۾ ھلي آئي ۽ پنھنجي بابي سائينءَ ﷺ جي پني مبارڪ تان ان غلاظت کي ھٽايائين [1] ايتري ۾ حضرت اَبُوبَڪُر رضہ به اتي پھتو، ۽ انھن ڪافرن کي اھو ڪجھہ چيو جيڪو آل فرعون مان ھڪ مؤمن پنھنجي قوم وارن کي چيو ھو تہ:

اَتَـقۡتُـلُوۡنَ رَجُلًا اَنۡ يَّـقُوۡلَ رَبِّيَ اللّٰهُ وَقَدۡ جَآءَكُمۡ بِالۡـبَيِّـنٰتِ مِنۡ رَّبِّكُمۡ. [2]

"ڇا توھان ھڪ شخص کي ان لاءِ قتل ڪريو ٿا جو ھو چوي ٿو تہ منھنجو پالڻھار الله جل جلاله آھي ۽ ھو اوھان ڏانھن موڪليو ويو آھي چٽين نشانين سان اوھانجي رب طرفان."

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ انھن ڪافرن جا نالا کڻي ڪين پاراتو ڏنو ۽ بعد ۾ بدر واري لڙائيءَ ۾ اھي سمورا مسلمانن ھٿان قتل ٿيا، ۽ منجھائن ڪو بہ باقي نہ بچيو.

حضرت عبدالله بن مَسۡعُوۡد رضہ کان روايت آھي تہ مان "بَدُر" واري موقعي تي سندن مڙھ ھڪ کڏ ۾ پيل ڏٺا.

## حضرت سُمَيَّہ رضہ جي شھادت

* ھن سال سُميہَ بنت خُبَاط کي شھيد ڪيو ويو، جيڪا اَبُوۡ حُذَيۡفَہ بن مُغِيۡرَہ جي ٻانھي ۽ عَمَّار بن يَاسِر رضہ جي ماءُ ھئي. نبوت جي پھرين سال ئي اسلام قبول ڪيو ھئائين. جنھن جو ذڪر نبوت جي پھرين سال وارن واقعات ۾ ٿي گذريو آھي.

حق جي واٽ تان ھٽائڻ لاءِ ڪيس طرحين طرحين جون تڪليفون پھچايون ويون، پر سندس مضبوط ايمان ۾ ڪو لوڏو نہ آيو. آخر ھڪ ڏينھن ابوجھل ڪيس نيزو ھڻي شھيد ڪري ڇڏيو. اھڙي ريت ھن پيرسن عورت اسلام ۾ پھرين شھادت جو مرتبو ماڻيو. [3]

---

(١) سيده فاطمة الزهراء رضہ ان وقت اڃان ننڍي ھئي ۽ سندس ڄمار اٽڪل ڏھاڪو ورھيہ ھئي. ڇو جو ٻيبي سائڻ جي ولادت بعثت کان پنج ورھيہ اڳ ٿي ھئي.

(٢) پاره ٢٤، سورة المؤمن ٤٠، آيت ٢٨

(٣) "الاصابہ" ابن حجر عسقلاني ج ٤ ص ٣٣٤/٣٣٥، اسد الغابہ. ابن اثير ج ٥ ص ٤٨١، الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٤ ص ٤١٩.



Marfat.com

# فصل ڇهون

## سن ڇهين نبويءَ جا واقعات

### نبي ڪريم ﷺ جو "دارِ اَرقَم" ۾ اچڻ

* هن سال رسول الله ﷺ جن مشهور صحابي "اَرقَم بن اَبِي اَرقَم" رضہ جي گهر اچي ترسيا. (١) ان واقعي جو ذڪر "تذڪرة القاري بحل رجال البخاري" (٢) نالي ڪتاب ۾ موجود آهي. ان وقت مسلمان دار ارقم ۾ اندر نماز ادا ڪندا هئا ۽ اهو سلسلو تيسين جاري رهيو جيسين حضرت عمر بن خطاب رضہ اسلام قبول ڪيو. ان ڪانپوءِ مسلمان اتان ٻاهر نڪري بيت الله ۾ جماعت سان نماز پڙهڻ لڳا.

(١) حضرت ارقم بن ابي ارقم بن عبد مناف مخزوميءَ جو هي گهر "صفا جبل" جي ڪاٻي پاسي کان اٽڪل چاليهن ميٽرن جي فاصلي تي هو. هن گهر کي اسلام جي پهرين مرڪز جي حيثيت حاصل هئي. جتي مسلمان نہ رڳو ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ وٽان تعليم ۽ تربيت حاصل ڪندا هئا. پر پاڻ ۾ گڏجي نماز بہ ادا ڪندا هئا ۽ مستقبل جي منصوبن تي بہ غور ۽ ويچار ڪندا هئا. ڪيترين ئي محترم ۽ مانائتين هستين انهيءَ گهر ۾ اچي حق ۽ ايمان جي واٽ اختيار ڪرڻ جو اعلان ڪيو، جن مان "حضرت عمر فاروق رضہ" ۽ "حضرت حمزه رضہ" وغيره جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

سن ١٧١ هجريءَ ۾ خليفي هارون رشيد جي ماءُ "خيزران" هن جاءِ کي خريد ڪري اتي هڪ ننڍڙي مسجد جوڙائي جنهن جي ڊيگهہ اٽڪل ٢۴ فوٽ ۽ ويڪر ٢١ فوٽ هئي ۽ ان جو دروازو اوير طرف کان هو. ان ڪانپوءِ وقت بوقت ڪيترن ئي حاڪمن ۽ اميرن طرفان هن مسجد جي تعمير يا مرمت ٿيندي رهي، تانجو ١٣٧٥هجريءَ دوران سعودي حڪومت طرفان حرم شريف کي ڪشادو ۽ خوبصورت ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو. ان وقت هن مسجد کي ڊاهي اتي هڪ مارڪيٽ لاءِ ٽن منزلن جي عمارت تيار ڪئي ويئي ۽ ان جي پرسان هڪ الڳ جڳهہ جوڙي ان جي مٿان دروازي تي "دار ارقم" لکيو ويو ۽ اها جڳهہ ١٩٧٣ع تائين موجود هئي. ان ڪانپوءِ وري ٻيهر جڏهن روڊن کي ڪشادي ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو تہ پوءِ ڪجهہ بہ باقي نہ بچيو. اڄ نہ ان جاءِ تي "دار ارقم" آهي نہ "دار خيزران". انا لله و انا اليه راجعون.

("تاريخ القويم" علامہ محمد طاهر ڪردي مڪي جلد ٢ ص ٨٧-٨٥. سفر نامہ ارض القرآن. محمد عاصم ص ١٥١)

(٢) "تذڪرة القاري بحل رجال البخاري"، "اسماء الرجال" جي فن تي هڪ مستند ۽ معتبر ماخذ رهيو آهي، جيڪو سنڌ جي مشهور عالم، فقيه ۽ محدث حضرت علامہ عبدالرحمٰن نصرپوريءَ ٻارهين صدي هجريءَ ڌاري مرتب ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ گهڻي عرصي تائين هي ڪتاب حديث جي عالمن ۽ محققن جي مطالعي هيٺ رهيو.

تاريخ ۽ رجال جي سلسلي ۾ ان وقت جا عالم هن ڪتاب جا حوالا ابن حجر جي "الاصابہ" ۽ ابن اثير جي "اسدالغابہ" سان گڏ نقل ڪن ٿا. ان مان هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. اڳتي هلي مقامي ماڻهن جي غفلت ۽ بي پرواهيءَ سبب هي ڪتاب ضايع ٿي ويو. هن وقت سنڌ جي ڪنهن بہ مشهور ڪتبخاني ۾ هن ڪتاب جو نسخو موجود نہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن غير معروف ماڳ تي ڪو نسخو باقي بچيل هجي، ان لاءِ سنڌ واسين کي جستجو ۽ جاکوڙ ڪرڻ گهرجي تہ جيئن موجوده دور جا محقق ۽ عالم بہ هن ڪتاب مان مستفيض ٿي سگهن.

ذبہ الذبابات مخدوم عبداللطيف جلد ٢. "مقدمہ" امعان النظر حضرت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي.



Marfat.com

مکي ۾ حضرت ارقم رض جو اهو گهر مسجد حرام جي بلڪل ويجهو "صفا" جبل وٽ اڄان سوڌو موجود آهي. اڄڪلهه ان کي "دارِ خَيْزُرَان" سڏيو وڃي ٿو. ڇو جو "خَيْزُرَان" هن جاءِ کي نئين سر جوڙائي، اتي تبرڪ طور هڪ مسجد قائم ڪئي. "خيزران" مشهور عباسي خليفي هارون الرشيد جي ماءُ هئي ۽ سندس تعلق حبشي نسل سان هو. مون (ڪتاب جو مصنف) جڏهن ۱۱۳۵هه ڌاري حج بيت الله جي زيارت لاءِ اتي پهتس تڏهن "دار خَيْزُرَان" جي زيارت جو شرف حاصل ڪيم.

## حضرت حَمْزَه رض جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال حضرت حمزه بن عبدالمطلب اسلام قبول ڪيو. جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو چاچو هو. انهن ڏينهن ۾ رسول رحمت ﷺ جن حضرت اَرْقَم رض جي گهر ۾ ترسيل هئا. حضرت حَمْزَه رض جي مسلمان ٿيڻ بابت هڪ ٻيو قول به آهي، جنهن جو ذڪر سن ۲ نبويءَ جي واقعات ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

## حضرت عمر رض جو اسلام قبول ڪرڻ (۱)

* هن ئي سال حضرت حمزه رض جي مسلمان ٿيڻ کان ٽي ڏينهن پوءِ عمر بن خَطّاب رض به دار ارقم ۾ حاضر ٿي پاڻ ڪريم ﷺ جي آڏو اسلام قبول ڪيو.

---

(۱) سادگي، سچائي، جرئت، جانثاري، بهادري، بيباڪي، شجاعت ۽ شهامت جو پيڪر سيدنا عمر رض بن خطاب، اسلامي تاريخ جو هڪ اهڙو مثالي ۽ منفرد ڪردار آهي، جنهن جو جوڙ ۽ جيس سڄي انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

نسبي لحاظ کان حضرت عمر رضي الله عنه جو ناناڻو ۽ ڏاڏاڻو تعلق قريش جي ٻن مشهور قبيلن بنوعدي ۽ بنومخزوم وارن سان هو. سندس ڏاڏنگ جو سلسلو مؤرخن هن ريت نقل ڪيو آهي: عمر رض بن خطاب بن نفيل بن عبدالعزيٰ بن رياح بن عبدالله بن قُرط بن رزاح بن عدي بن ڪعب بن لوي قرشي عدوي، جڏهن ته سندس امڙ جو نالو حنتمه هو. جيڪا بنومخزوم وارن مان هئي. ڪن روايتن ۾ ڪيس ابوجهل بن هشام جي ڀيڻ ٻڌايو ويو آهي. جڏهن ته ڪجهه نسّاب ان روايت کي رد ڪندي ٻڌائين ٿا ته هوءَ هاشم بن مغيره جي نياڻي هئي، جنهن مطابق هوءَ ابوجهل جي ڀيڻ نه پر سؤٽ شمار ٿيندي.

حضرت عمر رض جي ڪنيت ابوحفص مشهور آهي. جنهن جي نسبت سندس پياري نياڻي حضرت حفصه رض ڏانهن آهي. جنهن کي اڳتي هلي الله تعاليٰ ام المؤمنين جو مرتبو عطا فرمايو. ان نسبت سبب حضرت عمر رض کي سيد ڪائنات ﷺ جن جو سهرو شمار ڪبو. جيڪو پڻ سندس لاءِ هڪ اعزاز آهي.

**ولادت ۽ ننڍپڻ**

هڪ مشهور روايت مطابق حضرت عمر رض سائين هاٿين واري واقعي کان تيرهن ورهيه پوءِ يعني هجرت نبوي ﷺ کان چاليهه ورهيه اڳ مکي ۾ ڄائو. جڏهن ته اسامه بن زيد رض جي روايت مطابق سندس ولادت حرب فجار کان چار ورهيه پوءِ ٿي. جڏهن هو ڪجهه سمجهه وارو ٿيو ته سندس بابي خطاب پنهنجي اٺن چارڻ جي ذميواري مٿس رکي. جو ته اهو ڪم ان دور ۾ وڏگهراڻن جا ٻيا ٻار به ڪندا هئا. پر قدرت واري ننڍڙي عمر جي طبيعت ۾ فطري طور اٺن چارڻ جو نه پر گهوڙن پالڻ جو شوق وديعت فرمايو هو ته جيئن اڳتي هلي هو انهن گهوڙن کي هٿيارن سان سينگاري جنگ جي ميدان ۾ اچي ۽ الله توڙي اسلام جي دشمنن جو هٺ ۽ تڪبر مٽيءَ ۾ ملائي. حضرت عمر رض جڏهن ننڍپڻ



Marfat.com

کان جواني ۾ پير پاتو تہ قد ڪاٺ، رنگ روپ توڙي شڪل شبيھ جي لحاظ کان سندس شخصيت سڀ کان نمايان ۽ پرڪشش نظر اچڻ لڳي. مضبوط ۽ پريل بُت، پورو رنگ، ڪاريون اکيون ۽ گھاٽن وارن سان گڏ ايترو تہ قدآور ٿيو جو جڏھن ھڪ جيڏن سان بيھندو ھو تہ اھي سندس ڪلھي تائين مس پھچندا ھئا.

مڪي اندر ان دور ۾ خوشحال گھراڻن جا نوجوان گھوڙي سواريءَ ۽ تيراندازيءَ سان گڏ پاڻ ۾ چنبا وڙھائڻ، ڪشتي ڪيڏڻ ۽ ٻيا اھڙا زورآزمائڻ جا مقابلا ڪندا ھئا. ان ڪري حضرت عمر رضہ بہ پنھنجي جوانيءَ ۾ انھن سيني ڪمن ۾ اھڙي تہ مھارت حاصل ڪئي جو ان دور جي نوجوانن منجھان ڪوبہ ساڻس برميچي نہ سگھندو ھو. قدرت حضرت عمر رضہ جي جسم ۾ طاقت جو اھڙو تہ توازن رکيو ھو جو ھُو اھي سمورا ڪم ساڳي توڙي کاٻي ٻنهي ھٿن سان ھڪ جھڙي مھارت سان ڪري سگھندو ھو. گھوڙي سواريءَ ۾ تہ ھن کي اھڙي مھارت حاصل ھئي جو ڪيترو بہ اڙڏو ۽ شوخ گھوڙو چونہ ھجي، پوءِ پلي ادو ھڪ ھنڌ بيٺل ھجي يا ڊوڙندو ھجي پر عمر ٽپ ڏيئي ان جي پٺيءَ تي چڙھي مٿس اھڙو تہ ڪنٽرول ڪندو ھو، جو مخالف بہ سندس تعريف ڪرڻ کان نہ رھي سگھندا ھئا. اھڙيءَ ريت عُڪاظ توڙي اھڙي قسم جي ٻين ميلن ۽ ملاکڙن ۾ ھو ھميشہ وقت جي مڃيل پھلوانن کي ڌَسي ميدان ماري موٽندو ھو.

مٿين ڪمن ڪانسواءِ ھن لکڻ پڙھڻ بہ سکيو ھو، جنھن ڪري جاھليت واري دور ۾ سندس شمار مڪي ۾ موجود اھڙن سترھن شخصن ۾ ٿيندو ھو، جيڪي لکڻ پڙھڻ ڄاڻندا ھئا. ان ڪانسواءِ بحث مباحثن توڙي تقرير جي فن ۾ بہ ھو پنھنجو مٽ پاڻ ھو. علم الانساب جي ميدان ۾ بہ سندس نالو نمايان ھو ۽ اھو علم ھن پنھنجي پيءُ خطاب کان حاصل ڪيو. انھن سيني خوبين سبب ان دور ۾ جڏھن بہ ڪنھن قبيلي سان جنگ يا امن بابت ڪا ڳالھہ ٻولھہ ڪرڻي ھوندي ھئي يا ڪنھن سان خانداني فخر ۽ فضيلت بابت ڪو بحث يا وري ڪنھن جي گھٽتائي يا ذلت ثابت ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي ھئي تہ مڪي وارن اھڙن سيني ڪمن واسطي ھميشہ لاءِ عمر رضہ جو ئي انتخاب ڪري ڇڏيو ھو.

اھو حضرت عمر رضہ جي قوه جوانيءَ وارو دور ھو، جڏھن مڪي جي مشرڪ معاشري ۾ پھريون ڀيرو لااله الا الله جي ڪفر ٽوڙ صدا جا آواز بلند ٿيا. اسلام جو اھو آفاقي پيغام ٻڌي ڪافرن جا سردار ۽ چڱا مڙس مچرجي پيا، ڇو تہ انھن آوازن جي زور سان کين پنھنجي عزت ۽ اقتدار جا ايوان لڏندا ۽ ڏڏندا نظر پئي آيا. جنھن ڪري ھو ان سچي دين جي پيروي ڪرڻ وارن مٿان طرحين طرحين جون جٺيون ۽ عقوبتون ڪرڻ لڳا. حضرت عمر رضہ فطري طور تہ ھڪ آزاد طبع شخص ھو، جنھن کي پنھنجي پھلوانيءَ وارن مشغلن کان علاوه ڪنھن ٻئي ڪم سان ڪا خاص دلچسپي نہ ھوندي ھئي، ايتريقدر جو ان دور جي مذھبي رسمن يا بت پرستي وغيره سان بہ سندس گھٽو لڳاءُ نظر نہ ٿو اچي، پر ان ھوندي بہ جنھن معاشري ۾ سندس زندگي جا ڏينھن راتيون گذري رھيا ھئا ان جا ٻَنا بنياد توحيد جي صدائن سان جھرندي ھن بہ محسوس ڪيا ھئا. ھوڏانھن وري يارن دوستن ۽ مٽن مائٽن بہ کيس اھا ڳالھہ ذھن ۾ پئي ويھاري تہ اھو نئون دين سندس ذاتي توڙي خانداني حيثيت کي بہ مٽائي ڇڏيندو، تنھنڪري انھن سان گڏجي عمر بہ آھستي آھستي مظلوم مسلمانن کي آزارڻ شروع ڪيو. ھن جي ڏاڍاين جو پھريون شڪار سندس ئي ڪٽنب جي ھڪ ٻانھي "لبينہ" ھئي، جنھن تي پھريون دفعو عمر رضہ ھٿ کنيو ۽ پوءِ انھيءَ ھٿ کي ڪوبہ روڪي نہ سگھيو، جنھن ڪري مسلمانن مٿان سندس ظلمن ۽ زيادتين جو سلسلو وڌندو رھيو. آخرڪار ھڪ ڏينھن اھڙو بہ آيو جو عمر رضہ ان دين جي باني کي ئي ختم ڪرڻ جو سوچيو ۽ پوءِ پنھنجي پروگرام جي پورائي لاءِ ھو ھٿ ۾ اگھاڙي تلوار کڻي گھران نڪتو. ان وقت سندس جوش ۽ جولان کي ڏسندي صاف ظاھر ٿي رھيو ھو تہ اڄ عمر رضہ ڪنھن اٽانگي ارادي سان نڪتل آھي.

آخرڪار ھڪ شخص ھمت ڪري ڪانئس پڇي ورتو: "اي عمر ڪھڙو ارادو اٿئي." جنھن تي عمر نھايت بي خوفيءَ سان ان شخص کي پنھنجي من جو مقصد کولي ٻڌايو. جنھن جي جواب ۾ ان شخص کيس ٽوڪيندي چيو تہ "عمر ان



Marfat.com

ارادي پوري ڪرڻ کان پهريان پنهنجي ڀيڻ جو گهر ته گهمي اچ. جيڪا پڻ ان نئين دين کي قبول ڪري چڪي آهي."

ان ڳالهه عمر جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. سندس جوش ۽ جنون اجان وڌي ويو. هاڻي هو سڌو پنهنجي ڀيڻ فاطمه بنت خطاب جي گهر آيو، جتي پهريون ڀيرو الاهي آيتن جو آواز سندس ڪنن تي پيو.

حضرت عمر رضہ عربي زبان ۽ ادب توڙي ان جي ٻين خوبين ۽ خصوصيتن کان ته ڀليءَ ڀت آگاهه هو. ان ڪري پهريون ڀيرو انهن آيتن جي تلاوت هن جي اندر ۾ اهڙي ته آنڌ مانڌ مچائي ڇڏي جو هو مجبور ٿي پيو ته اهو لکيل پيغام هٿن وٽان حاصل ڪري پوءِ پاڻ پڙهي ۽ جڏهن هن ائين ڪيو ته سندس عقل ۽ شعور شاهدي ڏني ته اهڙي فصاحت، بلاغت ۽ علمي توڙي معنوي خوبيون ڪنهن انساني ڪلام ۾ ممڪن ئي نه آهن، ان ڪري اهو بڪ ئي بڪ الاهي ڪلام آهي، جنهن سندس من جا مونجهارا ۽ اندر جا انڌيرا دور ڪري ان جي جاءِ تي ايمان جي اهڙي ته روشني پيدا ڪئي جنهن ۾ حق ۽ باطل جو فرق ڪيس صاف نظر اچڻ لڳو. بس پوءِ هو ڀيڻ جي گهران نڪتو ته ڪيس فقط هڪڙوئي رستو نظر آيو جتان هلي هو سڌو "دار ارقم" پهتو ۽ ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ آڏو پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيائين. اهو الله جي آفاقي ڪلام جو اثر هو جو هڪ گهڙيءَ اندر بنوعديءَ وارن جو هڪ هٺيلو ۽ جوشيلو جوان عمر مان ڦري فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه بڻجي پيو.

الاهي آيتن جو اهو اثر سڄي زندگي مٿس غالب رهيو. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت عمر رضہ مٿان ڪهڙي به ڪيفيت طاري هوندي هئي پر جڏهن سندس آڏو ڪلام الاهي جي تلاوت ٿيندي هئي ته هن جي طبيعت ۾ آرام ۽ قرار اچي ويندو هو.

جنهن دور ۾ حضرت عمر رضہ ايمان قبول ڪيو ان دور ۾ مسلمانن جي مختصر جماعت ظاهري لحاظ کان گهڻي ڪمزور هئي ۽ منجهانئن ڪيترا ته ڪافرن جي ظلم ۽ زيادتين سبب پنهنجي دين جو اظهار به وڏي وات نه ڪري سگهندا هئا. پر عمر رضہ جي طبيعت جو انداز ٻين کان نرالو هو. هن پنهنجي اسلام کي لڪائڻ بدران ظاهر ڪرڻ کي ترجيح ڏني. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ هو سڀ کان پهريان ابوجهل جي در تي پهتو. عمر رضہ جي سڏ تي هو جڏهن ٻاهر آيو ته عمر رضہ ڪيس پنهنجي اسلام جو احوال ٻڌايو. جنهن کي ٻڌي هن جا ته ڇپ ئي ٽري ويا. اهڙيءَ ريت هر گهر ۽ گهٽيءَ تائين هن پنهنجي ايمان جو احوال پهچايو. جنهن کانپوءِ سندس ئي صلاح سان مسلمانن پهريون ڀيرو دار ارقم کان ٻاهر نڪري ڪعبة الله ۾ اچي نماز ادا ڪئي، جنهن کي ڪافر اکيون ڦاڙي ڏسندا رهيا پر عمر رضہ جي هوندي هو ڪجهه ڪرڻ يا چوڻ جي سگهه ساري نه سگهيا. حضرت عمر رضہ جي ايمان جو اثر اهو به ٿيو ته ان ڏينهن کانپوءِ سندس ڪٽنب جو ڪو ڪافر فرد به ڪڏهن مسلمانن سان مقابلي ۾ نه آيو.

**حضرت عمر رضہ ۽ قرآن**

جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته عمر رضہ کي قرآن سان بي حد لڳاءُ هيو ۽ قرآن جي اثر سبب ئي هن دين جو دڳ ڏٺو هو. ان ڪري قرآن جي تلاوت ۽ ان جي آيتن تي غور و فڪر ۾ سندس گهڻو وقت گذرندو هو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت دوران جنگ يمامه توڙي ٻين لڙاين ۾ قرآن جا ڪيترائي قاري ۽ حافظ شهيد ٿيا. جنهن ڳالهه حضرت عمر رضہ کي گهڻو صدمو رسايو. ان ڪري هن صديق اڪبر رضہ کي مشورو ڏنو ته هاڻي الله جي ڪلام کي سينن سان گڏ سفينن ۾ به محفوظ ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان صلاح تي عمل ڪندي حضرت صديق رضہ سائينءَ جن ڪاتب وحي حضرت زيد بن ثابت رضہ جي اڳواڻيءَ هيٺ اها ڪاميٽي جوڙي جنهن جي نگرانيءَ ۾ ڪلام الاهيءَ جو پهريون نسخو تيار ٿيو، جنهن کي سرڪاري نسخو شمار ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ جڏهن به جنهن ماڻهوءَ کي ڪلي يا جزوي طور قرآن نقل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي ته هو انهيءَ نسخي تان ئي نقل ڪندو هو.



Marfat.com

**هجرت**

مشهور مؤرخ ۽ محدث علامہ ابن الاثير پنهنجي مشهور ڪتاب اسدالغابه ۾ حضرت علي رضہ بن ابوطالب جي هڪ روايت مڪمل سَندَ سان نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ، "مڪي جي سيني مؤمنن پنهنجي هجرت جي احوال کي مخفي رکيو سواءِ حضرت عمر رضہ بن خطاب جي، جو تہ جڏهن هن مديني ڏانهن هجرت جي سفر جو سانباهو ڪيو تڏهن ڪيس ڳلي ۾ تلوار، ڪلهي ۾ ڪمان، هٿ ۾ ڪجهہ تير ۽ چيلهہ سان هڪ ڏنڊو ٻڌل هو. جنهن جي منهن ۾ تير وانگر نوڪ هئي ۽ پوءِ ان حالت ۾ هو ڪعبة الله ۾ آيو. جتي مشرڪن جي محفل متل هئي. عمر رضہ سائين نهايت اطمينان سان ڪعبة الله جي چوڌاري ست ڦيرا ڏنا. جنهن کانپوءِ "مقام ابراهيم" آڏو نهايت عاجزيءَ سان نفل ادا ڪيائين. ۽ پوءِ اتي ويٺل ڪافرن ڏانهن وڌيوءِ ڪين هن ريت مخاطب ٿيو: "الله تعاليٰ توهانکي خوار خراب ڪري ۽ اوهانکي شڪست ۽ ذلت نصيب ٿئي، اوهان منجهان جيڪو چاهي ٿو تہ سندس ماءُ مٿس ماتم ڪري، ٻار يتيم ٿين، گهرواري رن زال ٿئي تہ اهو هن واديءَ جي پٺيان مون ساڻ هٿ ڳنڍي ڏسي، جو تہ مان مديني وڃي رهيو آهيان."

هجرت کانپوءِ مديني ۾ بہ سيدنا عمر فاروق رضہ جون خدمتون اسلام لاءِ اهڙيون ئي ڪارائتيون رهيون جيتريون مڪي ۾.سندس ايماني جرئت، حق گوئي، اصول پرستي ۽ انصاف ڀريل مشورن جو ڪائنات جا ڪارڻي ﷺ جن گهڻو قدر ڪندا هئا. نہ فقط ايترو پر ڪيترن ئي موقعن تي الله تعاليٰ طرفان وحيءَ ذريعي بہ حضرت عمر رضہ جي مفيد مشورن جي تائيد ۽ توثيق ڪئي ويئي، جنهن ڪري ئي پاڻ ڪريمن ﷺ جن هڪ موقعي تي فرمايو: "مون کانپوءِ جيڪڏهن ڪو نبي اچي ها تہ اهو عمر رضہ هجي ها." بهرحال مديني ۾ قيام دوران سمورو عرصو هو پاڻ سڳورن ﷺ جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو. بدر کان تبوڪ تائين هر معرڪي ۾ سندس جاني توڙي مالي خدمتون وسرڻ جوڳيون نہ آهن. مٿين موقعن تي حضرت عمر رضہ دين جي وڏن مغرور ۽ هٺيلن دشمنن کي دوزخ جي در تائين پڄايو. ان سان گڏ بيعت رضوان، حديبيہ وارو ٺاہ يا ٻين اهڙن ئي موقعن تي بہ هن پاڻ ملهايو.

**خلافت**

حضرت ابوبڪر رضہ جي وفات کانپوءِ عمر رضہ سائين کي مسلمانن جو ٻيو خليفو چونڊيو ويو، جو تہ سيدنا صديق رضہ پنهنجي زندگيءَ ۾ اهو نالو تجويز ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري حضرت ابوبڪر رضہ جي وفات کانپوءِ مهاجر انصار جن ۾ اصحاب توڙي اهلبيت ٻئي شامل هئا. نهايت خوشدليءَ سان حضرت عمر رضہ جي بيعت ڪئي. اها خلافت ڏهن ورهين کان بہ وڌيڪ عرصي تائين قائم رهي. يعني ٢۴ جمادي الآخر ١٣ هجري کان ٢٦ ذوالحج ٢٣ هجري بمطابق ٢٣/٨/٦٣۴ کان نومبر ٦۴۴ع تائين.ان سموري عرصي ۾ حضرت عمر رضہ رڳو اسلامي تاريخ ۾ نہ پر انساني تاريخ اندر حڪمرانيءَ جو اهڙو انداز متعارف ڪرايو، جنهن کي دوستن تہ ڇا پر سندس دشمن بہ ساراهيو آهي، سيدنا فاروق رضہ جي خلافت جڏهن قائم ٿي تہ ان دور ۾ اسلام جي اپرنڌ سلطنت جي ٻن پاسن کان دنيا جون ٻہ اهڙيون عظيم سلطنتون (سپر پاور) قائم هيون، جيڪي پنهنجي بي حساب قوت، وسائل جي ڪثرت، علمي ۽ فني مهارت سبب دنيا جي ٻين سلطنتن کي پنهنجي مقابلي ۾ هيچ ۽ نيچ سمجهنديون هيون. مسلمانن سان هنن جي هٿ چراند تہ حضرت ابوبڪر رضہ جي خلافت دوران ئي شروع ٿي چڪي هئي ۽ اجنادين جي جنگ ۾ مسلمانن رومين تي سوڀ حاصل ڪري مٿن پنهنجي سرسي بہ ثابت ڪئي هئي پر پوءِ خليفہ اول جي وفات سبب اهو سلسلو اتي ئي بيهجي ويو.

حضرت عمر رضہ بہ پنهنجي خلافت دوران الله جي دين جو پيغام انهن جابر ۽ ظالم حاڪمن ڏانهن پهچائڻ جو سلسلو وري شروع ڪيو. وسائل جي گهٽتائي باوجود پنهنجي ايماني قوت جي زور سان فاروقي خلافت جي ڏهن سالن اندر مسلمانن عظيم الشان رومي سلطنت ۽ قديم ترين ساساني سلطنت جا بنياد لوڏي ڇڏيا. ساسانين جا شهر



Marfat.com

طبرستان، اصفهان، خراسان، ڪرمان، سيستان، آذربائيجان، ري، قزوين بلڪ مڪران تائين، جڏهن تہ رومي سلطنت مان شام، فلسطين، اردن، قاهره ۽ طرابلس تائين اتان جا ماڻهو توحيد جي تنوار ٻڌڻ لڳا. هاڻي قيصر ۽ ڪسري جي جابرانہ شهنشاهيت جي جاءِ تي هڪڙي الله لاشريڪ جي حاڪميت قائم ٿي رهي هئي.

اها بہ فاروقي دور جي برڪت ڇنجي جو ايران جا آتش ڪده هميشہ لاءِ اجهامي ويا ۽ انهن جي جاءِ تي مسجدن جا بنياد رکيا ويا. جن جي مينارن تان پنج وقت روزانہ الله اڪبر جون صدائون ٻڌڻ ۾ پئي آيون. جيتوڻيڪ ان فتح جي تڪميل عثماني دور حڪومت ۾ ٿي پر ان جو آغاز فاروقي خلافت ۾ ٿي ٿيو هو. جو تہ ان دور ۾ اسلامي حڪومت ٢٢ لک چورس ميلن کان وڌيڪ علائقي تي قائم ٿي چڪي هئي. جتان جو انتظام مثالي هو. اها حڪومت هر شخص کي عدل انصاف، عزت امن ۽ روزگار مهيا ڪرڻ لاءِ پابند هئي. هر ذميءَ کي بہ مذهبي آزادي هئي ان کان علاوه مرڪزي بيت المال جو بنياد رکجي چڪو هو جتي سرڪاري ڍل، جزيہ، خيرات، زڪواة، صدقات ۽ غنيمت وغيره جو مال جمع ڪيو ويندو هو. جتان پوءِ انصاف ۽ ايمانداري سان هرهڪ مستحق تائين ان جو حق پهچايو ويندو هو. حضرت عمر رضہ سائين کي نبي ڪريم ﷺ جن جي اهلبيت سان بي پناه محبت ۽ عقيدت هوندي هئي. ان ڪري بيت المال قائم ٿيڻ کانپوءِ مردن ۾ سڀ کان وڌيڪ وظيفو حضرت عبدالله بن عباس رضہ جو مقرر ڪيو ويو. جڏهن تہ عورتن ۾ وري امهات المؤمنين جو حصو ٻين سيني کان وڌيڪ هو. مردن ۾ بدري صحابين جو وظيفو سڀ کان گهٽو مقرر ڪيو ويو ۽ اوتروئي وظيفو امام حسن رضہ سائين ۽ حسين رضہ سائين کي ملندو هو. جيتوڻيڪ ان وقت تائين هو اجان ننڍا هئا ۽ جهاد ۾ بہ ڪو حصو نہ ورتو هئائون. حضرت عمر رضہ غلامن ۽ غير مسلمن جي حقن جو خاص خيال رکندو هو. شام جو مشهور عيسائي پروفيسر شڪري قروابي پنهنجي هڪ مقالي ۾ ڄاڻايو آهي تہ ان دور ۾ جڏهن مسلمانن جي آباديءَ ۾ اضافو ٿيو تہ انهن پنهنجي علائقي ۾ هڪ مسجد جوڙائڻ جو پروگرام رٿيو. ان مقصد لاءِ پنهنجي علائقي جي مرڪز ۾ هنن جنهن پلاٽ جي چونڊ ڪئي ان جو مالڪ هڪ يهودي هو. مسلمانن ان کان زمين خريد ڪرڻ جي گهر ڪئي پر يهودي زمين ڏيڻ کان نابري واري بيٺو. آخرڪار مسلمانن ان پلاٽ تي مسجد ٺاهي ڇڏي. يهودي ان ڏاڍائيءَ خلاف حضرت عمر رضہ جي دربار ۾ داتهين ٿيو. جنهن جاچ ڪرائڻ کانپوءِ يهوديءَ جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ سرڪاري حڪم سان ان مسجد کي ڪيرائي پٽ ڪري اهو پٽ سندس مالڪ کي واپس ڏنو ويو ۽ پوءِ يهوديءَ اتي هڪ جاءِ جوڙائي جنهن جي مٿان "بيت اليهود" لکرائي ڇڏيائين. سن ١٩٢٣ع دوران پروفيسر شڪري پنهنجي مقالي ۾ ڄاڻايو آهي تہ اهو "بيت اليهود" اڄ تائين قائم آهي.

حضرت عمر رضہ پنهنجي دور خلافت ۾ اهڙا محڪم قائم ڪيا. جن جو وجود ان کان اڳ ڪٿي بہ نظر نہ ٿو اچي ۽ اڳتي هلي سڄي دنيا جي حاڪمن پنهنجي علائقي ۾ سيدنا عمر رضہ جي پيروي ڪندي اهڙا کاتا کولايا.

ماڻهن جي ديني توڙي دنيوي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ آدمشماريءَ جو کاتو قائم ڪيو ويو. جانورن مٿان بي رحميءَ کي روڪڻ لاءِ بہ هڪ کاتي جو بنياد رکيو ويو.

حضرت عمر رضہ پهريون پيرو فوجين لاءِ پگهار مقرر ڪئي. اهڙيءَ ريت سڪا جاري ڪرڻ، رستا ۽ پليون جوڙڻ، نوان شهر ۽ ڇاوڻيون قائم ڪرڻ، مسلمانن توڙي ذمين لاءِ عبادت گاهہ ٺهرائڻ سان گڏ مسلمانن جي آبادي وڌڻ سبب سندس دور ۾ حرمين شريفين جي بہ توسيع ڪئي وئي.

حضرت عمر رضہ پنهنجي دور ۾ پهريون دفعو ڏوهين لاءِ جيل ٺهرايا. سڀ کان پهريون جيل مڪي شريف ۾ ٺهرايو ويو. ان مقصد لاءِ صفوان بن اميہ کان جاءِ خريد ڪئي وئي. جڏهن تہ هن کان اڳ عرب ۾ ڪو جيل خانو موجود نہ هو. ان کانسواءِ سرڪاري عملدارن جي مال ملڪيت ۽ فرائض جي ادائيگيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ احتساب جو



Marfat.com

ڪاتو قائم ڪيو ويو.

تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ ٻارن لاءِ مڪتب ۽ مدرسا قائم ڪرڻ سان گڏ بالغن جي تعليم لاءِ وري الڳ ادارا قائم ڪيا ويا. جنهن ڪري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ عوام ۾ چاهه پيدا ٿيو ۽ تعليم يافته ماڻهن جو انگ وڌيو.

مصر جي فتح ڪانپوءِ هزارين رومي، قبطي گرفتار ٿيا. هن موقعي تي سيدنا فاروق رضہ ٽان جي گورنر عمرو بن العاص رضہ کي تاڪيد ڪئي ته انهن منجهان هرهڪ سان ظلم ۽ ڏاڍ وارو نه پر عدل ۽ انصاف وارو برتاءُ ڪيو وڃي. نه ڪنهن قيديءَ کي زوريءَ مسلمان ڪيو وڃي ۽ نه ئي ڪنهن جي ڳچي ۾ غلاميءَ جو طوق وڌو وڃي. اوهان سندن آڏو دين جي دعوت پيش ڪريو پوءِ جيڪو اها قبول ڪري ته ڪيس اهي سمورا حق حاصل هجڻ ڪپن جيڪي قديم مسلمانن کي مليل آهن. باقي جيڪو پنهنجي اباڻي دين تي قائم رهي ته ان کان جزيه وصول ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ اسلامي رياست مٿان ائين ئي لازم آهي جيئن عام مسلمانن جي. ان ڪانسواءِ خليفي اهو به حڪم ڏنو ته ڪنهن به شخص کان ان جي زمين نه کسي وڃي. ايتريقدر جو زبردستيءَ ڪنهن مقامي هاريءَ کان زوريءَ زمين خريد به نه ڪئي وڃي. انهن ڳالهين عوام جي دل تي گهڻو اثر ڪيو ۽ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان دين جي دائري ۾ داخل ٿيندا ويا.

### شهادت

هجرت نبوي ﷺ جي ٽيويهين سال ذوالحج جي چوويهين تاريخ صبح ويل حضرت عمر سائين رضہ فجر جي امامت لاءِ مسجد نبوي ﷺ ۾ آيو ۽ جڏهن محراب ۾ بيٺو ته اقامت جو آواز بلند ٿيو ۽ پوءِ اڃان اقامت مڪمل ئي مس ٿي ته مشهور صحابي حضرت مغيره بن شعبہ رضہ جو نوجوان ايراني غلام ابولؤلؤ فيروز صفن مان ڏوڪيندو اچي مصلي تائين پهتو ۽ نماز جي نيت ڪرڻ وقت خليفي جي مٿان جنوني ڪيفيت ۾ هڪ ٻئي پنيان ڇهه وار ڪيائين. جن مان هڪ وار دن جي هيٺان هو. جنهن سندس آنڊا ڪپي وڌا. حضرت عمر رضہ نهايت ذميواريءَ سان حضرت عبدالرحمان ابن عوف رضہ کي هٿ کان جهلي امامت لاءِ اڳتي وڌايو ۽ پاڻ مسجد جي فرش تي ڪري پيو.

قاتل وري ڪليل خنجر هٿ ۾ کڻي پويان پير ڪيا ۽ جنهن به ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان کي به خنجر وهائي ڪڍيائين. اهڙي ريت هن ملعون هٿان تيرهن مؤمن زخمي ٿيا. جن مان نون شهادت ماڻي. پوءِ آخري صفن مان هڪ ماڻهوءَ پنهنجي چادر قاتل جي منهن تي وجهي ڪيس جهلي ورتو. جنهن تي هن خبيث پنهنجي ئي خنجر سان پنهنجو انت آڻي ڇڏيو.

هوش ۾ اچڻ ڪانپوءِ اميرالمؤمنين قاتل جو نالو پڇيو ته ڪيس ٻڌايو ويو ته اهو ابولؤلؤ فيروز هو. جنهن تي خليفي اطمينان جو اظهار ڪيو ته سندس قتل جو بار ڪنهن مسلمان مٿان نه پيو.

بعد ۾ معلوم ٿيو ته هن سازش ۾ ابولؤلؤ اڪيلو نه پر ساڻس گڏ سندس پيا پ هموطن هرمزان ۽ جفينه به گڏ هئا. جن وٽان ڪيس اهو خنجر مليو هو.

جديد دور جي مؤرخن ۽ محققن مان محمد حسين هيڪل ۽ عباس محمود العقاد وغيره جي تحقيق مطابق اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته اميرالمؤمنين سيدنا عمر فاروق رضہ جي شهادت جو سبب فيروز جي ڪا ذاتي دشمني نه هئي پر اها شهادت ايران جي انهن مشرڪن ۽ مجوسين جي مشترڪ سازش هئي، جن مسلمانن سان منهن ڏيڻ بدران اسلام جو ظاهري رنگ اختيار ڪيو هو ته جيئن هو مسلمانن جي صفن ۾ شامل رهن ۽ پوءِ جڏهن به کين ڪو موقعو ملي وڃي ته اسلام جي اپرندڙ قوت تي ڀرپور وار ڪن ۽ پوءِ هنن ائين ڪري ڏيکاريو.

جرير بن معاويہ جي روايت مطابق شهادت وقت اميرالمؤمنين رضہ جي عمر ٽيهٺ ورهيه هئي. اهڙيءَ ريت ڪجهه



Marfat.com

لَـمَّا دَعَتْ رَبَّـهَا ذَا الْعَرْشِ جَاهِدَةً    وَالدَّمْعُ مِنْ عَيْنِهَا عَجْلَانَ يَبْتَدِرُ

جڏهن هن پڪاريو پنهنجي آسمان واري رب کي تہ سندس اکيون لڳاتار ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون.

اَيْقَنْتُ اَنَّ الَّذِيْ تَدْعُوْهُ خَالِقُهَا    فَكَادَ يَسْبِقُنِيْ مِنْ عَبْرَةٍ دُرَرٌ

کيس يقين هو تہ هوءَ جنهن کي سڏي رهي آهي اهوئي سندس خالق آهي. پوءِ منهنجي اکين مان بہ ڳوڙهن جا موتي ڪرڻ لڳا.

فَقُلْتُ اَشْهَدُ اَنَّ اللهَ خَالِقُنَا    وَاَنَّ اَحْمَدَ فِينَا الْيَوْمَ مُشْتَهَرٌ

پوءِ مون چيو: "مان شاهدي ڏيان ٿو تہ الله ئي اسانجو خالق آهي ۽ احمد ﷺ اڄ اسان ۾ ظاهر ٿيو آهي."

نَبِيُّ صِدْقٍ اَتَىٰ بِالْحَقِّ مِنْ ثِقَةٍ    وَافِي الْاَمَانَةِ مَافِيْ عَوْدِهِ خَوَرٌ

سچي نبيءَ جي حيثيت ۾ اوهان حق آندو آهي. (جبرائيل کان مليل) جيڪو امانتدار آهي ۽ ان جي باربار اچڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نہ آهي.

حضرت عمر رضہ جي مسلمان ٿيڻ سان اسلام کي نئون اوج نصيب ٿيو. مسلمان خوشيءَ وچان گد گد ٿيڻ لڳا ۽ هنن هاڻي ماڻهن کي اسلام جي ظاهر ظهور دعوت ڏيڻ شروع ڪئي.

حضرت عمر رضہ جڏهن مکي جي بازارين مان پئي لنگهيو تہ سندس هٿ ۾ اگهاڙي تلوار ۽ زبان تي لاالہَ الاالله محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جو ورد هو. هو ڪافرن کي وڏي واڪي چئي رهيو هو: "اڄ جيڪو بہ پنهنجي جاءِ تان چرندو تہ ان جو حساب منهنجي هن تلوار سان ٿيندو." (١)

## حضرت عَبْدُالله بن عُمَر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال عَبْدُالله بن عُمَر رضہ بہ پنهنجي پيءُ سان گڏ اسلام قبول ڪيو. ان واقعي جو ذڪر علامہ عامري (٢) پنهنجي ڪتاب "رياض المستطابہ" ۾ ڪيو آهي. (٣) "تذڪرة القاري" جو مصنف بہ ان

(١) حضرت عمر رضہ جي اسلام قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن ڪتاب جي مصنف علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه ڪجهہ ٻيا واقعا بہ بيان ڪيا آهن.

طوالت کان بچڻ لاءِ مون صرف ان هڪڙي واقعي جو ترجمو ڪيو آهي. (مترجم)

(٢) نائين صدي هجري جو مشهور عالم، محدث ۽ طبيب يحيٰي بن ابي بڪر بن محمد بن يحيٰ عامري حرضي ٨١٦ هجري بمطابق ١٤١٣ع ڌاري يمن جي شهر "حَرَض" ۾ ڄائو. حديث جي فن ۾ ڪيس وقت جو امام مڃيو ويو آهي. سيرت، تاريخ ۽ طب ۾ ڪافي ڪتاب لکيائين، جن مان "الرياض المستطابہ في معرفة من روي الصحيحين من الصحابہ" ۽ "بهجة المحافل في تلخيص المعجزات والسير والشمائل" وڏيڪ مشهور آهن. ٨٩٣ هجري بمطابق ١٤٨٨ع ڌاري حَرَض ۾ ئي وفات ڪيائين ۽ اتي ئي کيس دفنايو ويو.

"الاعلام" خيرالدين "زِرِڪلي" ج ٨ ص ١٣٩. معجم المؤلفين عمر رضا ج ١٢ ص ١٨٧. بهجة المحافل "علامہ عامري" مقدمہ ج١ ص ٥.

(٣) الرياض المستطابہ "علامہ عامري" ص ١٩٦.



Marfat.com

ڏس ۾ ساڳي راءِ رکي ٿو، تہ حضرت عبدالله بن عمر رضہ ننڍپڻ ۾ ئي پنھنجي بابي سائينءَ سان گڏ اسلام قبول ڪيو. ھو حضرت عبدالله بن عمر رضہ جو پنھنجي پيءُ کان اڳ مسلمان ٿيڻ واري روايت کي صحيح نٿا سمجھن.

## حضرت اُمُّ الخير رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* ھن سال اُمُّ الخير سَلْميٰ (١) بنت صَخْر قُرَشيہ، تيميہ رضہ بہ دار ارقم ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو. ھيءَ بيبي سڳوري حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي امڙ ھئي.

---

(١) حضرت ام الخير جو شمار دنيا جي انھن خوش نصيب ۽ عظيم عورتن ۾ ٿيندو آھي، جن تاريخ ساز شخصيتن کي جنم ڏئي عالم انسانيت تي وڏا احسان ڪيا. عام روايتن موجب تہ سندس نالو سلميٰ ۽ ڪنيت ام الخير ٻڌائي ويئي آھي. جڏھن تہ ابن داب جي روايت مطابق ھن بيبي سڳوريءَ جو نالو ئي "ام الخير" آھي، والله اعلم.

نسبي لحاظ کان ھن جو تعلق بنو تيم وارن سان ھو ۽ سندس پيءُ جو نالو صخر بن عامر بن ڪعب آھي. جنھن پنھنجي ھن نياڻيءَ جي شادي پنھنجي سوٽ جي پٽ ابوقحافہ عثمان بن عامر بن عمرو بن ڪعب سان ڪرائي، جنھن مان ڪيس حضرت ابوبڪر صديق رضہ جھڙو پٽ ڄائو، جنھن کي امت جي افضل ترين شخص ھجڻ جو اعزاز حاصل آھي.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ دين جي دعوت ۽ تبليغ جو ڪم نھايت جانفشانيءَ سان شروع ڪيو ۽ سندس ئي ڪوشش سان الله تعاليٰ پنھنجي ڪيترن ئي ٻانھن کي دين جي دولت سان مالامال ڪري ڇڏيو. پر سيدنا صديق رضہ کي ان ڳالھہ جو ڏاڍو ملال رھيو تہ سندس ابو ۽ امڙ اڃان ان دين کان پاسيرا پيئي رھيا.

سيدہ عائشہ رضہ جي ھڪ روايت مطابق تہ دين جي دعوت قبول ڪرڻ کانپوءِ ٻھريون دفعو پياري پيغمبر ﷺ جن سان گڏ حضرت صديق رضہ ڪعبت الله ۾ ويو ۽ اتي بيھي ماڻھن کي الله ۽ الله جي سچي رسول ﷺ جي آندل دين ڏانھن سڏي رھيو ھو، تہ اتي ويٺل مشرڪ ان ڳالھہ تي مچرجي پيا ۽ ھنن حضرت ابوبڪر رضہ مٿان حملو ڪري ڪيس رتورت ڪري ڇڏيو. جنھن ڪري ھو بيھوش ٿي ڪري پيو ۽ پوءِ ان حالت ۾ سندس مائٽ کڻي گھر پھچائي آيس. جتي ھو شام تائين ان حالت ۾ رھيو. پوءِ جڏھن ھوش ۾ آيو تہ ٻھريائين پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خيريت بابت پڇڻ لڳو. جنھن تي سندس والدين ۽ سيني مائٽن کي مَنيان لڳي تہ ھو وري بہ ان ئي شخص جو فڪر ٿو ڪري، جنھن جي ڪري سندس ھيءَ حالت ڪئي ويئي آھي. پر ھو لڳاتار پاڻ سڳورن ﷺ جي باري ۾ پڇندو رھيو. پر سندس گھروارا تہ ان ڳالھہ کان بي خبر ھئا سو ھو ڪيس ڪابہ دلجاءِ نہ ڏيئي سگھيا. جنھن کانپوءِ ھن خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ پنھنجي امڙ ام الخير کي فاطمہ بنت خطاب ڏانھن اماڻيو. جيتوڻيڪ ام الخير ان وقت تائين پنھنجي اباڻي دين تي ئي قائم ھئي، پر پٽ جي حالت ڏسي ھوءَ فاطمہ بنت خطاب جي گھر آئي. فاطمہ حضرت ابوبڪر جو احوال ٻڌي ڪانئس پڇڻ لاءِ وٽس پھچي ويئي. ۽ ابوبڪر کي دلجاءِ ڏنائين تہ سرور ڪائنات ﷺ جن ڏانھن خير آھي ۽ ھو دار ارقم ۾ موجود آھن. جنھن تي ابوبڪر صديق فرمايو تہ ھو پاڻ اتي پھچي جيستائين پنھنجي اکين سان ڪين نہ ڏسندو تيستائين ھو نہ کائيندو ۽ نہ پيئندو. پٽ جو اھڙو حال ڏسي ام الخير حضرت فاطمہ سان گڏجي حضرت ابوبڪر صديق کي ارقم جي گھر تائين پھچايو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن سيدنا صديق کي ھن حالت ۾ ڏسي اڳتي وڌيا ۽ ٻاڪر پائي سندن پيشانيءَ تي چمي ڏنائون ۽ هلندڙ



Marfat.com

## اِيَاس رضہ بن بُڪَيُر جو احوال

* هن سال اِيَاس بن بُڪَيُر بن عَبْد يَالِيْل بن نَاشِب ڪناني لَيْثِي بہ دَارِ اَرْقم ۾ حاضر ٿي، نبي ڪريم ﷺ آڏو اسلام قبول ڪيو. جيڪو بنو عدي بن ڪعب بن لُوَيّ وارن جو حليف هو. بَدر، اُحُد، خَنْدق ۽ ٻين سڀني غَزوَات ۾ سچي سرور ﷺ سان گڏ ڀهرو ورتائين. بَدْر جي جنگ ۾ اِيَاس رضہ ڪانسواءِ سندس ٽي سڳا ڀائر عَامِر، عَاقِل، خَالِد ۽ سندس ٽي ماٽيلا ڀائر مُعَوِّذ، مُعَاذ ۽ عَوْف پڻ شريڪ رهيا. هي ست ئي ڀائر مشهور صحابيہ عَفْرَاء بنت عُبَيْد بن ثَعْلَبَہ اَنْصَارِيَّہ نَجَّارِيَّہ جا پٽ هئا. عَفْرَاء رضہ جو پهريون نڪاح حَارِث بن رِفاعَہ اَنْصَارِي خَزرَجِيءَ سان ٿيو. جنهن مان ڪيس مُعَاذ، مُعَوِّذ ۽ عَوْف نالي ٽي پٽ ڄاوا. حَارِث جي وفات ڪانپوءِ "عَفْرَاء" بُڪَيُر بن عَبْد يَالِيْل لَيْثِي سان نڪاح ڪيو. ان گهر مان ڪيس اِيَاس، خَالِد، عَاقِل، ۽ عَامِر نالي چار پٽ ٿيا، پوءِ اڳتي هلي اهي ست ئي ڀائر "بَنُـو عَفْرَاء" جي نالي سان سڏجڻ لڳا. ۽ سڀني کي "غزوه بَدْر" ۾ شريڪ ٿيڻ جو اعزاز حاصل آهي.

"زرقاني" پنهنجي ڪتاب "شرح مَوَاهِبِ لدنيہ" ۾ حافظ ابن حجر جي حوالي سان لکيو آهي تہ اهو "بَنُو عَفْرَاء" مثان قدرت جو خاص ڪرم هو. (۱)

---

آلين اکين سان ڏانهس نهارڻ لڳا. هن موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق عرض ڪيو تہ "اي خدا جا رسول ﷺ ! هيءَ منهنجي مهربان ماءُ آهي، هن جي حق ۾ دعا ڪريو تہ هوءَ دين جي دعوت قبول ڪري ۽ الله تعاليٰ ڪيس باهہ جي عذاب کان بچائي." ابوبڪر رضہ جو عرض ٻڌي الله جي سچي رسول ﷺ جن هٿ کنيا، ۽ پوءِ اوڏيءَ مهل ئي ام الخير پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو. يعني هن ٻيبي سڳوري نبوت جي ڇهين سال اسلام قبول ڪيو. جڏهن تہ سندس مڙس عثمان بن عامر مڪي جي فتح واري موقعي تي مسلمان ٿيو.

هن پنهنجي زال مڙسن وڏي ڄمار ماڻي ۽ سن ۱۲ هجريءَ ڌاري جڏهن سيدنا صديق اڪبر رضہ هن جهان مان موڪلايو تہ سندس پيءُ ۽ ماءُ ٻئي حال حيات هئا ۽ ابونعيم جي روايت مطابق هنن ٻنهي پٽ جي ڇڏيل مال مان پنهنجو شرعي حصو حاصل ڪيو. جنهن ڪانپوءِ سن چوڏهين هجريءَ ڌاري حضرت عمر جي خلافت دوران هن وفات ڪئي. پهريان ام الخير گذاري ويئي، جنهن ڪانپوءِ سندس مڙس ابوقحافہ فوت ٿيو.

الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۴۴۷. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۴۸۸. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۷ ص ۲۵۴ ـ ۵۴۲. شذرات الذهب ابن العماد ج ۱ ص ۲۹.

(۱) الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۲٦۴. شرح المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ٦۱۷ ـ ٦۱٦.



Marfat.com

# فصل سنون

## سن ستين نبويءَ جا واقعا

### شِعْبِ اَبُوطَالِب ۾ نظر بندي

* هڪ اعتبار جوڳي روايت مطابق هن سال [1] ۽ هڪ ٻي قولِ موجب اٺين نبويءَ ۾ محرم جي چنڊ ڏسڻ سان ئي قريش وارن طرفان بَنُو هاشِم ۽ بَنُوعَبْدُالْمُطَّلِب بن عَبد مناف سان مڪمل بائيڪات جو اعلان ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ نبي اڪرم ﷺ جن کي قبيلي جي سيني ياتين سان گڏ "شِعْبِ اَبُوطَالِب" [2] ۾ نظربند ٿيڻو پيو. اهو انڪري جو جڏهن ڪافرن ڏٺو ته سندن اباڻي مذهب تان ڏينهون ڏينهن ماڻهن جو ويساهه کڄندو وڃي ٿو، ۽ هوڏانهن وري نبي ڪريم ﷺ جن جي دين جي سچائي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ طرف حَمْزَه رضہ ۽ عمر رضہ جهڙيون هستيون اهو دين اختيار ڪري ان جي تائيد ۽ تبليغ ۾ رڌل آهن، ته ٻئي طرف وري مسلمان مڪي مان هجرت ڪري وڃي حبش تائين پهتا آهن، جتان جو حاڪم "نَجاشي" [3] ساڻن نهايت سهڻو سلوڪ ڪري رهيو آهي. ان ڪانسواءِ ابوطالب ۽ سندس برادري بَنُو هاشِم ۽ بَنُو مطلب جا سمورا ياتي محمد ﷺ جي بچاءَ ۽ مدد لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا آهن. اهو ڏسي هنن پاڻ ۾ گڏجي معاهدو ڪيو ته انهن ڪٽنبن سان نه صرف مڪمل طور قطع تعلق ڪيو وڃي پر ڪين شهر نيڪالي

---

(١) حافظ ابن حجر "فتح الباري" ۾ محرم ٧ نبويءَ واري روايت نقل ڪئي آهي. ج ٧ ص ١٤٧.

(٢) "شعب ابو طالب" جبل "ابو قبيس" جي وچان هڪ جابلو لڪ هو. جيڪو بنو هاشم جي موروثي ملڪيت هو. اٺين ٻين قبيلن جي نالن پٺيان ٻه اهڙا شعب هئا. جيئن شعب بني اميه، شعب بني عامر، شعب بني عبدالله وغيره. بعد ۾ انهن ٽڪرن کي ٽڪي صاف ڪيو ويو آهي ۽ ان جاءِ تي هيئنڙ گهر ۽ دڪان ٺهي ويا آهن.

(سفر نامہ ارض القرآن (اردو) محمد عاصم ص ١٥٤) (نقوش لاهور رسول نمبر ص ٦٦٣)

(٣) حبشي زبان ۾ بادشاهہ کي "نجوس" (Negus) چيو ويندو آهي، ۽ ان لفظ جو عربي اچار "نجاشي" آهي. عرب ان لفظ کي "اسم عام" طور بہ استعمال ڪندا آهن تہ خاص لقب طور بہ. جيئن روم جي حاڪم کي قيصر، ايران جي حاڪم کي "ڪسريٰ"، مصر جي حاڪم کي "مقوقس" ۽ يمن جي حاڪم کي "تبع" وغيره جي نالن سان ياد ڪيو ويندو آهي. نبي ڪريم ﷺ جي زماني ۾ جيڪو نجاشي موجود هو، ان جو نالو "اَصْحَمَهَ بن ابجر" چيو وڃي ٿو. هڪڙا راوي ڪيس صحابي شمار ڪن ٿا ۽ ٻين جي قول موجب سندس درجو "تابعي" جي برابر آهي، ڇو جو هن نبي اڪرم ﷺ جن جي زيارت نہ ڪئي هئي باقي سندس اسلام قبول ڪرڻ ثابت آهي. هي ٻهريون خوش نصيب آهي، جنهن جي غائبانہ جنازه نماز پاڻ ڪريم ﷺ صحابين سان گڏ ادا ڪئي.

(سيرة ابن اسحاق ص ٢٠١) (الاصابہ. ابن حجر جلد اول ص ١٠٩) (سيرة اعلام النبلاء ذهبي ج ١ ص ٣٠٦ کان ٣٠٩) "دلائل النبوة" بيهقي جلد ٢ ص ٣١٠.



Marfat.com

# فصل انون

(هن فصل ۾ سن انبن نبويءَ دوران پيش آيل واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.)

• هن سال يا هڪ ٻي روايت مطابق هن کان اڳ مڪي جي مشرڪن وٽ خبر پهتي، تہ ايراني ڪافر جيڪي "نوشيروان" جي نسل مان آهن، تن انهن رومي ڪافرن تي سوڀ حاصل ڪري ورتي آهي، جيڪي "قيصر" جا پوئلڳ هئا.

اها خبر ٻڌي مڪي جا ڪافر ڏاڍا سرها ٿيا ۽ هو مسلمانن کي چوڻ لڳا:

"اوهين ۽ رومي ٻئي آسماني ڪتابن جا مڃيندڙ آهيو، پر اسين ۽ ايراني ڪنهن بہ ڪتاب تي ويساهہ رکندڙ نہ آهيون، پوءِ جيئن اسانجي ايراني ڀائرن اوهان جي رومي ڀائرن تي سوڀ حاصل ڪئي آهي، ساڳيءَ ريت اسين بہ اوهان سان مقابلي ۾ سوڀارا ٿينداسون."

ان ڳالهہ مسلمانن کي ويچار ۾ وجهي ڇڏيو، پوءِ رب پاڪ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ ڏانهن ان ڏس ۾ هيٺيون آيتون نازل فرمايون: (۱)

الٓمٓ ۔ غُلِبَتِ الرُّوْمُ فِیْٓ اَدْنَی الْاَرْضِ وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُوْنَ فِیْ بِضْعِ سِنِيْنَ. (۲)

ترجمو: آلم. شڪست کاڌي رومين، ويجهڙائيءَ واري سرزمين تي ۽ اهي شڪست کائڻ کانپوءِ سوڀارا ٿيندا ايندڙ ڪجهہ ورهين ۾.

ان مان اهو معلوم ٿيو تہ ايندڙ ڏهاڪو سالن اندر رومي، ايرانين جي مقابلي ۾ سوڀارا ٿي پنهنجي ماڳن تي موٽي ايندا. (۳)

---

(۱) سورة "الرّوم" ۳۰ پاره ۲۱ آيت۱کان ۳.

(۲) "بضع" عربي لفظ آهي، جيڪو ٽن کان نون يا هڪ روايت مطابق ٽن کان ڏهن جي وچ ۾ ڪنهن بہ عدد لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

"لسان العرب" ابن منظور ج ا ص ۴۲۶"النهايہ"ابن الاثير جلد ۱ص ۱۲۳. "المفردات في غريب القرآن" راغب اصفهاني ص ۵۰.

(۳) نبي اڪرم ﷺ واري دور ۾ "عربستان" جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي روم ۽ ايران جون بہ عظيم ۽ طاقتور سلطنتون موجود هيون، جن کي ان زماني جا Super Powers سمجهيو ويندو هو ۽ ڪجهہ وقت کان ٻنهي قوتن جي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ هلي رهي هئي. مذهبي لحاظ کان ايران وارا مجوسي هئا، جيڪي سج ۽ باهہ کي پوڄيندا هئا. جڏهن تہ روم وارا مسيحي هئا، جيڪي سيدنا عيسيٰ عليہ السلام تي ايمان رکندڙ هئا. اهوئي سبب هو جو مسلمانن جي روحاني وابستگي رومين سان ۽ مشرڪن جي ايرانين سان هئي. انڪري ٻئي ڌريون اتان جون خبرون دلچسپيءَ سان ٻڌنديون بہ هيون تہ انهن تي تبصرا بہ ڪنديون هيون. ۶۱۰ ع ڌاري جڏهن خدا تعاليٰ هن زمين تي پنهنجي آخري پيغمبر ﷺ کي مبعوث ڪيو تڏهن رومي ۽ ايراني فوجون هڪ ٻئي خلاف جنگي ڪارروايون ۾ رڌل هيون. جنهن ۾ هر محاذ تي ايراني پنهنجي سرسي ثابت ڪري رهيا هئا. سندن فوجون طوفاني رفتار سان قلعن پٺيان قلعا ۽ پرڳڻن پٺيان پرڳڻا فتح ڪنديون پئي ويون.

هلندڙ



Marfat.com

اهو هڪ ڏکو قصو آهي، جنهن کي هتي گهٽائي بيان ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ مٿين قسم جي شرط جو شمار جوئا ۾ ٿئي ٿو، پر جوئا جي حرام هجڻ وارو حڪم هن واقعي کانپوءِ نازل ٿيو هو.

"ڪشاف" (١) واري لکيو آهي تہ "امام ابو حنيفہ" هن واقعي مان اهو مسئلو ڪڍيو آهي تہ "دارالحرب" اندر مسلمانن ۽ ڪافرن جي وچ ۾ ان قسم جي شرط کي جوئا نہ ليکيو ويندو. (٢)

• هن سال يا هڪ ٻي روايت موجب هن کان اڳ يهودين جي ٻن قبيلن "اَوس" ۽ "خَزرَج" جي وچ ۾ "بُعَاث" واري جنگ لڳي. (٣)

• هن سال رسول ڪريم ﷺ جن کان ڪافرن اها گهر ڪئي تہ ڪين ڪا اهڙي نشاني ڏيکاري وڃي، جنهن جو واسطو آسمان سان هجي. ان تي چنڊ جي چوڏهين رات خدا جي سچي رسول ﷺ

---

(١) "الڪشاف عن حقائق التنزيل"، قرآن مجيد جو هڪ مجيل ۽ منفرد تفسير آهي، جنهن جو مصنف محمود بن عمر بن محمد زمخشري، ڪنيت ابوالقاسم ۽ لقب "جارالله" آهي. ڪيس تفسير، حديث، لغت، نحو، علم الڪلام، بديع ۽ بيان جو امام مڃيو ويو آهي.

هو ٤٦٧هجري بمطابق ١٠٧٥ع ڌاري "خوارزم" جي ويجهو "زمخشر" نالي ڳوٺ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪرڻ کانپوءِ هو بغداد پهتو، جيڪو ان دور ۾ اسلامي دنيا جو هڪ اهم علمي مرڪز هو. ان کانپوءِ هو لڏي اچي مڪي جي حرم پاڪ ۾ رهيو ۽ زندگيءَ جو ڪجهه حصو اتي گذاريائين. ان نسبت سبب ڪيس "جارالله" (الله جو پاڙيسري) سڏيو ويندو آهي. آخري عمر ۾ هو پنهنجي وطن واپس پهتو، جتي ذوالحج جي نائين تاريخ ٥٣٨هہ بمطابق ١١٤٤ع ڌاري "جرجانيہ" ۾ وفات ڪيائين. مشهور سيلاني ابن بطوطہ جڏهن ايران آيو هو، تڏهن اتي زمخشريءَ جي مقبري جي زيارت ڪئي هئائين.

عجمي هجڻ جي باوجود زمخشري عربي زبان ۾ جيڪا مهارت حاصل ڪئي، ان جو اعتراف اهل زبان بہ ڪيو آهي. مختلف موضوعات تي ڪافي ڪتاب لکيائين، جن مان قرآن مجيد تي لکيل سندس تفسير "ڪشاف" کي جيڪا مڃتا ملي ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ابن عساڪر جي چوڻ مطابق "هن کان اڳ اهڙو تفسير نہ لکيو ويو آهي." هن تفسير کي ٥٢٨ هہ ڌاري لکي پورو ڪيو ويو.

زمخشري عقيدي جي لحاظ کان جيتوڻيڪ معتزلي هو ۽ تفسير جي منڍ ۾ ئي هن پنهنجي عقيدي مطابق قرآن پاڪ کي مخلوق ڄاڻايو آهي ۽ جتي بہ موقعو مليو اٿس، اتي هن معتزلي عقيدن جي اپٽار ڪئي آهي، پر ان هوندي بہ سندس تفسير راسخ العقيده مسلمانن ۾ بہ بيحد مقبول رهيو آهي. خالص نحوي تشريحن سان گڏوگڏ، قرآن جي فصاحت ۽ بلاغت تي هن دل کولي بحث ڪيو آهي. سندس ٻين مشهور ڪتابن ۾ اساس البلاغه، ربيع الابرار، الفائق، المفصّل ۽ مقدمة الادب وغيره جا نالا شامل آهن.

(اردو دائرة المعارف جلد ١٠ص ٤٩٢-٤٨٦ "وفيات الاعيان" ابن خلڪان جلد ٥ ص، ١٧٤- ١٦٨. "مفتاح السعادة" طاش ڪبري زاده جلد ٢ ص ٨٨ ـ ٨٧. "الاعلام" زرڪلي جلد ٧ ١٨٧. معجم المؤلفين عمر رضاڪحالة ج ١٢ ص ٨٦. الفوائد البهيه محمد عبدالحي لڪنوي ص ٢٠٩).

(٢) "ڪشاف" زمخشري، جلد ٣ ص ٤٦٧.

(٣) اسلام کان اڳ يهودي قبيلن جو پاڻ ۾ گهرو لڙاين جو سلسلو گهڻي عرصي تائين جاري رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪين بي حساب جاني توڙي مالي نقصان رسيو. ان سلسلي جي پهرئين لڙائيءَ کي "سُمير" ۽ آخري لڙائي کي

هلندڙ



Marfat.com

# فصل نائون

## سن ٩ نبويءَ جا واقعا

### عبداللّٰه بن ثَعْلَبَہ جو جم

* هن سال ثَعْلَبَہ بن صُعَيْرُ عُذري رضہ جي گهر پٽڙو ڄائو. جنهن جو نالو عبدالله رکيو ويو. هي بنو زهره وارن جو ساٿاري هو. (١) عبدالله جي ڄمڻ جو سال ڪن راوين طرفان ستين نبوي بہ ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ ڪن جو خيال آهي تہ عبدالله بن ثَعْلَبَہ هجرت کانپوءِ ڄائو هو.

(١) ان سلسلي ۾ "ابن الاثير" بہ روايتون نقل ڪيون آهن. پهرين روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هو هجرت کان چار ورهيہ اڳ ڄائو. جڏهن تہ ٻي روايت جيڪا "زهري" کان نقل ڪئي ويئي آهي، ان ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت عبدالله بن ثعلبہ "فتح مڪہ" واري سال ڄائو. والله اعلم.

(اسد الغابہ "ابن الاثير ج ٥ ص ١٢٨، الاستيعاب. ابن عبدالبر ج ٣ ص ١٣ ـ ١٢).



Marfat.com

# فصل ڏهون

هن فصل ۾ سن ڏهين نبويءَ جي واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## شِعْب اَبُوطَالِب مان آزادي

* هن سال بني هاشم وارن کي "شِعْب اَبُوطَالِب" مان آزادي ملي. ڪافرن طرفان ٽي ورهيه مٿن جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ روا رکيو ويو هو، اهو نيٺ پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتو ۽ هو مڪي ۾ پنهنجن صلوڪن ماڳن تي موٽي آيا. هي واقعو حضرت اَبُوطَالِب جي زندگيءَ ۾ پيش آيو. (۱) ان جو وڏيڪ ذڪر ستين فصل ۾ ٿي چڪو آهي.

## حضرت عَبْدُالله بن عَبَّاس رضہ جو جنم

هن سال حضرت عبدالله بن عباس رضہ (۲) بہ ڄائو. سندس ولادت شعب ابوطالب ۾ ٿي. ڇو جو

(۱) طبقات ابن سعد ج ۱ ص ۱۲۹

(۲) نالو عبدالله پيءُ جو نالو عباس بن عبدالمطلب بن هاشم، ڪنيت ابوالعباس، لقب حبر الامة (امت جو عالم) سندس امڙ جو نالو لبابة الڪبريٰ بنت حارث هلالية آهي، جيڪا ام المؤمنين سيده ميمونہ جي سڳي ڀيڻ هئي. اهڙيءَ يت ابن عباس سڳ ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جو سوٽ، سيده ميمونہ جو ڀاڻيجو ۽ خالد بن وليد جو ماسات هو.

ابن عباس جي امڙ سيده ام الفضل ابتدائي دور ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو، ان ڪري ڪيس بہ ان دور جي ٻين سلمانن وانگر هر طرح جا ظلم زيادتيون برداشت ڪرڻيون پيون. هجرت کان ٽي ورهيہ اڳ جڏهن قريش وارن رفان "بنو هاشم" جو سوشل بائيڪاٽ جاري هو ۽ اهي شعب ابي طالب ۾ نظربند هئا تہ اتي ئي بيبي ام الفضل کي ي پٽڙو ڄائو، جنهن جو نالو عبدالله رکيو ويو. ڄمڻ کانپوءِ ٻار کي سندس امڙ هنج ۾ کڻي نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ آئي، هن موقعي تي پاڻ ڪريمن ﷺ ڪارڪ چٻاڙي پنهنجي هن ننيڙي سوٽ جي وات ۾ وڌي ۽ الله تعاليٰ جي حضور ۾ سندس ڀلائي لاءِ دعائون بہ گهريائون. اهي دعائون ڪجهہ لفظي اختلافن سان حديث جي ڪتابن ۾ نقل ڪيون ويون آهن، جيئن تہ "الله تعاليٰ هن کي حڪمت ۽ قرآن جي تفسير جو علم عطا فرماءِ". هڪ ٻي روايت مطابق ۽ "الله تعاليٰ هن کي دين جي سمجهہ ۽ تاويل جي قوت عطا ڪر" وري هڪ ٻي حديث مطابق تہ "الله تعاليٰ هن جي علم ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان کي عام ڪر ۽ سندس شمار پنهنجي صالح ٻانهن ۾ فرماءِ" يا وري "هن کي علم ۽ عقل بخش". اهي سموريون حديثون سَنَد جي لحاظ کان صحيح آهن.

هن آزمائش جي گهڙيءَ ۾ ڄاول هن ٻار لاءِ مالڪ الملڪ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ طرفان گهريل هنن دعائن جي حرف حرف کي قبوليت جو شرف بخشيو. عبدالله وڏو ٿي پنهنجي علم فضل جو اهڙو تہ ڌاڪو ڄمايو جو ننڍن توڙي وڏن کي سندس علمي عظمت جو اعتراف ڪرڻو پيو. مشهور تابعي ليث بن ابوسَلام هڪ ڀيري پاڻ کان وڏي عمر واري ساٿيءَ حضرت طائوس کان پڇيو تہ "تون هڪ ڇوڪري (ابن عباس) جي ڪڏ ڇو لڳو پيو آهين، جڏهن تہ ان جي مقابلي ۾ نبي ڪريم ﷺ جا وڏا وڏا صحابي اڃان هتي موجود آهن. اهو ٻڌي طائوس وراڻيو: "آءٌ نبي سڳوري ﷺ جي

هلندڙ



Marfat.com

ڪان ولي ٣٠ هجريءَ تائين مسلمانن جون مصر، افريقه، طبرستان ۽ جرجان وغيره وارن سان جيڪي لڙايون لڳيون، ابن عباس انهن ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. ان ڪانسواءِ صفين، جمل ۽ نهروان جي جنگين ۾ هو حضرت عليءَ سان گڏ رهيو ۽ "صفين" ۾ ته هو حضرت عليءَ جي فوج ۾ لشڪر جي هڪ حصي جو اڳواڻ پڻ هو ۽ پوءِ جڏهن ڏرين جي وچ ۾ فيصلي لاءِ به امين مقرر ڪرڻ جو معاهدو ٿيو ته ان تي صحيح ڪرڻ وارن ۾ ابن عباس به شامل هو.

سياست جي لحاظ کان حضرت عمر رضه ۽ حضرت عثمان رضه جي دور خلافت ۾ کيس هڪ خاص مشير جي حيثيت حاصل هئي. ان ڪانسواءِ ٣٥ هجريءَ ڌاري جڏهن باغين طرفان حضرت عثمان رضه جو گهيراءَ جاري هو، ان سال حضرت عثمان طرفان ابن عباس کي حج جو امير مقرر ڪيو ويو ۽ هن اها ذميواري به نهايت سهڻي نموني پوري ڪئي. انڪري جڏهن مديني ۾ حضرت عثمان رضه جي شهادت جو دردناڪ واقعو پيش آيو ته ان وقت حضرت ابن عباس رضه اتي موجود نه هو.

حضرت عليءَ رضه جي دور خلافت ۾ جڏهن مسلمانن بصري تي قبضو ڪيو ته مرڪز طرفان کيس بصري جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ هو به سال کن ان عهدي تي فائز رهيو، ۽ پوءِ سن ٣٨ هجريءَ ڌاري ان عهدي تان دستبردار ٿي مڪي موٽي آيو ۽ پوءِ اتي ئي رهڻ لڳو.

حضرت عليءَ جي شهادت کانپوءِ جيڪو دور آيو، ان ۾ بنو هاشم وارا ۽ سندن ساٿي ڏاڍو پريشان رهيا، پر ابن عـباس رضه نـهايت خاموشيءَ سان پنهنجي علم ۽ عبادت ڏانهن متوجه رهيو،تانجو حجاز جي علائقي ۾ عبدالله ابن زبير رضه کي خليفو چونڊيو ويو. اها ڳالهه بنو هاشم وارن کي نه آئڙي، جنهنڪري ابن عباس ۽ محمد بن حنفيه علويءَ سندس بيعت کان کتو جواب ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ هن ٻنهي کي مڪي مان شهر نيڪالي ملي.

حضرت عبدالله ابن عباس رضه زندگيءَ جا آخري ڏينهن طائف ۾ گذاريا. آخري وقت ۾ سندس نظر به ختم ٿي ويئي. جنهن لاءِ هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته نوجوانيءَ واري زماني ۾ هن هڪ ڏينهن نبي انور ﷺ جن سان گڏ هڪ اڻ چاتل شخص ڏٺو ۽ ان بابت پاڻ ڪريمن ﷺ کان سوال پڇيائين ته "اهو شخص ڪير آهي؟" سرور عالم ﷺ جن کيس فرمايو: "اهو جبرئيل هو جنهن کي تو ڏٺو. انڪري اڳتي هلي تنهنجي نظر ختم ٿي ويندي." هڪ قول مطابق انڪري آخري عمر ۾ سندس نظر موڪلائي ويئي. پوئين زماني ۾ هو جڏهن بيمار ٿي پيو ۽ سندس بيماري ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي ته هڪ ڏينهن هن پاڻ وٽ موجود ماڻهن کي ٻڌايو ته "منهنجو موت اهڙي جماعت جي موجودگيءَ ۾ ٿيندو جيڪا روءِ زمين تي (ان وقت) سڀ کان ڀلي هوندي ۽ الله تعاليٰ کي پياري هوندي، ويجهي هوندي ۽ شان واري هوندي ۽ پوءِ جيڪڏهن آءٌ اوهان جي وچ ۾ گذاري وڃان ته پوءِ اهي اوهان ئي هوندا." ان ڳالهه کي اٺ راتيون مس گذريون ته هو اتي طائف ۾ ئي گذاري ويو. اهو واقعو سن ٦٨ هجريءَ ڌاري پيش آيو. حضرت ابن عباس رضه جي نماز محمد بن حنفيه علويءَ پڙهائي، جيڪو سندس سؤٽ جو پٽ به هو ته ڏک سک جو ساٿي به. حضرت ابن عباس رضه کي دفن ڪرڻ وقت جڏهن سندس مٿان ماڻهو مٽي وجهي رهيا هئا ته ان موقعي تي ابن الحنفيه علويءَ چيو: "خدا جو قسم! اڄ هن امت جو حبر (عالم) اسان کان موڪلائي ويو." سندس قبر طائف جي جامع مسجد جي حد ۾ موجود آهي. وفات وقت ابن عباس رضه جي عمر ايڪهتر ورهيه ٻڌائي ويئي آهي.

(الاصابه "ابن حجر" ج ٢ ص ٣٣٤ ـ ٣٣٠. أسد الغابه "ابن الاثير" ج ٣ ص ٢٩٩ ـ ٢٩٥. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٣ ص ٧١ ـ ٦٦. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ١٣٨ ـ ١٢٧. الرياض المستطابه "عامري" ص ٢٠٢ ـ ٢٠٠. التحفة اللطيف "سخاوي" ج ٢ ص ٤٦. مرآة الجنان "يافعي" ج ١ ص ١١٥.



Marfat.com

جڏهن تہ "صاعد" ، اَبُوطَالِب جي وفات جي تاريخ ۱۵شعبان بيان ڪئي آهي. "شامي" پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ لکيو آهي: "اَبُوطَالِب جي وفات هجرت کان ٽي ورهيہ اڳ ۾ "شِعْب اَبُوطَالِب" مان آزاد ٿيڻ کان ۲۸ ڏينهن پوءِ ٿي." ان وقت سندن عمر اسي سالن کان مٿيرو هئي. اهل سنت والجماعت وٽ حضرت ابوطالب جو ايمان آڻڻ ثابت نہ آهي. جڏهن تہ رافضي سندس ايمان جا قائل آهن. [1] رسول خدا صلی الله علیه وسلم جن جڏهن ابوطالب جي بخشش لاءِ رب تعاليٰ کان دعا گهرڻ جو ارادو ڪيو تہ هيءَ آيت نازل ٿي:

---

وري سندس حمايت تان هٿ کڻي نہ تہ ٻي حالت ۾ هو ٻئي مقابلي لاءِ تيار ٿين. پر ابوطالب هر دفعي کين کٽو جواب ڏنو ۽ پنهنجي موقف تي اٽل ۽ اڏول رهيو بلڪ نبي انور ﷺ جن کي چيائين تہ توهان پنهنجو ڪم ڪندا رهو آءٌ هميشہ اوهان سان گڏ هوندس." هن قريش جي وڏين وڏين شخصيتن سان اکيون اکين ۾ ملائي مهاڏو اٽڪايو ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن قسم جي قرباني ڏيڻ کان ڪين ڪيٻايو. يعني هو هر موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جي ذات جي چوڌاري چڻ تہ هڪ مضبوط قلعي جي مثال هو. آخرڪار ڪافر مجبور ٿي پيا ۽ هنن پاڻ ۾ گڏجي هڪ نئين سِٽَ سِٽي ان لاءِ سڀني جڳن مڙسن جو هڪ اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ فيصلو ڪيائون تہ بنوهاشم وارن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو وڃي آئينده انهن سان نہ ڪو سڱا بندي ڪندو، نہ ڪو ساڻن واپار ڪيو ويندو نہ وري انهن سان ڪو اٿندو ويهندو يا ڳالهائيندو ٻولهائيندو. اهو سلسلو ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين هو پاڻ ڪريم ﷺ جن کي (قتل ڪرڻ لاءِ) ڪافرن جي حوالي نہ ڪندا ۽ ان کان گهٽ انهن جي طرفان ڪابہ صلح جي پيشڪش جيڪڏهن ٿي تہ ان کي قبول نہ ڪيو ويندو. جنهن ڪانپوءِ بنوهاشم مشهور جبل بوقبيس جي ان گهاٽيءَ ۾ قيد ٿيا جنهن کي "شعب ابوطالب" سڏيو ويندو هو. پاڻ سڳورن ﷺ ۽ سندن خاندان لاءِ هي نهايت سخت آزمائش جو دور هو. جنهن سان هو سچا سارا ٽي سال منهن ڏيندا رهيا. ڪاڏي پيتي لاءِ ڪجهہ نہ هوندو هو تہ پن ۽ گاهہ کائي پنهنجو وقت گذاريندا هئا. بکن سبب مائرن جي ٿڃ سڪي ويئي جنهن ڪري معصوم ٻار بک وگهي پيا رڙيون ڪندا هئا جن کي ٻڌي ڪي رحم دل ڪافر لڪ چوريءَ ڪجهہ ڪاڌي پيتي جو سامان ڪين پهچائيندا هئا. جڏهن تہ ڪيترا ظالم اهي آواز ٻڌي خوش ٿيندا هئا. اهو حضرت ابوطالب جي پيڄاڙيءَ جو زمانو هو. جو تہ ان وقت سندن عمر اسي ورهين کان مٿي هئي. مسلسل بکن ۽ ڏکن سبب شعب ابوطالب جي نظربندن جي صحت جواب ڏئي چڪي هئي خاص طور وڏي عمر وارا تہ وڏيڪ متاثر ٿيا هئا. ٽن ورهين ڪانپوءِ ڪافرن پاڻ ان بائيڪاٽ تان هٿ کنيو ۽ پوءِ بنوهاشم وارا آزاد ٿيا. جنهن ڪانپوءِ ڪجهہ ڏينهن رکي حضرت ابوطالب گذاري ويو. اهو واقعو نبوت جي ڏهين سال پيش آيو. تاريخ الخميس جو بيان آهي تہ جڏهن حضرت ابوطالب وفات ڪئي تہ ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي ڄمار اٺونجاهہ سال اٺ مهينا ۽ ٻارهن ڏينهن هئي.

وفات ڪانپوءِ حضرت ابوطالب کي بنوهاشم جي اباڻي قبرستان "الحجون" ۾ دفنايو ويو. بعد ۾ سندن قبر مٿان هڪ خوبصورت مقبرو بہ تعمير ڪيو ويو هو جيڪو ۱۹۲۵ تائين موجود هو.

حضرت ابوطالب ۽ سيده خديجة الڪبريٰ هڪ ٻئي جي پٺيان گذاري ويا جنهن جو پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي ڏاڍو ڏک رسيو ان ڪري هن سال کي "عام الحزن" يعني غم جو سال سڏيو ويندو آهي.

سيرة ابن هشام ج ۱ ص ۱۹۰ ـ ۱۸۹. الاصابہ "ابن حجر" ج ٦ ص ۱۱۵. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۱ ص ۲۹۹. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۵۷. بهجة المحافل "عامري" ۱۳۶ ـ ۱۳۳. "الوفا" "ابن جوزي" ج ۱ ص ۱۳۱ ـ ۱۳۰. دائرة المعارف (اردو) ج۱ ص ۸۳۷ ـ ۸۳۴.

(۱) سيرة ابن اسحاق ص ۲۲۲. الروض الانف "سهيلي" ج ۲ ص ۷۱ /۱۷۰. شرح علي المواهب اللدنيہ. زرقاني ج ۱ ص۲۹۱.

هلنڊ



Marfat.com

قبر اڃان تائين موجود آهي. ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن ڪين پاڻ قبر ۾ لاٿو، باقي جنازي نماز نہ پڙهي وئي ڇو جو ان وقت تائين جنازي نماز پڙهڻ جو حڪم نازل نہ ٿيو هو. هڪ ٻي روايت ۾ هن بيبي سڳوريءَ جي وفات جي تاريخ ڏهين رمضان سن ڏهہ نبوي بہ ٻڌائي وئي آهي. حضرت ابوطالب ۽ بيبي خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰى رضہ جي هڪ ٻئي پٺيان وفات رسول الله ﷺ جي دل کي ڏاڍو ڏک رسايو. جنهن ڪري پاڻ بيحد غمگين ٿي پيا ۽ پوءِ سنت ئي پاڻ سڳورا ﷺ طائف ڏانهن اسهيا. جنهن جو تفصيل هن ئي فصل ۾ اڳتي ڏنو ويو آهي.

## حضرت سَوْدَه رضہ سان نڪاح

* هن سال شوال جي مهيني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو نڪاح "سَوْدَه بنت زَمْعَہ" (١) سان ٿيو. سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰى رضہ جي وفات کانپوءِ حضرت سَوْدَه پهرين عورت آهي، جيڪا رسول الله ﷺ جن جي نڪاح ۾ آئي ۽ مديني ڏانهن هجرت ڪرڻ وقت فقط اهائي گهرواري ساڻن گڏ هئي. بيبي عائشہ رضہ

(١) ام المؤمنين سوده بنت زمعہ بن قيس بن عبد شمس جو تعلق قريش قبيلي جي شاخ بنو عامر سان هو ۽ سندس امڙ جو نالو شموس بنت قيس بن عمرو بن زيد ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو نسبي تعلق بنو نجار وارن سان هو. حضرت سوده رضہ جي امڙ شموس وري سڳ ۾ حضرت عبدالمطلب جي ماروٽ هئي، حضرت سوده رضہ جي شادي اسلام کان اڳ پنهنجي سؤٽ سڪران بن عمرو بن عبد شمس سان ڪرائي وئي. سوده رضہ کي شروعات کان وٺي الله تعاليٰ سٺين خصلتن سان نوازيو هو، انڪري دين جي دعوت هن اوائلي دور ۾ ئي قبول ڪئي هئي، ۽ ان سان گڏ سندس گهر وارو سڪران بہ مسلمان ٿيو هو. ڪافرن جي ظلم ۽ زيادتين کان تنگ ٿي ٻين مسلمانن سان گڏ حضرت سوده ۽ سندس مڙس سڪران بہ حبش ڏانهن ٻي هجرت ڪرڻ واري قافلي ۾ شامل ٿيا، جتي ڪجهہ عرصو گذاري هو جڏهن مڪي موٽي آيا تہ اتي سڪران بن عَمرو بيمار ٿي پيو ۽ ابن اسحاق جي روايت مطابق گذاري ويو، جڏهن تہ ابو عبيده ۽ ابن حزم جو خيال آهي نہ هو حبش ۾ ئي گذاري ويو هو. بلاذري جي خيال مطابق پهريون قول صحيح آهي. بهرحال حضرت سوده رضہ هاڻي بيوه ٿي پيئي.

ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ جي وفات کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو گهر بہ اڪيلو ٿي پيو هو. ٻارن جي نظرداريءَ لاءِ گهر ۾ ڪا عورت موجود نہ هئي، جيتوڻيڪ پاڙي اوڙي جون عورتون اچي سندن پرگهور لهنديون هيون پر پوءِ بہ گهر ۾ ٻارن لاءِ هڪ مستقل عورت جي ضرورت محسوس پئي ٿي. اهو ڏسي مشهور صحابي حضرت عثمان بن مظعون جي گهرواري حضرت خولہ بنت حڪيم هڪ دفعي نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ ٻي شاديءَ لاءِ تجويز ڏني ۽ ان لاءِ حضرت ابوبڪر صديق جي نياڻي سيده عائشہ ۽ حبش کان آيل مهاجرن مان بيبي سوده بنت زمعہ جا نالا پيش ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ اهڙي تجويز پسند فرمائي ۽ پوءِ حضرت خولہ پاڻ ئي اهو پيغام پهريان زمعہ بن قيس ڏانهن حضرت سوده جي سڱ لاءِ کڻي وئي، ڇو تہ هيءَ بيبي سڳوري پڪي عمر جي هئي ۽ ٻارن جي سار سنڀال لاءِ گهر ۾ اهڙي ئي عورت جي ضرورت هئي. حضرت سوده ۽ سندس پيءُ زمعہ بن قيس تہ اهو پيغام خوشيءَ سان قبول ڪيو ۽ سندس پٽ عبدالله بن زمعہ کي اها ڳالهہ اصل نہ آئڙي، ڇو تہ هو ان وقت تائين اڃان پنهنجي ڪفر تي قائم هو. بهرحال ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جو ٻيو نڪاح حضرت سوده رضہ سان ٿيو، جنهن جو خطبو زمعہ بن قيس پاڻ



Marfat.com

پڙهيو ۽ پوءِ حضرت سوده سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ گهرڊيائي ٿي آئي. ان وقت سندس عمر ٽيهن سالن کان مٿي هئي. اهو نڪاح هجرت کان ٻه ورهيه اڳ رمضان جي مهيني ۾ ٿيو. هن موقعي تي سندس ڀاءُ عبدالله مٿي ۾ مٽي وجهي پنهنجي ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو پر پوءِ هو جڏهن مسلمان ٿيو تہ پنهنجي ان حرڪت تي هر وقت پشيمانيءَ ۽ شرمساريءَ جو اظهار ڪندو هو.

حضرت سوده رضہ جڏهن سرور عالم ﷺ جن جي گهر ۾ آئي تہ هوءَ باشعور هئي ۽ کيس ان ڳالهہ جو پوريءَ طرح احساس هو تہ هوءَ هاڻي ڪنهن عام ماڻهوءَ جي زال نہ پر ام المؤمنين ٿي چڪي آهي، ۽ قدرت کيس نبي ﷺ جن جي گهر ٻجو نگران بڻايو آهي. ان ڪري هوءَ هڪ طرف اها ڪوشش ڪندي هئي تہ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي خدمت ۾ ڪانئس ڪا ڪوتاهي نہ ٿئي تہ ٻئي طرف وري گهر ۾ موجود نياڻيون توڙي ننڍڙو علي هر لحاظ کان ڪانئس مطمئن رهن. جنهن لاءِ هوءَ سندن ڪاڏي پيتي، لٽي ڪپڙي توڙي تربيت طرف گهڻي توجہ ڏيندي هئي. انهيءَ سببان پاڻ سڳورا ﷺ ڪانئس مطمئن رهندا هئا.

شروعات ۾ تہ حضرت سوده رضہ جو گهڻو وقت گهر جي ڪم ڪار ۽ ٻارن جي سنڀال ۾ گذرندو هو پر جڏهن ٻار وڏا ٿي ويا ۽ گهر ۾ ٻيون بيبيون سڳوريون بہ آيون تہ پوءِ هوءَ اڪثر وقت عبادت ۾ گذاريندي هئي. خير خيرات جو جذبو بہ سندس طبيعت ۾ موجود هو. انڪري جيڪي بہ وٽس ايندو هو دل کولي الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندي هئي.

نبي انور ﷺ جن جي صحبت ۾ حضرت سوده رضہ کي ٻارهن ورهين کان بہ وڌيڪ وقت گذارڻ جي سعادت حاصل رهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال کانپوءِ هن بيبي سڳوريءَ ڪڏهن بہ گهر کان ٻاهر پير نہ پاتو. ايستري قدر جو ڪڏهن حج يا عمري تي هلڻ لاءِ کيس چيو ويو تہ فرمايائين: "مون ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي رفاقت ۾ حج ۽ عمره ادا ڪيو آهي ۽ هاڻي انهن جي ئي حڪم مطابق گهر کان ٻاهر نہ نڪرنديس."

حضرت سوده کي پاڻ ڪريمن ﷺ مان ڪوبہ اولاد ڪونہ ٿيو. البت پهرين مڙس سڪران مان کيس عبدالرحمان نالي هڪ پٽ ڄائو هو. جنهن حضرت عمر رضہ جي دور ۾ "جلولاءِ" واري جنگ ۾ شهادت ماتي.

بلاذريءَ جي روايت موجب حضرت سوده رضہ بہ حضرت فاروق رضہ جي خلافت جي آخري دور ۾ سن ٢٢ هجريءَ ڌاري مديني ۾ گذاري ويئي. جڏهن تہ ابن سعد جي روايت آهي تہ هن سن ٥٤ هجريءَ جي شوال مهيني ۾ امير معاويہ جي دور حڪومت ۾ وفات ڪئي. هڪ ٻي روايت ۾ وري ٻڌايو ويو آهي تہ سيدنا عثمان جي دور خلافت ۾ هن ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. والله اعلم. حضرت سوده کان نبي ڪريم ﷺ جن جون پنج حديثون روايت ٿيل آهن.

(ازواج النبي ﷺ والولاده "ابوعبيده" ص ٦٢ ـ ٦١. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٧ ص ١٧٤ ـ ١٧٣. ازواج النبي ﷺ. شامي ص ١٨٠ ـ ١٧٣. الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٣٣٩ ـ ٣٣٨. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٤ ص ٤٢٢ ـ ٤٢١. الاشاره "مغلطاي" ص ١٣٣ ـ ١٣٢. العقد الثمين "فاسي" ج ٦ ص ٤٠٠ . المحبر" ابن حبيب ص ٨٠ ـ ٧٩. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٩٣. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ٥٥. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ٢ ص ٥١٥ ـ ٥١٣).



Marfat.com

**فرمايائون ته "اهي ڪافرن جي مقابلي ۾ مسلمانن جو ساٿ ڏين ۽ سندن دين (اسلام) جي تائيد ۽ حمايت ڪن." رسول رحمت ﷺ جن ان سلسلي ۾ سچا سارا ٢٦ ڏينهن طائف ۾ ترسيا. پر اتان جي رهواسين سندن ڪا مدد يا حمايت ته نه ڪئي پر الٽو ڪين ستايو ۽ تڪليفون پهچايائون. اتان جا ٽي چڱا مڙس جن جا نالا عَبْد يَالِيْل، حَبِيْب ۽ مَسْعُوْد ٻڌايا ويا آهن. جيڪي ٽيئي پاڻ ۾ ڀائر ۽ اتان جي هڪ سردار عُمَر بن عُمَيْد جا پٽ هئا. انهن هن دعوت جي موٽ ۾ رسول خدا ﷺ جن کي جيڪو جواب ڏنو. ان کي الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي.**

---

جنهن جو بنياد عمرو بن اميہ بن وهب ثقفيءَ طرفان رکيو ويو. ان ڪانپوءِ وري ترڪن هن مسجد جي تعمير ۽ توسيع ڪرائي. شهر جي آبادي وڌڻ ڪانپوءِ اها مسجد هاڻي شهر جي وچ ۾ اچي ويئي آهي ۽ ان کي طائف جي مرڪزي جامع مسجد شمار ڪيو ويندو آهي. موجوده عمارت سعودي حڪمرانن طرفان تيار ڪرائي ويئي آهي.

سن ٦٨ انهٽ هجريءَ ڌاري پاڻ ڪريمن ﷺ جو صحابي ۽ سوٽ سيدنا عبدالله ابن عباس جڏهن طائف ۾ گذاري ويو ته کيس ان مسجد جي پر ۾ ڪاپي پاسي کان دفن ڪيو ويو هاڻي ان قبر مبارڪ جي مٿان حجرو نهيل آهي جنهن جي سبب هن مسجد جو نالو بہ "مسجد ابن عباس" آهي. ترڪن جي دور ۾ هت هڪ عاليشان ڪتب خانو بہ تعمير ڪيو ويو هو. جنهن ۾ تمام نادر قلمي مسودا موجود هئا پر هاڻي صورت حال اها ساڳي نہ رهي آهي.

سن انونجاهہ هجريءَ ڌاري طائف جي پر ۾ امير معاويہ هڪ وڏو تلاءُ تعمير ڪرايو جنهن جي مٿان هڪ ڪتبو بہ لڳايو ويو. جيڪو عربي زبان جي قديم ڪتبن ۾ شمار ٿيندو آهي. شهر جي چوڌاري هاڻي جنهن فصيل جا نشان موجود آهن اها تہ ترڪن جي دور ۾ تعمير ڪئي ويئي هئي پر ڪن ماهرن جو قول آهي تہ اها فصيل ان قديم فصيل جي بنيادن تي ٺاهي ويئي هوندي. ان فصيل جي ٻاهران قبرستان بہ آهي جتي اهي ٻارهن صحابي سڳورا دفن آهن جيڪي هن غزوه جي دوران ان وقت شهيد ٿيا هئا جڏهن ڪافرن طرفان فصيل جي اندران مسلمانن مٿان تيرن جو مينهن وسايو ويو. بعد ۾ مشهور صحابي ۽ ڪاتب وحي حضرت زيد بن ثابت رضہ کي بہ ان ساڳي قبرستان ۾ دفنايو ويو هو.

طائف وارا جڏهن مسلمان ٿيا تڏهن هنن چيو تہ هو اتان جو بت خانو پاڻ پنهنجي هٿن سان نہ ڊاهيندا، انڪري سيدالانبياء ﷺ جن حضرت مغيره بن شُعْبَہ ۽ حضرت ابوسفيان کي ان مهم لاءِ موڪليو. جن طائف جي ان قديم بت خاني کي بہ ڊاٺو تہ لات جي بت کي بہ ٽڪر ٽڪر ڪيائون. موجوده دور ۾ طائف اندر جيڪو عاليشان Guest House موجود آهي ان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو ان بت خاني واري جاءِ تي ٺهيل آهي.

هاڻي طائف جو شهر تمام وڏي ويو آهي ۽ ان جو شمار سعودي سلطنت جي ترقي يافتہ شهرن ۾ ٿئي ٿو. چوتہ اونهاري ۾ مڪي توڙي آسپاس وارن شهرن جا مالدار ماڻهو ۽ سرڪاري آفيسر وغيره طائف ۾ اچي رهن ٿا جنهنڪري هي شهر ڏينهون ڏينهن آبادي ۽ ترقيءَ جي لحاظ کان وڌندو رهي ٿو. جنهنڪري آبادي ان فصيل کان گهڻو ٻاهر تائين نڪري آئي آهي. هتي عاليشان بنگلا ۽ هوٽل، ڪشادا روڊ ۽ تمام جديد شاپنگ سينٽر ٺهي ويا آهن جتي هر قسم جو سامان آسانيءَ سان ملي سگهي ٿو.

گرميءَ جي موسم ۾ سعودي عرب جي سياحت ڪرڻ وارا غير ملڪي سياح بہ هتي نظر ايندا آهن.

دائرة المعارف (اردو) ج ١٢ ص ٢٩٧ - ٢٩٣. معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ٤ ص ١٢ - ٨. "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ١ ص ٦١٠ - ٦٠٨. المعجم مااستعجم،بکري ج ٣ ص ١٥٥. جزيرة العرب محمد رابع ندوي ص ٢٦١ - ٢٥٩. الدرر،ابن عبدالبر ص ٢٢٩ - ٢٢٨.



Marfat.com

لَوْلَا نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ. (١)

"۽ هي قرآن هنن ٻن آبادين مان ڪنهن وڏي ماڻهوءَ مٿان ڇو نه نازل ڪيو ويو."

انهن ٻن ماڻهن مان هنن جي مراد هئي، مڪي جو سردار وَلِيْد بن مُغِيْرَه مَخْزُوْمِي ۽ ٻيو طائف جو چڱو مڙس عُرْوَه بن مَسْعُوْد ثَقَفِيّ. خدا تعاليٰ سندن ان سوال کي رد ڪندي فرمايو: "اَهُمْ يَقْسِمُوْنَ رَحْمَتَ رَبِّكَ" (٢) ڇا اهي اوهان جي رب جي رحمت کي ورهائڻ گهرن ٿا."

رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن طائف وارن هٿان ڏکويل ۽ ستايل حالت ۾ مڪي ڏانهن واپس اچي رهيا هئا، ته رستي ۾ جبرئيل امين نازل ٿيو، جنهن سان جبلن جو فرشتو (ملک الجبال) به ساڻ هو. جنهن ان موقعي تي عرض ڪيو: "اي خدا جا رسول صلي الله عليه وسلم، جي اوهان موڪل ڏيو ته هنن ٻن جبلن (٣) کي پاڻ ۾ ملائي انهن جي وچ ۾ سيني مشرڪن کي چيپاٽي ڇڏيان، ته جيئن انهن منجهان ڪو به باقي نه بچي." رحمت للعالمين صلي الله عليه وسلم وراڻيو: "نه، مونکي اميد آهي ته انهن منجهان نه، ته سندن پوين منجهان اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا، جيڪي خدا جي هيڪڙائيءَ ۾ ويساهه رکندڙ هوندا ۽ ان سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪندا." (٤)

## جنن جي وفد جو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ اچڻ

هن سال رسول خدا صلي الله عليه وسلم طائف کان مڪي ڏانهن موٽندي رستي ۾ "نخله" نالي هڪ ڳوٺ ۾ منزل ڪئي. هي ڳوٺ مڪي کان هڪ ڏينهن جي مفاصلي تي آهي. ان وچ ۾ شام جي شهر "نَصِيْبِيْن" (٥) کان ستن جنن جو هڪ وفد اتي پهتو. ان ڪانپوءِ رسول رحمت صلي الله عليه وسلم جڏهن پنهنجي

---

(١) سورة الزخرف ٤٣، پاره ٢٥ آيت ٣١.

(٢) سورة الزخرف ٤٣، پاره ٢٥ آيت ٣٢.

(٣) قسطلاني شرح بخاري ۾ لکيو آهي ته انهن ٻن جبلن مان مراد آهي "جبل ابوقيس" ۽ قعيقعان' المواهب اللدنيه، قسطلاني ج ١ ص ٢٦٨.

(٤) صحيح بخاري ج ١ ص ٤٥٨، صحيح مسلم ج ١ ص ١٠٩، سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٦٢/ ٦٠ الروض الانف "سهيلي" ج ٢ ص ١٧٧/٧٨، عيون الاثر، ابن سيد الناس ج١ ص ٢٢٤.

(٥) نصيبين عراق جو هڪ قديم ۽ عظيم شهر جيڪو "هرماس" نديءَ جي ڪناري حيرة ۽ شام جي وچ تي آباد هو. هي شهر ايترو ته آڳاٽو آهي جو آشوري دور ۾ به هن جو ذڪر ملي ٿو. ماضيءَ ۾ جيڪي به "سيّاح" هن علائقي ۾ آيا انهن سيني هن شهر جي عظمت ۽ اهميت جو اعتراف ڪيو آهي. هن شهر جي عاليشان عمارتن، خوبصورت باغن پُر رونق بازارين سان گڏ شهر جي پرڪشش جامع مسجد جو ذڪر به المقدسي، ابن جبير اندلسي توڙي ان بطوطه جي سفرنامن ۾ موجود آهي. چيو وڃي ٿو ته ساوڪ ۽ شادابيءَ جي لحاظ کان به هن شهر جو مثال ان دور ۾ ملڻ مشڪل هو. چوجو هتي اٽڪل چوڏهن هزار باغ ۽ باغيچا موجود هئا جن جي وسيلي هڪ طرف ته هر موسم آهر قسمين قسمين جا گل ۽ ميوا به ملندا هئا ته ٻئي طرف وري شهر جي زيب ۽ زينت ۾ به اضافو ٿيندو هو.



Marfat.com

يا وري ہي هنڌ خدا تعاليٰ فرمايو آهي:

"اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا • يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا." (١)

"ڪتاب آڪام المرجان" (٢) واري لکيو آهي ته مڪي ۽ مديني ۾ جنن جا مختلف وفد ڇهه ڀيرا جدا جدا وقتن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ٿيا. (٣)

"شامي" پنهنجي سيرت ۾ انهن وفدن ۾ شامل جنن جي تعداد بابت ٻڌائي ٿو ته پهرين دفعي انهن جو تعداد ست يا نوَ هو، ٻئي دفعي واري وفد ۾ وري ست جن هئا ۽ ان ڪانپوءِ ٣٠٠ جنن جي جماعت حاضر ٿي ۽ هڪ ڀيري ته سندن جماعت ۾ ٻارهن هزار جن شامل هئا. (۴) "شرح عليٰ مواهب" ۾ زرقاني لکيو-آهي ته سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ جنن جو پهريون وفد ته نبوت عطا ٿيڻ ڪانپوءِ يارهين سال حاضر ٿيو. هي ان وقت جي ڳالهه آهي، جڏهن انهن کي عرش تي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڪين "شهاب ثاقب" ذريعي ڀڄائڻ جو سلسلو شروع ٿيو هو. (۵)

## دعاءِ طائف

هن سال طائف کان واپسيءَ تي پاڻ ڪريم ﷺ جن اها دعا گهري جيڪا "دعاءِطائف" جي نالي سان مشهور آهي. پاڻ پهريان ٻه رڪعتون نماز پڙهيائون ۽ پوءِ اها دعا گهريائون.

اَللّٰهُمَّ اِلَيْكَ اَشْكُوْ ضُعْفَ قُوَّتِيْ وَقِلَّةَ حِيْلَتِيْ وَهَوَانِيْ عَلَى النَّاسِ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ وَاَنْتَ رَبُّ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ اِلٰى مَنْ تَكِلُنِيْ؟ اِلٰى عَدُوٍّ بَعِيْدٍ يَّتَجَهَّمُنِيْٓ اَمْ اِلٰى صَدِيْقٍ قَرِيْبٍ مَلَّكْتَهٗ اَمْرِيْ؟ اِنْ لَّمْ تَكُنْ عَلَيَّ غَضْبَانًا فَلَا

---

(١) سورة الجن ٧٢ پاره ٢٩. آيت ١-٢.

(٢)"آڪام المرجان في غرائب الاخبار واحڪام الجان" نالي ڪتاب علامه ابو عبدالله بدرالدين محمد بن عبدالله شبلي حنفي جو لکيل آهي. جنهن ۾ جنن جي باري ۾ تمام گهڻو احوال موجود آهي. هي ڪتاب اٺين صدي هجريءَ ڌاري لکيو ويو. هن ڪتاب جو مصنف محمد بن عبدالله شبلي سن ٧١٢ هه بمطابق ١٣١٢ع ڌاري دمشق ۾ ڄائو . سندس وڏا اصل "ماوراءالنهر" جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "شبليه" جا رهاڪو هئا. ان ڪري کين "شبلي" سڏيو ويندو آهي. علامه محمد پنهنجي تعليم شام ۽ مصر جي وڏن وڏن عالمن وٽان مڪمل ڪئي. حديث ۽ فقه ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. ٧۵۵هه ڌاري ڪيس طرابلس (شام) جو جج مقرر ڪيو ويو ۽ مرڻ گهڙي تائين هو ان عهدي تي ڪم ڪندو رهيو. سندس وفات جو سن ٧٦٩هه آهي.

(الدررالڪامنه ابن حجر عسقلاني جلد ٣ ص ۴٨٧، الاعلام زرڪلي جلد ٦ ص ٢٢۴)،"الفوائد البهيئة في تراجم الحنفيه" عبدالحيّ لکنوي ص ١٧-١٦)

(٣) "آڪام المرجان" ابوعبدالله شبلي ص ۴٦.

(۴) سبل الهديٰ والرشاد، شامي ج ٢ ص ۴۴٣ _ ۴۴۵.

(۵) شرح المواهب اللدنيه زرقاني ج١ ص ٣٠٣.



Marfat.com

أُبَالِيْ غَيْرَ اَنَّ عَافِيَتَكَ هِيَ اَوْسَعُ لِيْ، اَعُوْذُ بِنُوْرِ وَجْهِكَ الَّذِيْ اَضَاءَتْ لَهُ السَّمٰوَاتُ وَالْاَرْضُ وَاَشْرَقَتْ لَهُ الظُّلُمٰتُ وَصَلُحَ بِهٖ اَمْرُ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ اَنْ يَّنْزِلَ بِيْ غَضَبُكَ وَيَحِلَّ بِيْ سَخَطُكَ وَلَكَ الْعُقْبٰى حَتّٰى تَرْضٰى وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِكَ. (١)

"اي الله! مان تنهنجي آڏو فرياد ڪريان ٿو، پنهنجي هيڻائيءَ جي، لاچاريءَ ۽ بيوسيءَ جي ۽ ماڻهن جي بيپرواهيءَ جي. اي ارحم الراحمين! تون هيڻن جو حامي آهين، پوءِ مونکي ڪنهن جي حوالي ڪندين؟ ان ڌارئي دشمن جي، جيڪو مون سان ڏاڍائي ڪري، يا اهڙي مهربان دوست جي، جنهن کي تون منهنجي معاملن جو مالڪ بڻائين، جيڪڏهن تون مون تي ڏمريل نه آهين ته پوءِ مونکي ڪنهن جي به ڪاڻ نه آهي. تنهنجي طرفان مليل سلامتي منهنجي لاءِ گهڻي آهي. مان پناهه گهران ٿو تنهنجي ذات جي ان نور جي وسيلي جنهن سان آسمان ۽ زمين جرڪي رهيا آهن، ۽ جنهن سان تون اونداهين کي روشن ڪرين ٿو. جنهن جي وسيلي، ٻنهي جهانن جون جوڙون جڙن ٿيون. مان ان ڪان به پناهه گهران ٿو، ته تنهنجو ڪو قهر يا ڏمر مون مٿان نه ڪڙڪي. توکي ريجهائڻو آهي، توکي پرچائڻو آهي، جيستائين تون پرچي پوين. بندي ۾ ڪا سگهه نه آهي پر جيتري تنهنجي طرفان مليل آهي."

---

(١) سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٦٢-٦١، روض الانف "سهيلي" ج ٢ ص ١٧٨. زاد المعاد "ابن قيم" جلد ٣ ص ٣٢-٣١. سبل الهدي والرشاد، شامي ج ٢ ص ٤٣١. بهجة المحافل، عامري ج١ ص ١٤١.



Marfat.com

# فصل يارهون

## سن يارهين نبويءَ جا واقعا

### عَقَبَہ جي پهرين بيعت (١)

• هن سال مديني کان آيل حاجين "عَقَبَہ" جي ويجهو خدا جي آخري رسول ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي. اها مديني وارن طرفان اسلام قبول ڪرڻ جي شروعات هئي.

اهو واقعو هن ريت پيش آيو، جو مديني کان آيل حاجي جڏهن مڪي پهتا، تڏهن "جَمَرَہْ عَقَبَہ" وٽ سندن ملاقات سرورڪائنات ﷺ جن سان ٿي. ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ سندن آڏو اسلام جي دعوت پهچائي. مديني وارن ان دعوت کي قبول ڪيو ۽ اتي ئي رسول الله ﷺ جي هٿ تي ايمان جي بيعت ڪيائون. ان بيعت کي تاريخ ۾ "بيعت عقبہ" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ان بيعت ڪرڻ وارن جو تعداد هڪ قول موجب ٦ ۽ ٻي قول مطابق ٨ ٻڌايو ويو آهي. سندن نالا هن ريت آهن:

(١) اَبُو اُسَامَہ اَسْعَد بن زُرَارَہ خَزْرَجي رضہ، جنهن مديني وارن مان سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪيو ۽ عقبہ وٽ ٿيندڙ ٽنهي بيعتن ۾ بهرو ورتائين. ان کانسواءِ مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جنهن کي مديني ۾ پهرين جمعي نماز جي امامت جو شرف بہ حاصل آهي.

(٢) بَرَاءِ بن معرور بن صخر اَوْسِي اَشْهَلِي رضہ

(٣) مُعَاذ رضہ

(۴) مُعَوِّذ رضہ

---

(١) "بيعت" لفظ بَيعَ مان نڪتو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: "وڪرو ڪرڻ" يا "وڪڻي ڇڏڻ". عرب ۾ قديم دور کان وٺي اهو رواج عام هو تہ ٻن شخصن جي وچ ۾ ڪو معاهدو طئي ٿيندو هو تہ ٻئي ڄڻا هٿ هٿ تي رکي ان کي نڀائڻ جو قول ڪندا هئا. انکي بيعت سڏيو ويندو هو، ڇو تہ ان معاهدي ذريعي هڪ ماڻهو ٻئي جي ڳالهہ کي مڃي، پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. ساڳيءَ ريت شرعي اعتبار کان هن لفظ جي معنيٰ آهي: "پنهنجي جان ۽ مال کي رضا رغبت سان جنت جي بدلي ۾ خدا تعاليٰ کي وڪڻي ڇڏڻ."

"عَقَبَہ" عام طرح کنهن بہ سوڙهي جابلو لڪ کي سڏيو ويندو آهي. مڪي جي جبلن ۾ بہ ڪيترائي اهڙا لڪ موجود هئا، جن مان سيني کان وڌيڪ مشهور لڪ اهو آهي، جيڪو منيٰ کان مڪي ڏانهن ويندڙ رستي جي اولهندي پاسي کان آهي. هن ئي ماڳ تي ذوالحج جي ڏهين تاريخ حاجي سڳورا شيطان کي پٿريون هڻندا آهن. جنهن کي "جمره عقبہ" بہ سڏيو ويندو آهي. نبي اڪرم ﷺ جن ان ماڳ تي مديني وارن کان بيعت ورتي هئي، انڪري اها "بيعت عقبہ" جي نالي سان مشهور آهي.

"لسان العرب" اِبن منظور ج ١ ص ٦٢١، الرحيق المختوم صفي الرحمٰن مبارڪپوري ص ٢۴٦



Marfat.com

• ان رات پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي رب جون پيون به وڏيون وڏيون نشانيون ڏٺيون. جيئن قرآن مجيد ۾ بيان ڪيو ويو آهي: "اِذ يغشي السدرة ما يغشيٰ" (١) (ڇانئجي رهيا هئا سدره جي مٿان، جيڪي ڇانئجي ويا.) اهي سون مان ٺهيل پروانه هئا ۽ ان سونهري رنگ سدره کي ڍڪي ڇڏيو هو.

• هن ئي رات نبي آخرالزمان ﷺ جن "بيت المعمور" جي زيارت به ڪئي. هي عرش وارن لاءِ خدا جو گهر آهي. ستر هزار فرشتا روزانو جنهن جو طواف ڪندا آهن. اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهندو ۽ ڪنهن به ملائڪ کي هڪ دفعي کان وڌيڪ طواف ڪرڻ جو موقعو نه ملي سگهندو. (٢)

هن رات پاڻ ڪريم ﷺ جن کي جنت ۽ ان ۾ موجود نعمتون به ڏيکاريون ويون ته وري دوزخ ۽ ان جا عذاب ۽ اسباب به سندن آڏو ظاهر ڪيا ويا. ان کانسواءِ جنت ۽ دوزخ ۾ مقرر ٿيل ملائڪ به ڏٺائون.

• هن سڳوري رات ۾ سرڪار مدينه ﷺ جي آڏو شراب، کير، ۽ ماکيءَ جا پريل ٿي مختلف پيالا پيش ڪيا ويا. جن مان پاڻ ﷺ کير جو پيالو کڻي پيتائون. جنهن تي جبريل عليه السلام کين ٻڌايو ته "اوهانکي ان فطرت تي هلڻ جي هدايت ڪئي ويئي آهي، جيڪا اوهان لاءِ ۽ اوهان جي امت لاءِ خاص طور مقرر ڪئي ويئي آهي." (٣)

• هن برڪت واري رات ۾ نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن امت جي مٿان خدا تعاليٰ طرفان روزانو پنج وقت نماز فرض ڪئي ويئي. سڀ کان پهريان هن حڪم ذريعي سڄي ڏينهن رات ۾ پنجاه نمازون فرض ٿيون، پر پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي رب جي دربار ۾ رعايت جي درخواست ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ اهو انگ گهٽجي وڃي پنجن تائين پهتو. ان لاءِ رحمة للعالمين ﷺ جن کي نَوَ دفعا رب جي دربار ۾ وڃڻو پيو ۽ هر دفعي پنجن نمازن جي رعايت ملي. جڏهن پنج نمازون باقي بچيون، تڏهن رب تعاليٰ فرمايو ته هنن پنجن نمازن کي ادا ڪرڻ وارا پنجاهه نمازن جو ثواب حاصل ڪندا، ڇو جو منهنجا ڪيل فيصلا بدلجي نه سگهندا آهن. (٤) رعايت جي باوجود به ثواب ۾ ڪمي نه ٿيندي آهي.

• هن سڳوريءَ رات ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن عرش کان مٿانهين مقام تائين پهتا، جتي کين پنهنجي رب پاڪ جي ويجهڙائي به حاصل ٿي، ته قديم ۽ ازلي ڪلام ٻڌڻ جو شرف به مليو. جيئن رب تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ فرمايو آهي:

ثُمَّ دَنٰی فَتَدَلّٰی • فَکَانَ قَابَ قَوْسَیْنِ اَوْ اَدْنٰی. (٥)

باقي ان ڳالهه ۾ اختلاف آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي پالڻهار کي هنن ظاهري اکين سان ڏٺو يا نه؟ حق اهو آهي ته پاڻ پنهنجي رب کي هنن ظاهري اکين سان ڏٺائون.

---

(١) سورة النجم ٥٣، پاره ٢٧ آيت ١٦

(٢) صحيح بخاري جلد ١، ص ٥٠، الروض الانف، "سهيلي" ج ٢ ص ٥٨.

(٣) صحيح بخاري ج٢ ص ٣٢٨ شرح علي المواهب اللدنيه، زرقاني ج ٦ ص٤٧

(٤) صحيح بخاري ج ١ ص ٥٤٨/٥٥٠. صحيح مسلم ج ١ ص ٩١

(٥) سورة النجم ٥٣، پاره ٢٧، آيت ٨ ۽ ٩.



Marfat.com

نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو معجزو هو.

## اَبُوسَلمَہ رض جي هجرت

هن سال ابو سلمہ رض عَبْدُالله بن اَسَد مخزومي مڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪئي. ابو سلمہ رض پهريان حبش ڏانهن هجرت ڪئي هئي ۽ ان ڪانپوءِ مڪي واپس موٽي آيو. پوءِ مڪي ۾ ڪيس ڪافرن وري تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. هوڏانهن مديني ۾ اسلام جي وڌڻ ۽ ويجهڻ جون خبرون پڌجڻ ۾ آيون، انڪري حضرت ابو سلمہ رض هن دفعي وري مديني ڏانهن هجرت ڪئي.[1]

---

(۱) اسدالغابہ "ابن اثير" ج ۳ ص ۱۹۶.



Marfat.com

# فصل تيرهون

هن فصل ۾ سن تيرهين نبويءَ جا واقعا بيان ڪيا ويا آهن.

## عَقَبَہ جي ٽين بَيْعَت

• هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ عَقَبَہ وٽ ٽين بَيْعَت ڪئي وئي. گذريل سال "بيعت" ڪرڻ وقت مديني جا انصار نبي ڪريم ﷺ جن سان اهو انجام ڪري ويا هئا ته هو ايندڙ سال وري انهيءَ ساڳئي ماڳ تي ساڻن ملاقات ڪندا.

پاڻ سڳورا ﷺ واعدي مطابق حج جي موقعي تي جڏهن اتي پهتا، ته انصار جي جماعت پنهنجي ڪيل قول موجب ان ساڳئي جاءِ تي موجود هئي. ان جماعت ۾ ٽيهتر مردن سان گڏ ٻه عورتون به شامل هيون.

پوءِ انهن سڀني، "اَيَّامِ تَشْرِيْق" (۱) جي وچينءَ رات نبي اڪرم ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي. بيعت ڪرڻ وارن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(۱) اَوْس بن ثَابِت خَزْرَجِيّ نَجَارِي، جيڪو حَسَّان بن ثَابِت جو ڀاءُ هو.

(۲) بَرَاء بن مَعْرُوْر بن صَخْر خَزْرَجِيْ سَلَمِيّ، جنهن هن بيعت ڪرڻ جو شرف سڀ کان پهريان حاصل ڪيو.

(۳) بشر بن براء، هي بَرَاء بن معرور جو پٽ هو.

(۴) اَبُوْ اَيُّوْب خَالِد بن زَيْد خَزْرَجِيْ نَجَاري.

(۵) خَلَّاد بن سُوَيْد بن ثَعْلَبَہ خَزْرَجِيْ.

(٦) اَبُوْ رِفَاعَہ رَافِع بن مَالِك بن عَجْلَان خَزْرَجِيْ عَجْلَانِي.

(۷) رِفَاعَہ بن رافع بن مَالِك، هن کي ڪڏهن ڏاڏي جي نالي پنيان ابن مالڪ به سڏيو ويندو آهي.

(۸) اَبُوْ لُبَابَہ رِفَاعَہ بن عَبْدُالْمُنْذِر اَوْسِي.

(۹) اَبُوْ طَلْحَہ زَيْد بن سَهْل خَزْرَجِيّ، هي اُمِ سُلَيْم جو گهر وارو هو.

(۱۰) اَبُو خَيْثَمَہ سَعْد بن خَيْثَمَہ اَوْسِي.

(۱۱) سَعْد بن رَبِيْع بن عَمْرو خَزْرَجِيّ.

---

(۱) "تَشْرِيْق" جي لغوي معني آهي: "ڪنهن شيءِ کي اس ۾ سڪائڻ". اصطلاحي طور "تشريق جا ڏينهن" حج جي آخري ٽن ڏينهن کي يعني ۱۱ کان ۱۳ تائين سڏيو ويندو آهي، ڇو جو انهن ڏينهن تي حاجي سڳورا جيڪا قرباني ڪندا هئا، ان گوشت کي اس ۾ سڪايو ويندو هو. انهن ڏينهن تي نبي ڪريم ﷺ جن روزي رکڻ جي منع فرمائي آهي ۽ انهن ڏينهن کي کائڻ پيئڻ ۽ ذڪر الاهي جا ڏينهن سڏيو ويو آهي.

(لسان العرب جلد ۱۰ ص ۱۷٦، دائرة المعارف (اردو) ج ٦ ص ۴۲۳).



Marfat.com

(١٢) اَبُو قَيْس سَعْد بن عُبَادَه ابن دُلَيْمَ خَزرَجِيّ، هي پنهنجي قبيلي جو سردار هو.
(١٣) سَلَمَہ بن سلامہ بن وَقْش اَوْسي بَدْرِي.
(١٤) ظُهَيْرُ بن رَافِع بن عَدِيّ.
(١٥) عَبْدُالله بن اُنَيْس جُهْني، جيڪو انصارن جي قبيلي بنو سَلَمَہ جو ساٿاري هو.
(١٦) عَبْدُالله بن جُبَير بن نُعْمان اَوْسِي، هي غَزْوَه اُحُد ۾ تير اندازن جي جٿي جو سرواڻ هو ۽ ان موقعي تي ئي شهيد ٿيو هو.
(١٧) عَبْدُالله بن رَوَاحَہ بن ثَعلَبَہ خَزرَجِي، جيڪو مشهور شاعر آهي.
(١٨) عَبْدُالله بن زَيْد بن عَبْدرَبِّه خَزرَجِي حَارِثي، سندس ڪُنيت اَبُو محمد آهي. ڪيس خواب ۾ اذان جو طريقو ڏسيو ويو هو.
(١٩) عَمْرو بن جَمُوح بن زَيْد خَزرَجي سَلِمي.
(٢٠) سندس پٽ مُعَاذ بن عَمْرو بن جَمُوح.
(٢١) قَتَادَه بن نُعْمَان بن زَيد اَوْسي ظفري.
(٢٢) اَبُواليَسَر ڪَعْب بن عَمْرو بن عَبَّاد سَلِمي خَزرَجِي.
(٢٣) مشهور شاعر ڪعب بن مَالِڪ بن عَمْرو سَلِمي خَزرَجي. هي انهن ٽن جڻن مان هڪ هو، جيڪي تَبُوڪ واري لڙائيء ۾ بهرو وٺي نہ سگهيا ۽ پوئتي رهجي ويا هئا.
(٢٤) مَالِڪ بن دُخْشُم بن مَالِڪ اَنصَارِي جيڪو بَنو عَمْرو بن عَوْف وارن مان هو. (دُخْشُم کي دُخْشَن بہ چيو ويندو آهي)
(٢٥) مُعَاذ بن جَبَل بن عَمْرو خَزرَجي جُشَمِي، جيڪو "حرام ۽ حلال" جي علم جو امام هو.
(٢٦) مَعْن بن عَدِيّ بن جَدّ بن عَجْلَان بَلَوِي. هي انصار جي قبيلي عمرو ابن عوف وارن جو ساٿاري هو.
(٢٧) مُنْذِر بن عَمْرو بن خُنَيْس خَزرَجي سَاعِدِي، هي ان جماعت جو اڳواڻ هو، جنهن کي "بئرمعونہ" واري واقعي ۾ شهيد ڪيو ويو.
(٢٨) نُعْمَان بن عَمْرو بن رِفَاعَہ اَنصَارِي نَجَّارِي، ڪيس نُعَيْمَانُ بہ سڏيو ويندو آهي.
(٢٩) اَبُو بُرْدَه هَانِي بن نِيَار بَلَوِي، هي اَنصَار جي قبيلي خَزرَج جي هڪ شاخ بَنُو حَارِث جو حَلِيف هو ۽ بَرَاء بن عَازِب جو مامو هو، وغيره.

اهي بيعت عقبہ ۾ شامل ڪجهہ مردن جا نالا آهن. انهن کانسواءِ بہ عورتون بہ هن بيعت ۾ شامل هيون. جن جا نالا هي آهن. (١) اَسْمَاء بنت عَمْرو بن عَدِي سلميہ خزرجيہ (٢) اُمِّ عَمَارَه "نَسِيْبَہ" بنت ڪعب بن عَمْرو اَنصَارِيہ مَازِنِيَّہ. (١)

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو نالن جي هڪجهڙائي سبب "نَسِيْبَہ" کي اُمِّ عطِيَّہ بہ سمجهندا آهن، جيڪا هڪ چٽي غلطي آهي. "اُمِّ عَطِيَّہ" جو نالو "نُسَيْبَہ" (ن تي پيش) آهي. اهو پڻ ياد رکڻ کپي تہ عَقَبَہ جي ٽين بيعت ۾ "اُمِّ عَطِيَّہ" نہ پر "اُمِّ عَمَاره" شامل هئي.

---

(١) سبل الهدیٰ و الرشاد. شامي ج٣ ص ٢٠٣.



Marfat.com

# نماز ۾ تڪڙ ڪرڻ وارو صحابي

• رِفَاعہ بن رَافع بن مَالِڪ، جنهن عَقَبَہ جي ٽين بيعت ۾ حصو ورتو. ان ڪي "مُسِيءُ الصَّلٰوة" (نماز صحيح طرح نہ ادا ڪرڻ وارو) ڪري سڏيو ويندو آهي. اهو ان ڪري جو هڪ ڀيري نبي ڪريم ﷺ جن مسجد ۾ موجود هئا، تہ اتي رِفَاعہ بن رَافع بہ پهتو ۽ نماز پڙهڻ شروع ڪيائين. تڙ تڪڙ ۾ نماز پوري ڪري، جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي سلام ڪيائين تہ خدا جي سچي رسول ﷺ جن ڪيس فرمايو: "رِفَاعہ تو جڻ نماز نہ پڙهي، ان ڪري هاڻ تون پنهنجي نماز کي ورائي پڙهہ." ان کانپوءِ رِفَاعہ وري بہ ساڳيءَ طرح نماز ادا ڪئي. ان ريت دربار نبوي ﷺ مان ڪيس بہ ٽي دفعا نماز ورائي پڙهڻ جو حڪم مليو. اها هڪ ڊگهي حديث آهي ۽ بخاري شريف ۾ موجود آهي. [(1)]

• هن سال عَقَبَہ واري ٽين بيعت جي موقعي تي رسول رحمت ﷺ مديني وارن مٿان سندن مرضيءَ موجب ٻارهن نقيب مقرر ڪيا، جن مان نَوَنِ جو تعلق "خزرج" قبيلي سان هو. باقي ٽي "اوس" قبيلي مان هئا. انهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو. [(2)]

| نقيبن جا نالا (خزرج قبيلي مان) | انهن قبيلن جا نالا جن مٿان نقيب مقرر ڪيا ويا |
|---|---|
| (۱) اَسْعَد بن زُرارَہ اَبُوْ اُمَامَہ | بَني نَجَّار |
| (۲) رَافِع بن مَالِڪ بن عَجْلَان | بَني زُرَيْق |
| (۳) سَعْد بن رَبِيْع بن عَمْرو | |
| (۴) عَبْدُالله بن رَوَاحہ | بَني حَارِث بن خَزْرَج |
| (۵) سَعْد بن عُبَادَہ | |
| (٦) مُنْذِر بن عَمْرو بن خُنَيْس | بَنُو سَلمہ |
| (۷) عُبَادَہ بن صَامِت | |
| **(اَوْس قبيلي مان)** | |
| (۱) اُسَيد بن حُضَيْر | بَني عَبْدُالْاَشْهَل |
| (۲) رِفَاعہ بن عَبْدُالـمُنْذِر | |
| (۳) سَعْد بن خَيْثَمَہ | بَنُو عَمْرو بن عَوْف |

(۱) صحيح بخاري جلد ۱ ص ۱۴۴ ،اسد الغابہ" ابن اثير ج ۲ ص ۱۷۹-۱۷۸

(۲) خزرج قبيلي مان جيڪي نوَ "نقيب" چونڊيا ويا، انهن منجهان هت فقط ست نالا درج ڪيا ويا آهن. باقي ٻہ نالا شايد ڪاتب جي ڀُل سبب رهجي ويا آهن، اهي آهن براء بن معرور بن صخر ۽ عبدالله بن عمرو بن حرام بن ثعلبہ، انهن ٻنهي کي بنو سلمہ وارن جي مٿان نقيب مقرر ڪيو ويو هو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: "اهي نقيب" پنهنجي قوم جي معاملن جي ائين سار سنڀال لهندا، جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام جا حواري پنهنجي قوم جا معاملا سنڀاليندا هئا.

سيرة ابن هشام جلد ۲ ص ۸٦-۸۷، الطبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ۱ ص ۱۵۰، شرح مواهب لدنيہ "زرقاني" جلد ۱ ص ۳۱۷، دلائل النبوة، بيهقي جلد ۲ ص ۴۴۸، سيرة نبويہ، ابن ڪثير جلد ۲ ص ۱۹۸-۱۹۹. سبل الهديٰ والرشاد شامي ج ۳ ص ۲۰۳.



Marfat.com

تي مهينا پوءِ رسول الله ﷺ جن مڪي کان مديني ڏانهن هجرت فرمائي. ان هجرت جو احوال ۽ ان سال دوران پيش ايندڙ ٻين واقعات جو ذڪر انشاءَ الله تعاليٰ هجرت جي پهرين سال واري فصل ۾ ڪيو ويندو، جيڪو هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو ۽ ٽيون باب هوندو.

علامہ گازروني پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ لکيو آهي:

"نبي سونهاري ﷺ پاڻ پنهنجي سنِ مڪي کان مديني ڏانهن هجرت "نبوت" جي چوڏهين سال فرمائي."

ان مان اها پروڙ پوي ٿي تہ حافظ ابن ڪثير (۱) پنهنجي مشهور ڪتاب "البدايہ والنهايہ" ۾ جيڪو لکيو آهي تہ، "نبي سڳوري ﷺ جن مڪي کان مديني ڏانهن هجرت "عَقَبَہ" جي ٽنهي بيعتن کانپوءِ سن ۱۳ نبويءِ ڌاري ڪئي." (۲) تہ اها سندس ڀُل آهي يا وري هن نبوت جي پهرين سال کي ليکي ۾ نہ آندو آهي. اهو شايد ان ڪري جو اهو سال اڻپورو هو. ڇو جو نئون سال تہ محرم کان شروع ٿيو، جڏهن تہ پهرين وحي نازل ٿي ربيع الاول يا رمضان جي مهيني ۾، جيئن پهرئين فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

---

(۱) عماد الدين ابو الفداء اسماعيل بن عمر بن ڪثير بن ضَو بن ڪثير قَيسي بَصروي پنهنجي وقت جو مڃيل عالم، محدث، مفسر، مؤرخ ۽ فقيہ ٿي گذريو آهي.

جيڪو ۷۰۱ هجري بمطابق ۱۳۰۲ع ڌاري "بصري" جي پسگردائيءِ ۾ "جندل" نالي ڳوٺ ۾ ڄائو. هو اڃا ڇهن ورهين جو مس ٿيو تہ سندس پيءُ گذاري ويو. ان کانپوءِ سندس وڏو ڀاءُ کيس دمشق وٺي آيو ۽ پوءِ اتي رهائش اختيار ڪيائون. هو اتي ٿي جوان ٿيو. وقت جي مڃيل عالمن وٽان حديث، تفسير، تاريخ ۽ فقه جي تعليم حاصل ڪيائين، جن ۾ ابن عساڪر، اسحاق آمدي، امام مزي، ابن زراد، ابن رضي ۽ ابن تيميہ جا نالا ذڪر جوڳا آهن. ابن تيميہ سان کيس بي پناهہ عقيدت هئي، جنهن جي نتيجي ۾ کيس وقت جي سرڪار طرفان ڪافي صعوبتون بہ سهڻيون پيون. ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جن مان قرآن جو تفسير، البدايہ والنهايہ، ۽ سيرة ابن ڪثير تمام گهڻا مشهور ۽ مقبول ٿيا. حديث جي راوين بابت هڪ ڪتاب "التڪميل" نالي سٺن جلدن ۾ لکيائين. ان کان پوءِ صحيح بخاريءِ جي جامع شرح بہ لکڻ شروع ڪيائين، جيڪا مڪمل ٿي نہ سگهي. ان کانسواءِ حديث جي سلسلي ۾ سندس وڏي ۾ وڏي ڪاوش "جامع المسانيد" جي ترتيب آهي، جنهن ۾ حديث جي مڃيل معتبر ڪتابن جون روايتون راوين جي ترتيب سان جمع ڪيون اٿس. هي ڪتاب تازو ۳۶ ضخيم جلدن ۾ نهايت آب و تاب سان بيروت مان شايع ٿيو آهي.

۷۷۴ هجري بمطابق ۱۳۷۳ عيسويءِ ڌاري دمشق ۾ وفات ڪيائين، جتي کيس "مقبره صوفيہ" اندر پنهنجي پياري استاد امام ابن تيميہ جي پير ۾ دفنايو ويو.

دائرة المعارف (اردو) جلد ۱ ص ۶۵۴، "الدرر الڪامنة" ابن حجر ج ۱ ص ۲۷۴/۷۳. الاعلام "زرڪلي" جلد ۱ ص ۳۲۰، مفتاح السعاده "طاش ڪبري زاده ج ۱ ص ۲۳۲/۳۱. معجم المؤلفين "عمرر رضا ڪحالہ" ج ۲ ص ۲۸۴.

(۲) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۲ ص ۱۷۵.



Marfat.com

# پانچواں

باب پنجم

# غزوات

Marfat.com

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# ڀاڱو ڇهون

هاڻي هن ڪتاب جو ڇهون ڀاڱو شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ نبي سڳوري صلي الله عليه وسلم جن جي مديني ڏانهن هجرت کان وٺي سندن وصال تائين پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هي ڀاڱو ٽن بابن ۾ ورهايل آهي.

## باب پهريون

هن باب ۾ انهن جهادي ڪارروائين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ۾ سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن پاڻ پنهنجي سرِ بهرو ورتو.

• اسان کي اها ڄاڻ هئڻ کپي ته اسان جي پياري رسول صلي الله عليه وسلم جن، پاڻ جن جنگين ۽ مهمات ۾ شريڪ ٿيا تن کي محدثن جي اصطلاح ۾ "مَغَازِي" يا "غَزَوَات" سڏيو ويو آهي. باقي اهي لڙايون يا معرڪه جن ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي سر ته شريڪ نه ٿيا پر انهن جي اڳواٽي سندن طرفان موڪليل صحابي سڳورن ڪئي تن کي "سَرَايَا" ۽ "بُعُوْث" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

• اسان کي اها ڄاڻ به رکڻ کپي ته اسلام جي اوائلي دور ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي ڪافرن سان جنگ ڪرڻ جي اجازت نه هئي. (١) اهڙو حڪم ڪين بعد ۾ سن ٻي هجري جي صفر مهيني دوران هن آيت ذريعي ڏنو ويو:

---

(١) خدا تعاليٰ طرفان اسلام جا احڪام هڪ ئي وقت يا جلديءَ ۾ نه پر آهستي آهستي نهايت موزون ۽ مناسب وقتن تي نازل ٿيندا رهيا. انهن وقتن جو تعين خدا تعاليٰ طرفان ڪيو ويو ان ڪري جيڪو حڪم جنهن وقت نازل ٿيو ته اٿين پيو محسوس ٿئي ته ان حڪم جي نزول لاءِ اهوئي وقت سڀ کان وڌيڪ موزون هو. تڏهن ته هر حڪمَ پنهنجي پويان هڪ تاريخ ڇڏي آهي. جنهن کي ڏسي معلوم ٿئي ٿو ته مسلمانن لاءِ وقت جي مناسبت سبب انهن حڪمن جي پوئواري ڪرڻ جو عمل آسان ٿي پيو.

خدا تعاليٰ پنهنجي آخري پيغمبر ﷺ ۽ پنهنجي آخري ڪتاب ذريعي هڪ اهڙي امت تيار ڪرڻ پئي چاهي جيڪا ڀـــريان پنـــهنجي سموري زندگيءَ جو نظام الله تعاليٰ جي هدايت مطابق قائم ڪري ۽ ان ڪانپوءِ وري اهائي قوم مالڪ الملڪ جي تائيد سان ان خدائي نظام جي علمبردار ٿي اٿي ۽ سموري دنيا تائين اهو پيغام پهچائي. اهو ڪم ان آخري امت جي فرائض منصبيءَ جو حصو آهي ۽ پوءِ ان رستي ۾ ان قوم کي جيڪي به تڪليفون سامهون اچن ته خدا جي رضا لاءِ پنهنجا پير پختا ڪري انهن سان مهاڏو اٽڪائي. بيهن.ان سلسلي ۾ پهريون ڪم عقيدي جي اصلاح وارو



Marfat.com

هو جيڪو مڪي شريف ۾ شروع ٿيو ۽ درجي بدرجي اڳتي وڌندو رهيو نبي اڪرم ﷺ جن مٿان الله تعاليٰ طرفان پهرين وحي غار حرا ۾ نازل ٿي جنهن جي ذريعي ڪين حڪم ڏنو ويو ته "اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّکَ" پڙهه پنهنجي الله جي نالي سان.

اهو نبوت جو آغاز هو ۽ پهريون حڪم سندن ذات با برڪات لاءِ ئي هو جنهن جي شروعات الله جي نالي سان ڪئي ويئي. ان جاءِ تي ڪنهن ٻئي تائين پيغام پهچائڻ جو ڪو ذڪر نه آهي.

ان ڪانپوءِ ٻيو حڪم نازل ٿيو: "يَاَيُّهَا الۡمُدَّثِّرُ قُمۡ فَاَنۡذِرۡ".

ان حڪم ذريعي ڪين ٻڌايو ويو ته هاڻي اٿو ماڻهن کي ڊيڄاريو (الله کان).

ان سلسلي ۾ اهو پهريون ڊيڄارڻ جو حڪم هو جنهن ڪانپوءِ مختلف آيتن وسيلي درجي بدرجي اهڙا احڪام نازل ٿيندا رهيا جن ۾ پهريان پنهنجي ڪٽنب وارن لاءِ. "وَاَنۡذِرۡ عَشِيۡرَتَکَ الۡاَقۡرَبِيۡنَ". پوءِ پنهنجي قوم لاءِ. پوءِ پنهنجي آسپاس وارن لاءِ. پوءِ سموري عرب لاءِ ۽ پوءِ سڄي عالم لاءِ.

اهوئي سبب هو جو خدا جي آخري نبي ﷺ جن پنهنجي منصبي ذميواري نڀائڻ جي شروعات پنهنجي ڪٽنب وارن کان ڪئي. جنهن ڪانپوءِ پنهنجي قوم وارن ۽ پنهنجي آسپاس وارن تائين اها دين جي دعوت پهچائي. يعني مڪي جي اندر ۽ مڪي کان ٻاهر مختلف علائقن کان ايندڙ حاجين تائين ۽ طائف وارن تائين اهو پيغام پهچايائون ۽ ان جي موٽ ۾ سندن ذات توڙي سائين کي جيڪي ڪجهه مليو ان کي صبر ۽ سانت سان سهڻ جو حڪم هو.

ان عرصي ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جو طائف ۾ جسم مبارڪ رتو رت ڪيو ويو. مڪي ۾ بلال، خباب، سُمَيَّه، زنيره وغيره سان جيڪي ڪجهه ٿيو ان جو مثال انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

جنهن ڪانپوءِ "شعب ابوطالب" ۾ لڳاتار ٽي ورهيه ايمان وارن سان جيڪي عقوبتون ڪيون ويون ان تي انساني تاريخ شرمسار آهي.

ظلم ۽ زيادتين جو اهو سلسلو لڳاتار تيرهن ورهين تائين هلندو رهيو تانجو مسلمانن کي هجرت جو حڪم مليو. جنهن جي تحت هو پنهنجا اباڻا ماڳ مڪان، مال ۽ ملڪيتون سڀ مڪي ۾ ڇڏي الله جي رضا لاءِ هجرت ڪري اچي يثرب پهتا. جنهنڪري ان شهر کي مدينة النبي ﷺ ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ اتي سندن زندگي مڪي جي مقابلي ۾ وڌيڪ آرم ۽ سڪون سان گذرڻ لڳي.

مديني جي شهر ۾ نماز لاءِ مسجد جي اڏاوت، انصار ۽ مهاجرن جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم ڪرڻ. ۽ مديني شهر ۾ يا آسپاس رهندڙ مسلمانن توڙي يهودين جي وچ ۾ امن جو تحريري معاهدو (ميثاق مدينه) ڪرڻ ڪانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورن سک جو ساهه کنيو. پر مديني ۾ مسلمانن جي پرسڪون زندگي گذارڻ جون خبرون ٻڌي مڪي ۾ ڪافرن جو سڪون تباهه ٿي ويو. هاڻي هو سمورا پاڻ ۾ گڏجي هڪ طرف مسلمانن خلاف سازشون سٽڻ لڳا ته ٻئي طرف وري نه فقط مهاجر پر انصار ڏانهن به ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪائڻ وارا نياپا موڪلڻ لڳا. ڪافرن جي ان روش مسلمانن کي سجاڳ ڪري ورتو ۽ هاڻي هو پنهنجي دفاع کان به غافل نه رهيا ته دشمن جي ارادن کان باخبر رهڻ لاءِ به انتظام شروع ڪيائون حضرت ابي بن ڪعب جي روايت آهي ته انهن ڌمڪين ڪانپوءِ مديني وارا رات ڏينهن هٿيارن ڪانسواءِ نه رهندا هئا (پنهنجي بچاءِ جي حد تائين) يعني هتي پهريون ڀيرو مسلمانن ۾ مسلح دفاعي سوچ جو جذبو جاڳيو. تانجو اهڙي حالت ۾ الله تعاليٰ طرفان ڪين صفر ٻي هجريءَ ڌاري پهريون ڀيرو دفاعي جنگ جي اجازت سوره حج ۾ "اذن للذين" واري آيت ذريعي ملي. جنهن ڪانپوءِ ان ڏس ۾ ٻيون آيتون پڻ نازل ٿيون جن ۾ مسلمانن کي جهاد جو باقاعده حڪم ڏنو ويو ته هاڻي هو اڳتي وڌي الله جي زمين تي الله جو نظام قائم ڪن ۽ ان رستي ۾ ڪفر طرفان



Marfat.com

جيڪي به رڪاوٽون ۽ رنڊڪون وڌيون وڃن انهن کي ناس ڪيو وڃي جيئن، قَاتِلُوْافِيْ سَبِيْلِ اللهِ (البقره) قَاتِلُوا هُمْ حَتّٰى لَاتَكُوْنَ (الانفال) وارين آيتن ۾. ان مان اها پروڙ پوي ٿي ته اسلام ۾ جهاد صرف ۽ صرف ظلم زيادتي، ڌاڙ ڌمڪا ۽ حيواني طاقتن کي روڪڻ يا انهن جي خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو نالو آهي ۽ ڪنهن به پر امن شهري، ڪمزور ۽ ستايل خلاف ڪاروائيءَ کي جهاد نه سڏيو ويندو آهي.

اهڙي ريت ڪنهن به ذاتي، نسلي گروهي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ طاقت جي استعمال کي به ڪڏهن جهاد نه سڏيو ويندو پر فتني فساد کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي عدل ۽ انصاف، امن ۽ آشتي کي نافذ ڪرڻ جو نالو جهاد آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن جي هٿ هيٺ مسلمانن جيڪا جهاد جي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي ان جي ذريعي ڏهن ورهين جي مختصر عرصي ۾ سڄي عرب اندر هر قسم جي طاغوتي طاقتن ۽ سندن ظلم توڙي ڌاڙ جو خاتمو ٿي ويو ۽ پهريون پيرو هن علائقي ۾ هڪ اهڙي مرڪزي حڪومت جو قيام عمل ۾ آيو جنهن کي هر فرد جي حمايت حاصل هئي ۽ اڳتي هلي دنيا جي ٻين وڏين حڪومتن کي مديني جي هن مرڪزي حڪومت جو تابع ٿيڻو پيو ايتريقدر جو ان دور جي ٻن عظيم سلطنتن (Super Powers) کي به مدني خلافت جي حڪم هيٺ هلڻو پيو (قيصر ۽ ڪسريٰ جون سلطنتون). نبي ڪريم ﷺ جن هن ڏس ۾ جيڪا حڪمت عملي اختيار ڪئي ان تي دنيا جي وڏن وڏن جرنيلن کي حيراني آهي ته ايتري معمولي جاني ۽ مالي نقصان تي ايڏيون وڏيون ڪاميابيون انساني تاريخ ۾ ڪنهن به فاتح کي حاصل نه ٿي سگهيون آهن. چوجو پاڻ سڳورن ﷺ جي زندگيءَ ۾ اسلامي انقلاب مڪمل ٿيڻ تائين دشمن سان جيتريون به لڙايون لڳيون انهن ۾ ٻنهي ڌرين جا اٽڪل هڪ هزار ۽ اٺ ماڻهو ماريا ويا.

هن ڪتاب اندر جهادي ڪاروائين کي ٻن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. باب پهرين ۾ غزوات ۽ باب ٻئي ۾ وري سرايا ۽ بعوث وغيره جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

غزوات واري هن پهرين باب ۾ اٺاويهن غزوات جو ذڪر ٿيل آهي.

غزوات جي ڳاڻيٽي ۾ جيتوڻيڪ راوين جو اختلاف رهيو آهي پر پوءِ به اهو اختلاف حقيقي نه پر خيالي آهي. ڇو جو ڪنهن به "غزوه" جي حقيقت کان ته ڪنهن کي به انڪار نه رهيو آهي، باقي ان جي واقعاتي نوعيت کي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ تسليم ڪيو ويو آهي. مثال طور نبي ڪريم ﷺ جن ڪنهن موقعي تي ڪنهن مخصوص مهم لاءِ تيار ٿي مديني کان نڪتا ۽ ان مطلوبه مقام تائين پهچي پنهنجو مقصد حاصل ڪيائون پر ان ساڳئي سفر ۾ اوچتو ئي ڪنهن ٻئي پاسي يا ويجهڙائيءَ ۾ جهاد جي ضرورت محسوس ٿي ۽ پوءِ گهر موٽڻ بدران پاڻ ڪريمن ﷺ پنهنجي لشڪر سميت ان طرف رخ رکيو. جيئن غزوه خيبر جي خاتمي ڪانپوءِ ان ساڳئي سفر ۾ "غزوه وادي القريٰ" جو واقعو پيش آيو. هاڻي ڪن مؤرخن انهن ٻنهي غزوات کي هڪ غزوه شمار ڪيو آهي. جڏهن ته ڪن جي نگاه ۾ وري اهي ٻه غزوات آهن. ان ڪانسواءِ جن غزوات ۾ ڌريون هڪ ٻئي جي سامهون نه آيون اهڙن واقعات کي به ڪجهه راوين طرفان نظرانداز ڪيو ويو آهي. ايتريقدر جو "حضرت بريده بن حصيب اسلمي" ته "فتح مڪه" جي مهم کي به غزوات ۾ شمار نٿو ڪري. ان ڏس ۾ سندس قول آهي ته مڪي پاڪ جي فتح، جنگ نه پر امن جو عمل هو." اهڙي ريت "غزوه حديبيه" کي به ڪن راوين طرفان "غزوه" شمار نه ڪيو ويو آهي ڇو جو سندن خيال آهي ته هن موقعي تي مسلمان ڪنهن جنگ يا جهاد جي نه پر "عمره" ادا ڪرڻ جي نيت سان مديني کان هليا هئا. اهڙي ريت ڪن راوين طرفان ٻين غزوات جي باري ۾ به مختلف راين جو اظهار ڪيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو ڳاڻيٽي جي لحاظ کان غزوات جو انگ مختلف جاين تي مختلف نظر اچي ٿو. مثلاً حضرت زيد بن ارقم غزوات جو تعداد اوڻويهه ٻڌايو آهي ته حضرت جابر بن عبدالله



Marfat.com

# جملي غزوات جو چارٽ

| نمبر | غزوه جو نالو | مقصد | لڙائيءَ جو ماڳ | مسلمانن جو تعداد | تاريخ | مديني ۾ جانشين | نتيجو |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١. | غزوه ابواء | ڪافرن جي هڪ قافلي جو پيڇو ڪرڻ | ودان | ٦٠ مهاجر | ١١ صفر ٢ هجري | سعد بن عباده | ڪافرن جو قافلو ته هٿ نه آيو پر بنوضمره وارن سان هڪ ڪامياب معاهدو ٿيو |
| ٢. | غزوه بُواط | ڪافرن جي هڪ قافلي جو پيڇو ڪرڻ | بُواط | ٢٠٠ مهاجر | ربيع الاول ٢ هجري | سائب بن مظعون | قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري ويو |
| ٣. | غزوه سَفوان | ڪرز بن جابر وارن جو پيڇو ڪرڻ جيڪو مسلمانن جو مال ڪاهي ويو هو | بدر | ٢٠٠ مهاجر | ربيع الاول ٢ هجري | زيد بن حارثه | دشمن ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا |
| ٤. | غزوه عُشيره | ڪافرن جي هڪ قافلي جو پيڇو ڪرڻ | عشيره | ١٥٠ يا ٢٠٠ مهاجر | جمادي الاول ٢ هجري | ابوسلمه عبدالله بن عبدالاسد مخزومي | قافلو هٿ نه آيو پر بنو مدلج ۽ سندن ساٿارين سان هڪ معاهدو ٿيو |
| ٥. | غزوه بَدر | ابوسفيان جي قيادت ۾ ايندڙ هڪ قافلي سان مقابلو ڪرڻ | بدر | ٨٤ مهاجر ٢٩٩ انصار | ١٧ رمضان ٢ هجري | ابولبابه بن عبدالمنذر انصاري | مسلمانن کي بيمثال ڪاميابي حاصل ٿي ۽ ڪافرن جو بي حساب جاني ۽ مالي نقصان ٿيو |
| ٦. | غزوه قرقرة الڪدر | ڪافرن سان مقابلو | قرقرة الڪدر | ٢٠٠ | شوال ٢ هجري | سباع بن عرفطه يا حافظ ابن ام مڪتوم | دشمن مقابلي ڪرڻ کانسواءِ جان بچائي ۽ پنهنجو مال ڇڏي ڀڄي ويا جيڪو مسلمانن هٿ ڪيو |
| ٧. | غزوه سَويق | ابوسفيان ۽ سندن ساٿين جو پيڇو ڪرڻ جن ڪجين جا | عُرَيضَ | ٢٠٠ | ٥ ذوالحج ٢ هجري | سباع بن عرفطه يا ابولبابه بن عبدالمنذر | ڪافر خوف کان ڀڄي ويا ۽ پنهنجون سٽن جون ٻوريون رستي ۾ اڇلائيندا ويا |



Marfat.com

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | مسلمان هتان لانگهائو ٿيا تہ اتان جا ماڻهو سندن مٿان حملي لاءِ اڳوات ئي تيار هئا | | | | | |
| ٢۴. | غزوهٔ ذاتِ الرِّقاع | دشمن کي اڳرائيءَ کان روڪڻ | نجد | ۴٠٠ يا ٧٠٠ | ١٠ ربيع الاول ٧ هجري | عثمان بن عفان رضہ | دشمن ڀڄي ويا |
| ٢٥. | غزوهٔ فتح مکہ | الله تعاليٰ جي پاڪ گهر کي ڪافرن جي قبضي مان ڇڏائڻ | مکو شريف | ١٠٠٠٠ | ١٠ رمضان ٨ هجري | ابن ام مکتوم ۽ ابو رهم انصاري | مسلمان پنهنجي مرڪز حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا |
| ٢٦. | غزوهٔ حُنين | بنوهوازن ۽ بنوثقيف توڙي ٻين يهودي قبيلن جي پيش قدميءَ کي روڪڻ | حنين | ١٢٠٠٠ | ٦ شوال ٨ هجري | ابوذر غفاري | مسلمان سوڀارا ٿيا |
| ٢٧. | غزوهٔ طائف | بنوثقيف وارن جي طاقت کي ختم ڪرڻ | طائف | ١٢٠٠٠ | شوال ٨ هجري | عتاب بن اسيد (مکي ۾ جانشين مقرر ڪيو ويو). | مسلمانن ڪاميابي حاصل ڪئي |
| ٢٨. | غزوهٔ تبوڪ | قيصر روم طرفان مسلمانن خلاف حملي جي تيارين کي روڪڻ | تبوڪ | ٣٠،٠٠٠ | رجب ٩ هجري | محمد بن مسلمہ | هن آخري "غزوه" ۾ بہ مسلمانن سوڀ حاصل ڪئي |



Marfat.com

اُذِنَ لِلَّذِيۡنَ يُقٰتَلُوۡنَ بِاَنَّهُمۡ ظُلِمُوۡا وَاِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصۡرِهِمۡ لَقَدِيۡرُ. (١)

اجازت ڏني وڃي ٿي انهن ماڻهن کي جن جي خلاف جنگ جوٽي پيئي وڃي، ڇو جو هو ظلم جو شڪار ٿيل آهن ۽ بلاشڪ الله سندن مدد ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو.

اها ان ڏس ۾ نازل ٿيندڙ پهرين آيت آهي، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويندو.

• اسان کي اها ڄاڻ پڻ هئڻ گهرجي ته نبي سونهاري صلي الله عليه وسلم جن پاڻ جن لڙاين يا مهمات ۾ بهرو ورتو. تن جو تعداد ستاويهه (٢٧) چيو وڃي ٿو. ان ڳاڻيٽي ۾ " غزوه احزاب" ۽ "غَزۡوَه بني قُرَيۡظَه" کي هڪ " غَزۡوَه" ڪري شمار ڪيو ويو آهي، ۽ ساڳيءَ ريت "غَزۡوَه خَيۡبَرۡ" ۽ "وَادِي القرىٰ" کي به هڪ "غزوه" ڪري ڳڻيو ويو آهي. باقي جيڪڏهن ڪو به انهن غَزۡوَات مان ڪنهن به هڪ کي جدا جدا شمار ڪندو ته پوءِ اهو انگ وڌي اناويهه (٢٨) ٿي ويندو. (٢)

انهن اناويهه (28) غزوات جو ترتيب وار وچور هت هيٺ ڏجي ٿو. (٣)

(1) "غزوه الاَبۡوَاء" جنهن کي "غزوه ودان" به سڏيو ويندو آهي.

(2) "غزوه بُوَاطِ"

(3) "غزوه سَفَوَان" هن کي "بَدۡر اوليٰ" به سڏيو ويندو آهي.

(4) "غزوه عُشَيۡرَه"

(5) "غزوه بَدۡر ڪُبۡرٰيٰ"

(6) "غزوه بني سُلَيۡم" هن کي "قَرۡقَرَةُ الۡڪُدۡر" به سڏيندا آهن.

(7) "غزوه سَوِيۡق"

(8) "غزوه غَطَفَان" يا "ذي امرّ"

(9) "غزوه فُرُع" (حجاز طرف بحران ۾)

(10) "غزوه بني قَيۡنُقَاع"

---

(١) سورة "الحج" آيت ٣٩ پاره ١٧.

(٢) غزوات جي ڳاڻيٽي ۾ سيرت نگارن جو اختلاف رهيو آهي، پر پوءِ به انهن مان اڪثريت جي راءِ موجب غزوات جو تعداد ستاويهه آهي.

"مُوسيٰ بن عُقبہ"، "ابن اِسحَاق"، "واقدي"، "ابن سعد"، "ابن جَوزِي" ۽ "دِميَاطِي" وغيره ستاويهن جي انگ تي متفق آهن. جڏهن ته ٻئي پاسي وري سعيد بن مُسَيّب جي خيال ۾ غزوات جو تعداد چوويهه ٢٤، جابر بن عبدالله وٽ ايڪيهه ٢١ ۽ زيد بن ارقم وٽ اوڻيهه ١٩ آهي. ان جا ڪيترائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، جنهن جي وضاحت مٿي ٿي چڪي آهي.

علامہ سُهَيلي پنهنجي ڪتاب "رَوضَ الانفَ" ۾، علامہ زرقاني پنهنجي ڪتاب شرح عَلَيِ المَوَاهب اللدنيہ ۾ ۽ علامہ ابن حَجَر عَسقَلاَني "فتح الباري" ۾ ان موضوع تي تفصيلي بحث ڪيو آهي - "مترجم".

(٣) عام طور غزوات جي ترتيب اها ئي آهي. جنهن موجب پهريون غزوه "ابواء" ۽ آخري غزوه تبوڪ آهي. مشهور سيرت نگار ابن اسحاق، محدث امام بخاري ۽ علامہ ابن حجر عسقلاني به پنهنجي ڪتابن ۾ اها ئي ترتيب اختيار ڪئي آهي. جڏهن ته ڪجهه عالمن جي خيال موجب پهريون غزوه "عُشيره" آهي.



Marfat.com

(11) "غزوه احد"
(12) "غزوه حمراء الاسد"
(13) "غزوه بني نضير"
(14) "غزوه بدر الآخيره" يا "بدرالموعد"
(15) "غزوه دومة الجندل "
(16) "غزوه بني مصطلق" يا "مريسيع"
(17) "غزوه خندق"
(18) "غزوه بني قريظة"
(19) "غزوه بني لحيان"
(20) "غزوه حديبيه"
(21) "غزوه ذي قرد"
(22) "غزوه خيبر"
(23) "غزوه وادي القري"
(24) "غزوه ذات الرقاع" يا "محارب و بني ثعلبه"
(25) "غزوه فتح مکه"
(26) "غزوه حنين"
(27) "غزوه طائف"
(28) "غزوه تبوک"

کجھ محدثن وٽ اها ترتيب اڳي پوءِ بہ نظر اچي ٿي. اڳتي هلي هرهڪ جو تفصيل صحيح نالن سان بيان ڪيو ويندو. (انشاءَ الله تعاليٰ).

هن باب کي اٺن فصلن ۾ ورهايو ويو آهي.



Marfat.com

# فصل پهريون

## سن ٻي هجريءَ جا غزوات

هجرت جي پهرين سال "غَزوات" يا "سَرَايَا" جو ڪو بہ ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. ڇو تہ جهاد جو حڪم سن ٻي هجريءَ دوران نازل ٿيو. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

### غزوه اَبوَاءَ يا غزوه وَدَّان

• هن سال جڏهن صفر مهيني جون ٻارهن راتيون گذري چڪيون هيون، تڏهن نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن پاڻ سان گڏ سٺ مهاجرن جو جٿو ساڻ ڪري پهريون ڀيرو خدا جي راهہ ۾ جهاد لاءِ مديني کان نڪتا. هن جماعت ۾ انصار مان ڪو بہ شخص شامل نہ هو. مديني ۾ "سَعد بن عُبَادَه" کي خليفو مقرر ڪيو ويو.

هن سفر ۾ مسلمانن ڪافرن جي ان قافلي جو پيڇو ڪرڻ ٿي چاهيو، جيڪو شام کان مديني ڏانهن موٽي رهيو هو، پر مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ قافلو اتان نڪري چڪو هو، انڪري ڌرين ۾ ڪو بہ جهيڙو جهڳڙو نہ ٿيو. البت هن سفر ۾ مسلمانن ۽ "بني ضَمُرَةَ" وارن جي وچ ۾ هڪ ناهہ ٿيو، جنهن جا شرط ڌرين طرفان لکت ۾ ڏنا ويا.

تاريخ ۾ هن غزوه کي "غزوه أبواء" يا "غزوه وُدان" جي نالن پٺيان ياد ڪيو وڃي ٿو.

"أبواء" (١) مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ رستي تي فُرُع جي پسگردائيءَ ۾ هڪ ڳوٺ آهي.

---

(١) يثرب کان ڏاکڻي سمنڊ جي ڪناري سان گڏوگڏ جيڪا قديم شاهراه هئي ان جي مٿان اٽڪل پنجهتر ميلن جي مفاصلي تي "فرع" نالي هڪ شهر آباد هو جنهن جي شهرت آڳاٽي دور کان تاريخ ۾ مختلف حوالن سان ملي ٿي. هڪ روايت مطابق حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ سندس امڙ سيده هاجره سائڻ لاءِ پهريون دفعو هن شهر مان ڪارڪون موڪليون ويون هيون.

قديم تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻيءَ جي فراوانيءَ سبب هن شهر جي آسپاس بہ سٺي آبادي ٿيندي هئي جنهن ڪري پسگردائيءَ ۾ ٻيا بہ ڪيترائي ڳوٺ ۽ واهڻ آباد هئا جن مان "ودان" نالي هڪ وڏو واهڻ گهڻو مشهور هو. ان کان وري اٽڪل اٺن ميلن جي مفاصلي تي "ابواء" نالي هڪ ننڍو ڳوٺ بہ آباد هو.

تاريخي شهادتن مان خبر پوي ٿي تہ جيتوڻيڪ ان دور ۾ "ودان" نالي واهڻ "ابواء" جي مقابلي ۾ وڌيڪ آباد بہ هو تہ وڌيڪ مشهور بہ. پر اڳتي هلي اسلامي تاريخ ۾ "ابواء" کي وڌيڪ شهرت حاصل ٿي ڇو جو هتي سيد الانبياء ﷺ جن جي امڙ سائڻ سيده آمنہ وفات فرمائي ۽ اتي ئي کين دفنايو ويو ان واقعي جو پس منظر هن ريت بيان ڪيو ويو آهي تہ نبي انور ﷺ جن جي بابي سائينءَ سيدنا عبدالله جن شاديءَ کان ڪجهہ عرصو پوءِ واپار سانگي هڪ قافلي سان گڏ "شام" ڏانهن ويا، ۽ اتان موٽ تي جڏهن يثرب پهتا تڏهن سموري قافلي سان گڏ پنهنجي ڏاڏي سائڻ سيده سلمي بنت "عمرو بن لبيد" جي اباڻي گهر اچي لڏو لاٿائون، جتي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اوچتو سندن طبيعت خراب ٿي پيئي



Marfat.com

"اَبْوَاء" ۽ "جُحْفَہ" جي وچ ۾ مديني واري پاسي کان ٽيويهہ ميل فاصلو آهي. "وُدَان" نالي ڳوٺ بہ "فرع" جي ويجهڙائي ۾ آهي.

هـن غزوه کي "غزوه اَبوَاء" بـہ سڏيو ويندو آهي تـہ "غزوه وُدّان" بـہ. ان جو سبب "زرقاني" "شرح مواهب" ۾ اهو ٻڌايو آهي تہ "ابواء" ۽ "وَدَان" هڪ ٻئي ڳوٺ جا بہ نالا آهـن. جڏهن تـہ "قَسطَلاني" ۽ "عَيْني" "صحيح بخاري" بابت لکيل پنهنجي شرحن ۾ ٻڌايو آهي تہ "ودان" هڪ وڏو واهڻ آهي. جيڪو "ابواء" ۽ "جُحْفَہ" جي وچ تي آهي ۽ "جُحْفَہ" کان ان جو فاصلو اٽڪل اٺ ميل ٿيندو. (١)

---

جنهن تي قافلي وارن کين واپس مکي موٽڻ لاء زور ڀريو پر سيدنا عبدالله جن بيماريءَ سبب واپسيءَ جي سگهہ نـہ ساري سگهيا البت قافلي وارن کي پنهنجي ماڳن تي موٽڻ جي اجازت ڏنائون.

"يثرب" ۾ قيام دوران سندن طبيعت وڌيڪ بگڙندي ويئي تان جو اتي ئي وفات فرمايائون ان ڪري سيدنا عبدالله جا گهرڀاتي سندن ڪفن دفن ۾ بہ شريڪ نہ ٿي سگهيا. اٽڪل ڇهن ورهين کانپوءِ سيده آمنہ پنهنجي گهرواری جي قبر مبارڪ جي زيارت خاطر يثرب آئي ۽ اچي ان ساڳئي گهر ۾ قيام فرمايائين جتي سيدنا عبدالله جن قيام فرمايو هو. هڪ ٻي روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ سيده آمنہ هر سال سيدنا عبدالله جن جي قبر مبارڪ جي زيارت خاطر هتي ايندي هئي. والله اعلم.

بهرحال يثرب ۾ هڪ مهينو گذرڻ کانپوءِ "سيده آمنہ" جڏهن اتان موڪلائي مکي لاءِ رواني ٿي تہ اوچتو ئي رستي ۾ سندن طبيعت خراب ٿي پيئي ۽ اتي ئي پساه پورا ڪيائون. وفات وقت بيبي سائڻ جي عمر ٽيهارو کن ورهيہ هئي.

هن سفر ۾ سيده آمنہ سائڻ سان سندن ڇهن ورهين جو ٻچڙو محمد ﷺ ۽ دائي اُمِ ايمن بہ گڏ هئا.

وفات کانپوءِ سيده آمنہ کي اتي ئي دفنايو ويو. هاڻي تہ اهي وسنديون ۽ واهڻ ويران ٿي چڪا آهن ۽ فقط انهن جا نالا وڃي باقي بچيا آهن. جتي ودان نالي واهڻ هو اتي هينئر سڀ کان مشهور ماڳ "مستوره" آهي جيڪو آباديءَ جي لحاظ کان تہ هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي پر (Main Road) جي مٿان هئڻ سبب هتي ڪجهہ ننڍا هوٽل ۽ مسجد وغيره موجود آهي ان ڪري اڪثر سواريون ڪجهہ کائڻ پيئڻ يا نماز پڙهڻ لاءِ هتي بيهنديون آهن. هتان اوڀر طرف اٽڪل اٺن ميلن جي پنڌ تي ان ڳوٺ جا اهڃاڻ نظر اچن ٿا جيڪو "ابواء" جي نالي سان مشهور هو. جيتوڻيڪ هن وقت هتي ڪا بہ آبادي وغيره نہ آهي باقي هڪ مٿانهين ٽڪريءَ تي سيده آمنہ جي قبر مبارڪ جو نشان نظر اچي ٿو جنهن جي مٿان ڪجهہ ڪارا پٿر پيل آهن. ڇيو وڃي ٿو تہ ماضيءَ ۾ هن قبر مبارڪ جي چوڌاري ڪارن پٿرن جو احاطو بہ ٺهيل هيو جيڪو هاڻي جهري ويو آهي. باقي هتي ٻي ڪابہ شيءِ نظر نٿي اچي، سواءِ ڪجهہ ڪانڊيرن جي ايتريقدر جو هن جاء تي ڪا ٻي قبر بہ موجود نہ آهي.

سيرت ابن ڪثير ج ١ ص ٢٣٥، وفاء الوفا "سمهودي" ج ۴ ص ١١١٩، معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ١ ص ٨٠ ـ ٧٩ ـ المعجم مَا استعجم "بڪري" ج ١ ص ١٠٢، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٩٩، تاريخ القويم "شيخ طاهر ڪردي" ج ا ص ١٢٨.

(١) "معجم البلدان" ياقوت حَموي جلد ١ ص ٨٩، "فتح الباري" "ابن حجر عسقلاني" جلد ٧ ص ٢١٧.



Marfat.com

ان وضاحت کانپوءِ اٿين چٽي سگهجي ٿو ته هن "غزوه" کي اَبوَاء ۽ وَدّان جي نالن پنيان انڪري نه ٿو سڏيو وڃي ته اهي نالا هڪ ماڳ جا آهن پر انڪري ته اهي ٻئي ماڳ هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آهن.

## "غزوه بُوَاط"

هن سال ربيع الاول يا ربيع الآخر جي مهيني ۾ مسلمان "عزوه بُواط" لاءِ تيار ٿي مديني کان نڪتا. "بُوَاط" کي "بَوَاط" به سڏيو ويندو آهي. هي "جُهَينَه" واري جابلو سلسلي مان هڪ جبل جو نالو آهي، جيڪو مديني کان "رَضوِيٰ" ڏانهن ٻارهن ميلن جي فاصلي تي "ينبع" جي ويجهڙائيءَ ۾ آهي. (١)

هن سفر جو مقصد به ڪافرن جي هڪ تجارتي قافلي جو پيڇو ڪرڻ هو. لشڪر ۾ ٻه سؤ مهاجر شامل هئا، جن جي اڳواڻي سيد عالم صلي الله عليه وسلم جن پاڻ ڪري رهيا هئا. جڏهن ته مديني ۾ پنهنجو نائب سَائِب بن مَظعُوْن کي مقرر ڪيو هئائون، جيڪو حضرت عثمان بن مظعون جحميءَ جو ڀاءُ هو. هن "غزوه" ۾ مسلمان ان قافلي تائين نه پهچي سگهيا ۽ بغير ڪنهن جنگ جهيڙي جي واپس وريا.

## "غزوه سَفوَان" (٢) يا "بَدرِ اُولىٰ"

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن مديني ۾ زَيد بن حَارثه رضہ کي امير بڻائي، پاڻ "غزوه سَفوَان" لاءِ روانا ٿيا. هن "غزوه" کي "غزوه بَدرِ اُولىٰ" به سڏيو ويندو آهي، ڇو جو هي ڳوٺ "بدر" جي ويجهڙائي ۾ آهي.

هن غزوه جو سبب اهو هو جو مشرڪن جو هڪ سردار ڪرز بن جابر فهري مديني وارن جو مال ڪاهي ويو. مسلمانن "سَفوَان" تائين سندس پيڇو ڪيو، پر هو انان گهڻو اڳتي نڪري چڪو هو. انڪري مسلمانن کي واپس موٽڻو پيو.

ڪُرز بن جَابِر مشرڪن جي چڱن مڙسن مان هو. اڳتي هلي هن اسلام قبول ڪيو ۽ کيس رحمت للعالمين صلي الله عليه وسلم جي صحبت نصيب ٿي. "سَرِيّة عُرَنِيّين" ۾ هو اسلامي لشڪر جو اڳواڻ مقرر ٿيو ۽ "فتح مکه" جي موقعي تي هن شهادت ماڻي. (٣) سندس وڌيڪ احوال سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو، انشاءَ الله تعاليٰ.

ڪجهه راوين جو خيال آهي ته "غزوه سَفوَان"، "غزوه عَشِيرَه" کانپوءِ جو واقعو آهي. (۴) جنهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

## "غزوه عُشَيرَه"

هن سال جمادي الاول ۾ يا هڪ ٻئي قول مطابق جمادي الآخر ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم

---

(١) "معجم البلدان" ياقوت حموي جلد ١ ص ٥٠٢، البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٤٥.

(٢) سَفوَان، هڪ ننڍڙي ماٿري جو نالو آهي، جيڪا "بدر" جي پَر ۾ آهي. (معجم البلدان. ياقوت حموي جلد ٣ ص ٢٢٥).

(٣) "الاصابه" ابن حجر عسقلاني جلد ٣ ص ٩١ ـ ٢٩٠.

(۴) تاريخ الخميس" ديار بڪري ج ١ ص ٣٠١، جوامع السيرة "ابن حزم" ص ١٠٢ المواهب اللدنيه قسطلاني ج ١ ص ٢۴٠.



Marfat.com

ڏيڍ سؤ يا ٻي روايت مطابق ٻہ سؤ مهاجرن جي جماعت سان گڏ "عُشَيرَہ" ڏانهن روانا ٿيا. هن کي کي ماڻهو "عُسَيرَہ" بہ سڏيندا آهن. هي ماڳ "يَنبُعُ" جي وچ تي "مدلج قبيلي" وارن جي ملڪيت هو، جنتي مصر کان ايندڙ حاجي سگورا منزل ڪندا هئا.

هن "غزوه" ۾ بہ مسلمان ڪافرن جي هڪ قافلي جي ڳولا ۾ نڪتا هئا، جيڪو شام کان مڪي ڏانهن وڃي رهيو هو. پر مسلمان قافلي کي رسي نہ سگهيا، انڪري ڪو بہ واقعو پيش نہ آيو.

مسلمان جمادي الاول جا باقي ڏينهن ۽ جمادي الآخر جون شروعاتي تاريخون اتي ترسي پيا. پوءِ "بنو مدلج" ۽ سندن ساٿارين سان جن جو تعلق "بنوضَمُرَہ" سان هو، هڪ معاهدو ڪري پنهنجي ماڳن تي موٽي آيا. انهن ڏينهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن مديني ۾ پنهنجي غيرحاضريءَ دوران اَبُو سَلَمَہ عَبدُالله بن عَبدُالاَسَد مَخزُومِيءَ کي اتان جو امير مقرر ڪيو هو.

## "غزوه بَدر" (١)

هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ اهو عظيم واقعو پيش آيو، جنهن سبب الله تعاليٰ مسلمانن

---

(١) "بدر" نالي هي مشهور ماڳ "وادي يليل" ۾ مديني کان اسي ميلن جي پنڌ تي آهي. جنهن جي چوڌاري جبل آهن ۽ وچ تي هڪ ڪشادو بيضوي شڪل جو ميدان آهي. جنهن جي ڊيگهہ اٽڪل ساڍا پنج ميل ۽ ويڪر ساڍا چار ميل ٿيندي.

هن جاءِ کي پنهنجي بيهڪ ۽ پاڻيءَ جي موجودگيءَ سبب هر دور ۾ وڏي اهميت رهي آهي. مڪي توڙي مديني کان شام ڏانهن ويندڙ قافلا هتي ئي منزل ڪندا هئا. ان ڪانسواءِ ساليانو ذوالقعد مهيني جي چنڊ ڏسڻ سان هتي وڏو ميلو لڳندو هو. جيڪو سڄو هفتو جاري رهندو هو، ۽ عرب جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. قسمين قسمين شين جا دڪان لڳندا هئا. جتي گيهہ، تيل، ڪلون، ڪارڪون، اوني چوغا، چادرون ۽ ٻين گهريلو استعمال جي شين ڪانسواءِ اعليٰ قسم جو چوپايو مال بہ وڪامڻ لاءِ ايندو هو.

جنهن جاءِ تي جنگ لڳي هئي اها هينئر آباديءَ کان اٽڪل بہ ڪلو ميٽر اولهہ طرف آهي ۽ اتي هاڻي ڪو بہ آثار باقي نہ بچيو آهي، سواءِ هڪ پراڻي چوديواريءَ جي جنهن جي اندر هن جنگ جي شهيدن کي دفنايو ويو هو. ان جي پرسان شهر وارن جو عام قبرستان بہ آهي. ڏکڻ اولهہ واري ڪنڊ تي هڪ نخلستان آهي ۽ اتي ڪجهہ ٻي پوک بہ ٿيندي آهي، ڇو جو هتي زمين ڪجهہ نرم ۽ وارياسي آهي. فصل کي پاڻي ڏيڻ لاءِ هڪ چشمو ۽ هڪ ڪاريز موجود آهي. هتان جون ڪارڪون قديم زماني کان وٺي تمام مشهور آهن. جنهن جو ذڪر مشهور جاگرافيدانن "البڪري" ۽ "المقدسي" بہ پنهنجي ڪتابن ۾ ڪيو آهي. "مقدسي" لکي ٿو تہ "هتي ڪجهہ مسجدون اهڙيون بہ هيون جيڪي مصر جي بادشاهن جوڙايون هيون. اڄ انهن جا آثار مٽجي چڪا آهن. باقي هن غزوي دوران پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن لاءِ جنهن گهاٽ تي شاميانو لڳايو ويو هو اتي بعد ۾ هڪ مسجد قائم ڪئي ويئي، جنهن کي "مسجد عريش" يا "مسجد غمام" سڏيو ويندو آهي.

"اردو دائرة المعارف" جلد ۴ ص ١٥٦ ـ ١٥٣، "معجم ماستعجم "بڪري" ج ١ ص ٢١٣، وفاء الوفا سمهودي ج ۴ ص ١١۴٥، معجم البلدان ياقوت جلد ١ ص ٢٥٨ ـ ٢٥٧، عهدنبوى كے ميدان جنگ ـ ڊاڪٽر حميد الله ص ٢٨ ـ ٢٧.



Marfat.com

# "غَزْوَةُ السَّوِيْق"

هن سال جي آخري مهيني ذوالحج ۾ يا وري ٻئي قول موجب محرم سن ٣ هجري ۾ مسلمان "غَزْوَةُ السَّوِيْق" لاءِ روانا ٿيا. "سَوِيْق" جي معنيٰ آهي "سَتُّو". جيئن ته هن لڙائي لاءِ مشرڪن ڪاڏي جي سامان ۾ گهڻي ڀاڱي "سَتُّو"پاڻ سان گڏ ڪنيا هئا. پوءِ جڏهن هو ميدان ڇڏي ڀڳا ته سندن ڇڏيل "سَتُّو" مسلمانن ڪي هٿ آيا. انڪري هيءَ غزوه "غَزْوَةُ السَّوِيْق" جي نالي سان مشهور آهي. (١)

هيءَ لڙائي "قُرْقُرَةَ الْكُدر" جي ويجهڙائي ۾ ٿي، جنهن ۾ مسلمانن جو مقابلو ابوسفيان ۽ مڪي جي قريش سان هو.

بدر واري واقعي کانپوءِ ابوسفيان اهو قسم کنيو هو ته "هو ايستائين نه گيهه واپرائيندو ۽ نه تڙ لاهيندو، جيستائين هو مني مرسل صلي الله عليه وسلم ۽ سندن صحابي سڳورن کان پنهنجي قتل ٿيل ساٿين جو پلؤ نه ڪندو." ان وچن کي پوري ڪرڻ لاءِ هو ٻه سؤ سوارن جو لشڪر ساڻ ڪري مديني کان ٽن ميلن جي پنڌ تي "عُرَيْض" (٢) نالي ماڳ تي پهتو، رسول خدا صلي الله عليه و سلم جن کي جڏهن اها خبر پهتي ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ٻه ٻه سؤ سوارن سان گڏ آچر ڏينهن ذوالحج جي پنجين تاريخ سندن مقابلي لاءِ مديني کان نڪتا. مديني ۾ نائب طور "سباع بن عرفط"، "ابن اُمِّ مَكْتُوم" ۽ "اَبُولُبَابَہ بن عَبْدُالْمُنْذِر" مان ڪنهن هڪ کي مقرر ڪيائون. اَبُوْسُفْيَان ۽ سندس ساٿين کي جڏهن اسلامي لشڪر جو اطلاع مليو ته مٿن رب پاڪ جي قدرت سان اهڙو ته رعب طاري ٿي ويو جو هٿ وٺي ڀوبان ڀير ڪيا. هو پنهنجو سامان جنهن ۾ سَتُّــن جون ڳوٺيون به شامل هيون رستي ۾ اڇلائيندا ويا، جيڪو سمورو مسلمانن جي هٿ لڳو. نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن بنا ڪنهن تڪليف جي هن "غزوه" ۾ سوڀارا ٿي پنهنجي ساٿين سان گڏ مديني واپس وريا. (٣)

---

(١) شرح علي المواهب "زرقاني" جلد ١ ص ٤٥٨.

(٢) معجم البلدان ياقوت حموي جلد ٦ص ١١٦. روض الانف "سهَيلي" جلد ٣ ص ١٢٦. معجم مااستعجم "بكري" ج ٣ ص ٢٠١.

(٣) شرح علي مواهب زرقاني ج ١ ص ٥٥٣. وفاء الوفا علامہ سمهودي ج ١ ص ٢٧٨.



Marfat.com

# فصل ٻيو

هن فصل ۾ سن ٽئين هجري جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## "غَزْوَه غَطَفَان"

هن سال محرم جي مهيني ۾ مسلمان "غزوه غَطَفَان" لاءِ اسهيا. جڏهن ته هڪ ٻئي قول موجب اهو واقعو ربيع الاول جي مهيني ۾ پيش آيو.

مشهور مؤرخ "حافظ ابن ڪثير" پنهنجي ڪتاب "اَلبِدَايَه وَالنِهَايَه" ۾ ڄاڻايو آهي ته "مسلمان خميس جي ڏينهن ربيع الاوّل جي ٻارهين تاريخ مديني کان "غزوه غَطَفان" لاءِ روانا ٿيا." (١)

"غَطَفان" هڪ قبيلي جو نالو آهي. جنهن جي رهائش "نجد" جي علائقي ۾ هئي. هن غزوه کي "غزوه اَنمَار" ۽ "غزوه ذي امرّ" جي نالن سان به ياد ڪيو ويندو آهي. ان مان اها پروڙ پوي ٿي ته هن غزوه جا ٽي نالا آهن.

"ذُوْ اَمَرّ" اتان جي هڪ چشمي جو نالو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن چار سؤ پنجاهه ماڻهن جي لشڪر سان گڏ مديني کان روانا ٿيا ۽ اتي حضرت عُثمَان بن عَفَّان کي پنهنجو نائب مقرر ڪيائون. ڪافرن کي جڏهن اسلامي لشڪر جي پهچڻ جي پروڙ پئي ته هُو جبلن جي چوٽين تي چڙهي پنهنجي جان بچائي. نبي ڪريم ﷺ جن بنا ڪنهن جنگ جهيڙي جي مديني واپس وريا.

## "غزوه فُرْع" (٢)

هن سال مسلمان " غزوه فُرع" لاءِ ربيع الاول يا وري جمادي الاول ۾ روانا ٿيا. تاريخ ۾ هن غزوه کي "غزوه بُحَران" ۽ "غزوه بني سُلَيم" جي نالن پٺيان به سڏيو ويندو آهي. "بُحران" نالي ماڳ به "فرع" جي ويجهڙائي ۾ ئي آهي.

پــاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم چنڊ جي ڇهين تاريخ ٣ سؤ ماڻهن سان گڏ مديني کان روانا

---

(١) البدايه والنهايه "حافظ ابن ڪثير" جلد ۴ ص ٢.

(٢) "فَرَع" نالي هي ڳوٺ جنهن جي نسبت قوم عاد سان ٻڌائي ويئي آهي مديني شريف کان اسي ميلن جي پنڌ تي هو. هتي آبادي تمام سني ٿيندي هئي. هڪ روايت اها به آهي ته الله تعاليٰ حضرت اسماعيل ۽ سندس ماءُ واسطي سڀ کان پهريان ڪارڪون هتي پيدا ڪيون. هن جاءِ تي ٻه وڏا چشما هئا. جن جا نالا الربص ۽ النجف ٻڌايا ويا آهن، جن جي پاڻيءَ تي ڪجين جا باغ آباد ٿيندا هئا. هتي اهڙيون مسجدون به هيون جتي پاڻ سڳورن ﷺ جن هڪ کان وڌيڪ دفعا نماز ادا ڪئي. واقديءَ جي روايت مطابق مشهور تابعي ام المؤمنين سيده عائشه جو ڀائيجو ۽ شاگرد حضرت عروه ابن زبير سن اٺونجاهه هجريءَ ڏاري هتي گذاري ويو ۽ هتي ئي ڪيس دفنايو ويو.

ابن اسحاق جي روايت مطابق هتي هڪ کاڻ به هئي، جنهن کي "بحران" سڏيو ويندو هو ۽ سرور عالم ﷺ جن غزوه سويق کانپوءِ هتي آيا هئا. "جزيرة العرب" مولانا محمد رابع ندوي ص ٢٧۴. وفاء الوفا "سمهودي" ج ۴ ص ٨٢ ـ ١٢٨١، معجم ما استعجم "بکري" ج ٢ ص ٢٧٢.



Marfat.com

اڪثريت جي راء مطابق هي واقعو هجرت جي ٽئين سال شوال مهيني ۾ پيش آيو. البت ان جي تاريخ بابت راوين جو اختلاف آهي. پر وڌيڪ صحيح ۽ مشهور قول اهو ئي آهي تہ اها شوال جي پندرهين تاريخ ۽ ڇنڇر جو ڏينهن هو. ڪجهہ راوين طرفان ساڳئي مهيني جي ستين، اٺين ۽ يارهين تاريخ بہ ٻڌائي وئي آهي. باقي هڪ روايت اهڙي ملي آهي، جنهن ۾ "غزوه احد" کي سن چوٿين هجري جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي.

---

هن جبل کي "احد" انڪري سڏيو ويندو آهي جو هي ٻين جابلو سلسلن جي مقابلي ۾ منفرد ۽ ارڏي انداز ۾ سيني جبلن کان اڪيلو نظر اچي ٿو. مديني جي شهر مان جيڪڏهن هن جبل کي ڏسبو تہ هن جو رنگ ڳاڙهو نظر ايندو، ڇو جو هن جبل تي ڪابہ ساوڪ وغيره نہ آهي باقي مينهن جو پاڻي ڪجهہ غارن ۽ قدرتي حوضن ۾ گڏ ٿي ويندو آهي جيڪو ڪيتري عرصي تائين ماڻهو استعمال ڪندا آهن.

"غزوه احد" جي موقعي تي جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن زخمي ٿي پيا تہ سيدنا علي اهڙي ئي ڪنهن قدرتي حوض مان پاڻي پنهنجي ڍال ۾ کڻي ايندو هو ۽ ان سان سندن ڏکن کي ڌوئيندو هو.

جبل جي اڳيان اڌ گول جي شڪل ۾ جيڪو ميدان آهي اتي پاڻيءَ جا ٻہ چشما هئا اتي پاڻ سڳورن ﷺ جا اهي ٻہ ڏند مبارڪ دفن ڪيا ويا جيڪي هن موقعي تي شهيد ٿي پيا هئا، ۽ ان جي ويجهو انهن شهيدن جون بہ قبرون آهن جيڪي غزوه احد دوران شهيد ٿيا.

سيدنا حمزه جي قبر مبارڪ بہ پهريان هتي ئي هئي پر پوءِ بار بار ٻوڏن سبب اٽڪل ٽي سؤ سالن کانپوءِ عباسين جي دور حڪومت ۾ سندس ميت کي اتان کڻي واديءِ "قناة" جي اتر ۾ ان جاءِ تي دفنايو ويو جتي هاڻي بہ سندس قبر جو نشان موجود آهي. ڪنهن زماني ۾ انهن ٻنهي جاين تي قبر مٿان قبا بہ موجود هئا جن کي ١٩٢٥ کانپوءِ ڊاهو ويو. هينئر سيدنا حمزه جي قبر جي ويجهو ٽي ٻين قبرن جا نشان بہ موجود آهن جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي قبرون حضرت مصعب بن عمير، عبدالله بن جحش ۽ شماس بن عثمان رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جون آهن.

حضرت جابر بن عتيڪ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي حضرت موسيٰ پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عليہ السلام سان گڏ حج يا عمري لاءِ آيا ۽ جڏهن يثرب جي علائقي ۾ پهتا تہ حضرت هارون بيمار ٿي پيو ۽ هو يهودين جي خوف کان "احد جبل" جي ڪنهن غار ۾ وڃي ويٺا ۽ پوءِ اتي حضرت هارون عليہ السلام گذاري ويو. جنهن کانپوءِ حضرت موسيٰ اتي ئي قبر کوٽي کيس دفن ڪري ڇڏيو. انڪري اها ڳالهہ مشهور آهي تہ حضرت هارون "احد جبل" تي دفن ٿيل هو.

مشهور محدث ۽ سيرت نگار سُهيلي جو قول آهي تہ سندس زماني يعني ٻارهين صدي هجريءَ تائين بہ اها ڳالهہ عوام ۾ مشهور هئي تہ حضرت هارون احد جبل تي دفن ٿيل آهي.

"احد" جي ايرندي پاسي کان ڪجهہ پٿر ٻاهر وڌيل نظر اچن ٿا جنهن جي ڪري ان جاءِ تي ڪجهہ ڇانورو هوندو آهي. چيو وڃي ٿو تہ جنگ واري زماني ۾ سيد ڪونين ﷺ جن ان ڇانوري ۾ آرام ڪيو هو. هن وقت جبل جي دامن ۾ ڪافي خيما نظر اچن ٿا جن جي ٻاهران ڏينهن جي وقت مرد توڙي عورتون ڪارڪون ۽ مختلف تبرڪات کپائيندا آهن. ان کانسواءِ هاڻي ڪجهہ ماڻهو هتي مستقل طور بہ رهن ٿا.

دائرة المعارف (اردو) ج ٢ ص ٣٧ - ٣١، معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ١ س ١١٠ - ١٠٩، معجم مااستعجم، الدررة الثمينہ "ابن نجار" ص ٨٧ - ٨٦، زبدة لاعمال "اسفرائيني" ص ٢١٣ - ٢١١.



Marfat.com

"اُحُد" نالي مشهور جبل مديني جي ويجهڙائي ۾ آهي.
ان جي شروعاتي ڇيڙي ۽ "بَابُ الْمَدِيْنَہ" (جنهن کي "بَابُ الْبَقِيْع" بہ سڏيندا آهن)، جي وچ ۾ فاصلو ۴/۷ - ۲ ميلن کان ڪجهہ مٿيرو آهي. جيئن "علامہ سمهودي" لکيو آهي. (۱) جڏهن تہ "قسطلاني" "المواهب اللدنيہ" ۾ اهو فاصلو ٽي ميل (هڪ فرسخ) ڄاڻايو آهي. اهو فرق انڪري ٿيو آهي تہ "قسطلانيءَ" ، ٻن ميلن کان جيڪو فاصلو وڌيڪ آهي ان کي بہ پورو ميل شمار ڪيو آهي. ٻئي طرف وري ڪجهہ راوين اهو فاصلو بہ ميل ٻڌايو آهي. ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ ٻن ميلن کان جيڪو وڌيڪ فاصلو آهي، ان کي سندن طرفان نظر انداز ڪيو ويو آهي.
رسول خدا صلي الله عليہ وسلم جن "غزوه اُحُد" لاءِ هڪ هزار ماڻهن جو لشڪر ساڻ ڪري مديني کان نڪتا. واٽ تي منافقن جو سرواڻ عَبْدُالله بن اُبَيّ بن سُلُوْل ٽي سؤ منافقن سان گڏ اسلامي لشڪر کان الڳ ٿي ويو. باقي ست سؤ ايمان وارا الله جي سچي نبي صلي الله عليہ وسلم سان وڃي بچيا. جن وٽ ٻن گهوڙن کانسواءِ ڪوبہ جنگي سامان ساڻ نہ هو. هڪ گهوڙي تي پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن سوار هئا، ۽ ٻيو حضرت اَبُو بُرْدَه رضہ جي حوالي هو. ان جي ڀيٽ ۾ مشرڪن جي لشڪر ۾ ٽي هزار ماڻهو هئا، جن ۾ ست سؤ زره پوش سپاهي هئا. وٽن بہ سؤ گهوڙا ۽ ٽي هزار اٺ سواري لاءِ هئا. مديني ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي پويان ابن اُمِّ مَڪْتُوْم رضہ کي خليفو بڻايو هو.

## "غزوه حَمْرَاءُ الاَسَد"

هن ني سال شوال مهيني جي سورهين تاريخ آچر جي ڏينهن يعني "غَزْوَہ اُحُد" کان هڪ ڏينهن پوءِ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پئي تہ "احد" کان موٽندي ابو سفيان ۽ سندس ساٿي مڪي جي ٻين مشرڪن سان گڏ "حَمْرَاءُ الاَسَد" نالي ماڳ تي ڪنا ٿيا آهن. اها خبر ٻڌنديئي پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم ڇهہ سؤ ٽيهہ صحابين سان گڏ اچي اتي پهتا. اَبُو سُفْيَان ۽ سندس ساٿين جي دل تي رب پاڪ مسلمانن جو اهڙو تہ رعب ويهاري ڇڏيو جو هنن وڙهڻ بدران ڀڄي جان بچائي ۽ وڃي مڪي پهتا. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ٽي راتيون اتي ٽڪي پيا ۽ پوءِ واپس مديني موٽيا. "حَمْرَاءُ الاَسَد" نالي هي ماڳ مديني کان اٺ ميل پري آهي، جيڪو "ذوالحليفہ" ڏانهن ويندي کابي هٿ تي پوندو. (۲) هن غزوه جي تاريخ ڪجهہ راوين نائين شوال يا ڪجهہ ٻيون تاريخون بہ ٻڌايون آهن. ان اختلاف جو سبب اهو آهي جو خود غزوه احد جي تاريخ ۾ اختلاف آهي.

---

(۱) "وفاء الوفا" علامہ سمهودي جلد ۲ ص ۱۰۹.

(۲) شرح علي المواهب اللدنيہ" علامہ زرقاني جلد ۲ ص ۷۰. فتوح البلدان. ياقوت حموي جلد ۲ ص ۳۰۱. معجم ما استعجم "بڪري" ج ۲ ص ۱۰۰. وفاء الوفا "سمهودي" ج ۴ ص ۱۱۹۴.



Marfat.com

# فصل ٽيون

هن فصل ۾ سن چوٿين هجريءَ جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويندو.

## غَزْوَهَ بني نَضِيرْ

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن هن غزوه لاءِ روانا ٿيا، جيئن "شاميءَ" پنهنجي سيرت ۾ ڄاڻايو آهي ۽ اهوئي قول صحيح آهي. باقي ڪي راوي "غزوه بني نضير" کي هجري ٽئين سال جو واقعو شمار ڪن ٿا. سندن چوڻ آهي ته هي "غزوه بَدْر" کان ڇهه مهينا پوءِ ٿيو هو. "بنو نُضَير" يهودين جو هڪ وڏو قبيلو هو، جيڪو "مسجد قُبا" جي پوبان "عاليه" جي طرف اٽڪل ڇهن ميلن جي پنڌ تي آباد هو. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي اڳوائيءَ ۾ اسلامي لشڪر "بنو نضير" وارن جي چوڌاري گهيرو ڪيو. جيڪو ويهن ڏينهن کان وڌيڪ عرصو جاري رهيو. ان کانپوءِ هنن ان شرط تي راضي نامو ڪيو ته هو شهر ڇڏي ويندا. ان وقت مديني ۾ مسلمانن جو امير ابن ام مڪتوم رضه هو.

## "غَزْوَه بَدْر صُغرىٰ"

هن ئي سال شعبان جي مهيني ۾ يا هڪ ٻي روايت موجب ذيقعده مهيني جي چند ڏسڻ سان مسلمان هن غزوه لاءِ روانا ٿيا. تاريخ ۾ هن غَزْوَه کي "بدر مَوْعِد"، "بَدْر مِيْعَاد"، "بَدْر ثَالِثَہ" ۽ بَدْر اخِيْرَه" جي نالن پنيان به ياد ڪيو ويندو آهي.

"غَزْوَه بدر موعد" ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم هڪ ڀيرو وري ابوسفيان ۽ سندس ساٿين سان مقابلي لاءِ نڪتا هئا. ڇو جو "احد" کان واپس ٿيڻ وقت هو خدا جي سچي رسول صلي الله عليه وسلم سان واعدو ڪري ويا هئا، ته هو ايندڙ سال وري بدر ۽ صفراء وٽ سندن مقابلي لاءِ پهچندا. انڪري هن کي غزوه بدر موعد سڏيو ويندو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي: "اهو غزوه جنهن لاءِ واعدو ڪيو ويو هو." ابوسفيان جي ان واعدي کي ڌيان ۾ رکي سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم به پندرهن سؤ ايمان وارن سان گڏ، جن ۾ ڏهه گهوڙي سوار به شامل هئا، مديني کان روانا ٿيا ۽ "بدر" توڙي "صفراء" کان ٽپي "مجنہ" تائين پهتا. "مَجَنّہ" يا "مِجَنّہ" مڪي ۽ مديني جي وچ تي عرب جي هڪ بازار جو نالو آهي، جيڪا مڪي کان ٻن مرحلن جي پنڌ تي هئي. (١) هوڏانهن وري مشرڪن جو لشڪر ابوسفيان سان گڏ "مَرُّالظَّهْرَان (٢)" تائين پهتو. اهو ماڳ مڪي کان هڪ مرحلي جي پنڌ تي

---

(١) معجم البلدان. ياقوت حموي جلد ۵ ص ۵۸.

(٢) "مرالظهران" مڪي جي اتر ۾ اٽڪل چوٽيهه ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. پراڻي زماني ۾ ماٿهو مڪي کان مديني ڏانهن هن واٽ تان ئي ويندا هئا.

هتان جون زمينون آباديءَ جي لحاظ کان تمام پليون آهن، جن ۾ عام طور موسمي ڀاڄيون پوکيون وينديون آهن.



Marfat.com

مکي ۾ "عَسَفَان" جي وچ تي هو. اتي پهچڻ شرط خدا تعاليٰ طرفان سندن دلين تي اهڙو ته رعب طاري ٿيو، جو هو اڳتي وڌڻ بدران پنهنجي موٽي ويا. پوءِ مسلمان پنهنجي پياري پيغمبر صلي الله عليه وسلم سان گڏ مديني واپس وريا.

---

مکي ۾ جيکي تازيون پاڇيون ملنديون آهن، اهي گهڻي ڀاڱي هتان ئي موڪليون وينديون آهن. شهري ماڻهو سير ۽ تفريح لاءِ مکي کان گاڏين ۾ چڙهي هتي پهچندا آهن ۽ سڄو ڏينهن هتان جي پنين، باغن ۽ چشمن تي گذاري شام جو واپس ويندا آهن. ترڪن جي دور حڪومت ۾ "فاطمہ" نالي هڪ ترڪ عورت هتان جي ترقي لاءِ ڪجهہ رقم خرچ ڪئي هئي، انڪري هن علائقي کي هاڻي "وادئ فاطمہ" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.
"جزيرة العرب" محمد رابع ندوي ص ٢٣٧.



Marfat.com

# فصل چوٿون

هن فصل ۾ سن پنجين هجريءَ جي غزوات جو بيان ڪيو ويو آهي.

## غَزوه دُومَةُ الجَندَل

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هن غزوه لاءِ اسهيا.

"دُومـة الـجـنـدل" جنهن کي "دُوْمَةُ الْجَنْدَل" به پڙهيو ويندو آهي، شام جي ويجهڙائيءَ ۾ هي هڪ شهر آهي، جيڪو مديني کان پندرهن سورهن ڏينهن جي پنڌ تي ۽ دمشق کان پنجن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. (١)

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ربيع الاول جي پنجويهين تاريخ هڪ هزار صحابين سان گڏ مديني کان روانا ٿيا. "سِبَاع بن عُرفُطَ" کي مديني جو عامل مقرر ڪيائون. جنهن جو ذڪر "غزوه قَرقَرة الکُدر" جي موقعي تي ٿي چڪو آهي.

هن دفعي به مشرڪ مقابلي ۾ بيهي نه سگهيا ۽ پنهنجو مال اسباب جنهن ۾ اُٺ ۽ ٻڪريون به شامل هئا، ڇڏي ميدان مان ڀڄي ويا. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن غنيمت جو مال مسلمانن ۾ ورهايو. پوءِ ربيع الآخر جي ويهين تاريخ خير سان مديني پهتا.

## غَزْوَه بَنِي مُصْطَلِق

هن سال شعبان جي مهيني ۾ بنو مصطلق وارن سان مسلمانن جو مقابلو ٿيو. هڪ صحيح روايت موجب غزوه بني مصـطلق، غزوه خندق کان اڳ جو واقعو آهي، جنهن کي "غزوه مُرَيْسِيْع" به چيو ويندو آهي.

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن چنڊ جي ٻي تاريخ تي جيڪو هجرت جو پنجون سال هو، ست سؤ صحابين سان گڏ مديني کان روانا ٿيا. هن سفر ۾ سيده عائِشَہ صديقه ۽ سيده اُمِ سَلمه رضي الله عنهما به ساڻن گڏ هيون. مديني ۾ هڪ روايت مطابق حضرت زيد بن حارثہ رضہ کي ۽ ٻي روايت موجب حضرت ابوذَر غِفاريءَ رضہ کي اتان جو عامل مقرر ڪيائون. هن لڙائي ۾ مسلمانن، مشرڪن جي لشڪر تي سوڀ حاصل ڪئي. دشمن جي لشڪر مان ڏهہ ماڻهو قتل ٿي ويا ۽ ست سؤ يا ان کان به مٿي گرفتار ٿيا، جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل هئا. ان کانسواءِ مسلمانن کي غنيمت ۾ چوپايو مال ۽ ٻيو سامان به هٿ آيو. قيد ٿيل عورتن ۾ حَارث بن ضِرار مُصْطَلِقيءَ جي نياڻي "بيبي جُوَيْرِيَہ رضہ" به شامل هئي. (٢) مسلمانن جي لشڪر مان رڳو هڪ صحابي سڳورو شهيد ٿيو. پاڻ ڪريم صلي الله

---

(١) شرح علي "المواهب اللدنيه" زرقاني جلد ٢ ص ٩٥.

(٢) غزوه بنومصطلق جي موقعي تي هن قبيلي وارن جا ڏهہ ماڻهو قتل ٿيا ۽ باقي سڀني کي قيد ڪيو ويو. جن ۾ قبيلي جي سردار حارث بن ابو ضرار بن حارث بن مصطلق جي نياڻي سڳوري به شامل هئا. جنهن جو نالو "بره" ٻڌايو



Marfat.com

عليه وسلم جن اتان ٢٨ ڏينهن ڪانپوءِ رمضان جي چند رات مديني واپس پهتا. هڪ روايت ۾ چاڻايو ويو آهي تہ هي غزوه سن ڇهين هجريءَ دوران ٿيو. پر اهو قول ضعيف آهي ۽ صحيح بخاريءَ ۾ هيءُ واقعو چوٿين هجريءَ جو ٻڌايو ويو آهي. (١) اها روايت پهرين روايت کان بہ وڌيڪ ضعيف آهي.

بَنُو مُصطَلِق اصل "خزَاعَہ" قبيلي جي هڪ شاخ هئي، جيڪي مکي کان مديني ڏانهن ويندڙ رستي تي "فُرع" واري طرف "قُدَيد" جي ويجهڙائيءَ ۾ رهندا هئا، ۽ "فُرُع" کان سندن ڳوٺ هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هو.

"مُرَيسِيع" وري هن قبيلي وارن جي کوهہ جو نالو هو. انکري هن غزوه کي ڪڏهن قبيلي جي نالي پٺيان تہ ڪڏهن وري سندن کوهہ جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي. "فُرُع" جو وڌيڪ احوال هن باب جي ٽئين فصل ۾ "غزوه فُرُع" جي موقعي تي ڪري آيا آهيون.

---

ويو آهي. سندس شادي مسافع بن صفوان مصطلقيءَ سان ٿيل هئي. ابن سعد طرفان وري اهو نالو صفوان بن مالڪ نقل ڪيو ويو آهي. بهرحال اهو شخص هن غزوه ۾ قتل ٿي ويو. ۽ "بره" حضرت ثابت بن قيس ۽ سندس هڪ سوٽ جي حصي ۾ آئي.

سردار جي نياڻي هئڻ سبب ڪنهن عام ماڻهو وٽ زندگي گذارڻ ڪيس پسند نہ آيو ۽ هن پنهنجي مالڪ سان آزاديءَ جو معاهدو ڪيو جنهن جي قيمت نوَ اوقيہ سون مقرر ڪئي ويئي. پوءِ بره هڪ ڏينهن سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ آئي ۽ ڪائنس ان ڏس ۾ مالي مدد طلب ڪيائين.پاڻ ڪريمن ﷺ جن سندس مدد فرمائي جنهن ڪري هن پنهنجي جند آزاد ڪرائي ورتي.جنهن ڪانپوءِ بنومصطلق وارن جي سردار جي هن نياڻيءَ جو نڪاح امت جي سردار ﷺ جن سان ٿيو. هن موقعي تي سيد عالم ﷺ جن سندس نالو مٽائي "جَويريہ" رکيو، ڇو جو ڪين "بره" لفظ پسند نہ پئي آيو. هي نڪاح حضرت جويريہ ۽ سندس ماڻٽن لاءِ پنهي جهانن جي ڇوٽڪاري جو باعث بڻيو ڇوتہ هن شاديءَ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ صحابي سڳورن بني مصطلق وارن جي سڀني قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو. ڇالاءِ تہ اهي هاڻي سرور ڪائنات ﷺ جن جا ساهرا ٿي پيا، جنهن ڪانپوءِ انهن سمورن اسلام قبول ڪيو.

جن ۾ حضرت جَويريہ جو بابو سائين حضرت حارث بن ابوضرار بہ شامل هو،جنهن پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي هٿ تي اسلام جي بيعت ڪئي.

حضرت جويريہ ام المؤمنين ٿيڻ ڪانپوءِ گهڻو وقت عبادت ۽ ذڪر اذڪار ۾ گذاريندي هئي. پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ بہ هوءَ اٽڪل پنجيتاليهہ ٤٥ سال حيات رهي ۽ هن سن ڇاونجاهہ هجريءَ ڌاري هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. ان وقت سندن ڄمار ايڪهتر ورهيہ هئي ڇوتہ سن پنجين هجريءَ ڌاري جڏهن سرور عالم ﷺ جن سان سندس نڪاح ٿيو هو تہ ان وقت هن بيبي سڳوري جي عمر ويهارو ورهيہ هئي.

جنازي نماز مديني جي گورنر مروان بن حڪم پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ ڪيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

ام المؤمنين سيده جويريہ کان نبي انور ﷺ جن جون ست حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

دائرة المعارف (اردو) ج ص ٥٣٥ ـ ٥٢٤، اسدالغابہ ابن الاثير ج ص ٦٥ ـ ٦٢، ازواج النبي ﷺ و اولادة ابوعبيده ص ٧٢ ـ ٧١، الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ٢٦٦ ـ ٢٦٥، ازواج النبي ﷺ "شامي" ٢١١ ـ ٢٠٧.

(١) سن چوٿين هجريءَ واري روايت "موسيٰ بن عقبہ" کان ڪئي ويئي آهي ۽ امام بخاريءَ ان روايت کي ئي اختيار ڪيو آهي. "صحيح بخاري" جلد ٢ ص ٥٨٨.



Marfat.com

## "غَزْوَه خَنْدَق" (١)

هن سال شوال جي مهيني ۾ يا هڪ روايت موجب ذوالقعد جي مهيني ۾ "خَنْدَق" وارو غزوه ٿيو، جنهن کي "غَزْوَه اَحْزَاب" بہ سڏيو ويندو آهي. ڪن راوين هن غزوه کي چوٿين هجريءَ جو واقعو بہ

---

(١) "خندق" اهڙي کاهيءَ کي چيو ويندو آهي، جيڪا ڪنهن شهر يا وري ڪنهن لشڪر جي بچاءَ خاطر ان جي چوڌاري کوٽي وڃي. هي بنيادي طور فارسي لفظ آهي، جنهن جو مصدر (Root) ڪنديدن (کوٽڻ) آهي. جنهن جو اسم مفعول ٿيندو ڪنديده (کوٽيل) ۽ ان مان ٺي لفظ "ڪندڪ" ڦٽي نڪتو. اڳتي هلي ان کي "خندڪ" بہ سڏيو ويو جنهن جي وري عربي صورت "خندق" ٿي ويئي.

هن جنگ واسطي ڪافرن ۽ يهودين طرفان زبردست تياري ڪئي ويئي. منجهانئن هر قبيلي پنهنجو جدا جٿو جنگ جوٽڻ لاءِ ميدان ۾ موڪليو هو، ان ڪري هن جنگ جو ٻيو نالو "غزوه احزاب" بہ آهي. "احزاب " لفظ حزب جو جمع آهي، جنهن جي معنيٰ جٿو يا ٽولو آهي. خدا تعاليٰ طرفان قرآن مجيد ۾ هن غزوي جو ذڪر ان نالي پڌيان ڪيو ويو آهي.

الله جي سچي رسول صلي الله عليہ و سلم جن کي جڏهن ڪافرن جي ان ارادي جي پروڙ پيئي، تڏهن ٽي هزار مسلمانن جو لشڪر ساڻ ڪري "سَلَع" جبل جي آڏو اچي پنهنجي ڪيمپ قائم ڪيائون. ان جاءِ جي وڏي خوبي اها هئي جو جبلن سبب ان جو پٺيون پاسو دشمن جي حملي کان قدرتي طور محفوظ هو. باقي اتريون پاسو جيڪو لشڪر جي سامهون هو اتان بچاءَ جي تدبير ڪرڻي هئي، ڇو جو اتان شهر تي حملو ڪرڻ آسان هو.

مٺي مرسل ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن سان صلاح ڪرڻ بعد اهو فيصلو ڪيو تہ اتر واري پاسي کان هڪ اهڙي کاهي کوٽي وڃي جنهن کي پار ڪرڻ دشمن جي امڪان کان ٻاهر هجي. اهو ڪم امت جي اڳواڻ ﷺ جن نہ صرف پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ڪرايو پر پاڻ پنهنجي ٽي هزار رضاڪارن سان گڏجي هن ڪٺن ڪم ۾ عملي حصو بہ ورتائون. ڪم جي ورڇ ان ريت ڪئي ويئي جو ڏهن ڏهن ماڻهن جو هڪ جٿو (Group) جوڙيو ويو ۽ اهڙي هر جٿي کي ويهہ وال زمين کوٽڻ جو ڪم سونپيو ويو. اهڙي ريت ٽي سؤ گروپ پنهنجي پوري قوت ۽ ايماني جذبي سان ان ڪم ۾ جنبي ويا.

"ابن سعد " جي روايت مطابق ڇهن ڏينهن جي لڳاتار محنت کان پوءِ اها کاهي کوٽجي تيار ٿي. ان کاهيءَ جي ڊيگهہ اٽڪل ساڍا ٽي ميل، ويڪر اٽڪل ڏهہ وال ۽ اونهائي ايتري هئي جو زمين جي آلاڻ ظاهر پئي ٿي. يا طبريءَ مطابق تہ هڪ دشمن جڏهن ان کي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان ۾ اندر وڃي ڪريو ۽ ٻاهر نہ نڪري سگهيو تانجو ڦٿڪي ڦٿڪي اندر ئي مري ويو. اها خندق گولائي جي شڪل ۾ اتر اوڀر واري ڪنڊ "حرة الواقم" کان شروع ٿي وڃي ڏکڻ اولهہ طرف "حرة الوبره"تي دنگ ڪيائين. هڪ عام روايت موجب رسول خدا ﷺ جن کي خندق کوٽڻ جي صلاح مشهور صحابي حضرت سَلمَان فارسي رضہ ڏني هئي، ڇو جو "فارس" ۾ جنگ جي موقعن تي دشمن کان بچڻ لاءِ ان قسم جي کاهين کوٽڻ جو رواج عام هو، جنهن جي شروعات اتان جي حڪمران "منو چهرا ابيرج" ڪئي هئي. ان کان علاوه ڪن روايتن ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو طريقو نبي انور ﷺ جن کي وحيءَ وسيلي ٻڌايو ويو هو والله اعلم.

"غزوه خندق" دوران نبي سڳوري ﷺ جن لاءِ جنهن جاءِ تي خيمو لڳايو ويو هو، اتي بعد ۾ هڪ مسجد جوڙائي وئي، جنهن کي مسجد "ذوباب" يا مسجد "ذُبَابَ" سڏيو ويندو آهي. اها مسجد اڄ تائين پنهنجي جاءِ تي قائم آهي، باقي ان خندق جو ڪو اهڃاڻ باقي نہ بچيو آهي. اردو دائرة المعارف جلد ٩ ص ١٠ ـ ٦، طبقات الڪبريٰ ابن سعد جلد ٢ ص ٤٧، شرح عليٰ مواهب ـ زرقاني جلد ٢ ص ١٠٤ ـ ١٠٣، تاريخ طَبري جلد ٣ ص ٤٥، البدايہ والنهايہ ـ ابن ڪثير جلد ٤ ص ٩٥ ـ ٩٢، عهد نبوي کي ميدان جنگ (اردو) ڊاڪٽر حميدالله ص ٦٨ ـ ٦٧.



Marfat.com

چاٿايو آهي، پر "شاميءَ" جو چوڻ آهي تہ "پنجين هجريءَ وارو قول نہ صرف صحيح ۽ اعتبار جوڳو آهي پر قطعي بہ آهي." (١)

سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن چند جي اٺين تاريخ ٽي هزار مسلمانن جي لشڪر سان گڏ غَزْوَہ "خَنْدَق" لاءِ روانا ٿيا، ۽ مديني ۾ ابن اُمِّ مَكْتُوْم کي پنهنجو خليفو مقرر ڪيائون. دشمن جي لشڪر جو انگ تمام گهڻو هو، جيڪو ڪن روايتن ۾ ڏهہ هزار تہ ڪن ۾ ٻارهن ۽ پندرهن هزار بہ ٻڌايو ويو آهي. قريش کان سواءِ غطفان، قُرَيْظَہ، ۽ نَضِيْر قبيلن جا مشرڪ بہ ساڻن گڏ هئا. هن جنگ ۾ مسلمانن جا هيٺيان ڇهہ ماڻهو شهيد ٿيا (1) سَعْد بن مُعَاذ رضہ (2) اَوْس بن اَوْس رضہ (3) عَبْدُالله بن سَهْل رضہ، انهن ٽنهي جو تعلق اوس قبيلي سان هو. (4) طُفَيْل بن نُعْمَان رضہ (5) ثَعْلَبَہ بن عَنَمَہ رضہ، اهي ٻئي صحابي سلمي قبيلي جا هئا. (6) كَعْب بن زَيْد نجاري رضہ.

هن لڙائي ۾ مشرڪن جا چار ماڻهو مارجي ويا. (1) عَمْرو بن عَبْدُوَدّ (2) سندس پٽ حِسْل بن عَمْرو (3) نَوْفَل بن عَبْدُالله مَخْزُوْمِي. (4) مُنَبِہ بن عُثْمان بن سَبَّاق بن عَبْدُالدَّار.

## "غَزْوَہ بَنِي قُرَيْظَہ

هن سال "غزوہ خَنْدَق" کان واپس ٿيندي ئي مسلمانن کي "غَزْوَہ بَنِي قُرَيْظَہ" لاءِ تياري ڪرڻي پيئي.

"بني قُرَيْظَہ" يهودين جي هڪ قبيلي جو نالو آهي، جيڪي مديني جي ويجهو رهندا هئا. هو واري سان پنهنجن قولن ۽ قسمن تان ڦري ويندا هئا.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ذيقعده جي ٢٣ تاريخ اربع جي ڏينهن جيئن "خَنْدَق" کان واپس پهتا، تيئن هٿيار رکي سفر جي مَر ۽ ٿڪ لاهڻ لاءِ غسل ڪري ظهر جي نماز پڙهي پوري مس ڪيائون تہ حضرت جبرئيل عليہ السلام نازل ٿيو ۽ رسول خدا صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪيائين:

"اوهان تہ هٿيار رکي ڇڏيا پر خدا جو قسم! اسان اڃان نہ رکيا آهن. (٢) ڇو جو اسان کي ۽ اوهان کي "بنو قُرَيْظَہ" وارن سان مقابلي جو حڪم مليو آهي."

پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن اهو ٻڌنديئي مديني ۾ اعلان ڪرايو تہ "اوهان مان ڪو بہ ٽيپهريءَ جي نماز مديني ۾ نہ پڙهندو ۽ اها نماز "بَنُو قُرَيْظَہ" پهچي اتي پڙهي ويندي."

ان ڪانپوءِ ابن اُمِّ مَكْتُوْم رضہ کي مديني ۾ عامل بڻائي، پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ٽي هزار صحابين جي لشڪر سان گڏ مديني کان روانا ٿيا. سواريءَ لاءِ وٽن 36 گهوڙا بہ هئا. مسلمانن اتي پهچي شهر جو گهيرو ڪيو. جيڪو اٽڪل پنجويهن ڏينهن تائين جاري رهيو. آخر ڪافر تنگ ٿي پيا ۽ مسلمانن مان سَعْد بن مُعَاذ رضہ کي "اَمِيْن" واريائون تہ هو سندن فيصلو ڪري. ڇو جو سَعْد بن مُعَاذ رضہ سان جاهليت واري دور ۾ سندن دوستي بہ هئي تہ هڪ فوجي معاهدو بہ ٿيل هو.

---

(١) شرح علي مواهب ـ زرقاني جلد ٢ ص ١٠٢.

(٢) البدايہ والنهايہ ـ حافظ ابن ڪثير جلد ۴ ص ١١٦، صحيح بخاري جلد ٢ ص ٥٩٠.



Marfat.com

حضرت سَعْدُ رضہ فيصلو ڪيو تہ سندن مردن مان جيڪي وڙھڻ جي لائق آھن تن کي قتل ڪيو وڃي. انهن جو تعداد اٺن کان نَون سَون تائين هو. باقي عورتن، ٻارن ۽ ٻين کي قيد ڪيو وڃي. جنهن ڪانپوءِ ان فيصلي تي عمل ڪيو ويو. (١)

هن غزوه مان مسلمانن کي غنيمت ۾ ڪافي مال ۽ سامان هٿ آيو. جنهن ۾ پندرهن سؤ تلوارون، ٽي سؤ تير، پنج سؤ ڪمانون ۽ جهجهي تعداد ۾ چوپايو مال بہ شامل هو. مسلمانن ان مال مان خُمس ڪڍي باقي ٻيو لشڪر ۾ ورهائي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ هو ذوالحج جي پنجين يا ستين تاريخ مديني واپس پهتا.

جيئن تہ "غَزْوَهَ اَحْزَاب" ۽ "بَنِي قُرَيْظَہ" هڪٻئي سان لاڳاپيل آهن، انڪري ڪيترن مؤرخن ٻنهي کي هڪ ئي غزوه سمجهيو آهي. ٻنهي جا واقعات هڪٻئي سان گڏي بيان ڪيا آهن. ڪن راوين وري هن غزوه کي سن چوٿين هجريءَ ۽ ڪن وري ڇهين هجريءَ جو واقعو بيان ڪيو آهي. پر صحيح روايت اها ئي آهي تہ هي غزوه پنجين هجريءَ جو ئي واقعو آهي، جيئن شروع ۾ بيان ڪيو ويو آهي. (٢)

---

(١) اهو فيصلو يهودين جي مقدس مذهبي ڪتاب "تورات" مطابق ڪيو ويو هو. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ "تون دشمن کي گهيري ۾ آڻ ۽ پوءِ جڏهن تنهنجو رب توکي انهن جي مٿان سوڀارو ڪري تہ پوءِ (سندن) مَردن کي قتل ڪرائي عورتن ۽ ٻارن کي قيد ڪر.

الله تعاليٰ بنو قريظہ وارن کي سندن بغض ۽ بد عهديءَ جي اها ٻچڙي سزا ڏني.

(٢) واقدي، ابن اسحاق، ابن هشام، سُهَيلي ۽ زرقاني وغيره هن غزوه کي سن پنجين هجريءَ جو واقعو شمار ڪيو آهي. (مترجم)



Marfat.com

# فصل پنجون

هن فصل ۾ ڇهين هجريءَ جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## "غَزْوَهٔ بنُو لَحْيَان"

هن سال پاڪ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن هن "غَزْوَهٔ" لاءِ روانا ٿيا. جيتوڻيڪ ڪجھ راوين طرفان هن غزوه کي سن چوٿين هجريءَ ۾ ٻين طرفان سن ڇهين هجريءَ جو واقعو ڄاڻايو ويو آهي، پر صحيح روايت اهائي آهي ته "غزوه بني لَحْيَان" هن سال يعني سن ڇهين هجريءَ ۾ ٿيو. هن غزوه بابت مهيني ۾ به اختلاف آهي. مختلف راوين طرفان ربيع الاول ، جمادي الاول ۽ رجب مهيني بابت روايتون ملن ٿيون. جن مان آخري روايت وڌيڪ صحيح لڳي ٿي.

بني لَحْيَان بن هُذَيْل بن مُدْرِڪَ. مڪي ڪان مديني ويندڙ رستي تي "عسفان" جي ويجهو رهندا هئا ۽ اهو ماڳ مڪي ڪان ٻن مرحلن جي پنڌ تي هو.

بني لَحْيَان وارن مسلمانن جا سترَ قاري "بِئْرِ مَعُوْنَہ" واري واقعي ۾ شهيد ڪيا هئا. نبي اڪرم صلی الله علیه وسلم جن ڪانئن اهو پلاند وٺڻ لاءِ ٻه سؤ ماڻهن سان گڏ نڪتا، جن وٽ سواريءَ لاءِ ويھ گهوڙا هئا. بَنُو لحيان وارن کي جڏهن اهو پتو پيو ته هو خوف کان ڀڄي جبلن جي چوٽين تي چڙهي ويا. ان ڪانپوءِ مسلمان بغير جنگ ڪرڻ جي مديني موٽي ويا.

## "غَزْوَه حُدَيْبِيَّہ"

هن سال ذوالقعده جي پهرين تاريخ سومر جي ڏينهن چوڏهن سؤ يا پندرهن سؤ ماڻهن جي جماعت سان سرور عالم صلی الله علیه وسلم جن مديني کان (عمري ڪرڻ جي نيت سان) روانا ٿيا. مديني ۾ ابن اُمِ مَڪْتُوْم رضہ يا ٻي روايت مطابق نُمَيْلَہ بن عبدالله ليثي رضہ کي خليفو مقرر ڪيائون.

"ذوالحليفہ" وٽ پهچي عمري جو احرام ٻڌائون. پر پوءِ ڪافرن جي ضد ۽ ساڳ سبب هو هن سال ته عمرو ادا ڪري نه سگهيا، البت ايندڙ سال ان قضا جي ادائگي ڪيائون.

هن موقعي تي (رسول الله صلی الله علیه وسلم جي بردباريءَ ۽ فراست سبب) جنگ جو خطرو ٽري ويو ۽ ان جي جاءِ تي "امن" جو معاهدو ٿيو. "حُدَيْبِيَّہ" ۾ پاڪ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن ٻاويھ راتيون رهيا ۽ پوءِ ذوالحج جي مهيني ۾ مديني واپس وريا.

"حُدَيْبِيَّہ" (١) هڪ ننڍڙي ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو مڪي کان اٽڪل ٻارهن ميلن جي پنڌ تي

---

(١) حديبيہ وارو ماڳ مڪي کان اولهہ طرف جده ڏانهن ويندڙ واٽ تي آهي جنهن جو فاصلو مڪي کان اٽڪل ٻاويھ ڪلوميٽر ڪن ٿيندو.

هڪ روايت مطابق سيدنا ابراهيم عليہ السلام جن جي دور ۾ جڏهن ڪعبة الله جي اڏاوت جو ڪم پورو ٿيو ۽ هن جاءِ کي حرم مقرر ڪيو ويو ته چئني طرفن کان شهر جون حدون به مقرر ڪيون ويون. هر حد واريءَ جاءِ تي



Marfat.com

الهندي طرف "جدي" ڏانهن ويندڙ گس تي آهي. پهريان هتي هڪ کوهہ هو، جنهن کي "حُدَيْبِيَّ" جي نالي پڻيان ياد ڪيو ويندو هو، پوءِ اهوئي نالو هن ڳوٺ تي پئجي ويو. هيئنر ان کوهہ کي "بئر شُمَيْس" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

## "غَزْوَه ذِي قَرَد"

هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ "حُدَيْبِيَّ" کانپوءِ ۽ "خَيْبَر" کان اڳ هي غزوه ٿيو. جنهن کي "غزوة الغَابَہ" بہ سڏيو ويندو آهي.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي خبر پيئي تہ عُيَيْنَه بن حِصْن چاليهن سوارن جي دستي سان گڏ حملو ڪري سندن مال ڪاهي ويو آهي. اهو ٻڌندي ئي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ابن ام مڪتوم رضہ کي مديني ۾ پنهنجو خليفو مقرر ڪيو ۽ ٽي سَوَ ماڻهو شهر جي پهري لاءِ بيهاريائون.

هڪ منارو تعمير ڪيو ويو. اهڙي ريت انهن حدن ۾ حديبيہ بہ شامل هو جتي مڪي شريف جي مغربي حد ختم پئي ٿي. پـوءِ اتي بہ هڪ اهڙو منارو جوڙيو ويو انڪري هي ميقات بہ آهي ۽ ماڻهو هتان احرام ٻڌندا آهن. هي علائقو عام طــور مـيداني آهي ۽ هتي اهي جبل يا ٽڪر نظر نٿا اچن جيڪي مڪي جي چئني پاسن کان پکڙيل آهن. اسلام جي ابتدائي دور تائين هتي هڪ کوهہ هو ۽ کن جو چوڻ آهي تہ دراصل "حديبيہ" ان کوهہ جو ئي نالو آهي، جيڪو هن آباديءَ تي پئجي ويو جڏهن تہ کن راوين طرفان وري اهو هڪ وڻ جو نالو ٻڌايو ويو آهي. هتي جنهن کوهہ جو ذڪر ڪيو ويو، آهي ان جو پاڻي مٺو هوندو هو جنهن کي اتان لنگهندڙ حاجي توڙي ٻيا واٽهڙو استعمال ڪندا هئا. هونئن بہ هتي زمين ۾ آبي ذخيرا جام آهن جنهن ڪري هتي ٻير وغيره جا وڻ تـمام وڏا آهن. سن ڇهين هجريءَ ذاري سرور ڪائنات ﷺ جن ٻير جي هڪ اهڙي ئي وڻ هيٺان ويهي صحابي سڳورن کان بيعت ورتي جنهن جو ذڪر ڪلام پاڪ ۾ پڻ موجود آهي.

"اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ" (الفتح)

بعد ۾ ماڻهن ان وڻ سان بي پناه عقيدت رکڻ شروع ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي اها عقيدت غير اسلامي انداز اختيار ڪندي ويئي ۽ ماڻهو مختلف بيمارين ۽ ٻين تڪليفن جي دور ڪرڻ لاءِ ان وڻ هيٺان پٽي ايندا رهيا. اهو ڏسي حضرت عمر فاروق ان وڻ کي پاڙون پٽرائي ڇڏيو ۽ ان وڻ واريءَ جاءِ تي هڪ مسجد جوڙائي ويئي.

ماضيءَ کان وٺي "حديبيہ" واري ماڳ تي جيتوڻيڪ ڪليل ميدان آهن ۽ اتي پاڻيءَ جي بہ ڪا اڻاٺ نہ آهي پر ان جي باوجود بہ اسلامي دور کان اڳ هي علائقو آباد نہ هو البت خلافت راشده کانپوءِ هن علائقي ۾ آبادي وڌي آهي. ۽ گذريل چار سؤ سالن کان هن علائقي جو نالو تبديل ٿي "شميسيہ" ٿي ويو آهي ۽ هاڻي هي ماڳ ان نالي پٺيان ئي ڄاتو وڃي ٿو. ڇو جو هتي "الشميسي" نالي هڪ جبل موجود آهي.

سيدنا عمر فاروق "بيعت رضوان" واري جاءِ تي جنهن مسجد جو بنياد رکيو هو، اتي هاڻي هڪ عاليشان مسجد قائم آهي جنهن جي پرسان روڊ بہ موجود آهي. انڪري نـماز جي وقت تي هتان لنگهندڙ گاڏيون نـماز لاءِ هتي بيهنديون آهن ۽ هيءَ بابرڪت جاءِ واري مسجد اڄ تائين آباد آهي.

معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ٢ ص ٢٣٠ ـ ٢٢٩، معجم ما استعجم "بڪري" ج١ ص ٦٨، دائرة المعارف (اردو) ج ٧ ص ٩٥٨ ـ ٩٦٢، جزيرة العرب ـ محمد رابع ندوي ص ٢٣٧ ـ ٢٣٦.



Marfat.com

ان ڪانپوءِ پنج سؤ يا هڪ ٻي روايت موجب ست سؤ صحابي ساڻ ڪري دشمن جو پيڇو ڪيائون.

مسلمانن جي لشڪر مان حضرت سَلمَيٰ بن اَڪوَع رضہ پيرين پيادو سڄي لشڪر کان (جوش ۾) اڳتي نڪري ويو. سندس نظر جڏهن دشمن تي پيئي ته هن اڪيلي سر متانئن تير وسائڻ شروع ڪيا. جن سان ڪيترا ڪافر اجل جو شڪار ٿيا. آخرڪار هن دشمن کان سمورا اُٺ ڇڏائي ورتا، نه صرف ايترو پر سندن سامان به کسي ورتائين، جنهن ۾ ٽيهه چادرون، ٽيهه تير ۽ ٽيهه ڍالون شامل آهن. ان ڪانپوءِ هو ان سموري مال سان واپس اچي رهيو هو ته رستي ۾ ڪيس نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي صحابين سميت مليا ۽ انان پوءِ گڏجي مديني جو رُخ رکيائون.

"ذِي قَرَد" هڪ ڪوهہ جو نالو آهي. جيڪو مديني کان خيبر ڏانهن ويندڙ رستي تي هڪ بريد (١) جي فاصلي تي هو ۽ "غَطَفَان" جي بلڪل لڳ هو.

"غزوه ذِي قَرَد" کان موٽي پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني ۾ ٽي ڏينهن مس ترسيا ته ڪين "غزوه خيبر" لاءِ وڃڻو پيو. ان مان اها پروڙ پوي ٿي ته هي غزوه "صُلح حُدَيْبِيَّہ" ڪانپوءِ ٿيو هو. جڏهن ته ڪجهه راوين جو خيال آهي ته هي غزوه "صلح حديبيہ" کان اڳ ٿيو هو. انهن راوين جو مهيني بابت بہ اختلاف آهي. مختلف روايتن ۾ "غزوه ذِي قَرَد" کي ربيع الاول، جمادي الاول يا شعبان سن ٦ هجريءَ جو واقعو چيو وڃي ٿو. انڪري بخاريءَ جي روايت وڌيڪ صحيح آهي. (٢) ڪجهه ماڻهن طرفان ٻنهي قسمن جي روايتن کي صحيح ڪرڻ لاءِ اهو خيال بہ ڏيکاريو ويو آهي ته "ذِي قَرَد" واري ماڳ تي ممڪن آهي ته بہ دفعا غزوه ٿيا هجن.

---

(١) بريد جو مطلب آهي ٻارهن ميل. (مترجم)

(٢) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٠٣.



Marfat.com

"خَيبَر"جو شهر مديني جي اتر ۾ "شام" ڏانهن ويندڙ واٽ تي اٺن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هن شهر ۾ يهودي رهندا هئا ۽ اتي ڪافي تعداد ۾ "قلعا" بہ موجود هئا.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪو لشڪر روانو ٿيو، ان ۾ چوڏهن سؤ پيادا ۽ بہ سؤ سوار هئا. اُمّ المؤمنين اُمّ سَلميٰ رضہ بہ هن سفر ۾ ساڻن گڏ هئي. "سِبَاع بن عُرْفُطَ" کي مديني ۾ خليفي طور مقرر ڪيو ويو هو، جنهن جو ذڪر "غزوه قَرقَرَةُ الكُدْرِ" ۾ ٿي چڪو آهي. مسلمانن، ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ شهر وارن کي گهيري ۾ رکيو. ان ڪانپوءِ صفر مهيني ۾ خدا تعاليٰ کين سوڀ عطا ڪئي.

## غَزوه وادِي القُرىٰ

هن سال صفر مهيني جي پوين تاريخن ۾ هي غزوه ٿيو. "وَادِي القُرِيٰ" يهودين جي هڪ ڳوٺ جو نالو هو، جيڪو مديني جي وچهڙائي ۾ "خَيبَر" ڏانهن ويندڙ رستي تي هو. شام ملڪ کان ايندڙ حاجي سڳورا هتان لنگهندا هئا. مسلمان خَيبَر جي فتح ڪانپوءِ جڏهن هتان لانگهائو ٿيا، تہ اتان جا ماڻهو سندن مقابلي لاءِ اڳ ۾ ئي تيار ويٺا هئا. چئن ڏينهن جي گهيري ڪانپوءِ مسلمان سوڀارا ٿيا، ۽ کين جهجهي تعداد ۾ مال متاع بہ هٿ آيو.

## غَزوه ذَاتِ الرِّقَاع (١)

هن سال ربيع الاول جي ڏهين تاريخ چنچر رات مسلمان "ذَاتِ الرِّقَاع" واري غزوه لاءِ روانا ٿيا. امام بخاري پنهنجي مشهور ڪتاب "صحيح بخاريءَ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ "هي غَزوَہ خَيبَر جي فتح ڪانپوءِ جو واقعو آهي، ڇو جو "اَبُو مُوسَيٰ اَشعَرِي رضہ" هن غزوه ۾ ڀهرو ورتو. جنهن خيبر جي موقعي تي حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو."

---

(١) ذات الرقاع جي لغوي معنيٰ آهي، چٿيون، ٽڪرا، پرزا وغيره. هن غزوه تي ان نالي پوڻ جا بہ سبب ٻڌايا ويا آهن:

(الف) صحيحين ۾ حضرت ابوموسيٰ اشعري رضہ کان هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ هو فرمائي ٿو: "اسان جڏهن هن غزوه لاءِ پنهنجي اڳواڻ عليه الصلواة والسلام سان گڏجي نڪتاسون تہ سواريءَ لاءِ اسان ڇهن ماڻهن وٽ فقط هڪ اٺ هو، جنهن جي مٿان واري وٽيءَ تي هرهڪ ماڻهو سوار ٿيندو هو. باقي پنڌ ڇٽا پيرين پنڌ هلندا هئا. پنڌ بہ وري هو پهاڙن جو، جنهن هيڪاندا اسان جا پير چلي ڇڏيا هئا. انڪري اسان سڀئي پنهنجي پيرن مٿان جيڪي ليڙون يا اڳڙيون ملنديون هيون اهي ويڙهي ڇڏيندا هئاسون، تہ جيئن پنڌ ڪرڻ ۾ ڪجهہ سولائي ٿي". ان ڪري هن غزوه تي اهو نالو پئجي ويو.

(ب) ٻي روايت وري ابن سعد نقل ڪئي آهي. سندس خيال آهي تہ غطفان قبيلي وارا جنهن ميدان ۾ رهندا هئا، ان جي چوڌاري ٽڪريون هيون. جن جا پٿر مختلف رنگن جا هئا ۽ پريان ائين نظر ايندو هو تہ ڄڻ ڪنهن رنگ رنگ جا ٽڪر پٿاري ڇڏيا آهن. انڪري هن غزوي تي اهو نالو پيو. والله اعلم بالصواب.

صحيح بخاري جلد ٢، ص ٥٩٢، صحيح مسلم جلد ٢ ص ١١٨، طبقات ابن سعد جلد ٢ ص ٤٣.



Marfat.com

ان بيان مان ثابت ٿئي ٿو تہ هي غزوہ سن ستين هجريءَ جو واقعو آهي. جڏهن تہ ڪجهہ راوين جو قول آهي تہ "غزوہ ذات الرقاع" هجرت جي چوٿين سال "غزوہ بَنِي نضير" کانپوءِ ۽ "بَدر صُغريٰ" کان اڳ ٿيو هو. ڪن راوين طرفان هن غزوہ جو سن پنجين هجري بہ ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ "رَوضَة الاَحبَاب" واري، هن جو شمار ڇهين هجري جي غزوات ۾ ڪيو آهي. انهن سڀني روايتن مان بخاريءَ جي روايت وڌيڪ صحيح معلوم ٿئي ٿي.

هن غزوہ ۾ مسلمانن جو مقابلو "نجد" جي سرزمين تي "بنو مُحَارِب" ۽ "بنو ثَعلَبَہ" وارن سان هو، ان ڪري هن غزوہ کي "غزوہ بَنُو مُحَارِب" ۽ "غزوہ بني ثَعلَبَہ" جي نالن پنيان بہ ياد ڪيو ويندو آهي. ان کانسواءِ هن غزوہ جو هڪ نالو "غزوہ صلوٰةُ الخوف" بہ آهي. ڇو جو "نماز خوف" پهريون ڀيرو هن غزوي دوران پڙهي وئي. (١) جيئن تہ هن غزوي دوارن ڪيترائي عجيب و غريب واقعا پيش آيا، انڪري هن غزوہ جو هڪ نالو "غَزوَةُ الاَعَاجِيب" بہ آهي. ان مان پروڙ پوي ٿي تہ هن غزوہ کي پنجن نالن سان ياد ڪيو ويندو آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ سان جيڪو لشڪر ڪنيو، ان جي ڳاڻيٽي ۾ راوين جو اختلاف آهي. جدا جدا راوين طرفان اهو انگ چار سؤ يا ست سؤ يا وري اٺ سؤ بہ ٻڌايو ويو آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي پويان مديني ۾ حضرت عُثمَان بن عَفَّان ذُوالنورين رضي الله تعاليٰ عنه کي خليفو مقرر ڪيو هو. اها اڪثريت جي روايت آهي. جڏهن تہ هڪ ڪمزور روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت اَبُوذَرّ غِفاري رضي الله عنه کي خليفو بڻايو ويو هو.

مُحَارِب ۽ ثَعلَبَہ قبيلي وارن کي جڏهن مسلمانن جي پهچڻ جي خبر پئي تہ هو وڙهڻ بدران جبلن جي چوٽين تي چڙهي ويا. ڪجهہ مسلمانن جو خيال هو تہ دشمن متان اوچتو حملو ڪري وجهي، انڪري نبي ڪريم ﷺ جن نماز خوف پڙهائي. ڪجهہ راوين جو قول آهي تہ اها پهرين نماز خوف هئي، جيڪا هن غزوہ دوران ٽيپهريءَ جي وقت ادا ڪئي وئي. جڏهن تہ ٻين جو خيال آهي تہ پهرين نماز خوف سن ڇهين هجريءَ دوران "عَسْفَان" جي ماڳ تي پڙهي وئي، جنهن جو وڌيڪ ذڪر هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ ڪيو ويندو.

---

(١) شرح عليٰ مواهب "زرقاني" جلد ٢ ص ١٥٢.

نوٽ:- هن غزوہ جي سال توڙي تاريخ ۾ راوين جو اختلاف رهيو آهي. ابن اسحٰق جي خيال موجب هي واقعو چوٿين هجريءَ جو آهي، واقدي ۽ سندس شاگرد ابن سعد مطابق پنجين هجري ۽ امام بخاري جي روايت موجب هي واقعو ستين هجريءَ ۾ غزوہ خيبر کان پوءِ جو آهي. ڇو جو ابوموسيٰ اشعري ۽ ابو هريره هن "غزوہ" ۾ شريڪ هئا. ابو موسيٰ اشعري خيبر جي فتح کانپوءِ حبش کان نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو، جڏهن تہ ابو هريره جنهن وقت مديني پهتو تڏهن رسول خدا ﷺ جن "خيبر" ڏانهن روانا ٿي چڪا هئا. ان ڪري ابوهريره خيبر وڃي سائن مليو. ان وقت مسلمان خيبر فتح ڪري چڪا هئا. (مترجم)



Marfat.com

اگ ڪڏهن به ان جو استعمال نه ڪيو ويو هو. مسلمانن کي الله تعاليٰ سوڀارو ڪيو. هن قلعو فتح ڪري ورتو. اها هڪ وڏي سوڀ هئي، جيڪا الله تعاليٰ طرفان کين عطا ڪئي ويئي.

"غزوه طائف" ۾ مسلمانن جا ٻارهن ماڻهو شهيد ٿيا. جن مان ام المؤمنين امِّ سلمه رضه جو ڀاءُ عَبْدُالله بِنْ اَبُوْ اُمَيَّہ مَخْزُوْمِي رضه،جيڪو مڪي جي فتح ٿيڻ مهل مسلمان ٿيو هو ۽ سَعِيْد بن العَاصِ اموي رضه وغيره جا نالا مشهور آهن. ڪافرن مان به ڪافي ماڻهو قتل ٿيا.

هن غزوه ۾ سيدنا اَبُوبَڪَر رضه جو پٽ حضرت عَبْدُالله رضه دشمن هٿان ڦٽجي پيو. سندس اهو ڦٽ ان وقت ته ڇٽي ويو پر ڪجهه وقت گذرڻ ڪانپوءِ سيدنا صِديق اَڪْبَر رضه جي دور خلافت ۾ سندس اهو ڦٽ وري اٿلي پيو ۽ اهوئي سندس موت جو ڪارڻ بڻيو.

غزوه طَائِف ۽ غزوه فتح مڪه جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن سان به ٻيبيون سڳوريون يعني حضرت اُمِّ سَلمه رضه ۽ زينب بنت جحش رضه به ساڻ هيون.



Marfat.com

# فصل اٺون

هن فصل ۾ سن نائين هجريءَ جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## غَزْوَہ تَبُوڪ (١)

هن سال رجب جي مهيني ۾ مسلمان "غزوه تَبُوڪ" لاءِ روانا ٿيا. هن غزوه کي "غَزْوَةُ العُسْرَة"، "سَاعِةُ العُسْرَة" ۽ "فَاضِحَہ" جي نالن پنيان بہ ياد ڪيو ويندو آهي. ڇو جو هن غزوه جي باري ۾ جيڪي آيتون نازل ٿيون، تن منافقن جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا.

هي آخري غزوه آهي ۽ هن کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ پنهنجي سرِ ڪنهن بہ لڙائي ۾ شريڪ نہ ٿيا هئا.

---

(١)"تبوڪ" جو هي تاريخي شهر عرب جي اترين ڇيڙي تي هو. جتان پوءِ بازنطيني سلطنت جون سرحدون شروع ٿينديون هيون. ان ڏورانهين ڏيهہ تي پهچڻ لاءِ اسلامي لشڪر کي سفر جون وڏيون صعوبتون سهڻيون پيون. هو ڏينهن جا ڏينهن جبل جهاڳي، بيابان لتاڙي اهو سج ۽ رج جو رستو لنگهي وڃي پار پيا.

اڄ حالتون بلڪل بدلجي چڪيون آهن. تبوڪ پهچڻ لاءِ سعودي حڪومت هڪ ڪشادو ۽ عاليشان روڊ ٺهرايو آهي. هينئر مديني شريف کان تبوڪ جو فاصلو 465 ميل آهي. جتي ڇهن ڪلاڪن ۾ نهايت آرام سان پهچي سگهجي ٿو.

نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي اڳوائيءَ ۾ جڏهن اسلامي لشڪر هتي پهتو، تڏهن پاڻيءَ جي ڏاڍي اڻاٺ هئي. سڄي جوءِ ۾ صرف هڪ چشمو هو. جتان ٿورو ٿورو پاڻي نڪرندو هو. مسلمانن طرفان امام الانبياء صلي الله عليه وسلم جن جي وضوءَ وارو پاڻي ان چشمي مٿان هاريو ويو. بس پوءِ رب جي حڪم سان ان چشمي اڇي ڦاٽ ڪاڙهي، ڏسندي ئي ڏسندي ان جي پاڻيءَ ۾ ايتري تہ واڌ اچي ويئي جو سڄي لشڪر جون ضرورتون اتان ئي پوريون ٿيڻ لڳيون. ان موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي پياري صحابي حضرت معاذ رضہ کي مخاطب ٿي فرمايو: اي معاذ! جيڪڏهن تو وڏي ڄمار ماڻي تہ هن سرزمين کي ساوڪ سان سينگاريل ڏسندين."

خدا پنهنجي سچي رسول ﷺ جي اها دعا اگهائي. اڄ تبوڪ سائو ۽ سڪيو آهي. جيڏانهن بہ نظر ڦيرائبي تہ ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي. مديني ۽ خيبر کانسواءِ سڄي سعودي سلطنت ۾ ڪو بہ شهر اهڙو نہ آهي، جيڪو پاڻي توڙي پوک ۾ تبوڪ جو مقابلو ڪري. انڪري هتان جا ماڻهو بہ ڏاڍا سکيا ستابا نظر ايندا.

هن وقت تبوڪ تمام تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيو آهي. هر پاسي عاليشان عمارتون، جديد طرز جا شاپنگ سينٽر ۽ ڪشادا روڊ ٺهي رهيا آهن ۽ شهر جي آبادي بہ تيزيءَ سان وڌي رهي آهي.

سعودي حڪومت طرفان هتي هڪ وڏي فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي وئي آهي. اسلامي لشڪر "غزوه تبوڪ" جي دوران جنهن جاءِ تي منزل ڪئي هئي اتي هڪ ڪاٺ جي مسجد ٺاهي ويئي. بعد ۾ وري ترڪن اڄي حڪومت دوران هڪ ترڪ فوجيءَ ان جاءِ تي خوبصورت جامع مسجد پنهنجي خرچ سان جوڙائي، جنهن تي قيمتي پٿر جو نهايت خوبصورت ڪم ڪرايو ويو. اها مسجد اڄ تائين قائم آهي. مسجد جي لڳ هڪ پراڻو قلعو بہ آهي، جنهن کان جيل جو ڪم ورتو پيو وڃي.

"اردو دائرة المعارف اسلامي" جلد ٦ ص ١٣٢ _ ١٣١، "معجم البلدان" ياقوت حموي جلد ٢ ص ١٥ _ ١٤، "سفرنامہ ارض القرآن" محمد عاصم ص ٢٦١ _ ٢٥٨.



Marfat.com

# پاگو پھریون

باب پیو

# سراپا

Marfat.com

Marfat.com

روانيون ڪيل جماعتن کي وري "سوارب" سڏيو ويندو آهي، جيئن الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ فرمايو آهي: **"ومن هو مستخف باليل وسارب بالنهار"**. ان ڪانسواءِ اهڙين جماعتن ۾ اهو به ڏٺو ويندو ته انهن ۾ شامل ماڻهن جو تعداد ڪيترو آهي. ڇو جو عربي زبان ۾ ماڻهن جي تعداد واري لحاظ کان به ماهرن اهڙين جماعتن جا مختلف نالا ٻڌايا آهن. سندن خيال موجب لفظ "سريہ" جو اطلاق اهڙي جماعت تي ٿيندو، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ۽ وڌ ۾ وڌ ٽي سؤ تائين ماڻهو هجن. اهو قول فيروز آبادي جو آهي، جڏهن ته ثعالبيءَ جو چوڻ آهي ته "پنجن کان وٺي چار سؤ تائين ماڻهو جنهن جماعت ۾ هوندا ان کي ئي "سريہ" سڏيو ويندو. ابن حجر وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ ۽ وڌ ۾ وڌ پنج سؤ ماڻهن واري جماعت ئي "سريہ" شمار ٿيندي.

مسعودي وري ان ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي ٻڌائي ٿو ته جنهن جماعت ۾ پنج سؤ کان مٿي ۽ آٺ سؤ کان گهٽ ماڻهو هوندا ته ان کي "مناسر" سڏيو ويندو. جڏهن ته ابن حجر جي خيال مطابق ان کي "هيضلہ" سڏڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت آٺ سؤ کان وٺي هڪ هزار تائين ماڻهو جنهن جماعت ۾ هجن ته ان کي "خشخاش" سڏيو ويندو. باقي جتي ماڻهن جو انگ هڪ هزار کان مٿي ٿي ويندو ته ان کي "جيش"، چئن هزارن تائين "جيش جحفل" ۽ ٻارهن هزارن واري لشڪر کي "جيش جرار" سڏيو ويندو آهي.

ان سلسلي ۾ ڪن خاص موقعن تي ڪا خفيہ معلومات حاصل ڪرڻ، ڪو جهاد جي حوالي سان پيغام پهچائڻ، يا ڪنهن ننڍي جهادي ڪارروائيءَ لاءِ ٻہ چار ماڻهو بہ روانا ڪيا ويندا هئا. پوءِ ڪڏهن تہ اهي ڪنهن وڏي جماعت مان منتخب ڪري ان جماعت کان الڳ پنهنجي منهن موڪليا ويندا هئا تہ ڪڏهن وري سندن صلاحيت مطابق صحابي سڳورن جي سٽ مان ڪجهہ ماڻهن کي منتخب ڪري موڪليو ويندو هو. اهڙين ننڍين جماعتن کي ان دور ۾ "بعث" سڏيو ويو آهي، جنهن جو جمع "بعوث" آهي. موجوده دور جي مؤرخن ۽ دفاعي ماهرن مٿين ڪارروائين لاءِ موڪليل بعوث بابت ڪجهہ جديد اصطلاح بہ وضع ڪيا آهن. مثال طور ابو مايَلة عَمريءَ طرفان اهڙا "بعوث" جن ۾ هڪ کان وٺي اٽڪل چئن پنجن تائين خاص تربيت يافتہ ماڻهو جڏهن ڪنهن ظالم کي قتل ڪرڻ، يا ڪنهن واقعي کي اڳتي وڌي Commando Action جي انداز ۾ روڪڻ لاءِ اماڻيا وڃن تہ ان کي "مغاوير" سڏيو ويندو. جنهن جو جمع مغوار آهي. عمير بن عدي، جنهن عصماء کي قتل ڪيو، سالم بن عمير جنهن جي هٿان ابوعفڪ يهودي قتل ٿيو يا محمد بن مسلمہ جيڪو ڪعب بن اشرف ڏانهن موڪليو ويو هو. اهڙين ڪارروائين کي "مغاوير" سڏيو ويندو.

اسان جي اڳاتن سيرت نگارن وٽ مٿي ٻڌايل اصطلاحن (تعداد جي لحاظ کان) کان سواءِ "سريہ" ۽ "بعث" بابت ٻيو ڪوبہ لفظ استعمال نہ ڪيو ويو آهي، اهو ان ڪري جو هيٺ بيان ڪيل "سرايا" ۾ ڪڏهن بہ مسلمانن جو تعداد پنج ڇهہ سؤ کان مٿي نہ رهيو. ان ڪري انهن لاءِ سريہ جو استعمال بلڪل صحيح آهي، سواءِ "سريہ مؤتہ" ۽ "سريہ زيد بن حارثہ" جي، جنهن ۾ مسلمان مجاهدن جو تعداد ٽن هزارن تائين هو، ان ڪري انهن پنهي کي "جيش" سڏي سگهجي ٿو.

سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ نَوَن سالن تائين مختلف مقاصد لاءِ "سرايا" موڪليندا رهيا. ان ڏس ۾ پهريون سريہ اڪثريت جي راءِ مطابق سيدنا حمزه بن عبدالمطلب جي اڳوائيءَ هيٺ ربيع الاول سن ٻي هجريءَ ڌاري "عِيص" ڏانهن اماڻيو ويو. جڏهن تہ آخري سريہ صفر يارهين هجريءَ ڌاري حضرت اسامہ بن زيد جي اڳوائيءَ هيٺ مديني کان روم ڏانهن روانو ڪيو ويو، جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال سبب ان وقت تہ نہ نڪري سگهيو ۾



Marfat.com

بعد ۾ خلافت صديقيءَ دوران ان "سريہ" کي اماڻيو ويو. هاڻي انهن نون ورهين جي عرصي ۾ جيکي "سرايا" اماڻيا ويا. غزوات وانگر انهن جي ڳاڻيٽي ۾ بہ راوين جو اختلاف رهيو آهي. ان ڏس ۾ ابن اسحاق کان ٿي روايتون نقل کيون ويون آهن. انهن روايتن جي روشنيءَ ۾ طبريءَ ۽ مسعوديءَ طرفان سرايا جو تعداد پنجٽيهہ ٻڌايو ويو آهي. علامہ ابن عبدالبر بہ ان انگ تي ٿي ساڻن متفق نظر اچي ٿو. جڏهن تہ ابن هشام جي نقل ڪيل روايت مطابق سمورا سرايا ۽ بعوث تعداد ۾ اوڻيهہ آهن.

خليفہ ابن خياط وٽ سرايا جو تعداد ايڪٽيهہ، واقديءَ اڏو اٺيتاليهہ ۽ ابن جوزي وٽ ڇاونجاهہ سرايا جو ذڪر ملي ٿو. علامہ شاميءَ وٽ اهو انگ ايڪاسي تائين پهچي ٿو. جڏهن تہ حافظ مغلطائيءَ جو خيال آهي تہ مڙني سرايا توڙي غزوات جو تعداد هڪ سؤ آهي.

تعداد جي لحاظ کان ايڏي وڏي اختلاف جو ڪارڻ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

اسان ان لاءِ ائين چئي سگهون ٿا تہ سڀ کان پهريان اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ کپي تہ سرور عالم ﷺ جن هتان جيکي بہ سرايا يا بعوث اماڻيا ويا، اهي سمورا جنگي مقاصد لاءِ نہ هئا. ۾ انهن منجهان مختلف "سرايا" يا بعوث موڪلڻ جا مقاصد مختلف هئا. جيئن تہ:

١. دشمن جا راز معلوم ڪرڻ. (جاسوسي)

٢. امن امان جا معاهدا ڪرڻ. (سفارتي)

٣. ماڻهن کي دين جي دعوت ڏيڻ يا وري نون مسلمانن کي قرآن سيکارڻ يا اسلام جا اصول سمجهائڻ. (تعليمي ۽ تبليغي)

۴. رستن جي حفاظت ڪرڻ، ڦورن وغيره کان ماڻهن کي بچائڻ. (حفاظتي)

۵. بتن ۽ بت خانن کي ڊاهڻ (اصلاحي) وغيره.

هاڻي هن عنوان هيٺ ڪجهہ مؤرخن ۽ عالمن صرف اهڙن "سرايا" جو ذڪر ڪيو آهي، جيکي جنگي نوعيت جا هئا يا وري ڪنهن جنگي حڪمت عمليءَ تحت اماڻيا ويا. پوءِ ظاهر آهي تہ اهڙن "سرايا" جو تعداد گهٽ ٿيندو.

هن ڪتاب جي فاضل مؤلف حضرت علامہ مخدوم صاحب هن باب ۾ انهن سينني جماعتن جو ذڪر ڪيو آهي جيکي جنگي مقاصد کان علاوه جاسوسي، سفارتي، تعليمي يا اصلاحي وغيره ڪارروايئن لاءِ اماڻيون ويون. ان ڪري هن ڪتاب ۾ اسان کي ستهتر "سرايا" ۽ بعوث جو تہ باقاعده احوال ملي ٿو. باقي ان کانسواءِ سن پنجين هجريءَ دوران موڪليل انهن ٻن سرايا جو ذڪر ضمناً ڪيو ويو آهي، جنهن تي اڪثريت جو اتفاق نہ آهي اهڙيءَ ريت ڪل سرايا جو تعداد اٺياسي ٿئي ٿو.

هن هيٺ اهڙن سيني سرايا ۽ بعوث بابت هڪ چارٽ ڏجي ٿو تہ جيئن پڙهندڙ آسانيءَ سان انهن تي طائرانہ نگاهہ وجهي سگهن. هن چارٽ ۾ اهي تفصيل نقل ڪيا ويا آهن، جيکي حضرت علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه طرفان ٻڌايا ويا آهن. (مترجم).



Marfat.com

| سريه نمبر | قائد | مقصد | دشمن جو اڳواڻ يا دشمن | اسلامي لشڪر جو تعداد | ماڳ | سن | نتيجو |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | حضرت حمزه بن عبدالمطلب | قريش جي هڪ قافلي جو پيڇو ڪرڻ | ابوجهل | ٣٠ مهاجر | عِيص | ربيع الاول ٢ هجري | ڪافرن جو قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري چڪو هو. |
| ٢ | عبيده بن حارث بن عبدالمطلب | قريش جي هڪ قافلي کي روڪڻ | ابوسفيان بن حرب | ٦٠ يا ٨٠ مهاجر | رابغ | شوال ٢ هجري | ڪافرن جو قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري ويو هو. |
| ٣ | سعد بن ابي وقاص | ڪافرن جي هڪ قافلي سان مقابلو ڪرڻ | نامعلوم | ٢٠ مهاجر | خرار | ذوالقعد ٢ هجري | ڪافرن جو قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري چڪو هو. |
| ٤ | محمد بن مسلمه | مشهور يهودي شاعر ڪعب بن اشرف کي قتل ڪرڻ | ڪعب بن اشرف | ٥ صحابي | مدينه | ربيع الاول ٢ هجري | ڪعب بن اشرف کي قتل ڪيو ويو. |
| ٥ | زيد بن حارثه | ڪافرن جي هڪ قافلي سان مقابلو ڪرڻ | صفوان بن اميه | ١٠٠ صحابي | قرده | جمادي الآخر ٢ هجري | مسلمان ڪامياب ٿيا ۽ غنيمت جو مال کڻي مديني پهتا. |
| ٦ | عبدالله بن جحش | ڪافرن جي هڪ قافلي سان مقابلو ڪرڻ | عمرو بن حضرمي | ١٢ يا ٨ صحابي | نخله | جمادي الآخر ٢ هجري | مسلمانن سوڀ حاصل ڪئي ۽ پهريون ڀيرو ڪنهن ڪافر کي قتل به ڪيائون ۽ قيدي به بڻايائون. |
| ٧ | عمير بن عدي خطمي | گستاخ شاعره عصماء بنت مروان کي قتل ڪرڻ | عصماء بنت مروان | هڪ ڄڻو | مدينه | ٢٥ رمضان ٢ هجري | عصماء بنت مروان کي قتل ڪيو ويو. |
| ٨ | سالم بن عمير بن ثابت | گستاخ رسول ﷺ شاعر ابوعفڪ يهودي کي قتل ڪرڻ | ابوعفڪ | هڪ ڄڻو | مدينه | شوال ٢ هجري | ابوعفڪ کي قتل ڪيو ويو. |
| ٩ | ابوسلمه عبدالله بن عبدالاسد | بنو اسد وارن جي قافلي تي حملو ڪرڻ | نامعلوم | ١٥٠ | قَطَن | محرم ٣ هجري | مسلمان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا. |



Marfat.com

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٢٩ | عبدالله بن عتيڪ | ابورافع يهوديءَ کي قتل ڪرڻ | ابورافع | ٥ يا ٦ ماڻهو | خيبر | رمضان ٦ هجري | ابورافع کي قتل ڪيو ويو. |
| ٣٠ | عبدالله بن رواحه | اسير بن رزام کي مديني وٺي اچڻ | أسير بن رِزام | ٣٠ | خيبر | شوال ٦ هجري | اسير ۽ سندس ساٿي خيبر کان مديني هلڻ لاءِ مسلمانن سان گڏجي نڪتا پر رستي ۾ سندن نيت خراب ٿي پئي ۽ هو مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ ان مقابلي ۾ هو هڪ ڪانسواءِ سمورا مارجي ويا ۽ مسلمانن جو ڪوبه جاني نقصان نه ٿيو. |
| ٣١ | ڪرز بن جابر | عرنيين" وارن وٽان مسلمانن جو مال موٽائڻ جيڪو هو چورائي ويا هئا | | ٢٠ | مديني واري واٽ تي | شوال ٦ هجري | ڪرز بن جابر ۽ سندس ساٿي چورن کي پڪڙي مديني وٺي آيا. |
| ٣٢ | عمرو بن اميه ضمري | ابوسفيان کي قتل ڪرڻ | ابوسفيان بن حرب | اڪيلو ماڻهو | مڪه | سال ڇهين هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ | عمرو بن اميه قريش جي ٽن ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ هڪ جاسوس کي ٻڌي مديني وٺي آيو. |
| ٣٣ | ابان ابن سعيد | | | ڪجهه ماڻهو | نجد | محرم ٧ هجري | هو صحيح سلامت مديني موٽي آيا. |
| ٣٤ | حضرت عمر رضه بن خطاب | هوازن قبيلي وارن تائين دين جو پيغام پهچائڻ | | ٣٠ سوار | تربه | شعبان ٧ هجري | ڪافر اسلامي لشڪر جي اچڻ جو ٻڌي ڀڄي ويا. |
| ٣٥ | حضرت ابوبڪر صديق رضه | وادي القريٰ جي مشرڪن سان مقابلو ڪرڻ جن جو تعلق بنو ڪلاب سان هو | بنو ڪلاب جو اڳواڻ | | وادي القريٰ | شعبان ٧ هجري | هن مقابلي ۾ ڪجهه ڪافر قتل ٿيا ۽ ڪجهه وري گرفتار ٿيا. |
| ٣٦ | بشير بن سعد | "بنومره" وارن سان مقابلو ڪرڻ | | ٣٠ سوار | فدڪ | شعبان ٧ هجري | مسلمان ڪامياب ٿيا ۽ غنيمت ۾ ڪافي چوپايو مال کين هٿ آيو |



Marfat.com

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٧٧ | حضرت علي بن ابي طالب ۽ خالد بن سعيد | يمن ۾ بجيل ڪجهہ ڪافرن سان مقابلو ڪرڻ | | | يمن | ١١ هجري | هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا ۽ دشمن جا ڪجهہ ماڻهو قيد ڪري مديني موٽي آيا. |
| ٧٨ | خالد بن وليد | بنوخثعم وارن کي دين جي دعوت پهچائڻ | قبيلي جو سردار | | يمن | ١١ هجري | بنو خثعم وارا سجدي ۾ ڪري پيا پر پوءِ حضرت خالد بن وليد ڪين قتل ڪري ڇڏيو. |
| ٧٩ | أسامہ بن زيد | رومين خلاف جهاد ڪرڻ | قضاعہ قبيلي جو سردار | ٣٠٠٠ | ابني | صفر ١١ هجري | أسامہ بن زيد ايجان مدين جي حدن کان ٻاهر ٿي نڪتو تہ ڪين مٺي مرسل جن جي وصال جي خبر پهتي ۽ لشڪر اتان ٿي مديني واپس موٽي آيو |



Marfat.com

## (١) سَرِيَّہ حَمْزَہ رضہ بن عبدالمُطَّلِبُ

هن سال نبي ڪريم ﷺ جن ربيع الاول يا ربيع الآخر يا وري هڪ قول موجب رَمَضَان جي مهيني ۾ (١) ٽيهن (٣٠) مهاجرن جي هڪ جماعت پنهنجي چاچي سائينءَ سيدنا حَمْزَہ رضہ بن عبدالمطلب جي اڳواڻيءَ ۾ رواني ڪئي. جنهن کي اسلامي تاريخ جو سڀ کان پهريون "سَرِيَّہ" ۽ "حضرت حَمْزَہ رضہ" کي سڀ کان پهريون فوجي اڳواڻ شمار ڪيو وڃي ٿو. نبي ڪريم ﷺ جن جي حڪم مطابق هيءَ جماعت مديني کان نڪتي ۽ ساموندي ڪناري لڳ "عيص" نالي ماڳ ڏانهن رخ رکيائين، (٢) جتان اَبُوجَهْل لعين جي اڳواڻيءَ ۾ قريش جو هڪ قافلو "شام" کان مڪي ڏانهن موٽي رهيو هو.

مسلمان اتي پهتا، پر قافلي سان دوبدو ٿيڻ جو موقعو نہ مليو ۽ هو خير سلامتيءَ سان موٽي آيا. هن موقعي تي سيدنا حَمْزَہ رضہ پاڻ سان گڏ هڪ جهنڊو بہ کنيو هو. اهو اسلامي تاريخ جو پهريون جهنڊو آهي، جنهن جو رنگ "سفيد" هو. (٣) باقي ان ڳالهہ ۾ راوين جو اختلاف آهي تہ هي "سَرِيَّہ" شروعاتي غَزَوَات "اَبْوَاء" ۽ "بُوَاط" مان ڪنهن بہ هڪ کان اڳ موڪليو ويو يا پوءِ؟

"عِيْص" وري "جُهَيْنہ" جي علائقي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن "غزوه بدر" کان اڳ انصار مان ڪنهن کي بہ ڪنهن فوجي ڪارروائيءَ لاءِ نہ اماڻيو هو. البت "غزوه بدر" کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن سندن جوش ۽ جذبات کان واقف ٿيا تہ پوءِ کين جهاد ۾ باقاعده موڪلڻ شروع ڪيائون.

## (٢) سَرِيَّہ عُبَيْدَہ بن حَارِث بن عَبْدُالمُطَّلِب رضہ

هن سال ربيع الاول ۾ يا هڪ ٻئي قول موجب شوال جي مهيني (٤) ۾ "عُبَيْدَہ بِنْ حَارِثْ بن عَبْدُالْمُطَّلِب بن عَبْدِ مَنَاف قُرَشِي مُطَّلِبِي رضہ" جي اڳواڻيءَ ۾ مهاجرن مان سٺ يا هڪ روايت موجب اسي سوارن جي هڪ جماعت کي "رابغ" ڏانهن روانو ڪيو ويو. جتي قريشن جي هڪ ٻئي قافلي کي روڪڻو هو، جيڪو اَبُوْ سُفْيَان بن حَرْب جي اڳواڻيءَ ۾ اچي رهيو هو، ۽ ساڻن اَبُوجَهْل جو پٽ عِڪْرِمَہ ۽ ٻيا بہ گڏ هئا. هن ڀيري بہ ڌرين ۾ مقابلو نہ ٿي سگهيو. باقي حضرت سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص رضہ

---

(١) "واقديءَ" جي روايت مطابق هي سريہ رمضان شريف جي مهيني ۾ اماڻيو ويو.

(٢) المغازي "واقدي" جلد ١ ص ٩.

(٣) اسلامي لشڪر لاءِ اهو پهريون جهنڊو نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان تيار ڪيو هو جنهن کي مشهور صحابي ڪناز بن حصين بن يربوع بن خرشہ بن سعد بن ظريف بن جلان بن غنم پنهنجي مبارڪ هٿن ۾ کنيو هو. سندس ڪنيت ابو مرثد آهي ۽ هن صحابيءَ جنگ بدر ۾ بہ ڀهرو ورتو هو.

الاستيعاب ـ ابن عبدالبر علي هامش الاصابہ جلد ٤ ص ٣٢٠، اسد الغابہ ـ ابن لاثير ج ٤ ص ٥٥ ـ ٢٤٥.

(٤) واقديءَ جي قول مطابق هي سريہ شوال جي مهيني ۾ اماڻيو ويو، جنهن ۾ سٺ سوار شامل هئا.

المغازي واقدي جلد ١ ص ١٠.



Marfat.com

طرفان هڪ تير هنيو ويو، جيڪو اسلامي تاريخ ۾ تير هڻڻ جو پهريون واقعو آهي. "رَابغ" جنهن کي "رَابِق" بہ سڏيو ويندو آهي، مکي کان مديني ويندڙ واٽ تي "جُحفَہ" جي ويجهڙائي ۾ هڪ ڳوٺ آهي، جيڪو مديني کان اٽڪل اٺ ميل پري ٿيندو . جڏهن تہ "جُحفَہ" مديني کان پنجن مرحلن جي پنڌ تي آهي. (١)

## (٣) سَرِيَّہ سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص رض

هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ "غَزوَہ بَدر" کانپوءِ، حضرت سَعْد بن اَبي وَقَّاص رضہ کي ويهہ مهاجر سوارن جي هڪ جماعت سان گڏ "خَرَّار" نالي حجاز جي هڪ ماٿريءَ طرف موڪليو ويو، جيڪا "جُحفَہ" جي ويجهڙائي ۾ هئي. (٢)

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن "سَرِيَّہ" ۾ اٺ ماڻهو هئا. سندن مقصد بہ قريش جي هڪ قافلي سان دوبدو ٿيڻ هو، پر جيئن تہ اهو قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري چڪو هو، انڪري ڪابہ لڙائي نہ ٿي، ۽ مسلمان واپس مديني موٽي آيا.

ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اهي ٽيئي سرايا جن جو ذڪر ڪري چڪا آهيون، هجرت جي پهرين سال اماڻيا ويا هئا. انڪري اسان "سَرِيَّہ سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص" جو ذڪر "سريہ محمد بن مسلمہ" کان اڳ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مشهور ترتيب جيڪا رائج آهي ان ۾ "سَرِيَّہ سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص رضہ" جو ذڪر پوءِ ڪيو ويو آهي. باقي حقيقت اها آهي تہ "سَرِيَّہ محمد بن مَسْلَمَہ" وانگر پهريان ٽي سرايا ۽ ان کانپوءِ باقي چار سرايا يعني جملي ست سرايا سن ٻي هجريءَ دوران روانا ڪيا ويا، ڇو جو هجرت جي پهرين سال جهاد جي اجازت نہ هئي، جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

## (٤) سَرِيَّہ مُحَمد بن مُسْلَمَہ رض

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ "غزوه ابواء" کانپوءِ ۽ "عُشَيرَہ" کان اڳ "محمد بن مسلمہ رضہ" کي پنجن صحابين سان گڏ مشهور يهودي شاعر "ڪَعْب بن اَشْرَف" ڏانهن موڪليو ويو. جنهن جو تعلق "بني نَضِير" قبيلي سان هو. جڏهن تہ هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سندس پيءُ جو تعلق "طيّ" قبيلي جي هڪ شاخ "بنو نبهان" سان هو. باقي سندس ماءُ "بَنُوْ نَضِير" وارن مان هئي.

ڪَعْب بن اَشْرَف جا شعر نبي رحمت ﷺ جن جي دل کي ڏکوئيندا هئا. ڇو تہ هو پنهنجي ڪلام ۾ مني مرسل ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورن جي باري ۾ گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو، ۽ سندن خلاف ڪافرن کي بہ اڀاريندو هو. (٣) محمد بن مُسْلَمَہ رضہ جڏهن اتي پهتو، تڏهن هن پنهنجي ساٿين

---

(١) رابغ نالي ڳوٺ مکي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ جي وچ تي آهي. هتان سمنڊ بلڪل ويجهو آهي ۽ ساموندي ڪنارو ڪاڏل بہ آهي. جنهن ڪري هتي آسانيءَ سان جهاز بيهي سگهن ٿا. مکي کان رابغ جو فاصلو ١٨٥ ڪلوميٽر آهي. (جزيرة العرب ـ مولانا محمد رابع ندوي ص ٢٦٤).

(٢) معجم البلدان ـ ياقوت جلد ٢ ص ٣٥٠.

(٣) المغازي "واقدي" جلد ١ ص ١٨٤.



Marfat.com

حڪم نازل نہ ٿيو هو. حضرت عَبْدُالله بن جَحَش رضہ جي ان ڪم جي بارگاهہ ربي مان تائيد ڪئي ويئي ۽ ان ڪانپوءِ "خُمُس" جي فرض ٿيڻ وارو حڪم نازل ٿيو.

هڪ روايت اها بہ آهي تہ "نَخْلَہ" وارو غنيمت جو سمورو مال آٿي مديني ۾ محفوظ ڪيو ويو هو ۽ ان ڪانپوءِ جڏهن "غَزْوَہ بَدْر" مان هٿ آيل غنيمت جو مال بہ اتي پهتو تہ پوءِ ٻنهي کي گڏي ورهايو ويو ۽ هر قبيلي کي ان مال مان سندن حصو ڏنو ويو.

## (٧) بعث عُمَيْر بن عَدِيّ رضہ

هن سال غَزْوَہ بَدْر ڪانپوءِ رَمَضَان شريف جي پنجويهين تاريخ عُمَيْر بن عَدِيّ خَطْمِي رضہ نالي هڪ صحابي جيڪو اکين کان نابين هو، بَنُو اُمَيَّہ بن عدي وارن جي هڪ عورت عَصْمَاء بنت مَرْوَان جي قتل لاءِ روانو ٿيو، جيڪا يَزِيْد بن زَيْد بن حِصْن خَطْمِيءِ جي گهر واري هئي. هوءَ شاعره هئي ۽ پنهنجي شعر ذريعي رسول خدا ﷺ جن کي ڏکوئيندي هئي ۽ سندن ﷺ خلاف غلط ڳالهيون ڪري ڪافرن کي جنگ ڪرڻ لاءِ ڀڙڪائيندي هئي . حضرت عُمَيْر بن عَدِيّ جيتوڻيڪ نابين هو، پر ان هوندي بہ هن عُصْمَاء تي اوچتو حملو ڪري کيس قتل ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت عُمَيْر رضہ کي "بَصِيْر" (اکين وارو) جو خطاب عطا ڪيو.(١)

## (٨) بعث سَالِم بن عُمَيْر رضہ

هن سال شَوَّال جي مهيني ۾ سَالِم بن عُمَيْر بن ثَابِت رضہ نالي صحابيءَ کي اَبُوْ عَفَک نالي هڪ پوڙهي يهودي شاعر ڏانهن موڪليو ويو. ابو عَفَک جو تعلق بنو عَمرو بن عوف وارن سان هو، ۽ سندس عمر هڪ سؤ ويهہ ورهيہ چئي وڃي ٿي.(٢) هو پنهنجي شعرن ۾ خدا جي سچي رسول ﷺ جي خلاف نهايت گندا ۽ اڻ وڻندڙ لفظ استعمال ڪندو هو ۽ ماڻهن کي سندن خلاف ڀڙڪائيندو هو. حضرت سَالِم رضہ مٿس اوچتو حملو ڪري کيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ خير سان مديني موٽي آيو.(٣) ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ سالم بن عمير وارو "بعث" ان "بعث" کان اڳ جو واقعو آهي، جنهن ۾ حضرت عمير بن عدي رضہ "عَصْمَاء" کي قتل ڪيو هو. حضرت سالم بن عمير نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ بدر توڙي ٻين غزوات ۾ بہ بهرو ورتو هو.

---

(١) شرح المواهب اللدنيہ جلد ١ ص ٤٥٣.

(٢) المغازي "واقدي" جلد ١ ص ١٧٤.

(٣) شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ١ ص ٤٥٥ ـ ٤٥٤، طبقات الڪبري ـ ابن سعد ج ٢ ص ١٩، المغازي ـ واقدي جلد ١ ص ١٧٥.



Marfat.com

# فصل ٻيو

هن فصل ۾ سن ٽين هجريءَ دوران موڪليل "سرايا" جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## (٩) سَرِيَّة اَبُوْ سَلَمَہ رضہ

هن سال محرم جي چند ڏسڻ سان پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت اَبُوْ سَلَمَہ عَبْدُالله بن عَبْدُالاَسَد مَخزُوْمِيءَ کي ڏيڍ سؤ ماڻهن سان گڏ "قَطَن" ڏانهن روانو ڪيو. اهو واقعو "غَزْوَه بَدْر" ۽ "غَزْوَه فَرْع" جي وچ واري عرصي جو آهي. "قَطَن" نجد ۾ بَنُوْ اسد وارن جي ڪنهن ڪوهه يا وري جبل جو نالو هو. (١)

واٽ ڏسڻ لاءِ هن قافلي ۾ "بَنُوْ طيّ" وارن جو هڪ اهڙو شخص به ساڻ ڪنيو ويو، جيڪو رستي جو سونهون هو. هي لشڪر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو. غنيمت ۾ ڪين جيڪو مال مليو، ان مان نبي سونهاري ﷺ جن جو حصو الڳ ڪري، باقي حضرت اَبُوْ سَلَمَہ رضہ پنهنجي ساٿين ۾ ورهائي ڇڏيو. هرهڪ کي ست ات ۽ ڪجهه ٻيو مال به حصي ۾ آيو.

## (١٠) بَعْثِ عَبْدُالله بن اُنَيْس اَسْلَمِي (٢) رضہ

هن سال محرم مهيني جي پنجين تاريخ سومر جي ڏينهن حضرت عَبْدُالله بن اُنَيْس اَسْلَمِي رضہ اڪيلي سر سُفْيَان بن خَالِد بن نُبَيْح هذلي ۽ سندس ساٿين سان مقابلي لاءِ "عُرَنَہ" ڏانهن روانو ٿيو.

---

(١) طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" جلد ٢ ص ٣٥، معجم البلدان "ياقوت" جلد ۴ ص ٢٧٥.

(٢) حضرت عبدالله بن انيس بن اسعد بن حرام بن حبيب جو تعلق انهن صحابي سڳورن سان آهي جيڪي يثرب جي آسپاس ٻهراڙيءَ ۾ رهندا هئا. نبوت جي تيرهين سال هن پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي دين جي دعوت قبول ڪئي ۽ هو انهن چوهتر صحابين منجهان هڪ هو جن مڪي ۾ حاضر ٿي پاڻ ڪريمن ﷺ جي مبارڪ هٿ تي عقبه واري ٻي بيعت ۾ ڀهرو ورتو ۽ ان کانپوءِ وري ڳوٺ وڃڻ تي سندس دل نه ڪڍيو ۽ هو مڪي ۾ ئي ترسي پيو. تانجو هجرت جو وقت اچي ويو ۽ پوءِ عبدالله مڪي وارن سان گڏ يثرب ڏانهن هجرت ڪئي ان ڪري ڪيس مهاجر انصاري سڏيو ويندو آهي. نسبي لحاظ کان سندس تعلق ته بنو قضاعه سان هو پر جيئن ته سندس وڏا بنو سلمه وارن جا ساٿاري هئا انڪري ڪين "سلمي" سڏيو ويندو هو. ابن انيس جي ڪنيت "ابويحيٰ" ٻڌائي ويئي آهي.

حضرت عبدالله جي پالنا ۽ پرورش جيئن ته خالص ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ ٿي هئي انڪري هو نهايت بهادر، بي باڪ ۽ بي خوف طبيعت جو مالڪ هو. هجرت جي ٻئي سال جڏهن جهاد جو حڪم نازل ٿيو ته ابن انيس به دين جي دشمنن سان وڏا مقابلا ڪيا. هجرت کانپوءِ مديني ۾ هو پنهنجي ساٿارين بنوسلمه وارن جي گهرن ۾ وڃي انهن جا بت ڀڃندو هو.

ابن اثير جي روايت مطابق هن سڀ کان پهريان غزوه بدر ۾ ڀهرو ورتو پر اڪثريت جي راءِ مطابق ته هو بدر جي موقعي تي موجود نه هو ان ڪري سڀ کان پهريان هن غزوه احد ۾ شرڪت ڪئي ۽ ان کانپوءِ ٻين غزوات ۾ هو شريڪ رهيو. هجرت جي ٽين سال سرور عالم ﷺ جن وٽ خبر پهتي ته مڪي جي اوير ۾ آباد "لحيان" قبيلي جو



Marfat.com

"عُرَنہَ" سندن ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو عَرَفَات جي ويجهڙائي ۾ هو. (١) حضرت عَبۡدُالله بن اُنَيۡس رضہ اتي پهچي "سُفۡيان" جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. پوءِ سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪري، نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ آڻي پيش ڪيائين. سندس واپسي محرم جي ٽيويهين تاريخ ڇنڇر جي ڏينهن تي ٿي.

## (١١) سَرِيَّہ عاصِم بن ثَابِت يا رَجِيۡع وارو حادثو

هن سال صفر جي مهيني ۾ مرسل ﷺ جن حضرت عَاصِم بن ثَابِت بن اَبُوالِفلح انصاري رضہ کي ڏهن صحابين سان گڏ "عَضَل" ۽ "قاره" (٢) قبيلن ڏانهن روانو ڪيو، جيڪي اِلۡيَاس بن مضر جي اولاد مان هئا.

مسلمان جڏهن "رَجِيۡعَ" نالي کوهہ وٽ پهتا تہ انتي بہ سؤ ڪافرن جو جٿو ڪين وڪوڙي ويو ۽ انن

---

سردار سفيان بن خالد مديني تي حملي ڪرڻ جي تيارين ۾ مصروف آهي. اهو ٻڌي پاڻ ڪريم ﷺ جن صحابين جي سٿ ۾ اعلان ڪيو تہ "سفيان سان ڪير منهن ڏيندو؟"

ابن اُنيس ٻنا دير جي اٿي بيٺو ۽ پاڻ کي ان خدمت لاءِ پيش ڪيائين. جنهن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس اجازت ڏني. پوءِ هن اڪيلي سر مديني کان مکي ڏانهن رخ رکيو ۽ ارڙهن ڏينهن جي اندر دين جي دشمن جي سسي آڻي سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. ان کان علاوه نبي اڪرم ﷺ جن ابو رافع يهوديءَ جي قتل لاءِ جيڪو "بعث" اماڻيو هو ان ۾ بہ عبدالله بن اُنيس شامل هو. اهڙيءَ ريت سندس بهادريءَ جا ڪيترائي واقعات مغازيءَ جي ڪتابن ۾ ملن ٿا.

عبدالله بن اُنيس جڏهن سفيان جو ڪم پورو ڪري مديني پهتو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس ان خدمت کان خوش ٿي کيس هڪ لٺ عطا فرمائي ۽ ان سان گڏ ائين بہ فرمايو تہ "هن لٺ سان گڏ جنت ۾ داخل ٿجانءِ. جنهن ڪانپوءِ هو جيڏانهن بہ ويندو هو تہ اها لٺ ساڻس گڏ هوندي هئي ۽ هن ڪڏهن بہ سفر ۾ يا حضر ۾ ان کي پاڻ کان پري نہ ڪيو ۽ وفات وقت بہ اها وصيت ڪيائين تہ ان لٺ کي بہ ساڻس گڏ ڪفن ۾ رکي دفن ڪيو وڃي. ۽ پوءِ سندس ان وصيت تي عمل ڪيو ويو.

پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ بہ عبدالله بن اُنيس جهادي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهيو ۽ ان سلسلي ۾ هو آفريڪا تائين پهتو. سندس وفات جو سال چوونجاهہ هجري ٻڌايو ويو آهي. حضرت عبدالله بن اُنيس کان سيدالانبياء ﷺ جن جون هڪ سؤ چوويهہ (١٢٤) حديثون روايت ڪيل آهن.

اسد الغابہ ـ ابن الاثير" ج ٣ ص ١٧٨ ـ ١٨٠، الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٢٧٨ ـ ٢٧٩، شذرات الذهب "ابن لعماد" ج ١ ص ١٠٨، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣٦ ـ ٣٧، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج١ ص ٤١٥، "الاستيعاب" ابن عبدالبر ج ٣ ص ٧.

(١) معجم البلدان "ياقوت" ج ٤ ص ١١١.

(٢) ابن هشام ڄاڻايو آهي تہ عضل ۽ قاره نالي قبيلا هون بن خزيمہ بن مدرڪہ جون شاخون آهن ۽ منٽگمري واٽ جو خيال آهي تہ اهي اسد بن خزيمہ وارن مان آهن. "السيرة النبوية" ابن هشام جلد ٣ ص ١٧٨، "Mohammad at Madina" منٽگمري واٽ ص ٨١.٠٠



Marfat.com

مسلمانن کي اتي جو اتي شهيد ڪري ڇڏيائون. [١] باقي جيڪي جيئرا بچيا تن کي پاڻ سان گڏ وٺي مڪي جو رخ رکيائون. رستي ۾ جڏهن مڪي کان هڪ مرحلو اوري "مَرالظّهران" وٽ پهتا تہ حضرت عَبدُالله بن طَارِق رضہ اڳتي هلڻ کان انڪار ڪيو. جنهن ڪري ڪيس اتي ني شهيد ڪيو ويو. باقي زَيد بن دَثنَہ رضہ ۽ خُبَيب بن عَدِيّ رضہ کي مڪي وڃي وڪڻي ڇڏيائون .

هو ٻئي ڄڻا ڪجهہ وقت تائين اتي رهيا، تانجو هجري چوٿون سال شروع ٿيو. محرم گذرڻ کانپوءِ ساڳئي سال صفر مهيني ۾ ٻنهي صحابين کي ساڳئي ڏينهن شهيد ڪيو ويو. [٢]

"رَجِيع" ، "بَنُو هُذَيل" وارن جو کوهہ هو، جيڪو حجاز جي سرزمين تي مڪي کان "عُسفَان" واري رستي تي "عُسفَان" کان اٺن ميلن جي پنڌ تي آهي. [٣] جيئن تہ هي حادثو ان جاءِ تي پيش آيو، انڪري هن کي تاريخ ۾ "رَجِيع وارو حادثو" سڏيو ويندو آهي.

ڪن راوين جو خيال آهي تہ "رَجِيع" ڏانهن هي "سَرِيَّہ" چوٿين هجريءَ جي صفر مهيني ۾ موڪليو ويو هو.

---

(١) معجم البلدان "ياقوت" ج ٣ ص ٢٩.

(٢) حضرت خبيب کي عقبہ بن حارث ڦاسيءَ تي لٽڪايو ڇوتہ سندس پيءُ حارث کي حضرت خبيب جنگ بدر جي موقعي تي قتل ڪيو هو. ڦاسيءَ تي چڙهڻ کان اڳ خبيب دشمن کان اجازت وٺي ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪيون جڏهن تہ ان کان اڳ ٻئي ڪنهن صحابي سڳوري کان اهڙو عمل ثابت نہ آهي. ڦاسيءَ کانپوءِ ڪافرن جو پروگرام هو تہ لاش سڄي رات سوريءَ تي لٽڪندو رهي ۽ صبح جو ان جي بي حرمتي ڪئي وڃي ان لاءِ هنن لاش جي مٿان ڪجهہ پهريدار بہ مقرر ڪيا پر عمرو بن اميہ رات جي اونداهيءَ ۾ لاش کي اتان لاهي پاڻ سان گڏ کڻي ويو ۽ وڃي ان کي دفن ڪيائين.

(٣) طبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ٢ ص ٤٢ ـ ٤٣، الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٢ ص ٢٣، معجم ما استعجم "بڪري" ج ٢ ص ٢٤ ـ ٢٢٩، عيون الاثر ابن سيد الناس ج ٢ ص ٦٢.



Marfat.com

# فصل ٽيون

هن فصل ۾ سن چوٿين هجري جي دوران موڪليل "سرايا" جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## (١٢) سَرِيَّۃ مُنْذِر بن عَمْرو يا بِئرِمَعُوْنَہ وارو حادثو

هن سال صفر مهيني ۾ "غَزْوَه حَمْرَاءُ الْاَسَد" کانپوءِ ۽ "غَزْوَه بَنِي نَضِيرْ" کان اڳ، نبي اڪرم ﷺ جن "اصحاب صفہ" مان ستر ماڻهن جي هڪ جماعت کي رِعْل، ذَڪْوَان، عُصَيَّة، ۽ بَنُو لحيان وارن ڏانهن دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ بِئرِمَعُوْنَہ اماڻيو. هن جماعت ۾ شامل سمورا ماڻهو قرآن ڪريم جا حافظ هئا، ۽ سندن سرواڻ حضرت مُنْذِر بن عَمْرو صَاعِدِي رضہ هو. (١) ڪافرن ان سڄي جماعت کي شهيد ڪري ڇڏيو. سواءِ هڪ شخص "عمرو بن اُمَيَّہ رضہ" جي جيڪو بچي ويو ۽ مديني موٽي اچي پنهنجي ساٿين جو سمورو احوال مني مرسل ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين.

خدا تعاليٰ طرفان اهو احوال پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي حضرت جبرئيل عليہ السلام جي معرفت پهرين ڏينهن ئي پهچي چڪو هو ۽ پاڻ ﷺ جن پنهنجي صحابين سڳورن کي بہ ان احوال کان آگاهہ ڪري ڇڏيو هئائون. اهو خدا جي سچي رسول ﷺ جن جو معجزو هو.

پيغمبر خدا ﷺ جن اها خبر ٻڌي انهن ڪافرن تي ڏاڍو ڏمريا ۽ سندن لاءِ فجر جي نماز ۾ "قنوت نازلہ" پڙهڻ شروع ڪيائون، ۽ اهو سلسلو هڪ مهيني تائين جاري رهيو، تانجو الله تعاليٰ طرفان هن آيت ذريعي ڪين ايئن ڪرڻ کان منع ڪئي وئي. (٢)

لَيْسَ لَكَ مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ. (٣)

ان کان پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اهو عمل ڇڏي ڏنو. جيئن "صحيح بخاري" وغيره جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو. (٤)

"بِئرِمَعُوْنَہ" نالي کوه مڪي ۽ عَسْفَان جي وچ تي "هُذَيْل" قبيلي وارن جي جُوءِ ۾ هو. جيئن "فتح الباري" ۾ حافظ ابن حجر ڄاڻايو آهي، ۽ ان جي تائيد "شَامِي" بہ پنهنجي سيرت ۾ ڪئي آهي. باقي "ابن اسحاق" پنهنجي سيرت واري ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ "هيءُ ماڳ "بَنُوْ عَامِر" جي زمين ۽ "حَرَّة بَنِي سُلَيْم" جي وچ تي آهي، ۽ "حَرَّة بَنِي سُلَيْم" وارن کي وڌيڪ ويجهو آهي. "زرقاني" وري "شرح عليٰ المواهب اللدنيہ" ۾ پنهنجي استاد جي هڪ روايت نقل ڪندي لکي ٿو تہ "متين ٻنهي روايتن ۾ اختلاف نہ آهي، ڇو جو ٿي سگهي ٿو تہ اهو ماڳ جيڪو "بني هُذَيْل" وارن جي ملڪيت هيو، مڪي کان عسفان ڏانهن ويندڙ واٽ تي بہ هجي ۽ وري ٻني طرف اهو "بَنُوْعَامِر "جي زمين ۽ "حَرَّة بَنُوْ سُلَيْم" جي بہ وچ تي هجي. (٥)

---

(١) "مغازي" واقدي ج ١ ص ٣٤٧، سيرة نبويہ ابن ڪثير ج ٣ ص ١٢٩.

(٢) تاريخ طبري جلد ٢ ص ٢٢٠.

(٣) سوره آل عمران پاره ۴ آيت ١٢٨.

(۴) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٨٨ ـ ٥٨٦.

(٥) شرح عليٰ المواهب اللدنيہ" زرقاني جلد ٢ ص ٧۴.



Marfat.com

# فصل چوٿون

## سن پنجين هجريءَ جا سرايا

هن سال مسلمان مختلف غَزَوَات جهڙوڪ "غُزوَه دُومَةُ الجَندَل"، "غَزوَه بَنِي مُصطَلِق"، "غزوه خَندَق" ۽ "غَزوَه بَنِي قُرَيظَہ" لاءِ اسهيا.

(١٣) ان ڪري سيرت توڙي مَغَازِي بابت ڪتابن ۾ هن سال "سرايا" وغيره جو ڪو بہ ذڪر نہ ٿو ملي. جڏهن تہ زرقاني "شرح عليٰ المواهب اللدنيہ" ۾ حافظ ابن حجر کان هيءَ روايت نقل ڪئي آهي: "هجرت جي پنجين سال جمادي الآخر جي مهيني ۾ حضرت زَيد بن حَارثہ رضہ ڪي هڪ سؤ سوارن سان گڏ "نجد" طرف اماڻيو ويو."

زَيد بن حَارثہ رضہ ٻين جيترن بہ "سرايا" ۾ بهرو ورتو آهي، انهن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ پنهنجي جاءِ تي انشاءالله تعاليٰ ڪيو ويندو. هُو پويون ڀيرو "سَرِيَّہ مؤتہ" ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان ۾ ئي کيس شهادت نصيب ٿي.

(١٤) "علامہ ابن اثير" پنهنجي ڪتاب "أسدالغَابہ" ۾ هڪ "سَرِيَّہ" جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو نبي اڪرم ﷺ جن بِلَال بن مَالِڪ مُزَنِيّ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ "بَنُو ڪِنَانَہ" وارن ڏانهن موڪليو.[١] "بَنُو ڪِنَانَہ" وارن کي جڏهن اها خبر پئي تہ هو مقابلي جي سگهہ نہ ساري سگهيا ۽ پنهنجا گهر خالي ڪري اتان ڀڄي ويا. باقي سندن مال مان هڪ گهوڙو پٺتي رهجي ويو هو.

---

(١) اسدالغابہ ابن الاثير جلد ١ ص ٢٠٩.



Marfat.com

# فصل پنجون

## سن ڇهين هجريءَ جا سرايا

### (١٥) سريہ مُحمد بن مَسْلمَہ رضہ

هن سال محرم جي مهيني ۾ مُحمد بن مَسْلَمہ رضہ کي ٽيهن سوارن سان گڏ "قُرْطَا" وارن ڏانهن موڪليو ويو. جتان هو غنيمت ۾ ڏيڍ سؤ ان ۽ ٽي هزار ٻڪريون ڪاهي آيا. سرور ڪائنات ﷺ جن انان "خُمُس" ڪڍي باقي مال مجاهدن ۾ ورهائي ڇڏيو. ان ورهاست ۾ هڪ ان جو قدر ڏهن ٻڪرين جي برابر مقرر ڪيو ويو. هن سَرِيَّہ بابت مُحمد بن مَسْلَمہ رضہ فرمائي ٿو تہ "مان محرم جي ڏهين تاريخ گهران نڪتس، اوڻويهہ ڏينهن پنڌ ۾ لڳا ۽ جڏهن مديني پهتس تہ محرم جي مهيني ۾ هڪ رات اجان باقي هئي."

هن سَرِيَّہ ۾ صحابي سڳورا، "ثُمامَہ بن اُثَال" کي پاڻ سان گڏ مديني وٺي آيا. جيڪو "يَمامہ" وارن جو سردار هو. اڳتي هلي هن اسلام قبول ڪيو ۽ سچو مسلمان ٿي رهيو. سندس ذڪر انشاءَ الله اڳتي هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ ڪيو ويندو. "قُرْطَا" جنهن کي "زرقانيءَ" "قُرْطَاءَ" لکيو آهي، هڪ قبيلي جو نالو آهي، جيڪي پاڻ کي بنو عبد بن بڪر سڏائين ٿا. هُو "قَيْسَ عَيْلان" وارن مان آهن، ۽ بڪرات جي ويجهڙائي ۾ "ضَرِيَّہ" وٽ رهن ٿا. "بڪرات" انهن مٿانهن جبلن کي سڏيو ويندو آهي، جتي هي رهن ٿا. "ضَرِيَّہ" وري بَنُوْ ڪِلاب وارن جو ڳوٺ آهي. جيڪو مڪي کان بصره ڏانهن ويندڙ وات تي مديني کان هڪ هفتي جي پنڌ تي آهي.

### (١٦) سَرِيَّہ عُڪَّاشَہ مِحْصَن رضہ

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ نبي سڳوري ﷺ جن "حضرت عُڪَّاشَہ بن مِحْصَن رضہ" کي چاليهن سوارن سان گڏ "غَمْرُ مَرْزُوْق" طرف موڪليو. اتي ڪنهن بہ مقابلو نہ ڪيو. انڪري مسلمانن کي بنا ڪنهن نقصان جي غنيمت ۾ بہ سؤ ان هٿ آيا. ۽ هو خير سلامتيءَ سان مديني پهتا. (١) "غَمْرُ" جي نسبت مَرْزُوْق سان ڪئي ويندي آهي، ۽ اهو نالو "بَنُوْ آسَد" وارن جي هڪ کوهہ جو نالو آهي، جيڪو مڪي واريءَ وات تي آهي. (٢)

### (١٧) سَرِيَّہ مُحمد بن مَسْلمَہ رضہ

هن سال ربيع الاول يا وري ٻي روايت مطابق ربيع الآخر جي مهيني ۾ مُحمد بن مَسْلَمَہ رضہ کي

---

(١) طبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد ج ٢ ص ٦١.

(٢) معجم البلدان "ياقوت" ج ۴ ص ٢١١.



Marfat.com

ڏهن ماڻهن سان گڏ "بَنوُ مَعوِيہ" ۽ "بَنوُ عوَال" وارن ڏانهن موڪليو ويو. هي قبيلا "رَبَذَه" واري رستي تي "ذُوالْقَصہ" نالي ڳوٺ ۾ آباد هئا. هن مقابلي ۾ ڪافرن جي سرسي ٿي ۽ مسلمانن مان ڪيترائي شهيد ٿي ويا.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي جڏهن اهڙو اطلاع مليو تہ سندن پويان اَبوُ عُبيدَه بن جَرّاح رضہ کي روانو ڪيائون. جنهن اتي پهچي ڪافرن سان پلئہ ڪيو. جنهن جو احوال اڳتي بيان ٿي رهيو آهي. "ذوالقصہ" نالي هي ڳوٺ مديني کان چوويهن ميلن جي پنڌ تي آهي. جڏهن تہ "رَبَذَه" نالي ڳوٺ مديني جي ويجهو "ذات عرق" جي پسگردائيءَ ۾ آهي، جيڪو عراق کان ايندڙ حاجين کي رستي ۾ پوندو آهي. (١)

## (١٨) سَرِيہَ اَبوُ عُبيدَه بن جَرّاح رضہ

هن سال ربيع الآخر جي پوين تاريخن ۾ نبي ڪريم ﷺ کي جڏهن خبر پيئي تہ محمد بن مَسلَمہ رضہ جي اڳوائيءَ ۾ جيڪو دستو "ذُوالْقَصَہ" ڏانهن ويل هو، انهن مان گهڻا ماڻهو ڪافرن هٿان شهيد ٿي ويا آهن، تہ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت اَبوُ عُبيدَه بن جَرّاح رضہ کي چاليهن سوارن سان گڏ ڇنڇر رات اڻاويهين ربيع الآخر تي "ذُوالْقُصَّہ" ڏانهن موڪليو. مسلمان هن ڀيري ڪامياب ٿيا. انان غنيمت ۾ ڪين جهجهي انداز ۾ چوپايو مال هٿ آيو، جيڪو هو پاڻ سان ڪاهي اچي مديني پهتا. نبي اڪرم ﷺ جن ان مان "خُمُس" ڪڍي، باقي ڪين ورهائي ڏنو.

## (١٩) سَرِيہَ زَيدْ بن حارثہ رضہ

هن سال ربيع الآخر جي پوئين تاريخ يا هڪ ٻي روايت موجب ربيع الاول ۾ حضرت زَيد بن حَارثہ رضہ جي اڳوائيءَ ۾ هڪ "سَرِيہ" "بنو سُلَيم" وارن لاءِ "جَمُوم" ڏانهن موڪليو ويو. "جَمُوم" نالي هي ڳوٺ "نَخلہ" جي وچ تي مديني کان ٻارهن ميلن جي پنڌ تي آهي. مسلمانن اتي پهچي "بني سُلَيم" وارن جا ڪجهہ ماڻهو بہ گرفتار ڪيا ۽ سندن مال بہ ڪاهيائون. پوءِ مديني واپس پهتا. (٢)

## (٢٠) سَرِيہَ زَيدْ بن حارثہ رضہ

هن سال جمادي الاول ۾ يا وري ٻي روايت مطابق جمادي الآخر ۾ حضرت زَيد بن حارثہ رضہ کي هڪ سؤ ستر سوارن سان گڏ "عِيص" طرف اماڻيو ويو، جتان شام کان موٽندڙ قريش جي هڪ قافلي کي لنگهڻو هو. "عِيص" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو "ذُوالمروه" جي ويجهڙائيءَ ۾ مديني کان چئن ڏينهن جي پنڌ تي هو.

مسلمانن اتي پهچي قافلي وارن کي گرفتار ڪيو. غنيمت ۾ ڪين ڪافي مال هٿ آيو. جنهن ۾

---

(١) "ياقوت" جي قول مطابق ربذه ۾ مشهور صحابي حضرت ابوذر غفاري رضہ جي قبر مبارڪ موجود آهي، جنهن سن ٣٢ هجريءَ ڌاري هتي ئي وفات ڪئي هئي. معجم البلدان جلد ٣ ص ٢٤

(٢) طبقات الڪبري ـ ابن سعد جلد ٢ ص ٦٣ ـ ٦٢، شرح علي المواهب اللدنيہ ـ زرقاني ج ٢ ص ١٥٥.



Marfat.com

تمام جهجهي مقدار ۾ چاندي ٻه هئي. مديني پهچڻ تي نبي اڪرم ﷺ جن اتان "خُمُس" ڪڍي باقي مالِ مجاهدن ۾ ورهايو. "خمس" جي قيمت پنجويهه هزار درهم ٻڌائي وڃي ٿي. هن سَرِيَّہ کي "سَرِيَّہ قَرَدَه" به سڏيو ويندو آهي. ڇو جو اتي "قرده" نالي هڪ ڪوهه موجود هو.

## (٢١) سَرِيَّہ زَيْدْ بن حارثہ رضہ

هن سال جمادي الآخر ۾ يا وري "اِبنِ ڪثير" جي روايت موجب جمادي الاول ۾ حضرت زَيْدْ بن حارثہ رضہ کي پندرهن ماڻهن سان گڏ "طَرَف" ڏانهن اماڻيو ويو.

"طَرَف" بني ثعلبه بن سعد وارن جي ڪوهه جو نالو آهي، جيڪو عراق واري رستي تي مديني کان ڇٽيهن يا هڪ ٻي روايت مطابق پنجويهن ميلن جي پنڌ تي آهي. (١)

"زرقاني" ان جو اُچار "طَرِف" لکيو آهي. مسلمان جڏهن اتي پهتا ته مقابلو نه ٿيو ۽ غنيمت ۾ ڪي وِيهه اٺ هٿ آيا.

## (٢٢) سَرِيَّہ زَيْدْ بن حارثہ رضہ

هن سال جمادي الآخر ۾ هڪ ٻيرو وري حضرت زَيْدْ بن حَارِثہ رضہ کي پنج سؤ ماڻهن سان گڏ "بني جُذَام" وارن لاءِ "حِسْمَيٰ" ڏانهن اماڻيو ويو. اها جاءِ "وَادِي الْقُرَيٰ" جي پويان آهي.

مسلمانن کي مقابلي ڪانپوءِ هتان غنيمت ۾ هڪ هزار اٺ ۽ پنج هزار ٻڪريون هٿ آيون. ان ڪانسواءِ هڪ سؤ عورتون ۽ ٻار به هو ٻاڻ سان وٺي مديني آيا. قبيلي جو سرواڻ "رِفَاعَہ بن زَيْد جُذَامِي" پنهنجي قوم جي ڏهن ماڻهن سان گڏ دربار نبويءَ ﷺ ۾ حاضر ٿيو ۽ اسلام قبول ڪيائين. ان ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن سندن مال ۽ ماڻهو کين واپس ڪيا. (٢)

"حِسْمَيٰ" غير آباد زمين هئي، جنهن جي چوڌاري وڏا وڏا جبل هئا. (٣)

## (٢٣) سَرِيَّہ سَيِّدِنَا اَبُوبَڪر صِدِّيق رضہ

هن سال جمادي الآخر يا وري رجب جي مهيني ۾ "سَيِّدِنَا اَبُوبَڪر صِدِّيق رضہ" کي هڪ سؤ مؤمنن جي جماعت سان "بنو فزاره" وارن جي مقابلي لاءِ "وَادِي الْقُرَيٰ" ڏانهن اماڻيو ويو. "بنو فَزَارَه" وارن ڏانهن "زَيْدْ بن حَارِثہ" رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ به هڪ "سَرِيَّہ" موڪليو ويو هو، جنهن جو ذڪر هن ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي.

هن مقابلي ۾ ڪافرن جا ڪافي ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪيترن کي قيد به ڪيو ويو.

"وَادِي الْقُرَيٰ" جي معنيٰ آهي، اها وادي جنهن ۾ ڪيترائي "قريه" يا ڳوٺ هجن. هي ماڳ مديني جي ويجهو ان رستي تي آهي، جنهن شام کان ايندڙ حاجي لنگهندا آهن.

(١) معجم البلدان "ياقوت" ج ٣١۴.

(٢) شرح علي المواهب اللدنيه زرقاني جلد ٢ ص ١٥٨.

(٣) "حِسمَيٰ" نالي هي ماڳ "وادي القريٰ" کان ٻن راتين ۽ مديني کان وري اٺن راتين جي پنڌ تي هو. "معجم البلدان" ياقوت ج ٢ ص ٢٥٨.



Marfat.com

زبور، توريت، انجيل، توڙي قرآن ۾ لفظ "مدين" جو ذڪر هڪ کان وڌيڪ دفعا ڪيو ويو آهي، پوءِ ڪٿي قوم جي حوالي سان تہ ڪٿي وري شهر يا علائقي جي حوالي سان. تورات جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اها پهرين قوم هئي جنهن باقاعده تجارت جو پيشو اختيار ڪيو ۽ ان کي ترقي ڏياري ۽ دنيا ۾ ان جي ذريعي هڪ بلند مقام حاصل ڪيو.

حضرت يوسف عليہ السلام کي جنهن تجارتي قافلي، ڪنعان جي کوھ مان ڪڍي مصر پهچايو انهن جو تعلق بہ مدين وارن سان هو. ان ڪانسواءِ حضرت موسيٰ ۽ سندس قوم کي جڏهن پنهنجي سرزمين مان ڪڍيو ويو تہ هنن مدين ۾ اچي لڏو لاٿو. اهڙيءَ ريت ماضيءَ ۾ يمن کان ڳاڙهي سمنڊ جو ڪنارو وٺي مڪي ۽ ينبوع کان ٿيندا جيڪي قافلا شام پهچندا هئا يا وري جيڪي قافلا مصر کان عراق ويندا هئا تہ انهن پنهي بين الاقوامي شاهراهن جي پاسن کان مدين قوم ئي آباد هئي ۽ سڄي مشرق وسطيٰ کان وٺي افريقہ تائين هرهڪ هن قوم جي مقام ۽ مرتبي کان واقف هو. وقت گذرڻ سان گڏ هن قوم پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان گهڻي دولت ڪمائي جنهن ڪري ٻين قومن جي مقابلي ۾ سندن معيار زندگي گهڻو بلند ٿي ويو ۽ پوءِ هو آهستي آهستي خدا جي رضا کي ڇڏي پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذارڻ ڏانهن راغب ٿيندا ويا. تانجو انڪل ڇهہ سؤ سالن جي عرصي ۾ هنن سيدنا ابراهيم عليہ السلام جي تعليمات کي بلڪل فراموش ڪري ڇڏيو. جنهنڪري ڪيتريون ئي سماجي، سياسي توڙي اخلاقي برايون منجهن گهر ڪري ويون. خدا سان شرڪ ڪرڻ، ماپ تور توڙي ٻين تجارتي معاملن ۾ بي قاعدگي ۽ بي ايماني ڪرڻ سندن سڀ کان وڏا ڏوهہ هئا جن جو ذڪر خدا تعاليٰ پنهنجي ڪتابن ۾ بہ ڪيو آهي. بهرحال ان منزل تي الله تعاليٰ پنهنجي انهن ٻانهن جي اصلاح لاءِ وٽن پنهنجو هڪ پيغمبر مبعوث فرمايو جنهن کين حق جي واٽ ڏيکارڻ لاءِ پاڻ گهڻوئي پتوڙيو پر هنن ماڻهن جا قلب اهڙا تہ ڪارا ۽ ڪنور ٻڌجي چڪا هئا جو هو پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن کان ڪناره ڪش ٿي نہ سگهيا ۽ ايستائين انهن گناهن کي ورجائيندا رهيا جيستائين قادر قهار جو عذاب اچي مٿن ڪڙڪيو. جنهن سندن سموري ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ سميت کين نيست و نابود ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ دنيا ۾ ڪٿي بہ "مدين" نالي قوم جو ڪو نشان باقي نہ بچيو سواءِ ان نالي واري هڪ شهر جي جنهن جو ذڪر تاريخ ۾ موجود آهي. باقي اهو شهر ڪڏهن کان آباد آهي يا ڪنهن آباد ڪيو ان ڏس ۾ مؤرخ ۽ جاگرافي دان خاموش آهن. اسلامي تاريخ ۾ هن شهر جو ذڪر بہ هن سريہ جي حوالي سان قائم رهيو آهي جنهن ڪانپوءِ ئي مؤرخ، سياح ۽ جاگرافي دان هن شهر بابت ٻڌائيندا رهيا آهن. سيدنا علي ڪرم الله وجهہ جو صاحبزادو حضرت محمد بن حنفيہ علوي جڏهن هن علائقي جي سير سفر لاءِ نڪتو تہ هن مدين جو شهر آباد حالت ۾ ڏٺو.

ڇهين صدي هجريءَ جو مشهور مؤرخ يعقوبي لکي ٿو "مدين جو شهر اهڙي صوبي ۾ موجود آهي جتي چشمہ بہ موجود آهن تہ نديون ۽ نهرون بہ. جنهن ڪري هتي بي شمار باغ ۽ نخلستان آهن. هتان جي رهاڪن ۾ مختلف قومن ۽ نسلن جا ماڻهو شامل آهن.

اصطخري ٻڌائي ٿو تہ هي شهر (ان دور جي) تبوڪ کان وڏو آهي، ۽ هتي ئي اهو چشمو موجود هو جتي حضرت موسيٰ سيدنا شعيب عليہ السلام جي ٻڪرين کي آئي پاڻي پياريندو هو پر هاڻي ان ماڳ تي هڪ جاءِ جوڙائي ويئي آهي.

اهڙيءَ ريت جيئن وقت گذرندو رهيو تہ هي شهر بہ تباهيءَ ڏانهن وڌندو رهيو. سرور ڪائنات ﷺ جن جي دور تائين بہ هي شهر آباد هو انڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن ڇهين هجريءَ ڌاري حضرت زيد بن حارثہ جي اڳواڻي هيٺ مدين ڏانهن بہ سرايا موڪليا، جن مان پهرين سريہ کي هن سال جمادي الآخر ۾ مدين جي اترين پاسي "حِسمِيٰ" ڏانهن اماڻيو ويو،جنهن ۾ پنج سؤ صحابي سڳورا موجود هئا.جڏهن تہ ٻيو سريہ وري هن ئي سال جي آخر ۾ خاص مدين ڏانهن



Marfat.com

جي سچي رسول ﷺ طرفان توڏانهن موڪليو ويو آهي. تون اسان سان گڏجي سنڌن خدمت ۾ هل ته جيئن توکي خيبر جو حاڪم مقرر ڪري توسان ڀال ڀلايا وڃن. اهو ٻڌي هو تيهه يهودي ساڻ ڪري اتان هليو، پوءِ جڏهن هو اڌ رستي تي پهتا ته سنڌن دشمني ۽ بدنيتي ظاهر ٿي پيئي. اهو ڏسنديئي حضرت عَبْدُالله بن اُنَيْس رضه ڪيس اتي ئي قتل ڪري ڇڏيو. سنڌن ٻيا ساٿي مقابلي لاءِ اڳتي وڌيا، ۽ مسلمانن انهن سڀني کي به اتي ئي پورو ڪري ڇڏيو. سواءِ هڪ يهوديءَ جي جيڪو پاڻ بچائي ڀڄي ويو. مسلمانن جو هن مقابلي ۾ ڪوبه جاني نقصان نه ٿيو.

## (۳۱) سريہ ڪُرز بن جَابِر رضہ

مختلف روايتن مطابق هن سال شوال يا جُمادي الآخر يا وري ذوالحج جي مهيني ۾ حضرت ڪُرز بن جَابِرَ قُرشي فِهْرِيءَ کي ويهن سوارن جي جٿي سان گڏ "عُڪْل" ۽ "عُرَيْنَه" وارن جي پٺيان موڪليو ويو. انهن ٻنهي قبيلن کي گڏي "عُرَنِيِّيْن" سڏيو ويو آهي.

ان جو سبب اهو هو ته مٿين ٻن قبيلن مان اٺ شخص مديني پهتا، انهن نبي ڪريم ﷺ جن آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ اتي ئي ترسي پيا. پوءِ ڪجهه ڏينهن رکي سچي سرور ﷺ جن کان اجازت وٺي اچي ان ماڳ تي رهيا، جتي صدقي جا اٺ بيٺل هئا. (۱) اتي اچي هنن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي اوٺيءَ کي قتل ڪيو، جنهن جو نالو "يَسَار" ٻڌايو ويو آهي، ۽ پوءِ اتان اهي اٺ پاڻ سان ڪاهي روانا ٿيا. نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ڪرز بن جابر رضہ کي ويهن سوارن سان گڏ سنڌن پٺيان موڪليو، جيڪي کين پڪڙي مديني وٺي آيا.

انهن جي لاءِ الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:

اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيْنَ يُحَارِبُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ فَسَادًا اَنْ يُّقَتَّلُوْٓا اَوْ يُصَلَّبُوْٓا اَوْتُقَطَّعَ اَيْدِيْهِمْ وَاَرْجُلُهُمْ مِّنْ خِلَافٍ اَوْ يُنْفَوْا مِنَ الْاَرْضِ. (۲)

(جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول سان جنگ جوٽين ٿا ۽ زمين ۾ فساد پکيڙيندا رهن ٿا، انهن کي يا ته قتل ڪيو وڃي يا سوريءَ تي چاڙهيو وڃي، يا انهن جا هٿ پير مخالف طرفن کان ڪاٽيا وڃن يا زمين مان کين نيڪالي ڏني وڃي.)

ان حڪم جي نازل ٿيڻ کانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن سنڌن هٿ پير مخالف طرفن کان ڪٽرائي، اکيون ڪڍرائي انهن کي "حره" اماڻيو، جتي هو مرڻ گهڙيءَ تائين قيد رهيا. (۳)

---

(۱) ان جاءِ جو نالو "ذوالجدر" ٻڌايو ويو آهي، جيڪا مديني کان ڇهه ميل پري "قُباءَ جي ويجهڙائيءَ ۾ هئي.
"وفاء الوفا" سمهودي ج ۴ ص ۷۵ ـ ۱۱۷۴؛ معجم البلدان ياقوت ج ۲ ص ۱۱۴.

(۲) پاره ٦ سورة المائده آيت ۳۳.

(۳) صحيح بخاري جلد ۲ ص ٦۰۲.



Marfat.com

## (٣٢) سَرِيَّہ عَمْرو بن اُمَيَّہ ضَمْرِيّ رض

هن سال ابوسفيان بن حرب نبي ڪريم ﷺ جن مٿان اوچتو حملو ڪرڻ لاءِ هڪ ماڻهوءَ کي مديني موڪليو. سندس انهيءَ ٻڇڙائيءَ جي جواب ۾ نبي ڪريم ﷺ طرفان حضرت عَمْرو بن اُمَيَّہ ضَمْرِي کي مڪي اماڻيو ويو تہ هو اتي پهچي ابوسفيان کي قتل ڪري.

ابن اُمَيَّہ رضہ مڪي ۾ اَبُوسُفْيَان تائين نہ پهچي سگهيو، باقي شهر جي ٻاهران ٻن ڪافرن کي قتل ڪيائين. جن مان هڪ جو نالو عمرو بن عُبَيْدالله بن مالڪ قُرشِي تيمي، جڏهن تہ ٻيو شخص "بَنُوْ دِيْل" وارن مان هو. اڳئين هلي ڪيس ہ ٻيا ماڻهو بہ ور چڙهيا، جيڪي قريش طرفان مسلمانن جي جاسوسيءَ لاءِ مديني وجي رهيا هئا. انهن مان بہ هن هڪڙي کي تہ اتي ئي قتل ڪري ڇڏيو، جڏهن تہ ٻئي کي ٻڌي ٻانهن سان گڏ مديني وٺي آيو. علامہ شاميءَ پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي تہ حضرت "عَمْرو بن اُمَيَّہ" کي "سَرِيَّہ عُرَنِيِّيْن" کان پوءِ موڪليو ويو هو. "المواهب اللدنيہ" وارو بہ ساڳيءَ ڳالهہ جو قائل آهي. پر هو ايترو وڌيڪ لکي ٿو تہ هي واقعو "غزوه حديبيہ" کان اڳ جو آهي. ان جو مطلب آهي تہ حضرت عَمْرو بن اُمَيَّہ ضَمْرِي کي سن ڇهين هجريءَ دوران جمادي الآخر ۽ ذوالقعد جي وچ ڌاري موڪليو ويو هوندو. [1] والله اعلم.

---

(١) شرح علي المواهب "زرقاني" جلد ٢ ص ١٧٧.



Marfat.com

# فصل ڇهون

هن فصل ۾ سن (٧) ستين هجريءَ دوران موڪليل سرايا جو ذڪر ڪيو ويندو.

## (٣٣) سَرِيَّہ اَبَان بن سَعِيْد رضہ

هن سال محرم جي مهيني ۾ سرور عالم ﷺ جن حضرت اَبَان بن سَعِيْد بن عَاص بن اُمَيَّہ کي ڪجهہ ماڻهن سان گڏ نجد ڏانهن اماڻيو، ان ڪانپوءِ پاڻ بہ غزوه خَيْبَرَ لاءِ مديني کان روانا ٿيا.

خَيْبَرَ جي لڙائي مان واندا ٿي نبي عليہ السلام جن اڃان غنيمت جو مال مجاهدن ۾ ورهائي ئي رهيا هئا تہ ابان بن سعيد وارا بہ اچي اتي سهڙيا. جيتوڻيڪ خَيْبَرَ جي غنيمت ۾ هنن جو حق نہ پيو لڳي، پر ان هوندي بہ مني مرسل ﷺ جن ڪين ان مال مان مهرباني طور ڪجهہ بخشش ڏني. اهوئي زمانو هو جو يمن کان حضرت اَبُوهُرَيره رضہ بہ "دَوْس" قبيلي جي ڪجهہ سائين سميت اچي اتي نڪتو. اَبُوهُرَيره رضہ جي ان واقعي کي سندس ئي سَنَدَ سان "صحيح بخاري" واري هن ربت نقل ڪيو آهي. (١) اَبُوهُرَيره رضہ چيو: "خَيْبَرَ جي فتح کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ اڃان اتي ئي ترسيل هئا تہ مون سندن خدمت ۾ عرض ڪيو: "اي الله جا رسول ﷺ مون کي بہ ڪجهہ نوازيو". اهو ٻڌي بني سعيد وارن مان ابان چيو:

"نہ منهنجا سائين ﷺ، هن کي ڪجهہ نہ ڏيو". ان تي مون چيو: "هي تہ اِبْن قَوْقَل جو قاتل آهي".

اَبُو سَعِيْد وراڻيو: "عجب جهڙي ڳالهہ آهي، جو هڪ ٻلو جيڪو "ضَان" (٢) جبل جي چوٽيءَ تان هيٺنر هيٺ لٿو آهي، مونتي هڪ اهڙي مرد مومن جي قتل جو ڏوه ڏيئي رهيو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ منهنجي هٿان مانُ بخشيو ۽ مونکي سندس هٿان ذليل ٿيڻ کان بچايو".

## (٣٤) سَرِيَّہ اَمِيْرالْمُؤمنين عُمَر بن خَطَّاب رضہ

• هن سال شعبان جي مهيني ۾ اميرالمؤمنين حضرت عُمَر بن خَطَّاب رضہ کي ٽيهن سوارن سان گڏ "تُرَبَہ" ڏانهن اماڻيو ويو. (٣) هي ماڳ مڪي کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. (٤) هتي "هَوَازِن" قبيلي جا اهي فرد رهندا هئا، جيڪي اڃان تائين پنهنجي ڪفر تي قائم هئا. هنن حضرت عمر رضہ جي اچڻ جو ٻڌي اتان وٺي ڀاڄ ڪاڍي. ڪوبہ مقابلو نہ ٿيو ۽ مسلمان خير سان مديني واپس وريا. (٥)

---

(١) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٠٨، "اسد الغابہ" ابن اثير ج ١ ص٢٦.

(٢)" ضان" هڪ جبل جو نالو آهي، جيڪو ان علائقي ۾ آهي، جتي "دوس" قبيلي وارا رهندا هئا. معجم البلدان ياقوت جلد ٣ ص ٤٥٠، "سيرت نبويہ صہ" ابن ڪثير جلد ٣ ص ٢٩٢.

(٣) "مغازي" واقدي جلد ٢ ص ٧٢٢.

(٤) معجم البلدان ـ ياقوت ج ٢ ص ٢١.

(٥) شرح عليٰ مواهب "زرقاني" ج ٢ ص ٢٤٩



Marfat.com

قبيلي وارن ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪي خَيْبَرَ ۽ "وَادِي الْقُرِيٰ" جي ويجهڙائيءَ ۾ ٻن ڳوٺن ۾ رهندا هئا. انهن ڳوٺن جا نالا يَمَن ۽ جَبَار ٻڌايا ويا آهن. ڪي ماڻهو يَمن کي يُمن به چون ٿا. (١)

هتان مسلمانن کي غنيمت طور وڏي تعداد ۾ چوپايو مال هٿ آيو، ان کانسواءِ ٻن ماڻهن کي قيد ڪيو ويو، جن پوءِ اسلام قبول ڪيو. سندن نالا معلوم ٿي نه سگهيا آهن. مسلمان پوءِ مديني موٽيا.

## (٣٩) سَرِيَّہ اَخْرَم بن ابوالعوجاءِ رضہ

• هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ آخرم بن ابوالعوجاء سلمي رضہ کي پنجاه ماڻهن سان گڏ "بَنُو سُلَيْم" وارن ڏانهن موڪليو ويو. (٢) هن ڀيري ڪافرن سان سخت مقابلو ٿيو، جنهن ۾ سمورا مسلمان شهيد ٿي ويا ۽ رڳو حضرت آخْرَم رضہ بچي ويو، (٣) جيڪو صفر جي پهرين تاريخ سن اٺين هجريءَ ڌاري مديني واپس پهتو.

---

(١) "يَمن" غطفان قبيلي وارن جي ڪوهہ جو نالو آهي، جيڪو "تيماء" واري وٽ ٿي آهي. جڏهن تہ "جَبار" نالي ڳوٺ بہ ان جي ويجهڙائيءَ ۾ آهي. واقديءَ هن ڳوٺ جو نالو "جِنَاب" ڄاڻايو آهي. "معجم البلدان" ياقوت ج ۵ ص ۴۴۹ ۽ ج ٢ ص ٩٩ مغازي "واقدي" جلد ٢ ص ٧٢٧.

(٢) شرح مواهب زرقاني ج ٢ ص ٢٦٣.

(٣) حضرت "اخرم رضہ" جي اڳواڻيءَ ۾ هن ننڍڙي جماعت "بنو سُليم" وارن وٽ پهچي کين اسلام جي دعوت ڏني، هنن ان دعوت کي نہ صرف رد ڪيو پر مسلمانن جي مٿان تيرن جو مينهن وسائي ڇڏيو. پوءِ جڏهن کين يقين ٿي ويو تہ سمورا مسلمان شهيد ٿي چڪا آهن، تڏهن هو لاش ميدان ۾ ڇڏي پنهنجي موٽيا. پر الله جي قدرت سان حضرت اخرم موت کان بچي ويو، هو صرف زخمن سبب بيهوش ٿي ويو هو، جنهنڪري دشمن کيس بہ مئل سمجهي ڇڏي ويا. "مغازي" واقدي جلد ٢ ص ٧۴١، طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٨٩، سيرت "نبويہ" ابن ڪثير جلد ٣ ص ۴۴۴-۴۵.



Marfat.com

# فصل سنون

هن فصل ۾ سن اٺين هجريءَ دوران موڪليل سرايا جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## (۴۰) سَرِيَّہ غَالِب بن عَبْدُالله لَيثِي رض

هن سال صفر جي مهيني ۾ غَالِب بن عَبْدُالله لَيثِي رض کي "بنو مُلَوّح"(۱) وارن ڏانهن اماڻيو ويو. جيڪي "ڪَدِيْد" نالي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. هي ڳوٺ مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي عُسفَان ۽ "قُدَيْد" جي وچ تي آهي. مڪو شريف هتان ۴۲ ميل پري ٿيندو.(۲) پاڻ ڪريم ﷺ جن جيڪا جماعت اماڻي ان ۾ چوڏهن يا هڪ ٻي روايت موجب ان کان ڪجهه متي ماڻهو هئا. "غَالِب" ۽ سندس ساٿين کي دشمن جي مقابلي ۾ سوڀ نصيب ٿي، ڪافرن مان (وڙهڻ لائق) مردن کي قتل ڪيو ويو. سندن زالون ۽ ٻار قيد ڪيا ويا ۽ پوءِ مسلمان مال ڪاهي مديني موٽيا.

## (۴۱) سَرِيَّہ غَالِب بن عَبْدُالله لَيثِي رض

هن سال صفر جي ئي مهيني ۾ غَالِب بن عَبْدُالله لَيثِيءَ رض کي وري "مُصاب" قبيلي وارن ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪي "فَدَڪ" ۾ رهندا هئا. رسول خدا ﷺ جن هن ڀيري غَالِب رض سان گڏ ٻه سو ماڻهو موڪليا، جن مشرڪن سان مقابلو ڪيو. سندن عورتون ۽ ٻار قيد ڪيا ويا ۽ مال جنهن ۾ اٺ ۽ ٻڪريون شامل هيون غنيمت طور حاصل ڪيو ويو. جنهن مان هر ماڻهوءَ کي حصي ۾ ڏهه اٺ يا ان جي برابر ٻڪريون مليون. هڪ اٺ ڏهن ٻڪرين جي برابر ليکيو ويو.

## (۴۲) سَرِيَّہ شُجَاع بن وَهْب رض

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ شُجَاع بن وَهْب آسَدِي رض کي "بَنُو عَامِر" وارن ڏانهن اماڻيو ويو.(۳) هي "هَوَازن" قبيلي جو هڪ پاڙو آهي ۽ اهي "سِيْءِ" نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهندا هئا، جيڪو مديني کان پنجن ميلن جي پنڌ تي "ذَات عِرق" جي پنيان آهي.(۴) مسلمانن کي "سِيءِ" مان غنيمت ۾ ڪافي اٺ ۽ ٻڪريون هٿ آيا، جيڪي پاڻ سان گڏ ڪاهي هو مديني پهتا. هر ماڻهوءَ کي ورهاست ۾ پندرهن اٺ يا ان جي برابر ٻڪريون مليون. هڪ اٺ ويهن ٻڪرين جي برابر شمار ڪيو ويو.

---

(۱) هي "ليث" قبيلي جو پاڙو آهي. طبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد ج ۲ ص ۹۰، "المغازي" "واقدي" ج ۲ ص ۷۵۰.

(۲) معجم البلدان ـ ياقوت حموي ج ۴ ص ۴۴۲، شرح عليٰ مواهب "زرقاني" ج ۲ ص ۲۶۴.

(۳) هن "سريہ" ۾ شجاع بن وهب رض سان گڏ چوويهہ ماڻهو گڏ هئا. البدايہ والنهايہ ابن ڪثير ج ۴ ص ۲۴۰، "دلائل المنيرة" بيهقي جلد ۴ ص ۳۵۳، "المغازي، واقدي جلد ۲ ص ۷۵۳.

(۴) شرح مواهب "زرقاني" ج ۲ ص ۲۶۷.



Marfat.com

## (۴۳) سَرِيَّہ ڪَعۡب بن عُمَيۡر رضہ

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ ڪَعۡب بن عُمَيۡر غِفاريءَ رضہ کي پندرهن ماڻهن سان گڏ "وَادِي القُرِيٰ" جي پريان شام جي سرزمين تي "ذَات اَطۡلَاح" نالي ماڳ تي موڪليو ويو (۱) هن مقابلي ۾ ڪافر زور ٿي ويا ۽ مسلمانن جا سمورا ماڻهو شهيد ڪري ڇڏيائون. سواءِ هڪڙي جي جيڪو بچي ويو ۽ مديني موٽي اچي اها خبر رسول خدا ﷺ جن کي ٻڌايائين. (۲)

## (۴۴) سَرِيَّہ مُوۡتَہ

هن سال جُمَادَي الاول جي مهيني ۾ نبي اڪرم ﷺ هڪ وڏو لشڪر حضرت زَيۡد بن حَارثہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ "مُوتَہ" ڏانهن موڪليو، جيڪو شام جو مشهور شهر آهي.

"مُوتَہ" کي ڪيترا ماڻهو "ميم" کانپوءِ "همزو" وڌائي "مُؤ تَہ" ڪري بہ اچاريندا آهن. "رَوضُ الأُنف" جي مصنف "علامہ سُهَيلِي" جي خيال ۾ اهو اچار وڌيڪ صحيح آهي. (۳)

شام جي مشهور شهر "دمشق" جي ڀسگردائيءَ ۾ قبلي جي طرف هڪ ٻيو شهر آهي، جنهن کي "بَلقَاء" سڏيو ويندو آهي.

ان شهر ۾ ڪيترائي ڳوٺ ۽ واهڻ شامل آهن. انهن مان "مُوتَہ" بہ هڪ آهي. "مُوتَہ" مديني کان اناويهن مرحلن ۽ بيت المقدس کان ٻن مرحلن جي پنڌ تي آهي. (۴)

---

(۱) السيرة النبويہ ابن ڪثير ج۳ ص ۴۵۴، تاريخ الخميس ديار بڪري ج ۲ ص ۷۰.

(۲) "المغازي" واقدي ج ۲ ص ۷۵۳-۷۵۲، شرح علي مواهب "زرقاني" ج ۲ ص ۲۶۷.

(۳) روض الانف "عبدالرحمٰن سُهيلي" جلد ۴ ص ۷۸، البدايہ والنهايہ - ابن ڪثير ج ۴ ص ۲۴۱.

(۴) "بلقاء" ماضيءَ کان شام جو مشهور علائقو رهيو آهي جنهن جي آسپاس ڪيترائي ننڍا وڏا شهر توڙي ڳوٺ آباد هئا جن مان "مؤته" بہ هڪ هو، جيڪو فولاد جي صنعت سبب سڄي رومي سلطنت ۾ خاص اهميت جو حامل هو. خاص طور هتان جون ٺهيل تلوارون تہ ملڪان ملڪ مشهور هيون ۽ سڄي رومي سلطنت ۾ ماڻهو وڏي چاهہ مان اهي تلوارون خريد ڪندا هئا. ايتريقدر جو انهن تلوارن جي خوبين ۽ خصوصيتن کي ان دور جي شاعرن بہ پنهنجي شعرن ۾ ساراهيو آهي. مؤته يا ڪجهہ ٻيا ڳوٺ جيئن تہ هڪ مٿانهين ۽ سرسبز ٻوٽي تي آباد هئا انڪري ان دور ۾ اهي "مشارف الشام" جي نالي پٺيان مشهور هئا. اهوئي سبب هو جو انهن تلوارن کي بہ "مشرفيه" سڏيو ويندو هو.

مؤتہ جو هي تاريخي ماڳ جيتوڻيڪ اڄ بہ پنهنجي اصلوڪي جاءِ تي موجود آهي پر ملڪن جي بدلجندڙ حدبندين سبب اڄڪلهہ هي شهر اردن جي سلطنت ۾ شامل آهي، ۽ عمان کان عَقبہ ڏانهن ويندڙ جيڪو اهم رستو (Highway) آهي اهو مؤته وٽان ئي لنگهي ٿو. مؤتہ جي لڳ اهو ڪشادو ميدان بہ موجود آهي جتي مسلمانن رومين سان مقابلو ڪيو هو اڄڪلهہ هن جاءِ کي "مشهد" سڏيو وڃي ٿو جنهن لاءِ اتان جي رهاڪن جو چوڻ آهي تہ هن جاءِ تي ڪجهہ صحابي سڳورن جون قبرون هيون جيڪي هن ئي جنگ ۾ شهيد ٿيا هئا. جيئن وهب بن سعد، عباد بن قيس، حارث بن نعمان ۽ سَرَاقہ بن عمرو وغيره.

هِتان ٻن ٽن ميلن جي مفاصلي تي اهو ماڳ موجود آهي جتي مسلمانن پنهنجي جنگي ڪئمپ قائم ڪئي هئي ماضيءَ ۾ هن ماڳ کي معان سڏيو ويندو هو جڏهن تہ هاڻي اما جاءِ "المزار" جي نالي سان مشهور آهي.



Marfat.com

خدا جي رسول ﷺ جيتوڻيڪ هن سَرِيَّہ جو اڳواڻ حضرت زَيْد بن حَارِث رضہ کي بڻايو هو پر ان سان گڏ اهو بہ فرمايو هئائون تہ "جيڪڏهن زيد رضہ شهيد ٿي وڃي تہ پوءِ اوهان جو اڳواڻ "حضرت جَعْفَر بن اَبُو طَالِب رضہ" هوندو ۽ جيڪڏهن جعفر رضہ شهيد ٿي وڃي تہ ان جي جاءِ تي عَبْدُالله بن رَوَاحَہ رضہ کي هجڻ کپي، باقي جيڪڏهن عَبْدُالله رضہ کي بہ شهادت نصيب ٿئي تہ پوءِ اوهان پنهنجي مرضيءَ سان اسلامي لشڪر مان جنهن کي چاهيو پنهنجو اڳواڻ مقرر ڪجو." (١)

هن "سَرِيَّہ" ۾ امام الانبياء ﷺ جن رومي بادشاهہ "هِرَقْل" سان مقابلي لاءِ ٽي هزار مسلمانن جو لشڪر روانو ڪيو هو. جڏهن تہ ٻئي طرف کان "هِرَقْل" اڍائي لک مشرڪن جي لشڪر سان گڏ روم کان هلي شام جي سرزمين تي پهتو هو، ۽ "بَلْقَاء" وٽ مقابلي لاءِ منزل ڪئي هئائين. (٢) اسلام ۽ ڪفر جي هن جنگ ۾ سڀ کان پهريان حضرت زَيْد بن حَارِثہ رضہ اسلامي جهنڊو ڪڻي ميدان ۾ لٿو. اسلامي لشڪر سندس اڳواڻيءَ ۾ نهايت بهادريءَ سان ڪافرن جو مقابلو ڪيو، تانجو حضرت زيد شهيد ٿي ويو. ان کانپوءِ "حضرت جَعْفَر رضہ" اسلامي علم بلند ڪيو ۽ مڙسيءَ سان ميدان کي منهن ڏنائين. ڏاڍي چٽي ويڙهہ هلي، آخر حضرت جَعْفَر رضہ بہ شهيد ٿي ويو. ان کانپوءِ اسلامي جهنڊو "عبدالله بن رواحہ رضہ" جي هٿن ۾ پهتو. هو بہ نهايت بي جگريءَ سان دشمن جي سامهون ٿيو ۽ رب جي رستي ۾ پنهنجي جان قربان ڪيائين. عَبْدُالله بن رَوَاحَہ رضہ جي شهادت کانپوءِ مسلمانن پنهنجو اڳواڻ حضرت خَالِد بن وَلِيْد رضہ کي چونڊيو.

هاڻي اسلامي علم خالد رضہ جي هٿن ۾ هو. سندس ميدان ۾ لهڻ سان دشمن جي لشڪر ۾ شڪست جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا، ڇو جو فتح رب پاڪ خالد رضہ جي قسمت ۾ لکي هئي، ۽ ان جي ذريعي ئي اسلامي لشڪر سوڀ حاصل ڪئي، تڏهن تہ خدا جي پياري رسول ﷺ فرمايو: "**اِنَّ خَالِدًا سَيْفٌ مِنْ سُيُوْفِ اللهِ**" "بيشڪ خَالِد" الله جي تلوارن مان هڪ تلوار آهي" (٣)

هن جنگ ۾ مسلمانن جا فقط ٻارهن ماڻهو شهيد ٿيا. جڏهن تہ ڪافرن جا ايترا ماڻهو مارجي ويا، جن جو ڳاڻاٽو ڪرڻ بہ مشڪل آهي. انهن ۾ ڪيترائي ناميارا اڳواڻ بہ شامل هئا. سندن سمورو سامان بہ مسلمانن کي غنيمت ۾ مليو. مسلمانن لاءِ هيءَ تمام وڏي سوڀ هئي. جيڪا الله عزيز ۽ حڪيم جي مهربانيءَ کانسواءِ ممڪن نہ هئي. **وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِاللهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ**. ڇو جو تعداد جي لحاظ کان مسلمان ڪافرن کان ٨٣ ڀيرا گهٽ هئا.

## (٤٥) سَرِيَّہ عَمْرو بن العَاص رضہ

هن سال جُمَادَي الآخر ۾ رسول رحمت ﷺ جن "حضرت عَمْرو بن الْعَاص رضہ" جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سريہ "ذَاتِ السَّلَاسِل" ڏانهن روانو ڪيو. جتي انهن کي "قضاعہ"، "عاملہ"، "لخم" ۽

(١) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦١١.

(٢) طبقات الکبريٰ - ابن سعد ج ٢ ص ٩٢، زادالمعاد - ابن قَيِّم ج ٢ ص ١٥٥، شرح علي مواهب - زرقاني ج ٢ ص ٢٦٨.

(٣) بخاري شريف ۾ خالد بن وليد جي پنهنجي روايت نقل ڪئي ويئي آهي، جيڪا هن ريت آهي: غزوه مُوتہ ۾ منهنجي هٿان نو تراريون ڀڄي پيون ۽ آخر ۾ هڪ يمني ترار باقي بچي." صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦١١.



Marfat.com

"جُذَام" قبيلن سان مقابلو ڪرڻو هو. هن لشڪر ۾ مهاجرن توڙي انصار مان ٽي سؤ مُک ماڻهو شامل هئا، جن وٽ سواريءَ لاءِ ٽيهارو گهوڙا هئا. [1]

"سَلاَسَل" وٽ ڏرين جو مقابلو ٿيو. ڪافي ماڻهو قتل ٿيا، ڪافرن جو مال مسلمانن کي غنيمت ۾ مليو ۽ پوءِ هو مديني موٽيا.

"سَلاَسَل" جذام قبيلي وارن جي سرزمين تي موجود هڪ ڪوهه جو نالو آهي، جيڪو "وَادِي القُرِيٰ" جي پرڀان اٽڪل ڏهن ميلن جي پنڌ تي آهي. مقابلو جيئن ته هن ڪوهه وٽ ٿيو، ان نسبت ڪري هن "سَرِيَّہ" کي ان نالي پٺيان ياد ڪيو وڃي ٿو. [2]

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جنهن ماڳ تي هي مقابلو ٿيو، اتي واريءَ جون تمام گهڻيون ٽٻون سڄي علائقي ۾ پکڙيل آهن، ان ڪري اتي گهمڻ واري جو پير واريءَ ۾ پيهي وڃي ٿو ۽ اڳتي قدم وڌائڻ ۾ تمام گهڻي رنڊڪ ٿئي ٿي، ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڄڻ پير ۾ ڪو زنجير (سلاسل) پيل هجي، ان سببان هن سَرِيَّہ تي اهو نالو پيو آهي.

حضرت عَمرو بن العاص رضہ کي اسلام قبول ڪئي اڃا چار مهينا مس گذريا هئا ته کيس "سَرِيَّہ ذَات السُلاَسَل" جو سرواڻ بڻائي موڪليو ويو هو. ڇو جو اڪثريت جي راءِ مطابق ابن العاص اٺين هجريءَ جي صفر مهيني ۾ مسلمان ٿيو هو، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ ڪيو ويو آهي.

## (٤٦) سَرِيَّہ اَبُوْ عُبَيْدَه بن جَرَّاح رضہ

هن سال رجب جي مهيني ۾ حضرت اَبُوعُبَيْدَه بن جَرَّاح رضہ کي ٽي سؤ ماڻهن جي جماعت سان گڏ موڪليو ويو [3] هن ٻيري سندن مٿان ٻہ ڪم رکيل هئا.

(١) قريش جي هڪ قافلي جو رستو روڪڻ.

(٢) "بَنُو جُهَينہ" وارن سان مقابلو ڪرڻ. جيڪي مديني کان پنجن راتين جي پنڌ تي رهندا هئا.

هن سريہ کي "سَرِيَّہ سِيفُ البَحْر" ۽ "سَرِيَّة الخَبَط" جي نالن پٺيان ٻہ سڏيو ويندو آهي.

"سِيفُ البَحْر" جي معني آهي: "سامونڊي ڪنارو". جيئن تہ هي سَرِيَّہ سمنڊ جي ويجهو وڃي پهتو، انڪري مٿس اهو نالو پيو. "سَرِيَّة الخَبَط" وري ان ڪري سڏيو ويو جو "خَبَط" وڻ جي اهڙن پن کي چئبو آهي، جن کي لنڀن سان ڪيرايو وڃي.

هن سفر دوران جيئن تہ صحابي سڳورن وٽان ڪاڌي جو سامان ڪٽي ويو هو، انڪري هو ٻڪ سببان لنڀن سان وڻن جا پن ڇاڻي پنهنجي پيٽ جو پورائو ڪندا هئا. جنهن سبب سندن مُهارون ٻہ ڦٽجي پيون هيون. انڪري هن تي "سَرِيَّة الخبط" جو نالو پئجي ويو. ان ڪانپوءِ خدا تعاليٰ مٿن

---

(١) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٢٥، شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ٢ ص ٢٧٨- ٢٧٧، "المغازي" واقدي جلد ٢ ص ٧٧٤- ٧٦٩، طبقات الكبري ـ ابن سعد ج ٢ ص ١٣١، زادالمعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٣٨٦.

(٢) معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ٣ ص ٢٣٣، "وفاء الوفا" علامہ سمهودي ج ٤ ص ١٢٢٥.

(٣) المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٧٧٤، "زاد المعاد" "ابن قيم" جلد ٣ ص ٣٨٩.



Marfat.com

مهرباني ڪئي ۽ سامونڊي ڇولين هڪ جبل جيڏي مڇي اچي ڪناري تي اڇلائي، جنهن ڪي هنن تي سؤ ماڻهن سڄو مهينو پئي کاڌو ۽ ان جي چربيءَ سان پنهنجي جسم تي مالش به ڪيائون. جنهنڪري هو وري تازا توانا ٿي پيا. چيو وڃي ٿو ته ان مڇيءَ جا ڪجهه بچيل ٽڪرا هو پاڻ سان گڏ مديني کڻي آيا، ۽ انهن مان پاڻ ڪريم ﷺ جن به ڪجهه کاڌو. هن مڇيءَ جو نالو "عَنبَر" ٻڌايو ويو آهي. (١) چيو وڃي ٿو ته قيس بن سَعْد بن عِباده هڪ اُٺ تي چڙهي هن مڇيءَ جي پاسريءَ هيٺان لنگهي ويو. هن سَرِيَّہ بابت اعتراض ڪندي "حافظ ابن حجر" "فتح الباري" ۾ لکي ٿو ته "سيرت نگارن هن سَرِيَّہ جو ذڪر اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو آهي، اها ڳالهه صحيح نه آهي. ڇو جو جڏهن "حُدَيْبِيَّہ" ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن ۽ ڪافرن جي وچ ۾ جيڪو "معاهدو" ٿيو هو، ان ۾ ڏهه سال ذربن جو هڪ ٻئي خلاف جنگ نه ڪرڻ جو شرط به شامل هو. پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته قريش جي ڪنهن قافلي کي روڪڻ لاءِ مسلمانن طرفان "سَرِيَّہ" موڪليو وڃي.

"حافظ ابن حَجَر" جي ان اعتراض جو جواب "سيد جمال" (٢) پنهنجي ڪتاب "رَوْضَةُ الْاَحْبَاب" ۾ ۽ "ولي عراقي" (٣) "شرح تقريب" ۾ هن ريت ڏنو آهي:

---

(١) البدايہ والنهايہ ـ حافظ ابن ڪثير جلد ٥ ص ٢٧٥، صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٢٥، سير النبويہ، ابن ڪثير ج ٣ ص ٥٢٢.

نوٽ:- هن مڇيءَ متعلق (طوالت کان بچڻ لاءِ) فقط ضروري ڳالهين جو ترجمو ڪيو ويو آهي. (مترجم)

(٢) امير جمال عطا الله حسيني شيرازي ايران جو مشهور عالم ۽ مؤرخ ٿي گذريو آهي. عمر جو گهڻو حصو هرات ۾ گذاريائين، جتان جو حاڪم سلطان حسين تيموري مٽس ڏاڍو مهربان رهيو. ڪجهه ڪتاب به لکيائين، جن مان "روضة الاحباب في سيرة البني والاصحاب" وڌيڪ مشهور ٿيو. هن ڪتاب ۾ مصنف نبي ڪريم ﷺ جن جي ذات، سندن ڪٽنب جي ڀاتين ۽ صحابين بابت واقعات ڏاڍي محبت ۽ عقيدت سان بيان ڪيا آهن.

مصنف هيءَ ڪتاب "مير علي شير نوائي" جي فرمائش تي لکڻ شروع ڪيو ۽ ٩٠٠ هجريءَ ڌاري لکي پورو ڪيائين هي ڪتاب قلمي صورت ۾ ڪافي عرصي تائين عالمن، سيرت نگارن ۽ مؤرخن جي مطالعي هيٺ رهيو. ان ڪانپوءِ ١٢٩٧ هجريءَ دوران هن ڪتاب کی هندوستان جي شهر لکنؤ مان شايع ڪيو ويو.

سيد جمال سن ٩٢٦هجريءَ ڌاري وفات ڪئي. اردو دائرة المعارف اسلامي جلد ٧ ص ٧١- ٢٧٠

(٣) اٺين صدي هجريءَ جو مشهور عالم، اصولي، اديب، فقيهہ، محدث، مفتي ۽ قاضي جنهن جو نالو احمد بن عبدالرحيم بن حسين ڪردي، ڪنيت ابوذرعه ۽ لقب ولي الدين آهي، سو ٽين ذوالحج ست سؤ ٻاهٺ هجري بمطابق ١٣٦١ع ڌاري قاهره ۾ ڄائو. نسبي لحاظ کان سندس تعلق عراق جي هڪ ڪرد قبيلي سان آهي جتان سندن وڏا هجرت ڪري مصر ۾ اچي آباد ٿيا. ان نسبت سبب کين عراقي سڏيو ويندو آهي وليءَ جو پيءُ عبدالرحيم جنهن کي دنيا حافظ زين الدين عراقيءَ جي نالي سان ڄاڻندي آهي ان دور ۾ مصر جو وڏي ۾ وڏو عالم، حافظ الحديث ۽ شيخ الاسلام هو. انڪري هن ننڍپڻ کان ئي پنهنجي پٽ جي تعليم تربيت لاءِ خصوصي انتظام ڪيا. اهوئي سبب هو جو "ولي الدين" ننڍي عمر ۾ ئي سمورا علم ۽ فن پنهنجي عظيم المرتبت پيءُ ۽ وقت جي ٻين وڏن عالمن وٽان حاصل ڪيا جيڪي ان دور جي نصاب ۾ شامل هئا. سندس ٻين استادن ۾ جمال الدين اسنوي ابن النقيب ۽ علامہ جلال الدين بلقينيءَ جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

جوانيءَ ۾ ڪجهه وقت لاءِ هو پنهنجي پيءُ سان گڏ "شام" ڏانهن به ويو جتي دمشق جي ڪجهه استادن وٽان به



Marfat.com

"قريش وارن جڏهن معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري ان کي ٽوڙي ڇڏيو تہ هي سَرِيَّہ ان ڪانپوءِ روانو ڪيو ويو." يعني فتح مڪہ کان اڳ. بهرحال هن ڀيري بہ ڌرين جي وچ ۾ ڪو مقابلو نہ ٿيو.

## (۴۷) سَرِيَّہ عَمَرو بن مُرَّهْ جُهَنِي رض

هن سال مڪي جي فتح کان اڳ حضرت "عَمْرو بن مُرَّه جُهَنِي رض" کي پنهنجي قبيلي "جُهَيْنَہ" ۽ هڪ ٻئي قبيلي "مُزَيْنَہ" جي ڪجهہ سائين سان گڏ اَبُوسُفْيَان بن حَارث بن عَبْدُالْمُطَّلِب ڏانهن موڪليو ويو. جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو سوٽ هو. پر اڃان ايمان تي نہ آيو هو. ٻنهي ڌرين جو مقابلو ٿيو. جنهن ۾ اَبُوسُفْيَان بن حَارِث ۽ سندن سائين شڪست کاڌي. سندن ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. اَبُوسُفْيَان بن حَارِث رض مڪي فتح ٿيڻ واري موقعي تي مسلمان ٿيو.

## (۴۸) سَرِيَّہ اَبُو قَتَادَه حَارِث رض

هن سان شعبان جي مهيني ۾ اَبُوقَتَادَه حارث رض جيڪي ربعي انصاري سلميءَ کي سورهن ماڻهن سان گڏ "غَطَفَان" قبيلي وارن ڏانهن روانو ڪيو ويو. جيڪي "نَجْد" ۾ "بَنُوْ مُحَارِب" وارن جي پرسان رهندا هئا. ان ڳوٺ جو نالو "خَضره" يا ڪن وري "خُضْرَه" بہ ٻڌايو آهي. هن مقابلي ۾ دشمن جا ڪافي ماڻهو قيد ڪيا ويا، ۽ غنيمت ۾ مسلمانن کي بہ سؤ اٺ ۽ اٽڪل بہ هزار ٻڪريون بہ هٿ آيون. "خُمس" ڪڍڻ ڪانپوءِ غنيمت جي ورهاست ڪئي ويئي. هر ماڻهوءَ کي حصي ۾ اٽڪل تيرهن اٺ مليا.

---

علمي استفادو ڪيائين جنهن ڪانپوءِ هن حديث، فقہ، ادب، معاني ۽ بيان ۾ وڏيڪ مهارت حاصل ڪئي. هاڻي سندس سمورو وقت درس تدريس ۽ تصنيف تاليف ۾ گذرندو رهيو. مختلف علوم ۽ فنون تي ڪيترائي قيمتي ڪتاب تصنيف ڪيائين. جن مان اخبار المدلسين، فضل الخيل، رواة المراسيل، مهمات الاسانيد، وغيره. ان ڪانسواءِ پنهنجي پيءُ، استادن توڙي ٻين وڏن عالمن جي ڪتابن جا شرح شروح بہ لکيائين جن مان، شرح تقريب، شرح سنن ابي دائود، حاشيہ علي ڪشاف، ذيل في الوفيات، شروح جمع الجوامع وڏيڪ مشهور آهن. ان ڪم لاءِ هن شاگردن جي خاص جماعت تيار ڪئي هئي جيڪي سندس ٻڌايل مضامين کي نقل ڪندا هئا. علامہ سيوطيءَ جي قول مطابق ڇهہ سَو کان بہ مٿي نشستن ۾ هن شاگردن جي ان جماعت کي املاء ڪرايو هو. مصر جي قاضي القضاة "علامہ بلقينيءَ" جي وفات ڪانپوءِ ان عهدي تي حافظ وليءَ جو تقرر ڪيو ويو جيڪو سندس علمي عظمت جو کليل اعتراف هو. قاضيءَ جي حيثيت ۾ بہ هن عوام توڙي خواص ۾ پاڻ مڃرايو. حافظ وليءَ جي ڏنل فيصلن ۽ فتاوائن کي بہ ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪيو ويو آهي.

هر وقت حق جو آواز بلند ڪرڻ، عوام آڏو خوش اخلاقيءَ سان پيش اچڻ، محتاجن جي مدد ڪرڻ، سندس طبعي خصوصيتون هيون.

پنهنجي پيءُ جي وفات ڪانپوءِ هن پاڻ کي ان جو صحيح جانشين ثابت ڪيو. "جامعه طولانيہ" توڙي ان جي ڇڏيل ڪتب خانن جي حفاظت ۽ نظرداريءَ جو پورو پورو حق ادا ڪيائين.

رمضان جي اٺيهين تاريخ سن اٺ سؤ ڇهويهہ (۸۲۶) هجري بمطابق ۱۴۲۳ع ڌاري هن عظيم عالم دنيا مان لاڏاڻو ڪيو ۽ سندس لاش کي علامہ زين الدين عراقيءَ جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو. رحمهما الله تعاليٰ.

شذرات الذهب ـ ابن العماد ج ۷ ص ۳۰۵ ـ ۳۰۴، اعلام زرڪلي ج ۱ ص ۱۴۸، حسن المحاضره ـ سيوطي ج ۱ ص ۳۰۹، هدية العارفين ـ اسماعيل پاشا بغدادي ج ۱ص ۱۲۳، معجم المؤلفين ـ عمر رضا ڪحالہ ج ۱ ص ۲۷۱ ـ ۲۷۰.



Marfat.com

## (۴۹) سَرِيَّہ اَبُو قَتَادہ رضہ

هن سال رَمَضان شريف جي منڍ ۾ ني نبي سڳوري ﷺ جن اَبُو قَتَادہ رضہ کي اٺن ماڻهن سان "اِضَم" نالي ماڳ ڏانهن روانو ڪيو. (۱) اهو ڪنهن جبل يا ماٿريءَ جو نالو آهي، جنهن جو فاصلو مديني کان ٽَوَ ميل ٻڌايو ويو آهي. (۲) مسلمان جڏهن اتي پهتا تہ ڪوبہ سندن سامهون نہ ٿيو، ۽ هو خير سان واپس موٽي آيا. باقي ابوقَتَادہ رضہ جي هڪ ساٿيءَ حضرت مَحَلَم بن جثامہ ليثي رضہ هٿان هڪ ماڻهو مارجي ويو، جنهن جو نالو عَامِر بن اَضْبَط هو ۽ سندس تعلق "اَشْجَع" قبيلي سان هو.

ان جو وڌيڪ احوال هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ ڪيو ويندو. هي سَرِيَّہ فتح مڪه کان اڳ موڪليو ويو.

## (۵۰) سَرِيَّہ اُسَامہ بن زَيْد رضہ

هن سال رَمَضَان جي مهيني ۾ ني حضرت اُسَامہَ بن زَيْد رضہ کي جُهَينہ واري حُرَقات ڏانهن موڪليو ويو. هي اهو "سريہ" آهي، جنهن ۾ حضرت اُسَامہَ بن زَيْد رضہ لڙائي دوران مشرڪن جي لشڪر مان هڪ ماڻهوءَ مٿان تلوار کڏي تہ هن ڪلمو شريف پڙهيو، پر حضرت اُسَامہ رضہ کيس قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ جڏهن هو مديني موٽيا ۽ رسولن جي سردار ﷺ اها ڳالهہ ٻڌي تہ فرمايائون:"اُسَامہ تون ان ڪلمي جو حساب ڪيئن ڏيندين؟" (۳) ان تي اُسَامہَ رضہ جواب ڏنو: "مون جڏهن ان شخص مٿان تلوار سڌي ڪئي تہ هن پوءِ کان ڪلمو پڙهيو." ان تي رسول رحمت ﷺ جن فرمايو.

"ڇا تون سندس دل کي چيري ڏٺو؟"

## (۵۱) سَرِيَّہ سَعْد بن زَيْد اَشْهَلِيّ رضہ

هن سال مڪي جي فتح کانپوءِ جڏهن رمضان شريف اڃا پورو نہ ٿيو هو، ۽ ڇهہ روزا باقي هئا تہ امام المرسلين ﷺ جن حضرت سَعْد بن زَيْد اَشْهَلِيّ رضہ کي ويهن سوارن سان گڏ هڪ بت ڀڃڻ لاءِ "مُشَلَّل" ڏانهن روانو ڪيو. (۴) ان بت جو نالو "مَنَات" هو. جنهن کي "اَوْس" ۽ "خزرج" قبيلي جا ماڻهو پوڄيندا هئا. "مُشَلَّل" هڪ جبل جو نالو آهي، جيڪو مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ وات تي قُدَيْد جي ويجهڙائيءَ ۾ هو، هي بت ان جبل تي موجود هو.

---

(۱) شرح علي مواهب " زرقاني جلد ۲ ص ۲۸۵.

(۲) "ياقوت جي خيال مطابق هي هڪ ڪوهہ جو نالو آهي، جيڪو مڪي کان "يمامہ" ڏانهن ويندڙ وات تي هو. جڏهن تہ علامہ سمهوديءَ جي قول مطابق هي مديني جو ويجهو هڪ ماٿريءَ جو نالو آهي. "مجدالدين فيرزآبادي" لکيو آهي تہ "آضَم" هڪ جبل جو نالو آهي. (وفاء الوفا جلد ۳ ص ۱۱۲۷، معجم البلدان ـ ياقوت ج ۱ ص ۲۱۱)

(۳) صحيح بخاري جلد ۲ص ۶۱۲، شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ۲ ص ۲۸۶. اسد الغابہ "ابن الاثير" جلد ۱ ص ۶۵.

(۴) مڪي شريف جي فتح کانپوءِ خدا جي سچي رسول ﷺ پهريان خدا جي گهر کي بتن کان پاڪ ڪيو. ان کانپوءِ مسلمانن جون ننڍيون ننڍيون جماعتون چوطرف بتن کي ڀڃڻ لاءِ روانيون ڪندا رهيا ۽ رمضان جي ئي مهيني ۾ اڪثر مشهور بتن کي ڀڃي پورا ڪيو ويو. شرح علي مواهب "زرقاني" جلد ۲ ص ۳۴۷.



Marfat.com

## (٥٢) سَرِيَّہ خَالِد بن وَلِيد رضہ

هن ئي سال مکي جي فتح کانپوءِ رمضان جي مهيني جي پوري ٽيڻ کان پنج راتيون اڳ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت خَالِد بن وَلِيد رضہ کي ٽيهن سوارن سان گڏ "عُزّيٰ" نالي هڪ بت کي ڊاهڻ لاءِ "نَخلہ" ڏانهن اماڻيو. اها جاءِ مکي جي اوير ۾ هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هئي. حضرت خَالِد رضہ ۽ سندس ساٿي اتي پهتا، ۽ ان بت کي پڃي پورا ڪيائون.

## (٥٣) سَرِيَّہ عَمْرو بن العَاص رضہ

هن سال رمضان جي ئي مهيني ۾ مکي جي فتح کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت عَمْرو بن العَاص رضہ کي "سُوَاع" نالي هڪ بت کي پڃڻ لاءِ "رُهاط" ڏانهن روانو ڪيو. هي بت "هُذَيْل" قبيلي وارن جو هو.

"رُهاط" [1] هڪ وڏي واهڻ جو نالو آهي، جنهن ۾ هي بت رکيل هو. هيءُ ڳوٺ سامونڊي ڪناري لڳ هو ۽ انجو فاصلو مکي کان ٽي ميل ڇيو وڃي ٿو. باقي ان ڳالهہ جي پڪ نہ آهي تہ هي سَرِيَّہ ڪهڙي تاريخ تي روانو ڪيو ويو ۽ ان ۾ ڪيترا ماڻهو شامل هئا جن بت کي پورو ڪيو.

## (٥٤) سَرِيَّہ خَالِد بن وَلِيد رضہ

هن سال مکي جي فتح کانپوءِ ۽ "حُنَين" ڏانهن اسهڻ کان اڳ حضرت خالد بن وليد رضہ جي اڳواڻيءِ ۾ ساڍا ٽي سؤ (٣٥٠) مهاجرن ۽ انصار جو هڪ لشڪر "جَذِيْمَہ" قبيلي وارن ڏانهن موڪليو ويو. هي قبيلو "بَنُو ڪِنَانہ" وارن جو ٻاڙو آهي، جيڪي مکي کان هڪ ڏينهن جي پنڌ تي "يَلَمْلَم" [2] طرف رهندا هئا. هن مقابلي ۾ "بنو جَذِيمَہ" وارن مان ڪافي ماڻهو قتل ٿيا، ۽ ڪيترن کي قيدي بڻايو ويو.

هن موقعي تي حضرت خالد بن وليد رضہ جن ماڻهن تي حملو ڪيو انهن تنهن مهل ئي اسلام قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيو، پر هنن "اَسْلَمْنَا" (اسان اسلام قبول ڪيو) چوڻ بدران "صَبَانَا صَبَانَا" چيو، جنهن جو مطلب آهي تہ اسان پنهنجي (اصلوڪي) دين تان ڦري وياسون.

حضرت خالد بن وليد رضہ کين قتل ڪري ڇڏيو. نبي سونهاري ﷺ جن جي خدمت ۾ جڏهن اهو احوال پهتو، تڏهن ٽي دفعا چيائون، اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَبْرَءُ اِلَيْکَ مِمَّا صَنَعَ خَالِدٌ (اي منهنجا الله خالد جيڪي ڪجهہ ڪيو مان ان کان پاڻ پري رکان ٿو.)

---

(١) "رُهَاط" بنو هذيل وارن جي ڳوٺ جو نالو آهي جيڪو مکي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي هو. معجم البلدان "ياقوت" جلد ٣ ص ١٠٧.

(٢) مکي کان اٽڪل ٤٥ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي يمن ڏانهن ويندڙ واٽ تي "يَلَمْلَم" نالي هيءَ ٽڪري آهي. يمن يا ان طرف کان ايندڙ حاجين لاءِ اهو "ميقات" بہ آهي، جتي هو احرام ٻڌندا آهن. هن ٽڪريءَ جي لڳ هڪ وڏو ڳوٺ آهي جنهن کي "سعديہ" سڏيو ويندو آهي.

جزيرة العرب ـ مولانا محمد رابع ندوي ص ٢٢٨. معجم البلدان ـ ياقوت ج ٥ ص ٤٤١. صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٢٢.



Marfat.com

# فصل انون

هن فصل ۾ سن نائين هجري دوران موڪليل "سرايا" جو ذڪر موجود آهي.

## (٦٠) سَرِيَّہ عيَـيَنـہ بن حِصْن رض

هن سال محرم جي مهيني ۾ عُيَـيْنہ بن حِصُن فَزَارِيءَ رض جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سَرِيَّہ "بنو تَمِيمُ" وارن ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪي مڪي ۽ مديني جي وچ تي "سُقْيَا" نالي ڳوٺ ۾ رهنداَ هئا. "سُقُيَا" هڪ وڏو واهڻ هو، جيڪو فُرع جي پسگردائيءَ ۾ "جُحْفَہ" ڏانهن ويندڙ وات تي سترهن ميلن جي پنڌ تي هو. (١)

حضرت عُيَيْنَہ رض سان گڏ نبي اڪرم ﷺ طرفان پنجاه عرب سوارن جو هڪ جٿو موڪليو ويو، جنهن ۾ مهاجرن توڙي انصار مان ڪوبہ شامل نہ هو.

هن مقابلي ۾ ڪافرن جا يارهن مرد، ايڪيهہ زالون ۽ ٽيهہ ٻار گرفتار ڪيا ويا. (٢)

## (٦١) سَرِيَّہ عَبْدُالله بن عَوْسَجَہ رض

• هن سال صفر جي چند ڏسڻ سان ئي حضرت عَبْدُالله بن عَوْسَجَہ رض جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ جماعت ڪي دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ "بَنُو حَارِث بن عَمْرو" وارن ڏانهن اماڻيو ويو، پر هنن اها دعوت رد ڪري ڇڏي. نبي انور ﷺ سندن حق ۾ پاراتو ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ هو پنهنجا هوش، حواس وڃائي ويٺا ۽ سندن جسم ڏڪڻ لڳا. روايت مطابق اڄ سوڌو ان علائقي ۾ آباد ماڻهو جيڪي ڳالهائين ٿا تہ ان جو مطلب ڪو مشڪل سان سمجهي سگهندو آهي. (٣)

## (٦٢) سَرِيَّہ قُطبہ بن عَامِر اَنصَارِي رض

هن سال صفر جي ئي مهيني ۾ حضرت قُطْبَہ بن عَامِر اَنْصَارِي خزرجي بَدْرِي رض جي اڳواڻيءَ ۾ ويهن ماڻهن جي هڪ جماعت ڪي "بنو خَثْعَم" وارن ڏانهن "يمن" اماڻيو ويو. هو "بِيْشَہ" نالي ڳوٺ ۾ رهندا هئا، جيڪو "تَبَالَہ" شهر جي ويجهڙائي ۾ هو، جنهن جي ٻاهران هڪ مضبوط ڪوٽ بہ ٺڪتل هو. هن مقابلي ۾ مسلمان سوڀارا ٿيا ۽ غنيمت ۾ ڪين اُٺ، ٻڪريون ۽ ڪجهہ عورتون بہ هٿ آيون.

(١) هي سرسبز ۽ آباد علائقو آهي، جتي ڪيترائي باغ بہ آهن. اڄ ڪلهہ هن ماڳ کي "ام البرڪ" سڏيو وڃي ٿو. وفاء الوفا علامہ سمهودي ج ٢ ص ١٢٢٤، جزيرة العرب ص ٢٧٠.

(٢) عُيَينہ بن حصن سان گڏ جيڪي پنجاه ماڻهو هئا، اهي سمورا خالص اعرابي هئا. هو جڏهن مديني پهتا تہ سندن پويان "بنو تميم" طرفان ڏهن ماڻهن جو وفد بہ اچي پهتو. هنن نبي اڪرم ﷺ آڏو اسلام قبول ڪيو. ان ڪانپوءِ سندن قيدي بہ آزاد ڪيا ويا ۽ ڪين انعام اڪرام ڏيئي موٽايو ويو.

شرح مواهب ـ زرقاني ج ٣ ص ٤٣، طبقات ـ ابن سعد جلد ١ ص ٤٩٩.

(٣) شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ٣ ص ٤٨.



Marfat.com

ڪافي سامان هت آيو، جيڪو هن آڻي نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ اوڏيءَ مهل ئي اهو سڀ، مال آڻڻ وارن ۾ ورهائي ڇڏيو.

## (٦٩) بَعثِ اَبُوْ مُوْسيٰ ۽ مُعَاذ بن جَبَل رض

• هن ئي سال يا هڪ ٻي روايت مطابق ڏهين هجريءَ جي ربيع الآخر مهيني ۾ ٻن صحابين ابو مُوْسيٰ آشْعَرِيّ رضہ ۽ مُعَاذ بن جَبَل رضي الله عنهما کي يمن جو والي مقرر ڪيو ويو. يمن جو علائقو جيئن تہ ٻن حصن ۾ ورهايل هو، هڪ مٿانهون حصو ۽ ٻيو هيٺانهون. ان ڪري نبي اڪرم ﷺ جن مٿانهون حصو حضرت مُعَاذ رضہ کي سونپيو ۽ هيٺاهين حصي جو انتظام حضرت اَبُوْ مُوْسيٰ آشْعَرِيءَ رضہ جي حوالي ڪيو ويو. وڃڻ وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪين فرمايو:

يَسِّرَا وَلَا تُعَسِّرَا وَبَشِّرَا وَلَا تُنَفِّرَا. (١)

(سولائي ڪجو، ڏکيائي نہ ڪجو، خوشخبري ٻڌائجو. نفرت نہ ڏيارجو.)

هڪ ڏينهن يمن ۾ فجر جي نماز پڙهائيندي، حضرت مُعَاذ "سورة نساء" جي تلاوت ڪري رهيو هو، پوءِ جڏهن هو هن آيت تي پهتو:

وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرَاهِيْمَ خَلِيْلًا. (٢)

(۽ بڻايو الله ابراهيم کي دوست).

ان تي پنيان بيٺل جماعت مان هڪ شخص چوڻ لڳو:

"ابراهيم جي امڙ جون اکيون ٺريون پيون"

(١) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٢٢، شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ٣ ص ٩٩.

(٢) سورة النساء ٤ آيت ١٢٥.



Marfat.com

# فصل نائون

هن فصل ۾ سن ڏهين هجريءَ جي سرايا جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## (٧٠) سَرِيَّہ خَالِد بن وَلِيدُ رضہ

هن سال ربيع الاول يا ربيع الآخر، يا وري هڪ ٻي روايت موجب جمادي الاول جي مهيني ۾ حضرت خَالِد بن وَلِيدُ رضہ جي اڳوائيءَ هيٺ هڪ "سَرِيَّہ" دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ قبيلي حارث بن ڪعب جي هڪ شاخ بنو عَبد المدان وارن ڏانهن "نَجْرَان" (١) اماڻيو ويو. هي شهر "يمن"۾ آهي.

پاڪ ڪريم ﷺ طرفان حضرت خالد رضہ کي فرمايو ويو تہ هو اتي پهچي قبيلي وارن کي اسلام جي دعوت ڏين. پوءِ جي هو ان دعوت کي قبول ڪن تہ ڪين امان ڏني وڃي نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ انهن

(١) "نجران" ماضيءَ جو هڪ اهڙو مشهور شهر آهي، جنهن جو ذڪر يهودي يوناني، عيسائي، آرامي توڙي اسلامي تاريخن ۾ موجود آهي. پر پوءِ بہ اتان جيڪا معلومات ملي ٿي اها ايتري گهٽي نہ آهي جو هن شهر جي ڪا حقيقي تاريخ مرتب ڪري سگهجي. عام ماڻهن طرفان ڪيتريون ڳالهيون تہ اهڙيون ٺهرايون ويون آهن، جن جي حيثيت افسانوي آهي. باقي آثار قديمہ جي ماهرن ۽ مشهور سيّاحن جيڪا تحقيق ڪئي آهي، ان منجهان اها پروڙ پوي ٿي تہ اسلام جي ابتدائي دور ۾ هي شهر پنهنجي پوري اوج تي هو ۽ سندس ساک ۽ شهرت پري پري تائين پهتل هئي. جيو وڃي ٿو تہ هي شهر يمن جي اتر ۾ "صنعاء" کان اٽڪل ڇهن سَتن ڏينهن جي پنڌ تي آباد هو ۽ هتان جا ماڻهو ڏاڍي خوشحال ۽ پُر امن زندگي گذاريندا هئا.

زراعت، صنعت، تجارت توڙي معدني وسائل جي لحاظ کان شايد ڪو اهڙو شهر هوندو جيڪو "نجران" جو مقابلو ڪري سگهي. خاص طور ڪپڙي، چمڙي ۽ هٿيارن ٺاهڻ جون صنعتون تہ ملڪان ملڪ مشهور هيون.

يمني چادرون ۽ چوغا جن جي شهرت سموري عرب دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙ ۾ ايندي هئي، اهي بہ هتي ئي تيار ٿيندا هئا.

بيهڪ جي لحاظ کان بہ "نجران" ان بين الاقوامي شاهراه تي آباد هو، جتان سڄي دنيا ڏانهن قافلن جي اچ وڃ هر وقت جاري هوندي هئي. هڪ طرف حضر موت کان حجاز تائين تہ ٻئي طرف وري. "يمن" کان "يمامہ" ۽ اتان وري عراق ۽ بحرين تائين ويندڙ قافلا "نجران" مان ئي لنگهندا هئا. شهر جي چوڌاري ڪاري پٿر جو هڪ مضبوط ڪوٽ ٺهيل هو.

يورپ جو مشهور سيلاني Joseph Halvey جنهن ١٨١٠ ڌاري هن شهر بابت کوجنا ڪئي. ان جي راءِ آهي تہ "نجران جو شهر" "مدينة الاخدود" جي ويجهڙائيءَ ۾ ئي آباد هو. جتي ڪاري پٿر واري ڪوٽ جي پٺ ۾ اسلامي دور جي هڪ ڦٽل مسجد جا آثار اڃان سوڌو موجود آهن. باقي هن وقت ان نالي سان ڪوبہ شهر سموري عرب دنيا ۾ ڪٿي بہ موجود نہ آهي.

دائــرة المــعارف اسلامي جلد ٢٢ ص ١٣٧ـ ١٣٣، "معجم البلدان" ياقوت حموي جلد ٥ ص ٢٧١ـ ٢٦٦. "فتوح البلدان" بلاذري ص ٦٨ ـ ٦٤.



Marfat.com

سان جنگ جوڙي وجي. حضرت خالد رضہ طرفان جڏهن انهن کي دين جي دعوت ڏني ويئي تہ هنن اها قبول ڪئي ۽ خالد رضہ طرفان موٽ ۾ کين امانَ بخشي ويئي. (١)

## (٧١) سَرِيَّہ مِقْداد بن اَسْوَد رضہ

هن سال حضرت مِقداد بن اَسْوَد رضہ کي ڪجھ عربن ڏانهن موڪليو ويو. مِقْداد رضہ جڏهن کين ويجهو ٿيو تہ منجهانئن هر هڪ پنهنجي مُنهن وٺي ڀڳو ۽ باقي سندن هڪڙو ماڻهو پٺتي رهجي ويو جنهن وٽ ڪافي مال موجود هو، پوءِ ان ماڻهوءَ مسلمانن کي سلام ڪيو ۽ "لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" بہ پڙهيائين. ان تي حضرت مِقْدَاد سوچيو تہ هيءَ ماڻهو پاڻ کي مجبوريءَ سبب مسلمان ظاهر ڪري رهيو آهي، جيڪو صحيح نہ آهي، انڪري هن کيس قتل ڪري ڇڏيو.

موٽ تي جڏهن اهو احوال پاڻ سڳورن ﷺ جن تائين پهتو، تڏهن حضرت مقداد کي پاڻ وٽ گهرائي سختي سان پڇيائون: "اي مِقْدَاد! تو لَا اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ چوڻ واري هڪ ماڻهو کي قتل ڪيو، ان کان ڪيئن جان ڇڏائيندين" ؟

چيو وڃي ٿو تہ ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:

يَآاَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوْا (٢)

(اي ايمان وارؤ، جڏهن اوهان رب جي رستي ۾ نڪرو تہ پوءِ پوري ڇاڻ رکو.)

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اها آيت مُحَلِّم بن جَثَّامَہ جي باري ۾ نازل ٿي هئي (٣) جنهن جو ذڪر اڳتي هن ڪتاب جي ٽئين ڀاڱي جي ائين باب ۾ اچي رهيو آهي.

## (٧٢) سَرِيَّہ حضرت عَلِي بن اَبُو طَالِب رضہ

هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ حضرت عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ کي ٽي سؤ سوارن سان گڏ هڪ دفعو ٻيهر يمن ڏانهن اماڻيو ويو. (٤) مسلمانن اتي پهچي ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني، جنهن تي هو مقابلي لاءِ تيار ٿيا. هن موقعي تي دشمن جا ويهہ ماڻهو مارجي ويا. باقي ٻيا جان بچائي وٺي ڀڳا ۽ پنهنجي پنيان ڪافي مال ڇڏي ويا. هاڻي حضرت علي سائينءَ کين ٻيهر دين جي دعوت ڏني جيڪا هنن قبول ڪئي،ان ڪانپوءِ کين امان ڏني ويئي.

حضرت علي رضہ جن ڪجھ وقت اتي ترسي پيا ۽ اتان جي رهواسين کي قرآن پڙهائيندا ۽ دين جا حڪم سيکاريندا رهيا، تانجو "حَجَۃُ الْوَدَاعِ" جي موقعي تي اچي مني مرسل ﷺ جن سان گڏيا. (٥)

(١) البداير والنهاير ـ ابن ڪثير جلد ٥ ص ٨٨، سيرة ابن هشام ج ٤ ص ٢٠٤ـ ٢٠٢، دلائل النبوه "بيهقي" جلد ٥ ص ٤١٢ـ ٤١١، شرح علي مواهب "زرقاني" جلد ٣ ص ١٠٢.

(٢) پاره ٥ سورة النساء ٤ آيت ٩٤.

(٣) سيرة ابن هشام ج ٤ ص ٢٣٥، البداير والنهاير ـ ابن ڪثير ج ٤ ص ٢٦ـ ٢٢٤.

(٤) "مغازي" "واقدي" جلد ٣ ص ١٠٧٩، طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ١ ص ٥٠٧.

(٥) شرح علي مواهب للدنيہ ـ زرقاني جلد ٣ ص ١٠٢



Marfat.com

## (٧٣) سَرِيَّہ بَنُو عَبس

هن سال رسول خدا ﷺ جن قريش جي قافلي پٺيان هڪ "سريہ" روانو ڪيو، جنهن ۾ "بنو عبس" وارن جا نَوَ ماڻهو شامل هئا. (١)

## (٧٤) سَرِيَّہ رِعْيَة سُحَيمي

هن سال رسول ڪريم ﷺ جن هڪ "سَرِيَّہ" کي رعيه سُحَيْمِي ڏانهن اماڻيو، جو جو ان وقت تائين هن اسلام قبول نہ ڪيو هو. مسلمانن اتي پهچي سندس سموري مال ملڪيت تي قبضو ڪيو ۽ ٻارن ٻچن کي بہ قيد ڪيائون، پوءِ اهو سڀ ڪجهہ پاڻ سان گڏ آڻي اچي مديني پهتا. ان ڪانپوءِ رِعيَہ بہ سندن پٺيان اچي مديني پهتو، پر ان کان اڳ سندس سمورو مال مجاهدن ۾ ورهائجي چڪو هو.

رِعيَہ پاڻ ڪريم ﷺ جن آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي. ان ڪانپوءِ سندس سمورو مال متاع ۽ ٻار ٻچا ڪيس موٽي مليا. (٢)

رِعيَہ جو اچار "طبري" رُعَيَة سُحَيمي لکيو آهي.

## (٧٥) سَرِيَّہ ابُو اُمَامَہ بَاهِلِيؓ

هن سال حضرت اَبُو اُمَامَہ بَاهِلِي رضہ کي هڪ جماعت سان گڏ دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ سندس ئي قوم بنو باهلہ وارن ڏانهن موڪليو ويو، جن اها دعوت قبول ڪئي ۽ مسلمان ٿيا. ابو اُمَامَہ جو نالو صُدَيَ بن عَجْلَان ٻڌايو ويو آهي. (٣)

---

(١) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٧٩ ء

(٢) "اسد الغابہ" ابن اثير جلد ٢ ص ٧٧-١٧٦

(٣) اسد الغابہ - ابن اثير جلد ٣ ص ١٧



Marfat.com

# فصل ڏهون

هن فصل ۾ سن يارهين هجريءَ دوران موڪليل سرايا جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن فصل ۾ نبي سڳوري ﷺ جن هٿان موڪليل سرايا جي ذڪر سان گڏ ٿورو ذڪر حضرت ابوبڪر صديق رضه هٿان موڪليل "سَرِيَّہ" جو بہ ڪيو ويو آهي.

## (٧٦) سَرِيَّہ جَرِيْر بن عَبدُالله رضه

• هن سال جرير بن عَبدُالله بَجَلِيّءَ رضه کي يمن ڏانهن "ذُوالخَلَصَہ" نالي هڪ مَڙهيءَ کي ڍاهڻ لاءِ موڪليو ويو، جتي بنو خثعم ۽ بنو بَجليہ وارن جو بت رکيل هو. حضرت جَرِيْر جو تعلق بہ ان قبيلي سان هو. ڪافرن هيءَ مڙهي ڪعبت الله جي ضد ۾ جوڙي هئي تہ جيئن ماڻهن جو ڌيان خدا جي گهر کان ڦيرائي "ذُوالخلصہ" ڏانهن ڪجي. هو ان مڙهيءَ کي "ڪعبہ يمانيہ" نالي پنهنجي سڏيندا هئا، ۽ اصلي مکي واري ڪعبي کي "ڪَعْبَہ شَامِيَّہ" چوندا هئا. (١)

زرقاني "شرح عليٰ المواهب اللدنيہ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن حجة الوداع کان مديني موٽي اچڻ کانپوءِ حضرت جَرِيْر رضه کي هن ڪم لاءِ اماڻيو هو. ان ڪري هي واقعو پاڻ سڳورن ﷺ جن جي وِصال کان اٽڪل بہ مهينا اڳ جو آهي. ان مان اها پروڙ پوي ٿي تہ حضرت جَرِيْر رضه جي روانگي يارهين هجريءَ جي محرم مهيني ۾ ٿي هوندي. (٢)

هن سريہ لاءِ نبي سونهاري ﷺ جن حضرت جَرِيْر رضه سان گڏ "اَحْمَس" قبيلي وارن مان هڪ سؤ پنجاه سوار بہ موڪليا هئا، جن ۾ اَبُوْاَرْطَاه رضه بہ شامل هو. هنن ان مڙهيءَ کي ڍاهي پوءِ باهہ ڏني ۽ اتي جيڪي پوڄاري موجود هئا، تن کي قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ "اَبُوْاَرْطَاه" کي اها خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ نبي سڳوري ﷺ جن جي خدمت ۾ اڳوات مديني اماڻيو، جنهن اچي ٻڌايو: "اي الله جا رسول ﷺ! اسان دشمن کي گري ان وانگر ڪري ڇڏيو سون."

خدا جي سچي رسول ﷺ جن اها ڳالهہ ٻڌي ايترو تہ خوش ٿيا جو "اَحْمَس" قبيلي وارن لاءِ پنج دفعا برڪت جي دعا گهريائون. (٣)

هن سوڀ کان پوءِ حضرت جَرِيْر رضه پنهنجي ساٿين سان گڏ مديني ڏانهن موٽي رهيو هو تہ کيس رستي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وِصال جي خبر پيئي (٤).

---

(١) صحيح بخاري شريف جلد ٢ ص ٦٢٤، سيرة نبويہ ـ ابن ڪثير جلد ٤ ص ١٥٢.

(٢) شرح عليٰ مواهب ـ زرقاني ج ٣ ص ١٠٧.

(٣) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٢٤.

(٤) شرح عليٰ مواهب ـ "زرقاني" ج ٣ ص ١٠٧.



Marfat.com

## (٧٧) سَرِيَّہ عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ ۽ خَالِد بن سَعِيد رضہ

هن سال حضرت عَلي بن اَبُوطَالِب ۽ حضرت خَالِد بن سَعِيد بن عَاص رضي الله تعاليٰ عنهما کي هڪ "سَرِيَّہ" سان گڏ "يمن" ڏانهن اماڻيو ويو. ڪين هدايو ويو تہ جيڪڏهن هو لشڪر سان گڏ رهيا تہ سندن اڳواڻ حضرت علي رضہ هوندو، پر جيڪڏهن ڪين الڳ ٿيڻو پيو تہ پنهنجي صحابين مان هرهڪ پنهنجي جاءِ تي اڳواڻ هوندو.

ان کان پوءِ هو يمن پهتا ۽ دشمن جا ڪجهہ ماڻهو قيد ڪري موٽي آيا. (١)

## (٧٨) سَرِيَّہ خَالِد رضہ بن وَلِيد

• هن سال خَالِد رضہ بن وَلِيد کي هڪ سَرِيَّہ سان "بَنُو خَثْعَم" وارن ڏانهن "يمن" موڪليو ويو. خَالِد رضہ جڏهن اتي پهتو تہ "بَنُو خَثْعَم" وارا ڪانئس پناهہ وٺڻ لاءِ سندس آڏو سجدي ۾ ڪري پيا پر حضرت خالد ڪين قتل ڪري ڇڏيو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن تائين جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن انهن جي اڌ ديت پري ڏنائون.

## (٧٩) سَرِيَّہ اُسَامَہ بن زَيْد رضہ

• هن سال صفر مهيني جي پڇاڙيءَ ڌاري حضرت اُسَامَہ بن زَيْد رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سَرِيَّہ "اُبْنيٰ" طرف اماڻيو ويو. هي ماڳ "بَلْقَاء" جي پسگردائيءَ ۾ "شَرَاة" جي سرزمين تي شامي سرحدن اندر هو (٢) نبي سڳوري ﷺ جن هتان موڪليل هي آخري "سَرِيَّہ" آهي. (٣)

صفر مهيني جي ٢٦ تاريخ ڇنڇر جي ڏينهن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن انهن رومين خلاف جهاد جو حڪم ڏنو، جن جي هٿ شام جي حڪومت هئي ۽ ان جي ٻئي ڏينهن يعني آچر جي صبح جو صفر جي ستاويهين تاريخ حضرت "اُسَامَہ رضہ" کي ان لشڪر جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو. اربع رات صفر جي ٺيهين تاريخ رسول خدا ﷺ جن بيمار ٿي پيا، يعني ڪين مٿي جي سور ۽ بخار جي شڪايت ٿي پيئي، پر ان هوندي بہ خميس جي ڏينهن ربيع الاول جي پهرين تاريخ سرڪار مدينہ ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان حضرت اُسَامَہ رضہ لاءِ جهنڊو تيار ڪيو.

حضرت اُسَامَہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪو لشڪر تيار ڪيو ويو، ان ۾ مهاجرن مان سيدنا اَبُوبَڪر صِدِيق رضہ، عُمر بن خَطَّاب رضہ، عُثمَان بن عَفَّان رضہ، اَبُو عُبَيدَہ بن جَرَّاح رضہ، سَعْد بن اَبي وَقَّاص رضہ، سَعِيد بن زَيْد رضي الله تعاليٰ عنهم، ۽ انصارن مان قَتَادہ بن نُعمَان رضہ، سلمہ ابن اَسْلَم بن حريش رضہ، وغيره جهڙا مٿير مرد شامل هئا. (۴)

ان کان پوءِ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ فرمايو: "اُسَامَہ رضہ جي لشڪر کي موڪليو."

---

(١) شرح علي مواهب ـ زرقاني ج٣ ص ١٢٠.

(٢) معجم البلدان "ياقوت" جلد ١ ص ٧٩. شرح علي مواهب ـ "زرقاني" ج ٣ ص ١٠٧.

(٣) روض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ٢۴٦. شرح علي مواهب ـ زرقاني جلد ٣ ص ١٠٧.

(۴) مغازي "واقدي" ج ٣ ص ١١١٨.



Marfat.com

حضرت "اُسامہ رضہ" مني مرسل ﷺ کان موڪلايي مديني کان ٽي ميل ٻاهر، "غابہ" جي پريان يعني "اُحُد" جبل جي پٺين پاسي جُرُف" (١) نالي ماڳ تي اچي پنهنجي ڪيمپ قائم ڪئي تہ جيئن سمورو لشڪر سولائيءَ سان اتي ڪٺو ڪري سگهجي. مسلمان اڃان اتي ئي ترسيل هئا تہ ڪين پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بيماري وڌي وڃڻ جي خبر پهتي. اهو ٻڌندي ئي حضرت ابوبڪر رضہ، عمر رضہ، عثمان رضہ، ابوعبيده رضہ ۽ ساڻن گڏ ڪجهہ ٻين صحابين بہ مديني موٽ ڪاڏي.

سومر جي ڏينهن ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ "اُسامہ رضہ" اتان جهاد لاءِ اُسهڻ جو ارادو ڪيو تہ ڪين اوچتو سچي سرور ﷺ جن جي وصال جي خبر پهتي. اهو ٻڌندي ئي هو پنهنجي ساٿين سميت مديني موٽي آيو.

ان ڪانپوءِ جڏهن سيدنا صديق اڪبر رضہ کي خليفو چونڊيو ويو تہ هن پنهنجي خلافت وارن ڪمن ۾ سڀ کان پهريان " حضرت اُسامہ" جي لشڪر کي رواني ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏو اهتمام ڪيو هو.

حضرت اُسامہ رضہ ربيع الآخر حو چند ڏسي ٽي هزار ماڻهن جي لشڪر سان "جُرُف" کان نڪتو، جنهن ۾ قريش قبيلن جا ست سؤ ماڻهو بہ شامل هئا. جڏهن تہ لشڪر ۾ سواريءَ لاءِ گهوڙن جو تعداد هڪ هزار هو. آخرڪار هي لشڪر پنهنجي منزل تي "اُبنيٰ" پهچي ويو، جتي مشرڪن سان دوبدو مقابلو ٿيو. مشرڪن جا ڪيترائي ناميارا ماڻهو قتل ٿيا. سندن عورتن ۽ ٻارن کي قيد ڪيو ويو. جڏهن تہ سندن مال ملڪيت کي غنيمت طور حاصل ڪيو ويو ۽ جاين، زمينن ۽ باغن کي ساڙيو ويو. مسلمانن جي لشڪر مان ڪنهن جو بہ وار ونگو نہ ٿيو. ان ڪانپوءِ اُسامہ پنهنجي ساٿين ۽ غنيمت سميت صحيح سلامت مديني واپس وريو. ان وقت سندس ڄمار ارڙهن ورهيہ هئي. (٢)

---

(١) "جَرَف" نالي ماڳ مديني جي اتر ۾ اٽڪل ٽن ميلن جي پنڌ تي آهي. هتي حضرت عمر رضہ جي ڪجهہ ملڪيت بہ هئي. معجم البلدان ـ ياقوت ج ٢ ص ١٢٨، وفاء الوفا ـ سمهودي ج ٣ ص ١١٧٥.

(٢) حضرت اُسامہ رضہ جي واپسيءَ تي اميرالمؤمنين سيدنا ابوبڪر صديق رضہ مديني جي ٻاهران اچي حضرت اسامہ بن زيد رضہ جو استقبال ڪيو. شرح علي مواهب ـ زرقاني جلد ٣ ص ١١٢ـ١١١، طبقات الڪبري ـ ابن سعد جلد ٢ ص ١٣٦.



Marfat.com

# ٻاڳو ڀيون

# مدني دور

Marfat.com

Marfat.com

# باب ٽيون

هن باب ۾ غزوات ۽ سرايا کانسواءِ اهڙا ٻيا واقعات بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي هجرت کانپوءِ پيش آيا. هن باب ۾ ڪل ٻارهن فصل آهن.

## فصل پهريون

هن فصل ۾ اهڙن واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي هجرت جي پهرين سال ڏاري پيش آيا.

### حضرت مُصْعَب بن عُمَيْر رض جي مديني روانگي

هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن اڃان مديني ڏانهن هجرت نه ڪئي هئي ته ان کان اڳ حضرت مُصْعَب بن عُمَيْر قُرَشِي عَبْدَرِيءَ رض کي هڪ دفعو وري مديني موڪليائون ته جيئن هو اتان جي ماڻهن کي وحي قرآن به سيکاري ته دين جي ٻين حڪمن بابت ڄاڻ به ڏني. مُصْعَب بن عُمَيْر رض اتي پهچي ماڻهن کي جيڪا تعليم ۽ تربيت ڏني، ان جي نتيجي ۾ اتان جي آباديءَ جو وڏو انگ سندس ئي هٿ تي مسلمان ٿيو. "عَبْدُالاَشْهَل" قبيلي جي سمورن ماڻهن ته هڪڙي ئي ڏينهن سندس دعوت تي اسلام قبول ڪيو ۽ انهن ۾ ڪابه عورت يا مرد اهڙو نه بچيو جيڪو دين جي دائري ۾ داخل نه ٿيو هجي. (١) اهڙو احوال هن ئي ڪتاب ۾ پهرين ڀاڱي جي ٻارهين باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

### پاڪ سڳورن ﷺ جي مديني ڏانهن هجرت

* هن سال رسول انور ﷺ جن مڪي پاڪ کان مديني منوره ڏانهن هجرت ڪئي. هن سَعِيْد سفر ۾ سندن گهاٽگهرو دوست ۽ سڀ کان پهريان تصديق ڪندڙ (مردن منجهان) حضرت ابوبڪر صديق رض، انجو غلام عَامِر بن فُهَيْرَه ۽ هڪ ٽيون شخص به ساڻن گڏ هئا. اهو آخري شخص جيئن ته رستن جو وڏو ڄاڻو هو، انڪري کيس هن سفر ۾ ساڻ کنيو ويو. سندس نالو عَبْدُالله بن اُرَيْقَط ديلي ٻڌايو ويو آهي. (٢)

---

(١) "الدرر" ابن عبدالبر ص ٦٩، "جوامع السيرة" ابن حزم ص ٧٣. المواهب اللدنيه" "قسطلاني" ج ١ ص ٢٨١ / ٢٨٠. دلائل النبوه "ابو نعيم اصفهاني" ج ١ ص ٣٠٨.

(٢) اڪثر راوين اهو نالو "عبدالله بن اريقط" ئي ٻڌايو آهي، جڏهن ته ابن هشام طرفان سندس ولديت "ارقط". ابن اسحاق طرفان "اريقد" ۽ ڪن ٻين طرفان "ارقر" ۽ "رقيط" به ٻڌائي وئي آهي.

"السيرة النبويه" ابن هشام ج ٢ ص ١٢٩. البدايه والنهايه، ابن ڪثير ج ٣ ص ١٧٦. "وفاءالوفا" علامه سمهودي ج ١ ص ٢٣٨. "المعارف" ابن قتيبه" ص ٨٩. "زاد المعاد" "ابن قيم" ص ٨٩. "تاريخ الخميس" "ديار بڪري" ج١ ص ٣٢٤.



Marfat.com

بِهِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ وَكُشِفَتْ بِهِ الظُّلُمَاتُ وَصَلُحَ عَلَيْهِ اَمْرُ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ، اَنْ يَحِلَّ عَلَيَّ غَضَبُكَ اَوْ يَنْزِلَ بِيْ سَخَطُكَ. اَعُوْذُ بِكَ مِنْ زَوَالِ نِعْمَتِكَ وَتَحَوُّلِ عَافِيَتِكَ وَفُجَاءَةِ نِقْمَتِكَ وَ جَمِيْعِ سُخْطِكَ لَكَ الْعُقْبٰي عِنْدِيْ مَا اسْتَطَعْتُ وَمَا تَوْفِيْقِيْ اِلَّا بِكَ وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِكَ.

اي منهنجا سائين، منهنجي هن سفر ۾ مون سان ساڻ هج، منهنجي گهر ٻار جي نگهباني فرماءِ ۽ برڪت عطا فرماءِ مونکي ڏنل رزق ۾، مونکي نيڪ اخلاق سان هلاءِ، مونکي پنهنجي ٻلي ڪر ۽ مونکي ٻين ماڻهن جي ٻلي نہ ڪجانءِ. تون هيڻن جو همراهہ آهين ۽ تون ئي منهنجو مالڪ آهين. پناهہ گهران ٿو تنهنجي مهربان ذات جي، جنهن جي نور سان چمڪي رهيا آهن آسمان ۽ زمين، جنهن سان اونداهين جا پردا کلي پون ٿا ۽ جنهن سان ٺهن ٿا ڪم اڳين ۽ پوين جا. اسان تي نہ پوي تنهنجو غضب ۽ نہ نازل ٿئي ڪا تنهنجي طرفان سختي، مان پناهہ گهران ٿو تنهنجي نعمت ۽ ڏنل عافيت جي کسجڻ کان، اوچتي عذاب نازل ٿيڻ کان ۽ تنهنجي هر ڏمر کان. انجام تنهنجي حوالي آهي، مون وٽ ايتري ئي طاقت آهي، جيڪا تو ڏني آهي. برائيءَ کي ڇڏڻ ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت تنهنجي ئي مدد سان ملي ٿي.

اها دعا حافظ ابونعيم ان ريت پنهنجي سَنَدَ سان روايت ڪئي آهي، (۱) جنهن کي "حافظ ابن ڪثير" پنهنجي ڪتاب "البدايہ والنهايہ" ۾ آندو آهي." (۲)

## غار ثور (۳) ڏانهن روانگي

* هن سال خميس واري رات ربيع الاول جو چنڊ ڏسي نبي اڪرم ﷺ جن مڪي کان "غار ثور"

---

(۱) "ڪنز العمال" ۾ سيده عائشہ رضہ کان هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن بہ ڪنهن سفر جو سانباهو ڪندا هئا، تڏهن وضو ساري ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪري ڪعبي طرف منهن ڪري پوءِ اها دعا پڙهندا هئا. اها دعا لفظن جي معمولي اختلاف سان هيٺين ڪتابن ۾ بہ نقل ڪئي ويئي آهي.

"ڪنز العمال" علي متقي هندي ج ٦ ص ٧٣٢. سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ٣ ص ٢٤٣. "المصنف" عبدالرزاق ج ٥ ص ١٥٦.

(۲) "البدايہ والنهايہ" حافظ ابن ڪثير ج ٣ ص ١٧٧ _ ١٧٦.

(۳) "جبل ثور" مڪي کان اٽڪل چار پنج ميل پريرو ٿيندو، جنهن جي چوڌاري ٻيا بہ ڪيترائي جبل آهن. اهي سمورا جبل جيتوڻيڪ بيهڪ ۽ بناوت ۾ هڪ جهڙا لڳن ٿا، پر پوءِ بہ "ثور" سيني ڪان مٿانهون آهي. هڪ عام راءِ مطابق هن جبل جي اوچائي هڪ ميل کن ٿيندي.

"غار ثور" جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سيدنا ابوبڪر صديق رضہ سان گڏ ٽي راتيون ترسيا. اها هن جبل جي چوٽيءَ تي آهي، جتي چڙهڻ لاءِ رستو تمام اٿانگو ۽ ٿڪائيندڙ آهي. ٽن ڇئن ڪلاڪن جي لڳاتار پنڌ ڪانپوءِ ماڻهو مس مٿي پهچي سگهي ٿو. هن سفر ۾ خاص طور گرميءَ جي موسم ۾ پاڻي پيئڻ جي سخت ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ان ڪري زائرين هن غار ڏانهن ويندي ڪجهہ ڪاڌي پيتي جو سامان بہ ساڻ ڪندا آهن.



Marfat.com

رسول انور ﷺ جن هجرت واري سفر جي آخري منزل هن جاء تي ٿي ڪئي ۽ ان کانپوءِ مديني پهتا. "قُبا" ۾ قيام ڪندي پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان هڪ مسجد جو بنياد رکيو. جنهن کي "اسلام جي پهرين مسجد" سڏيو ويندو آهي. هن مسجد متعلق الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ فرمايو؛

لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَي التَّقْوٰي مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ

"هيءَ اها مسجد آهي جنهن جو پايو پهرين ڏينهن کان پرهيزگاريءَ تي رکيو ويو."

ان کانسواءِ حديث جي ڪتابن ۾ به هن مسجد جي فضيلت بابت ڪافي روايتون موجود آهن.

مشهور محدث سليمان بن احمد طبراني پنهنجي ڪتاب"المعجم الڪبير" ۾ سهل بن حنيف رضہ کان هڪ روايت هن ريت نقل ڪئي آهي؛

جيڪو شخص به پنهنجي گهران وضو ساري نڪري ۽ مسجد قبا ۾ اچي نماز ادا ڪري ته ان لاءِ "عمري" جو ثواب آهي."

اهڙيءَ ريت "منتخب ڪنز العمال" ۾ جيڪا روايت نقل ڪئي ويئي آهي، ان جو مفهوم هيٺينءَ ريت آهي: "جنهن به "مسجد قبا" ۾ سومر ۽ خميس وارن ڏينهن تي نماز ادا ڪئي ته ان کي "عمري" جو ثواب ملندو." اهڙيءَ ريت ڪجهه روايتن ۾ ٻين ڏينهن جو ذڪر به موجود آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي هن مسجد توڙي هتان جي رهاڪن سان بي پناهه پيار هو. هڪ روايت مان اها به پروڙ پوي ٿي ته نبي انور ﷺ جن گهڻو ڪري اربع واري ڏينهن تي پيرين پنڌ مديني کان هلي هتي پهچندا هئا ۽ پوءِ "مسجد قبا" ۾ نماز ادا ڪندا هئا ۽ هتان جي ماڻهن سان ڪچهري به ڪندا هئا. اهو سلسلو ڪائنات پوءِ به مديني جي ماڻهن جاري رکيو ۽ وٽن اڄ تائين جاري آهي. اڄ به مديني کان ڪيترا ماڻهو خاص طور "مسجد قبا" ۾ نماز ادا ڪرڻ لاءِ مختلف ڏينهن تي هتي پهچندا آهن.

هيءَ متبرڪ مسجد اڄ سوڌو ان ساڳيءَ جاءِ تي قائم آهي، جتي سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان هن جو بنياد رکيو هو. باقي مختلف موقعن تي مسجد جي تعمير ۽ توسيع ٿيندي رهي آهي. هن مسجد جي نهايت خوبصورت تعمير عثماني سلطنت جي دور ۾ سلطان عبدالحميد جي پٽ سلطان محمود ثانيءَ جي طرفان ١٢٤٥ع ڌاري ٿي ۽ اهو سن مسجد جي دروازي مٿان هڪ پٿر تي به اڪريل هو.

١٣٨٨ هجريءَ ڌاري سعودي حڪمران شاهه فيصل بن عبدالعزيز، "مسجد قباءَ جي نئين سر اڏاوت جو حڪم ڏنو. جنهن لاءِ هڪ نهايت نفيس ۽ خوبصورت نقشو تيار ڪيو ويو ۽ اتر طرف مسجد کي وڌايو ويو. ان جي نتيجي ۾ هڪ نهايت عاليشان ۽ وڻندڙ عمارت تيار ٿي ويئي. ان کانپوءِ وري موجوده حڪمران شاهه فهد بن عبدالعزيز به هن مسجد جي ڪم کي گهڻو اڳتي وڌايو ۽ بي حساب رقم ۽ محنت سان هن مسجد جي خوبصورتيءَ ۾ گهڻا اضافا ڪيا. ١٤٠٥هہ تائين اهو ڪم جاري رهيو. هينئر هيءَ مسجد مڪمل آهي ۽ هن جو شمار ملڪ جي خوبصورت ترين مسجدن ۾ ٿيندو آهي. جنهن ۾ ويهه هزار ماڻهو هڪ ئي مهل نماز ادا ڪري سگهن ٿا.

هن مسجد جي اندر جيڪو ڪاٺيءَ جو منبر آهي، ان تي به نهايت نفيس ۽ خوبصورت ڪم ٿيل آهي. اهو تيونس جي حڪومت تيار ڪرائي موڪليو هو. مسجد کي ٽي دروازا آهن، جن مان ٻه اولهه طرف ۽ هڪ اتر پاسي جيڪو عورتن جي لاءِ آهي. اولهه پاسي کان هڪ باغ به رکيو ويو آهي، جنهن ۾ "اريس" نالي اهو مشهور کوهه به آهي، جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي منڊي مبارڪ حضرت عثمان رضہ کان ڪري پيئي ۽ پوءِ وري هٿ نه آئي. ان کوهه جو پاڻي گهڻي عرصي تائين ماڻهو استعمال به ڪندا رهيا ته پنهنجي باغن کي به ڏيندا رهيا. ان کوهه جي مٿان پڪو ڇپرو به ٺهيل آهي، پر هاڻي گهڻي ڀاڱي ماڻهو ٽيوب ويل جو پاڻي استعمال ڪن ٿا. جيڪو اتي لڳايو ويو آهي. مسجد جي چوڌاري ڪجين جا وڻ ۽ ان جي آسپاس ڪافي جايون به ٺهي ويون آهن. ڇو جو مديني جي آبادي هاڻي "قبا" تائين پهچي ويئي آهي.



Marfat.com

جمعي جو ڏينهن ۽ ربيع الاول مهيني جي ٽيويهين تاريخ هئي. ان حساب تي سموريون روايتون صحيح بيهنديون ۽ ڪوبہ مونجهارو باقي نہ بچندو.

هڪ ٻي روايت ۾ وري نبي سونهاري ﷺ جن جو "قُبَاءَ" ۾ چار راتيون ترسڻ ۽ سورهين ربيع الاول جمعي جي ڏينهن مديني پهچڻ ٻڌايو ويو آهي، پر جيئن تہ "شامي" ۽ ڪن ٻين طرفان پاڻ ڪريم ﷺ جن جو مديني پهچڻ ٻارهين ربيع الاول سومر جي ڏينهن ٻڌايو ويو آهي [1] تہ پوءِ ان مونجهاري کي دور ڪرڻ لاءِ اهو ضروري ٿو ٿئي تہ ان جو مطلب قُبا ۾ پهچڻ ٿي سمجهيو وڃي.

## حضرت اَسماءُ رضہ لاءِ "ذَاتُ النِّطَاقَيْن" جو لقب

* هن سال هجرت واري رات جو واقعو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪي کان "غار ثور" ڏانهن اسهڻ کان اڳ سيدنا ابوبڪر صديق رضہ جن جي جاءِ تي آيا ۽ پوءِ اتان گڏجي نڪرڻ جي سِٽ سِٽيائون. ان موقعي تي سيدنا صديق رضہ جي گهر وارن هن سفر لاءِ سامان تيار ڪيو. ڪاڌي پيتي جون شيون هڪ ڳوٿريءَ ۾ وڌيون ويون ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي هڪ ڪليءَ ۾ رکيو ويو. رات جي اويلي مهل ڪليءَ ۽ ڳوٿريءَ جي منهن ٻڌڻ لاءِ جڏهن ڪا بہ اهڙي شيءِ هٿ نہ آئي، تڏهن حضرت ابوبڪر رضہ جي نياڻي حضرت اسماء رضہ پنهنجو هڪ "نطاق" [2] يعني پَٽو ڪٽي آئي، جنهن کي ڦاڙي بہ اڌ ڪيائين، پوءِ انهن مان هڪ اڌ سان ڳوٿريءَ جو ۽ ٻئي اڌ سان ان ڪلي جو منهن ٻڌي بند ڪيائين. ان ڪري نبي اڪرم ﷺ جن ڪيس "ذَاتُ النِّطَاقَيْن" يعني ٻن پَٽن واريءَ جو لقب عطا فرمايو. [3]

## غَارِ ثَور ۾ داخل ٿيڻ

* هن سال نبي سائين ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان گڏ "غار ثور" ۾ اندر داخل

---

مسجد جي اڱڻ ۾ ساڄي پاسي کان ان جاءِ جي بہ نشاندهي ڪئي ويئي آهي. جتي "لمسجد اسس علي التقوىٰ" واري آيت نازل ٿي ۽ ان جي پرسان اها جاءِ آهي، جتي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڏاچي ويٺي هئي.

فضيلت جي لحاظ کان مسجد الحرام، مسجد نبوي ﷺ ۽ مسجد اقصيٰ کانپوءِ هن مسجد جو مقام ٻڌايو ويو آهي.

تاريخ المدينہ "ابن شبہ" ج ١ ص ٤٤ ـ ٤٠. "معجم مااستعجم" عبدالله بکري ج ٣ ص ٤٦ / ١٠٤٥. "وفاء الوفا" علامہ سمهودي ج ٣ ص ٨٥ ـ ١٢٨٤. سبل الهديٰ والرشاد شامي ج ٣ ص ٢٦٧. تاريخ معالم المدينة المنوره "سيد احمد ياسين" ص ١٢١ / ١١٧. سفر نامہ ارض القرآن محمد عاصم ص ٢٤ / ٢٢٣. الدرالثمين "محمد غالي شنقيطي" ص ١٢٣ / ١٢٠. جزيرة العرب محمد رابع ندوي، ص ٥٥ / ٢٥٤.

(١) "سبل الهديٰ والرشاد في سيرة خير العباد" ابو عبدالله شامي ج ٣ ص ٢٥٣.

(٢) عرب ۾ نطاق يا منطق اهڙي ڪپڙي جي پٽي کي سڏيو ويندو آهي، جنهن سان عورتون پنهنجي لباس کي چيلهہ وٽ ڏيڍ ڳنڍ ڏيئي ٻڌنديون آهن. اهو پٽو ايترو ڊگهو ٿيندو آهي، جو ڳنڍ ڏيڻ کانپوءِ بہ ان جو هڪ حصو گوڏن تائين ۽ ٻيو پيرن تائين هيٺ لڙڪندو آهي. رات جي اويلي مهل حضرت اسماء رضہ پنهنجي اهڙي قسم جي هڪ "نطاق" کي بہ اڌ ڪري استعمال ڪيو. جنهن ڪري رسول انور ﷺ طرفان ڪيس اهو خطاب مليو. "النهايہ" ابن الاثير ج ٥ ص ٧٥.

(٣) "صحيح بخاري ج ٢ ص ٣٣٢. سيرة ابن هشام ج ٣ ص ١٣١. الطبقات "ابن سعد" ج ١ ص ٢٢٩. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٢ ص ٤٧٤. سبل الهديٰ والرشاد شامي ج ٣ ص ٢٢٩. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ١ ص ٢٠٠.



Marfat.com

ٿيا ۽ ڪين اتي ٿي راتيون ترسڻو پيو، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

* هن رات ان غار جي مٿان هڪ ڪوريئڙي تاڃي اُڻي ڇڏي، اهو رسول خدا ﷺ جن جو معجزو آهي. (١)

## ڪبوتريءَ جا آنا لاهڻ

اهو به پاڻ ڪريم ﷺ جن جو معجزو آهي، جو هن رات ڪبوترن جي هڪ جوڙي ان غار جي منهن وٽ پنهنجو آکيرو ٺاهيو ۽ ان ۾ ڪبوتريءَ آنا لاٿا. (٢) ڪوريئڙن ۽ ڪبوترن جا اهي ڪارناما ڏسي ڪافر اهو سوچي به نه سگهيا ته هتي ڪو ماڻهو موجود ٿي سگهي ٿو. (٣) جيئن "قصيده برده" ۾ شرف الدين بوصيريءَ فرمايو آهي:

ظَنُّوا الْحَمَامَ، وَظَنُّوا الْعَنْكَبُوْتَ عَلٰى،
خَيْرِ الْبَرِيَّةِ لَمْ تَنْسُجْ وَلَمْ تَحُمِ.

"ڪافرن کي گمان ٿيو ته جيڪڏهن نبي ڪريم ﷺ جن غار ۾ موجود هجن ها ته ان جي در تي ڪوريئڙو تاڃي نه ڪڍي ها ۽ نه وري اتي ڪا ڪبوتري آنا لاهي ها."

## غار ۾ نانگ جو واقعو

* هن رات مني مرسل ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو به ظاهر ٿيو. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان گڏ غار ۾ گهڙڻ جو ارادو ڪيو ته حضرت ابوبڪر رضہ فرمايو:

"اي الله جا رسول ﷺ، خدا جو قسم هيڏي اونداهي رات ۾ اوهان مون کان اڳ هن غار ۾ نه وڃو. پهريان آءُ ٿو اندر وڃان ته جي اتي ڪو نانگ بلا يا ڪو ٻيو موذي موجود هجي ته اهو اوهان

---

(١) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٢٩٨. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٢ ص ٢٤١. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٣٢٧.

(٢) هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪبوترن جي جنهن جوڙي "غار ثور" جي منهن وٽ آکيرو ٺاهي ان ۾ آنا لاٿا. خدا تعاليٰ انهن جي نسل کي قائم رکيو ۽ هن وقت "حرم شريف" ۾ جيڪي ڪبوتر نظر ايندا آهن، اهي انهي جوڙي جي نسل مان آهن. "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ١ ص ٢٩٣. "البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ٣ ص ١٨٠. "روض الانف" "سهيلي" ج ٢ ص ٢٢٣. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٣٢٧.

(٣) ان ڏس ۾ بلاذري پنهنجي تاريخ ۾ ۽ ابوسعيد "شرف النبوة" ۾ هڪ روايت نقل ڪئي آهي ته، "مڪي جي مشرڪن نبي ڪريم ﷺ جن کي تلاش ڪرڻ لاءِ هڪ مشهور پاڳي به پاڻ سان گڏ ڪنيو، جنهن کي ان ڪم لاءِ چڱي رقم به ادا ڪيائون. ان پاڳيءَ جو نالو علقمہ بن ڪُرز بن هلال خزاعي ٻڌايو ويو آهي. هي شخص پيرا ڪڻندي غار ثور تائين پهتو. پر اتي اچي منجهي پيو ۽ چوڻ لڳو ته، "مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي ته هتي پهچڻ وارا پوءِ ساڄي ويا يا کاٻي يا وري جبل جي مٿان؟" آخر جڏهن غار جي منهن وٽ پهتا، تڏهن اميہ بن خلف چوڻ لڳو: "هن غار ۾ ڇا پيا ڏسو؟ جنهن ۾ ڪوريئڙي جو ڄار ٻڌائي ٿو ته اهو محمد ڪريم ﷺ جن جي جنم کان به اڳ جو آهي." اهو پاڳي علقمہ بن ڪُرز فتح مڪہ جي موقعي تي مسلمان ٿيو هو. بحوالہ سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٢ ص ٢٤١.



Marfat.com

رسول خدا ﷺ جن هجرت جي سفر ۾ مديني ڏانهن ويندي پنهنجي ٻن ساٿين سان گڏ جڏهن "ام معبد" جي خيمن وٽان لنگهيا، تڏهن اتفاق سان اهو ڏڪار جو زمانو هو. ماڻهن وٽ کاڌي پيتي جي شين جي اڻاڻ هئي، انڪري هن مائيءَ وٽ به مهمانن لاءِ پاڻيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به موجود نه هو. جنهن سان هوءَ پري کان ايندڙ هنن معزز مهمانن جي تواضع ڪري سگهي. هڪ خيمي جي ڪنڊ ۾ اها ڏٻري ٻڪري ٻڌل هئي، جيڪا پنهنجي ڪمزوريءَ سبب ڌڻ سان وڃڻ جي لائق به نه هئي، ڇو ته اهو سوڪهڙي جو زمانو هو. آسپاس ته ڪو گاهه پٽو ڪونه هو ۽ ٻڪرين جي چاري لاءِ پري پري تائين وڃڻو پوندو هو ۽ ميءَ ٻڪري ان پنڌ جي قابل نه هئي. ام معبد جي اجازت سان سرور ڪائنات ﷺ جن ان ٻڪريءَ جي ڇيٿيءَ تي پنهنجو مبارڪ هٿ گهمايو ۽ پنهنجي پالڻهار کان دعا گهري. بس پوءِ ته اوڏيءَ مهل ئي ٻڪريءَ جو اوهه کير سان ڇلڪڻ لڳو.

ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان کير ڏهي ڀريان ام معبد کي، پوءِ پنهنجي ساٿين کي پياريو ۽ آخر ۾ پاڻ به پيتائون ۽ هڪ ٻيو ٿانءُ ڀري ام معبد جي حوالي ڪري وري پنهنجي منزل ڏانهن منهن ڪيائون.

شام جي مهل جڏهن ام معبد جو مڙس ٻڪرين جي ڌڻ سميت گهر پهتو ته سندس نگاهه کير جي ان ڀريل ٿانوَ تي پيئي. حيران ٿي معبد جي ماءُ کان پڇيائين: "هي کير ڪٿان آيو جڏهن ته هن دور ۾ کير جي اڻاٺ آهي، ٻيو ته گهر ۾ ڪا کير ڏيندڙ ٻڪري به موجود نه هئي؟"

جواب ۾ ام معبد ان مبارڪ هستيءَ جو سربستو احوال مڙس کي ٻڌايو ۽ ان سان گڏوگڏ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي سموري سراپا اهڙي ته انوکي انداز ۾ بيان ڪيائين، جنهن شاعرن کي شهه ۽ مصورن کي مات ڏيئي ڇڏي آهي.

زبان ۽ بيان جا ماهر هڪ اعرابي عرب عورت جي زبان داني توڙي اندازِ بيان تي حيران آهن. هڪ اڻ ڄاتل مهمان جنهن ڪجهه وقت ئي وٽس گذاريو، ان جي صورت ۽ سيرت جي هر نقش کي هن ڪيئن پنهنجي دل جي ڪانويس Convas تي منتقل ڪيو ۽ پوءِ ان کي لفظن جو وڳو ڍڪائي پنهنجي مڙس آڏو پيش ڪيائين.

ايتري مختصر عرصي ۾ اهڙو پورٽريٽ نه ڪنهن مصور کان ٺهي سگهندو ۽ نه اهڙو پروفائل ڪنهن سوانح نگار کان.

ام معبد جي پيش ڪيل ان مختصر مگر مائيدار سراپا کي اڪثر مؤرخن، محدثن ۽ سيرت نگارن لفظن جي معمولي اختلاف سان نقل ڪيو آهي، جنهن جو سنڌي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو. عربي زبان جا صحيح مترادف نه ملڻ سبب ڪن جاين تي هڪ جي بجاءِ ٻه لفظ به استعمال ڪيا ويا آهن.

ترجمو:

اڄ منهنجي اکين ظاهر ظهور هڪ سونهن ۽ سوڀيا وارو شخص ڏٺو.

جنهن جو منهن مٺيادار<br>
وڻندڙ عادتون ۽ اطوار

نه وڏي پيٽ جو عيب، نه ننڍي مغز جي خامي<br>
سهڻو من موهڻو، دلين جو قرار اکين جو ٺار

سندس اکيون روشن، ڪجليون ۽ ڪاريون<br>
پنبڻيون ڊگهيون گهاٽيون، ڀرون سنهيون ۽ شان واريون

آواز سريلو ۽ وڻندڙ، ڪچي ڊگهي ۽ چمڪدار<br>
ڏاڙهي سهڻي ۽ گهاٽا وار



Marfat.com

واٽ ورتائون. [۱]

ان ڏينهن کان وٺي اها ٻڪري صبح ۽ شام اوترو ئي کير ڏيندي رهي ۽ اهو سلسلو ارڙهين هجري يعني حضرت عمر رضہ جي خلافت تائين جاري رهيو. [۲] جنهن کي "عَامُ الرَّمَادَه" سڏيو ويندو آهي. [۳]

اهو ٻ سيد المرسلين ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

## سُرَاقَہ بن مالڪ جو واقعو

* هن سال مديني ڏانهن هجرت واري سفر ۾ نبي انور ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو ٻ ان وقت ظاهر ٿيو. جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن "غار ثور" کان نڪري مديني جو رخ ڪيو، تڏهن ڪيترائي ڪافر سندن تلاش ۾ هيڏي هوڏي ڦري رهيا هئا. ڇو جو ابوجهل ۽ ٻين ڪافرن خذلهم الله طرفان نبي ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن جي سر جي قيمت هڪ سؤ اُٺَ مقرر ڪئي ويئي هئي. يعني انهن ٻنهي منجهان ڪنهن ٻ هڪ کي يا ٻنهي کي ماري يا گرفتار ڪري جيڪو ٻ آڻيندو تہ ان کي مٿيون انعام ڏنو ويندو.

انعام جي لالچ ۾ سُرَاقَہ بن مالڪ بن جُعْشُمْ مُدْلِجِيْ نالي هڪ نوجوان نڪتو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جنهن وقت "اُمِّ مَعْبَد" جي خيمي مان روانا ٿيا، تڏهن "سُرَاقَہ" جي نظر مٿن پيئي. اهو ڏسي هن پنهنجو گهوڙو سندن پويان ڊوڙايو. پوءِ جڏهن ٻن يا ٽن نيزن جيتري وڇوٽي بچي، تڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ چوڻ لڳو:

"اي الله جا رسول ﷺ! هي دشمن اسان تائين پهچي ويو".

ان موقعي تي خدا جي پياري رسول ﷺ جن هيءَ دعا گهري:

## اَللّٰهُمَّ اكْفِنَا بِمَا شِئْتَ

پوءِ سراقہ جي گهوڙي جون ٽنگون گوڏن تائين، يا هڪ ٻي روايت مطابق پيٽ تائين ان پٿريلي زمين ۾ پيهي ويون.

## ان دعا ڪانپوءِ

اهو ڏسي "سراقہ" رڙ ڪندي چيو، "اي محمد ﷺ، مون مڃيو تہ هي حالت اوهان جي سبب ٿي آهي، الله جل شانه کان اوهان دعا گهرو تہ مونکي ڇوٽڪارو ملي. مان نہ وري ڪڏهن اهڙو ڪم ڪندس ۽ نہ پوين کي اوهان جو ڏس پتو ڏيندس."

---

(۱) مسند احمد ابن حنبل ج ٦ ص ۴۵۴. "دلائل النبوة" ابونعيم ج ۲ ص ۲۲۸. سنن دارمي ج ۲ ص ۱۲۲. "سنن ڪبريٰ" بيهقي ج ۷ ص ۲۸. "دلائل النبوة" "بيهقي" ج ۱ ص ۲۸۷. "الروض الانف" "سهيلي" ج ۲ ص ۲۲۵. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۲ ص ۵٦.

(۲) "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ۱ ص ۲۰۲/۲۰۴. "سبل الهديٰ والرشاد" "شامي" ج ۲ ص ۲۴۵.

(۳) عربي زبان ۾ "رماده" رک کي سڏيو ويندو آهي، هن سال کي "عام الرماده" انڪري سڏيو ويجي ٿو جو هن سال ملڪ ۾ سخت ڏڪار پيو هو ۽ اناج جي اڻاٺ سبب ماڻهو بکون ڪاڻ لڳا، جنهن سبب سندن رنگ رک جهڙا ٿي ويا هئا. النهايہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲٦۲. انساب الاشراف "بلاذري" ج ۱۰ ص ۲۹۲.



Marfat.com

ان موقعي تي رحمت للعالمين ﷺ جن "سُرَاقَہ" لاءِ دعا گهري، جنهن ڪانپوءِ سراقہ جي جان ڇٽي ۽ هن اتان ئي پويان پير ڪيا. (١)

"سُرَاقَہ" ان موقعي تي تہ مسلمان نہ ٿيو هو. هن اسلام مڪي جي فتح ڪانپوءِ ان وقت قبول ڪيو، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن غزوه حنين کان موٽي مديني پهتا هئا.

## بُرَيْدَہ بن حُصَيْب جو اسلام قبول ڪرڻ

* هجرت جي هن سفر ۾ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني جي ويجهو پهتا تہ رستي ۾ "بُرَيْدَہ بن حُصَيْب اَسْلَمِيؓ" پنهنجي قوم جي اٽڪل اسي ماڻهن سان گڏ ساڻن مليو. هي مڪي ۽ مديني جي وچ تي رهندا هئا. ابوجهل ۽ مڪي جي ٻين ڪافرن "بُرَيْدَہ" وارن ڏانهن نياپو ڪيو هو تہ جيڪڏهن هو نبي انور ﷺ جن کي قتل ڪندا تہ کين انعام ۾ هڪ سؤ اُٺَ ڏنا ويندا. ۾ هو جڏهن خدا جي پياري رسول ﷺ جن سان مليا ۽ سندن منهن مبارڪ ۾ نبوت جو نور ڏٺائون ۽ سندن برڪت ڀريون ڳالهيون ٻڌائون، جنهن جي ذريعي هو ماڻهن کي خدا جي توحيد ۽ سچي دين جي دعوت ڏيئي رهيا هئا تہ بُرَيْدَہ رضہ پنهنجي سموري ساٿين سميت اتي ئي سندن هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ حضرت بُرَيْدَہ رضہ ۽ سندس ساٿي رسول انور ﷺ جن کي مديني تائين ڇڏڻ ساڻن گڏ آيا ۽ مانائتن مهمانن کي سندن منزل تائين پهچائي وري پنهنجي وٿاڻن تي واپس وريا.

حضرت بُرَيْدَہ رضہ غَزْوَہ اُحُد ڪانپوءِ مديني ڏانهن هجرت ڪئي هئي. (٢)

## مديني ۾ پهرين مسجد جي اڏاوت

* هن سال پاڻ سڳورا ﷺ جن مديني پهچڻ کان اڳ اچي قبا ۾ لٿا ۽ اتي ڏهن راتين کان مٿي ترسيا (٣)

---

(١) "سراقہ" بابت تفصيلي روايت سندس ڀائٽي عبدالرحمن بن حارث بن مالڪ مدلجي کان "ابن شهاب زهري" نقل ڪئي آهي. جنهن کي "حافظ ابن ڪثير" ۽ ٻين پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي، جن مان ڪجهہ نالا هيٺ ڏجن ٿا.

"المعجم الڪبير" "طبراني" ج ٧ ص ١٥٨. "البدايہ والنهايہ" "ابن ڪثير" ج ٣ ص ١٨٣ـ ١٨٢. "سبل الهدي والرشاد" "شامي" ج ٣ ص ٢٥٢ ـ ٢٤٨. "دلائل النبوة "بيهقي" ج ٢ ص ٤٢٩ ـ ٤٨٣. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٥٥. "عيون الاثير" "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٣٠١.

(٢) "اسد الغابہ" "ابن الاثير" ج ١ ص ١٧٥/١٧٦. شرح "علي المواهب اللدنيہ" "زرقاني" ج ١ ص ٣٥٠ ـ ٣٤٩. "سبل الهدي والرشاد" "شامي" ج ٣ ص ٢٥٢.

(٣) نبي ڪريم ﷺ جن جي "قبا" ۾ قيام بابت روايتن ۾ اختلاف آهي. هن ڏس ۾ ٽن راتين کان وٺي ارڙهن راتين تائين قيام جون روايتون اسان تائين پهتيون آهن. "موسيٰ بن عقبہ" ۽ ابن عباس جي روايتن ۾ ٽي راتيون ٻڌايون ويون آهن، جڏهن تہ ابن اسحاق ۽ ابن حبان جي روايتن ۾ وري سومر ـ اڱاري ـ اربع ـ خميس ۽ جمعي جون راتيون قبا ۾ ترسڻ ۽ اتان روانو ٿيڻ ٻڌايو ويو آهي. بهرحال اڪثريت جي راءِ ڏهن راتين کان مٿي وارين روايتن تي آهي. "امام بخاري" پنهنجي "صحيح" ۾ بہ ابن شهاب زهري کان عروه بن زبير جي جيڪا روايت نقل ڪئي آهي، ان ۾ ڏهن راتين کان ڪجهہ مٿي ۽ حضرت انس رضہ جي روايت ۾ وري چوڏهن راتيون ترسڻ ٻڌايو ويو آهي.

"السيرة النبويہ" حافظ ابن ڪثير ج ٢ ص ٢٩٢. صحيح بخاري ج ٢ ص ٢٣٣. سبل الهدي والرشاد شامي ج ٣ ص ٢٦٩. سيرة ابن حبان ص ١٤١.



Marfat.com

انهيءَ وچ ۾ اتي هڪ مسجد جوڙائي راس ڪيائون، جنهن جي اڏاوت جو سمورو ڪم پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي صحابين سان گڏجي ڪيو. اسلامي تاريخ ۾ سڀ کان پهريان هيءَ مسجد جوڙي وئي، جيئن خدا تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ فرمايو آهي:

لَمَسْجِدٌ أُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ أَوَّلِ يَوْمٍ أَحَقُّ أَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ. [1]

(جا مسجد پهرين ڏينهن پرهيزگاريءَ تي اڏائي وئي آهي، تنهن ۾ توکي بيهڻ (يعني نماز پڙهڻ ۽ پڙهائڻ) وڌيڪ لائق آهي.

معلوم ٿيو ته مسجد جي اڏاوت سبب ئي نبي ڪريم ﷺ جن کي قبا ۾ ڏهن ڏينهن کان مٿي ترسڻو پيو هو.

## جمعي جي پهرين نماز

* هن سال نبي انور ﷺ جن پهريون دفعو بنو سَالِم بن عَوْف وارن سان گڏ سندن ڳوٺ ۾ جمعي جي نماز ادا ڪئي ۽ خطبو ڏنو. انڪري هن جاءِ تي بعد ۾ مسجد جوڙائي وئي، جنهن کي "مسجد جمع" سڏيو ويجي ٿو. هن موقعي تي جيڪو خطبو پڙهيو ويو، انکي سيرت گازروني ۽ سيرت جي ٻين ڪتابن ۾ نقل ڪيو ويو آهي. هي مسجد "قُبا ۽ مديني" جي وچ تي اڄان سوڌو پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. ١١٣٦ هجريءَ ڌاري اسان کي هن مسجد جي زيارت جو موقعو مليو، هينئر هن مسجد کي نئين سر اڏايو ويو آهي. [2]

(١) سورة "توبہ" پاره ١١ آيت ١٠٨.

(٢) بنو سالم بن عوف وارن جي هن ڳوٺ جو نالو "قبيب" ٻڌايو ويو آهي، جيڪو مديني شريف ۽ قبا جي وچ تي وادي "صلب" ۾ آباد هو. هن واديءَ کي "وادي رانوناء" بہ سڏيو ويندو آهي. جنهن جو فاصلو قبا کان هڪ ڪلو ميٽر کن ٿيندو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن "قبا" ۾ ترسڻ کانپوءِ مديني جو رخ رکيو تہ اهو جمعي جو ڏينهن هو ۽ جڏهن سندن سواري هن جاءِ تان لنگهي، تڏهن مقامي ماڻهن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن کي هتي ڪجهه دير ترسڻ لاءِ چيو. ان دوران جمعي نماز جو وقت ٿي ويو. پوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن پهريون پيرو "قبيب" ۾ جمعي جي نماز پڙهائي، جنهن کانپوءِ هن جاءِ تي بنو سالم وارن هڪ مسجد جوڙائي جنهن تي "مسجد جمعہ" جو نالو پئجي ويو. هن پهرين جمعي نماز ۾ هڪ سؤ کن صحابي سڳورا شريڪ ٿيا.

اها مسجد هينئر بہ "قبا" کان اٽڪل ٥٠٠ ميٽر اتر طرف مديني ڏانهن ويندڙ رستي تي روڊ جي ساڄي پاسي کان پنهنجي اصلوڪي ماڳ تي موجود آهي، جنهن جي مرمت ۽ اڏاوت جو ڪم مختلف موقعن تي مختلف ماڻهن هٿان ٿيندو رهيو آهي.

هن مسجد جي موجوده عمارت عربستان جي مشهور نيڪدل ۽ سخي مرد سيد حسن شربتلي طرفان اڏائي وئي هئي، جنهن جو شمار هن وقت مديني جي ننڍين مسجدن ۾ ٿئي ٿو، بعد ۾ شاهہ فهد طرفان مسجد جي مٿان هڪ سهڻو ۽ مضبوط گنبذ ۽ مينار جوڙايو ويو آهي، جنهن جي اوچائي پنجويهہ ميٽر ٿيندي، جيڪو پري کان ئي نظر اچي ٿو ۽ ٻاهرين دروازي تي وري "مسجد جمعہ" بہ لکيل آهي. هن مسجد ۾ ڇهہ سو پنجاهہ ماڻهن جي نماز پڙهڻ جي



Marfat.com

"قبا" ۾ نبي سائين ﷺ جن ڏهن کان مٿي راتيون ترسڻ کانپوءِ اتان جمعي جي ڏينهن مديني وڃڻ لاءِ نڪتا ۽ رستي ۾ جڏهن هو بنو سالم بن عوف وارن جي ڳوٺ مان لنگهيا ته انهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي برڪت خاطر ڪجهه دير اتي ترسڻ لاءِ چيو. پوءِ ان موقعي تي ئي خدا تعاليٰ طرفان جمعي نماز بابت هي آيت نازل ٿي.

يَاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا اِذَا نُوۡدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنۡ يَّوۡمِ الۡجُمُعَةِ فَاسۡعَوۡا اِلٰى ذِكۡرِ اللّٰهِ. (١)

ان کانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن اتي جمعي جو خطبو ۽ نماز ادا ڪري، پنهنجي وهٽ تي سوار ٿي ان ڏينهن ئي مديني پهتا. ان روايت مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته پاڻ سڳورا ﷺ جمعي ڏينهن مديني پهتا. پر مٿي وري سومر ڏينهن پهچڻ واري روايت نقل ڪئي ويئي آهي. انهن ٻنهي روايتن ۾ جوڙ تڏهن پيدا ٿيندو، جڏهن "بِضۡعَ عَشَرَةَ" جو مطلب ٻارهن سمجهيو ويندو، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. وڌيڪ خدا ڄاڻي!

## مديني پهچڻ جي تاريخ

* هن سال نبي سائين ﷺ جن قبا کان مديني وڃڻ لاءِ جمعي جي ڏينهن روانا ٿيا. باقي تاريخ ۾ اختلاف آهي، ته اها ربيع الاول جي ٢٣ تاريخ هئي يا وري سورهين! پر رستي ۾ سالم بن عوف وارن جي ڳوٺ ۾ جمعي جي نماز پڙهي پوءِ مديني پهتا.

## مديني پاڪ ۾ آجيان

* هن ئي سال جو واقعو آهي ته سرور عالم ﷺ جن جڏهن مديني جي شهر ۾ پير پاتو ته اتان جا مرد، عورتون، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سندن آجيان لاءِ خوشيءَ وچان ٻاهر نڪري آيا. جڏهن ته پردي واريون عورتون گهرن جي ڇتين تي چڙهي بيٺيون.

ان موقعي تي "نجار" قبيلي وارن جون ننڍڙيون نياڻيون هيٺيان بيت پڙهي رهيون هيون:

نَحۡنُ جَوَارٍ مِّنَ النَّجَارِ ـ فَيَا حَبَّذَا مُحَمَّدٌ ﷺ مِّنۡ جَارٍ.

اسين "نجار" قبيلي وارن جون نياڻيون آهيون، پوءِ محمد مصطفيٰ ﷺ ڪيڏو نه پيارو پاڙيسري آهي.

---

گنجائش موجود آهي.

هينئر هتي ڪو ڳوٺ وغيره موجود نه آهي، ڇو ته هاڻي هي علائقو شهر جو حصو بڻجي چڪو آهي. باقي مسجد جي پر ۾ اوقاف ڪاتي طرفان قائم ڪيل ڇوڪرين جي ثانوي تعليم لاءِ هڪ مدرسو موجود آهي.

"سيرة ابن هشام" ج ٢ ص ١٣٩. الروض الانف "سهيلي" ج ٢ ص ٢٢٧. "وفاء الوفاء" "علامه سمهودي" ج ٣ ص ٨١٩/٨٢٠. تاريخ معالم مدينة المنوره "سيد احمد ياسين" ص ١١٥/١١٦. جذب القلوب "شيخ عبدالحق دهلوي ص ٧١. تاريخ مدينه "ابن شبه" ج ١ ص ٦٨. الدر الثمين "غالي شنقيطي" ص ٢٩/٣٠. تاريخ المدينة المنوره الياس عبدالغني ص ٢٤.

(١) سورة جمعه پاره ٢٨ آيت ٩.



Marfat.com

طَلَعَ الْبَدْرُ عَلَيْنَا ـ مِنْ ثَنِيَّاتِ الْوَدَاعِ. (١)

ايريو اسان لاء چوڏهين جو چنڊ، "وداع" جي ٽڪرين منجهان.

وَجَبَ الشُّكْرُ عَلَيْنَا، مَا دَعٰى لِلّٰهِ دَاعٍ. (٢)

---

(١) عربي زبان ۾ "ثنيہ" لفظ جي معنيٰ آهي ڪوٻہ گهاٽ، دڙو، ٻوڙو، پٽ يا مٿانهون ماڳ وغيره ۽ ان جو جمع آهي "ثنيات." جڏهن تہ لفظ "وداع" جي معنيٰ آهي موڪلاڻي. ڪجهہ ماهرن جو اهو بہ خيال آهي تہ "ثنيات" جمع نہ پر مفرد لفظ آهي ۽ عربي زبان ۾ ٻيا بہ ان قسم جا لفظ موجود آهن، جيئن "اذرعات" ۽ عرفات وغيره. پر اها راءِ اڪثريت جي موافق نہ آهي.

**نالي پوڻ جو سبب**

قديم دور کان مديني جا ماڻهو پنهنجي خوش اخلاقيءَ ۽ مهمان نوازيءَ سبب سڄي عرب ۾ مشهور هئا. هو پنهنجي مهمانن جي دل کولي خدمت ڪندا هئا ۽ پوءِ جڏهن مهمانن جي موڪلائڻ جو وقت ايندو هو، تہ هو شهر جي آخري ڇيڙي تائين ساڻن گڏيا ايندا هئا ۽ پوءِ اتي آخري موڪلاڻي ڪئي ويندي هئي. جنهن ڪانپوءِ مهمان پنهنجي گهر جي واٽ وٺندا هئا ۽ ميزبان وري پنهنجي ماڳن ڏانهن موٽ ڪندا هئا. انڪري ان موڪلاڻي واري جاءِ تي اهو نالو پئجي ويو. ڪجهہ روايتن مان ائين بہ معلوم ٿئي ٿو تہ مديني جا رهاڪو پنهنجي حاجين کان موڪلائڻ لاءِ ان ماڳ تائين ايندا هئا يا وري ڪن جو خيال آهي تہ نبي اڪرم ﷺ جن ڪيترا سرايا ۽ بعوث جيڪي روانا ڪيا تہ انهن کان موڪلائڻ لاءِ هن جاءِ تائين ايندا هئا. انڪري مٿس اهو نالو پيو. پر اها روايت صحيح نہ ٿي لڳي، ڇوتہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي مديني اچڻ کان اڳ ئي اهو لفظ موجود هو، جيئن مٿين شعر مان معلوم ٿئي ٿو.

**بيهڪ**

ان ڳالهہ ۾ راوين جو گهڻو اختلاف آهي تہ اهو ماڳ شهر جي ڪهڙي پاسي کان هو؟

ان ڏس ۾ ڪجهہ راوين جي راءِ آهي تہ مديني شهر جي ڏاکڻي طرف جيڪو رستو "قبا" ڏانهن وڃي ٿو، اهو ماڳ ان جي ڇيڙي تي "قبا" جي ويجهڙائي ۾ هو، ۽ ان دڳ کان ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني شريف ۾ داخل ٿيا. جنهن سبب ڪري مٿيان شعر پڙهيا ويا. ٻئي طرف وري اهو خيال عام آهي تہ "ثنية الوداع" نالي ماڳ شهر جي اترين پاسي "سلع جبل" جي پٺيان هو ۽ اهو رستو شام ڏانهن ويندو آهي، جنهنڪري مديني ڏانهن ايندڙ يا ويندڙ ماڻهن جي هتان لنگهڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. اهو ماڳ گهڻي عرصي تائين مديني جي ماڻهن وٽ مشهور بہ رهيو آهي، "جيئن ابن قيم" ۽ ٻين پنهنجي ڪتابن ۾ ڄاڻايو آهي. جديد تحقيق ڪانپوءِ هائي اها ڳالهہ سامهون آئي آهي تہ ان قسم جا ٻہ "ثنيہ" شهر جي اتر ۽ ڏکڻ ۾ موجود هئا، جنهنڪري انهن ٻنهي کي گڏ "ثنيات الوداع" چيو ويو. جنهن جاءِ تي ڏکڻ وارو "ثنيہ" هو اتي بعد ۾ ترڪن طرفان هڪ قلعو جوڙايو ويو، جنهن جا آثار اڃان تائين موجود آهن. هن جاءِ تان پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيترائي سرايا روانا فرمايا.

اتر وارو "ثنيہ" وري ان جاءِ وٽ هو، جتي سيدالشهداء روڊ ۽ سلطانہ روڊ پاڻ ۾ ملن ٿا. عثماني دور ۾ ان ماڳ تي ترڪن طرفان هڪ مسجد جوڙائي وئي هئي ۽ پوءِ وري اڳتي هلي سعودي حڪومت طرفان ان جاءِ تي هڪ جديد قسم جي خوبصورت مسجد تيار ڪئي وئي، پر ١٤٠٢ هہ ڌاري رستن کي ڪشادي ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو، تڏهن اها مسجد شريف بہ شهيد ڪئي وئي "انا لله وانا اليہ راجعون." غزوه غابہ، خيبر ۽ تبوڪ وغيره لاءِ ايندي ويندي پاڻ سڳورا ﷺ هن "ثنيہ" وٽان ئي لنگهيا هئا. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٢ ص ٢٧٧. معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ٢ ص ٨٦. الدر الثمين "محمد غالي شنقيطي" ص ١٢٢/١٢٨.

(٢) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج١ ص ٢١٢، سيرة ابن ڪثير ج ٢ ص ٢٦٩/٢٧٠. دلائل النبوة "بيهقي" ج٢ ص ٥٠٧.



Marfat.com

ترسيل هئا، تڏهن مسجد نبوي ﷺ جو بنياد رکيو هئائون. (۱)

## حُجرن جي اڏاوت

* هن سال جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ اجان حضرت اَبُو اَيُوْب اَنصَارِيءَ رضہ جا مهمان ئي هئا، تڏهن حجرن ۽ ڪمرن جي اڏاوت جو ڪم بہ شروع ڪرائي ڇڏيو هئائون، پوءِ جيئن ئي اهو ڪم پورو ٿيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت ابو ايوب رضہ جي گهران لڏي اچي انهن حجرن ۾ رهيا. (۲)
واقديءَ جو قول آهي تہ نبي اڪرم ﷺ جن، حضرت ابو ايوب رضہ جي گهر ست مهينا ترسيا، جڏهن تہ هڪ ٻئي قول ۾ اهو مدو مهيني کان بہ گهٽ ٻڌايو ويو آهي. (۳)

## حضرت عليءَ رضہ جي هجرت

* هن سال حضرت علي بن اَبُوْ طَالِب رضہ هجرت ڪئي. رسول ڪريم ﷺ جن ڪيٺ پنهنجي پويان مڪي ۾ ڇڏي آيا هئا. ان ڪانپوءِ حضرت علي رضہ جن اتي ٽي راتيون ڪن رهي، پوءِ مديني ڏانهن پنڌ پيا ۽ "قُبا" ۾ اچي پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏيا. (۴)

## حضرت علي رضہ کي تڪليف

* هن سال حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن هجرت ڪري جڏهن "قُبا" ۾ پهتا، تڏهن تڪڙي هلڻ ۽ گهڻي پنڌ ڪرڻ سبب سندن جنگهن ۾ سخت سور محسوس ٿيڻ لڳو. پاڻ ڪريم ﷺ جن سور واري جاءِ تي پنهنجو هٿ مبارڪ گهمايو ۽ دعا گهري، تہ سندن سور لحظي ۾ لهي ويو، (۵) ۽ ان کان پوءِ ڪيٺ وري سور نہ پيو. اهو نبي سونهاري ﷺ جن جو معجزو آهي.

## هجري سن جي شروعات

* هن سال جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن قبا ۾ ترسيل هئا، تڏهن حڪم ڏنائون تہ هجرت واري ڏينهن کان (اسلامي) تاريخ جي شروعات ڪئي وڃي ۽ سال جو پهريون مهينو محرم مقرر ڪيو وڃي، ڇو جو عربن وٽ بہ اهوئي رواج هو ۽ ان ئي مهيني ۾ حاجي سڳورا حج ڪري پنهنجي گهرن ۾ موٽي ايندا هئا. (۶) هڪ روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ هجري سن جي شروعات حضرت عمر بن خطاب رضہ جي خلافت دوران هجرت جي سترهين سال کان ٿي ۽ محرم کي سال جو پهريون مهينو شمار ڪيو ويو پر پهريون قول وڌيڪ صحيح آهي.

---

(۱) "البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ۳ ص ۲۱۳.
(۲) الروض الانف "سَهيلي" ج ۲ ص ۲۳۰، سبل الهدىٰ والرشاد شامي ج ۳ ص ۳۴۸/۳۴۹، زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۶۱، شرح علىٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۳۶۶.
(۳) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۱۵.
(۴) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۰۷، الروض الانف "سَهيلي" ج ۲ ص ۲۳۷، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۰۶.
(۵) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۱۹.
(۶) السيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ۲ ص ۲۸۸، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۰۸/۳۰۷.



Marfat.com

## اهل بيت جي هجرت

* هن سال مديني هجرت ڪرڻ کان ڪجهه وقت پوءِ نبي آخر الزمان ﷺ جن پنهنجي ٻن آزاد ڪيل ٻانهن ابو رافع ۽ حضرت زَيد بن حارثہ کي حضرت عَبْدُالله بن اَبُوبَڪر سان گڏ مڪي اماڻيو. تہ هو پاڻ ڪريم ﷺ ۽ حضرت اَبُوبَڪر صِدِّيق رضہ جي ٻارن ٻچن کي پاڻ سان گڏ مديني وٺي اچن. ڪين سواريءَ لاءِ ۽ اُنَ ۽ خرچ لاءِ پنج سؤ درهم روڪ بہ ڏنا ويا. ان ڪانپوءِ هو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ٻن نياڻين سيده فَاطِمَةُ الزَّهرا ۽ سيده ام ڪلثوم، گهر واري حضرت سوده رضہ، دائي ام ايمن، ام المؤمنين سيده عَائِشَہ صديقہ رضہ، سندس ڀيڻ حضرت اَسماء ۽ ماءُ اُمّ رومان رضي الله عنهن کي مديني وٺي آيا. ان وقت هجرت کي ست مهينا گذري چڪا هئا. جنهن جو ثبوت ان ڳالهہ مان بہ ملي ٿو تہ جڏهن هي ننڍڙو قافلو "قُباءَ" وٽ پهتو، تڏهن حضرت اَسماء رضہ پورن مهينن سان هئي ۽ اتي ئي ڪيس عبدالله بن زبير ڄائو. [1] هڪ صحيح روايت مطابق ابن زُبَيْر شوال مهيني ۾ ڄائو. اها ڳالهہ حافظ ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب "البدايہ والنهايہ" ۾ ڄاڻائي آهي. [2]

## مسجد ۽ حجرن جي اڏاوت

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني ۾ مسجد ۽ رهڻ لاءِ حجرن جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪرايو. جنهن لاءِ پلاٽ رافع بن عمرو جي پٽن سَهل ۽ سُهيل کان خريد ڪيو ويو. ان جاءِ تي سندن "ٻڙُ" هو، جتي هو ڪارڪون سڪائيندا هئا. هن مسجد جي باري ۾ تفصيل وڏن ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. [3]

## صفي جي اڏاوت

* هن سال مسجد جي پاسي کان هڪ ڇپرو بہ جوڙيو ويو تہ جيئن اتي غريب غُرباء رهي سگهن. هن جاءِ کي "صُفَّہ" جو نالو ڏنو ويو ۽ هتي رهڻ وارا "اَهْل صُفَّہ" سڏجڻ لڳا. [4]

## اذان ۽ اقامت جي شروعات

* هن سال اذان ۽ اقامت جي شروعات ٿي، جنهن جو طريقو سڀ کان پهريان حضرت عَبْدُالله بن زَيْد بن عَبْدِرَبِّہ اَنْصَاري خَزْرجِيّ رضہ کي خواب ۾ ڏسيو ويو، ان ڪانپوءِ ان باري ۾ وحي نازل ٿي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان طريقي کي ئي برقرار رکيو. [5]

---

(١) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٢٢٤.

(٢) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٢ ص ٢١٩.

(٣) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٢٢٣، سيرة ابن هشام ج ٢ ص ١٤١، السيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ٢ ص ٣٠٤ - ٣٠٢، روض الانف "سهيلي" ج ٢ ص ٢٤٧.

(٤) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٢١٨.

(٥) سيرة ابن هشام ج ٢ ص ١٥٤/١٥٥، الروض الانف "سهيلي" ج ٢ ص ٢٥٣، المواهب اللدنيہ ـ قسطلاني ج ١ ص ٣٢٢/٣٢٣، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٣٠/٢٣١، "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ١ ص ٢٢٧.



Marfat.com

پهرين روايت شيخ عبدالحق محدث دهلوي پنهنجي ڪتاب "جَذْبُ الْقُلُوْب" ۾ ۽ ڇهين هجريءَ واري روايت وري "تذڪرة القاري بحل رجال البخاريءَ" واري نقل ڪئي آهي. اُهبان جو ذڪر ٻين وڏن ڪتابن ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

## حضرت عُثْمَان رضہ بن مَظْعُوْن جي وفات

* هن سال حضرت عُثْمَان رضہ بن مَظْعُوْن وفات ڪئي. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سندن وفات غزوه بدر کانپوءِ سن ٻي هجريءَ ڌاري ٿي. هيءُ پهريون مهاجر آهي، جنهن کي جَنَّتُ الْبَقِيْع ۾ دفنايو ويو. (1) سندس قبر نبي ڪريم ﷺ جن جي نينگر حضرت اِبْرَاهِيْم جي پير ۾ جوڙي وئي.

## بَرَاء بن مَعْرُوْر رضہ جي وفات

* هن سال صفر جي مهيني ۾ حضرت بَرَاء بن مَعْرُوْر اَنْصَاري سلميءَ بہ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. (2) اهو واقعو سرور ڪائنات ﷺ جن جي مديني ڏانهن هجرت کان هڪ مهينو اڳ پيش آيو. رسول ڪريم ﷺ طرفان مديني ۾ جيڪي مهندار (نقيب) مقرر ڪيا ويا، انهن مان سڀ کان پهريان بَرَاء بن مَعْرُوْر رضہ وفات ڪئي.

## ٽن مشرڪن جو موت

هن سال مشرڪن جا ٽي ماڻهو مري ويا. جن مان وَلِيْد بن مُغِيْرَه ۽ عَاص بن وَائِل جو موت مڪي ۾ ٿيو. جڏهن تہ اَبُو اُحَيْحَة "طَائِف" ۾ مئو. اهي ٽيئي شخص مرڻ گهڙيءَ تائين مشرڪ ئي رهيا. (3)

## نُعْمَان بِن بَشِيْر رضہ جو جنم

* هن سال جمادي الاول جي مهيني ۾ نُعْمَان بن بَشِيْر اَنْصَاري خَزْرجي ڄائو. هي پهريون ٻار هو جيڪو، هجرت کانپوءِ مديني ۾ ڪنهن انصاريءَ جي گهر ڄائو هو. هي ٻار سڳَ ۾ حضرت عَبْدُالله بن رَوَاحَہ رضہ جو ڀاڻيجو هو ۽ عَبْدُالله بن زُبَيْر وري هن کان ڇهہ مهينا پوءِ ڄائو. (4)

## عَبْدُالله بن زُبَيْر رضہ جو جنم

* هن سال جي شوال مهيني ۾ يعني هجرت کان ڇهہ مهينا پوءِ "عَبْدُالله بن زُبَيْر" قُبَاءِ ۾ ڄائو. هتي مهينن جي ڳاڻيٽي ۾، هجرت وارو مهينو ربيع الاول ۽ هن ٻار جي جنم وارو مهينو، ٻئي نہ ڳڻيا

---

(1) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٨٦. "الاصابہ" حافظ ابن حجر ج ٢ ص ٤٦٤. وفاء الوفاء "علامہ سمهودي" ج ٣ ص ٨٩١/٨٩٢. "تاريخ المدينة المنوره" ابن شبہ نميري ج ١ ص ١٠٠.

(٢) سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ١ ص ٢٦٧. "اسد الغابہ ـ ابن الاثير" ج ١ ص ١٧٤. "الاصابہ" "ابن حجر" ج ١ ص ١٤٤/١٤٥.

(٣) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٢٤. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٣٥٢. تاريخ طبري ج ٢ ص ١١٧.

(٤) "الاصابہ" ابن حجر ج ٣ ص ٥٥٩. تاريخ الخميس ـ ديار بڪري ج ١ ص ٣٥٤.



Marfat.com

ويا آهن. هي ڀھريون ڀار هو، جيڪو هجرت کانپوءِ ڪنھن مھاجر جي گھر ڄائو. (١)

روايت موجب پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني پھچڻ کان ڪجھ وقت پوءِ حضرت زَيد بن حارثہ ۽ اَبُورَافِع رضي الله عنھما کي مڪي موڪليو تہ هو پاڻ ڪريم ﷺ ۽ حضرت اَبُوبَڪر رضہ جي گھر ڀاتين کي پاڻ سان مديني وٺي اچن. موٽ تي جڏهن هو "قُبا" وٽ پھتا تہ حضرت اَسْمَآءَ بنت ابوبڪر رضہ جيڪا پيرين مھينن سان هئي، تنھن کي عبدالله بن زبير ڄائو، جنھن تي مسلمانن کي ڏاڍي خوشي ٿي، ڇو جو يھودين طرفان اها ڳالھ هُلائي ويئي هئي تہ هنن نبي اڪرم ﷺ جن جي ساٿين تي اهڙو جادو ڪري ڇڏيو آهي، جو هاڻي هنن وٽ هجرت کانپوءِ مديني ۾ پٽ جو اولاد نہ ڄمندو. پر پوءِ جڏهن انصار وارن وٽ پھريون پٽ نعمان بن بشير ڄائو، تڏهن مسلمان ڏاڍو خوش ٿيا. ان تي يھودي چوڻ لڳا، "اسان جادو انصارن تي نہ پر مھاجرن تي ڪيو آهي." جنھن کانپوءِ وري سنت تي مھاجرن ۾ عَبْدُالله بن زُبَيْر ڄائو، بس پوءِ تہ مسلمان خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيا. ٻار ڄمڻ سان تي حضرت اسماء ننڍڙي عَبْدُالله کي آڻي پاڻ ڪريم ﷺ جن کي هنج ۾ ڏنو. پاڻ ڪريم ﷺ جن کارڪ چٻاڙي هن ننڍڙي ٻار جي وات ۾ وڌي. اهڙي ريت جيڪا پھرين شيءِ حضرت عَبْدُالله رضہ جي پيٽ ۾ داخل ٿي اها سرور ڪائنات ﷺ جن جي لِبَ مبارڪ هئي ۽ پوءِ هن ٻار لاءِ برڪت جي دعا بہ گھريائون. (٢)

هوڏانھن وري "اَسْوَد" جي راءِ آهي تہ "نُعْمَان" ۽ ابن زُبَيْر ٻئي ڇٽا هجرت جي ٻئي سال ڄاوا، يعني "نُعْمَان" هجرت جي چوڏهن مھينن کانپوءِ ۽ ابن زبير ويھن مھينن کانپوءِ ڄائو. پر صحيح حديث جي روشنيءَ ۾ "اَسْوَد" جو اهو قول صحيح ثابت نٿو ٿئي.

## اُمّ سُليم رضہ جي سوکڙي

هن سال حضرت اُم سُليم رضہ پنھنجي ننڍڙي پٽ "اَنَس" رضہ کي سرور عالم ﷺ جن جي خدمت لاءِ وٺي آئي، ڇو جو مديني جا مرد توڙي زالون پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ مختلف سوکڙيون پيش ڪندا رهندا هئا. اهڙي آس "اُمّ سُليم" جي دل ۾ بہ هئي، پر جيئن تہ وٽس ڪا اهڙي شيءِ ڪا نہ هئي، انڪري هوءِ پنھنجي ننڍڙي "اَنَس" کي وٺي آئي ۽ عرض ڪيائين: "اي خدا جا رسول ﷺ هي اوهان جو ٻانھڙو آهي." (٣) يعني اوهان جي خدمت لاءِ ڪيس اوهان وٽ آندو اٿم.

## زڪوات جو فرض ٿيڻ

* هن سال اهڙي ملڪيت تي "زَڪواة" فرض ڪئي ويئي، جيڪا مقرر ڪيل نصاب تائين پھچي.

---

(١) "البداية والنهاية" ابن ڪثير ج ٣ ص ٢٢٣. اسد الغابہ ـ ابن الاثير ج ٣ ص ١٦٢. تاريخ الخميس ج ٢ ص ٣٥٤.

(٢) السيرة النبوية "ابن ڪثير" ج ٢ ص ٣٣١/٣٣٢. "الاصابہ" ابن حجر ج ٢ ص ٣٠٩. "تاريخ الخميس" ديار بڪري ج ١ ص ٣٥٤.

(٣) اسد الغابہ ـ ابن الاثير ج ٥ ص ٥٩١. "الاصابہ" ابن حجر ج ۴ ص ٤٦١/٤٦٢. "سبل الهدى والرشاد" شامي ج ١٠ ص ٢٠٥.



Marfat.com

**اهو قول وڌيڪ صحيح آهي، جڏهن ته هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هجرت جي ٻئي سال پهريان (رمضان جي روزن کانپوءِ) "فِطره" ادا ڪرڻ جو حڪم نازل ٿيو ۽ ان کانپوءِ زڪواة کي فرض ڪيو ويو. (١)**

---

(١) لفظ "زڪواة" جي لغوي معنيٰ آهي وڌڻ ويجهڻ ۽ گهٽو ٿيڻ وغيره. ان کان علاوه زڪواة جي معنيٰ پاڪيزگي ۽ برڪت وغيره به ٻڌائي ويئي آهي. زڪواة جو ذڪر قرآن شريف ۾ نماز سان گڏ ويهه دفعا ۽ ان کان علاوه به ڪجهه جاين تي آيو آهي. ان مان خبر پوي ٿي ته زڪواة به نماز وانگر دين جو هڪ اهم ترين رڪن آهي ۽ اهي ٻئي اهڙا رڪن آهن، جيڪي اڳين امتن مٿان به فرض هئا.

اسان جي دين ۾ به نماز ۽ زڪواة جي ادائگي واريون روايتون اسلام جي ابتدائي دور کان وٺي موجود آهن. انڪري ان ڳالهه ۾ راوين جو اختلاف آهي ته زڪواة جي فرضيت وارو حڪم ڪڏهن نازل ٿيو؟ فقيهن توڙي مؤرخن ان ڏس ۾ وڏا بحث ڪيا آهن. هتي جيڪا روايت نقل ڪئي ويئي آهي ان ۾ زڪواة جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو حڪم سن ٻي هجريءِ ڌاري نازل ٿيو. ان جو راوي "قيس بن سعد بن عباده" آهي، جنهن کان اها روايت امام احمد بن حنبل، نسائي، ابن ماجه، امام حاڪم ۽ امام نووي وغيره نقل ڪئي آهي.

ابن حزم اندلسيءِ جو خيال آهي ته هجرت کانپوءِ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان مهاجرن ۽ انصارن ۾ ڀائيچارو قائم ڪرايو ويو ته ان کان پوءِ سنت ٿي اهو حڪم نازل ٿيو.

هڪ ٻي روايت جيڪا ام المومنين سيده ام سلميٰ کان صحيح ابن خزيمه ۾ نقل ڪئي ويئي آهي، ان مان ڄاڻ ملي ٿي ته اهڙو حڪم هجرت کان اڳ مڪي مبارڪ ۾ ئي نازل ٿيو هو. انڪري حبش واري هجرت جي موقعي تي حضرت اصحمه نجاشيءِ رضه آڏو حضرت جعفر طيار بن ابوطالب رضه تقرير ڪندي فرمايو هو ته:

"اسانجي نبي ڪريم ﷺ جن اسانکي نماز پڙهڻ، روزا رکڻ ۽ زڪواة ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي."

ان روايت بابت مختلف محدثن ۽ محققن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. "علامه قسطلاني" پنهنجي ڪتاب "المواهب اللدنيه" ۾ ان ڏس ۾ لکي ٿو: "حضرت جعفر طيار جي قول ۾ جيڪي ڄاڻايو ويو آهي ان ۾ نه نماز مان مراد هيءَ پنج وقتي نماز آهي، نه روزن مان مراد رمضان شريف جا روزا آهن ۽ نه وري زڪواة مان مراد هيءَ خاص زڪواة آهي، جيڪا اڄ سوڌو مسلمان ادا ڪندا رهن ٿا."

اهوئي سبب آهي جو ان ڳالهه تي سمورا راوي متفق آهن ته زڪواة هجرت کانپوءِ مؤمنن مٿان فرض ڪئي ويئي. باقي مڪي شريف ۾ جنهن زڪواة جو ذڪر مٿين روايت ۾ ملي ٿو، ان جو مطلب اهو آهي ته ان دور ۾ عام خيرات ۽ صدقات کي به زڪواة سڏيو ويندو هو. ڇو جو اهڙيون روايتون اسان کي هجرت کان اڳ، توڙي پوءِ واري زماني ۾ ملن ٿيون، جن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن طرفان مختلف موقعن تي مسلمانن جو ڌيان زڪواة ادا ڪرڻ ڏانهن ڇڪايو ويو آهي. ان جو هڪ سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته ان دور ۾ اڪثر نون مسلمانن جي مالي حالت تمام ڪمزور هئي. ٻئي طرف وري ماڻهن کي ان نيڪ ۽ ڏکئي ڪم ڏانهن راغب ڪرڻ به ضروري هو، ته جيئن اڳتي هلي جڏهن اهڙو حڪم نازل ٿئي ته ماڻهو ذهني طور ان جي ادائيگيءِ لاءِ تيار هجن. تڏهن ته ان دور جي واقعات ۾ زڪواة جي باقاعده نظام جو ڪو به ثبوت نٿو ملي.

جديد دور جي محققن سمورين روايتن کي ڀيٽيندي اها راءِ قائم ڪئي آهي ته زڪواة جي فرضيت وارو حڪم مڪي جي فتح کانپوءِ اٺين هجريءِ ۾ نازل ٿيو ۽ هجرت جي نائين سال باقاعده طور هن نظام کي نافذ ڪرڻ جا ثبوت تاريخ جي ڪتابن ۾ ملن ٿا. مشهور مؤرخ ابن الاثير، "تاريخ ڪامل" ۾ ان روايت کي وڌيڪ صحيح ڄاڻايو آهي، ڇو جو



Marfat.com

## سيده عَائِشَہ رضہ جي رخصتي

* هن سال هجرت جي ستين مهيني يعني شوال ۾ سيده عَائِشَہ رضہ پنهنجي اباڻي گهران، جيڪو "سُنح" [1] ۾ واقع هو، پرڻجي مٺي مرسل ﷺ جن جي گهر ۾ آئي. ان وقت بيبي سائنءَ جي عمر نوَ ورهيہ هئي.

ان باري ۾ "امام نووي"، "صحيح مسلم" جي شرح ۾ ڄاڻايو آهي تہ، "شوال ۾ شادي ڪرڻ هر مومن لاءِ سنت يا مستحب جو درجو رکي ٿي، ڇو جو اهڙو عمل پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ثابت آهي. ان مان اهڙن رافضين جي پرزور ترديد ٿئي ٿي، جيڪي بن عيدن جي وچالي نڪاح توڙي شاديءَ کي مڪروه سمجهن ٿا."

هڪ ٻئي روايت مطابق سيده عَائِشَہ رضہ جي رخصتي هجرت جي ٻئي سال بہ ٻڌائي وئي آهي، پر پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي. حضرت عَائِشَہ رضہ جو نڪاح پاڻ ڪريمن ﷺ سان هجرت کان ٽي ورهيہ اڳ مڪي ۾ ٿي چڪو هو، اهو "نبوت" جو ڏهون سال ۽ شوال جو مهينو هو. ان وقت بيبي سائنءَ جي ڄمار ڇهہ ورهيہ هئي. [2]

## عَبْدُالله بن سَلاَم رضہ جو اسلام آڻڻ

* هن سال عَبْدُالله بن سَلاَم رضہ بہ پنهنجي گهر ڀاتين سميت اسلام قبول ڪيو، جن ۾ سندس هڪ ڦڦي خَالِدَہْ بنت حَارِث بہ شامل هئي. [3]

نبي اڪرم ﷺ جن جنهن ڏينهن تي هجرت ڪري اچي حضرت اَبُو اَيُوب اَنْصَاريءَ رضہ جي گهر لٿا تہ ان ساڳئي ڏينهن ئي عبدالله بن سلام بہ مسلمان ٿيو. جيئن شيخ دهلويءَ پنهنجي ڪتاب "جَذْبُ اَلْقُلُوْب" ۾ ڄاڻايو آهي. [4] ان موقعي تي يا ان کانپوءِ الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي.

---

سن نائين هجريءَ جي شروع ٿيڻ سان محرم مهيني ۾ ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن زڪواة اڳاڙڻ لاءِ ناظم مقرر ڪيا. هر قبيلي مٿان زڪوٰة جي وصوليءَ لاءِ هڪ الڳ ناظم مقرر ٿيو. گهڻي ڀاڱي قبيلن جي چڱن مڙسن مٿان ئي اها ذميواري عائد ڪئي وئي ۽ پوءِ اڳتي هلي اهو سلسلو اسلام جي معاشي نظام جو هڪ اهم حصو بڻجي ويو.

لسان العرب "ابن منظور" ج ٦ ص ٦۴/٦٥. صحيح ابن خزيمہ ج ۴ ص ١٢/١٢. النهايہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٢٠٧. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۴ ص ٢١١/٣١٧. شرح زرقاني عليٰ مؤطا، امام مالڪ ج ٢ ص ٩٣/٩۴. فتح الباري "ابن حجر" ج ٣ ص ٢٠٢. جوامع السيرة "ابن حزم اندلسي" ص ٩٧. الدرر "ابن عبدالبر" ص ٩٣. "دائرة المعارف اسلاميہ" (اردو) ج ١٠ ص ۴٦٩/۴٦۴.

(١) "سنح" مديني جو هڪ محلو هو، جتي حارث بن خزرج وارا رهندا هئا. هجرت کانپوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن بہ هتي اچي رهيا هئا ۽ سيده عائشہ رضہ جي شادي بہ هتي ئي ٿي هئي. نبي ڪريم ﷺ جن جي رهائش هتان اٽڪل هڪ ميل پري هئي. "معجم البلدان" ياقوت ج ٣ ص ٢٦٥.

(٢) طبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد ج ٨ ص ۴٠. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٢٩.

(٣) "الروض الانف" "سهيلي" ج ٢ ص ٢٩١. سيرة ابن هشام ج ٢ ص ١٦٣/١٦۴..

(۴) جذب القلوب "شيخ عبدالحق دهلوي" ص ٧٧ ـ ٧٦.



Marfat.com

"وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ بَنِيٓ إِسْرَائِيلَ عَلَىٰ مِثْلِهِ فَآمَنَ وَاسْتَكْبَرْتُمْ - الاية [1]

"۽ شاهدي ڏني هڪ شاهد بني اسرائيل مان ته هن ايمان آندو ۽ توهان وڏائي ڪئي."

ان ڪانسواءِ ابن سلام جي حق ۾ هيءَ آيت پڻ نازل ٿي:

قُلْ كَفَىٰ بِاللَّهِ شَهِيدًا بَيْنِي وَبَيْنَكُمْ وَمَنْ عِنْدَهُ عِلْمُ الْكِتَابِ. [2]

"اوهان چئو الله ڪافي آهي شاهد، منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ ۽ اهو جنهن وٽ ڪتاب جو علم آهي."

## عَمْرو بن عَبَسَہ جو ايمان آڻڻ

* هن سال عَمْرو بن عَبَسَہ اَسْلَمِيؓ، بت پرستيءَ کان بيزار ٿي، نبي سڳوري ﷺ جن وٽ آيو ۽ سندن ئي هٿ تي اسلام قبول ڪيائين. ان ڪانپوءِ هو سچو مسلمان ٿي رهيو. جيئن "شامي" پنهنجي سيرت ۾ بيان ڪيو آهي. هوڏانهن وري علامہ عامري پنهنجي ڪتاب "رياض المستطابہ" ۾ لکيو آهي تہ، "عَمْرو بن عَبَسَہ اسلام جي ابتدائي دور ۾ ئي مڪي ۾ نبوت جي پهرين سال اسلام قبول ڪيو ۽ هو پهرين چئن مسلمانن منجهان هڪ هو. [3]

## قَيْس بن صِرْمَہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جي مديني اچڻ ڪانپوءِ قَيْس بن صِرْمَہ اَنْصَاري [4] بہ دين جي دائري ۾ داخل ٿيو.

هڪ دفعي هن رمضان شريف جو روزو رکيو، پوءِ جڏهن روزي کولڻ جو وقت آيو تہ سندس گهر ۾ ڪاڏي پيئي جي ڪابہ شيءِ موجود نہ هئي ۽ پوءِ کيس ائين ئي ننڊ اچي ويئي. ان دور ۾ رات جي سمهڻ ڪانپوءِ روزيدار لاءِ کائڻ پيئڻ حرام هو. انڪري هن بنا کائڻ پيئڻ جي ٻئي روزي جي نيت بہ ڪري ڇڏي، پوءِ ان روزي کيس تڪليف ڏني. ان موقعي تي حضرت قيس بن صرمہ جي حق ۾ خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي."

"وَكُلُوا وَاشْرَبُوا حَتَّىٰ يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْأَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْأَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ."

"۽ کائو پيئو ايستائين جو پڌري ٿئي اوهان لاءِ سفيد ڏوري ڪاري ڏوريءَ کان (باک ڦٽيءَ جو)."

---

(1) سورة "احقاف" پاره ٢٦ آيت ١٠.

(2) سورة "رعد" پاره ١٣ آيت ٤٣.

(3) الرياض المستطابہ "علامہ عامري" ص ٢٣٨/٢٣٩.

(4) قيس بن صرمہ جي نالي ۾ اختلاف آهي. ڪن راوين طرفان اهو نالو صرمہ بن قيس يا وري ڪن طرفان قيس بن مالڪ بن اوس بن صرمہ مازني بہ ٻڌايو ويو آهي.

"اسد الغابہ" ابن الاثير ج ٤ ص ٢١٧، "الاصابہ" "ابن حجر" ج ٣ ص ٢٥١.



Marfat.com

## سَلمَان فَارِسِيءَ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ (١)

* هن سال اَبُو عَبدُالله سَلمَان بن عَبدُالله فَارِسِيّ رضہ بہ اسلام قبول ڪيو. ڪيس سَلمَان ابن اسلام ۽ سلمان الخير جي نالن سان بہ ياد ڪيو ويندو آهي.

---

(١) اسلامي تاريخ ۾ عجمين مان صحابيت جو شرف حاصل ڪندڙ پهريون صحابي حضرت "سلمان فارسي" ايران جي هڪ آتش پرست گهرانئي ۾ جنم ورتو. سندس ڳوٺ جو نالو "جيءِ" آهي، جيڪو رام هرمز يا اصبهان جي پسگردائيءِ ۾ هو. سندس اصلي نالو "مابہ" يا "مايہ" ۽ پيءُ جو نالو بوذخشان بن مورسلان ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو شمار علائقي جي مشهور ۽ خوشحال ماڻهن ۾ ٿيندو هو، ڇو تہ هو پنهنجي ڳوٺ جو مشهور زميندار ۽ اتان جي آتشڪدي جو مهتمم ۽ متولي هو.

هن قبيلي جا ماڻهو عام طور باهہ جي پرستش بہ ڪندا هئا تہ اڏامندڙ گهوڙي جي تصوير کي بہ پوڄيندا هئا. پر سلمان جي دل ڪڏهن بہ اهڙن جڙتو ۽ غير حقيقي معبودن ڏانهن راغب نہ ٿي ۽ ان جي ابتڙ هو هميشہ حقيقي خالق جي تلاش ۾ سرگردان رهندو هو.

هڪ ڏينهن سندس گذر ويجهڙائيءِ واري هڪ گرجا وٽان ٿيو، جتي عيسائي عبادت ۾ مصروف هئا. جن کان نندڙو سلمان بيحد متاثر ٿيو ۽ انهن کان سندن مذهب بابت ڪجهہ پڇا ڳاڇا بہ ڪيائين، پر هو انهن سوالن جا تسلي بخش جواب نہ ڏيئي سگهيا ۽ ڪيس ٻڌايائون تہ هنن جا وڏا پادري ئي سندس سوالن جا جواب ڏيئي سگهندا، جيڪي ان مرڪزي گرجا گهر ۾ موجود آهن، جيڪو شام ۾ آهي، جنهن ڪانپوءِ سلمان لڪ چوريءَ گهران ڀڳو ۽ هڪ قافلي سان گڏجي وڃي شام پهتو، جتي مختلف راهبن جي خدمت ۾ رهي هن عيسائيت بابت ڪافي ڄاڻ حاصل ڪئي. ان سلسلي ۾ هو موصل، نصيبين، عموريہ جي وڏن وڏن پادرين جي صحبت ۾ رهيو، جتان ڪيس اها ڄاڻ ملي تہ نبي آخر الزمان ﷺ جن جي ظاهر ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي، جيڪو عرب جي ريگستان ۾ پيدا ٿيندو ۽ ڪجين واري سرزمين ڏانهن هجرت ڪندو. سندس ڀليءَ تي نبوت جي مهر هوندي. هو هديو قبول ڪندو پر صدقي کي پاڻ لاءِ حرام سمجهندو.

عموريہ جي راهب جو اهڙو احوال ٻڌي سلمان عرب ڏانهن وڃڻ جو قصد ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ بنو ڪلب وارن جو هڪ قافلو عرب وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. سلمان بہ ساڻن پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ گڏجي نڪتو. هن قافلي جو اڳواڻ هڪ رهزن شخص هو، جنهن عربستان پهچي سلمان جهڙي عابد ۽ زاهد شخص کي هڪ يهوديءَ هٿ وڪڻي ڇڏيو. ان يهوديءَ وري ڪيس "بنوقريظہ" جي هڪ شخص عثمان بن اشهل قرظيءَ هٿ وڪيو ۽ پوءِ اهو شخص سلمان کي مديني وٺي آيو ۽ پنهنجي ڪجين جي باغ ۾ ڪيس نوڪر ڪري رکيائين. هڪ ڏينهن سلمان باغ ۾ ڪجيءَ تي چڙهي ڪارڪون لاهي رهيو هو تہ سندس مالڪ وٽ هڪ مهمان آيو، جنهن "نبي انور ﷺ" جن جي "قبا" ۾ پهچڻ جي خبر عثمان کي ٻڌائي، ان خبر سلمان کي بي چين ڪري ڇڏيو. آخر هڪ ڏينهن هو مالڪ کان موڪلائي "قبا" آيو. ان وقت پاڻ سڳورا ﷺ جن پنهنجي صحابين جي سٿ ۾ وچ تي ويٺا هئا. سلمان غور سان ڏٺو تہ ان هستيءَ جي وجود ۾ ڪيس اهي سموريون نشانيون نظر آيون، جيڪي راهبن ڪيس ٻڌايون هيون. سلمان جي دل کي اچ اطمينان حاصل ٿيو، ڇو تہ اها منزل سندس اکين جي آڏو هئي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن سالن تائين سون ميلن جو سفر طي ڪيو هو. ملڪ ملڪ جي خاڪ ڇاڻي هئي ۽ در در تي وڪاڻو هو. سلمان ڪلمو پڙهي پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو. هن موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن سندس نالو "مابہ" مان ڦيرائي سلمان رکيو هو.

پاڻ سڳورن ﷺ هڪ موقعي تي فرمايو: "عربن منجهان آءٌ، رومين منجهان صهيب، حبشين منجهان بلال ۽ فارسين منجهان سلمان جنت ۾ اول داخل ٿيندا."



Marfat.com

مسلمان ٿيڻ کان اڳ هو مجوسي هو ۽ عُثمَان بِن اَشهَل قرظيءَ نالي هڪ يهوديءَ جو غلام هو. هو ان کان اڳ ڪنهن ٻئي جو ۽ ان کان اڳ وري ڪنهن ٻئي جو غلام رهي چڪو هو. اينتري قدر جو سندس مالڪن جو تعداد ڏهن کان مٿي ٻڌايو ويو آهي. اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ رسول خدا ﷺ جن حضرت سلمان فارسي رضہ کي سندس يهودي مالڪ کان چاليهہ اوقيہ قيمت ادا ڪري خريد ڪيو. ان سان گڏ ان يهوديءَ اهو شرط بہ رکيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس باغ ۾ پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪجيون بہ ويهــاري ڏيــن، ڇو جو سندس ان باغ ۾ ڪجيون ڦر نہ جهلينديون هيون. خدا جي، پياري رسول ﷺ جن ان يهوديءَ جو اهو شرط مڃيندي سندس باغ ۾ ٽي سؤ ڪجيون پنهنجي مبارڪ هٿن سان ويهاريون، (١) پوءِ سال اندر ئي انهن سڀني ڪجين ڦر ڏنو. اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي معجزن مان هڪ معجزو آهي، ان کان سواءِ ان يهوديءَ کي چاليهہ اوقيہ پڻ ادا ڪيا ويا، تنهن ڪانپوءِ حضرت سلمان رضہ ان يهوديءَ جي غلاميءَ مان آزاد ٿيو.

حضرت سَلمَان رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جي مديني پهچڻ کان پنج ڏينهن پوءِ اسلام قبول ڪيو. ڪن روايتن ۾ ان کان وڌيڪ ڏينهن بہ ٻڌايا ويا آهن.

حضرت سَلمَان فارسي رضہ جيئن تہ هڪ يهوديءَ جو غلام هو ۽ ان غلاميءَ سببان هو بدر توڙي احد جي جنگين ۾ بهرو وٺي نہ سگهيو هو، پر پوءِ جڏهن سندس مالڪ ڪيس وڪڻي ڇڏيو، تڏهن هو آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ رسول ڪريم ﷺ جن سان "خندق" جي موقعي تي گڏ رهيو. "خَندَق" ۾ ڀهربون پيرو (٢) حضرت سلمان رضہ جهاد ۾ بهرو ورتو ۽ ان ڪانپوءِ هو هر "غَزوَه" ۾ حصو وٺندو رهيو. سندس وفات حضرت عُمر فَارُوق رضہ جي خلافت واري زماني ۾ ٿي. ان وقت سندس عمر ٣٥٠ ورهيہ يا هڪ ٻي روايت موجب ٢٥٠ ورهيہ هئي.

حضرت سَلمَان فَارِسِيّ رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو قصو تمام ڊگهو آهي، جنهن کي علامہ گازرونيءَ توڙي ٻين سيرت نگارن پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي. (٣)

## اَنَس بن مَالِڪ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جي غلام حضرت اَنَس بن مَالِڪ اَنصَارِي خَزرَجِيءَ اسلام قبول ڪيو. ان وقت سندس ڄمار ڏهہ ورهيہ هئي، ان ڪانپوءِ وري هن ڏهہ ورهيہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ڪندي گذاريا. سندس عمر سرور ڪائنات ﷺ جن جي وصال وقت ويهہ ورهيہ ٿي چڪي هئي. ان ڪانپوءِ بہ هن وڏي ڄمار ماڻي، جنهن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

---

(١) اسد الغابہ "ابن اثير" ج ٢ ص ٣٣٠، "سبل الهدي" شامي ج ١٠ ص ٢٤٩.

(٢) سبل الهدي. شامي ج ١٠ ص ٢٤٩.

(٣) سيرت ابن هشام ج ١ ص ٢٢٨/٢٣٦ حلية الاوليا ـ ابونعيم اصفهاني ج ١ ص ١٨٥/٢٠٨. الطبقات الڪبري ـ ابن سعد ج ٤ ص ٥٣. عيون الاثر ـ ابن سيد الناس ج ١ ص ١٤٥ ـ ١٣٤. دلائل النبوة ـ ابونعيم اصفهاني ج ١ ص ٦٤ ـ ٢٥٨، سبل الهدي ـ شامي ج ١٠ ص ٤٩ ـ ٢٤٧. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٢٢٨/٢٣١.



Marfat.com

## حضرت اَنَس رضہ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي دعا

* هن سال جڏهن اَنَس بن مَالِڪ رضہ اسلام قبول ڪيو، تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس لاءِ دعا گهري. اهو واقعو هن ريت آهي تہ ننڍڙي اَنَس رضہ کي جڏهن سندس ماءُ اُمّ سُلَيْم، نبي سڳوري ﷺ جن وٽ ڪٺي آئي، تڏهن عرض ڪيائين: "اي خدا جا رسول ﷺ ! هي اوهان جو پانهڙو انس آهي، هن لاءِ پنهنجي رب کان دعا گهرو." پاڻ ڪريم ﷺ جن ان موقعي تي هن ريت دعا گهري:

"اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَهُ فِيْ مَالِهٖ وَ وَلَدِهٖ وَ عُمُرِهٖ."

"اي منهنجا الله برڪت فرماءِ، هن جي مال ۾، اولاد ۾ ۽ عمر ۾."

رب پاڪ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي اها دعا قبول فرمائي ۽ ان جو اثر هن ريت ظاهر ٿيو، جو الله تعاليٰ حضرت اَنَس رضہ جي مال ۾ اهڙي تہ برڪت وڌي جو ماڻهن جون ڪجيون سال ۾ هڪ دفعو ڦر ڏينديون هيون پر اَنَس رضہ جون ڪجيون سال ۾ ٻہ دفعا ڦرنديون هيون. سندس اولاد کي رب پاڪ اهڙو وڌايو جو پنهنجي نسل مان هن هڪ سؤ ويهہ ياتي پنهنجي اکين سان ڏٺا. سندس ڄمار ۾ ايترو واڌارو ٿيو جو سن ۹۳ هجريءَ ۾ جڏهن وفات ڪيائين تڏهن سندس عمر هڪ سؤ ٽي ورهيہ هئي. هڪ ٻي روايت ۾ سندس وفات جو سال ۱۰۳ هجري بہ ٻڌايو ويو آهي، ان روايت مطابق هن هڪ سؤ تيرهن ورهيہ ڄمار ماڻي. (۱)

## مديني ۾ وبا ۽ بخار کان بچاءَ جي دعا

* هن سال رسول خدا ﷺ جن هٿان اهو معجزو ظاهر ٿيو جو سندن دعا سان مديني مان وبا ۽ بخار جي بيماري ٽري ويئي ۽ پوءِ اها وبا وڃي "جُحْفَہ" ۾ پيئي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ مديني جو شهر جنهن جاءِ تي آباد آهي، اتي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ وبائي بيماريون ظاهر ٿينديون رهيون آهن.

مهاجر ڀيريون پيرو جڏهن مديني پهتا تہ هو بہ تپجي پيا، جنهن سببان سندن رنگ پيلا ٿي ويا ۽ هو جان ۾ بہ لهي ويا، جنهنڪري سندن دليون مڪي لاءِ تانگهڻ لڳيون. ان موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن دعا گهري:

اَللّٰهُمَّ حَبِّبْ اِلَيْنَا الْمَدِيْنَةِ كَحُبِّنَا مَكَّةَ اَوْ اَشَدُّ وَ صَحِّحْهَا لَنَا وَ بَارِكْ لَنَا فِيْ صَاعِهَا وَمُدِّهَا وَنَقْلِ حُمْي اِلَي الْجُحْفَةَ.

"اي منهنجا الله اسان لاءِ مديني کي بہ اهڙو پيارو ڪر، جهڙو اسان کي مڪي سان پيار آهي يا ان کان بہ وڌيڪ، ان کي اسان لاءِ صحت بخش بڻاءِ، ان جي "صاعَ ۽ مد" (۲) ۾ برڪت ڏي ۽ هتان

(۱) "صحيح مسلم" ج ۴ ص ۱۶۰/۶۱. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۱۰ ص ۲۰۵. اسد الغابہ ـ ابن الاثير ج ۱ ص ۱۲۷/۱۲۹. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٦ ص ۱۹۴/۹٦.

(۲) صاع ۽ مد "ماپن ۽ ماٽن" جا نالا آهن.



Marfat.com

جي روشنيءَ ۾ پهريون قول جنهن کي وڌيڪ صحيح سمجهيو وڃي ٿو، ان موجب رڪعتن جي واڌاري وارو حڪم ربيع الاول جي ٻارهين راتين گذرڻ ڪانپوءِ نازل ٿيو هو، جنهن جي وضاحت حافظ ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب "البدايہ والنهايہ" ۾ ڪئي آهي، ۽ پوئين قول ۾ بہ ان حڪم جو نازل ٿيڻ ربيع الآخر ۾ ٻڌايو ويو آهي. [1] انڪري حافظ سُهيلي پنهنجي ڪتاب "الروض الانف" ۾ ڄاڻايو آهي تہ مٿيون حڪم هن سال ربيع الآخر ۾ نہ پر هڪ سال پوءِ ساڳئي مهيني ۾ نازل ٿيو هو. [2]

## زياد بن ابوسفيان جو جمڻ

* هن سال "ابومغيره زياد بن ابوسفيان" ڄائو، جنهن جو شمار عرب جي سٽن مشهور ڏاهن ۾ ٿئي ٿو، جن جا نالا هي ٻڌايا ويا آهن:

١. مُعَاوِيہ بن اَبُوسُفْيَان
٢. عَمْرو بن عَاص
٣. مُغِيْرَه بن شعبہ
٤. عُرْوَه بن مَسْعُود
٥. زياد ابن اَبُوسُفْيَان
٦. قَيْس بن سَعْد بن عباده
٧. عبدالله بن بديل بن ورقاءِ.

انهيءَ زياد کي زياد بن ابيہ ۽ زياد بن سُميہ جي نالي سان بہ ڄاتو وڃي ٿو. "سُميہ" سندس ماءُ جو نالو آهي، جيڪا حارث بن ڪلده جي ٻانهي هئي. ڪيس بہ پٽ ڄاوا. جن جا نالا "ابوبڪره" ۽ "زياد" آهن، ان نسبت ڪري اهي ٻئي مائيتا ڀائر ليکيا ويندا آهن. بعد ۾ زياد کي معاويہ بن ابوسفيان پنهنجي پيءُ جو پٽ ڪري ڄاڻايو، جنهن ڪانپوءِ هو زياد بن ابوسفيان جي نالي پنيان مشهور ٿيو. جڏهن تہ هن ڪان اڳ ڪيس زياد بن عبيد ثقفي بہ سڏيو ويندو هو. [3]

اهـــوني زياد ان شخص جو پيءُ آهي، جنهن کي عبيدالله بن زياد سڏيو وڃي ٿو ۽ جنهن رسول الله ﷺ جن جي ڏوهٽي سيدنا حسين بن علي رضہ سان جنگ جوٽي هئي. علامہ ابن الاثير پنهنجي ڪتاب "اسد الغابہ" ۾ لکي ٿو، "انهيءَ زياد کي نہ نبي ڪريم ﷺ جي صحبت نصيب ٿي ۽ نہ وري ڪيس روايت جو شرف ئي حاصل آهي. [4]

## مختار ثقفيءَ جو جمڻ

* هن سال مختار بن ابي عبيد ثقفي ڄائو، جيڪو "صفيہ بنت ابي عبيد" جو ڀاءُ هو. اها بيبي حضرت عبدالله بن عمر بن خطاب رضہ جي گهرواري هئي. [5]

---

(١) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٢٠. سيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ٢ ص ٢٢٣/٢٢٤.
(٢) الروض الانف سُهيلي ج١ ص ٢٨٣.
(٣) "الاستيعاب" ابن عبدالبر علىٰ هامش "الاصابہ" جلد ١ ص ٥٦٧. تاريخ طبري ج ٢ ص ١٢٠.
(٤) اسد الغابہ "ابن الاثير" جلد ٢١٥.
(٥) ايضاً ج ٣ ص ٢٢٦.



Marfat.com

# فصل ٻيو

هن فصل ۾ سن ٻي هجريءَ دوران پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## حضرت رُقَيّہ رضہ جي وفات

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سيده رُقَيّہ رضہ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو، هيءَ بيبي سائڻ حضرت عُثمَان بن عَفّان رضہ جي گهر واري هئي. سندس وفات رمضان جي مهيني ۾ يا هڪ ٻي روايت مطابق ذوالحج ۾ ٿي. انهن ٻنهي روايتن مان پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي، ڇو جو بدر جي فتح کان ٻه ڏينهن پوءِ جڏهن زَيد بن حارثہ رضہ ان "غَزوَه" ۾ مسلمانن جي سوڀ حاصل ڪرڻ ۽ ڪافرن جي شڪست کائڻ جي خوشخبري حضرت عثمان رضہ کي ٻڌائڻ لاءِ مديني پهتو تہ ان وقت هو سيده رُقَيّہ رضہ کي دفنائڻ ۾ رڌل هو. [1] اهو آچر جو ڏينهن ۽ رمضان جي اوڻويهين تاريخ هئي. جڏهن تہ بدر جي ميدان ۾ مقابلو جمعي جي ڏينهن رمضان مهيني جي سترهين تاريخ تي ٿيو هو. وفات وقت بيبي رُقَيّہ سائڻ جي ڄمار ويهہ يا ايڪيهہ ورهيہ هئي.

"حافظ سُهيلي" بہ ان روايت کي صحيح سمجهي ٿو تہ بيبي رُقَيّہ رضہ جي وفات هن سال رمضان جي مهيني ۾ ٿي. "المواهب اللدنيہ" ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ حضرت رُقَيّہ رضہ جي ڄمڻ وقت نبي سونهاري ﷺ جن جي عمر مبارڪ ٽيٽيهہ (٣٣) ورهيہ هئي. اهو قول صحيح آهي. [2] ان حساب سان جيڪڏهن ڄم ۽ موت واري سال کي ليکي ۾ نہ آڻبو تہ سيده رُقَيّہ رضہ جي ڄمار ايڪيهہ ورهيہ بيهندي.

## الله جي راهہ ۾ پهريون تير

* هن سال مسلمانن طرفان حضرت سَعد بن اَبِيْ وَقّاص رضہ، الله جي راه ۾ پهريون پيرو تير اڇلايو. هي واقعو "بَطنِ رَابغ" ۾ پيش آيو، جتي حضرت عُبَيْدَه بن حَارِث بن عَبْدُالْمُطّلِب قُرشيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيّہ" اماڻيو ويو هو. [3]

---

(١) الاصابہ "ابن حجر ج ۴ ص ٣٠۴، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴۵٦، روض الانف "سُهيلي" ج ٢ ص ١٢٧/٢٨، تاريخ مدينة المنوره "ابن شبہ" ج ١ ص ١٠۴.

(٢) المواهب اللدنيہ ـ قسطلاني ج ٢ ص ٦١.

(٣) سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٢۴١، المغازي "واقدي" ج ١ ص ١٠، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٩، الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ۴، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٢٩٠، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٢۵۵، الدرر "ابن عبدالبر" ص ٩٦.



Marfat.com

## قبلي جي تبديلي

* هن سال رب پاڪ طرفان نازل ڪيل هڪ حڪم ذريعي بيت المقدس جي بدران ڪعبة الله کي مسلمانن جو قبلو مقرر ڪيو ويو. اهو واقعو سرور عالم ﷺ جي مديني شريف ۾ اچڻ کان سترهن مهينا پوءِ جو آهي.[1] اهو اڱاري جو ڏينهن هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ "بَنُو سَلِمہ" وارن جي مسجد ۾ بنيهرن جي نماز پڙهائي رهيا هئا ۽ پوءِ جڏهن ان نماز جون پهريون ٻه رڪعتون پوريون ڪيائون ته ان وچ ۾ اهو حڪم نازل ٿيو.[2] پوءِ ان حڪم جي پوئواري ڪندي خدا جا سچا رسول ﷺ جن اتي جو اتي نماز دوران پنهنجو رخ ڦيرائي ڪعبي طرف ڪري بيٺا ۽ پوءِ مقتدين به ان عمل کي ورجايو، جنهن ڪري هن نماز جون پويون ٻه رڪعتون ڪعبة الله طرف منهن ڪري پڙهيون ويون. اهڙيءَ ريت هڪ نماز جون چار رڪعتون ٻن قبلن ڏانهن منهن ڪري پڙهيون ويون.[3] اهوئي سبب آهي جو جنهن مسجد ۾ اها نماز ادا ڪئي وئي ان تي مسجد قبلتين[4] نالو پئجي ويو.

---

(١) قبلي جي تبديليءَ وارو حڪم هجرت کان سورهن يا سترهن مهينا پوءِ نازل ٿيو. اتي مهينن جي ڳاڻيٽي ۾ راوين جو اختلاف آهي. "بزار ۽ طبراني" جو قول اهوئي آهي. جيڪو مٿي نقل ڪيو ويو آهي. "نسائي" جي روايت ۾ سورهن مهينا ۽ ابن ماجہ جي نقل ڪيل روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حڪم هجرت کان ارڙهن مهينا پوءِ نازل ٿيو. جڏهن تہ امام بخاري ۽ امام مسلم پنهنجي صحيحين ۾ براء بن عازب رضہ کان جيڪا روايت نقل ڪئي آهي. ان ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ مسلمانن مديني ۾ سورهن يا سترهن مهينا بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهي، ان کانپوءِ مٿيون حڪم نازل ٿيو.

"ابن سعد" بہ سورهن مهينن واري روايت کي قبول ڪيو آهي. والله اعلم بالصواب.

صحيح بخاري ج ١ ص ٨٢ باب "استقبال قبلہ". صحيح مسلم ج ٢ ص ٦٦. الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ١ ص ٢٤١. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٥١/٥٤. عيون الاثر ابن سيد الناس ج ١ ص ٣٦٤. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ١٠٦. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ١٦٦/١٦٧.

(٢) ابن جرير طبريءَ پنهنجي تاريخ ۾ "ابن سعد" کان جيڪا روايت نقل ڪئي آهي، ان ۾ ڄاڻايو اٿس تہ اهو حڪم شعبان مهيني جي وچ ڌاري، اڱاري جي ڏينهن ٻيپهريءَ جي نماز ۾ نازل ٿيو. جڏهن تہ ڪجهہ راوين طرفان ان حڪم جو نزول رجب جي وچ ڌاري سومر ڏينهن بہ ٻڌايو ويو آهي.

تاريخ طبري ج ٢ ص ١٢٨. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ١ ص ٢٤٣. "عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٣٦٤/٦٥. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٣ ص ٣٧٠. سيرة ابن ڪثير ج٢ ص ٣٧٣. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٣٦٧.

(٣) وفاء الوفاء "علامہ سمهودي" ج ٣ ص ٨٤١/٤٢. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٤٠٣.

(٤) "مسجد قبلتين" نالي مسجد مديني جي اتر اولهہ ۾ شهر کان اٽڪل ٽن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي اڄ تائين موجود آهي. ان ماڳ کي هاڻي "العقاب" سڏيو ويندو آهي. مسجد جي سامهون مديني جي سڀ کان مشهور وادي موجود آهي. جنهن کي "واديءِ عقيق" جي نالي پڻيان ڄاتو وڃي ٿو. صدين کان ملڪ جا نامور ۽ مالدار ماڻهو هن علائقي ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن. اڄ بہ هن جاءِ تي سعودي حڪمرانن جو هڪ شاندار محل موجود آهي. مختلف روايتن مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ هن ئي مسجد ۾ نماز پڙهندي قبلي جي مَٽجڻ وارو حڪم نازل ٿيو. تڏهن کان هن مسجد تي مسجد قبلتين



Marfat.com

حافظ ابن ڪثير پنهنجي تاريخ "البدايہ والنهايہ" ۾ لکيو آهي تہ: "قبلي مٽائڻ جو حڪم اسلام ۾ پهريون "نسخ" جو حڪم آهي." [1] پر منهنجي خيال موجب ان مان سندس مراد اهڙو حڪم آهي، جيڪو عمل ۾ اچڻ کانپوءِ منسوخ ٿيو، نہ تہ هن کان اڳڪل ٽي ورهيہ اڳ معراج وار رات پنجاهہ نمازن واري حڪم کي منسوخ ڪري ان جي جاءِ تي پنج نمازون مقرر ڪيون ويون. پر اُ کنهن حڪم تي عمل کان اڳ جو واقعو آهي.

## عاشُورَنِ جي روزي جو حڪم

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن عاشوري جي ڏينهن پاڻ بہ روزو رکيو ۽ ماڻهن کي بہ حڪم فرمايائون تہ اهو روزو سندن لاءِ واجب آهي.

هونئن تہ عاشوري جي ڏينهن روزو پاڻ سڳورا ﷺ جن مڪي ۾ اسلام کان اڳ ۽ اسلام کانپوءِ بہ رکندا هئا ۽ اهو روزو مستحب هوندو هو، پر واجب نہ. بعد ۾ هن ئي سال جڏهن رمضان جا روزا فرض ڪيا ويا، تڏهن عاشوري واري روزي جي واجب هجڻ جو حڪم منسوخ ٿي ويو ۽ پوءِ ان روزي کي سنت يا مستحب جو درجو ڏنو ويو. [2]

اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جن پنهنجي عمر مبارڪ جي پوئين سال فرمايو هو: "جيڪڏهن ايندڙ سال حياتي هوندي تہ محرم جي ڏهين سان گڏ نائين تاريخ بہ روزو رکندس." انڪري نائين ۽ ڏهين محرم جي روزي کي مستحب سمجهيو ويندو آهي، ڇو جو خدا جي آخري رسول ﷺ جن ائين

---

نالو پيو. نہ تہ هن کان اڳ هن مسجد کي مسجد حزب سڏيو ويندو هو. هن مسجد جي موجوده عمارت نهايت دلڪش ۽ عاليشان آهي، جنهن جي مٿان ٻہ خوبصورت ۽ نفيس گنبذ اڏايا ويا آهن ۽ ساڄي پاسي کان هڪ نهايت مضبوط ۽ بلند مينار ٺاهيو ويو آهي. پٿين توڙي فرش تي اعليٰ قسم جي سنگ مرمر جو ڪم ٿيل آهي. هيءَ عمارت سعودي حڪومت طرفان ١٩٨٠ع ڌاري تيار ڪرائي ويئي آهي. جڏهن تہ هن کان اڳ جيڪا مسجد جي عمارت هئي اها ٩٥٠ هجريءَ ڌاري سلطان سليمان طرفان اڏائي ويئي هئي. ان وقت هن مسجد ۾ ٻہ محراب هئا، جن مان هڪ جو رخ بيت الله جي طرف تہ ٻي جو وري بيت المقدس طرف هو، پر موجوده مسجد ۾ فقط هڪڙو ئي محراب آهي، جنهن جو رخ بيت الله طرف آهي. باقي ان جي بلڪل سامهون واري دروازي مٿان ڇت جي ويجهو هڪ ننڍڙو محراب جو نشان موجود آهي، جنهن جي ذريعي ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي تہ پهريون قبلو هن طرف هو. مسجد جي ٻاهران هڪ اسڪول پڻ موجود آهي، جنهن ۾ هن محلي ڪانسواءِ پسگردائيءَ جي ڳوٺن مان بہ ٻارڙا پڙهڻ لاءِ اچن ٿا. مسجد قبلتين ۾ هن وقت ٻہ هزار ماڻهن جي نماز پڙهڻ جي گنجائش آهي.

تاريخ المدينة المنوره ابن شبہ ج ١ ص ٦٨. تاريخ معالم المدينة المنوره سيد احمد ياسين ص ١٤١. الدرالثمين "محمد غالي شنقيطي" ص ٢٣٥/٣٦.

(١) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٥١.

(٢) حديث مطابق پوءِ ماڻهن کي اختيار ڏنو ويو تہ هو اهو روزو رکن يا نہ رکن.

صحيح بخاري ج ١ ص ٢٢٤، صحيح مسلم ج ٢ ص ١٤٧، سنن الدارمي ج ٢ ص ٢٢. تاريخ الخميس ديار بڪري ج ١ ص ٣٦٠، شرح زرقاني عليٰ مؤطا امام مالڪ ج ٢ ص ١٧٨.



Marfat.com

## نماز ۾ سلام ۽ ڪلام تي بندش

* هن سال غزوه بدر کان اڳ هڪ حڪم ذريعي نماز ۾ ڪلام ۽ سلام کان روڪيو ويو. ان کان اڳ نماز دوران ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ يا سلام ڪرڻ جي اجازت هئي.

اهو حڪم خدا تعاليٰ هن آيت ذريعي نازل فرمايو: [1]

"وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قَانِتِيْنَ" [2]

۽ بيهو الله جي آڏو ادب سان.

ان کانپوءِ ماڻهن نماز دوران سلام ڪلام ڇڏي ڏنو. ان بابت عبدالله بن مسعود رضه جي هڪ روايت صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهي. [3]

## فِطره جو حڪم

* هن سال عيد کان ٻه ڏينهن اڳ روزن جي فطره ادا ڪرڻ جو حڪم نازل ٿيو. [4] اهو حڪم زڪواة ڏيڻ جي حڪم کان اڳ جو ٻه چيو ويو آهي، پر صحيح ڳالهه اها آهي ته مال تي زڪواة ڏيڻ جو حڪم پهرين سال ني نازل ٿيو هو، [5] جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

## ٻنهي عيدن جي موقعي تي نماز جو حڪم

* هن سال ٻنهي عيدن تي نماز پڑهڻ جو حڪم به نازل ٿيو. اهڙو حڪم نبي ڪريم ﷺ جن عيدالفطر کان هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ ماڻهن کي خطاب ڪندي ٻڌايو ته هو عيد جي ڏينهن نماز به پڑهن ۽ فطره به ادا ڪن.

## عيدالفطر جي پهرين نماز

* هن سال شوال جي پهرين ڏينهن تي نبي ڪريم ﷺ عيدالفطر جي نماز لاءِ نڪتا ۽ ماڻهن کي عيد جي نماز پڑهايائون، اها مسلمانن جي پهرين عيد هئي. نبي سائين ﷺ آڏو هڪ لٺ زمين ۾ کوڙي ويئي، جنهن جي اوٽ نماز پڑهايائون. ان لٺ جو نالو "عنزه" ٻڌايو ويو آهي، جيڪا حبش جي حاڪم نَجاشيءَ طرفان حضرت زُبَير بن عَوام کي ملي هئي ۽ هن اها لٺ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي حوالي ڪئي، تنهن کانپوءِ ان لٺ کي عيد وغيره جي موقعن تي سندن آڏو زمين ۾ کوڙي، پوءِ ان جي اوٽ ۾ نماز ادا ڪئي ويندي هئي. [6]

---

(١) صحيح مسلم ج ٢ ص ٧١.

(٢) سورة البقره آيت ٢٣٨ پاره ٢.

(٣) صحيح بخاري ج ١ ص ٢٠٧.

(٤) ابن جرير جي روايت مطابق اهو حڪم "عيدالفطر" کان هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ نازل ٿيو، بحوالہ "البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ٣ ص ٢٥٥، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٣٤٦. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ١ ص ٢٧٣، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج١ ص ٤٠٧.

(٥) المواهب اللدنيہ ـ قسطلاني ج ١ ص ٣٤٧.

(٦) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٥٥، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٣٧٨، تاريخ المدينة المنوره "ابن شبہ" ج ١ ص ١٤٠.



Marfat.com

## پهرين عيد الاضحيٰ جي نماز

* هن سال سيد الانبياء ﷺ جن ذوالحج جي مهيني ۾ عيد الاضحيٰ جي نماز عيدگاه ۾ پڙهائي. اها مسلمانن جي پهرين عيد الاضحيٰ هئي. (١)

## قربانيءَ جو حڪم

* هن ئي سال مسلمانن لاءِ قربانيءَ جو حڪم نازل ٿيو. (٢)

## نبي ڪريم ﷺ جن جي قرباني

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ عيد الاضحيٰ جي نماز پڙهائي ۽ ان کانپوءِ جڏهن سج چڱو مٿي چڙهي آيو، تڏهن پنهنجي مبارڪ هٿن سان ٻن دنبن کي سير وڌائون، جيڪي ٻئي ڪارن سنڱن سان خصي دنبا هئا. (٣) انهن مان هڪ قرباني پنهنجي ذات ۽ آل طرفان هئي، جڏهن ته ٻي قرباني پنهنجي امت طرفان هئي، پوءِ هر سال ساڳيءَ ريت پاڻ ڪريم ﷺ جن قرباني ڪندا رهيا. (۴)

## مُطْعِم بن عَدِيّءَ جو موت

* هن سال جي شروعات ۾ غزوه بدر کان اٽڪل ست مهينا اڳ قريش وارن جو هڪ چڱو مڙس مطعم بن عدي ڪفر جي حالت ۾ مري ويو، جيڪو مشهور صحابي جبير بن مطعم جو پيءُ هو. (٥)

## اَبُوْ رَافِع جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال نبي آخر الزمانِ ﷺ جن جي آزاد ڪيل غلام "اَبُوْ رَافِع قِبْطِيْ" اسلام قبول ڪيو. هو حضرت عَبَّاس بن عَبْدُالْمُطَّلِب جي گهرواري حضرت "اُمِّ الْفَضْل" سان گڏ مسلمان ٿيو.

اَبُوْ رَافِع شروعات ۾ حضرت عَبَّاس رضه جوئي غلام هو، جنهن کي بعد ۾ هن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي حوالي ڪري ڇڏيو. "غزوهٔ بَدْر" ۾ سندس شريڪ ٿيڻ تي راوين جو اختلاف آهي، ڇو جو هو ان وقت تائين اجان مڪي ۾ ئي هو. باقي "اُحد" ۽ ان کانپوءِ ٻين غزوات ۾ هن ڀرپور ورتو. سندس گهرواري "سَلميٰ" دائيپو ڪندي هئي ۽ حضرت مَارِيَہ قِبْطِيَّہ رضه کي جڏهن حضرت اِبْرَاهِيْم رضه ڄائو، تڏهن سندس دائي سَلميٰ ئي هئي. ان کانسواءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پياري نياڻي سيده فَاطِمَہ رضه جي سيني ٻارن جي دائي پڻ سلميٰ ئي هئي.

---

(١) هن سال عيد الفطر ۽ عيد الاضحيٰ جون ٻئي نمازون حڪيم بن غداء جي گهر جي ڀرسان ميدان ۾ پڙهيون ويون، انڪري اهو اسلامي تاريخ جو پهريون عيدگاه ليکيو ويندو آهي.
"تاريخ المدينة المنوره" ابن شبہ ج ١ ص ١٣۴.

(٢) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٣٨٣.

(٣) صحيح بخاريءَ ۾ اها روايت انس بن مالڪ رضه کان نقل ڪئي وئي آهي.
"ڪتاب الاضاحي" ج ٢ ص ٣١٧.

(۴) "الطبقات الڪبريٰ" "ابن سعد" ج ١ ص ١٩١/١٩٢.

(٥) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٢٧١. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ۴۴٦.



Marfat.com

"اَبُوْ رَافِع" جي نالي ۾ اختلاف آهي. ڪجهه راوين سندس نالو "اسلام" ٻڌايو آهي، جيڪو مشهور آهي. ان ڪانسواءِ ابراهيم يا ڪي ٻيا نالا به ٻڌايا وڃن ٿا. (١)

## اُمَيَّہ بن ابي الصَلْت جو موت

* هن سال مشهور شاعر "اُمَيَّہ بن اَبي الْصَلْت" گذاري ويو. سندس شاعري حڪمت ۽ نصيحت واري هوندي هئي. تڏهن تہ سندس باري ۾ نبي سائين ﷺ جن فرمايو: "امڪان هو تہ اُمَيَّہ بن ابي الصَلْت مسلمان ٿئي ها. پر هو مسلمان نہ ٿي سگهيو." يا هڪ ٻيءَ جاءِ تي فرمايائون: "سندس شعر ۾ ايمان پر دل ۾ ڪفر هو." (٢)

اسلام کان اڳ ئي هو بت پرستيءَ کان بيزار ٿي مطالعي ۾ مشغول ٿي ويو. ڪافي ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ هن عيسائي انداز جي رهبانيت اختيار ڪئي هئي، پر جڏهن اسلام جو دور آيو، تڏهن حق کان منهن موڙي بغض ۽ بغاوت واري وات ورتائين ۽ دين جي دولت کان محروم رهجي ويو. خدا تعاليٰ هر انسان کي اهڙي حالت کان پنهنجي پناه ۾ رکي.

## عَبْدُالله بن مَسْعُوْد رض جي حبش کان موٽ

* هن سال حضرت عَبْدُالله ابن مَسْعُوْد حبش کان موٽي مديني آيو. سرور ڪائنات ﷺ جن ان وقت نماز ۾ مشغول هئا. عَبْدُالله ابن مَسْعُوْد ڪين سلام ڪيو پر پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪيس سلام جو جواب نہ ڏنو. (٣)

## جنگ جي اجازت

* هن سال صفر مهيني جي ٻارهين تاريخ خدا تعاليٰ طرفان مسلمانن کي مشرڪن سان جنگ جي اجازت هيٺين آيت ذريعي ڏني وئي. (٤)

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ١٩١. "الاصابہ" ابن حجر ج ۴ ص ٦٧، روض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ٦٦، "الاستيعاب" ابن عبدالبر علي هامش "اصابہ" ج ٣ ص ٦٨.

(٢) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ۴١٢.

(٣) هن کان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن نماز دوران سلام جو جواب ڏيندا هئا، پر هجرت جي ٻئي سال جڏهن مسلمان "نجاشي" وٽان واپس وريا. تڏهن خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ کي حڪم ڏنو تہ "نماز ۾ صرف ڪلام پاڪ جي تلاوت ۽ الله جو ذڪر ڪيو وڃي." انڪري پاڻ سڳورن ﷺ سلام جو جواب نہ ڏنو. اها روايت صحيحين ۾ موجود آهي. صحيح بخاري ج ١ ص ٢٠٧. صحيح مسلم ج٢ ص ٧١.

(۴) ان ڳالهہ تي اڪثر راوين جو اتفاق آهي ۽ اهڙي حديث سيده عائشہ رضہ کان ابن عباس جي روايت سان ترمذي، نسائي، ابن سعد، حاڪم ۽ امام احمد بن حنبل طرفان نقل ڪئي وئي آهي. امام احمد ۽ امام ترمذي ان روايت کي حسن سڏيو آهي. جڏهن تہ "حاڪم" پنهنجي "مستدرڪ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ اها روايت شرط شيخين مطابق صحيح آهي. شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني ج ١ ص ٢٨٧. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٢ ص ٥٧٩. مستدرڪ "علي الصحيحين" امام حاڪم ج ٢ ص ٦٦. زاد المعاد ابن قيم ج ٣ ص ٧١. سبل الهدي والرشاد "شامي ج ۴ ص ۴.



Marfat.com

أُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقَاتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا. [1]

**ترجمو:** "اجازت ڏني وڃي ٿي انهن کي (جهاد جي) وڙهن ٿا جن سان (ڪافر) انڪري جو اهي ستايل آهن."

اها جنگ جي متعلق نازل ٿيندڙ پهرين آيت آهي، [2] جنهن ڪانپوءِ اهي ٻاهتر آيتون منسوخ ٿي ويون، جن ۾ جنگ کي حرام ڪيو ويو هو. اهڙيءَ ريت جڏهن سورة براءة جي آيت سيف نازل ٿي، جنهن ۾ خدا تعاليٰ طرفان هي حڪم ڏنو ويو:

فَاقْتُلُوْا الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ وَخُذُوْهُمْ وَاحْصُرُوْهُمْ وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ. [3]

**ترجمو:** پوءِ انهن مشرڪن کي پورو ڪيو جتي ڪٿي ڏسو، ڪٿي پڪڙيو، ٻڌو، ۽ نظر ۾ رکو هر جاءِ تي.

ان آيت وري هن ڪان اڳ نازل ٿيل هڪ سؤ ويهه آيتن کي منسوخ ڪري ڇڏيو. ڇو جو هاڻي "قتال" فرض ڪيو ويو. جڏهن ته هن کان اڳ وارين آيتن ۾ اها ڳالهه يا ته حرام هئي يا وري ان حالت ۾ جوابي ڪارروائيءَ جي اجازت هئي، جڏهن شروعات ڪافرن طرفان ڪئي وڃي، يا وري جنگ جي اجازت ته هئي پر ائين ڪرڻ فرض نه هو.

## اسلام ۾ پهرين غنيمت

* هن سال عَبْدُالله بن جَحْش رضه جي اڳوائيءَ ۾ جيڪو "سَرِيَّہ" نخلہ ڏانهن اماڻيو ويو، ان کي غنيمت ۾ ڪجهه مال متاع هٿ آيو. اها اسلام ۾ پهرين غنيمت ليکي ويندي. [4] جيئن "سرايا" واري باب ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي.

## حرمت وارن مهينن ۾ قتال بابت حڪم

* هن سال عَبْدُالله بن جَحْش رضه واري "سَرِيَّہ" جو رجب جي پهرين تاريخ ڪافرن سان مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ڳالهه وڃي خونريزيءَ تائين پهتي. رجب جيئن ته حرمت وارو مهينو هو، پر حضرت عبدالله ۽ سندس ساٿين کي شڪ هو ته متان رجب جو چنڊ نه ڏٺو هجي ۽ اها جمادي الثانيءَ جي ٽيهين تاريخ هجي. ان ڳالهه تي ڪافرن مسلمانن کي ٽونڪ ڪندي چيو ته "هو حرمت واري مهيني جو به خيال نٿا ڪن." [5]

(1) سورة الحج آيت ٣٩ پاره ١٧.

(2) عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٢٥٢. تفسير قرطبي ج ١٢ ص ٦٨. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٥.

(3) سورة توبہ پاره ١٠ آيت ٥.

(4) المواهب اللدنيہ ج١ ص ٣٤١. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ١٣١. الدرر "ابن عبدالبر" ص ١٠٠.

(5) مٿي جيڪو حرمت وارن مهينن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي ڪل چار مهينا آهن، جن جو عرب احترام ڪندا هئا ۽ اسلام کان اڳ به هو انهن مهينن ۾ ڪنهن جنگ جهيڙي يا خونريزيءَ کي حرام سمجهندا هئا. انهن مهينن منجهان ٽي مهينا ته لاڳيتا هڪ ٻئي جي ڪڍ اچن ٿا. يعنيٰ ذوالقعد، ذوالحج ۽ محرم. جڏهن ته چوٿون مهينو



Marfat.com

## پهريون ڪافر قيدي

* هن سال عبدالله بن جحش واري "سَرِيَّہ" ۾ ٻن مشرڪن کي قيد ڪيو ويو. سندن نالا حڪم بن ڪَيْسَان ۽ عُثمَان بن عَبْدُالله ٻڌايا ويا آهن. اهي پهريان مشرڪ هئا، جن کي مسلمانن هٿان قيد ڪيو ويو. انهن مان حڪم بن ڪَيْسَان اسلام قبول ڪيو ۽ پڪو مسلمان ٿي رهيو، جڏهن ته عثمان مکي موٽي ويو ۽ اتي ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويو. (١)

## اسلام جو پهريون سپهہ سالار

* هن سال عَبْدُالله بن جَحْش رضہ کي پهريون پيرو هڪ سريہ جو سپه سالار بڻائي موڪليو ويو، اهڙي روايت بہ ملي ٿي، پر وڌيڪ صحيح ڳالهہ اها آهي تہ اسلامي تاريخ ۾ پهرين سپه سالار جو شرف حضرت حَمْزَہ بن عَبْدُالْمُطَّلِب رضہ کي حاصل آهي، جيئن سرايا واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي. (٢)

## عبدالله بن جحش رضہ ۽ سندس ساٿين متعلق آيت جو نزول

* هن سال عَبْدُالله بن جَحْش جي اڳواڻيءَ هيٺ جيڪو "سَرِيَّہ" موڪليو ويو، ان جي باري ۾ مشرڪ چوڻ لڳا: "عَبْدُالله بن جَحْش ۽ سندس ساٿين حرمت واري مهيني ۾ جيڪا خونريزي ڪئي آهي، ان جو وبال انهن تي آهي، پر جي ائين نہ ٿيو تڏهن بہ هو ثواب کان تہ محروم ئي رهندا."

ان تي عَبْدُالله بن جَحْش رضہ ۽ سندن ساٿي غمگين ٿيا ۽ عرض ڪيائون، "اي الله جا رسول ﷺ! ڇا اسين پنهنجي ايمان، هجرت ۽ جهاد لاءِ رب سائينءَ جي رحمت ۾ اميد رکي سگهون ٿا"؟ ان تي رب تعاليٰ جي طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي. (٣)

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَاجَرُوا وَجَاهَدُوا فِي سَبِيلِ اللهِ أُولَٰئِكَ يَرْجُونَ رَحْمَةَ اللهِ وَاللهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ. (٤)

"بيشڪ جن ايمان آندو ۽ اهي جن هجرت ڪئي ۽ الله جي راه ۾ جهاد ڪيائون، اهي اميدوار آهن الله جي رحمت ۾، ۽ الله تعاليٰ غفور ۽ رحيم آهي."

## "غزوه بَدر"

* هن سال رمضان ۾ "غزوه بَدر ڪُبريٰ" واقع ٿيو، جنهن جا تفصيل هن کان اڳ "غزوات" واري

---

(١) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٤٩، "المواهب اللدنيہ" قسطلاني ج ١ ص ٣٤٢.

(٢) "واقدي" ۽ ڪيترن ٻين مؤرخن جو خيال آهي تہ حضرت حمزه رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هي "سريہ" رمضان شريف ۾ اماڻيو ويو. جڏهن تہ "سريہ عبيده بن حارث" شوال مهيني ۾ روانو ٿيو. انڪري پهرين اڳواڻ جو شرف حضرت حمزه بن عبدالمطلب رضہ کي ئي حاصل آهي.

"السيرة النبويہ" ابن هشام ج ٢ ص ٢٤٥، "سيرة ابن ڪثير" ج ٢ ص ٣٢٨، المغازي "واقدي" ج ١ ص ٩. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ١١.

(٣) شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٣٧٨، "البدايہ والنهايہ" "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٤٩.

(٤) سوره بقره آيت ٢١٨ پاره ٢.



Marfat.com

باب ۾ بيان ٿي چڪا آهن.

## "ذَاتُ الْفُضُوْل" جو ذڪر

* هن سال جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن غزوه بَدر لاءِ اسهڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن حضرت "سَعْد بن عِبَاده رضہ" هڪ زره سندن حوالي ڪئي. ان زره جو نالو "ذَاتُ الْفُضُوْل" ٻڌايو ويو آهي. [(۱)] اها زِرهُ سڄي ڄمار نبي سڳوري ﷺ جن وٽ رهي ۽ آخري زماني ۾ ان زره کي ٽيهه سير جَوَن جي بدلي "اَبُوشَحْم" نالي يهوديءَ وٽ گروي رکيائون. جنهن کي سندن وصال کانپوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضہ اهو قرض ادا ڪري ڇڏايو. [(۲)]

## صحابين سان مشورو ۽ انهن جو جواب

* هن سال "غزوه بَدر" لاءِ ويندي مسلمان جڏهن "روحا" کان ٽپي "صفراء" جي ويجهو پهتا، تڏهن کين خبر پئي ته ڪافر مڪي مان هن مقابلي لاءِ وڏي تياري ڪري نڪتا آهن. اهو ٻڌي خدا جي پياري رسول ﷺ جن پنهنجي مهاجر ساٿين کان صلاح پڇي، ته "ڇا هن حالت ۾ مشرڪن سان مقابلو ڪرڻ مناسب ٿيندو؟" ان تي حضرت مِقْدَاد بن اَسْوَد ڪِنْدِي رضہ ڏاڍو سهڻو ۽ وٺندڙ جواب ڏنو. هن چيو: "اي خدا جا رسول ﷺ! خدا جو قسم! اسان اوهان کي اهو جواب نه ڏينداسون، جيڪو حضرت مُوسيٰ عليہ السلام کي سندس قوم ڏنو هو ته. "اوهان ۽ اوهان جو رب وڃي وڙهن، اسين ته هتي وينا هونداسين." پر اسان چئون ٿا: "اوهان ۽ اوهان جو رب هلي وڙهو، اسان به اوهان سان گڏ وڙهنداسون. اوهان جي ساڄي، کابي، اڳيان ۽ پويان ٿي وڙهنداسون." [(۳)]

اهو ٻڌي نبي اڪرم ﷺ جن ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سندن منهن مبارڪ ٻهڪڻ لڳو. لڳ ڀڳ اهڙوئي جواب حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما به ڏنو. تنهن کانپوءِ نبي انور ﷺ جن انصار ساٿين جي مرضي معلوم ڪئي. انصار مان حضرت سعد بن معاذ اشهليءَ رضہ هن ريت جواب ڏنو: "اسان اوهان تي ايمان آندو. اوهان جي تصديق ڪئي، ۽ ان ڳالهه جي شاهدي ڏني ته اوهان جيڪي ڪجهه آندو اهوئي حق آهي، هاڻي اوهان کان جو ٻڌنداسون ان جي پوئواري ڪرڻ جو قول ڪيو آهي.

اي خدا جا رسول ﷺ ! اوهان جي جيڪا مرضي هجي، اوهان ائين ئي ڪريو، اسان اوهان سان گڏ هونداسون.

قسم ان هستيءَ جو جنهن اوهان کي حق سان موڪليو آهي، جيڪڏهن اوهان ڪنهن سمنڊ ۾ ٽپڻ جو ارادو ڪندا، ته به اسان اوهان سان گڏ هونداسون ۽ اسان مان ڪوبه پويان پير نه ڪندو، اسان

---

(۱) المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۱۰۲.

(۲) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۳۷۹. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۱۶۵. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۱۸۹.

(۳) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ۲ ص ۳. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۵۱. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۶۳ ـ ۲۶۲. "سيرة ابن هشام" ج ۲ ص ۲۶۶/۶۷. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲۶. تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۴۰.



Marfat.com

جنگ ۾ صابر ۽ مقابلي ۾ سچار ثي منهن ڏيندا سون. بيشڪ الله تعاليٰ اوهان کي اسان جي هٿان اهو ڪجهه ڏيکاريندو جو اوهان جون اکيون ٺري پونديون، هاڻي اسان کي الله جي آسري پاڻ سان گڏ وٺي هلو." (١)

حضرت سَعْد رضہ جڏهن اهو جملو ادا ڪيو تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏاڍا سرها ٿيا ۽ پوءِ مقابلي لاءِ "بدر" ڏانهن رخ رکيائون. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت مِقْدَاد رضہ اهو جواب ان وقت ڏنو هو، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن "غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ" لاءِ وڃي رهيا هئا. انهن ٻنهي روايتن کي ملائي ڇني سگهجي ٿو ته حضرت مِقْدَاد رضہ شايد ٻنهي موقعن تي اهڙي ڳالهه ڪئي هجي.

## حضرت عاتڪہ رضہ جو خواب

* هن سال غزوه بدر کان ٽي چار راتيون اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي پڦي سيده عَاتِڪَہ بنت عَبْدُالْمُطَّلِب رضہ هڪ خواب لڌو ته مکي جا ڪافر ذلت ۾ آهن، سندن گهر تباه ۽ لاش ميدان ۾ رلي رهيا آهن، الله تعاليٰ ٽن ڏينهن اندر بدر جي ميدان ۾ ان خواب کي سچو ڪري ڏيکاريو.

اهو نبي ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي. حافظ ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب "البدايہ والنهايہ" ۾ ان خواب جا تفصيل ڏنا آهن (٢) هتي ان جو اختصار بيان ڪيو ويو آهي.

## نبي ڪريم ﷺ جي دعا

* هن سال غزوه بدر واري ڏينهن جو واقعو آهي ته ان موقعي تي نبي انور ﷺ جن جي لشڪر ۾ ٽي سؤ کان مٿي ماڻهو هئا، جڏهن ته ڪافرن جي فوج جو تعداد هڪ هزار هو، انڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي پالڻهار کان هيءَ دعا گهرندا رهيا:

اَللّٰهُمَّ اَنْجِزْلِيْ مَا وَعَدْتَنِيْ

اَللّٰهُمَّ اِن تُهْلِكْ هٰذِهِ الْعِصَابَةَ لَمْ تُعْبَدْ اَبَدًا

اي منهنجا مالڪ، تون ان وعدي کي پورو ڪري ڏيکار جيڪو تو مون سان ڪيو آهي.

اي منهنجا سائين، جيڪڏهن هيءَ جماعت ختم ٿي وئي ته پوءِ هتي ڪڏهن به تنهنجي عبادت نہ ٿيندي.

نبي اڪرم ﷺ جن اها دعا گهرندا رهيا ۽ پنهنجي رب کي ٻاڏائيندا رهيا، ايتري قدر جو سندن چادر به ڪلهن تان ڪري پيئي، ان تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ عرض ڪيو: "سائين ! اهو ڪافي

---

(١) "المواهب اللدنيہ" قسطلاني ج ١ ص ٣٥٢، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٦٣، "الدرر" "ابن عبدالبر" ص ١٠٣، "سبل الهديٰ والرشاد" شامي ج ۴ ص ٢٦.

(٢) خواب جا تفصيل هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا، "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ١ ص ٢٨٠.
"سبل الهديٰ والرشاد" شامي ج ۴ ص ١٩/٢٢، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج٣ ص ٢٥٦، سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٢٥٩/٦٠، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٢١٨/٢١٣.



Marfat.com

آهي، جيڪو اوهان پنهنجي مالڪ کان گهريو. هوند هو اوهان سان ڪيل قول پاڙيندو." (١)

پوءِ رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي: (٢)

سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَ يُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ،

ترجمو: هيءَ جماعت جلد شڪست کائيندي، ۽ پٺي ڏيئي ڀڄندا.

ان کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ خوشيءَ وچان ان آيت کي پڙهندا پنهنجي ساٿين ڏانهن وڌيا.

## نبي اڪرم ﷺ جو هڪ ٻيو معجزو

* هن سال غزوه بدر واري موقعي تي نبي اڪرم ﷺ پٿرين جي هڪ مُٺ ڀري ان تي شاهت الوجوه (هتن جون شڪليون بگڙي وڃن) تي پيرا پڙهي، پوءِ انکي ڪافرن ڏانهن اڇلايو، جنهن کانپوءِ انهن جي لشڪر ۾ اچي ڀاڄ پيئي ۽ رب پاڪ پنهنجي قوت ۽ طاقت سان مسلمانن کي سوڀ بخشي، (٣) ۽ ان ڏس ۾ هيٺين آيت نازل ٿي:

فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللهَ قَتَلَهُمْ وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللهَ رَمٰى (۴)

"پوءِ اوهان کين قتل نه ڪيو پر الله تعاليٰ کين قتل ڪيو، ۽ اها مٽيءَ جي مُٺ اوهان نه اڇلائي پر الله تعاليٰ اڇلائي."

## شيطان جو لشڪر

* هن سال "غزوه بدر" جي موقعي تي "ابليس لعين" سراقه بن مالڪ مدلجي جي شڪل ۾ شيطانن جي هڪ لشڪر سان جيڪي انساني روپ ۾ هئا، مشرڪن جي مدد لاءِ آيو ۽ کين چيائين:

"لَاغَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَاِنِّيْ جَارٌلَّكُمْ"

"اڄ اوهان تي ڪوبه سوڀارو نه ٿي سگهندو، انسانن منجهان مان اوهان جو ساٿي آهيان."

پوءِ جڏهن ٻنهي لشڪرن روبرو ٿي هڪ ٻئي سان هٿ ڳنڍيا ۽ نبي اڪرم ﷺ جي مدد لاءِ فرشتن جي وڏي انگ کي شيطان نازل ٿيندي ڏٺو، تڏهن هن پنهنجي ساٿين سميت وٺي ڀوڀان ڀير ڪيا. ان تي هڪ مشرڪ کيس چيو، "اي سراقه! تو نه چيو هو نه تون اسان جو مددگار آهين، پوءِ هينئر اسانکي ڇڏي ڪيڏانهن پيو وڃين؟ ان تي ابليس ورائيو: "مان جيڪي ڏسي رهيو آهيان، اوهان اهو نٿا ڏسو. يعني مان ملائڪن کي آسمان تان هيٺ لهندي ڏسي رهيو آهيان، مونکي الله تعاليٰ کان ڊپ ٿئي ٿو، بيشڪ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي." (٥)

---

(١) دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٥٠. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ٢٧. شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ١ ص ١٢١/٢٢.

(٢) سورة القمر" آيت ۴٥ پاره ٢٧.

(٣) المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٢٦۴. سبل الهديٰ "شامي" ج ۴ ص ۴٧ _ ۴٨.

(۴) سورة "الانفال" آيت ١٧ پاره ٩.

(٥) المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٢٦٠، الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ٧٨.



Marfat.com

## آسمان تان ملائڪن جو لهڻ

* هن سال "غزوه بدر" جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جي مدد لاءِ آسمان تان ملائڪ زمين تي نازل ٿيا [1] پهريان هڪ هزار ملائڪ آيا، جيئن رب تعاليٰ فرمايو:

اَنِّیْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِیْنَ [2]

ترجمو: مان اوهان جي مدد ڪندس هزار ملائڪن سان جيڪي قطار ۾ هوندا.

ان کانپوءِ ٻہ هزار آيا، هاڻي ڪل ٽي هزار ملائڪ ٿي ويا، جيئن رب پاڪ فرمايو:

"اَنْ یُّمِدَّكُمْ رَبُّكُمْ بِثَلٰثَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُنْزَلِیْنَ [3]

ترجمو: "(خدا) اوهان جي مدد ڪندو ٽن هزار ملائڪن کي آسمان مان لاهي."

ان کانپوءِ ٻہ هزار ٻيا آيا، هاڻي ڪل ملائڪ پنج هزار ٿيا. ان لاءِ خدا تعاليٰ فرمايو:

"یُمْدِدْكُمْ رَبُّكُمْ بِخَمْسَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُسَوِّمِیْنَ. [4]

ترجمو: "الله اوهان جي مدد لاءِ پنج هزار ملائڪ موڪليندو جن تي نشان لڳل هوندا."

## عڪاشہ بن محصن جي ترار

* هن سال "غزوهَ بُدر" ۾ نبيٰ ڪريمر ﷺ جن جو هي معجزو نظر آيو، جو عُڪَاشَہ بن مِحصَن اَسَدِيّ جي ترار ڀڄي پيئي. پاڻ ڪريمر ﷺ جن کي جڏهن اها خبر پيئي تڏهن حضرت عُڪَاشَہ رضہ کي ڪجيءَ جي هڪ ٽاڻي هٿ ۾ ڏيئي فرمايائون: "هاڻي مقابلي ۾ هيءُ هٿيار استعمال ڪر." حضرت عُڪَاشَہ نبي انور ﷺ جن جي هٿ مبارڪ مان جڏهن اها ٽاڻي ورتي تہ ان مان ترار ٺهجي ويئي، ٻيو هو ان ساڳيءَ ترار سان آخر تائين بدر جي ميدان ۾ دشمنن جو مقابلو ڪندو رهيو. [5] عُڪَاشَہ ان کانپوءِ بہ ڪيترن ئي غزوات ۾ پاڻ ڪريمر ﷺ جن سان گڏجي دشمنن سان سخت مقابلو ڪيو، ۽ اها ترار هر موقعي تي سندس هٿن ۾ هوندي هئي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين اها ترار وٽس موجود رهي. [6]

---

(١) المواهب اللدنيہ ج ١ ص ٣٦٠. الروض الانف "سهيلي ج ٢ ص ٨١. زاد المعاد ابن قيم ج ٣ ص ١٧٧.

(٢) سورة "الانفال" آيت ٩ پاره ٩.

(٣) سورة "آل عمران" آيت ١٢٤ پاره ٤.

(٤) سورة "آل عمران" آيت ١٢٥ پاره ٤.

(٥) ابن اسحاق جي روايت سان حافظ ابن ڪثير ۽ پڻ لکيو آهي تہ ان ٽاڻي مان هڪ ڊگهي ۽ مضبوط ترار ٺهجي ويئي. جنهن جو رنگ اڇو ۽ بناوت لوهہ جهڙي هئي. ان ترار کي "عَون" سڏيو ويندو هو.

"البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ٣ ص ٢٩٠. سبل الهديٰ "شامي" ج ٤ ص ٥٣ _ ٥٢. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٤٣٠. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٣٨٠.

(٦) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٢٦٥. المغازي "واقدي" ج ١ ص ٩٣. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ١١٣. "الدرر" ابن عبدالبر ص ١٠٦. اسد الغابہ ابن الاثير" ج ٤ ص ٢/٣.



Marfat.com

۾ شهادت ماڻي.

اها ڳالهه حقيقت ۾ ان مشهور ڪجيءَ جي ڳالهه هئي، جنهن کي "ابن طاب" [1] جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو.

## قَتَادَهْ رضه جي اک ۾ ڌڪ

* هن سال غزوه بدر ۾ حضرت قَتَادَه بن نُعْمَان رضه کي اک ۾ ڌڪ لڳو. مني مرسل ﷺ جن پنهنجو هٿ مبارڪ سندس اک تي گهمايو تہ ان گهڙيءَ ئي سندس اک ٺيڪ ٿي وئي. اهو سرور ڪائنات ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي. [2]

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو واقعو "غزوه اُحُد" ۾ پيش آيو، جنهن جو احوال اڳتي اچي رهيو آهي.

## حضرت مُعَوِّذ رضه جو هٿ ڪپجڻ

* هن سال "غَزْوَه بَدْر" ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن جو هڪ ٻيو معجزو ان وقت ڏسڻ ۾ آيو، جڏهن بنو عَفْرَآء وارن مان حضرت مُعَوِّذ رضه جو هٿ ڪپجي ڪل ۾ لڙڪي رهيو هو، تڏهن هو ان هٿ کي ٻئي هٿ سان جهلي رسول رحمت ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ڪن راوين ان موقعي تي معاذ بن عفراء جو نالو بہ لکيو آهي، پر مُعَوِّذ بن عَفْرَآء واري روايت وڌيڪ اعتبار جوڳي آهي. [3]

پاڻ ڪريم ﷺ جن مُعَوِّذ جي هٿ کي سندس اصلوڪي جاءِ تي رکي ان جي مٿان پنهنجي لب مبارڪ لڳائي ڇڏي، جنهن ڪانپوءِ اهو هٿ ايئن لڳي ويو جڻ ڪڏهن ڪجهہ ٿيو ئي نہ هو.

---

مسلمان پڌي ويا. ڏهن هزارن جي لشڪر مان انڪل ٽي هزار باقي بچيا.

ان جنگ کي تاريخ ۾ "جنگ جسر" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. عربي زبان ۾ "جسر" جي معنيٰ آهي پل. جيئن تہ هن جنگ ۾ هڪ پل کي ٽوڙيو ويو، جنهن ڪري تمام گهڻو نقصان پهتو، انڪري هن جنگ تي اهو نالو پئجي ويو.

"البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ۷ ص ۲۷/۲۸. "معجم البلدان" "ياقوت حموي" ج ۲ ص ۱۴۰.

(۱) "ابن طاب" مديني شريف جي ڪجين مان هڪ مشهور قسم آهي، جنهن جون ڪارڪون تمام گهڻي رس ۽ لذت واريون ٿين ٿيون. ابن اثير جي راءِ مطابق جنهن شخص مديني ۾ هن ڪجيءَ کي روشناس ڪرايو، ان جو نالو "ابن طاب" هو. اهڙيءَ ريت ڪجين جو هڪ ٻيو قسم "ابن زيد" نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي. انهن ڪجين جون ڪارڪون بہ انهن نالن سان مشهور آهن. ڪجين جي گوشن ڪپڻ ڪانپوءِ جيڪي ڳانيون (سپيون) وڻ ۾ باقي ڇڏيون وڃن ٿيون، اهي بعد ۾ ڏنگيون ٿي ترار وانگر ٿي ويندڀون آهن، عربيءَ ۾ انهن کي "عرجون" سڏيو ويندو آهي، جنهن جو جمع عراجين آهي.

لسان العرب "ابن منظور" ج ۸ ص ۲۳٦، "النهايہ ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۴۹.

(۲) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۲ ص ۲۹۱، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۹٦ ـ ۱۹۵، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۲ ص ۹۹/۱۰۰، "الشفاء قاضي عياض ج ۱ ص ۲۱۲.

(۳) "المواهب اللدنيہ" ۾ "علامہ قسطلاني" عبدالله ابن وهب فهريءَ جي هڪ روايت "قاضي عياض" جي حوالي سان نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ هن جاءِ تي "معاذ بن عمرو" جو نالو آندو آهي. اها شايد ڪاتب جي ڀل آهي، ڇو جو "الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ" ۾ قاضي عياض جي نقل ڪيل روايت ۾ هن جاءِ تي "معوذ بن عفراء" جو نالو ئي ڄاڻايو ويو آهي. باقي "ابن الاثير" جي راءِ آهي تہ هن موقعي تي معاذ بن عمرو بن جموح انصاري خزرجي جو هٿ



Marfat.com

## مسلمانن لاءِ ٻيٽي خوشي

* هن سال جنهن ڏينهن مسلمانن "غزوه بدر" ۾ سوڀ حاصل ڪئي، ان ساڳئي ڏينهن تي ڪين اها خبر پڻ پهتي تہ رومين بہ ايرانين تي سوڀ حاصل ڪئي آهي. انڪري مسلمانن کي ٻيٽي خوشي حاصل ٿي. ڀهرين پنهنجي سوڀ جي ۽ ٻي رومين جي، جنهن جو وعدو رب تعاليٰ مسلمانن سان گهڻو اڳ ڪيو هو.

الٓمٓ • غُلِبَتِ الرُّومُ • فِىٓ أَدْنَى ٱلْأَرْضِ وَهُم مِّنۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُونَ • فِى بِضْعِ سِنِينَ • (١)

**ترجمو:** شڪست کاڌي رومين ڀرواري سرزمين تي، جنهن کانپوءِ وري هو سوڀ حاصل ڪندا ڪجهہ سالن اندر.

اها ڳالهہ ڀهرين ڀاڱي جي انهن فصل ۾ بيان ٿي چڪي آهي.

## عَبْدُالله بن سُهَيْل رض جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال "غزوه بدر" واري ڏينهن عَبْدُالله بن سُهَيْل بن عَمرو قُرَشِي عَامِري جيڪو اَبُوْ جَنْدَل بن سُهَيْل جو ڀاءُ هو. ڪافرن جي لشڪر کي ڇڏي اچي مسلمانن جي فوج ۾ شامل ٿيو ۽ اسلام قبول ڪيائين. هو "بَدْر" ۽ ان کانپوءِ ٻين غزوات ۾ نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ رهيو. (٢) سندس ڀاءُ اَبُوجَنْدَل جي اسلام جو ذڪر انشاءَ الله انهن هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

## يَزِيْد بن اَخْنَس رض جون ٽي پيڙهيون ساڳئي غزوه ۾

* هن سال "غَزْوَه بَدْر" ۾ مسلمانن طرفان يَزِيْد بن اَخْنَس سَلمي سندس پٽ مَعْن بن يَزِيْد ۽ سندس پيءُ اَخْنَس بن حباب بن حبيب ٽنهي ڄڻن شرڪت ڪئي. انهن کانسواءِ صحابين ۾ اهڙو بيو ڪو مثال نٿو ملي، جن جون ساڳئي وقت ٽي پيڙهيون هڪ جنگ ۾ شريڪ ٿيون هجن. جيئن بدر ۾ حضرت اَخْنَس جن جون ٽي پيڙهيون شريڪ هيون. (٣)

## غزوه بدر ۾ قتل ٿيندڙ ڪجهہ ڪافرن جا نالا

* هن سال غزوه بدر ۾ ڪافرن مان عَاص بن سَعِيْد بن عَاص قُرَشِي امويءَ کي قتل ڪيو ويو. ان کان سواءِ ڪافرن منجهان ٿي اَبُوسَائِب بہ قتل ٿي ويو. سندس نالو صيفي بن عائذ بن عبدالله قرشي مَخْزُوْمِي ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ سندس پٽ سائب بن ابو سَائِب اِسْلام قبول ڪيو ۽ پوءِ هو سچو

---

"عڪرمہ بن ابوجهل" جي حملي سان ڪيجي پيو هو. نہ ڪي معوذ بن عفراء جو. والله اعلم.

المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٢٦٥، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٨١، "الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ" قاضي عياض ج ١ ص ٢١٣.

(١) سورة "الروم" آيت ٢ کان ۴ پاره ٢١.

(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ١٨٠، البدايہ والنهايہ ـ ابن ڪثير ج ٣ ص ٣٢٢.

(٣) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٣٢٦.



Marfat.com

مسلمان ٿي رهيو.

هن "غزوه" ۾ مشرڪن مان مَالِڪ بِنْ عُبَيْدالله بِنْ عُثْمَان قُرَشِي تيمي به مارجي ويو، جيڪو طلحہ بن عبيدالله رضہ جو ڀاءُ هو. طلحہ رضہ جو شمار "عَشْرَه مُبَشَّرَه" ۾ ٿيندو آهي.

ان کانسواءِ مشرڪن مان عمرو بن عبدالله بن جدعان تيمي ۽ حذيفہ بن ابوحذيفہ بن مغيره مخزومي پڻ قتل ٿي ويا. (۱)

## حضرت خُبَيْب بن عَدِيّ رضہ جي اک ۾ تير لڳڻ

* هن سال "غزوه بدر" ۾ نبي سونهاري ﷺ جن جو اهو معجزو به ڏسڻ ۾ آيو ته جڏهن خُبَيْبُ بن عَدِيّ رضہ کي اک ۾ تير لڳو، تڏهن سندس تارو ٽڙڪي ٻاهر نڪري آيو، جنهن ڪري حضرت خبيب پريشان ٿي ويو. نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي لب مبارڪ ان اک تي لڳائي ته سندس اک اڳين جهڙي ٿي پيئي. اينتري قدر جو اها خبر به نہ پئي پوي ته سندس ڪهڙي اک ۾ تير لڳو هو. (۲)

(۱) الروض الانف "سهيلي" ج ۳ ص ۱۲۴/۱۲۷، جوامع السيرة "ابن حزم" ۱۴۷/۱۵۰. "الدرر" "ابن عبدالبر" ص ۱۱۱/۱۱۰.

(۲) حضرت خبيب بن عديءَ رضہ کي ڌڪ لڳڻ بابت راوين جو اختلاف رهيو آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته هن صحابي سڳوري کي اک ۾ ڌڪ لڳو هو جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪن راوين طرفان ڪيس پاسي ۾ (ڪلهي جو) ڌڪ لڳڻ ٻڌايو ويو آهي. ٻئي طرف وري ڪجهہ راوين جو بيان آهي ته هن موقعي تي ڪلهي جو ڌڪ خبيب بن عديءَ کي نہ پر خبيب بن اساف کي لڳو هو، جنهن جو ذڪر اڳتي هن ئي باب جي صفحي ۲۲۷ تي ڪيو ويو آهي.

ان اختلاف جو ڪارڻ اهو به ٿي سگهي ٿو ته ٻنهي صحابي سڳورن غزوه بدر ۾ ڀهرو ورتو ۽ ٻنهي نالن جي هڪ جهڙائيءَ سبب ڪنهن راويءَ يا ڪاتب کان هڪ جي بجاءِ ٻي جو نالو لکجي ويو آهي. (والله اعلم باالصواب)

هوڏانهن وري اسدالغابہ ۾ ابن الاثير اهو واقعو وڌيڪ وضاحت سان هن ريت نقل ڪيو آهي جنهن جو راوي حضرت خبيب بن عبدالرحمان آهي، جيڪو خبيب بن اساف جو پوٽو هو. سندس چوڻ آهي ته خبيب بن اساف بن عتبہ بن عمرو بن خديج بن عامر بن جشم بن حارث بن خزرج بن ثعلبہ انصاري خزرجي پنهنجي هڪ مائٽ سان گڏ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو. ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪنهن غزوه لاءِ اسهي رهيا هئا. حضرت خبيب رضہ جيتوڻيڪ ان وقت تائين ايمان نہ آندو هو، پر ان هوندي به عرض ڪيائون:

"اسان اوهان سان گڏجي جنگ ۾ ڀهرو وٺي سگهون ٿا؟" نبي انور ﷺ جن پڇيو، "ڇا اوهان اسلام آڻي چڪا آهيو؟" اسان ناڪار ۾ جواب ڏنوسون.

ان تي پاڻ سڳورا ﷺ جن فرمائڻ لڳا: "اسان ڪافرن سان منهن ڏيڻ لاءِ ڪافرن کان مدد نہ وٺندا آهيون."

اهو ٻڌي اسان ايمان آندوسون ۽ پوءِ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن سان گڏجي روانا ٿياسون.

ميدان ۾ مشرڪن مان هڪ شخص "حضرت خبيب" رضہ جي ڪلهي تي ترار جو وار ڪيو، جنهن ڪانيوءِ سندس ٻانهن ڪلهي وٽان ڪيجي لڙڪڻ لڳي، پاڻ ڪريم ﷺ جن ان جاءِ تي پنهنجي لب مبارڪ لڳائي ته سندس ٻانهن ٺيڪ ٿي ويئي. ان کانپوءِ خبيب رضہ ان دشمن تي جوابي وار ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ احمد بن منيع جي روايت آهي ته ان کانپوءِ خبيب رضہ ان دشمن جي ڌيءَ سان نڪاح به ڪيو. ان روايت کي علامہ ابن حجر به نقل ڪيو آهي. والله اعلم باالصواب.

دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۹۷/۹۸. الخصائص الڪبري "سيوطي" ج ۱ ص ۲۲۷. "سبل الهدي والرشاد" شامي ج ۴ ص ۵۲. دلائل النبوه "ابونعيم" ج ۲ ص ۴۸۴. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۰۱/۱۰۲. الاصابہ "ابن حجر" ج ۱ ص ۴۱۸. حلية الاولياء "ابونعيم" ج ۱ ص ۲۶۴/۲۶۵.



Marfat.com

## رِفَاعَہ بن مالڪ رضہ کي اک ۾ تير لڳڻ

* هن سال غزوه بدر ۾ حضرت رفاعہ بن مالڪ رضہ کي بہ اک ۾ تير لڳو، جنهن سبب سندس تارو بہ ٽڙڪي پيو. نبي اڪرم ﷺ جن ان تاري مٿان پنهنجي لب مبارڪ لڳائي ۽ دعا بہ ڪئي، پوءِ سندس اها اک نيڪ ٿي وئي ۽ ان ۾ تڪليف جو ڪو نشان باقي نہ بچيو. (١)

## غنيمت حلال ٿيڻ بابت حڪم

* هن سال "غزوه بدر" دوران يا ان کان اڳ هيءَ آيت نازل ٿي، جنهن جي ذريعي غنيمت جي مال کي حلال ڪيو ويو. (٢)

فَكُلُوا مِمَّا غَنِمْتُمْ حَلَالًا طَيِّبًا وَّاتَّقُوا اللّٰهَ. (٣)

ترجمو: پوءِ کائو، جيڪي ڪجهہ اوهان کي غنيمت ۾ مليو، حلال ۽ پاڪ سمجهي ۽ ڊڄو الله کان.

## "ذُوالفَقَار" جو هٿ اچڻ

* هن سال "غزوه بدر" ۾ نبي سڳوري ﷺ جن کي اها ترار هٿ آئي، جنهن کي "ذوالفقار" سڏيو ويندو آهي. ان اچار ۾ "ف" تي زير يا زبر ٻئي صحيح آهن.

* اها ترار ڪافرن مان عاص بن منبہ يا هڪ ٻي روايت مطابق نبيہ بن حجاج جي ملڪيت هئي، جيڪي ٻئي ڄڻا هن "غزوه" ۾ مارجي ويا. (۴) اها ترار ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي لاءِ پسند ڪئي ۽ پوءِ هر مقابلي ۾ اها ترار سائن گڏ هوندي هئي ۽ وصال ڪانپوءِ سندن ڇڏيل مال ۾ بہ اها موجود هئي. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ ڄاڻايو ويو آهي. هڪ روايت ۾ اچي ٿو تہ پاڻ ڪريم ﷺ

---

(١) "حافظ بيهقي" پنهنجي ڪتاب "دلائل النبوة" ۾ رفاعہ بن رافع بن مالڪ جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي تہ "غزوه بدر" واري ڏينهن تي ڪيترائي ماڻهو "اميہ بن خلف" مٿان (حملي لاءِ) سنيريا بيٺا هئا. پوءِ آءُ بہ جڏهن اني ڀرسان تہ منهنجي نظر سندس بغل وٽ ان جاءِ تي وڃي پئي، جتان سندس زره ڦاٽي پيئي هئي. اهو ڏسي مون پنهنجي تلوار سان ان جاءِ تي ڪيس رڳهو هنيو تہ اوڏيءَ مهل ڪو تير اچي منهنجي اک ۾ لڳو. پوءِ نبي انور ﷺ جن منهنجي اک تي پنهنجي لب مبارڪ بہ لڳائي ۽ دعا بہ ڪئي، جنهن سان منهنجو درد دفع ٿي ويو."

حافظ ابن ڪثير پنهنجي "سيرة" ۾ ساڳي روايت وري حضرت رفاعہ جي پٽ معاذ بن رفاعہ رضہ کان نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ اميہ بن خلف جي جاءِ تي وري "أبي بن خلف" جو نالو ڄاڻايو ويو آهي. اڳتي هلي هو اهو بہ لکي ٿو تہ اها روايت غريب آهي. جيتوڻيڪ سندس "سَنَد" "جيد" آهي، جنهنڪري هن روايت کي نقل ڪيو ويو آهي، طبراني وري اها روايت ابراهيم بن منذر کان نقل ڪئي آهي.

دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ١٠٠. سيرة ابن ڪثير ج ٢ ص ٢٣۴٨. مجمع الزوائد "هيثمي" ج ٦ ص ٨۵.

(٢) "الروض الانف" سُهيلي ج ٣ ص ٨٣. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٩٩.

(٣) سورة "الانفال" آيت ٦٩ پاره ١٠.

(۴) المغازي "واقدي" ج ١ ص ١٠٣. الروض الانف "سُهيلي" ج ٣ ص ٨۴. الوفا "ابن جوزي" ج ١ ص ٦٦٧. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٨٨.



Marfat.com

جن اها تزار پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي حضرت علي بن ابوطالب رضہ کي عطا ڪني هئي پر اها روايت صحيح بخاريءَ جي خلاف آهي.

## سائب بن عبيد رضہ جو اسلام آڻڻ

* هن سال "غزوه بدر" وارن ڏينهن ۾ ئي سائب بن عبيد بن عبد يزيد بن هاشم بن مطلب بن عبدمناف قرشي مُطلبي اسلام قبول ڪيو. اڳتي هلي سندس نسل مان امام شافعي پيدا ٿيو. [۱] سندس پٽ شافع بن سائب بہ ڦوهہ جوانيءَ ۾ مسلمان ٿيو ۽ نبي سائين ﷺ جن جي زيارت جو شرف بہ حاصل ڪيائين. "سائب" رضہ امام شافعيءَ جي پڙڏاڏي جو ڏاڏو هو ۽ امام شافعي کي ان "شافع" جي نسبت پٺيان سڏيو ويندو آهي. جڏهن تہ سندس نالو محمد بن ادريس بن عباس بن عثمان بن شافع بن سائب آهي، جيئن مٿي بڌايو ويو آهي. اهڙو ذڪر "تقريب" ۽ "تذڪرة القاريءَ" نالي ڪتابن ۾ موجود آهي.

## خُبَيْب بن اِسَاف رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال مسلمان جڏهن "بدر" ڏانهن وڃي رهيا هئا تہ وات تي ئي حضرت خبيب رضہ بن اساف بن عتبہ، انصاري خزرجي اسلام قبول ڪيو، ان کانپوءِ هن بدر، اُحد ۽ خندق جي غزوات ۾ بهرو ورتو. [۲] بدر واري موقعي تي ڌڪ لڳڻ سبب سندس ڪلهو نڪري پيو. نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن ان جاءِ تي پنهنجي لب مبارڪ لڳائي تہ هن جو ڪلهو اتي جو اتي نيڪ ٿي ويو، جنهن کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي برڪت سان هو مشرڪن مثان اچي ٽٽو ۽ هڪ روايت مطابق اميہ بن خلف کي پورو ڪيائين. خبيب اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي وفات کانپوءِ سندس بيوه حبيبہ بنت خارجہ سان نڪاح ڪيو هو.

## چئن ڀائرن جي شرڪت

* هن سال "غزوه بدر" ۾ اهڙا چار صحابي سڳورا بہ شريڪ ٿيا، جيڪي پاڻ ۾ سڳا ڀائر هئا. سندن نالا اياس، عاقل، خالد ۽ عامر رضہ آهن. اهي چارئي بنوبڪير بن عبدياليل ليثي بن عدي بن ڪعب بن لوي وارن مان هئا. منجهائنئن "اياس رضہ" انهن شروعاتي مسلمانن مان هو، جن دار ارقم ۾ پاڻ ڪريم ﷺ آڏو حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو، ان کانپوءِ سندس ڀيا ٽي ڀائر بہ "غزوه بدر" کان اڳ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا ۽ هي چارئي ڀائر "غزوه بدر" ۾ شريڪ بہ ٿيا. جن ۾ "عاقل رضہ" شهادت ماتي، جيئن ابن الاثير "اسد الغابہ" ۾ ڄاڻايو آهي. [۳] "تذڪرة القاري" جي مصنف جو خيال آهي تہ سندن ڀاءُ عامر رضہ بہ "دار ارقم" ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو. انهن ڀنهي روايتن

---

(۱) شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۴۴۶. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۵۵. الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۱۱. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۷۹.

(۲) "اسد الغابہ" ابن الاثير ج ۲ ص ۱۰۱/۱۰۲. "الاصابہ" ابن حجر ج ۱ ص ۴۱۸. "المغازي" واقدي ج ۱ ص ۴۷.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۷۶/۷۷.



Marfat.com

بابت "زرقاني" پنهنجي لکيل "مؤطا مالک" جي شرح ۾ ڄاڻايو آهي ته مٿين ڇنئن ڀائرن سان گڏوگڏ سندن ٽي مائيٽا ڀائر به "بدر" جي غزوه ۾ شريک هئا، جن جا نالا مُعَوِّذْ رضه، مُعَاذ رضه ۽ عَوْف رضه آهن. انهن سڀني جي ماءُ عفراء ڌيءَ عبيد، انصاريه نجاريه رضه هئي، جنهن جي پهرين شادي بکير بن عبدياليل سان ٿي ۽ ان جي وفات کانپوءِ هن ٻيو نڪاح حارث بن رفاعه انصاريءَ سان ڪيو.

پهرين گهر مان کيس اياس، عاقل، خالد ۽ عامر نالي چار پٽ ڄاوا. جڏهن ته پوئين گهر مان کيس ٽي پٽ معوذ، معاذ ۽ عوف ٿيا. گويا سندس ستن ئي پٽن هن غزوه ۾ بهرو ورتو. اها ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته ست ئي ڀائر هڪ غزوه ۾ شريک هجن ! ان قسم جو ٻيو مثال تاريخ ۾ نه ٿو ملي. (١)

## خُزَيْمَہ رضه بن ثابت جو ذڪر

* هن سال غزوه بدر ۾ خُزَيْمَہ رضه بن ثابت بن فاڪه، انصاري اوسي نالي هڪ صحابي شريک ٿيو، جنهن جي باري ۾ نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو هو ته، هن صحابي جي شهادت ٻن ماڻهن جي شهادت جي برابر آهي. ان نسبت ڪري هو "ذُوالشَّهَادَتَيْن" جي لقب سان مشهور ٿيو. ابن الاثير پنهنجي ڪتاب "اسد الغابہ" ۾ ان جو سبب هڪ ڊگهي قصي ۾ ڄاڻايو آهي. (٢)

"خُزَيْمَہ" پهريون ڀيرو غزوه بدر ۾ شريک ٿيو ۽ ان کانپوءِ سڀني غزوات ۾ شرڪت ڪيائين، اهو قول وڌيڪ صحيح آهي. جڏهن ته هڪ روايت ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته هن "اُحد" کانسواءِ ٻين سڀني غزوات ۾ بهرو ورتو. سندس ڪنيت ابوعماره ٻڌائي ويئي آهي.

هن سال غزوه بدر جي موقعي تي مؤمن منجهان حارثه بن رُبَيّعِ شهيد ٿيو. (٣) رُبَيّعِ سندس امڙ جو نالو آهي، جيڪا حضرت انس بن مالک رضه جي پڦي هئي، جڏهن ته حارثه جي پيءُ جو نالو

(١) الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٣٦٤. "شرح علي المواهب اللدنيہ" "زرقاني" ج ١ ص ٤١٦/٤١٧.

(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ١١٤/١١٥. دلائل النبوة "ابونعيم" ج ٢ ص ٤٨٦.

(٣) حضرت حارثہ بن سراقہ جو تعلق خزرج قبيلي جي مشهور شاخ بنو نجار سان هو. هي اهو خوش نصيب گهراڻو آهي، جنهن جي اڪثر فردن کي صحابيت جو شرف حاصل ٿيو.

حضرت حارثہ جو پيءُ "سراقہ" جيتوڻيڪ هجرت کان اڳ گذاري ويو ۽ کيس ايمان آڻڻ جي سعادت حاصل نہ ٿي سگهي هئي. پر سندس ماءُ جي دين ڏانهن جيڪا رغبت هئي، ان حارثہ رضہ جي زندگيءَ تي تمام گهڻو اثر ڪيو ۽ هو ننڍي عمر کان ئي پنهنجي زندگي دين لاءِ وقف ڪري چڪو هو. اهوئي سبب هو جو ان دور ۾ ئي حارثہ رضہ هڪ ڏينهن سرور ڪائنات ﷺ جن کي روبرو عرض ڪيو. "اي خدا جا رسول ﷺ، منهنجي واسطي شهادت جي دعا گهرو. خدا جي سچي رسول ﷺ جن سندس لاءِ شهادت جي دعا گهري." ۽ پوءِ اها دعا ان ريت قبول ٿي جو "غزوه بدر" ۾ حضرت حارثہ رضہ جڏهن حوض مٿان پاڻي پيئڻ لاءِ پهتو تہ دشمن جو تير اچي کيس ڳِچي ۾ لڳو ۽ هن موقعي تي رب جي راه ۾ پهرين شهادت سندس حصي ۾ آئي.

جنگ جي پڄاڻيءَ کانپوءِ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني واپس وريا تہ حارثہ جي ماءُ سندن خدمت ۾ پهچي پنهنجي پٽ بابت سوال پڇيو تہ خدا وٽ کيس ڪهڙو مقام مليو؟ جواب ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو تہ، "حارثہ رضہ نہ صرف جنت ۾، پر جنتن ۾ سڀ کان اعليٰ مقام واري جنت الفردوس ۾ آهي." اهو جواب ٻڌي سندس ماءُ ڏاڍو



Marfat.com

هو. "بدر" ۾ سندس هڪ پير وڍجي پيو، پر پاڻ بچي ويو. پوءِ بدر کان جڏهن مسلمان مديني موٽي رهيا هئا، تڏهن واٽ تي "صفراء" وٽ سندس پساه پورا ٿيا ۽ کيس اتي ئي دفنايو ويو [1] سندس قبر ان جاءِ تي موجود آهي، جتي اڄان سوڏو ماڻهو زيارت لاءِ ايندا رهن ٿا. جاهل ماڻهو وري ان کي ابو ذر غفاريءَ رضہ جي قبر سمجهندا آهن، جيڪا سندن غلطي آهي. حضرت ابو ذر رضہ جي قبر "ربذه" ۾ آهي. قريش جي ساٿارين مان هينيان ٽي صحابي شهيد ٿيا.

۴. عاقل رضہ بن بکير ليثي

۵. مهجع رضہ يمني جيڪو حضرت عمر بن خطاب رضہ جو آزاد ڪيل غلام هو.

عاقل رضہ ۽ مهجع رضہ بئي بنوعدي وارن جا ساٿاري هئا.

٦. عمير رضہ بن عبد عمرو بن نضلہ خزرجي، هي بنوزهره وارن جو ساٿاري هو، سندس لقب "ذوالشمالين" آهي. هن کي "ذواليدين" نہ سمجهيو وڃي، اهو هڪ ٻيو صحابي آهي، جنهن نماز قصر ڪرڻ جي موقعي تي نماز ۾ ڳالهايو ۽ نبي ڪريم ﷺ کان پڇيو: "آيا نماز ۾ قصر ٿي آهي يا اوهان ڀلي ويا آهيو؟" [2]

انصار مان جيڪي آٺ صحابي سڳورا شهيد ٿيا، تن مان ڇهن جو تعلق خزرج قبيلي سان هو، جڏهن تہ ٻہ ڄڻا "اوس" قبيلي جا هئا.

١. عمير رضہ بن حمام، سندن تعلق "بنوسلمہ" وارن سان هو. هن کي هٿ ۾ ڪجهہ کارڪون هيون، جيڪي کائي رهيو هو تہ اتي ئي نبي سائين ﷺ جن جي واتان اها بشارت ٻڌائين: "جيڪو الله جي واٽ ۾ بدر ۾ شهيد ٿيو ان لاءِ جنت آهي." بس پوءِ اهي کارڪون اتي ئي اڇلائي ترار کڻي اچي دشمن تي ٽُٽو، تان جو کيس شهادت نصيب ٿي. [3]

٢. يزيد رضہ بن حارث جنهن جو تعلق بنو حارث بن خزرج سان هو ۽ ابن فسحم جي نالي سان مشهور هو.

٣. رافع بن معلیٰ

۴. حارثہ بن سراقہ بن حارث بن عدي انصاري نجاري جيڪو (ننڍي عمر سبب) جنگ جو نظارو ڏسڻ لاءِ ميدان بدر ۾ آيو هو.

۵. عوف رضہ

٦. معوذ رضہ، اهي ٻئي ڀاڻ ۾ ڀائر ۽ "عفراء" جا پٽ هئا. سندن ٽيون ڀاءُ معاذ رضہ بن عفراء ميدان بدر ۾ شهيد نہ ٿيو هو پر ڏڪجي پيو هو ۽ موٽ تي مديني ۾ وفات ڪيائين، هڪ روايت ۾

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٥٧.

(٢) الدرر "ابن عبدالبر" ص ١٠٩، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ٧٥، روض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ١٠١.

(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ١۴٣، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۴٥، "تاريخ طبري" ج ٢ ص ١٥٠، تاريخ الخميس "دياري بکري" ج ١ ص ٣٨٠. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ١ ص ٣٩٧.



Marfat.com

اچي ٿو تہ ھو حضرت عثمان رضہ جي خلافت تائين ۽ ٻي روايت مطابق حضرت علي رضہ جي خلافت تائين حيات ھو.

باقي آخري ٻن صحابين جو تعلق اوس قبيلي جي ھڪ شاخ بني عوف سان ھو.

٧. سعد بن خيثمہ

٨. مبشر بن عبدالمنذر بن زنبر رضي الله تعاليٰ عنهما.

## غزوه بدر جي شھيدن جي شان ۾ آيت

* ھن سال غزوه بدر جي ڏينھن تي عمير بن حمام ۽ سندن ساٿين (جن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آھي) جي حق ۾ جيڪي بدر ۾ شھيد ٿيا، خدا تعاليٰ طرفان ھيءَ آيت نازل ٿي.

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ اَمْوَاتٌ بَلْ اَحْيَآءٌ. (١)

"۽ نہ چئو انھن کي مئل جيڪي رب جي راه ۾ قتل ٿيا، پر اھي جيئرا آھن."

## طالب جو گم ٿي وڃڻ

* ھن سال "غزوه بدر" جي موقعي تي طالب ابن ابي طالب کي جن غائب ڪري ڇڏيو، جيڪو حضرت علي بن ابي طالب رضہ جو ڀاءُ ھو. طالب پنھنجي ڀائرن ۾ سڀني کان وڏو ھو، پر ڪيس اسلام قبول ڪرڻ جي توفيق نصيب نہ ٿي. حضرت ابوطالب جي اولاد ۾ طالب ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ اھڙو نہ ھو، جيڪو دين کان دور رھيو ھجي. (٢) سندس ٽيئي ڀائر سيدنا علي، سيدنا عقيل ۽ سيدنا جعفر رضي الله تعاليٰ عنھم دين جي دولت سان مالامال رھيا.

## حضرت عباس رضہ جي اسلام بابت روايت

* ھن سال "غزوه بدر" ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس بن عبدالمطلب اسلام قبول ڪيو ھو، پر ھن پنھنجي اسلام کي ماڻھن کان ڳجھو رکيو. اھوئي سبب ھو جو ھن مديني ڏانھن ھجرت نہ ڪئي ۽ مڪي ۾ ئي رھيو، تانجو انھن ھجريءَ ڌاري مڪي جي فتح کان اڳ ھو

(١) سورة بقره پاره ٢ آيت ١٥٤.

(٢) اھا حقيقت آھي تہ "طالب" جي اسلام بابت ڪا شھادت موجود نہ آھي، ان ھوندي بہ نبي ڪريم ﷺ سان ڪيس بي پناه محبت ۽ مسلمانن سان بي حد انسيت ھئي. ھن مسلمانن خلاف ڪنھن بہ ڪارروائيءَ ۾ قريش جو ساٿ نہ ڏنو. پر ان جي برعڪس قريش آڏو مختلف موقعن تي نبي انور ﷺ ۽ سندن سچي دين جي ساراه ڪئي.

"طالب" کي شعر شاعريءَ سان بہ وڏي دلچسپي ھئي، بھترين مدحيہ (واڪاڻ وارا) ۽ رزميہ شعر چيا اٿس. ابن ھشام پنھنجي "سيرة" جي ڪتاب ۾ "طالب" جو اھڙو ڪلام نقل ڪيو آھي، جيڪو ھن "جنگ بدر" ۾ مسلمانن جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ چيو ۽ جنھن ۾ ھن سرور ڪائنات ﷺ جن جي دل کولي ساراه ڪئي آھي. اھو ڪلام حافظ ابن ڪثير ۽ ٻين سيرت نگارن پڻ پنھنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آھي.

سيرة ابن ھشام ج ٣ ص ٢٧/٢٨. سيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ٢ ص ٥٢٣/٥٢٤. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٣٧٥.



Marfat.com

پنهنجي ٻارن ٻچن سوڌو مديني روانو ٿيو. (۱) پر صحيح روايت اها آهي ته هن اسلام ٿي انهن هجريءَ ڌاري قبول ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ هو پنهنجي ٻارن ٻچن سان گڏ هجرت جي ارادي سان مڪي کان مديني وڃي رهيو هو ته واٽ تي "ابواء" وٽ ڪيس رسول الله ﷺ جن گڏيا. جيڪي مڪي جي فتح لاءِ وڃي رهيا هئا. پوءِ حضرت عباس رضہ رستي ۾ ئي ان قافلي سان گڏجي پنهنجي موٽيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان پهرياں فتح مڪہ ۽ ان ڪانپوءِ حنين، طائف ۽ تبوڪ جي غزوات ۾ ڀهرو ورتائين، جنهن جو ذڪر انهن هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

## حضرت ابو درداء رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غزوه بدر" کانپوءِ ابو درداء رضي الله تعاليٰ عنہ به اسلام قبول ڪيو. هن جو نالو "عويمر" ٻڌايو ويو آهي، جڏهن ته سندس پيءُ جي نالي ۾ اختلاف آهي، ڪن راوين عامر ته ڪن طرفان وري "مالڪ" ۽ "ثعلبہ" به ٻڌايو ويو آهي. (۲)

## حضرت علي رضہ سائينءَ جي ڪنيت

* هن سال ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن طرفان حضرت علي رضہ جي ڪنيت "ابو تراب" تجويز ڪئي ويئي.

سيد جمال الدين بخاري پنهنجي ڪتاب روضة الاحباب ۾ ڄاڻايو آهي ته حضرت علي رضہ کي اها ڪنيت سڀ کان وڌيڪ پياري هئي.

"البدايہ والنهايہ" ۾ حافظ ابن ڪثير ڄاڻايو آهي ته حضرت علي رضہ لاءِ اها ڪنيت سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان "غزوهٔ عشيره" واري زماني ۾ تجويز ڪئي ويئي (۳) ۽ هيءُ "غزوه" هن ئي سال جي جمادي الاول يا جمادي الآخر ۾ واقع ٿيو، جنهن مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

## وليد رضہ بن وليد جو اسلام

* هن سال "غزوه بدر" کان ڪجهه ڏينهن پوءِ وليد بن وليد بن مغيره مخزوميءَ رضہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو خالد بن وليد رضہ جو ڀاءُ هو. "جنگ بدر" ۾ جن ڪافرن کي قيد ڪيو ويو، تن ۾ وليد بن وليد رضہ به شامل هو، جنهن کي سندس ڀاءُ خالد فديو ادا ڪري آزاد ڪرايو، جنهن ڪانپوءِ هن آزاد ٿيندي ئي اسلام قبول ڪيو. (۴) سندس ڀاءُ خالد بن وليد رضہ هن کان گهڻو پوءِ سن انهن هجريءَ جي صفر مهيني ۾ مسلمان ٿيو. جيتوڻيڪ ان روايت ۾ اختلاف به آهي. ان جو وڌيڪ ذڪر

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۰۹/۱۱۰. "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۷۴. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۹۸. تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۵۹.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۱۵۹/۱۶۰.

(۳) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۴۶. روضة الاحباب ـ سيد جمال الدين ج۱ ص ۱۴۸/۱۴۹.

(۴) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۹۲. المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۴۶.



Marfat.com

اڳتي سن ائين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

ان ساڳئي شخص وليد بن وليد رضہ لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن دعا قنوت ۾ ٻين مظلومن سان گڏ دعا گهرندا هئا، جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ ڄاڻايو ويو آهي. (١)

## خُنَيْس رضہ بن حُذَافَہ جي وفات

* هن سال "غزوه بَدْر" جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني واپس وريا، تڏهن اتي حضرت خُنَيْس رضہ بن حُذَافَہ بن قَيْس قُرَشِي سَهمِيّ گذاري ويو، جيڪو حضرت حَفْصَہ رضہ جو پهريون گهر وارو هو ۽ ان جي وفات ڪانپوءِ ئي پاڻ ڪريمن ﷺ جو نڪاح ام المؤمنين حضرت حفصہ رضہ سان ٿيو. (٢)

حضرت خُنيس رضہ "جَنْگِ بَدْر" ۾ ڦٽجي پيو، سندس اهي ڦٽ چٽي نہ سگهيا ۽ موت جو ڪارڻ بڻيا. ڪن روايتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو واقعو "جنگ احد" ڪانپوءِ پيش آيو، پر پهرين روايت وڌيڪ مشهور آهي.

## شڪراني جون ٻہ رڪعتون ادا ڪرڻ

* هن سال "غزوه بدر" جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ ايمان وارن سوڀاري ۽ سرخرو ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ پنهنجي پالڻهار جي ساراه ڪئي ۽ سندس شڪراني ادا ڪرڻ لاءِ ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪئي.

## ڪافر قيدين بابت مشورو

* هن سال "غزوه بدر" جي پڄاڻيءَ تي ڪافرن جي قيدين بابت، پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي صحابين سان مشورو ڪيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو خيال هو تہ انهن قيدين کان فديو وٺي ڪين ڇڏيو وڃي. جڏهن تہ عمر بن خطاب رضہ ائين ڪرڻ کان روڪيو ۽ فرمايائين، "هنن کان ڪو فديو نہ

---

(١) غزوه بدر ۾ وليد بن وليد ڪافرن طرفان وڙهندي حضرت عبدالله بن جحش رضہ هٿان گرفتار ٿيو. پوءِ سندس ڀائرن خالد ۽ هشام فديو ڏيئي ڪيس ڇڏايو. ان ڪانپوءِ هن سنت ٿي اسلام قبول ڪيو. مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ رسول اڪرم ﷺ جن وليد کان سوال پڇيو تہ هو فديو ڏيڻ کان اڳ مسلمان ڇو نہ ٿيو؟ ان تي وليد وراڻيو: "اي خدا جا رسول ﷺ، مون ان وقت انڪري اسلام قبول نہ ڪيو جو قريش سمجهن ها تہ مان فديي ڏيڻ جي ڀوَ کان مسلمان ٿيو آهيان. جڏهن تہ مون خدا ۽ خدا جي رسول ﷺ جي رضا لاءِ ايمان آڻڻ ٿي چاهيو."

مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ وليد جڏهن مڪي واپس پهتو تہ مسلمان ٿيڻ جي ڏوهہ ۾ سندس ڀائرن ڪيس قيد ڪيو.

خدا جي سچي رسول ﷺ جن وٽ جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن ڪين ڏاڍو ڏک رسيو. انڪري پاڻ سڳورا ﷺ فجر جي نماز ۾ روزانہ قنوت نازلہ پڙهي، وليد ۽ اهڙن ٻين مظلومن جي حق ۾ دعا گهرندا هئا، جن کي ڪافرن طرفان مڪي ۾ ناحق قيد ڪيو ويو هو.

صحيح بخاري ڪتاب الجهاد والسير ج ٢ ص ١٥٨. الاصابہ "ابن حجر" ج ٣ ص ٦٣٩، شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني" ج ١ ص ٤٤٦.

(٢) صحيح بخاري ڪتاب الجهاد ج ٢ ص ١٢. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ١٢٤.



Marfat.com

ورتو وجي ۽ ڪين قتل ڪري رب جي ڌرتيءَ کي رب جي دشمن کان پاڪ ڪيو وڃي." (١) رسول خدا ﷺ جن جڏهن انهن کان فديو وٺڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن رب پاڪطرفانھيءَ وحي نازل ٿي، جيڪا حضرت عمر رضہ جي راءِ مطابق هئي. ان موقعي تي هيٺين آيت نازل ڪئي ويئي:

لَوْلَا كِتَابٌ مِّنَ اللهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيْمَآ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ. (٢)

## ثابت بن ضحاڪ جو جمڻ

* هن سال ثابت بن ضَحَّاڪ بن خَلِيْفَہ اَنْصَارِي اَشْهَلِي بہ ڄائو. نبي سونهاري ﷺ جن جي وصال وقت سندس ڄمار اٺ ورهيہ هئي، جيئن ابن الاثير "اسد الغابہ" ۾ ڄاڻايو آهي. (٣)

## غزوه بدر ۾ دوبدو مقابلو

* هن سال "غزوه بدر" جي موقعي تي مسلمانن منجهان ٽي ڄڻا يعني حضرت حمزه بن عبدالمطلب، حضرت علي بن اَبُوطَالِب، عُبَيْده بن حَارِث رضہ ميدان ۾ لٿا، جن سان دوبدو مقابلي لاءِ ڪافرن جي لشڪر منجهان ٽي ڄڻا اڳوات ئي تيار بيٺا هئا، عُتْبَہ بن رَبِيْعَہ، سندس ڀاءُ شَيْبَہ بن رَبِيْعَہ، ۽ پٽ وليد بن عُتْبَہ. هن دوبدو مقابلي ۾ حضرت حمزه رضہ هٿان شيبہ ۽ حضرت عليءَ هٿان وليد قتل ٿي ويا، جنهن ڪانپوءِ ٻئي ڄڻا حضرت عُبَيْدَہْ رضہ وٽ آيا ۽ تنهي ڄڻن عُتْبَہ کي قتل ڪيو. ان موقعي تي هنن شخصن جي شان ۾ هي آيت نازل ٿي: (٤)

هٰذَانِ خَصْمَانِ اخْتَصَمُوْا فِيْ رَبِّهِمْ فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِيَابٌ مِّنْ نَّارٍ. (٥)

"هي بہ ڌريون آهن، جن پنهنجي رب بابت اختلاف ڪيو، پوءِ جيڪي ڪافر ٿيا انهن لاءِ پوشاڪ تيار ڪئي ويندي باهہ منجهان."

## اَبُوْجَهْل جو قتل

* هن سال "غزوه بدر" ۾ هن امت جي فرعون اَبُوْجَهْل بن هِشَام خذله الله کي قتل ڪيو ويو. مٿس عَفْرَاءِ رضہ جي ٻن پٽن مُعَاذ رضہ ۽ مُعَوَّذ رضہ پنهنجي ٽئين ساٿيءَ معاذ بن عمرو بن جَمُوْح رضہ جي مدد سان حملو ڪيو.

هن موقعي تي سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو: "ابوجهل جي ڄاڻ لهو تہ ڪهڙي حال ۾ آهي." پوءِ اها ڄاڻ لهڻ لاءِ حضرت عَبْدُالله ابن مَسْعُوْد رضہ روانو ٿيو، ٻاهر اچي ڏٺائين تہ هو پوين پساهن ۾

(١) شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٤٤١.

(٢) سوره الانفال پاره ١٠ آيت ٦٨.

(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٢٢٦.

(٤) صحيح بخاري ج ٢ ص ٥، سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٢٧٧. شرح المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٤١٨، ٤١٧، جوامع السيرة "ابن حزم" ص ١١٢. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٢٩٤، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٣٥/٣٦.

(٥) سوره الحج پاره ١٧ آيت ١٩.



Marfat.com

هو. ابن مَسْعُوْد رضہ سندس سيني تي چڙهي پنهنجي تلوار کڏي سسي ڌڙ کان ڌار ڪيائينس ۽ پوءِ ان کي آڻي سرور ڪائنات ﷺ جن جي حوالي ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ جن ان تي پنهنجي پروردگار جي ثنا ڪئي ۽ سندس دربار ۾ شڪراني جو سجدو ڪيو. (١)

## بدر ۾ قتل ٿيل ڪافرن منجهان ڪجهہ نالا

* هن سال "غَزْوَهٔ بَدْر" ۾ ڪافرن جا سٺر سردار قتل ٿي ويا، جن مان ڪيترا تہ وڏي نالي وارا هئا. جيئن تہ اُمَيَّہ بن خَلَف، عُتْبَہ بن رَبِيْعَہ، شَيْبَہ بن رَبِيْعَہ، وَلِيْد بن عُتْبَہ، طُعَيْمَہ بن عَدِيّ، جيڪو مُطْعِم بن عَدِيءِ رضہ جو ڀاءُ هو. زَمْعَہ بن اَسْوَد ۽ سندس ٻہ ڀائر حَارِث ۽ عَقِيْل جيڪي پڻ اَسْوَد جا پٽ هئا. اَبُوالْبُخْتَرِي، نُبَيَہ ۽ مُنَبِّہ جيڪي ٻئي وري حَجَّاج جا پٽ هئا ۽ اَسْوَد بن عَبْدُالاسد مَخْزُوْمِي جيڪو مشرڪن جي لشڪر مان سڀ کان پهريان قتل ٿيو. وغيره.

## قيدي ڪافرن مان ڪجهہ نالا

* هن سال "غَزْوَهٔ بَدْر" ۾ سٺر ڪافرن کي قيد ڪيو ويو، جن مان ڪجهہ نالا هيٺ ڏجن ٿا:
(١) سُهَيْل بن عَمْرو قُرَشِي عَامِري، (٢) اَبُو وَدَاعَہ بن صُبَرَه سهمي، جيڪو مطلب بن ابي وداعہ رضہ نالي صحابيءَ جو پيءُ هو. (٣) حَنْظَلَہ ۽ عَمْرو جيڪي ٻيئي وري اَبُوسُفْيَان صَخْر بن حَرْب جا پٽ هئا. (٥) اَبُوالْعَاص بن رَبِيْع بن عَبْدالْعُزّيٰ بن عَبْد شَمْس بن عَبْد مَنَاف قُرَشِيْ عَبْشَمِيْ جيڪو اُم الْمُؤْمِنِيْن سَيِّدَه خَدِيْجَةُ الْكُبْريٰ رضہ جو ياڻيجو هو، (٦) عُقْبَہ بن اَبِي مُعَيْط قُرَشِي عَجْلاَنِي ۽ (٧) نضر بن حارث جنهن کي ڪافرن جي لشڪر مان سڀ کان پهريان پڪڙيو ويو.
مشرڪن منجهان جيترا بہ شخص مارجي ويا ۽ جن کي بہ قيد ڪيو ويو، تن سڀني جو ذڪر "سِيرت شاميہ" ۽ "شرح علي المواهب اللدنيہ" ۾ تفصيل سان ڪيو ويو آهي. (٢)

## ٻن ڪافرن جي قتل جو حڪم

* هن سال "غزوه بدر" کان موٽ تي نبي اڪرم ﷺ جن جڏهن "صَفْرَاءِ" وٽ پهتا تڏهن حضرت علي بن ابوطالب رضہ کي نضر بن حارث جي قتل جو حڪم ڏنائون. پوءِ ان کي قتل ڪيو ويو. ان کانپوءِ جڏهن "عِرْق الظّبْيَہ" وٽ پهتا تڏهن حضرت عَامِر بن ثَابت بن اَبُو اَفْلَح کي حڪم ڏنائون تہ هو عقبہ بن اَبُومُعَيْط کي قتل ڪري، پوءِ عامر بن ثابت ان حڪم جي تعميل ڪئي. (٣)

(١) صحيح بخاري ج ٢ ص ٤. سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢٨٨/٢٨٩. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٤٢٨/٤٢٩. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٨٧/٢٨٨. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ١٨٥. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٥٠/٥١. تاريخ طبري ج ٢ ص ١٥٥. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ٣٨٤/٣٨٥.

(٢) اهي تفصيل هيٺين ڪتابن ۾ بہ ڏسي سگهجن ٿا: سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٧٥/٧٩. المغازي "واقدي" ج ١ ص ١٣٨. سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٣٦٥. ج ٣ ص ٣. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٤٠٥.

(٣) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٣٠٦. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٣٧٦. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ١١٤. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٤٠٨.



Marfat.com

نضر بن حارث جيڪو حضرت عليءِ رضه هٿان قتل ٿيو، ان جو ڪم اهو هو جو هو عجم جي ملڪن مان ڪوڙا ۽ هترادو قصن جا ڪتاب خريد ڪري مڪي ۾ آڻيندو هو ۽ رسول خدا ﷺ جي مقابلي ۾ اهي قصا ماڻهن کي ٻڌائي انهن جو ڌيان سرور ڪائنات ﷺ جي ٻڌايل ڳالهين تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ان شخص جي باري ۾ خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللهِ.

"۽ ماڻهن منجهان (ڪو اهڙو به آهي) جيڪو اهڙيون ڳالهيون خريد ڪري ٿو، جيڪي رب جي رستي کان گمراه ڪندڙ آهن."

ان شخص جو عقيدو اهو هو ته:

اَللّٰهُمَّ اِنْ کَانَ هٰذَا هُوَالْحَقَّ مِنْ عِنْدِکَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ.

" يالله هي جيڪي ڪجهه (محمد ﷺ) پيش ڪري ٿو اهو جي تنهنجي طرفان سچ آهي ته پوءِ اسان تي آسمان مان پٿر وساءِ."

نَضر ڪفر جي حالت ۾ قتل ٿيو، ان ڳالهه تي سمورا سيرت نگار متفق آهن. باقي "ابن منده" جو اهو وهم آهي ته نَضر، اسلام قبول ڪيو هو. ابن الاثير ۽ ٻين محدثن ان ڳالهه کي غلط چيو آهي.

## ابولهب جو موت

* هن سال "غزوه بدر" کانپوءِ ست ڏينهن رکي پاڻ ڪريم ﷺ جن جو چاچو ابولهب بن عَبْدُالْمُطَّلِب مري ويو. سندس موت ڪفر جي حالت ۾ ٿيو. ڪيس چمڙيءَ جي بيماري ٿي، جنهن کي عرب "عدسہ" چوندا آهن ۽ انهن جي خيال موجب اها نهايت موذي ۽ وچڙندڙ بيماري آهي. هن بيماريءَ ۾ سڄي جسم تي "مَهْريءَ" جيڏا داڻا نڪرندا آهن، جنهن جي آخري منزل موت آهي. (۱)

## عُمَر بن عبدالله جو جنم

* هن سال حبش جي سرزمين تي اَبُوسَلَمَہ عَبْدُالله بن عَبْدُالْاَسَد مَخْزُوْمِيءَ جي گهر نينگر ڄائو، جنهن جو نالو "عمــر" رکيــو ويــو. سندس ماءُ جو نالو "اُمِّ سَلَمَيٰ" آهي، جنهن سان پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن نڪاح ڪيو هو، انڪري عمر بن عبدالله کي سندن اڳ ڄائو پٽ ليکيو ويندو. وصال نبي ﷺ وقت هن نينگر جي عمر نوَ ورهيه هئي. (۲)

## ڪافرن جي لاشن مٿان نبي اڪرم ﷺ جو اچڻ

* هن سال "غزوه بدر" جي ختم ٿيڻ کانپوءِ به پاڻ ڪريم ﷺ جن ٽي ڏينهن اتي ترسي پيا ۽

---

(۱) سبل الهدیٰ والرشاد" "شامي" ج ص ٦٧. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٣٠٩. شرح عليٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٤٥٢. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٤١٠.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٤ ص ٧٩. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٣ ص ٢٤٥/٢٤٦.



Marfat.com

ٽئين ڏينهن تي ان کوهہ مٿان اچي بيٺا، جنهن ۾ ڪافرن جا لاش اڇلايا ويا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ ان کوهہ جي ڪناري تي بيهي هن ريت فرمايو: "اسان جي رب اسان سان جيڪو وعدو ڪيو هو اهو سچو ٿيو، ڇا اوهان جي رب اوهان سان جيڪو وعدو ڪيو هو، اهو بہ سچو ٿيو؟" پوءِ اتي موجود ماڻهن کي فرمايائون: "اوهان جيڪي ٻڌو ٿا اهو هنن کان وڌيڪ نہ آهي." معنيٰ هي لاش منهنجي ڳالهہ اوهان وانگر ئي ٻڌي رهيا آهن. اها حديث بخاري ۽ مسلم وغيره ۾ موجود آهي. (۱)

## حضرت عباس رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو سبب

* هن سال "غزوه بدر" ۾ حضرت عَبَّاس بن عَبۡدُالۡمُطَّلِب کي بہ قيد ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ جڏهن قيدين کان "فديو" وٺي کين ڇڏڻ جو فيصلو ٿيو، تڏهن ان موقعي تي حضرت عَبَّاس رضہ چوڻ لڳو تہ هن وٽ ڪوبہ مال ملڪيت موجود نہ آهي، جنهن مان هو فديو ادا ڪري سگهي. اهو ٻڌي خدا جي رسول ﷺ فرمايو: "اوهان فديو ان سون مان ادا ڪريو، جيڪو بدر ڏانهن اچڻ کان اڳ اوهان ۽ اوهان جي گهر واري اُمِّ فَضۡل پنهنجي گهر ۾ پوريو هو ۽ گهر واريءَ کي اها وصيت بہ ڪئي هيوَ تہ جيڪڏهن اوهان کي هن سفر ۾ ڪجهہ ٿي پوي تہ پوءِ اها ملڪيت اوهان جي ٽن پٽن فَضۡل، عَبۡدُالله ۽ قُثَم ۾ ورهائي وڃي."

---

(۱) هن واقعي بابت امام بخاري پنهنجي "صحيح" ۾ حضرت اَبُوطَلۡحہ رضہ کان هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ "بدر" واري واقعي ۾ ڪافرن جا ستر ماڻهو مارجي ويا، جن منجهان چوويهن سردارن جا لاش نبي اڪرم ﷺ جن جي حڪم سان هڪ گندي ۽ ناپاڪ کوه ۾ اڇلايا ويا. لڙائي جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن ٽي راتيون بدر جي ميدان ۾ ترسيا ۽ ٽئين ڏينهن تي اتان واپس ورڻ جو حڪم ڏنائون. سڀ صحابي سڳورا سنبري تيار ٿي بيٺا. سرور ڪائنات ﷺ جن هڪ پاسي هلڻ شروع ڪيو تہ سمورا صحابي بہ سندن ڪڍ لڳي پيا. هنن سمجهيو ٿي تہ رسول خدا ﷺ جن ڪنهن ڪم سانگي ان طرف هلي رهيا آهن، تانجو ان قتل کوه جي ڪناري تي اچي بيهي رهيا، جنهن ۾ ڪافرن جا لاش ڦٽا ڪيا ويا هئا.

رسول انور ﷺ جن هرهڪ سردار جو نالو وٺي کين سڏيندا رهيا. تنهن ڪانپوءِ پاڻ ﷺ فرمايائون: "اسان جي رب اسان سان جيڪو وعدو ڪيو هو، اهو تہ سچو ثابت ٿيو پر اوهان جي رب جيڪو اوهان سان وعدو ڪيو ڇا اهو بہ سچو ثابت ٿيو؟"

اهو ٻڌي حضرت عمر رضہ چوڻ لڳو: "اي الله جا رسول ﷺ، اوهان هنن بي روح جسمن سان ڳالهائي رهيا آهيو؟"

خدا جي سچي رسول ﷺ جن وراڻيو: "قسم آهي ان هستيءَ جو جنهن جي هٿ ۾ محمد ﷺ جي جان آهي، تہ هي بہ اوهان وانگر ئي ٻڌي رهيا آهن، پر کين ڳالهائڻ جي قوت نہ آهي." اها حديث صحيح آهي، جنهن کي سينيءَ مؤرخن ۽ سيرت نگارن پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي.

صحيح بخاري ڪتاب المغازي جلد ۳ ص ۷، سيرت ابن هشام ج ۲ ص ۲۹۱/۲۹۲، الروض الانف "سهيلي" ج ۳ ص ۶۲، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۹۲، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۴۳۱/۳۳، زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۱۷۸، سنن نسائي ج ۴ ص ۱۱۱، تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۵۵.



Marfat.com

اهو ٻڌي حضرت عَبّاس رضہ چوڻ لڳو، مان تصديق ٿو ڪريان تہ اوهان خدا جا سچا رسول آهيو، جو اوهان اها ڳالهہ ٻڌائي جنهن جي ڄاڻ مون کان ۽ ام فضل کانسواءِ ڪنهن بہ ٻئي کي نہ هئي. (١) پوءِ اهوئي واقعو حضرت عَبّاس رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو سبب بڻيو. اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

## عُمَيْر بن وَهْب جي مسلمان ٿيڻ جو واقعو

* هن سال غزوه بدر کان واندا ٿي رسول رحمت ﷺ جن جڏهن مديني پهتا، تڏهن عُمَيْر بن وَهْب جحمي اسلام قبول ڪيو. ان کان اڳ ڪفر واري زماني ۾ ڪيس قريش جي شيطانن مان هڪ شيطان ڪري ليکيو ويندو هو.

هو هر وقت خدا جي پياري رسول ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورن کي ايذائيندو رهندو هو. ان ڪانپوءِ هن مديني ۾ اچي پاڻ ڪريم ﷺ جن آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ سچو مسلمان ٿي رهيو. (٢)

اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ هو مڪي موٽي ويو ۽ اتي وڃي ڪافرن کي ايئن ستائڻ شروع ڪيائين، جيئن اسلام کان اڳ مسلمانن کي ستائيندو هو.

سندس مسلمان ٿيڻ جو سبب اهو ٿيو، جو مديني ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن ڪيس هڪ اهڙي ڳالهہ ٻڌائي، جيڪا هن مڪي ۾ "حطيمِ ڪعبہ" وٽ صَفْوَان بن اُمَيَّہ جحميءَ سان ڪئي هئي ۽ انهن ٻنهي کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ان ڳالهہ جي خبر نہ هئي (٣) اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي، جنهن جي تصديق عمير بن وهب کي بہ ڪرڻي پيئي.

## سَيِّده فَاطِمَۃُ الزَّهْراء رضہ جو نڪاح

* هن سال صفر مهيني جي پوين تاريخن ۾ سيده فَاطِمَۃُ الزَّهْراء رضہ جو نڪاح سيدنا علي المرتضيٰ رضہ سان ٿيو. اهو واقعو اُمّ الْمُؤْمِنِيْن عَائِشَہ رضہ جي شاديءَ کان ساڍا چار مهينا پوءِ جو آهي. (٤) نڪاح وقت سيده فَاطِمَہ رضہ جي عمر اڻويهہ ورهين کان ڏيڍ مهينو مٿي هئي. ڇو جو سيده فَاطِمَہ نبوت کان پنج ورهيہ اڳ انهن ڏينهن ۾ ڄائي هئي، جڏهن ڪَعْبَۃُ الله جي تعمير جو ڪم هلي رهيو هو. ان وقت نبي اڪرم ﷺ جن جي ڄمار پنجٽيهہ ورهيہ هئي. (٥) اها روايت صحيح آهي، جنهن جي تصديق علامہ ابن علان "اذڪار نووي" جي شرح ۾ بہ ڪئي آهي.

---

(١) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٣٧٥، دلائل النبوة "ابونعيم" ج ٢ ص ٤٧٦.

(٢) سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٣١٦، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ١٤٩. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٣١/٣٢، تاريخ طبري ج ٢ ص ١٦٧، سيرة ابن ڪثير" ج ٢ ص ٤٨٧.

(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٤ ص ١٤٩، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٤١٤. سيرة ابن ڪثير ج ٢ ص ٤٨٧، دلائل النبوة ابونعيم ج ٢ ص ٤٧٩/٤٨٠.

(٤) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٣٨٣، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٤١١.

(٥) الاصابہ "ابن حجر" ج ٤، ص ٣٨٩.



Marfat.com

نڪاح وقت سيدنا علي رضہ جي عمر چوويهہ ورهين ڪان ڏيڍ مهينو مٿي هئي. ڇو جو حضرت علي رضہ نبي سائين ﷺ جن ڪان ٽيهہ ورهيہ پوءِ ڄاوا هئا.

## سَيِّدَه فَاطِمَہ رضہ جي رخصتي

* هن سال غزوه بدر ڪان پوءِ "ذُوالحج" جي مهيني ۾ سيده فَاطِمَہ رضہ پرڻجي حضرت عَلِي رضہ جي گهر آئي. ان وقت سرور ڪائنات ﷺ جن کي مديني ۾ آئي ٻارنهن مهينا گذري چڪا هئا. (١)

هڪ ٻي روايت مطابق اهو واقعو هجرت جي ٽئين سال غَزْوَهٔ اُحُد ڪانپوءِ جو آهي، پر پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي.

## مِسْوَر بن مَخْرَمَہ جو جمڻ

* هن سال مڪي ۾ مِسْوَر بن مَخْرَمَہ ڄائو. جيڪو حضرت عَبْدُالرَّحمٰن بن عَوْف رضہ جو ڀاڻيجو هو. (٢) نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال وقت "مِسْوَر" جي ڄمار اٺ ورهيہ هئي. ان ليکي ۾ سندس ڄمر وارو سال شامل نہ آهي.

## مَرْوَان بن حڪم جو جمڻ

* هن سال مَرْوَان بن حَڪَمَ بن اَبُوالْعَاص بن اُمَيَہ قُرَشِي اُمَوِيّ بہ ڄائو. (٣) نبي سائين ﷺ جن جي وصال وقت سندس عمر بہ اٺ ورهيہ هئي.

## "شُقْرَان" جو خدمت نبوي ﷺ ۾ اچڻ

* هن سال "غَزْوَهٔ بَدْر" ڪانپوءِ هڪ حبشي غلام کي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو "شُقْرَان" جي لقب سان ڄاتو وڃي ٿو. سندس اصلي نالو صَالح عَلي رضہ ٻڌايو ويو آهي.

"شُقْرَان" لاءِ هڪ روايت اها بہ آهي تہ هو پهريان حضرت عَبْدُالرَّحمٰن بن عَوْف رضہ جو ٻانهو هو. جڏهن تہ ڪيس بدر جي جنگ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي خدمت ۾ سوکڙيءَ طور پيش ڪيو ويو. وري هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ رسول اڪرم ﷺ جن ڪيس خريد ڪرڻ ڪانپوءِ آزاد ڪري ڇڏيو. (۴)

---

(١) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٢، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ۴١١.

(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ٣٦۵.

(٣) "ابن الاثير" مروان جي جمڻ متعلق گهڻيون روايتون نقل ڪيون آهن. مالڪ رضہ جي روايت مطابق هو "غزوه احد" واري ڏينهن ڄائو. جڏهن تہ هڪ ٻي روايت مطابق هو "غزوه خندق" جي موقعي تي ڄائو. سندس جمڻ جو هنڌ مڪوءِ طائف بہ ٻڌايا ويا آهن. هو جمڻ کان پوءِ سنت ئي پنهنجي پيءُ حڪم سان گڏ طائف هليو ويو. جتان وري حضرت عثمان بن عفان رضہ جي خلافت واري زماني ۾ مديني آيو. ڪيس نبي اڪرم ﷺ جن جي زيارت جو شرف حاصل نہ ٿي سگهيو، انڪري سندس شمار صحابين ۾ نہ ٿيندو آهي. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ٣۴٨.

(۴) الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ١۵٣، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٢. ڪتاب المحبر ابن حبيب ص ١٢٨، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٧٨.



Marfat.com

نبي انور ﷺ جن جي وصال کانپوءِ ڪين غسل ڏيارڻ وارن ۾ شقران رضہ بہ شامل آهي.

## سَائِب بن يَزِيد جو جنم

* هن سال سَائِبِ بن يَزِيد ڪندي بہ ڄائو، جنهن کي "نمر" جو ڀاڻيجو سڏيو ويندو آهي.[1] هن پنهنجي پيءُ سان گڏجي حجة الوداع بہ ادا ڪيو. ان وقت سندس عمر ست ورهيہ هئي. ان ڳالهہ ۾ سندس جنم ۽ حج ادا ڪرڻ وارا سال نہ ليکيا ويا آهن. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هو هجرت جي ٽئين سال ڄائو هو.

(١) الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ١٢، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٢٥٧، الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٢ ص ١٤٣.



Marfat.com

# فصل ٽيون

هن فصل ۾ سن ٽين هجريءَ جي واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جو حضرت حَفْصَہ رضہ (١) سان نڪاح

* هن سال شعبان جي مهيني ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جو نڪاح حضرت حَفْصَہ بِنت عُمر رضہ سان

(١) ام المؤمنين حضرت حفصہ بعثت نبوي ﷺ کان اٽڪل پنج ورهيہ اڳ مڪي جي معزز شخص عمر بن خطاب بن نفيل جي گهر ۾ ڄائي. سندس امڙ جو نالو زينب بنت مظعون ٻڌايو ويو آهي، جيڪا مشهور صحابي حضرت عثمان بن مظعون جي ڀيڻ هئي، انڪري حضرت حفصہ رضہ کي اها سعادت حاصل آهي تہ سندس پيءُ، ماءُ، ماما ۽ سڳو ڀاءُ حضرت عبدالله ابن عمر سمورا برگزيده صحابي هئا.

حفصہ جو نڪاح ننڍي عمر ۾ ئي سهم قبيلي جي هڪ فرد خنيس بن حذافہ بن قيس سان ٿيو هو، جنهن جو شمار "سابقون الاولون" ۾ ٿيندو آهي، ڇو تہ ڪيس ٻن هجرتن ۽ ٻن قبلن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو شرف حاصل رهيو هو.

حضرت خنيس هڪ نهايت بهادر ۽ بي خوف انسان هو. مديني ڏانهن هجرت ڪانپوءِ جڏهن جهاد جو حڪم نازل ٿيو تہ هو ان ميدان ۾ بہ پٺتي نہ رهيو ۽ "غزوه" بدر ۾ نهايت بهادريءَ سان دشمن جو مقابلو ڪندي ڦٽجي پيو. بدر جي ميدان ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مسلمان ڪيس مديني کڻي آيا پر سندس ڦٽ ڇٽي نہ سگهيا ۽ هو ٻي هجريءَ ڌاري ئي گذاري ويو. جڏهن تہ ڪن راوين جو قول آهي تہ هو بدر ڪانپوءِ "غزوه احد" ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان موقعي تي ئي شهادت ماڻيائين. جنهن ڪانپوءِ ئي حضرت حفصہ رضہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي نڪاح ۾ آئي. بلاذري ۽ ابن عبدالبر طرفان اها روايت نقل ڪئي وئي آهي، جنهن جي تائيد ذهبيءَ طرفان بہ ڪئي وئي آهي پر اڪثر راوين پهرين قول کي ئي ترجيح ڏني آهي. سندس نڪاح وقت حضرت حفصہ رضہ جي عمر اٽڪل ارڙهن ورهيہ هئي ۽ مهر پنج سو درهم مقرر ڪيو ويو.

ابوداؤد، نسائي ۽ ابن ماجہ وغيره ۾ ابن عمر رضہ کان هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ نبي انور ﷺ جن هڪ دفعي حضرت حفصہ کي هڪ طلاق (رجعي) ڏني هئي.

طبراني جي قول مطابق جڏهن سيده حفصہ جا ٻہ ماما حضرت عثمان ۽ قدامہ هڪ ڏينهن وٽس پهتا تہ هوءَ روئي رهي هئي، مامن جڏهن کانئس روئڻ جو سبب پڇيو تہ جواب ۾ هن طلاق جو ذڪر ڪيو.

عقبہ بن عامر کان هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن ئي موقعي تي سندس پيءُ سيدنا عمر فاروق رضہ وٽس پهتو تہ هوءَ مٿي ۾ مٽي وجهي ويٺي هئي.

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن جڏهن ڪيس ٻي طلاق ڏيڻ جو ارادو فرمايو تہ الله تعاليٰ طرفان صبح جو سوير جبريل نازل ٿيو ۽ کين ٻڌايو تہ "حفصہ کي طلاق نہ ڏيو جو هوءَ گهڻا روزا رکندڙ ۽ قيام ڪرڻ وارن مان آهي ۽ جنت ۾ بہ هوءَ اوهانجي گهرواري هوندي."اها روايت حضرت انس کان ابن ابوخيثمہ نقل ڪئي آهي، جنهن کي حاڪم پنهنجي مستدرڪ ۾، طبراني معجم اوسط ۾ ۽ هيثميءَ مجمع الزوائد ۾ نقل ڪيو آهي. جنهن ڪانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن رجوع فرمايو ۽ پوءِ ڪڏهن وري سندن زندگيءَ ۾ اهڙو ڪو ناخوشگوار واقعو پيش نہ آيو.

دارقطني جي روايت مطابق جنگ بدر ۾ حضرت حفصہ رضہ جي ستن عزيزن بهرو ورتو، جن ۾ سندس والد سيدنا



Marfat.com

ٿيو جيئن "سيرت شاميہ" ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ اها روايت صحيح بہ آهي. (١)

اَبُوعَبُدُالله شامي پنهنجي مٿين ڪتاب ۾ هجرت کانپوءِ پيش آيل واقعات جي باب ۾ لکي ٿو تہ. "حضرت حفصہ رضہ جو پهريون گهر وارو "خُنَيُس بن حُذَافہ سَهمِي" غَزوَه بَدُر ۾ زخمي ٿي پيو هو ۽ ڪجھ ڏينهن رکي هو مديني ۾ گذاري ويو. اهو واقعو غزوه بدر ۽ غزوه اُحُد جي وچ واري دور ۾ پيش آيو.

حافظ ابن حجر "الاصابہ" ۾ هڪ ٻي روايت بہ نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هي نڪاح هجرت جي ٽئين سال "غزوه اُحُد" کانپوءِ ٿيو، ڇو جو ان روايت مطابق حضرت خُنَيُس رضہ کي غزوه احد ۾ شهيد ڪيو ويو، اهو واقعو سن ٽين هجريءَ ۾ شوال مهيني جي وچ ڌاري پيش آيو يا وري هڪ ٻي روايت موجب هي نڪاح هن ئي سال ذوالقعد جي پڇاڙيءَ ڌاري يا ذوالحج جي مهيني ۾ ٿيو هو. پر پوءِ بہ پهرين روايت کي وڌيڪ صحيح ڄاتو وڃي ٿو ۽ اهڙي راءِ "الاصابہ" ۾ حافظ ابن حجر بہ ڏيکاري آهي. (٢)

## حضرت زَينَب رضہ (٣) سان نڪاح

* هن ئي سال سرور عالم ﷺ جن جو نڪاح حضرت زَينَب بِنت خُزَيمَہ هِلَالِيہ سان بہ ٿيو. هيءَ

---

عمر چاچو زيد، گهروارو خنيس، ٽي ماما عثمان، عبدالله، قدامہ ۽ ماروٽ سائب بن عثمان رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جا نالا شامل آهن. هڪ عام روايت مطابق حضرت حفصہ شعبان سن ۴۵ پنجيتاليهہ هجريءَ ڌاري وفات ڪئي. ان وقت سندس عمر ٽيهٺ ورهيہ هئي. وفات کان اڳ هن ڀيڻي سڳوري پنهنجي ننڍي ڀاءُ حضرت عبدالله بن عمر رضہ کي وصيت ڪئي هئي تہ سندس "غابہ" واري ملڪيت الله جي واٽ ۾ خيرات لاءِ وقف ڪئي وڃي. هي ملڪيت کيس پنهنجي پيءُ کان ورثي ۾ ملي هئي. "غابہ" نالي ديهہ مديني جي اتر ۾ ان رستي تي هئي، جتان ماڻهو "شام" ڏانهن ويندا هئا ۽ پوءِ سندس ڀاءُ ان وصيت تي عمل ڪيو.

حضرت حفصہ جي جنازي نماز مديني جي گورنر مروان بن حڪم پڙهائي، جنهن کانپوءِ دفن لاءِ سندس ميت کي جنت البقيع آندو ويو. جتي سندس ڀائرن عبدالله، عاصم ۽ ڀائيٽن سالم، عبدالرحمان ۽ حمزه ميت کي قبر ۾ لاٿو.

سيده حفصہ رضہ کان پاڻ ڪريمن ﷺ جن جون سٺ حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

سيرت ابن اسحاق ص ٢۴٠، ازواج النبي ﷺ واولاده "ابوعبيده" ص ٦٨ ـ ٦٧، عيون الاثر ابن سيدالناس ج ٢ ص ٢٩٦ ـ ٣٩٥، ازواج النبي ﷺ شامي ص ١۴۵ ـ ١٣٧، شذرات الذهب ابن العماد ج١ ص ٨٧، الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ٣٧٣ ـ ٣٧٢، الاشاره مغلطائي ص ٢٢٩ ـ ٢٢٧، الاصابہ ابن حجر ج ۴ ص ٢٧۴ ـ ٢٧٣، امتاع الاسماع مقريزي ج ١ ص ١٣٠، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ١۵٨، ڪتاب المحبر ابن حبيب ص ٨٣، تاريخ فهوم الاثر ابن جوزي ص ٢١ ـ ٢٠.

(١) سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ١٨۴.

(٢) الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ٢٧٣، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٩۵. "اسد الغابہ" ج ٢ ص ۴١۴، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٢٣٦.

(٣) قريش قبيلي جي مشهور شاخ بنوهلال سان تعلق رکندڙ حضرت زينب بنت خزيمہ بن حارث بن عبدالله بن عمرو بن عبدمناف بن هلال، هجرت نبوي ﷺ کان اٽڪل چوڏهن يا پندرهن ورهيہ اڳ مڪي ۾ ڄائي، ابن شهاب زهريءَ جي روايت مطابق سندس پهريون نڪاح پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ڦڦاٽ حضرت عبدالله بن جحش سان ٿيو جنهن



Marfat.com

بيبي صاحبہ تمام گھڻو خير خيرات ڪندي هئي، انڪري کيس "أُمّ الْمَسَاكِيْن" يعنيٰ مسڪينن جي ماءُ ڪري سڏيو ويندو هو. (١)

حضرت زَيْنَب رضہ جو پهريون گهروارو عَبْدُالله بن جحش رضہ هو، جنهن "غَزْوَه اُحُد" ۾ شهادت ماتي، اهو واقعو ٽين سال شوال مهيني ۾ پيش آيو. جنهن ڪانپوءِ عدت گذاري، بيبي صاحبہ پاڻ ڪريم ﷺ سان نڪاح ڪيو ۽ وري ايندڙ سال ربيع الاول يا ربيع الآخر جي مهيني ۾ هن بيبي سڳوريءَ دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. ان مان ربيع الاول واري روايت وڌيڪ صحيح آهي. حضرت زَيْنَب رضہ کي سرور ڪائنات ﷺ جن جي صحبت ۾ گهارڻ لاءِ بہ ٽي مهينا مس مليا. ان ڳڻپ ۾ نڪاح ۽ وفات وارو مهينو شامل نہ آهي. (٢)

ان ڏس ۾ هڪ روايت اهڙي بہ ملي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هي نڪاح هجرت جي ٽئين سال رمضان جي مهيني ۾ ٿيو ۽ نڪاح جي اٺين مهيني بيبي صاحبہ گذاري ويئي. اهو چوٿين هجريءَ جي ربيع الاول يا ربيع الآخر جو مهينو هو. (٣)

---

ڪانپوءِ هن بيبي سڳوريءَ مڙس سان گڏجي مديني ڏانهن هجرت ڪئي، ۽ سن ٽين هجريءَ ڌاري غزوه احد جي موقعي تي حضرت عبدالله شهادت ماتي ۽ عدت پوري ڪري هن بيبي سڳوريءَ جو نڪاح سيد الانبياء ﷺ جن سان ٿيو. هي پاڻ ڪريمن ﷺ جو پنجون نڪاح هو ۽ حق مهر پنج سو درهم مقرر ڪيو ويو. قتاده بن دعامہ کان هڪ روايت ۾ وري ٻڌايو ويو آهي تہ هن بيبي سڳوريءَ جو پهريون نڪاح پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي سوٽ حضرت طفيل بن حارث سان ٿيل هو، ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ان کيس طلاق ڏني، جنهن ڪانپوءِ وري حضرت زينب جو ٻيو نڪاح طفيل جي ڀاءُ عبيده بن حارث سان ٿيو هو. ابن اسحاق وري هن جاءِ تي حصين بن حارث جو نالو ٻڌايو آهي پر قسطلانيءَ جو خيال آهي تہ پهرين روايت ئي وڌيڪ صحيح آهي.

حضرت زينب شروعات کان وٺي ئي تمام گهڻو خير خيرات ڪندي هئي، خاص طور بکايلن کي ماني کارائڻ ۾ تہ هوءِ پيش پيش هوندي هئي. انڪري کيس "ام المساڪين" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو. ابن ابي خيثمہ جو قول آهي تہ اهو لقب کيس اسلام کان اڳ ئي مليل هو. نبي انور ﷺ جن سان نڪاح ڪانپوءِ هوءَ ٻہ ٽي مهينا ئي زنده رهي. وفات ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ سنديس جنازي نماز پڙهائي ۽ کيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو. وفات وقت هن بيبي سڳوريءَ جي عمر ٽيهارو کن ورهيہ مس هئي.

امهات المؤمنين منجهان اهو اعزاز صرف سيده زينب بنت خزيمہ کي حاصل آهي، جنهن جي جنازي نماز سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ پڙهائي.

علي بن عبدالعزيز مرجانيءَ جو قول آهي تہ سيده زينب ام المؤمنين سيده ميمونہ جي ماٽيتي ڀيڻ هئي.

سيرة ابن اسحاق ص ٢٤١، ازواج النبي ﷺ واولاده ابوعبيده ص ٧٧، اسد الغابہ ابن الاثير ج ٧ ص ١٤٣ _ ١٤٢، "الاصابہ" ابن حجر ج٤ ص ٣١٦ _ ٣١٥، المواهب اللدنيہ قسطلاني ج٢ ص ٨٩، ڪتاب المحبر ابن حبيب ص ٨٣، عيون الاثر ابن سيد الناس ج ٢ ص ٢٩٧ _ ٢٩٦، ازواج النبي ﷺ شامي ص ١٩٦ _ ١٨١، الاشاره مغلطائي ص ٢٢٩ _ ٢٢٨.

(١) سيرة ابن اسحاق ص ٢٤١، "سيرة النبويہ ابن ڪثير" ج ٤ ص ٥٨٤. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٤٦٦، "تاريخ الخميس" "ديار بڪري" ج ١ ص ٤١٧. المعارف "ابن قتيبہ" ص ٨١، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٠٥.

(٢) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٨٩. "عيون الاثر" "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٩٦، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٤٦٣.

(٣) الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٣١٦.



Marfat.com

حضرت انس بن مالڪ رضہ جي هڪ روايت ۾ بہ ٻڌايو ويو آهي تہ "حسن بن عليءَ رضہ جو منهن مبارڪ نبي انور ﷺ جن جهڙو هو" جڏهن تہ ابن اسحاق جي روايت آهي تہ "مٿي کان وٺي سيني تائين سيدنا حسين نبي ڪريم ﷺ جن جهڙا هئا. جنهن جو مطلب ٿيو تہ حضرت حسن رضہ جو منهن مهانڊو ۽ حضرت حسين رضہ جو قد بت صفا سيد الابرار ﷺ جن جهڙا هئا.

هڪ روايت مطابق جيڪا مختلف راوين کان لفظن جي ٿوري فرق سان اڪثر محدثن نقل ڪئي آهي. جيئن تہ امام بخاري، نسائي، ترمذي، احمد بن حنبل، ابن عساڪر، طبراني، بيهقي ۽ خطيب بغدادي وغيره تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن حضرت حسن رضہ ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: "منهنجو هي پٽڙو سردار آهي، ۽ خدا هن جي وسيلي مسلمانن جي ٻن وڏين ڌرين ۾ صلح ڪرائيندو." حضرت عمر رضہ جي دور ۾ بہ جڏهن "بيت المال قائم ٿيو ۽ مختلف صحابي سڳورن جا وظيفا سندن مرتبي مطابق مقرر ٿيا تہ ان وقت سڀ کان وڏيڪ وظيفو پنج هزار درهم ساليانو هو جيڪو بدري صحابين کي ڏنو ويو ۽ ايترو ئي وظيفو سيدنا حسن رضہ ۽ حسين رضہ لاءِ بہ الڳ الڳ مقرر ڪيو ويو، جيتوڻيڪ هو ان وقت تائين اڃان ننڍا هئا."

حضرت عثمان رضہ جو دور امام حسن رضہ جي جوانيءَ جو زمانو هو ۽ هن دور ۾ باقاعدہ حسن رضہ سائين جهاد ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. "ابن الاثير" جي روايت مطابق هن دور ۾ مسلمانن جيڪا طبرستان تي چڙهائي ڪئي تہ ان ۾ حضرت حسن رضہ بہ شامل هو. اڳتي هلي باغين جڏهن سيدنا عثمان غنيءَ رضہ جي گهر جو گهيرو ڪيو تہ هڪ مورچو سيدنا حسن رضہ جي بہ حوالي هو ۽ ان جاءِ تي هن نهايت جرئت ۽ بهادريءَ سان باغين کي روڪيو ۽ اڳتي وڌڻ نہ ڏنائين. آخر باغي پنهن پاسي کان پٺ ٽپي گهر ۾ داخل ٿيا. مگر حضرت حسن رضہ کي پٺتي هٽائي نہ سگهيا.

حضرت عليءَ رضہ جي خلافت دوران حضرت حسن رضہ سڄو عرصو پنهنجي پيءُ جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو ۽ سمورن معاملن ۽ مسئلن ۾ پنهنجي پيءُ جو صلاحڪار پڻ رهيو.

امير المؤمنين سيدنا عليءَ رضہ جي زخمي ٿيڻ کانپوءِ بہ هن نهايت صبر ۽ تحمل سان حالتن کي منهن ڏنو. شهادت عليءَ رضہ کانپوءِ هن پنهنجي پيءُ جي جنازي نماز بہ پڙهائي تہ سامهون ايندڙ حالتن کي بہ نظر ۾ رکيائين.

مسعوديءَ جي قول مطابق امير المؤمنين جي شهادت کانپوءِ بہ ڏينهن رکي ڪوفي جي جامع مسجد ۾ سيدنا حسن رضہ جي بيعت عام ٿي، جنهن ۾ اٽڪل ويهارو هزار ماڻهو شريڪ ٿيا. پر اڳتي هلي حالتون وڌيڪ بگڙنديون ويون. ڇهن مهينن کانپوءِ امير معاويہ رضہ لشڪر وٺي شام کان جڏهن "مسڪن" پهتو ۽ سيدنا حسن رضہ کي اها خبر پئي تہ هو بہ ڪوفي کان نڪتو.

ٻئي لشڪر هڪ ٻئي جي آمهون سامهون اچي بيٺا. سيدنا حسن رضہ جڏهن پنهي فوجن جو جائزو ورتو تہ هن کيس اندازو ٿي ويو تہ اقتدار جي حصول لاءِ امت جي هيڏي وڏي تعداد کي تباهہ ڪرڻ چڱو ڪم نہ آهي. انڪري هو امير معاويہ سان صلح تي راضي ٿيو ۽ خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي هڪ ٻي پيشنگوئيءَ کي بہ پورو ڪري ڏيکاريو تہ سندس هڪ پياري ٻچڙي هٿان امت جي ٻن ڌرين ۾ صلح قائم ٿيو.

صلح کانپوءِ حضرت حسن رضہ پنهنجي اهلبيت سميت ڪوفي کان مديني موٽي آيو جتي سندس اڪثر وقت حرم اندر عبادت ۾ گذرندو هو. ان کان علاوہ ماڻهن جا ديني توڙي دنيوي مسئلا آخري عمر تائين حل ڪندو رهيو.

سندن وفات ربيع الاول سن پنجاهہ هجري ڌاري مدينہ منوره ۾ ٿي. ڪن راوين وفات جو سن اوڻونجاهہ هجري بہ ٻڌايو آهي. پاڻ آخري ڪجهہ ڏينهن سخت بيمار رهيا.

بيماريءَ جو سبب ڪجهہ روايتن ۾ زهر ڏيڻ ٻڌايو ويو آهي. چيو وڃي ٿو تہ ڪين ڪيترائي دفعا زهر ڏنو ويو پر هن



Marfat.com

چانو [1] ۽ وري هن ئي سال حضرت حسن جي ڄمڻ کان پنجاهه ڏينهن پوءِ ذوالقعد جي مهيني ۾ سيده فاطمة الزهراء رضه کي ٻيهر اميد واري ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي حضرت حُسَيۡن رضه ڄائو. [2]

## شراب جي حرمت جو حڪم

* هن سال هڪ حڪم ذريعي شراب کي حرام ڪيو ويو. هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو حڪم سن چوٿين هجريءَ ڌاري نازل ٿيو، [3] جنهن جو ذڪر اڳتي اچي رهيو آهي.

## زَيۡد بن ثَابِت رضه کي حڪم

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن حضرت زَيۡد بِن ثَابِت رضه کي حڪم ڏنو ته هو يهودين جي زبان لکڻ سکي، ڇاڪاڻ جو پاڻ ڪريم ﷺ جن کي يهودين کان خطن لکرائڻ ۾ انديشو هو ته متان هو انهن خطن ۾ ڪا ڦيرڦار ڪن. [4] هڪ ٻئي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو حڪم به چوٿين هجريءَ ڌاري ڏنو ويو، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

## صلوٰة الخوف [5]

* هن سال "قطب" جي روايت موجب غزوه "ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي پهريون ڀيرو "صلوٰة الخوف" ادا ڪئي ويئي. جڏهن ته "شامي" پنهنجي سيرت ۾ ڄاڻايو آهي ته اهو واقعو چوٿين هجريءَ

---

دفعي ان جو اثر وڌيڪ شديد هو. اهو زهر ڪنهن ڏنو؟ ان بابت ڪا مستند روايت موجود نه آهي، البت هڪ ڪمزور روايت ۾ جعده بنت اشعث جو نالو ٻڌايو ويو آهي. سيدنا حسن رضه جي وفات جو ٻڌي هزارين ماڻهو حرم ۾ پهچي ويا. جنهن ڪانپوءِ سيدنا حسين رضه کي جنازي نماز لاءِ چيو ويو پر هن پنهنجي رضا سان مديني جي گورنر سعيد بن العاص رضه کي اڳتي ڪيو ۽ فرمايائون ته "اها سنت آهي ته شهر جو امير نماز پڙهائي."

جنهن ڪانپوءِ سيدنا حسن رضه کي امڙ سائڻ سيده فاطمة الزهراء رضه جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو.

سنن ابن ماجه ج ١ ص ٧١. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ١ ص ٤٤٢ ـ ٤٣٦. سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٥٥ ـ ٧٠. الاخبار الطوال "ابوحنيفه دينوري" ص ٢١٨ ـ ٢١٩. مرآة الجنان "يافعي" ج ١ ص ١٠٠ ـ ٩٩. التحفة اللطيفه "سخاوي" ج١ ص ٢٨٣ ـ ٢٨١. اردو دائرة المعارف ص ٢٨٣ ـ ٢٨٥. تاريخ الخميس ديار بڪري ج ٢ ص ٢٩٢ ـ ٢٩٣.

(1) "اسد الغابه" ج ٥ ص ٦١٢، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ٢ ص ٦٣، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٣٦، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٤١٤.

(2) اسد الغابه "ابن الاثير" ج ٢ ص ١٠، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٤١٧.

(3) "الاستيعاب" "ابن عبدالبر" عليٰ هامش، "الاصابه" ج ١ ص ٣٨٧، "تاريخ طبري" ج ٢ ص ٢١٣.

(4) شرح عليٰ المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ٢ ص ٦١.

(5) "صحيح بخاريءَ" ۾ "سهل بن ابي حثمه" کان هڪ روايت نقل ڪندي هن نماز جو طريقو بيان ڪيو ويو آهي، جنهن مطابق سڀ کان پهريان نبي ڪريم ﷺ جن قبلي ڏانهن منهن ڪري بيٺا، جنهن ڪانپوءِ اسلامي لشڪر جا اڌ ماڻهو سندن پٺيان صفون ٻڌي بيٺا، جڏهن ته باقي اڌ لشڪر دشمن جي سامهون محاذ تي موجود رهيو، اقامت



Marfat.com

الْخَوْفِ" وارو حڪم "غزوه عَسْفَان" يا وري "غَزْوَهْ ذِي قَرد" جي موقعي تي نازل ٿيو (١) انهن ٻنهي غزوات جو سال ڇهين هجري آهي، جيئن "غزوات" واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

## غزوه اُحُد جا واقعات

* هن سال شوال ۾ "غزوه اُحُد" وارو واقعو پيش آيو، جنهن جا تفصيل غزوات واري باب ۾ بيان ٿي چڪا آهن.

* هن غزوه ۾ ستر اصحاب سڳورا شهيد ٿيا. (٢)

---

(١) "صلوٰة الخوف" بابت اڪثريت جي راء اها آهي ته اهو حڪم پهريون ڀيرو "غزوه ذات الرقاع" جي موقعي تي نازل ٿيو هو ۽ اتي ئي پهريون ڀيرو نماز ادا ڪئي ويئي. باقي جن راوين جو خيال آهي ته اهو حڪم "غزوه عسفان" يا "غزوه ذي قرد" يا ڪن ٻين غزوات جي موقعي تي نازل ٿيو ته سندن اهو خيال صحيح نه آهي. باقي اهو صحيح آهي ته مٿين غزوات ۾ به "صلوٰة الخوف" ادا ڪئي ويئي هئي. جنهن جي شهادت معتبر ڪتابن مان ملي ٿي. ڪجهه فقيهن جو اهو به خيال آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن اها نماز ڏهن موقعن تي پڙهائي. جڏهن ته محدثن ۽ سيرت نگارن جي نقل ڪيل روايتن مان پروڙ پوي ٿي ته اها نماز هيٺين چئن موقعن تي ادا ڪئي ويئي. ١. ذات الرقاع ٢. بطن نخله ٣. عسفان ۴. ذي قرد.

- "ذات الرقاع" واري روايت بخاري ۽ مسلم ۾ موجود آهي، جنهن جو راوي سهل بن ابي حثمه آهي.

بطن نخله ۽ ذي قرد واريون روايتون "نسائي" ۾ موجود آهن، جن جا راوي بالترتيب جابر بن عبدالله ۽ عبدالله ابن عباس آهن. جڏهن ته "عسفان" واري روايت نسائي ۽ ابوداٶد ۾ موجود آهي، جنهن جو راوي زيد بن صامت آهي.

"واقديء" پنهنجي "مغازي" ۾ به جابر بن عبدالله جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته، "نبي ڪريم ﷺ جي ٻويان سڀ کان پهريان "صلوٰة الخوف" "غزوه ذي قرد" جي موقعي تي ادا ڪئي ويئي ۽ ان ڪانپوء "عسفان" ۾. "واقديء" جي خيال ۾ اها روايت ٻين کان وڌيڪ صحيح آهي.

هڪ روايت ابن عربي مالڪي جي اهڙي به ملي ٿي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته "نماز چوويهه دفعا پڙهائي ويئي." والله اعلم.

دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٣٦٥، المغازي "واقدي" ج ١ ص ٣٩٦. سبل الهدى والرشاد "شامي" ج ٨ ص ٢۴٢. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ۴٦۴.

(٢) صحيح بخاري ۾ حضرت انس بن مالڪ جي هڪ روايت نقل ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته احد، بئر معونه ۽ يمامه جي لڙاين مان هرهڪ ۾ ستر مسلمان شهيد ٿيا. "بئر معونه" وارو واقعو به نبي ڪريم ﷺ جي ئي زماني ۾ پيش آيو. جڏهن ته "جنگ يمامه" حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت واري دور ۾ "مسيلمه ڪذاب" خلاف لڙي ويئي. ڪن روايتن ۾ وري مٿين ٽنهي لڙاين کانسواء "غزوه مؤته" ۾ به ستر مسلمانن جي شهادت ٻڌائي ويئي آهي. ان جو راوي حضرت "ثابت" آهي. ان کانسواء "دلائل" ۾ بيهقيء سعيد بن مسيب کان هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته هيٺين ٽن موقعن تي ستر مسلمان شهيد ٿيا (١) "احد" (٢) "يمامه" ۽ (٣) "جنگ جسر."

صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٢٦. فتح الباري "ابن حجر" ج ٧ ص ٣٧۴. دلائل النبوة بيهقي ج ٣ ص ٢٧٧. البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۴٧. المواهب اللدنيه قسطلاني ج ١ ص ۴٠٩. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ۴۴٦.



Marfat.com

* هن غزوه ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو چاچو يعني شهيدن جو سرواڻ حضرت حَمْزَه بن عَبْدُالْمُطَّلِب بہ شهيد ٿيو. سندن شهادت هن سال شوال جي وچ ڌاري ڇنڇر جي ڏهاڙي ٿي. (١) اهو قول وڌيڪ مشهور آهي، جيئن هن ڪتاب جي ٻئي باب ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

* حضرت حَمْزَه رضہ جي شهادت کانپوءِ خدا جي سچي رسول ﷺ جن سندس شان ۾ فرمايو: "آسمان تي ملائڪن طرفان حضرت حَمْزَه رضہ کي "الله جو شينهن" ۽ "الله جي رسول ﷺ" جو شينهن جي لقب سان سڏيو وڃي ٿو. (٢)

* حضرت حَمْزَه رضہ ۽ غَزْوَهٔ اُحُد جي سمورن شهيدن جي نماز جنازه جو ذڪر انشاءَ الله تعاليٰ هن فصل کانپوءِ ڪيو ويندو.

* غَزْوَه اُحُد ۾ اسلامي لشڪر مان مُصْعَب بن عُمَيْر ۽ عَبْدُالله بن جَحْش رضي الله تعاليٰ عنهما پڻ شهيد ٿيا. عبدالله نالي هي صحابي اُمّ الْمُؤمِنِيْن زَيْنَب بنت جَحْش جو ڀاءُ ۽ رسول ڪريم ﷺ جن جو پڦاٽ هو، جنهن کي سندس مامي حضرت حَمْزَه رضہ سان گڏ هڪ ئي قبر ۾ دفن ڪيو ويو. (٣)

* "غَزْوَه اُحُد" جي شهيدن ۾ ذڪوان بن عَبْد قَيْس بن خَلْدَه اَنْصَارِي خَزْرِجيءَ جو نالو بہ شامل آهي. (۴)

* هن سال جڏهن "غزوه احد" کان پوءِ مشرڪ جنگ تان موٽيا، تڏهن رسول الله ﷺ جن مسلمانن کي حڪم ڏنو تہ "اوهان سڀ سڌا ٿي بيهو! تہ اسين پنهنجي رب تعاليٰ آڏو سندس ثناء ۽ ساراهہ ڪريون."

ان کانپوءِ مسلمان سندن پويان صفون ٻڌي بيٺا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو:

اَللّٰهُمَّ لَکَ الْحَمْدُ کُلُّهٗ، اَللّٰهُمَّ لَا قَابِضَ لِمَا بَسَطْتَّ وَلَا بَاسِطَ لِمَا قَبَضْتَ.

اي منهنجا الله! سڀ ساراهون توکي ئي سونهن. اي الله! ان کي ڪو بند ڪرڻ وارو ڪونهي، جنهن کي تون کولين ۽ ان کي ڪو کولڻ وارو نہ آهي جنهن کي تون بند ڪرين.

وَلَا هَادِيَ لِمَآ اَضْلَلْتَ وَلَا مُضِلَّ لِمَا هَدَيْتَ.

ان کي ڪو هدايت ڏيڻ وارو نہ آهي، جنهن کي تون گمراه ڪرين ۽ ان کي ڪو گمراه ڪرڻ وارو ڪونهي جنهن کي تون هدايت بخشين.

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ۴٦/۴٧.

(٢) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۴١ الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ١٧١. المغازي "واقدي" ج ١ ص ٢٩٠.

(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ١٣٢، الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٢٨٧. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ۴٠٧، روض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ١٧٢.

(۴) "مغازي رسول الله ﷺ عروه بن زبير"، الاصابہ "ابن حجر" ج ١ ص ۴٨٢. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ۴۴٦.



Marfat.com

وَلَا مُعۡطِيَ لِمَا مَنَعۡتَ وَلَا مَانِعَ لِمَآ اَعۡطَيۡتَ.

انکي کو عطا ڪرڻ وارو نہ آهي، جنهن لاءِ تنهنجي طرفان منع ڪئي وڃي ۽ ان لاءِ ڪو منع ڪرڻ وارو نہ آهي، جنهن کي تنهنجي طرفان عطا ڪيو وڃي.

وَلَا مُقَرِّبَ لِمَا بَاعَدۡتَ وَلَا مُبَاعِدَ لِمَا قَرَّبۡتَ.

انکي ڪو ملائڻ وارو نہ آهي، جنهن کي تون پري ڪرين ۽ ان کي ڪو پري ڪرڻ وارو نہ آهي جنهن کي تون ملائين.

اَللّٰهُمَّ ابۡسُطۡ عَلَيۡنَا مِنۡ بَرَكَاتِكَ وَرَحۡمَتِكَ وَفَضۡلِكَ وَرِزۡقِكَ اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡٓ اَسۡئَلُكَ النَّعِيۡمَ الۡمُقِيۡمَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ وَالۡاَمۡنَ يَوۡمَ الۡخَوۡفِ.

اي منهنجا الله! ڪشادو ڪر اسان لاءِ پنهنجي برڪتن کي، پنهنجي رحمتن کي، پنهنجي فضل ۽ پنهنجي رزق کي. اي منهنجا الله! مان توکان گهران ٿو سڪون قيامت جي ڏينهن ۽ امنُ خوف واري ڏينهن تي.

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ عَآئِذٌۢ بِكَ مِنۡ شَرِّمَا اَعۡطَيۡتَنَا وَشَرِّمَا مَنَعۡتَنَا.

اي منهنجا الله! مان توکان پناه گهران ٿو، جيڪي تو ڏنو آهي ان جي شر کان ۽ جيڪي تو نہ ڏنو آهي ان جي بہ شر کان.

اَللّٰهُمَّ حَبِّبۡ اِلَيۡنَا الۡاِيۡمَانَ وَزَيِّنۡهُ فِيۡ قُلُوۡبِنَا وَكَرِّهۡ اِلَيۡنَا الۡكُفۡرَ وَالۡفُسُوۡقَ وَالۡعِصۡيَانَ وَاجۡعَلۡنَا مِنَ الرَّاشِدِيۡنَ.

اي منهنجا الله! اسانکي پيار ڏي ايمان سان ۽ ان سان سينگار اسانجي دلين کي ۽ اسانکي نفرت ڏيار ڪفر، نافرماني ۽ گناهن کان ۽ اسانکي بڻاءِ فرمانبردارن منجهان.

اَللّٰهُمَّ تَوَفَّنَا مُسۡلِمِيۡنَ وَاَلۡحِقۡنَا بِالصَّالِحِيۡنَ غَيۡرَ خَزَايَا وَلَا مَفۡتُوۡنِيۡنَ.

اي منهنجا الله! اسانکي مسلمان ڪري مار ۽ اسانجو ڳانڍاپو ڪر صالحن سان تہ جيئن اسان خواري ۽ پڇتاءَ کان پري رهون.

اَللّٰهُمَّ قَاتِلِ الۡكَفَرَةَ الَّذِيۡنَ يُكَذِّبُوۡنَ رُسُلَكَ وَيَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِكَ وَاجۡعَلۡ عَلَيۡهِمۡ دَآئِرَةَ السَّوۡءِ وَاجۡعَلۡ عَلَيۡهِمۡ رِجۡزَكَ وَعَذَابَكَ قَاتِلِ الۡكَفَرَةَ مِنَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتَابَ.

اي منهنجا الله! انهن ڪافرن کي پورو ڪري ڇڏ، جيڪي تنهنجي رسول (ﷺ) کي ڪوڙو ڪن ٿا ۽ تنهنجي رستي تي هلڻ کان روڪين ٿا، آڻ انهن مٿان ڪا مصيبت، ڪيراءِ مٿن ڪو قهر ۽ عذاب ۽ موت ڏي انهن ڪافرن کي جيڪي اهل ڪتاب مان آهن.



Marfat.com

## ميت لاءِ اوسارن ڪرڻ کان منع

* هن سال "غزوه احد" جي پڄاڻيءَ کانپوءِ هڪ حڪم ذريعي ميت مٿان اوسارا ڪرڻ (پار ڪڍي روئڻ)، منهن پٽڻ، گريبان ڦاڙڻ وغيره کان منع ڪئي ويئي ۽ انهن ڪمن کي حرام ڪيو ويو. جڏهن ته ان کان اڳ توڙي "غزوه اُحُد" جي موقعي تي اهڙو حڪم مليل نه هو. اهوئي سبب آهي جو هن "غزوه" جي شهيدن تي عورتن طرفان روڄ پٽڪو ڪيو ويو، پوءِ جڏهن نبي سونهاري ﷺ جن اهي آواز ٻڌا تڏهن فرمايائون، "ڇا حضرت حَمْزَه رضہ لاءِ اوسارڻ وارو ڪو ڪونهي؟" اهو ٻڌي عورتن حضرت حَمْزَه رضہ لاءِ ائين ئي روڄ پٽڪو ڪيو جيئن پنهنجن لاءِ ڪيو هئائون، پوءِ جڏهن هو وانديون ٿيون، تڏهن اوڏيءَ مهل ئي مٿيون حڪم نازل ٿيو. ان ڏينهن کان وٺي اڄ سوڌو اهو حڪم پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. ان جي وڌيڪ وضاحت حافظ ابن ڪثير "البدايہ والنهايہ" ۾ ۽ علامہ شامي پنهنجي لکيل سيرة جي ڪتاب ۾ ڪئي آهي. (۱)

## حَمْزَه رضہ جي لاش جي بي حرمتي

* هن سال "غزوه احد" کان واندا ٿي مشرڪن حضرت حَمْزَه رضہ جي لاش جي وَڍَڪُٽَ ڪئي. نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن اها حالت ڏٺي تڏهن فرمايائون: "اسين حضرت حَمْزَه رضہ (۲) جي پلاند ۾ سندن سنتر ماڻهن سان ساڳئي جُٽ ڪنداسين." ان موقعي تي رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي:

وَإِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوا بِمِثْلِ مَا عُوقِبْتُمْ بِهِ. (۳)

(جيڪڏهن بدلو وٺو ته جيئن ايذايا ويا هجو اوتروئي انهن کي ايذايو.)

* هن سال "غزوه احد" جي موقعي تي "هند بنت عتبہ" ۽ ٻيون مشرڪ عورتون دف ۽ دهل

---

(۱) "البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ۴ ص ۴۹ ـ ۴۸. طبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ۲ ص ۴۴.

(۲) حضرت حمزه رضہ جو لاش جڏهن سيد الڪونين ﷺ جن جي سامهون آيو، تڏهن ڪين بيحد صدمو پهتو. ڇو جو ڪافرن طرفان لاش جي نهايت بيدرديءَ سان چيرڦاڙ ڪئي ويئي هئي. نڪ، ڇپ ۽ ڪن وغيره ڪٽڻ کانپوءِ لاش جو پيٽ پڻ چيريو ويو هو ۽ جگر کي ٻاهر ڪڍي هند بنت عتبہ طرفان چٻاڙيو ويو هو. انڪري رسول انور ﷺ جن جڏهن پنهنجي چاچي سائينءَ جي لاش کي ان حالت ۾ ڏٺو، تڏهن فرمايائون ته جيڪڏهن قدرت طرفان اسان کي ڪو موقعو مليو ته اسين انهن ڪافرن جي ستر لاشن سان اهڙي جٽ ڪنداسون. پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي اهڙي پريشان حالت ڏسي سندن صحابي سڳورن چيو ته، جيڪڏهن اسانکي ڪافرن تي سرسي حاصل ٿي ته سندن لاشن جي اهڙي حالت ڪنداسون جنهن جو مثال عرب جي تاريخ ۾ نہ ملندو. ڪن روايتن ۾ تيهن لاشن سان اهڙي حالت ڪرڻ جو ذڪر بہ موجود آهي.

"المستدرڪ حاڪم" ج۳ ص ۲۰۱. سيرة ابن اسحاق ص ۳۱۴. سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۱۰۱. دلائل النبوة بيهقي ج ۲ ص ۲۸۸. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲۲۳. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۰. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۴۴۱. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۰۷. "تاريخ طبري" ج ۲ ص ۲۰۷. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۴۱.

(۳) سورة "النحل" آيت ۱۲۶ پاره ۱۴.



Marfat.com

وَالدُّرُرُ فِي الْمَخَارِقِ

ڦيريون پائيندي پنهنجي آڪيرن جي چوڏاري

وَالْمِسْکُ فِي الْمَفَارِقِ

اسان جي وارن ۾ مشڪ جو واس آهي

اِنْ تَقْبَلُوْا نُعَانِقِ

جيڪڏهن اوهان اڳتي وڌندا ته اسان اوهان کي سيني سان لڳائينديون سين.

وَنَفْرُشُ النَّمَارِقِ

۽ اوهان لاءِ غاليچا وڇائينديون سين.

اَوْ تُدْبِرُوْا نُفَارِقِ

پر جي اوهان جا پير پٺتي هٽيا ته اسان اوهان کان رُسي ونديون سين.

فِرَاقَ غَيْرَ وَامِقِ

۽ اوهان کي ڇڏي ونديون سين.

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" جي موقعي تي پيغمبر پاڪ ﷺ جن پنهنجي پالڻهار کان نهايت عاجزي ۽ نيزاريءَ سان هن جنگ ۾ سوياري ٿيڻ جي دعا گهري، جيڪا هن ريت هئي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَنْشُدُکَ عَهْدَکَ وَوَعْدَکَ

اي منهنجا الله! مان توکي تنهنجي عهد جو ۽ تنهنجي وعدي جو واسطو ڏيان ٿو.

اَللّٰهُمَّ اِنْ تَشَاْءُ تَهْلِکْ هٰذِهِ الْعَصَابَةُ لَاتُعْبَدُ فِي الْاَرْضِ بَعْدَ هٰذَا الْيَوْمِ.

اي منهنجا الله! جيڪڏهن تنهنجي مرضي آهي ته هيءَ جماعت باقي نه هجي ته اڄ کانپوءِ ڌرتيءَ تي تنهنجي عبادت نه ٿيندي.

مٿين دعا بابت هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هيءَ دعا "غزوه بدر" جي موقعي تي يا وري هڪ ٻي روايت موجب "غزوه خَنْدَق" جي موقعي تي گهري وئي.

انهن مان پهرين روايت "حضرت اَنَس رضه" جي آهي، جنهن کي اِمام اَحْمَد ۽ مُسْلِم نقل ڪيو آهي، جڏهن ته ٻي روايت وري ابن عَبَّاس جي آهي، جنهن کي ابن جرير ۽ بيهقي نقل ڪيو آهي. باقي آخري روايت مرسل آهي، جنهن کي سَعِيْد بن مُسَيِّب کان ابن سَعد نقل ڪيو آهي.

روايتن جي ان اختلاف کي مٽائڻ لاءِ ائين سمجهيو وڃي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿين ٽنهي موقعن تي اها دعا گهري هوندي. (١)

---

(١) مٿين دعا بابت "امام بخاريءَ" پنهنجي صحيح ۾ "ابن عباس" کان جيڪا روايت نقل ڪئي آهي، ان ۾ ڄاڻايو



Marfat.com

## اَبُوْعَزَّه جي قتل جو حڪم

* هن سال "غَزْوَهْ حَمْرَاء الْاَسَد" جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن مشهور شاعر "ابي عَزَّه عَمْرو بن عَبْدُالله جُحَمِيءَ" جي باري ۾ فرمايو ته، لَا يُلْدَغُ الْمُؤْمِنُ مِنْ جُحْرٍ مَرَّتَيْنِ.

ترجمو: "مؤمن ساڳئي ھر مان ٻه دفعا نه ڏنگبو آهي."

اهو واقعو هن ريت پيش آيو، جو مٿيون شاعر ابوعزه پهريون ڀيرو "غزوه بدر" جي موقعي تي قيد ٿي آيو، تڏهن هن سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته، "مان مسڪين ۽ محتاج آهيان. گهر ۾ گهڻا ٻاتي ۽ ننڍڙيون نياڻيون به آهن، مون تي مهرباني ڪئي وڃي." رحمت للعالمين ﷺ جن مٿس مِهر فرمائي ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو ۽ ڪانئس اهو وچن ورتو ويو ته هو وري ڪڏهن ڪنهن مشرڪ جي مدد نه ڪندو. آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ هو جڏهن مڪي پهتو، تڏهن پنهنجي ڪيل قول تان ڦري ويو ۽ "غزوه احد" ۾ ٻيهر وڃي مشرڪن جي لشڪر ۾ شامل ٿيو ۽ هن ڀيري به پڪڙجي پيو. پوءِ جڏهن ڪيس پاڻ ڪريم ﷺ آڏو پيش ڪيو ويو، تڏهن وري عرض ڪيائين ته هن ڀيري به ساڻس ساڳيو ئي سلوڪ ڪيو وڃي. جنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو: "هاڻي آءُ اٿين نه ڪندس، ته جيئن تون مڪي موٽي ماڻهن کي ٻڌائين ته مان ٻيهر به محمد ﷺ کي ڌتو ڏيئي آيو آهيان." پوءِ ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ سندس قتل جو حڪم ڏيندي فرمايو ته: "مؤمن هڪ ھر مان ٻه دفعا نه ڏنگبو آهي. [1] اهي اهڙا جامع لفظ آهن، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ کان اڳ ڪڏهن ٻئي ڪنهن کان نه ٻڌا ويا.

سمجهاڻي: هتي جيڪو اسان "اَبُوعَزَّه" جي ٻيهر قيد ٿيڻ جو ذڪر "غزوه اُحُد" ۾ ٻڌايو آهي، اها روايت به ڪجهه ڪتابن ۾ ملي ٿي پر ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته هو ٻيهر غزوه "حَمْرَاء الْاَسَد" جي موقعي تي قيد ٿيو. جيڪو "غزوه اُحُد" سان لاڳيتو ئي ٿيو آهي، جنهن جو ذڪر هن ئي فصل ۾ اڳتي ڪيو ويو آهي.

حقيقت ۾ "اَبُوعَزَّه" کي "غَزْوَه حَمْرَاء الْاَسَد" دوران ئي ٻيهر قيد ڪيو ويو هو. باقي ان ڏس ۾ جيڪو "غَزْوَه اُحُد" وارو قول اچي ٿو ته ان جو سبب اهو آهي جو ٻئي غزوات لاڳيتا ٿيا آهن، انڪري هڪ غزوه جو واقعو ٻئي ۾ اچي ويو آهي، وڌيڪ الله تعاليٰ پاڻ ٿو ڄاڻي.

* هن سال "غزوه احد" جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي جسم مبارڪ تي ٻه زرهون

---

اٿس ته اها دعا "جنگ بدر" واري موقعي تي گهري ويئي ۽ اڪثر سيرت نگارن ان روايت کي ئي وڌيڪ صحيح قرار ڏنو آهي.

"صحيح بخاري" ج ٢ ص ۴، زاد المعاد ابن قيم ج ٢ ص ١٧٦. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٥٠. تاريخ طبري ج ٢ ص ١۴٩. سبل الهديٰ والرشاد شامي ج ۴ ص ٣٦/٣٧. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٢٥٧.

(١) البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۴ ص ٥٢. سيرة ابن هشام ج ٣ ص ١١٠/١١١.الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ۴٣. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ٣١٢. تاريخ طبري ج ٢ ص ١٨٧.



Marfat.com

هڪ ٻئي مٿان ڀهربل هيون." (١)

* هن ئي سال "غزوه احد" جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ کي فرمايو:

"اِرْمِ فِدَاکَ اَبِيْ وَ اُمِّيْ" . (٢)

"تير اڇلاءِ! منهنجو ابو امڙ توتان قربان."

چيو وڃي ٿو تہ، "منهنجو ابو امڙ توتان قربان وارو جملو پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ دفعو حضرت زبير رضہ بن عوام کي بہ چيو هو. اهو واقعو "غزوه خندق" جو آهي. باقي انهن ٻن ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي واتان اهي لفظ ڪڏهن ٻڌڻ ۾ نہ آيا.

---

(١) "غزوه احد" ۽ "غزوه حنين" جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي جسم مبارڪ تي هڪ ٻئي مٿان ٻہ زرهون ڀهريون هيون. احد جي موقعي تي نبي انور ﷺ جن جيڪي ٻہ زرهون ڀهريون انهن جا نالا آهن: ذات الفضول ۽ فضہ.

(سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٧٠. الدرر ابن عبدالبر ص ١٤٧. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٢٣/٢٤. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٤ ص ١٩١. سيرة ابن اسحاق ص ٣٠٥.)

(٢) حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ اسلامي لشڪر جو سڀ ڪان بهترين تير انداز ۽ هڪ دلير مجاهد هو. اڪثر موقعن تي هن دشمن جي لشڪر جا حوصلا پست ڪري ڇڏيا. امام حاڪم پنهنجي مستدرڪ ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ جي نياڻي سيده عائشہ بنت سعد ڪان هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ "غزوه احد" جي موقعي تي هڪ وقت اهڙو بہ آيو، جڏهن سڄي سرور ﷺ مٿان مشرڪن گڏجي هڪ زوردار حملو ڪيو، جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو سمورو جسم مبارڪ زخمي ٿي پيو. ان موقعي تي حضرت سعد رضہ دشمن مٿان تيرن جو مينهن وسائي ڇڏيو ۽ هر تير هڻڻ سان سندس وات مان هي جملو نڪري رهيو هو:

اللهم سهمک فارم بهٖ عدوک

اي منهنجا الله! هي تنهنجو تير آهي، جنهن کي تون پنهنجي دشمن جي سيني ۾ لڳاءِ.

ان جي جواب ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هيئن ٻئي فرمايو:

اللهم استجب السعد، اللهم سدد لسعد رميتهٖايها سعد،فداک ابي و امي.

اي منهنجا مولا! تون سعد جو سوال قبول ڪر، سعد جو تير نشاني تي لڳاءِ. اي سعد توتان منهنجو ابو امڙ قربان.

حضرت سعد رضہ جو چوڻ آهي تہ هر تير جي جواب، ۾ بارگاه رسالت ﷺ طرفان مون کي موٽ ۾ اها دعا ٻئي ملي. سبحان الله! ان ڪانپوءِ جڏهن منهنجي ترڪش جا سمورا تير کپي ويا تڏهن مدني سرڪار ﷺ جن پنهنجا تير ڪڍي منهنجي آڏو رکيا ۽ پوءِ انهن کي بہ استعمال ڪري ڇڏيم."

امام ذهبيءَ جو چوڻ آهي تہ ان ڏينهن تي حضرت سعد رضہ طرفان دشمن مٿان هڪ هزار تير اڇلايا ويا. اهوئي سبب آهي جو احد جي موقعي،تي حضرت سعد رضہ هٿان ڪافرن جا ڪيترائي ناميارا اڳواڻ مئا يا زخمي ٿيا. سعد رضہ جو چوڻ آهي تہ، "آخر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن مونکي هڪ اهڙو تير بہ ڏنو، جنهن جي نوڪ پڳل هئي ۽ فرمايائون تہ اهو بہ دشمن مٿان اڇلاءِ."

المستدرڪ حاڪم ج ٣ ص ٤٩٩. صحيح بخاري ج ٣ ص ٢٢. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٢٠٠/٢٠١. سيرة ابن اسحاق ص ٣٠٧. سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٨٧. دلائل النبوة بيهقي ج ٣ ص ٢٣٩. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٢٨. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ٢ ص ٢٢/٢٣.



Marfat.com

# نبي ڪريم ﷺ جن جا ڪجهہ معجزا

* هن سال هڪ صحيح روايت مطابق "غَزْوَه اُحُد" جي موقعي تي يا وري هڪ ٻي روايت موجب سن ٻي هجريءَ دوران "بدر" جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو. اهو هن ريت جو جڏهن هڪ صحابي حضرت قَتَادَه بن نُعْمَان اوسيءَ کي اک جو اهڙو ڏڪ لڳو، جو سندس اک جو تارو ٽڙڪي ٻاهر نڪري آيو. تڏهن ان موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن سندس اک کي اصلوڪي جاءِ تي رکي ان مٿان پنهنجي "لب مبارڪ" لڳائي ڇڏي. پوءِ هڪ گهڙيءَ ۾ سندس اها اک اڳين جهڙي ٿي پيئي. ايتري قدر جو ڪنهن به شخص لاءِ اهو ٻڌائڻ مشڪل ٿي پيو ته حضرت قَتَادَه رضہ کي ڪهڙيءَ اک ۾ ڏڪ لڳو هو. (١) مٿين معجزي جو ذڪر هن کان اڳ ٻي هجريءَ جي واقعات ۾ به ٿي چڪو آهي، ڇو جو ڪجهہ راوين جو خيال آهي ته هي معجزو "غَزْوَه بَدْر" ۾ پيش آيو ته ڪن جي خيال موجب "اُحُد" ۾، انڪري ٻنهي جاين تي اهڙو ذڪر ڪيو ويو آهي.

* هن سال "غزوه اُحُد" جي ٿي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن حضرت عَبْدُالله بن جَحْش رضہ جي تلوار جنگ ۾ ڀڄي پيئي ته رسول خدا ﷺ جن کيس هڪ کجيءَ جو سنڌيو ڏنو، جيڪو هٿ ۾ ڪنيائين ته ان مان تلوار بڻجي پيئي. (٢) ان تلوار کي "عرجون" ڪري سڏيو ويندو هو. اها تلوار هڪ ٻئي پنيان ڪيترن ئي هٿن ۾ پهتي. ايستائين جو اڳتي هلي ترڪن ان تلوار کي به سؤ دينار ڏيئي خريد ڪيو. (٣)

* هن سال هن ئي "غَزْوَه" دوران نبي آخر الزمان ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو به ڏسڻ ۾ آيو. جو پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ڪمان جي زه (ڏور) ڇڄي پيئي ۽ ڇڄڻ ڪانپوءِ ايتري ڪٽي پيئي جو ڪمان جي هڪ منڊي ڪان ٻئي منڊي تائين نه پئي پهتي. پاڻ سڳورن ﷺ جن جي دعا گهرڻ سان ان ڏور ۾ ايترو ته واڌارو آيو جو ڪمان ۾ ٻڌڻ ڪانپوءِ به ڪجهه ڏور ٻچي پيئي، جنهن کي ڪمان جي هڪ پاسي کان ويڙهي ڇڏيائون.

---

(١) سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٨٨ ـ ٨٧، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٢٥١/٢٥٢، دلائل النبوة "ابونعيم" ج ٢ ص ٤٨٣/٤٨٤، سيرة ابن ڪثير ج ٣ ص ٦٦، الروض الانف "سُهيلي" ج ٣ ص ١٧٦، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٤٠٢.

(٢) اهڙوئي هڪ واقعو "جنگ بدر" واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ حضرت "عڪاشہ بن محصن اسدي" جي تلوار ٽٽي پوڻ جو ذڪر ڪيو ويو هو، ان موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن طرفان کيس کجيءَ جي ڳاني (عرجون) عطا ڪئي ويئي، جنهن مان تلوار بڻجي پيئي. ان تلوار کي "عَون" سڏيو ويندو هو.

هتي عبدالله بن جحش جي تلوار ٽٽڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن کي پاڻ سڳورن ﷺ جن کجي جو سنڌيو (عسيب) هٿ ۾ ڏنو، جنهن مان به تلوار بڻجي ويئي. هن تلوار جو نالو "عرجون" ٻڌايو ويو آهي.

الروض الانف "سُهيلي" ج ٣ ص ١٨٧، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٢٥٠، "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ١ ص ٤٠٣، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٤٣٣، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٢.

(٣) اها تلوار عباسي خليفي "معتصم بالله" طرفان مقرر ڪيل هڪ ترڪ امير خريد ڪئي هئي. "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ١ ص ٤٠٤، عيون الاثر ابن سيد الناس ج ٢ ص ٣٢٠.



Marfat.com

## پاڻ ڪريم ﷺ جو ڏند مبارڪ شهيد ٿيڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ هڪ ظالم ڪافر عُتْبَہ بن اَبِيْ وَقَّاص خذله‌الله پٿر هٽي پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ ڏند مبارڪ شهيد ڪري ڇڏيو. "عتبہ" مشهور صحابي حضرت سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص رضہ جو ڀاءُ هو. (١) جيڪو ڏند مبارڪ شهيد ٿيو اهو اڳين ڏندن مان ساڄي پاسي وارو هيٺيون ڏند مبارڪ هو.

## پاڻ ڪريم ﷺ جن جو منهن مبارڪ زخمي ٿيڻ

* هن ئي سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ عَبْدُالله بن قُمِئَہ خذله‌الله نالي هڪ ڪافر حضور پرنور ﷺ جن مٿان پٿر وسايا، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڳل مبارڪ ۾ لوهي ٽوپ جون ٻہ ڪڙيون ڀيهي ويون ۽ سندن منهن مبارڪ زخمي ٿي پيو. (٢)

ان موقعي تي صحابي سڳورن عرض ڪيو، "اي خدا جا رسول ﷺ، اوهان هنن ڪافرن کي پاراتو ڏيو جن اوهان کي ڏک هنيا ۽ ايذاءَ پهچايا."

اهو ٻڌي، پاڻ ڪريم ﷺ جن دعا گهري:

اَللّٰهُمَّ اهْدِ قَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَايَعْلَمُوْنَ.

"اي منهنجا الله! منهنجي قوم کي هدايت ڏي جو هو حق کي نٿا سڃاڻن". (٣)

هڪ ٻي روايت ۾ هي لفظ بہ اچن ٿا تہ، "اي منهنجا الله! منهنجي قوم کي بخش". (۴)

ان مان معلوم ٿيو تہ رسول رحمت ﷺ جن ڪافرن لاءِ بہ هدايت ۽ خير جي دعا گهري، سواءِ عتبہ ۽ ابن قُمِئَہ جي، جن جو ذڪر هن ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي.

## نبي سائين ﷺ جن جو هڪ معجزو .... دعا قبول ٿيڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" واري زماني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن عُتْبَہ بن اَبِيْ وَقَّاص لاءِ، جنهن پٿر هٽي سندن ڏند مبارڪ شهيد ڪيو هو، هن ريت "بد دعا" فرمائي:

---

(١) عتبہ جيتوڻيڪ حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ جو ڀاءُ هو، ان هوندي بہ عتبہ لاءِ ان واقعي ڪانپوءِ حضرت سعد رضہ جي دل ۾ بيحد نفرت پيدا ٿي، ايتري قدر جو هو ٻين سيني دشمن کان وڌيڪ پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرڻ جو خواهشمند رهيو.

سيرة ابن اسحاق ص ٣١١، سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٩١، المغازي "واقدي" ج ١ ص ٢۴۵، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ٣١.

(٢) المغازي "واقدي" ج ١ ص ٢۴۵، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢١، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ۴٣٠.

(٣) الشفا بتعريف حقوق المصطفيٰ "قاضي عياض" ص ٨١.

(۴) اها روايت عبدالله کان امام مسلم نقل ڪئي آهي. صحيح مسلم "باب غزوه احد" ج ۵ ص ١٧٩.



Marfat.com

هو. جيڪو انهن ٻارهن نقيبن مان هڪ آهي، جن کي مديني لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. ڪيس "غزوه احد" جو پهريون شهيد شمار ڪيو وڃي ٿو. عَبْدُالله بن عَمْرو ۽ عُمر بن جَمُوْح کي ساڳي قبر ۾ دفنايو ويو هو. [(١)]

## حضرت اَنَس بن نَضَر رضہ جي شهادت

* هن سال "غزوه احد" ۾ مسلمانن مان اَنَس بن نَضَر اَنْصَارِيءَ رضہ کي بہ شهيد ڪيو ويو، جيڪو حضرت اَنَس بن مَالِڪ رضہ جو چاچو هو. شهادت کانپوءِ مشرڪن سندس لاش جي اهڙي حالت ڪري ڇڏي جو سڃاڻڻ ڏکيو ٿي پيو، پر پوءِ سندس ڀيڻ رُبَيّعْ بنت نَضَر آڱرين جي نشانيءَ تي ڪيس سڃاڻي ورتو. حضرت اَنَس بن نَضَر ۽ "اُحُد" جي اهڙن ٻين شهيدن جي حق ۾ خدا تعاليٰ طرفان هي آيت نازل ڪئي وئي. [(٢)]

رِجَالٌ صَدَقُوا مَا عَاهَدُوا اللہَ عَلَيۡهِ. [(٣)]

"منجهانئن ڪي ماڻهو سچا نڪتا عهد ۾ جيڪي الله سان ڪيائون."

## ڪافرن جو جهنم واصل ٿيڻ

* هن سال "غزوه احد" جي موقعي تي ڪيترن ئي ڪافرن کي قتل ڪيو ويو، جن جو تعداد ٢٣ يا ان کان بہ مٿيرو ٻڌايو ويو آهي. [(٤)] انهن مان ڪن جو ذڪر هتي ڪيو ويندو.

"زرقاني" پنهنجي ڪتاب "شرح عليٰ المواهب اللدنيہ" ۾ بيان ڪيو آهي تہ، "احد" ۾ حضرت حمزه رضہ پنهنجي هٿن سان ٽيهہ مشرڪن کي موت ڏنو ۽ پوءِ پاڻ بہ شهادت ماڻيائين. [(٥)]

## اُبَيّ بن خَلَف جو جهنم واصل ٿيڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ جن ڪافرن کي قتل ڪيو ويو، انهن مان ڪجهہ نالا هن ريت آهن: الله جو دشمن ابي بن خلف خذلہ الله. هي اُمَيّہ بن خَلَف جو ڀاءُ هو، جنهن کي هن کان اڳ "غَزْوَه بَدْر" ۾ قتل ڪيو ويو هو. ابي بن خلف "غَزْوَه اُحُد" ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان (نَعُوْذُ بِاللهِ) مٿن تلوار سان حملو ڪرڻ لاءِ جيئن سندن ويجهو پهتو، تہ ان وقت رسول

---

(١) "الاصابہ" ابن حجر ج ٣ ص ٣٥٠. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٢٣٢. زاد المعاد ابن قيم ج ٣ ص ٢١٥. سيرة ابن هشام ج ٣ ص ١٠٤.

(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ١٣٢. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٢١٥/٢١٦.

(٣) سوره احزاب پاره ٢١ آيت ٢٣.

(٤) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٤١٠.

(٥) اها روايت ضعيف آهي. جنهن کي شرح عليٰ المواهب ۾ زرقاني نقل ڪيو آهي ۽ اهڙي روايت "ابن سائب" کان شاميءَ بہ نقل ڪئي آهي. جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ حضرت حمزه رضہ "احد" جي ميدان ۾ ايڪٽيهہ ڪافرن کي قتل ڪيو هو. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٢١٦.



Marfat.com

## حضرت عَبْدُالله بن جُبَيْر رضہ جي شهادت

* هن سال "غزوه اُحُد" ۾ مسلمانن مان حضرت عَبْدُالله بن جُبَيْر بن نُعْمَان اَنْصَارِي اَوْسِيءَ کي به شهيد ڪيو ويو، جيڪو خوات بن جبير جو ڀاءُ هو.

نبي سڳوري ﷺ طرفان حضرت عَبْدُالله بن جُبَيْر رضہ کي تير اندازن جي جٿي جو سرواڻ بڻايو ويو هو، سائنس گڏ پنجاه کن ماڻهو ٻيا به هئا.

رسول خدا ﷺ جن بن جبلن جي وچان هڪ گهاٽ تي کين بيهاري حڪم ڪيو ته "هو هر حالت ۾ هتان پير پٽني نه هٽائين، توڙي جو کين سوڀ حاصل ٿئي يا نه ٿئي."

پوءِ جڏهن مشرڪن مات کائي پويان پير ڪيا ۽ پنهنجي پنيان غنيمت جو مال ڇڏيائون، تڏهن عَبْدُالله بن جُبَيْر رضہ ۽ سندس ڪجهه ساٿي ته رسول عربي ﷺ جن جي تاڪيد مطابق پنهنجا پير پختا ڪري بيٺا ۽ پنهنجي شهادت تائين اها جاءِ نه ڇڏيائون [1] جڏهن ته منجهانئن ٻيا ڪيترا اهو ماڳ ڇڏي غنيمت جي مال ميڙڻ ۾ لڳي ويا ۽ خدا جي پياري پيغمبر ﷺ جن طرفان مليل حڪم جي ڀڃڪڙي ڪيائون، جنهن جي نتيجي ۾ مسلمان مصيبت ۾ ڦاٿا ۽ ڪافرن جي سرسي ٿي ويئي. ان موقعي تي رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الدُّنْيَا وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ثُمَّ صَرَفَكُمْ عَنْهُمْ لِيَبْتَلِيَكُمْ. [2]

"ڇو جو توهان مان ڪي ماڻهو دنيا جا طالبو هئا ته ڪي آخرت جا طلبيندڙ به هئا. ته پوءِ الله توهان کي ڪافرن جي مقابلي ۾ پٺي ڏيندڙ ڪيو ته جيئن توهان جي پرک لهي."

## حضرت اَبُو زَيْد اَنْصَارِي رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ مشهور صحابي اَبُو زَيْد رضہ اَنْصَارِي به شهيد ٿيو، جيڪو انهن ڇهن صحابي سڳورن مان هڪ هو، جن نبي ڪريم ﷺ جن جي دور ۾ قرآن شريف گڏ ڪيو هو. سندس اصلي نالي ۾ گهڻو اختلاف آهي. ڪجهه راوين طرفان سندس نالو قيس بن سڪن ٻڌايو ويو آهي ۽ ڪن طرفان وري ڪي ٻيا نالا به ٻڌايا وڃن ٿا. [3]

## اِمام زُهْرِي رضہ جي ڏاڏي جي غَزْوَه اُحُد ۾ شرڪت

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" دوران ڪافرن جي لشڪر مان عُبُدالله بِن شِهَاب، پاڻ ڪريم ﷺ جن

---

(۱) دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۲۲۹، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۳۰/۱۳۱. الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۲۸۶، السيره النبويہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۴۹.

(۲) سوره آل عمران آيت ۱۵۲ پاره ۴.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج۴ ص ۲۱۶.



Marfat.com

ڏانهن تير اڇلائي کين زخمي ڪيو. هي شخص "اِمام زُهْرِي" جو ڏاڏو هو ۽ ان وقت تائين ڪافر هو. ان کانپوءِ اسلام قبول ڪيائين. ڪيس عَبْدُالله اَصْغَر جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. (١) امام زهريءَ جي ڏاڏنگ جو سلسلو هن ريت آهي: مُحَمَّد بِن مُسْلِم بِن عَبْدُالله بن شهاب. ان کانسواءِ امام زهريءَ جي ناناڻي نسل ۾ به هڪ نالو اچي ٿو. جيڪو عَبْدُالله اڪبر جي نالي پنهنجي مشهور آهي. هن اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ حَبْش ڏانهن هجرت به ڪيائين، پر مديني ڏانهن هجرت کان اڳ ئي مڪي ۾ گذاري ويو. جيئن "حَافِظ سُهَيْلِي" "روض الانف" ۾ بيان ڪيو آهي. (٢)

## حضرت مُخَيْرِيْق رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ مسلمانن طرفان "مُخَيْرِيْق رضہ" به شهيد ٿي ويو. سندس تعلق يهودين جي قبيلي "بَنِي نَضِيْر" سان آهي ۽ هن ئي سال "غَزْوَه اُحُد" کان اڳ اسلام قبول ڪيو هئائين. پوءِ "غزوه اُحُد" ۾ بهرو ورتائين ۽ اتي ئي شهيد ٿي ويو. ڪيس ڪافي ملڪيت هئي، جنهن ۾ ست باغ به شامل هئا. "اُحُد" ڏانهن روانگيءَ کان اڳ وصيت ڪيائين ته، "جيڪڏهن هن "غزوه" دوران خدا جي راه ۾ منهنجي جان قربان ٿي وڃي ته منهنجي سموري ملڪيت جا مالڪ محمد مصطفيٰ ﷺ جن آهن، پوءِ ڪين جيئن وڻي تيئن ان ملڪيت کي استعمال ڪن." (٣)

اُحُد کان موٽ تي رسولِ خدا ﷺ جن سندس سموري ملڪيت ۽ باغ وقف ڪري ڇڏيا. اهڙيءَ ريت اهو اسلام ۾ وقف ڪرڻ جو پهريون مثال آهي. (٤) چيو وڃي ٿو ته يهودي عالمن مان رڳو به ماڻهو مسلمان ٿيا، جن مان هڪ "عَبْدُالله بن سَلام" ۽ ٻيو "حَضْرت مُخَيْرِيْق" رضي الله تعاليٰ عنهما آهي. (٥)

## حضرت اَبُو حَبَّہ رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ اسلامي لشڪر مان اَبُو حَبَّہ بن ثَابِت بن نُعْمَان بن اُمَيَّہ اَنْصَارِي بَدْرِي رضہ به شهادت ماڻي. اَبُوحَبَّہ کان ابن حَزْم جي هڪ روايت جنهن ۾ معراج جو ڪجھ بيان آهي، امام بخاريءَ ۽ ڪجھ ٻين به نقل ڪئي آهي. (٦) سندس نالي ۾ اختلاف آهي. ڪجھ راوين طرفان عَمَرو ۽ ٻين طرفان وري ڪجھ ٻيا نالا به ٻڌايا ويا آهن. (٧)

---

(١) سيرة ابن اسحاق ص ٣٠٥. السيرة النبوه "ابن ڪثير" ج ٢ ص ٥٩، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ١٩٩.

(٢) الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ١٦٥، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٣٨٠.

(٣) سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٩٤، الاصابہ "ابن حجر" ج ٣ ص ٣٩٣، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٢١٢.

(٤) الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ١٨٠، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٨.

(٥) "الاصابہ" ابن حجر ج ٤ ص ٤١.

(٦) الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ١٩٧، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ١٦٧.

(٧) ابن هشام جي روايت مطابق ان شخص جي ڪنيت "ابو حبہ" ٻڌائي وئي آهي ۽ ان جي تائيد واقدي ۽ "موسيٰ بن عقبہ" وغيره به ڪئي آهي. سندن خيال مطابق "ابو حَبہ" نالي شخص هن ئي "غزوه بدر" ۾ بهرو ورتو هو ۽ هو غزوه



Marfat.com

حضرت خَارِجَہ رضہ جو پٽ زَيْد بن خَارِجہ رضہ بہ پنهنجي پيءُ وانگر صحابي هو، جنهن لاءِ مشهور آهي تہ هن مرڻ کانپوءِ بہ ڳالهايو هو. هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مرڻ کانپوءِ ڳالهائڻ وارو اَبُو خَارِجہ بن زَيْد رضہ هو، پر پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي. جنهن جي وضاحت ابن الاثير پنهنجي ڪتاب "اسد الغابہ" ۾ ڪئي آهي. (١)

## حضرت حَنْظَلَہ رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَہ اُحُد" ۾ مشهور صحابي حضرت حَنْظَلَہ بن اَبِيْ عَامِر رضہ بہ شهيد ٿي ويو، جنهن کي "غَسِيْلِ الْمَلَائِکَۃ" يعني "فرشتن جو وهنجاريل" جي لقب سان ڄاتو وڃي ٿو. اهو انڪري جو جڏهن "غَزْوَہ اُحُد" لاءِ هلڻ جو وقت آيو، تڏهن حضرت حَنْظَلَہ رضہ پنهنجي گهرواريءَ سان ملاقات ڪري واندو مس ٿيو هو تہ رسول خدا ﷺ جن طرفان جهاد جو اعلان ٻڌنديئي ڪانئس تڙ لاهڻ بہ وسري ويو ۽ هو ميري مـــتي سان ئـي "غَزْوَہ اُحُد" لاءِ روانو ٿيو، پوءِ اتي ئي شهادت ماڻيائين. (٢) پر جيئـــن تہ شهـــيد کي غسل نہ ڏبو آهي،انڪري ڪيس غسل ڏيڻ لاءِ فرشتا نازل ٿيا ۽ انهن ڪيس غسل ڏنو.

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٢٢٧.

(٢) حضرت حنظلہ بن ابوعامر انصاري رضہ دشمن سان مقابلو ڪندي "احد" جي ميدان ۾ جڏهن اسود بن شداد هٿان شهيد ٿيو، تڏهن پياري نبي ﷺ جن فرمايو تہ، "حنظلہ کي ملائڪ وهنجاري رهيا آهن."

ابواسيد ساعديءَ کان روايت آهي تہ، "اهو ٻڌي اسان حنظلہ رضہ جي لاش وٽ وياسون تہ سندس مٿي مان پاڻيءَ جا ڦڙا ڪِرِي رهيا هئا." اسان رسول انور ﷺ جن کان پڇا ڪئي تہ شهيدن کي تہ غسل نہ ڏبو آهي، پوءِ حضرت حنظلہ رضہ کي غسل ڇو ڏنو ويو؟ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: "اها حقيقت سندس گهر وارن وٽان معلوم ڪريو."

پوءِ اسان سندس گهر واري جميلہ بنت ابي سلول سان ملياسون، جيڪا منافقن جي مهندار عبدالله بن أبي جي ڀيڻ هئي، پوءِ ان ٻڌايو تہ "اها سندن شاديءَ جي پهرين رات هئي ۽ جڏهن هو پنهنجو حق ادا ڪري ليٽيو تہ سندس اک لڳي ويئي ۽ جڏهن سندس اک کلي تہ جهاد جو اعلان ڪيس ڪنن تي پيو ۽ پوءِ هو بي اختيار لبيڪ لبيڪ چوندو ميري مٿي سان وڃي اسلامي لشڪر ۾ شامل ٿيو."

سندس گهرواري اهو بہ ٻڌايو تہ هن پنهنجي ڪٽنب جي چئن ماڻهن کي اڳ ۾ ئي اها حقيقت ٻڌائي ڇڏي هئي. جنهن تي اسان کانئس پڇيو تہ اوهان ائين ڇو ڪيو؟ تڏهن ان بيبي صاحبہ وراڻيو تہ "اهو ان ڪري ڪرڻو پيو جو رات جو مون خواب لڌو تہ، آسمان مان هڪ دروازو کليو ۽ حضرت حنظلہ رضہ ان ۾ داخل ٿيو، پوءِ اهو دروازو بند ٿي ويو. منهنجي دل ۾ ان وقت ئي اهو خيال اچي ويئو تہ هاڻي شايد منهنجو وَرُ واپس نہ ورندو. ٻر جي مون کي حمل ٿي پوي تہ منهنجي ڪٽنب وارا ان کان آگاهہ هجن." اڳتي رب پاڪ حضرت حنظلہ رضہ جي بيوہ کي ٻچڙو عطا ڪيو، جيڪو عبدالله بن حنظلہ جي نالي سان مشهور ٿيو.

مٿين واقعي مان اهو فقهي مسئلو پيدا ٿئي ٿو تہ آيا تڙ جي حالت ۾ شهادت ماڻيندڙ کي غسل ڏنو وڃي يا نہ؟

حضرت حنظلہ بن عامر رضہ بابت ان روايت کي حجت بڻائيندي ڪجهہ فقيهن اهڙي شهيد کي غسل ڏيڻ لازمي ٺهرايو آهي، جنهن کي تڙ جي حالت ۾ شهيد ڪيو وڃي.

امام ابوحنيفہ رحہ ۽ امام احمد بن حنبل رحہ جو قول آهي تہ جيئن ملائڪن حضرت حنظلہ رضہ کي غسل ڏنو هو، انڪري انهن ملائڪن جي پوئواري ڪندي اهڙي شهيد کي غسل ڏيڻ لازمي آهي، جڏهن تہ امام مالڪ، امام شافعي،



Marfat.com

* هن سال "غزوه احد" جي باري ۾ قرآن شريف جون سٺ آيتون نازل ٿيون. انهن آيتن ۾ "اُحد" واري ڏينهن مسلمانن سان پيش آيل واقعات جو ذڪر ۽ مشرڪن مٿان ڏمر جو اظهار آهي.

انهن آيتن جي شروعات وَاِذْ غَدَوْتَ مِنْ اَهْلِكَ تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِيْنَ مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ [1] کان ٿئي ٿي ۽ سٺ آيتن تي ان سلسلي جي پڄاڻي ٿئي ٿي. [2]

## عَبْدُالله بن حَنْظَلَہ رض جو جمڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" کان ڪجهه وقت پوءِ مديني شريف ۾ عَبْدُالله بِن حَنْظَلَہ بِن اَبِي عَامِر اَنْصَارِي اَوْسي ڄائو. سندس پيءُ حضرت "حَنْظَلہ رض" "غَسِيْلُ الْمَلَائِكَة" هو. جيڪڏهن جمڻ واري سال کي ڇڏي ليکو ڪبو ته نبي آخر الزمان ﷺ جن جي وصال وقت حنظلہ رض جي پٽ عبدالله جي ڄمار ست سال ٿيندي. [3]

## حضرت اُمِّ سَلِيْط رض جو اسلام آڻڻ

* هن ئي سال ام سَلِيْط بنتِ عُبَيْد بن زِيَاد اَنْصَارِيہ مَازِنِيَّہ اسلام آندو ۽ بيعت ڪيائين. جنهن جي باري ۾ حضرت عُمر بن خَطَّاب رض فرمايو تہ "اُحُد واري ڏهاڙي هوءَ اسان کي پاڻيءَ جون مشڪون ڀري پهچائيندي هئي." [4]

## بَنُو قَيْنُقَاع جي باري ۾ آيت

* هن سال "بنو قَيْنُقَاع" وارن جڏهن وعدي جي ڀڃڪڙي ڪئي ۽ نبي ڪريم ﷺ جن انهن جي خلاف جهاد جو ارادو ڪيو، تڏهن ان موقعي تي خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن مٿان هيءَ آيت نازل ڪئي. [5]

---

امام ابويوسف ۽ امام محمد ان دليل کي حجت تسليم نہ ٿا ڪن. سندن خيال آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص مٿان غسل واجب آهي تہ اهو فرشتن جي غسل ڏيارڻ سان ساقط نہ ٿيندو، انڪري سندن خيال مطابق ڪنهن بہ شهيد کي غسل ڏيڻ واجب نہ آهي. والله اعلم.

سيرة ابن اسحاق ص ٣١٢، سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٧٩. حلية الاولياء "ابونعيم" ج ١ ص ٣٥٧، الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ١٦٣/١٦٤. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ٢١٢، "زاد المعاد" "ابن قيم" ج ٣ ص ٢٠٠. شرح عليٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٣٠.

(١) سوره آل عمران آيت ١٢١ پاره ۴.

(٢) المغازي "واقدي" ج ١ ص ٣١٩/٣٢٩. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٢١٨، "سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ٢٣١. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٢٧۴/٢٧٥.

(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ١۴٧، الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٢٩٩/٣٠٠، تاريخ طبري ج ٢ ص ٢١٣.

(۴) صحيح بخاري ج ٣ ص ٢٥. اسد الغابہ ابن الاثير ج ٥ ص ٥٩٠/٥٩١، الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۴٦٠.

(٥) "المغازي" "واقدي" ج ١ ص ١٧٧، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ١٧٩. تاريخ طبري ج ٢ ص ١٧٢، الطبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ٢ ص ٢٩.



Marfat.com

وَاِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ خِيَانَةً فَانْبِذْ اِلَيْهِمْ عَلٰى سَوَاءٍ اِنَّ اللهَ لَا يُحِبُّ الْخَائِنِيْنَ. (١)

"جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن قوم مان دغا جو انديشو هجي تہ اوهان سندن عهد انهن ڏانهن موٽايو تہ جيئن اوهان ۽ اهي برابر ٿيو، بيشڪ الله تعاليٰ دغابازن کي پسند نہ ڪندو آهي."

## عُبَادَه بن صَامِت رض طرفان سفارش

* هن سال جڏهن عُبَادَه بن صَامِت يهودين جي قبيلي "بَنُوْ قَيْنُقَاع" جي باري ۾ سفارش ڪئي، تڏهن خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (٢)

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَاتَتَّخِذُوْا الْيَهُوْدَ وَالنَّصَارٰى اَوْلِيَآءَ ........ فَاِنَّ حِزْبَ اللهِ هُمُ الْغَالِبُوْنَ. (٣)

"اي ايمان وارو! يهودين ۽ نصارن کي دوست نہ بڻايو، اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دوست آهن ...... بيشڪ الله جو ٽولو ئي غالب آهي."

## بَنُوْ قَيْنُقَاع متعلق ٻي آيت جو نزول

* هن ئي سال يهودي قبيلي "بَنُوْ قَيْنُقَاع" جي باري ۾ هڪ ٻي آيت بہ نازل ٿي، جنهن جو سبب اهو هو جو هي قبيلو مسلمانن سان ڪنهن بہ جنگ ڪرڻ کان اڳ پاڻ کي وڏو بهادر ۽ جنگي هنر جو ڄاڻو سمجهندو هو، انڪري هن قبيلي وارا چوندا هئا تہ "محمد ﷺ جن قريش تي انڪري سوڀ حاصل ڪئي آهي، جو انهن کي جنگ بابت ڄاڻ نہ هئي، پر جيڪڏهن هو اسان سان منهن مقابل ٿي ڏسن تہ ڪڏهن بہ سويارا ٿي نہ سگهندا ۽ کين پتو پئجي ويندو تہ اسان ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيون." انهن جي باري ۾ خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (٤)

قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَتُغْلَبُوْنَ وَتُحْشَرُوْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ وَ بِئْسَ الْمِهَادُ. (٥)

"چئو انهن ڪافرن کي تہ سگهو هيٺا ٿيندؤ ۽ گڏ ڪري دوزخ ڏانهن نيا ويندؤ، جو بڇڙو ماڳ آهي."

---

(١) سوره الانفال آيت ٥٨ پاره ١٠.

(٢) سيرة ابن اسحاق ص ٢٩٥/٢٩٦، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ١٨٠. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٥. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ١٧٥.

(٣) سورة مائدة آيت ٥١ ـ ٥٦ پاره ٦.

(٤) سيرة ابن اسحاق ص ٢٩٤، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ١٧٩. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٤.

(٥) سورة آل عمران آيت ١٢ پاره ٣.



Marfat.com

## عَمْرو بن اُمَيَّ رض جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" جي پوري ٿيڻ کانپوءِ عَمْرو بن اُمَيَّ بن خُوَيلَد ابُو اُمَيَّ ضمري بہ اسلام قبول ڪيو. ان کان اڳ هو ڪافر هو ۽ ڪافرن جي لشڪر سان گڏ "اُحُد" ۾ مسلمانن جو مقابلو ڪيو هئائين. پو... تعاليٰ ڪيس هدايت نصيب ڪئي ۽ هو مسلمان ٿيو. اسلامي لشڪر ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ هن پهريون ڀيرو "سَرِيَّہ بِئْرِ مَعُوْنَہ" ۾ بهرو ورتو، جتي الله تعاليٰ ڪيس دشمن هٿان بچائي ورتو. (١)

## اُصَيرَم رض جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" وارن ڏينهن ۾ عمرو بن وقش انصاريءَ بہ اسلام قبول ڪيو، جنهن کي "اصيرم" جي نالي پنيان جاتو وڃي ٿو.

مسلمان ٿيندي ئي هن "غزوه اُحُد" ۾ اسلامي لشڪر سان گڏ بهرو ورتو ۽ اتي ئي شهادت ماڻيائين. خدا تعاليٰ آڏو سجدي ڪرڻ جو کيس موقعو ئي نہ ملي سگهيو، پوءِ بہ رسول خدا ﷺ جن طرفان ٻڌايو ويو تہ "هو جنتي آهي." (٢)

## هڪ منافق جو ذڪر

هن سال غزوه احد جي موقعي تي منافق بہ مسلمانن سان گڏجي هليا ۽ لڙائيءَ وقت منجهانئن هڪ منافق جنهن جو نالو مُعَتِّبْ بن قُشَيْر ٻڌايو ويو آهي چوڻ لڳو تہ "جيڪڏهن اهڙي خبر هجي ها تہ اسين هن هنڌ پهچي مفت نہ مرون ها."

هن موقعي تي خدا تعاليٰ سندس باري ۾ هي آيت نازل فرمائي:

يَقُولُونَ لَوْ كَانَ لَنَا مِنَ الْأَمْرِ شَيْءٌ مَّا قُتِلْنَا هَاهُنَا. (٣)

(چوندا آهن تہ جي اسان جي وس ۾ ڪجهہ هجي ها تہ هت نہ قتل ٿيون ها.)

## حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رض جو زخمي ٿيڻ

* هن سال "غزوه اُحُد" ۾ حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رض کي ايڪيهہ زخم رسيا. سندس پير ۾ اهڙو تہ ڌڪ لڳو، جو هو منڊڪائي پئي هليو ۽ سندس اڳيان ڏند پڻ شهيد ٿي ويا. (٤)

## عَبْدُالله بن زَيْد رض جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" کان اڳ عَبْدُالله بِن زَيْد بن عَاصِم اَنْصَاري خَزْرجي مازني بہ اسلام قبول

(١) الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٥٢٤، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٣٦٥.

(٢) سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٩٥، سيرة ابن ڪثير ج ٣ ص ١٣، زاد المعاد ابن قيم ج ٢ ص ٢٠١، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١٠٠١، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٤ ص٣١٢

(٣) سوره آل عمران آيت ١٥٤ پاره ٤.

(٤) سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٨٨، زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ١٨٨، الدرر "ابن عبدالبر" ص ١٥٠.



Marfat.com

ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ "اُحد" ۾ ٻين غزوات ۾ بهرو ورتائين.
هن صحابي سڳوري کان نبي آخر الزمان ﷺ جن جي وضو ڪرڻ جو طريقو روايت ٿيل آهي. (١)
هن کان اڳ سن ٻارهين نبويءَ جي واقعات ۾ اهڙي نـي نالي واري هڪ ٻـئي صحابيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن کي خواب ۾ اذان جو طريقو ٻڌايو ويو هو، ان جو نالو هن ريت آهي، عبدالله بن زَيْد بن عَبْد ربہ اَنْصَارِي، خزرجي حارثي. ان صحابيءَ عَقَبَہ جي ٽين بيعت وقت اسلام قبول ڪيو هو.

## سهل بن ابي حثمہ رض جو جمڻ

* هن سال سهل بن ابي حثمہ انصاري اوسي ڄائو.
نبي سونهاري ﷺ جن جي وصال وقت هن جي عمر اٺ ورهيہ هئي. (٢)

## عَامِر بن وَاثِلہَ رض جو جمڻ

* هن سال اَبُوطُفَيْل عَامِر بن وَاثِلَہ بن عَبْدُالله ڪِنَاني لَيْثِي ڄائو. "علامہ ابن الاثير" پنهنجي ڪتاب "اسد الغابہ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ، "اَبُوطُفَيْل پاڻ سڳورن ﷺ جن جي وصال تائين اٺن ورهين جو ٿي چڪو هو." ان ڳالهہ تي سڀني محدثن جو اتفاق آهي تہ هن زمين تي موجود صحابي سڳورن مان ابوطفيل جو وصال سڀ کانپوءِ مڪي شريف ۾ ٿيو آهي. ان وقت سندس ڄمار هڪ سؤ ڏهہ ورهيہ هئي. (٣) چيو وڃي ٿو تہ حضرت امام اَبُوحَنِيْفَہ ڪُوْفِيْ رض حج جي موقعي تي مڪي ۾ هن صحابيءَ سان ملاقات ڪئي هئي.

## مڪي جي ڪافرن جي گڏجاڻي

* هن سال "غزوه احد" کان اڳ مڪي ۾ قريش قبيلي جي ڪافرن "دارالندوه" ۾ گڏجاڻي ڪئي، جتي "غزوه احد" ۾ مقابلي ڪرڻ جو گڏيل فيصلو ڪيائون ۽ ان ڪم لاءِ نهايت گهڻو مال بہ ڪٺو ڪيائون. خدا تعاليٰ طرفان سندن باري ۾ هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (٤)

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللهِ فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ. (٥)

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ١٦٧/١٦٨، الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٣١٢/٣١٣.
(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٣٦٣، الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٨٦.
(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٩٦/٩٧، الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ١١٣.
(٤) سيرة ابن اسحاق ص ٣٠١، سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٦٤/٦٥. المغازي واقدي ج ١ ص ٢٠٠. طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٣٧. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ١١. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ١٨٢. شرح عليٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٢١.
(٥) سوره "الانفال" آيت ٣٦ پاره ١٠.



Marfat.com

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن "غزوه احد" جي شهيدن جي جنازي نماز نه پڙهائي هئي.

ان روايت جي بنياد تي شافعين وٽ شهيد جي جنازي نماز نه پڙهي ويندي آهي.

## مَالِڪ بن سِنَان رض جي شهادت ۽ دفن جو واقعو

* هن سال "غزوه اُحُد" ۾ مَالِڪ بن سِنَان رض به شهيد ٿي ويو، جيڪو حضرت اَبُوسَعِيْد خُدري رض جو پيءُ هو. (١)

شهادت کانپوءِ سندس ساٿي لاش کي "جنت البقيع" ۾ دفنائڻ لاءِ اتان کڻي مديني روانا ٿيا، پر اجان مديني ۾ داخل ئي مس ٿيا ته کين خبر پهتي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن حڪم ڏنو آهي ته جيڪو ماڻهو جتي شهيد ٿئي انکي اتي ئي دفن ڪجي ۽ لاش ٻئي هنڌ نه نيو وڃي.

پوءِ جنهن جاءِ تي اها خبر پهتي، صحابين اتي ئي جنازي نماز پڙهي لاش کي دفنائي ڇڏيو. اڄ سوڌو ان جاءِ تي سندس قبر موجود آهي، جنهن جي مٿان بعد ۾ قبو جوڙايو ويو، جتي ماڻهو زيارت ۽ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. الحمدلله مون به ١١٣٦ هجريءَ ڌاري ان جي زيارت ڪئي.

## اَبُوسُفْيَان سان سوال جواب

* هن سال "غزوه اُحُد" ۾ اَبُوسُفْيَان بن حَرْب نبي اڪرم ﷺ جن ڏانهن منهن ڪري سوال پڇيو: ڇا اوهان ۾ محمد (ﷺ) موجود آهي؟

اهو ٻڌي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته، "ڪيس جواب نه ڏنو وڃي." ان تي ڪنهن نه ڪڇيو.

ان کانپوءِ وري حضرت ابوبڪر (رضه) لاءِ پڇا ڪيائين، "ڇا اوهان ۾ اَبُوقُحَافَه جو پٽ موجود آهي؟" تڏهن به سڀ مات رهيا.

وري حضرت عُمر رضه جي باري ۾ پڇا ڪيائين، "ڇا اوهان ۾ عُمر بن خَطَّاب (رضه) موجود آهي؟" ان تي به سڀ مات رهيا.

ان کانپوءِ هو چوڻ لڳو، "اهي ڪل قتل ٿي چڪا آهن، جيڪڏهن منجهانئن ڪو به جيئرو هجي ها ته جواب ملي ها."

اهو ٻڌي حضرت عُمر رضه کان صبر ٿي نه سگهيو ۽ کيس جواب ڏنائين: "اي الله جا دشمن! تون

---

مطابق نبي ڪريم ﷺ جن طرفان "احد" جي شهيدن جي نماز پڙهائي ويئي هئي. حافظ علاؤالدين مغلطائي پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ ان ڳالهه جي نه صرف تائيد ڪئي آهي پر ان تي امت جو اجماع به ثابت ڪيو آهي.

صحيح بخاري ـ ڪتاب الجنائز ج ١ ص ٢٣٢. "البدايه والنهايه" ـ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٤١. روض الانف ـ "سهيلي" ج ٣ ص ١٧٨/١٧٩. دلائل النبوه ـ "بيهقي" ج ٣ ص ٢٨٧/٢٨٨. سيرة مغلطائي ص ٥٠. سبل الهدي والرشاد ـ "شامي" ج ٤ ص ٢٢٥/٢٢٦.

(١) ابن هشام جي روايت مطابق ابوسعيد خدريءَ جي پيءُ جو نالو "سنان" يا وري "سعد" هو. جنهن کي غراب بن سفيان ڀِل ۾ شهيد ڪيو.

سيرة ابن هشام ج ٣ ص ١٣٢. المغازي واقدي ج ١ ص ٣٠٢.



Marfat.com

ڪوڙ ٿو چئين! تحقيق الله عز و جل اسانکي صحيح سلامت رکيو آهي تنهنجي مارڻ لاءِ."

اهو ٻڌي اَبُوسُفْيَان پنهنجي بُت (جنهن تي سندس ايمان هو) جي ساراهه ۾ نعرو هنيو، "هبل زنده باد"، "هبل زنده باد."

سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو، "ڪيس جواب ڏيو." ان تي (صحابين) پڇيو: "ڪهڙو جواب ڏيون؟"

فرمايائون: ڪيس چئو، "الله سڀ کان مٿانهون ۽ سڀ کان وڏو آهي." اهو ٻڌي ابوسفيان چوڻ لڳو، "اسان وٽ عزيٰ بہ آهي ۽ اوهان وٽ ڪو عزيٰ ڪونهي."

رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو، "ڪيس جواب ڏيو." صحابين پڇيو: "سائين ڪهڙو جواب ڏيون.؟ نبي سائين ﷺ جن فرمايو، ڪيس چئو: "الله اسان جو مولا ۽ مالڪ آهي، جڏهن تہ تنهنجو ڪوبہ مولي ڪونهي." (١)

## مختلف آيتن جو نزول

* هن سال "غزوه احد" کان رسول خدا ﷺ جن جڏهن واندڪائي حاصل ڪئي، تڏهن الله تعاليٰ طرفان "اُحد" جي شهيدن جي شان ۾ هيءَ آيت نازل ٿي:

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوْا اللهَ عَلَيْهِ فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ. (٢)

"ايمان وارن مان ڪجهہ مردن سچو ڪري ڏيکاريو جيڪو الله سان عهد ڪيائون. منجهانئن ڪي تہ اهڙا آهن، جن پنهنجو ذمو پورو ڪيو ۽ ڪي انتظار ۾ آهن."

* هن ئي سال "غزوه احد" ڪانپوءِ الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت پڻ نازل ڪئي وئي.

وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللهِ اَمْوَاتًا بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ، فَرِحِيْنَ بِمَآ اٰتَاهُمُ اللهُ مِنْ فَضْلِهٖ. (٣)

"۽ نہ سمجهو انهن کي مئل جن کي رب جي راهہ ۾ ماريو ويو، پر اهي جيئرا آهن، پنهنجي رب وٽ کين رزق بہ ملي ٿو ۽ خوش آهن ان تي جيڪو الله کين ڏنو آهي پنهنجي فضل سان."

* هن سال "غزوه احد" جي پڄاڻي ڪانپوءِ رسول الله ﷺ جن جا صحابي سگورا ان ڳالهہ تي

---

(١) ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ هي واقعو غزوه بدر جي موقعي تي پيش آيو. پر "احد" واري روايت وڌيڪ صحيح آهي.

صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٢٠. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٢٢٩/٢٣٠، البدايہ والنهايہ ـ ابن ڪثير ج ٣ ص ٢٧، الطبقات الڪبريٰ ـ "ابن سعد" ج ٢ ص ٤٧/٤٨، شرح عليٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٤٨.

(٢) سوره احزاب آيت ٢٣ پاره ٢١.

(٣) سورة آل عمران آيت ١٦٩، ١٧٠ پاره ٤.



Marfat.com

ڏاڍو غمگين رهيا تہ هن "غزوه" ۾ سندن ستر ساٿي بہ شهيد ٿي ويا ۽ هو پاڻ بہ پنهنجي پنهنجي ويا. هو اهو سوال پاڻ کان پڇندا رهيا تہ ائين ڇو ٿيو ۽ ڇا لاءِ ٿيو؟ ڇو اسان جا ماڻهو بہ مارجي ويا ۽ پاڻ بہ مات کاڌي سون. ان موقعي تي رب پاڪ طرفان کين آئت ڏيڻ لاءِ هيءَ خوشخبري ٻڌائي وئي:

اَوَلَمَّآ اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَدْ اَصَبْتُمْ مِّثْلَيْهَا قُلْتُمْ اَنّٰى هٰذَا. (۱)

"ڇا جڏهن اوهان کي ڪا مصيبت پهچي، جو ان کان ٻيڻي اوهان پهچائي چڪا آهيو تہ پوءِ چوڻ لڳو ٿا تہ هيءَ ڪٿان آئي؟"

* هن سال جڏهن سرورِ عالم ﷺ جن غزوه احد جي ٻئي ڏينهن تي وري "غَزْوَه حَمْرَآءُ الْاَسَد" لاءِ تيار ٿيا، تڏهن ڪافرن کي اهو گمان ٿيو تہ "اُحُد" جي ميدان ۾ جيئن تہ مسلمان وڏي آزمائش مان لنگهيا آهن، جنهن ۾ سندن ڪافي ماڻهو بہ قتل ٿيا آهن، انڪري هن دفعي هو رسول خدا ﷺ جن سان گڏ جنگ لاءِ مشڪل تيار ٿيندا.

هوڏانهن وري نبي اڪرم ﷺ جن جڏهن "غزوه حمراء الاسد" لاءِ تيار ٿي، صحابين کي هلڻ جو سڏ ڏنو، تڏهن هو سڏ ٻڌندي ئي جنگ لاءِ نڪري پيا. رب تعاليٰ انهن جي شان ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي، جنهن ۾ سندن ساراه ڪئي وئي آهي. (۲)

اَلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَصَابَهُمُ الْقَرْحُ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا مِنْهُمْ وَاتَّقَوْا اَجْرٌ عَظِيْمٌ. (۳)

"جن زخم سهڻ کانپوءِ بہ الله ۽ رسول جي سڏ تي لبيڪ چيو، انهن مان جيڪي ماڻهو نيڪ عمل ڪندڙ آهن ۽ متقي آهن انهن لاءِ تہ تمام وڏو اجر آهي."

* هن سال جڏهن رسول ڪريم ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن سان "غزوه حمراء الاسد" لاءِ وڃڻ جا سانباها ڪري رهيا هئا، تڏهن ڪافرن، نعيم بن مسعود اشجعي نالي هڪ شخص کي صحابين ڏانهن اماڻيو تہ هو وڃي کين وري جنگ لاءِ نڪرڻ کان ڊيڄاري ۽ کين ٻڌائي تہ ڪافرن اوهان جي مقابلي ۾ وڏي تياري ڪئي آهي، انڪري ائين نہ ٿئي تہ وري اوهان جو حال اهڙو ئي ٿئي جهڙو هن کان اڳ "اُحد" ۾ ٿيو هو.

ان کانپوءِ جڏهن "نعيم" وٽن پهتو ۽ کين ڊيڄارڻ شروع ڪيائين، تڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن جي ساٿين ڪيس جواب ۾ چيو، "حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ" (۴) يعني الله اسان لاءِ ڪافي آهي ۽ اهوئي بهترين ڪارساز آهي.

---

(۱) سورة آل عمران آيت ۱٦۵ پاره ۴.

(۲) دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۳۱۲،الطبقات الڪبري ابن سعد ج ۲ ص ۴۸. سبل الهدي والرشاد في سيرة خير العباد ج ۴ ص ۴۳۸.

(۳) آل عمران آيت ۱۷۲ پاره ۴.

(۴) آل عمران آيت ۱۷۳ سوره ۳ پاره ۴.



Marfat.com

الله تعاليٰ صحابين جي جذبي کي ساراهيندي سندن شان ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي:

اَلَّذِيْنَ قَالَ لَهُمُ النَّاسُ اِنَّ النَّاسَ قَدْ جَمَعُوْا لَكُمْ فَاخْشَوْهُمْ فَزَادَهُمْ اِيْمَانًا وَّقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ، فَانْقَلَبُوْا بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضْلٍ لَّمْ يَمْسَسْهُمْ سُوْٓءٌ. (١)

"اهي جن کي ماڻهن ٻڌايو تہ، اهي ماڻهو گڏ ٿيا آهن اوهان جي (مقابلي) لاءِ، پوءِ اوهان کانئن ڊڄو ڪيو. پوءِ وڌايو (ان ڳالهہ) سندن ايمان کي ۽ چيائون الله اسان لاءِ ڪافي آهي ۽ اهوئي بهترين ڪارساز آهي ۽ پوءِ هو واپس ٿيا الله جي طرف ڏنل نعمت ۽ فضل سان ۽ ڪين ڪابہ برائي نہ رسي."

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مٿيون آيتون "غَزْوَه بَدْرِ مَوْعِد" کان اڳواٽ نازل ٿيون. اهو قصو هن ريت آهي تہ نعيم بن مسعود اشجعي کي "اَبُوْسُفْيَان بن حرب" رسول خدا ﷺ جن ۽ سندن صحابي سڳورن ڏانهن اماڻيو تہ جيئن هو اتي وڃي ڪافرن جي لشڪر جي گهڻائيءَ بابت احوال ٻڌائي مسلمانن کي ڊيڄاري سگهي، پوءِ نعيم جڏهن ائين ڪيو، تڏهن هن موقعي تي ڪيس مٿيون جواب مليو ۽ پوءِ هي آيتون نازل ٿيون. (٢)

## ٻن ڪافرن جو قتل

* هن سال "غَزْوَه حَمْرَاءُ الْاَسَد" دوران صحابي سڳورن ٻن ڪافرن کي قيد ڪيو، انهن مان هڪڙو معاويہ بن مغيره بن اميہ (٣) ۽ ٻيو ابوعزه نالي هڪ شاعر هو. ان ڪانپوءِ خدا جي رسول ﷺ جن ٻنهي جي قتل جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ انهن ٻنهي کي قتل ڪيو ويو. (٤) "ابوعزه" غزوه بدر جي موقعي تي قيد ٿي آيو هو ۽ رسول خدا ﷺ جن ان موقعي تي ڪيس ان شرط تي آزاد ڪيو هو تہ هو ٻيهر وري ڪافرن جي مدد نہ ڪندو. پر هو پنهنجي ڪيل قول تان ڦري ويو، جنهن ڪري ڪيس قتل ڪيو ويو. ان جو تفصيل اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

---

(١) سوره آل عمران آيت ١٧٣/١٧۴ پاره ۴.

(٢) "المغازي" واقدي ج ١ ص ٣٨٥.

(٣) هي عبدالملڪ بن مروان جو ڏاڏو هو ۽ سندس ماءُ جو نالو عائشہ بنت معاويہ هو.

سيرة ابن هشام ج ٣ ص ١١٠. سيرة ابن ڪثير ج ٣ ص ١٠٢. تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ١ ص ۴۴٩.



Marfat.com

# فصل چوٿون

هن فصل ۾ اهي واقعات بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي هجرت جي چوٿين سال پيش آيا.

## "سوره حشر" جي ڪجهه آيتن جو نزول

* هن سال جڏهن "غزوه بني نَضِيْر" جو واقعو پيش آيو، ته انهن ئي ڏينهن ۾ رب تعاليٰ طرفان ان باري ۾ سوره "حشر" جون ڪجھ آيتون نازل ڪيون ويون.[۱] اهي آيتون هن سورة جي شروعات کان وٺي ويندي، "اَنَّهُمَا فِی النَّارِ خَالِدَیْنِ فِیْهَا وَذٰلِکَ جَزَآءُ الظّٰلِمِیْنَ" تائين ٻڌايون ويون آهن.

* هن ئي سال ساڳئي غزوه جي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن طرفان مسلمانن کي جڏهن "بَنُو نَضِيْر" وارن جي ڪجين کي ساڙڻ جو حڪم ڏنو ويو،[۲] تڏهن خدا تعاليٰ طرفان هيٺين آيت نازل ڪئي وئي:

---

(۱) "سوره حشر" جي ڪل آيتن جو تعداد چوويهه آهي، جن مان مٿين روايت مطابق پهريون سترهن آيتون هن موقعي تي نازل ٿيون، جڏهن ته ڪن روايتن ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته هيءَ سموري سورة هن ئي موقعي تي نازل ٿي.

صحيحين ۾ حضرت عبدالله ابن عباس رضہ جي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي، جنهن مان پروڙ پوي ٿي ته هيءَ سورة "غزوه بني نضير" جي موقعي تي ئي نازل ٿي. نه صرف ايترو پر حضرت ابن عباس رضہ هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ته "سورة حشر" کي "سورة نضير" جي نالي سان به سڏيو ويندو هو هن روايت جو راوي به سعيد بن جبير آهي.

صحيح بخاري ج ۲ ص ۱۵، صحيح مسلم ج ۸ ص ۲۴۵، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۲۰۲، البدايہ والنهايہ ـ ابن ڪثير ج ۴ ص ۷۸.

(۲) بنو نضير يهودين جو هڪ معزز، معروف ۽ خوشحال قبيلو شمار ٿيندو هو ۽ هو پاڻ کي حضرت هارون عليه السلام جي اولاد مان سڏائيندا هئا. هن خاندان ۾ تورات جا وڏا وڏا عالم ٿي گذريا آهن. جن کي پنهنجي آسماني ڪتاب ۾ ان آخري نبي عليه الصلوٰة والسلام جن بابت سموريون خبرون ملي چڪيون هيون. جهڙوڪ سندن بعثت، هجرت، سڪونت وغيره.

ان ڪري هو سندس اچڻ جو ورهين کان انتظار ڪندا پئي آيا. هڪ روايت مطابق ته بنو نضير وارا شام کان لڏي ان ڪري ئي يثرب پهتا هئا ته جيئن ڪين ان هستيءَ جي قربت جو شرف حاصل ٿي سگهي، پر جڏهن اهو سچو نبي ﷺ مديني ۾ پهتو ته هو بجاءِ حقيقت کي تسليم ڪرڻ جي ان جي مخالفت ڪرڻ لڳا. جو ته اها ڳالهه سندن نفس کي نه آئڙي ته اهو نبي ﷺ سندن نسل بنو اسحاق جي بدران بنو اسماعيل ۾ پيدا ٿيو هو.

بنو نضير وارا پيشي جي لحاظ کان تاجر به هئا ته زميندار به. هو شام کان اناج آڻي عرب ۾ وڪڻندا هئا ۽ هتان وري پنهنجي علائقي جون کارڪون ۽ ڇوهارا کڻي وڃي انهن ملڪن ۾ کپائيندا هئا. هنن جون زمينون ۽ باغ جنهن ڳوٺ ۾ هئا ان جو نالو "بويره" ٻڌايو ويو آهي. "ياقوت" جي بقول "بويره" لفظ "بئر" جي تصغير آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي ننڍڙو کوه ۽ اهو کوه اتي موجود هو جنهن جو پاڻي هن وسنديءَ جا رهاڪو واپرائيندا هئا.

هجرت ڪانپوءِ يثرب ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن جيڪي اهم ڪم سرانجام ڏنا انهن ۾ اهم ترين ڪم "ميثاق



Marfat.com

۽ صحابي سگوري جو ڪو ۽ حصو نه رهيو. اهڙو حڪم خدا تعاليٰ طرفان هن آيت ذريعي نازل ڪيو ويو:
وَمَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ فَمَآ اَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَّلَا رِكَابٍ." (۱)

* هن ئي سال "غزوه بني نَضِير" جي موقعي تي منافقن جي مهندار عَبْدُالله بن اُبَيّ بن سَلُوْل ۽ سندس ساٿين "بني نَضِير" وارن سان وعدو ڪيو ته "جيڪڏهن اوهان کي پنهنجي گهرن مان نڪِرڻو پيو ته اسان به اوهان سان گڏ هونداسون ۽ اوهان بابت ڪنهن جي به ڪا ڳالهه نه مڃينداسون. پر جيڪڏهن اوهان سان ڪو وڙهڻ آيو ته پوءِ به اسان اوهان جي پر ڪنداسون." (۲)

خدا تعاليٰ منافقن جي مٿين دعويٰ کي پنهنجي هن آيت ذريعي رد ڪيو.

وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ لَئِنْ اُخْرِجُوْا لَا يَخْرُجُوْنَ مَعَهُمْ. (۳)

"الله شاهد آهي ته اهي ڪوڙا آهن، جيڪڏهن هنن کي نڪِرڻو پيو ته اُهي ساڻن گڏ نه نڪرندا."

## شراب جي حرمت

* هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ شراب جي حرام ٿيڻ وارو حڪم نازل ٿيو. (هن حڪم جي نازل ٿيڻ واري زماني ۾ اختلاف آهي.)

---

"فيءِ" جي تعريف ۾ مسلمان عالمن ۽ فقيهن جو اختلاف رهيو آهي. ڪن جو خيال آهي ته "فيءِ" دشمن کان هٿ آيل غير منقوله ملڪيت کي سڏيو ويندو آهي، جيئن ته زمينون، باغ ۽ جايون وغيره. پوءِ جو اهي ڪٺي مقابلي ڪانسواءِ هٿ اچن يا مقابلي ڪانپوءِ، پر ان قسم جون شيون مجاهدن ۾ ورهائڻ بدران سرڪاري خزاني ۾ داخل ٿينديون. يحيٰ بن آدم، امام ابو يوسف ۽ ماورديءَ وغيره پنهنجي ڪتابن ۾ "فيءِ" بابت تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

هتي جنهن "فيءِ" جو ذڪر ڪيو ويو آهي ان مان مراد اهو مال ۽ ملڪيت آهي، جيڪو بنو نضير وارا ڇڏي ڀڄي ويا. هن مال ۾ زمينون، باغ، جايون ۽ هٿيار پنوهار به شامل هئا.

خدا تعاليٰ مٿين حڪم ذريعي اهو مال بطور "فيءِ" پنهنجي پيغمبر ﷺ جن لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو. پر پاڻ سڳورن ﷺ ان سموري مال مان هڪ زمين جو ٽڪر پنهنجي ذات لاءِ ڇڏي باقي ٻيو سڀ مسڪين مهاجرن ۾ ورهائي ڇڏيو. انصارن مان حضرت ابودجانہ ۽ سهيل بن حَنيف کي به غربت سببان ان ورهاست مان ڪجهه ڏنو ويو. رسول انور ﷺ جن پنهنجي لاءِ جيڪو ٻنيءَ جو ٽڪر ڇڏيو هو ان جي اپت منجهان پنهنجي گهروارين کي سال جو خرچ ڏيندا هئا ۽ باقي جيڪو ڪجهه بچي پوندو هو ته ان کي وري جهاد جي تياريءَ ۾ خرچ ڪندا هئا. هن موقعي تي هٿ آيل اسلحي ۾ پنجاهه زرهون، پنجاهه لوهي ٽوپ ۽ ٽي سؤ چاليهه تلوارون شامل هيون، جن ۾ يهودين جي سردار ابن ابوالحقيق جي مشهور قيمتي تلوار به شامل هئي، جيڪا پاڻ ڪريمن ﷺ حضرت سعد بن معاذ کي عطا فرمائي. باقي ٻيو اسلحو بيت المال ۾ جمع ڪرايو ويو، جيڪو مجاهد ضرورت جي وقت استعمال ڪندا هئا.

سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۲۰۲ ـ ۲۰۱، شرح علي المواهب "زرقاني" ج ۲ ص ۸۶. فتح الباري "ابن حجر" ج ۷ ص ۲۵۴، ۲۵۵. ڪتاب الخراج امام ابويوسف ص ۲۳. دائرة المعارف اردو ج ۱۵ ص ۱۰۶۲.

(۱) سوره حشر آيت ۶ پاره ۲۸.

(۲) سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۲۰. جوامع السيرة "ابن حزم ص ۱۸۲ ـ ۱۸۱.

(۳) سوره حشر آيت ۱۱ ۽ ۱۲ پاره ۲۸.



Marfat.com

"اي ايمان وارؤ! اهو شراب ۽ جوئا ۽ اهي آستان ۽ ڍارا سيئي گندا شيطاني ڪم آهن. انهن کان پاسو ڪريو. اميد تہ توهان ڪاميابي ماڻيندؤ."

چيو وڃي ٿو تہ هن آيت ۾ شراب حرام هجڻ جا ٻارهن يا ان کان مٿي سبب ڄاڻايا ويا، جنهن جا تفصيل مفسرن طرفان ٻڌايا ويا آهن.

## ڪجھ صحابي سڳورن جي باري ۾ سوال

* هن سال جڏهن شراب جي حرام هجڻ وارو حڪم نازل ٿيو تڏهن ڪجھ صحابي سڳورا پنهنجي انهن ساٿين بابت ويچار ۾ پئجي ويا، جيڪي هن حڪم کان اڳ "غزوه احد" جي موقعي تي شهيد ٿيا هئا يعني هو پڇڻ لڳا تہ، "اهي ماڻهو جن "احد" واري ڏهاڙي شراب واپرايو ۽ ان حالت ۾ ئي شهيد ٿيا، پوءِ ڇا هو ان ڏس ۾ ڏوهي شمار ٿيندا؟" [۱] ان موقعي تي الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:

لَيۡسَ عَلَى ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ وَعَمِلُواْ ٱلصَّٰلِحَٰتِ جُنَاحٌ فِيمَا طَعِمُوٓاْ إِذَا مَا ٱتَّقَواْ وَّءَامَنُواْ وَعَمِلُواْ ٱلصَّٰلِحَٰتِ. [۲]

"اهي، جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا انهن تي ڪو گناھ نہ آهي، جيڪي اڳ انهن واپرايو. ۾ انهيءَ شرط سان تہ اڳتي هو انهن ڳالهين کان پاڻ بچائيندا ۽ ايمان تي پختا ٿي بيهندا ۽ نيڪ ڪم ڪندا."

## صَلٰوة الخوف جو حڪم

* هن سال هڪ روايت مطابق "صلٰوة الخوف" وارو حڪم نازل ٿيو. جڏهن تہ ٻي روايت مطابق اهو حڪم سن ستين هجريءَ دوران نازل ٿيو، جنهن جا تفصيل سن ٻي هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ٿي چڪا آهن.

## سنگسار جو واقعو

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جي حڪم سان هڪ يهودي مرد ۽ عورت کي سنگسار ڪيو ويو. [۳]

---

(۱) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۵۱۲.

(۲) سورة المائده آيت ۹۳ پاره ۷.

(۳) اها روايت حضرت عبدالله بن عمر رضہ کان "صحيح بخاري" ۾ هن ريت نقل ڪئي وئي آهي تہ، "هڪ يهودي ۽ يهودياڻيءَ کان جڏهن زنا جو ڏوه سرزد ٿيو، تہ کين پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ فيصلي لاءِ آندو ويو. ان موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ کانئن سوال پڇيو تہ، "ان ڏوه بابت اوهانجي ڪتاب ڪهڙي سزا تجويز ڪئي آهي؟" ان تي اهي يهودي چوڻ لڳا تہ، "اسان جا عالم ان جي سزا ۾ منهن ڪارو ڪري پوءِ ڪوڙا هڻائيندا آهن."

اهو جواب ٻڌي حضرت عبدالله بن سلام چيو، "اي خدا جا رسول ﷺ !ڪين چئو تہ تورات کڻي اچن."

جنهن ڪانپوءِ هو تورات کڻي آيا ۽ انهن منجهان هڪ ڄڻي سنگسار واري آيت مٿان هٿ رکي ان جو اڳيون حصو بہ پڙهي ويو تہ پويون حصو بہ. اهو ڏسي عبدالله ابن سلام چوڻ لڳو تہ "اي يهودي پنهنجو هٿ پاسي ڪر."

جنهن ڪانپوءِ ڏٺو ويو تہ سندس هٿ هيٺان جيڪي اکر لکل هئا، انهن ۾ زناڪاريءَ لاءِ سنگسار جو حڪم ڏنو ويو هو.

جنهن ڪانپوءِ رسول انور ﷺ جن جي حڪم سان کين ان ميدان ۾ سنگسار ڪيو ويو، جتي پٿرن کي گهڙي سرون



Marfat.com

## سيده زَيْنَب رضہ جي وفات

* هن سال ام الـمؤمنين سيده زَيْنَب بنت خُزَيْمَہ رضہ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. صحيح روايت مطابق هي واقعو ربيع الاول ۾ هڪ ٻي روايت موجب ربيع الآخر جي مهيني ۾ پيش آيو (١) جنهن جي تفصيل هن باب جي ٽئين فصل ۾ بيان ڪئي وئي آهي.

## حضرت اَبُو سَلْمَہ رضہ جي وفات

* هن سال "جمادي الاول" جي مهيني ۾ اَبُوسَلْمَہ عَبْدُالله رضہ بن عَبْدُالاَسَد قُريشي مَخْزُومِي وفات ڪري ويو. جيڪو ام الـمؤمنين اُمِّ سَلْمَہ رضہ جو پهريون گهروارو هو.

سندس موت جو ڪارڻ اهو ٿيو جو سن ٽين هجريءَ دوران "غزوه احد" ۾ ڪيس هڪ زخم رسيو هو، جيڪو هن سال وري اٿلي پيو. جنهن ڪري جمادي الاول جي پڇاڙيءَ کان هڪ رات اڳ يا ٻي روايت مطابق جمادي الآخر جي اٺين تاريخ تي سندس وفات ٿي، اها روايت وڌيڪ صحيح آهي. (٢) جڏهن تہ هڪ روايت ۾ سندس وفات سن ٽين هجريءَ ۾ بہ ٻڌائي وئي آهي. بهرحال سندس وفات

---

رهي تہ لڙائيءَ بدران ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل ڳولهجي.ان لاءِ سيدنا حسين رضہ ۽ ابن سعد جي وچ ۾ ڪافي ملاقاتون ٿيون مگر مسئلي جو ڪوبہ حل نہ نڪتو. چو تہ هن طرف ابن زياد هڪڙي ئي شرط تي زور ڀريو بيٺو هو تہ سيدنا حسين رضہ سندس هٿ تي يزيد جي بيعت ڪري. امام حسين رضہ ان بيعت جي مقابلي ۾ شهادت کي ترجيح ڏني ۽ پوءِ باقاعده لڙائي شروع ٿي. هڪ طرف سلطنت جو لشڪر ٻئي طرف سيدنا حسين رضہ ۽ سندس چند جانثار ساٿي! بهرحال ايمان ۽ اصول جي زور تي سيدنا حسين رضہ نهايت جرئت ۽ بهادريءَ سان وڙهندي جام شهادت نوش ڪيو. اهو واقعو ڏهين محرم سن ايڪهٺ هجريءَ واري ڏينهن پيش آيو. حسين رضہ جو اهو ايثار تاريخ اسلاميءَ ۾ اڄ تائين يادگار آهي. جنهن جو مثال ڪنهن ٻئي هنڌ ملڻ مشڪل آهي.

حضرت امام حسين رضہ جا فضائل ۽ مناقب تاريخ، رجال ۽ حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهن. هو سڄي زندگي ديني احڪام جي سختيءَ سان پابندي ڪندو رهيو.

مديني جا ماڻهو ديني مسئلا قرآني آيات جي تشريح ۽ احاديث رسول ﷺ سمجهڻ لاءِ سندن خدمت ۾ ايندا هئا. هو اڪثر وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندا هئا. ڪثرت سان روزا رکڻ ۽ نفل پڙهڻ سندن خاص عادت هئي. رات جو تهجد جي نماز بہ پابنديءَ سان ادا ڪندا هئا.

ڪربلا جي ميدان ۾ ايتريون سختيون سهندي بہ ڪڏهن ڪا نماز قضا نہ ڪيائون. الله جي ذات تي ڪين ڪامل يقين هوندو هو. انڪري ڪڏهن بہ ڪنهن باطل قوت آڏو نہ جهڪيا. برائي کي اڳتي وڌي هٿ سان روڪڻ سندن زندگيءَ جو اصول ۽ سندن ايمان جي علامت هئي.

الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ١ ص ٤٤٢ ـ ٤٤٧. الاخبار الطوال دينوري ص ٢٢٩ ـ ٢٨٣. مرآة الجنان يافعي ج١ ص ١٠٨ ـ ١١١. تاريخ الخميس ديار بڪري ج ٢ ص ٢٩٧ ـ ٣٠٠. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ١٧١ ـ ١٨١.

(١) "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ٢ ص ٣٩٦. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٤٦٣. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٨٩.

(٢) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ١٨٧.



Marfat.com

ڪانپوءِ حضرت اُمِّ سَلَمَہ رضہ چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن عدت ۾ ويهي پوءِ سرور عالم ﷺ جن سان نڪاح ڪيو ۽ هن ٽي سال اوڻيهين شوال تي لاڏون لڏائين. [1] جيئن حافظ ابن ڪثير پنهنجي تاريخ

---

(١) ام سلمہ اصلي نالو هند بنت ابو اميہ بن مغيره بن عبدالله جو تعلق قريش قبيلي جي مشهور شاخ "بنو مخزوم" وارن سان هو جڏهن تہ سندس امڙ جو نالو عاتڪہ بنت عامر بن ربيعہ ٻڌايو ويو آهي.

هند جو پهريون نڪاح پنهنجي ئي خاندان جي هڪ نيڪ نوجوان عبدالله بن عبدالاسد سان ٿيو، جيڪو نبي انور ﷺ جو ڦڦاٽ يعني حضرت عاتڪہ بنت عبدالمطلب جو پٽ هو، هن گهر مان هند کي چار ٻار يعني ٻہ نياڻيون ۽ ٻہ پٽ ڄاوا، جن جا نالا دره، زينب، سلمہ ۽ عمر ٻڌايا ويا آهن.

بعثت نبوي ﷺ جي شروعاتي دور ۾ ئي اسلام جو آفاقي پيغام جڏهن هند ۽ عبدالله جي ڪنن تائين پهتو تہ هنن ٻنهي بنا ڪنهن دير جي ان کي قبول ڪيو. سندن شمار سابقون الاولون ۾ ٿيندو آهي. ڪين ٻن هجرتن ۽ ٻن قبلن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو شرف بہ حاصل آهي.

صحيح مسلم ۾ ابن ابي خيثمہ کان روايت آهي تہ عورتن ۾ حضرت ام سلمہ کي پهرين مهاجر عورت جو اعزاز حاصل آهي.

حبش ۾ قيام دوران ئي ڪيس اهو پٽ ڄائو جنهن جو نالو "سلمہ" رکيو ويو ۽ پوءِ هنن زال مڙس جي ڪنيت ام سلمہ ۽ ابو سلمہ مشهور ٿي. حبش ۾ ڪجهہ وقت گذارڻ ڪانپوءِ هي ٻئي زال مڙس مڪي موٽي آيا ۽ پوءِ اتان وري مديني ڏانهن هجرت ڪيائون.

جهاد جي حڪم ملڻ ڪانپوءِ حضرت ابو سلمہ رضہ بہ ٻين مجاهدن وانگر جهاد ۾ شامل رهيو. بدر توڙي احد جي موقعن تي هن نهايت جرئت ۽ بهادري سان دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ احد جي ميدان ۾ سندس ٻانهن ۾ هڪ زهريلو تير لڳو، جنهن ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو پر علاج ڪانپوءِ سندس اهو ڦٽ وقتي طور ڇٽي ويو.

سرور عالم ﷺ جن چوٿين هجريءَ جي محرم جو چنڊ ڏسي ابو سلمہ رضہ کي هڪ "سريہ" جو سرواڻ بڻائي "قطن" ڏانهن اماڻيو. هن سفر ۾ اوڻتيهہ راتيون هو مديني کان ٻاهر رهيو ۽ پوءِ جڏهن گهر واپس وريو تہ سندس اهو "احد" وارو ڦٽ وري اٿلي پيو ۽ پوءِ اهو زهر سڄي جسم ۾ ڦهلجي ويو ۽ ابن جوزيءَ جي روايت مطابق هن ٽي سال جمادي الآخر جي اٺين تاريخ هن مجاهد دنيا مان موڪلايو. انا لله وانا اليه راجعون. ان وقت سندس گهر واري "ام سلمہ" پيٽ سان هئي. "ابوسلمہ" جي وفات جي دکدائڪ خبر جڏهن سيد الانبياء ﷺ جن تائين پهتي تڏهن سندن جاءِ تي پهچي ام سلمہ ۽ سندس ٻارن سان همدردي ڪيائون ۽ پوءِ جنازي نماز پڙهايائون. هڪ روايت مطابق هن نماز ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن نَوَ تڪبيرون هنيون، نماز ڪانپوءِ جڏهن صحابي سڳورن وڌيڪ تڪبيرن جو سبب پڇيو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو تہ "ابوسلمہ" هزار تڪبيرن جو حقدار هو.

مڙس جي وفات ڪانپوءِ "ام سلمہ رضہ" جو ٻيو ڪوبہ مدد ڪرڻ وارو ڪونہ هو. اسلام لاءِ هنن زال مڙس جي قربانين کي ياد ڪندي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت عمر رضہ جي معرفت "ام سلمہ رضہ" ڏانهن نڪاح جو پيغام موڪليو جيڪو هن قبول ڪيو ۽ شوال مهيني جي اٺاويهين تاريخ هن ام المؤمنين جو اعزاز حاصل ڪيو.

نڪاح ڪانپوءِ حضرت زينب بنت خزيمہ رضہ جو حجرو سندس حوالي ڪيو ويو، جيڪا ڪجهہ وقت اڳ گذاري ويئي هئي. نڪاح ڪانپوءِ پهرين ڏينهن کان ئي هي بيبي سڳوري پنهنجي گهر جو ڪم ڪار پاڻ ڪندي هئي. گهڻو وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندي هئي. گهڻا نفل بہ پڙهندي هئي تہ هر مهيني ۾ ٽي نفلي روزا پڻ رکندي هئي. جيڪو سوالي سندس دروازي تي ايندو هو تہ ڪوشش ڪري ان کي خالي نہ موٽائيندي هئي.

پاڻ ڪريمن ﷺ جن جون ڳالهيون نهايت غور سان ٻڌي انهن مان فقهي مسائل بہ حل ڪندي هئي تہ فتاوي بہ



Marfat.com

"البدايہ والنهايہ" ۾ بيان ڪيو آهي ۽ اهائي روايت وڌيڪ صحيح آهي. [1] جڏهن تہ هڪ ٻي روايت ۾ ان شاديءَ جو سال ٽين هجري ٻڌايو ويو آهي.

امهات الـمؤمنين مان حضرت اُمِّ سَلْمَہَ رضہ سيني کان وڏي ڄمار ماڻي. هڪ صحيح روايت مطابق سندن وفات سن ٦٢ هجريءَ ڌاري يزيد بن مُعَاوِيَہَ جي حڪومت ۾ سيدنا حُسَيْن ابن علي رضہ جي شهادت کان بہ ٽيرهن مهينا پوءِ ٿي هئي [2] جڏهن تہ ٻئي پاسي وري پاڪ ڪريم ﷺ جن جي وصال کانپوءِ اُمَّهَاتُ الـمُؤْمِنِيْن مان سڀ کان پهريان زينب بنت جحش رضہ وفات ڪئي هئي. اهو واقعو سيدنا عمر بن خطاب رضہ جي خلافت دوران پيش آيو. [3]

## عَبْدُالله رضہ بن هِشَام جو جمڻ

* هن سال عَبْدُالله رضہ بن هِشَام بن عُثْمَان قُرشي تَيمِيّ ڄائو. جيڪو زُهْرَہ بن مَعْبَد جو ڏاڏو هو. هي اهو شخص آهي جنهن کي ننڍپڻ ۾ سندس ماءُ زَيْنَب رضہ بنت حُمَيْد نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ ڪٺي آئي ۽ پاڪ ڪريم ﷺ هن ٻار جي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ سندس حق ۾ دعا بہ فرمائي. [4]

## حضرت عليءَ رضہ جي امڙ جي وفات

* هن سال حضرت فَاطِمَہَ رضہ بنت اَسد بن هَاشِم بن عَبد مَنَاف جيڪا حضرت علي سائينءَ رضہ جن جي امڙ هئي، هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. [5]

---

ڏيندي هئي. قرآن مجيد جي تلاوت جو بہ ڪيس بيحد شوق هو. پاڪ سڳورن ﷺ جي انداز ۾ قراءت ڪندي هئي.

امهات الـمؤمنين ۾ سيده عائشہ صديقہ رضہ کانپوءِ علم ۽ فضل جو ڪمال هن ٻيبي سڳوري کي ئي حاصل هو. سيده ام سلمہ کان نبي انور ﷺ جن جون ٽي سؤ اٺهتر حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

پاڪ سڳورن ﷺ جن جي وصال کانپوءِ هي ٻيبي سڳوري اٽڪل اڌ صديءَ تائين حيات رهي ۽ مختلف ديني معاملات ۾ امت جي رهنمائي ڪندي رهي. امهات المؤمنين ۾ سڀ کان آخر ۾ حضرت ام سلمہ رضہ وفات فرمائي.

ابن حبيب ۽ ابن العماد حنبلي سندس وفات جو سال ايڪهٺ يا اٺهٺ هجري ٻڌايو آهي.وفات وقت سيده ام سلمہ جي عمر اٽڪل چوراسي ورهيہ هئي. سندس جنازي نماز حضرت ابوهريره رضہ پڙهائي. جنهن کانپوءِ ميت کي جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

ڪتاب المحبر ابن حبيب ص ٨٥ ـ ٤٣. تلقيح ابن جوزي ص ٢١. شذرات الذهب ابن العماد ج ١ ص ١٢٤. عيون الاثر ابن سيد الناس ج ٢ ص ٣٩٨ ـ ٣٩٨. اسد الغابہ ابن الاثير ج ٧ ص ٣٧٣ ـ ٣٧١. الاصابہ ابن حجر ج ٤ ص ٤٦٠ ـ ٤٥١. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٤ ص ٤٩٣.

(١) البدايہ والنهايہ حافظ ابن ڪثير ج ٤ ص ٩٣ ـ ٩٢. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٨٥.

(٢) الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٤٦٠. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٤٦٧.

(٣) تاريخ الخميس ديار بڪري ج ١ ص ٤٦٧.

(٤) اسد الغابہ ابن الاثير ج ٣ ص ٤٢١. الاصابہ ابن حجر ج ٢ ص ٧٨ ـ ٣٧٧.

(٥) الاستيعاب ج ٤ ص ٤٦ ـ ٤٤٥. اسد الغابہ ابن الاثير ج ٧ ص ٣٦ ـ ٢٣٥.



Marfat.com

"لَيۡسَ لَكَ مِنَ الۡاَمۡرِ شَيۡءٌ اَوۡ يَتُوۡبَ عَلَيۡهِمۡ اَوۡ يُعَذِّبَهُمۡ" (١)

"اوهان کي ان معاملي ۾ ڪو اختيار نہ آهي، اهوئي کين معاف ڪري يا سزا ڏئي."

تڏهن اهو سلسلو بند ڪيائون. جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ روايتون موجود آهن. (٢)

## حضرت خُبَيۡب رضہ ۽ زَيۡد رضہ جي شهادت جا ڪجھ واقعا

* هن سال صفر جي مهيني ۾ خُبَيۡب بن عَدِيّ رضہ ۽ زَيۡد بن دَثِنَہ رضہ کي مڪي ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن جو احوال "سَرَايَا" واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال حضرت خُبَيۡب بن عَدِيّ رضہ کي جڏهن مشرڪن قتل ڪرڻ چاهيو تہ هن ان کان اڳ ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪئي، ان ڪانپوءِ اهي ٻہ رڪعتون هر اهڙي مؤمن لاءِ سنت جو درجو رکن ٿيون، جنهن کي زوريءَ قتل ڪيو وڃي. اهو انڪري تہ اهڙو عمل نبي اڪرم ﷺ جن جي زندگي ۾ ڪيو ويو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ان عمل کي پسند فرمايو. (٣)

* هن سال مشرڪ جيئري جاڳندي حضرت خُبَيۡب رضہ کي "تَنۡعِيۡم" نالي ماڳ تي وٺي ويا ۽ اتي وڃي ڪبس سوريءَ تي چاڙهيائون.

"اسلام" ۾ هي پهريون شخص هو جنهن سوريءَ تي سر ڏنو.

حضرت خُبَيۡب رضہ کي جڏهن سوريءَ تي چاڙهيو ويو تڏهن سندس منهن مبارڪ کي ڪافرن قبلي کان ڦيرائي ٻئي طرف ڪيو هو، پر پوءِ اها سوريءَ واري ڪاٺي ڦري ويئي ۽ سندن منهن پنهنجو پاڻ قبلي ڏانهن ٿي ويو. ان واقعي کي سندن ڪرامت سمجهيو ويندو آهي. (٤)

حضرت خُبَيۡب رضہ جي قاتل جو نالو عُقۡبَہ بن حَارِث ۽ ڪُنيت اَبُو سَرۡوَعَہ آهي، جنهن اڳتي هلي اٺين هجري دوران اسلام قبول ڪيو جنهن جو ذڪر اٺين فصل ۾ ڪيو ويندو.

* هن ئي سال جو واقعو آهي تہ جڏهن رسول خدا ﷺ وٽ اها خبر پهتي تہ حضرت خبيب رضہ کي سوريءَ تي چاڙهي شهيد ڪيو ويو آهي، تڏهن پاڻ صحابي سڳورن کان سوال ڪيائون: "اوهان منجهان اهو ڪير آهي، جيڪو خبيب جي لاش کي سوريءَ تان لاهي هتي پهچائي."

اهو ٻڌي حضرت زُبَيۡر بن عَوام رضہ ۽ مِقۡدَاد بن اَسۡوَد رضہ ورائيو، "اهو ڪم اسان ڪنداسون."

ان ڪانپوءِ هنن سفر جو سانباهو ڪيو. تانجو شهادت جي چاليهي گذرڻ ڪانپوءِ هڪ رات هو وڃي "تَنۡعِيۡم" پهتا. ڇا ڏسن تہ لاش ائين ئي تازو لڳو پيو آهي، جيئن پهرين ڏينهن تي هجڻ کپي ۽ ان ۾ ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي. سندس هٿ ۾ هڪ ڏک آيل هو جتان رت ڳڙي رهيو هو، جنهن جو رنگ رتو ۽ خوشبوءِ مشڪ جي مثل هئي. لاش جي چوڌاري ستر مشرڪ ستا پيا هئا. هنن لاش کي

---

(١) سوره آل عمران آيت ١٢٨ پاره ۴.

(٢) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٣٠ ـ ٢٧.

(٣) الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ٢٣٥، تاريخ طبري ج ٢ ص ٢١٥. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٤٣، المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٤٢٢.

(٤) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٢ ص ٤٥.



Marfat.com

”وَاِذَا ضَرَبْتُمْ فِى الْاَرْضِ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَقْصُرُوا مِنَ الصَّلٰوةِ.[1]

”۽ جڏهن اوهان سفر لاءِ نڪرو پوءِ اوهان تي ڪو ڏوهه ناهي جي اوهان (فرض) نماز جي رڪعتن ڪي گهٽائي پڙهو.“

## زَيْد بن ثَابِت رضہ ڪي حڪم

* هن سال رسول رحمت ﷺ جن حضرت زَيْد بن ثَابِت رضہ ڪي حڪم ڏنو ته هو يهودين جي زبان لکڻ سکي. هڪ روايت مطابق هي واقعو ٽين هجريءَ جو آهي، جيئن ٽين فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي.[2]

## حضرت زَيْنَب رضہ بنت جَحْش [3] جو نڪاح

* هن سال ذوالقعد مهيني جي چند رات پاڻ ڪريم ﷺ جن جو نڪاح حضرت زَيْنَب بنت

---

امام ابوحنيفہ جي راءِ آهي تہ پندرهن ڏينهن تائين سفر جي حد آهي، پوءِ جيڪو پندرهن ڏينهن يا ان ڪان مٿي رهڻ جو ارادو رکي تہ اهو قصر نماز نہ پڙهي باقي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪٿي ڪنهن مجبوريءَ تحت ترسيل آهي پر سندس نيت آهي تہ مجبوري ختم ٿيندي ئي هو پنهنجن ماڳن تي موٽي ويندو تہ پوءِ ان لاءِ وقت جي پابندي نہ آهي ۽ هو سالن تائين قصر نماز پڙهي سگهي ٿو.

سفر دوران جيڪڏهن ڪو ماڻهو اطمينان سان رهيل آهي ۽ مسجد ۾ وڃي هو مقامي پيش امام جي اقتداء ۾ نماز ادا ڪري ٿو تہ پوءِ ان شخص کي پوري نماز ادا ڪرڻي پوندي.

**سنتون ۽ نفل:** سفر دوران سنتون ۽ نفل ادا ڪرڻ بابت ڪو خاص حڪم نہ آهي، اهو مسافر جي سهوليت تي ڇڏيل آهي. باقي نبي ڪريم ﷺ جن جي عمل مان خبر پوي ٿي تہ پاڻ فجر جون بہ سنتون ۽ عشاء جو وتر سفر ۾ بہ ادا ڪندا هئا.

ان ڏس ۾ امام ابوحنيفہ جي اها راءِ وزندار آهي تہ سفر جي دوران رستي ۾ نوافل ۽ سنتن جي پابندي لازمي نہ آهي باقي جڏهن مسافر پنهنجي منزل تي پهچي ۽ ڪيس اطمينان حاصل هجي تہ پوءِ سنتون ۽ نوافل ادا ڪرڻ بهتر آهي.

ان موضوع تي سبل الهدي والرشاد ۾ شامي ج ٨، المواهب اللدنيہ ۾ قسطلاني ج ۴، شرح علي المواهب ۾ زرقاني ۽ الجامع الاحڪام القرآن ۾ قرطبي تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

(١) سورة النساء آيت ١٠١ پاره ۵.

(٢) تاريخ الخميس ”ديار بڪري“ ج ١ ص ۴۶۴/۶۵. البدايہ والنهايہ ”ابن ڪثير“ ج ۴ ص ٩٢. روضة الاحباب ”سيد جمال الدين“ ج ١ ص ١٩٩.

(٣) زينب رضہ بنت جحش بن رئاب بن يعمر جو نسبي تعلق قريش قبيلي جي شاخ اسد بن خزيمہ وارن سان هو. جڏهن تہ سندس امڙ جو نالو سيده اميمہ بنت عبدالمطلب هو. جيڪا پاڻ ڪريمن ﷺ جي پڦي هئي. اهڙيءَ ريت هيءَ بيبي سڳوري نبي اڪرم ﷺ جن جي پڦات هئي.

بعثت نبوي ﷺ کان اڳ جحش بن رئاب تہ گذاري ويو هو. باقي سندس ٻارن ٻچن کي الله تعاليٰ اسلام جي نعمت سان نوازيو ۽ هو سمورا شروعاتي دور ۾ ئي دين جي دائري ۾ داخل ٿي چڪا هئا. سندن شمار ”سابقون الاولون“ ۾ ٿيندو آهي ۽ هجرت جي پهرين سال ئي هي خاندان مديني پهتو هو.



Marfat.com

مديني ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن سيده زينب جو نڪاح پنهنجي پٽيلي ۽ خاص خادم حضرت زيد بن حارث سان ڪرايو. پر هيءُ شادي ڪن سببن ڪري ڪامياب نہ ٿي سگهي. ان ڪري سال جي اندر ئي زيد بن حارث هن بيبي سڳوريءَ کي طلاق ڏيئي ڇڏي. ان وقت سندس عمر چوٽيهہ ورهيہ هئي. هيءُ شادي جيئن تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي مرضي مطابق ٿي هئي. انڪري ڪين هن شاديءَ جي ناڪام ٿيڻ جو وڏو افسوس هو ۽ ان جي ازالي لاءِ دل ۾ سوچي رهيا هئا تہ الله تعاليٰ طرفان وحي نازل ٿي.

فَلَمَّا قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا.

جنهن جي ذريعي ڪين حضرت زينب رضہ سان نڪاح ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي. هن نڪاح جو هڪ مقصد جاهلانہ دور جي ان رسم کي بہ ميٽائڻ هو. جنهن جي ڪري ماڻهو پنهنجي پٽيلن جي ڇڏيل زالن سان نڪاح نہ ڪندا هئا. ڇو تہ هو انهن کي پنهنجي سڳين پٽن جي برابر سمجهندا هئا. الله تعاليٰ هن موقعي تي صاف طور ٻڌايو تہ اوهان فقط پنهنجي حقيقي پٽن جي ڇڏيل زالن سان نڪاح نٿا ڪري سگهو. باقي زيد جيئن تہ نبي ڪريم ﷺ جن جو اصلي پٽ نہ آهي انڪري اهو نڪاح جائز آهي. عدت پوري ڪرڻ کانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو نڪاح حضرت زينب سان ٿيو. هن موقعي تي ڪافرن توڙي منافقن طرفان وڏا اعتراض اٿاريا ويا. پر الله تعاليٰ هن آيت ذريعي ان معاملي کي صاف ڪري ڇڏيو.

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ ............ خَاتَمَ النَّبِيّٖنَ.

**ترجمو:** محمد ﷺ اوهان جي مردن منجهان ڪنهن جو بہ پيءُ نہ آهي پر هو الله جو رسول (ﷺ) ۽ آخري نبي ﷺ آهي.

حضرت زينب رضہ جو حق مهر چار سؤ درهم مقرر ڪيو ويو. هڪ روايت ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ هن موقعي تي ئي پاڻ سڳورن ﷺ طرفان سندس نالو "زينب" رکيو ويو. نہ تہ هن بيبيءَ جو اصلي نالو "بره" ٻڌايو ويو آهي.

شاديءَ جي ٻئي ڏينهن تي بهترين وليمي جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن ۾ مهمانن کي گوشت ۽ ڪڻڪ جا نان کارايا ويا.

حضرت زينب رضہ نهايت عابده، زاهده، صادقہ عورت هئي ۽ سندس اهي عادتون پاڻ ڪريمن ﷺ کي بہ بيحد پسند هيون ۽ سندس انهن عادتن جي پاڻ سڳور[1] ﷺ جن اڪثر موقعن تي تعريف ڪندا هئا.

حضرت زينب رضہ وٽ جيڪو ڪجهہ هوندو هو اهو الله جي راه ۾ خرچ ڪندي هئي. ڪيترن ئي يتيمن ۽ محتاجن جي پرگهور لهندي هئي. انڪري هر وقت مسڪين جو ميڙ سندس در تي موجود رهندو هو.

حضرت عمر رضہ پنهنجي دور خلافت ۾ سيني امهات المؤمنين لاءِ وظيفو مقرر ڪيو. جنهن مان انهن جو ساليانو خرچ پڪو هلندو هو. پر بيبي زينب رضہ وٽ جڏهن بہ اها رقم پهچندي هئي تہ هوءَ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندي هئي. ان ڪانسواءِ واندي وقت ۾ موتين جا هار پوئڻ ۽ چمڙي رڱڻ جو ڪم بہ ڪندي هئي. جنهن ۾ کيس گهڻي مهارت حاصل هئي ۽ ان ڪم مان بہ جيڪا رقم ملندي هئس اها بہ خيرات ڪندي هئي.

امام الانبياء ﷺ جن فرمايو تہ "منهنجي وصال کانپوءِ اها گهر واري سڀ کان پهريان مون سان ملندي جنهن جا هٿ ڊگها هوندا." ان اصطلاح جو مطلب هو تہ جيڪا سڀ کان وڌيڪ سخاوت ڪندڙ هوندي ۽ پوءِ ڏٺو ويو تہ وصال نبوي ﷺ کان اٽڪل ست ورهيہ رکي امهات المؤمنين مان سڀ کان اول حضرت زينب وفات فرمائي. اهو واقعو ويهين هجريءَ ڌاري حضرت عمر رضہ جي خلافت واري زماني ۾ پيش آيو. جنهن سال مصر فتح ڪئي ويئي. وفات وقت حضرت زينب رضہ جي ڄمار ٿيونجاه ورهيہ هئي ۽ جنازي نماز بہ عمر فاروق رضہ پاڻ پڙهائي. جنهن کانپوءِ ميت کي جنت البقيع ۾ دفن لاءِ آندو ويو. سندس پيائٽين زيد، محمد، عبدالله وغيره ميت کي قبر ۾ لاٿو. جيئن تہ بيبي زينب



Marfat.com

جَحْش رضہ سان ٿيو. هڪ ٻي روايت مطابق هي نڪاح سن پنجين هجريءَ دوران پڙهيو ويو. (١) پر پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي. اُم المؤمنين زَيْنَب رضہ جي عمر ان وقت ٣٥ ورهيہ هئي، نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ امهات المؤمنين مان سڀ کان پهريان حضرت زَيْنَب رضہ وفات ڪئي.

## پردي جو حڪم (٢)

* هن سال جنهن ڏينهن حضرت زَيْنَب بن جَحْش رضہ لاٿون لڌيون، ان ساڳئي ڏينهن تي عورتن لاءِ پردي ڪرڻ جو حڪم نازل ٿيو. هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حڪم سن ٽين هجريءَ دوران نازل ٿيو. ان ڏس ۾ پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي. جنهن جي وضاحت "سيرت شاميءَ" ۾ ڪئي

رضہ جي ڪري پردي جو حڪم نازل ٿيو هو، ان ڪري مرڻ ڪانپوءِ بہ پردي جو اهتمام ڪيو ويو. ابن الاثير جي روايت مطابق سندس لاش کي هڪ ڏوليءَ ۾ رکي ان جي مٿان چادر وجهي ڍڪيو ويو تہ جيئن ڪنهن نامحرم جي نظر سندس ميت مٿان نہ پئي. ابن حزم جي بقول ام المؤمنين زينب بنت جحش رضہ کان ياڻ ڪريمن ﷺ جون يارهن حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٤ ص ٤٠٨ ـ ٤٠٦. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٧ ص ١٤٠ ـ ١٣٨. ازواج النبي ﷺ و اولاده "ابوعبيده" ٧٠ ـ ٦٩. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ٢ ص ٨٨ ـ ٨٧. ازواج النبي ﷺ "شامي" ص ١٩٢ ـ ١٨١. تاريخ فهوم الاثر ابن جوزي ص ٢٢. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ٤٩ ـ ٤٨. الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٣١٤ ـ ٣١٢. عيون الاثر "ابن سيدالناس" ج ٢ ص ٢٩٨.

(١) مختلف راوين طرفان هن نڪاح جا مختلف سال ٻڌايا ويا آهن. حضرت ابوعبيده رضہ جي روايت مطابق هي نڪاح هجرت جي ٽئين سال پڙهيو ويو. جڏهن تہ حضرت قتاده جو قول آهي تہ هي نڪاح سن پنجين هجريءَ ڌاري ٿيو هو. "ابن اسحاق" جي روايت آهي تہ حضرت زينب بن جحش رضہ جو نڪاح نبي انور ﷺ جن سان حضرت ام سلمٰي جي نڪاح ڪانپوءِ ٿيو. (والله اعلم).

سيرة ابن اسحاق ص ٢٤٤. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٤٦٥/٤٦٦. الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٣١٣. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٥٠١/٥٠٠. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٤٦٥. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ٢ ص ٨٨.

(١) پردي جي حڪم جو پس منظر اهو ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت زينب بنت جحش رضہ سان شاديءَ جي موقعي تي سرور عالم ﷺ جن بهترين وليمي جو اهتمام ڪيو هو، ۽ جيئن تہ ان وقت تائين پردي جو حڪم نازل نہ ٿيو هو جنهن ڪري ساڳئي ڪمري ۾ ئي مهمانن کي ماني کائڻ لاءِ سڏيو پئي ويو. جيڪو شاديءَ وقت حضرت زينب کي مليو هو.

ڏهہ ڏهہ ماڻهو ٽولو ناهي اچن پيا ۽ اهي جڏهن ماني کائي روانا پئي ٿيا تہ وري ٻين کي سڏيو پئي ويو. اهڙي ريت نهايت آرام سان اهو سلسلو جاري پئي رهيو. اتفاق سان انهن مهمانن منجهان هڪ اهڙو ٽولو بہ آيو، جيڪي ماني کائي اتي ئي ڪچهريءَ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ کين ان ڳالهہ جو ڪوبہ احساس نہ رهيو تہ ٻيا مهمان بہ اچڻا آهن. ڪنوار ويچاري پٺ ڏي منهن ڪري جهنڊ هڻي ويٺي آهي تہ رسول خدا ﷺ جن انتظار ۾ ڪڏهن اندر ڪڏهن ٻاهر پئي آيا ويا. ٻاهر بيٺل ٻيا مهمان پنهنجي واري جي انتظار ۾ ٻڻ ٻيچين پئي ٿيا. ان موقعي تي الله تعالٰي طرفان سوره احزاب جي آيت نازل ڪئي ويئي.



Marfat.com

ويني آهي. (١)

مٿين ٻنهي روايتن جي روشنيءَ ۾ چئني سگهجي ٿو تہ اهو پردي وارو حڪم غَزوه بَني مُصطَلَق ۽ غَزوه اَحزَاب کان اڳ نازل ٿيو هو. انهن مان غَزوه بَني مُصطَلَق سن پنجين هجريءَ جي شعبان مهيني ۾ ۽ غَزوه اَحزَاب ساڳئي سال جي شوال مهيني ۾ واقع ٿيو هو.

---

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا .......... عِنْدَاللّٰهِ عَظِيْمًا.

جنهن ڪانپوءِ نبي انور ﷺ جن امهات المؤمنين جي دروازن تي پردا هٽي ڇڏيا، جنهن جي پوئواري صحابہ ڪرام بہ ڪئي. اهڙي ريت مسلم معاشري ۾ اهو حڪم جاري ٿيو تہ ڪوبہ غير مرد ڪنهن جي گهر ۾ بنا اجازت جي نہ اچي. اهو حڪم مسلمانن لاءِ قيامت تائين جاري رهندو.

(١) سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٠٢/٢٠١.



Marfat.com

# فصل پنجون

هن فصل ۾ سن پنجين هجريءَ دوران پيش آيل واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## حضرت رَيْحَانَہ رضہ جو ذڪر

* هن سال محرم جي مهيني ۾ مني مرسل ﷺ جن جو نڪاح رَيْحَانَہ رضہ بنت شَمْعُوْن سان ٿيو. ڪن جو چوڻ آهي تہ سندس پيءُ جو نالو "شَمْعُوْن" نہ پر زيد بن عمرو هو.

نسب جي لحاظ کان "ريحانہ رضہ" جو تعلق يهودين جي ٻن مشهور قبيلن "بَنُوْ قُرَيْظَہ" يا بَنُوْنَضِيْر مان ڪنهن هڪ سان هو. جنهن مان بَنُوْقُرَيْظَہ واري روايت مشهور آهي. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ وري هن ريت آهي تہ هوءَ جائي تہ بَنُوْنَضِيْر وارن ۾ هئي، پر سندس شادي بَنُوْقُرَيْظَہ وارن ۾ ٿي هئي.

غزوه بَنُوْقُرَيْظَہ جي موقعي تي "رَيْحَانَہ رضہ" اتان جي هٿ آيل قيدين ۾ شامل هئي. جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن جي حصي ۾ آئي، پوءِ هن اسلام قبول ڪيو ۽ نبي انور ﷺ جن ڪيس آزاد ڪري سائن نڪاح ڪيو.

ڪن راوين جو چوڻ آهي تہ "رَيْحَانَہ رضہ" آخر تائين ائين ئي ٻانهي رهي، جيئن دربار نبوي ﷺ ۾ آئي هئي. اها روايت وڌيڪ مشهور ۽ صحيح آهي. (١)

---

(١) ريحانہ بابت اڪثريت جي راءِ اها آهي تہ هوءَ آخر تائين نبي ڪريم ﷺ جن جي گهر ۾ ٻانهيءَ جي حيثيت ۾ ٿي رهي.

سندس اصلي نالو "ربيعہ" بنت شمعون بن زيد بن عمرو ٻڌايو ويو آهي. الاصابہ ۾ "ابن حجر" سندس تعلق يهودين جي مشهور قبيلي "بني قريظہ" سان ڄاڻايو آهي، جڏهن تہ ابن اسحاق جي راءِ آهي تہ سندس نسبي تعلق "بني نضير" وارن سان هو.

ابن سعد جي قول مطابق "ريحانہ" جي شادي "حڪم" نالي هڪ شخص سان ٿي هئي، جنهن جو تعلق "بني قريظہ" وارن سان هو ۽ اهو هن غزوه ۾ مارجي ويو. جنهن ڪانپوءِ حضرت ريحانہ غزوه بني قريظہ جي موقعي تي قيد ٿي آئي ۽ ورهاست وقت هوءَ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڀَڪي پيئي، جنهن ڪانپوءِ هن اسلام قبول ڪيو.

محمد بن ڪعب جي هڪ روايت مطابق جيڪا واقديءَ کان ابن سعد نقل ڪئي آهي، ان ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت سلميٰ بنت قيس رضہ جي گهر ۾ سائس نڪاح ڪيو ۽ نڪاح ڪانپوءِ جڏهن ڪيس پردي جو حڪم ڏنائون تہ اها ڳالهہ حضرت ريحانہ رضہ کي ڏاڍي ڏکي لڳي، جنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن طرفان ڪيس طلاق (رجعي) ڏني وئي، جنهن جو ريحانہ رضہ کي ڏاڍو ڏک پهتو. جنهن ڪري هوءَ هر وقت هنجون هاريندي رهي. سندس اهو حال ڏسي سرور ڪائنات ﷺ جن ڏانهس وري رجوع ڪيو. جنهن ڪانپوءِ هوءَ مرڻ گهڙيءَ تائين پردي جي پابند رهي، تانجو سن ڏهين هجريءَ ڌاري جڏهن نبي انور ﷺ جن حج تان واپس موٽيا، تڏهن ان موقعي تي حضرت ريحانہ رضہ وفات فرمائي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

ابن الاثير، ابن ڪثير، شامي وغيره حضرت ريحانہ رضہ جو شمار امهات المؤمنين ۾ نہ پر ٻانهين ۾ ئي ڪيو آهي ۽



Marfat.com

# نبي ڪريم ﷺ جن جو حَضرت جُوَيرِيَہ رض (١) سان نڪاح

*** هن سال نبي انور ﷺ جن جو نڪاح حضرت جُوَيرِيَہ رضہ بِنت حَارث بن اَبُوضِرَار مُصطَلِقِيَہ سان ٿيو. اهو واقعو هن سال "غَزوَه بَنُو مُصطَلِق" جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ پيش آيو. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ هي واقعو سن ڇهين هجريءَ ڌاري پيش آيو.**

---

سندن ان راءِ کي ٿي اڪثريت جي پٺڀرائي حاصل آهي. (والله اعلم)

المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٥٢٠/٥٢١. سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢٥٦. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ١٠٩. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴٦٠/۴٦١. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ٢٦۵/٢٦٦. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٢٧٣/٢٧۴. "سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٢٠.

(١) حضرت ابن عباس ڪان ابن ابي خيثمہ جي هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت جويريہ جو اصلي نالو برہ بنت حارث بن ابو ضرار بن حبيب بن عائذ بن مالڪ بن جذيمہ هو. نسبي لحاظ کان سندس تعلق بنو خزاعہ جي ٻاڙي مصطلق سان هو.

برہ جو پيءُ حارث پنهنجي خاندان جو چڱو مڙس هو، جنهن پنهنجي هن نياڻيءَ جي شادي جوان ٿيڻ سان ئي پنهنجي خاندان جي هڪ نوجوان مسافع بن صفوان سان ڪرائي ڇڏي هئي.

حارث جو شمار بہ انهن سردارن ۾ ٿيندو هو، جيڪي اسلام ۽ مسلمانن خلاف پنهنجي دل ۾ ڪينو ۽ ڪدورت رکندا هئا ۽ قريش سردارن سان گڏجي سازشون بہ سٽيندا رهندا هئا. هڪ اهڙي ئي موقعي تي قريشن وارن حارث کي صلاح ڏني تہ هو مديني تي چڙهائي ڪري، جنهن تي هن تياريون شروع ڪري ڇڏيون.

سرور ڪائنات ﷺ جن وٽ جڏهن اهڙي خبر پهتي تہ هڪ هزار سوار ۽ پيادا ساڻ ڪري بنو مصطلق وارن ڏانهن روانا ٿيا. امهات المؤمنين مان حضرت عائشہ صديقہ ۽ حضرت ام سلمہ پڻ ساڻن گڏ هيون.

ابن سعد جي مطابق هن موقعي تي مديني ۾ حضرت زيد بن حارثہ کي خليفو مقرر ڪيو ويو، جڏهن تہ ابن هشام وري هن جاءِ تي حضرت ابوذر غفاريءَ جو نالو ڄاڻايو آهي. اهڙي ريت هڪ ٻي روايت ۾ وري نميلہ بن عبدالله ليثيءَ جو نالو بہ اچي ٿو. بهرحال اسلامي لشڪر مديني کان هليو ۽ اچي "مريسيع" نالي ڳوٺ ۾ لڏو لاٿائون.

"مريسيع" بنو خزاعہ وارن جي ڪوهہ جو نالو آهي، جيڪو فرع کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هن جاءِ تي اسلامي لشڪر پنهنجي ڪئمپ قائم ڪئي. بنو مصطلق وارن بہ هتي پهچي اسلامي لشڪر سان مقابلو ڪيو. سڀ کان پهريان مسلمانن طرفان حضرت عمر رضہ کين دين جي دعوت ڏني، جنهن کي هنن رد ڪري ڇڏيو. جنهن ڪانپوءِ رسول خدا ﷺ جن اسلامي لشڪر کي حڪم ڏنو تہ هو ڪافرن تي ڀرپور حملو ڪن. هن مقابلي ۾ ڪافرن جا ڏهاڪو کن ماڻهو مارجي ويا، جن ۾ جويريہ جو مڙس بہ شامل هو. جنهن ڪانپوءِ سندن سردار ڀڄي ويو ۽ باقي لشڪر هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ انهن سڀني کي گرفتار ڪيو ويو، جن ۾ سردار جي ڌيءَ برہ بہ شامل هئي، باقي سندن مال ملڪيت بطور غنيمت مسلمانن کي مليو.

جڏهن جنگي قيدين کي ورهايو ويو تہ هوءَ مشهور صحابي حضرت ثابت بن قيس ۽ سندس سؤٽ جي حصي ۾ آئي پر جيئن تہ سردار جي ڌيءَ هئي، انڪري هن انهن سان رهڻ پسند نہ ڪيو ۽ نوَ اوقيہ سون جي قيمت تي هنن سان آزاديءَ جو معاهدو ڪيو. پنهنجي آزاديءَ جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ هوءَ سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ آئي ۽ کين مدد جي درخواست ڪيائين. دربار نبوي ﷺ ۾ سندس عرض قبول ڪيو ويو ۽ پوءِ هن ثابت بن قيس کي اها رقم ادا ڪري آزادي حاصل ڪئي، جنهن ڪانپوءِ هن اسلام قبول ڪيو. هڪ قبيلي جي سردار جي ڌيءَ جنهن ڪنهن عام ماڻهوءَ جي غلاميءَ ۾ رهڻ پسند نہ پئي ڪيو، ان کي هنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي حرم ۾ داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تہ جيئن هن قبيلي وارن جي دلجوئي بہ ٿئي تہ خاندان نبوت ﷺ جو کين قرب بہ حاصل ٿئي. اهڙي ريت هن



Marfat.com

## غزوه خَنْدَق جا واقعا [1]

* هن سال "غَزْوَه خَنْدَق" کان ڪجھ ڏينهن اڳ سرور عالم ﷺ جن مديني جي چوڌاري هڪ کاهي (خندق) کوٽڻ جو حڪم ڏنو.

* هن سال "غَزْوَه خَنْدَق" جي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن هٿان ڪجھ معجزا بہ ظاهر ٿيا.
هن موقعي تي اها کاهي کوٽيندي هڪ اهڙي ڇپ اچي ظاهر ٿي، جنهن تي ڪنهن بہ ٽيڪم، بيلچي يا ڪوڏر جو ڪو ڏک اثر نہ پيو ڪري. آخر جڏهن سمورا صحابي سڳورا هٿي هٿي ساٿا ٿي پيا، تڏهن امام الانبياء ﷺ جن هڪ ڪوڏر ڪٽي پاڻ پنهنجي سر ڪاهيءَ ۾ لٿا ۽ پنهنجي مبارڪ هٿن سان اهڙو تہ ڪوڏر جو ڏک هنيائون، جو اها ڇپ ڇيتيون ڇيتيون ٿي ويئي، يعني واريءَ وانگر پُري پيئي.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن ان ڇپ تي پاڻ ڪوڏر وهائي رهيا هئا، تڏهن سندن زبان مبارڪ تي هينيان شعر جاري هئا:

بِسْمِ اللهِ وَبِهِ بَدِيْنَا

شروع خدا جي نالي سان ۽ اسان جي شروعات ان سان ئي ٿني ٿي.

وَلَوْ عَبَدْنَا غَيْرَهٗ شَقِيْنَا

۽ جيڪڏهن اسان عبادت ڪريون ها، ڪنهن ٻئي جي تہ اسان نياڳا هجون ها.

يَا حَبَّذَا رَبًّا وَّحَبَّ دِيْنًا

ڪيڏو نہ پيارو رب آهي ۽ ڪيڏو پيارو دين آهي.

مٿين شعر جي پهرين مصرع ۾ جيڪو آخري لفظ "بدينا" آهي، اهو حقيقت ۾ "بدانا" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اسان شروع ڪريون ٿا."

* هن ئي موقعي تي جڏهن صحابي سڳورا کاهي کوٽي رهيا هئا، تہ سرور ڪائنات ﷺ جن ڪين ڏسي موقعي جي مناسبت سان عبدالله بن رواحہ رضہ جو هي شعر پڙهي رهيا هئا.

اَللّٰهُمَّ لَا عَيْشَ اِلَّا عَيْشُ الْاٰخِرَةِ
فَاغْفِرِ الْاَنْصَارَ وَالْمُهَاجِرَةَ

---

(١) مٿي "غزوه خندق" جا جيڪي واقعات نقل ڪيا ويا آهن انهن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٣٠. فتح الباري "ابن حجر" ج ٧ ص ٣١۴. صحيح مسلم "ڪتاب الجهاد والسير" ج ٣ ص ١٨٧. المغازي "واقدي" ج ٢ ص ۴۴٠. "سيرة ابن هشام" ج ٣ ص ٢٢۴. "تاريخ طبري" ج ٢ ص ٢٣٣. الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ٢ ص ٥٠. انساب الاشراف "بلاذري" ج ١ ص ١٦٥. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٣٩٢. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٢٦٩-٢٣. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ٩۴. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ۴۴٦. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٨۴. "الدرر" "ابن عبدالبر" ص ١٦٩. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ٣٦٣. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ١٨٥. "شرح علي المواهب اللدنيہ" "زرقاني" ج ٢ ص ١٠٢. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢١٢. السيرة الحلبيہ" ج ٢ ص ١٠٢.



Marfat.com

اي الله ناهي ڪا زندگي آخرت جي زندگي ڪانسواء، پوءِ بخش انصارن ۽ مهاجرن کي.
صحابي سڀئي وري ان جو جواب هينئين شعر ۾ ڏيندي رهيا هئا.

نَحۡنُ الَّذِيۡنَ بَايَعُوۡا مُحَمَّدًا

اسان اهي آهيون جن محمد ﷺ جن جي بيعت ڪئي آهي.

عَلَي الۡجِهَادِ مَا بَقِيۡنَا اَبَدًا

اسان جهاد ڪندا رهنداسون، جيسين جيئرا آهيون.

* هن سال سانگي موقعي تي جڏهن کاهي کوٽجي رهي هئي، تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت عَبۡدُالله بن رَوَاحَه جا هينيان شعر به پڙهي رهيا هئا.

اَللّٰهُمَّ لَوۡلَآ اَنۡتَ مَا اهۡتَدَيۡنَا

اي الله جي تون نه هجين ها ته اسان کي هدايت نه ملي ها.

وَلَاتَصَدَّقۡنَا وَلَا صَلَّيۡنَا

اسان نه خيرات ڪريون ها ۽ نه نماز پڙهون ها.

فَاَنۡزِلَنۡ سَكِيۡنَةً عَلَيۡنَا

پوءِ اسان جي مٿان سڪون نازل ڪر.

وَثَبِّتِ الۡاَقۡدَامَ اِنۡ لَّاقَيۡنَا

۽ اسان جا پير پختا رک جي مقابلو ٿئي.

اِنَّ الۡاُوۡلٰي قَدۡ بَغَوۡا عَلَيۡنَا

هُنن، ماڻهن کي ڀڙڪايو آهي اسان جي خلاف.

اِذَا اَرَادُوۡ فِتۡنَةً اَبَيۡنَا

جيڪڏهن سندن نيت ۾ فساد آهي ته اسين به نه جهڪنداسون.

هن موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿين شعر جي آخري لفظ "اَبَيۡنَا" تي پهچي ان لفظ کي وڏي آواز ۾ پئي ورجايو.

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي سرور عالم ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن حضرت جَابِر بن عَبۡدُالله رضہ سندن لاءِ هڪ ننڍڙي دعوت جهلي، ۽ عرض ڪيائين ته، "اسان وٽ هڪ "صاع" جَوَن جو اٽو موجود آهي ۽ هڪ ڇيلو به ذبح ڪيو آهي، ان ڪري اوهان ڪجهه صحابي سڳورن سان گڏ ان دعوت ۾ شريڪ ٿيو." هن موقعي تي رسول رحمت ﷺ جن هڪ هزار ماڻهن جي اتالي سان گڏ هن دعوت تي آيا ۽ ماڻهو به سڀ اهي جن کي ٽن ڏينهن کان وٺي ڪاڌي پيتي لاءِ ڪجهه به نه مليو هو.



Marfat.com

پاڻ ڪريم ﷺ جن اوڏيءَ مهل ان ماني ۽ گوشت ۾ برڪت جي دعا گهري ۽ پنهنجي لب مبارڪ به ان ۾ ملائي. بس پوءِ تہ سيني پيٽ ڀري کاڌو، پر پوءِ بہ ڪجهہ ماني بچي پيئي، جنهن مان حضرت جابر رضہ جي گهر ڀاتين پاڻ بہ کاڌو تہ وري پاڙي اوڙي وارن ڏي بہ ماني رواني ڪيائون، جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

* هن سال کاهي کوٽڻ واري موقعي تي ام عامر اَسْلَمِيَّہ رضہ، "حَيْس" [1] نالي مناڻي تيار ڪري هڪ وڏي ڏونگي ۾ کڻي آئي، اهو ڏسي رسول خدا ﷺ جن سمورن کاهي کوٽڻ وارن کي گڏ ڪيو، جن جو تعداد ٽي هزار هو، پوءِ اها مناڻي سيني کاڌي، تڏهن بہ اوتري ئي بچي پيئي جيتري هئي.

* هن سال غزوه خندق جي ئي موقعي تي نبي انور ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت بہ ظاهر ٿيو جڏهن حضرت عمره بنت رواحہ رضہ پنهنجي گهرواري "بشير" ۽ ڀاءُ عبدالله بن رواحہ رضہ کي کارائڻ لاءِ ڪجهہ کارڪون پوتيءَ جي پلوَ ۾ کڻي آئي، جيڪي کاهي کوٽڻ ۾ رُڌل هئا.

نبي ڪريم ﷺ جن هن عورت کي ڏسي فرمايو: "اهي مونکي ڏي". جنهن تي هن اهي کارڪون کڻي مٺي مرسل ﷺ جن جي ٻُڪ ۾ وڌيون. جن سان سندن ٻڪ مبارڪ بہ ڀرجي نہ سگهيو، ان کانپوءِ سرور عالم ﷺ جن انهن کارڪن کي ڪپڙي تي پٿارڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ هڪ شخص کي چيائون تہ هو کاهي کوٽڻ وارن ۾ اعلان ڪري تہ، "صبح جي نيرن لاءِ گڏ ٿيو." جنهن تي اهي سمورا اچي پهتا ۽ انهن کارڪن منجهان سيني ڍءُ ڪري کاڌو، پر پوءِ بہ ڪجهہ بچي پيون.

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي هڪ يهودي پنهنجن ڏهن ساٿين سان گڏ لڪ چوريءَ مديني ۾ هڪ اهڙي قلعي تائين اچي پهتو، جنهن ۾ نبي اڪرم ﷺ ۽ ٻين مؤمنن جي گهر ڀاتين کي ترسايو ويو هو، جن ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ڦڦي سائڻ سيده صَفِيَّہ بنت عَبْدُالْمُطَّلِب رضہ بہ شامل هئي. ان وقت نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏ جنگ ۾ رڌل هئا، انڪري ڪين اها خبر نہ پئجي سگهي. موقعي جو فائدو وٺندي هڪ يهودي ان قلعي جي ڀت تي چڙهي ويو، اهو ڏسي سيده صفيہ رضہ خيمي مان هڪ ڏنڊو کڻي اهڙي تہ زور سان ان يهوديءَ کي مٿي ۾ هنيو جو سندس مٿو ڦاٽي پيو ۽ ڪرڻ سان ئي سندس پساهہ پورا ٿي ويا، جنهن کانپوءِ هن ٻيبي سڳوريءَ ان يهوديءَ جي سسيءَ کي ڌڙ کان ڌار ڪيو ۽ پوءِ ڦيرائي قلعي جي ٻاهران ڦٽي ڪيائين، جتي ٻيا نَو يهودي اهو حال ڏسي وٺي ڀڳا.

اها خبر جڏهن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن تائين پهتي، تڏهن بنو قريظہ جي غنيمت مان سيده صفيہ رضہ کي مردن جيترو حصو ڏنائون.

* هن سال "غزوه خندق" جي موقعي تي نبي انور ﷺ جن حضرت زبير بن عوام رضہ کي فرمايو: "اِرْمِ فِدَاکَ اَبِيْ وَ اُمِّيْ".

"تير اڇلاءِ منهنجو ابو امڙ توتان قربان."

پاڻ ڪريم ﷺ جن اهڙا لفظ "غَزْوَه اُحُد" جي موقعي تي حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ لاءِ بہ فرمايا هئا.

---

(۱) "حَيْس" اهڙي مناڻي کي چئبو آهي، جيڪا ستن ۾ کارڪون ۽ گيهہ ملائي تيار ڪئي ويندي آهي.



Marfat.com

* هن سال غزوه خَنْدَق جي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن مومنن کي اها خوشخبري ٻڌائي ته هو "قيصر ۽ ڪسريٰ" جا خزانا حاصل ڪندا. تڏهن عبدالله بن أبي ۽ معتب بن قشير جهڙا ڪجهه منافق ۽ سندن ساٿي چوڻ لڳا. "محمد (ﷺ) قيصر ۽ ڪسريٰ جي خزانن جا احوال ٻڌائي رهيا آهن، جڏهن ته هتي ڪو پـو ڪان جهنگ ڏانهن به نٿو وڃي." ان ڪانپوءِ ڪجهه منافق چوڻ لڳا. "اي يثرب جا رهڻ وارؤ! توهان هن مقابلي ۾ پير ڄمائي نه سگهندا. انڪري پڇي پاڻ بچايو." جنهن تي منجهانئن ڪيترا منافق پاڻ سڳورن ﷺ کان موڪلائي مديني ڏانهن موٽڻ لڳا. سندن چوڻ هو ته هنن جي گهرن جو بچاءُ دشمن کان ڪير ڪندو؟ انڪري اسان کي مديني واپس ورڻ جي اجازت ڏني وڃي. الله تعاليٰ هن موقعي تي انهن منافقن لاءِ هيءَ آيت نازل فرمائي:

"وَاِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ مَّا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اِلَّا غُرُوْرًا. (١)

"۽ ان مهل چون پيا منافق ۽ جن جي دلين ۾ ڪوٽ هئي، ته الله ۽ ان جي رسول ﷺ جيڪي اسان سان وعدا ڪيا سي ته رڳو دوکو هئا."

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي حضرت ثَعْلَبَہ بِن عَنَمَہ بِن عَدِيٌّ بن نابِتي اَنْصَارِيءَ رضه به شهادت ماڻي جيڪو بدري صحابي هو.

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي حِبَّان بن قَيْس بن عَرِقَہ نالي ڪافر جو اڇلايل هڪ تير حضرت سعد بن معاذ رضه کي ڦٽيءَ ۾ لڳو. جنهن کان پوءِ ڪجهه ڏينهن رکي يعني غزوه خندق ۽ غَزْوَہ بَني قُرَيْظَہ جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ هو گذاري ويو.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن "غزوه خندق" جي پوين ڏينهن ۾ سومر، اڱاري ۽ اربع جون ٽي راتيون سانده مسجد فتح ۾ ويهي ڪافرن جي لشڪر لاءِ هينئين دعا گهرندا رهيا.

اَللّٰهُمَّ مُنْزِلَ الْكِتَابِ مُجْرِيَ السَّحَابِ

اي الله. ڪتاب نازل ڪرڻ وارا ۽ ڪڪرن کي هلائڻ وارا.

سَرِيْعَ الْحِسَابِ، هَازِمَ الْاَحْزَابِ

جلدي حساب وٺڻ وارا. لشڪرن کي شڪست ڏيڻ وار.

اَللّٰهُمَّ اهْزِمْهُمْ وَزَلْزِلْهُمْ

اي الله انهن کي شڪست ڏي، ۽ سندن پير ڪڍ.

جنهن ڪانپوءِ وري فرمايائون:

اَللّٰهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتِنَا

اي الله اسانجا عيب ڍڪ.

---

(١) سورة الاحزاب آيت ١٢ پاره ٢١.



Marfat.com

اَللّٰهُمَّ اٰمِنْ رَوْعَاتِنَا

اي الله امن ۾ بدلاءِ اسان جو خوف.

يَا صَرِيْخَ الْمَكْرُوْبِيْنَ يَا مُجِيْبَ الْمُضْطَرِّيْنَ

اي ستايلن جي دانهن ٻڌڻ وارا، اي بيقرارن جي دعا قبول ڪرڻ وارا.

اِكْشِفْ هَمِّيْ وَغَمِّيْ وَكَرْبِيْ فَاِنَّكَ

ختم ڪر اسان جو فڪر، غم ۽ بي قراري پوءِ اهو سڀ توکي

تَرٰى مَا نَزَلَ بِيْ وَ بِاَصْحَابِيْ

نيڪ روشن آهي، جيڪا مصيبت منهنجي ۽ منهنجي سائين مٿان آئي آهي.

نيٺ اربع واري ڏينهن ٻيپهريءَ ۽ ٽيپهريءَ وارين نمازن جي وچ تي خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر صلى الله عليه وسلم جي دعا قبول فرمائي، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ڏاڍي سرهائيءَ جو اظهار ڪيو.

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي سعد بن حَبْتَة بن ملة اَنْصَاري رضہ نالي هڪ صحابي سڳوري مشرڪن سان نهايت مردانگيءَ سان منهن ڏنو. جنهن تي ٻنهي جهانن جي سردار صلى الله عليه وسلم جن هن جي مٿي تي ٻه هٿ گهمايو، ته سندس اولاد ۽ نسل ۾ برڪت لاءِ به دعا گهري. جنهن جي نتيجي ۾ هو ويهن ٻارن جو پيءُ، چاليهن جو چاچو ۽ چاليهن جو مامو ٿيو.

فقہ جي مشهور اِمام اَبُو يُوسف جو تعلق به هن ئي خاندان سان آهي، جنهن جو شجرو هن ريت ٻڌايو ويو آهي.

اَبُو يُوسِف قاضي يَعْقُوب ولد اِبْرَاهِيم ولد حَبِيْبُ ولد حُبَيْش ولد سَعْد ولد حَبْتَة.

حبتة حضرت سعد رضہ جي امڙ جو نالو آهي، جنهن جي نسبت سان هو مشهور آهي. جڏهن ته سعد رضہ جي پيءُ جو نالو بُجَيْر بن معاويہ بجيله آهي.

* هن سال غزوه خندق جي دوران هڪ موقعي تي لڙائيءَ ايترو ته زور ورتو، جو پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ۽ سندن صحابي سڳورن کي ٽيپهريءَ جي نماز ادا ڪرڻ جو موقعو به نه ملي سگهيو. تانجو سج لهي ويو. ان وقت تائين "نماز خوف" ادا ڪرڻ وارو حڪم به نازل نه ٿيو هو.

ان موقعي تي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن انهن ڪافرن کي پاراتو ڏيندي فرمايو: "الله تعاليٰ هنن جي گهرن کي ۽ سندن قبرن کي باه سان پري ڇڏ، جن اسان کي وچين يعني ٽيپهريءَ واري نماز به پڙهڻ نه ڏني."

ان کانپوءِ جڏهن سج لهي ويو، تڏهن ان فوت ٿيل نماز کي قضا ڪري سانجهيءَ واري نماز وقت پڙهيو ويو، هن موقعي تي اذان ته هڪ ئي ڀيرو ڏنو ويو، جڏهن ته هر نماز لاءِ اقامت الڳ الڳ ٿي.

ڪن جو چوڻ آهي ته هن موقعي تي ٽي نمازون يعني ٻيپهري، ٽيپهري ۽ سانجهي قضا ٿيون هيون، جن کي "عشاءِ" جي وقت ادا ڪيو ويو.



Marfat.com

* هن سال "غزوه خَنْدَق" جي موقعي تي ڪافرن سڄو مهينو مديني شريف جو گهيرو جاري رکيو، جنهن ڪانپوءِ الله تعاليٰ طوفان ۽ ان سان گڏ فرشتن جا اهڙا لشڪر موڪليا، جيڪي ڪين ڏسڻ ۾ ئي نه پئي آيا، پر اهي ئي سندن شڪست جو سبب بڻيا.

* هن سال "غزوه خندق" جي پڄاڻي وقت پاڪ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو. جڏهن خدا تعاليٰ ڪافرن جي باري ۾ سندن دعا قبول فرمائي، جنهن جي نتيجي ۾ اهڙي ته تيز ۽ ٿڌي هوا اچي لڳي، جو سندن خيما پٽجي ويا، انهن جون طنابون ٽٽي پيون، ڪُنا چلهين تان ڪري پيا، ٻيا ٿانوَ، سامان ۽ ڪجاوا مٽيءَ ۾ پورجي ويا. ان سان گڏ ملائڪن جا اهڙا لشڪر به لٿا، جيڪي اکين کي ته ڏسڻ ۾ نه پئي آيا پر اهي نهايت وڏي آواز ۾ اهڙا ته تڪبير جا نعرا هڻي رهيا هئا، جن سان دشمن جون دليون دهلجي ٿي ويون، جنهن ڪري هنن ان خوف ۾ وڙهڻ جي بجاءِ وٺي پويان پير ڪيا.

اها به پاڪ سڳورن ﷺ جي دعا جي برڪت هئي، جنهن لاءِ خدا تعاليٰ فرمايو:

فَأَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيحًا وَجُنُودًا لَّمْ تَرَوْهَا. (١)

"پوءِ موڪلياسون مٿن هوا ۽ (ملائڪن جا) اهڙا لشڪر جن کي اوهان نه ٿي ڏٺو."

۽ اڳتي هلي فرمايو ويو:

وَرَدَّ اللَّهُ الَّذِينَ كَفَرُوا بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوا خَيْرًا ۚ وَكَفَى اللَّهُ الْمُؤْمِنِينَ الْقِتَالَ. (٢)

"۽ موٽايو الله تعاليٰ انهن ڪافرن کي سندن ڪاوڙ سميت ۽ ڪا چڱائي نه لڌائون ۽ ڪافي ٿيو الله ايمان وارن لاءِ لڙائيءَ ۾."

## غزوه بني قريظہ جا واقعات

## حضرت خَلَّاد رضہ بن سُوَيْد جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه بَنِي قُرَيْظَہ" جي موقعي تي مسلمانن منجهان حضرت خَلَّاد رضہ بن سُوَيْد بن ثَعْلَبَہ اَنْصَارِي خَزْرَجِيءَ رضہ جي مٿان هڪ عورت جنڊ جو پڙ ڪيرائي کيس شهيد ڪري ڇڏيو، جنهن لاءِ پاڪ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته، "هن کي ٻن شهيدن جو ثواب مليو."

هن عورت جو نالو "بُنَانَہ" ٻڌايو ويو آهي ۽ سندس تعلق به بَنُو قُرَيْظَہ وارن سان ٿي هو. بعد ۾ حضرت خَلَّاد رضہ جي قصاص ۾ هن عورت کي قتل ڪيو ويو.

"بنانہ" ڪانسواءِ ٻي ڪنهن عورت کي قتل ڪرڻ جو مثال ڪنهن به غزوه ۾ نٿو ملي. (٣)

---

(١) سورة الاحزاب آيت ٩ پاره ٢١.

(٢) سورة الاحزاب آيت ٢٥ پاره ٢١.

(٣) سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢٥٣. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ١٢٨. الاصابہ "ابن حجر" ج ١ ص ٤٥٤. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ١٢٢ ـ ١٢١. الدرر "ابن عبدالبر" ص ١٨٣.



Marfat.com

مديني ۾ مشهور آهي، جنهن جي مٿان "اسطوانه ابي لبابہ" لکيل آهي. (١)

* هن سال الله تعالىٰ طرفان بني قريظہ وارن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ وَقَذَفَ فِىْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ فَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ وَ تَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا وَ اَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَدِيَارَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ. (٢)

"۽ اهل ڪتاب مان جن انهن ( مشرڪن ) جي مدد ڪئي هئي تن ڪي سندن ڪوٽن تان هيٺ لاٿو ۽ سندن دلين ۾ اوهان جو اهڙو رعب وجهي ڇڏيو جو اڄ اوهان هڪ ٽولي کي قتل پيا ڪريو تہ ٻئي کي قيدي پيا بڻايو ۽ هن ئي اوهان کي انهن جي زمينن جو، سندن گهرن جو ۽ سندن مال مڏين جو وارث بڻايو."

## بنو مُزَيْنَہ وارن جي وفد جو اچڻ

* هن سال رجب جي مهيني ۾ حضرت بلال بن حارث مزني رضہ پنهنجي قبيلي "بنو مزينہ" جي چار سؤ ماڻهن جي هڪ جماعت سان گڏ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پوءِ انهن سڀني پاڻ سڳورن ﷺ جي مبارڪ هٿن تي ايمان آندو.

ايمان آڻڻ کانپوءِ دربار نبوي ﷺ مان کين اهڙي اجازت عطا ٿي تہ هو پنهنجي ماڳن تي موٽي وڃن ۽ کين اهو بہ ٻڌايو ويو تہ، "هو جتي بہ رهندا کين مهاجر ليکيو ويندو."

اهڙي اجازت ملڻ کانپوءِ هو پنهنجي اصلوڪن ماڳن تي موٽي آيا.

حضرت بلال بن حارث رضہ کي پنهنجي قبيلي "مُزَيْنَہ" مان سڀ کان پهريائين مسلمان ٿيڻ جو مرتبو حاصل ٿيو، جنهن ڪري مکي شريف جي فتح واري موقعي تي مزينہ قبيلي جو جهنڊو سندس ئي هٿن ۾ هو.

سرور عالم ﷺ جن طرفان کيس "واديءِ عقيق" بہ جاگير طور عطا ڪئي ويئي.

ان کانپوءِ بلال بن حارث رضہ وري ان وقت حاضر ٿيو، جڏهن "ضمام بن ثعلبہ رضہ" خدمت نبوي ﷺ ۾ پهتو، جنهن جو تفصيل هيٺ بيان ڪيو ويو آهي. (٣)

## ضمام بن ثعلبہ رضہ جو حاضر ٿيڻ

* هن سال حضرت ضمام بن ثعلبہ رضہ پنهنجي قبيلي سعد بن بکر طرفان مٺي مرسل ﷺ

---

(١) سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢٤٧. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ١٢١. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ١٠٦. الاصابہ "ابن حجر" ۴۶۴. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ۴۶۴. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ٨/٩.

(٢) سورة الاحزاب آيت ٢٦/٢٧ پاره ٢١.

(٣) الطبقات الڪبرىٰ "ابن سعد" ج ١ ص ٢٢٢. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۴١١.



Marfat.com

جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪانئن نماز، زڪوات، روزي، حج ۽ ٻين سمورن شرعي مسئلن بابت ڄاڻ حاصل ڪيائين. جنهن جو ذڪر صحيح بخاري توڙي ٻين حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهي. ان ڪانپوءِ واپس وڃي هن اهو احوال پنهنجي قوم وارن کي ٻڌايو ۽ پوءِ هنن سڀني به ايمان آندو. (١)

سيرت نگارن مان ڪيترن جو خيال آهي ته ضمام بن ثَعْلَبَہ رضہ سن پنجين هجريءَ ڌاري حاضر ٿيو هو، پر حافظ ابن حجر "فتح الباريءَ" ۾ ان ڳالهہ کي صحيح ڄاڻايو آهي ته، حضرت ضِمام رضہ سن نائين هجريءَ ڌاري حاضر ٿيو هو ۽ ان روايت تي "شرح علي المواهب اللدنيہ" ۾ زرقاني به زور ڏنو ۽ اهو صحيح به آهي.

هوڏانهن وري "جذب القلوب" ۾ شيخ عبدالحق دهلوي ڄاڻايو آهي ته "ضمام بن ثعلبہ رضہ" ڏهين هجريءَ ڌاري حاضر ٿيو هو.

## وفد عبدالقيس جي حاضري

* ڇهون وڃي ٿو ته هن ئي سال رجب جي مهيني ۾ "عَبْدُالْقَيْس" وارن جو وفد به آيو. هي هڪ وڏو قبيلو هو. اهي "بَحْرَيْن" جي ويجهو "جُوَاثا" نالي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. هو رَبِيْعَہ بن مُضر بن نَزار بن معد بن عَدْنَان جي اولاد مان هئا. هن وفد ۾ چوڏهن سوار شامل هئا، جن ۾ مُنْذِر رضہ بن عَائِذ عَبْدِي عَصَرِيّ جنهن جو لقب "اَشَجّ" هو ۽ جَابِر رضہ بن مُعليٰ عَبْدِي به شامل هئا. هي ڏهہ ڏينهن سانده مديني ۾ ترسيا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن کان اسلامي شريعت بابت مختلف سوال پڇندا رهيا.

پاڻ سڳورن ﷺ کين فرمايو: "مان اوهان کي چئن ڳالهين جي ڪرڻ جو حڪم ڏيان ٿو ۽ چئن کان منع ڪريان ٿو، جن ڳالهين جي ڪرڻ جو حڪم ڏيان ٿو اهي هي آهن: ١. الله تي ايمان آڻڻ ٢. نماز قائم ڪرڻ ٣. زڪواة ادا ڪرڻ ۽ ۴. رَمَضَان جي مهيني ۾ روزا رکڻ ۽ جن شين کان منع ڪريان ٿو اهي هي آهن: ١. دُباء ٢. حَنْتَم ٣. نَقِيْر ۴. مُزَفَّت (٢). جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ ڄاڻايو ويو آهي. (٣)

امام بخاريءَ پنهنجي "صحيح" ۾ اهو به ڄاڻايو آهي ته، "ٻهرين جمعي نماز مديني ۾ مسجد نبوي ﷺ ڪانپوءِ "بحرين" جي ڳوٺ "جُوَاثا" ۾ ئي ادا ڪئي وئي. (۴)

---

(١) صحيح بخاري "ڪتاب الايمان" ج ١ ص ١٧/١٨. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣١٣/٣١۴. البدايہ النهايہ "ابن ڪثير" ٥٥/٥٦. دلائل النبوه "بيهقي" ج ٥ ص ٣٧۴/٣٧٧. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ۴٢/۴٣. الدرر "ابن عبدالبر" ص ٢٥٥. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣٥٣/٣٥٥.

(٢) اهي چار نالا اهڙن ٿانون جا آهن جن ۾ ماڻهو شراب ناهيندا به هئا ته واپرائيندا به هئا ۽ محفوظ به ڪندا هئا. تفصيل لاءِ ڏسو هن ڪتاب جو باب ٩ صفحہ ٥٦٩.
النهايہ ابن الاثير ج ٢ ص ٩٦.

(٣) وفد "عبدالقيس" بابت واقعات جا تفصيل هن باب جي نائين فصل ۾ نقل ڪيا ويا آهن. (مترجم)

(۴) هتي "جواثا" نالي جنهن ڳوٺ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو "بحرين" ۾ هو، جتي "عبدالقيس" وارا رهندا هئا. هتي هنن هڪ قلعو به تعمير ڪرايو هو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي زماني ۾ سن ١٢ هجريءَ ڌاري حضرت



Marfat.com

آگاهه ڪيو تہ، "اوهان جي آڏو سوارن جي هڪ اهڙي جماعت ظاهر ٿيڻ واري آهي، جيڪا مشرق ۾ سڀ کان بهتر هوندي." جنهن کانپوءِ جلد ئي "عَبۡدُالۡقَيۡس" وارن جو وفد پهتو. (١)

## گهوڙن جي ڊوڙ جو واقعو

* ڇيو وڃي ٿو تہ هن سال نبي انور ﷺ جن گهوڙن جي ڊوڙ ڪرائي. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو واقعو سن ڇهين هجريءَ دوران ٿيو، جنهن جو ذڪر اڳتي اچي رهيو آهي. (٢)

## . مديني ۾ زلزلو اچڻ

* هن سال مديني شريف ۾ زلزلو آيو، هن موقعي تي خدا جي پياري رسول ﷺ جن فرمايو، "الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ اوهان کانئس معافي گهرو، انڪري اوهان کي کانئس معافي گهرڻ کپي؛"(٣)

## حضرت سَعۡد بن مُعَاذ رضہ جي وفات

* هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ حضرت سَعۡد بن مُعَاذ رضہ گذاري ويو. ابن ڪثير جو قول آهي تہ رسول خدا ﷺ جن جڏهن "غَزۡوَهٔ اَحۡزَاب" کان واپس موٽيا، تڏهن پنجويهن ڏينهن کانپوءِ هو گذاري ويو. ۽ اَحۡزَاب وارو واقعو سن پنجين هجريءَ جي شوال مهيني ۾ پيش آيو.

بُخَارِيۡ ۽ مُسۡلِم شَرِيۡف ۾ حضرت جَابِر رضہ کان نقل ڪيل هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ، "جڏهن حضرت سعد بن معاذ رضہ وفات فرمائي تڏهن خدا جو عرش لڏي ويو."

ابن عَائِذ ۽ سُهَيۡلي هڪ روايت ۾ ٻڌايو آهي تہ، "حضرت سعد بن معاذ رضہ جي جنازي نماز ۾ ستر هزار اهڙا ملائڪ بہ شريڪ ٿيا، جيڪي هن کان اڳ ڪڏهن بہ زمين تي نہ لٿا هئا.

ان ڏس ۾ "ترمذي" هڪ صحيح روايت نقل ڪئي آهي تہ، "ملائڪ سندس جنازي کي ڪلهو بہ ڏيئي رهيا هئا."

حضرت سعد رضہ جي موت جو ڪارڻ اهو تير هو جيڪو خَنۡدَق واري ڏينهن تي ابن حبان بن عرقہ طرفان سندس ڦڏيءَ ۾ لڳو هو. (٤)

## حضرت سَعۡد بن مُعَاذ رضہ جي امڙ جي وفات

* هن سال حضرت سَعۡد بن مُعَاذ رضہ جي وفات کانپوءِ سندس امڙ ام سعد رضہ بہ وفات ڪري

(١) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٣٤، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣٧٠. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ١٨١.

(٢) سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ٢٥٣، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٢٣.

(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٢٢.

(۴) صحيح بخاري "باب مناقب الانصار" ج ٢ ص ٣١٣. صحيح مسلم باب فضائل الصحابہ ج ٧ ص ١٥٠. المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٥٢٥/٥٣١. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٢٩٦/٢٩٩. الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٣٧/٣٨. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ١٢٩/١٣٢. سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢٦٢/٢٦۴. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ۴٦٨/۴٧١.



Marfat.com

ويٺي. سندس نالو ڪبشہ رضہ بنت رافع هو. ڪيس صحابيت جو شرف حاصل آهي. [۱]

## سَعْد بن عُبَاده رضہ جي والده جي وفات جو واقعو

* هن سال جڏهن حضرت سَعْد بن عُبَاده رضہ نبي سڳوري ﷺ جن سان گڏ غُزوه دُوْمَةُ الْجَنْدِل لاءِ ويل هئا تہ پويان سندس والده وفات ڪري ويئي. جنهن جو نالو عمره بنت سعد بن عمرو انصاريہ ٻڌايو ويو آهي. [۲] حضرت سعد رضہ هن موقعي تي پنهنجي امڙ جي نماز ۽ ڪفن دفن ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيو. انڪري گهر موٽڻ ڪانپوءِ هن سرور عالم ﷺ جن کان پڇيو، "اي الله جا رسول ﷺ! جيئن تہ منهنجي امڙ منهنجي پرپٺ گذاري ويئي انڪري مان نہ ساڻس ڪجهہ ڳالهائي سگهيس ۽ نہ ئي سندس لاءِ ڪو خير خيرات ڪري سگهيس. هاڻي آءٌ جيڪڏهن سندس لاءِ ڪو خير خيرات ڪريان تہ ڪيس ان جو ثواب پهچندو؟ رسول خدا ﷺ جن فرمايو، "هائو".

حضرت سَعْد رضہ پڇيو، "ڪهڙي قسم جو خير بهتر ٿيندو."

پياري پيغمبر ﷺ جن وراڻيو، "پاڻي پيئارڻ جو."

ان ڪانپوءِ سَعْد رضہ هڪ کوه کوٽايو ۽ ان کي خدا واسطي وقف ڪيائين، پنهنجي ماءُ جي ثواب لاءِ.

## چنڊ گرهڻ جو واقعو

* هن سال جُمادي الآخرۃ ۾ چنڊ گرهڻ ٿي، ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ "نماز خُسُوْف" ادا فرمائي، تانجو چنڊ وري چمڪڻ لڳو. يهودي هن موقعي تي دهل دمامر وڄائيندا رهيا ۽ چيائون تہ چنڊ تي ڪنهن جادو ڪيو آهي.

"اُسد الغابہ" ۾ "ابن الاثير" ڄاڻايو آهي تہ، "هن موقعي تي پهريون ڀيرو پاڻ ڪريمن ﷺ طرفان "نِماز خُسُوْف" پڙهي ويئي. جڏهن تہ شامي پنهنجي سيرت ۾ بہ بيان ڪيو آهي تہ، "پهريون ڀيرو نِماز خُسُوْف سن پنجين هجريءَ ڌاري پڙهي ويئي." [۳]

## حضرت حذيفہ رضہ کي قريش وارن ڏانهن موڪلڻ

* هن سال قريش وارن کي ڪا تڪليف پيش آئي تہ پاڻ سڳورن ﷺ سندن دلجوئيءَ لاءِ حضرت حذيفہ رضہ کي ڏانهن اماڻيو. [۴]

## خالد بن وليد رضہ ۽ عمرو بن العاص رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ [۵]

* چيو وڃي ٿو تہ هن سال حضرت خالد رضہ بن وليد ۽ عمرو رضہ بن العاص اسلام قبول ڪيو.

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۵۳۷. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۹۵.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۵۱۰.

(۳) "سبل الهديٰ والرشاد" شامي ج ۸ ص ۳۲۵. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۲۶.

(۴) دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۴۴۹. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۲۱.

(۵) سيرة ابن هشام "ج ۳ ص ۲۸۹/۲۹۰. المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۷۴۱/۷۵۰. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۳۴۳ _ ۳۵۴. روض الانف "سهيلي" ج ۳ ص ۳۰۴. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۲۳۶/۲۴۰. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱۲۲/۱۲۳.



Marfat.com

ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو حادثو سن ڇهين هجريءَ ڌاري پيش آيو، جڏهن تہ "ذهبي" هن سال واري روايت کي صحيح قرار ڏنو آهي.

* هن سال ام المؤمنين سيده عائشہ رضہ کي رب تعاليٰ ان بهتان کان آجو قرار ڏنو، جيڪو ٻيبي سانئڻ مٿان مڙهيو ويو هو.

هن ڏس ۾ "سورة النور" جون سورهن آيتون نازل ٿيون.

الله تعاليٰ اهو حڪم جن آيتن ۾ ڏنو اهي

"اِنَّ الَّذِيْنَ جَآءُوْ بِالْاِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنْكُمْ کان وٺي اُولٰٓىِٕكَ مُبَرَّءُوْنَ مِمَّا يَقُوْلُوْنَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ [1] تائين آهن، انهن مان ڪي آيتون ٻهرٻان تہ ڪي وري انهن کانپوءِ نازل ٿينديون رهيون. مٿين آيتن جي نازل ٿيڻ کانپوءِ، اهي منافق ذليل ۽ خوار ٿيا جن اهو بهتان گهڙيو هو.

## تيمم جو حڪم [2]

* هن سال نبي انور صلی اللہ علیہ وسلم جن جڏهن "غزوه بني مصطلق" کان واپس وريا ۽ ان وقت "اِفڪ"

---

ٿي وڃ جي ڀرسان ويهي رهي. سندس خيال هو تہ قافلي وارا جڏهن کيس نہ ڏسندا تہ ان جاءِ تي موٽي ايندا.

ڪافي دير ويهڻ کانپوءِ هوءَ اتي ليٽي پئي ۽ سندس اک لڳي ويئي. پاڻ ڪريمن ﷺ جو دستور هو تہ قافلي جي پويان ڪاهو (ڪو ماڻهو) ڇڏيندا هئا تہ جيئن ڪا چيز رستي ۾ رهجي وڃي يا ڪري پئي تہ اهو ان کي هٿ ڪري سگهي. هن دفعي اها ذميواري حضرت صفوان رضہ بن معطل جي مٿان هئي. اهو جڏهن هن جاءِ تي پهتو تہ سندس نگاهہ وڃي حضرت عائشہ رضہ تي پيئي، جيئن تہ حضرت صفوان پردي جي حڪم کان اڳ ٻيبي سڳوريءَ کي ڏسي چڪو هو ان ڪري سمجهي ويو ۽ اوڏي مهل وڏي آواز ۾ انا لله وانا اليه راجعون پڙهيائين. اهو آواز ٻڌي حضرت عائشہ رضہ جي اک کلي ويئي. حضرت صفوان رضہ پنهنجي اٺ کي ويهاريو، جنهن تي ٻيبي سانئڻ سوار ٿي، جنهن کانپوءِ هو اٺ جي مهار پڪڙي هلندو رهيو ۽ ڪچڙيءَ منجهند جو اچي قافلي سان مليو. سيده عائشہ رضہ جي اچڻ وارو اهو منظر منافقن جي مهندار عبدالله بن ابي بہ پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ پوءِ هڪ طوفان برپا ڪري ڇڏيائين. ام المؤمنين جي خلاف اهڙي ڪريل پروپئگنڊا شروع ڪيائين جو سڄو مهينو سرور ڪائنات ﷺ ۽ سندس صحابي سڳورا هڪ اهڙيءَ عجيب پريشانيءَ ۾ رهيا، جنهن جو اندازو لڳائڻ بہ مشڪل آهي. اهو عرصو سيده عائشہ رضہ پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهر گذاريو، هوءَ ۽ سندس والدين ٻئي بي حال هئا. الائي ڪين چا چا ٻڌڻو پئي پيو. آخر هڪ مهيني گذرڻ کانپوءِ الله تعاليٰ طرفان حضرت عائشہ رضہ جي پاڪدامنيءَ جي شهادت ڏني ويئي.

منافقن جو خدا تعاليٰ ڀڄڙو حشر ڪيو ۽ سورة نور جون هي آيتون نازل ڪيون ويون؛

ان الذين جاءوا ................. اليٰ آمنه.

اهي آيتون قيامت تائين سيده عائشہ رضہ جي عزت ۽ عصمت جي گواهي ڏينديون ۽ مؤمن انهن جي تلاوت ڪندا رهندا.

(١) سورة النور آيت نمبر ١١ کان وٺي آيت نمبر ٢٦ تائين پاره ١٨.

(٢) لفظ تيمم جي لغوي معنيٰ آهي "قصد ڪرڻ" يا ارادو ڪرڻ. جڏهن تہ اصطلاحي لحاظ کان نماز لاءِ پاڻي بدران پاڪ مٽيءَ ذريعي پاڪائي حاصل ڪرڻ واري عمل کي تيمم سڏيو ويندو آهي.

اهو حڪم "سورة المائده" ۾ وضاحت سان ۽ "سورة النساء" ۾ اختصار سان بيان ڪيو ويو آهي. جنهن جي ذريعي مسلمانن کي اجازت ڏني ويئي آهي تہ جيڪڏهن هو سفر ۾ هجن ۽ کين پاڻي نہ ملي سگهي تہ پوءِ اهي پاڪ صاف مٽيءَ



Marfat.com

واري واقعي جي شروعات هئي، تہ هن موقعي تي "تيمم" واري آيت نازل ٿي.

هاڻي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ اها آيت "سورة المائده" جي آهي يا "سورة النساء" جي.

ان مان صحيح قول اهو آهي تہ اها آيت "سورة المائده" جي آهي، جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ نقل ڪيو ويو آهي.

ان کان اڳ "تيمم" هن امت ۾ جائز نہ هو، پر گذريل امتن مان بہ ڪنهن امت ۾ جائز نہ هو.

تيمم بہ هن ئي امت جي خصوصيتن مان هڪ آهي.

---

سان تيمم ڪري نماز پڙهي سگهن ٿا پر هاڻي جيڪڏهن وضو نہ آهي تہ ان لاءِ بہ تيمم ڪبو ۽ جيڪڏهن غسل واجب آهي تہ ان لاءِ بہ تيمم ذريعي پاڪائي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

**تيمم جو طريقو**

امام مالڪ، شافعي ۽ ابوحنيفہ جو مسلڪ آهي تہ پهريان تيمم جي نيت ڪجي. جنهن ڪانپوءِ پاڪ صاف مٽيءَ تي ٻئي هٿ هڻي پوءِ اهي سڄي منهن تي گهمائي ڇڏجن ۽ ٻيو دفعو هٿ هڻي هٿن کان لوئين تائين ٻنهي ٻانهن تي ڦيرائجن تہ تيمم مڪمل ٿي ويندو.

جڏهن تہ امام احمد ابن حنبل ۽ اوزاعي وغيره جي خيال مطابق تہ ٻيو دفعو مٽيءَ تي هٿ هڻڻ ضروري نہ آهي ۽ پهرين دفعي واري هٿن سان ئي منهن توڙي ٻانهن جو تيمم ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن جاءِ تي جيڪڏهن صاف پاڪ مٽي نہ ٿي ملي سگهي تہ پوءِ ڪنهن اهڙيءَ شيءِ تي بہ هٿ هڻي تيمم ڪري سگهجي ٿو، جنهن تي دز يا گس وغيره لڳل هجي، پوءِ ڀل اهو ڪو پٿر يا ٻي اهڙي شيءِ هجي جنهن جو مٽيءَ سان تعلق هجي.

تيمم جتي پاڻي نہ هجي اتي بہ جائز آهي پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيمار آهي ۽ پاڻيءَ جي استعمال سان سندس بيماري وڌي وڃڻ جو انديشو آهي تہ پوءِ اهو ماڻهو بہ پاڻي دستياب هجڻ جي باوجود تيمم ڪري سگهي ٿو. وضو ڪرڻ توڙي غسل لاهڻ لاءِ تيمم جو طريقو هڪ ئي آهي.

**تيمم جو مدو**

تيمم جيترو عرصو بہ پاڻي نہ ملي يا ماڻهو پاڻي استعمال ڪرڻ کان شرعي طور معذور هجي تہ پوءِ امام احمد جي بقول سالن تائين ڪيس تيمم ڪرڻ جي شرعي اجازت آهي. البت هر نماز لاءِ نئين سر تيمم ڪرڻ بهتر آهي.

تيمم جو حڪم غزوه بنو مصطلق جي موقعي تي نازل ٿيو، جو هن سفر ۾ حضرت عائشہ رضہ جي ڳلي مان هڪ دفعو وري هار ڪري پيو، جنهن لاءِ هن سيد عالم ﷺ جن کي اطلاع ڏنو. پاڻ سڳورن ﷺ جن قافلي کي اتي منزل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهو اهڙو ماڳ هو جتي پاڻي بلڪل دستياب نہ هو. مسلمان طهارت ۽ وضوءِ لاءِ هيڏي هوڏي ڦري رهيا هئا. ڪجهہ صحابين حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي شڪايت ڪئي تہ تنهنجي نياڻيءَ جي ڪري ئي هي مسئلو پيدا ٿيو آهي. حضرت صديق رضہ بہ ڏاڍو پشيمان ٿيو. آخر فجر جي نماز کان اڳ اها آيت نازل ٿي جنهن ۾ مسلمانن کي تيمم جي اجازت ڏني وئي. بس پوءِ تہ قافلي وارا ڏاڍو خوش ٿيا تہ سندن مسئلو هميشہ لاءِ حل ٿي ويو. حضرت اسيد بن حضير رضہ ۽ ٻيا سيدنا صديق اڪبر رضہ جي ڪٽنب جا ٿورا مڃڻ لڳا.

صحيح بخاري "ڪتاب التيمم" ج ١ ص ٦٩، صحيح مسلم "باب التيمم" ج ١ ص ١٩١، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٤٤٣، زاد المعاد "ابن قيم" ج ٢ ص ٢٥٨، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢١١.



Marfat.com

## حضرت ابوبڪر رضہ جو قسم کڻڻ

* هن سال جڏهن خدا تعاليٰ حضرت عائشہ رضہ کي بهتان مان آجي ٿيڻ جو حڪم نازل ڪيو، تڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ قسم کنيو تہ هو آئينده پنهنجي ماسات "مسطح بن اثاثہ" جي ڪابہ مالي مدد نہ ڪندو، ڇو تہ هو بہ ان بهتان مڙهڻ وارن ۾ شامل هو. مسطح پاڻ هڪ مسڪين ماڻهو هو، جنهن ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضہ سندس مالي مدد ڪندو رهندو هو. ان موقعي تي الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

وَلَا يَأْتَلِ أُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَالسَّعَةِ أَنْ يُؤْتُوا أُولِي الْقُرْبَىٰ وَالْمَسَاكِينَ وَالْمُهَاجِرِينَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ. (١)

(۽ اوهان منجهان جن تي فضل ٿيل آهي ۽ اهي آسودا آهن، اهي قسم نہ کڻن تہ هو پنهنجي مائٽن، مسڪينن، ۽ الله جي راه ۾ هجرت ڪيل ماڻهن جي مدد نہ ڪندا.)

ان ڪانپوءِ حضرت ابوبڪر رضہ چوڻ لڳو، "خدا جو قسم! آءٌ ان ڳالهہ کي پسند ٿو ڪريان تہ خدا تعاليٰ منهنجي بخشش فرمائي." ۽ پوءِ "مسطح" جي مدد ڪرڻ اڳين ئي شروع ڪيائين جيئن هن کان اڳ ڪندو هو.

۽ اهو بہ چيائين تہ، "خدا جو قسم! آئينده ڪڏهن بہ سندس مالي مدد بند نہ ڪندس." (٢)

## بهتان مڙهڻ وارن لاءِ حد جاري ٿيڻ

* هن سال جڏهن حضرت عَائِشَہ رضہ کي الله تعاليٰ طرفان مٿس مڙهيل بهتان کان آجي ٿيڻ وارو حڪم نازل ٿيو تہ پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن طرفان انهن چئن شخصن خلاف حد قذف جاري ڪئي ويئي جن ان ڪم ۾ حصو ورتو هو. انهن جا نالا هن ريت ٻڌايا ويا آهن:

١. عَبْدُالله بن اُبَيّ بن سَلُوْل ٢. حَسَّان بن ثَابِت ٣. مِسْطح بن اُثَاثَہ ٤. حَمْنَہ بِنت جَحْش، جيڪا حضرت زينب بنت جحش جي ڀيڻ هئي.

جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ هن معاملي ۾ ڪنهن تي بہ ڪا حد جاري نہ ٿي هئي. (٣)

---

(١) سورة النور آيت ٢٢ پاره ١٨.

(٢) "سيرة ابن هشام" ج ٣ ص ٣١٦، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٤ ص ٧١.

(٣) "افڪ" واري واقعي ۾ حد جاري ٿيڻ يا نہ ٿيڻ بابت مختلف روايتون نقل ڪيون ويون آهن، جن مان اڪثريت جي راءِ اها آهي تہ هن موقعي تي حد جاري نہ ڪئي ويئي، جڏهن تہ "ابن قيم" طرفان نقل ڪيل هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهڙي معاملي ۾ حد ان وقت جاري ڪئي ويندي آهي، جڏهن اهو شخص ان جو مطالبو ڪري، جنهن مٿان بهتان مڙهيو ويو هجي، ۾ جيئن تہ "سيده عائشہ رضہ" ان ڳالهہ جو مطالبو نہ ڪيو هو، انڪري حد جاري نہ ٿي هئي. هڪ ٻي روايت مطابق تہ هن معاملي ۾ منافقن جي مهندار عبدالله بن ابي بن سلول کي ڪنهن مصلحت تحت معاف ڪيو ويو، ڇو تہ هو پنهنجي قوم جو سردار هو، انڪري هو پاڻ بچائڻ لاءِ ڪوبہ فتنو ڪڙو ڪري ٿي سگهيو. ان سبب دين

Marfat.com

## "عَزل" بابت سوال

* هن سال "غزوه بَني مُصطَلِق" ۾ صحابي سڳورن کي جڏهن قيدي عورتون مليون تڏهن منجهن نفساني خواهش زور ورتو پر ڪين دل ۾ اهو خوف جاڳيو ته جيڪڏهن انهن عورتن کي ڪو ٻار ڄمو ٿي پيو ته پوءِ اهي سندن ٻارن جون مائرون ليکيون وينديون، جنهن ڪري انهن جي خريد و فروخت حرام ٿي ويندي، ان ڪري هنن "عَزل" ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ان لاءِ هو پاڻ ڪريم ﷺ جن کان "عزل" بابت پڇڻ لڳا. جواب ۾ خدا جي رسول ﷺ جن فرمايو، "نه، اوهان کي نٿو جڳائي ته ائين ڪريو، جنهن روح کي دنيا ۾ قيامت تائين اچڻو آهي اهو اچي رهندو." (١)

## عَبدُالله بن اُبَيّ جي منافقت جو هڪ واقعو

* هن سال غزوه بني مصطلق واري زماني ۾ هڪ واقعو پيش آيو. اهو هن ريت ته مهاجرن مان جَهجَاه بن قَيس غِفَارِيءَ نالي هڪ شخص سنان بن فَرْوَه جُهَنِي نالي هڪ انصاريءَ کي ڌڪو ڏنو.

انهن نالن ۾ راوين جو اختلاف به آهي، جنهن ڪري ڪن راوين طرفان مهاجر صحابيءَ جو نالو جهجاه بن مسعود بن سعد غِفَارِي ۽ اَنصَاري صحابيءَ جو نالو سِنَان بن تَيم بن اَوس به ٻڌايا ويا آهن.

بهرحال هن موقعي تي مدد لاءِ مهاجرن پنهنجي مهاجرن کي ۽ انصارن طرفان وري انصارن کي پڪاريو ويو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڪن تائين جڏهن اها ڳالهه پهتي تڏهن فرمايائون: "هي جاهليت جون ڳالهيون ڇا لاءِ؟ انهن گندين ڳالهين کان پاسو ڪريو."

اها ڳالهه جڏهن منافقن جي مهندار عَبدُالله بن اُبَيّ بن سَلُول ٻڌي تڏهن چوڻ لڳو، "هي آهن هنن جا ڪم" ۽ پوءِ چيائين: "اوهان انهن جو خرچ پکو بند ڪري ڇڏيو، جيڪي نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ آهن، تان جو هو ڇڙوڇڙ ٿي وڃن." ان ڪانپوءِ وري هيئن به چوڻ لڳو ته، "اسان کي مديني موٽڻ ڏيو، پوءِ جيڪو وڌيڪ معزز هوندو اهو وڌيڪ ذليل کي اتان ڪڍي ٻاهر ڪندو." اتي وڌيڪ معزز مان مراد سندس پنهنجي خسيس شخصيت هئي ۽ ٻئي قسم مان سندس اشارو سرور ڪائنات ﷺ جن جي ذات بابرڪات ڏانهن هو. (معاذ الله ثم معاذ الله) (٢)

اها ڳالهه جڏهن ڪائنس هڪ مشهور صحابي حضرت زَيد بن اَرقَم اَنصَارِي رضه ٻڌي تڏهن اهو احوال هن پاڻ ڪريم ﷺ جن تائين پهچايو.

---

اندر ڪنهن به انتشار پيدا ڪرڻ کان بهتر هو ته کيس بخشيو وڃي. باقي حسان بن ثابت، مسطح بن اثاثه ۽ حمنه بنت جحش پڪا ۽ سچا مسلمان هئا ان ڪري کين پاڪ ڪرڻ لاءِ ۽ سندن ڏوه جي ڪفاري ادا ڪرڻ خاطر کين سزا ڏني ويئي. (والله اعلم)

سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢١٥. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٢٦٣/٢٦٤. البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ٤ ص ١٦١.

(١) صحيح بخاري "ڪتاب البيوع" ج ٢ ص ٢٨. صحيح مسلم "ڪتاب النڪاح" ج ٤ ص ١٥٧/١٥٨.

(٢) صحيح بخاري "ڪتاب التفسير" ج ٣ ص ٢٠٢/٢٠٤.



Marfat.com

ان تي عَبْدُالله بن اُبَيّ پنهنجي ڳالهه تان ڦري ويو ۽ الٽو قسم کڻڻ لڳو ته هن ائين نه چيو آهي. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت زَيْد رضه کان پڇيو ته، "متان توکان ٻڌڻ ۾ غلطي ٿي هجي." ان ڳالهه تي زيد رضه کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

هن موقعي تي الله تعاليٰ طرفان سورة "اِذا جَاءکَ الْمُنَافِقُوْنَ" نازل ڪئي ويئي، جنهن زيد رضه جي سچائيءَ ۽ منافقن جي ڪوڙ کي پڌرو ڪري ڇڏيو.

الله تعاليٰ منافق جي پهرين ڳالهه کي هن آيت ذريعي رد ڪيو: "**وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ.** (۽ الله جا آهن، آسمانن ۽ زمين جا خزانا) **وَلٰكِنَّ الْمُنَافِقِيْنَ لَا يَفْقَهُوْنَ** [1] (پر منافق نٿا سمجهن.)

۽ منافق جي ٻي ڳالهه کي هن آيت ذريعي ڪوڙو ڪيو ويو.

وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنَافِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ [2]

"۽ عزت ته الله لاءِ، ان جي رسول ﷺ لاءِ ۽ ايمان وارن لاءِ آهي، پر منافق اهو نٿا ڄاڻن."

ان ڪانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت زيد رضه کي ٻڌايو ته، "اي زيد! الله تعاليٰ طرفان تنهنجي تصديق ڪئي ويئي آهي."

ان تي زيد ڏاڍو خوش ٿيو. [3]

---

(۱) سورة المنافقون آيت ۷ پاره ۲۸.

(۲) سورة المنافقون آيت ۸ پاره ۲۸.

(۳) فتح الباري "ابن حجر" ج ۸ ص ۵۲۵. تفسير "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۳۲۴. تفسير "بحر العلوم" ابوالليث سمر قندي" ج ۳ ص ۳۶۶. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۵۲/۵۸. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۴۸/۳۴۹.



Marfat.com

# فصل ڇهون

هن باب ۾ سن ڇهين هجريءَ جا واقعات بيان ڪيا ويا آهن.

## نمازِ اِسْتِسْقَاء جو واقعو

* هن سال رَمَضَانَ جي مهيني ۾ ڏڪار پيو، جنهن ڪري ماڻهو اهو عرض ڪئي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتا ته مينهن وسڻ لاءِ دعا گهري وڃي. خدا جي سچي رسول ﷺ جن ماڻهن کي رب جي آڏو پاڌائڻ، عاجزي ڪرڻ ۽ خيرات ڏيڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان ڪانپوءِ ماڻهن سان گڏجي عيدگاه ڏانهن رخ رکيائون، اتي پهچي ٻه رڪعتون نماز ادا ڪئي ويئي. پهرين رڪعت ۾ "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّکَ الْاَعْلیٰ" ۽ ٻي رڪعت ۾ "سورة الغاشيه" جي تلاوت ڪئي ويئي. پهرين رڪعت ۾ ست تڪبيرون ۽ ٻيءَ رڪعت ۾ پنج تڪبيرون هنيون ويون، ۽ ان ڪانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ نهايت اثرائتو خطبو پڻ ڏنو، ان وقت ماڻهو پنهنجي جاين تان اٿيا ئي مس ته مينهن اچڻ منهن ڪڍيو. بس پوءِ ته ڪيترا ڏينهن راتيون سانده بادل برسندا رهيا. (١)

## نبي انور ﷺ جن جي هڪ حديث

* هن سال مٿي بيان ڪيل وسڪاري وقت رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو: "رب تعاليٰ ٻڌائي ٿو ته، اڄ جڏهن رات مان ڏينهن ايريو ان وقت ڏنو ويو ته ڪن ماڻهن جو مونتي ايمان آهي ۽ اهي ستارن جا انڪاري آهن، ۽ ڪي وري منهنجا انڪاري آهن پر ستارن تي ايمان اٿن." (الحديث) (٢)

جنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو:"جن (ماڻهن) چيو "اسان تي مينهن الله تعاليٰ جي فضل ۽مهر سان پيو انهن جو الله تعاليٰ تي ايمان آهي ۽ اهي ستارن جا انڪاري آهن پر جن ان جي ابتڙ ڳالهه ڪئي انهن جو الله تعاليٰ جي ذات تي نه پر ستارن تي ايمان آهي. (حديث)

هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مٿيان لفظ پاڻ ڪريم ﷺ جن "غزوه حديبيه" واري زماني ۾ فرمايا. جيئن "زَرقاني" "شرح عليٰ المواهب" ۾ ڄاڻايو آهي (٣) "غَزْوَه حُدَيْبِيَّہ" جو واقعو به هن ئي سال ذوالقعد مهيني ۾ پيش آيو، جنهن جو ذڪر غزوات واري باب ۾ ٿي چڪو آهي، جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته اهو واقعو سن ستين هجريءَ ڌاري پيش آيو، جنهن جو ذڪر اڳتي به ڪيو ويندو.

## اَبُوالْعَاص رض بن ربيع جي گرفتاري ۽ آزادي

* هن سال جُمَادَي الاول يا ٻي روايت مطابق جُمَادَي الآخر ۾ زَيْد بن حَارِثہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ

---

(١) فتح الباري "ابن حجر" ڪتاب الاستسقاء ج ٢ ص ٥٠٠، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٢٨. ارشاد الساري قسطلاني ج ١ ص ٢٣٩، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٤.

(٢) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٤٢.

(٣) شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ٢ ص ٢١٢/٢١٣.



Marfat.com

"سَرِيَّہ" کي عِيْص طرف اماڻيو ويو. مسلمانن اتي پهچي قريش جي هڪ جماعت کي قيد ڪيو ۽ انهن قيدين ۾ اَبُوالْعَاص بن رَبِيْع بہ شامل هو، جنهن سان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻيءَ سيده زَيْنَب رضہ جو نڪاح ٿيل هو. مديني پهچڻ ڪانپوءِ اَبُوالْعَاص اچي سَيِّدَه زَيْنَب جي سام پيو، بيبي سائڻ ان موقعي تي سندس سام ڪنئين. اهڙو احوال جڏهن سيد الانبياء ﷺ جن کي ٻڌايائين، تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن وراڻيو، "اي زَيْنَب! جنهن جي تو سام ڪنئين اهو اسان جي بہ سام ۾ آهي." ان ڪانپوءِ ابوالعاص کان جيڪو مال متاع ورتو ويو هو، اهو بہ ڪيس موٽي مليو.

هن سريہ ڪانپوءِ ابوالعاص بن ربيع اسلام قبول ڪيو ۽ سندس مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن سيده زينب رضہ کي ابوالعاص سان پرڻائي ڇڏيو، ڇو جو اسلام کان اڳ سندن نڪاح ٿي چڪو هو، جڏهن تہ هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن موقعي تي سندن نڪاح نئين سر پڙهيو ويو. جنهن ڪانپوءِ ئي سيده زينب رضہ کي رخصت ڪيو ويو، ۽ اها روايت وڌيڪ صحيح آهي. (1) هڪ ٻي روايت ۾ وري ٻڌايو ويو آهي تہ اهو واقعو سن ستين هجريءَ ۾ پيش آيو، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

## ابورافع يهوديءَ جو قتل ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو

* هن سال رمضان ۾ يا ٻي روايت مطابق ڪنهن ٻئي مهيني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو. اهو واقعو هن ريت آهي تہ عبدالله بن عتيڪ انصاريءَ رضہ کي ابورافع سلام بن ابوالحقيق نالي يهوديءَ جي قتل لاءِ اماڻيو ويو، ابن عتيڪ جڏهن ابورافع کي قتل ڪري ڏاڪڻ تان هيٺ لهي رهيو هو، جيئنٽيڪ اها چانڊوڪي رات هئي ۾ تڏهن بہ سندس پير ترڪي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ سندس پير بہ نڪري پيو ۽ پني بہ ڀڄي پيئي. هن ڏک واري جاءِ تي ڪپڙو ٻڌو ۽ ان حالت ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو.

ان موقعي تي رسول خدا ﷺ جن سندس پير جي پٽي کولائي ان جاءِ تي پنهنجو هٿ مبارڪ گهمايو، جنهن جي برڪت سان اوڏيءَ مهل ئي سندس پير پيرن جهڙو ٿي ويو ۽ ائين ٿي لڳو تہ ڄڻ ڪيس ڪجهہ ٿيو ئي نہ هو. (2)

## اُسَيْرَ ڏانهن هڪ "سريہ"

* هن سال شوال جي مهيني ۾ عبدالله بن رواحہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سريہ اسير بن رزام نالي هڪ يهوديءَ ڏانهن اماڻيو ويو. ان موقعي تي هن يهوديءَ حضرت عبدالله بن انيس رضہ نالي هڪ صحابي سڳوري کي اهڙو تہ مٿي تي ڏک هنيو جو ميجالي تائين ڪيس ڦاڙ ٿي پيو. واپسيءَ تي نبي انور ﷺ جن ان ڏک تي پنهنجي لب مبارڪ لڳائي ۽ پوءِ دعا بہ گهري. ان ڪانپوءِ وري ڪڏهن بہ ان جاءِ تي حضرت

(1) المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٥٥٣/٥٥٤. طبقات الڪبري "ابن سعد" ج ٢ ص ٦٦/٦٧. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ١٨٠. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ١٥٥/١٥٨. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٨۴. تاريخ الخميس ج ٢ ص ٩.

(2) المغازي "واقدي" ج ١ ص ٣٩١/٣٩٥. سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢٨٦/٢٨٨. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ٣٣/٣٩. الخصائص الڪبري "سيوطي" ج ٢ ص ٣٩٠. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ١٦۴/١٧٠. تاريخ الخميس ديار بڪري ج ٢ ص ١٣



Marfat.com

سڳورن ﷺ کين مڪي ڏانهن موٽائي ڇڏيو، ڇو جو ڪافرن "صُلح حُدَيْبِيَہ" ۾ اهو شرط رکيو هو تہ "جيڪڏهن مڪي مان ڪو شخص مسلمان ٿي مديني آيو تہ ان کي مڪي موٽايو ويندو." پر اڳتي هلي اَبُوبُصَيْر رضہ ۽ اَبُوجَنْدَل ڪافرن جي چنبي مان پاڻ ڇڏائي اچي مديني ۽ شام جي وچ تي هڪ گهٽ جهلي ويهي رهيا ۽ پوءِ هو اتان لنگهندڙ ڪافرن کي قتل بہ ڪندا هئا تہ ڪانئن مال بہ ڪسيندا هئا. اهڙو ذڪر حديث ۽ سيرة جي ڪتابن ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَہ" کان اڳ زيد بن خالد رضہ جُهني اسلام قبول ڪيو ۽ مديني ۾ رهڻ لڳو. "حديبيہ" ۾ هو پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ هو، جڏهن تہ "فتح مڪي" جي موقعي تي "جُهَيْنَہ" قبيلي وارن جو جهنڊو سندس ئي هٿن ۾ هو.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَہ" کان اڳ رسول انور ﷺ جن جي خدمت ۾ شريد بن سُويد رضہ ثقفي حاضر ٿيو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪيائين، جنهن ڪانپوءِ هو "حديبيہ" جي موقعي تي بہ ساڻن گڏ رهيو ۽ "بيعت رضوان" ۾ بہ بهرو ورتائين.

* هن ئي سال غزوہ حديبيہ کان اڳ عَبْدُالله بن اَبِي اَوْفي بہ اسلام قبول ڪيو، جنهن ڪانپوءِ هن بہ "غزوہ حُدَيْبِيَہ" ۽ بَيْعَت رِضْوَان ۾ بهرو ورتو، پوءِ "حنين" ۽ ٻين غزوات ۾ بہ شريڪ ٿيندو رهيو. هو سرور عالم ﷺ جن سان ڇهن غزوات ۾ گڏ رهيو. سندس پيءُ ابي اوفي جو نالو عَلْقَمَہ بن خَالِد رضہ اَسْلَمِيّ ٻڌايو ويو آهي، جنهن کي پڻ صحابيت جو شرف حاصل آهي.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَہ" کان اڳ خِرَاش رضہ بن اُمَيَّہ بن رَبِيْعَہ بن فَضل اَبُو نَضلہ ڪَعْبي خُزَاعِيّ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو بنو مخزوم وارن جو ساٿاري هو. مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ هن بہ "غَزْوَہ حُدَيْبِيَہ" ۽ "بَيْعَتِ رِضْوَان" ۾ بهرو ورتو.

هي اهو صحابي سڳورو آهي، جنهن "حُدَيْبِيَہ" واري موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مٿي مبارڪ کي پاڪي ڏني هئي.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَہ" کان اڳ حَارِثہ رضہ بن سَعِيْد اَسْلَمِيّ جي اٺن پٽن اسلام قبول ڪيو، جن مان ستن جا نالا هن ريت آهن.

١. اَسْمَاء رضہ ٢. هِنْدَ رضہ ٣. خِرَاش رضہ ۴. ذُوَيْب رضہ ٥. حُمْرَان رضہ ٦. فَضَالہ رضہ ٧. مَالِڪ رضہ. جڏهن تہ سندن اٺين ڀاءُ جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. اهي سمورا صحابي آهن ۽ سيني نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ حُدَيْبِيَہ ۽ بَيْعَتِ رِضْوَان ۾ بهرو ورتو. منجهانئن بہ ڀائر يعنيٰ اَسْمَاء رضہ ۽ هِنْدَ رضہ جو شمار "اصحاب صُفہ" ۾ ٿئي ٿو، جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن جا خدمت گذار هئا. انهن مان اَسْمَاء رضہ بن‌حارثہ جي هڪ پٽ جو نالو بہ "هِنْد" هو، جنهن کي نبي انور ﷺ جن عَاشُوراء واري ڏينهن تي اماڻيو هو تہ هو بَنُوْ اَسْلَم وارن ۾ وڃي اعلان ڪري تہ، "جنهن ڪجهہ کاڌو آهي اهو سڄو ڏينهن ڪجهہ بہ نہ کائي ۽ جنهن ڪجهہ نہ کاڌو آهي اهو روزي جي نيت ڪري."

* هن سال "غزوہ حُدَيْبِيَہ" کان اڳ خُفَاف رضہ بن اِيْمَاء بن رَحَضَہ غِفَارِيّ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو پنهنجي قوم جو امام ۽ خطيب هو. هن غَزْوَہ حُدَيْبِيَہ ۽ بَيْعَتِ رِضْوَان ۾ بہ بهرو ورتو. خُفَاف سان گڏ سندس پيءُ اِيْمَاء بن رَحَضَہ غِفَارِي بہ هن ئي موقعي تي مسلمان ٿيو. خفاف سندس پيءُ اِيْمَاء



Marfat.com

۽ سندس ڏاڏو رَحَضَہ ٽنهي کي صحابيت جو شرف حاصل آهي.

* هن سال "غَزْوَه حُدَيْبِيَہ" کان اڳ عقيل بن ابوطالب رضہ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو سؤٽ ۽ حضرت علي بن ابي طالب رضہ جو وڏو ڀاءُ هو. هو عمر ۾ حضرت عليءَ رضہ کان ويهہ ورهيہ وڏو هو.

## رِفَاعَہ بن زَيْد رضہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال غَزْوَه حُدَيْبِيَہ کان پوءِ ۽ خَيْبَر کان اڳ رِفَاعَہ رضہ بن زَيْد بن وَهْب جُذَامي ضُبَيْبِي بہ اسلام قبول ڪيو. هو پنهنجي قوم جي هڪ جماعت سان گڏ سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سندن ﷺ آڏو هو سڀيئي مسلمان ٿيا. جنهن کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان قوم جي باقي پٺتي رهيل ماڻهن ڏانهن بہ هڪ پيغام لکي روانو ڪيو، جنهن کي ڏسي اهي سمورا بہ مسلمان ٿيا. (١)

حضرت رِفَاعَہ رضہ اهو ساڳيو صحابي آهي، جنهن نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ "مِدْعَم" نالي هڪ حبشي غلام نذراني طور پيش ڪيو، جنهن کي خيبر جي موقعي تي قتل ڪيو ويو.

## غَزْوَه ذِيْ قَرَد جا ڪجهہ واقعات

* هن سال "غَزْوَه ذِي قَرَد" جي موقعي تي نبي انور ﷺ جن ماڻهن کي "نِمازِ خَوْفِ" پڙهائي ۽ هن ماڳ تي هڪ ڏينهن ۽ رات بہ گذاريائون. جيئن "المواهب اللدنيہ" ۾ بيان ڪيو ويو آهي. (٢)

نبي ڪريم ﷺ جن "نِمازِ خَوْفِ" پهريون ڀيرو "غَزْوَه بن لِحْيَان" جي موقعي تي "عُسْفَان" نالي ماڳ تي سن ڇهين هجريءَ ۾ پڙهائي، ان کانسواءِ ٻيو ڀيرو غَزْوَه "ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي بہ "نـماز خوف" ادا ڪئي ويئي. جنهن جو ذڪر ان موقعي تي ڪيو ويو آهي، انڪري اِئين چئبو تہ "ذِي قَرَد" ۾ "نِمازِ خَوْفِ" ٽيون دفعو پڙهي ويئي.

* هن سال "غَزْوَه ذِي قَرَد" جي ئي موقعي تي "سَلَمَہ بن اَکْوَع رضہ" انهن مشرڪن مٿان تير وسايا، جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن جا اُٺ ڪاهي ويا هئا. حضرت سَلَمَہ رضہ ڪانئن اهي اٺ ڇڏايا ۽ تيرن هڻڻ وقت هو هيئنيون شعر پڙهي رهيو هو:

خُذْهَا وَاَنَا ابْنُ الْاَکْوَعِ،

۽ وٺو (هي تير) آءٌ بہ اڪوع جو پٽ آهيان.

وَالْيَوْمُ يَوْمُ الرُّضَّعِ،

۽ اڄوڪو ڏينهن (دشمن جي) خاتمي جو ڏينهن آهي.

اهڙو ذڪر امام بخاريءَ پنهنجي صحيح ۾ ڪيو آهي. (٣)

---

(١) الاصابہ "ابن حجر" ج ١ ص ٥١٨، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ١٨١.
(٢) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٤٧٦.
(٣) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٤٨.



Marfat.com

* هن سال "غزوه ذي قرد" جي موقعي تي حضرت سَلَمَہ بن اَكوَع رضہ كي رسول خدا ﷺ جن فرمايو: "جڏهن اهي تنهنجي وَر چڙهي وڃن تہ پوءِ مٺن نرمي كجانءِ." اهو ٻڌي سَلَمَہ رضہ وراڻيو: اي الله جا رسول ﷺ، انهن كي (اسان اڻين پڇاريو آهي) جو هو پاڻي بہ نہ پي سگهيا آهن. جيكڏهن مون كي سؤ ماڻهن سان گڏ سندن پٺيان موكليو ويو تہ كانئن سمورو مال بہ واپس وٺندس ۽ كين گردن كان گهلي بہ ايندس. [1]

* هن سال رسول اكرم ﷺ جن "غزوه ذِيْ قَرَد" كان موٽ تي پنهنجي گهوڙيءَ تان كري پيا، جنهن سبباں سندن ساڄو پاسو ڏكجي پيو، انكري پاڻ سڳورا ﷺ مسجد تائين بہ نہ پئي اچي سگهيا ۽ نماز بہ پنهنجي جڳهہ تي ئي ادا كندا هئا. اهو سلسلو اٽكل مهينو كن جاري رهيو. [2]

كن راوين جو چوڻ آهي تہ هي واقعو سن پنجين هجريءَ جو آهي تہ كن وري هن واقعي جو سال نائين هجري ٻڌايو آهي. جنهن جو تفصيل سن نائين هجريءَ جي واقعات ۾ بيان كيو ويندو.

## ٻہ پاسي وارن عجمي حاكمن ڏانهن دين جي دعوت اماڻڻ بابت كجهہ واقعات

* هن سال جي پڇاڙيءَ تي ذوالحج واري مهيني ۾ يا وري ٻي روايت مطابق سن ستين هجريءَ دوران پاڻ كريم ﷺ جن ارادو ڏيكاريو تہ ٻہ پاسي وارن حاكمن كي خطن ذريعي دين جي دعوت پهچائي وڃي. [3] جنهن تي صحابي سڳورن جواب ۾ چيو تہ، "عجم جا حاكم بنا مهر واري خط كي اهميت نہ ڏيندا." اهو ٻڌي سرور كائنات ﷺ جن طرفان هك اهڙي منڊي تيار كرڻ جو حكم

(١) ايضاً.

(٢) شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٩٧/٩٨.

(٣) نبي اكرم ﷺ جن كي خدا تعاليٰ هن ڌرتيءَ تي آخري نبيءَ جي حيثيت ۾ مبعوث فرمايو. جنهن كانپوءِ كوبہ نبي يا رسول دنيا ۾ قيامت تائين نہ ايندو.

اهو آخري نبي امي ﷺ عرب جي ريگستان ۾ پيدا ٿيو پر ان جي نبوت هن سڄي كائنات لاءِ هئي، انكري سندن پنهنجي علائقي عرب ۾ جڏهن ان نئين دين جون پاڙون پختيون ٿيڻ لڳيون تہ هاڻي ان ڳالهہ جي ضرورت محسوس پئي ٿي تہ الله تعاليٰ جي ان آخري دين كي دنيا جي كنڊ كڙڇ تائين پهچائڻ جي كوشش شروع كجي، تہ جيئن رشد ۽ هدايت كان محروم سمورا انسان الله جي واٽ تي هلن ۽ ان جي رضا حاصل كري پنهنجا ٻئي جهان سنواري سگهن.

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڇهين صدي عيسويءَ ڌاري اها دنيا پوري طرح تباهيءَ جي كناري تي پهچي چكي هئي. كٿي بہ كو انسانيت جو پاڇو نظر نہ پيو اچي. شعوري، اخلاقي، اقتصادي، سياسي توڙي سماجي حالتون ايتريون تہ بگڙي چكيون هيون جو سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ اصلاح جو سبق كٿان شروع كجي ۽ كيئن شروع كجي؟

ان نساد ۽ فسطائيت جي دور ۾ ريگزار عرب جي هك اُمي پيغمبر ﷺ پهريون دفعو سفارتي ذريعن سان ان بگڙيل انسان جي سڌاري جو پروگرام ٺاهيو ۽ پنهنجي سفيرن كي ان سچي دين جا دعوت ناما ڏيئي آسپاس وارن حاكمن ڏانهن اماڻيو.

حقيقت ۾ دنيا لاءِ اهوئي جديد سفارتي سرگرمين جو آغاز آهي، جنهن ۾ نہ كنهن سان كو زور يا زبردستي



Marfat.com

ڪرڻي آهي، نہ ڪنهن جي مٽان ڪو اوچتو حملو ڪرڻو آهي، سواءِ ان باطل قوت جي جيڪا دين جي راهہ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪندڙ هجي. "لَآ اِكْرَاهَ فِى الدِّيْنِ" جي حڪم تحت نہ ڪنهن کي زوريءَ مسلمان ڪرڻو آهي، نہ ڪنهن جي مال ملڪيت کي تباهہ برباد ڪرڻو آهي. بس جيڪڏهن ڪجهہ ڪرڻو آهي تہ:

اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ ......... هِيَ اَحْسَنُ.

**ترجمو:** "دعوت ڏيو رب جي رستي ڏانهن نهايت حڪمت ۽ وڻندڙ هدايت واري نموني سان ۽ ساڻن مذاڪرو بہ نهايت سهڻي طريقي سان ٿيڻ کپي."

الله جي ان حڪم جي روشنيءَ ۾ سرور عالم ﷺ دنيا جي جن وڏن وڏن سرڪش جابر ۽ قاهر حڪمرانن ڏانهن سفارتي ۽ دعوتي خط اماڻيا تن ۾ وادعوڪ بد عاية السلام ضرور لکيل آهي.

امير المؤمنين سيدنا علي ڪرم الله وجهہ جو قول آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ مونکي جڏهن دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ يمن ڏانهن اماڻيو تہ هن ريت فرمايائون: "اي علي! توهان الله جي دين جي دعوت ڏيڻ کان اڳ ڪنهن کي بہ قتل نہ ڪجو."

انهن پيغامن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ نہ اهو ڪنهن جي سرزمين تي قبضي جو ڪو پروگرام آهي، نہ ڪنهن کي ڊيڄارڻو يا هيسائڻو آهي نہ ڪنهن کان پنهنجي ذات لاءِ ڪجهہ طلب ڪرڻو آهي، نہ پنهنجي قابليت يا عظمت جو ڪٿي ڪو اظهار آهي.

بس دنيا جي سمورن انسانن لاءِ هڪڙو ئي پيغام آهي تہ اسان سمورا انسان هڪڙي خالق جي مخلوق آهيون. هڪڙي ئي مالڪ جا بندا آهيون، انڪري سڀ هڪ جهڙا آهيون. ان کانسواءِ ٻيو ڪوبہ مالڪ ۽ خالق نہ آهي، سموري عظمت وڏائي ان ذات کي ئي سونهي ٿي، انڪري سندس در کانسواءِ ڪنهن در تي ڪنڌ جهڪائڻو نہ آهي ۽ ذات توڙي صفات ۾ ان جو ڪوبہ ثاني ۽ شريڪ نہ آهي ۽ آءٌ ان مالڪ جي طرفان موڪليل هن زمين تي ان جو آخري رسول (ﷺ) آهيان.

دنيا جي مغرور ۽ متڪبر، بي دين ۽ بگڙيل حاڪمن شاهن، اميرن ۽ اڳواڻن جڏهن هڪ مسڪين مدني مهاجر ﷺ جو اهڙو پيغام ٻڌو تہ سندن دل ۽ دماغ جي ڪيفيت منجي ويئي. جن جي اندر ۾ انسانيت جو ڪو قطرو باقي بچيل هو تہ انهن جي دل جي دنيا ۾ يقيناً هڪ انقلاب برپا ٿي ويو، پر جن جي اندر جي دنيا ۾ باقي ڪجهہ بہ نہ بچيو هو اهي اهڙي ڳالهہ ٻڌي ميڄرجي پيا ۽ ايران جي خسروءَ تہ خط مبارڪ کي ئي جوش ۾ اچي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. جو تہ پاڻ کي خدا سمجهڻ وارا هئا جي خدائي جو اقرار ڪرڻ لاءِ ڪيئن تيار ٿيندا؟ آخر ان تڪبر هڪ ڏينهن سندس جان ۽ آن کي بہ پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. جنهن تي ڪيس وڏو ماڻ هو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي سامهون جن حڪمرانن ڏانهن خط موڪليا يا جيڪي بہ تحريري معاهدا ڪيا انهن جو ڪل تعداد ٽي سؤ جي لڳ ڀڳ ٻڌايو ويو آهي. جن مان ڪيترين تحريرون پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ اڄ بہ دنيا ۾ موجود آهن.

هن وقت ڪنهن بہ نبيءَ جي لکيل يا لکرايل ڪابہ تحرير دنيا ۾ موجود نہ آهي، پر اهو نبي انور ﷺ جن جو اعجاز آهي تہ سندن لکرايل خط جن تي سندن هٿ مبارڪ سان مهر لڳل هجي اڄ بہ دنيا ۾ موجود آهن. انهن خطن جي ذريعي الله تعاليٰ لکين انسانن کي هدايت جو دڳ ڏيکاريو. ڪيترا امن جا معاهدا ٿيا، دوستيون وڌيون، رنگ نسل جا ويڇا وسري ويا، ۽ دنيا کي پهريون دفعو اخوت ۽ ڀائيچاري جو پيغام مليو. حبش جي حاڪم نجاشي آڏو جڏهن اهو خط پڙهيو ويو تہ هو تخت کان هيٺ لهي آيو. خط کي چمي مٿي تي رکيائين. جنهن ڪانپوءِ اهو خط عاج جي دٻليءَ ۾



Marfat.com

ڏنو ويو، جنهن تي سندن نالو مبارڪ "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ ﷺ" ٽن سٽن ۾ اڪريل هجي. يعني مٿين سٽ ۾ "اَللهُ" وچين سٽ ۾ "رَسُوْل ﷺ" ۽ هيٺين سٽ ۾ "مُحَمَّد ﷺ" هجي. ان ڪانپوءِ اها منڊي جڏهن تيار ڪئي ويئي تڏهن عجمي حڪمرانن ڏانهن جيڪي خط اماڻيا ويا، انهن تي اها مهر لڳائي ويئي.

اها منڊي جنهن صحابي سگوري تيار ڪئي ان کي يَعْلِيٰ رضه بن اُمَيَّہ يا وري يَعْلِيٰ رضه بن مُنْيَہ جي نالن پٺيان ياد ڪيو وڃي ٿو. اُمَيَّہ سندس پيءُ جو نالو هو، جڏهن تہ منيہ وري سندس ماءُ جو نالو ٻڌايو ويو آهي. حضرت يَعْلِيٰ رضه سونارڪو ڪم ڪندو هو.

* هن سال جڏهن خدا جي سچي رسول ﷺ جن اها منڊي تيار ڪرائي، تڏهن ذوالحج جي مهيني ۾ هڪڙي ئي ڏينهن تي ڇهن قاصدن کي خط ڏيئي هيٺين حاڪمن طرفان دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ اماڻيو ويو.

عمرو رضه بن اُمَيَّہ ضمريءَ کي حَبْشَ جي حَاڪِم نَجَّاشِيءَ ڏانهن اماڻيو ويو.

دِحْيَة رضه بن خَلِيْفَہ ڪَلْبِيءَ کي روم جي قَيْصر هرقل ڏانهن. عَبْدُالله رضه بن حُذَافہ سَهْمِيءَ کي ايران جي ڪِسَرٰي ڏانهن، جنهن جو نالو پَرْوِيْز بن هرمز بن نوشيروان هو.

حاطب رضه بن اَبِيْ بَلْتَعَہ لخميءَ کي مِصر ۽ اِسْڪَنْدِرِيہ جي حاڪم "مَقَوْقِس" ڏانهن، جنهن ايمان تہ نہ آندو پر صلح جو هٿ وڌايائين ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن لاءِ ڪجهہ سوکڙيون پاکڙيون بہ روانيون ڪيائين، جنهن جو ذڪر سن ستين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

ان کان علاوه شُجَاع رضه بن وَهْب اَسَدِيءَ کي حَارِث بن ابو شمر غسانيءَ ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪو "دمشق" جي هڪ ماڳ "غُوْطَہ" جو والي هو. هن بہ دين جي دعوت قبول نہ ڪئي ۽ ڪافر ٿي مئو، جيئن سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو.

سَلِيْط رضه بن عَمْرو عَامِريءَ کي وري هُوْذَه بن عَلِي حَنَفِيءَ ڏانهن "يَمَامَہ" اماڻيو ويو. هُوْذَه بہ دين جي دعوت قبول نہ ڪئي ۽ ڪفر جي حالت ۾ مئو. ان جو ذڪر بہ سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو. هُوْذَه کي ڪن وري هُوْذَه بہ سڏيو آهي. (۱)

---

بند ڪري رکيائين ۽ ان سان گڏ اهو بہ اعلان ڪيائين تہ هي خط جيستائين اسان وٽ موجود رهندو تہ الله تعاليٰ هتان جي واسين کي هر مصيبت کان محفوظ رکندو.

پاڻ ڪريمن ﷺ جن جيترا بہ خط لکيا جيتوڻيڪ ان وقت بہ انهن جي پڙهڻ سان ڪجهہ حاڪمن ايمان آندو تہ ڪن نہ بہ آندو پر اڄتي هلي اهي سمورا ملڪ اسلامي دنيا جو حصو بڻيا ۽ اڄ تائين اهي ملڪ مسلمانن جي هٿ ۾ آهن، جتي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جا موڪليل خط ۽ سفير پهتا.

(۱) غير مسلم حڪمرانن ڏانهن دين جي دعوت موڪلڻ وارا واقعات هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن، دلائل النبوه "بيهقي" ج ۴ ص ۳۷۶/۳۹۵، "الوفا" ابن جوزي ج ۲ ص ۷۱۷/۷۴۲. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۱۸۲/۱۸۳، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۴۴/۳۵۵. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ۲۹/۲، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۴۴/۳۷۴. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۱۲۸/۱۲۹، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۴۵.



Marfat.com

* هن سال جي پڇاڙيءَ تي حَبَش جي حاڪم نَجاشِيءَ به اسلام قبول ڪيو. هن وٽ جيئن نبي ڪريم ﷺ جن جو خط پهتو، تيئن ان کي چمي اکين تي به رکيائين ۽ ان ۾ جيڪي ڪجھ لکيو ويو هو ان کي قبول به ڪيائين. هن نَجاشِيءَ جو نالو "اَصْحَمَه" رضہ ٻڌايو ويو آهي، جيڪو "اَرْبَعَه" جي وزن تي پڙهيو ويندو، ڇو جو اهو غير منصرف آهي، جنهن ۾ علم ۽ تانيث جون به علامتون موجود آهن، جيئن لفظ طَلْحَه ۾.

* هن ئي سال جي آخر ۾ يا وري سن ستين هجريءَ جي شروعات ۾ "نَجَاشِيءَ" پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پنهنجي پاران هڪ خط اماڻيو، جنهن ۾ هن پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن طرفان ڏنل حڪمن جي مڃڻ جو اقرار ڪيو ۽ ان خط سان گڏ پاڻ ڪريم ﷺ جن لاءِ جھجهي تعداد ۾ سوکڙيون پاکڙيون به روانيون ڪيائين. ان موقعي تي هن پنهنجي پٽ جي اڳواڻيءَ ۾ ٻاهتر ماڻهن جي هڪ جماعت به موڪلي، جيڪي ٻن ٻيڙين ۾ سوار ٿي مديني پهتا ۽ رسول خدا ﷺ جي خدمت ۾ ان "عذر" جو اظهار به ڪيائون، جنهن سبب "نجاشي" پاڻ حاضر ٿي نه سگهيو.

## ذُوْمِخْبَر رضہ جو مديني ۾ ترسڻ

* هن سال ذُوْمِخْبَر حَبَشِيءَ به اسلام قبول ڪيو، جيڪو "نَجَاشِيءَ" جو ڀائٽيو هو ۽ انهن ٻاهتر ماڻهن جي جماعت مان هڪ هو، جيڪي ٻيڙين رستي مديني شريف پهتا هئا.

مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ حضرت ذُوْمِخْبَر رضہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت لاءِ وٽن رهي پيو ۽ وري حبش ڏانهن نه موٽيو، جڏهن ته سندس ٻيا ساٿي واپس موٽي ويا. (١)

* هن سال يا وري سن ستين هجريءَ جي شروعات ۾ روم جي هِرَقِل، اَبُوسُفْيَان بن حَرْب کي سڏائي ڪانئس اهڙا ڏهه سوال پڇيا، جن جا سمورا جواب سرور ڪائنات ﷺ جن جي رسالت بابت سچا دليل آهن. جن جو ذڪر صحيح بخاريءَ جي شروعات ۾ ۽ ٻين جاين تي به موجود آهي. (٢)

* هن سال "حُدَيْبِيَه" کان موٽ تي يا وري ٻي روايت مطابق سن اٺين هجريءَ ذاري ذوالقعد مهيني جي ٻارهين تاريخ "جعرانه" مان موٽڻ کان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن عَلاء بن حَضْرَمِي رضہ هٿان هڪ خط بَحْرَيْن جي باد شاهه مُنْذِر بن سَاوَيَ تَمِيْمِي، دَارِمِي عَبْدِيءَ ڏانهن اماڻيو. مُنْذِر جي اها نسبت سندس ڏاڏي عبدالله بن دارم تَمِيْمِيءَ طرف آهي، نڪي "عَبْدُالْقَيْس" ڏانهن جيئن ڪجھ ماڻهن کي گمان آهي. مُنْذِر ان مبارڪ خط کي پڙهي اسلام قبول ڪيو.

* هن سال جيئن "روضة الاحباب" ۾ سيد جمال الدين ڄاڻايو آهي ته ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن عَبْدُالله رضہ بن عَمْرو بن عَاص هٿان هڪ خط "عُمَان" جي ٻن سردارن ڏانهن اماڻيو،

---

(١) اسد الغابه "ابن الاثير" ج ٢ ص ١٤٤/١٤٥، الاصابه "ابن حجر" ج ١ ص ٤٨٨.

(٢) صحيح بخاري "باب ڪيف ڪان بدء الوحي" ج ١ ص ٨.

(٣) البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٣٧٤، الوفا "ابن جوزي" ج ٢ صہ ٧٤١/٧٤٢. تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ٢ ص ١١٦، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٥٣/٢٥٥.



Marfat.com

# اَوْس بن صَامت رضہ جو ظهار

* هن سال اوس بن صامت رضہ پنهنجي گهرواري خولہ بنت ثعلبہ انصاريہ سان "ظِهَار" ڪيو. اسلام جي تاريخ ۾ اهو "ظِهَار" جو پهريون واقعو آهي. جاهليت واري دور ۾ ظهار کي طلاق ڪري ليکيو ويندو هو. حضرت اوس رضہ مشهور صحابي عباده رضہ بن صامت جو ڀاءُ هو. (١)

* هن سال ظهار جي مٿين واقعي بابت هيءَ آيت نازل ٿي: "قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّتِىْ تُجَادِلُكَ فِىْ زَوْجِهَا" (٢) هن آيت ذريعي الله تعاليٰ بہ جاهليت جي ان رسم کي رد ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ ظهار کي طلاق جي برابر سمجهيو ويندو هو. (٣)

# حضرت عمر رضہ جو نڪاح

* هن سال حضرت عُمر رضہ بن خَطَّاب جو نڪاح جَمِيْلَہ بنت عَاصِمِ بِن ثَابِت بن اَبُوْاَفْلَحْ سان ٿيو. اها اڪثريت جي راءِ آهي. جڏهن تہ ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ جَمِيْلَہ رضہ نالي هيءَ عورت عَاصِمِ جي ڌيءُ نہ پر ڀيڻ هئي.

حضرت عُمر رضہ کي هن گهرواريءَ مان "عَاصِمِ" نالي نينگر بہ ڄائو، پر پوءِ حضرت عمر رضہ کيس طلاق ڏني ڇڏي. جنهن کان بعد حضرت زَيْد بن حَارِث رضہ ساڻس شادي ڪئي. هن گهر مان جَمِيْلَہ رضہ کي عَبْدُالرَّحْمَان بن زَيْد ڄائو. انڪري عَاصِمِ بن عُمر ۽ عَبْدُالرَّحْمَان بن زَيْد پاڻ ۾ مائٽيا ڀائر ٿيا. (٤) عَاصِمِ بن عُمر وري حضرت عمر بن عَبْدُالْعَزِيْز رحہ جو بہ نانو هو.

---

(١) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ٢٥/٢٦. أسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٤٤٣. شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني ج ٢ ص ٢١٢.

(٢) سورة المجادلة آيت ١ پاره ٢٨.

(٣) "ظِهار" عربي زبان جو لفظ آهي، جيڪو "ظهر" مان نڪتل آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "پٺي". اهوئي سبب آهي جو عرب ان جانور کي اصطلاحي طور "ظهر" سڏيندا آهن، جنهن جي پٺيءَ تي سواري ڪئي ويندي آهي. جاهليت واري دور ۾ مرد ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي گهرواريءَ کي چوندا هئا. "اَنْتِ عَلَيَّ كَظَهْرِ اُمِّيْ" تون منهنجي لاءِ هاڻي ائين آهين، جيئن منهنجي ماءُ جي پٺي. انڪري اهڙي فعل کي "ظهار" سڏيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت ڪي ماڻهو پنهنجي زالن کي ماءُ کان سواءِ ڌيءُ ۽ ڀيڻ وغيره جي پٺيءَ سان تشبيهہ ڏيئي کين پنهنجي لاءِ حرام ڪري ڇڏيندا هئا ۽ "ظهار" انهن لاءِ طلاق کان بہ سخت اصطلاح هو، ڇو جو طلاق رجعيءَ ۾ رجوع ڪرڻ جي گنجائش هوندي آهي پر "ظهار" ۾ اهڙي ڪابہ گنجائش موجود نہ هوندي هئي.

اسلامي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو حضرت اوس بن صامت پنهنجي گهرواريءَ "خولہ بنت ثعلبہ" سان ظهار ڪيو. جنهن ڪاڻپوءِ هيءَ بيبي سڳوري اهڙي دانهن ڪئي سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ آئي، ۽ ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي، جنهن جي ذريعي الله تعاليٰ پنهنجي مهربانيءَ سان جاهليت واري دور جي ان قبيح رسم کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

تفسير بحر العلوم ابوالليث سمرقندي ج ٣ ص ٣٢٢. تفسير "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٢٧٩. تفسير احكام القرآن "ابوبكر جصاص" ج ٥ ص ٣٠١/٣٠٢.

(٤) الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٢٦٢. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٤١٧.



Marfat.com

## حضرت عُمَر رضہ جي ملڪيت وقف ڪرڻ

* هن سال حضرت عمر رضہ پنهنجيءَ شمغ واري ملڪيت وقف ڪري ڇڏي.

## مهاجر عورتن بابت حڪم

* هن سال ڪجهہ مسلمان عورتون مڪي کان هجرت ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتيون، جن ۾ اُمِّ ڪُلْثُوْم رضہ بنت عُقْبَہ بن اَبِيْ مُعَيْط وغيره جا نالا شامل آهن. ان تي مڪي جي ڪافرن گهر ڪئي تہ "حديبيہ" واري معاهدي مطابق انهن عورتن کي موٽايو وڃي، پر پاڻ ڪريم ﷺ جن خاموش رهيا، تان جو رب تعاليٰ طرفان انهن عورتن کي پوئتي موٽائڻ کان روڪيو ويو. (١) ۽ ان ڏس ۾ هينئين آيت نازل ٿي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا جَآءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ. (٢)

"اي ايمان وارؤ، جڏهن مومن عورتون اوهان وٽ اچن هجرت ڪري تہ ڪين پرکيو (ايمان ۾)."

انهن آيتن ۾ مؤمنن لاءِ امتحان هو، جنهن ڪانپوءِ جن صحابي سڳورن جون گهرواريون اڃان پنهنجي ڪفر تي قائم هيون، انهن کي طلاق ڏني ويئي. سيدنا عمر بن خطاب رضہ جون بہ گهرواريون ان ڏينهن تائين ڪافر هيون، انڪري حضرت عمر رضہ ٻنهي کي طلاق ڏيئي ڇڏي. (٣)

## سورة الفتح جي نزول جا واقعا

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن جڏهن حديبيہ کان ڏاچيءَ تي سوار ٿي، مديني موٽي رهيا هئا، تڏهن ان موقعي تي "سورة الفتح" نازل ٿي، ۽ ان سورة جي نازل ٿيڻ تي نبي اڪرم ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورن ڏاڍي خوشي محسوس ڪئي. (١)

* هن ئي سال جڏهن اِمَامُ الْاَنْبِيَاء ﷺ جن "حُدَيْبِيَّہ" کان مديني موٽي رهيا هئا، اهو رات جو وقت هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار هئا، تڏهن "سورة الفتح" جو نزول شروع ٿيو. وحيءَ جو اهو سلسلو جاري ئي هو تہ حضرت عمر بن خطاب رضہ، سرور ڪائنات ﷺ جن کان ڪجهہ پڇڻ پئي چاهيو پر ٽي دفعا پڇا ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ڪيس سوال جو ڪو جواب نہ مليو تہ ان ڳالهہ

---

(١) صحيح بخاري ڪتاب المغازي ج ٢ ص ٤٦، المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٦٣١، سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٣٤١، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ١٧١.

(٢) سورة الممتحنہ" پاره ٢٨ آيت ١٠.

(٣) حضرت عمر رضہ، جن گهروارين کي طلاق ڏني انهن مان پهرين جو نالو قريبہ بنت ابو اميہ هو، جنهن سان پوءِ معاويہ بن ابوسفيان شادي ڪئي ۽ ٻيءَ جو نالو ام ڪلثوم بنت جرول هو، جنهن سان پوءِ ابوجهم يا وري صفوان بن اميہ مان ڪنهن هڪ شادي ڪئي هئي.

سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٣٤١، زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٢٩٦، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ١٧٨.

(۴) المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٦١٨، الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ٢٩.



Marfat.com

حضرت عمر رضہ کي ڏاڍو ڏک رسايو. هاڻي هو ان خوف ۾ مبتلا ٿي ويو تہ پڪ ڪانئنس ڪو ڏوھ يا گناہ ٿيو آهي. تنهن ڪانپوءِ حضور انور ﷺ جن مٿان جڏهن وحيءَ جو نزول پورو ٿيو، تڏهن ڪيس فرمايائون: "اي عمر! مون تي وحيءَ جو نزول ٿي رهيو هو، انڪري مون توکي جواب نہ پئي ڏنو. مون تي سورة الفتح نازل ٿي آهي، جيڪا مونکي هن ڪائنات جي سڀني شين کان وڌيڪ پياري آهي. (١)

## گھوڙن جي گوءِ جو واقعو

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن طرفان گھوڙن جي گوءِ جو انتظام ڪيو ويو. ان ڏس ۾ گھوڙن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو. سنهي چيلهہ وارن گھوڙن لاءِ وڌيڪ فاصلو ۽ ٻين گھوڙن جي ڊوڙ لاءِ ورري گھٽ فاصلو مقرر ڪيو ويو. ان باري ۾ حضرت ابن عمر رضہ جي روايت صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهي تہ هن گوءِ ۾ سنهي چيلهہ وارن گھوڙن لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن حَيْفَا کان ثَنِيَّةُ الْوَدَاع تائين حد مقرر ڪئي. اهو پنڌ پنج ڇهہ ميل ٿيندو، جڏهن تہ ٻئي قسم جي گھوڙن لاءِ ورري ثَنِيَّةُ الْوَدَاع کان وٺي مسجد بني زُرَيْق تائين حد مقرر ڪئي وئي ۽ اهو مفاصلو هڪ ميل ڪن ٿيندو، جيئن "سفيان" جي روايت مان معلوم ٿئي ٿو. (٢) هن گوءِ ۾ جن ماڻهن پنهنجا گھوڙا ڊوڙايا هئا انهن ۾ حضرت ابن عمر رضہ پاڻ بہ شامل هو.

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو واقعو سن پنجين هجريءَ دوران پيش آيو، جيئن اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي.

## اٺن جي گوءِ

* هن ئي سال پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان اٺن جي گوءِ جو اهتمام بہ ڪيو ويو، جنهن ۾ هڪ اعرابيءَ جو توڏو پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاچيءَ "قَصْوَاء" کان گوءِ کڻي ويو. اها ڳالهہ مسلمانن کي نہ آئڙي، ڇو جو هن کان اڳ ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. ان موقعي تي رسول انور ﷺ جن فرمايو:

حَقٌّ عَلَي اللهِ تَعَالـيٰ اَنْ لَّا يَرْفَعَ شَيْـئًا مِّنَ الدُّنْيَا اِلَّا وَضَعَهٗ

"الله تعاليٰ جو اهو دستور آهي (٣) تہ جنهن بہ شيءِ کي دنيا ۾ مٿانهون ڪري تہ ان کي گھٽ بہ ڪري."

## گھوڙن جي گوءِ جو هڪ ٻيو واقعو

* هن سال ٻيهر بہ گھوڙن جي گوءِ ٿي، جنهن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو گھوڙو گوءِ کٽي ويو.

گوءِ جا مٿيان ٻئي واقعا اسلام ۾ پنهنجي قسم جا پهريان واقعا آهن، جيئن "اسد الغابہ" ۾

(١) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٤٥، صحيح مسلم "ڪتاب الجهاد" ج ٥ ص ١٧٦.
(٢) صحيح بخاري "ڪتاب الجهاد" ج ٢ ص ١٤٩/١٤٨.
(٣) ايضاً.



Marfat.com

جاٿايو ويو آهي. (١)

## حضرت اُمِّ رُوْمَان رضہ جي وفات

* هن ٿي سال حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي گهر واري اُمِ رُوْمَان رضہ بنت عَامِرِ بن عُوَيْمَر فراسيہ بہ گذاري ويئي، جيڪا ام المؤمنين سيده عَائِشَہ رضہ جي ماءُ هئي. ام رُوْمَان رضہ جنهن کي ام رَوْمَان بہ سڏيو ويندو آهي، ان جو اصلي نالو زَيْنَب يا "دَعْد" بہ ٻڌايو ويو آهي. هن بيبيءَ اوائلي دور ۾ ئي مڪي ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ مديني ڏانهن هجرت بہ ڪيائين. دفنائڻ وقت نبي ڪريم ﷺ جن موجود هئا، ميت کي قبر ۾ لاٿائون ۽ ام رُومَان رضہ جي شان ۾ فرمايائون: "جيڪو حسين حورن منجهان ڪا حور ڏسڻ چاهي اهو هن بيبيءَ کي ڏسي." (٢)

"تذڪرة القاريءَ" ۾ جاٿايو ويو آهي تہ اُمِ رُومان رضہ حضرت عمر رضہ جي خلافت ۾ وفات ڪئي پر پهريون قول وڌيڪ صحيح آهي.

## پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿان جادو ڪرڻ وارو واقعو

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن مٿان لَبِيْد بن اَعْصَم نالي هڪ يهوديءَ جادو ڪيو، جيڪو بنو زُرِيق وارن جو ساٿاري هو، خذله الله تعاليٰ. ان ڪم جي اجوري ۾ عاصم کي ٽي سؤ دينار انهن يهودين طرفان ڏنا ويا، جن جي چرچ تي هن اهو ڪڌو ڪم ڪيو هو ۽ ان ڪانپوءِ "ذي اروان" (٣) نالي کوه ۾ هن اهي ڌاڳا وغيره اڇلائي ڇڏيا، جن تي جادو ڪيو ويو هو. جادوءَ جو اهو قصو حديث توڙي سيرت جي وڏن ڪتابن ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. (٤) اهو واقعو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي "حُدَيْبِيَہ" کان موٽ تي ذوالحج جي مهيني ۾ پيش آيو. جيئن شرح عليٰ المواهب اللدنيہ ۾ "زرقاني" بيان ڪيو آهي. جڏهن تہ "شاميءَ" جو خيال آهي تہ اهو واقعو سن ستين هجريءَ جي محرم مهيني ۾ پيش آيو. انڪري ايندڙ باب ۾ بہ ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## مُعُوذَتَيْنِ جو نزول

* هن سال "قرآن شريف" جون اهي بہ سورتون نازل ٿيون، جن کي مُعُوذَتَيْنِ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهو نزول جو واقعو ان وقت پيش آيو، جڏهن کوهہ مان اهو ڌاڳو ڪڍيو ويو، جنهن جي ذريعي نبي ڪريم ﷺ جن تي جادو ڪيو ويو هو. اهو هن ريت هو جو ان ڌاڳي تي ٻارهن ڳنڍيون ڏنيون ويون هيون. پوءِ جڏهن مٿيون سورتون نازل ٿيون تڏهن هڪ آيت پڙهي هڪ ڳنڍ کولي ويئي.

---

(١) "اسد الغابہ" ابن الاثير ج ١ ص ٢٣.

(٢) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٢٦. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٥٨٣. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٥٥.

(٣) صحيح بخاري "ڪتاب الطب" ج ۴ ص ٢٠/٢١. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ۴٠/۴١ المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ۴٥٣.

(۴) ذي اروان نالي اهو کوهہ مديني ۾ بنو زريق وارن جي باغ ۾ هو. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ۴٥٣.



Marfat.com

اهڙي ريت پنهي سورتن جون سموريون آيتون پڙهيون ويون، جن جو انگ ٻه ٻارهن آهي، تڏهن اهي سموريون ڳنڍيون کلي ويون. (١) ڪن راوين جو خيال آهي تہ مٿيون سورتون سن ستين هجريءَ ڌاري نازل ٿيون، ان اختلاف جو سبب اهو آهي تہ خود جادوءَ واري واقعي جي سن ۾ اختلاف آهي، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

## ثُمامہ رضہ بن اُثال رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ (٢)

* هن سال محرم يا صفر جي مهيني ۾ "يمامہ" جي سردار ثُمامہ بن اُثال حَنفِي اسلام قبول ڪيو. اهو واقعو هن ريت پيش آيو جو محمد رضہ بن مسلمہ جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪو سَرِيّہ "قرطا" ڏانهن اماڻيو ويو، اهي "ثُمامہ" کي قيد ڪري پاڻ سان گڏ مديني وٺي آيا ۽ مسجد نبوي ﷺ جي هڪ ٿنڀ سان ڪيس ٻڌي ڇڏيائون، پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن جي حڪم سان ڪيس آزاد ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ هن غسل ڪيو ۽ سرور ڪائنات ﷺ جي هٿ تي اسلام قبول ڪيائين. اهو هڪ ڊگهو قصو آهي، جيڪو حضرت اَبُوهُرَيرَه رضہ ۽ ٻين جي روايتن سان صحيحين ۾ نقل ڪيو ويو آهي.

* هن ئي سال ثُمامہ بن اُثال رضہ مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن کان موڪلائي مکي پهتو ۽ اتي عمره ادا ڪيائين.

* هن سال جڏهن حضرت ثُمامہ رضہ مکي کان "يمامہ" پهتو، تڏهن خبر پيس تہ مکي جي قريشن مان ڪجهہ ماڻهو نبي انور ﷺ جن سان ڪيل معاهدي تان ڦري ويا آهن. جنهن ڪانپوءِ "يمامہ" کان جيڪا ڪڻڪ ۽ ٻيون کاڌي پيتي جون شيون مکي وارن ڏانهن موڪليون وينديون هيون، "ثُمامہ" طرفان اهو سلسلو بند ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ مکي ۾ کاڌ خوراڪ جي ايتري تہ اڻاٺ ٿي جو ماڻهو مئل جانور ۽ ٻيون حرام شيون کائڻ لڳا. ان ڪانپوءِ قريش جا اهي ماڻهو مديني اچي نبي ڪريم ﷺ جن وٽ دانهين ٿيا. سندن اها حالت ڏسي پاڻ سڳورن ﷺ "ثُمامہ" ڏانهن حڪم موڪليو تہ مکي وارن ڏانهن اناج ۽ ٻيو کاڌي پيتي جو سامان روانو ڪيو وڃي. "ثُمامہ" طرفان ان حڪم جي پوئواري ڪئي وئي، جنهن تي مکي وارا ڏاڍا سرها ٿيا.

## مکي ۾ ڏڪار

* هن سال جڏهن مکي ۾ ڏڪار پيو، جيئن مٿين واقعي ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيٺين آيت نازل ڪئي وئي.

وَلَقَدْ اَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ فَمَا اسْتَكَانُوْا لِرَبِّهِمْ. (٣)

---

(١) طبقات الڪبريٰ ـ "ابن سعد" ج ٢ ص ١٥٢. تفسير جامع البيان "طبري" ج ١ ص ٣٦٦.

(٢) ثمامہ بن اثال جا واقعات هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن. "صحيح بخاري" ـ "صحيح مسلم". دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ٧٨/٨١. الاصابہ ـ "ابن حجر" ج ١ ص ٢٠٣. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٢۴٦/٢۴٧. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ١١٨/١١٩. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٢/٣. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ١۴٢/١۴٦.

(٣) سورة المومنون آيت ٧٦ پاره ١٨.



Marfat.com

"اسان جڏهن ڪين تڪليف ۾ وڌو تڏهن به رب آڏو نه جهڪيا."

## بگهڙ جي ڳالهائڻ وارو واقعو

* هڪ روايت مطابق هن سال هڪ بگهڙ "اُهبَان بِن اَوس" جي آڏو ڳالهايو ۽ رسول انور ﷺ جن جي رسالت جي شاهدي ڏني، جنهن جي سبب اُهبان اسلام قبول ڪيو. (۱) هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هي واقعو هجرت جي پهرين سال پيش آيو، جنهن جو تفصيل هن باب جي پهرين فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

## جُبَيْر بن مُطْعِم رض جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال جُبَيْر بِن مُطْعِم رض قُرَشِي نَوْفَلِي اسلام قبول ڪيو. هڪ ٻي روايت مطابق هن "حُدَيْبِيَّہ" ۽ فتح مڪه جي وچ واري عرصي ۾ اسلام قبول ڪيو هو. اها روايت مٿي بيان ڪيل روايت جي مطابق آهي، جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته حضرت جُبَيْر بن مُطْعِم رض "فتح مڪي" جي موقعي تي مسلمان ٿيو هو. (۲)

## ڪَعْب بن عُجْرَه جو واقعو

* هن سال "جڏهن امام الانبياء ﷺ جن "حُدَيْبِيَّہ" ۾ ترسيل هئا، تڏهن هڪ ڏينهن سندن نظر ڪَعْب رض بن عُجْره نالي صحابيءَ تي پيئي، جيڪو ڪُنيءَ هيٺان باهه دکائي رهيو هو ۽ سندس منهن تي جوئان گهمي رهيون هيون، جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن کانئس پڇيو، "اهي جوئان ته توکي تنگ ڪنديون هونديون؟" ڪعب رض هاڪار ۾ جواب ڏنو. ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:

فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيضًا اَوْبِهٖ اَذًي مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْصَدَقَةٍ اَوْنُسُكٍ. (۳)

"جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيمار هجي يا ڪيس مٿي ۾ ڪا تڪليف هجي ته اهو فديه ۾ روزا رکي، خيرات ڪري، يا قرباني ڪري."

ان کانپوءِ رسول خدا ﷺ جن کيس موڪل ڏني ته هو پنهنجو مٿو ڪُوڙائي ۽ ٻڌايل ٽن ڪمن منجهان ڪنهن به هڪ تي عمل ڪري. جن جي تفسير هن ريت ٻڌائي ويئي ته جيڪڏهن روزا رکڻ گهري ته ٽي ڏينهن روزا رکي، صدقو ڪري ته ڇهن مسڪينن کي کارائي ۽ قرباني چاهي ته هڪ

---

(۱) دلائل النبوة "بيهقي" ج ٦ ص ٤١، دلائل النبوة "ابونعيم" ج ٢ ص ٣٧٣/٣٧٤. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٩ ص ٥١٧، شرح عليٰ المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ٥ ص ١٤٣.

(۲) الاصابه "ابن حجر" ج ١ ص ٢٢٧/٢٢٨، اسد الغابه "ابن الاثير" ج ١ ص ٢٧١.

(۳) سورة بقره آيت ١٩٦ پاره ٢.



Marfat.com

ٻڪريءَ جي قرباني ڏي. [1]

## نبي ڪريم ﷺ جن جي والدين جو ايمان

* هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ خاتم الانبياء ﷺ جن "غزوه بني لحيان" کان موٽ تي "ابَوَاء" ۾ پنهنجي امڙ سائڻ سيده آمنه جي تربت جي زيارت ڪئي ۽ سندن لاءِ بخشش جي دعا گهري، پر ڪين (الله تعاليٰ طرفان) ائين ڪرڻ کان روڪيو ويو. جنهن جو پاڻ ڪريم ﷺ جن کي سخت ڏک پهتو. [2] ان کانپوءِ رب تعاليٰ سيده آمنه کي زنده ڪيو ۽ هن ايمان آندو ۽ پوءِ وري وفات فرمايائين. اهڙو واقعو سندن بابي سائينءَ حضرت عبدالله رضه بابت به راوين طرفان نقل ڪيو ويو آهي.

نبي انور ﷺ جن جي والدين سڳورن بابت مٿين روايت تي محدثن پنهنجا مختلف رايا ظاهر ڪيا آهن، پر پوءِ به ڪن جو خيال آهي ته مٿين روايت جي سَنَد حسن آهي. باقي وڌيڪ حقيقت الله تعاليٰ پاڻ ئي ڄاڻي.

## نماز خَوْفِ بابت حڪم

* هن سال عمري جي نيت سان حُديبيه ڏانهن ويندي رستي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن "عسفان" وٽ پهتا، تڏهن ڪين مشرڪ مُنهن پئجي ويا. ان وقت ٻيپهريءَ ۽ ٽيپهريءَ جي وچ تي "نماز خوف" وارو حڪم نازل ٿيو. جنهن کانپوءِ ٽيپهريءَ وقت پهريون ڀيرو نماز خوف ادا ڪئي وئي. زَرقانيءَ وري شرح عليٰ المواهب اللدنيه ۾ "غزوه ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي اهڙو ذڪر ڪيو آهي ۽ اڳتي هلي ائين به چيو اٿس ته، "امام احمد ابن حنبل" ۽ "سنن" جي چئن مشهور ڪتابن جي مرتب ڪرڻ وارن طرفان به اها روايت نقل ڪئي وئي آهي." هاڻي ائين سمجهيو ويندو ته جيڪا "نماز خوف" "غزوه ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي ادا ڪئي وئي، اها پهريون ڀيرو نه پر ڪنهن ٻئي موقعي تي پڙهي وئي هوندي، جيئن هن کان اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي.

## حُديبيه جي سفر جا ڪجهه ٻيا واقعا [3]

* هن سال حُدَيْبِيَّه ڏانهن ويندي رستي ۾ حضرت ابوقتاده رضه هڪ

---

(1) اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۴ ص ۲۴۳/۲۴۴، "الاصابه" ابن حجر ج ۳ ص ۲۹۷/۲۹۸. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۳٦.

(2) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۴.

(3) سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۳۸.

هتي "غزوه حديبيه" جا ڪجهه ٻيا واقعات بيان ڪيا ويا آهن، جن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ۳ ص ۴۱. "صحيح مسلم" ڪتاب الجهاد والسير ج ۵ ص ۱۷۳. المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۵۷۱.الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج۲ ص ۷۲. سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۳۲۱. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۹۰. البدايه والنهايه "ابن ڪثير ج ۴ ص ۱٦٦، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱٦۰.



Marfat.com

"گورخر" [1] (جهنگلي گڏھ) جو شڪار ڪيو، ڇو جو ان وقت اَبُوقَتَاده رضہ ڪي احرام ٻڌل نہ هو. ان ڪانپوءِ نبي سائين ﷺ انهن صحابين کي بہ ان گوشت کائڻ جي اجازت ڏني، جيڪي احرام جي حالت ۾ هئا.

هڪ روايت ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ اهو واقعو "عمرة القضا" لاءِ ويندي رستي ۾ پيش آيو هو، پر پهرين روايت صحيح ۽ اعتماد جوڳي آهي، جنهن جو ذڪر صحيح بخاريءَ ۾ بہ موجود آهي.

* هن ئي سال جو واقعو آهي، پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ ان گورخر جي گوشت مان ڪجهہ کاڌو، جنهن جو اَبُوقَتَادَهْ رضہ شڪار ڪيو هو.

* هن ئي سال "حديبيہ" ڏانهن ويندي پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن رستي ۾ "اَبْوَاء" يا "وَدَّان" وٽ پهتا، تڏهن صَعْب رضہ بن جَثَّامَہ لَيْثِي هڪ جيئرو "گورخر" سوکڙيءَ طور کڻي آيو، جنهن کي رحمة للعالمين ﷺ جن قبول نہ ڪندي ڪيس واپس ڪيو، پر پوءِ ان ڳالهہ سببان جڏهن "ابن جَثَّامَہ" جو منهن ملول ڏٺائون، تڏهن پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو، "اسان اوهان جي سوکڙي انڪري واپس ڪئي جو اسان احرام جي حالت ۾ آهيون ۽ جيئري گورخر کي ذبح ڪري نٿا سگهون، جڏهن تہ هن کان اڳ اَبُوقَتَادَه رضہ جو شڪار ٿيل گورخر ان ڪري قبول ڪيو هو جو ان کي سير پيل هئي."

حضرت صَعْب رضہ مشهور صحابي مُحَلِّم رضہ بن جُثَّامَہ جو ڀاءُ ۽ اَبُوسُفْيَان بن حَرْب جو ڀاڻيجو هو.

"شاميءَ" پنهنجي سيرة جي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي تہ هي واقعو "حديبيہ" ڏانهن ويندي پيش آيو، پر ڪن ٻين جو خيال آهي تہ اهو واقعو "حجة الوداع" لاءِ ويندي رستي ۾ پيش آيو. جنهن بابت وري "ارشاد الساريءَ" ۾ قسطلاني مشهور محقق "ابن همام" جو هڪ حوالو سندس ڪتاب "فتح القدير" مان نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ ان واقعي جو حجة الوداع جي سفر ۾ ثبوت نٿو ملي ۽ سواءِ "طبري" ۽ هڪ اڌ ٻئي جي ڪنهن بہ ان جو ذڪر نہ ڪيو آهي، انڪري اسان ان کي صحيح نٿا سمجهون.

## بَيْعَتِ رِضْوَان جو واقعو

* هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ "غزوه حديبيہ" وارن ڏينهن جو هڪ اهم واقعو "بيعت رضوان" آهي، جنهن بابت خدا تعاليٰ فرمايو آهي:

لَقَدْ رَضِيَ اللهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ. [2]

"الله مؤمنن کان راضي ٿي ويو جڏهن هو وڻ هيٺان توسان بيعت ڪري رهيا هئا."

---

(١) عربي زبان ۾ حمار گڏهہ کي سڏيو ويندو آهي. پالتو گڏهہ کي "حمار اهلي" ۽ جهنگلي گڏهہ کي "حمار وحشي" سڏيو ويندو آهي. اسلام کان اڳ يهودي گڏهہ جو گوشت کائيندا هئا. انڪري مسلمانن بہ سمجهيو تہ جيڪڏهن اهل ڪتاب وٽ اهو گوشت حلال آهي تہ پوءِ اسان بہ کائي سگهون ٿا. پر اڳتي هلي پاڻ ڪريم ﷺ جن ان کي حرام قرار ڏنو. (مترجم)

(٢) سورة الفتح آيت: ١٨.



Marfat.com

هن موقعي تي صحابي سڳورن هڪ ٻېر جي وڻ هيٺان ويهي نبي اڪرم ﷺ جن جي هٿ تي هٿ رکي اهو قول ڪيو تہ، "جي موت بہ آيو تہ پٺتي نہ هٽنداسون." ان لاءِ سڀ کان پهريان جيڪو صحابي اڳتي آيو، ان جو نالو "ابوسنان رضہ وهب بن محصن اسدي" آهي ۽ اهو حضرت عُڪّاشَہ رضہ بن مُحْصَن جو وڏو ڀاءُ ۽ ڪانئس عمر ۾ ويهہ ورهيہ وڏو هو. حضرت وَهْب رضہ ۽ سندس پٽ "سنان رضہ" ٻنهي ڄڻن "غزوه بدر" ۽ ان کانپوءِ ٻين غزوات ۾ بہ ڀهرو ورتو. وهب رضہ پاڻ "غزوه بني قريظہ" جي موقعي تي وفات ڪئي، جڏهن تہ سندس پٽ سَنان سن ٽيٽيهہ هجريءَ ڌاري حضرت عثمان بن عفان رضہ جي خلافت واري دور ۾ گذاري ويو. (١)

* هن سال رسول خدا ﷺ جن هٿان هڪ معجزي وسيلي حديبيہ واري کوهہ جو پاڻي وَڌي ويو. اهو واقعو هن ريت پيش آيو، جو صحابين جڏهن ان کوهہ مان ڪجهہ پاڻي ڪڍيو تہ ان کوهہ جو پاڻي سُڪي ويو، ايتري قدر جو صحابي سڳورن کي پيئڻ لاءِ بہ پاڻي نہ پئي مليو. هن پاڻيءَ جي اڻاٺ جي شڪايت پاڻ ڪريم ﷺ جن آڏو پيش ڪئي، جنهن کانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي ترڪش مان هڪ تير ۽ پنهنجي وضوءَ جو بچيل پاڻي کين عطا ڪيو. پوءِ ان تير کي کوهہ ۾ کوڙي مٿان اهو وضوءِ وارو پاڻي هاريو ويو. بس پوءِ تہ پاڻيءَ اچي ڦاٽ ڪاڏو ۽ ڪُني وانگر اٻرڻ شروع ڪيائين ۽ ايترو تہ پاڻي ڪنو ٿي ويو جو سيني جون ضرورتون پوريون ٿي ويون.

* هن سال "غَزْوَه حُدَيْبِيَہ" جي موقعي تي ٻيهر بہ ساڳئي قسم جو واقعو پيش آيو ۽ وري کوهہ جو پاڻي گهٽجي ويو. صحابي سڳورا اها دانهن ڪئي رحمةللعالمين ﷺ جن وٽ پيش ٿيا. ان وقت سندن آڏو هڪ ڪَلي ۾ ڪجهہ پاڻي بچيل هو ۽ ان پاڻيءَ کانسواءِ ٻيو ڪٿي بہ ڪو پاڻي جو ڦڙو موجود نہ هو. پوءِ ان بچيل پاڻي کي هڪ پيالي ۾ لاٿو ويو ۽ نبي انور ﷺ جن پنهنجون آڱريون ان پيالي ۾ وڌيون، جنهن بعد انهن مبارڪ آڱرين منجهان چشمي وانگر پاڻي اٻري نڪرڻ لڳو. بس پوءِ تہ سڀني لشڪر ان پاڻيءَ منجهان پنهنجي اڃ بہ اجهائي تہ وضو بہ ساريو. مٿين حديث جو راوي حضرت جَابِر بن عَبْدُالله رضہ آهي. ڪانئس جڏهن پڇيو ويو تہ: "مٿين موقعي تي اوهان جو انگ ڪيترو هو؟" تڏهن هن وراڻيو، "اسان تہ پاڻ ۾ پندرهن سؤ هئاسون پر جيڪڏهن هڪ لک بہ هجون ها تہ اهو پاڻي اسان لاءِ پورو پئجي وڃي ها." اها روايت بخاري وغيره طرفان نقل ڪئي وئي آهي.

اهو پاڻي جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مبارڪ آڱرين منجهان ڦٽي نڪتو. ان جو مرتبو سيني پاڻين کان مٿانهون آهي.

* هن سال "صلح حُدَيْبِيَہ" وارو واقعو پيش آيو. هن موقعي تي ڌرين جي وچ ۾ ايندڙ ڏهن ورهين تائين جنگ نہ ڪرڻ جو معاهدو ڪيو ويو ۽ اهي شرط لکت ۾ ڏنا ويا. اهو "صلح نامو" سيدنا علي بن ابوطالب رضہ جي هٿ اکرن ۾ تيار ڪيو ويو.

* هن سال خاتم الانبياء ﷺ جن جڏهن "حديبيہ" کان مديني موٽي رهيا هئا تہ رستي ۾ "سورة الفتح" نازل ٿي، جنهن ۾ مومنن لاءِ وڏيون بشارتون ڏنيون ويون. جهڙوڪ مڪي مبارڪ جي

(١) زاد المعاد "ابن قيم" ج ٢ ص ٢٨٧/٢٨٨، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٥٠/٤٩. الخصائص الڪبري "سيوطي" ج ١ ص ٢٩٨، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٨٤.



Marfat.com

روانگيءَ کان اڳ عبدالرحمٰن بن عوف رضہ ساڻس نڪاح ڪيو. شاديءَ ڪانپوءِ هن گهرواريءَ مان حضرت عبدالرحمٰن رضہ کي "اَبُوسَلْمَہَ" نالي هڪڙو نينگر ٻہ ڄائو. جنهن جو شمار جليل القدر تابعين ۽ اڪابر محدثين ۾ ٿيندو آهي. اَبُوسَلْمَہَ ڪانسواءِ هن بيبيءَ کي ٻي ڪا اولاد ڪانہ ٿي. حضرت "تماضر" جي مسلمان ٿيڻ وقت سندس پيءُ اِمْرَاءُ الْقَيْس بن اَصْبَغ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو حضرت اَبُوسَلْمَہَ رضہ جو مامو هو ۽ سندس شمار بہ صحابين ۾ ٿئي ٿو. [۱]

(۱) المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۵٦۱/۵٦۲. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۸۰. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱۵۵، البدايہ والنهايہ ابن ڪثير ج ۴ ص ۱۸۱ الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ۲ ص ٦۸، السيرة الحلبيہ ج ۳ ص ۱۸۱/۱۸۲.



Marfat.com

# فصل ستون

هن فصل ۾ سن ستين هجريءَ دوران پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## هن سال جا غزوات

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن "غَزْوَه خَيْبَر" لاءِ اسهيا. (١)
* هن ئي سال "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" جو واقعو به پيش آيو. (٢)

## غزوه خَيْبَر جا واقعات

* هن سال "غَزْوَه خَيْبَر" جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن کي هڪ دعوت ۾ زهريلو گوشت کارايو ويو. اها دعوت زَيْنَب بِنت حَارِث نالي هڪ يهودي عورت طرفان جهلي ويئي، جيڪا خيبر جي هڪ امير سلام بن مشڪم جي زال هئي. (٣) ۽ هن ٻاڪري گوشت ۾ اهو زهر ملايو هو، ۾ رسول رحمت ﷺ جن هن عورت کي معاف ڪري ڇڏيو.

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن عورت اسلام قبول ڪيو. جنهن ڪانپوءِ ڪيس معافي ملي "اَلْاِصَابَه"۾ "حافظ ابن حَجَر" زَيْنَب بنت حَارِث جي صحابيه هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي. (٤)

---

(١) واقديءَ جي راءِ مطابق سن ڇهين هجريءَ جي ذوالحج مهيني ڌاري نبي ڪريم ﷺ جن "حديبيه" کان مديني موٽيا ۽ پوءِ ذوالحج جا ڪجهه ڏينهن ۽ نئين سال جو محرم وارو مهينو مديني ۾ ترسيا. جتان پوءِ سن ستين هجري جي صفر واري مهيني ۾ "خيبر" لاءِ اسهيا. جڏهن ته هڪ ٻئي قول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن سال ربيع الاول جو چنڊ ڏسي پاڻ سڳورن ﷺ "خيبر" ڏانهن رخ رکيو. اهو قول "ابن سعد" به نقل ڪيو آهي. "المغازي" واقدي ج ٢ ص ٦٣٤.

"طبقات الڪبريٰ" ابن سعد ج ٢ ص ٨١.

(٢) غزوه "ذات الرقاع" جي سن ۾ راوين جو گهڻو اختلاف آهي. "ابن اسحاق" جي روايت آهي ته هي "غزوه" سن چوٿين هجري دوران غزوه "بني نضير" ڪانپوءِ ربيع الآخر يا جمادي الاول يا آخرۃ جي مهيني ۾ واقع ٿيو.

ابن سعد ۽ ابن حبان جي روايت مطابق هي "غزوه" سن پنجين هجري جي محرم مهيني ۾ واقع ٿيو.

"ابومعشر" وري ان روايت تي زور ڏنو آهي ته هي غزوه سن پنجين هجريءَ جي ذوالقعد مهيني ڌاري "غزوه بني قريظه" ڪانپوءِ واقع ٿيو. جڏهن ته "علامه ابن حجر" فتح الباريءَ ۾ ڄاڻايو آهي ته هي غزوه، "غزوه خيبر" ڪانپوءِ واقع ٿيو هو.

ڪجهه سيرت نگارن جو خيال آهي ته "اها ڳالهه به ممڪن آهي ته ان نالي ٻنهي به غزوه مختلف موقعن تي واقع ٿيا هجن، جن منجهان هڪ غزوه خيبر کان اڳ ۽ ٻيو پيرو وري "غزوه خيبر" ڪانپوءِ ٿيو هجي." والله اعلم.

المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٣٢٢. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ١ ص ٣٦٣. "الدرر" ابن عبدالبر ص ١٦٦.

(٣) زينب بنت حارث نالي هيءَ عورت "خيبر" جي سردار "مرحب" جي ڀائٽي به هئي. جيڪو اتان جي سيني کان مضبوط قلعي قموص جو مالڪ ۽ وڏو بهادر ليکيو ويندو هو.

سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٥ ص ١٣٤. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٥٢.

(٤) الاصابه "ابن حجر" ج ٤ ص ٣١٤.



Marfat.com

هن عورت بابت هڪ بي روايت ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ پهريان پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس معافي ڏني، ڇو جو پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن کان بہ پنهنجي ذات جو پلاند نہ ڪندا هئا، پر جڏهن اهو گوشت کائڻ سبب حضرت بشر رضہ بن براء فوت ٿي ويو تہ پوءِ ان جي قصاص ۾ هن عورت کي قتل ڪيو ويو. (۱) ان بابت وڌيڪ تفصيل هيٺ ڄاڻائجي ٿو.

## بِشْر رضہ بن بَرَاءُ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَہ خَيْبَر" وارن ڏينهن ۾ حضرت بِشْر بن بَرَاءُ بن مَعْرُوْر اَنْصَارِي خَزْرَجِيؓ اهو زهريلو گوشت کائڻ سببان شهيد ٿي ويو. جيڪو زَيْنَب نالي يهودياڻيءَ طرفان موڪليو ويو. جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. ان گوشت کائڻ لاءِ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ ۽ بِشْر رضہ بن بَرَاءُ ويٺا، تڏهن رسول خدا ﷺ جن کي وحيءَ ذريعي يا فراست نبوي سبب سموري ڪيفيت معلوم ٿي ويئي، جنهن ڪري پاڻ فرمايائون: "هيءَ ٻڪري جو گوشت ڪو بہ نہ کائي، ڇو تہ ان ۾ زهر پيل آهي." انڪري بي ڪنهن بہ ان کي هٿ نہ لاتو. اهڙيءَ ريت الله تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي ان وقت بہ هر مصيبت کان محفوظ رکيو. باقي بِشْر بن بَرَاءؓ جيڪو ان اعلان کان اڳ ڪو گرهہ کائي چڪو هو، اهو بچي نہ سگهيو. پوءِ ان جي قصاص ۾ نبي انور ﷺ جن زينب کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. (۲)

حضرت بِشْر رضہ ان صحابي سڳوري حضرت بَرَاءُ رضہ بن مَعْرُوْر جو پٽ آهي، جيڪو انصار مٿان مقرر ڪيل ٻارهن نقيبن مان هڪ هو ۽ سندس وفات هجرت جي پهرين سال ني ٿي هئي، جيئن مٿي پهرين هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

## عَامِر رضہ جي لولي

* هن سال "غَزْوَہ خَيْبَر" لاءِ جڏهن اسلامي لشڪر روانو ٿيو تڏهن رستي ۾ عَامر بن اَڪْوَع رضہ جيڪو حضرت سلمہ بن عمرو بن اڪوع رضہ جو چاچو هو، قافلي جي پويان حضرت عبدالله بن رواحہ رضہ جي چيل هڪ لولي جهونگاريندو پئي هليو. (۳)

اَللّٰهُمَّ لَوْلَا اَنْتَ مَا اهْتَدَيْنَا

اي منهنجا مالڪ، جي تنهنجي ذات نہ هجي ها تہ اسان نہ هدايت حاصل ڪريون ها.

وَلَا تَصَدَّقْنَا وَلَا صَلَّيْنَا

نہ خيرات ڏيون ها ۽ نہ نماز پڙهون ها.

(۱) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۲۱۰. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۶۶.

(۲) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۲۹۲، المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۶۷۸ _ ۶۷۷. شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني" ج ۲ ص ۲۴۰ _ ۲۴۲، "سيرة" ابن ڪثير ج ۳ ص ۳۹۴.

(۳) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي ج ۲ ص ۴۸. "صحيح مسلم" ڪتاب الجهاد و السير" ج ۵ ص ۱۸۶ _ ۱۸۷.



Marfat.com

معاويہ جي ماٽيلي ڀيڻ ۽ يزيد بن ابوسفيان جي سڳي ڀيڻ هئي، جيڪا بعثت کان سترهن ورهيہ اڳ مڪي ۾ ڄائي. "رملہ" جي پهرين شادي سندس پيءُ ابوسفيان پنهنجي ساٿاري قريش قبيلي "بنو خزيمہ" جي هڪ نوجوان عبيدالله بن جحش سان ڪرائي هئي ۽ هي ٻئي زال مڙس ابتدائي دور ۾ ئي دين جي دعوت قبول ڪري چڪا هئا.

هن بيبي سڳوريءَ جو پيءُ ابوسفيان ان زماني ۾ دين جو بدترين دشمن هو. انڪري دين جي دائري ۾ داخل ٿيڻ وارو ڪوبہ دوست يا دشمن سندس زيادتين کان محفوظ نہ هو. جن ۾ سندس نياڻي رملہ ۽ نياڻو عبيدالله بہ شامل هئا. آخرڪار ڪافرن جا ڪلور سهي سهي جڏهن مسلمان گهڻو تنگ ٿيا. تڏهن ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن مسلمانن کي حبش ڏانهن هجرت جي اجازت عطا فرمائي. جنهن ڪانپوءِ حبش ڏانهن ٻي هجرت ڪرڻ وارن جي قافلي ۾ هي نوجوان جوڙو بہ شامل هو.

حبش ۾ قيام جي دوران "رملہ" کي هڪ نياڻي ڄائي، جنهن جو نالو "حبيبہ" رکيو ويو ۽ ان ڪانپوءِ هيءُ بيبي سڳوري "ام حبيبہ" جي ڪنيت سان سڏجڻ لڳي.

حبش ۾ ڪجهہ وقت تہ ام حبيبہ سڪون سان گذاريو پر خدا جي قدرت اهڙي ٿي جو سندس دينڊار مڙس عبيدالله بن جحش جيڪو اسلام قبول ڪري چڪو هو ۽ دين خاطر پنهنجو گهر گهاٽ، مٽ مائٽ ڇڏي حبش پهتو اتي سندس دوستي ڪجهہ بگڙيل عيسائي نوجوانن سان ٿي ويئي، جن هن کي بڇڙين عادتن تي هيرايو. خاص طور هو شراب نوشيءَ جو عادي ٿي پيو ۽ پوءِ خدا جي سچي دين تان ڦري ويو ۽ عيسائيت اختيار ڪيائين.

حضرت ام حبيبہ رضہ جيڪا پاڻ اسلام جي جذبي سان سرشار هئي، تنهن مڙس کي گهڻو ئي سمجهايو پر هن سندس هڪ بہ نہ ٻڌي. جنهن ڪري هن نيڪوڪار ۽ پرهيزگار عورت اهڙي مرتد مڙس کان طلاق وٺي پاڻ کي آجو ڪيو. اها روايت ابن سعد جي آهي.

هجرت ڪانپوءِ مسلمان مديني ۾ هئا تہ اتي کين حضرت ام حبيبہ جي حالتن جو پتو پيو تہ ڪيئن هڪ ايمان واري عورت حبش ۾ اڪيلي سر زندگي گذاري رهي آهي. سرور ڪائنات ﷺ هر مسلمان جو بيحد خيال رکندا هئا ۽ خاص طور ابتدائي دور وارن مسلمانن جيڪي دين لاءِ قربانيون ڏنيون انهن جو وٽن وڏو قدر هو. انڪري جڏهن حضرت ام حبيبہ جي احوال کان آگاهہ ٿيا تہ کين بيحد افسوس ٿيو ۽ حضرت عمرو بن اميہ کي حبش جي حاڪم ڏانهن روانو ڪيائون تہ هو پاڻ ڪريمن ﷺ سان ام حبيبہ جي نڪاح جو بندوبست ڪري.

نجاشيءَ "ابرهة" نالي پنهنجي هڪ ٻانهي هٿ اهڙو پيغام ام حبيبہ ڏانهن اماڻيو. ابن سعد جي روايت مطابق ام حبيبہ کي خواب ۾ اهڙو اشارو ملي چڪو هو. جنهن ڪري هن هڪدم اهو اعزاز قبول ڪيو ۽ خوشيءَ وچان پنهنجا چانديءَ جا زيور لاهي انعام طور ان ٻانهيءَ کي ڏنائين ۽ پوءِ پنهنجي طرفان هڪ ويجهي عزيز خالد بن سعيد کي پنهنجو وڪيل بڻائي نجاشيءَ ڏانهن موڪليائين. جيڪو سندس پيءُ ابوسفيان جو سوٽ ۽ ام حبيبہ جو ماروٽ بہ هو.

خالد بن سعيد سان ملڻ ڪانپوءِ نجاشيءَ طرفان حضرت جعفر بن ابوطالب ۽ ٻين مسلمانن کي بہ دربار ۾ گهرايو ويو ۽ پوءِ ابن عبدالبر جي روايت مطابق نڪاح جو خطبو نجاشيءَ پاڻ پڙهيو ۽ نبي ڪريم ﷺ طرفان حق مهر بہ پاڻ ادا ڪيائين. حق مهر چاليهہ اوقيہ جي قيمت برابر هو. اها روايت امام زهريءَ جي آهي، جڏهن تہ مستدرڪ حاڪم جي روايت آهي تہ حق مهر چار سؤ دينار ادا ڪيو ويو.

نڪاح ڪانپوءِ جڏهن مهمان وڃڻ لڳا تہ نجاشيءَ چيو: اها نبين جي سنت رهي آهي تہ انهن جي نڪاح ڪانپوءِ مانيءَ جو بندوبست بہ ڪيو ويندو آهي. انڪري اوهان بہ ماني کائي پوءِ روانا ٿيو. جنهن ڪانپوءِ سڀني مهمانن کي ماني کارائي ويئي. نڪاح وقت هن بيبي سڳوريءَ جي عمر اٽڪل ڇٽيهہ ورهيہ هئي. ابوعبيده جي روايت مطابق اهو نڪاح



Marfat.com

هيءَ بيبي صاحبہ "غزوه خيبر" جي موقعي تي هٿ آيل قيدين ۾ شامل هئي ۽ ورهاست وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي ڀُڪي ۾ پنهنجي وڃي. پوءِ جيئن ئي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي، تيئن سرور ڪائنات ﷺ جن ڪيس آزاد ڪري ساڻس نڪاح ڪيو ۽ ان آزاديءَ کي ئي سندس مهر مقرر ڪيو ويو. نڪاح جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن ماهواري سبب بيبي صاحبہ جي ويجهو نہ ويا، تانجو خيبر کان موٽ تي مديني کان ١٢ ميل اوري جڏهن "سَدَّ الصَّهبَاء" نالي ماڳ تي ٽي ڏينهن منزل ڪيائون تہ ان جاءِ تي بيبي سائڻ جي ماهواريءَ جو مدو بہ پورو ٿيو. پوءِ اتي رسول خدا ﷺ جن پنهنجي گهرواري سان حق ادائگي بہ ڪئي ۽ اهي ٽيئي ڏينهن اتان جي ماڻهن کي وليمي جي دعوت بہ ڪارايائون. پوءِ اتان مديني ڏانهن رخ رکيائون. (١)

## ست سؤ قيدين جي آزادي

* هن سال امام الانبياء ﷺ جن جڏهن حضرت صَفِيَّہ رضہ سان شادي ڪئي، تڏهن هن بيبي سائڻ جا سمورا مِٽ مائٽ جيڪي قيد ٿي مسلمانن جي قبضي ۾ آيا هئا، تن سمورن کي بنا ڪنهن معاوضي جي آزاد ڪيو ويو. اهي ڪل هڪ سؤ گهرن جا ڀاتي هئا، جن جو تعداد ست سؤ کان بہ مٿي ٻڌايو ويو آهي.

---

وراثيو: "حضرت حفصہ ۽ عائشہ مونکي چون پيون اسان توکان ڀليون آهيون جو اسانجو تعلق نبي ﷺ جن جي خاندان قريش سان آهي، جڏهن تہ تون يهودياڻي آهين.

پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: توهان کانئن پڇيو تہ اوهان مون کان ڪيئن بهتر آهيو؟ جو تہ منهنجو پيءُ هارون عليه السلام، چاچو موسيٰ عليه السلام ۽ گهروارو نبي آخر الزمان ﷺ آهي. اهڙي روايت ترمذي ۽ مستدرڪ حاڪم ۾ موجود آهي.

ابن عبدالبر جي قول مطابق سيده صفيہ نهايت حليمہ، عاقلہ ۽ فاضلہ عورت هئي. جيتوڻيڪ سندس تعلق هڪ سردار گهراڻي سان هو ۽ سندس پالنا ۽ پرورش نهايت ناز نعم سان ٿي هئي پر پوءِ بہ سندس طبيعت ۾ سهپ تمام گهڻي هئي. هن پاڻ کي اسلام جي سادگيءَ واري ماحول تي ائين هيرائي ڇڏيو هو جو ڪڏهن بہ پنهنجي ماضيءَ جو ذڪر نہ ڪيائين. ان کان علاوه گهر جو ڪم ڪار بہ خوشيءَ سان ڪندي هئي. لذيذ کاڌا پچائڻ ۾ هن بيبي سڳوريءَ کي وڏي مهارت حاصل هئي، انڪري هڪ دفعي حضرت عائشہ رضہ فرمايو تہ صفيہ کان وڌيڪ لذيذ کاڌو پچائڻ واري مون ڪا عورت نہ ڏٺي آهي.

سيده صفيہ سن پنجاهہ هجريءَ ۾ رمضان شريف ۾ وفات فرمائي ۽ کيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

سيرة ابن اسحاق ص ٢٤٦. ازواج النبي ﷺ واولاده ابوعبيده ص ٧٤ ـ ٧٥. ازواج النبي ﷺ شامي ص ٢١٣ ـ ٢٢٧. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۴٢٦ ـ ۴٢٧. شذرات الذهب ابن العماد ج ١ ص ٩٩. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ٢ ص ٩٣ ـ ٩٢. اسد الغابہ ابن الاثير ج ٧ ص ١٨۴ ـ ١٨٦. وفاء الوفا "سمهودي" ج ١ ص ٢١٥. السيرة النبويه ابن ڪثير ج ٣ ص ٣٧١ ـ ٣٧٣. المحبر ابن حبيب تاريخ الخميس ديار بڪري ج ٢ ص ٥٦. عيون الاثر ابن سيد الناس ج٢ ص ۴٠١ ـ ۴٠٢.

(١) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٥٢. سيرت ابن اسحاق ص ٢۴٦ ـ ٢۴٧. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ١٩٧ ـ ١٩٨. الدرر "ابن عبدالبر" ص ١٩٦. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٥٢٥ ـ ٥٢٦. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٥٦ ـ ٥٧. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢١٢ ـ ٢١٦.



Marfat.com

Marfat.com

**امهات المؤمنين ۾ حضرت مَيْمُوْنَہ رضہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي آخري گھرواري آهي. باقي ان ڏس ۾ راوين جو اختلاف آهي تہ هن بيبي سڳوريءَ سان نڪاح ڪرڻ وقت پاڻ سڳورن ﷺ ڪي احرام ٻڌل هو يا احرام کولي چڪا هئا؟**

---

ٿيل هو. جيڪو سن ستين هجريءَ جي شروعات ۾ گذاري ويو ۽ هوءَ بيوه ٿي پيئي. جنهن کانپوءِ هن پاڻ کي نبي ڪريم ﷺ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. امام زهري ۽ قتاده کان روايت آهي تہ سوره احزاب جي هيءَ آيت سندس ئي شان ۾ نازل ٿي هئي؛
وَامْرَاَةً مُّؤْمِنَةً اِنْ وَّهَبَتْ نَفْسَهَا .......... دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ. (آيت ٥٠)

سن ستين هجريءَ جي آخر ۾ "غزوه خيبر" جي فتح کانپوءِ سرور عالم ﷺ جن عمري لاءِ اسهيا، ان موقعي تي حضرت جعفر بن ابوطالب بہ حبش کان مديني موٽيو هو ۽ عمره جي هن سفر ۾ هو بہ مؤمنن جي جماعت سان گڏ هو. ابوعبيده جي روايت مطابق هن موقعي تي حضرت جعفر رضہ ئي پنهنجي هن ساليءَ جو رشتو پاڻ ڪريمن ﷺ کي آڇيو هو. جڏهن تہ ٻيءَ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو معاملو حضرت عباس بنت عبدالمطلب جي صلاح سان طئي ٿيو، جيڪو پڻ حضرت ميمونہ جو پيٽيوو هو. اها روايت امام احمد ۽ نسائيءَ جي آهي. جنهن کانپوءِ اهو نڪاح ٿيو. ٻين امهات المؤمنين وانگر هن بيبي سڳوريءَ جو حق مهر بہ پنج سؤ درهم مقرر ڪيو ويو.

امام احمد ابن حنبل ۽ ٻين محدثن جي راءِ آهي تہ نڪاح وقت پاڻ سڳورا ﷺ جن احرام جي حالت ۾ هئا، ۽ عمره ادا ڪرڻ کانپوءِ موٽ تي "سرف" نالي ڳوٺ ۾ هن بيبي سڳوريءَ سان ملاقات ڪئي هئائون. ان روايت تي اڪثريت جو اتفاق آهي. ان کانپوءِ حضرت ميمونه پاڻ ڪريمن ﷺ جن سان گڏجي مديني آئي.

طبيعت جي لحاظ کان حضرت ميمونہ ڏاڍي مائيٽي، خدا ترس ۽ متقي عورت هئي. هر وقت الله جو خوف مٿس طاري هوندو هو. سندس آڏو ڪوبہ فرد ڪو غلط ڪم ڪندو هو تہ ان کي نهايت محبت ۽ شفقت سان سمجهائيندي هئي. غريبن جي تمام گهڻي مدد ڪندي هئي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي غلام آزاد ڪيا.

حضرت عمر رضہ جي دور ۾ ٻين امهات المؤمنين وانگر کيس بہ ڏهہ هزار درهم ساليانو وظيفو ملندو هو، جيڪو هوءَ خير خيرات ۾ خرچ ڪندي هئي. سندس باري ۾ نسائي، طبراني، حاڪم، ابن عساڪر ۽ ابن سعد طرفان حضرت عبدالله ابن عباس جي هيءَ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ طرفان سندن ايمان جي گواهي هن ريت ڏني وئي آهي تہ ميمونه سندس ڀينر ام الفضل، اسماء بنت عميس ۽ سلميٰ ايمان واريون آهن.

سيده ميمونہ وڏي ڄمار مائي. سندس وفات جي سال ۾ اختلاف آهي.

اڪثر محققن جو خيال آهي تہ هن بيبي سڳوري ايڪونجاه هجريءَ ڌاري پنهنجي ڳوٺ "سرف" ۾ وفات فرمائي. ابن العماد طرفان بہ اهو سن نقل ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ڪن راوين وري سندس وفات جو سال ٽيهٺ هجري ٻڌايو آهي، جڏهن تہ فسويءَ طرفان اٺهٺ هجري بہ ٻڌايو ويو آهي.

ام المؤمنين حضرت ميمونه جي جنازي نماز سندس ڀائيجي عبدالله ابن عباس پڙهائي جنهن کانپوءِ ٻين ڀائيجن يزيد بن أصم ۽ عبدالله بن شداد وغيره کيس قبر ۾ لاٿو.

سيرة ابن اسحاق ص ٢٤٧ ـ ٢٤٨. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۴٦٧ ـ ۴٧٠. ازواج النبي واولاده ابوعبيده ص ٧٥ ـ ٧٦. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ٢ ص ٨٩ ـ ٩٠. شذرات الذهب ابن العماد ج ١ ص ١٠١. اسد الغابہ ابن الاثير ج ٧ ص ٢٩۴ ـ ٢٩٥. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٦۴. دلائل النبوه بيهقي ج ۴ ص ٣٢٠ ـ ٣٢٦. عيون الاثير ابن سيد الناس ج ٢ ص ۴٠٢ ـ ۴٠٣. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۴١١ ـ ۴١٣. ازواج النبي ﷺ شامي ص ١٩٧ ـ ٢٠٥. المعرفة والتاريخ "فسوي" ج ٣ ص ٣٢٨.



Marfat.com

## احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪرڻ جو مسئلو

امام مالڪ پنهنجي ڪتاب "مؤطا" ۾ توڙي "صحاح ستہ" جي ٻين محدثن بہ پنهنجي حديث جي ڪتابن ۾ حضرت ابن عَبّاس رضہ جي هڪ روايت نقل ڪندي ڄاڻايو آهي تہ هن نڪاح وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن احرام جي حالت ۾ هئا. باقي "صحيح مسلم" ۾ حضرت مَيمُونہَ رضہ کان هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ نڪاح وقت پاڻ ﷺ احرام کولي چڪا هئا.

حنفين وٽ پهرئين روايت کي ترجيح حاصل آهي، جنهن موجب احرام ۾ نڪاح تہ ڪري سگهجي ٿو، باقي گهرواري جي ويجهو وڃڻ جي اجازت نہ آهي. جڏهن تہ شافعين وٽ پوئين روايت کي ترجيح ڏني وئي آهي، جنهن موجب احرام جي حالت ۾ انهن وٽ نڪاح جي اجازت نہ آهي.

مٿين واقعي بابت سمورا تفصيل حديث جي ڪتابن ۾ ڏنا ويا آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اختلاف جو ڪارڻ اهو آهي تہ آيا هي نڪاح "عمره" لاءِ مڪي ڏانهن ويندي ٿيو يا اتان موٽندي؟ هاڻي جيڪڏهن ويندي وقت ٿيو تہ بيشڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن احرام جي حالت ۾ هوندا، پر جيڪڏهن موٽ تي ٿيو تہ پوءِ يقيناً احرام کولي چڪا هوندا.

هاڻي آءٌ اها ڳالهہ چوندس جيڪا "سيرة شاميہ" ۽ "تذڪرة القاري" وغيره جي مؤلفن بيان ڪئي آهي، تہ "نبيءِ اڪرم ﷺ جن جو نڪاح حضرت مَيمُونہَ رضي الله عنها سان سندس ڳوٺ "سرف" ۾ "ذوالقعد" جي مهيني ۾ ان وقت ٿيو، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ "عمره" ادا ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا ۽ ان وقت احرام جي حالت ۾ هئا، ڇو جو ذوالقعد جو سڄو مهينو احرام نہ کوليو هئائون، باقي گهرواريءَ سان صحبت عمره کان موٽ تي ڪيائون، جڏهن احرام کولي چڪا هئا. ان مان حنفين جي ان قول جي تائيد ٿئي ٿي تہ احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪرڻ جائز آهي، وڌيڪ حقيقت رب تعاليٰ پاڻ ٿو ڄاڻي. (١)

حضرت "مَيمُونہَ" رضہ جي اباڻي ڳوٺ جو نالو "سرف" آهي، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. اتي ئي سندس گهر هو، اتي ئي نبي اڪرم ﷺ جن سان سندس شادي ٿي ۽ گهٽي عرصي کانپوءِ اتي ئي وفات ڪيائين، پوءِ هن بيبي صاحبہ کي پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ ئي دفنايو ويو.

سرِف نالي اهو ڳوٺ مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي اٽڪل ڏهن ميلن جي پنڌ تي اڄ سوڌو موجود آهي، پر هينئر ڦٽي چڪو آهي ۽ سواءِ "مَيمُونہَ رضہ" جي قبر جي ٻي ڪا بہ چيز موجود

---

(١) نبي ڪريم ﷺ جن جو نڪاح جنهن وقت حضرت ميمونہ رضہ سان پڙهيو ويو، ان وقت پاڻ ﷺ احرام جي حالت ۾ هئا يا احرام کولي چڪا هئا؟ ان موضوع تي فقيهن ۽ محدثن وڏا بحث نقل ڪيا آهن. امام بخاري ۽ احمد بن حنبل جيڪي روايتون نقل ڪيون آهن، تن مان ڄاڻ ملي ٿي تہ هن نڪاح وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن احرام جي حالت ۾ هئا. جڏهن تہ صحيح مسلم ۽ ترمذي جي نقل ٿيل روايتن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ هن نڪاح وقت سرور عالم ﷺ جن احرام کولي چڪا هئا. ان بحث جا تفصيل هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

فتح الباري "ابن حجر" ج ٥ ص ٥١. صحيح مسلم ج ۴ ص ١٣٧ ـ ١٣٨. نصب الرايہ "زيلعي" ج ٣ ص ١٧٣. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٠٨. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ٣٢٣. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٦۴. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٦۴.



Marfat.com

هني وڃو ڪافرن جي اولاد هن جي رستي کان، (١)

خَلُّوْا وَ کُلُّ الْخَيْرِ فِيْ رَسُوْلِهٖ

سموري ڀلائي سندن پيغمبر ﷺ ۾ ئي آهي،

يَارَبِّ اِنِّيْ مُؤْمِنٌ بِقِيْلِهٖ

اي رب آءٌ ان جي چئي تي ايمان رکان ٿو

اَعْرِفُ حَقَّ اللهِ فِيْ قَبُوْلِهٖ

۽ اهو قبول ڪرڻ الله جو حق ڄاڻان ٿو

اَلْيَوْمَ نَضْرِبُکُمْ عَلٰى تَنْزِيْلِهٖ

اڄوڪي ڏينهن ان تنزيل مطابق اسان اوهان کي ائين ڪٽينداسون

ضَرْبًا يُّزِيْلُ الْهَامَ عَنْ مَّقِيْلِهٖ

جو اوهان جا ڪنڌ ڪلهن تان ڪوري ڇڏينداسون

وَيُذْهِلُ الْخَلِيْلَ عَنْ خَلِيْلِهٖ.

۽ ڪو پنهنجو پنهنجن کي بہ نہ سڃاڻي سگهندو.

* هن ئي سال عمره جي موقعي تي جڏهن رسول خدا ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏ بيت الله جي طواف لاءِ مسجد الحرام ۾ داخل ٿيا، تڏهن اتي ڪجهہ ڪافر بہ هڪ ڪنڊ ۾ ويٺا هئا. سندن نظر جڏهن مسلمانن تي پيئي تڏهن چوڻ لڳا: "يثرب جي بخار تہ هنن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي." اهو ٻڌي سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن کي حڪم ڏنو تہ هو طواف جا پهريان ٽي ڦيرا تڪڙ ۾ زور سان ٻانهون لوڏيندي ڏين تہ جيئن ڪافرن جي راءِ کي رد ڪري سگهجي، جڏهن تہ باقي پويان چار ڦيرا نهنائي ۽ نماڻائي سان ڏين تہ جيئن ڪين ٿڪ بہ محسوس نہ ٿئي. (٢)

## حضرت بلال رضہ جو اذان ڏيڻ

* هن سال "عمرة القضاء" جي موقعي تي پاڪ ڪريم ﷺ جن جيئن مسجد حرام ۾ داخل ٿيا، تيئن ئي حضرت بلال رضہ کي حڪم ڏنائون تہ هو ڪعبي جي ڇت تي بيهي اذان چوي. (٣)

## ڪعبة الله ۾ پاڪ سڳورن ﷺ جو داخل نہ ٿيڻ

* هن سال "عُمْرَةُ الْقَضَاء" جي موقعي تي پاڪ ڪريم ﷺ جن جڏهن مڪي پهتا، تڏهن ڪعبة

(١) صحيح بخاري "باب عمرة القضا" ج ٣ ص ٥٧.

(٢) المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٧٣٧، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ٣٢٨.

(٣) البدايہ والنهايہ ج ١ ص ٢٣٢، تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ٢ ص ٦٣، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۵ ص ١٩٣.



Marfat.com

الله ۾ اندر داخل نہ ٿيا هئا [1] ڇو جو اتي مشرڪن طرفان بت رکيا ويا هئا. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ سن اٺين هجري دوران "فتح مڪہ" جي موقعي تي ڪعبي ۾ اندر داخل ٿيا هئا، ڇو تہ ان کان اڳ اتي رکيل سمورن بتن کي ٻيجي پورا ڪيو ويو هو.

## حضرت امامہ رضہ جو واقعو

* هن سال "عُمْرَةُ الْقَضَاء" جي ادائيگيءَ کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مڪي کان مديني روانا ٿيا، تڏهن سندن چاچي حضرت حَمْزَه رضہ جي ننڍڙي نياڻي، "اي چاچا" "اي چاچا" سڏيندي سندن ڪڍ لڳي. ان موقعي تي رسول رحمت ﷺ جن حضرت عَلِي بِن اَبُوطَالِب رضہ کي حڪم ڏنو تہ هو هن ننڍڙي نياڻيءَ کي ڪٺي سَيِّدَه فَاطِمَةُ الزَّهراء رضہ جي حوالي ڪري ۽ پوءِ مديني پهچڻ تائين اها ننڍڙي سيده فَاطِمَہ رضہ سان گڏ رهي. تاريخ ۾ ان نينگري جو نالو "اُمَامَہ" مشهور آهي، جڏهن تہ ڪن راوين طرفان "عُمَارَه" يا ڪي ٻيا نالا بہ ٻڌايا ويا آهن.

مديني پهچڻ کانپوءِ ننڍڙي "اُمَامَہ" جي پالنا بابت حضرت علي، حضرت جَعْفَر ۽ حضرت زَيْد بن حَارِث رضي الله عنهما جي وچ ۾ تڪرار هليو، جنهن جي نبيري لاءِ ڳالهہ اچي پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ پهتي. حضرت علي رضہ جي دعويٰ هئي تہ "هيءَ نينگري سڳ ۾ منهنجي سؤٽ بہ آهي ۽ مديني کان بہ آءٌ کيس کڻي آيو آهيان."

حضرت زَيْد رضہ چوڻ لڳو: "هيءَ منهنجي ڀاءُ حضرت حَمْزَه رضہ جي نياڻي آهي، جنهن سان اوهان منهنجو ڀائيچارو ڪرايو هو."

هوڏانهن وري حضرت جَعْفَر رضہ پنهنجي حق ۾ هي دليل پيش ڪيو تہ "هي نينگري هڪ تہ منهنجي سؤٽ آهي، ۽ ٻيو وري سندس ماسي منهنجي گهرواري آهي." [2]

اهو ٻڌي سرور عالم ﷺ جن هن نياڻيءَ کي حضرت جعفر رضہ جي حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان سان گڏ اهو بہ فرمايائون تہ "ماسي ماءُ جي جاءِ تي آهي." [3]

## غسان جي حاڪم ڏانهن دين جي دعوت

* هن سال يا وري ڪن راوين مطابق سن اٺين يا ڏهين هجري ڌاري پاڻ ڪريم ﷺ جن "غسان" جي حاڪم جَبَلَہ بن اَيْهَم ڏانهن هڪ خط اماڻيو، جنهن ۾ کيس دين جي دعوت ڏني ويئي. جنهن جي جواب ۾ "جَبَلَہ" ان دعوت کي قبول ڪندي مسلمان ٿيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن ان خط جو جواب بہ روانو ڪيائين، پر بعد ۾ هو مرتد ٿي ويو. جڏهن تہ ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ هو آخري

(1) المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٧٣٨. شرح علي المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٢٥٧ - ٢٥٨.

(2) حضرت جعفر رضہ جي گهرواري حضرت اسماء بنت عميس ۽ حضرت حمزه رضہ جي گهرواري حضرت سلمىٰ بنت عميس پاڻ ۾ ڀينر هيون. (مترجم)

(3) مٿين روايت امام بخاري توڙي ٻين محدثن تفصيل سان پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪئي آهي.
صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٥٧. فتح الباري "ابن حجر" ج ٧ ص ٣٩٩. سنن الڪبرىٰ "بيهقي" ج ١ ص ٥ - ٦.



Marfat.com

وقت تائين اسلام تي قائم رهيو. (١)

## مُقَوْقَسْ جون سوکڙيون

* هن سال مصر ۾ اسڪندريہ جي حاڪم مُقَوْقَسْ قبطيءَ طرفان سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ ڪجھہ سوکڙيون اماڻيون ويون، جن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

(١) بہ ٻانهيون مَارِيَہ قبطيہ ۽ سندس ڀيڻ سِيْرِيْن (٢) يَعْفُوْر نالي هڪ گڏھ (٣) دُلْدُل نالي هڪ خچر (۴) ويهہ عدد نفيس مصري ململ جا ٿانَ (۵) هزار مِثْقَال سون (٦) اعليٰ قسم جي ماکي. (٧) هڪ ڪاٺيءَ جي نهيل شامي سرمي داني (٨) آئينو (٩) ڦڻي. اهي سموريون سوکڙيون حضرت حَاطِب بن اَبِي بَلْتَعْہ هٿ اماڻيون ويون، ان ڪانسواءِ هڪ سؤ دينار ۽ پنج ڪپڙا حضرت حَاطِب رضہ کي بہ مُقَوْقَسْ طرفان ڏنا ويا. (٢)

## حضرت مِدْعَم رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه خَيْبَر" ۾ نبي اڪرم ﷺ جو هڪ غلام شهيد ٿي ويو، جنهن جو نالو "مِدْعَم" ٻڌايو ويو آهي. (٣)

---

(١) جبلہ بن ايهم بابت ٻڌايو ويو آهي تہ هو "غسان" جو آخري حاڪم هو. هن نبي ڪريم ﷺ جن جو خط پڙهي اسلام قبول ڪيو. حضرت عمر رضہ جي خلافت واري دور ۾ هو حج جي لاءِ مڪي آيو. هو الله جي گهر جو طواف ڪري رهيو هو تہ بني فزاره جي هڪ فرد جو پير سندس چادر تي اچي ويو، جنهن تي جبلہ غضبناڪ ٿي ويو ۽ ان شخص جي منهن تي اهڙي تہ زور سان ڏڪ هنيائين جو هن جو نڪ بہ زخمي ٿي پيو تہ ۾ اڳيان ڏند بہ ڀڄي پيا. جنهن تي اهو مظلوم دانهن ڪٺي سيدنا عمر فاروق رضہ جي دربار ۾ پهتو. خليفي جبلہ کي گهرائي حڪم ڏنو تہ "هو ٻن ڳالهين منجهان هڪ قبول ڪري، يعني يا تہ ان فزاري کان معافي وٺي يا وري ان جو قصاص ادا ڪري." اهو ٻڌي جبلہ چوڻ لڳو تہ "ڇا هڪ حاڪم ۽ هڪ معمولي ماڻهو هڪ ٻئي جي برابر آهن؟"

حضرت عمر رضہ وراڻيو: "هائو! اسلام اوهان ٻنهي ۾ ڪو فرق نٿو ڪري سواءِ تقويٰ جي."

جبلہ جواب ڏنو: "جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ آءٌ هن دين تان هٿ کڻي پنهنجي اباڻي دين ڏانهن موٽندس."

حضرت عمر رضہ وراڻيو: "جيڪڏهن تون مرتد ٿئين تہ توکي قتل ڪيو ويندو."

اهو ٻڌي "جبلہ" ويچار ڪرڻ لاءِ هڪ رات جي مهلت گهري ۽ پوءِ انهيءَ رات ئي هو پنهنجي سؤنن سان گڏجي "قسطنطنيہ" ڏانهن ڀڄي ويو ۽ اتي وڃي عيسائي ٿيو ۽ پوءِ اتي ئي مرتد ٿي مئو. نعوذ بالله من ذالڪ.

تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٦١، روضة الاحباب - "جمال الدين" ج ١ ص ٢٧٣.

(٢) "مقوقس" ان دور ۾ مصر جي حڪمرانن کي سڏيو ويندو هو. هن موقعي تي جنهن "مقوقس" جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ان جو نالو "جريح بن مينا" ٻڌايو ويو آهي. سندس موڪليل سوکڙين جو ذڪر اڪثر مؤرخن ۽ سيرت نگارن طرفان ڪيو ويو آهي.

دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ٣٩۵، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ٢٧١ - ٢٧٢. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٦١ - ٦٢.

(٣) هي هڪ حبشي غلام هو. جيڪو رفاعہ بن زيد جذامي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ هن کي فروه بن عمرو جذاميءَ طرفان پيش ڪيو ويو هو.

"الاصابہ" ابن حجر ج ٣ ص ٢٩۴، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ١۴٧.



Marfat.com

## پاڻ ڪريم ﷺ جن تي جادو ڪرڻ جو واقعو

* هن سال محرم جي مهيني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿان جادو ڪيو ويو (۱) ڪن جو چوڻ آهي ته اهو واقعو سن ڇهين هجري ۾ پيش آيو، جيئن اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي.

## ايمان بابت حديث

* هن سال نبي انور ﷺ جن فرمايو: "مينهن پوڻ ڪانپوءِ جڏهن صبح ٿيو ته ڪن ماڻهن جو الله تعاليٰ تي ايمان هو ۽ اهي ستارن جا انڪاري هئا ته ڪن جو وري ستارن تي ايمان هو پر هو الله سائين جا انڪاري هئا."

مواهب ۽ ان تي لکيل شرح ۾ زرقانيءَ ڄاڻايو آهي ته هي واقعو سن ڇهين هجريءَ جو آهي. "حديبيه" کان اڳ جڏهن سرور عالم ﷺ جن رمضان جي مهيني ۾ نماز استسقاء پڙهائي ته ان موقعي تي اهي لفظ فرمايا هئائون،جنهن جو سربستو احوال سن ڇهين هجريءَ جي واقعات ۾ گذري چڪو آهي.

## حضرت زَيْنَب رضہ جي رخصتي

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي نياڻي حضرت زَيْنَب رضہ کي سندس گهرواري اَبُوالْعَاص بن ربيع ڏانهن اماڻيو. (۲) ڪجهه راوين هي واقعو به ڇهين هجري جو ٻڌايو آهي، جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

## حضرت حَاطِب رضہ جي واپسي

* هن سال حَاطِب بِن اَبِي بَلْتَعَه رضہ مقوقس جي دربار مان ماريہ قِبْطِيَّه ۽ ٻين سوکڙين سان گڏ واپس مديني پهتو، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

## مُتْعَہ جي حرمت وارو حڪم

* هن سال "غزوه خيبر" واري زماني ۾ امام المرسلين ﷺ طرفان عورتن سان "مُتْعَہ" ڪرڻ واري رسم کي حرام ڪيو ويو، جڏهن ته اسلام جي شروعات کان وٺي غزوه خيبر تائين "مُتْعَہ" ڪرڻ جي اجازت هئي. ان ڪانپوءِ "فتح مڪہ" جي موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ جن وري ٻيهر "مُتْعَہ" ڪرڻ جي اجازت ڏني، جيڪا "غَزْوَه اَوْطَاس" تائين جاري رهي ۽ ان ڪانپوءِ ٽي ڏينهن رکي وري ٻيهر پيرو هن عمل کي هميشہ لاءِ حرام ڪيو ويو ۽ اهو حڪم قيامت تائين جاري رهندو. ان مان اها پروڙ پوي ٿي ته "مُتْعَہ" جي جائز هجڻ وارو حڪم به ٻه دفعا ڏنو ويو ته وري ان جي حرام هجڻ وارو حڪم به ٻه دفعا مليو. اهائي ڳالهہ صحيح آهي ۽ ان تي ئي عمل ڪرڻو آهي، جيئن "صحيح مسلم" جي شرح ۾ علامہ نوويءَ بيان ڪيو آهي. (۳)

---

(۱) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۴۵ ـ ۴۱.

(۲) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۶۱.

(۳) صحيح مسلم "بشرح نووي" جلد ۵ ص ۱۷۹، ۱۸۰.



Marfat.com

اها ڳالهہ صحيح مسلمر جي حديثن ۾ چٽي طرح بيان ڪئي ويئي آهي ۽ علامہ نوويءَ بہ اتان ئي ورتي آهي، انڪري اهو سچ آهي ۽ ان ۾ ڪنهن کي بہ شڪ ڪرڻ نہ جڳائي.

مُتعَہ کي پهريون ڀيرو حرام ڪرڻ واري حديث صحيح بخاريءَ ۽ صحيح مسلم ۾ موجود آهي، جنهن جو راوي حضرت عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ آهي. هو فرمائي ٿو تہ "خَيْبَر" واري ڏينهن رسول الله ﷺ جن عورتن سان "مُتعَہ" ڪرڻ کان منع فرمائي. (١)

ان کانپوءِ "مُتعَہ" جي ٻيهر اجازت واري حديث وري "صحيح مسلم" ۾ موجود آهي، جيڪا حضرت سَبْرَہ بن مَعْبَد جُهَنِي کان روايت ڪئي ويئي آهي تہ "فتح مڪي واري سال جيئن اسان مڪي ۾ داخل ٿياسون، تيئن حضرت رسول الله ﷺ طرفان اسان کي مُتعَہ جي اجازت ڏني ويئي." (٢)

ان کانپوءِ وري "مُتعَہ" کي ٻيهر حرام ڪرڻ واري حڪم بابت حديث بہ "مُسْلِم شَرِيف" ۾ ئي موجود آهي، جنهن جو راوي حضرت سَلْمَہ بن اَکْوَع رضہ آهي. اها حديث هن ريت آهي: "غزوه اَوْطَاس واري سال رسول الله ﷺ جن ان موقعي تي اسان کي ٽي ڏينهن تہ متعہ ڪرڻ جي موڪل ڏني پر ان کانپوءِ منع ڪري ڇڏيائون. (٣)

"صحيح مسلم" ۾ ئي سَبْرَہ جُهَنِيءَ جي هيءَ روايت بہ موجود آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ مون اوهان کي عورتن سان "مُتعَہ" ڪرڻ جي اجازت ڏني، جنهن کانپوءِ الله تعاليٰ طرفان قيامت تائين ان کي حرام ڪيو ويو." (٤)

"صحيح مسلم" ۾ حضرت "سَبْرَہ" رضہ جي هيءَ روايت بہ موجود آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن "متعہ" ڪرڻ کان روڪيندي هن ريت فرمايو تہ "اهو اڄوڪي ڏينهن کان وٺي قيامت تائين حرام رهندو."

## غَزْوَہ خَيْبَر جا واقعات (٥)

* هن سال "غزوه خيبر" ۾ مسلمانن جي لشڪر مان پندرهن ماڻهو شهيد ٿيا، جڏهن تہ مشرڪن

(١) صحيح بخاري "ڪتاب النڪاح" ج ٣ ص ٢٤٦.
(٢) صحيح مسلم "ڪتاب النڪاح" ج ٢ ص ١٣٢.
(٣) ايضاً ص ١٣١.
(۴) ايضاً ١٣٢.
(۵) غزوه خيبر جي واقعات جا حوالا غزوات واري باب ۾ تفصيل سان نقل ڪيا ويا آهن. هن باب ۾ جيڪي واقعات بيان ڪيا ويا آهن، انهن جا حوالا هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن، جن جا تفصيل انهن ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. ورجاءُ کان بچڻ جي لاءِ اهي حوالا هڪ جاءِ تي ئي نقل ڪجن ٿا.

صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ۴٨. صحيح مسلم "ڪتاب الجهاد والسير" ج ۵ ص ١٨۵. سيرة النبويہ ﷺ ابن هشام ج ٣ ص ٣۴٢.الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٨١. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٢ ص ٣١٦. "البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ٢۴٠. المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٣٣. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ص ۵١٧. شرح عليٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٢١٧.الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ۵٦ ـ ٦۵. الدرر "ابن عبدالبر" ص ١٩٦. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ١١۵. جذب القلوب "شيخ عبدالحق" ص ١٩۴. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ۴٣ ـ ۵٦. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ١٩۴ ـ ٢٨٧. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ١٨١. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٦٨ ـ ٢٦٩.



Marfat.com

جا ٽيانوي ماڻهو مارجي ويا.

* هن سال غزوه خيبر جي موقعي تي رسول الله ﷺ جن پالتو گڏهه (گورخر) جي گوشت کائڻ کي حرام قرار ڏنو.

* هن سال "غزوه خيبر" واري زماني ۾ سيد المرسلين ﷺ جن حڪم ڏنو ته ڪچي ٿوم ۽ ڪچا بصر کائي مسجدن ۾ اچڻ نه کپي.

* هن ئي سال ساڳئي موقعي تي سيني قسمن جي چيريندڙ ڦاڙيندڙ جانورن ۽ چنبن سان شڪار ڪندڙ پکين جي گوشت کائڻ کان به روڪيو ويو.

* ان ئي موقعي تي پانهين سان، پاڪ ٿيڻ کان اڳ صحبت ڪرڻ کان روڪيندي پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو ته "انهن مان جيڪي ڳورهاريون هجن تن سان ٻار ڄڻڻ کان اڳ ۽ جيڪي ڳورهاريون نه هجن انهن سان حيض کان پاڪ ٿيڻ کان اڳ صحبت نه ڪني وڃي."

* "غَزْوَه خَيْبَر" جي ئي موقعي تي هي حڪم به ڏنو ويو ته غنيمت جي مال مان ورهاست کان اڳ ڪنهن به شيءِ جو وڪرو نه ڪيو وڃي، اهڙو ذڪر "جَذْبُ الْقُلُوْب" ۾ "دهلوي" صاحب ڪيو آهي.

هن سال "مِدْعَم" نالي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هڪ آزاد ڪيل غلام خيبر جي غنيمت مان هڪ چادر (ورهاست کان اڳ) پنهنجي لاءِ ڪٽي ورتي. ان تي رسول خدا ﷺ جن فرمايو: "اها چادر جيڪا ورهاست کان اڳ غنيمت جي مال مان ڪنئي ويئي، اها ڪٽڻ واري لاءِ ٻرندڙ باهه مثل آهي."

اهو ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪو ماڻهو هڪ يا ٻه ڏاڳا(ڪهيون) به ڪٺي آيو. جنهن تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو، "اهي هڪ يا ٻه ڏاڳا به باه ۾ پوڻ جو سبب ٿيندا آهن."

* هن سال غَزْوَه خَيْبَر جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن جو هي معجزو ڏسڻ ۾ آيو، جو انصار جي قبيلي "بني ظفر" مان هڪ شخص جنهن جو نالو "قُزمان" ٻڌايو ويو آهي، ان بابت پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "هي جهنمي آهي." اهو شخص جيتوڻيڪ ٻاهريون ڏيک ته اسلام جو ڏيندو هو پر مَن ۾ مير رکندو هو. "غَزْوَه خَيْبَر" ۾ ان ساڳئي شخص نهايت بهادريءَ سان ڪافرن جو مقابلو ڪيو، جنهن ۾ سندس سڄو جسم ايتريقدر ته ڦٽجي پيو جو ممڪن هو ته ڪنهن جي دل ۾ اهو گمان پيدا ٿئي ته "جنهن شخص الله جي راه ۾ همٿ سان مقابلو ڪيو اهو جهنمي ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟" ان ڪانپوءِ اَڪْثَم بن ابوالجون خزاعي نالي هڪ صحابي فيصلو ڪيو ته هو آخري گهڙيءَ تائين "قزمان" سان گڏ رهندو ته جيئن سندس انت جو احوال معلوم ڪري سگهي. پوءِ نيٺ هڪ ڏينهن جڏهن سور سهي سهي ساٺو ٿي پيو تڏهن هن شخص آپگهات ڪري پنهنجو انت آندو.

جنهن ڪانپوءِ حضرت اَڪْثَم رضہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: "اي الله جا رسول ﷺ، اوهان جي ڳالهه کي رب پاڪ سچو ڪري ڏيکاريو، ۽ ان شخص آپگهات ڪري ڇڏي." ان موقعي تي سرور ڪائنات ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي حڪم ڪيو ته "اٿ ! وڃي ماڻهن کي ٻڌاءِ ته جنت ۾ ايمان وارن کانسواءِ ٻيو ڪو به داخل نه ٿيندو، ۽ الله تعاليٰ هن دين جي مدد ڪنهن فاجر شخص هٿان به ڪندو آهي." اها حديث شريف صحيح بخاري توڙي ٻين ڪتابن ۾ موجود آهي، ان جو وڌيڪ ذڪر اڳتي به ڪيو ويندو.



Marfat.com

مٿين احوال مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته نبي ڪريم ﷺ جن جي واتان اها حديث هن سال "قُزمان" جي موت واري موقعي تي بيان ڪئي ويئي.

* هن سال "غَزوَه خَيبَر" جي ئي موقعي تي جڏهن صحابي سڳورن کي بک محسوس ٿي، تڏهن ٻن ٻڪرين کي سبب وجهي انهن جو گوشت (پچائي) سڄي لشڪر کي کارايو ويو. سورهن سؤ ماڻهن جي لشڪر مان ڪو هڪ به اهڙو نه بچيو، جنهن پيٽ پري نه کاڌو هجي. اهو به پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

* هن سال "خَيبَر" جي فتح کانپوءِ نبي سڳوري ﷺ جن اتان هٿ آيل مال، زمينون ۽ باغ صحابي سڳورن ۾ ورهايا. جنهن کانپوءِ اهي زمينون ۽ باغ پاڻ ڪريم ﷺ جن اتان جي يهودين کي هاريءَ تي ڏياريا ته هو اتي پوک ڪن ۽ پوءِ فصل لهڻ وقت پيدا ٿيل اناج ۽ ميوي مان اڌ حصو پنهنجي لاءِ رکن. وري اهو به فرمايائون ته اهو ڪم ايستائين اوهان جي حوالي هوندو جيستائين رب پاڪ چاهيو.

* هن ئي سال "غَزوَه خَيبَر" واري زماني ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو به ظاهر ٿيو. اهو هن ريت هو جو هڪ حبشي غلام جيڪو يهودين جون ٻڪريون چاريندو هو، پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿ تي اچي اسلام قبول ڪيائين. سندس نالو "اَسْلَمْ" ٻڌايو ويو آهي ۽ ان نالي جو اثر سندس شخصيت تي به نمايان هو. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ هڪ دفعي "اسلم" عرض ڪيو: "اي الله جا رسول ﷺ! مون وٽ جيڪا ٻڪرين جي ڪَير آهي، اها سندن مالڪن جي امانت آهي ۽ اها منهنجي ذميواري آهي ته اها امانت انهن مالڪن تائين پهچايان. امام المرسلين ﷺ کيس جواب ۾ فرمايو: "ان ڪَير کي لشڪر مان ڪڍي الله جو نالو وٺي سندن مالڪن ڏانهن اماڻي ڇڏ. پوءِ الله تعاليٰ هر مالڪ تائين سندس امانت پهچائي ڇڏيندو." پوءِ ان غلام پنهنجي پيغمبر ﷺ جو حڪم مڃيندي ائين ئي ڪيو. بس پوءِ هر ٻڪري ڌنار جي بغير پنهنجي پنهنجي مالڪ کي وڃي ملي. اهڙيءَ ريت رب پاڪ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي برڪت سان ان غلام کي امانت جي بار کان آجو ڪيو.

ان واقعي کانپوءِ اهو ساڳيو غلام هٿيار ڪٽي اچي خيبر جي ميدان ۾ پهتو ۽ دشمن جي صفن ۾ داخل ٿي ساڻن مقابلو ڪيائين، تان جو شهادت ماڻيائين. سندس شان ۾ رسول عربي ﷺ جن فرمايو ته "مون سندس مٿن کان به سهڻين اکين وارين حورن کي ڏٺو."

حافظ ابن ڪثير پنهنجي تاريخ "البدايه والنهايه" ۾ لکيو آهي ته "هن ڪاري غلام شهادت جو مرتبو ماڻيو، جڏهن ته الله تعاليٰ آڏو هڪ دفعو به کيس ڪنڌ جهڪائڻ (نماز پڙهڻ) جو موقعو نه ملي سگهيو."

* هن سال غَزوَه خَيبَر ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن حضرت عَلي بن اَبُوطَالِب رضي الله تعاليٰ عنه جن جون اکيون اُٿي پيون. پوءِ اها تڪليف ايتري ته وڌي ويئي جو هو سرور ڪائنات ﷺ جن جي ڪچهريءَ ۾ به نه پئي اچي سگهيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن



Marfat.com

## كَلَيْثِ غَابَاتٍ، كَرِيْهُ الْمَنْظَرَهْ

جهنگلي شينهن مثل مونکي ڏسڻ وارا ڏڄي ويندا آهن.

## اَكِيْلُهُمْ بِالسَّيْفِ كَيْلَ السَّنْدَرَهْ

تلوار جي ماڻ سان کين جلدي پوري ماپ ڪري ڏيندس.

سَنْدَرَة لفظ جي معنيٰ هن جاء تي "جلدي" آهي، يعني آءٌ توکي جلدي قتل ڪندس (۽ واقعي عليءَ جي هڪ وار سان مُرحَب جو ڪم پورو ٿي ويو).

* غزوه خيبر جي ئي موقعي تي جڏهن ڇتي ويڙهه هلي رهي هئي، تڏهن ٻنهي جهانن جي سردار سڳوري ﷺ فرمايو: "هاڻي تنور تتو آهي." اهو جملو پاڻ ڪريمن ﷺ جي واتان نڪتل جامع جملن مان هڪ آهي. هن موقعي تي تنور لاء عربي لفظ "وَطِيْسٌ" استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو فعيل جي وزن تي آهي.(تنور تپڻ مان مراد آهي ته هاڻي جنگ زور وٺي ويئي آهي).

* هن سال جو ئي واقعو آهي، جڏهن غَالِب بن عَبْدُالله لَيْثِي رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سَرِيَّہ بَنُو عوال ۽ بنو عبد بن ثعلبہ وارن ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪي "مِيْفَعَہ" ۾ رهندا هئا. ان موقعي تي حضرت اُسَامَہ بن زَيْد رضہ هڪ اهڙي شخص کي قتل ڪري ڇڏيو، جنهن زبان سان "لَآ اِلٰـہَ اِلَّا اللّٰہُ" جو اقرار ڪيو هو. ان شخص جو نالو مرداس بن نهيڪ ٻڌايو ويو آهي، سندس تعلق "ضمره" يا هڪ قول مطابق "سَلْمِي" قبيلي سان هو. مدينې موٽڻ کانپوءِ رسول انور ﷺ جن ان باري ۾ پڇا ڪندي فرمايو: "اي اُسَامَہ ان "لَآ اِلٰـہَ اِلَّا اللّٰہُ" جو جواب ڪير ڏيندو؟" اُسَامَہ رضہ وراڻيو: "اي الله جا رسول ﷺ! هن موت کان بچڻ لاءِ ڪلمو پڙهيو هو." ان تي سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو: "ڇا تو هن جي دل کي چيري ڏٺو هو؟. اهو ٻڌي اسامہ چوڻ لڳو: "هاڻي آءٌ ڪڏهن بہ ڪنهن اهڙي شخص کي قتل نہ ڪندس، جيڪو "لَآ اِلٰـہَ اِلَّا اللّٰہُ" جي شاهدي ڏيندو."

اهو واقعو مغازي جي ماهرن ان ريت ئي نقل ڪيو آهي، جڏهن تہ صحيح بخاريءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو واقعو ان "سَرِيَّہ" ۾ پيش آيو هو، جيڪو حضرت اُسَامَہ رضہ جي ئي اڳواڻيءَ ۾ سن اٺين هجري دوران "جُهَيْنَہ" ڏانهن اماڻيو ويو هو.

ڪن راوين جو خيال آهي تہ اهو قول صحيح آهي ۽ ان کي ئي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

* هن سال جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ خيبر کان موٽندي "صَهْبَاء" نالي ماڳ وٽ پهتا تڏهن اتي، حضرت عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ لاءِ سج کي موٽائڻ وارو واقعو پيش آيو.

اهو هن ريت ٿيو جو سرور عالم ﷺ جن ٽپهريءَ جي نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ حضرت علي سائين جي هنج ۾ پنهنجو مٿو مبارڪ رکي ليٽي پيا تہ اتي ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿان وحي نازل ٿي. حضرت علي رضہ جيتوڻيڪ ان وقت تائين ٽپهريءَ جي نماز نہ پڙهي سگهيا هئا، پر خدا جي نبي ﷺ ۽ ان تي نازل ٿيندڙ وحي جي ادب سببان هو اها خبر پاڻ ڪريم ﷺ جن کي بہ نہ ٻڌائي سگهيا تانجو سج لهي ويو. ان کانپوءِ جڏهن اها خبر پاڻ ڪريم ﷺ جن کي پيئي تڏهن هن ريت دعا



Marfat.com

هي مجيءَ جو واقعو ان واقعي کان الڳ آهي، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي "سَرَايَا" واري باب ۾ سن ائين هجريءَ دوران سَرِيَّۃُ الْخَبْط جي موقعي تي ڪيو ويو آهي.

* هن سال "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" جي ئي موقعي تي صحابي سڳورا ڪنهن پکيءَ جو ٻچو ڦاسائي آيا. جنهن تي اهو پکي دانهن ڪٽي نبي ڪريم ﷺ جن وٽ آيو ۽ پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ اهو ٻچڙو صحابين هٿان آزاد ڪرائيندي فرمايو تہ "الله تعاليٰ جل جلالہ جيڪو اوهان جو رب آهي، اهو اوهان جي مٿان ان کان وڌيڪ مهربان آهي، جيترو هي پکي پنهنجي ٻچڙي تي مهربان آهي.

* هن سال غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع واري زماني ۾ رات جو نبي اڪرم ﷺ جن مٿان پهري ڏيڻ لاءِ حضرت عَبَّاد بن بِشْر رضہ ۽ عَمَّار بن يَاسِر رضہ کي بيهاريو ويو. انهن ٻنهي ڄڻن پنهنجي ڊيوٽي ان ريت ورهائي تہ رات جي پهرين اڌ ۾ عَبَّاد پهرو ڏيندو ۽ پوئين اڌ ۾ ياسر. پوءِ رات جي پهرين حصي ۾ جڏهن عباد ڊيوٽيءَ تي هو، تڏهن ڪنهن مهل ڪيس تهجد پڙهڻ جو خيال آيو، پوءِ هن تهجد جي نماز ۾ "سوره ڪهف" پڙهڻ شروع ڪئي ۽ عَمَّار ستو رهيو. ان دوران دشمن جي لشڪر منجهان ڪنهن مشرڪ "عَبَّاد رضہ" کي تير هنيو، جنهن ڪري سندس رت وهڻ شروع ٿيو. ان ڪانپوءِ مٿس ٻہ تير ٻيا بہ وسايا ويا پر هن نماز نہ ڀڳي، جيتوڻيڪ سندس رت وهندو رهيو پر هن رڪوع ۽ سجدا ادا ڪري نماز پوري ڪئي ۽ ان ڪانپوءِ "عمار رضہ" کي هوشيار ڪيائين. عمار جاڳڻ ڪانپوءِ عباد رضہ کي چيو: "تو مُونکي ان وقت ڇونہ جاڳايو جڏهن ڪافرن طرفان پهريون تير آيو؟"

عَبَّاد وراڻيو: "مان نماز ۾ "سوره ڪهف" پڙهي رهيو هوس، ان ڪري منهنجي دل نہ ڪڍيو تہ اهو سلسلو ٽوڙيان."

* هن سال جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" ڪانپوءِ موٽي رهيا هئا، تڏهن غورث بن حارث نالي ڪافر پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿان اوچتي حملي ڪرڻ جي ارادي سان نڪتو. اسلامي لشڪر ان وقت جنهن واديءَ ۾ لٿل هو اتي تمام گهاٽا ڪنڊيءَ جا وڻ هئا، گهڻي گرمي هئڻ سبيان هرهڪ صحابي سڳورو وڃي ڪنهن وڻ هيٺان ليٽيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ هڪ گهاٽي وڻ جي ڇانوري ۾ آرامي هئا تہ اتي "غَوْرَث" پهتو ۽ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ مٿان ترار ڪڍي بيٺو ۽ چوڻ لڳو: "اڄ مونکان توکي ڪير بچائيندو؟"

خدا جي سچي رسول ﷺ جن جواب ڏنو: "مونکي الله بچائيندو." ان وقت جبريل عليہ السلام آيو ۽ غَوْرَث کي سيني جي اهڙي مڪ هنيائين جو سندس هٿ مان ترار ڇڏائجي ويئي ۽ حضور انور ﷺ جن جي هٿ آئي. پوءِ اها تلوار غَوْرَث جي مٿان جهلي فرمايائون: "هاڻي توکي مون کان ڪير بچائيندو." اهو ٻڌي غَوْرَث جون وايون بتال ٿي ويون. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي حفاظت فرمائي.

ان ڪانپوءِ غَوْرَث وراڻيو: "خدا جو قسم! اڄ ڪانپوءِ نہ مان پاڻ اوهان سان مقابلو ڪندس ۽ نہ ڪنهن ٻي مقابلي ڪرڻ واري سان گڏ هوندس." پاڻ ڪريم ﷺ جن اهڙي وچن وٺڻ ڪانپوءِ "غَوْرَث" کي ڇڏي ڏنو.



Marfat.com

غَوْرَث جو اُچار "جَعْفَر" جي وزن ٿيندو يعني "غ" تي زبر ڏني ويندي پر ڪي وري "غ" تي پيش بہ ڏيندا آهن، باقي ان ڳالهہ ۾ راوين جو اختلاف آهي تہ ان واقعي ڪانپوءِ غورث مسلمان ٿيو يا نہ؟. "تجريد" ۾ حافظ ذَهبي کيس صحابي ڄاڻايو آهي، ڪجهہ محدث ۽ سيرت نگار وري سندس نالو غورث جي بدران دعثور بن حارث ٻڌائين ٿا، جنهن جي حقيقت رب ٿو ڄاڻي.

"روضة الاحباب" ۾ سيد جمال الدين بخاري بيان ڪري ٿو تہ "غورث" اَشْهَدُ اَنْ لَآ اِلٰـهَ اِلاَّ اللهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ (ﷺ) جو اقرار ڪيو ۽ مسلمان ٿيو. ان ڪانپوءِ نَبي نبي انور ﷺ جن طرفان ڪيس معافي ملي. مسلمان ٿيڻ بعد هو پنهنجي قوم وارن ڏانهن موٽي ويو ۽ ڪين دين جي دعوت پهچايائين.

هوڏانهن وري "ارشاد الساري" ۾ "قسطلاني" ڄاڻايو آهي تہ ڪيترن ئي ماڻهن کي غَوْرَث جي وسيلي هدايت نصيب ٿي.

* هن سال غورث ۽ سندس قوم جي باري ۾ خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي:

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللهِ عَلَيْكُمْ اِذْ هَمَّ قَوْمٌ اَنْ يَّبْسُطُوْٓا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ فَكَفَّ اَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ. (١)

"اي ايمان وارؤ! الله جو اهو ٿورو ياد ڪريو جيڪو اوهان تي ٿيو. جڏهن هڪ قوم اوهان مٿان هٿ کڻڻ جو ارادو ڪيو پر الله سندس هٿ روڪي ڇڏيو."

* هن سال غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع کان ڪجهہ ڏينهن اڳ حضرت جابر بن عبدالله رضہ جي شادي سهيلہ رضہ بنت مَسْعُوْد اَنْصَارِيءَ سان ٿي. حضرت جَابِر رضہ اجان گهوٽ ئي بڻيو بيٺو هو تہ نبي انور ﷺ طرفان جهاد لاءِ هلڻ جو سڏ ٿيو. جَابِر رضہ بہ اوڏيءَ مهل ئي اچي پاڻ ڪريم ﷺ سان گڏجي غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع لاءِ هليو. موٽ تي مٺي مرسل ﷺ جن ڪانئس پڇيو تہ تنهنجي ونئي ڪنواري آهي يا رنڙ؟ جابر جواب ڏنو: "رنڙ". جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: "جيڪڏهن هوءَ ڪنواري هجي ها تہ توهان هڪ ٻئي کي وڌيڪ وندرايو ها." (حديث)

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جڏهن "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" کان مديني موٽي رهيا هئا تہ رستي ۾ سندن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو. اهو هن ريت جو حضرت جَابِر رضہ جنهن اٺ تي سوار هو اهو ڏاڍو ڏٻرو هو، جيڪو هلڻ ۾ ٻين اٺن سان پڄي نہ پئي سگهيو، انڪري جَابِر رضہ ٻين کان پٺتي رهجي پئي ويو. اهو ڏسي پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجو ڇهبڪ ڪڍي اٺ کي هنيو ۽ زبان مبارڪ سان دعا بہ ڪيائون. پوءِ ان جي برڪت سان اٺ ايترو تہ طاقتور ۽ تکڙو ٿي پيو جو لشڪر جي سمورن اٺن کان اڳ کڻي ويو.

* هن ئي سال مٿين موقعي تي جڏهن جَابِر رضہ جو اٺ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي معجزي سان تيز پئي ڀڳو، تڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جَابِر رضہ سان چاليهن درهمن تي ان اٺ جو سودو ڪري ڇڏيو

(١) سورة "المائده" آيت ١١ پاره ٦.



Marfat.com

۽ اها رقم مديني پهچڻ سان ادا ڪرڻ جو وعدو ڪيو ويو.

مديني پهچڻ کانپوءِ (ان اٺ جي) قيمت ادا ڪرڻ وقت پاڻ سڳورن ﷺ بلال رضہ کي فرمايو: "اهي درهم توري ڏيو ۽ اتل سان توريو."

پوءِ حضرت جابر رضہ کي جڏهن اصل قيمت کان بہ وڌيڪ رقم ادا ڪئي ويئي، تڏهن جابر کي مهربانيءَ طور اٺ بہ موٽائي ڏنائون ۽ فرمايائون: "پنهنجو ڪنوات بہ کڻ تہ قيمت بہ." ڪن راوين جو خيال آهي تہ مٿيان چارئي واقعا يعنيٰ جابر جي سهيلہ سان شادي، نبي ڪريم ﷺ جن جي اٺ خريد ڪرڻ جو واقعو، اٺ جي قيمت وڌائي ڏيڻ ۽ قيمت سان گڏ اٺ بہ واپس ڪرڻ غزوه تبوڪ کان موٽ تي پيش آيا ۽ ڪن جو وري چوڻ آهي تہ فتح مڪہ کان موٽ تي اهي واقعا پيش آيا.

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن غُزوَه ذَاتُ الرِّقَاع کان موٽندي جڏهن "صِرَار" نالي ڳوٺ وٽ پهتا، جيڪو مديني کان ٽي ميل اوري آهي، تہ اتي هن "غَزوَه" ۾ سوياري ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ هڪ ڳئون جي قرباني ڏيئي هن نعمت تي پنهنجي پالڻهار جو شڪر بجا آندائون ۽ اتي هڪ ڏينهن رهڻ کانپوءِ پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏجي مديني موٽيا.

## نبي ڪريم ﷺ جن جي خواب جي تعبير

* هن سال خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر جو اهو خواب سچو ڪري ڏيکاريو جنهن جو هن آيت ۾ اظهار ڪيو ويو هو.

لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّءْيَا بِالْحَقِّ لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ مُحَلِّقِيْنَ رُءُوْسَكُمْ وَمُقَصِّرِيْنَ لَا تَخَافُوْنَ. (١)

"يقيناً الله سچو ڪيو پنهنجي رسول جو خواب تہ اوهان انشاءَ الله ضرور مسجد الحرام ۾ داخل ٿيندا امن سان، پنهنجا مٿا ڪوڙائي توڙي وار ڪترائي ۽ اوهان کي ڪو خوف نہ هوندو."

ان مان مراد آهي "مسجد الحرام" ۾ داخل ٿيڻ جيئن "عُمْرَةُ الْقَضَا" جي موقعي تي ثابت ٿيو.

* هن سال نبي اڪرم ﷺ اها مُندي تيار ڪرائي جنهن سان انهن خطن تي مُهر لڳائي ويئي، جيڪي مختلف حاڪمن ڏانهن اماڻيا ويا. ڪن جو خيال آهي تہ اهو واقعو سن ڇهين هجري جو آهي، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي. (٢)

* هن سال جمادي الاوليٰ يا ڪن روايتن موجب جمادي الآخرة ۾ چنڊ جي ڏهين تاريخ اڱاري جي رات سج لهڻ کان ڇهہ ڪلاڪ پوءِ ڪسريٰ کي قتل ڪيو ويو. هي اهو شخص هو جنهن رسول انور ﷺ جن طرفان موڪليل خط ڦاڙي ڇڏيو هو، جنهن تي نبي سڳوري ﷺ جن ڪيس پاراتو ڏيندي فرمايو هو تہ "الله تعاليٰ شل سندس بہ ساڳيو حال ڪري." خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر

(١) سورة الفتح آيت ٢٧ پاره ٢٦.

(٢) شرح عليٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٥ ص ٢٩.



Marfat.com

جي دعا قبول فرمائي ۽ ان جو اثر ائين ظاهر ٿيو جو سندس پٽ "شيرويہ" اچي مٿس ڪڙڪيو ۽ تلوار سان سندس پيٽ ڦاڙي ڪيس پورو ڪيائين.

جنهن رات پَرْوِيْز کي قتل ڪيو ويو، ان جي صبح جو سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن کي اهو احوال ٻڌايو. اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو معجزو آهي. (١)

(١) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١٠ ص ٦٧. "الخصائص الكبري" سيوطي ج ٢ ص ١٨.



Marfat.com

# فصل انون

هن فصل ۾ سن ائين هجريءَ دوران پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## خطبي لاءِ مِنۡبَرَ جي تياري

* هن سال اسلامي تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪ مِنۡبَرَ تيار ڪيو ويو، جنهن سبب ڪجيءَ جو ٿڙ رنو هو. [1] ڪن روايتن ۾ هن مِنۡبَرَ جي تيار ٿيڻ جو سال ڇهين يا ستين هجري به ٻڌايو ويو آهي، جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، پر مشهور قول اهوئي آهي ته هي مِنۡبَرَ هجرت جي ائين سال تيار ٿيو. ان روايت تي ئي ابن نجار ۽ ٻين طرفان زور ڏنو ويو آهي. ان مِنۡبَرَ بابت وڌيڪ تفصيل هن ئي فصل ۾ انشاءَ الله اڳتي بيان ڪيا ويندا.

## حضرت اِبۡرَاهِيۡم رضہ جي ڄمڻ جا واقعا [2]

* هن سال حضرت مَارِيَہ قِبۡطِيَّہ رضہ مان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي گهر سيدنا ابراهيم رضہ نالي نينگر ڄائو.

فتح الباري ۾ حافظ ابن حجر ڄاڻايو آهي ته هن نينگر جي ڄمڻ بابت ٻڌايل مهيني توڙي سال ۾ ڪوبہ اختلاف نہ آهي، جڏهن تہ سندس وفات جي مهيني ۽ سال ۾ راوين جو اختلاف آهي، جنهن جو ذڪر بہ اڳتي ڪيو ويندو.

* هن سال نبي انور ﷺ جن جي گهر جڏهن اهو نينگر ڄائو تڏهن مٿس پنهنجي وڏي ڏاڏي سيدنا ابراهيم خليل الله جو نالو رکيائون ۽ ستين ڏينهن تي ٻن دنبن جي قرباني بہ ڪيائون تہ ننڍڙي جي جهنڊ لهرائڻ جو حڪم بہ ڏنائون. اها جهنڊ "بياض" قبيلي جي هڪ آزاد ڪيل غلام ابو هَنۡد بَيَاضيءَ لاٿي، جنهن کانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو تہ "انهن لٽل وارن کي چانديءَ ۾ تور ڪرڻ کانپوءِ اها چاندي غريبن ۾ ورهائي وڃي ۽ پوءِ انهن وارن کي زمين ۾ پوريو وڃي."

ڪن عبارتن مان سُڌ پوي ٿي تہ نينگر تي نالو بہ ستين ڏينهن ئي رکيو ويو، پر صحيح روايت اهائي آهي تہ نالو ڄمڻ واري رات ئي رکيو ويو، جيئن مسلم شريف ۾ حضرت اَنَس رضہ کان روايت نقل ڪئي وئي آهي.

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٢٣. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٦٨. روضة الاحباب "جمال الدين بخاري" ج ١ ص ٣٢١.

(٢) حضرت ابراهيم جي ڄمڻ جا واقعات هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن.

صحيح بخاري "ڪتاب الجنائز" ج ١ ص ٢٢٦. صحيح مسلم "ڪتاب الفضائل" ج ٣ ص ٧٦. فتح الباري "ابن حجر" ج ٣ ص ١٣٥. ارشاد الساري "قسطلاني". اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٣٨. البدايہ والنهايہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٣٧٣. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢١. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١١٨. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٤٢٨.



Marfat.com

* هن سال حضرت اِبْرَاهِيْم رضہ کي جنهن دائيء ڄڻايو ان جو نالو سلميٰ رضہ ٻڌايو ويو آهي، جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان آزاد ڪيل غلام "اَبُوْ رَافِع رضہ" جي گهر واري هئي.

ٻار جي ڄمڻ ڪانپوءِ سَلْمىٰ رضہ اها خبر پنهنجي گهر واري ابورافع رضہ کي ٻڌائي، جنهن وڃي اها خوشخبري پاڻ ڪريمن ﷺ جي دربار ۾ پهچائي ۽ اتان مبارڪيءَ ۾ کيس هڪ غلام مليو، پر ان غلام جو نالو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي.

* هن سال حضرت ابراهيم رضہ جي ڄمڻ ڪانپوءِ حضرت جبرئيل عليہ السلام جڏهن نبي آخر الزمان ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو، تڏهن چيائين: **"اَلسَّلَامُ عَلَيْکَ يَا اَبَا اِبْرَاهِيْم"**.

## سَيِّدَه زَيْنَب رضہ جي وفات

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سَيِّدَه زَيْنَب رضہ گذاري ويئي، جيڪا رسول اڪرم ﷺ جن جي نياڻين ۾ سڀ کان وڏي هئي. سيده زَيْنَب رضہ نبوت کان ڏهہ ورهيہ اڳ ان وقت ڄائي، جڏهن سرور عالم ﷺ جن جي ڄمار ٽيهہ ورهيہ هئي. هن ٻيبي سڳوري سن اٺين هجريءَ جي شروعات ۾ ئي وفات ڪئي. [1]

* هن سال هڪ مشهور قول مطابق جيئن صحيح مسلم ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ سَيِّدَه زَيْنَب رضہ جي وفات ڪانپوءِ حضرت اُمّ عَطِيَّہ رضہ ۽ ٻيون عورتون جيڪي ميت کي غسل ڏياري رهيون هيون، انهن کي سرور عالم ﷺ جن فرمايو: "ميت کي غسل ڏيو ٽي دفعا، پنج دفعا، ست دفعا يا جيترو وڌيڪ اوهان چاهيو، اهڙي پاڻيءَ سان جنهن ۾ ٻير جا پن ٻيل هجن ۽ پوئين دفعي واري پاڻيءَ ۾ ڪافور بہ ملايو وڃي."

ان ڪانپوءِ جڏهن اهي عورتون غسل ڏيئي وانديون ٿيون، تڏهن کين پاڻ ڪريم ﷺ جن گوڏ ٻڌڻ لاءِ هڪ ڪپڙو ڏيندي فرمايو تہ اهو ميت کي ڍڪايو وڃي. جڏهن تہ هڪ ٻي روايت مان خبر پوي ٿي تہ اهو واقعو سَيِّدَه اُمّ ڪُلْثُوْم رضہ جي وفات جو آهي. [2]

## "سَرِيَّہ مُؤْتَہ جا واقعا" [3]

* هن سال جماديٰ الآخرة جي مهيني ۾ "شام" جي سر زمين تي "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" ۾ حضرت زَيْد بن حَارِث ڪَلْبِي رضہ، حضرت جَعْفَر بن اَبُوْطَالِب هَاشِمي رضہ ۽ حضرت عبدالله رضہ بن ابي رَوَاحہ

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ١٦٧ ـ ١٦٨، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٣١.

(٢) صحيح بخاري "ڪتاب الجنائز" ج ١ ص ٢١٨، فتح الباري "ابن حجر" ج ٣ ص ٩٩ ـ ١٠٠.

(٣) هن باب ۾ "سريہ مؤتہ" جا ڪجهہ واقعات بيان ڪيا ويا آهن، جن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٢ ص ٥٨، فتح الباري "ابن حجر" ج ٧ ص ٤١٢، المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٧٥٥، سيرة ابن هشام ج ٤ ص ١٥، الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٩٧، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٢٤١، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٢٦٧، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ١٤٤، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٧٠، تاريخ طبري ج ٢ ص ٣١٨، زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٣٨١، الروض الانف "سهيلي" ج ٤ ص ٧٨، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٧٧.



Marfat.com

اَنْصَارِيْ خَزْرَجِي شهادت ماڻي. اهڙو ذڪر اڳ سَرَايا واري باب ۾ "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" جي احوال ۾ موجود آهي. جڏهن تہ حضرت جَعْفَر بِن اَبُوطَالِب رضہ جي اسلام قبول ڪرڻ ۽ حبشہ ڏانهن هجرت ڪرڻ جو ذڪر سن پنجين نبويءَ جي واقعات ۾ ٿي چڪو آهي.

* هن سال حضرت زَيْد رضہ، جُعْفَر رضہ ۽ عَبْدُالله رضہ ٽيئي جڏا جڏهن "مُؤْتَہ" جي ميدان ۾ شهيد ٿيا، تڏهن اها خبر مني مرسل ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن کي مديني ۾ ٻڌائي ڇڏي. جڏهن تہ "مُؤْتَہ" مديني کان اناويهن ڏينهن جي مفاصلي تي آهي، اهو رسول خدا ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

* هن سال حضرت جَعْفَر بن اَبُوطَالِب رضہ جنهن "مُؤْتَہ" ۾ شهادت ماڻي، ان جي باري ۾ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ "مون ڪيس ياقوت جا ٻہ پر ڏٺا، جن سان هو جنت ۾ ملائڪن سان گڏجي اڏامي رهيو هو."

* هن سال "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" کانپوءِ حضرت جَعْفَر رضہ جي گهر عورتن جڏهن روڄ پٽڪو شروع ڪيو، تڏهن هڪ شخص اها خبر وجي، نبي ڪريم ﷺ جن تائين پهچائي. اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "کين منع ڪريو"، جنهن کانپوءِ ان شخص کين منع ڪئي پر پوءِ بہ هنن اهو روڄ پٽڪو بند نہ ڪيو. ان تي نبي سائين ﷺ جن فرمايو: "سندن وات ۾ مٽي وجهو." اها حديث صحيح بخاري وغيره ۾ نقل ڪئي ويئي آهي.

* هن سال "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت خالد رضہ بن وليد کي "سيف الله" جو لقب عطا فرمايو. ڇو جو مسلمانن کي هن "سريہ" ۾ خدا تعاليٰ خالد رضہ بن وليد هٿان سوڀ عطا ڪئي هئي.

* هن سال حضرت جَعْفَر بِن اَبُوطَالِب رضہ کي رسول خدا ﷺ جن طرفان "طيار" جو خطاب ڏنو ويو، جنهن "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" ۾ شهادت ماڻي.

## عَتَّاب رضہ بن اَسِيْد جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال "فتح مڪہ" واري زماني ۾ "عَتَّاب بن اَسِيْد" مسلمان ٿيو، جنهن کانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن کيس نماز ۽ حج لاءِ مڪي ۾ خليفو مقرر ڪيو ۽ هن ئي سال حضرت "عَتَّاب رضہ" مسلمانن سان گڏجي حج ادا ڪيو. (١)

## هَجَر جي مَجُوْسِيْن کان "جزيہ" جي وصولي

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان "هَجَر" جي مجوسين کان "جِزْيَہ" وصول ڪيو ويو. (٢)

## حضرت سَوْدَه رضہ بابت فيصلو

* هن سال ام المؤمنين حضرت سَوْدَه بنت زَمْعَہ رضہ کي سندس پيريءَ سبب پاڻ ڪريم ﷺ

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٥٨ - ٣٥٩، الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٤٥١.
(٢) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١١٦.



Marfat.com

جن جڏهن طلاق ڏيڻ جو ارادو فرمايو، تڏهن هوءَ چوڻ لڳي: "اي خدا جا رسول ﷺ! منهنجي خواهش آهي تہ مان قيامت جي ڏينهن اوهان جي گهرواري ٿي اٿان، انڪري مونکي طلاق نہ ڏيو ۽ مان پنهنجي واري وارو ڏينهن ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضہ کي بخشش ڪريان ٿي." جنهن ڪري رسول انور ﷺ جن ڪيس طلاق ڏيڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ اهو ڏينهن حضرت عائشہ رضہ جي گهر گذاريندا هئا. (١)

## ڪَعْب بن زُهَيْر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال ڪَعْب بن زُهَيْرْ رضہ بن اَبُوْ سُلْمٰيٰ بہ اسلام قبول ڪيو.

ابوسُلميٰ جو نالو رَبِيْعَہ بن رِبَّاح آهي. (٢) حضرت ڪعب رضہ بابت هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن سن نائين هجري دوران اسلام قبول ڪيو، اها روايت وڌيڪ صحيح آهي، انڪري اڳتي سن نائين هجريءَ جي واقعات ۾ بہ انشاء الله تعاليٰ سندس احوال بيان ڪيو ويندو.

## فَاطِمَہ بن ضَحَّاڪ جي شادي ۽ طلاق

* هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي شادي فاطمہ بنت ضحاڪ ڪلبيءَ نالي هڪ عورت سان ٿي. شاديءَ ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن سندس ڀرجهو ويا تڏهن هوءَ چوڻ لڳي: "مان اوهان کان الله جي پناه گهران ٿي." اهو ٻڌي نبي انور ﷺ جن ڪيس فرمايو: "تو پناهہ گهري، هاڻي پنهنجن مائٽن ڏانهن موٽي وڃ." (٣)

## مُلَيْڪَہ بنت ڪَعْب جي شادي ۽ طلاق

* هن سال رمضان مهيني جي پڇاڙيءَ تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هڪ شادي مُلَيْڪَہ بنت ڪَعْبِ لَيْثِي ڪِنَانِي يا هڪ ٻئي قول مطابق "ڪنديءَ" سان ٿي، پر جيئن تہ فتح مڪہ جي موقعي تي نبي سڳوري ﷺ جن طرفان هن عورت جي پيءُ کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو، جنهن ڪانپوءِ صحابي سڳورن ان کي قتل ڪيو هو، انڪري ڪجهہ عورتون ڪيس ڏوراپو ڏيندي چوڻ لڳيون تہ ڇا تون هڪ اهڙي شخص سان شادي پئي ڪرين جنهن تنهنجي پيءُ کي قتل ڪرايو. جنهن تي ان عورت بہ الله جي پناهہ گهري ۽ نبي سونهاري ﷺ جن ڪيس فارغ ڪري ڇڏيو. (٤)

---

(١) شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٢٢٩ - ٢٢٨، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١١٨.

(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٤ ص ٢٤٠، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٢١. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٢٠٧.

(٣) الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٣٨٢، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٩٦، البدايہ والنهايہ - "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٣٧٤.

(٤) الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٤١٠، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٩٦، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٣٠ - ٢٣١.



Marfat.com

## حضرت محلم رضہ هٿان هڪ شخص جو قتل

* هن ئي سال مڪي جي فتح ٿيڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ حضرت اَبُوقَتَادہ اَنصارِي رضہ جي اڳواڻي ۾ هڪ سريہ "بَطنِ اَضم" ڏانهن اماڻيو ويو. هن سَرِيَّہ ۾ شامل صحابين ۾ حضرت مُحَلِّم رضہ بن جَثَّامَہ لَيثِي رضہ بہ هو. هڪ موقعي تي بنو اشجع وارن مان عامِر بن اَضْبَط نالي هڪ شخص، مُحَلِّم ۽ سندس ساٿين کي اسلامي طريقي سان سلام ڪيو پر محلم رضہ پوءِ بہ ان کي ڪافر سمجهي قتل ڪري ڇڏيو. واپسيءَ تي جڏهن هي جماعت سيد الانبياء ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتي تہ ان موقعي تي خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي. [1]

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓا۟ إِذَا ضَرَبْتُمْ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ فَتَبَيَّنُوا۟ وَلَا تَقُولُوا۟ لِمَنْ أَلْقَىٰٓ إِلَيْكُمُ ٱلسَّلَٰمَ لَسْتَ مُؤْمِنًا. [2]

"اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان جهاد لاءِ الله جي راهہ ۾ نڪرو تہ پوءِ پرک ڪريو ۽ جيڪو اوهان ڏانهن ايندي ئي سلام ڪري انکي نہ چئو تہ تون ايمان وارو نہ آهين."

## ٽن برگزيده هستين جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال صفر جي مهيني ۾ حضرت عَمرو رضہ بن اَلعَاص بن وَائِل سَهمِيّ، حضرت خَالِد رضہ بن وَلِيد بِن مُغِيرَہ مَخزُومِي ۽ حضرت عُثمَان رضہ بن اَبُوطَلحَہ عَبدَرِي جحمي ٽيئي ڄڻا مديني شريف آيا ۽ نبي سڳوري ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي اسلام جي بيعت ڪيائون. [3] مسلمان ٿيڻ کان بہ مهينا پوءِ حضرت خَالِد رضہ بن وَلِيد "سَرِيَّہ مُؤتَہ" ۾ پهريون دفعو بهرو ورتو، باقي اها ڳالهہ صحيح نہ آهي تہ "مُؤتَہ" کان اڳ بہ هن جهاد ۾ حصو ورتو هو. مٿين ٽنهي صحابين جي مسلمان ٿيڻ بابت ڪيترين ئي روايتون ملن ٿيون، جن مان ڪن روايتن ۾ سندن مسلمان ٿيڻ سن ستين هجريءَ جي آخر ۾ تہ ڪن ۾ وري سن پنجين هجري ٻڌايو ويو آهي. ڪن راوين جو خيال آهي تہ حضرت خَالِد رضہ سن ڇهين هجريءَ جي آخر ۾ "حُدَيبِيَّہ" کانپوءِ يا وري سن ستين هجريءَ ۾ "غَزوَہ خَيبَر" کان اڳ مسلمان ٿيو هو.

انهن مان پهرين روايت جنهن ۾ هن واقعي جو سال اٺين هجري ۽ مهينو صفر ٻڌايو ويو آهي، صحيح بہ آهي ۽ ان تي اڪثريت جو اتفاق بہ آهي.

---

(۱) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۰۱. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۷٦. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۱۹۰. روضة الاحباب "جمال الدين بخاري" ج ۱ ص ۲۸۸. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۲۲۰. تاريخ طبري ج ۲ ص ۳۱۸.

(۲) سورة النساء پاره ۵ آيت ۹۴.

(۳) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۲۳٦ - ۲۴۰. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ٦۵. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۷۵.



Marfat.com

## مڪي جي فتح ڪانپوءِ هجرت جو حڪم رد ڪيو ويو

* هن سال مڪي جي فتح ڪانپوءِ اهو حڪم رد ڪيو ويو، جنهن مطابق هڪي ڪان مديني ڏانهن هجرت ڪرڻ ديني فرض هو. [1]

## يمن کان هڪ وفد جو اچڻ

* هن سال يمن جي هڪ ڳوٺ "صُدَاءِ" کان پندرهن ڄڻن جو هڪ وفد حضرت زياد بن حارث صدائي رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي اسلام جي بيعت ڪرڻ بعد هو سڀيئي پنهنجي ڳوٺ واپس وريا ۽ اتي دين لاءِ ڪافي ڪم ڪيائون، تانجو حجة الوداع جي موقعي تي سندن ڳوٺ مان هڪ سؤ مسلمان اچي پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏيا. [2]

## حضرت عداء رضہ بن خالد جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال مڪي جي فتح يا وري "غزوه حنين" ڪانپوءِ عداء رضہ بن خالد بن ربيعہ عامري اسلام قبول ڪيو. هي اهو شخص آهي جنهن کي نبي اڪرم ﷺ جن طرفان هڪ "دستاويز" لکي ڏنو ويو هو [3] جنهن جو مضمون هن ريت هو:

"هيءَ اها شيءِ آهي، جيڪا خريد ڪئي عداء بن خالد سيدنا محمد رسول الله ﷺ کان. هيءَ هڪ مسلمان جي ٻئي مسلمان کان خريداري آهي."

اهو متن ان ريت ئي ترمذي، نسائي ۽ ابن ماجہ ۾ نقل ڪيو ويو آهي ۽ اهوئي صحيح بہ آهي.

امام بخاريءَ وري "ڪتاب البيوع" ۾ اها روايت هن ريت نقل ڪئي آهي. [4]

"هيءَ اها شيءِ جيڪا خريد ڪئي سيدنا محمد رسول الله ﷺ عداء بن خالد کان."

هاڻي ان روايت ۾ يا تہ خريدار ۽ وڪرو ڪندڙ جا نالا مٽجي ويا آهن يا وري خريد ۽ وڪري جي لفظي فرق جو خيال نہ رکيو ويو آهي. "عمدة القاري" ۾ "علامہ عيني" ٻڌائي ٿو تہ اهو سودو ڪنهن غلام يا ٻانهي جو ٿيو هو. [5]

## شين جي مهانگائي ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جو فرمان

* هن سال جڏهن شيون مهانگيون ٿي ويون، تڏهن ماڻهن اچي عرض ڪيو: "اي الله جا رسول ﷺ! اسان لاءِ اگهہ مقرر ڪريو." جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جواب ڏنو تہ "اها ڳالهہ الله تعاليٰ جاڻي ٿو ۽ اگهہ ان جي طرفان ئي مقرر ڪيا ويندا آهن، مهانگائي ۽ سستائپ ان جي ئي هٿ ۾ آهي."

---

(1) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٦٥.

(2) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣٤٩ ـ ٣٥٠. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٣٥٥ ـ ٣٥٧.

(3) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٨٩.

(4) صحيح بخاري "ڪتاب البيوع" ج ٢ ص ٧.

(5) عمدة القاري "بدر الدين عيني" ج ١١ ص ١٩٢.



Marfat.com

## سَہْل رضہ بن بَيْضَاء جي وفات

* هن سال حضرت سَہْل رضہ بن بَيْضَاء گذاري ويو، جنهن جي نماز نبي انور ﷺ جن مسجد ۾ پڙهائي. (١)

## بُوْرَان جو تخت نشين ٿيڻ

* هن سال جڏهن ايران جو حاڪم قتل ٿيو، تڏهن اتان جي ماڻهن سندس ڌيءُ "بُوْرَان" کي پنهنجو حاڪم بڻايو، جنهن تي نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو: "اها قوم ڀلائي نه ماڻيندي جنهن پنهنجا ڪم ڪنهن عورت کي سونپيا." (٢)

## بلقاء جي حاڪم جو موت

* هن سال "شام" جي سرزمين تي "حَارِث بِن اَبُوْ شمر غَسَّانِي" ڪفر جي حالت ۾ مري ويو، جيڪو "بلقاء" جو حاڪم هو. (٣)

## يَمَامَہ جي سردار جو موت

* هن سال "يَمَامَہ" وارن جو سردار هَوْذَه بِن عَلِيّ حَنِفِيْ به ڪفر جي حالت ۾ مئو. اهو واقعو ان وقت جو آهي، جڏهن پاڪ ڪريم ﷺ جن مڪي شريف جي فتح کانپوءِ مديني واپس آيا. (٤)

## مڪي جي فتح جا واقعات (٥)

* هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ رسول خدا ﷺ جن مڪي مبارڪ تي ڪاهه ڪئي ۽

---

(١) سهل بن بيضاء بدري صحابي هو، ابن اسحاق طرفان سندس وفات جو سن نائين هجري ڄڌايو ويو آهي. "الاصابہ" ابن حجر ج ٢ ص ٩٠ ـ ٩١. "الاستيعاب" ابن عبدالبر علىٰ هامش الاصابہ ج ٢ ص ٩٢. وفاء الوفا "سمهودي" ج ٢ ص ٥٣٢.

(٢) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ٢ ص ٩١.

(٣) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ٣٩، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٥٥.

(۴) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ۴٠.

(٥) هتي مڪي شريف جي فتح دوران، ان کان اڳ يا پوءِ جيڪي واقعات پيش آيا، انهن جا تفصيل بيان ڪيا ويا آهن، جن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

صحيح بخاري "كتاب المغازي والسير" ج ٣ ص ٥٩. فتح الباري "ابن حجر" ج ٧ ص ۴١٨ کان ج ٨ ص ١٧ تائين. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٣٩، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ٢٨٢، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٥٦٠، شرح علىٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ۴٨٨، تاريخ "طبري" ج ٢ ص ٣٢٣، "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ٢ ص ٢٢٣، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ٧٧، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٥ ص ٢٠٠، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٥، روضة الاحباب ـ "سيد جمال الدين بخاري" ج ١ ص ٢٨۴، صحيح مسلم "كتاب الجهاد والسير" ج ٣ ص ١٧٠. الطبقات الكبرىٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ١٠٢، المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٧٨٠. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٢ ص ٣٩۴، الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ٩٥.



Marfat.com

ويو ان جو نالو "قَيْس عَامِري"، ڪُنيت "اَبُوسرايڪ" ٻڌائي ويني آهي، جيئن "قسطلاني" ارشاد الساري ۾ ڄاڻايو آهي.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جو چاچو حضرت عَبّاس بن عبدالمطلب رضه به پنهنجي ٻارن ٻچن سميت هجرت جي ارادي سان مڪي کان مديني ڏانهن ان وقت روانو ٿيو، جڏهن امام الانبياء ﷺ جن اڃا غزوه فتح مڪہ لاءِ نه اسهيا هئا. سيدنا عَبّاس رضه جي اسلام بابت چيو وڃي ٿو ته هو غزوه بدر کانپوءِ ٻي هجري دوران ئي اسلام قبول ڪري چڪو هو، جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هو هن ئي سال مسلمان ٿيو هو، جنهن کانپوءِ هو پنهنجي گهر ٻار سوڌو مديني ڏانهن هجرت جي ارادي سان روانو ٿيو. ڪن جو خيال آهي ته اها روايت ئي صحيح آهي، جيئن اڳ به بيان ٿي چڪو آهي. بهرحال حضرت عباس رضه هن ئي سال سگهرو مديني روانو ٿيو ۽ رستي ۾ جڏهن "جحفہ" يا وري "ذوالحليفہ" وٽ پهتو ته اتي سندس ملاقات سرور عالم ﷺ جن سان ٿي، جيڪي "فتح مڪہ" جي ارادي سان مديني کان هلي اتي پهتا هئا. پوءِ حضرت عباس رضه انهن پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏجي "غزوه فتح" لاءِ پنتي موٽيو. باقي پنهنجي ٻارن ٻچن کي مديني موڪليائين، يعني هي سيني کان آخري مهاجر هو، جنهن کي رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو: چاچا سائين اوهان جي هجرت به ائين ئي آخري هجرت آهي، جيئن منهنجي نبوت آخري نبوت آهي.

* هن سال "غَزْوَه فتح" لاءِ مڪي ڏانهن ويندي سيد الانبياء ﷺ جن جڏهن "ابواء" وٽ پهتا ته سندن ملاقات سيدنا اَبُوسُفْيَان بِن حَارِث بن عَبْدُالْمُطّلِب رضه سان ٿي، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جو سوٽ به هو ته ٿڃ شريڪ ڀاءُ به هو. ڇو جو هن به "حَلِيْمَہ سَعْدِيَّہ رضه" جو کير پيتو هو. هن موقعي تي حضرت ابوسفيان رضه سان گڏ سندس پٽ جَعْفَر بِن اَبُوسُفْيَان رضه به ساڻ هو، پوءِ ٻئي پيءُ پٽ اتي ئي مسلمان ٿيا.

اَبُوسُفْيَان رضه نالي هيءَ هستي ان ابوسفيان کان الڳ آهي، جيڪو مُعَاوِيہ رضه جو پيءُ هو ۽ سندس نالو اَبُوسُفْيَان بن حرب آهي، جنهن جو ذڪر اڳتي اچي رهيو آهي. اهو نسبي لحاظ کان اموي هو، جڏهن ته هي هاشمي آهي. بهرحال ٻنهي شخصيتن ۾ فرق آهي، جيڪو ڪنهن کان به ڳجهو نه آهي.

* هن ئي سال مسلمان ٿيڻ کان اڳ حضرت ابوسفيان بن حارث رضه پنهنجي سوٽ سيدنا علي بن ابوطالب رضه کي چيو: "مان ڪهڙي منهن سان نبي انور ﷺ جن جي آڏو وڃان ۽ اسلام جي ڳالهه ڪريان، جڏهن ته مان ماضيءَ ۾ کين هيتريون ساريون تڪليفون ڏئي چڪو آهيان."

سيدنا علي رضه ڪيس جواب ۾ چيو ته "تون به اهوئي چئُ جيڪو حضرت يوسف عليہ السلام کي سندس ڀائرن چيو هو."

قَالُوْا تَاللهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخَاطِئِيْنَ. (١)

"چيائون خدا جو قسم! بيشڪ الله تعاليٰ توهان کي اسان تي فضيلت بخشي آهي ۽ سچ پچ اسان گنهگار هئاسون."

(١) سورة يوسف آيت ٩١ پاره ١٣.



Marfat.com

بيت الله ۾ داخل ٿيو اهو پناھ ۾ آهي. جيڪو ڪعبي جي غلاف کي جهلي بيٺو اهو پناھ ۾ آهي. جيڪو ابوسفيان جي گهر ۾ پهتو ان لاءِ بہ پناھ آهي. جيڪو پنهنجي گهر جا دروازا بند ڪري اندر ويهي رهيو ان کي بہ پناھ آهي ۽ جنهن پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا اهو بہ پناھ ۾ آهي. اهڙو اعلان اَبُوسُفْيَان صَخْرَ بن حَرْب پاڻ ڪري رهيو هو. جنهن ۾ مٿين پنجن شرطن مان جيڪو بہ ماڻهو ڪو بہ شرط قبول ڪندو تہ اهو امان ۾ رهندو، باقي پندرهن ماڻهو اهڙا هئا جن لاءِ اها رعايت نہ هئي، جيئن هيٺ بيان ڪيو وڃي ٿو.

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن مڪي جي ڪافرن مان پندرهن ڄڻن جي قتل جو حڪم ڏنو. منجهانئن نوَ مرد هئا، جن جي باري ۾ چيو ويو تہ ڪٿي جتي ڏسو تہ اتي ئي پورو ڪريو. انهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

١. عِڪْرِمَہ بن اَبُوجَهْل ٢. عَبْدُالله بن سَعْد بن اَبُو سَرح ٣. هَبَّار بن اَسْوَد ۴. ڪَعْب بن زُهَيْر بن اَبُوسُلْمٰي مــــزني جيڪو قصيده بَانَتْ سُعَاد جو خالق هو ۵. عَبْدُالله بن خَطَل ٦. مِقْيَس بن صُبَابَہ ٧. حُوَيْرَث بن نُقَيْد ابن قُصَيّ ٨. وَحْشي بن حَرْب ٩. حَارث بن طُلَاطِلَہ خُزَاعي.

باقي ڇهہ عورتون هيون، جن جا نالا آهن:

١. هِنْد بنت عُتْبَہ جيڪا اَبُوسُفْيَان جي زال هئي. ٢. سَارَه جيڪا عَمْرو بن هاشِم قُرَشِيءَ جي ٻانهي هئي. اها ساڳي عورت آهي، جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن جي فتح مڪي لاءِ مديني مان اُسهڻ کان اڳ حَاطِب بن اَبُوبَلْتَعَہ جو خط پهچائڻ مڪي وڃي رهي هئي.

٣. قَـرِيْبَہ يا قُرَيْبَہ ۴. فَـرْتَـنَـا، اهي ٻئي ڄڻيون عَبْدُالله بن خَطَل جون ٻانهيون هيون ۽ سرور عالم ﷺ جن جي باري ۾ توهين آميز ڪلام ڳائينديون هيون.

۵. ارنب ٦. ام سَعْد، اهي ٻئي بہ ابن خَطَل جون ٻانهيون هيون. ان ڪانپوءِ مٿين مردن مان پنجن ڄڻن اسلام قبول ڪيو، جن جا نالا آهن:

١. عِڪْرِمَہ ٢. اِبن اَبُوسَرْح ٣. ڪَعْب بن زُهَيْر ۴. هُبَّار ۵. وَحشِي.

مٿين عورتن مان وري هند بنت عتبہ ۽ فَرْتَنَا اسلام قبول ڪيو. جڏهن تہ سَارَه جي باري ۾ اختلاف آهي، ڪن جو چوڻ آهي تہ هوءَ مسلمان ٿي هئي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ڪفر جي حالت ۾ قتل ٿي. باقي چئن مردن ۽ ٽن عورتن کي ڪفر جي حالت ۾ ئي قتل ڪيو ويو.

* هن سال نبي آخر الزمان ﷺ جن فتح لاءِ جڏهن مڪي ۾ داخل ٿيا تہ "الثَّنِيَّةُ الْعُلْيَا" واري پاسي کان آيا. اها جاءِ حَجُوْن ۽ مَعْلَاة جي وچهڙائيءَ ۾ آهي. ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿي مبارڪ تي ڪاري رنگ جي پڳ ۽ هٿ مبارڪ ۾ بہ ڪاري رنگ جو ئي جهنڊو هو. بدن مبارڪ تي لوهہ جي زره پهريل هئي ۽ مٿي مبارڪ تي لوهي ٽوپ بہ هو. پاڻ پنهنجي ڏاچيءَ "قَصْوَاء" تي سوار هئا ۽ سندن اڳيان پويان حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ اُسَيْد بن حُضَيْر رضہ ويٺل هئا. باقي سندن جسم مبارڪ تي احرام نہ هو.

سرور ڪائنات ﷺ جن جيئن ئي مڪي ۾ داخل ٿيا تہ ماڻهن جي آڏو سورة الفتح ۽ اذا جاءَ



Marfat.com

نصر الله جي تلاوت قراءت سان شروع ڪيائون.

مٿين روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مٿي مبارڪ تي ڪاري پڳ ٻه هئي ته لوهي ٽوپ ٻه. انهن ٻنهي روايتن کي جمع ڪندي هيئنئن چئي سگهجي ٿو ته پاڻ سڳورن ﷺ لوهي ٽوپ جي مٿان پڳ مبارڪ ٻڌي هوندي يا وري ائين ٿي سگهي ٿو ته نبي انور ﷺ جن پهريان لوهي ٽوپ پائي مڪي ۾ داخل ٿيا هوندا ۽ وري ٿوري دير ڪانپوءِ ڪاري پڳ ٻڌي هوندائون يا وري ان جي ابتڙ يعني پهريان پڳ ٻڌل هوندي ۽ پوءِ وري لوهي ٽوپ پاتو هوندائون، پوءِ جنهن راوي جيڪا حالت ڏٺي آهي هن اهائي بيان ڪئي آهي.

* هن سال رسول خدا ﷺ جن خَالِد رضہ بن وَلِيْد جي اڳواڻيءِ ۾ مسلمانن جي لشڪر کي اماڻيو ته اهي مڪي ۾ هيٺاهين واري پاسي کان داخل ٿين. اتي خالد رضہ ۽ سندس ساٿين جو ڪافرن سان دوبدو مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ڪافرن کي شڪست نصيب ٿي. سندن چوويهه يا اٺاويهه ماڻهو مارجي ويا، جڏهن ته مسلمانن جي لشڪر مان ٻه ماڻهو شهيد ٿيا. انهن مان هڪ هو اَبُوصَخْر حُبَيْش رضہ بن خالد خزاعي جيڪو حضرت اُمِّ مَعْبَد بنت خَالِد خزاعيہ رضہ جو ڀاءُ هو، جنهن وٽ مديني ڏانهن هجرت ڪندي پاڻ سڳورا ﷺ ترسيا هئا ۽ ٻيو هو ڪُرز بن جَابِر فِهْرِي.

حنفي عقيدي وارا ان ڳالهہ جا قائل آهن ته مڪو شريف طاقت جي زور تي فتح ٿيو هو، نه ڪي صلح سان. ان ڪري مٿيون واقعو سندن ان ڳالهہ جو ثبوت پيش ڪري ٿو. جڏهن ته ان جي برعڪس شافعي عقيدي وارا وري ان ڳالهہ جا قائل آهن ته مڪو مبارڪ صلح سان فتح ٿيو هو. سندن دليل اهو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جنهن پاسي کان پاڻ داخل ٿيا ان طرف وري ڪو به جنگ جهيڙو نه ٿيو هو.

* هن سال جڏهن مڪو فتح ٿيو تڏهن نبي اڪرم ﷺ جن اتان جي مشهور محلي خيف بني ڪِنَانہ ۾ ترسيل هئا، جنهن کي "اَبْطَح" ۽ "مُحَصَّب" به چيو ويندو آهي ۽ اتان پوءِ هر نماز وقت ڪعبة الله شريف ۾ ايندا هئا. جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ان وقت پاڻ سڳورا ﷺ حضرت اُمِّ هَانِي رضہ جي گهر ترسيل هئا، جيڪو مڪي شريف جي مٿانهين پاسي کان هو.

مٿين ٻنهي روايتن کي هيئن گڏي سگهجي ٿو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ته مٿين جڳهہ "خيف" ۾ ئي ترسيا هئا پر هڪ ڏينهن ام هانيءِ جي گهر آيا، جتي غسل ڪري پوءِ چاشت جي نماز ادا ڪئي هئائون.

* هن سال "غَزْوَه فَتْحَ مَکہ" جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ صرف اشاري سان اتي رکيل بُتن کي ڪيرايو.

امام الانبياء ﷺ جن جڏهن مڪي پهتا ۽ مسجد الحرام ۾ داخل ٿيا، تڏهن ڪعبة الله جي طواف ڪرڻ جو ارادو ڪيائون پر ان وقت ڪعبي جي چوڌاري ٽي سؤ سٺ بُت رکيل هئا، جن کي پتل سان جڙيو ويو هو. انهن ۾ سڀني کان وڏي بُت جو نالو "هُبَل" هو، جيڪو ڪعبي جي آڏو بيهاريو ويو هو، جڏهن ته "اِسَاف" نالي بت "صَفَا" تي ۽ "نَائِلہ" نالي بت "مَرْوَه" تي موجود هئا، جن جي آڏو ماڻهو قرباني ڪندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن اتي پهتا ته ان وقت سندن هٿ مبارڪ ۾ هڪ ڪمان هئي، جنهن جي ڇهنب سان هرهڪ بُت طرف اک جو اشارو ڪندا رهيا، ۽ زبان مبارڪ سان



Marfat.com

هيئين آيت بہ پڙهندا رهيا:

جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا. (۱)

"حق اچي ويو ۽ باطل مٽجي ويو، باطل تہ آهي ئي مٽجڻ وارو."

جنهن سان سمورا بُت بنا ڇهڻ جي مُنهن ڀر اچي پٽ تي پيا.

هاڻي ڪعبي جي ڇت تي وڃي هڪ وڏو بت باقي بچيو، جنهن جو نالو "خزاعة" هو. اهو بُت پتل جو ٺهيل هو ۽ لوهہ جي ميخن سان ڇت ۾ ڪتل هو، ان لاءِ نبي انور ﷺ جن سيدنا علي رضہ کي چيو تہ "ڪعبي جي ڀرسان ويهو." جنهن تي سيدنا علي رضہ اتي ويٺا ۽ پوءِ نبي آخرالزمان ﷺ جن سندن ڪلهن تي چڙهيا پر نبوت جو بار کڻڻ سيدنا علي رضہ لاءِ ڳرو هو، جنهن ڪانپوءِ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پاڻ ڪعبي جي ڀرسان ويٺا ۽ حضرت علي سائينءَ رضہ جن کي فرمايائون: "هاڻي تون چڙهہ." هن دفعي سيدنا علي رضہ سرور ڪائنات ﷺ جن جي مبارڪ ڪلهن تي چڙهي بيٺا ۽ پوءِ ڇت جي مٿان بيٺل بُت کي اتان ڪڍي ڪٽي پٽ تي سٽيائون تہ اهو ڀڄي ٽڪر ٽي ويو.

* هن ئي سال انهن وڏن بتن کي ڀڃڻ ڪانپوءِ نبي انور ﷺ جن حڪم ڏنو تہ ڪعبي مان بيا بہ سمورا بت ٻاهر ڪڍيا وڃن. پوءِ ائين ئي ڪيو ويو. جنهن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪعبة الله ۾ اندر داخل ٿيا.

* هن سال جڏهن ڪعبي مان بين بتن کي ڪڍيو ويو تہ انهن سان گڏ اتي حضرت ابراهيم خليل الله ۽ سندس پٽ سيدنا اسماعيل عليهم الصلواة و السلام جن جون بہ تصويرون بہ رکيل هيون، جيڪي ڪافرن ٺاهيون هيون ۽ انهن جي هٿن ۾ تير ڏنا ويا هئا، جن کان ڍارن جو ڪم ورتو ويندو هو ۽ ڪافر انهن ڍارن وسيلي ورهاست ڪندا هئا. پوءِ انهن تصويرن کي بہ اتان ڪڍيو ويو، جنهن تي نبي انور ﷺ جن فرمايو: "انهن ڪافرن تي خدا جي مار پوي، ڇو جو خدا جو قسم! ڪين اها خبر هئي تہ انهن ٻنهي هستين ڍارن وسيلي ڪڏهن بہ ورهاست نہ ڪئي هئي."

* هن سال مڪي جي فتح واري ڏينهن تي پاڻ سڳورن ﷺ انهن بُتن کي بہ ڀڃڻ جو حڪم ڏنو، جيڪي مڪي جي رهاڪن وٽ سندن گهرن ۾ رکيل هئا.

* هن سال "فتح مڪہ" واري موقعي تي رسول انور ﷺ جن ڪجهہ سرايا اماڻيا تہ اهي مڪي جي چوڌاري موجود بتن کي بہ ڀڃن تہ انهن ماڻهن جي خلاف بہ جهاد ڪن جن اجان اسلام قبول نہ ڪيو هو.

* هن سال مڪي جي فتح واري ڏينهن سرور عالم ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي حڪم ڏنو تہ اهو ڪعبي جي مٿان چڙهي ڇت تي اذان چوي ۽ پوءِ حضرت بلال رضہ ائين ئي ڪيو. اهڙو واقعو هن کان اڳ بہ "عُمْرَةُ الْقَضَاء" جي موقعي تي بہ پيش آيو هو.

* هن سال جڏهن مڪو مبارڪ فتح ٿيو تہ ان جي ٻئي ڏينهن تي مني مرسل ﷺ جن هڪ پر مغز خطبو ڏنو، جنهن جي وچ ۾ ڪجهہ احڪام بہ ٻڌايا ويا. جن ۾ فرمايائون تہ بيشڪ الله تعاليٰ

---

(۱) سورة "بني اسرائيل" آيت ۸۱ پاره ۱۵.



Marfat.com

جڏهن کان زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪيو تڏهن کان وٺي قيامت تائين مڪي جي "حرم" ۾ ڪنهن کي به اجازت نه ڏني آهي ته اهو اتي ڪو خون وهائي يا اتان جي ڪنهن وڻ کي وڍي. مون کان اڳ به ڪنهن کي اهڙي اجازت نه ملي ۽ مون کانپوءِ به ڪنهن لاءِ ائين ڪرڻ جائز نه ٿيندو. هن خطبي ۾ ٻين به ڪيترين ئي ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويو، جن جا تفصيل "سيرة شاميه" وغيره ۾ ڏنا ويا آهن.

* هن سال جنهن ڏينهن مڪو فتح ٿيو اهو جمعي جو ڏينهن ۽ رمضان شريف جي اوڻويهين تاريخ هئي. اهو قول وڌيڪ صحيح آهي. ان ڏينهن رسول اڪرم ﷺ جن طواف ڪيو ۽ ڪعبي جي چوڌاري ست ڦيرا ڏنائون ۽ ماڻهن جي گوڙ سبب "حجر اسود" جو استلام ان لٺ سان پئي ڪيائون، جيڪا ان وقت سندن هٿ مبارڪ ۾ هئي.

اهو طواف عمري جي نيت سان نه پر ثواب خاطر ڪيو ويو. ڇو جو ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ کي احرام ٻڌل نه هو. طواف پورو ڪري پوءِ "مقام ابراهيم" تي اچي به رڪعتون طواف جون ادا ڪيائون. اتان پوءِ وري "زمزم" جي کوهه تي آيا، جتان پاڻي به پيتائون ۽ وضو به سارِيائون.

* هن سال "فتح مڪه" واري ڏينهن تي پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ڪعبي ۾ داخل ٿيا ته عثمان بن طَلْحَه بِن اَبُوطَلْحَه عَبْدِرِيْ جهمي کان ڪعبي جي ڪنجي گهرِيائون. جنهن تي عُثْمَان ٻڌايو ته "اها ڪنجي منهنجي ماءُ وٽ آهي." سندس ماءُ جو نالو سُلاَفَه بنت سَعِيْد اَنْصَارِيه اَوْسِيّہ ٻڌايو ويو آهي. پوءِ عثمان پنهنجي ماءُ وٽ آيو ۽ کانئس ڪنجي گهرِيائين ته هن ڪنجي ڏيڻ نه چاهي، پر عثمان کانئس زوريءَ ڪنجي کسي اچي حضور انور ﷺ جن جي حوالي ڪئي. جنهن کانپوءِ امام الانبياء ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان الله جي گهر جو دروازو کوليو ۽ اندر ٻه رڪعتون نماز ادا ڪيائون ۽ پوءِ وري ٻاهر نڪري ٻه رڪعتون بيت الله جُي آڏو پڻ ادا ڪيائون.

فائده: ڪن راوين جو قول آهي ته هجرت کانپوءِ رسول ڪريم ﷺ جن هڪ دفعو ئي بيت الله ۾ اندر داخل ٿيا ۽ اهو فتح مڪه جي موقعي تي ٿيو ۽ ان کانپوءِ حجة الوداع جي موقعي تي ۽ ٻئي ڪنهن به موقعي تي وري بيت الله ۾ اندر نه ويا. جڏهن ته علامه تقي فاسي [1] پنهنجي تاريخ ۾ جنهن

---

(١) نائين صديءَ جو ٻي بدل عالم، مؤرخ، محدث، فقيه ۽ سوانح نگار جنهن جو نالو محمد بن احمد بن علي بن محمد بن محمد فاسي مڪي مالڪي، لقب تقي الدين ۽ ڪنيت ابوالعباس ۽ ابوعبدالله آهي. هن سن ٧٧٥ هجريءَ ڌاري مڪي مڪرم جي هڪ معزز سيد گهراڻي ۾ جنم ورتو.

علامه فاسيءَ پنهنجي تعليم جي شروعات مڪي شريف کان ئي ڪئي، جتي عبدالرحمٰن بن ابوالخير حسنيءَ کان هن علم برابو جيڪو سندس پيءُ جو سؤٽ هو. ان سان گڏ تاج بهرام زين خلف ۽ وانوغي وغيره سندس پيا استاد هئا، جن سيني کيس "فتويٰ" توڙي تدريس جي اجازت ڏني هئي پر سندس طبيعت اڃان سير نه ٿي هئي، جنهنڪري علم جي تڪميل لاءِ هن اسلامي دنيا جا سمورا تعليمي مرڪز گهميا ۽ ان دؤر جي نامور عالمن وٽان علم حاصل ڪيو.

ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريان هو پنهنجي امڙ سان گڏجي مديني شريف پهتو، جتي سندس مامو محب الدين نويري اتان جو قاضي هو.

مديني ۾ هن علم قراءت، اربعين نووي ڪتاب الاشارات وغيره پڙهيا. جنهن کانپوءِ وري هو مڪي موٽي آيو ۽ ڪجهه وقت هن مڪي ۾ درس تدريس جو ڪم ڪيو پر سندس اندر ۾ جيڪا علم جي اڄ هئي، ان کيس هتي آرام سان ويهڻ



Marfat.com

جو نالو "تحصيل المرام في تاريخ بلد الحرام" آهي، لکي ٿو تہ "مٿين قول مان مراد آهي تہ مني مرسل ﷺ جن جي بيت الله ۾ هڪ دفعو داخل ٿيڻ تي تہ سمورا متفق آهن، باقي ٻي ڪنهن موقعي تي داخل ٿيڻ وارين روايتن بابت مختلف رايا آهن.

اڳتي هلي هو لکي ٿو تہ نبي انور ﷺ جن ڪعبي ۾ اندر جملي چار ڀيرا داخل ٿيا. جنهن جو ذڪر اسانکي ملي ٿو. انهن مان پهريون ڀيرو "عمرة القضاء" جي موقعي تي، ٻيو ڀيرو مڪي جي فتح مهل، ٽيون ڀيرو فتح مڪہ جي ٻئي ڏينهن تي، جيئن حضرت اسامہ بن زيد رضہ کان روايت احمد بن مَنيع ۽ دارقطنيءَ نقل ڪئي آهي. باقي چوٿون ڀيرو "حجة الوداع" جي موقعي تي بہ ٻڌايو وڃي ٿو. اها روايت ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضہ کان امام احمد، ابودائود، ترمذي ۽ ابن ماجہ وغيرها

---

تہ ڏنو ۽ ٧٩٧ هجريءَ ڌاري هن ان دور جي عظيم علمي مرڪز مصر ڏانهن منهن ڪيو. هتي پهچي هن وقت جي مجيل امامن وٽان حديث توڙي فقهہ ۾ ڪمال حاصل ڪيو. سندس استادن ۾ بُلقيني، تنوخي، ابن مُلَقن، هيثمي ۽ زين الدين عراقيءَ سان گڏ مريم بنت ازرعيءَ جو نالو بہ شامل آهي، جنهن ڪانپوءِ هو دمشق پهتو، جتي ابوهريره ذهبي ابن ابوالمجد ۽ خديجه بنت سلطان کان هن فيض پرايو. پوءِ وري هو بيت المقدس ويو جتي علي شهاب بن علانيءَ جو شاگرد ٿي رهيو ۽ ڪسبِ ڪمال جي سلسلي ۾ سندس آخري منزل يمن هئي، جتي هو ٨٠٥ هجريءَ ڌاري پهتو. ان دور ۾ يمن بہ اسلامي تعليم جو وڏو مرڪز هو. علامہ فاسيءَ هتي رهي ابن حيدر دهقلي، ابن عياش دمشقي وغيره وٽان تخصص حاصل ڪيو. جنهن ڪانپوءِ ٨٠٧ هجريءَ ڌاري هو جڏهن مڪي واپس پهتو تہ ڪيس اتي مالڪي فقه وارن جو قاضي مقرر ڪيو ويو ۽ ان دور ۾ اهڙو ٻيو ڪوبہ ماڻهو ڪونہ هو جيڪو علم فضل ۾ سندس مقابلو ڪري.

فقہ جي لحاظ کان جيتوڻيڪ هو مالڪي فقہ جو پيروڪار هو پر قدرت سندس دل کي هر تعصب کان پاڪ ڪيو هو ۽ هر فقہ جا ٻوڙلڳ وٽانئس فيض حاصل ڪندا هئا. سندس شاگردن ۾ شافعين جو تعداد تمام گهڻو آهي.

علامہ فاسيءَ پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي حصو مڪي ۾ گذاريو، انڪري مڪي شريف سان محبت ۽ مڪي جي تاريخ بابت سندس معلومات تمام گهڻي هئي، اهوئي سبب هو جو سندس تصنيفات ۽ تاليفات ۾ گهڻا ڪتاب مڪي شريف جي متعلق ٿي آهن، جيڪي سَنَد جي حيثيت رکن ٿا. سندس خاص ڪتاب هيٺيان آهن:

١. شفاء العزام في باخبار البلد الحرام.
٢. العقد الثمين في تاريخ البلد الامين.
٣. عجالة القريٰ في تاريخ امُ القريٰ.
۴. تحصيل المرام في تاريخ البلد الحرام.
۵. تحفة الكرام باخبارالبلد الحرام هي شفاء الغرام جو اختصار آهي.

ان ڪانسواءِ ڪيترن مشهور ڪتابن جا ذيل ۽ اختصار بہ لکيائين، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

ذيل سير اعلام النبلاء ذهبي.

ذيل علي التقييد ابن نقطہ.

اختصار حياة الحيوان دِميري وغيره.

آخري عمر ۾ سندس نظر بيهجي ويئي، جنهنڪري معذور ٿي گهر ۾ ويهي رهيو، پر پوءِ بہ جڏهن علم جو ڪو طالب وٽس ايندو هو تہ ان کي مايوس نہ ڪندو هو.

علامہ فاسيءَ سن ٨٣٢ هجريءَ ڌاري مڪي شريف ۾ وفات ڪئي.



Marfat.com

نقل ڪئي آهي، جنهنجي "ترمذي" طرفان تصحيح بہ ڪئي ويئي آهي. ان بابت "فاسيءَ" جو خيال آهي تہ "عمرة القضاء" واري روايت صحيح نہ آهي، باقي ٻن پيرن واريون روايتون صحيح آهن، جڏهن تہ "فتح مڪہ" جي ڏينهن داخل ٿيڻ واري روايت تي سمورا منفق آهن. (١)

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن ارادو ڪيو تہ ڪعبة الله جي ڪنجي عثمان يا سندس والده کي واپس نہ ڪئي وڃي، ڇو جو ڪنجي ڏيڻ وبل پوڙهيءَ سختي ڪئي هئي، ان موقعي تي رب پاڪ طرفان هيٺين آيت نازل ڪئي ويئي.

اِنَّ اللهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمَانَاتِ اِلٰى اَهْلِهَا. (٢)

"بيشڪ الله تعاليٰ اوهان کي حڪم ڪري ٿو تہ اوهان امانتون سندن وارثن کي واپس ڪريو."

ان ڪانپوءِ رسول رحمت ﷺ جن اها ڪنجي ڪين موٽائي ڏني ۽ فرمايائون تہ "وٺو اي بنو طلحہ! هاڻي اها ڪنجي هميشہ اوهان وٽ رهندي."

* هن ئي سال جڏهن سرور عالم ﷺ جن ڪنجي ان جي اصلوڪن مالڪن کي موٽائي ڏني تہ اوڏيءَ مهل ئي عُثْمَان رضہ بن طَلْحَہ جمحيءَ اسلام قبول ڪيو ۽ ساڻس گڏ سندس ماءُ بہ مسلمان ٿي. هڪ روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي، پر جمهور جي راءِ اها آهي تہ عثمان "فتح مڪہ" کان اٽڪل ڇهہ مهينا اڳ صفر جي مهيني ۾ ئي مسلمان ٿي چڪو هو، جيئن هن ئي فصل ۾ هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال "فتح مڪہ" جي موقعي تي شَيْبَہ رضہ بن عُثْمَان بِن اَبُوطَلْحَہ بن عَبْدُالْعُزيٰ عَبْدِري حجبيّ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو عُثْمَان بِن طَلْحَہ جو سوٹ هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ "شَيْبَہ" هن ڪانپوءِ "حنين" جي موقعي تي مسلمان ٿيو هو. انهن ٻنهي روايتن کي هن ريت بہ گڏي سگهجي ٿو تہ "شيبہ "فتح مڪہ واري ڏينهن تي ئي مسلمان ٿيو هجي ۽ حنين واري زماني تائين سندس ايمان ۾ پختگي آئي هجي.

* هن ئي سال جو واقعو آهي تہ ڪعبي جي ڪنجي جيڪا مني مرسل ﷺ جن ان جي مالڪن کي موٽائي ڏني تہ ان ڪانپوءِ اها ڪنجي سڄي ڄمار حضرت عُثْمَان بِن طَلْحَہ بِن اَبُوطَلْحَہ رضہ جي هٿ رهي، تانجو سندس وفات جو وقت آيو تہ ان کان اڳ هن اها ڪنجي پنهنجي سوٽ شَيْبَہ رضہ بن عُثْمَان بِن اَبُوطَلْحَہ جي حوالي ڪئي، جيڪا اڄ سوڌو "بَنُوْشَيْبَہ" وارن جي هٿ ۾ آهي.

* هن سال "فتح مڪہ" وارن ڏينهن ۾ حُيَي ابن جاريہ ثقفي بہ اسلام قبول ڪيو (٣) جيڪو بنو زهره وارن جو ساٿاري هو. هو حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت تائين زنده هو ۽ "جنگ يمامہ" ۾ بهرو ورتائين، جتي کيس شهادت نصيب ٿي.

(١) تحصيل المرام في تاريخ بلد الحرام.
(٢) "سورة النساء" آيت ٥٨ پاره ٥.
(٣) ابن الاثير ۽ ڪن ٻين اهو نالو حُيَي بن حارثہ بہ لکيو آهي. جڏهن تہ طبريءَ سندس نالي ۾ هڪ "ي" ڏئي "حي" لکيو آهي. هن صحابي سڳوري جنگ يمامہ ۾ شهادت ماڻي.
اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ١٠١.



Marfat.com

* هن سال فتح مڪ واري زماني ۾ سيد الانبياء ﷺ جن جي حڪم سان حرم پاڪ جي نئين سر حدبندي ڪئي ويئي ۽ ان ڪم مٿان تميم رضه بن اسيد بن عبدالعزيٰ خزاعي نالي صحابي کي مقرر ڪيو ويو.

* هن سال "غَزْوَةُ الْفَتْحِ" واري سفر ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان ٻه بيبيون سڳوريون ساڻ هيون، جن مان هڪ سيده ام سلمه رضه ۽ ٻي حضرت مَيْمُوْنَہ رضه هئي.

* هن سال "فتح مڪ" واري زماني ۾ "اَبُوْقُحَافَہ" به اسلام قبول ڪيو، جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رضه جو پيءُ هو ۽ سندس نالو عثمان رضه بن عامر ٻڌايو ويو آهي. "اَبُوْقُحَافَہ" سندس ڪنيت آهي، ڇو جو "قُحَافَہ" نالي ڪيس هڪ نياڻي هئي، جيڪا سندس اولاد ۾ سڀ کان ننڍي هئي.

"اَبُوْقُحَافَہ" کي نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ سندن پٽ سيدنا ابوبڪر صديق رضه وٺي آيو، جتي هن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

* هن سال فتح مڪ جي موقعي تي حَارث رضه بِن هَشَام بن مُغِيْرَه مَخْزُوْمِي به مسلمان ٿيو، جيڪو ابوجهل جو سڳو ڀاءُ هو.

* هن سال فتح مڪ وارن ڏينهن ۾ وَحْشِيْ رضه بن حَرْب به اسلام قبول ڪيو، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي چاچي سائينءَ حضرت حَمْزَه جو قاتل هو.

ڪن جو چوڻ آهي ته "وَحْشِيْ" غَزْوَه طَائِف کانپوءِ مسلمان ٿيو هو.

* هن ئي سال ساڳئي موقعي تي حَڪِيْم رضه بن حِزَام بن خويلد به اسلام قبول ڪيو، جيڪو ام المؤمنين سَيِّدَه خَدِيْجَةُ الْڪُبْرىٰ رضه جو ڀائٽيو هو. هن ئي فصل ۾ مٿي هڪ روايت ۾ نقل ڪيو ويو آهي ته حضرت حَڪِيْم رضه "فتح مڪ" کان هڪ ڏينهن اڳ "مَرُّ الظَّهْرَان" وٽ مسلمان ٿيو هو.

* هن ئي سال فتح مڪ جي موقعي تي هَشَام، خَالِد، عَبْدُالله ۽ يَحْيٰ به اسلام قبول ڪيو، اهي چارئي حضرات حَڪِيْم رضه بن حِزَام جا پٽ هئا، جيڪي پنهنجي پيءُ کانپوءِ مسلمان ٿيا ۽ ساڻن گڏ سندن ماءُ زَيْنَب رضه بنت عوام به اسلام قبول ڪيو.

* هن سال فتح مڪ جي ئي موقعي تي اَبُو وَدَاعَة حَارث رضه بِن عُمَيْرَه بِن سُعَيْد قُرَشِي سَهْمِي به اسلام قبول ڪيو، جيڪو مُطّلب بن اَبُو وَدَاعہ سَهْمِي جو پيءُ هو ۽ سَيِّدنا عُمر بن خَطَّاب رضه جي خلافت تائين زنده سلامت هو. هن ئي موقعي تي سندس پٽ مطلب بن ابو وداعہ به مسلمان ٿيو.

* هن ئي سال فتح مڪ جي موقعي تي اَبُوْجَهْم رضه بن حُذَيْفَہ قُرَشِي عدوي به اسلام قبول ڪيو، جيڪو حضرت عبدالله بن عمر رضه جو مائيٽو ڀاءُ هو. سندس نالي ۾ اختلاف آهي، ڪن سندس نالو "عبيد" ته ڪن "عامر" ٻڌايو آهي. هي اهو ساڳيو صحابي آهي، جنهن کان "انبجاني"[1] چادر جو قصو صحيح بخاري وغيره ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

* هن سال "فتح مڪ" واري دؤر ۾ يَعْلىٰ رضه بن اُمَيَّہ تميمي به مسلمان ٿيو، جيڪو قريش جو

(۱) "انبجان" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جتان جون گرم چادرون يا شالون ان دور ۾ مشهور هيون، جيڪي "اُنَّ" مان ٺهيل هيون ۽ لسيون هونديون هيون، يعني انهن تي ڪو ڇاپي وغيره جو ڪم ٿيل نه هوندو هو.
"النهايہ" "ابن الاثير" ج ۱ ص ۳۷.



Marfat.com

ساٿاري هو، ڪيس "يَعْلَيٰ رضہ بن مُنِيَّۃ" بہ سڏيو ويندو آهي. هن "طائف" "تبوڪ" ۽ "حنين" جي غزوات ۾ بهرو ورتو.

* هن ئي سال مڪي جي فتح کان اڳ عَبْدُالله رضہ بِن اَبُو رَبِيْعَہ بن مُغِيْرَہ قُرَشِي مَخْزُوْمِي بہ مسلمان ٿيو، جيڪو "عَيَّاشِ بِن اَبُو رَبِيْعَہ" جو ڀاءُ هو.

* هن سال "فتح مڪہ" وارن ڏينهن ۾ اَبُوشُرَيْحْ رضہ خُزَاعِي ڪَعْبِي مدني بہ اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان جي حيثيت سان "فتح مڪہ" ۾ بهرو ورتائين. سندس نالي ۾ اختلاف آهي، ڪجهہ راوين طرفان سندس نالو خُوَيْلد بن عَمْرو ٻڌايو ويو آهي تہ، ڪن طرفان ڪي ٻيا بہ نالا ٻڌايا ويا آهن.

* هن سال "فتح مڪہ" جي موقعي تي قريش قبيلي جي هڪ ٻانهي "سَارَہ" رضہ بہ اسلام قبول ڪيو. هيءَ ساڳئي عورت آهي، جيڪا مڪي جي فتح کان اڳ حاطب بن اَبُوبَلْتَعہ رضہ جو خط ڪٺي مڪي جي ڪافرن ڏانهن رواني ٿي هئي. سندس مسلمان ٿيڻ واري روايت ۾ اختلاف آهي، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال ساڳئي موقعي تي اَبُو سَنَابِل رضہ بن بعلبڪ بن حَارِث قُرَشِي عَبْدِرِي بہ اسلام قبول ڪيو. جيڪو شاعر بہ هو. سندس "سُبَيْعَہ اَسْلَمِيَّہ" نالي عورت سان نڪاح جو قصو صحيح بخاري وغيره ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

* هن سال "فتح مڪہ" جي زماني ۾ عامر رضہ بن ڪريز بن ربيعہ بن حبيب بن عبد شمس عَبْشَمِيّ بہ اسلام قبول ڪيو. هي حضرت عَبْدُالله رضہ بن عامر قرشيءَ جو پيءُ هو.

* هن سال مڪي جي فتح واري موقعي تي رُڪَانَہ رضہ بن عَبْد يَزِيْد بن هَاشِم بِن عَبْدُالْمُطَّلِب بن عبد مَنَاف قرشي مُطلبي بہ مسلمان ٿيو، جيڪو قريش قبيلي وارن جو وڏو طاقتور پهلوان ۽ ڪُشتيءَ جو ڄاڻو هو. هو نبي اڪرم ﷺ جن سان بہ ڪُشتي ڪيڏيو هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ ٻہ ٽي دفعا کيس ڊسيو هو. ان ڪُشتيءَ جا تفصيل وڏن ڪتابن ۾ ڄاڻايا ويا آهن.

* هن سال فتح مڪہ وارن ڏينهن ۾ سُهَيْل رضہ بن عَمْرو بن عَبْد شَمْس بن عَبْدُوَدّ قُرَشِي عَامِرِي بہ اسلام قبول ڪيو، جنهن جو شمار مڪي جي وڏن ماڻهن ۾ ٿيندو هو. هي اهو شخص آهي، جنهن "حُدَيْبِيَّہ" واري صلح نامي لکڻ وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن کي روڪيو هو تہ صلح نامي ۾ محمد "رسول الله ﷺ" نہ لکيو وڃي ۽ پوءِ سُهَيْل جي گذارش قبول ڪندي پاڻ ڪريمن ﷺ حڪم ڏنو هو تہ ان جاءِ تي "مُحَمّد بِن عَبْدُالله ﷺ" لکيو وڃي. ان واقعي جا تفصيل صحيح بخاري وغيره ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

ان ڪانپوءِ ان ساڳئي سُهَيْل رضہ کي رب تعاليٰ فتح مڪہ جي موقعي تي اسلام جي نعمت سان نوازيو.

هن ئي سال مڪي جي فتح وقت ابو هاشم بن عتبہ بن رَبِيْعَہ قرشي عَبْشِمِيْ بہ مسلمان ٿيو جيڪو مُعَاوِيہ بن اَبُوسُفْيَان جو مامون، اَبُوحُذَيْفَہ بن عتبہ جو ڀاءُ ۽ مُصْعَب بن عُمَيْر جو مائيٽو ڀاءُ هو.

* هن سال فتح مڪہ جي موقعي تي عبد رضہ بن زَمْعَہ بن قَيْس بن عَبْد شَمْس قُرَشِي عَامِرِيءَ بہ اسلام قبول ڪيو. هي ام المؤمنين سيده سَوْدَہ بن زَمْعَہ رضہ جو ڀاءُ هو، جيئن ارشاد الساريءَ ۾ قسطلانيءَ ڄاڻايو آهي.



Marfat.com

* هن ئي سال فتح مڪ واري زماني جو واقعو آهي تہ ملئين صحابي عَبۡد بن زمعہ رضہ جو حضرت سَعۡد بن اَبِي وَقَّاص رضہ سان هڪ ٻار بابت تنازعو ٿي پيو، جيڪو زمعہ جي ٻانهيءَ کي ڄائو هو. اهو ٻار عَبۡد بِن زَمۡعَہ کي ڏيڪاريندي رسول الله ﷺ جن فرمايو. "ٻار ان جو ٿيندو جنهن جي تڏي تي ڄمي، باقي زانيءَ لاءِ پٿر آهن."

اهو قصو صحيح بخاريءَ ۾ تفصيل سان نقل ڪيو ويو آهي. جنهن ٻار بابت تنازعو ٿيو، ان جو نالو عبدالرحمٰن بن زَمۡعَہ ٻڌايو ويو آهي ۽ جنهن ٻانهيءَ جي ٻار ڄڻيو ان جو نالو قُرَيۡبَہ بِنت اُمَيَّہ بِن مُغِيۡرَہ آهي، جيئن "اسد الغابہ" وغيره ۾ ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن تہ "شرح بخاري" ۾ قسطلاني لکي ٿو تہ ڪيس ان ٻانهيءَ جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

* هن سال فتح مڪ جي موقعي تي خُزَيۡمہ رضہ ابن فَاتِڪ بن اَخۡرَم اَسَدِيّ بہ اسلام قبول ڪيو جيڪو "اَسَد خُزَيۡمَہ" وارن مان هو ۽ سندس وار ڏگها هوندا هئا، پر حقيقت ائين آهي تہ خُزَيۡمہ ۽ سندس پيءُ "سَبُرَہ بن فَاتِڪ رضہ هن کان گهڻو اڳ مسلمان ٿي چڪا هئا ۽ "غَزۡوَہ بَدۡر" ۾ بہ بهرو ورتو هئائون.

هن ئي موقعي تي سندس پٽ اَيۡمَن بن خُزَيۡمہ بن فَاتِڪ جيڪو ان وقت اڃان نوجوان ڇوڪرو هو اهو بہ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيو هو.

* هن ئي سال "فتح مڪ" واري زماني ۾ اَبُو وَاقِد لَيۡثِي رضہ بہ اسلام قبول ڪيو، جنهن جو تعلق لَيۡث ڪِنَانَہ وارن سان هو. سندس نالو حَارث بن عَوۡفِ بن اُسَيۡد ٻڌايو ويو آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ اَبُو وَاقِد رضہ فتح مڪ کان اڳ ئي مسلمان ٿي چڪو هو، باقي جيڪي چون ٿا تہ هو "غزوه بدر" ۾ شريڪ ٿيو تہ انهن جي ڳالهہ صحيح نہ آهي.

* هن سال جڏهن رسول انور ﷺ جن مڪي شريف جي فتح کان واندا ٿيا تہ ان موقعي تي عَتَّاب رضہ بن اُسَيۡد بن اَبُوالۡعِيۡص بن اُمَيَّہ قُرَشِي اموي مڪيءَ بہ اسلام قبول ڪيو هو. پڪو مسلمان ثابت ٿيو، ۽ هن ئي سال رسول اڪرم ﷺ جن طرفان ڪيس مڪي جو والي بڻايو ويو ۽ پوءِ عتاب رضہ هن ئي سال ماڻهن سان گڏيو حج تي ويو، جيئن هن کان اڳ هن ئي فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

* هن ئي سال مڪي جي فتح وقت عَبۡدُالله رضہ بن زِبَعۡرِي بن قَيۡس قُرَشِي سَهۡمِيءَ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. مسلمان ٿيڻ کان اڳ هو مني مرسل ﷺ جن سان سخت دشمني رکندو هو.

* هن سال ساڳئي موقعي تي عبدالله رضہ بن سَعۡد بن اَبُوسَرۡح بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو حضرت عُثۡمَان بن عَفَّان رضہ جو ٿڃ شريڪ ڀاءُ هو. هي شخص هن کان اڳ بہ مسلمان ٿيو هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان ڪيس وحي لکڻ جو ڪم بہ سونپيو ويو هو پر پوءِ هو دين تان ڦري ويو ۽ فتح مڪ جي موقعي تي وري ٻيهر اسلام قبول ڪيائين ۽ پوءِ هو پنهنجي دين تي ثابت قدم رهيو.

* هن سال فتح مڪ واري دور ۾ عُقۡبَہ رضہ بن حَارِث بِن عَامِر اَبُوسَرۡوَعَہ قُرَشِي نوفلي بہ اسلام قبول ڪيو هو. هي اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن چوٿين هجريءَ ڌاري حضرت خُبَيۡب بن عَدِيّ رضہ



Marfat.com

جهڙي جليل القدر صحابي سڳوري کي شهيد ڪيو هو پر پوءِ خدا تعاليٰ کيس هدايت ڏني ۽ فتح مڪہ کان موت تي حق جي واٽ ورتائين. حضرت خبيب رضہ جي شهادت جو ذڪر سرايا واري باب ۾ گذري چڪو آهي.

* هن ئي سال مڪي جي فتح واري دور ۾ حويطب رضہ بن عبدالعزيٰ بن ابو قيس قرشي عامري بہ مسلمان ٿيو ۽ پوءِ مسلمانن سان گڏجي حنين توڙي طائف ۾ حصو ورتائين.

نبي ڪريم ﷺ جن طرفان کيس سؤ اٺ ڏنا ويا. هو پلو مسلمان ٿي رهيو.

* هن ئي سال فتح مڪہ جي موقعي تي خالد رضہ بن اسيد بن ابوالعيص بن اميہ قرشي اموي بہ اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿيڻ کانپوءِ سنت انهن ئي ڏينهن ۾ مڪي ۾ گذاري ويو. هي عتاب بن اسيد جو ڀاءُ هو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

* هن سال انهن ئي ڏينهن ۾ "ام حڪيم" رضہ بہ ايمان آندو. سندس نالو بيضاء بنت حارث بن هشام مخزوميہ آهي. هي بيبي سڳوري عڪرمہ بن ابوجهل جي گهرواري بہ هئي تہ سؤٽ بہ. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ سندس مڙس "عڪرمہ" رضہ بہ سندس ئي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

* هن ئي سال فتح مڪہ جي موقعي تي يا ان کان ڪجهہ وقت پوءِ صفوان رضہ بن اميہ بن خلف جُمَحي رضہ بہ اسلام قبول ڪيو. سندس پيءُ اميہ بن خلف "غزوه بدر" واري ڏينهن ڪفر جي حالت ۾ قتل ٿيو هو.

* هن ئي سال فتح مڪہ وارن ڏينهن ۾ هبار رضہ بن اسود ۽ بديل رضہ بن ورقاء بن عبدالعزيٰ خزاعي بہ اسلام قبول ڪيو. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ بديل رضہ ۽ سندس پٽ عبدالله رضہ بن بديل مڪي جي فتح کان هڪ ڏينهن اڳ "مر الظهران" وٽ مسلمان ٿيا هئا، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال هن ئي موقعي تي سُنَيْن رضہ بن فرقد ابو جمليہ بہ ايمان آندو. سندس تعلق ضمري يا ٻي قول موجب "سلمي" قبيلي سان ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال فتح مڪہ وارن ڏينهن ۾ عبدالله رضہ بن شخير ابومطرف عامري بہ مسلمان ٿيو. سندس تعلق عامر بن صَعْصَعَہ وارن سان هو.

* هن سال فتح مڪہ واري موقعي تي مطيع رضہ بن اسود بن حارث عدوي بہ اسلام آندو. پهريان سندس نالو "عاصي" هو، پر پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن اهو نالو بدلائي مٿس "مطيع" نالو رکيو. حجة الوداع جي موقعي تي هن ئي، رسول انور ﷺ جن جي مٿي مبارڪ کي پاڪي ڏني هئي.

* هن سال هن ئي موقعي تي حضرت ام هاني بنت ابوطالب رضہ بہ اسلام قبول ڪيو، سندس نالو "فاختہ" ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال فتح مڪہ جي موقعي تي معاويہ بن ابوسفيان صخر بن حرب صحابي قرشي اموي رضہ بہ پنهنجي پيءُ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ اسلام قبول ڪيو. ڪن جو چوڻ آهي تہ هو پنهنجي پيءُ کان گهڻو وقت اڳ "غزوه حديبيہ" کان پوءِ ئي ڳجهيءَ طرح ايمان آڻي چڪو هو، جنهن کي فتح مڪہ جي موقعي تي ظاهر ڪيائين.

* هن سال ساڳئي موقعي تي يزيد بن ابوسفيان رضہ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو معاويہ جو



Marfat.com

پيڻتو ياءُ هو. هن جو شمار فاضل صحابين ۾ ٿيندو آهي. سندس ڪنيت تہ "اَبُوالْحِڪَم" آهي. ڪيس "يَزِيْدُ الْخَيْر" جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو. ابوسفيان رضہ جي اولاد ۾ سندس ماٺ سڀ ڪان مٿانهون آهي.

* هن ئي سال فتح مڪہ جي موقعي تي هند رضہ بنت عتبہ بہ اسلام قبول ڪيو جيڪا اَبُوسُفْيَان رضہ بن حَرْب جي زال ۽ مُعَاوِيَہ رضہ جي ماءُ هئي.

* هن سال فتح مڪہ واري زماني ۾ ئي سرور عالم ﷺ جن حضرت ام هاني بنت ابوطالب رضہ جي گهر آيا، جيڪا سيدنا علي رضہ جي ڀيڻ هئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس گهر ۾ غسل بہ فرمايو تہ چاشت جا نفل بہ ادا ڪيا.

* هن سال ساڳئي موقعي تي حضرت ام هاني رضہ، سرور ڪائنات ﷺ جن وٽ آئي ۽ چيائين تہ "اي الله جا رسول ﷺ! منهنجي امڙ ڄايو علي رضہ انهن ٻن ڄڻن کي قتل ڪرڻ چاهي ٿو، جن جي مون سامر ڪنئي آهي." ان تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن وراڻيو: "اي ام هاني، جيڪي تنهنجي سامر پيا آهن اهي اسان جي بہ سامر ۾ آهن." انهن ٻن شخص مان هڪ تہ ابوجهل جو ياءُ حَارث بن هَشَّام مَخْزُوْمِي هو، جڏهن تہ ٻيو شخص زُهَيْر بن اَبُو اُمَيَّہ بن مُغِيْرَہ مَخْزُوْمِي هو، جيڪو ام المؤمنين سَيِّدہ اُمِّ سَلْمَہ رضہ جو ياءُ هو. ان ڪانپوءِ مڪي جي فتح واري موقعي تي حَارِث رضہ ۽ زهير رضہ ٻئي مسلمان ٿيا.

ڪن جو چوڻ آهي تہ اهي ٻہ ماڻهو جي حضرت ام هاني رضہ وٽ سامر پيا هئا، انهن منجهان هڪ تہ سندس مڙس هُبَيْرَہ بن ابو وَهْب مَخْزُوْمِي هو، جڏهن تہ ٻئي جو نالو جعده بن هبيره ٻڌايو ويو آهي. پر اها روايت ضعيف آهي، ڇو جو هبيره مڪي جي فتح واري ڏينهن تي مڪي مان ڀڄي ويجي نجران پهتو ۽ هو پنهنجي ڪفر تي آخر تائين قائم رهيو، تانجو اتي ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويو. باقي جعده ان وقت تائين اڃان ٻار هو ۽ حضرت عليءَ رضہ جهڙي هستي لاءِ مناسب نہ هو تہ ان جي قتل جو ارادو ڪري. ائين ئي حافظ ابن حجر "فتح الباري" ۾ ۽ "زرقاني" "شرح عليٰ المواهب" ۾ ڄاڻايو آهي.

* هن سال انهن ئي ڏينهن ۾ نبي سڳوري ﷺ عَبْدُالله بن خَطَل جي قتل جو حڪم ڏنو، ڇو جو هي شخص مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي دين تان ڦري ويو هو ۽ مني مرسل ﷺ جن متعلق گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو ۽ پنهنجي ٻانهين ڪان بہ اهڙا شعر ڳائرائيندو هو، جن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي گهٽتائي بيان ڪيل هوندي هئي. رسول اڪرم ﷺ جن جڏهن سندس قتل جو حڪم ڏنو تہ ڪيس ٻڌايو ويو تہ "اي خدا جا رسول ﷺ! هو تہ ڪعبة الله جي غلاف کي چنبڙيو پيو آهي، پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "ڪيس قتل ڪيو وڃي." جنهن ڪانپوءِ ڪيس ان حالت ۾ قتل ڪيو ويو جو هو ڪعبي جي غلاف کي چنبڙيو پيو هو. جيئن هن فصل ۾ اڳ بيان ٿي چڪو آهي. باقي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ ڪيس ڪنهن قتل ڪيو؟ ان ڏس ۾ صحيح ڳالهہ اها آهي تہ هو اَبُو بُرْزَةُ اَسْلَمِيّ رضہ هٿان قتل ٿيو.

* هن سال فتح مڪہ واري زماني ۾ عُتْبَہ رضہ ۽ مُعَتِّب رضہ بہ مسلمان ٿيا. هي ٻئي اَبُولَهَب جا



Marfat.com

* هن سال جي شروعات ۾ حضرت عمر رضہ بن خطاب جي گهر عَاصِم نالي هڪ نينگر ڄائو، جيڪو حضرت عُمر بن عَبْدُالْعَزِيْز رضہ جو نانو آهي. "تذڪرة القاري" واري ڄاڻايو آهي تہ عاصم پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال ڪان ٻہ ورهيہ اڳ ڄائو هو.

* هن سال عَبْدُالله بن حَارِث بن نَوْفَل بِن حَارِث بِن عَبْدُالْمُطَّلِب بن هَاشِم قُرَشِيْ هَاشِمِيْ بہ ڄائو، جيڪو بَبَّہ جي لقب سان ڄاتو وڃي ٿو. هو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي زماني ۾ ڄائو، جڏهن تہ سندس پيءُ حارث کي صحابيت جو درجو حاصل آهي.

"اسد الغابہ" ۾ "ابن الاثير" ڄاڻايو آهي تہ عبدالله پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال ڪان ٻہ ورهيہ اڳ ڄائو هو.

* هن سال "فتح مڪہ" جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ نبي انور ﷺ جن جڏهن "حُنَيْن" ڏانهن اسهيا، تڏهن حضرت عَتَّاب رضہ بن اُسَيْد کي مڪي جو امير مقرر ڪيائون. هو سڄو سال مڪي ۾ ئي رهيو ۽ ماڻهن کي پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ حج تي بہ وٺي ويو، ان وقت سندس عمر ويهارو کن ورهيہ هئي.

## غَزْوَه حُنَيْن جا واقعا [1]

* هن سال جڏهن رسول انور ﷺ جن "حُنَيْن" ڏانهن اسهيا تہ ان موقعي تي ٻارهن هزار صحابين جو لشڪر ساڻن گڏ هو، ڪن راوين طرفان اهو انگ چوڏهن هزار بہ ٻڌايو ويو آهي. هن موقعي تي صَفْوَان بن اُمَيَّہ کان اڌاري طور ڪجهہ زرهون گهرايون ويون، جنهن چار سؤ زرهن سان گڏ ڪجهہ ٻيا هٿيار پڻ پيش ڪيا.

* هن سال "حنين" ڏانهن ويندي رستي ۾ ماڻهن جي نگاهہ هڪ وڏي ٻير جي وڻ تي پيئي، جيڪو سڄو سائو هو ۽ تمام گهاٽو ڦر ڪندو هو، ان کي "ذَات اَنْوَاط" سڏيو ويندو هو. ان وڻ کي ڏسندي ڪجهہ اهڙا اصحابي جيڪي تازا دين ۾ داخل ٿيا هئا: چوڻ لڳا تہ "اي الله جا رسول ﷺ! اسان لاءِ بہ هڪ اهڙو "ذَات اَنْوَاط" هجڻ کپي جيئن هي ڪافرن لاءِ آهي، اهو ٻڌي خدا جي سچي رسول ﷺ جن وراڻيو: "الله اڪبر! ڇا توهان اهڙي ڳالهہ ڪريو ٿا جهڙي حضرت مُوسىٰ جي قوم ڪئي؟ هنن پنهنجي پيغمبر کي چيو هو: "اي موسىٰ عليہ السلام! اسان لاءِ بہ اهڙو ميوو مقرر ڪر جهڙو هنن لاءِ آهي."

حضرت موسىٰ وراڻيو هو: "اوهان اهڙي قوم آهيو جيڪي جاهلن جهڙي ڳالهہ ڪن ٿا."

---

(1) هتي غزوه حنين جا جيڪي واقعات بيان ڪيا ويا آهن، انهن جا حوالا هيٺين ڪتابن تان ورتا ويا آهن.

صحيح بخاري "ڪتاب المغازي والسير" ج ٣ ص ٦٦، صحيح مسلم "ڪتاب الجهاد والسير" ج ٣ ص ١٦٦، فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٢١. الطبقات الڪبرىٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ١١٤، المغازي "واقدي" ج ٣ ص ٨١٥، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٨٠.الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ١٣٨. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ۴٦٥. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ٣٢١. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٥٩٦، شرح علىٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٥. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ١١٩، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٥٣. "تاريخ طبري" ج ٢ ص ٣۴۴، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٩٩. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٥ ص ٣١٠.



Marfat.com

"اَنْوَاط هٿيارن ٽنگڻ وارين ڪلين کي سڏبو آهي، ڪافر وڻ جي تعظيم ڪندي ان ۾ به ڪپڙا ٽنگيندا هئا.

* هن سال "غَزْوَه حُنَيْن" ۾ پهريان ڪافرن جنگ هارائي، اهو ڏسي مسلمان غنيمت جي مال ميڙڻ ۾ لڳي ويا . جڏهن ته ڪجهه پنهنجي گهٽائيءِ تي آڪڙ ڪرڻ لڳا . جنهن ڪري خدا تعاليٰ مشرڪن کي وري ميدان ۾ موٽايو! جن اچي مسلمانن مٿان تير وسايا ۽ پوءِ پنهنجي گهٽائي تي آڪڙ ڪرڻ وارن مسلمانن وٽي پويان پير ڪيا ۽ مڪي ڏانهن رخ رکيائون تانجو سرْور ڪائنات ﷺ جن سان وڃي ڏهه ماڻهو باقي بچيا. ڪن راوين طرفان اهو انگ ٻارنهن يا اسي به ٻڌايو ويو آهي. ان وقت خدا جا سچا رسول ﷺ پاڻ پنهنجي خچر تي سوار ٿي ڪافرن ڏانهن وڌي رهيا هئا.

اهو اڇو خچر جنهن تي ان وقت امام الانبياء ﷺ جن سوار هئا، ان جو نالو "رُفضَّه" ٻڌايو ويو آهي، جيڪو فَرْوَه بن نفاثة جُذَامي طرفان نذراني ۾ ڏنو ويو هو. جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته ان وقت سرور ڪائنات ﷺ جن "دُلدل" تي سوار هئا، جيڪو "مُقَوْقَسْ" طرفان موڪليو ويو هو. ان مان پهرين روايت صحيح آهي. ان خچر جي واڳ ان وقت اَبُوسُفْيَان بن حَارِث جي هٿ ۾ هئي. پوءِ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن مسلمانن کي سڏيو ته هو جلدي واپس ميدان ۾ موٽي آيا.

* هن سال مٿين موقعي تي جڏهن مسلمان ميدان ۾ موٽي آيا ته ان وقت رسول اڪرم ﷺ جن خچر تان هيٺ لٿا ۽ پاڻ پنهنجي هٿ مبارڪ سان زمين تي پيل اڇيون پٿريون ڪٽي مٺ ڀري ڪافرن جي منهن ۾ هڻندي فرمايائون: "ڪعبي جي رب جو قسم، ڪافر هارايو" ۽ پوءِ ٽي دفعا "شاهت الوجوه" به پڙهيائون، يعني "هنن جون شڪليون ڦري وڃن" ۽ پوءِ "حٰمٓ لَا ينصرون" "هنن جي مدد نه ڪئي وڃي" به چيائون. جنهن ڪانپوءِ اهي ڪافر جيڪي ميدان ۾ موجود هئا انهن جي اکين آڏو سمورا وڻ ۽ پٿر ۽ ٻيون شيون ڪين ائين پئي لڳا ڄڻ اهي گهوڙيسوار هجن، جيڪي سندن پيڇو ڪري رهيا آهن.

اهڙي ريت الله تعاليٰ پنهنجي حمايت ۽ مدد سان مشرڪن کي مات ڏني ۽ مسلمانن کي ڪنهن جنگ جهيڙي جي ضرورت پيش نه آئي، نه ڪين تير هڻڻ جي ضرورت پئي ۽ نه نيزي ڪڻڻ جي.[(1)]

* هن سال "غزوه حنين" جي موقعي تي ئي جڏهن صحابي سڀُورا شڪست جا آثار ڏسي پاڻ ڪريم ﷺ جن کي اڪيلو ڇڏي ويا، تڏهن نبي انور ﷺ جن پنهنجي خچر کي ڪافرن ڏانهن هڪليندي هيئن پئي چيو:

اَنَا النَّبِيُّ لَاكَذِبْ اَنَا ابْنُ عَبْدِالْمُطَّلِب.

"مان نبي آهيان اهو ڪوڙ نه آهي، مان عبدالمطلب جي اولاد آهيان."

* هن سال ساڳئي موقعي تي الله تعاليٰ آسمان تان اهڙن ملائڪن کي موڪليو جن جا رنگ پورا هئا ۽ سندن مٿي تي ڳاڙها پٽڪا ٻڌل هئا. جن جا طُرَّه ڪلهن جي وچ تي پئي لڙڪيا ۽ اهي ابلق گهوڙن تي سوار هئا. اهي ملائڪ سرور ڪائنات ﷺ جن جي مدد لاءِ نازل ٿيا هئا. انهن جو تعداد پنج هزار هو.

---

(1) اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.



Marfat.com

رب پاڪ ان بابت هن ريت اشارو ڪيو آهي وَأَنْزَلَ جُنُودًا لَّمْ تَرَوْهَا (١) (پوءِ نازل ڪيا ويا اهڙا لشڪر جيڪي توهان کي نظر نہ آيا.)

* هن سال غزوه حُنَيْن جي موقعي تي نبي انور ﷺ جن فرمايو: "جيڪو ڪافر جنهن مسلمان هٿان قتل ڪيو ويندو تہ ان ڪافر جو مال سندس قاتل کي ئي ملندو، جيڪڏهن وٽس ان لاءِ شاهد هوندا.

* هن سال اَبُوقَتَادَہْ رضہ کي هڪ اهڙي ڪافر جو مال مليو جيڪو سندس ئي هٿان ماريو ويو. پهريان هن ڪافر جو مال ڪنهن ٻئي مسلمان ڪنيو، جنهن تي سيدنا ابوبڪر رضہ چيو: "اي خدا جا رسول ﷺ! هن مقتول جو مال اَبُوقَتَادَہْ رضہ کي ڏياريو وڃي، جو اهو سندس ئي حق آهي. پوءِ اهو مال ابوقتاده رضہ کي ئي مليو. جيئن صحيحين وغيره ۾ تفصيل سان ڄاڻايو ويو آهي.

* هن سال "غزوه حُنَيْن" ۾ اَبُوطَلْحَہ زَيْد رضہ بن سَهْل اَنْصَارِيءَ اڪيلي سر ويهہ ڪافر قتل ڪيا ۽ سندن سامان بہ هٿ ڪيو، جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان حضرت اَبُوطَلْحَہ رضہ جي حوالي ڪيو ويو.

* هن سال غزوه حنين جي موقعي تي سيد الانبياء ﷺ جن طرفان ڪافي ڪافرن کي قيد ڪيو ويو، جن وٽان جهجهي تعداد ۾ مال ملڪيت بہ غنيمت ۾ هٿ آيو ۽ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اهو مال ۽ قيدي، صحابين ۾ ورهائڻ بجاءِ اهو سڀ ڪجهہ "جِعْرَانَہ" طرف روانو ڪيو، تانجو "غزوه طائف" کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ جعرانہ پهتا.

انهن قيدين ۽ وٽانئن حاصل ٿيل غنيمت جو باقي احوال اڳتي بيان ڪيو ويندو.

* هن سال "غزوه حنين" جي باري ۾ الله تعاليٰ فرمايو:

لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللهُ فِيْ مَوَاطِنَ كَثِيْرَةٍ وَّ يَوْمَ حُنَيْنٍ اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ. (٢)

"بيشڪ الله تعاليٰ ڪيترين جاين تي اوهان جي مدد ڪئي، ۽ "حنين" واري ڏينهن بہ جڏهن اوهان پنهنجي گهڻائيءَ تي خوش هئا."

* هن سال "غزوه حُنَيْن" دوران هڪ ڪافر عورت کي قتل ڪيو ويو. سرور ڪونين ﷺ جن ان تي سوال ڪيو تہ "هن کي ڪنهن قتل ڪيو؟ جواب مليو تہ "خالد رضہ بن وليد." ان تي پاڻ سڳورن ﷺ خالد رضہ بن وليد ڏانهن نياپو ڪيو تہ "آئينده ڪنهن بہ عورت، ٻار ۽ پوڙهي کي قتل نہ ڪيو وڃي."

* هن سال "غزوه حنين" دوران مسلمانن منجهان جن شهادت ماتي، انهن مان چئن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

١. ايمن حبشي رضہ، جيڪو نبي ڪريم ﷺ جي دائي حضرت اُمِّ اَيْمَن رضہ جو پُٽ هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو شخص اَنْصَارِي هو، جنهن جو نالو اَيْمَن رضہ بن عُبَيْد بن زَيْد خَزْرَجِيْ اَنْصَارِي هو. انهن ٻنهي روايتن ۾ مطابقت پيدا ڪندي چئي سگهجي ٿو تہ "اُمِّ اَيْمَن رضہ" جي پهرين شادي

---

(١) سوره توبہ آيت ٢٦، پاره ١٠.

(٢) سورة توبہ آيت ٢٥ پاره ١٠.



Marfat.com

ڄاڻو. جيڪو هڪ وڏو تابعي ۽ شامي عالم ٿي گذريو آهي. زيارت جي لحاظ کان سندس شمار صحابين ۾ ڪيو ويندو آهي، ڇو جو کيس زيارت جو شرف حاصل رهيو پر روايت جو نه. ان لحاظ کان ڪي کيس تابعي چون ٿا.

## غزوه طائف جا واقعا (١)

* هن سال جو ٻي واقعو آهي ته "غزوه طَائِف" لاءِ ويندي پاڻ ڪريم ﷺ جن رستي ۾ جڏهن هڪ قبر جي ڀرسان لنگهيا تڏهن فرمايائون ته "هيءَ قبر اَبُو رِغَال جي آهي" جيڪو "ثَقِيْف" قبيلي وارن جو وڏو هو ۽ سندس تعلق قوم ثمود سان ٻڌايو ويو آهي. هن جاءِ تي جڏهن کيس دفنايو ويو ته ساڻس گڏ هڪ سون جي سرائي به دفن ڪئي ويئي هئي پوءِ جڏهن ان قبر کي کوٽيو ويو ته اتان واقعي اها سوني سرائي اتان ئي نڪتي جيئن پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان ٻڌايو ويو هو. ان سرائي جو وزن ويهن رِطلن کان به ڪجهه مٿيرو هو. اهو نبي انور ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

* هن سال غزوه طائف جي موقعي تي سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان اعلان ڪرايو ويو ته "طائف وارن مان جيڪڏهن ڪو ٻانهو اسان سان اچي ملندو ته ان کي آزاد ڪيو ويندو." اهو اعلان ٻڌي ٽيويهه غلام اچي پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏيا جن کي الله جي وات ۾ آزاد ڪيو ويو.

اهڙن غلامن منجهان هڪ اَبُوبَڪْرَه رضه به هو، جنهن جو نالو "نُفَيْع بن مَسْرُوْح" ٻڌايو ويو آهي، هي حَارث بن ڪَلْدَه جو غلام هو ۽ پنهنجي ان مالڪ جي نسبت سبب کيس نفيع بن حارث به سڏيو ويندو هو.

* هن ئي سال غَزْوَه طَائِف جي موقعي تي مٿيون شخص اَبُوبَڪْرَه به مسلمان ٿيو ته ساڻس گڏ اهي سمورا غلام به اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا، جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

* هن سال غزوه طَائِف ۾ ثابت بن جِذْع به شهادت ماتي. "جذع" جو نالو ثَعلَبَه بن زَيْد اَنْصَارِي خَزْرَجي ٻڌايو ويو آهي. هن بيعت عقبه توڙي غزوه بدر ۾ بهرو ورتو هو.

* هن سال غزوه طائف جي موقعي تي رسول انور ﷺ جن طرفان طائف وارن مٿان هڪ "مَنْجَنِيْق" به استعمال ڪئي ويئي. اهڙي صلاح حضرت سَلْمَان فَارِسي رضه طرفان ڏني ويئي. "طَائِف" کان اڳ ٻئي ڪنهن به "غزوه" ۾ مَنْجَنِيْق جو استعمال نه ٿيو آهي. اسلام جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هن ئي موقعي تي مَنْجَنِيْق ذريعي پٿر وسايا ويا. جيئن غزوات واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

---

(١) هتي "غزوه طائف" جا جيڪي واقعات بيان ڪيا ويا آهن، انهن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. صحيح بخاري "ڪتاب المغازي والسير" ج ٢ ص ٦٨. "صحيح مسلم" "ڪتاب الجهاد والسير" ج ٢ ص ١٦٩. فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٣٥. سيرة ابن هشام ج ٤ ص ١٣٢. الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ٢ ص ١٢٠. المغازي "واقدي" ج ٣ ص ٩٢٢. الروض الانف "سهيلي" ج ٤ ص ١٦١. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ١٥٦. البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٣٤٤. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٦٠٠. شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ٣ ص ٢٨. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٧٠. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٠٩. "الدرر" "ابن عبدالبر" ص ٢٢٨. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٥ ص ٣٨٢. سيرة الحلبيه ج ٣ ص ١١.



Marfat.com

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" جو ٿي هڪ واقعو آهي تہ اُمّ الْمُؤْمِنِيْن سَيِّدَه اُمّ سَلَمَہ رضہ جي ڀاءُ حضرت عبدالله رضہ بن اَبُو اُمَيَّہ کي "هِيت" نالي هڪ "مُخنث" (هيجڙي) (۱) چيو تہ جيڪڏهن الله جي مهربانيءَ سان اوهان طائف فتح ڪيو تہ سياڻي مان اوهان کي "باديہ بنت غيلان" جو ڏس ڏيندس جنهن کي آڏو چار ۽ پٺيان اٺ هوندا آهن.

"بَادِيَہ" نالي هيءَ ڇوڪري "طَائِف" جي سردار "غَيْلَان" جي ڌيءُ هئي، جيڪا ڏاڍي سهڻي هئي.

چئن ۽ اٺن مان مراد سندس پيٽ جا گهنج هئا. ڇو جو هوءَ جڏهن سامهون ايندي هئي تہ سندس پيٽ ۾ چار گهنج نظر ايندا هئا پر جڏهن هوءَ پٺيري ويندي هئي تڏهن اهي اٺ نظر ايندا هئا. (۲)

* هن سال طَائِف جي فتح کانپوءِ طائف جي هن سردار "غَيْلَان بِن سَلَمَہ" بہ اسلام قبول ڪيو. جڏهن تہ سندس ڌيءَ "بَادِيَہ بِنت غَيْلَان" کانئس اڳ "غَزْوَه طَائِف" واري زماني ۾ ئي مسلمان ٿي چڪي هئي.

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن مسلمان عورتن ۾ مخنثن جي اچڻ وڃڻ تي بندش وجهي ڇڏي ۽ حضرت اُمّ سَلَمَہ رضہ کي فرمايائون تہ "هاڻي کانپوءِ هنن مخنثن کي اوهان وٽ نہ اچڻ کپي."

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" ۾ حضرت عَبْدُالله رضہ بن اَبُو اُمَيَّہ بن مُغِيْرَه مَخْزُوْمِي شهيد ٿي ويو، جيڪو ام المؤمنين سَيِّدَه اُمّ سَلَمَه جو ڀاءُ هو. طائف وارن طرفان اڇلايل هڪ تير کيس لڳو، جنهن سببان موقعي تي ئي هن شهادت ماڻي. هو مڪي جي فتح کان اڳ مسلمان ٿيو هو، جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي. حضرت عَبْدُالله رضہ غَزْوَه فتح، حُنَيْن ۽ طَائِف ۾ ڀرپور ورتو ۽ غزوه طائف ۾ ئي کيس شهادت نصيب ٿي.

* هن سال "غزوه طَائِف" جي موقعي تي رسول انور ﷺ جن حضرت عَلي بِن اَبُوطَالِب رضہ سان پنهنجي مُنهن ڪا ڳجهي ڳالهہ ڪئي، جنهن تي ماڻهو چوڻ لڳا تہ پنهنجي سؤٽ سان نويڪلائيءَ ۾ ايڏي ڳجهي ڳالهہ ڪرڻ عجيب آهي. ان تي مني مرسل ﷺ جن فرمايو: "مان اها ڳالهہ پاڻ نہ پر الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪئي."

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" ۾ حضرت عَبْدُالله بِن اَبُوبَڪْر صِدِيْق رضہ بہ شهيد ٿي ويو.

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" واري موقعي تي نبي انور ﷺ جن پاڻيءَ جو هڪ پيالو ڪٿي ان ۾ پنهنجا هٿ ڌوتا، منهن مبارڪ ڌوتو ۽ ڳرڙي بہ ڪئي. ان کانپوءِ صحابي سڳورن کي بشارت ڏنائون تہ

---

(۱) عربي زبان ۾ هيجڙي يا نامرد کي مخنث سڏيو ويندو آهي، اسلام جي شروعاتي دور ۾ نامردن (هيجڙن) کان پردو نہ ڪيو ويندو هو ۽ اهي ماڻهن جي گهرن ۾ ايندا ويندا هئا پر مٿين واقعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندن نيت ۾ ڪيتري خباثت هئي ۽ اهي نوجوان ڇوڪرين کي نهايت غور سان ۽ بري نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ پوءِ اهي گهرن جوُن ڳالهيون ٻاهر اچي غير مردن کي ٻڌائيندا هئا. انڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڪن تائين جڏهن مٿين ڳالهہ پهتي تڏهن انهن هيجڙن کي گهرن ۾ اچڻ کان روڪيو ويو ۽ عورتن کي حڪم ڏنو ويو تہ اهي هاڻي کانپوءِ مردن وانگر ڏارين نامردن کان بہ پردو ڪن.

(۲) ڇو جو پٺيري هلڻ ڪري اهي چار ڪاٻي ۽ چار ساڄي پاسي کان نظر ايندا هئا، جيڪي اٺ شمار ٿيندا.



Marfat.com

هو ان پاڻيءَ مان پيئڻ به ۽ پنهنجي سيني تي به ڇنڊا هڻن. اهو ٻڌي خيمي جي اندران سَيِّدَه اُمِّ سَلَمَہ رضہ صحابي سڳورن کي فرمايو: "پنهنجي ماءُ لاءِ به ڪجهه بچايو." پوءِ صحابي سڳورن اهو برڪت ڀريو پاڻي پاڻ به استعمال ڪيو ته ڪجهه بچائي حضرت اُمِّ سَلَمَہ رضہ کي به ڏنائون.

## "جِعِّرَانَہ" جا واقعا (١)

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن "جِعِّرَانَہ" ۾ پهتا ته پوءِ اتي حنين ۾ هوازن وارو غنيمت جو سامان صحابين ۾ ورهايائون ۽ مُؤَلَّفَةُ الْقُلُوْب وارن کي ٻين کان وڌيڪ حصو عطا ڪيائون. مال ڏسي هڪ شخص چيو: "اي محمد ﷺ عدل ڪريو." ان تي پاڻ ڪريمن ﷺ وراڻيو: "توتي مار پوي! جيڪڏهن آءٌ عدل نہ ڪيو ته پوءِ ٻيو ڪير ڪندو؟"

ان شخص جو اصلي نالو ته حرقوس بن زُهَيْر ٻڌايو ويو آهي پر ڪيس ذُوالْخُوَيْصَرَة تَمِيْمِي سڏيو ويندو هو. ان شخص بابت اِمَامُ الْاَنْبِيَاء ﷺ جن فرمايو هو ته هن شخص جي پوين مان خارجي ٽولو پيدا ٿيندو. جنهن لاءِ اها نشاني ٻڌايائون ته منجهانئن هڪ شخص اهڙو هوندو جنهن جي هڪ ٻانهن تي ماس عورت جي ٿڃ مثل اڀريل هوندو. اها روايت بخاري، مسلم توڙي حديث جي ٻين ڪتابن ۾ ائين ئي ٻڌائي ويئي آهي.

اهو سرور ڪائنات ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي ڇو جو پاڻ جيئن ٻڌايو هئائون ائين ئي ٿيو.

* هن سال پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن طائف کان موٽي "جِعِّرَانَہ" پهتا ته ان موقعي تي اَبُومَحْذُوْرَہ جحميءَ اسلام قبول ڪيو. سندس نالو سلمة بن معير ٻڌايو ويو آهي ۽ جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته هن جو نالو "سَمُرَہ" هو.

سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان ڪيس مڪي پاڪ جو مؤذن مقرر ڪيو ويو هو. سندس اسلام قبول ڪرڻ جو سبب ائين ٿيو جو ڪفر واري زماني ۾ هو پنهنجي مشرڪ دوستن سان گڏ هو ته نبي انور ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي اذان چوڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ بِلال رضہ اذان شروع ڪيو، اهو آواز جڏهن هنن ڪافرن جي ڪنن تائين پهتو ته، ٺٺوليءَ طور اهي ساڳيا لفظ ورجائڻ لڳا. اهي آواز جڏهن امام الانبياء ﷺ جن ٻڌا ته انهن مان اَبُومَحْذُوْرَہ جو آواز ڪين وڻي ويو ڇو جو سندس آواز بيحد سريلو هو، انڪري نبي سائين ﷺ جن ڪيس پاڻ وٽ گهرايو. پوءِ هو جڏهن سندن سامهون آيو

---

(١) هن سال غزوه طائف کان موٽ تي نبي انور ﷺ جن "جعرانہ" ۾ اٽڪل چوڏهن راتيون ترسيا، هن موقعي تي "حنين" مان هٿ آيل غنيمت جو مال صحابي سڳورن ۾ ورهايو ويو، ڪجهه وفد به هتي پاڻ سڳورن ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. ڪجهه ماڻهن انفرادي طور به هن موقعي تي اسلام قبول ڪيو. ان ڪانسواءِ نبي انور ﷺ جن هتان "عمري" ڪرڻ لاءِ مڪي ڏانهن روانا ٿيا ۽ "عمره" ادا ڪري وري "جعرانہ" موٽي آيا ۽ پوءِ اتان وري مديني شريف ڏانهن اُسهيا. مٿيان واقعات هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن.

سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۱۴۲. روض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ۱۵۳، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۰۱. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۳۶۲، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۲۵. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۲۲۲۶. روضة الاحباب "جمال الدين بخاري" ج ۱ ص ۳۱۶. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۳۸۹.



Marfat.com

تہ کيس دل ۾ خيال آيو تہ هن جيڪا حرڪت ڪئي آهي ان جي ڏوهہ ۾ شايد کيس قتل ڪيو وڃي پر رحمت للعالمين ﷺ جن اَبُومَحْذُوْرَه جي مٿي ۽ سيني تي پنهنجو برڪت ڀريو هٿ گھمايو، جنهن جي برڪت سان الله تعاليٰ سندس دل کي ايماني نور ۽ يقين سان ٽمٽار ڪري ڇڏيو، ان کانپوءِ مٺي مرسل ﷺ جن هن کي اذان سيکاريو ۽ مڪي وارن لاءِ کيس مؤذن مقرر ڪيو. ان وقت هو سورهن سالن جو نوجوان هو ۽ ان وقت کان وٺي مرڻ گھڙيءَ تائين هو اذان ڏيندو رهيو ۽ کانئس پوءِ سندن پويان بہ هڪ ٻئي پٺيان ان منصب تي مقرر ٿيندا آيا.

* هن سال جڏهن نبي اڪرم ﷺ جن "حُنَيْن" مان هٿ آيل غنيمت جو مال ورهائي واندا ٿيا، تڏهن انصار وارن جا ڪجهہ ماڻهو چوڻ لڳا تہ "جنگ اسان وڙهيا سون، ترارين اسان هلايون سون پر غنيمت جو مال ٻين کي مليو!" ان تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو: "ڇا اوهان ان ڳالهہ ۾ راضي نہ آهيو تہ ٻيا ماڻهو اٺ، ٻڪريون ساڻ ڪري گھر موٽن ۾ اوهان سان خدا جو رسول ﷺ ساڻ هجي؟"

انصار جواب ۾ چيو: "اسان ان تي راضي آهيون."

ان کانپوءِ سرور ڪونين ﷺ جن فرمايو:

"انصار اندريون ڪپڙو آهن جڏهن تہ ٻيا ماڻهو ٻاهريون ڪپڙو، جيڪڏهن انصار ڪنهن هڪ لَڪَ ۾ هجن ۽ ٻيا ماڻهو ٻئي ۾، تہ آءٌ انصار واري لَڪَ ۾ هوندس. مون کانپوءِ اوهان تي ٻين کي ترجيح ڏني ويندي، اوهان صبر کان ڪم وٺو تانجو حوض تي اچي مون سان ملو.

* هن سال غَزْوَه طَائِف کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن "جِعِرَّانَہ" پهتا. اها خميس جي رات ۽ ذوالقعد مهيني جي پنجين تاريخ هئي. "جِعِرَّانَہ" ۾ پاڻ سڳورا ﷺ ڪجهہ راتيون ترسيا، جنهن جو احوال اڳتي اچي رهيو آهي ۽ صحابي سڳورن ۾ "حُنَيْن" وارو غنيمت جو مال بہ ورهايائون، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو.

* هن سال نبي انور ﷺ جن "جِعِرَّانَہ" ۾ چوڏهن راتيون ترسيا ۽ جڏهن غنيمت جو مال ورهائي پورو ڪيائون تہ ان کانپوءِ "هوازن" قبيلي وارن جو هڪ وفد (جن سان حنين ۾ مقابلو ٿيو هو) پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جيڪي ان وقت تائين توبہ تائب ٿي مسلمان ٿي چڪا هئا. انڪري سندن خواهش هئي تہ وٺائن جيڪو مال غنيمت طور مسلمانن حاصل ڪيو آهي اهو ڪين موٽي ملي. سندن مال جو تفصيل هن ريت آهي:

ڇهہ هزار قيدي جن ۾ عورتون ۽ سندن ٻار بہ شامل هئا، چوويهہ هزار اٺ، چاليهہ هزار اوقيہ چاندي، ۽ چاليهن هزارن کان مٿي ڌور ڍڳا وغيرها. ڪن جو چوڻ آهي تہ سندن مال جو ڪو ڪاٿو ئي نہ هو.

ان مال مان ورهاست ۾ هر پيادي صحابيءَ کي چار اٺ ۽ چاليهہ جانور ننڍي مال مان مليا. مُؤَلَّفَةُ الْقُلُوْب وارن کي جيڪو حصو مليو ان جو حساب جدا آهي. ان مان هڪڙن کي تہ سؤ سؤ اٺ ڏنا ويا ۽ ٻين کي وري پنجاه اٺ في ماڻهوءَ جي حساب سان مليا.

* هن سال پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن "جعرانہ" ۾ ترسيل هئا تہ اتي حضرت حَلِيْمَہ سَعْدِيَہ رضہ



Marfat.com

جنهن جي پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ نيپتي هئي، سندس گهروارو حَارِث بِن عَبْدُالْعُزّيٰ ۽ سندن نياڻي حضرت شَيْمَاءَ جيڪا ملي مرسل ﷺ جي لاءِ شريڪ ڀيڻ هئي، گڏجي سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪين پارت ڪيائون تہ هوازن قبيلي وارن جو مال ڪين موٽي ملي.

* هن سال "جِعِرَّانَہ" ۾ ئي زُهَيْر بِن صُرَد جُشَمِيّ بہ پياري پيغمبر ﷺ جن جي خدمت ۾ هوازن قبيلي وارن جي پارت ڪرڻ پهتو تہ سندن مال موٽايو ويو. هن موقعي تي "زهير" پنهنجو اهو مشهور قصيدو بہ پڙهي ٻڌايو جنهن جو پهريون بيت آهي:

"اُمْنُنْ عَلَيْنَا رَسُوْلُ اللهِ فِيْ كَرَمٍ."

* هن سال "جِعِرَّانَہ" ۾ مٿين ماڻهن جي پارتن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن هوازن قبيلي وارن کي چيو تہ "مان اوهان جي مال جي ورهاست وارو معاملو تاريندو رهيس، ڏهن راتين کان بہ وڌيڪ وقت گذريو پر اوهان مان ڪوبہ نہ آيو، اوهان جيڪڏهن هن ورهاست کان اڳ اچي وڃو ها تہ ڳالهہ سؤلي هئي پر هاڻي تہ مال ماڻهن ۾ ورهائجي چڪو آهي، پوءِ بہ مان اوهان کي اختيار ڏيان ٿو تہ اوهان مال يا ماڻهن مان هڪ شيءِ چونڊيو تہ جيئن اها اوهان کي واپس ورتي ڏجي؟ تنهن ڪانپوءِ ڪين پڪ ڀيني تہ هاڻي ٻنهي شين جي موٽ محال آهي، انڪري هنن مال تان هٿ کنيو ۽ ماڻهن جي موٽائڻ تي راضي ٿيا پوءِ نبي پاڪ ﷺ سندن ماڻهو موٽرايا.

هن موقعي تي رسول رحمت ﷺ جن فرمايو: "مان پنهنجي ۽ بَنُو عَبْدُالْمُطَّلِب جي حصي ۾ آيل قيدي تہ هن مهل ئي موٽايان ٿو." اهو ڏسي ٻين سيني صحابين بہ پنهنجي حصي جا قيدي خوشيءَ سان پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي دل راضي ڪرڻ لاءِ اوڏيءَ مهل ئي آزاد ڪري ڇڏيا. انهن قيدين ۾ عورتون ۽ ٻار شامل هئا جن جو تعداد ڇهہ هزار هو.

* هن سال پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن "جِعِرَّانَہ" ۾ موجود هئا تہ اتي هڪ اهڙو شخص سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو جنهن "عمري" ڪرڻ لاءِ اِحْرَام تہ ٻڌو هو پر سندس جسم بہ خوشبوءِ ۾ ٻڏل هو تہ وري ڪيس احرام مٿان هڪ جبو بہ پهريل هو. هن نبي انور ﷺ جن کان "عمري" بابت سوال پڇيا، جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس ٻڌايو تہ "تون پنهنجو جبو بہ لاهي ڇڏ ۽ ٽي دفعا بدن تي پاڻي وجهي اهـا خوشبوءِ بہ ڌوئـي ڇڏ، ان ڪانپوءِ تون عمري لاءِ اهي رڪن ادا ڪر جيڪي حج ۾ ڪبا آهن."

* هـن سـال نبي ڪريـم ﷺ جن جڏهن "جِعِرَّانَہ" ۾ ترسيل هئا تہ "يَعْلَىٰ بِن اُمَيَّہ" رضہ نالي هڪ صحابي حضرت "عُمر بِن خَطَّاب" رضہ جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو تہ "مان نبي انور ﷺ جن کي ان حالت ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو جڏهن مٿن وحي نازل ٿيندي هجي، پوءِ اوهان جڏهن ڪين ان حالت ۾ ڏسو تہ مونکي بہ ڏيکاريو."

ان ڪانپوءِ جڏهن اهڙو وقت آيو تڏهن حضرت عمر رضہ، حضرت يَعْلِي رضہ کي ٻڌايو: "اچ تہ توکي وحي نازل ٿيندي ڏيکاريان." ان وقت نبي انور ﷺ جن جي مٿان ڪپڙو پيل هو ۽ پوءِ حضرت عمر رضہ ان ڪپڙي کي پاسي ڪري حضرت يَعْلِي رضہ کي بہ ان ڪپڙي هيٺان ويهاريو ان ڪانپوءِ "يَعْلِي رضہ" وحي نازل ٿيڻ واري ڪيفيت ڏٺي، جنهن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کان ان حالت سبب پگهر وهي



Marfat.com

رهيا هئا. يَعْلِي رضہ اها حالت ڏسندو رهيو تانجو پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿان وحيءَ جو اهو سلسلو ختم ٿيو.

* هن سال "اوطاس" جي هڪ سردار "عَوْف بِن مَالِڪ نصري" پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ "جِعِرَانَہ" آيو ۽ اتي اسلام قبول ڪيائين.

هن کان اڳ هو "سَرِيَّہ اَوْطَاس" جي موقعي تي "طَائِف" ڏانهن ڀڄي وڃي اتان جي قلعي ۾ لڪيو هو. طائف جي فتح کانپوءِ هن اسلام قبول ڪيو. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ مٺي مرسل ﷺ جن نہ صرف سندس مال ۽ ٻار ڪيس واپس ڪيا پر هڪ سؤ اٺ بہ ڪيس بخشيائون ۽ سندس ئي قوم جو ڪيس سردار بہ مقرر ڪيائون.

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن هڪ منبر تيار ڪرايو، جنهن ڪي ٽي ڏاڪا هئا ۽ پوءِ پاڻ ان منبر تي چڙهي خطبو پڙهندا هئا. جڏهن تہ هن کان اڳ پاڻ سڳورا ﷺ کجيءَ جي هڪ ٿڙ ڪي ٽيڪ ڏيئي خطبو پڙهندا هئا. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو مِنْبَرُ سن ستين هجريءَ ڌاري تيار ڪيو ويو، جنهن جو بيان مٿي ڪري چڪا آهيون.

* هن سال جو واقعو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن منبر تيار ڪرائڻ جو خيال ڪيو ۽ ان ڪم لاءِ اَنْصَارن مان بَنُو نَجار قبيلي جي هڪ عورت ڪي چيائون تہ "پنهنجي غلام ڪي چئو تہ هو اسان لاءِ هڪ مِنْبَرُ تيار ڪري." جنهن کانپوءِ ان عورت پنهنجي غلام ڪي اهڙو حڪم ڏنو.

ان عورت جي نالي ۾ اختلاف آهي. ڪن سندس نالو فُڪَيْهَة بِن عُبَيْد بِن دُلَيْم ٻڌايو آهي تہ ڪن طرفان وري هن جو نالو "عُلَاثَة" ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ ڪن راوين وري ڪجهہ ٻيا نالا بہ ٻڌايا آهن. ساڳيءَ ريت سندس غلام جي نالي ۾ پڻ اختلاف آهي. پر اها ڳالهہ وڌيڪ صحيح آهي تہ هن غلام جو نالو مَيْمُوْن هو، جڏهن تہ ڪن سندس نالو "يَاقُوْم" يا وري ڪي ٻيا نالا بہ ٻڌايا آهن.

* هن سال نبي انور ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ان مُنْبَرُ تي خطبو ڏيڻ لڳا تہ اهو کجيءَ جو ٿڙ جنهن ڪي ٽيڪ ڏيئي هن کان اڳ خطبو پڙهندا هئا، نبي انور ﷺ جن جي جدائي ۾ ائين روئڻ لڳو جيئن ڪا ڏاچي پنهنجي توڏي جي گم ٿيڻ تي روئندي آهي. مسجد ۾ اهو روڄ راڙو ٻڌي رسول رحمت ﷺ جن ان مُنْبَرُ تان هيٺ لهي ان ٿڙ ڪي ڀاڪر ۾ جهلي چپ ڪرايو. جنهن کانپوءِ اهو ٿڙ ائين سُڏڪا ڀرڻ لڳو جيئن روئي بس ڪرڻ کانپوءِ ٻار سڏڪا ڀربندو آهي. اهو نبي انور ﷺ جن جي عظيم معجزن مان هڪ معجزو آهي.

* هن سال جڏهن سرور عالم ﷺ جن طائف کان "جِعِرَانَہ" موٽيا، تڏهن سُرَاقَہ بن مَالِڪ بن جعشم مدلجي اتي اچي اسلام قبول ڪيو. سندس گهر مڪي ۽ مديني جي وچ تي "قُدَيْد" ۾ هو. هجرت جي پهرين سال، هن پاڻ ڪريم ﷺ جن جو دشمنيءَ سببان پيڇو ڪيو هو.

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جي "غَزْوَه طَائِف" کان موٽ تي عروه بن مَسْعُوْد بن مُعَتِّب ثَقفيءَ بہ سندن هٿ تي اسلام قبول ڪيو ۽ ان کانپوءِ هن پنهنجي قوم ثَقِيْف ڏانهن واپس وڃڻ جي اجازت گهري ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس اهڙي اجازت ڏني. ڳوٺ پهچڻ کانپوءِ هن جڏهن پنهنجي قوم ڪي دين جي دعوت ڏني تہ هنن دعوت ڪي تہ نہ مڃيو پر عروه ڪي بہ شهيد ڪري ڇڏيائون.



Marfat.com

هن ڪان اڳ هجرت جي ڇهين سال وارن واقعن ۾ "صُلح حُدَيبِيَّہ" واري موقعي تي سندس موجودگي جو ذڪر صحيح بخاري وغيره ۾ نقل ڪيو ويو آهي پر ان وقت تائين عروه ڪفر تي قائم هو ۽ هن سن ائين هجريءَ ڌاري ني اسلام قبول ڪيو، جيئن هتي بيان ڪيو ويو.

## منذر بن ساويٰ ڏانهن دين جي دعوت

* هن سال "جِعرَانَہ" کان موٽ تي نبي انور ﷺ جن بحرين جي بادشاه مُنذِر بن سَاويٰ ڏانهن حضرت عَلاء بِن حَضرميءَ هٿ هڪ خط اماڻيو جنهن ۾ ڪيس دين جي دعوت ڏنائون.

مُنذِر وٽ جڏهن اهو خط پهتو تہ هو مسلمان ٿيو ۽ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ ان خط جو جواب بہ روانو ڪيائين. (١)

## سج گرهڻ جو واقعو

* هن سال سج گرهڻ جو واقعو پيش آيو. ان موقعي تي سرور عالم ﷺ جن "نماز ڪسوف" ادا ڪئي، تانجو سج وري روشن ٿيو. جيئن "روضة الاحباب" ۾ ڄاڻايو ويو آهي. (٢)

ڪن جو چوڻ آهي تہ سج گرهڻ جو واقعو سن ڇهين هجريءَ ڌاري پيش آيو، جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي. اهڙو واقعو سن ڏهين هجريءَ ڌاري بہ پيش آيو، جنهن جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو.

## جِعْرَانَہ کان نبي انور ﷺ جن جي عمري لاءِ روانگي

* هن سال اربع واري رات ذوالقعد مهيني جي ارڙهين تاريخ پاڻ ڪريم ﷺ جن عمري جي نيت سان "جِعْرَانَہ" کان هليا، مڪي شريف پهچي بيت الله جو طواف ڪيائون، جنهن کانپوءِ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪري پوءِ مٿي مبارڪ کي پاڪي ڏياريائون ۽ پوءِ رات جو ئي جِعْرَانَہ موٽي آيا. (٣)

* هن سال امام المرسلين ﷺ جن "جِعْرَانَہ" کان مديني موٽڻ جي تياري ڪئي. مڪي ۾ عَتَّاب بِن اُسَيد کي خليفو مقرر ڪيائون. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي. ان کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ خميس ڏينهن ذوالقعد جي اوڻويهين تاريخ "جِعْرَانَہ" مان اسهيا ۽ ذوالقعد جي ستاويهين تاريخ جمعي جي ڏينهن مديني شريف ۾ داخل ٿيا.

رسول انور ﷺ جن مديني کان مڪي جي فتح لاءِ رمضان جي ڏهين تاريخ روانا ٿيا ۽ ان کانپوءِ حُنَين ۽ طَائِف جي فتح تائين بہ مهينا ۽ سورهن ڏينهن مديني کان ٻاهر رهيا. جيئن غزوات واري باب ۾ بہ ٻڌايو ويو هو.

---

(١) عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٥٢. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١١٦. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٣٤.

(٢) روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٣٤.

(٣) "سيرة ابن هشام" ج ٤ ص ١٤٣.الروض الانف "سهيلي" ج ٤ ص ١٥٧. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٢٠١.



Marfat.com

## حضرت ابن عَاصِ رضہ جو واقعو

* هن سال حضرت عَمرو بن عَاصِ رضہ کي هڪ سَرِيَّہ سان "ذَاتِ السَّلاَسِل" ڏانهن اماڻيو ويو. اتي هڪ رات عمرو بن عاص رضہ کي تڙ پنجي ويو، پر جيئن تہ ان رات ڏاڍي ٿڌ پيئي هئي، انڪري هن پنهنجي طرفان اِجتِهاد ڪندي تڙ بجاءِ تيمم ڪري فجر جي نماز پڙهي. پوءِ جڏهن هو مديني پهتو تہ ان ڳالهہ جو ذڪر سرور ڪائنات ﷺ جن آڏو ڪيائين. ان تي پياري پيغمبر ﷺ جن پڇيو تہ "توهان اهو مسئلو ڪٿان اخذ ڪيو، تہ ٿڌ سببان تڙ بجاءِ تيمم ڪيو وڃي؟"

عمرو رضہ بن عاص جواب ڏنو: "جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

"وَلَاتَقْتُلُوْآ اَنْفُسَكُمْ اِنَّ اللهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا. [١]

"پنهنجي نفس کي قتل نہ ڪريو بيشڪ رب تعاليٰ اوهان تي رحم ڪندڙ آهي."

سرور عالم ﷺ جن اهو جواب ٻڌي مشڪڻ لڳا ۽ ڪيس وڌيڪ ڪجهہ نہ چيائون. [٢]

## حضرت اَبُوْ بَرْزَه جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غَزْوَه فتح" کان اڳ اَبُوْ بَرْزَه اَسْلَمِي بہ اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ مڪي جي فتح ۾ بهرو ورتائين. سندس نالو فضل بن عُبَيْد بن حَارِث ٻڌايو ويو آهي. [٣]

## سَعِيْد بن حُرَيْث جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال مڪي جي فتح کان اڳ سَعِيْد بن حُرَيْث بن عُمْرو قُرَشِي مَخْزُوْمِيْ بہ مسلمان ٿيو ۽ غزوه فتح ۾ بهرو ورتائين. هي عَمْرو بن حُرَيْث جو ڀاءُ هو ۽ کائنس عمر ۾ وڏو هو. [٤]

## نَوْفل بن مُعَاوِيہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال "فتح مڪہ" کان اڳ نَوْفل بن مُعَاوِيہ بن عَمْرو دُيْلِمِيّ کِنَاني بہ اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ "غَزْوَه فتح" ۾ حصو ورتائين. اهو سندس زندگيءَ جو پهريون جهاد هيو. [٥]

---

(١) سورة النساء آيت ٢٩ پاره ٥ .

(٢) المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٧٧١ ـ ٧٧٢. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ٢٧٣. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٨٢.السيرة الحلبيہ ج ٣ ص ١٩١.

(٣) اُسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ١۴٦ ـ ١۴٧. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ١٩.

(۴) الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ۴٥. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٣٠۴.

(٥) اُسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ۴٧.



Marfat.com

# فصل نائون

هن فصل ۾ سن نائين هجريءَ ذاري پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

* هن سال محرم مهيني جو چنڊ ڏسي سرور عالم ﷺ جن زڪواة اڳاڙڻ واسطي صحابي سڳورن منجهان ڪجهه عامل مقرر ڪيا، جن جي سپرد اهو ڪم ڪيو ويو ته مختلف قبيلن منجهان جيڪي ماڻهو مسلمان ٿي چڪا آهن، هو انهن کان زڪواة اڳاڙي مديني شريف پهچائين. (۱) ان ڏس ۾ هر قبيلي لاءِ الڳ الڳ عامل مقرر ٿيا. جن جو تفصيل هن ريت ڏنايو ويو آهي:

| نمبر | زڪاة اڳاڙڻ واري جو نالو | ان قبيلي جو نالو جنهن ڏانهن کيس اماڻيو ويو |
|---|---|---|
| ۱. | عُيَيْنَہ بن حصن فزاري | بنو تَمِيْم |
| ۲. | بُرَيْده بِن حُصَيْب اَسْلَمِيّ | بنو غِفَار ۽ بنو اَسْلَم. ڪن راوين طرفان هن جاءِ تي ڪَعْب بِن مَالِڪ انصاريءَ جو نالو به نقل ڪيو ويو آهي. |
| ۳. | عَبَّاد بن بِشْر | بنو سُلَيْم ۽ بنو مُزَيْنَہ |
| ۴. | رَافِع بن مَڪِيْث جُهَنِي | بنو جُهَيْنَہ |
| ۵. | عَمْرو بِن عَاص | فَزَارَه |
| ٦. | ضَحَّاڪ بِن سُفْيَان ڪِلَابِي | بنو ڪِلَاب جيڪو سندس ني قبيلو هو |
| ۷. | بُسْر بِن سُفْيَان ڪَعْبِي | بَنُو ڪَعْب (هي خُزَاعَہ وارن جو پاڙو هو.) |
| ۸. | عَبْدُالله بِن لُتبيَّة | بَنُو ذُبْيَان، هي ازد قبيلي وارن جي شاخ هئي. |

## نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ "بنو تميم" وارن جي وفد جو اچڻ (۲)

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ "بني تميم" وارن جو هڪ وفد آيو ۽ اهي حجرن جي پويان بيهي سرور ڪائنات ﷺ جن کي وڏي واڪي سڏڻ لڳا. ان موقعي تي رب تعالىٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرَاتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ. (۳)

(بيشڪ اهي جيڪي اوهان کي سڏن ٿا حجرن جي پويان انهن منجهان گهڻا عقل کان عاري آهن.)

(۱) روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۲۵. تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ۲ ص ۱۱۸.

(۲) طبقات الڪبري "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۲۴ - ۲۲۵، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۰۷، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۴۲. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۲۹۱ - ۲۸۷، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۳۱۳.

(۳) سورة الحجرات آيت ۴ پاره ۲٦.



Marfat.com

* هن سال جڏهن بني تميم وارن جو وفد نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو ته ان موقعي تي حضرت ابوبڪر رضه ۽ حضرت عمر رضه ۾ ان ڳالهه تي اختلاف پيدا ٿي پيو ته سندن امير ڪنهن کي بڻايو وڃي؟ هن موقعي تي سيدنا ابوبڪر رضه چيو: "اي خدا جا رسول ﷺ! هن جو امير قعقاع بن معبد کي بڻايو وڃي پر حضرت عمر رضه وري ان جي بدران اقرع بن حابس جي تائيد ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ ان ڏس ۾ حضرت ابوبڪر رضه حضرت عمر رضه کي چيو: "ڇا اوهان جو ارادو منهنجي مخالفت ڪرڻ آهي؟" ان تي حضرت عمر رضه وراڻيو: "نه منهنجو ارادو اوهان جي مخالفت جو نه آهي." ان بحث ۾ ٻنهي جو لهجو تيز ٿي ويو. پوءِ ان موقعي تي رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي. (١)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ (٢)

"اي ايمان آڻڻ وارو! اڳرائي نه ڪريو الله ۽ ان جي رسول (ﷺ) جي آڏو."

جنهن ڪانپوءِ ٻنهي ڄڻن پنهنجا آواز گهٽايا ۽ آهستگيءَ سان ڳالهائڻ شروع ڪيائون. ان موقعي تي رب تعاليٰ سندن شان ۾ هيٺين آيت نازل فرمائي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ (٣)

"بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي رسول الله جي اڳيان پنهنجي آواز کي جهيڻو رکن ٿا".

## نجاشيءَ جي وفات

* هن سال رجب جي مهيني ۾ نجاشيءَ وفات ڪئي. سندس نالو "اَصْحَمَ" رضه ٻڌايو ويو آهي. جنازي نماز (غائبانه) نبي انور ﷺ جن پاڻ چئن تڪبيرن سان پڙهائي ۽ پوءِ فرمايائون ته "پنهنجي ڀاءُ لاءِ بخشش گهرو." (٤)

## وفد عبدالقيس جو اچڻ

* هن سال "عبدالقيس" قبيلي وارن جي هڪ وفد پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي سندن هٿ تي اسلام قبول ڪيو. جنهن ڪانپوءِ هنن اسلامي شريعت بابت سوال پڇيا، جنهن تي نبي انور ﷺ جن کين فرمايو: "مان اوهان کي چئن ڳالهين ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏيان ۽ چئن ڳالهين کان منع ٿو ڪريان. (٥) جن ڳالهين کي اختيار ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏيان اهي آهن ايمان، نماز، زڪواة ۽ روزا، ۽ ان کان منع ٿو ڪريان ته هنن چئن ٿانون جو استعمال ڇڏي ڏيو: دباءِ، حنتم، نقير، مزفت.

---

(١) صحيح بخاري "وفد بني تميم" ج ٣ ص ٧٧. فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٦٩.

(٢) سورة الحجرات آيت ١ پاره ٢٦.

(٣) سورة الحجرات آيت ٣ پاره ٢٦.

(٤) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٣٩، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٣٥٩! الروض الانف "سهيلي" ج ٢ ص ٩٤. السيرة النبويه "دمياطي" ص ٢٦٧.

(٥) صحيح بخاري "باب وجوب الزڪاة" ج ١ ص ٢٤٣. صحيح مسلم "باب الايمان" ج ١ ص ٣٤. "ڪتاب الايمان" ج ١ ص ٢٠.



Marfat.com

* هن سال جي صفر مهيني ۾ "بني عُذرَه" وارن جو هڪ وفد پاڻ ڪريمن ﷺ وٽ پهتو. هي "بني قُضَاعَہ" وارن جو پاڙو آهي، جيڪي يمن ۾ رهندا هئا. هن وفد ۾ ڪل ٻارهن شخص شامل هئا، جن ۾ جُمْرَةَ بِن نُعْمَان عُذرِيُ صحابي رضہ بہ موجود هو. هي سڀ مسلمان ٿي پنهنجن ماڳن ڏانهن موٽيا.

## وفد بَنِيُ تَمِيْم جا ڪجهہ وڌيڪ تفصيل

* هن سال بَنِيُ تَمِيْمْ وارن جو وفد پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ان وفد ۾ قَعْقَاع بن مَعْبَد تَمِيْمِي، اَقرَع بن حَابِس تَمِيْمِي، زَبْرِقَان بن بَدْر تَمِيْمِي، عُطَارَد بن حَاجِب بِن زَرَارَه تَمِيْمِي، قَيْس بن عَاصِم تَمِيْمِي مِنْقَرِيّ ۽ عَمْر بِن اَهْتَمَ تَمِيْمِي شامل هئا.

هن ئي وفد جي ماڻهن نبي انور ﷺ جن کي حجرن جي پويان وٺي سڏ ڪيا تہ ان موقعي تي الله تعاليٰ طرفان هيٺيون آيتون نازل ڪيون ويون:

"اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَاءِ الْحُجُرَاتِ" جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي، ان ڪانپوءِ هو سمجهي ويا ۽ سڀني اسلام قبول ڪيو. سرور عالم ﷺ جن نہ فقط سندن مال ۽ ماڻهو موٽايا پر پنهنجي پاران ڪين سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيڻ جو بہ حڪم ڏنو، جيئن عام طور ٻين وفدن لاءِ ڏنو ويندو هو. (١)

---

سلسلو جاري رهيو ۽ ڪافي وفد دربار نبوي ﷺ ۾ حاضر ٿيا. جڏهن تہ هن سلسلي جو آخري وفد "بنو نخع" وارن جو هو، جيڪي سن يارهين هجريءَ ڌاري پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت ۾ زيارت جي خيال کان آيا هئا. ڇو جو هو هن کان گهڻو اڳ حضرت معاذ بن جبل رضہ جي هٿ تي اسلام قبول ڪري چڪا هئا. اڪثر مؤرخن طرفان هن وفد کي آخري وفد شمار ڪيو ويو آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ جيڪي وفد حاضر ٿيا، انهن جي ڳاڻيٽي ۾ بہ راوين جو اختلاف رهيو آهي. ان اختلاف جو سبب اهو نہ آهي تہ ڪنهن ڪان انهن جي ڳاڻيٽي ۾ ڪا ڀل ٿي آهي، پر ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ ڪجهہ وفد هڪ کان گهڻا دفعا آيا. انڪري ڪن انهن کي هڪ وفد ڪري شمار ڪيو آهي. ڪي وفد وري نهايت مختصر هئا جن ۾ هڪ يا ٻہ ماڻهو موجود هئا. انڪري مؤرخن ۽ محدثن طرفان اهڙن وفدن جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو وفدن جو تعداد مختلف ڪتابن ۾ مختلف آهي. هن ڏس ۾ "علامہ شامي" پنهنجي ڪتاب "سبل الهديٰ والرشاد" ۾ اهڙن هڪ سؤ هڪ وفدن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اهو تعداد سڀ کان وڌيڪ آهي.

انهن وفدن بابت ڄاڻ هيٺين ڪتابن تان نقل ڪئي ويئي آهي:

فتح الباري "ابن حجر"، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٢٠٥، "الطبقات الڪبريٰ" "ابن سعد" ج ١ ص ٢٢٢. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٢٦٠، "الاشاره" مغلطاي ج ٨ ص ٦٨، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٣٧. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣١٢. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ۵٩۵. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٣٠٩. "روضة الاحباب" سيد جمال الدين ج ١ ص ٣۵٣.

(١) هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ جيڪي وفد حاضر ٿيا، انهن مان "بنو تميم" واري وفد جو ذڪر ابن اسحاق توڙي ٻين راوين طرفان نمايان طريقي سان ڪيو ويو آهي.

هن وفد ۾ موجود ماڻهن جو تعداد ستر يا اسي ٻڌايو ويو آهي. جن ۾ قبيلي جا وڏا هٺيلا سردار، جوشيلا مقرر ۽ قادر الڪلام شاعر شامل هئا، جن کي پنهنجي دولت، صلاحيت ۽ خانداني وجاهت تي وڏو ناز هو. مديني ۾ پهچڻ ڪانپوءِ هو بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي مسجد نبوي ﷺ ۾ اندر گهڙي پيا.



Marfat.com

جمعي جو خطبو ڏيئي رهيا هئا.

بخاري شريف ۾ اها روايت حضرت اَنَس بن مَالِڪ رضہ کان نقل ڪئي ويئي آهي.

بهرحال اها شڪايت ٻڌي نبي انور ﷺ جن دعا لاءِ هٿ کنيا، بس پوءِ تہ امڙو اچي مينهن لٿو جو ست ڏينهن سانده وسندو رهيو. هن قصي جا وڌيڪ تفصيل انشاءَ الله اڳتي بہ بيان ڪيا ويندا.

* هن سال تيرهن ڄڻن جو هڪ وفد نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن کي وفد تعجيب يا نجيب جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. اهي سمورا ماڻهو اڳ ۾ ئي اسلام قبول ڪري چڪا هئا، ان ڪري پنهنجي مال مان خيرات جو حصو بہ پاڻ سان گڏ کڻي آيا هئا. سرور عالم ﷺ جن جي حڪم سان کين سوکڙيون پاکڙيون بہ ڏنيون ويون تہ سندن دعوتون بہ جهليون ويون. نہ صرف ايترو ۾ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پاڻ هن وفد جو استقبال ڪري سندن عزت افزائي ڪئي. (۱)

* هن سال بَني اَسَد بن خُزَيمَہ وارن جو وفد پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ پهتو. هن وفد ۾ وَابِصَة بن مَعْبَد ۽ طُلَيحَہ بن خُوَيلَد بہ شامل هئا. پوءِ سڀني اسلام قبول ڪيو ۽ نبي انور ﷺ جن کي عرض ڪيائون تہ "اسين اوهان وٽ اونداهي رات جي پيٽ ۾ ڏڪار واري سال ۾ پاڻ مرادو هتي پهتا آهيون جڏهن تہ اوهان اسان ڏانهن ڪو لشڪر ڪونہ موڪليو هو." پوءِ ان موقعي تي "يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ اَسْلَمُوْا قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ. (۲)

(اهي اوهان تي ٿورو ڪن ٿا تہ انهن اسلام قبول ڪيو، اوهان کين چئو تہ مون تي پنهنجي اسلام جو ٿورو نہ ڪيو.)

---

(۱) هن وفد جا ماڻهو نهايت پرخلوص ۽ اسلامي جذبي سان سرشار هئا. هو پاڻ سان گڏ جيڪا خيرات جي رقم مديني شريف کڻي آيا، ان بابت نبي ڪريم ﷺ جن کين فرمايو تہ "اها رقم اوهان پنهنجي ڳوٺ کڻي وڃو ۽ اتان جي غريبن ۾ ورهايو." جنهن جي جواب ۾ هنن وراڻيو: "اسان پنهنجي ڳوٺ وارن ضرورتمندن کي سندن حق ادا ڪري پوءِ جيڪي ڪجهہ بچيو آهي، اهو اوهان جي خدمت ۾ کڻي آيا آهيون." پاڻ سڳورا ﷺ سندن ان جذبي کان بيحد متاثر ٿيا.

هن موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ چوڻ لڳو: "هھڙو جذبو جيڪو "تعجيب" واري وفد ۾ نظر آيو، اهڙو ڪنهن ٻئي وفد ۾ اسان نہ ڏٺو آهي." ان جي جواب ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن وراڻيو: "بيشڪ هدايت الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي، پوءِ هو جنهن سان ڀلائي ڪرڻ گهرندو آهي تہ ان جي سيني کي ايمان لاءِ کولي ڇڏيندو آهي."

ان کانپوءِ هنن جيڪي دين بابت سوال پڇيا، نبي ڪريم ﷺ جن طرفان انهن جا جواب کين لکي ڏنا ويا. هن موقعي تي رسول خدا ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي حڪم ڏنو تہ هو سندن لاءِ بهترين دعوت ۽ رهائش جو بندوبست ڪري تہ جيئن هو ڪجهہ ڏينهن مديني ۾ آرام سان ترسي سگهن. پر پوءِ جلد ئي هو پنهنجي ڳوٺ وڃڻ لاءِ اجازت گهرڻ لڳا: جنهن تي صحابي سڳورن کانئن پڇيو تہ "اوهان واپس وڃڻ لاءِ ايتري تڪڙ ڇو پيا ڪريو." جواب ۾ هنن وراڻيو: "اسان جي دل چوي ٿي تہ جيڪي ڪجهہ اسان نبي ڪريم ﷺ جن جي صحبت مان حاصل ڪيو آهي اهو واپس وڃي پنهنجي ٻين ماڻهن تائين بہ پهچايون."

ان کانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ هرهڪ شخص کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان انعام اڪرام عطا فرمايا.

سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٢٨٥. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٦٥٠ ـ ٦٥١.

(۲) سورة الحجرات آيت ١٧ پاره ٢٦.



Marfat.com

پوءِ اهي سمورا اسلام تي قائم رهيا. سواءِ طُلَيْحَہ بن خُوَيْلَد جي، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ کانپوءِ دين تان ڦري ويو ۽ نبوت جي دعويٰ ڪيائين، جنهن ڪري حضرت ابوبڪر رضہ پنهنجي خلافت واري دور ۾ حضرت خَالِد رضہ بن وَلِيد کي سندس مقابلي لاءِ موڪليو پر "طُلَيْحَہ" شام ڏانهن ڀڄي ويو. ان کانپوءِ هن وري اسلام قبول ڪيو پر هن ڀيري هو سچو مسلمان ٿي رهيو ۽ اسلام جي خلاف ڪوبہ ڪم نہ ڪيائين، ۽ وري حضرت عُمر رضہ جي خلافت ۾ هو مديني موٽي آيو.

* هن سال "بَنِي كِلَاب" وارن جو وفد بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ پهتو. هن وفد ۾ لبيد بن رَبِيْعَہ بن عَامِر اَبُوعَقِيْل عَامِري بہ شامل هو، جيڪو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. هن جي باري ۾ سرور عالم ﷺ جن فرمايو: "سڀ کان سچي ڳالهہ جيڪا لَبِيد چئي اها هيءَ آهي:

**"اَلَا كُلُّ شَيْءٍ مَا خَلَا اللّٰهَ بَاطِلٌ"**. (هر شيءِ جيڪا الله کانسواءِ آهي اها ڪوڙي آهي.)

هن وفد ۾ جيڪي بہ ماڻهو شامل هئا اهي سڀئي مسلمان ٿيا.

* هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ "بنو بَلِيّ" وارن جو هڪ وفد بہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جيڪو "قُضَاعَہ" قبيلي جو پاڙو آهي. هن وفد وارا اچي رُوَيْفَع بن ثَابِت بَلَوِيَّ جي گهر لٿا ۽ اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي وطن واپس وريا.

* هن سال رجب مهيني جي وچ ڌاري "بني نَخع" وارن جو پهريون وفد پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو. هن وفد ۾ بہ ماڻهو شامل هئا، جن مان پهرين جو نالو اَرْطَاه بن شَرَاحِيْل ۽ ٻئي جو "اَرْقَم" هو. جنهن کي "جهيش" بہ سڏيندا هئا. هنن نہ صرف نبي انور ﷺ جن جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو پر پنهنجي قوم پاران بہ بيعت ڪيائون. جنهن کانپوءِ هو پنهنجي ڳوٺ موٽي ويا. سندن ٻيو وفد سن يارهين هجريءَ ڌاري آيو، جنهن جو ذڪر ايندڙ باب ۾ ڪيو ويندو. انشاءَ الله تعاليٰ.

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جڏهن تبوڪ کان موٽيا تہ ان کانپوءِ سندن خدمت ۾ "دَارِيِّيْن" وارن طرفان بہ ڏهن ڄڻن جو هڪ وفد حاضر ٿيو، جنهن ۾ تَمِيْم بن اَوْس دَارِي بہ شامل هو. اهي نصراني هئا ۽ پوءِ سڀئي اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ واپس ٿيا. تَمِيْم داريءَ جي مسلمان ٿيڻ جو ذڪر اڳتي ٻيهر بہ ڪيو ويندو، انشاءَ الله تعاليٰ.

* هــــن سال عروه بن مَسْعُوْد ثقفي بہ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جنهن جو شمار "طائف" جي وڏن ماڻهن ۾ ٿيندو هو. هو پنهنجي قبيلي "ثَقِيْف" جي ٻين ماڻهن کان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي مسلمان ٿيو هو.

* هن سال رمضان يا شعبان جي مهيني ۾ "بنوثقيف" وارن جو هڪ وفد طائف کان مديني پهتو. هن وفد ۾ شامل سمورا ماڻهو "ثقيف" قبيلي جا ئي هئا، جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

عُثْمَان بن اَبُوالْعَاص، عَبْدِيَالِيْل بن عمرو بن عُمَيْر، نُمَيْر بن خَرَشَہ، حَكَم بن عَمْرو، شُرَحْبِيْل بن غَيْلَان بن سلمہ، اوس بن اوس ۽ اوس بن ابو اوس رضوان الله عليهم، تقريب التهذيب ۾ حافظ ابن حجر چاتايو آهي تہ "اوس نالي وارا بہ آخري شخص الڳ الڳ آهن. انهن ۾ فرق اهو آهي تہ پهرين جي پيءُ جو نالو "اَوْس" ۽ آخريءَ جي پيءُ جو نالو "اَبُو اَوْس" لکيو ويو آهي. "اَبُو اَوْس" جو نالو "حُذَيْفَہ" ٻڌايو ويو آهي [1] ۽

(1) تقريب التهذيب "ابن حجر" ج ١ ص ١١٢.



Marfat.com

هن کي اَوْس بن عَوْف بہ سڏيو ويندو آهي. هن موقعي تي انهن سمورن اسلام قبول ڪيو ۽ نبي انور ﷺ جن انهن مان عُثمَان بِن اَبُوالعَاصِ کي طَائِف جو امير مقرر ڪيو. جيڪو عمر ۾ سڀني کان ننڍو هو.

* هن سال نبي سڳوري ﷺ جن جي خدمت ۾ "بَهْرَاء" وارن جو هڪ وفد بہ آيو. هي؛ "قُضَاعَہ" قبيلي جو پاڙو آهي، جيڪي يمن ۾ رهندا هئا. هن وفد ۾ ڪل تيرهن ماڻهو هئا ۽ اهي يمن کان سڌا حضرت "مِقْدَاد بِن عَمْرو" جي گهر اچي لٿا. اسلام قبول ڪيائون ۽ پوءِ ديني فرضن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن مديني ۾ ترسي پوءِ پنهنجي وطن واپس وريا.

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن وٽ "بَنُوبِڪَاء" وارن جو وفد بہ حاضر ٿيو.

* هن سال "طَيء" قبيلي وارن جو هڪ وفد بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو. جنهن ۾ هن قبيلي جو سردار زَيدُالخَيل بن مُهَلْهَل طَائِيّ بہ ساڻن گڏ هو. سرور عالم ﷺ جن سندن آڏو دين جي دعوت پيش ڪئي، جيڪا هنن قبول ڪئي. پاڻ سڳورن ﷺ سندن سردار "زيدالخيل" جو نالو مٽائي "زَيدُالخير" رکيو. (۱)

* هن سال "حِمْيَر" قبيلي وارن جو وفد "يمن" کان پاڻ ڪريمن ﷺ وٽ اچي حاضر ٿيو. هنن اسلام قبول ڪيو ۽ نبي انور ﷺ جن سندن باري ۾ صحابين کي فرمايو: "اوهان وٽ يمن وارا اچي رهيا آهن، جن جي دلين ۾ نرمي ۽ رحم سمايل آهي. ايمان يمني آهي تہ ڏاهپ بہ يمني آهي" ۽ سڪون ٻڪرين وارن ۾ آهي، جڏهن تہ هٺ ۽ وڏائي انهن وارن خانہ بدوشن ۾ آهي، جيڪي اوير طرف رهن ٿا.

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ "بنو سعد هذيم" وارن جو هڪ وفد بہ حاضر ٿيو، جن جو تعلق "قضاعہ" قوم سان هو. هڪ روايت مطابق هو "يمن" ۾ رهندا هئا. هنن مديني پهچي مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ اچي لڏو لاتو. ان کانپوءِ هو مسلمان ٿيا. بيعت ڪيائون ۽ پوءِ پنهنجي ماڳن تي موٽي ويا.

## نبي ڪريم ﷺ جن جو "اِيْلَاء"

* هن سال نبي انور ﷺ جن پنهنجي گهروارين سان "اِيْلَاء" (۲) ڪندي فرمايو: "خدا جو قسم تہ هڪ مهيني تائين اوهان جي ويجهو نہ ايندس." (۳)

## پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو گهوڙي تان ڪرڻ

* هن سال نبي انور ﷺ جن گهوڙي تان ڪري پيا. جنهن ڪري سندن ساڄو پاسو ۽ ساڄي پني ڏڪجي پيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن اهو عرصو پنهنجي جاءِ جي ڪوٺي تي رهيا ۽ مسجد ڏانهن ڪين

---

(۱) سبل الهدیٰ "شامي" ج ٦ ص ٣٥٨. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٢ ص ١٢٧.

(۲) جيڪڏهن ڪو ماڻهو قسم کڻي چوي تہ مان پنهنجي گهرواريءَ جي ويجهو نہ ويندس تہ ان فعل کي "ايلاء" سڏيو ويندو آهي. (مترجم)

(۳) صحيح بخاري "ڪتاب الطلاق" ج ٣ ص ٢٧٦. "صحيح مسلم" "ڪتاب الطلاق" ج ٢ ص ١٨٨. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٣٢٩. الاشاره "مغلطائي" ص ٣٤٣. سيرة ابن حبان ص ٣٦٤ - ٤٦٣. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٦٤٢. سيرة "دمياطي" ص ٢٦٦. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٩٧.



Marfat.com

جي جواب ۾ سيني فرمايو: "اسان اختيار ڪيوسون الله، ان جو رسول ﷺ ۽ آخرت وارو گهر." سڀ کان پهريان اهو جواب حضرت عائشه صديقه رضه ڏنو ۽ پوءِ ان جي پيروي ٻين ٻيبين به ڪئي. (١)

## "غَامِدِيَّہ" جي سنگسار جو واقعو

* هن سال "غَامِدِيَّہ" نالي ان عورت کي سنگسار ڪيو ويو، جنهن کي "زنا" سبب ان پيٽ ٿيو هو ۽ هوءَ چار ڀيرا پنهنجي ان ڏوهه کي مڃي چڪي هئي، جنهن کانپوءِ نبي انور ﷺ جن حڪم ڏنو هو ته هوءَ عورت ٻار ڄڻي ان کي کير پياري ۽ پوءِ جڏهن اهو ٻار کير پيئڻ ڇڏي ته پوءِ کيس سنگسار ڪيو وڃي ۽ سنگسار کانپوءِ ان عورت جي نماز پڙهي پوءِ کيس دفن ڪيو وڃي، نماز کانپوءِ جڏهن کيس دفنايو ويو ته سرور ڪائنات ﷺ جن سندس باري ۾ فرمايو، قسم ان ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي ته هن اهڙي توبه ڪئي آهي، جو جيڪڏهن ڪو محصول اگاڙيندڙ به ان قسم جي توبه ڪري ته اهو به بخشجي وڃي. (٢)

## ضِمَام بن ثَعْلَبَہ جو واقعو

* هن سال حضرت ضِمَام بن ثَعْلَبَہ پنهنجي قبيلي "بَنِي سَعْد بن بَكْر" طرفان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ نماز، زڪواة، روزي ۽ ٻين شرعي حڪمن بابت ڄاڻ حاصل ڪيائين. جنهن جا تفصيل "صحيح بخاري" وغيره ۾ ذڪر آهن (٣) هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته "ضِمَام" سن پنجين هجريءَ ڌاري حاضر ٿيو پر پهرين روايت ئي صحيح آهي، جيئن "حافظ ابن حجر" "فتح الباريءَ" ۾ ڄاڻايو آهي.

اسان هن فصل جي پنجين باب ۾ به ان واقعي جو ذڪر ان لاءِ ڪيو آهي، جو ڪجهه سيرت نگارن پنهنجي ڪتابن ۾ اهڙي روايت به نقل ڪئي آهي.

## جهاد جاري رهڻ بابت حڪم

* هن سال ڪجهه مسلمانن پنهنجا هٿيار اهو سوچي وڪڻي ڇڏيا ته هاڻي جهاد ختم ٿي ويو آهي. ان تي سرور عالم ﷺ جن فرمايو: "جهاد ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين حضرت عيسيٰ ابن مريم عليه السلام هيٺ لهندو." (٤)

---

(١) صحيح مسلم "كتاب الطلاق" ج ٢ ص ١٨٩. تفسير "ابن كثير" ج ٣ ص ٤١٠.

(٢) صحيح مسلم "كتاب الحدود" ج ٢ ص ١٢٠. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ١٣٩.

(٣) صحيح بخاري "كتاب الايمان" ج ١ ص ١٧ ـ ١٨. دلائل النبوه "بيهقي" ج ٥ ص ٣٧٤.

سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٢٢٠. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٥ ص ٥٥ ـ ٥٦. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٦ ص ٥٥ ـ ٣٥٣. السيرة الحلبيہ ج ٣ ص ٢٢٠. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣٥٥ ـ ٣٥٣. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣١٣ ـ ٣١۴.

(۴) ڪن روايتن ۾ ان جاءِ تي هي لفظ به نقل ڪيا ويا آهن: "منهنجي امت ۾ هميشه هڪ جماعت حق لاءِ جهاد ڪندي رهندي تانجو دجال نڪري ظاهر ٿيندو."

المغازي واقدي ج ٣ ص ١٠٥٧. السيرة النبويہ ﷺ "ابن حبان" ص ٣٧٢. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٣٥٣. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٥ ص ۴٧٠. الاشاره "مغلطائي" ص ٣۴۴.



Marfat.com

## حديث جبريل

* هن سال جبريل عليہ السلام ماڻهن کي سنڌن دين بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ آيو ۽ ان ڏس ۾ هن نبي ڪريم ﷺ جن کان ايمان، اسلام، احسان، قيامت ۽ ان جي نشانين بابت سوال پڇڻ شروع ڪيا. جيئن صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. ان حديث کي "اُمُّ الْاَحَادِيْث" جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو، ڇو جو ان حديث ۾ ايمان ۽ اسلام کي کولي بيان ڪيو ويو آهي. (١)

سيد جمال الدين بخاريءَ پنهنجي ڪتاب "رَوْضَةُ الْاَحْبَاب" ۾ ڄاڻايو آهي تہ حضرت جبرئيل ماڻهن کي دين جي سکيا ڏيڻ لاءِ سن ڏهين هجريءَ ڌاري آيو هو. (٢)

## مينهن وسڻ جو معجزو

* هن سال نبي انور ﷺ جن جڏهن غَزْوَهٔ تَبُوْڪ کان واپس وريا، تڏهن سنڌن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو. جيئن "اسد الغابہ" ۾ حافظ ابن الاثير ۽ فتح الباريءَ ۾ حافظ ابن حجر نقل ڪيو آهي. جڏهن تہ "جذب القلوب" ۾ شيخ عبدالحق دهلوي ۽ ڪجهہ ٻين سيرت نگارن پنهنجي ڪتابن ۾ ڄاڻايو آهي تہ هي معجزو سن ڇهين هجريءَ ڌاري ظاهر ٿيو. اها روايت حضرت انس رضہ کان امام بخاريءَ هن ريت نقل ڪئي آهي:

"هڪ دفعي ملڪ ۾ ڏڪار اچي منهن ڪڍيو، مديني شريف ۾ ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جمعي جو خطبو پئي ڏنو تہ ايتري ۾ هڪ ڳوناڻو مسجد شريف ۾ داخل ٿيو ۽ فرياد ڪيائين: "اي الله جا رسول ﷺ! مال مري ويو، ٻار ٻچا بک ۾ پاهہ پيا ٿين، رستا ويران ٿي ويا آهن، الله تعاليٰ کان دعا گهرو تہ اسان جي اڄ اجهائي. ٻنهي جهانن جي سردار سڳوري ﷺ جن خطبي جي دوران ئي هٿ مٿي کنيا ۽ فرمائڻ لڳا: "اي الله اسان کي پلر (مينهن جو پاڻي) پيار! اي الله اسان کي پلر (مينهن جو پاڻي) پيار. حضرت اَنَس رضہ جو چوڻ آهي تہ الله جو قسم اتي جو اتي اچي مينهن منهن ڪڍيو، ۽ مون مينهن جا ڦڙا حضور پر نور ﷺ جن جي ڏاڙهي مبارڪ مان ٽمندي پئي ڏٺا. اهو سڀ ڪجهہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي منبر تان هيٺ لهڻ کان اڳ ٿي ويو. اهو وسڪارو ايندڙ جمعي تائين جاري رهيو ۽ سڄو هفتو ماڻهن سج جو منهن نہ ڏٺو، تانجو ٻيو جمعو اچي ويو ۽ نبي انور ﷺ جن ان جمعي جي خطبي ڏيڻ لاءِ منبر تي موجود هئا تہ اهو ساڳيو شخص يا ڪو ٻيو اتي آيو ۽ چوڻ لڳو: "اي الله جا رسول ﷺ مينهن جي گهڻائيءَ سبب هاٿي تہ مال مري ويو ۽ دڳ بہ بند ٿي ويا. هاڻي رب کان دعا گهرو تہ مينهن موڪلائي. نبي اڪرم ﷺ جن وري بہ خطبي جي دوران هٿ مٿي کنيا ۽ دعا گهرڻ لڳا: "اي الله مينهن کي هاڻي اسان کان پري وسائج، اسان وٽ نہ. اي الله ان کي پوٺن تي، ٽڪرين تي، جبلن جي وادين ۾ ۽ ٻيلن ۾ وساءِ. پوءِ ان دعا جي برڪت سان ڪڪر ٽڙي پکڙي ويا، سج جو شعاع نظر آيو ۽ مينهن موڪلايو. (٣)

---

(١) صحيح بخاري "ڪتاب الايمان" ج ١ ص ١٨.

(٢) روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٣٧٦.

(٣) صحيح بخاري "ابواب الاستسقاء" ج ١ ص ١٨٣.



Marfat.com

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دعا سان مينهن وسڻ وارو معجزو ٻه دفعا ظاهر ٿيو. صحيح بخاريءَ ۾ جيڪو واقعو نقل ڪيو ويو آهي اهو ٻئي دفعي وارو آهي، جڏهن ته پهرين دفعي واري واقعي جو ڪجهه تفصيل سن ڇهين هجريءَ دوران پيش آيل واقعات ۾ ڏنو ويو آهي. وڌيڪ حقيقت رب پاڻ ٿو ڄاڻي.

## تَمِيْم بن اَوْس جو واقعو

* هن سال نبي انور ﷺ جن جڏهن تبوڪ کان مديني واپس پهتا ته اتي اَبُو رُقَيَّہ تَمِيْم بن اَوْس بن خَارِجَہ داري سندن خدمت ۾ پهتو، جيڪو نصراني مذهب جو پيروڪار هو ۽ ساڻس ڇهه ڄڻا ٻيا به گڏ هئا. (١) هن پاڻ ڪريم ﷺ جن آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ سندن خدمت ۾ جَسَّاسَہ ۽ دَجَّال

(١) مشهور صحابي تميم بن اوس بن خارجہ بن سود بن خزيمہ جو تعلق دار بن هانيءَ وارن سان هو. جنهنڪري ڪيس تميم داري سڏيو ويندو آهي. هن نائين هجريءَ ڌاري پاڻ سڳورن ﷺ جن جي آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ مستقل مديني ۾ رهيو. جتان سيدنا عثمان بن عفان رضہ جي شهادت کانپوءِ شام ڏانهن لڏي ويو. رات جو قيام ۽ ڏينهن جو تلاوت ۾ پنهنجو وقت گذاريندو هو. سندس ڪنيت "ابورقيہ" آهي، جيڪو سندس نيائيءَ جو نالو هو ۽ ان کانسواءِ ڪيس ٻي ڪا اولاد ڪانہ هئي. تميم داري مسلمان ٿيڻ کان اڳ عيسائي مذهب جو پيروڪار هو ۽ عيسائيت بابت بہ ڪيس وسيع معلومات هئي.

نبي ڪريم ﷺ جن آڏو هن دجال ۽ جساسہ جو واقعو بيان ڪيو هو. جنهن ڪري جتي "جساسہ" جو ذڪر ايندو اتي تميم داريءَ جو نالو بہ ڪجندو آهي.

"جساسہ" جي معنيٰ جاسوسي ڪرڻ واري ٻڌائي ويئي آهي، ڇو تہ ماهرن جو خيال آهي تہ هي مؤنث جو صيغو آهي.

"ابن منظور" جي قول مطابق تہ عربي زبان ۾ خير جي خبر ٻڌائڻ واري کي ناموس ۽ شر جي خبر ٻڌائڻ واري کي جاسوس سڏيو ويندو آهي. بهرحال "جساسہ" هڪ جانور جو نالو آهي، جيڪا تمام خوفناڪ ۽ ڊيڄاريندڙ آهي. اهڙي راءِ "النهايہ" ۾ ابن الاثير بہ ڏيکاري آهي، باقي ان ڳالهہ تي راوين جو اختلاف آهي تہ آيا ان جانور جو ذڪر حضرت تميم "انجيل" ۾ پڙهيو يا پنهنجي علائقي وارن کان ڪنهن ڏند ڪٿا طور ٻڌو؟ ۾ حديث جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ هن "جساسہ" کي هڪ ٻيٽ ۾ ڏٺو، جتي هڪ تيز طوفان ڪيس ڪٺي اچي ڦٽو ڪيو هو ۽ اتي ئي دجال بہ ڪيس نظر آيو. جيڪو زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ چرڻ پرڻ کان عاجز هو. انڪري "جساسہ" هيڏانهن هوڏانهن جون خبرون چارون ڪيس پهچائيندي رهندي هئي. شڪل ڪانءِ علاوه بناوت جي لحاظ کان بہ هوءَ تمام خوفناڪ ۽ ڀوائتي هئي، جنهن جي ڏسڻ سان ماڻهو ڊڄي وڃي.

اڳتي هلي مسلمان عالمن ۽ مفسرن بہ هن جانور جو ذڪر پنهنجي تحريرن ۾ ڪيو آهي، جن مان ڪيترن جو خيال آهي تہ هي "جانور" شايد اهو يا ان جهڙو آهي، جنهن جو ذڪر قرآن مجيد جي "سورة النمل" ۾ "دابة الارض" جي نالي سان ڪيو ويو آهي ۽ جيئن مسلم، ترمذي، ابن ماجه، مسند احمد وغيره ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت قائم ٿيڻ کان اڳ جيڪي ان جون نشانيون ظاهر ٿينديون تن ۾ دجال ۽ دابة الارض جو ظاهر ٿيڻ بہ نشانين مان آهن. جڏهن تہ ڪن مصنفن وري پنهنجي تصنيفات ۾ هن جانور کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪيو آهي ۽ ان اثر هيٺ ڪافي عجيب ۽ غريب ڳالهيون عربي ادب ۾ رائج ٿيون آهن.

"المسالڪ والممالڪ" ۾ مشهور ايراني سياح ۽ جاگرافيدان ابن خردازبہ ان ٻيٽ جو نالو "برطائيل" لکيو آهي، جتي "جساسہ" کي ڏٺو ويو. جڏهن تہ ڪجهہ ٻين وري ان جاءِ جو نالو "زابج" نالي هڪ ٻيٽ ٻڌايو آهي.



Marfat.com

۽ اڳاڙي تہ ڪين اسلامي شريعت جي تعليم ۾ ڏني. (١)

## حضرت عَلقَمَہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيَّہ"

* هن سال عَلقَمَہ بن مُجَزِّز مُدلِجِيّ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيَّہ" "حَبَش" ڏانهن اماڻيو ويو، جنهن جو ذڪر هن کان اڳ سَرَايَا واري باب ۾ ٿي چڪو آهي. هن موقعي تي حضرت عَلقَمَہ رضہ پنهنجي لشڪر جي ڪجهہ ماڻهن مان عبدالله بن حُذَافَہ سَهمِيءَ کي امير مقرر ڪيو. جيڪو ڪنهن ڳالهہ سببان پنهنجي ساٿين تي ڪاوڙجي پيو ۽ کين حڪم ڏنائين تہ هو ڪاٺيون ڪري اچن ۽ باھ جو بندوبست ڪن. پوءِ جڏهن هن باهہ ٻاري تڏهن کين چوڻ لڳو تہ "ڇا نبي ڪريم ﷺ جن اوهان کي پنهنجي امير جي فرمانبرداريءَ جو حڪم نہ ڏنو آهي؟"

هنن چيو "هائو".

ان کانپوءِ عَبدُالله چوڻ لڳو تہ "هاڻي هن باھ ۾ گهڙي پئو."

اهو ٻڌي ڪجهہ ماڻهو چوڻ لڳا تہ "اسان ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون". جڏهن تہ باقي ٻين ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چوڻ لڳا: "اسان باھ کان تہ ڀڳا آهيون انڪري باھ ۾ داخل نہ ٿينداسون." پوءِ منجهانئن ڪوبہ باھ ۾ نہ گهڙيو. نيٺ عَبدُالله جي ڪاوڙ بہ لٿي ۽ جڏهن هو مديني پهتا تہ مٿين واقعي جو سربستو احوال سرور عالم ﷺ سان ڪيائون. ان تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو: "جيڪڏهن اوهان ان باھ ۾ گهڙو ها تہ ان مان ڪڏهن بہ ٻاهر نہ نڪري سگهو ها." فرمانبرداري تہ چڱن حڪمن جي ڪرڻي آهي." (٢)

## مَالِڪ بن حُوَيرَث جي وفد جو اچڻ

* هن سال "غَزوَہ تَبُوڪ" جي تياريءَ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ مالڪ بن حُوَيرَث لَيثِي پنهنجي ڪٽنب جي ويهن ماڻهن سان گڏ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪيائون. ان کانپوءِ هو سڄو مهينو مديني ۾ ترسيا ۽ مهيني گذرڻ کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ موٽ ڪيائون. اهڙو ذڪر "ارشاد الساري" ۾ قسطلاني "نماز" واري باب ۾ ڪيو آهي. (٣)

## حج جي فرضيت جو حڪم

* هن سال ڪجهہ راوين مطابق حج جي فرضيت وارو حڪم نازل ٿيو ۽ صحيح ڳالهہ اها آهي تہ

---

(١) المغازي "واقدي" ج ٣ ص ٩٨١، ٩٨٠ المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٦١٧، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٩٠ - ٩١. الاصابہ "ابن حجر" ج ٣ ص ٦٢٨ - ٦٢٧، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٢٠ - ١١٩. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٤٦ - ٤٧.

(٢) طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ١٢٣، زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٥١٥ - ٥١٦.

(٣) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٢٠، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٢١٦. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٦١٨ - ٦٢٠، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٧٨. المغازي "واقدي" ج ٣ ص ٩٨٤ - ٩٨٣. ارشاد الساري "قسطلاني" ج، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٤ ص ٢٧٧.



Marfat.com

## ذُوالْبِجَادَيْن عَبْدُالله رضہ بن عَبْد نهم جي وفات

* هن سال نبي آخر الزمان ﷺ جن جڏهن تبوڪ ۾ ترسيل هئا تڏهن اتي عبدالله بنؓ عبد نهمر بن عفيف گذاري ويو، جنهن جو لقب "ذُوالْبِجَادَيْن" هو. سرور عالم ﷺ جن سندس نماز پڙهائي ۽ پوءِ پاڻ ﷺ کيس قبر ۾ لاٿائون ۽ سندس بخشش لاءِ هيءَ دعا گهريائون: "اي الله! مان هن کان راضي آهيان ۽ تون بہ کانئس راضي ٿيءُ" اهو ٻڌي عَبْدُالله بِن مَسْعُوْد رضہ چوڻ لڳو: "جيڪر اها دعا منهنجي لاءِ گهري وڃي." (١)

## عَبْدُالله بِن اُبَيّ بِن سَلُوْل جي موت جا واقعات

* هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ منافقن جو مهندار عَبْدُالله بِن اُبَيّ بن سَلُوْل بہ مري ويو. هو هن ني سال جي پڇاڙيءَ ذاري بيمار ٿيو، جنهن کانپوءِ ويهہ ڏينهن رکي مري ويو. (٢)

* هن سال ذوالقعد جي ئي مهيني ۾ عَبْدالله بن اُبيّ بن سَلُوْل جي موت تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (٣)

وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّلَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ. (٤)

"اي پيغمبر! انهن مان ڪوئي مري وڃي تہ تون ڪڏهن بہ ان جي جنازي نماز نہ پڙهجانءِ، نڪي سندس قبر تي بيهي رهجانءِ".

ان آيت جي نازل ٿيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اها آيت حضرت عُمر بِن خَطَّاب رضہ جي موافقت ۾ آهي. قرآن مجيد ۾ پندرهن موقعن تي اهڙيون آيتون نازل ٿينديون رهيون آهن، جيڪي حضرت عمر رضہ جي راءِ سان موافقت رکن ٿيون، هيءَ آيت بہ انهن منجهان هڪ آهي.

* هن سال مشهور منافق عبدالله بن اُبيّ جي موت واري موقعي تي رحمت للعالمين ﷺ جن مٿس وڏيون مهربانيون ڪري ڇڏيون. پاڻ ڪريم ﷺ جن نہ رڳو هن منافق کي پنهنجو پهراڻ مبارڪ ڍڪايو پر کيس قبر ۾ بہ لاٿو. اهو ڏسي ڪجهہ ماڻهو ويچار ۾ پئجي ويا. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "ان ڳالهہ ۾ بہ ڪا حڪمت رکيل آهي ۽ مونکي اميد آهي تہ ان سبب ڪري هن قوم جا ڪجهہ ماڻهو مسلمان ٿي پوندا."

۽ پوءِ ٿيو بہ ائين جو ان عظيم حڪمت جي نتيجي ۾ سچي سرور ﷺ جن جي آڏو هڪ هزار منافق پنهنجي منافقت کان توبہ تائب ٿيا ۽ سچيءَ دل سان ڪلمو پڙهيائون. ڇو جو هنن جڏهن ڏٺو تہ

---

(١) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ١٧١، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۵۹ ـ ۴۶٠، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٣۴۴.

(٢) دلائل النبوه "بيهقي" ج ۵ ص ٢٨۵. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ٣١. الاشاره "مغلطائي" ص ٣۴۴.

(٣) صحيح بخاري "ڪتاب التفسير" ج ٣ ص ١٣٧، فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٢٧١ ـ ٢٧٢. صحيح مسلم "ڪتاب صفاة المنافقين" ج ۴ ص ١٢٠، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ١٩٧.

(۴) سورة التوبہ، آية ٨۴ پاره ١٠.



Marfat.com

سندن سردار ئي سرور ڪائنات ﷺ جن جي ڪپڙي مان برڪت حاصل ٿيڻ جو قائل آهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ اهڙي شخص سان به ايڏا پال پلايا ته سندن دلين تان ڪٽ لهي ويئي. اهڙو ذڪر "رَوْضَةُ الْاَحْبَاب" ۾ سيد جمال الدين به ڪيو آهي ته پنهنجي لکيل سيرت جي ڪتاب ۾ علامه گازروني طرفان به ڪيو ويو آهي. (١)

## حضرت عُوَيْمَر رضه بن حَارِث ۽ سندس گهرواريءَ وچ ۾ لِعان (٢) جو واقعو

* هن سال ذوالقعد يا هڪ ٻي روايت مطابق ذوالحج جي مهيني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن عويمر

---

(١) صحيح بخاري باب "في الجنائز" ج ١ ص ٢٢٠.

سيرة ابن هشام ج ۴ ص ١٩٧ تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ٢ ص ١۴٠، سيرة دمياطي ص ٢٦٧ - ٢٦٦. سيرة مغلطائي ص ٣۴۴.

(٢) "لِعان" عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي هڪ ٻئي تي لعنت ڪرڻ. جيئن ته هن عمل ذريعي زال ۽ مڙس قاضيءَ جي آڏو اچي پاڻ تي لعنت وجهندا آهن انڪري هن تي اهو نالو پئجي ويو. ان عمل ۾ حصو وٺندڙ مڙس کي "ملاعن" ۽ زال کي "ملاعنه" سڏيو ويندو آهي.

عويمر جي لِعان جو هي واقعو حديث جي معتبر ڪتابن بخاري، مسلم، ابوداٿود، نسائي، ابن ماجه ۽ مسند احمد ابن حنبل ۾ نقل ڪيو ويو آهي، جنهن جا راوي سهل بن سعد رضه ۽ عبدالله ابن عمر رضه آهن.

**واقعي جو سبب**

جيئن ڪتاب جي متن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته عُويمر عجلانيءَ پنهنجي گهرواريءَ تي شڪ ظاهر ڪيو، جنهن بابت هن پنهنجي دوست حضرت عاصم بن عديءَ کي چيو ته هو سرور ڪائنات ﷺ کان ان جو حل معلوم ڪري. عاصم جڏهن اهو حل پڇڻ ويو ته پاڻ سڳورا ﷺ اهڙو سوال ٻڌي ناخوش ٿيا ۽ جواب نه ڏنائون. وري هلال بن اميه به اهڙوئي سوال پاڻ سڳورن ﷺ جن کان پڇڻ آيو. حافظ ابن حجر جو قول آهي ته ان موقعي تي سوره نور جي آيت نازل ٿي، جنهن ۾ ان مسئلي جو حل ٻڌايو ويو آهي ته اوهان مان جيڪڏهن ڪنهن مڙس کي پنهنجي زال تي شڪ هجي ۽ وٽس پنهنجي ذات کانسواءِ ڪو ٻيو شاهد به نه هجي ته اهو چار دفعا قسم کڻي چوي ته هو (پنهنجي الزام ۾) سچو آهي ۽ پنجون دفعو چوي ته جيڪڏهن هو ڪوڙ ڳالهائي ته مٿس الله جي لعنت هجي.

هاڻي وري عورت پنهنجي صفائيءَ ۾ چار دفعا الله جو قسم کڻي چوي ته مٿس ڏوهه ڏيندڙ مڙس ڪوڙو آهي ۽ پنجون دفعو چوي ته مٿس الله جو قهر يا لعنت پوي جيڪڏهن سندس مڙس سچو آهي. هوڏانهن وري گهڻا ڏينهن گذري ويا ته عويمر کي سوال جو جواب نه مليو ته هو عاصم بن عديءَ وٽ معلومات حاصل ڪرڻ آيو. جيڪو کيس جواب ٻڌائي نه سگهيو ۽ پوءِ سڌو هو دربار نبوي ﷺ ۾ حاضر ٿيو. جتان کيس جواب مليو ته اوهان جي باري ۾ الله تعاليٰ حڪم نازل فرمايو آهي. هاڻي ان حڪم موجب عمل ڪريو. جنهن کانپوءِ هو ٻئي زال مڙس مسجد نبويءَ ﷺ ۾ حاضر ٿيا.

لِعان ڪرڻ کان اڳ نبي ڪريم ﷺ جن ٻنهي کي سمجهايو "الله تعاليٰ کي پليءَ پت جاڻ آهي ته اوهان ٻنهي منجهان هڪ ضرور ڪوڙو آهي، پوءِ جيڪڏهن اهو توبه ڪندو ته الله تعاليٰ کيس بخشيندو". جنهن کانپوءِ ٻنهي زال ۽ مڙس هڪ ٻئي تي ملاعنت ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان عُويمر چيو ته "اي الله جا سچا رسول ﷺ! جي اڄ کانپوءِ آءٌ هن عورت سان گڏ رهان ته ڪوڙو آهيان ۽ پوءِ اتي ئي زال کي ٽي طلاقون ڏيئي ڇڏيائين ۽ سرور ڪائنات ﷺ جن اها طلاق نافذ ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن مان اڪثريت اهو مسئلو ڪڍيو آهي ته هاڻي جيڪي زال مڙس پاڻ ۾ لعان ڪن ته



Marfat.com

* هن سال حضرت عَبْدُالرَّحْمان بن عَوْف رضہ بہ حضرت ابوبڪر رضہ سان گڏ حج ادا ڪيو هو ۽ قربانيءَ جو بندوبست بہ ڪيو هئائين. هن موقعي تي سرور عالم ﷺ جن حضرت عليءَ رضہ کي بہ سندن پنيان ان مقصد لاءِ موڪليو تہ هو اتي ماڻهن کي "سوره بَرَاة" جون اهي آيتون پڙهي ٻڌائي جن ۾ حڪم ڏنو ويو هو تہ هن سال کانپوءِ ڪوبہ مشرڪ حج تي اچي نہ سگهندو ۽ نہ ئي وري ڪو اگهاڙو ٿي الله جي گهر جو طواف ڪري سگهندو.

رستي ۾ "عَرْج" نالي ماڳ وٽ حضرت علي رضہ اچي حضرت ابوبڪر رضہ سان گڏيو. پوءِ جڏهن هو مڪي پهتا، تڏهن حضرت عليءَ رضہ کي حضرت ابوبڪر رضہ چيو تہ "سوره براة" ۾ جيڪي ڪجهہ نازل ٿيو آهي ان کي مشرڪن آڏو بيان ڪيو وڃي ۽ اهو بہ ٻڌايو وڃي تہ آئينده ڪنهن مشرڪ سان معاهدو باقي نہ آهي. ان کانپوءِ مشرڪن آڏو اهي ئي حڪم پيش ڪيا ويا تہ هن سال کانپوءِ نہ ڪو مشرڪ حج تي اچي سگهندو ۽ نہ ئي وري ڪو اگهاڙو ٿي الله جي گهر جو طواف ڪري سگهندو. ان ڪري مشرڪن لاءِ حج ادا ڪرڻ جو هي آخري موقعو آهي.

---

۾ آيا آهيو؟" حضرت عليءَ وراڻيو "نہ آءٌ اوهان جي اڳواڻيءَ هيٺ ئي پنهنجي فرض ادائي ڪندس." اهوئي سبب آهي جو هن موقعي تي ماڻهن کي حج بہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ ڪرايو تہ خطبو بہ پاڻ ئي پڙهيائون، جنهن کانپوءِ حضرت علي سائينءَ قربانيءَ واري ڏينهن "جمره عقبہ" وٽ بيهي حاجين جي ميڙ کي هيٺيان حڪم پڙهي ٻڌايا.

١. اهڙو ڪوبہ شخص جيڪو دين اسلام جو انڪاري آهي اهو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.

٢. اڄ کانپوءِ ڪوبہ مشرڪ حج تي نہ اچي سگهندو.

٣. بيت الله جو طواف ڪوبہ شخص اگهاڙي حالت ۾ نہ ڪندو.

۴. جن ماڻهن رسول انور ﷺ جن سان ڪيل معاهدن جي پيڪڙي نہ ڪئي آهي انهن سان معاهدو مقرر ٿيل وقت تائين قائم رهندو ۽ جن سان ڪو معاهدو نہ آهي انهن کي بہ چئن مهينن جي مهلت آهي.

ان کانپوءِ حضرت عليءَ اهڙو اعلان مڪي شريف جي هر وسندي ۽ واهڻ، بيٺڪ ۽ بازار، گهٽيءَ ۽ گهر تائين پهچايو. جنهن کانپوءِ ايندڙ سال يعني سن ڏهين هجريءَ ڏاري حج پهريون ڀيرو مڪمل اسلامي طريقي سان ادا ڪيو ويو. جنهن ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ بہ شريڪ ٿيا. تاريخ ۾ اهو حج "حجة الوداع" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

"صحيح بخاري" "حج ابوبڪر" ج ١ ص ٧٦ ـ ٧٧. فتح الباري "ابن حجر" ج ٢ ص ٦٧ ـ ٦٨. "صحيح مسلم" ڪتاب الحج ج ٢ ص ١٠٦ ـ ١٠٧. "مسند" احمد ابن حنبل ج ١ ص ٧٩. المغازي "واقدي" ج ٣ ص ١٠٧٦ ـ ١٠٧٨. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ١٨٨ ـ ١٩١. تفسير ابن ڪثير ج ٢ ص ٢٩٠ ـ ٢٨٧. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٩۴. ٥٩٣. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٨٩ ـ ٩۴. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٣٦٠ ـ ٣٦١.

هن حج بابت ٻيا واقعات هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا:

البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٣٣ ـ ٣٥. تاريخ طبري ج ٢ ص ٣٨٢ ـ ٣٨٣. الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ٢ ص ١٢٧ ـ ١٢٨. دلائل النبوه "بيهقي" ج ٥ ص ٢٩٣ ـ ٢٩٨. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٦٣٩ ـ ٦٧١. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣١١ ـ ٣١٠. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ٢٥٨.



Marfat.com

ٻڌايا آهن ۽ ڪن جو وري چوڻ آهي تہ عرب ۾ مشهور ڏاهن جو تعداد ست آهي. جيئن سن ڇهين هجريءَ جي واقعات ۾ ٻڌايو ويو آهي. هي عُرْوَه بن مَسْعُوْد ثقفي اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن جي باري ۾ شروعاتي دؤر ۾ هڪ موقعي تي مشرڪن طرفان اهو سوال اٿاريو ويو هو تہ "هي قرآن هنتان جي ٻن آبادين جي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ تي ڇونہ نازل ڪيو ويو؟" انهن ماڻهن مان سندن مراد هڪ طائف جو عروه بن مسعود ۽ ٻيو مڪي جو وليد بن مغيره مخزومي.

## غزوه تَبُوْڪ جا واقعات (١)

* هن سال جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن غُزْوَه تَبُوْڪ لاءِ اُسهيا تہ ساڻن گڏ ٽيهہ هزار مسلمانن جو لشڪر هو. ڪن راوين طرفان اهو انگ ستر هزار تائين بہ ٻڌايو ويو آهي.

علامہ شامي پنهنجي "سيرت" واري ڪتاب ۾ انهن ٻنهي روايتن کي گڏي هي نتيجو ڪڍيو آهي تہ "جن ٽيهن هزارن واري روايت بيان ڪئي آهي تہ انهن صرف لشڪر جو تعداد ڏسيو آهي پر جن راوين ستر هزار واري روايت بيان ڪئي آهي تہ انهن وري سموري لشڪر جي پنيان توڙي ساڻن گڏ مختلف خدمتون انجام ڏيڻ وارن کي بہ ڳاڻيٽي ۾ آندو آهي."

هن لشڪر ۾ شامل گهوڙن جو تعداد ڏهہ هزار يا ٻي روايت موجب ٻارهن هزار ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال "غُزْوَه تَبُوْڪ" جي تياريءَ وقت نبي اڪرم ﷺ جن مسلمانن کي ان ڳالهہ تي اياريو تہ هو هن موقعي تي اسلامي لشڪر جي دل کولي مدد ڪن. ان ڏس ۾ سڀ کان اڳ حضرت اَبُوْبَڪر صِدِّيْق رضہ پنهنجو الهہ تلهہ آڻي حاضر ڪيو، جنهن جو تخمينو چار هزار درهم ٻڌايو ويو آهي. ان کانپوءِ حضرت عُمر رضہ جو وارو آيو، جنهن پنهنجي اڌ ملڪيت آڻي پيش ڪئي. اهڙيءَ ريت حضرت عَبْدُالرَّحْمَان بن عَوْف رضہ بہ پنهنجي ملڪيت جو اڌ آڻي جمع ڪرايو، جنهن جو تخمينو بہ سؤ اوقيہ يا ٻي روايت مطابق چار سؤ درهم ٻڌايو ويو آهي. عَاصِم بِن عَدِيّ رضہ وري ستر "وسق" ڪارڪون ڪڻي آيو ۽ ابوعقيل وٽ اڌ يا سڄو صاع ڪارڪن جو موجود هو، جيڪو هن آڻي پيش ڪيو. اهڙيءَ ريت هر هڪ پنهنجي حيثيت آهر حصو ادا ڪيو. هوڏانهن وري عورتون بہ پٺتي نہ پيون. انهن بہ پنهنجي طرفان مختلف قسمن جا زيور جيئن ٻانهيون، ٻانهوٽا، پازيب، جهومڪ ۽ منڊيون موڪلي تبوڪ جي تياريءَ ۾ حصو ورتو. پر منافقن طرفان ٻنهي "ڏرين جي ٺٺول ڪئي ويئي. جن گهڻو ڏنو انهن تي بہ تہ جن ٿورو ڏنو انهن تي بہ. هن موقعي تي خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

(١) هتي غزوه تبوڪ جا واقعات تفصيل سان پيش ڪيا ويا آهن جن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. صحيح بخاري "ڪتاب المغازي والسير" ج ٣ ص ٨٥. فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٨٩. "المغازي" "ابن شهاب زهري" ص ١٥٦. سيرة ابن هشام ج ٤ ص ١٥٩، المغازي "واقدي" ج ٣ ص ٩٨٩. الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ٢ ص ١٢٥، "تاريخ طبري" ج ٢ ص ٣٧٣. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٤٨، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٢٢. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٩٢،الروض الانف "سهيلي" ج ٤ ص ١٩٥. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٦٢٥، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٦٢. الدرر "ابن عبدالبر"ص ٢٣٨، "جوامع السيرة" "ابن حزم" ص ٢٤٩. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٢١٢،السيرة الحلبيہ ج٣ ص ١٢. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٥ ص ٤٣٢، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص



Marfat.com

وَجَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ (١)

"۽ بهانو ڪري آيا ڳوٺاڻن منجهان ڪي، تہ انهن کي اجازت ڏني وڃي گهرن ۾ رهڻ جي."

۽ سندن لاءِ هيءَ آيت پڻ نازل ٿي:

فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ (٢)

"خوش ٿيا گهرن ۾ ويهڻ وارا پنهنجي ويهڻ تي ۽ الله جي رسول ﷺ جو ساٿ نہ ڏيڻ تي."

* هن سال جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن "غَزْوَہ تَبُوْڪ" لاءِ روانگيءَ جو ارادو فرمايو تہ ان موقعي تي ڪي منافق هلڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. سندن نالا جلاس بن سويد ۽ حارث بن سويد ٻڌايا وڃن ٿا. اهي ٻئي ڀاڻ ۾ ياٺر هئا ۽ سندن تعلق اوس قبيلي سان هو.

هن موقعي تي جلاس خذله الله تعاليٰ چيو هو تہ "جيڪڏهن هي شخص سچو آهي تہ اسان ڳڏهن ڪان بہ ٻري آهيون."

اهو احوال جڏهن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن وٽ پهتو، تڏهن جلاس کي سڏائي ڪانئس ان بابت پڇا ڪيائون پر هو پنهنجي ڪيل ڳالهہ تان ڦري ويو. ان موقعي تي الله تعاليٰ سندس باري ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي، جنهن ۾ هن شخص جي اندر جي ٻيائي ۽ ڪفر کلي پيو:

يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ (٣)

"اهي قسم کڻن ٿا الله جا تہ انهن نہ چيو اٿن، جڏهن تہ هنن اها ڪفر جي ڳالهہ ڪئي هئي ۽ ڪفر ڪيائون اسلام آڻڻ کانپوءِ."

ان کانپوءِ رحمت للعالمين ﷺ جن چاهيو تہ هيءُ شخص "توبہ" ڪري تہ ان موقعي تي وري رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي:

كَيْفَ يَهْدِي اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ (٤)

"ڪيئن هدايت ڪندو رب پاڪ اهڙن ماڻهن کي جن ڪفر ڪيو ايمان آڻڻ کانپوءِ."

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جڏهن غزوه تبوڪ لاءِ تيارين ۾ هئا تہ ان موقعي تي واثلہ بن اسقع ليثي ڪناني رضہ اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ هو اصحاب صفہ ۾ شامل ٿيو.

* هن سال جڏهن غَزْوَہ تَبُوْڪ لاءِ تياريون ٿي رهيون هيون تہ ان موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: "روم تي جهاد ڪريو، سندن عورتون اوهان جون ٻانهيون ٿينديون." اهو ٻڌي بَنُوْسَلَمَہ وارن جو سردار جد بن قيس بن صخر انصاري سلميٰ جنهن جي دل ۾ ڪجهہ ٻيائي هئي چوڻ لڳو: "مان جڏهن بہ عورتن کي ڏسندو آهيان تہ مون کان صبر نہ ٿي سگهندو آهي ۽ نيت خراب ٿي ويندي آهي،

---

(١) سورة التوبہ آيت ٩٠ پاره ١٠.

(٢) سورة التوبہ آيت ٨١ پاره ١٠.

(٣) سورة التوبہ آيت ٧٤ پاره ١٠.

(٤) سورة آل عمران آيت ٨٦ پاره ٣.



Marfat.com

انکري مونکي هن "غزوه" لاءِ هلڻ جو زور نہ ڀريو، باقي آءُ اوهان جي مالي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.
ان موقعي تي الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي:

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ. (١)

"۽ انهن ۾ ڪو شخص چوي ٿو مونکي موڪل ڏيئي ڇڏيو ۽ فتني ۾ نہ وجهو."
هي اهو ساڳيو شخص آهي جو جڏهن "حُدَيْبِيَّہ" جي موقعي تي موجود سيني ماڻهن سرور عالم ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي هئي، تڏهن هي پنهنجي اندر جي ٻيائيءَ سببان وڃي پنهنجيءَ ڏاچيءَ هيٺان لڪيو ۽ بيعت ڪرڻ کان رهجي ويو هو.
* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن غَزْوَه تَبُوْڪ لاءِ اسهيا تہ ان موقعي تي اهڙا سمورا صحابي ساڻن گڏ هليا، جيڪي جهاد جي لائق هئا، سواءِ انهن ٽن انصارن جي جن جا نالا هن ريت آهن:
١. ڪَعْب بن مَالِڪ سَلَمِيّ جيڪو مشهور شاعر هو ٢. هِلَال بن اُمَيَّہ وَاقِفِي ٣. مُرَارَه بِن رَبِيْع عَمْرِي.
انهن جو ذڪر الله تعاليٰ هن آيت ۾ ڪيو آهي:

وَ عَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا. (٢)

پوءِ ان وقت الله تعاليٰ انهن جي توبہ قبول فرمائي، جڏهن هنن پنهنجي ڪئي تي تمام گهڻو پڇتاءُ ۽ پشيماني ظاهر ڪئي. ڇو جو هنن نبي انور ﷺ جن جي آڏو سچي ڳالهہ ڪئي ۽ منافقن وانگر نڳيءَ جا ناهہ نہ ناهيائون.
* هن سال پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن تبوڪ ڏانهن اسهيا تہ مديني ۾ حضرت عَلي بِن اَبُوطَالِب رضہ کي پنهنجو نائب مقرر ڪيائون. حضرت علي ڪرم الله وجهه جن کي سرور عالم ﷺ جي جدائي ڏاڍي ڏکي لڳي ۽ سندن خدمت ۾ عرض ڪيائون: "ڇا مونکي اوهان عورتن ۽ ٻارن ۾ ٿا ڇڏيو؟"
ان تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو: "اي علي! ڇا تون ان تي راضي نہ آهين تہ تنهنجو مون سان اهڙو لاڳاپو هجي جهڙو هَارُوْن عہ جو مُوسيٰ عہ سان. پر مون کانپوءِ ڪوبہ نبي نہ ٿيڻو آهي." اها روايت شيخين وغيره حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ کان نقل ڪئي آهي. (٣)
شرح عليٰ المواهب اللدنيہ ۾ "زرقانيءَ" ان روايت کي ئي ترجيح ڏني آهي، ڇو جو اها روايت صحيحين، نسائي ۽ ابن ماجہ ۾ حضرت سَعْد بِن اَبِي وَقَّاص رضہ کان نقل ڪئي وئي آهي تہ هن موقعي تي حضرت علي رضہ کي ئي نائب مقرر ڪيو ويو هو. (۴) حافظ عراقي بہ ان تي ئي زور ڏنو آهي. جڏهن تہ حافظ ابن عبدالبر ۽ حافظ ابن دحيہ وٽ بہ ان روايت کي ئي ترجيح حاصل آهي. (۵) ساڳيءَ

---

(١) سورة التوبہ آيت ۴٩ پاره ١٠.

(٢) سورة التوبہ آيت ١١٨ پاره ١١.

(٣) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٨٦.

(۴) شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٦٩.

(۵) الدرر "ابن عبدالبر" ص ٢٣٩.



Marfat.com

ريت قسطلاني بہ پنهنجي شرح "ارشاد الساري" ۾ ان روايت کي قطعي قرار ڏنو آهي. [1] ڪن راوين وري هن موقعي تي محمد بن مسلمہ رضہ يا ابن ام مڪتوم رضہ يا وري سباع بن عرفطہ رضہ کي نائب مقرر ڪرڻ جو ذڪر بہ ڪيو آهي. انهن ٽنهي نالن واريون روايتون "واقدي" نقل ڪيون آهن. [2]

مٿين بحث مان خبر پوي ٿي تہ حضرت عليءَ رضہ بابت جيڪا روايت آهي اها وڌيڪ صحيح آهي ڇو جو سڃاڻ محدثن ان روايت کي ئي ترجيح ڏني آهي، جيئن زرقانيءَ ڄاڻايو آهي.

* هن سال جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن "غزوه تبوڪ" لاءِ اُسهيا، تڏهن منافقن جو مهندار عبدالله بن ابي بن سلول پنهنجي سائين سميت پنهنجي گهرن کان نہ نڪتو.

* هن سال "غزوه تبوڪ" وارن ڏينهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو. اهو هن ريت، جو وديعة بن ثابت پاڻ جهڙن منافقن جي ٽولي سان هڪ گڏجاڻي ڪئي، ان موقعي تي هو ٺٺولي طور پاڻ ۾ چوڻ لڳا: "محمد (ﷺ) کي تہ ڏسو، جيڪو شام ۽ روم جا قلعا ۽ محلات فتح ڪرڻ چاهي ٿو اهين ڪڏهن بہ نہ، ڪڏهن بہ نہ ٿيندو." ان موقعي تي الله تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي ان احوال کان آگاهہ ڪيو ۽ پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن عمار بن ياسر رضہ کي انهن ڏانهن اماڻيو ۽ ڪيس فرمايو: "انهن کان پڇا ڪريو تہ هنن ڇا پئي ڳالهايو. پوءِ جي هو نہ مڃين ۽ ڪوڙ ڳالهائين تہ پوءِ کين ٻڌايو تہ هنن ڇا ڇا پئي چيو."

* هن موقعي تي حضرت عمار رضہ جڏهن وڃي کانئن پڇا ڪئي تہ هو پنهنجي ڪيل ڳالهين تان ڦري ويا، پوءِ جڏهن حضرت عمار رضہ کين اهي ڳالهيون ٻڌايون تہ هو لڄي ٿي چوڻ لڳا: "اسان اهو سڀ ڪجهہ کل ڀوڳ ۾ چيو آهي." ان موقعي تي الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي.

وَلَئِنْ سَأَلْتَهُمْ لَيَقُولُنَّ إِنَّمَا كُنَّا نَخُوضُ وَنَلْعَبُ. [3]

"۽ جيڪڏهن اوهان انهن کان پڇندا تہ ڇا پئي چيو، تہ چوندا اسان تہ کل ڀوڳ پئي ڪيو."

* هن سال نبي انور ﷺ جن جي غزوه تبوڪ لاءِ اُسهڻ وقت ڪجهہ منافق پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي بہ ۽ ڪن مؤمنن کي بہ چوڻ لڳا تہ "گرميءَ ۾ جهاد لاءِ نہ وڃو، ڇو جو اڄ ڪلهہ تمام سخت گرمي آهي." الله تعاليٰ طرفان ان موقعي تي هيءَ آيت نازل ڪئي وئي:

وَقَالُوا لَا تَنْفِرُوا فِي الْحَرِّ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ أَشَدُّ حَرًّا. [4]

"۽ (ٻين کي بہ) چوڻ لڳا: توهان هن گرميءَ ۾ نہ نڪرو، کين ٻڌايو جهنم جي باهہ تہ وڌيڪ گرم آهي."

* هن سال ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ عربن جي هڪ جماعت پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي هلڻ کان معذوري ڏيکاري. جڏهن تہ مٿي ذڪر ڪيل ٻياسي منافق تہ بنا ڪنهن عذر يا اجازت جي وينا رهيا. ان موقعي تي الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي.

---

(۱) ارشاد الساري "قسطلاني".

(۲) المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۹۹۵.

(۳) سورة التوبہ آيت ٦٥ پاره ۱۰.

(۴) سورة التوبہ آيت ۸۱ پاره ۱۰.



Marfat.com

* هن سال جو ٻيو واقعو آهي تہ سرور ڪائنات ﷺ جن تبوڪ ڏانهن ويندي جڏهن "وادي القريٰ" ۾ پهتا تہ اتي بنو عريض وارن سندن دعوت جهلي ۽ کائڻ لاءِ "هَرِيْسَہ" [1] پيش ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ جن ان مان ڪجهہ کاڌو ۽ پوءِ ان خدمت جي عيوض بنو عريض وارن ڏانهن هر سال "وادي القريٰ" ۾ ڪارڪن جا چاليهہ وسق موڪليندا هئا.

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن پاڻ ثمود جي شهر حجر ۾ يا ٻي روايت مطابق تبوڪ ۾ هئا ۽ اتي حڪم ڏنائون تہ "اڄ رات اوهان مان هرهڪ پنهنجي اُٺن کي ٻڌي ڇڏي ۽ اوهان مان ڪوبہ اڪيلو ٻاهر نہ وڃي. جيڪڏهن ڪو وڃي تہ ڪنهن ساٿيءَ کي ساڻ ڪٺي."

هن حڪم جي سمورن پوئواري ڪئي، سواءِ انهن ٻن ڄڻن جي، جن جو تعلق بَنُو سَاعِدَہ سان هو. انهن مان هڪ تہ جهنگ جي خيال سان اڪيلو نڪتو ۽ پوءِ اتي ئي ڪيس "خناق" ٿي پيو ۽ ٻيو جو اُٺ گم ٿي ويو تہ هو اُن جي ڳولا ۾ نڪتو. رستي ۾ تيز هوا اچي ڪيس وڪوڙيو تہ هو وڃي طيءِ جي جبلن تي نڪتو. اها خبر جڏهن سيد الانبياء ﷺ جن کي پيئي تہ فرمايائون: "ڇا مان اوهان کي اڪيلي نڪرڻ کان نہ روڪيو هو؟" پوءِ جنهن کي خناق ٿيو هو ان کي پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت ۾ وٺي آيا. پاڻ سڳورن ﷺ سندس حق ۾ دعا بہ گهري تہ ان جي مٿان پنهنجو هٿ مبارڪ بہ گهمايو، جنهن ڪري سندس تڪليف لحظي ۾ لهي ويئي. ان کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني پهتا تہ طيءِ قبيلي وارا اتي ان ٻئي شخص کي بہ وٺي آيا، جيڪو اُن جي ٻوڙان نڪتو هو ۽ اچي نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائون.

* هن سال سيد المرسلين ﷺ جن هٿان هڪ ٻي معجزو بہ ظاهر ٿيو جو پاڻ جڏهن "حِجْر" مان تبوڪ لاءِ روانا ٿيا تہ رستي ۾ سندن ڏاچي "قَصْوَاء" گم ٿي ويئي. صحابي سڳورن گهڻي ڳولا ڪئي پر ڏاچي هٿ نہ آئي. ان تي زيد بن بنت نالي هڪ منافق چوڻ لڳو تہ محمد بن عبدالله ﷺ جن وٽ آسمان جون خبرون تہ پهچن ٿيون باقي پنهنجي ڏاچيءَ جي خبر نہ ٿي پوين تہ اها ڪٿي آهي؟"

اهو ٻڌي نبي انور ﷺ جن فرمايو: "مان ڪجهہ نٿو ڄاڻان سواءِ ان جي، جيڪا ڄاڻ الله تعاليٰ ڏئي ٿو." آخر رب پاڪ ڪين ڄاڻايو تہ اها ڏاچي فلاڻي جاءِ تي موجود آهي ۽ سندس مهار هڪ وڻ ۾ اٽڪي پيئي آهي. جنهن کانپوءِ صحابي سڳورن کي اوڏانهن اماڻيو ويو. جن ڏاچيءَ کي ان حالت ۾ هٿ ڪيو ۽ آڻي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائون.

* هن سال نبي انور ﷺ جن تبوڪ ڏانهن ويندي رستي ۾ ڏٺو تہ هڪ وڏو نانگ آيو ۽ گهڙي ڪن لاءِ ڦڻ ڪڍي وچ دڳ تي سندن ﷺ آڏو اچي بيٺو ۽ پوءِ رستو ڇڏي ويو. ان تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن کان پڇيو: "ڇا اوهان هن نانگ کي سڃاڻو ٿا؟" هنن وراڻيو تہ "اهو الله ۽ ان جو رسول ﷺ ٿو ڄاڻي". پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "هي انهن جنن منجهان هڪ

(1) "هريسہ" ٻهراڙين ۾ رهندڙ عربن جو پسنديده طعام آهي، جيڪو ڪڻڪ کي ڪُٽي ان ۾ گوشت ملائي تيار ڪيو ويندو آهي. (مترجم)



Marfat.com

نظر نہ آيو. جتي مانجهاندو ڪري سگهن، ۽ نہ ئي وري لشڪر وارن وٽ ڪو پاڻيءَ چڪو بچيو هو. انهن پيو محسوس ٿئي تہ جاڻ سمورا ماڻهو توڙي ڍور اڄ وگهي موت جو شڪار ٿيندا. البت سيد الڪونين ﷺ جن جي ڪليءَ ۾ ڪو پاڻيءَ ڍڪ موجود هو. پوءِ ان پاڻيءَ کي هڪ ٿانوَ ۾ اوتيو ويو، جنهن ۾ رسول انور ﷺ جن پنهنجو هٿ مبارڪ وڌو ۽ انهن ڪرڻ سان سندن آگرين جي وچان پاڻي ڦاٽ ڪائي نڪرڻ لڳو. بس پوءِ تہ ان پاڻيءَ مان سموري لشڪر بہ پنهنجي اڃ اجهائي جنهن جو تعداد ٽيهہ هزار يا ستر هزار ٻڌايو ويو آهي. جيئن اڳ غزوات واري باب ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. هن لشڪر ۾ پندرهن هزار اٺ ۽ ٻارهن هزار گهوڙا بہ هئا. جيڪي پڻ ان پاڻيءَ مان فيضياب ٿيا.

٭ هن سال غزوه تبوڪ کان موٽندي پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن "تبوڪ" ۽ "واديءَ منتفق" جي وچ تي پهتا، تڏهن اتي بہ سندن ﷺ دعا جي برڪت سان پاڻيءَ ۾ واڌ جو هڪ ٻيو معجزو ظاهر ٿيو. ان موقعي تي لشڪر کي جڏهن ٻيهر اڃ محسوس ٿي تہ وٽن جيترو بہ پاڻي موجود هو ان کي هڪ پراڻي پکال ۾ وڌو ويو ۽ پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن (اتان پاڻي ڪڍي) ان مان هٿ منهن بہ ڌوتو تہ ڪرڙي بہ ڪئي ۽ پوءِ اهو پاڻي ان پکال ۾ واپس وڌو ويو ۽ پوءِ دعا بہ گهريائون، جنهن ڪري ان پاڻيءَ ۾ ايتري تہ برڪت پيدا ٿي جو ان مان سڄي لشڪر بہ پاڻي پيتو تہ انن ۽ گهوڙن کي بہ پياريو ويو.

## ڪَعْب بن زُهَيْر رض جو واقعو

٭ هن سال غَزْوَه تَبُوڪ کان اڳ ربيع الآخر يا جمادي الاول يا آخر مان ڪنهن هڪ مهيني ۾ ڪَعْب بن زُهَيْر بن اَبُوسُلْمِي رضہ مديني شريف آيو. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو واقعو سن انهن هجريءَ جو آهي. هن کان اڳ حضرت ڪَعْب رضہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ڀڄي ويو هو، جنهن تي نبي انور ﷺ جن ڪيس قتل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو. ان ڪانپوءِ هو توبہ تائب ٿي مديني موٽي آيو ۽ اِمَامُ الْاَنْبِيَاء ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي مسلمان ٿيو ۽ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ پنهنجو مشهور قصيدو "لاميہ" بہ پيش ڪيائين، جنهن جو پهريون بيت هن ربت آهي:

بَانَتْ سُعَادُ فَقَلْبِى الْيَوْمَ مَتْبُوْلٌ
مُتَيَّمٌ اِثْرَهَا لَمْ يُفْدَ مَكْبُوْلٌ

اهو قصيدو پڙهندي جڏهن هو هن شعر تي پهتو:

اِنَّ الرَّسُوْلَ لَنُوْرٌ يُّسْتَضَاءُ بِهٖ

بيشڪ رسول ﷺ نور آهي جنهن کان روشني حاصل ڪئي وڃي ٿي.

مُهَنَّدٌ (١) مِّنْ سُيُوْفِ اللهِ مَسْلُوْلٌ

۽ الله جي تلوارن مان هڪ تلوار مياڻ مان نڪتل.

(١) چيو وڃي ٿو تہ "مهند" نالي تلوارون خاص هونديون هيون، جيڪي هندوستاني لوهہ مان تيار ڪيون وينديون هيون ۽ اهي پنهنجي خصوصيتن سبب سڄي دنيا ۾ مشهور هيون. المنجد ص ١١٤٠.



Marfat.com

تہ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي چادر مبارڪ ڏانهس اڇلائي، اها ڪَعْب بن زُهَيْر رضہ لاءِ وڏي برڪت ڀري نشاني هئي، جيڪا سڄي ڄمار وٽس ئي رهي. جنهن ڪانپوءِ حضرت مُعَاوِيہ رضہ پنهنجي خلافت واري دور ۾ ان چادر لاءِ ڪيس ڏهہ هزار درهمن جي آڇ ڪئي پر هن ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو تہ "مان نبي ڪريم ﷺ جن جو ڪپڙو ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪرڻ جو سوچي بہ نٿو سگهان." اِگرچي هلي "مُعَاوِيہ" جي دور خلافت ۾ ئي جڏهن حضرت ڪَعْب رضہ گذاري ويو تڏهن حضرت مُعَاوِيہ رضہ سندن پونئرن ڏانهن ويهہ هزار درهم موڪلي ڪانئن اها چادر حاصل ڪئي. جنهن ڪانپوءِ ان چادر جا وارث وقت جا خليفا هڪ ٻئي پنيان ٿيندا آيا تانجو هڪ وقت اهڙو آيو تہ اها چادر گم ٿي وئي.

"علامہ شامي" پنهنجي "سِيْرَة" واري ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي تہ "اڄ ڪلهہ اها چادر موجود نہ آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ تاتارين جي حملن دوران اها چادر هيٺ مٿي ٿي وئي."

ان ڪانسواءِ قصيدي جي شروعات ۾ حضرت ڪَعْب رضہ جيڪو "سُعَاد" نالي عورت جو ذڪر ڪيو آهي، اها سندس "سوٽ" بہ هئي تہ گهرواري بہ، جنهن کان "ڪعب" گهڻو وقت جدا رهيو، ڇو جو هو نبي اڪرم ﷺ جن کان (خوف سبب) ڀڳل هو.

"شرح عليٰ المواهب اللدنيہ" ۾ زرقانيءَ ڄاڻايو آهي تہ "ڪن ماڻهن اهو اڻ ڄاڻائي سبب چيو آهي تہ اهو هڪ جڙتو نالو آهي، جيڪو شاعر استعمال ڪيو آهي." "شاميءَ" پنهنجي "سيرة" ۾ ڄاڻايو آهي: "اهو حقيقي نالو آهي، نہ ڪہ جڙتو."

* هن سال بُجَيْر رضہ بن زُهَيْر بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو ڪَعْب بن زُهَيْر جو ڀاءُ هو ۽ پنهنجي ڀاءُ "ڪعب" کان اڳ مسلمان ٿيو هو.

* هن سال "غزوه تبوڪ" واري موقعي تي "يَعْليٰ بن اُمَيَّہ رضہ" نالي صحابي سڳوري جو هڪ نوڪر ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان اٽڪي پيو، جنهن تي ان ماڻهو حضرت يَعْليٰ رضہ جي نوڪر کي ڪٺي هٿ ۾ چڪ وڌو، نوڪر جيئن ئي زور سان وٺي پنهنجي هٿ کي ڇڪيو تہ ان همراه جا ٻئي اڳيان ڏند اچي ٻاهر پيا. جنهن ڪانپوءِ اهو شخص پنهنجي ڏندن جي ديت وٺڻ لاءِ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس فرمايو: "تنهنجي ڪابہ "ديت" نہ لڳندي. ڇا هو پنهنجو هٿ تنهنجي وات ۾ ڇڏي ڏي ها، تہ تون ان کي اٺ وانگر چٻاڙيندو رهين ها."

* هن سال تبوڪ کان مديني ڏانهن موٽندي رستي ۾ ويهن جاين تي مٺي مرسل ﷺ مسجدون جوڙايون. جيئن ابن اسحاق ۽ قسطلانيءَ ڄاڻايو آهي. جڏهن تہ "سيد سمهوديءَ" جو قول آهي تہ "جن ماڳن تي (هن سفر دوران) نبي انور ﷺ جن نمازون ادا ڪيون، انهن تي نشان لڳايا ويا ۽ بعد ۾ اتي مسجدون جوڙايون ويون."

* هن سال غزوه تبوڪ کان موٽندي پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني جي ويجهو پهتا ۽ سندن نظر مبارڪ "احد جبل" تي پيئي، تڏهن ان موقعي تي فرمايائون: "هي جبل اسان سان محبت ڪندو آهي ۽ اسان هن سان محبت ڪندا آهيون."



Marfat.com

ڪن جو ڇوڻ آهي تہ سرور ڪائنات ﷺ جن اهي لفظ خيبر کان مديني ڏانهن موٽ تي فرمايا هئا، جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال رسول اڪرم ﷺ جن جڏهن تبوڪ کان مديني واپس وريا تڏهن ڪجهہ ڏينهن رکي الله تعاليٰ انهن ٽن صحابي سڳورن جي توبہ قبول فرمائي، جيڪي تبوڪ واري موقعي تي پوئتي پئجي ويا هئا. سندن نالا هن ريت آهن: ڪعب بن مالڪ، هلال بن اميہ ۽ مراره بن ربيع. ان ڏس ۾ الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي:

لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَالْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ فِىْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ. (١)

"الله معاف ڪري ڇڏيو نبيءَ کي ۽ انهن مهاجرن ۽ انصار کي جن ڏاڍي ڏکئي وقت ۾ نبيءَ جو ساٿ ڏنو."

اڳتي فرمايو ويو:

وَعَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا حَتّٰى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ. (٢)

"۽ انهن ٽنهي کي بہ معاف ڪري ڇڏيائين، جن جي معاملي کي پٺتي رکيو ويو هو، جڏهن جو زمين ايڏي ڪشادي هوندي بہ مٿن تنگ ٿي پيئي."

۽ ان کانپوءِ فرمايو ويو:

وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ. (٣)

"۽ سچن ماڻهن جو ساٿ ڏيو."

* هن سال جڏهن رسول رحمت ﷺ جن تبوڪ کان مديني پهتا تہ وٽن حمير قبيلي جي سردارن طرفان سندن موڪليل قاصد هڪ اهڙو خط ڪٺي حاضر ٿيو، جنهن ۾ انهن سردارن جي طرفان اسلام قبول ڪرڻ جو اطلاع ڏنو ويو هو. سندن نالا هن ريت هئا:

حَارِث بِن عَبْد كُلَال، نُعَيْم بن عَبْدِ كُلَال، ۽ نُعْمَان. اهي ٽيئي ذورُعَيْن، هَمْدَان ۽ معافر جا سردار هئا.

* هن سال تَبُوڪ کان موٽ تي جَرِيْر بِن اَوْس بن حَارِثہ طَائي بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو عروه بن مضرس طائيءَ جو چاچو هو.

* هن سال جو واقعو آهي تہ ثَعْلَبَہ بن حَاطِب ۽ مُعَتِّب بن قُشَيْر نالي ٻن منافقن الله تعاليٰ سان

---

(١) سورة التوبہ آيت ١١٧ پاره ١٠.

(٢) سورة التوبہ آيت ١١٨ پاره ١٠.

(٣) سورة التوبہ آيت ١١٩ پاره ١٠.



Marfat.com

عهد ڪيو تہ "جيڪڏهن الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان اسانکي گهڻو ڏنو تہ اسان خيرات ڏينداسون ۽ نيڪو ڪارن مان ٿينداسون." پوءِ جڏهن الله تعاليٰ مٿن پنهنجو فضل فرمايو تہ هنن ائين نہ ڪيو جيئن چيو هئائون. تڏهن الله تعاليٰ هن موقعي تي سندن باري ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي:

وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنْ اٰتٰنَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ. (۱) (چئن آيتن تائين)

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن جڏهن تبوڪ ۾ ترسيل هئا تہ انهن ني ڏينهن ۾ حضرت معويہ بن معويہ لَيْثِي مُزَني رضہ مديني ۾ گذاري ويو. ۽ پوءِ جبرئيل ساڳئي ڏينهن تي اها خبر ٻڌائڻ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جڏهن تہ مديني ۽ تبوڪ جي وچ ۾ چوڏهن مرحلن جو مفاصلو آهي. ان سان گڏ حضرت جبرئيل اهو بہ ٻڌايو تہ "الله تعاليٰ حضرت معويہ جي جنازي نماز لاءِ ستر هزار ملائڪن کي بہ موڪليو آهي." پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن ان جو سبب پڇيو تہ جبرئيل ٻڌايو تہ "هو رات ڏينهن، اٿندي، ويهندي، گهمندي ڦرندي سوره "قل هو الله احد" پڙهندو رهندو هو.

ان کانپوءِ جبرئيل نبي ڪريم ﷺ جن کان پڇيو: "جيڪڏهن آءٌ زمين کي سوڙهو ڪريان تہ ڇا اوهان مٿس نماز پڙهڻ چاهيندؤ؟"

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ "هائو!"

جنهن کانپوءِ جبرئيل زمين کي سوڙهو ڪيو. تانجو رسول انور ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورن مٿس جنازي نماز پڙهي. ان نماز ۾ بہ صفون ملائڪن جون بہ شامل هيون. نماز وقت پاڻ سڳورا ﷺ جنازي کي ڏسي رهيا هئا، ڇو جو حضرت جبرئيل پنهنجي هٿ جي اشاري سان وچ ۾ جيڪي بوٽا ۽ پهاڙ هئا تن کي هٽائي ڇڏيو هو. جنهن کانپوءِ جبرئيل آسمان ڏانهن هليو ويو. (۲)

* هن سال "غزوه تبوڪ" واري زماني ۾ سرور عالم ﷺ جن صبح صادق کانپوءِ جهنگ جي خيال سان نڪتا، حضرت مُغِيْرَه بن شُعْبَہ رضہ بہ پاڻيءَ جو ٿانءُ کڻي سندن پويان پئي هليو. جڏهن موٽڻ ۾ ڪجهہ دير ٿي ۽ نماز جو وقت بہ تنگ ٿيڻ لڳو تڏهن صحابي سڳورا فجر جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ اٿيا ۽ حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بِن عَوْف رضہ کي امامت لاءِ اڳتي ڪيائون. حضرت عبدالرحمٰن رضہ هڪڙي رڪعت پڙهائي بيٺو تہ پاڻ سڳورا ﷺ جن بہ پهچي ويا ۽ نماز ۾ شامل ٿي هڪ رڪعت عبدالرحمٰن بن عوف رضہ جي پٺيان پڙهيائون ۽ رهيل رڪعت سلام کانپوءِ پوري ڪيائون. مسلمان ان تي سوچڻ لڳا پر پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: "اوهان صحيح ڪيو، اوهان بهتر ڪيو." (۳)

هي واقعو حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بِن عَوْف جي فضائل ۾ تمام وڏي اهميت رکي ٿو ۽ ان مان اهو

(۱) سورة التوبہ آيت ۷۵ کان ۷۸ تائين پاره ۱۰.

(۲) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۳ ص ۴۷۶. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۴۵. سبل الهدى والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۵۷ ـ ۴۵۶.

(۳) الرياض النضره "محب طبري" ج ۲ ص ۳۰۲. سبل الهدى والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۴۹.



Marfat.com

دليل بہ ملي ٿو تہ فاضل جي مفضول جي پويان ۽ معصوم جي غير معصوم جي پويان نماز پڙهڻ صحيح آهي. ان مان "اهل تشيع" جو اهو نظريو بہ رد ٿي وڃي ٿو، جنهن مطابق هو غير معصوم جي قيادت جا قائل نہ آهن.

هن واقعي مان غير معصوم جي قيادت هجڻ جو ثبوت ملي ٿو، توڙي سندس پوئواري ڪندڙ معصوم هجي يا غير معصوم.

* هن سال مٿي بيان ڪيل فجر جي نماز لاءِ وضو ڪندي پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي موزن جي مٿان مسح ڪيو. جيئن بخاري شريف، مسلم شريف ۽ ٻين ڪتابن ۾ حضرت مغيره بن شعبہ رضہ کان روايت نقل ڪئي ويئي آهي. (١)

اها روايت اهل تشيع جي ان خيال کي بلڪل رد ڪري ٿي، جيڪي ان ڳالھہ جا قائل آهن تہ "موزن تي مسح" ڪرڻ وارو حڪم "سوره مائده" جي هڪ آيت ذريعي منسوخ ٿي ويو آهي. رد جو سبب اهو آهي تہ سوره مائده جي اها آيت سن پنجين هجريءَ ڌاري نازل ٿي، جڏهن تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو موزن تي مسح ڪرڻ وارو مٿيون واقعو سن نائين هجريءَ جو آهي. پوءِ اهو ڪيئن صحيح ٿيندو تہ پنجين هجريءَ جي حڪم سان نائين هجريءَ وارو حڪم منسوخ ٿئي؟

## يُحَنَّة ابن رُؤْبَة بن رؤبة ڏانهن دين جي دعوت

* هن سال رسول انور ﷺ جن يُحَنَّة بن رُؤْبَة ڏانهن هڪ خط اماڻيو، جنهن ۾ کيس دين جي دعوت ڏني ويئي. هن شخص کي يحنه بن علماء بہ سڏيو ويندو آهي. "علماء" سندس ماء جو نالو ٻڌايو ويو آهي.

يحنه پاڻ عيسائي مذهب جو پيروڪار هو ۽ "اَيْلَہ" جو حاڪم هو. "اَيْلَہ" جو شهر مصر ۽ مڪي جي وچ تي شام جي علائقي ۾ سمنڊ جي ڪناري تي آباد هو ۽ چيو وڃي ٿو تہ اهو ساڳيو شهر آهي جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ "حاضرة البحر" جي حوالي سان ڪيو ويو آهي.

بهرحال پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن تبوڪ ۾ ترسيل هئا تڏهن يحنه اتي اچي سندن پيش تہ پيو پر اسلام قبول نہ ڪيائين، باقي ٽي سؤ دينار ساليانو جزيہ ڏيڻ تي راضي ٿيو. جنهن ڪانپوءِ سرور عالم ﷺ جن طرفان کيس صلح نامو لکت ۾ ڏنو ويو. (٢)

## جَرْبَاء ۽ اَذْرُح وارن ڏانهن دين جي دعوت (٣)

* هن سال سيد الانبياء ﷺ جن طرفان جَرْبَاء ۽ اَذْرُح جي رهاڪن ڏانهن بہ خطن ذريعي دين

(١) صحيح بخاري "ڪتاب الوضوء" ص ٥٠ ج ١. صحيح مسلم "ڪتاب الطهارة" ج ١ ص ١٥٧.

(٢) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ١ ص ٢١٢ ـ ٢١٣، سيرة ابن هشام ج ٤ ص ١٦٩. سيرة ابن حبان ص ٣٦٨ ـ ٣٦٩، ابن ڪثير ج ٥ ص ١٥، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٢٤٨.

(٣) الطبقات الڪبريٰ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ١٥ ـ ١٦. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٢٤٨، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٥ ص ٤٦٠ ـ ٤٦١.



Marfat.com

مؤمن مڪي ۾ داخل ٿيا ته سندن تعداد هڪ لک ٽيهه هزار هو. ان ڳاڻيٽي ۾ اهي ايمان وارا شامل نه آهن، جيڪي اڳواٽ ئي مڪي ۾ موجود هئا يا وري جيڪي يمن کان سيدنا علي ڪرم الله وجهه ۽ حضرت ابوموسيٰ اشعريءَ رضہ سان گڏ پهتا هئا. جيئن "شرح عليٰ المواهب" ۾ زرقانيءَ ڄاڻايو آهي.

* هن سال نبي انور ﷺ جن پاڻ سان گڏ قربانيءَ لاءِ جيڪي اٺ ڪنيا هئا. تن کي ڳچيءَ ۾ ڪنڌلا پاتل هئا ۽ انهن جو تعداد هڪ سؤ ٻڌايو ويو آهي. احرام کولڻ واري ڏينهن پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن مان ٽيهٺ (٦٣) اٺن کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان سير ڏني، ڇو جو ان وقت مڻي مرسل ﷺ جن جي عمر مبارڪ به ايترائي ورهيه هئي.

ان کانپوءِ امام الانبياء ﷺ جن سيدنا علي ڪرم الله وجهه کي حڪم ڏنو ته باقي بچيل سنتيهه اٺن کي اهي پنهنجي هٿن سان سير وجهن. اهڙيءَ ريت پاڻ ڪريمن ﷺ سيدنا علي المرتضيٰ رضہ کي پنهنجي قربانيءَ ۾ ڀائيوار بڻايو.

* هن سال جو ٻي واقعو آهي ته سيد المرسلين ﷺ جن جڏهن ذُوالْحُلَيْفَہ ۾ پهتا. ته اتي صرف حج جو احرام ٻڌائون. ان کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ذُوالْحُلَيْفَہ جي ويجهڙائيءَ ۾ "وادي عَقِيْق" وٽ پهتا ته اتي جبرئيل عليه السلام وٽن آيو ۽ کين عرض ڪيائين ته "هن مبارڪ واديءَ ۾ ٻه رڪعتون نفل به ادا ڪريو، ته پنهنجي حج سان عمري کي به گڏايو." اهڙي ريت ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن حج قِران جي نيت فرمائي يعني پنهنجي حج ۾ عمري کي به شامل ڪيائون.[1]

* هن سال جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن "ذُوالْحُلَيْفَہ" ۾ ترسيل هئا ته اتي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي گهرواري سيده اَسْمَاء بنت "عُمَيْس" پير لڏا ۽ کيس محمد بن ابوبڪر ڄائو. جنهن کانپوءِ

---

(١) حج اسلام جي پنجن بنيادي رڪنن منجهان هڪ اهم ۽ آخري رڪن آهي، جنهن جي ادائيگي هر صاحب نصاب شخص تي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو فرض آهي.

حج جي ادائيگيءَ جون ٽي صورتون آهن:

١. حج افراد ٢. حج قران ٣. حج تمتع.

حج مفرد لاءِ ماڻهو احرام ٻڌي صرف حج جي نيت ڪندو آهي ۽ کيس عمره وغيره نه ڪرڻو پوندو آهي. هن قسم جي حج ۾ قربانيءَ جي به ضرورت نه آهي.

حج تمتع ۾ ماڻهو پهريان عمره ادا ڪندو، جنهن کانپوءِ احرام کولي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ وري حج لاءِ نئين سر احرام ٻڌڻو پوندو آهي.

جڏهن ته حج قِران ڪرڻ واري کي وري احرام ٻڌڻ وقت حج ۽ عمره جي گڏيل نيت ڪرڻي پوندي آهي، هو جيستائين حج ۽ عمره ٻنهي مان فارغ نه ٿيندو تيستائين کيس احرام کولڻ جي اجازت نه آهي.

نبي ڪريم ﷺ هن موقعي تي جيڪو حج ادا ڪيو، اهو حج قران جي صورت ۾ هو. احرام ٻڌڻ کانپوءِ حج ۽ عمره جي نيت هن ريت ڪيائون:

اَللّٰهُمَّ لَبيكَ بِحَجٍّ وَعُمْرَةٍ

(يا الله مان حاضر ٿيو آهيان حج ۽ عمري لاءِ.)



Marfat.com

"لَحْيِ جَمَل" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي آهي ۽ اهو ڳوٺ مديني شريف جي وڌيڪ ويجهو آهي. (1) نبي انور ﷺ جن جي هن عمل سان اها روايت منسوخ ٿي ويندي جنهن ۾ هن کان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو هو: "سڱي هڻڻ ۽ هڻائڻ وارن جو روزو ڀڄي پوندو."

* هن سال حَجَّةُ الْوَدَاع جي موقعي تي "سيد الانبياء" ﷺ جن سان سندن نياڻي سيده فاطمة الزهراء ۽ سموريون اُمَّهَات المؤمنين گڏ هيون ۽ اهي اٺن تي رکيل پاڪڙن ۾ سوار هيون. سموريون بيبيون سڳورين عمره جو طواف ۽ صفا مروه جي سعي ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجا احرام کولي ڇڏيا، سواءِ سيده عائشه رضہ جي. ڇو جو مڪي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ "سرف" نالي ڳوٺ ۾ بيبي عائشه رضہ کي ماهواريءَ جو سلسلو شروع ٿي ويو هو، جنهن تي سرور ڪائنات ﷺ جن کيس فرمايو ته "اوهان پنهنجي عمري کي حج سان بدلائي ڇڏيو." (2) جنهن ڪانپوءِ هن بيبي سڳوريءَ ائين ڪيو ۽ آخر تائين حج جي احرام ۾ رهي ۽ حج ادا ڪرڻ ڪانپوءِ اهو احرام کوليائين ۽ ان وقت ڏک وچان چوڻ لڳي ته "هن موقعي تي هر فرد کي ٻن عبادتن جي سعادت حاصل ٿي جڏهن ته منهنجي حصي ۾ هڪ عبادت آئي."

ان ڪانپوءِ سرور عالم ﷺ جن کيس سندس ڀاءُ عبدالرحمٰن بن ابوبڪر رضہ سان گڏ "تَنْعِيْم" (3) مان عمري لاءِ واپس اماڻيو.

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن عرفات ۾ وقوف فرمايو، تڏهن ان موقعي تي هو پنهنجي

---

(1) هي ماڳ "جحفہ" جي پٺيان ستن ميلن جي مفاصلي تي آهي، ان جاءِ تي پاڻيءَ جو هڪ کوه موجود هو، جنهن ڪري قافلا هتي منزل ڪندا هئا. معجم البلدان ياقوت ج ٥ ص ١٥، معجم ماستعجم "بڪري" ج ٣ ص ١١٥٣.

(2) ان مان معلوم ٿيو ته ماهواريءَ سبب عورتن کي احرام قائم رکڻ جي اجازت آهي. باقي عمري ادا ڪرڻ جي نه. انڪري سيده عائشه رضہ کي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "اوهان حج جي نيت سان احرام ۾ رهو ۽ پوءِ اهو احرام حج ادا ڪرڻ ڪانپوءِ ئي کولي سگهجي ٿو." (مترجم)

(3) "تنعيم" نالي هي ماڳ مڪي کان اٽڪل ست ڪلو ميٽر پري حرم شريف جي اترئين پاسي اڄ تائين موجود آهي، ماضيءَ ۾ هن علائقي کي "واديءِ نعمان" جي نالي پٺيان ياد ڪيو ويندو هو. پاڻيءَ جي سهولت سبب حرم ڏانهن ايندڙ ويندڙ قافلا هتي منزل ڪندا هئا. انڪري مڪي کان مديني ڏانهن سفر لاءِ ماضيءَ کان اها شاهراه ئي استعمال ٿيندي رهي آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن ٻه حجة الوداع واري سفر دؤران ايندي ويندي هن شاهراه کي ئي مان بخشيو هو، اهوئي سبب آهي جو حج کان واپسيءَ تي سيده عائشه صديقه رضہ کي هتان ئي عمري جي ادائگيءَ لاءِ سندس ڀاءُ سان گڏ اماڻيو ويو، جنهن جي طفيل اڄ تائين ان ماڳ کي ميقات جي حيثيت حاصل آهي ۽ ڪعبة الله کي اهوئي ميقات سڀ کان وڌيڪ ويجهو آهي. مڪي جا رهاڪو توڙي اتي قيام ڪندڙ ٻيا زائرين هن جاءِ تي اچي "عمري" لاءِ احرام ٻڌندا آهن.

ام المؤمنين سيده عائشه رضہ واري مٿين عمل جي ياد ۾ هتي هڪ عاليشان ۽ ديده زيب مسجد جوڙائي وئي آهي، جنهن کي "مسجد عائشه" جي نالي سان ئي ياد ڪيو وڃي ٿو. جتي وضو، غسل، احرام توڙي ان سان لاڳاپيل سمورين ڳالهين جو بهترين انتظام آهي. سواريءَ لاءِ هر وقت ڪيئي بسون ۽ ٽيڪسيون موجود آهن. هاڻي هن ماڳ کي عام ماڻهو "تنعيم" بدران "مسجد عائشه" جي نالي سان ئي سڃاڻن ٿا.



Marfat.com

ويو، جنهن تي پنهنجي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو: "هو اوهان جي شر کان ائين ئي بچي ويو جيئن اوهان ان جي شر کان بچي ويا."

اهو واقعو صحيح بخاري ۾ نقل ڪيو ويو آهي، جنهن جا تفصيل بخاري شريف جي شارحن بيان ڪيا آهن. (١)

امام المرسلين ﷺ جن جڏهن رستي ۾ "غَدِيْر خُمّ" نالي ماڳ تي منزل انداز ٿيا. جيڪو "جُحفَه" جي پسگردائيءَ ۾ آهي ته، اتي پاڻ ڪريمن ﷺ جن ٻن پهرن جي نماز ادا ڪئي ۽ هڪ خطبو به ڏنائون، جنهن ۾ فرمايائون:

"بيشڪ الله عزوجل منهنجو دوست آهي ۽ آءٌ هر ايمان واري جو دوست آهيان". ان ڪانپوءِ سيدنا علي ڪرم الله وجهه کي هٿ کان جهلي فرمايائون: "آءٌ جنهن جو دوست آهيان علي به ان جو دوست آهي، اي الله جيڪو ساڻس دوستي رکي تون به ان سان دوستي رک، جيڪو ساڻس دشمني رکي تون به ان سان دشمني رک، جيڪو هن کي خواري ڏي تون ان کي خوار ڪر ۽ جيڪو هن جي مدد ڪري تون به ان جو مددگار ٿيءُ، حق کي ان طرف رک جتي علي هجي." (٢)

* هن سال حَجَّةُ الْوَدَاع کان مديني موٽڻ ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن اُمِّ سَنان رضہ جي گهرواري "اُمِّ سَنان اَنْصَارِيه" کي فرمايو: "توکي اسان سان گڏ حج ڪرڻ ۾ ڪهڙي رڪاوٽ هئي". هن جواب ڏنو: "حج تي هلڻ لاءِ مون وٽ سواريءَ جو بندوبست نه هو." هن موقعي تي پاڻ ڪريمن ﷺ ڪيس فرمايو: "تون رمضان ۾ عمره ڪجانءِ جو رمضان جو عمره حج جي برابر آهي." ۽ هڪ ٻي روايت جا لفظ آهن. "مون سان گڏجي حج ڪرڻ جي برابر آهي." اهي ٻئي روايتون صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهن.

* هن سال حَجَّةُ الْوَدَاع کان موٽ تي مديني ۾ نبي انور ﷺ جن جي ٻانهي "رَيْحَانَه" گذاري وئي، جيڪا حَجَّةُ الْوَدَاع جي موقعي تي ساڻن گڏ هئي ۽ مديني پهچڻ ڪانپوءِ ئي وفات ڪيائين. کيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

## حضرت جبرئيل عليه السلام جو نزول

* هن سال يا ڪن روايتن مطابق سن نائين هجريءَ ڌاري حضرت جبرئيل عليه السلام ماڻهن کي سندن دين جي تعليم ڏيڻ لاءِ نازل ٿيو. (٣) جنهن جو ذڪر وضاحت سان هن باب جي نائين فصل ۾ به ڪيو ويو آهي.

---

(١) صحيح بخاري "ڪتاب تفسير القرآن" ج ٣ ص ٢١١.

(٢) حضرت عليءَ رضہ جي باري ۾ پيغمبر آخر الزمان ﷺ جن جي واتان اهڙا لفظ ٻڌي حضرت عمر فاروق رضہ پنهنجي پاران حضرت علي سائينءَ رضہ جن کي مبارڪباد پيش ڪئي. اها روايت "امام احمد ابن حنبل" پنهنجي "مسند" ۾ زيد بن ارقم ۽ براء بن عازب کان نقل ڪئي آهي. ان کان علاوه "ترمذي" ۽ "نسائيءَ" ۾ به اها روايت مختلف واسطن سان نقل ڪئي وئي آهي.

مسند احمد ابن حنبل جلد ٤ ص ٣٦٨ ـ ١٨٣. فتح الباري "ابن حجر" ج ٧ ص ٤٣٨. سبل الهدى والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٩٢.

(٣) تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ٢ ص ١٤٧.



Marfat.com

# مُسَيْلَمَہ ڪَذَّاب جو واقعو

* هن سال مُسَيْلَمَہ ڪَذّاب [1] خَذَلَہُ الله تعاليٰ پنهنجي قوم "بَنُوحَنِيْفَہ" مان سترهن ماڻهن جي هڪ وفد سان گڏ پنهنجي ڳوٺ "يمامہ" کان هلي مديني پهتو. نبي آخِر الزّمان ﷺ جن جي آڏو سندس سمورا ساٿي تہ مسلمان ٿيا پر مُسَيْلَمَہ محروم رهجي ويو ۽ هو چوڻ لڳو تہ "جيڪڏهن محمد ﷺ جن پاڻ کانپوءِ خلافت جو عهدو منهنجي حوالي ڪري ڇڏين تہ پوءِ آءٌ اسلام بہ قبول ڪندس تہ سندن پوئلڳ بہ ٿي رهندس."

پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مُسَيْلَمَہ سان گڏيا تہ ان وقت ڪين هٿ مبارڪ ۾ کجيءَ جو هڪ سنڊو هو. ان وقت پاڻ ڪريمن ﷺ جن "مُسَيْلَمَہ" کي فرمايو تہ "تون مون کان جيڪڏهن هن سنڊي جهڙي ڪا شيءِ گهرين تہ توکي اها بہ نہ ڏيان. [2] انڪري توکي ڪنهن خوش فهميءَ ۾ مبتلا ٿيڻ نہ کپي. ڪن جو چوڻ آهي تہ مُسَيْلَمَہ پهريان مسلمان ٿيو ۽ پوءِ دين تان ڦري ويو هو. بهرحال ڪيس هجرت جي يارهين سال سيدنا ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت واري دؤر ۾ قتل ڪيو ويو. [3] جنهن جو ذڪر اڳتي هن باب جي يارهين فصل ۾ اچي رهيو آهي.

چيو وڃي ٿو تہ "مُسَيْلَمَہ" جي بزرگيءَ جو ڪمال اهو ظاهر ٿيو جو ماڻهن کي سندس دعائون ابتيون ٿي لڳنديون هيون. جيڪڏهن هو ڪنهن جي لاءِ وڏي ڄمار جي دعا ڪندو هو تہ اهو ماڻهو اوڏيءَ مهل ئي مري ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن جي اکين جي ديد وڌڻ جي دعا ڪندو هو تہ سندس اڳلو نور بہ ڇٽ ٿي ويندو هو. هڪ ڀيري هڪ کوہ جي پاڻي وڌائڻ لاءِ ان ۾ ٿڪ اڇلايائين تہ ان کوہ جو پاڻي مورڳوئي سڪي ويو. هڪ ماڻهوءَ جي اک جي نظر بحال ڪرڻ لاءِ پنهنجي وات جي لب لڳايائين تہ اهو شخص انڌو ٿي پيو.

هڪ ٻڪريءَ جي ٿڻن تي هٿ گهمايائين تہ ان جو اڳلو کير بہ سڪي ويو. ٻار جي مٿي تي هٿ گهمايائين تہ سندس مٿو ٽنڊ ٿي ويو. هڪ شخص پنهنجي ٻن پٽن لاءِ ڪانئس برڪت جي دعا گهرائي پر جڏهن هو گهر پهتو تہ کيس خبر پيئي تہ سندس هڪ پٽ کوہ ۾ ڪري ٻڏي ويو ۽ ٻئي کي بگهڙ کاڌو. [4]

(١) مسيلمہ پنهنجي قوم "بنو حنيفہ" جو سردار هو پر سندس شڪل صورت نهايت بڇڙي ۽ اٺوندڙ هئي. سندس نالو هارون بن حبيب. ڪنيت ابو ثمامہ هئي. جڏهن تہ "مسيلمہ" سندس لقب ٻڌايو ويو آهي. ان کانسواءِ هو پاڻ کي "رحمان اليمامہ" بہ سڏائيندو هو. هو ائين بہ سمجهندو هو تہ ڪلام پاڪ ۾ جتي رحمٰن جو نالو نازل ٿئي ٿو تہ ان مان مراد سندس ذات ئي آهي.

"سهيليءَ" طرفان وري سندس نسبي سلسلو هن ريت ٻڌايو ويو آهي. مسليمہ بن ثمامہ بن ڪبير بن حبيب بن حارث بن عبدالحاذ بن عفان بن ذهل بن دول بن حنيفہ "تفسير ڪشاف" "زمخشري" ج ١ ص ٧. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٥٧.

(٢) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٧٩. فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٧٣. صحيح مسلم "باب في تاويل الرويا" ج ٧ ص ٥٧.

(٣) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٤٥ - ٤٨.

(٤) الروض الانف "سهيلي" ج ٤ ص ٢٢٥. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣١٧. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ١٨٥.



Marfat.com

## اَسْوَد عَنْسِيّءَ جو ذڪر

* هن سال "يَـمَـن" ۾ هڪ ٻيو ڪَذّاب اَسْوَد بن ڪَعْب عَنْسِيّءَ نالي بہ پيدا ٿيو. جيڪو "ذُوالْخِمَار اَلْاَسْوَد" جي نالي سان بہ ڄاتو ويندو هو. هن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي موجودگيءَ ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي ۽ پهريون ڀيرو هو حَجَّةُ الْوَدَاع کانپوءِ ظاهر ٿيو.

سندس اصلي نالو عبهلة بن ڪعب هو، جڏهن تہ سندس لقب "ذُوالْخِمَار اَلْاَسْوَد" هو. ڇو جو هو هميشہ پنهنجو منهن ڪاري ڪپڙي سان ڍڪي هلندو هو.

ڪن جو چوڻ آهي تہ سندس لقب "ذوالحمار" هو، ڇو جو وٽس هڪ ڪارو گڏهہ هو، جنهن کي هن اهڙي سکيا ڏني هئي جو اهو گڏهہ کيس سجدو بہ ڪندو هو. (١)

## نَجْرَان جي وفد جي آمد

* هن سال "نَجْرَان" جي عيسائين ڏانهن نبي انور ﷺ جن هڪ خط اماڻيو.

نَجْرَان نالي هي عاليشان شهر يمن ۾ هو، جنهن جي ڀسگردائيءَ ۾ ڪيترائي ڳوٺ ۽ ٻنيون موجود هيون. هي شهر مڪي کان ستن مرحلن جي پنڌ تي هو. هن خط ذريعي پاڻ ڪريم ﷺ جن اتان جي رهاڪن ڏانهن دين جي دعوت اماڻي هئي.

اهو خط جڏهن يَـمَـن پهتو تہ اتان جي چوويهن سردارن جو هڪ وفد پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن ۾ سندن بہ چڱا مڙس بہ شامل هئا. جن مان پهرين جو نالو عبدالمسيح ۽ لقب عاقب هو، جڏهن تہ ٻئي جو نالو اَيْهَم ۽ لقب "سَيِّد" هو.

سورة آل عمران جي منڍ واريون ڳچ آيتون هن جي باري ۾ ئي نازل ٿيون هيون.

هن نبي اڪرم ﷺ جن سان ڳالهيون ٻولهيون بہ ڪيون تہ ساڻن بحث بہ ڪيو ۽ هن موقعي تي خدا تعاليٰ وري هيءَ آيت نازل فرمائي:

فَمَنْ حَاجَّكَ فِيهِ مِنْ بَعْدِ مَا جَاءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَاءَنَا وَاَبْنَاءَكُمْ. (٢)

"۽ تون انهن ماڻهن مان نہ ٿجانءِ جيڪي انهيءَ ڳالهہ ۾ شڪ ٿا ڪن. اهو علم تو وٽ اچي وڃڻ کانپوءِ هاڻي جي ڪو توسان انهيءَ باري ۾ جهڳڙو ڪري تہ اي نبي چوينس تہ "اچو، اسان ۽ توهان پاڻ بہ اچون ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن کي بہ وٺي اچون."

۽ ان کانپوءِ نبي انور ﷺ جن ڪين مباهلي جي دعوت ڏني (٣) جنهن تي هو چپ ٿي ويا، ۽ پوءِ

(١) فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٧٦.

(٢) سورة آل عمران آيت ٦١ پاره ٣.

(٣) "مباهلہ" عربي لفظ آهي، جنهن جو بنياد "بهل" آهي، جيڪو "لعنت" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. لفظ مباهلہ جي معنيٰ: "پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي لعنت ٻڌائي ويٺي آهي." "ابن منظور" جو قول آهي تہ جڏهن ٻہ ڌريون ڪنهن بہ معاملي تي پاڻ ۾ اٽڪي پون ۽ صلح صفائيءَ جي ڪابہ صورت سامهون نہ اچي تہ پوءِ انهن کي گهرجي تہ پاڻ ۾ گڏجي



Marfat.com

موقعي تي پهچڻ جو پيغام ڏانهس اماڻيو، ۽ پوءِ ان حڪم جي پوئواريءَ ۾ حضرت عَلي رضہ يمن کان مڪي روانو ٿيو ۽ حَجَّةُ الْوَدَاع جي موقعي تي سيدالانبياء ﷺ جن سان اچي گڏيو. (١)

ساڳيءَ ريت اَبُومُوْسيٰ اشعري رضہ بہ حَجَّةُ الْوَدَاع جي موقعي تي اچي مڪي پهتو، جڏهن تہ حضرت معاذ رضہ يمن ۾ ئي رهيو.

## حضرت عَليءَ رضہ طرفان موڪليل سونُ

* هن سال حضرت عَلي رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ ڪجهہ اهڙو سونُ اماڻيو، جيڪو مٽيءَ سان گڏيل هو. مني مرسل ﷺ جن اهو سون هيٺين چئن شخصن ۾ ورهائي ڇڏيو:

عُيَيْنَہ بِن حِصْن فَزَارِي، اَقْرَع بِن حَابِس تيمي، زَيْد الـخَيْر بن مُهَلْهَل طَائي ۽ عَلْقَمَہ بِن عُلاَثَہ عَامِري. انهن شخصن جو شمار مُؤَلَّفَةُ الْقُلُوْب ۾ ٿئي ٿو. (٢)

## حضرت سعد رضہ بن خَوْلَہ جي وفات

* هن سال حضرت سَعْد بِن خَوْلَہ عَامِري نالي صحابي گذاري ويو، جنهن جو نسبي تعلق عامر بن لوي قبيلي سان ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ هن جو بنو عامر وارن سان نسبي تعلق نہ هو. هو سندن ساٿاري هو. سندس گهرواريءَ جو نالو سُبيعة بنت حَارِث اَسْلَمِيَّہ ٻڌايو ويو آهي.

حضرت سَعْد بن خَوْلَہ جي وفات حجة الوداع جي موقعي تي مڪي شريف ۾ ٿي ۽ ان ڳالهہ تي رسول مقبول ﷺ جن افسوس ظاهر ڪيو. (٣)

## حضرت سُبَيْعَہ رضہ جي عدت جو مسئلو

* هن ئي سال جو واقعو آهي تہ حضرت سَعْد رضہ جڏهن گذاري ويو تہ ان وقت سندس گهرواري سُبَيْعَہ رضہ ڪي اميد واري هئي ۽ مڙس جي وفات ڪانپوءِ پندرهن ويهہ ڏينهن رکي ڪيس ٻار ڄائو. هن موقعي تي "سُبَيْعَہ" جي عدت بابت ماڻهن ۾ اختلاف ٿي پيو.

ڪن چيو تہ "ٻار ڄمڻ سان سندس عدت جو مدو پورو ٿي ويو." جڏهن تہ ڪن جو خيال هو تہ "سُبَيْعَہ" کي ويم ڪانپوءِ بہ عدت جو مدو باقاعده پورو ڪرڻو پوندو (چار مهينا ڏهہ ڏينهن). جنهن ڪانپوءِ هن عورت سرور عالم ﷺ جن کان ان باري ۾ جاڻ حاصل ڪئي. رسول رحمت ﷺ جن ڪيس فرمايو: "تنهنجي ويم ڪرڻ سان تنهنجي عدت پوري ٿي ويئي آهي. هاڻي جتي تنهنجي دل چوي تہ تون نڪاح ڪري سگهين ٿي." (٤)

---

(١) سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٢٢٨، تاريخ الـخميس "ديار بکري" ج ٢ ص ١۴۴. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ١٠٣، سيرة "مغلطائي" ص ٢۴٥.

(٢) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٩٥.

(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٢٧۴. الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٢۴. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۴١۴.

(۴) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۴١۴.



Marfat.com

## حضرت جَرِيْر رضہ کي ذُوَالْکَلاَع ڏانهن موڪلڻ جو واقعو

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جَرِيْر بن عَبْدُالله بَجَلِيْ رضہ کي دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ يمن ۽ طائف جي هڪ سردار ڏانهن اماڻيو، جنهن جو نالو "ذُوَالْکَلاَع" ٻڌايو ويو آهي. هو ايڏو تہ ثانءُ ۽ آڪڙ ۾ پرجي ويو هو جو خدائيءَ جي دعويٰ پڻ ڪيائين. پر جڏهن خدا جي سچي رسول ﷺ جن جو پيغام وٽس پهتو تہ هن نہ صرف اُن مڃي پر هڪ اتالي سان گڏ سندن زيارت لاءِ مديني ڏانهن رخ رکيائين، پوءِ هو اجان پنڌ ۾ ئي هئا تہ واٽ تي پياري پيغمبر ﷺ جن جي وصال جي خبر ٻڌائون، جنهن ڪانپوءِ جرير تہ مديني جو سفر جاري رکيو. باقي "ذوالڪلاع" اتان ئي پويان پير ڪيا ۽ پنهنجي ماڳن تي موٽي آيو. تانجو سيدنا عمر فاروق رضہ جي خلافت جو دؤر آيو ۽ "ذُوَالْکَلاَع" ٻارهن هزار غلامن جي لشڪر سان گڏ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سندن ئي هٿ تي اسلام قبول ڪيائين ۽ ان موقعي تي هن چار هزار غلامن کي اتي ئي آزاد ڪري ڇڏيو. اهو ڏسي سيدنا عُمر رضہ کيس فرمايو: "اي ذُوَالْکَلاَع باقي ٻيا غلام مونکي وڪرو ڪري ڏي."

هن ورائيو: "هاڻي اهي سمورا خدا واسطي آزاد آهن." (١)

"الاستيعاب" ۾ علامہ ابن عبدالبر ڄاڻايو آهي تہ "ذُوَالْکَلاَع" پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دؤر ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو. باقي سندن صحبت جي ڄاڻ اسانکي نہ ملي آهي. البت هو حضرت عمر رضہ جي دؤر ۾ مديني آيو ۽ کانئس روايت بہ ڪيائين. (٢)

## سيدنا رسول الله ﷺ طرفان عمره جي نيت ڪرڻ جو حڪم

* هن ئي سال جو واقعو آهي تہ سيد المرسلين ﷺ جن حجة الوداع لاءِ ويندي جڏهن مڪي کان ڏهہ ميل اوري "سرف" نالي ماڳ تي پهتا، تڏهن صحابي سڳورن کي حڪم ڏنائون تہ "جنهن بہ قربانيءَ جو جانور پاڻ سان گڏ نہ آندو آهي تہ پوءِ اهو حج جي نيت ٽوڙي "عمره" جي نيت ڪري ڇڏي." ان جو مقصد ڪافرن جي ان عقيدي کي رد ڪرڻ هو تہ حج وارن مهينن ۾ عمرہ جائز نہ آهي.

## سيده عَائِشَہ رضہ جو واقعو

* هن سال ساڳئي موقعي تي نبي انور ﷺ جن ذوالحج جي ٽين تاريخ ڇنڇر ڏينهن جيئن "سرف" پهتا تہ اتي سيده عائشہ رضہ جي ماهواريءَ جو سلسلو شروع ٿي ويو، جيڪو نائين ذوالحج تي پورو ٿيو. جنهن ڪانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن کيس سندس سڳي ڀاءُ حضرت عبدالرحمان بن ابوبڪر صديق رضہ سان گڏ تَنْعِيْم نالي ماڳ تان عمره ادا ڪرڻ لاءِ مڪي ڏانهن اماڻيو. اهو واقعو ذوالحج مهيني جي چوڏهين تاريخ اربع جي رات جو آهي، جنهن جو تفصيل مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

---

(١) تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ٢ ص ١٤٥، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٣٧٥. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٧٠ ـ ٧١.

(٢) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٢ ص ٥٤ ـ ٥٣.



Marfat.com

# حضرت عَليءَ رضہ جي يَمن ۾ قيام دوران هڪ عجيب واقعو

* هن سال حجة الوداع کان اڳ جڏهن حضرت عَلي بِن اَبُو طَالِب رضہ کي ٻيو دفعو يمن ڏانهن اماڻيو ويو تہ اتي سندن قيام دوران هڪ عجيب واقعو پيش آيو:

اهو هن ريت ٿيو تہ اتان جي رهاڪن شينهن کي ڦاسائڻ لاءِ هڪ کوهہ کوٽيو، جنهن کي مٿان ڍڪي ڇڏيائون. پوءِ هڪ شينهن اتان لنگهندي اچي ان کوهہ ۾ ڪريو، ان کي ڏسڻ لاءِ اچي ماڻهو ڪَٺا ٿيا. جن منجهان هڪ ماڻهو بہ وڃي ان کوهہ ۾ ڪريو. ڪرڻ وقت ان ماڻهوءَ (پنهنجي بچاءَ لاءِ) هڪ ٻئي ماڻهوءَ ۾ هٿ وڌو تہ اهو بہ وڃي کوهہ ۾ پيو. اهڙي ريت ان ٻئي شخص ڪنهن ٽئين کي جهليو ۽ ٽئين چوٿين کي، تانجو چارئي ڄڻا وڃي کوهہ ۾ پيا، ۽ پوءِ شينهن انهن چئني ماڻهن کي ماري وڌو. جنهن کانپوءِ مٿان بيٺل ماڻهن منجهان هڪ ڄڻي نيزو هڻي ان شينهن کي بہ پورو ڪري ڇڏيو.

مٿين چئن شخصن جي وارثن سيدنا علي ڪرم الله وجهه وٽ فيصلي لاءِ درخواست ڪئي. جنهن تي سيدنا علي رضہ فيصلو ڏنو تہ "کوهہ کوٽائڻ وارو "ديت" جو چوٿون حصو ادا ڪري، پوءِ ٽيون حصو، پوءِ اڌ ديت ۽ پوءِ سڄي ديت ڪيس ڏيڻ ڪپي."

يعني جيڪو سڀ کان پهريان کوهہ ۾ ڪريو ان جي ديت چوٿون حصو، ڇو جو ان جي مٿان ٽي ماڻهو ڪريا.

جيڪو ٻئي نمبر تي ڪريو ان جي ديت ٽيون حصو ٿيندي جو ان جي مٿان بہ ماڻهو مئا.

جيڪو شخص ٽئين نمبر تي ڪريو تہ ان جي اڌ ديت ملڻ ڪپي جو سندس هٿان هڪ ماڻهو مئو.

باقي جيڪو سڀ کانپوءِ ڪريو ان جي سڄي ديت ڏيڻ ڪپندي. (١)

---

(١) تاريخ اسلام ۾ حضرت عليءَ جا فيصلا ۽ فتاويٰ وڏي اهميت رکن ٿا. جن مان سندن علم فضل توڙي عقل شعور جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. نبي انور ﷺ جن کي بہ ان ڏس ۾ سيدنا عليءَ رضہ جي مٿان اعتماد هوندو هو، انڪري ڪيترن فيصلن جي پاڻ ڪريمن ﷺ طرفان توثيق ڪئي ويئي آهي. هي فيصلو بہ انهن مان هڪ آهي، جنهن جي وضاحت هن ريت ڪري سگهجي ٿي. معلوم ٿئي ٿو تہ يمن ۾ ڪن ماڻهن طرفان اهو کوهہ وچ رستي تي کوٽايو ويو هو، جنهن ۾ پهريان شينهن ڪريو جنهن کانپوءِ هڪ ٻئي مٿان چار شخص ان کوهہ ۾ ڪريا ۽ شينهن انهن کي ماري وڌو، جنهن کانپوءِ فوتين جا وارث فيصلي لاءِ حضرت عليءَ رضہ جي خدمت ۾ آيا، جنهن احوال ٻڌي هن طرح فيصلو ڏنو تہ جن ماڻهن اهو کوهہ کوٽايو تہ مرڻ وارن ماڻهن جي ديت انهن کي ڏيڻي پوندي. عام حالت ۾ جيڪڏهن چار ماڻهو مرن ها تہ چئن ئي شخصن کي الڳ الڳ ديت ڏيڻي پوي ها پر هيءَ صورتحال جيئن تہ مختلف هئي انڪري ديت جو تعين بہ حضرت علي سائينءَ رضہ مختلف طريقي سان ڪيو.

مثال طور: هڪ ماڻهوءَ جي ديت ان دور جي حساب سان هڪ سؤ اٺ مقرر هئي. هاڻي جيڪو ماڻهو پهريان ڪريو ان جي مٿان ٽي ماڻهو ٻيا بہ ڪريا ۽ مئا ۽ انهن جي موت جو سبب اهو پهريون شخص ٿيو، انڪري سندس ديت مان ٽي حصا ڪٽجي ويا ۽ ڪيس ديت جو چوٿون حصو ڏنو ويندو، يعني هاڻي سندس وارثن کي هڪ سؤ اٺن جي بدران فقط پنجويہ اٺ ملندا. ان کانپوءِ جيڪو ٻيو نمبر شخص ڪريو تہ ان جي مٿان وري بہ ماڻهو ڪريا، ان ڪري هن جي سڄي



Marfat.com

ان کانپوءِ حضرت علي رضہ فرمايو: "پوءِ جيڪڏهن اوهان راضي آهيو تہ منهنجو فيصلو اهو آهي، نہ تہ اوهان کي اختيار آهي تہ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ اهي اوهان جو فيصلو ڪن."

پوءِ اهي ماڻهو حضرت عليءَ رضہ واري فيصلي تي نہ بيٺا ۽ وڃي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪين سمورو احوال ٻڌائون، جنهن تي نبي انور ﷺ جن فرمايو تہ آءُ انشاء الله تعاليٰ اوهان جو فيصلو ڪندس."

ان تي ڪنهن ماڻهوءَ چيو: "اي الله جا رسول ﷺ! حضرت عليءَ رضہ اسانجو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي."

اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "ان ڇا فيصلو ڏنو؟ پوءِ ڪين جڏهن ان فيصلي جو احوال ڏنو ويو تہ فرمايائون: "حضرت عليءَ رضہ جو فيصلو صحيح آهي." (١)

## فَرْوَہ رضہ بِن عُمَر جُذَاميءَ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال فَرْوَہ رضہ بن عَمْرو جذاميءَ بہ اسلام قبول ڪيو. جيڪو روم جي حاڪم طرفان "شام" ۾ "بَلْقَاء" جو گورنر هو. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ هن اهڙو اطلاع هڪ خط ذريعي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن ڏانهن اماڻيو ۽ ان خط سان گڏ ڪجهہ سوکڙيون پاکڙيون بہ موڪليون، جن ۾ "فِضَّہ" نالي هڪ حلبي خچر، ظَرِب نالي هڪ گهوڙو ۽ هڪ گڏهہ جنهن کي "يَعْفُوْر" سڏيو ويندو هو. هي ٻيو يَعْفُوْر هو. جڏهن تہ ساڳئي نالي سان هڪ گڏهہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي خدمت ۾ "مُقَوْقَس" بہ موڪليو هو.

انهن سوکڙين ۾ هڪ سُنْدُس جي قبا بہ هئي، جنهن تي خاص قسم جو سون جو ڪم ٿيل هو. ان کانسواءِ ڪجهہ ڪپڙا ۽ ٻيون شيون پڻ شامل هيون. اهي سوکڙيون سرور عالم ﷺ جن قبول فرمايون. فروه هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ وفات فرمائي. (٢)

---

ديت منجهان ٻہ حصا ڪاٽيا ويندا ۽ اهو ٽين حصي جو مستحق ٿيندو. يعني ان جي وارثن کي ديت ۾ ٽيئيهہ اٺ ملندا. جيڪو ٽيون ماڻهو کوهہ ۾ ڪريو ان جي مٿان هڪ ماڻهو ڪريو. ان ڪري هن جي ديت مان هڪ حصو يعني اڌ ديت کيس ملندي ۽ هڪ حصو يعني ٻيو اڌ ڪٽجي ويندو. هاڻي جيڪو شخص سڀ کان آخر ۾ ڪريو ان ٻئي ڪنهن کي بہ نہ ڇڪيو، ان جي ڪري هو ڪنهن ٻئي جي موت جو سبب نہ بڻيو. هاڻي هن جا وارث سڄي ديت يعني هڪ سؤ اٺ وصول ڪندا. اهڙي ريت کوهہ کوٽائڻ وارن کي چار سؤ انن جي بدران چئن ماڻهن جي ديت طور ٻہ سؤ اٺ (٢٠٨) اٺ انهن جي وارثن کي ڏيڻا پوندا.

سياق سباق مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو فيصلو ڌرين نہ قبول ڪيو. جنهن ڪري هنن مديني اچي ان فيصلي لاءِ ڪائنات جي ڪارثي ﷺ جن ڏانهن رجوع فرمايو ۽ پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ کي جڏهن سيدنا عليءَ رضہ جي فيصلي جي خبر پئي تہ پوءِ ان فيصلي جي توثيق ڪيائون. اهڙي ريت ان فيصلي کي قبوليت جي سَنَد ملي وئي.

(١) سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٢٣٩. الرياض النضره ـ "محب طبري" ج ٢ ص ١٦٩.

(٢) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٢٣٨ ـ ٢٣٧. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣٩١. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٢٦. الدرر "ابن عبدالبر" ص ٢٥٨ ـ ٢٥٧.



Marfat.com

سندن آڏو شڪايت پيش ڪئي تہ هنن جي ملڪ ۾ مينهن نہ پوڻ سبب ڏڪار منهن ڪڍيو آهي. ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ سندن حق ۾ دعا ڪندي فرمايو. "اي الله! هنن جي وطن تي وسڪارو ڪر."
ان ڪانپوءِ جڏهن هو وطن واپس وريا تہ کين خبر پيئي تہ بلڪل ان ساڳئي ڏينهن ۽ ساڳي گهڙيءَ تي ئي سندن ملڪ ۾ مينهن اَئو، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن دعا فرمائي هئي. (١)

## بنو مُحَارِب وارن جو وفد

* هن سال حجة الوداع جي موقعي تي "مُحَارِب" قبيلي طرفان ڏهن ماڻهن جو هڪ وفد بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو. هن وفد ۾ سواءِ بن حَارِث بن سواءِ ۽ سندس پٽ "خُزَيْمَہ" بہ شامل هو. اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ هو پنهنجي ماڳن تي موٽي آيا. واپسي وقت کين ائين ئي سوکڙيون پاکڙيون بہ عطا ڪيون ويون، جيئن ٻين وفدن کي عطا ٿينديون هيون. (٢)

## هَمْدَان وارن جو وفد

* هن سال رسول انور ﷺ جن جڏهن تبوڪ کان موٽيا تہ ان موقعي تي "هَمْدَان" وارن جو هڪ وفد وٽن حاضر ٿيو. هي قبيلو "قحطان" قوم جي هڪ وڏي شاخ آهي. هن وفد ۾ مالڪ بن نَمَط بہ شامل هو. هنن اسلام قبول ڪيو، جنهن ڪانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن "مَالِڪ" کي سندن سرواڻ مقرر ڪيو ۽ پوءِ هو پنهنجي وطن واپس وريا. (٣)

## بَنُو اَزْد وارن جو وفد

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ "اَزْد" قبيلي طرفان پندرهن ڄڻن جو هڪ وفد بہ حاضر ٿيو، جنهن جي اڳواڻي صرد بن عَبْدُالله اَزْدِي ڪري رهيو هو. هنن سڀني بہ اسلام قبول ڪيو. (٤)

## غَسَّان طرفان آيل هڪ وفد

* هن سال رمضان جي مهيني ۾ "غَسَّان" وارن طرفان بہ ٽن ڄڻن جو هڪ وفد سيد الانبياء ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو. هي "اَزْد" قبيلي جو ئي پاڙو آهي. هنن اسلام قبول ڪيو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن طرفان هنن کي بہ ٻين وانگر سوکڙيون پاکڙيون ڏنيون ويون ۽ پوءِ هو پنهنجي

---

(١) زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٦٧٠. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٢٠٧.

(٢) الطبقات الڪبرٰي "ابن سعد" ج ١ ص ٢٢٨ ـ ٢٢٧. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٨٠. سبل الهدٰي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٤٠٩. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٢٠٦.

(٣) سيرة ابن هشام ج ٤ ص ٢٤٣ ـ ٢٤٥. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ١٩٢ ـ ١٩٣. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٢٨. سبل الهدٰي والرشاد "شامي" ج ٣ ص ٤٢٨.

(٤) الطبقات الڪبرٰي "ابن سعد" ج ١ ص ٢٥٥ ـ ٢٥٤. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ١٩٠ ـ ١٩١. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٦٢٠. الدرر "ابن عبدالبر" ص ٢٥٧.



Marfat.com

گهرن ڏانهن واپس وريا. [(١)]

## زُبَيْدِ قبيلي وارن جو وفد

* هن سال امام الانبياء ﷺ جن جي خدمت ۾ "زُبَيْدِ" قبيلي وارن جو هڪ وفد حاضر ٿيو، جنهن ۾ عمرو بن معد يڪرب به موجود هو ۽ هنن به اسلام قبول ڪيو. [(٢)]

## وَفد عَبْدُالْقَيْس

* هن سال هڪ روايت موجب "عَبْدُالْقَيْس قبيلي" وارن جو وفد به پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن جو مختصر ذڪر هن ئي باب ۾ پنجين ۽ نائين فصل ۾ به ڪيو ويو آهي. [(٣)]

## وفد بنو ڪنده

* هن سال نبي عليه الصلاة وا سلام جن جي خدمت ۾ "ڪِنْدَه قبيلي" وارن جو هڪ اهڙو وفد حاضر ٿيو، جنهن ۾ سٺ يا اسي سوار شامل هئا، جن ۾ اشعث بن قيس ڪندي ۽ مشهور شاعر اِمْرَأُ الْقَيْس بن عَابِس ڪِنْدي به موجود هئا. هنن سيني اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ موٽ ڪيائون.

نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ جڏهن رده وارو فتنو رونما ٿيو ته ان ۾ اشعث بن قيس به مرتد ٿي ويو. هڪ موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رضه جي لشڪر ڪيس قيد ڪيو، جنهن ڪانپوءِ هو وري مسلمان ٿيو ۽ پوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين مسلمان ئي رهيو. [(٤)]

## بَنُو حَنِيْفَہ وارن جو وفد

* هن سال پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ "يَمَامَہ" کان "بَنُوحَنِيْفَہ" وارن طرفان سترهن ڄڻن جو هڪ وفد به پهتو، جن ۾ مُسَيْلَمَہ ڪَذَّاب خذله الله به شامل هو. "مُسَيْلَمَہ" ڪانسواءِ ٻين سيني اسلام قبول ڪيو.

ڪن جو چوڻ آهي ته هن موقعي تي "مُسَيْلَمَہ" به مسلمان ٿيو هو ۽ پوءِ هو دين تان ڦري ويو، جنهن کي ڪفر جي حالت ۾ ئي حضرت اَبُوبَڪر صِدِيْق رضه جي خلافت واري دؤر ۾ قتل ڪيو ويو، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. [(٥)]

---

(١) الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ١ ص ٢٥٥، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٢٠٦، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٤٠. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٦٦٩، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣٩١.

(٢) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٢٣٠، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٦۴ - ٦٥.

(٣) رفد "عبدالقيس" بابت حوالا وغيره پنجين ۽ نائين فصل ۾ نقل ڪيا ويا آهن.

(۴) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٢٣٢، الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ١ ص ٢۴٨. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٦٥ - ٦٦.

(٥) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٢٢٣ - ٢٢٢ الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ١ ص ٣٢۴٠. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ۴٨.



Marfat.com

## بَنُو بَجِيلَہ وارن جو وفد

* هن سال رمضان ۾ "بَجِيلَہ" قبيلي وارن طرفان بہ هڪ وفد نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن ۾ هڪ سؤ پنجاهہ ماڻهو شامل هئا. جن مان جَرِير بِن عَبْدُالله بَجَلِيؒ رضہ جو نالو قابل ذڪر آهي. اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ جَرِير رضہ پاڻ ڪريمہ ﷺ جن جي هٿ تي پنهنجي اسلام جي، نماز قائم ڪرڻ جي، زڪوات ادا ڪرڻ جي ۽ هر مسلمان تائين هدايت پهچائڻ جي بيعت ڪئي. سندس ٻيا سمورا ساٿي بہ هن موقعي تي مسلمان ٿيا. (١)

## حضرت عَبْدُالله رضہ جي روانگي

* هن سال يا سن ڀارهين هجريءَ ڌاري پاڻ ڪريمہ ﷺ جن جرير رضہ بن عبدالله کي "ذُوالْخَلَصَہ" نالي بُت کي ڀڃڻ لاءِ روانو ڪيو، جنهن جو ذڪر "سرايا" واري باب ۾ ٿي چڪو آهي. (٢)

## رهاويين جو وفد

* هن سال پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ رهاويين جو وفد بہ حاضر ٿيو. (٣)

## بنو ثعلب وارن جو وفد

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ "بنو ثعلب" وارن جو وفد بہ حاضر ٿيو. (٤)

## نجران جي عيسائين جو وفد

* هن سال سرور عالمہ ﷺ جن جي خدمت ۾ نجران جي عيسائين جو وفد بہ پهتو، جنهن ۾ "عَاقِب" ۽ "سَيِّد" بہ شامل هئا. ڪين صلح نامو لکي ڏنو ويو. جيئن مٿي بيان ڪري چڪا آهيون. (٥)

## بنو عَبس وارن جو وفد

* هن سال مني مرسل ﷺ جن وٽ "بنو عبس" وارن طرفان هڪ وفد حاضر ٿيو، جنهن ۾ نوَ ڄڻا شامل هئا. جيتوڻيڪ هو اڳ ۾ ئي مسلمان ٿي چڪا هئا پر هنن ڪن ماڻهن جي واتان هي ٻڌو هو

---

(١) الطبقات الكبري ابن سعد ج ١ ص ٢٦١. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٣٤٦ ـ ٣٤٧. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ١٩٨.

(٢) الطبقات الكبري "ابن سعد" ج ١ ص ٢٦١. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٣٤٦ ـ ٣٤٨. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٥ ص ٧٠ ـ ٧١. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣١١.

(٣) هن وفد ۾ پندرهن ماڻهو شامل هئا. الطبقات الكبري ابن سعد" ج ١ ص ٢٥٩. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣٣٩. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٣٦٣.

(٤) البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٥ ص ٨٠. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٢٩٥.

(٥) هن وفد ۾ اتان جي عيسائين جا چوڏهن معتبر ماڻهو شامل هئا.

الطبقات الكبري "ابن سعد" ج ١ ص ٢٦٧. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٣٨٢. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٦٢٩. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ١٩٦.



Marfat.com

تہ "ان جو اسلام اجايو آهي جنهن هجرت نہ ڪئي هجي." ان ڪانپوءِ هو پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ سندن مٿان هجرت معاف ڪئي وڃي. نبي انور ﷺ جن ڪين اهڙي اجازت ڏيندي فرمايو "اوهان جتي بہ رهو الله ڪان ڊڄندا رهو. هو اوهان جي اعمال منجهان ڪجهہ بہ نہ گهٽائيندو." (۱)

## بنو غامد وارن جو وفد

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ "يمن" کان "بنو غامد" وارن جو هڪ وفد بہ پهتو. هي قبيلو "بَنُوْ اَزْد" وارن جي ئي هڪ شاخ آهي. هن وفد ۾ ڏهاڪو ماڻهو شامل هئا. هنن اسلام قبول ڪيو. جنهن ڪانپوءِ اسلامي شريعت جا حڪم ڪين لکت ۾ ڏنا ويا. هو مديني ۾ ڪجهہ ڏينهن گذاري پوءِ پنهنجي وطن واپس وريا. (۲)

## بنو خولان وارن جو وفد

* هن سال شعبان جي مهيني ۾ "خولان" قبيلي وارن جو هڪ وفد بہ "يمن" کان مديني پهتو، جنهن ۾ ڏهہ ماڻهو شامل هئا. هنن اسلام قبول ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪين اسلام جي فرضن ۽ شريعت جي تعليم ڏني ۽ ڪين وصيت فرمايائون تہ هو پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي، اتي موجود پنهنجي بُت کي ڀڃي ڇڏيندا. پوءِ هنن ڳوٺ پهچي ان حڪم جي پوئواري ڪئي. جڏهن تہ اُن کان اڳ هو پنهنجي مال مان هڪ حصو الله تعاليٰ جي نالي ۽ هڪ حصو ان بت جي نالي ڏيندا هئا.

رب پاڪ هنن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي: (۳)

وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ مِمَّا ذَرَاَ مِنَ الْحَرْثِ وَالْاَنْعَامِ نَصِيْبًا فَقَالُوْا هٰذَا لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ وَهٰذَا لِشُرَكَآئِنَا. (۴)

"۽ جيڪي بہ الله پوک ۽ جانورن مان پيدا ڪيو آهي، تنهن مان هڪ حصو هي پنهنجي غلط خيالن سان الله جي لاءِ ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ هي الله جي لاءِ آهي ۽ هي حصو اسان جي شريڪن جو آهي"

## بَنُو عَامِر وارن جو وفد

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ بَنُو عَامِر بن صَعْصَعَہ وارن طرفان هڪ وفد پهتو.

---

(۱) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۲۵ ـ ۲۲۶. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۷۹. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۶۷۰ ـ ۶۷۱. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۴۱. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۲۰۷. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۳۷۵.

(۲) سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۲۹۰. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۴۱. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج۲ ص ۲۰۷.

(۳) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۴۵. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۳۳۱ ـ ۳۳۲. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۳۶ ـ ۳۳۷. سيرة الحلبيہ ج ۳ ص ۲۳۶.

(۴) سو ة الانعام آيت ۱۳۷. پاره ۸.



Marfat.com

هن وفد ۾ عَامِر بن طُفيل ۽ اربد بن رَبِيْعَہ نالي ہہ اهڙا ڪافر بہ موجود هئا، جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪي لڪ چوريءَ ختم ڪرڻ جي ارادي سان آيا هئا. پر جڏهن هو اتي پهتا تہ خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ کي تہ انهن جي شر کان بچائي ورتو، باقي انهن ٻنهي جڻن کي پنهنجي ڪامل قدرت سان پورو ڪري ڇڏيائين. انهن مان "اربد" مٿان تہ آسمان مان وڄ ڪري. جڏهن تہ عامر جي جسم تي هڪ اهڙو خوفناڪ ڳوڙهو نڪتو، جيڪو اُن کي نڪرندو آهي، جنهن ڪانپوءِ هو گهوڙي تي چڙهي وڃي گهر ڏانهن ڀڳو پر رستي ۾ گهوڙي جي پٺيءَ تي ئي رب پاڪ کيس موت ڏنو. (١)

## حضرت بُدَيل رضہ جي وصيت

* هـــن سال حضرت بديل ابن ابو ماريہ رضہ واپار جي سلسلي ۾ "شام" ڏانهن روانو ٿيو. بديل رضہ حضرت عاص بن وائل جو آزاد ڪيل غلام هو ۽ هن سفر ۾ بہ عيسائي تميم داري ۽ عدي بن بداء ساٿس گڏ هئا. واٽ تي "بديل" گذاري ويو پر ان کان اڳ هن هڪ وصيت لکي هئي، جيڪا پنهنجي سامان ۾ لڪائي رکي هئائين. "تـميم" ۽ "عدي" سندس مال کڻي آيا پر ان مان هڪ "پيالو" چوريءَ ڪدي ورتائون. سندن باري ۾ خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا شَهَادَةُ بَيْنِكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ حِيْنَ الْوَصِيَّةِ اثْنٰنِ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ. (٢)

(اي ايـمان وارؤ! جڏهن اوهان مان ڪنهن تي موت جي گهڙي اچي وڃي تہ وصيت جي وقت گواهيءَ لاءِ اوهان مان بہ معتبر عادل ماڻهو شاهد ٿيڻ گهرجن).

ان لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن هڪ ڏينهن ٽيپهريءَ جي نماز ڪانپوءِ انهن ٻنهي کان ان ڏس ۾ قسم کڻايو. (هو ڪوڙ تي قسم کڻي ويا ۽ جڏهن اهو پيالو وڪامڻ لاءِ آيو) تڏهن سندن ڪوڙ ظاهر ٿي پيو. جنهن ڪانپوءِ عبدالله بن عمرو بن عاص ۽ مطلب بن ابو وداعہ (جيڪي بديل جا وارث هئا) انهن پيالي کي سچاتو ۽ قسم کنيائون، جنهن ڪانپوءِ اهو پيالو سندن حوالي ڪيو ويو. (٣)

## جَرِيْر رضہ بن عَبْدُالله جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال رمضان ۾ حضرت جَرِيْرِ بن عَبْدُاللهِ بَجَلِيّ رضہ پنهنجي هڪ سؤ پنجاه ساٿين سان گڏ اسلام قبول ڪيو.

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هُن سن يارهين هجري ڏاري پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال کان چاليهہ ڏينهن اڳ اسلام قبول ڪيو هو. انهن مان پهرين روايت کي ترجيح حاصل آهي. (٤)

---

(١) الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ١ ص ٢٣٥ - ٢٣٦، الدرر "ابن عبدالبر" ص ٢٥٣ - ٢٥٤. دلائل النبوہ "بيهقي" ج ٥ ص ٣١٨ - ٣٢١، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٥ ص ٣٦١.

(٢) سورة المائده آيت ١٠٦ پاره ٧.

(٣) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٤٦.

(٤) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ١ ص ٣٠٨ - ٣٠٩، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٧٠.



Marfat.com

## آيت جو نزول

* هن سال هينئين آيت نازل ڪئي ويئي.[1]

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ لِيَسْتَـْٔذِنكُمُ ٱلَّذِينَ مَلَكَتْ أَيْمَٰنُكُمْ ......... ثَلَٰثَ مَرَّٰتٍ.

اي ايمان وارو، توهان جا ٻانها ۽ ٻانهيون ۽ توهان جا اهي ٻار جيڪي اڃان بلوغت کي نه پهتا آهن، ٽن وقتن تي توهان وٽ اجازت وٺي پوءِ اچن.

## پاڻ سڳورن ﷺ جي نينگر حضرت ابراهيم جي وفات

* هن سال نبي انور ﷺ جن جو نينگر سيدنا ابراهيم، ربيع الاول جي ڏهين تاريخ اڱاري جي ڏينهن گذاري ويو.[2] هڪ ٻي روايت موجب هي واقعو هن ئي سال ذوالحج جي پڇاڙيءَ تي ان وقت پيش آيو، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن حجة الوداع کان واپس وريا.

وفات وقت هن نينگر جي عمر مبارڪ سورهن مهينا ۽ هڪ ٻي روايت ۾ چوويهه مهينا ٻڌائي ويئي آهي.

## سج گرهڻ جو واقعو

* هن سال جنهن ڏينهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جي نينگر سيدنا ابراهيم رضہ وفات فرمائي، تنهن ڏينهن سج گرهڻ جو واقعو پيش آيو، جنهن تي ڪجهه ماڻهو چوڻ لڳا ته "اها سج گرهڻ سيدنا ابراهيم رضہ جي وفات سبب ٿي آهي."

ان موقعي تي خطبو ڏيندي نبي انور ﷺ جن فرمايو ته "بيشڪ سج ۽ چنڊ الله تعاليٰ جي نشانين مان به نشانيون آهن، جن کي ڪنهن جي به ڄمڻ يا مرڻ سبب گرهڻ نه لڳندي آهي."[3]

هيءَ سج گرهڻ جو واقعو هجرت کانپوءِ ٻيو دفعو مديني ۾ به پيش آيو هو. جڏهن ته پهريون ڀيرو سج گرهڻ هن کان اڳ به ٿي هئي، جنهن جو ذڪر سن ڇهين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويو آهي.[4]

(1) سورة النور ايت ٥٨ پاره ١٨.

(2) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٢. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٨١. سيرة "دمياطي" ص ٢٦٧. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ١ ص ١٥٤. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٧٠.

(3) "صحيح بخاري" باب الصلاة في ڪسوف ج ١ ص ١٨٤. "صحيح مسلم" باب "صلاة الڪسوف" ج ٣ ص ٢٧.

(4) سيرة ابن حبان ص ٢٦٩. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٣. "سيرة مغلطائي" ص ٢٧٨.



Marfat.com

# فصل يارهون

هن فصل ۾ سن يارهين هجريءَ ڌاري پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## وفد بَنو نَخَع

* هن سال محرم جي مهيني ۾ يا هڪ ٻي روايت مطابق رجب جي اڌ مهيني گذرڻ ڪانپوءِ "بَنُو نَخَع" وارن طرفان سؤ ڄڻن جو هڪ وفد پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. هي قبيلو "مذحج" وارن جو پاڙو آهي، جيڪي يمن ۾ رهندا هئا ۽ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ جيڪي وفد حاضر ٿيا، هي انهن منجهان آخري وفد هو.

هن وفد ۾ زُرَارَه بن عَمرو نَخَعِيّ جيڪو عمرو بن زراره جو پيءُ هو ۽ زُرَارَه بن قَيْس بن حَارث نخعي وغيره شامل هئا. اهي ماڻهو گهڻو اڳ ان وقت ئي حضرت مُعَاذ بن جَبَل رضه جي هٿ تي مسلمان ٿي چڪا هئا، جڏهن معاذ رضه کي يمن موڪليو ويو هو.

سرور عالم ﷺ جن هنن ماڻهن کي ڏسي ڏاڍا سرها ٿيا، سندن اخلاق جي ساراه ڪيائون ته انهن جي حق ۾ دعائون به گهريائون. (١)

## "نَفِيْسَه" نالي ٻانهيءَ جو ذڪر

* هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ وصال فرمايو ۽ ان کان اڳ هن ئي مهيني ۾ سندن گهرواريءَ سيده زَيْنَب بنت جَحْش رضه پنهنجي هڪ ٻانهي کين بخش ڪئي. هن ٻانهيءَ جو نالو نَفِيْسَه ٻڌايو ويو آهي. (٢)

## غزوه احد جي شهيدن لاءِ نماز ۽ دعا

* هن سال نبي انور ﷺ جن "غَزْوَه اُحُد" جي شهيدن جي جنازي نماز پڙهي، جڏهن ته ان وقت سندن شهادت کي اٺ ورهيه گذري چڪا هئا. دعا ڪانپوءِ هنن شهيدن جي حق ۾ استغفار به ڪيائون. (٣)

---

(١) الطبقات الكبري "ابن سعد" ج ١ ص ٢٦٠ ـ ٢٦١، زاد المعاد "ابن قيم" ج ٢ ص ٦٨٦ ـ ٦٨٧. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ٢ ص ٢٠٩ ـ ٢١١. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٢٤٢ ـ ٢٤٣. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٤٢٣ ـ ٤٢٤.

(٢) الاصابه "ابن حجر" ج ٤ ص ٤٢٠، البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ٥ ص ٢٦٦.

(٣) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١٢ ص ٢٣٦ ـ ٢٣٤، البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ٥ ص ١٩٧. المغازي "ابن شهاب زهري" ص ١٣١. سيرة دمياطي ص ٢٧٤. الوفا "ابن جوزي" ج ٢ ص ٧٦٢. سيرة ابن هشام ج ٤ ص ٢٩٩، الدرر ابن عبدالبر ص ٢٦٩.



Marfat.com

## جنت البقيع وارن لاءِ استغفار

* هن سال هڪ دفعي اڌ رات جو اٿي سيد المرسلين ﷺ جن "جَنَّةُ الْبَقيع" ڏانهن رخ رکيو. هن موقعي تي سندن آزاد ڪيل غلام اَبُوْ مُوَيْهَبَه به ساڻن گڏ هو، جنهن کي پاڻ فرمايو هئائون ته "تون مون سان هل! مونکي "بقيع" وارن لاءِ "استغفار" جو حڪم ڏنو ويو آهي." ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ "بقيع" جي قبرستان ۾ داخل ٿيا ۽ تمام گهڻي دير تائين انهن لاءِ بخشش جي دعا گهرندا رهيا، ۽ دعا پوري ڪري فرمايائون: "اي اَبُوْ مُوَيْهَبَه! ڪاري رات جي اونداهين گهڙين جهڙا فتنا هڪ ٻئي پٺيان اڏو اچي رهيا آهن. پويان اڳين کان برا آهن."

وري فرمايائون "دنيا جا خزانا ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهه آهي منهنجي حوالي ڪيا ويا ۽ مونکي اختيار ڏنو ويو ته مان هميشه اتي رهڻ پسند ڪريان يا جنت ۾ پنهنجي پالڻهار جو ديدار ڪريان، پوءِ مون پنهنجي رب جي ديدار ۽ جنت کي پنهنجي لاءِ پسند ڪيو." (١)

## پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بيماريءَ جي شروعات

* هن سال صفر مهيني جي پوئين اربع تي چند جي ٽيهين تاريخ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي طبيعت مبارڪ ناساز ٿي پيئي، ۽ هڪ اعتماد جوڳي روايت مطابق بيماريءَ جي شروعات ام المؤمنين سيده ميمونه رضه جي گهر ۾ ٿي ۽ اهو سلسلو تيرهن ڏينهن تائين جاري رهيو، جيئن عام طور مشهور آهي. (٢)

## بيماريءَ دوران پاڻ سڳورن ﷺ جون روايتون

* هن سال بيماريءَ دوران امام الانبياء ﷺ جن فرمايو: "يهودين مٿان الله تعاليٰ جي لعنت هجي جو هنن پنهنجي پيغمبرن جي قبرن کي سجدي جي جاءِ بڻايو." (٣)

* هن سال بيماريءَ دوران پاڻ سڳورن ﷺ هي به فرمايو ته "پنهنجي نمازن ۽ ٻانهن جو خيال رکو." (٤)

## حَدِيْثِ قِرْطَاس

* هن سال بيماريءَ دوران نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضه جي خلافت لاءِ ڪاغذ تي لکرائڻ ٿي چاهيو ته جيئن ڪانئن پوءِ ان معاملي ۾ ڪو اختلاف پيدا نه ٿئي.

اها ڳالهه پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال کان پنج ڏينهن اڳ ٿي هئي پر ان موقعي تي حضرت

---

(١) "سيرة ابن هشام" ج ۴ ص ٢٩١ ـ ٢٩٢ الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ١٥٧ ـ ١٥٨. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٧ ص ١٦٢ ـ ١٦٣، البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۵ ص ١٩٧. تاريخ طبري ج ٢ ص ۴٣٢. مستدرڪ حاڪم ج ٣ ص ۵۵ ـ ۵٦. تاريخ مدينه "ابن شبه" ج١ ص ٨٧.

(٢) المغازي "ابن شهاب زهري" ص ١٣٠، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٢٩٢. الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ١٥٨ ـ ١٥٩. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٦١. سيرة دمياطي ص ٢٧۵، شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ٨ ص ٢۵۵، تاريخ طبري ج ٢ ص ۴٣٣.

(٣) صحيح بخاري باب مرض النبي ﷺ ج ٣ ص ٩٢ ـ ٩٣، المغازي "ابن شهاب زهري" ١٣١.

(۴) ابن ماجه "ڪتاب الوصايا" ج ٢ ص ٩٠٠، الدرر ابن عبدالبر ص ٢٧٠.



Marfat.com

عمر بن خطاب رضہ سندن بيماريءَ جي تڪليف ڏسي فرمايو تہ هن وقت ڪين لکرائڻ جي تڪليف ڏيڻ مناسب نہ آهي ۽ اسان لاءِ الله جو ڪتاب ڪافي آهي." ان ڪانپوءِ نبي انور ﷺ جن پنهنجو ارادو متائي ڇڏيو ۽ فرمايائون تہ:

يَأْبَي اللهُ وَيَدْفَعُ الْمُؤْمِنُوْنَ اِلَّا اَبَابَكْرٍ.

"نہ پسند ڪندو الله تعاليٰ ۽ نہ مڃيندا مؤمن سواءِ ابوبڪر جي (ڪنهن ٻئي ڪي)."

جيئن صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ ڄاڻايو ويو آهي. (١)

- باقي اهل تشيع جي اها ڳُل آهي تہ ان ڪاغذ ۾ نبي آخر الزمان ﷺ جن حضرت علي رضہ جي خلافت بابت لکرائڻ جو ارادو ڪيو هو. حديث ۽ سنت جي ڪتابن ۾ ان ڳالهہ جو ڪو وجود نہ آهي ۽ نہ ان ڏس ۾ وري ڪا صحيح روايت موجود آهي، نہ حسن ۽ نہ ضعيف. اها ڳالهہ هنن پنهنجي دل مان گهڙي آهي، جنهن تي نہ نظر وجهڻ کپي ۽ نہ ويساهہ ڪرڻ جڳائي.

جڏهن تہ حضرت ابوبڪر رضہ جي خلافت بابت روايتون صحيح بخاري، صحيح مسلم، مسند احمد، مسند بزار، مشڪوات شريف ۽ حديث جي ٻين ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڪولي بيان ڪيون ويون آهن. (٢)

## پاڻ ڪريم ﷺ جن جو حضرت عائشہ رضہ جي گهر اچڻ

* هن سال بيماريءَ جي دؤران پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي گهروارين ڪي ٻڌايو تہ پاڻ ﷺ بيماريءَ وارو عرصو سيده عائشہ رضہ جي گهر گذارڻ چاهين ٿا. سيني ٻيبين سڳورين اها ڳالهہ خوشيءَ سان قبول ڪئي. ان ڪانپوءِ ربيع الاول جي پنجين تاريخ سومر رات پاڻ سڳورا ﷺ حضرت عائشہ رضہ جي گهر آيا. جيتوڻيڪ اهو هن ٻيبي سڳوريءَ جي ئي واري جو ڏينهن هو پر ان ڪانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن باقي اٺ ڏينهن اتي ئي رهيا ۽ ان گهر مان وري ڪڏهن ٻاهر نہ نڪتا، تانجو اتي ئي سندن وصال ٿيو. (٣)

## نبي ڪريم ﷺ جن جو خطبو (٤)

* هن سال بيماري واري زماني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ ڏينهن منبر تي اچي خطبو ڏنو. اهو خطبو بيماريءَ سبب ويهي ڏنائون، جنهن ۾ ڪيترائي اهڙا مسئلا بيان ڪيا ويا جيڪي امت لاءِ ضروري هئا.

---

(١) صحيح بخاري "باب مرض النبي ﷺ" ج ٣ ص ٩١. فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ١٩٠٩. صحيح مسلم ڪتاب الوصية ج ٥ ص ٧٦.

(٢) صحيح بخاري "باب اهل العلم والفضل احق بالامامة" ج ١ ص ١٢۴، صحيح مسلم "باب الاستخلاف الامام" ج ٢ ص ٢٠. المغازي "ابن شهاب زهري" ص ١۴٧. البداية والنهاية "ابن ڪثير" ج ۵ ص ٢۵٢، فتح الباري ابن حجر ج ٨ ص ٢٧٣.

(٣) صحيح بخاري، باب مرض النبي ﷺ ج ٣ ص ١٢٧، جوامع السيرة "ابن حزم" ص ٢٦٣، المغازي "ابن شهاب زهري" ص ١٢٠.

(۴) هن خطبي بابت روايتون هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيون ويون آهن.

صحيح بخاري "باب مرض النبي ﷺ" ج ٣ ص ٩١ - ٩٦. "صحيح مسلم" "ڪتاب فضائل الصحابہ" ج ٧ ص ١٠٨ - ١٣۴. المغازي "ابن شهاب زهري" ص ١٣١، سيرة ابن حبان ص ٣٩٩ - ۴٠٠، سيرة دمياطي ص ٢٨۴، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٨ ص ٢۵٢ - ٢۵۴. "سيرة ابن هشام" ج ۴ ص ٢٩٩، تاريخ طبري ج ٢ ص ۴٢۵. تاريخ ابو الفداء ج ١ ص ٢١٣ - ٢١۵.



Marfat.com

اهو خطبو ربيع الاول جي اٺين تاريخ خميس جي ڏينهن تي ڏنو ويو.

هن سال مٿين خطبي ۾ فرمايائون: "جيڪڏهن آءٌ پنهنجي رب ڪانسواءِ ڪنهن کي پنهنجو خليل (دلي دوست) بڻايان ها ته اهو ابوبڪر هجي ها پر پوءِ به ان سان اسلامي ڀائپي ۽ محبت آهي. بخاريءَ جي روايت ۾ وري "اسلامي دوستي ۽ محبت" جا لفظ آيل آهن.

* هن سال ساڳئي خطبي ۾ نبي ڪريم ﷺ جن اهي لفظ فرمايا هئا: "الله تعاليٰ ٻانهي کي اختيار ڏنو آهي ته اهو هميشه دنيا ۾ رهڻ پسند ڪري يا جنت ۾ پنهنجي پالڻهار جو ديدار ڪري، پوءِ ان ٻانهي پنهنجي رب جي ديدار ۽ اتي جيڪي ڪجهه آهي ان کي اختيار ڪيو."

حضرت ابوسعيد خدري رضه جي روايت آهي ته "اهو ٻڌي حضرت ابوبڪر صديق رضه روئي ويٺو، چو جو اسان سڀني مان سواءِ صديق اڪبر رضه جي اها ڳالهه ڪير به سمجهي نه سگهيو هو ته نبي آخر الزمان ﷺ جن ڪا پنهنجي ڳالهه ڪري رهيا آهن، بيشڪ حضرت ابوبڪر صديق رضه اسان ۾ سڀ کان وڏو سمجهدار هو.

* هن سال نبي انور ﷺ جن مٿين خطبي ۾ اهو به فرمايو:

"ڪل دريون بند ڪيون وڃن سواءِ حضرت ابوبڪر رضه جي دريءَ جي، ان ڪانپوءِ اهي سموريون دريون (جيڪي مسجد ۾ کلنديون هيون) بند ڪيون ويون ۽ حضرت ابوبڪر رضه جي دري کليل رهي.

اها دري اڄ تائين مسجد نبوي ﷺ جي اولهه پاسي موجود آهي، جنهن تي سونهري اکرن ۾ لکيل آهي:

"هٰـذِهِ خَوْخَةُ سَيِّدِنَا اَبِيْ بَكْرِ ِ الصِّدِّيْقِ رَضِيَ اللهُ تَعَالىٰ عَنْهُ".

* هن سال هن خطبي ۾ رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو: "مون تي ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ ٿورا ابوبڪر صديق رضه جا آهن، جيڪي هن پنهنجي صحبت توڙي مال ملڪيت وسيلي ڪيا آهن.

* هن ئي سال ساڳئي خطبي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن انصار جي باري ۾ وصيت ڪندي فرمايو: "آءٌ اوهان کي وصيت ٿو ڪريان ته انصار سان ڀلائي وارو برتاءُ ڪجو، ٿورن ڪرڻ وارن جا ٿورا ڳاڻجو ۽ غلطي ڪرڻ وارن جون غلطيون وساري ڇڏجو."

## پاڻ ڪريمن ﷺ جي بيماريءَ دوران سيده فاطمه رضه سان گفتگو

* هن سال بيماريءَ جي موقعي تي جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سڳوري سيده فاطمة الزهراء رضه وٽن آئي ته ڪيس ڪن ۾ ٻڌايائون ته سندن وصال هن بيماريءَ ۾ ئي ٿيندو. جنهن تي بيبي سائڻ روئي ڏنو.

وري نبي انور ﷺ جن بيبي سائڻ کي ٻيو دفعو به ڪن ۾ ٻڌايائون ته "منهنجي ڪٽنب مان سڀ کان اڳ اوهان مون سان ملندؤ."

اهو ٻڌي سيده جي منهن مبارڪ تي مرڪ اچي ويئي [1] هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٻئي

---

(١) صحيح بخاري باب مرض النبي ﷺ ج ٣ ص ٩٢، صحيح مسلم "ڪتاب فضائل الصحابہ" ج ٧ ص ١٤٣ ـ ١٤٢. مسند احمد ابن حنبل ج ٦ ص ٧٧، "المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۴ ص ٥٢٥.



Marfat.com

پيري پاڻ ڪريمن ﷺ حضرت بيبي فَاطِمَةُ الزَّهْرَاء رضہ کي فرمايو: "ڇا اوهان ان مان خوش نہ آهيو تہ جنتي عورتن جي اڳواڻي اوهان جي سپرد ڪئي وڃي" (١)

انهن ٻنهي روايتن کي گڏي ائين چئي سگهجي ٿو تہ اِمَامُ اَلاَنبِيَاء ﷺ جن ٻئي پيري اهي ٻئي ڳالهيون چيون هجن جو انهن ٻنهي ۾ ڪو اختلاف نظر نٿو اچي.

## غلام آزاد ڪرڻ

* هن سال بيماريءَ دوران سرور عالم ﷺ جن چاليهہ غلام آزاد ڪيا.

## پاڻ سڳورن ﷺ جن جي صحابين کي وصيت (٢)

* هن سال بيماريءَ سبب پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن سيده عائشہ رضہ جي گهر ترسيل هئا تہ اتي پنهنجي صحابي سڳورن کي هن ريت وصيت فرمايائون: "وصال کانپوءِ مونکي غسل ڏجو، پوءِ ڪفن ڍڪائجو، پوءِ منهنجي ڪنوليءَ کي قبر جي ڪنڌيءَ تي آڻجو جيڪا هن ئي گهر ۾ هوندي، پوءِ اوهان ڪجهہ دير ٻاهر نڪري وڃجو، پوءِ سڀ کان پهريان منهنجي مٿان جبرئيل نماز پڙهندو، پوءِ ميڪائيل، پوءِ اسرافيل ۽ آخر ۾ عزرائيل نماز ادا ڪندو. انهن مان هرهڪ سان گڏ فرشتن جو لشڪر هوندو، انهن کانپوءِ منهنجي ڪٽنب جا مرد ۽ پوءِ عورتون نماز ادا ڪندا ۽ پوءِ آخر ۾ اوهان ٽولا ٽولا ٿي مونتي نماز پڙهجو. پوءِ ائين ئي ڪيو ويو جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو هو.

سڀ کان پهريان ملائڪن نماز پڙهي، پوءِ گهر جي مردن، پوءِ عورتن، پوءِ مهاجر مردن، پوءِ انصار مردن، پوءِ عورتن ۽ آخر ۾ ٻارن نماز ادا ڪئي.

اها نماز سمورن ماڻهن پنهنجي منهن ادا ڪئي، جنهن ۾ اڳيان امامت لاءِ ڪوبہ موجود نہ هو.

* هن سال ربيع الاول مهيني جي نائين تاريخ جمعي جي رات پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بيماريءَ واري تڪليف وڌي وئي، جنهن سببان پاڻ سڳورن ﷺ مٿان ٽي دفعا غشي طاري ٿي.

---

(١) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ١٦٢، فتح الباري "ابن حجر" كتاب فضائل اصحاب النبي ﷺ ج ٧ ص ٤٧٧، السيرة النبويہ ﷺ "ذهبي" ص ٣٨٠، روضة الاحباب سيد جمال الدين ج ١ ص ٤٣٢.

(٢) هن کانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جي بيماريءَ وارن آخري ٽن ڏينهن جي ڪيفيات ۽ وصال جو احوال ڏنو ويو آهي، جنهن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

صحيح بخاري "باب مرض النبي ﷺ" ج ٣ ص ٩١ ـ ٩٦، صحيح مسلم، فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٥٠١، ٤٧٣، "المغازي" ابن شهاب زهري ص ١٣٠ ـ ١٣٦. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٣٠٥ ـ ٢٩٨، الطبقات الكبري "ابن سعد" ٢٠٢ ـ ١٩٥. السيرة النبويہ ﷺ "ذهبي" ص ۴٠٠ ـ ٣٨٩، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٥ ص ٢١۴ ـ ٢٠٣. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٣۴ ـ ٣٣، الدرر "ابن عبدالبر" ٢٧٢ ـ ٢٦٩، جوامع السيرة ابن حزم ص ٢٦٦ ـ ٢٦٢، سيرة دمياطي ٢٨٨ ـ ٢٧٦، سيرة مغلطائي ص ٣٦٠ ـ ٣۴٩. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۴ ص ٥٦٣ ـ ٥٢٥. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٨٧ ص ، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ١ ص ١٦٦ ـ ١٧٢. سيرة ابن حبان ۴٠١ ـ ٣٩٨ روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ٢٩٥ ـ ٢٩٢. بهجة المحافل "عامري" ج ٢ ص ١١٦.



Marfat.com

جنهن ڪري سومهڻيءَ جي نماز لاءِ مسجد ڏانهن وڃڻ جي سگهہ ساري نہ سگهيا ۽ ٽي دفعا فرمايائون تہ "ابوبڪر کي موڪليو، تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي." ۽ پوءِ ابوبڪر رضہ نبي انور ﷺ جن جي جاءِ تي ان رات سومهڻيءَ جي نماز پڙهائي ۽ ان کانپوءِ باقي ٽي ڏينهن بہ روزانہ پنج ئي وقت حضرت ابوبڪر صديق رضہ ئي نماز پڙهائيندو رهيو. اهڙي ريت حضرت صديق رضہ سرور عالم ﷺ جن جي موجودگيءَ ۾ سترهن نمازون پڙهايون. ان سلسلي جي شروعات جمعي جي رات سومهڻيءَ واري نماز کان ٿي ۽ پڄاڻي ٻارهين ربيع الاول سومر ڏينهن فجر جي نماز تي ٿي.

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن انهن ٽن ڏينهن دوران هڪ ڏينهن بيماريءَ ۾ ڪجهہ ڍرائي محسوس ڪئي ۽ پوءِ آچر واري ڏينهن ٻن ماڻهن جي ٽيڪ تي نماز لاءِ مسجد ڏانهن هليا، جنهن ۾ سندن پير مبارڪ ڪمزوري سبب زمين سان گسندا پئي هليا، جنهن جا ليڪا زمين تي پئي ظاهر ٿيا. تانجو هلندڙ نماز ۾ وچي صف تائين پهتا. ان وقت حضرت ابوبڪر صديق رضہ ماڻهن کي نماز پڙهائي رهيا هئا ۽ نبي ڪريم ﷺ جن بہ اچي اها نماز ماڻهن سان گڏجي ادا ڪئي.

هاڻي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ مٿين نماز ۾ سرور عالم ﷺ جن پاڻ امامت فرمائي يا حضرت ابوبڪر رضہ جي امامت ۾ نماز ادا فرمايائون؟ بهرحال اهي ٻئي روايتون مشهور آهن، جيڪي حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهن.

* هن سال انهن پوين ٽن ڏينهن مان سومر واري ڏينهن تي فجر جي نماز مهل پاڻ ڪريمن ﷺ آخري ڀيرو حجري مبارڪ جي در تائين آيا ۽ پردو پاسي ڪري ٻاهر نهاريائون تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ ماڻهن کي فجر جي نماز پڙهائي رهيا هئا ۽ ماڻهو سندن پويان صفون ٻڌي بيٺا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ مشڪي اوڏانهن نهاريو ۽ ان کانپوءِ گهر ۾ اندر هليا آيا ۽ اهو ڏينهن ئي سندن وصال جو ڏينهن هو.

* هن سال بيماريءَ جي موقعي تي جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي تڪليف وڌي ويئي ۽ پاڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏنائون، تڏهن گهرڀاتين سمجهيو تہ ڪين ذَاتُ الْجَنب (نمونيہ) جي بيماري آهي، ان ڪري هنن سندن علاج لاءِ "لَدُوْد" (۱) تجويز ڪيو. اها دوا وات جي اندران ٻنهي پاسن کان لڳائي ويندي آهي. اهو ڏسي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ گهرڀاتين کي ان علاج کان روڪيو، پر گهروارن سمجهيو تہ "عام طور مريض دوا کان لهرائيندا آهن، انڪري هنن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وات مبارڪ جي اندران لَدُوْد" لڳائي ڇڏيو پر پوءِ جڏهن سرور عالم ﷺ جن جي تڪليف ۾ ڪجهہ ڍرائي ٿي تڏهن فرمائڻ لڳا تہ "ذات الجنب" جي بيماري تہ شيطان جي پاران هوندي آهي، جنهن کان

(۱) "لدود" هڪ ديسي دوائن جو مرڪب آهي جيڪو، سيني ۽ ڳلي وغيره جي بيمارين يا بخار واسطي تيار ڪري مريض کي وات ۾ لڳايو ويندو آهي، ان دوا جو استعمال ان دور ۾ عام هو، انڪري گهر جا ڀاتي وڏي اعتماد سان اها دوا تيار ڪري مريض کي وات ۾ لڳائيندا هئا. هن دوا تيار ڪرڻ لاءِ "عودهندي" ۽ "ورس" نالي دوائن کي ڪُٽي ڇاڻي زيتون جي تيل ۾ ملائي پوءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

مدارج النبوة "شيخ عبدالحق محدث دهلوي" ج ۲ ص ۷۱۰.



Marfat.com

پروردگار مونکي پنهنجي پناه ۾ رکيو آهي. انکري هاڻي اهڙي علاج ڪرڻ وارن سان ٻلؤ ڪيو وڃي، يعني جيڪي بہ ياتي ان موقعي تي گهر ۾ موجود هئا انهن سمورن کي "لدود" لڳايو وڃي. سواء حضرت عباس رضہ جي جيڪو ان موقعي تي گهر اندر موجود نہ هو. ان ڪانپوء حضرت عباس رضہ ڪانسواء سيني ياتين سان ائين ئي ڪيو ويو.

علامہ گازروني، پنهنجي سيرت ۾ ڄاڻايو آهي تہ اهو واقعو ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ آچر جي ڏينهن پيش آيو.

* هن سال بيماري، دوران مني مرسل ﷺ جن فرمايو تہ ستن کوهن جي پاڻي، مان ست ڪليون اهڙي ريت ڀري اچو جو انهن جا منهن بند هجن. پوء اهو پاڻي آندو ويو، جنهن منجهان ڪجهہ پاڻي، سان نبي ڪريم ﷺ جن غسل فرمايو.

## پاڻ سڳورن ﷺ جو ڏندڻ استعمال ڪرڻ

* هن سال بيماري جي پوئين ڏينهن تي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت عبدالرحمان بن ابوبڪر رضہ جي هٿ ۾ هڪ تازو ڏندڻ ڏٺو ۽ پوء اهو وٺي استعمال ڪيائون.

## سرور ڪائنات ﷺ جن جي زبان مبارڪ مان نڪتل آخري لفظ

* هن سال بيماري دوران تاجدار مدينہ ﷺ جن جي زبان مبارڪ مان جيڪي آخري لفظ نڪتا اهي هي آهن.

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَارْحَمْنِيْ (اي الله مونکي بخش ۽ مون تي رحم ڪر).

وَالْحِقْنِيْ بِالرَّفِيْقِ الْاَعْلٰي (۽ مونکي ملاء رفيق اعليٰ سان).

هن جاء تي رفيق الاعليٰ مان مراد رب العالمين جي ذات بابرڪات آهي. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ ان مان مراد ٻيا نبي سڳورا، صديق، شهيد ۽ خدا تعاليٰ جا صالح ٻانها آهن، جن جي باري ۾ خود خدا تعاليٰ فرمايو آهي "وَحَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا" (النساء: ٦٩) "۽ اهي بهترين دوست آهن."

## پاڻ ڪريم ﷺ جن جو وصال

* هن سال ئي اهو واقعو پيش آيو، جنهن کي سيده عائشہ رضہ جي لفظن ۾ هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

"مان رسول خدا ﷺ جن کي پنهنجي سيني تي جهليو ويٺي هيس تہ اتي ئي منهنجي ڳچيء ۽ سيني جي وچ تي پاڻ سڳورن ﷺ منهنجي واري جي ڏينهن تي منهنجي ئي گهر ۾ وصال فرمايو."

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَعَلٰي آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَ بَارِكْ وَ سَلِّمْ.

## حضرت عزرائيل جي سرور ڪائنات ﷺ جن کان اجازت طلب ڪرڻ

* هن سال وصال کان ٽي ڏينهن اڳ موت، جو فرشتو حاضر ٿيو ۽ رسول خدا ﷺ جن کان پنهنجي ڪارروائي پوري ڪرڻ جي اجازت طلب ڪيائين.



Marfat.com

وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ. (١)

"محمد فقط الله جو رسول آهي، کانئس اڳ بہ الله جا رسول ٿي گذريا آهن".
پوءِ اهو آواز جنهن شخص جي بہ ڪنن تائين پهتو اهو ان آيت جي تلاوت ڪرڻ لڳو.

## غسل مبارڪ جو بيان

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ حضرت عَلي ڪرم الله وجهه جن ڪيس غسل ڏياريو. هن غسل ۾ حضرت علي رضہ سائين جن سان گڏ حضرت عَبّاس رضہ، سندس بہ پٽ "فَضل" ۽ "قُثَم" ڪان سواءِ پاڻ سڳورن ﷺ جا ٻہ آزاد ڪيل غلام اُسَامَہ ۽ شُقران پڻ شامل هئا. (٢)

غسل ڪانپوءِ نبي آخر الزمان ﷺ جن کي ٽن سفيد سوٽي ڪپڙن جو ڪفن ڍڪايو ويو، جنهن کي سحوليہ (٣) سڏيو ويو آهي ۽ ان ۾ قميض، شلوار ۽ پٽڪي وغيره جهڙي ڪابہ شيءِ شامل نہ

---

الزمان ﷺ جن جي مٿان هڪ يمني چادر پيل هئي. حضرت ابوبڪر صديق رضہ منهن مبارڪ تان اها چادر پاسي ڪري پاڻ ڪريمن ﷺ جي پيشاني مبارڪ کي چميندي اهي لفظ فرمايا ۽ پوءِ واپس مسجد نبوي ﷺ ۾ موٽي آيا، جتي ٻيا صحابي سڳورا نهايت پريشان ۽ غمگين حالت ۾ موجود هئا.

"صحيح بخاري باب مرض النبي ووفاته ج ٣ ص ٩٥. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٣٠٦. سيرة ابن حبان ص ۴٠٠." "تاريخ الخميس" "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٦٧. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۴ ص ۵۴۴. الطبقات الڪبرىٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٢٠۴.

(١) سوره آل عمران آيت ١۴۴ پاره ۴.

(٢) نبي اڪرم ﷺ جن جي وصيت مطابق حضرت علي ڪرم الله وجهه کين غسل ڏياريو. جڏهن تہ حضرت عباس ۽ سندس ٻہ پٽ "فضل" ۽ "قثم" پاڻ ڪريم ﷺ جن جي جسم اطهر کي اٿلائڻ ۽ پاسي مٽائڻ جي ڪم تي مامور هئا. باقي حضرت اسامہ ۽ شقران جي مٿان وري پاڻي وجهڻ جي ذميواري هئي. انصارن مان حضرت اوس بن خولي کي بہ غسل ڏيڻ وارن ۾ شامل ڪيو ويو هو. هڪ روايت مطابق پاڻ سڳورن ﷺ جي جسم مبارڪ کي ٽي دفعا غسل ڏنو ويو. پهريون دفعو صاف پاڻيءَ سان، ٻيو دفعو اهڙي پاڻيءَ سان جنهن ۾ ٻير جا پن پيل هئا. ۽ ٽيون دفعو وري ڪافور جي پاڻيءَ سان. سعد بن خيثمہ ۽ ڪجهہ ٻين راوين جو چوڻ آهي تہ غسل واسطي اهو پاڻي "غرس" نالي ان کوه مان آندو ويو هو جيڪو "قبا" ۾ موجود هو. جو جو پاڻ سڳورا ﷺ ان کوه جو پاڻي پيئڻ توڙي ان مان وضو ڪرڻ پسند ڪندا هئا.

سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٣١٢. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٧ ص ٢۴۵. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۴ ص ۵۵٧. سيرة مغلطائي ص ٣۵٢. سيرة النبويہ ﷺ "ذهبي" ص ۴٠٣. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٧٠. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج١ ص ٣٩٦. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ٢٢٩. تاريخ يعقوبي ج ٢ ص ١١۴.

(٣) نبي انور ﷺ جن کي بهترين ڪاٽن (سوٽي ڪپڙي) جو ڪفن ڏنو ويو، جنهن کي "سحوليہ" سڏيو ويو آهي. اهو انڪري جو اهو ڪپڙو يمن جي شهر "سحول" ۾ تيار ٿيندو هو.

ياقوت حموي جي خيال مطابق ان لفظ جو اچار "سُحَول" آهي، جو جو ان نالي ٻيان هڪ قبيلو اتي آباد هو، جنهن ڪري شهر تي بہ اهو نالو پئجي ويو. جڏهن تہ عبدالله بڪريءَ جو خيال آهي تہ ان جو اچار "سَحوَل" آهي. يمن ۾ ڪپڙي جي صنعت جا ٻہ وڏا مرڪز هئا.

١. نجران ٢. سحول.



Marfat.com

ابوعبدالله، نبي انور ﷺ جن جي دؤر ۾ ئي اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي صحبت مان مستفيض ٿيڻ لاءِ مديني ڏانهن هجرت ڪيائين ۽ جڏهن هو "جحفہ" تائين پهتو تہ ڪيس اتي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال جو اطلاع مليو. اهڙيءَ ريت هو وصال نبوي ﷺ کان پنج ڏينهن پوءِ مديني ۾ داخل ٿيو، سندس شمار وڏن قابل احترام تابعين ۾ ٿيندو آهي. (١)

## سُوَيد بن غَفَلَہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن ئي سال سُوَيْد بن غَفَلَہ بِن عَوْسَجَہ عَوْفِي نبي آخر الزمان ﷺ جن جي زيارت لاءِ ڪوفي کان نڪتو ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي دفن وقت مديني پهتو.

حضرت سُوَيد عمر جو گهڻو حصو جاهليت واري دؤر ۾ گذاريو، آخر پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ ئي اسلام قبول ڪيائين پر ڪيس زيارت جو شرف حاصل ٿي نہ سگهيو. هو ڪوفي جو رهاڪو هو ۽ عام الفيل ۾ ڄائو هو. (٢)

## حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت

* هن ئي سال حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت لاءِ بَيْعَت وٺڻ جو واقعو پيش آيو.

تاريخ الخلفاء ۾ جلال الدين سيوطي ڄاڻايو آهي تہ "رسول انور ﷺ جن جي وصال واري ڏينهن تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي بيعت ڪئي ويئي. اهو سومر جو ڏينهن ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ ۽ هجرت جو يارهون سال هو." (٣)

## سيده فَاطِمَةُ الزَّهْراء رضہ جي رحلت

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سيده فاطمة الزهراء رضہ اڳاري ڏينهن رمضان شريف جي ٽين تاريخ تي وفات فرمائي. (٤)

---

"صحيح مسلم" ڪتاب الجنائز ج ٣ ص ٦١. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ٣١٣. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۴ ص ٥٦٣ ـ٥٦٢. الانساب الاشراف "بلاذري" ج ١ ص ٥٧٨ ـ ٥٧٥. الروض الانف "سهيل" ج ۴ ص ٢٩٣. الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٢٣٢. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ١ ص ١۴٨. "تاريخ طبري" ج ٢ ص ۴٥٢.

(١) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٢ ص ٢٨۴ ـ ٢٨٣. الاصابہ "ابن حجر" ج ٣ ص ٩٧. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣١٠.

(٢) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٢ ص ٢٣٧. الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ١٠٠.

(٣) تاريخ الخلفاء "سيوطي ص ٦٥. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٢١٦ ـ ٢١٥. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٢٠٠ ـ ١٩٩. الرياض النضره "محب طبري" ج١ ص ٢٣١.

(١) سيده فاطمة الزهراء رضہ جي وفات بابت راوين مختلف تاريخون بڌايون آهن. جن مان مٿين تاريخ تي اڪثريت ڪي اتفاق آهي ۽ ان جا حوالا هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن.

الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۴٥٢. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٦۴. تاريخ طبري ج ٢ ص ۴٧٣. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ۴٣۴. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ۴٩. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ٣٨٠. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٥٢۴.



Marfat.com

اهـو واقعـو سرور عالم ﷺ جن جي وصـال کان ڇهه مهينا پوءِ پيش آيو. وفات وقت خاتون جنت رضہ جي ڄمار اوڻٽيهہ ورهيہ هئي. ان اختلاف جو ڪارڻ اهو آهي جو خود سيده رضہ جي ڄمڻ واري سال ۾ اختلاف آهي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ هن بيبي سائڻ جي ولادت، نبوت کان اڳ ان وقت ٿي هئي، جڏهن قريش ڪعبة الله جي تعمير ۾ رڌل هئا. ان وقت امام الانبياء ﷺ جن جي عمر مبارڪ پنجٽيهہ ورهيہ هئي. جڏهن تہ ٻين جو چوڻ آهي تہ سيده فاطمة الزهراء رضہ نبوت جي پهرين سال ڄائي هئي، ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي عمر مبارڪ جو ايڪيتاليهون سال شروع ٿي چڪو هو.

"الاذڪار نووي" جي شرح ۾ ابن عـلانُ ڄاڻايو آهي تہ هن بيبي سڳوري جي ڄمڻ بابت پهريون قول صحيح آهي. (١)

مٿين اختلاف سبب هي مونجهارو بہ پيدا ٿئي ٿو تہ ان وقت خاتون جنت رضہ جي عمر مبارڪ ڪيتري هئي، جنهن وقت سيدنا علي ڪرم الله وجهه سان لائون لڌائين؟ هڪ روايت موجب ان وقت سندن ڄمار اوڻيهہ سال هڪ مهينو ۽ تيرهن ڏينهن هئي. جڏهن تہ ٻي روايت ۾ ان وقت سندن ڄمار پندرهن سال پنج مهينا ۽ پندرهن ڏينهن ٻڌائي ويئي آهي.

## حضرت اُمِّ اَيمَن رضہ جي وفات

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دائي ۽ آزاد ڪيل ٻانهي حضرت اُمِّ اَيمَن بَرڪه حَبَشيَّہ رضہ بہ وفات فرمائي. اهو واقعو سيد الانبياء ﷺ جن جي وصال کان پنج يا ڇهه مهينا پوءِ پيش آيو. (٢)

---

(١) الاذڪار نووي "شرح ابن علان" ص ٦٢.

(٢) پيغمبر آخر الزمان ﷺ جن جي آيا ۽ دائي حضرت ام ايمن جنهن جو نالو تہ "برڪة بنت ثعلبہ بن عمرو بن حصن بن مالڪ بن سلمہ" ٻڌايو ويو آهي پر هيءَ پنهنجي ڪنيت جي حوالي سان ئي مشهور آهي. هوءَ نبي انور ﷺ جن جي بابي سائينءَ حضرت عبدالله جي ٻانهي هئي. جيڪا پاڻ سڳورن ﷺ کي ورثي ۾ ملي. سندس پهرين شادي "عبيد بن زيد سان ٿي. جتان ڪيس "ايمن" نالي پٽ ڄائو. جنهن ڪري ڪيس ام ايمن سڏيو ويندو آهي. عبيد جي وفات کانپوءِ سندس نڪاح حضرت زيد بن حارثہ رضہ سان ٿيو ۽ ان گهر مان ڪيس اسامہ بن زيد رضہ ڄائو.

صحابيات جي صف ۾ حضرت ام ايمن رضہ جو مقام گهڻو مٿانهون آهي. سرور عالم ﷺ جن جي ولادت کان وٺي وصال تائين ام ايمن رضہ کي سندن خدمت ڪرڻ جو شرف حاصل رهيو.

ننڍپڻ ۾ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن پنهنجي امڙ سائڻ حضرت "آمنہ" سان گڏ مديني کان مڪي موٽي رهيا هئا تہ رستي ۾ "ابواء" وٽ سيده "آمنہ" انتقال فرمايو ۽ پوءِ "ام ايمن" ئي پنهنجي سر امام الانبياء ﷺ جن کي موٽائي مڪي وٺي آئي. جنهن کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي مهربان ڏاڏي حضرت عبدالمطلب وٽ رهيا يا شفيق چاچي حضرت ابوطالب وٽ. پر "ام ايمن" هر جاءِ تي سندن خدمت ۾ پيش پيش رهي. اهوئي سبب آهي جو سرور ڪائنات ﷺ جن هڪ موقعي تي فرمايو: "منهنجي امڙ کانپوءِ ام ايمن منهنجي امڙ آهي."

پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال کانپوءِ سمورا ڪبار صحابہ حضرت "ام ايمن" جي وڏي عزت ۽ توقير ڪندا هئا. سيد الڪونين ﷺ جي وصال جو "ام ايمن" کي سخت صدمو رسيو ۽ مرڻ گهڙي تائين ان غم ۾ سندس اکيون



Marfat.com

حضرت اُمِّ اَيُمَن رضہ شروعاتي دؤر ۾ ني اسلام قبول ڪيو هو. هن پهريان "حبش" ڏانهن هجرت ڪئي ۽ پوءِ مديني ڏانهن هجرت جي سعادت حاصل ڪيائين. سندس مسلمان ٿيڻ جو ذڪر هن ڪتاب جي پهرين باب جي پهرين فصل ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

## حضرت عُڪَاشَہ رضہ بن مِحۡصِن جي شهادت

* هن سال مشهور صحابي حضرت عُڪَاشَہ رضہ بِن مُحِصُن اَسَدِيءَ کي شهيد ڪيو ويو. (١)

## جنگ يَمَامَہ جو واقعو (٢)

* هن سال حضرت ابوبڪر صديق رضہ پنهنجي خلافت ۾ هڪ لشڪر "جنگ يَمَامَہ" لاءِ اماڻيو جنهن جو اڳواڻ خَالِد رضہ بِن وَلِيۡد هو. الله تعاليٰ سندس هٿان پنهنجي لطف سان هن لشڪر کي سوڀ

---

آليون رهيون. جيڪڏهن ڪو شخص ڪيس سمجهائيندو هو تہ هوءَ جواب ۾ چوندي هئي تہ "مونکي خبر آهي تہ الله جي رسول ﷺ جن جو وصال ٿي چڪو آهي پر آءٌ ان لاءِ ٿي روئان تہ هن زمين تي وحيءَ جي نازل ٿيڻ جو سلسلو هميشہ لاءِ بند ٿي ويو."

حضرت "ام ايمن" جي وفات جون راوين طرفان مختلف تاريخون ٻڌايون ويون آهن پر صحيح روايت اها آهي تہ سندس وفات نبي انور ﷺ جن جي وصال کان پنج ڇهہ مهينا پوءِ ٿي آهي. والله اعلم بالصواب.

"صحيح مسلم" ڪتاب فضائل الصحابہ ج ٧ ص ١٤٥. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ٣٥٧ ـ ٣٥٦. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۴٣۴ ـ ۴٣٢. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۵٦٨ ـ ۵٦٧. سيرة مغلطائي ص ٣٦٦. حلية الاولياء "ابونعيم" ج ٢ ص ٦٨ ـ ٦٧. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ١ ص ١١. العبر "ذهبي" ج ١ ص ١١. شذرات الذهب ابن العماد ج١ ص ٢٧.

(١) عڪاشہ بن محصن اسدي هڪ جليل القدر صحابي آهي، جنهن مڪي ۾ اسلام قبول ڪيو. مديني ڏانهن هجرت ڪيائين بدر، احد، خندق ۽ ٻين غزوات ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ سان گڏجي ٻهرو ورتائين.

رسول خدا ﷺ جن سندس باري ۾ فرمايو تہ هو "بنا حساب جي جنت ۾ ويندو." سندس شهادت بابت ٻہ روايتون مشهور آهن، هڪ روايت مطابق کيس پاڻ ڪريمن ﷺ هڪ "سريہ" سان بنو خزيمہ وارن ڏانهن اماڻيو هو. جتي هو طليحہ بن خويلد اسديءَ هٿان شهيد ٿيو. ٻي روايت مطابق هو حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت دوران "رده" واري واقعي ۾ خويلد اسديءَ هٿان شهيد ٿيو. والله اعلم.

الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٣ ص ٦٨ ـ ٦٧. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ٢، الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٣ ص البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٦ ص ٣۴٣، "العبر" "ذهبي" ج ١ ص ١١. شذرات الذهب ابن العماد ج ١ ص ٢٧.

(١) "يمامہ" عربي زبان ۾ ڳيري کي ٻہ چئبو آهي تہ ڪبوتر جهڙي هڪ ٻئي پکيءَ کي ٻہ، جيڪو خشڪيءَ تي رهندو آهي. هن پکيءَ کي ڳيري ۽ قمريءَ وانگر ڳلي ۾ خوبصورت ڳاني ٻہ ٿيندي آهي.

"يمامہ" يمن جو هڪ خوبصورت ۽ سرسبز شهر هو، جتي قسمين قسمين وڻ ۽ ڪجين جا عاليشان باغ هوندا هئا. جنهن ڪري هتي پکي پرندا بہ جام رهندا هئا. جيڪي انهن وڻن ۽ ميون مان پنهنجو رزق حاصل ڪندا هئا. انهن پکين ۾ "يمامہ" جو تعداد سيني کان وڌيڪ هوندو هو، جنهن ڪري هن شهر تي اهو نالو پئجي ويو.

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هتي هڪ نهايت حسين ۽ جميل ڇوڪري رهندي هئي، جنهن جو نالو "زرقاء اليمامہ" هو. سندس اکيون اتريون تہ سهڻيون ۽ پرڪشش هيون جو ان دور جا ماڻهو انهن اکين جو مثال ڏيندا هئا. نسلي لحاظ کان هن ڇوڪريءَ جو تعلق ارم بن سام بن نوح جي نسل سان هو. جڏهن تہ سندس پيءُ جو نالو "مره" هو. ان ڇوڪريءَ جي اکين جي شهرت ايتريقدر ٿي ويئي جو هن شهر تي ئي اهو نالو پئجي ويو. والله اعلم.

معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۵ ص ۴۴١، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٢٢٠.



Marfat.com

قتل تائين عرصو اٽڪل چار مهينا ٿيندو."

## مُسَيْلِمَہ ڪَذّاب جو قتل ۽ جنگ يمامہ جا ڪجھ واقعات (۱)

* هن سال "جنگ يمامہ" ۾ مشرڪن منجهان مشهور ڪذاب ۽ دجال "مُسَيْلِمَہ" بہ مارجي ويو، جنهن نبي اڪرم ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي هئي، ڪيس وحشي بن حرب

(۱) نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ اسلام جا مخالف ۽ منافق خدا جي سچي دين خلاف وري نئين سر سازشن ۾ مشغول ٿي ويا. ان سلسلي ۾ هڪ طرف زڪواة جا انڪاري هئا تہ ٻئي طرف وري ارتداد جو فتنو. ان ڪانسواءِ نبوت جا ڪوڙا دعويدار بہ ڪمر ڪشي ميدان ۾ لهي آيا. ڏهہ لک چورس ميلن کان بہ مٿي علائقي تي اسلامي سلطنت قائم ٿي چڪي هئي، انهن ڏکين ۽ اٿانگن رستن کي پار ڪري، انهن علائقن تائين پهچڻ ۽ اتي آباد مختلف قبيلن سان منهن ڏيڻ ڪو معمولي مسئلو نہ هو. جڏهن تہ مسلمانن وٽ وسائل جي بہ بيحد ڪمي هئي پر ڪين دين جي حقانيت ۽ الله جي تائيد ۽ نصرت جو پورو پورو يقين هو. مسلمانن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي قيادت ۾ جنهن عزيمت ۽ استقامت، جرئت ۽ بصيرت، فهم ۽ فراست، تدبر ۽ تحمل سان انهن سمورين سازشن جو مقابلو ڪيو، ان خدا جي سچي دين کي هڪ دفعو وري سرخرو ڪري ڏيکاريو.

"يَمَامَہ" جي جنگ بہ ان سلسلي جي ئي هڪ ڪڙي هئي، جيڪا مديني جي ڏکڻ اوير ۾ بنو بڪر قبيلي جي هڪ انتهائي طاقتور شاخ بنو حنيفہ خلاف لڙي ويئي، جنهن جي اڳواڻي "مُسَيْلِمَہ ڪَذّاب" ڪئي هئي. جڏهن تہ اسلامي لشڪر جو اڳواڻ حضرت خالد رضہ بن وليد هو.

مُسَيْلِمَہ ڪَذّاب سان گڏ سندس قبيلي جا چاليھ هزار جنگي جوان هئا. ان ڪانسواءِ يربوع قبيلي جي هڪ خوبصورت ۽ ذهين عورت سجاح بہ (جيڪا پڻ نبوت جي ڪوڙي دعويدار هئي) ان وقت جڏهن "مُسَيْلِمَہ" سان شادي ڪئي تڏهن اها بہ پنهنجي سموري راڄ ڀاڳ سوڌي اچي سائس ملي. ان ڪانسواءِ ايراني ۽ بازنطيني سلطنت جا سمورا سازشي ٽولا بہ مُسَيْلِمَہ جي ئي پٺيان هئا. ان ڪري هو هاڻي اسلام لاءِ وڏي ۾ وڏو خطرو بڻجي چڪو هو. اهوئي سبب هو جو حضرت ابوبڪر صديق رضہ سندس مقابلي جو پڪو پهہ ڪيو. ان مقصد لاءِ اسلامي لشڪر مديني کان يمن جو رخ رکيو. "يمامہ" ويجهو "عقرباء" جي ميدان ۾ مسلمانن جو لشڪر "مُسَيْلِمَہ" جي لشڪر سان دوبدو ٿيو. ان وقت ائين پئي محسوس ٿيو تہ اسلام جي مستقبل جو مدار هن جنگ جي نتيجي تي آهي. جنهن ڪري چئني طرفن کان دشمن جون اکيون هن جنگ ۾ کتل هيون. مسلمانن نهايت عزم ۽ استقلال سان پاڻ کان وڌيڪ ۽ طاقتور لشڪر جو مقابلو ڪيو. هن موقعي تي خالد بن وليد، زيد بن خطاب، سائب بن مظعون ۽ دين جي جذبي سان سرشار ٻين صحابين دشمن جي صفن ۾ تاڪوڙو وجهي ڇڏيو ۽ جنگ جو ميدان لاشن سان ڀري ڇڏيائون. هاڻي دشمن جي همت جواب ڏيئي چڪي هئي ۽ اهي پنهنجي بچاءَ جون تدبيرون ڳولي رهيا هئا. ميدان جنگ جي ويجهو سندن هڪ وڏو باغ هو. جنهن جي چوڌاري هڪ مضبوط ڪوٽ نڪتل هو. "مُسَيْلِمَہ" پنهنجي بچيل لشڪر سميت ان باغ ۾ داخل ٿي ڪوٽ جو دروازو اندران بند ڪرائي ڇڏيو. هاڻي هو ڪا نئين حڪمت عملي سوچي رهيا هئا تہ ايتري ۾ شهادت جي جذبي سان سرشار هڪ صحابي سڳوري جنهن جو نالو "براء بن مالڪ" هو. پنهنجي ماڻهن کي چيو تہ "مون کي ڪوٽ جي



Marfat.com

نالي ساڳي شخص قتل ڪيو، جنهن جي هٿان سرور عالم ﷺ جن جو چاچو سائين حضرت حمزه شهيد ٿيو هو. مرڻ وقت مسيلمه جي عمر هڪ سؤ پنجاهه ورهيه هئي.

* هن سال جنگ "يَمَامَہ" ۾ صحابين جي سٽ منجهان حضرت زَيْد رضہ بن خطاب شهيد ٿي ويو، جيڪو حضرت عُمَر بن خطاب رضہ جو ڀاءُ هو. هو حضرت عمر رضہ کان عمر ۾ وڏو هو تہ ڪانئس اسلام بہ اڳ قبول ڪيو هئائين.

* هن سال ان ساڳيءَ جنگ ۾ صحابي سڳورن مان حضرت ثَابِت رضہ بِن قَيْس بن شَمَّاس اَنْصَارِيءَ ۽ حضرت عباد رضہ بن بشر انصاري خزرجي بہ شهيد ٿيا. حضرت ثَابِت رضہ بن قيس اَنْصَارن جو خطيب هو.

* هن سال "جنگ يَمَامَہ" دوران مُسَيْلِمَہ جي لشڪر مان ويهہ هزار مشرڪ قتل ٿي ويا، جڏهن تہ خالد رضہ بن وليد جي لشڪر منجهان ٻارهن سؤ صحابين شهادت ماڻي. جن منجهان ڪجهہ صحابين جا نالا مٿي ٻڌايا ويا آهن ۽ ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا.

اَبُوحُذَيْفَہ بِن عُتْبَہ، "سَالِم" سندس آزاد ڪيل غلام، شُجَاع بِن وَهْب، عَبْدُالله بِن سَهْل، مَالِڪ بِن عَمْرو، طُفَيْل بِن عَمْرو دَوْسِي، يَزِيْد بن قَيْس، عَامِر بن ڪَبِيْر، عبدالله بِن مَخْرَمہ، سَائِب بِن عُثْمَان بن مَظْعُوْن مَعْن بِن عَدِيّ، ۽ اَبُودُجَانَہ سِمَاڪ بن خَرَشَہ وغيرهم رضي الله تعاليٰ عنهم.

---

ٻت تائين ٻهجايو." ٻين صحابي سڳورن سندس حڪم جي تعميل ڪئي. هن ٻت جي مٿان چڙهي هيٺ ٽپو ڏنو ۽ ٻهريدار کان چابي کسي ڪوٽ جو دروازو کوليائين.

دروازي کلڻ جي دير هئي، اسلامي لشڪر خدائي قهر بڻجي ڪافرن تي ٽٽو. هن موقعي تي دشمن طرفان بہ پوري قوت سان مقابلو ڪيو ويو. نهايت ڇتي ويڙهہ هلي، جنهن ۾ مُسَيْلِمَہ مارجي ويو. سندن مال ۽ ملڪيت مسلمانن کي غنيمت ۾ مليو ۽ سندن ٻارن ۽ عورتن کي غلام بڻائي مديني آندو ويو. جنهن باغ ۾ مُسَيْلِمَہ ۽ سندس مشرڪ سائين کي ماريو ويو، ان کي تاريخ ۾ حديقة الموت (موت جو باغ) جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. "مُسَيْلِمَہ" جي هن شڪست ٻين ڪافرن جي ارادن کي بہ پست ڪري ڇڏيو. مشرڪن ۽ منافقن کي هاڻي يقين ٿي ويو تہ اسلام هن زمين تي هميشہ قائم دائم رهندو، انڪري هو وري نئين جذبي سان اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سوچڻ لڳا.

"بنو حنفيہ" وارن جا جيڪي قيدي، مسلمان مديني وٺي آيا، انهن ۾ "خولہ بنت جعفر" نالي هڪ خاتون بہ هئي، جيڪا سيدنا علي رضہ سائينءَ جي حصي ۾ آئي. حضرت عليءَ رضہ ڪيس مسلمان ڪرڻ کانپوءِ ساڻس نڪاح ڪيو ۽ حضرت محمد بن حنفيہ هن ٻيبي سڳوريءَ جي پيٽان ڄائو. جنهن کي امام حسين سائينءَ جي شهادت کانپوءِ آل عليءَ جو وارث سمجهيو ويندو هو.

سيرة ابن حبان ۴۲۶ ـ ۴۴۳. تاريخ طبري ج ۲ ص ۵۱۹ ـ ۵۰۴. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٦ ص ۳۴٦ - ۳۴۵. تاريخ يعقوبي ج ۲ ص ۱۳۰. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۲۲۰.



Marfat.com

# حضرت عَبْدُاللہ بن ابوبکر رضہ جي وفات

* هن سال شوال مهيني ۾ حضرت عبدالله بن ابوبکر صديق رضہ گذاري ويو. (١)

# حضرت اَبُوالْعَاص رضہ جي وفات

* هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جو نياڻو حضرت اَبُوالْعَاصِ بِن رَبِيْع گذاري ويو، جنهن جو نڪاح رسول اڪرم ﷺ جن جي نياڻي سيده زينب رضہ سان ٿيل هو. (٢)

---

(١) حضرت عبدالله بن ابوبکر رضہ کي "غزوه طائف" ۾ وڙهندي ابومحجن ثقفيءَ هڪ تير هنيو هو، جنهن جو ڦٽ ڇٽي نہ سگهيو ۽ اهوئي سندس موت جو ڪارڻ بڻيو.

سيرة ابن حبان ص ٤٣٥، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٦ ص ٣٤٣. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٣ ص ١١، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ١٩٩.

(٢) پاڻ ڪريمن ﷺ جو نياڻو حضرت "ابوالعاص بن ربيع عبشمي" سيده خديجة الڪبريٰ جو ڀاڻيجو هو. سندس ماءُ جو نالو هاله بنت خويلد يا وري ڪن راوين طرفان هند بنت خويلد بہ ٻڌايو ويو آهي، ان لحاظ سان هو نبي ڪريم ﷺ جن جي اهڙي اولاد جو ماسات ٿيو جيڪي ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ مان هئا.

سندس نالي ۾ بہ راوين جو گهڻو اختلاف آهي، انڪري ڪيترائي نالا ڏانهس منسوب آهن، جيئن تہ لغيط، هشيم، مهشم ۽ "لقيط" وغيره، جنهن مان اڪثريت جو اتفاق "لقيط" تي آهي. ابوالعاص جو نڪاح پاڻ ڪريمن ﷺ جي وڏي نياڻي سيده زينب رضہ سان شروعاتي دور ۾ ٿي چڪو هو پر رخصتي نہ ٿي هئي، ڇو جو "ابوالعاص" گهڻي وقت تائين دين کان دور رهيو.

سن اٺين هجريءَ جي ابتداء ۾ مڪي جي فتح کان اڳ ابوالعاص اسلام قبول ڪيو، جنهن کانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي نياڻيءَ جي رخصتي ڪئي. ڪجهہ راوين جو چوڻ آهي تہ هن موقعي تي سندن نڪاح ٻيهر پڙهيو ويو جڏهن تہ ڪن جو خيال آهي تہ ان پهرين نڪاح کي ئي برقرار رکندي سيده زينب رضہ کي رخصت ڪيو ويو ۽ اها رخصتي اٽڪل ڇهن ورهين کانپوءِ ٿي هئي.

هڪ روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت زينب رضہ جي رخصتي بہ شاديءَ کان سنت ئي پوءِ ٿي هئي پر "حديبيہ" واري موقعي تي جڏهن ايمان وارين عورتن جي ڪافرن سان نڪاح کي حرام قرار ڏنو ويو. تڏهن نبي انور ﷺ جن پنهنجي نياڻيءَ کي واپس پنهنجي گهر گهرائي ورتو، ۽ پوءِ بہ ورهيہ سيده زينب رضہ پنهنجي گهرواري کان الڳ رهي. ان روايت تي اڪثر مؤرخن کي اتفاق نہ آهي ۽ اهي پهرين روايت کي ئي صحيح سمجهن ٿا.

شاديءَ کانپوءِ سيده زينب رضہ کي ٻہ ٻار ڄاوا، جن مان پٽ جو نالو "علي" ۽ نياڻيءَ جو نالو "امامہ" ٻڌايو ويو آهي. علي بن ابوالعاص تہ ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ ئي گذاري ويو. باقي سيده امامہ جو نڪاح سندس ماسي حضرت فاطمة الزهراء جي وفات کانپوءِ حضرت عليءَ رضہ سان ٿيو هو.

البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٦ ص ٣٥٩ ـ ٣٥٨. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٤ ص ٢٦٦ ـ ٢٦٤. الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ١٢٣ ـ ١٢١. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٢٣٨ ـ ٢٣٦.



Marfat.com

ان سان گڏ اسان جو هي ڪم پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتو. اڄ صفر مهيني جي چوٿين تاريخ سن ١١٦٨ هه ذاري اربع جي رات خير و خوبيءَ سان الله تعاليٰ هن مسودي کي مڪمل فرمايو.

وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ سُبْحَانَهٗ وَتَعَالٰى عَلَى التَّمَامِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ سَيِّدِنَا الْاِمَامِ وَعَلٰىٓ اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ الْبَرَرَةِ الْكِرَامِ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهم وَرَضُوْ عَنْهُ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ.

وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ.

اڄ صفر مهيني جي ٢٦ تاريخ سن ١٤١٨ ذاري اربع جي رات ٻارهن لڳي پنجويهن منٽن تي، هي ترجمو مڪمل ٿيو. الحمد لله رب العالمين والصلواة والسلام علىٰ سيد المرسلين وعلىٰ وآله وصحبه اجمعين. آمين. ناچيز اسرار احمد علوي.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ، اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصّٰلِحِيْنَ.

**پورو ٿيو**



Marfat.com

# مصادر و مراجع


| | | |
|---|---|---|
| 1. القرآن الحكيم | | |
| 2. اتحاف الاكابر | محمد هاشم ٹٹوي | قلمي |
| 3. احكام القرآن | جصاص | بيروت |
| 4. اخبار الطوال | دينوري | دارالكتب العلمية بيروت ٢٠٠١ |
| 5. اخبار مدينة الرسول | ابن النجار | مكتبة الثقافة مكة |
| 6. اخبار مكة | ازرقي | دارالثقافة مكة ٢٠٠١ |
| 7. اخبار مكة | فاكهي | بيروت مطبعة النهضة الحديثه مكه |
| 8. الاذكار | امام نووي | دار ابن كثير بيروت ١٩٩٢ |
| 9. ارشاد الساري | قسطلاني | بيروت |
| 10. ازواج النبي ﷺ | شامي | دار ابن كثير بيروت ١٩٩٢ |
| 11. ازواج النبي ﷺ و اولاده | ابو عبيدة | دار مكتبة التربية بيروت ١٩٩٠ |
| 12. الاستيعاب | ابن عبدالبر | علي هامش الاصابة دار احياء التراث الاسلامي ١٣٢٨هـ |
| 13. الاستيعاب | ابن عبدالبر | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٥ |
| 14. اسد الغابة | ابن الاثير | دار احياء التراث العربي بيروت ١٩٩٦ |
| 15. الاشارة | مغلطائي | الدار الشامية بيروت ١٩٩٦ |
| 16. الاشارة | ذهبي | دار ابن الاثير بيروت ١٩٩١ |
| 17. الاصابة | ابن حجر | دار احياء التراث اسلامي بيروت ١٣٢٨هـ |
| 18. الاعلام | زركلي | دارالعلم للملايين بيروت ١٩٨٦ |
| 19. آكام المرجان | ابو عبدالله شبلي | نور محمد كارخانه تجارت كراچي |
| 20. الاكتفاء | كلاعي | عالم الكتب بيروت ١٩٩٧ |
| 21. امتاع الاسماع | مقريزي | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٩ |
| 22. امعان النظر | محمد اكرم نصرپوري | اداره ابو سعيد غلام مصطفى قاسمي |
| 23. الانساب | سمعاني | دارالفكر بيروت ١٩٩٨ |
| 24. انساب الاشراف | بلاذري | دارالفكر بيروت ١٩٩٦ |
| 25. البحر الرائق | ابن نجيم | مكتبه رشيديه كوئٹه |
| 26. بحر العلوم | سمرقندي | مكتبة دارالباز بيروت ١٩٩٣ |
| 27. البداية والنهاية | ابن كثير | دارالكتب العلمية بيروت |
| 28. بذل القوة | مرتب: امير احمد عباسي | لجنة احياء الادب السندي ١٩٦٦ |




Marfat.com

| | | |
|---|---|---|
| 29. بلوغ المرام | ابن حجر | دار ابن الجوزي ۱۹۹۶ |
| 30. بهجة المحافل | عامري | دارالكتب العلمية بيروت ۱۹۹۶ |
| 31. بهجة النفوس والاسرار | مرجاني | مكتبة نزار مصطفى الباز مكة ۱۹۸۸ |
| 32. تاج العروس | زبيدي | بيروت |
| 33. التاج المكلل | صديق حسن خان | مكتبة دارالسلام رياض ۱۹۹۵ |
| 34. تاريخ ابي الفداء | ابن ايوب | دارالكتب العليمة بيروت ۱۹۹۷ |
| 35. التاريخ | ابن الوردي | دارالكتب العليمة بيروت ۱۹۹۶ |
| 36. تاريخ الاسلام | ذهبي | بيروت |
| 37. تاريخ الامم والملوك | طبري | موسسة الاعلمي |
| 38. تاريخ الخلفاء | سيوطي | نور محمد كارخانه تجارت كراچي |
| 39. تاريخ الخميس | ديار بكري | موسسة شعبان بيروت |
| 40. التاريخ الكبير | امام بخاري | دار الباز مكة المكرمة |
| 41. التاريخ القويم | محمد طاهر كردي | دارالفكر بيروت ۲۰۰۰ |
| 42. تاريخ مدينة | ابن شبه | منشورات دارالفكر قم ۱۴۱۰هـ |
| 43. تاريخ مدينة المنورة | الياس عبدالغني | .......... |
| 44. تاريخ معالم مدينة | احمد ياسين خياروي | بيروت |
| 45. تاريخ يعقوبي | يعقوبي بغدادي | دارالكتب العلمية بيروت ۱۹۹۹ |
| 46. التحفة اللطيفة | سخاوي | دارالكتب العلمية بيروت ۱۹۹۳ |
| 47. تذكرة الحفاظ | ذهبي | دارالكتب العلمية بيروت |
| 48. تركة النبي ﷺ | حماد بن اسحاق | بيروت ۱۹۸۴ مصر |
| 49. جامع البيان | طبري | دارالمعرفة بيروت ۱۹۸۷ |
| 50. تفسير القرآن العظيم | ابن كثير | دارالقلم بيروت |
| 51. تلقيح فهوم اهل الاثر | ابن الجوزي | اداره احياءِ السنة گوجرانوالا |
| 52. التمهيد | عبيدالله سندي | لجنة احياءُ الادب السندي |
| 53. تهذيب التهذيب | ابن حجر | دارالكتب العلمية بيروت ۱۹۹۴ |
| 54. الجامع لاحكام القرآن | قرطبي | انتشارات ناصر خسرو ايران ۱۹۷۶ |
| 55. الجامع الصحيح | امام بخاري | دارالمعرفة بيروت |
| 56. الجامع الصحيح | امام مسلم | دارالفكر بيروت |
| 57. جمهرة انساب العرب | ابن حزم | دار الكتب العربية بيروت |
| 58. جوامع السيرة | ابن حزم | اداره احياءُ السنة گوجرانوالا |
| 59. حجة النبي ﷺ | احمد عبدالغفور عطار | وزارة الحج والاوقاف سعودي عرب |





Marfat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| .60 | حجة الوداع | ابن حزم | دارالكتب العلمية بيروت ٢٠٠١ |
| .61 | حدائق الانوار | بحرق حضرمي | دار الحاوي بيروت ١٩٩٨ |
| .62 | حسن المحاضرة | سيوطي | دارالكتب العلمية ١٩٩٧ |
| .63 | الحطة | صديق حسن قنوجي | دارالكتب العلمية ١٩٨٥ |
| .64 | حلية الاولياء | ابو نعيم | دارالكتب العلمية ١٩٨٨ |
| .65 | خاتم النبيين ﷺ | ابو زهرة | دارالتراث بيروت |
| .66 | الخصائص الكبرى | سيوطي | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٨٥ |
| .67 | خصائص امير المؤمنين علي بن ابي طالب رضـ | امام نسائي | مجمع احياء الثقافة الاسلامية ١٤١٩هـ |
| .68 | خلاصة السير | محب طبري | بيروت مكتبه نزار مصطفى الباز ١٩٩٧ |
| .69 | دائرة المعارف | فريد وجدي | بيروت |
| .70 | دائرة المعارف | بطرس بستاني | بيروت |
| .71 | دراسات اللبيب | مخدوم محمد معين | لجنة احياء الادب السندي |
| .72 | الدرة الثمينة | ابن النجار | دارالمدينة المنورة ١٩٩٦ |
| .73 | الدر الثمين | شنقيطي | دارالقبلة للثقافة الاسلامية جدة ١٩٩٠ |
| .74 | الدرر | ابن عبدالبر | دار المعارف بيروت |
| .75 | الدرر الكامنة | ابن حجر | دار احياء التراث العربي بيروت |
| .76 | دلائل النبوة | بيهقي | دار الكتب العلمية بيروت ١٩٨٨ |
| .77 | دلائل النبوة | سعيد بن عبدالقادر | دارالخراز جدة ١٩٩٧ |
| .78 | دلائل النبوة | ابو نعيم اصبهاني | دارالنفائس بيروت |
| .79 | ذب الذبابات | مخدوم عبداللطيف ثتوي | ........... |
| .80 | الرحيق المختوم | صفي الرحمن مباركپوري | دارالسلام رياض ١٩٩٣ |
| .81 | الرسالة المستطرفة | جعفر كتاني | دارالبشائر الاسلامية ١٩٩٣ |
| .82 | روضة الانف | سهيلي | دارالفكر بيروت ١٩٨٩ |
| .83 | الرياض المستطابة | عامري | مؤسسة المعارفة بيروت ١٩٨٨ |
| .84 | المسالك والممالك | ابن خردازبة | قاهره |
| .85 | الرياض النضرة | محب طبري | دارالكتب العلمية بيروت |
| .86 | زاد المعاد | ابن القيم | مؤسسة الرسالة بيروت ١٩٩٢ |
| .87 | زبدة الاعمال | اسفرائيني مكي | مكتبة نزار مصطفى الباز مكة ١٩٩٧ |
| .88 | سبل الهدى والرشاد | شامي | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٣ |
| .89 | السرايا والبعوث النبوية | ابو مايلـ عمري | دار ابن الجوزي ١٩٩٦ |




Marfat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 90. | سلك الدرر | علامہ مرادي | دار الكتب العلمية بيروت ١٩٩٧ |
| 91. | سنن ابن ماجہ | ابن ماجہ | ........... بيروت |
| 92. | سنن ابي داؤد | ابو دائود | ........... بيروت |
| 93. | سنن ترمذي | ترمذي | ........... بيروت |
| 94. | سيرة ابن اسحاق | ابن اسحاق | دارالخاني رياض |
| 95. | سنن دارمي | دارمي | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٦ |
| 96. | سنن الكبرىٰ | بيهقي | ............ |
| 97. | الوفا باحوال المصطفىٰ ﷺ | ابن الجوزي | دارالكتب الحديثة مصر |
| 98. | سنن نسائي | نسائي | دار احياء التراث العربي بيروت |
| 99. | سير اعلام النبلاء | ذهبي | دارالفكر بيروت ١٩٩٧ |
| 100. | سيرة ابن حبان | ابن حبان | بيروت |
| 101. | السيرة الحلبية | حلبي | دار احياء التراث بيروت |
| 102. | سيرة سيد الانام ﷺ | سيد جعفر مصطفىٰ | المكتبة المكية المكة المكرمة ٢٠٠١ |
| 103. | السيرة النبوية ﷺ | ابن هشام | مطبعة مصطفىٰ البابي الحلبي مصر ١٩٣٦ |
| 104. | السيرة النبوية ﷺ | ابن كثير | دار احياء التراث العربي بيروت |
| 105. | السيرة النبوية ﷺ | دمياطي | دارالصابوني حلب ١٩٩٦ |
| 106. | السيرة النبوية ﷺ | ذهبي | دارالكتب العلمية بيروت |
| 107. | السيرة النبوية ﷺ | محمد بن محمد ابو شهبة | دارالعلم دمشق ١٩٩٩ |
| 108. | السيرة النبوية ﷺ | ابن فضل الله عمري | عالم الكتب بيروت ١٩٩٧ |
| 109. | السيرة النبوية ﷺ | ذهبي | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٨٨ |
| 110. | الشجرة النبوية ﷺ | ابن المبرد | دار ابن كثير دمشق ـ بيروت ١٩٩٥ |
| 111. | شذرات الذهب | ابن العماد حنبلي | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٨٨ |
| 112. | شرح زرقاني علي مؤطا مالك | زرقاني | دارالمعرفة بيروت ١٩٧٣ |
| 113. | شرح علي المواهب | زرقاني | بيروت |
| 114. | شرح مسلم | امام نووي | بيروت |
| 115. | العواصم من القواصم | ابن العربي | مصر |
| 116. | الشفاء | قاضي عياض | دارالكتب العلمية بيروت |
| 117. | شفاء الغرام | علامہ فاسي | مكتبة نزار مصطفىٰ الباز مكة ١٩٩٦ |
| 118. | شمائل الرسول ﷺ | ابن كثير | دارالقبلة للثقافة الاسلامية جدة ١٩٨٨ |
| 119. | صبح الاعشىٰ | قلقشندي | دارالكتب قاهره مصر |
| 120. | صحيح ابن خزيمة | ابن خزيمة | بيروت |




Marfat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 121. | صفة الصفوة | ابن الجوزي | دارالمعرفة بيروت ١٩٨٥ |
| 122. | الطبقات الكبرىٰ | ابن سعد | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٠ |
| 123. | طرح التثريب شرح التقريب | ولي عراقي | مؤسسة التاريخ العربي بيروت ١٩٩٢ |
| 124. | العبر | ذهبي | مكتبه دارالسلام رياض ١٩٩٢ |
| 125. | العقد الثمين | علام فاسي | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٨ |
| 126. | عمدة القاري | عيني | دار احياء التراث العربي بيروت |
| 127. | عيون الاثر | ابن سيد الناس | مكتبة دارالتراث مدينه ١٩٩٢ |
| 128. | فتح الباري | ابن حجر | احياء التراث العربي بيروت ١٩٨٨ |
| 129. | فتوح البلدان | بلاذري | بيروت |
| 130. | الفصول | ابن كثير | دار ابن كثير دمشق ـ بيروت ١٩٩٦ |
| 131. | الفوائد البهية | عبدالحي اللكنوي | قديمي كتب خانه كراچي |
| 132. | قادة النبي ﷺ | محمود شيت خطاب | دارالقلم دمشق ١٩٩٥ |
| 133. | الفهرست | ابن النديم | دارالمعرفة بيروت ١٩٩٧ |
| 134. | قطب الارشاد | شاه فقير الله علوي | كوئٹه |
| 135. | القول البديع | سخاوي | مكتبة العلمية بيروت ١٩٦٣ |
| 136. | فهرست | اشبيلي | دارالكتب العلمية ١٩٩٨ |
| 137. | الكامل في التاريخ | ابن الاثير | دار صادر بيروت ١٩٦٥ |
| 138. | كتاب الخراج | ابو يوسف | ........ |
| 139. | كتاب السير | ابو اسحاق فزاري | مؤسسة الرسالة بيروت ١٩٨٧ |
| 140. | كشاف | زمخشري | ....... |
| 141. | كشف الرين | محمد هاشم ٹھٹوي | جامعة دارالفيوض اسلاميه كنده كوت ـ ١٤٢٣هـ |
| 142. | كنز العمال | علي متقي هندي | بيروت |
| 143. | كشف الظنون | حاجي خليفة | دار احياء التراث بيروت |
| 144. | لسان العرب | ابن منظور | دار احياء التراث العربي بيروت ١٩٨٨ |
| 145. | لاروس | ڈاكٹر خليل الجر | پيرس ١٩٧٣ |
| 146. | لقط المرجان في احكام الجان | سيوطي | مكتبة القرآن القاهرة |
| 147. | اللؤلؤ المكنون | محمد هاشم ٹھٹوي (مقدمو عبدالقيوم سندي) | مكتبة الجامعة البنوريه كراتشي ١٩٩٩ |
| 148. | مجمع الزوائد | هيثمي | بيروت |
| 149. | المحبر | ابن حبيب | دار نشر الكتب الاسلامية لاهور |





Marfat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| .150 | مرآة الجنان | يافعي | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٧ |
| .151 | مروج الذهب | مسعودي | قم ايران |
| .152 | المستدرک | حاكم | ........... |
| .153 | مسند احمد بن حنبل | ابن حنبل | دارالفكر بيروت |
| .154 | المصنف | عبدالرزاق | .......... |
| .155 | المعارف | ابن قتيبة | ......... |
| .156 | معجم البلدان | ياقوت حموي | دار احياء التراث العربي بيروت ١٩٧٩ |
| .157 | المعجم الكبير | طبراني | بيروت |
| .158 | معجم ما استعجم | بكري | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٧ |
| .159 | المعرفة والتاريخ | فسوي | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٩ |
| .160 | معجم المطبوعات | يوسف اليان سركيس | ايران |
| .161 | معجم المؤلفين | عمر رضا كحالة | دار احياء التراث العربي بيروت |
| .162 | المعجم الوسيط | ابراهيم مصطفى، احمد زيات | ......... |
| .163 | المغازي | ابن شهاب الزهري | ......... |
| .164 | المغازي | واقدي | مؤسسة الاعلمي بيروت ١٩٨٩ |
| .165 | مغازي رسول الله ﷺ | عروة بن زبير | مكتبة التربية العربي رياض ١٩٨١ |
| .166 | مفتاح السعادة | طاش كبري زاده | دارالكتب العلمية بيروت ١٩٨٥ |
| .167 | مفردات | راغب اصبهاني | ......... |
| .168 | مقالات الشعراء | مير علي شير قانع تتوي | ......... |
| .169 | مناهج التاليف | محي الدين مستو | دارالكلم الطيب بيروت ٢٠٠٠ |
| .170 | المنجد | لوئس | ........... |
| .171 | المواهب اللدنية | قسطلاني | المكتب الاسلامي بيروت ١٩٩١ |
| .172 | نزهة الخواطر | عبدالحي الحسني اللكنوي | ........... |
| .173 | نسب قريش | زبيري | دار المعارف قاهره |
| .174 | نصب الراية | زيلعي | ملتان |
| .175 | نضرة النعيم | صالح بن عبدالله، عبدالرحمن بن محمد وغيرهما | دارالوسيلة المكة المكرمة ٢٠٠٠ |
| .176 | النهاية | ابن الاثير | مؤسسة اسماعيليان قم ١٣٠٧هـ |
| .177 | نيل الاوطار | شوكاني | بيروت |
| .178 | وثيقة الاكابر | شاه فقير الله علوي | قلمي |
| .179 | وفاء الوفا | السمهودي | دارالكتب العلميه بيروت |
| .180 | وفيات الاعيان | ابن خلكان | منشورات الشريف الرضي قم ١٣٠٤هـ |
| .181 | هدية العارفين | اسماعيل پاشا | دار احياء التراث بيروت |




Marfat.com

### اردو

| | | | |
|---|---|---|---|
| 182. | اردو دائرة معارف اسلامية | | جامعة پنجاب لاهور ١٩٨٦ |
| 183. | تاريخ سنڌهہ ڪلهوڙا دؤر | مولانا غلام رسول مهر | سنڌي ادبي بورڊ |
| 184. | تفهيم القرآن | سيد ابوالاعلي مودودي | اداره ترجمان القران لاهور |
| 185. | معارف القرآن | مفتي محمد شفيع | اداره معارف القرآن ڪراچي ١٩٨٥ |
| 186. | نقوش رسول ﷺ نمبر | مرتب محمد طفيل | اداره فروغ اردو لاهور |
| 187. | سيرة النبي ﷺ | شبلي نعماني / سليمان ندوي | |
| 188. | ملت اسلاميہ کي مختصر تاريخ | ثروت صولت | لاهور |
| 189. | وحي الاهي | سعيد احمد اڪبر آبادي | ڪراچي |
| 190. | جزيرة العرب | مولانا محمد رابع ندوي | نشريات اسلام ڪراچي |
| 191. | سفر نامہ ارض القرآن | عاصم الحداد | |
| 192. | عهد نبوي کے ميدان جنگ | ڊاڪٽر محمد حميدالله | ڪراچي |
| 193. | مدارج النبوة | عبدالحق دهلوي اردو ترجمو مفتي غلام معين الدين نعيمي | مدينة پبلشنگ ڪمپني ڪراچي |

### سنڌي

| | | | |
|---|---|---|---|
| 194. | تذڪره مشاهير سنڌ | مولانا دين محمد وفائي | سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد |
| 195. | رشف الزلال | محمد هاشم ٺٽوي سنڌي ترجمو: عبدالرسول قادري | سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد |
| 196. | تذڪره شعراءِ تڪڙ | اسدالله شاهہ اسد | |
| 197. | تفسير هاشمي | مرتب: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور |
| 198. | تحفة الكرام | ترجمو: امير احمد عباسي | سنڌي ادبي بورڊ |
| 199. | عربي ـ سنڌي لغت | پروفيسر غلام حسين جلباڻي | انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ١٩٨٨ |
| 200. | قديم سنڌ | مرزا قليچ بيگ | |
| 201. | مقالات قاسمي | مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي | ڇپائيندڙ نظير احمد قاسمي حيدرآباد ٢٠٠٠ |
| 202. | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | ڊاڪٽر عبدالرسول قادري | سنڌي ادبي بورڊ |
| 203. | روزنامہ الوحيد سنڌ آزاد نمبر | مرتب دين محمد وفائي | |
| 204. | الرحيم ٽہ ماهي مختلف پرچا | | شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد |
| 205. | مهراڻ ٽہ ماهي مختلف پرچا | | حيدرآباد |
| 206. | ماهنامہ شريعت مختلف پرچا | حضرت مولانا عبدالوهاب چاچڙ | روهڙي |
| | نسب النبي ﷺ سنڌي ترجمه فتح | سنڌي ترجمو مولانا عبدالوهاب چاچڙ | روهڙي |
| 207. | القوي في نسب النبي ﷺ للتتوي | | |
| 208. | تذڪره لطفي | لطف الله بدوي | آر ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد |




Marfat.com

### فارسي

| | | | |
|---|---|---|---|
| 209. | جذب القلوب | عبدالحق دهلوي | منشي نول كشور كانپور هند |
| 210. | روضة الاحباب | سيد جمال الدين بخاري | كتاب فروشي سيديان ايران ١٢٩٧ هـ |
| 211. | تحفة الكرام | مير علي شير قانع ٹٹوي | سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد |
| 212. | ماثر الكرام | غلام علي آزاد بلگرامي | دهلي |
| 213. | عجالة نافعة | شاهه عبدالعزيز دهلوي | ڪراچي |
| 214. | مقالات الشعراء | مير علي شير قانع ٹٹوي | سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد |

### انگريزي

| | | |
|---|---|---|
| .215 | The Decline and fall of Roman empire. | Gibbon |
| .216 | The new Encyclopeadia Bretanica | |
| .217 | Muhammad at Madena | M.Watt |




Marfat.com

Marfat.com

بسم اللہ الرحمن الرحیم

اللھم صل علی محمد و علی آل محمد

کما صلیت علی ابراھیم و علی آل ابراھیم

انک حمید مجید

اللھم بارک علی محمد و علی آل محمد

کما بارکت علی ابراھیم و علی آل ابراھیم

انک حمید مجید

Marfat.com